آئون به جاڳي پوندس

# جمال ابڙو



Gul Hayat Institute

سهيڙيندڙ: بدر ابڙو

Sindhica
سنڌيڪا

# آئون به جاڳي پوندس

# جمال ابڙو

سهيڙيندڙ
بدر ابڙو

Gul Hayat Institute

Sindhica
سنڌيڪا

# فهرست

جمال ابڙو: حياتيءَ جو احوال 13
پِشو پاشا (ڪهاڻين جو مجموعو) 19
تعارف: محمد ابراهيم جويو 23
ٻي ڇاپي جو مهاڳ: جمال ابڙو 27
عرض حال: جمال ابڙو 28
- مان مڙد 31
- بدتميز 37
- پيراڻي 39
- شاهه جو ڦر 42
- بدمعاش 45
- مُنهن ڪارو 49
- هُو حُر هو... 53
- ڪارو پاڻي 56
- مهرباني 60
- خميسي جو ڪوٽ 64
- لاري 66
- پِشُو پاشا 70
- پاشا 82
- سِينڌ 86
- فرشتو 91
- ماءُ جي جهولي 93
- لاٽ 95

جمال ابڙي جا مضمون

1 شاهه محض صوفي نہ هو 101
2 انساني تقدس ۽ سچل سرمست 105
3 عورت جي اسلام ۾ عزت ۽ آزادي 114
4 پاڪستان — نهراءُ: اصل حقيقتون 126

Gul Hayat Institute

5 سنڌ جي ووٽ بئنڪ کي بچايو! 132
6 سنڌ آپريشن ڊئري 137
7 جڏهن ڪراچيءَ تي گولا ڪريا 153
8 اياز جي امانت سنڀالڻي آهي 155
9 ڀيو ڪو بہ عبدالله ميمڻ تي نہ سگهندو 159
10 ڏاڏا شاهہ: هڪ انجمن، هڪ ادارو 161

## جمال ابڙي جا مهاڳ

1 آئينو قديم سنڌ؛ ميان شمس الدين قريشي 169
2 ادب ۽ زندگي رشيد ڀٽي 171
3 پڙاڏو سوئي سڏ : سراج ميمڻ 173
4 خبرون ڪيڙائن جون : الطاف شيخ 179
5 جوڳيئڙا جهان ۾ : بدر ابڙو 183
6 هڪ حوا ڪيئي آڪاٽيون : فهميده حسين 185

## جمال ابڙي جا خط

شاهہ سائين سرائڪي ۽ پنجابيءَ ڪانسواءِ ٻي ڪنهن ٻوليءَ ۾ ترجمو نٿو تي سگهي 189
بيگم اشرف عباسي ڏانهن خط 191
ايڊيٽر هلال پاڪستان ڪراچي ڏانهن خط 193
تنقيدي خط 196

## جمال ابڙي جا انٽرويو

1 اصل محرڪ آهي ماڻهوءَ جي دل ۾ جذبو! : انور ابڙو 217
2 عشق ناهي راند : فئملي پينل 236
3 ادب ۽ اديب : ادريس جتوئي 291
4 سنڌي قوم ذڪڻ ايشيا جي قومن ڪان وڌيڪ سگهاري آهي 318
5 چانڊوڪيءَ ۾ وهنتل ماڻهو : طارق عالم ابڙو 320
6 سڄي ملڪ جو عوام انقلاب گهري ٿو: تاج مري ۽ بدر ابڙو 332
7 مذهب آهي ماڻهن سان پيار! : پريات ۽ ڪلثوم 339
8 جمال ابڙي سان ملاقات: نبي بخش کوسو 351
9 مان تہ موهن جي دڙي جي مِٽي آهيان! : پئنل انٽرويو سنڌالاجي 356
10 لڳ منهنجا لوهہ : تاج بلوچ 369



Gul Hayat Institute

## جمال ابڙي سان شام 375

## تنقيدي مضمون

| | | |
|---|---|---|
| 1. حقيقت نگاريءَ جو هڪ مثالي ليکڪ | ڊاڪٽر غلام علي الانا | 433 |
| 2. سنڌي ڪهاڻي | غلام نبي مغل | 438 |
| 3. سائين جمال ابڙو | غلام نبي مغل | 440 |
| 4. جمال ابڙو ۽ جديد حقيقيت نگاري | فقير محمد اشاري | 444 |
| 5. جمال جو فن | تاج بلوچ | 449 |
| 6. جمال ابڙي جي عظمت | سحر امداد | 452 |
| 7. جمال ابڙو نئين دور جي ڪهاڻيءَ جو جنم داتا | ولي رام ولڀ | 456 |
| 8. جمال ابڙو: هڪ حساس ڪهاڻيڪار | شازيہ پتافي | 458 |
| 9. جمال ابڙو ۽ سندس افسانا | عبدالعزيز خاصخيلي | 476 |
| 10. جمال ابڙي جي ڪهاڻين جو فڪري پهلو | غفور ميمڻ | 486 |
| 11. جمال ابڙو هڪ عظيم افسانہ نگار | فهيم نوناري | 493 |
| 12. سنڌي افساني جا مختصر دؤر ۽ لافاني افسانہ نگار | نصر الله ناصر | 497 |
| 13. جمال ابڙي جي ڪهاڻين تي هڪ نظر | ڊاڪٽر خورشيد عباسي | 508 |
| 14. جمال ابڙي ناول ڪهاڻين ۾ لکيا | گوبند ميگهواڙ | 517 |
| 15. امر ڪردار سرجيندڙ جمال ابڙو | فوزيا سنديلو | 518 |

## مونو گراف 521

جمال ابڙو: مختصر ڪهاڻيءَ جي ليکڪ جي حيثيت ۾
ادريس جتوئي 523

## جمال ابڙو شخصيت ۽ فن

جمال ابڙو: شخصيت ۽ فن رئوف نظاماڻي 573

## جمال ابڙي جي شخصيت همعصرن جي نظر ۾

| | | |
|---|---|---|
| 1. جيرَ جي اجازت نہ تي ڏيئي سگهجي : | بدر ابڙو | 617 |
| 2. جمال ابڙو 'الف بي' ڪيئن پڙهيو؟ : | علي خان ابڙو | 621 |
| 3. مان ۽ جمال ابڙو: شيخ اياز | | 634 |
| 4. نمايان حيثيت جو مالڪ: | سوڀو گيانچنداڻي | 650 |
| 5. جيستائين سنڌ آهي، جمال زندہ رهندو: | نورالدين سرڪي | 652 |
| 6. منهنجو واڳ ڌڻي: | امر جليل | 654 |
| 7. در ٻوٽيا تا وچن: | قمر شهباز | 657 |


Gul Hayat Institute

| | | | |
|---|---|---|---|
| 8. | اسان جو مدبر يار : | عثمان بلوچ | 660 |
| 9. | منهنجو يار جمال ابڙو: | سراج | 669 |
| 10. | تاثرات: | غلام رباني آگرو | 672 |
| 11. | بي پناهه عزم وارو ماڻهو: | حميد سنڌي | 681 |
| 12. | منهنجو پيءُ منهنجو استاد: | بدر ابڙو | 687 |
| 13. | لڙڪ نه لڪڻ ڏين! : | بدر ابڙو | 693 |
| 14. | مهربان اکين جو وڇوڙو: | مهتاب اڪبر راشدي | 696 |
| 15. | منجهس ڪمي نه ڪا : | جام ساقي | 700 |
| 16. | جمال ابڙي کي جيئڻ مون ڏٺو : | محمد هاشم لغاري | 701 |
| 17. | ڊي جي ڪاليج جي وقت جو دوست : | علي احمد قريشي | 704 |
| 18. | فئوريٽ ماڻهو: | الطاف شيخ | 706 |
| 19. | جمال ابڙو: | انور پيرزادو | 709 |
| 20. | جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جو مهندار ۽ اعليٰ انسان | بشير مورياڻي | 713 |
| 21. | جوڳي جيڪس ويا جبروت : | قلندر شاهه لڪياري | 715 |
| 22. | سنڌي ڪهاڻيءَ کان جمال وڇڙي ويو: | پروفيسر اعجاز قريشي | 719 |
| 23. | دورِ حاضر جو هالار ڏٺي جمال ابڙو: | ارباب نيڪ محمد | 730 |
| 24. | مري جيءُ! ته ماڻهين، جانب جو جمال: | انب گوپانگ | 733 |
| 25. | سدا حيات ڪهاڻيڪار کي سلام: | نصير مرزا | 738 |
| 26. | جمال ابڙو: | شوڪت حسين شورو | 741 |
| 27. | جمال ابڙو۔ هڪ تاثر : | گل محمد عمراڻي | 742 |
| 28. | سچو ۽ آدرشي انسان: | مقصود گل | 745 |
| 29. | هن هر لفظ سنڌ لاءِ لکيو: | الهه بخش راڻوڙ | 748 |
| 30. | سنڌ جو فرشتو: | انور ابڙو | 752 |
| 31. | هڪ ديومالائي ڪردار: | زرار پيرزادو | 756 |
| 32. | سنڌي ڪهاڻيءَ جو بادشاهه: | آزاد انور ڪانڌڙو | 758 |
| 33. | سدا جوان ڪهاڻيڪار : | مهر خادم | 762 |
| 34. | ليکڪ جا ڪردار پڇن ٿا ڪاڏي ويو! | فياض چند ڪليري | 766 |
| 35. | سنڌي ادب جي يونيورسٽي: | نادر علي ابڙو | 769 |
| 36. | مختصر افسانې جو وڏو ڪهاڻيڪار : | طارق عزيز شيخ | 772 |
| 37. | جمال ابڙو اديبن جي نظر ۾ | پرک بسروي | 774 |

**تعزيتي ايڊيٽوريل** 793

**تعزيتي خط** 803

**تعزيتي ڪتاب** 811


Gul Hayat Institute

# شال قبول پوي!

جمال ابڙي صاحب جي فن ۽ شخصيت تي هن مڪمل ڪتاب جو نالو ’آئون بہ جاڳي پوندس‘ خود سندن هڪ خواهش جي تڪميل آهي. جمال صاحب پنهنجي آتم ڪٿا ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي، ”آئون بہ جاڳي پوندس، جڏهن سنڌ آزاد ٿيندي!، هي منهنجي قبر جو ڪتبو آهي“. اسان اهي اکر سندس آخري آرام گاه تي ڪتبي طور لڳائي نہ سگهياسون، شايد هن ڪتاب جو عنوان سندن خواهش جي تڪميل ٿي سگهي!

هي ڪتاب مرتب ڪندي منهنجي دل ۽ دماغ ۾ اها حقيقت بلڪل چِٽي هئي تہ جمال صاحب فقط ڪهاڻيڪار نہ هو. خود ادبي، سماجي، ۽ سياسي نقاد طور بہ هن جو خاص ڪردار رهيو. هُو ڪڏهن سامهون اچي ڪا باغياڻي ڳالهہ چئي ويندو هو يا ڪڏهن ڪا باغياڻي ڳالهہ لکي ڪنهن اخبار ۾ ڇپائي ڇڏيندو هو. ضمير موجب لکندو هو ۽ ضمير جي خلاف ڪجهہ بہ برداشت نہ ڪندو هو. هن ڪتاب ۾ شامل سندس ڪجهہ تحريرون مثال طور ’عورت، آزادي ۽ اسلام‘، ’پاڪستان نهراءُ‘، ’سنڌ جو ووٽ بئنڪ بچائڻ‘، ’سنڌ ۾ انساني حقن جي لتاڙ جي ڊائري‘ وغيره سندس احتجاجي ۽ رهنمائي ڪندڙ ذهن جي عڪاسي ڪن ٿا.

هُو انساني آدرشن ۽ اخلاق تي تمام گهڻو زور ڏيندو رهيو هو. مون کي حيرت آهي تہ انهن رهنماين تي ڪڏهن ڪڏهن ڪي غيرت مند سنڌي جوڏا ڪاوڙجي پوندا هئا. خاص ڪري ’ڪارو ڪاريءَ‘ جي حوالي سان جواب ۾ تمام گستاخاڻا خط موڪليندا هئا. هنن يارن جو خيال هو تہ ’ڪارو ڪاريءَ‘ جي مخالفت ڪرڻ بہ ’بي غيرتي‘ آهي. يقيناً سچ تمام تلخ ٿيندو آهي، هر ڪنهن کان برداشت نہ ٿيندو آهي. ” تحقيق! جنهن قلم کنيو تنقيد هيٺ آيو.“

جمال صاحب اخبارن ۾ ايجا گهڻو ڪجهہ لکي ها پر اڄڪلهہ جي سڀ کان وڏي سنڌي اخبار جي نوجوان سب ايڊيٽرن سندس تحريرن کي ايڊٽ ڪرڻ ۽ لفظ بدلائي (ترميمون ڪري) مضمون ڇاپيا، جن سان مفهوم بدلجي ٿي ويو. هنن شايد ايئن پئي سمجهيو تہ جمال ابڙي وٽ اظهار لاءِ لفظن جي کوٽ هئي، يا هُو

استعمال ڪيل لفظن جي معنيٰ کان بي خبر هو. چوڻ جو مقصد اهو آهي تہ بہ تي پيرا اهڙي ايڊيٽنگ کان پوءِ جمال صاحب اخبارن ڏانهن مضمون موڪلڻ جو خيال ئي لاهي ڇڏيو نہ تہ معاشري ۾ روز اهڙا بي شمار واقعا ٿيندا هئا جيڪي سندس دل ئي دماغ کي جهنجهوڙي لکڻ تي مجبور ڪندا هئا.

جمال صاحب شاعري بہ ڪئي پر تمام گهٽ. هن هم معنيٰ ٿيٺ عربي ۽ ٺيٺ سنڌي لفظن جي هڪ ننڍڙي لغت تي بہ ڪم ڪيو هو اهي ڪم اڌورا رهجي ويا آهن. مون ڪوشش ڪئي آهي تہ جمال ابڙي تي هن مڪمل ڪتاب (جنهن ۾ 'گتا' سلسلي جا پنج واليوم شامل نہ آهن) ۾ جمال ابڙي جون سڀ ڪهاڻيون، سڀ ادبي سياسي ۽ سماجي مضمون، ڪتابن لاءِ لکيل سڀ مهاڳ، سڀ انٽرويو دوستن تي مضمون، جمال صاحب جي همعصر صاحبن جون جمال ابڙي متعلق ڪي يادگيريون ۽ تنقيدي رايا وغيره شامل ڪجن. ان سلسلي ۾ مون جمال صاحب جي سيني همعصر دوستن ڪي ۽ نقادن کي درخواست ڪئي تہ هو مهرباني ڪري پنهنجي پنهنجي راءِ لکي ڏين، جنهن کي بنا ڪنهن ڪاٽ ڪوٽ جي، جيئن جو تيئن شايع ڪيو ويندو. اها بہ ڪوشش ڪئي وئي تہ سمورو ڇپيل ۽ اڻڇپيل مواد سهيڙجي. سڄو مواد تہ سهيڙجي نہ سگهيو آهي، پر هتي ڳچ مواد اچي چڪو آهي. ان سلسلي ۾ آئون خاص ڪري آصف ڪوسي، نويد سنديلي ۽ انور ابڙي جو ٿورائتو آهيان جن منهنجي قلمي مدد ڪئي. آئون انهن سيني جو بہ ٿورائتو آهيان جن جمال صاحب تي پنهنجي تنقيدي راءِ ڏني آهي. آئون انهن ادارن جو بہ ٿورائتو آهيان جن جمال صاحب تي 'خاص نمبر' ڪڍي انهن ۾ ڪجھ نہ ڪجھ مواد جمع ڪيو هن ڪتاب ۾ شاھ لطيف چيئر (ڪراچي يونيورسٽي) جي رسالي 'ڪلاچي'، سنڌي ادبي بورڊ جي 'مهراڻ'، ماهوار 'سوجهرو'، 'پرک' ۽ مختلف سنڌي اخبارن ۾ ڇپيل سڀ مضمون بہ يڪجاءِ ڪيا ويا آهن. اميد آهي تہ هي پورهيو جمال ابڙي جي شخصيت ۽ فن تي تحقيق ڪندڙن لاءِ اهم دستاويز طور قبول پوندو.

بدر ابڙو

Gul Hayat Institute

# ڪجهہ منهنجي پاران

آئون بہ جاڳي پوندس ۾ سائين جمال ابڙي جي فن فڪر ۽ شخصيت تي سنڌس دوستن، اديبن، صحافين ۽ عالمن جا ليک، سنڌس انٽرويو ۽ 1992ع ۾ ساڻس سنڌ ثقافتِ کاتي پاران ملهايل سالگره واري شام سائين جمال ابڙي متعلق مضمونن ۾ حياتي جي وکريل ورقن تي ٻڌل هڪ اهم دستاويز آهي، جنهن کي سنڌس قابل فرزند بدر ابڙي سهيڙيو آهي. سائين جمال ابڙي وانگر بدر ابڙي جي شخصيت بہ مون کي بنهہ منفرد ۽ ڪجهہ ڪجهہ پر اسرار لڳندي آهي.

جمال ابڙي صاحب سان منهنجي پهرين گڏجاڻي حيدرآباد ۾ ٿي هئي. نائين درجي جو شاگرد هئس، اسان جو هڪ ويجهو عزيز ڪامريڊ تاج محمد ابڙو اسان وٽ لاڙڪاڻي کان ملڻ آيو ۽ مون کي پاڻ سان گڏ سائين جي گهر وٺي ويو. ٻئي پراڻا يار ۽ گهاٽا سنگتي هئا، مختلف تحريڪن جا ساٿي. ان گڏجاڻي ۾ مون ڏٺو تہ چاچا تاج محمد ئي گهڻو ڳالهائيندو رهيو ۽ جمال ابڙو صاحب نهايت مختصر جوابن سان کيس نوازيندو رهيو. ڪڏهن ڪڏهن ڪن ڳالهين جي جواب ۾ فقط مشڪڻ تي ئي اڪتفا ڪندو رهيو پر سنڌس شخصيت نهايت بردبار ۽ ماٺيڻي هوندي بہ جوش، ولولي ۽ هڪ پرندڙ جبل جيان محسوس ٿي، جنهن مان ڪڏهن بہ لائو ڦاٽي ٻاهر نڪرڻ لاءِ بي چين ٿي نظر آيو.

ڪراچي يونيورسٽي ۾ جڏهن استاد مقرر ٿيس تہ اسان استادن اهو محسوس ڪيو تہ نصاب ۾ جيڪي ڪتاب رکيل هئا سي اڻلڀ هئا ۽ اها ان وقت تائين سنڌي ٻولي جي بدنصيبي هئي تہ جيڪو ڪتاب هيڪر ڇپيو تنهن جو ٻيهر ڇپجڻ معجزي کان گهٽ نہ هو ۽ ڇپائڻ جو فرض بہ ليکڪ جو ئي هوندو هو. پاڻ ڪتاب ڇپرائي پاڻ وڪڻي يا يارن دوستن ۾ مفت ورهائي!

”پشو پاشا“ ورهاڱي کانپوءِ سنڌي افساني جي ابي جمال ابڙي جون اهي تخليقون هيون جن تي جديد سنڌي افساني جو بنياد رکيل هو ۽ پشو پاشا هٿ ڪرڻ ان دور ۾ هڪ ڏکيو ڪم هو. مان همت ڪري جمال ابڙي صاحب وٽ ويس ان زماني ۾ پاڻ ڪراچي بدلي ٿي آيا هئا، ڪانئن پهرين تہ ڪتاب گهريم، گهڻي سوچ ۽ خاموشي کانپوءِ جواب ۾ ”يلي“ چيائون. مان هليو آيس. تڪڙ گهڻي هئي ان

ڪري ان جي فلم ڪيرائي ڪتاب ڇپرايو. انهن ئي ڏينهن ۾ ليمبرڪ جو ڪتاب "Terrorist" پڙهڻ جو موقعو مليو. ان جو ٽائيٽل، اتان ڪٽي پشو پاشا تي ڇپائي ڪجهہ ڪاپيون ڪٽي سائين جي باٿ آئيلينڊ واري گهر پهتس، من ۾ خوش هئم تہ سائين خوش ٿي پٺي ٺپيندو پر ڪتاب ڏسي ڪجهہ ڪونہ ڪڇيائين.

ڪافي دير ڪانپوءِ مختصر جملو ادا ٿيو "منهنجو پشو پاشا Terrorist تہ نہ هو." مون کان ذري گهٽ ڇرڪ نڪري ويو پنهنجي نالائقي تي افسوس بہ ٿيم، هڪ ڊگهي خاموشي ڪانپوءِ ڇيائون "ڇانهہ." مون ناڪار ڪئي. اڌ ڪلاڪ ويٺو رهيس، اتي اجازت گهريم. پر ان اڌ ڪلاڪ جي خاموشي ۾ مون کي ائين لڳو ڄڻ هنن گهڻو ڪجهہ ڳالهايو ۽ مون ان مان گهڻو ڪجهہ پرايو.

گذريل 36 سالن کان جمال ابڙي جي افسانن کي يونيورسٽي جي شاگردن کي پڙهائيندو رهيو آهيان، سندس هر ڪردار، هر واقعو ياد اٿم. ايڏا مختصر ۽ جامع افسانا ٻئي ڪنهن سنڌي افساني نگار جي جهولي ۾ نظر نہ ٿا اچن. خاص طور تي "پيراڻي" پڙهائيندي اڪثر بي اختيار ڳوڙها نڪري ايندا آهن. سوچيندو آهيان جڏهن پڙهندڙ جي دل پرجي ايندي آهي تہ جمال صاحب جڏهن ان کي تخليق ڪيو هوندو تہ پاڻ ڪيترو رنو هوندو پاڻ ڪهڙي پيڙا مان لنگهيو هوندو ان بي وسي ۽ بي بي حسي تي جيڪو اسان جي معاشري ۾ سماج جي عام رواجي ڳالهہ هئي، آهي ۽ صدين تائين رهندي.

يونيورسٽي ۾ پڙهائيندي اهو محسوس ڪيم تہ جن ليکڪن کي نصاب ۾ شامل ڪيو اٿئون ۽ اهي حيات آهن تہ ان کي دعوت ڏيئي يونيورسٽي ۾ گهرائجي ۽ شاگردن سان سندن رهاڻ ڪرائجي تہ جيئين هو انهن جي لکڻين بابت ساڻن گفتگو ڪري سگهن، ائين ڪين سندن فڪر، فلسفو ۽ لکڻين جي مقصديت سمجهڻ ۾ مدد ملندي. اهڙن پروگرامن ۾ جديد ادب جي خالقن جن ۾ امر جليل، آغا سليم، غلام نبي مغل، امداد حسيني، سائين اياز قادري، سحر امداد، الطاف شيخ ۽ مهتاب محبوب کي يونيورسٽي دعوت ڏيئي گهرايوسون. هڪڙي ڏينهن سائين جمال ابڙي کي بہ وڃي عرض ڪيم تہ "پشو پاشا"، ايم اي جي نصاب ۾ شامل آهي، توهان مهرباني ڪري اچو ۽ پنهنجي افسانن بابت شاگردن کي پاڻ ڄاڻ ڏيو انهن جي ذهنن ۾ پيدا ٿيندڙ سوالن جا جواب ڏيو. جنهن تي ڳالهائڻ بدران سائين مشڪندو رهيو ۽ مختصر جواب ڏنائين "مون کي ڳالهائڻ ڪونہ اچي." ان ڏينهن مان بہ چاچا تاج محمد وانگر گهڻو ڳالهايو ۽ ڪيس قائل ڪرڻ جا جتن ڪندو رهيس. ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنائون ۽ موڪلائڻ لڳس تہ پڇيائون "ڪيڏي مهل اچڻو آهي؟" مون ڪين وقت ٻڌايو ۽ هليو آيس. پنهنجي استاد محترم ڊاڪٽر اياز حسين قادري وٽ جيڪو جمال ابڙي صاحب جي ويجهن دوستن مان هو ۽ پاڻ سنڌي ادب سنگت جي شروعاتي دور ۾ گڏ ڪم ڪيو هئائون. اميدڪونہ هئي تہ

Gul Hayat Institute

سائين ايندو پر جمال صاحب آيا، شاگردن سان ڪچهري ڪيائون، انهن جي سوال جا جواب ڏنائون ۽ وينديء خوشي جو اظهار ڪيائون تہ اهو سٺو سلسلو آهي ۽ جاري رهڻ گهرجي. مون ڪين عرض ڪيو تہ اها انهن شاگردن جي خوشقسمتي آهي هو جن کي پڑهن ٿا، تن سان ملي سان رهيا آهن. انهن ڪهاڻين ۽ ڪردارن جي خالقن سان ملڻ انهن لاءِ هڪ وڏي خوشقسمتي آهي. پاڻ ان خيال سان اتفاق ڪندي چيائون ڪجھ ڪون، پر مون سندن اکين مان محسوس ڪيو تہ پاڻ انهن ويچارن کي پسند ڪيائون.

هڪ دفعي گفتگو دوران بدر ابڙي بہ اهڙن ئي خيال جو اظهار ڪيو هو تہ "مان بابا جي ڪمري ۾ ويجي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهندو هئس، ڳالهائڻ گهٽ ٿيندو. هو پر نظرن ئي نظرن ۾ هو گهڻو ڪجھ ڳالهائيندو هو جيڪو مان سڀ سمجهندو هئس. انهن ۾ گهڻيون هدايتون هونديون هيون، جن تي عمل بہ ٿيندو هو." خاموشي! پنهنجي ليکي وڏي زبان آهي!

1988ع ڌاري سنڌي شعبي ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر پاران بہ ڏينهن واري شاهہ لطيف ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي. هڪڙي ويهڪ جي صدارت لاءِ جمال ابڙي صاحب جو نالو رٿيو ويو. هر ڪنهن چيو تہ "ڏکي ڳالهہ آهي ڪونہ ايندو." مان بہ پنهنجي ضد تي قائم رهيس تہ سائين ايندو. مان ويس، عرض ڪيم، بلڪہ ضد ڪيم تہ "توهان کي اچڻو آهي." سائين آيو ۽ ان ويهڪ جو صدارتي خطبو سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم دستاويز آهي. ڪوشش ڪندس تہ ان خطبي کي بہ هٿ ڪري هن ڪتاب ۾ شامل ڪرايان.

هن ڪتاب جي باري ۾ جڏهين ڪجھ عرصو اڳ بدر ابڙي ذڪر ڪيو هو. شايد ڪراچي يونيورسٽي جي شاهہ لطيف چيئر پاران جمال ابڙي صاحب جي عذر خواهي واري ريفرنس جو موقعو هو. مون بدر ابڙي صاحب سان وعدو ڪيو هو توهان ڪتاب تيار ڪيو، اسان ان کي ضرور شايع ڪرائينداسون. ان کان اڳ سائين جي افسانن جي اردو ترجمي کي بہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر شايع ڪرايو آهي، انشاءَ الله انگريزي ترجمي کي بہ جلد شايع ڪرائينداسون. اڄ هي ڪتاب منهنجي معرفت سنڌيڪا جي پاران ڇپجي اوهان جو هٿن تائين پهتو آهي، اها منهنجي لاءِ سعادت آهي.

پروفيسر سليم ميمڻ

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# جمال ابڙو
## حيـاتـيءَ جـو احوال

- نالو: جمال الدين ابڙو
- والد: علامہ علي خان ابڙو (قرآن شريف جو سنڌي ترجمو ۽ تفسير ڪندڙ چاليهن سالن تائين لاڳيتو لکندڙ تعليم دان ۽ باعمل سماجي نقاد)
- والده: جيات خاتون.
- جنم ڏينهن : جمعو 2 مئي 1924ع (27_ رمضان 1342 ھ) .
- جنم ڀومي: ڳوٺ سانگي، تعلقو ميهڙ (تڏهن ضلعو لاڙڪاڻو).
- شادي: 27 ڊسمبر 1951ع
- **شريڪ حيات:** نورالنساءِ بيگم دختر ميان شمس الدين قريشي (آئينہ قديم سنڌ جو ليکڪ ۽ تعليم دان).
- **اولاد:** شاهده سڪندر بدر ابڙو ڊاڪٽر اظهر جمال، اطهر جمال ابڙو رابيل بابر، شبانہ نياز، ساجد جمال ابڙو ۽ شهلا جيڪا ننڍپڻ ۾ گذاري وئي.

**تعليم ۽ تربيت:**

- پرائمري تعليم: ڳوٺ منگواڻي تعلقو ميهڙ.
- ميونسپل پرائمري اسڪول لاڙڪاڻو
- (1935ع–39) هاءِ اسڪول: گورنمنٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻو.
- (1939ع–40) نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد.
- (1940ع–41) گورنمينٽ مدرسہ هاءِ اسڪول ميرپور خاص.
- 1941ع : مئٽرڪ (بمبئي يونيورسٽي).
- (1941ع–42) ڪاليج: ڊي جي (D.G) نيشنل ڪاليج حيدرآباد
- 1942_43ع بهاءُ الدين ڪاليج، جونا ڳڙه.
- 1948ع ايل ايل بي: شاهاڻي لا ڪاليج لاڙڪاڻو (يونيورسٽي آف سنڌ).
- ڊي جي سائنس ڪاليج ڪراچي

Gul Hayat Institute

## علميَ، ادبي ۽ سياسي سفر:

- **لکڻ جي شروعات:** گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي واري وقت ۾ ٽي ڪهاڻي نويسي ، نور محمد هاءِ اسڪول واري زماني ۾ مضمون نويسي.
- 1949ع پهرين ڇپيل ڪهاڻي: 'هُو حر هو' (هفتيوار 'طوفان' حيدرآباد 1949)
- 44–1943ع ۾ بنگال جي ڏڪر وقت رضا ڪاراڻي شرڪت
- **سنڌي ادبي سنگت ۾ سرگرمي:** باني ميمبرن مان هڪ، جڏهن پهريون پيرو سنڌ مدرسي ڪراچي ۾ سنڌي ادبي سنگت جو ڪنوينشن سڏايو ويو ۽ پوءِ لاڙڪاڻي ۾ سنگت جي شاخ تاج محمد ابڙي سان گڏجي قائم ڪئي. اياز قادري، هري دلگير، نوازعلي نياز، جمال الدين بخاري ۽ ٻيا ڪيئي گڏ هئا.
- **ادبي گڏجاڻيون:** سنڌي ادبي سنگت کان اڳ ترقي پسند اديبن جون گڏجاڻيون جيڪي ليسلي ولسن هاسٽل (جناح ڪورٽس) ۾ ٿينديون هيون. انهن ۾ ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند پنجابي، سوڀو گيانچنداڻي، شيخ اياز عبدالستار شيخ، سائينداد سولنگي، نورالدين سرڪي ۽ ٻيا اديب شامل ٿيندا هئا.
- 60 – 1959ع ۾ **سچل اڪيڊمي** ۾ سرگرمي: باني ميمبرن مان هڪ، جڏهن پهرين گڏجاڻي سنڌس رهائشگاهہ مخدوم منزل خيرپور ميرس ۾ ٿي.
- 1974ع سيپٽمبر: **بين الاقوامي ڪانفرنس:** ايفرو ايشين رائٽرز ڪانفرنس الماتا (تڏهوڪي سوويت يونين) ۾ شرڪت. ان ڪانفرنس ۾ فيض احمد فيض، ڪامريڊ سجاد ظهير، عطر سنگهہ ۽ اُتم بہ شامل هئا. ان ڪانفرنس دوران ڪامريڊ سجاد ظهير دل جو دورو پوڻ سبب فوت ٿي ويو ۽ فيض صاحب سندس لاش سان گڏ دهلي هليو ويو. فيض جي غير موجودگي ۾ پاڪستاني وفد جي اڳواڻي ڪيائين.

## ادبي پورهيو:

1. پشو پاشا، پهريون پيرو 1959ع ۾ (زندگي پبليڪيشن، حميد سنڌي) ۽ پوءِ ٽي چار پيرا شايع ٿيو. 1972ع ('بدمعاش' ٽائيٽل سان، (سهڻي پبليڪيشن، طارق اشرف) ، 1976 ۾ پشو پاشا جي عنوان سان (ڪراچي يونيورسٽيءَ پاران پروفيسر اياز قادري ۽ سليم ميمڻ ) ۽ 1992 ۾ (جمال ابڙو فن ۽ شخصيت جي سري هيٺ ڪتاب ۾ شامل ڪري سنڌ ثقافت کاتي پاران حميد آخوند شايع ڪيو). هي ڪتاب سنڌي ادب جي شاگردن جي تعليمي نصاب ۾ شامل آهي. هن ڪتاب جو پنجابي ترجمو پاڪستان پنجابي ادبي بورڊ لاهور آگسٽ 1999ع ۾ لاهور مان ڇپائي پڌرو ڪيو (جيڪو محسن عباسيءَ جو ترجمو ڪيل آهي). ۽ هاڻي 2006ع ۾ اهو ڪتاب ڪراچي



Gul Hayat Institute

يونيورسٽيءَ طرفان اردوءَ ۾ اشاعت هيٺ آهي.
2_ 'ڏسي ڏوهه اکين سين' (فيبروري، 1998 نيو فيلڊس پبليڪيشنس)
3_ 'توهر ۾ ڳاڙها گُل' ( سيپٽمبر، 1998 نيو فيلڊس پبليڪيشنس)
4_ 'اونهي ڳالهه اسرار جي' (اپريل، 1999نيو فيلڊس پبليڪيشنس)
5_ 'ايندو نہ وري هي وڻجارو' (آڪٽوبر،2001 نيو فيلڊس پبليڪيشنس)
6_ 'مر پيا مِينهن وَسن' (ڊسمبر، 2004 نيو فيلڊس پبليڪيشنس )

۽ پيا ڪوڙ سارا ننڍ پکڙ مضمون جيڪي مختلف ڪتابن، اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندا رهيا.

## اڏورا رهجي ويل ڪتاب:

- عربي ٻوليءَ جا (قرآن شريف ۾) لفظ جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ ٺيٺ سنڌي لفظن طور مروج آهن.
- مئڪسم. گورڪيءَ جو ناول 'ماءُ' جو ترجمو (ان ترجمي جي دوران دل جو پهريون دورو پيو جنهن سبب دل 75 سيڪڙو ڪم ڇڏي ڏنو.)
- 'ٽمون جا ڪارناما' مارڪ ٽوئن جي ڪتاب Adventures of Tom Sawyer جو ترجمو جيڪو 1967 ۾ دل جي بيماريءَ سبب مڪمل ٿي نہ سگهيو.

**ڪهاڻين جا ترجما:** اردو، انگريزي، جرمن ۽ پنجابيءَ ۾ ٿي چُڪا آهن.

## ڪهاڻيون لکڻ جي امڪاني ترتيب:

1_ هُو حُر هو (1949) ۾
2_ پيراڻي
3_ شاهہ جو قَبر
4_ پِشو پاشا
5_ پِشُو (گورڪي تان ترجمو)
6_ خميسي جو ڪوٺ
7_ مان مرد
8_ ڪارو پاڻي
9_ بدمعاش
10_ لاري
11_ بدتميز
12_ مُنهن ڪارو
13_ مهرباني.

مٿيون ڪهاڻيون 1959 کان اڳ لکيون ويون جيڪي پشو پاشا جي پهرئين

Gul Hayat Institute

ڇاپي ۾ شامل آهن.

14_ ’لاٽ‘ 1963ع ۾ لاڙ ۾ رهائش دوران مشاهدن تي ٻڌل ڪهاڻي آهي.

15_ ’سينڌ‘ 77 _ 1976ع ۾ لکي وئي.

16_ ’فرشتو‘ 84_1983دوران ضياءُ الحق جي دور ۾ اسلام آباد ۾ لکي وئي.

17_ ’ ماءَ جي جهولي‘ 1987ع جڏهن سنڌ ۾ نسلي فساد ٿيا ۽ انهن سبب ليکڪ کي دل جو دورو پيو.

## مطالعي جا موضوع:

ادب، زندگي، سائنس، تاريخ، مذهب، تصوف، ويدانت، حالات حاضره، سماجي مسئلا ۽ سياست.

## علمي ادبي ادارن سان وابستگي:

- سنڌي ادبي سنگت.
- سينڊيڪيٽ، سنڌ يونيورسٽي.
- سنڌي ادبي بورڊ.

## سياست ۾ عملي شرڪت:

خاڪسار تحريڪ، سنڌ هاري ڪاميٽي ۽ لاڳاپيل پورهيت تنظيمون (شاگردي جي زماني کان وٺي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي وفات تائين).

## شخصيتن کان متاثر:

علي خان ابڙو (والد)، علامه مشرقي، علامه آءِ آءِ قاضي، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، ذوالفقار علي ڀٽو مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، مولوي احمد ملاح، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، شيخ اياز جي ايم سيد، ابراهيم جويو رسول بخش پليجو

## دوستيون ۽ قُربتون:

- **هم ڪلاس دوست:** الله بخش انيس انصاري، دوست محمد ابڙو عباس شيخ، آنند لال تولاڻي.
- **ڪي ويجها دوست:** تاج محمد ابڙو، غلام نبي سُومرو مير علي مدد ٽالپر، عبدالله ڇِپي ميمڻ، عثمان بلوچ، فيروز خواجه، گُل محمد آخوند، حاجي محمد موسيٰ، حاجي ساوڻ خان، عبدالقادر ابڙو ڊاڪٽر قمر صديقي، ڊاڪٽر مظهرالحق صديقي، علي احمد قريشي، نور احمد ڀُگهيو ۽ ٻيا ڪيئي دوست.
- **ادبي قربتون:** شيخ اياز رشيد ڀٽي، تنوير عباسي، غلام رباني آگرو بشير

Gul Hayat Institute

موريائي، قمر شهباز امر جليل، تاج صحرائي، پروفيسر غلام مصطفي شاهه، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ابراهيم جويو حفيظ شيخ. موتي پرڪاش، سراج ميمڻ، اياز قادري، حميد سنڌي، جمال رند، نورالدين سرڪي ۽ ٻيا گھڻيئي دوست.

- **سياسي قربتون:** مير علي احمد تالپر، مير رسول بخش تالپر، ذوالفقار علي ڀُٽو ممتاز علي ڀُٽو ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، سوڀو گيانچنداڻي، رسول بخش پليجو سائين جي ايم سيد، جام ساقي. ڊاڪٽر اعزاز نظير.

## ڪيريئر ۾ اهم واقعا:

- ايل ايل بي 1948ع ۾ ڪري لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي ڀاءُ شمس الدين ابڙي سان گڏ وڪالت شروع ڪئي.
- 51 ـ 1949ع تائين پوليس پراسيڪيوٽر ـ شهداد ڪوٽ.
- 52 – 1951ع لاڙڪاڻي ۾ وڪالت.
- 1952ع ۾ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان ڏيڻ کان پوءِ سب جج مقرر ٿيو. 24 آڪٽوبر 1952ع تي ڪپري (ضلعي سانگھڙ) ۾ پهرين مقرري ٿي. ان کان پوءِ ترتيبوار سکر، شڪارپور (58ـ1956)، خيرپور ميرس (61ـ1958)، سجاول (63ـ1961)، ٹنڊو الهيار (63ـ1966)، حيدرآباد (66ـ1969)۽ ۽ ڪراچي (1970) ۾ بدليون ٿيون ۽ سيشن جج جي عهدي تائين پهتو.
- 1962ع کان ساڄي هٿ جي تڪليف سبب ڪهاڻي لکڻ جو تسلسل ٽُٽي پيو پر سوچ، لوچ ۽ مطالعي جو سلسلو جاري رهيو. (1962ع کان 1995ع تائين وقتيءَ وقتيءَ سان هن 'لاري'، 'لاٽ'، 'سينڌ'، 'فرشتو'، 'ماءُ جي جهولي' ڪهاڻيون لکيون)
- 1967ع حيدرآباد ۾ دل جو دورو (پهريون پيرو): جڏهن ميڪسم گورڪيءَ جو ناول "ماءُ" ترجمو ڪري رهيو هو. (معالج: ڊاڪٽر عبدالڪريم عباسي)
- 1970ع کان نوڪريءَ سبب ڪراچيءَ ۾ مستقل رهائش.
- 78 – 1972ع سنڌ اسيمبليءَ جو سيڪريٽري (ان کان پوءِ جنرل ضياءَالحق جي دور ۾ اسيمبليون معطل ٿي ويون هيون)
- 80 – 1978ع ليبر ڪورٽ جو جج.
- دل جو ٻيو دورو جولاءِ 1979.
- 81 – 1980ع ميمبر فيڊرل سروسز ٽربيونل، اسلام آباد.
- 1980 کان 1984ع تائين بدر ابڙي جي قيد جا ڏينهن.
- 82 – 1981ع رجسٽرار سنڌ هاءِ ڪورٽ.
- 84 ـ 1982ع ليبر ڪورٽ جو جج.

Gul Hayat Institute

- 1987ع دل جو ٽيون پيرو شديد دورو (معالج: ڊاڪٽر اظهر فاروقي).
- 1984 – 85ع سنڌ اسيمبلي جو سيڪريٽري (ٻيو پيرو)
- 1985 – 86ع چيئرمين اينٽي ڪرپشن.
- 10 – اپريل 1988ع: رٽائرمينٽ.
- 1990ع کان مختلف اخبارن ۽ رسالن لاءِ سياسي ۽ سماجي مسئلن تي لکندو رهيو.
- مارچ 1991ع ۾ شريڪ حيات جي وفات جو شديد صدمو.

## مڃتائون:

- صدارتي ايوارڊ پرائڊ آف پرفارمينس: سن 1994ع.
- شاهه عبداللطيف ڀٽائي (قومي ادبي) ايوارڊ 1998ع اڪيڊمي آف ليٽرز طرفان ڪتاب ' ڏسي ڏوهه اکين سين ' تي .

## غير ملڪي سفر:

بنگال، هندستان، سوويت يونين، انگلينڊ، آمريڪا، ايران ۽ سعودي عرب.

وفات: 30 _ جون 2004ع (13 جمادي الاول 1425ھ) رات جو 8:10 وڳي .
آخري آرام گاهه: گِذري (ڊفينس) قبرستان، ڪراچي.

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

# پشو پاشا

## (ڪهاڻين جو مجموعو)

Gul Hayat Institute

# انتساب

تنهنجي نالي، جنهن جي خبر صرف توکي آهي، منهنجي دل جي ننڍڙي ۽ ڪچڙي ”رباب“ کي تو پنهنجي آڱرين جي ”الف“ سان ڇيڙي ڇڏيو. نئون نڪور رباب، اڃان ٻي ڪا تان سکيو ئي ڪونہ هئو. بس تنهنجي نالي جا نغما آلاپيندو رهيو. دل جي ڌڪ ڌڪ، نبض جي هلچل، ساهہ جي اچ وڃ مان تنهنجي نالي جو هلڪو هلڪو ساز وڄڻ لڳو. منهنجو سڄو بدن تنهنجي نالي جي تان سان ترڻ لڳو. منهنجي دل ۽ ساهہ جي ڦڙڪڻ، سڄي فضا ۾ تنهنجي نالي جو نغمو ڦهلائي ڇڏيو. منهنجي جسم جي ذري ذري مان، تنهنجو نالو ڦٽي ڦٽي ٻاهر نڪرندو رهيو. تنهنجي نالي جا ننڍڙا رابيل منهنجي چوڌاري هوا ۾ اڏامندا رهيا. مان سڄي سڌ ٻڌ وڃائي، تنهنجي نالي جي رابيلن جي سونهن ۽ سڳنڌ ۾ گم ٿي ويس.

اها ابدي سونهن ۽ سڳنڌ پلا ڪيڏانهن ويندا. اهو دل جو رباب ڪيئن بند ٿيندو! قيامت تائين وڄندو رهندو. پوءِ بہ وڄندو رهندو. سٽل ديوتائن کي اٿاريندو رهندو. ٿڌي ۽ ڪومل گونج سان جاڳائيندو رهندو. ٿٽل ربابن کي ڇيڙيندو رهندو. ڪائنات جي خلاون ۾ زمان ۽ مڪان جي بندشن کان بي نياز اها ابدي گونج پيدا ڪندو جو هر جر ۽ جيري اجهامي سيتل ٿي ويندي. پوءِ ڪنهن جو ساز نہ ٽٽندو ڪنهن جو ”رباب“ نہ پڃندو.

ڏس تہ سهي! تنهنجي نالي ڇا تہ ڪري ڇڏيو منهنجي جذبات جي نفيس تارن کي ڇيڙيو. منهنجي دل جي گهراين ۾ ترنم پيدا ڪيو. منهنجي دماغ ۾ تنتن ۾ طلاطم وڌو. ڇوليون ۽ لهرون اٿيون، اٿل ۽ ٻوڏ ٿي. ڇا ڇا نہ ٿيو.

تنهنجا لڪ ٿورا! تو منهنجي جسم کي جلائي. پڃائي، هڙٻاٽيون ڪري ڇڏيو ان مان چڻگون نڪتيون، هاڻي سڄو تن تنبورو آهي.

مان تہ نہ اديب هئس نہ خان، پر تنهنجي نالي سان ”هم“ آهنگ ٿي ڇا نہ ٿي پيس. اعتبار نہ ٿو اچئي؟ ڏس نہ، مان پاڻ تنهنجو هڪ شاهڪار افسانو بڻيو وتان. هي جگر پارا تہ ان جي آڱرين مان نڪتل ڪي چند چڻگون آهن. ان جي جسم مان جي مسلسل شعلا ۽ جوالا ڦاٽي فضائن ۾ جذب ٿي ويا، تن جو تہ ڪاٿو ئي ڪونهي.

توکي هي جيتڙا وٽن نہ وٽن، پر آهن تہ تنهنجا! لکڻ مهل ائين پيو ڏسان تہ تون مٿان آهينم، پوءِ تہ اکيون ۽ ڳل گرم ٿيو وڃنم. جگر جا ٽڪرا، دل جي



Gul Hayat Institute

اونهائين مان ڪيندو، هڪ هڪ ڪندو توکي ڏيکاريندو وجان، اڳيان رکندو وجان، ڪيڏي نه چاهنا اٿم ته تون انهن کي پنهنجو ڪرين، تنهنجا ئي ته آهن!

هنن ۾ ڪا چوٽي موتي عشق جي ڳالهه ڏنئه؟ پلا منهنجو پيار ڪو پنيءَ پوڙ گوڏي پوڙ ته ڪونه هو. تارئون تار هو اٿاهه سمنڊ هو بس پيار ئي پيار هو. اتي مون ڪروڙين دليون لڙهنديون ڏٺيون، ڦتيل ۽ ڦتڪندڙ انهن سان پيار ۽ توسان پيار ۾ ڪو فرق؟. پيار پيار سان مليو روئي روئي مليو. هنجون هاري مليو. جوش ۾ آيو اپاميو. لهرون آيون، چوليون آيون. وير چڙهي، اڳتي وڌي، ڪاهي آئي، وڌندي رهي. ٻه چار ڦڙا ڪٽي، مان توڏي پڳس، ڪروڙين دلين جو نچوڙ توکي ڏيکاريم، توکي ٻڌايم. پيار جو سمنڊ ڪاهيندو اچي. ڪوڙ ۽ ڪلفت کي ٻوڙيندو اچي. پيار وارا مرڪڻ لڳا. اتي آڏر پاءُ ڪرڻ لڳا. تون سنديس آجيان نه ڪندينءَ؟

آءُ ته تنهنجي قربت ۾ هي رباب وڄندو رهي، سونهن ۽ سڳنڌ کي پکيڙيندو رهي. تتل تارن کي جوڙيندو رهي. نغمن کي ڳائيندو رهي. تنهنجي نالي ... تنهنجي نالي ... تنهنجي نالي.

## تنهنجو جمال

منهنجي رفيقه حيات (جنت مڪان)
سسئي ۽ سور ويا پٽيندا پاڻ ۾

جڏهن مان پور پور هئس ته مون کي جوڙي ڇڏيائين ۽ جڏهن جوڙجي ويس ته وري پور پور ڪري وئي. هاڻ پنهون ۽ پُور پيا پِٽين پاڻ ۾.

Gul Hayat Institute

# تعارف

ڪنهن ادبي مجموعي کي عام اڳيان آڻڻ کان اڳي، هيءَ هڪ رسم بڻجي چڪي آهي ته ان بابت پهرين ڪي صفحا تعارف طور لکجن يا لکرائجن. هڪ ڳالهيئين اها چيز ڏاڍي مفيد ۽ بامقصد معلوم ٿئي ٿي، خصوصاً تڏهن جڏهن ڪتاب جي مصنف جي فني ۽ تخليقي تجربن، ذهني لاڙن ۽ نظرين جو تفصيلي ۽ تدريجي مطالعو پيش ڪيو وڃي، ۽ ادبي دنيا ۾ سندس تصنيف جي اهميت ۽ افاديت جو جائزو ورتو وڃي. جمال ابڙي جي هن پهرئين افسانوي مجموعي، ”پشوپاشا“، تي اهڙي ئي قسم جو هڪ مفصل جائزو ڪنهن اعليٰ اديب کان لکرايو وڃي ها، ته هوند بهتر ٿئي ها، تنهن کان بهتر ٿئي ها، جيڪڏهن پنهنجن افسانن جو تعارف پڙهندڙن سان، جمال پنهنجي قلم سان پاڻ ڪرائي ها. سردست، مون کي ته سچ پچ اهڙي ڪا خاص ڳالهه سجهي ئي ڪانه ٿي اچي، جا ان سلسلي ۾ هتي آئون پيش ڪري سگهان. حقيقت هيءَ آهي ته جنهن اوچي ادبي معيار تي جمال هن وقت پهتل آهي، ۽ جيتريقدر هو ٿوري ئي عرصي ۾ هڪ عام پسند افسانه نگار جي حيثيت حاصل ڪري چڪو آهي، انهيءَ تي اوتريقدر ئي تفصيل ۽ توجهه سان لکڻ جي ضرورت آهي. ساڳئي وقت، سنڌ ۾ مختصر افساني جي صحيح معنيٰ ۾ چڻ ابتدا ئي هاڻ ٿي آهي، ۽ اسان جا اديب توڙي نقاد سنڌي تنقيدي قدرن، توڙي ان جي لازمي جز بڻجندڙ مقامي رنگ ۽ مزاج جي باري ۾ ڪن واضح نتيجن جو تعين نه ڪري سگهيا آهن. اهڙيءَ حالت ۾ خود مختصر افساني جي صنف متعلق ۽ ان صنف جي ڪنهن معياري اديب جي ڪاوشن متعلق ڪا شمار ۾ اچڻ جهڙي ڳالهه پوريءَ چنڊڇاڻ ۽ تور تڪ سان پيش ٿي سگهي، اهو البت هڪ دقيق ۽ تفصيل طلب معاملو آهي، جنهن لاءِ آئون پانيان ٿو ته هنن صفحن ۾ نه موقعو آهي ۽ نه گنجائش ئي ڪا نڪري سگهي ٿي. هن مجموعي جي ڪن افسانن تي رسالي ”مهراڻ“ ۾ چڱو خاصو تنقيدي سلسلو هلي چڪو آهي، جنهن کي پڻ ڪتاب جي آخر ۾ شامل ڪيو ويو آهي: انهيءَ مان مصنف جي فني صلاحيتن، سماجي نظرين، ادبي نيتيءَ، سوچڻ جي سليقي ۽ سندس هڪ ڪامياب افسانه نگار هجڻ جو ڪافي حد تائين اندازو لڳائي سگهجي ٿو. جمال

Gul Hayat Institute

جي فنڪارانه خوبين بابت، اجمال طور، آئون وڌيڪ صرف ايترو چوندس ته هو هن وقت چوٿيءَ جي سنڌي افسانه نگارن ۾ هڪ منفرد ۽ اعليٰ مقام تي فائز آهي.

زنده ٻولين جي نئين ادب جي اشاعت کي اوتريقدر ئي اهم ۽ ضروري سمجهڻ کپي، جيتريقدر سندن قديم ادب جي سهيڙڻ کي، ادب ساڳئي وقت، انساني سماج کان متاثر به ٿئي ٿو ۽ ان تي اثر انداز پڻ. هڪ دور جو ادب، ان کري، ٻئي دور جي سماجي صورتحال کي جنم ٿو ڏئي: گويا اسان جو موجوده معاشرتي معيار اسان جي گذريل ادبي ۽ ثقافتي ڏارائن جي عملي صورت آهي، ۽ مستقبل جي سماجي نظام جي تشڪيل وري اسان جي موجوده فڪري تحريڪن تي منحصر آهي. قديم ۽ جديد-ٻنهي قسمن جي ادب جي حفاظت ۽ ترقي ان کري اسان لاءِ لازم ۽ ملزوم هئڻ جي هڪ اٽل حيثيت وٺي بيهن ٿيون.

ادب، انساني سماج جي پيداوار به آهي، ته ان جو عڪاس پڻ. سماجي ۽ تاريخي تبديلين جي اثر هيٺ وڌندڙ سماجي شعور ۽ بلند تر ذهني معيار جي پيش نظر، ادب پنهنجي هيئت توڙي اسلوب جا نت نوان روپ اختيار ڪندو پئي رهيو آهي. داستان گوئيءَ ۽ داستان نويسيءَ وارو ابتدائي ادب، مختلف مرحلن مان گذرندو اڄ مختصر افساني جي صورت وٺي اچي بيٺو آهي. بلاشبہ، اسان جو هي ادبي دور "مختصر افساني جو دور" آهي. پنهنجي وقت ۽ ماحول جي مخصوص مسئلن، زندگيءَ جي ترقي پذير شعور ۽ سماج جي موجوده ذهني ڪيفيت ۽ مزاج سان مطابقت قائم رکڻ لاءِ، اڄ جي فنڪار "مختصر افساني" کي وجود ۾ آندو آهي. نئين ادب جي هيءَ نمائنده صنف هڪ ڳالهئين گذريل مڙني فني تجربن ۽ روايتن جو نچوڙ ۽ حاصل آهي. سنڌيءَ ۾ پڻ، ٻين سڌريل ٻولين جي مناسبت ۾، ڪم از ڪم گذريل پنجويهن ٽيهن سالن کان سٺا سٺا ترقي پذير ۽ تعميري افسانا لکجي چڪا آهن. خصوصن "ورهاڱي" کان پوءِ جا لکيل اڪثر افسانا اسان جي ادب جو بيحد قيمتي سرمايو آهن. ڏاڍو چڱو ٿئي، جو سنڌي ادب جو هيءُ بهترين ۽ تازه ترين مواد ڪنهن خاص اهتمام، ترتيب ۽ سليقي سان ڪتابن ۾ محفوظ ٿي وڃي. سنڌي ٻوليءَ کي هوندي به ڪو باذوق، دور رس نگاهن وارو اورچ ۽ سليقيمند ناشر ڪڏهن خير ڪو نصيب ٿي سگهيو آهي، پر بدقسمتيءَ سان هن وقت ته اهڙو ڪو ادارو ڪم از ڪم هتي سنڌ ۾ موجود ئي ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي، جو جديد سنڌي ادب جي باقاعدي ۽ معياري اشاعت لاءِ تيار هجي. "زندگي پبليڪيشن" جا نوجوان ۽ حوصله مند بانيڪار انهيءَ ڏس ۾ جيڪو تحرڪ وٺي رهيا آهن، سو بيشڪ ڪارگر ۽ قابل قدر آهي.

جديد سنڌي ادب جو هر ڪو پڙهندڙ جمال ابڙي جي نالي کان واقف آهي. جمال انصاف جي ڪرسيءَ تي ويٺل هڪڙو سرڪاري ملازم آهي. زندگيءَ جا ڪيئي مسئلا هر روز هن جي اڳيان چڙندا ۽ نبرندا رهن ٿا. انصاف جو توراڙو اکين

تي پٺي پڌل هٿن سان به سنئين ڪاني تري سگهي ٿو پر ان مان ڪنهن کي نيٺ به ڇا پلئه پئجي سگهي؟ تنهنڪري، زندگيءَ سان انصاف ٿئي، ان لاءِ انصاف جي قلم سان گڏ ڪجهه قدر حبيباڻو هٿ ۽ عدل سان گڏ ٿورو گهڻو فضل جو ڦيرو مڙيوئي ضروري آهن. جمال انصاف جي ڪرسيءَ تي ويهي انڌي قانون جي لٺ ڪهڙيءَ طرح گهمائيندو ٿو رهي، تنهن جي خبر ته ڪيس هوندي، ۽ ممڪن آهي ته سندس ”فتوائن“ جي پڙهڻ مان پڻ پئجي سگهي، جن کي لکندي لکندي ڪجهه عرصو ٿيو ته سندس هٿ ئي لکڻ کان ڪيس جواب ڏيئي بيهي رهيا هئا، ۽ پوءِ سانده به سال هٿن کان وڌيڪ پنهنجي دل کي ڏتارڻ ۾ گذري ويس، ۽ پنهي کي اياري اياري مس مس وڃي نيٺ هٿن کي لکڻ لاءِ ۽ دل کي انصاف جي ڪرسيءَ تي وري ويهڻ لاءِ آماده ڪري سگهيو. جمال جي ”افسانن“ ۾ بهرحال زندگيءَ جي مسئلن جي ڇيڙڇاڙ نبيريءَ جو هڪ عجيب مهر ڀريو انداز موجود ڏسجي ٿو ۽ هڪ ڪامياب افسانه نگار لاءِ محبت ۽ احترام جا جذبا موجود هجن، ۽ ڪيس زندگيءَ ۾ ڀرپور اعتقاد هجي.

1902ع ۾ هڪ جيلن جي سڌارڪ خاتون، ڪلارينس ڊرو آمريڪا جي ڪڪ ڪائونٽي جيل جي نظر بندن کي خطاب ڪندي چيو هو: ”ڏسو ته قانون ڇا آهي... جڏهن اوهان جو ڪيس عدالت ۾ پيش ٿئي ٿو ته ڇا هيءَ ڳالهه اوهان لاءِ ڪو خاص فرق رکي ٿي ته اوهين ڏوهي آهيو يا بيڏوهي؟ اوهان جو ڇوٽڪارو ته بس هن ۾ آهي ته اوهان جي بچاءَ جو وڪيل قابل هجي، ۽ قابل وڪيل اوهين تيسين ڀڏي ڪين سگهندا، جيسين اوهان وٽ رقم نه آهي... هي قانون دراصل انهن جي ئي حفاظت لاءِ آهي، جي دنيا تي حڪومت ٿا ڪن ... جيڪڏهن عدالتون انصاف واسطي قائم ٿيل هجن ها، ته هنن ڏوهارين لاءِ به ڪو بچاءَ جو وڪيل مقرر ٿيل هجي ها. اهڙوئي هوشيار ۽ قابل، جهڙو مٿن ڪيس هلائڻ وارو وڪيل آهي، ۽ هن کي اوهان جي بچاءَ واسطي اوتري ئي رقم ملي ها، ۽ هن جي مدد ۾ اوترائي جاسوس ۽ ٻيا نائب وڪيل موجود هجن ها، جيترا ڪجهه اوهان تي ڪيس هلائڻ واري اوهان جي انهيءَ مخالف وڪيل کي ميسر آهن، جنهن جي سموري ڪوشش صرف هيءَ ٿي رهي ته ڪنهن طرح اوهان تي ڏوهه ثابت ٿي وڃي ۽ اوهين سزا کائي وڃو.“ جمال پنهنجن افسانن ۾ اهڙن ئي سماج جي ڏوهارين، انصاف کان محرومن، مجبور ۽ بيڪس انسانن جي طرف کي پيش ڪيو آهي، ۽ انهن جي ئي بچاءَ ۾ پنهنجي پيار ۽ انسان دوستيءَ جا تمام امنگ ۽ جذبات پڙهندڙن جي اڳيان آڻي پيش ڪيا آهن. پنهنجي ئي ڏتڙيل ماحول ۽ سادي زندگيءَ جي بنهه سادن پلاٽن کي کڻي ڪري، انهن جي پس پرده جو دک درد ۽ جا پيڙا لڪل آهي، جمال ان سڀ جون اهڙيون ته دلگداز تصويرون ويهي چٽيون آهن، جو انهن کي ڏسندي هر ڪنهن کان پنهنجو ذاتي دک درد ته انهيءَ ئي دم وسريو



Gul Hayat Institute

وجي، ۽ هر ڪنهن جي دل ۾ پيار ۽ قياس جي جذبن سان گڏوگڏ همت ۽ حوصلي جي قوت ۽ عمل جو احساس پڻ جاڳي ٿا اٿن. زندگيءَ ۾ نفعي کان اڪثر نقصان زياده ضروري پئي ثابت ٿيو آهي. پوتو ڏرتيءَ مان تڏهن ڦٽي ٿو نڪري، جڏهن پهريائين ٻج جي هستي فنا ٿي ٿئي. افسانوي ادب جي دنيا ۾ پڻ اثباتي ۽ افادي، بار آور ۽ ڪارآمد ڪردار تنهنڪري اهي ئي سماج جا ڏکاريل، هيڻا، مرڻينگ، مظلوم، ديوانا ۽ درد جا ماريل شخص ٿا ٿين ۽ جمال جي افسانن ۾ جا بجا انهن ئي الهه جي پيارن ۽ انسان جي لوڏيل ۽ عتابيل شخصن کي مکيه ۽ اهم ڪردارن جي حيثيت ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

هن مجموعي ۾ ٻئي چڱي خاصي تنقيدي مواد سان گڏ، جمال جا ڪل تيرهن افسانا پيش ڪيا ويا آهن، جن مان اڪثر سنڌ جي رسالن ۾ اڳي ئي شايع ٿي چڪا آهن. انگريزيءَ جي جڳ مشهور فطرت نگار شاعر، ورڊس ورٿ، هڪ ڀيري رستي ويندي شهري زندگيءَ جي گوڙ گهمسان کان بلڪل دور ڀهراڙيءَ جي خاموش ۽ پاڪيزه فضا ۾، ڪنهن حسين و جميل ۽ معصوم ڳاناڻي نينگريءَ جو ڪو دل لڀائيندڙ ۽ امنگ ڀريو گيت ٻڌي ورتو هو ۽ هڪ ڀيرو ٻڌل اهو گيت هن جي دل جي ڪنن ۾ سڄي عمر گونجندو رهيو. حسن جي سحر آفريني لازوال آهي. حسين شيءِ جو مشاهدو ۽ مطالعو جيترو گهٽو اوترو ٿورو. مختصر افسانو نثري ادب جو معراج آهي، ۽ نثر اتي پهچي وڃي شعر ۽ تغزل سان همدوش ٿو ٿئي. ڪامياب مختصر افسانو پنهنجيءَ جاءِ تي لفظن جي چونڊ، معنيٰ ۽ مطلب جي وسعت، جذبات جي لطافت ۽ گهرائيءَ ۽ پنهنجي آخري تاثر جي لحاظ کان نثري شعر آهي. جمال ڪامياب افسانا لکي ڄاڻي، ان لاءِ سنڌس هي افسانا شاهد آهن، جيڪي هن مجموعي جي صورت ۾ پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ٿي رهيا آهن.

**محمد ابراهيم جويو**
ڪراچي
1_سيپٽمبر، 1959ع

Gul Hayat Institute

# ٻي ڇاپي جو مهاڳ

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1959ع ۾ زندگي پبليڪيشن وارن ڇپايو. مان ياءُ حميد سنڌي ۽ سندس ساٿين جو ٿورائتو آهيان. جن وڏي شوق سان محنت ڪري ڪتاب شايع ڪرايو. ڪتاب جو نالو به پاڻ ئي تجويز ڪيائيون.

ٻيو ڇاپو جو توهان جي سامهون آهي سو حقيقت ۾ ٽيون ڇاپو چئجي ته درست ٿيندو. ڇاڪاڻ ته سن1976ع ۾ طارق اشرف ڪهاڻين جو مجموعو "بدمعاش" نالي سان ڇپائي پڌرو ڪيو ۽ سندس چواڻي ڪتاب جون سيئي ڪاپيون هڪ ئي ڏينهن ۾ صرف حيدرآباد شهر ۾ وڪامجي ويون.

مان سنڌ واسين جو ڏاڍو ٿورائتو آهيان جن هنن ڪهاڻين جو قدر ڪري انهن کي ۽ مون کي مان بخشيو ۽ هن ڪتاب کي ايم-اي جي ڪورس لاءِ منظور ڪيو.

منهنجي نظر ۾ صحيح ادب اهو آهي جو عام ماڻهن ۾ نه رڳو پنهنجي حقن جي ڄاڻ ڏئي، پر انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ منجهن امنگ ۽ اتساهه ۽ پاڻ ۾ مڪمل اعتماد پيدا ڪري ته هو ئي پنهنجي طاقت سان پنهنجا حق ڦورو طبقن کان حاصل ڪري سگهن ٿا.

مان چئي نٿو سگهان ته منهنجون ڪهاڻيون هن ڪسوٽيءَ تي ڪيتري قدر پوريون اينديون. بهرحال مون کي چڱي پر ڄاڻ آهي ته مون سنڌ ڌرتي جو حق ادا نه ڪيو آهي ۽ نه پنهنجو قرض چڪائي سگهيو آهيان.

مان صرف ايترو ڄاڻان ٿو ته جناب اياز حسين قادري جي چوڻ تي مون ڪهاڻين کي وري نظر مان ڪڍيو پر مون کي ڪابه متا ستا ڪرڻ جي ضرورت نظر ڪانه آئي، سواءِ ڪن ڇاپي جي غلطين جي ۽ اکرن جي اڳتي پوئتي ٿي وڃڻ جي.

مان پروفيسر اياز قادري، سليم ميمڻ صاحب ۽ سندن ساٿين جو بيحد شڪر گذار آهيان جن وڏي جاکوڙ ڪري، وڏي چاهه مان ڪتاب جو هيءُ ڇاپو ڇپارائيو آهي.

**جمال ابڙو**

ڪراچي 1-06-1976ع

# عرض حال

پشو پاشا جو هيءُ غالباً چوٿون ڇاپو آهي. پهريون حميد سنڌي ڇپايو ۽ منهنجي زور ڀرڻ تي جيڪي خط ۽ تنقيدون منهنجي خلاف شايع ٿيون هيون سي به ڪتاب ۾ شامل ڪيون ويون. مون کي ان ڪتاب جو نالو پسند نه تائيٽل ڪور پر حميد صاحب چيو ته هو خرچ ڪري ڇڏيو هو تنهنڪري اهو قبول ڪرڻو پوندو. ٻيو شرط اهو رکيم ته استاد محمد ابراهيم جويو ان ڪتاب تي تنقيدي جائزو لکي ته پوءِ شايع ڪيو وڃي نه ته نه. اهو ان ڪري جو اسين ان وقت جا اديب گڏ ڪري ادبي ميدان ۾ ٽپي پوڻ جا قائل ڪونه هئاسون ۽ نڪي عوام ۽ پڙهندڙن کي ڪو غلط نظريو ڏئي ابهام يا مونجهارن ۾ وجهڻ چاهيندا هئاسون. اهو ذميداري جو احساس اسان جي ٿهيءَ وارن ۾ اڃان به موجود آهي ۽ جڏهن به پاڻ ۾ ملندا آهيون ته هڪٻئي تي چڱي وٺ ڪندا آهيون.

پهريون ڇاپو ڇا ڇپيو جڻ ته ڌماڪو ٿي ويو. ڌوم مچي وئي. حالانڪ ان وقت ادبي افق تي ڪهاڻيڪارن ۾ وڏا نالا جهڙوڪ شيخ اياز صاحب ۽ رباني صاحب موجود هئا. مون پنهنجي حياتيءَ جي تمام مختصر دور ۾ 1953ع کان 1965ع تائين اهي چند ادبي پارا، اندر جي اوبر ڪيڻ خاطر لکيا پر ڳالهه وڏي وڻ تي وئي. بقول هڪ نامور دوست جي "جيئن اڄ هر سنڌي شاعر تي اياز جي ڇاپ آهي تيئن هر ڪهاڻيڪار تي جمال ابڙي جي ڇاپ ضرور آهي." رباني صاحب ته هڪ دفعي ٻڌايو ته پرائمري اسڪول ۾ ٻارن کان پڇيو ويو ته "هو جمالو" ڪنهن جو لکيل آهي ته ٺڪ جواب مليو ته جمال ابڙي جو. اهو آهي اخلاص ۽ جذبي جي سچائي جو. نتيجو جو جهر جهنگ اهو آواز پهچي ويو.

ٻيو ڇاپو طارق اشرف صاحب ڊيمي سائيز ۾ ڇپايو. طارق صاحب وڏو دلير ۽ واپاري طبيعت جو ماڻهو هو. سندس چواڻي اهو ڇاپو هڪ ڏينهن ۾ کپي ويو. مون کي ان جي هڪ به ڪاپي نصيب ٿي ته ٿي نه ته ٻيو مڙيوئي خير.

ٽيون ڇاپو پروفيسر اياز قادري ۽ سليم ميمڻ صاحب مون کان پڇي ڳاڇي ڪراچي يونيورسٽي پاران ڇپايو ۽ مون کي به مهرباني ڪري ٽيهارو ڪاپيون ڏنيون جي مان دوستن ۾ ورهائي، ورهائي پوريون ڪري چڪو آهيان. ان ڪتاب

جو ٽائيٽل ڪور مون کي پسند نہ آيو ڇو تہ اهو هڪ دهشتگرد جو آهي ۽ ڇورايل آهي. هيئن پيو نهاري ڄڻ تہ انڊرگرائونڊ ورڪر هجي. اهو بلڪل منفي ڪردار آهي. حالانڪ پشو پاشا هڪ مثبت ۽ ڪليل ڪردار آهي جو اتساهہ (inspiration) لاءِ ڇڙڦير ۽ مٿي ڪليل فضائن ۽ زميني حالتن کان متاثر ٿي عوام جي رهبري ڪري قربان ٿي ٿو وڃي. اها ڪهاڻي جڏهن رف حالت ۾ لکيل هئي تہ لاڙڪاڻي ۾ رسول بخش پليجو صاحب پڙهي تمام متاثر ٿيو ۽ گهڻي ساراهہ ڪيائين. مون ڇيو مانس تہ پشو مصنوعي ڪردار پيو لڳي پر چيائين تہ نہ، هڪ تہ اها هڪ فئنٽسي آهي ۽ ٻيو تہ اهو ڪردار بلڪل اسان جي ڌرتي ۽ حالتن جي پيداوار آهي. بعد ۾ پليجو صاحب ڦري ويو.

هي ڇوٿون ڇاپو ڪلچر ڊپارٽمينٽ سنڌ، نئين رنگ ۽ ڍنگ سان ڇپائي رهيو آهي. مان نهايت ٿورائتو آهيان جناب عبدالحميد آخوند صاحب ۽ ممتاز مرزا جو جن منهنجي سيمابي طبعيت جي باوجود نهايت صبر ۽ تعاون ڪيو آهي. سندن ڪهڙا ٿورا ڳائي ڪهڙا ڳائجن. ڪٽ مهر علي ڪٽ تيڏي ثنا!.

سو ڪامياب ڪهاڻي لاءِ مون ڇيو تہ اخلاص ۽ جذبي جي سچائي جو هجڻ لازمي آهي. ان سان گڏ سچ چوڻ جي جرئت ۽ مهل سر صحيح چينبي ڏئي نوان لاڙا ۽ موڙ ڏيڻ. هنن ڪتاب ۾ ٻہ چار نيون ڪهاڻيون بہ شامل ڪيون ويون آهن. هڪ ڪهاڻي لاٽ آهي، جڏهن 1963ع ۾ مون سجاول ۾ لاڙ جي ڪلچر کان متاثر ٿيندي ڪائنات جي عجيب ارتقائي منزل جو مشاهدو ڪيو ان ڪهاڻيءَ ۾ مون کي پنهنجي پختگي ۽ ويساهہ ٿو نظر اچي. لاڙ جا مسڪين ۽ ڏتڙيل لتاڙيل ماڻهو ڪيئن زندگي جو لطف پيا وٺن ۽ نئين زندگي کي جنم ڏيو ماتائي سان لڏيو وڃن. مون اتي سمر ۽ سينور واري پاڻي ۾ ڪنول ٽڙندي ڏٺا. مون کي اهو نتيجو اخذ ڪندي دير نہ لڳي تہ زندگي هر رنگ ۾ روان دوان آهي. هونئن بہ ادب آهي. سونهن، سچ، نيڪي ۽ خالق. سونهن ۽ سچ تہ آهن ئي خالق جا جلوا ۽ نيڪي آهي ان تائين پهچڻ جي عملي راهہ. انهن چئن عنصرن مان هڪ بہ ڪڍي ڇڏيو تہ ادب، ادب ئي نہ رهندو.

ٻي ڪهاڻي "سينڌ" مون ان دور ۾ لکي جڏهن جنسيات جي موضوع تي لکڻ فيشن ٿي پيو هو. جنسيات هڪ مقدس ۽ بامقصد موضوع آهي، جنهن ۾ اگهاڙپ ۽ چشڪي بازي خيانت آهي. مون سينڌ ڪهاڻي لکي اصل مسئلن ڏانهن رخ موڙيو.

وري مارشل لا جو ڌهڪاءُ ۽ ضياءُالحق جهڙو ڊڪٽيٽر آيو. سڀ ڪو چپ، ڄڻ سڀ سونگهي ويو هجي، ماٺ ۽ ماتار ٿي وئي. مون اسلام آباد جي مرڪز ۾ ويهي "مارشل لا ۽ اسلام آباد" جي عنوان سان ڪهاڻي لکي. ٻئي ڏينهن امر جليل کي ڏيکاريم جنهن ٽپ ڇيو تہ ڪو ڪونہ ڇپيندو. مارشل لا تي ايڏي طنز ۽ ضياءُالحق کي عزرائيل سڏڻ وقت جي اهم تقاضا هئي. پلو ٽئي يوسف شاهين جو

جنهن برساتِ ۾ ڇپجڻ جي حامي ڀري پر عنوان تبديل ڪرڻ جو شرط وڌو جو مون يڪدم قبول ڪري عنوان رکيو ”فرشتيو“ ۽ ڪهاڻي ڇپجي وئي.

تنهن کان پوءِ دور آيو غريبن ۽ مسڪينن ۽ معصومن کي نسلي بنياد تي مارڻ جو. مارڻ وارو ڪير بہ هجي، هو ڪانئر، ڪميٽو ۽ ڪافر آهي. ڪهاڻي ”ماءُ جي جهولي“ ان دور جي پيداوار آهي. آهي ڪير جو پنهنجن کي بہ فهمائش ڪري ۽ هوش، عقل ۽ انسان دوستي جي ڳالهہ ڪري، مون تہ ڇئي ڏنو. فونن تي دڙڪا بہ مليا پر مان اڄ تائين پنهنجي ڳالهہ تي قائم آهيان جيئن منهنجن ”سچل“ ۽ ”شاهہ“ تي مضمونن مان عيان آهي. هي آهي صحيح وقت تي ضمير جو آواز ٻڌجڻ ۽ صحيح لاڙا ۽ موڙ ڏيڻ. ڪو ميچي نہ ميچي اسين چوندا آيا آهيون، چوندا رهنداسين، ماٺ ڪري مشرڪ ڪونہ ٿينداسين.

مان مهاجر ڀائرن ۽ خاص طرح سنڌي عوام کي پرزور ۽ دردمندانہ اپيل ٿو ڪريان تہ خدارا انتقامي جذبي کان باز اچو. اهو نہ اسان جو شان آهي نہ ڪلچر ۽ تهذيب، تہ بيگناهہ کي قتل ڪيو وڃي. اها اسان جي روايت آهي تہ اصل خونيءَ کي ڳولهي چٽو ڪيو وڃي ۽ پوءِ قصاص ورتو وڃي. پيو تہ نهيو پر جي ڪوئي ڪارو هوندو آهي تہ اول اعلان ڪيو ويندو آهي تہ فلاڻو ڪارو آهي. پوءِ ڪارو لڪندو ڀڄندو ميڙ آڻيندو ڇڳا مڙس گڏ ڪندو جيڪي مٿس ڏنڊ ڏوهہ وجهي سڱ پرائيندا تہ ان کي بہ معاف ڪيو ويندو. اها بہ اسان جي ريت آهي تہ ڀاڙي تي ورتل قاتل کي بہ قتل نہ ڪبو جيسين اصل ڏوهاري چٽو ڪري ڏئي، باقي اصل قاتل کي چٽو ڪرڻ کان پوءِ دهل جي ڏونڪي تي قصاص وٺبو. ڀائرو هي ڪهڙو انصاف، ڪهڙي ريت، ڪهڙي روايت آهي جو قاتل هجن حيدرآباد يا سکر جا غنڊا ۽ ريگناهہ ماريا وڃن لاڙڪاڻي جا هيسيل، ڊنل، معصوم ماڻهو.

هي تہ ٿيو پنهنجي منهن ميان مٺو ٻڌجڻ، پڙهندڙن کي کلي ۽ عام دعوت ۽ گذارش آهي تہ ڀلي هن فقير حقير جي ساک کي سرعام واڪو ڪن. پڙدو پروردگار رکندو.

ستر ڪر ستار آئون اگهاڙي آهيان
ڍڪين ڍڪڻهار ڏئي پاندُ پناهہ جو.

**جمال ابڙو**
ڪراچي
18اپريل 1992ع

Gul Hayat Institute

# مـان مـڙد

> جنهن ٻار پيدا ڪيا ۽ پاليا، جنهن سڄي عمر پيار ۽ خلوص سان خدمت ڪئي، جنهن پنهنجي سونهن ۽ عظمت ڏني؛ جنهن ڏک سک ۾ ڳوڙها ڳاڙهي صبر ۽ شڪر ڪيو، جنهن پنهنجو خون ۽ انساني گلڙن کي پياريو. ڇا ان لاءِ سندس پنهنجي ملڪ ۾ پنهنجي جيون ساٿيءَ وٽ ٻه جاءِ ڪانهي

مان تڏهين ننڍو جوانڙو هجان! ڳاڙهو ڳاڙهو ڳتول، لڳ سڊول. پاڻ کي پاڻ ڏسي خوش ٿيو ٿيان. تيل قليل ڪري وارن کي سينگاري ٻاهر نڪران. پانيان ته سيڪو پيو مون کي ڏسي.

ڪنهن ڇوڪريءَ جي مون تي نظر پيئي پڪ ٿي ويندم ته ضرور مون تي فدا ٿي هوندي. ننڍڙي معصومڙي دل، پوءِ ته وٺي پنهنجا منڙا ناٽڪ ناهيندي. گُل جهڙي نينگريءَ کي پنهنجو ساٿي سمجهي، ڇا ڇا نه ساڻس خيالي رهاڻيون ڪندو هوس. چرچا پوڳ، ٺهڪڙا، ارڏائيون، دادلن جي دنيا.

طبيعت ۾ چلولائي اڳيئي هئم. پائيندو هئس ته ڪي رنگ رليون، من مستيون ڪجن. روح پيو اڏامندو هو. ڪڏهن جبلن جي چوٽيءَ تي، ڪڏهن ڪڪرن جي مٿان، ڪڏهن ڇولين جي سيني تي، ڪڏهن ته سمنڊ جي تري ۾ مرجان ڳوليندو وتندو هوس.

منهنجي چلولي طبيعت ۽ جوانيءَ جي رنگين نظرين مونکي هڪ هنڌ ٽڪاءُ ڪرڻ نه ڏنو. ملڪ ملڪ مان ٿيندو هڪ اهڙي ملڪ ۾ اچي نڪتس، جتي بس مون سان ڪيس ٿي ويو. منهنجي ڪچڙيءَ وهيءَ کي جڻ ته ڪنهن مُٺ ۾ نپوڙي، لڳڙو ڪري ڇڏيو. زندگيءَ جو نچڪو ٽپڪو جيڪو ٻُل پيو ڏيندو هو تنهن کي جڻ ته ڪرنگهو پيجي، ڪنهن لولو لنگڙو ڪري وڌو. حياتيءَ جو هڳاءُ ۽ زندگيءَ جي سرهاڻ سڀ ڇوسجي ويئي. اربين انسنا، ڪروڙين تمنائون، هزارين ذهني تجويزون سڀ دٻجي دفن ٿي ويئون. مون لاءِ دنيائي مري ملياميٽ ٿي ويئي.

وچ آفريڪا جا گهاٽا اونداها جهنگل، ڊٻڻين وارا ٻيلا، نانگ بلائون ۽ اجگر.

گوريلن جهڙا شيدي، ڪارا رڇ، اڇيون عقابن جهڙيون اکيون، ڪيئنئن جهڙا وار، قئي پيئي اچي. راتو رات ٻڌي ڪٽي قيد ڪيائون. ڊپ ۾ ڏر ڪان اک نہ ڪلي، ”هنا ـ هوا!“ جا آواز نغارن جا رانياٽ، ڀالن جا ڪڙڪا، هنيانءُ ڀيو ڦرڪي.

ننهن ڇوتيءَ ننگا، ڪتاريون هٿن ۾. جان ڪٽي ڏسان تہ سڀ عورتون، مرد هڪ بہ نہ. هوش اڏامي ويم. عجب جهڙا آواز تي ڪڍيائون. ننڍڙا دڦ تي وڄايائون. ٺُلهي گگهي آواز ۾ ڳائي، ڳائي نچڻ لڳيون. خنجرن ۾ ڀالن سان مون ڪي ڌِڪا ڏيندين گهليندين هڪ غار ۾ آيون. اتي ڪن ڪمزور مردن ڪي ڏٺم، جي ٻارن جي ولرن سان، هيڏن سارن جانورن ڪي، ڪلن سوڏو باهہ ۾ پچائي رهيا هئا. منهنجي تہ ڪَل مان ٺڪاءُ نڪري ويا.

اهيائٽن مان سمجهيم تہ مون ڪي ضرور ڳُهنديون، نيٺ اهو وقت اچي ويو. شور مچائيندين، گوڙ ڪنديون، مون ڪي هڪ مندر جهڙيءَ غار ۾ وٺي آيون. اتي پيم جهڙي ڏائڻ مورت زائفان جو وڏو بوتو نهيل هو. ان جي اڳيان ڏٺم تہ رت جا ڳِيما لڳا پيا هئا. بہ چٽيون نينگريون پُوٽٽيون، ڪتاريون ڪنيون بيٺيون هيون. هڪ چٽيءَ ڳُتڙ ڪان جهلي، بوتي وٽ آندو. رڙ ڪري بيهوش ٿيڻ وارو هوس تہ هڪ ٿم جهڙي ڳُراڙي ڏائڻ اچي مون ڪي ڳُرانڙي پاتي ۾ هڪ ٻڪري ڪي ڪتار هٽي اتي جو اتي ڪنائون. پوءِ تہ ناچ ڳاني جو هنگامو مچي ويو.

مون ڪي بعد ۾ اهو معلوم ٿيو تہ اهو بوتو ماتا ديويءَ جو هو ساٺ سوڻ ڪري مون ڪي هن ڳُراڙيءَ ٿم جي حرم ۾ داخل ڪيو هئائون. مون ڪي تہ ڏندڻ پئجي ويا. چيم خدايا ٻڪر هجان تہ چڱو هڪ وار ڪسجي وڃان ها، عمر جهنم جو عذاب تہ نہ ڏسان ها. ڪيئن هن ڳُراڙي ڪوڳ سان عشق ڪندس!

ان مهل پنهنجي سنڌ ديس ڪي ساريم. ڀاڙي واري رئنڊڙ نازنين ياد پيم، جنهن ڪي سٺ ورهين جي پوڙهي سان تي پرٽايائون. الا! جي هينئر منهنجي روبرو اڻين ٿئي، تہ سيني جا ميڄالا پيچي پوڙهي جو نڙگهٽ پٽي، ان نازنين ڪي جيئندان ڏياريان. ويچاري شاديءَ جي ڦندر تي، مون وانگر ڳُسجڻ لاءِ تيار تي هوندي، ڪنوار ٿيڻ لاءِ نہ. اٿين پانيم تہ ان نازنين ڪي بہ نڪاح وقت اهڙائي پواٽتا جهنگلي، اگهاڙا نرلچا انسان نچندا ۾ واڄٽ ڪندا نظر آيا هوندا.

گهڙي نہ گذري تہ ڏندري ڏائڻ مون ڪي وٺي پنهنجي پونگڙي ڏي ويئي. ڪاري رڇ، چپ پيا لڙڪنس، هڪ بيڃڙي ۾ پواٽتي، بيو اگهاڙي، سڄي گهنج گهنج. منجهائنس ڏپ تي آئي. چپن جو ٻول ٺاهي، پيلا ڏند ڪڍي ڪٽي چمي ڏنائين. لِڦ جهڙي لِڳڙي بدن ۾ ڪٽي جهليائين. مون سان چاچا نہ ڪيائين. ڪپڙا ڦاڙيائين، لِڱ ڦاڙيائين، دل ڦاڙيائين، ڇيهون ڇيهون ڪيائين.

ٻڌو هٿم تہ 'وقت' ڦٽ جو ملم آهي. پر هت تہ ويران وير وڌ هئي. جڏهن منهنجي جوانيءَ ڪي اپاري نہ سگهي، تڏهن موچڙو ڪنيائين. هڻ جو لٺ تہ رت ۾

Gul Hayat Institute

ڳاڙھو. نہ ڏٺي نہ سائين. پنھنجا ڇڏي، وڃي پراون ۾ پيو ھوس.
ھار مڃي لڄي ٿيڻ بدران، اٽلو مون تي نڪر پڇڻ لڳي. چي، "ھڙو تھڙو گھر سان سچو نہ آھي، ضرور ڪٿي اک اڙي ھوندس". مون واري سَس ۽ ساليون بہ اچيون چنبا ھڻن ۽ پوندا گھروڙي ڏين. چي، "ڪاريءَ تي پير پيو سون، جو پنھنجي وسن جھڙي مومل جو ھِن نياڳي سان پلئہ اٽڪايوسين!"
منھنجي زال کي صلاح ڏنائون تہ گھينس، پر ھن پوڙھيءَ کوڳ جو مڙئي ڪو مون تي ھرک ھارجي ويو ھو سا آنا ڪانا ڪرڻ لڳي. نيٺ مون واري سالي تيار ٿي تہ مان تي گھانس.
ڪاوڙ تہ ڏاڍي لڳيم ھيءَ تياڪڙ ڪير، پر ھوءَ ڇوي غيرت جو سوال آھي. مون کي اکين ۾ پاٽي پرجي آيو. پنھنجي پياري ديس ۾ مون ائين ڪڏھن نہ سوچيو ھئو تہ زائفن کي بہ غيرت ٿيندي آھي، ۽ ھُوءَ بہ مڙسن کي ڪارو ڪري ماري سگھن ٿيون.
ھڪ رات وجھہ وٺي ڪڙي ڪنيم. نو عمر بلڙو اٿڇاڻ، پتو نہ پوي تہ ڪاڏي وڃان. مٿان وري بادشاھي زائفن جي، جتي جيڪا مليم، سا ڪٽيو قابو ڪريم. چڻ تہ مان انسان نہ، پر بي جان ڪسرت گاھہ ھئس. منھنجي جسم جو ذرو ذرو لُہي ڇڏيائون. پاڻ کان بڇان اچڻ لڳم.
ٽڪن تي وڪامجڻ لڳس. مٿان وري قھر اھو ٿيو جو معاملو برادريءَ ۾ پيش ٿيو. اوڙي پاڙي جون سردارڻيون پگڙ ٻڌي گڏ ٿيون. مون کي موچڙا ھڻي اصلوڪيءَ زال جي حوالي ڪيائون.
خدا خدا ڪري منھنجي گھر واري، جا ھونئين قبر جي ڪنڌيءَ تي ھئي، مري پئي. مون لک شڪرانا بجا آندا. پر اڃي پيو ممڻ متو. سندس نٺديون وڏيون وارثاڻيون اچي اٽڪيون تہ ھن جوان تي حق منھنجو آھي. چڻ تہ مان ڪا ملھہ ڳڏي وتو ھئس. نيٺ مون کي بہ ورھائي ڪنيائون. جنھن ساليءَ جي حصي ۾ آئون آيس، تنھن مون کي وڪڻڻ چاھيو پر مون کي ڪو وٺي ڪونہ! پوڙھيون پوڙھيون جي پاڻ چار چار مڙس رکيو ويٺيون آھن، سي بہ ڪٽيو نڪ ڇڀو ڪن. چي "ڪنوارو تو روئي آھي، نہ مائي نہ، ڪير وٺندو!"
مون کي تہ باھہ وٺي وئي، پاڻ ڪھڙيون ڪنواريون ھيون. ھار سينگار ڪريو لوفرن وانگر ويچارن شريف گھر ويٺل لڄارن ڇوڪرن کي خراب بہ ڪن، ۽ مٿان ڇون تہ ھيءَ ڇورو خراب آھي، اسين نہ وٺنديوسين! پوءِ بہ سيڪو پيءُ، ڏاڙھي ٽنگيون پيو اھڙين لوفرياڻين کي منٿون ڪري تہ اسان جو نينگر قبوليو. منھنجو شان ھيءَ بي عزتي برداشت ڪري نہ سگھيو. ڪو ويچارو معصوم نينگر ھڪ وار ٻُلجي پيو تہ عمر لاءِ ڇٽو! پاڻ پيري ٻڌاڪ پيون ھٽنديون تہ اسان سان ھيترا ڪي ھيترا ڇوڪرا نھيل آھن. ٻلا جي ھڪ ھڪ کي سريت ھوندا تہ ڪھڙو ڇوڪر


Gul Hayat Institute

هميشہ لاءِ جدا ٿيس.

پوڙهو ڪڪ ٿي ويو آهيان. ستر سالن جو. چمڙو پيو لڙڪيم. ڳل پيهي ويا اٿم، پرون اڇا، در در جون ٺوڪرون کائيندو وتان. پنهنجي اولاد کان جدا. ڳوڙها بہ سُڪي ويا اٿم. پيشانيءَ تي هٿ رکيو لٺ ڪنيو دور دور ڪنهن کي پيو ڳولهيان. ڀاروٽو ساروٽو ڀِن جو ٽُڪر ڪڏهن مليم ڪڏهن نہ ... اهو آهي ڀچاڙيءَ ۾ حال. ٽُڪر ڳيي لاءِ دڙڪا، ٺابا ۽ ڌڪا. جنهن ٻار پيدا ڪيا ۽ پاليا، جنهن سڄي عمر پيار ۽ خلوص سان خدمت ڪئي، جنهن پنهنجي سونهن ۽ عصمت ڏني، جنهن ڏک سک ۾ ڳوڙها ڳاڙي صبر ۽ شڪر ڪيو. جنهن پنهنجو خون انساني گُلڙن کي پياريو. ڇا ان لاءِ سندس پنهنجي ملڪ ۾ ۽ پنهنجي جيون ساٿيءَ وٽ بہ جاءِ ڪانهي! ... ملڪ جي مٽيءَ جو ذرو ذرو سندس خدمت ڪري تہ بہ هن جي ڳڻن جو بار لاهي نہ سگهي.

ملڪ جوُ خيال ايندي، منهنجي دماغ ۾ جوالا ڦاٽي پيو. نہ نہ! منهنجو مٺڙو ملڪ اهڙو ڳڻ چور نہ آهي، ستر ورهين ۾ ضرور مَٽيو هوندو. ڪو جهنگلي پوتن جو ملڪ نہ آهي. منهنجي ملڪ جي مٺيادار ماڻهن ضرور ڪوہن وانگر ڪنڌ بہ ڪپائي پنهنجين گگدام مائرن، پيئرن ۽ نياڻين جا نير ٺوڙيا هوندا. پر جي نہ، تہ ... منهنجون پوڙهيون تسون ڦُنبجي پيون. هزارن ڪوهن تان پيو ڇا ٿي ڪري سگهيس! نشتر هٽي رت ڪڍيم. رت جي ڏار سان هيءُ پيغام لکيم. "جي توهان ٽائين پهچي وڃي تہ پوڙهي جي رت جو قدر ڪجو! مڙسَ ٿجو! "

# بدتميز

> **مان ساڻس گڏجي ٽانگي تائين آيس، ڏهين روپين جو نوٽ ڪٽي هٿ ۾ ڏنومانس. ڪِلي واپس ڪيائين،" واهه صاحب، مان اهڙو بدتميز آهيان! "ٽانگو روانو ٿي ويو. ڦيٿا ڦِرندا ويا، سنبن جي ٽاپ ٽاپ، ٽانگي جي ڪڙڪڙ ۾ ...بيل گاڏيءَ جا چيڪٽ ملي هڪ ٿي ويا ... "بدتميز... بدتميز... بدتميز..."**

مان مئجسٽريٽ آهيان. پئسي وارو آهيان. مُڇيءَ ماني وارو ۾ ڪجهه هلنديءَ پڄنديءَ وارو. منهنجي ڪِڪڙي بيمار ٿي پيئي. سڄ پئي لٿو پڄندو ڊاڪٽر ڏي ويس.

ڊاڪٽر صاحب جي ڪمائيءَ جي سيزن، موسم هئي، ڪُتو نه ٿي پڳو. نرڙ ۾ گهنج، چڙيو چڙيو ٿي ويو. مريض پچ پچ ٿي، هي دڙڪن ٿي. مون کي ڏسي مشڪيو "اچو سائين!". دلداري ڏيئي چيائين،"اجهو تا هلون!". تڪڙ ڪانه هئي، ويهي رهيس. چيومانس، "پلي ڪم اُڪلائي وٺ!"

هڪ ڍڳي گاڏي چيڪٽ ڪري اچي بيٺي. پلال جي تيلن تي، ڪتل ۾ گريءَ رليءَ ۾ بيمار پيٽو ٿيو پيو هو. جوٽس ٽيڪ ڏيئي وٺي آيس. اڌڙوٽ عمر جو ڪڏون پئجي ويون هئس.

اتر پئي لڳو پر هن جي قميص کي پيڙا ڪونه هئا. ماس ڪوريل پاسيريون، مٿان انساني 'چمڙو' ... سيءَ جو بچاءُ ... الله سائينءَ جي عنايت جو کليل اظهار.

ڏاڍي لوچ پوچ هئس، زبان تارونءَ سان پئي لڳس، "ڊاڪٽر صاحب باهه!" ڊاڪٽر به ڏانهنس ڪجهه ڏيان ڏنو. "سوڍا پيءَ!" مائيءَ مڙس ڏانهن ڏٺو مڙس زال ڏانهن. گهٽو ٿي ڪجهه ان گهڙيءَ ۾ نظرن سان ڳالهايائون. مائيءَ کي جيئن نه ڪو سخاوت جو غلبو اچي ويجي، "ڊاڪٽر، مني سوڍا پئي؟" ڊاڪٽر هو ڪم ۾ رڌل، چيائين، "هائو!" مائيءَ پنهنجي وڏي ڳڳهي جي ننڍڙي کيسي مان به ٽي آنا ڪيڏي ترِيءَ ۾ جهليا.

مائيءَ جي ڪچ ٿي، بيمار جي ولي عهد، خالي چولڙي ۾ هونگڙون ڏيندي، پيشاب ڪري ڏنو. ڦينگون ٿي ويون. پار به رنو ڊاڪٽر به خفي ٿيو. مائيءَ پاهر وچي چولو نپوڙيو... مني سوڍا رهجي ويئي. ڪنهن نه ورجائي.

# پِيراٽــي

بروھين جا ڪتا سنڌين کي ڏسي چِتا ٿي پيا. ھوءَ ھا مچائي ڏنائون. پيراٽي پنيءَ اڳھاڙي ڄُنبا ڪليل، پڇي وچي ماءُ جي چولي کي جھليائين. لالوءَ جي پيءُ ڪيس ھٿ لاءِ ڏنو.

پيراٽيءَ جي پيءُ پڪائي ڪندي چيو، ”ڏُبرو (ڏبري) ناھي! “ڪتن پونڪ نہ ڇڏي. ڳوٺ جي ٻاھرئين رستي تائين پونڪندا ڊوڙندا آيا. ڪين ٻاھر ڪڍي پُڇ لوڏڻ لڳا ۽ بدن کي ڏُوٽي تِڙي پڪڙي ويا. ھنن پنھنجو فرض پورو ڪيو.

ٺَڪر تان بِروھين جي لَڏ ٿي لٿي. سياري جي شروعات ھئي، جابلو پَٽن تان خشڪ ھوا سنھڙيون پٽريون گھليون ٿي ويئي. ٻہ ٿي ڏاند ھئا، جن تي سامان لڏيل ھو. ھڪ اُٺ جنھن تي بانس جون لٺيون ۽ ڏنبا سنڌ ۾ وڪري لاءِ ڪنيل ھئا. ٻنيان ٻہ ڪتا پيچ لوڏيندا پڳا ٿي آيا. مَرِدن جا پير اگھاڙا، سٺون قاتل ۽ لُنڊيون. مٿن ۾ عاليشان ٽڪرن وارا پرت پريل ميرا ۽ گندا ٿوپ. وڏا وار خشڪ، اٽيا ۽ ڇيڙھہ پيل. زالفن کي سھٽي ڪٽل پرت سان ڍڳھا ڳڳھا. ڏاندن تي وڏا ٻورا رڪيل، جن ۾ ڏاس جا وٽيل رسا پيل. ننڍڙا ٻار ڏاندن تي چڙھيل، مائٽن کي سنھا لڪڻ ھٿ ۾ جن سان ڏاندن کي ھڪليندا ٿي آيا ۽ سريلو ”ھي۔ ھون“ جو آواز پئي ڪيائون. شڪلين جا سھٽا ۽ شاندار بدن جي بيھڪ ٺاھوڪي.

ھڪڙي ھنڌ مانجھاندو ڪيائون. گودڙيءَ مان سُڪل مانين جا ٽڪر سيني کي ملي ويا. ٻئي ٻُجڪي مان سڪل ڏڌ جا اڇا ٽڪر ڪڍي، پاٽيءَ جي ڄمن ۾ وڌائون ۽ سيني ٻہ ٿي ڍڪ پريا. ننڍڙي نون سالن جي پيراٽيءَ چيو ”سنڌ ۾ شيون ڪوڙ ۽ سنيون سنيون!“ پٽس ٿوپ لاھي ڄُونئن ھاٿو مٿو ڪِنھيو. ماٽس خفي ٿي ڏانھس نھاريو. ٻين ٻارن جي آڏو مٺين مٺين شين جون خيالي قطارون گھمي ويون.

سنڌ ۾ ٻلال جي جھوپڙين ۾ ويٺا، ٻلال تي سمھيا ۽ ٻلال جا جوتا ٺاھي پاتائون. بانس جون لٺيون ۽ ڏاسن جا رسا وِڪيائون. ڪڏيون ڪيائون ۽ ڪيٺون ڪڍيائون.

اجهڪي سان نڪري آئي. ٻاراڻيءَ ڪچيءَ نڙيءَ مان گگهو آواز اچڻ لڳو اوپاسين ۾ سُڏڪن ۾ يڳل، ٽٽل،" ابا...، امان..." ٽي نڪتس. ڪنهن ڪيس سڏ نہ ڏنو. لالوءَ کي ٻاهہ وٺي ويئي، ڪاٽي ڪٽي آيو. اکيون ڦوٽاري چيائين، " بس ڪر نہ تہ گهندوسانءِ".

متيءَ ۾ پيل پيراڻيءَ سڄي رهيل طاقت سان چيخ ڪئي ... ... مائي ياڳل پنهنجي ننڍڙيءَ ڌيءَ کي چڪي ڇاتيءَ سان لاتو. ٻڪريءَ ڪن اُيا ڪري پيڪاٽ ڪيو ۽ ڦر کي چٽڻ لڳي.

پيراڻي اڄ بہ جيئري آهي، سندس هڪ پُٽ پوليس وارو آهي ۽ ٻيو جيل ۾ آهي.

Gul Hayat Institute

# شاھ جو قُر

ممڙيءَ اکيون کولي پيءُ کي دانهن ڏني، ”ماما ... شائين ... پيشوا! “پٽس ممڙيءَ جي مٿي تي هٿ رکيو. سندس وار وار ڪڙو تي ويو. هن اصل نہ رنو. سندس بدن مان چڻگون ٿي نڪتيون. هن جون ناسُون ڦوٽارجي ويون، مُڪون ڀيڙجي ويون، ڏند ڏندن سان ملي ويا، اکيون هڪ هنڌ ڪپي ويون. ويون نئديون ٿينديون، ويون نئديون ٿينديون جڻ تہ ڪاٺ هئا ۽ چيائين، ”شاھ جو قُر!“

مريم ڏاڍي وٽندڙ هئي. سڀ کي چوندي هئي، ”ماما!“ پنجن ڇهن سالن جي ٻارڙي هئي. وار ڪڪا، گلابي رنگ، ۽ ننڍڙيون ٻانهون اهڙيون گول ۽ وٽندڙ جو ڇا ڳالھ ڪجي، پير اگهاڙا، مٿو اگهاڙو سنهڙي پوتي ڳچيءَ ۾ وجهيون پيئي ڊوڙندي، ڪلندي ۽ ڪڙڪندي هئي، جهڙو فونو. ڪنهن ڪان نہ ڊڄندي هئي. ڊوڙندي ڊوڙندي ڪنهن کي پنيءَ ۾ مڪ هڻي ويندي، وٺي ٺمڪڙا ڏيندي. سڄي پاڙي لاءِ وندر هئي. سڀ ڪيس ڇيڙائيندا هئا. چوندس، ”ممڙ يا!“ هوءَ وري وات چٻو ڪري، اکيون ترڏائي، چيلھ تي هٿ رکي، چوندي، ”ممڙا!“

دوڪان جڻ ڳوٺ جي اوطاق هو جيڪو ڪم ڪان واندو ٿيو سو اچي دوڪان تي وهندو هو. ڪو صندل تي، ڪو ڪٽ تي، ڪو ٻير جي هيٺان پٽ تي. ڪنهن کي ڇٻي لوهي ڪرسي هٿ ايندي، تہ ڪو سِر هيٺان ڪري ويهي رهندو. پوڙها حقي تي، تہ ننڍڙا ٻيڙين تي پيا ڪنگهندا ۽ ڪانگهارا اڇليندا. ڪي گهٽي ڪم جا نيوڙيل، تہ ڪي ڳٽتين جا ڳاريل. ڪنهن جو رت چوسيل ۽ رڳون ڦونڊيل ۽ ڪي وري اٽپوريءَ خوراڪ جي ڪري ڪٻاٽيل. ڪنهن جا ڀِرون پورالن وانگر مٿي ڇڪيل هوندا. ڪو ڪاوڙيو ايندو ڪو بيگر وهي آيو هوندو تہ ڪنهن تي تازي پوليس جي سمن آئي هوندي. ڪي بنا ڳالھ جي پيا کِلندا ۽ ٽوڪون ڪندا، ۽ ڪي هِيسيل ڪُوئي وانگر اکيون پيا مِڇڪائيندا. ڪي تہ نفرت مان ڪنڌ پاسيرو ڪيو ڀُنيرا وينا هوندا. جڻ تہ جيڪي ٿئي پيو تنهن سان واسطو ئي ڪونہ اٿن.

Gul Hayat Institute

ممڙي سيني لاءِ بنا پئسي ناٽڪ هئي. ڪنهن موڙهل جي منهن ۾ جُوهه وجهي وٺي ٺهڪ ڏيندي، ڪڏهن ڪنهن ڪاوڙيل جي ڪلهن تي ٽپو ڏيئي وٺي لوڏيندي، ڪڏهن لِڪي لِڪي ڪنهن جو نڪ ڪٽي جهلندي. سڀ ڏند. تيڙي وٺي ڪلندا. ممڙي وٺي پڇندي. جنهن سان حرڪت ڪئي هوندائين، تنهن جو هوريان هوريان پاسو اچي وٺندي ڇي، "ماما پئسو ڏيا" جي پئسو نه هوندن ته به پنهنجي ڪنڌي ڪيس شيءِ وٺي ڏيندا.

سندين وڏين دلين تان چڙ ته ڪو ڳورو بار ممڙي پنهنجي ننڍڙن هٿن سان ريڙهي ڪٽي پري ڪندي هئي. ممڙي هار اصل نه مڃيندي هئي. جي ڪو پئسو نه ڏيندس ته چوندي، "ماما جونءِ ڪيڊانءِ!" پوءِ ته پنهنجن ننڍڙن نهن سان وار پٽي ڪيندس. ڪو دڙڪو ڏيندس ته ويچارا ڪيندي، خالي هٿن سان اِرون ڪندي، پڇاڙيءَ روئي به وهندي. جنهن وقت ڇپ ٻاهر ڪيي، هٿ اک تي رکي سُڏڪا پريندي هئي ته ڳوناٽن جي رُڪي، ٺوٺ زندگيءَ جي سموري محبت گڏ تي اُڇلون ڏيندي هئي. ممڙيءَ کي بي اختيار جهلي، هوا ۾ جهپي ڪٽي هيٺ رکندس. ممڙي شرمائجي، مشڪندي ۽ پرچائيندڙ کي هوريان ٺڪ هٽي ڪيندي. اهو سندس فتح جو اظهار هو.

پيءُ لاءِ ته بي بها خزانو هئي. ماٺ ڪيو ويٺو مشڪندو ۽ خوش ٿيندو هو. ٻين جي چوڻ تي پيءُ کي به چيڙائيندي هئي. ڪيس ڏڪ هڻندي، نڪ پٽيندي ۽ ويچارا ڪيندي هئي. جي پِٽس ڪاوڙجي شوڪي نهاريندس ته ڊوڙي وڃي ڪنڌ ۾ ڪيس چنبڙندي هئي. سندس هار مڃڻ جي اها خاص نشاني هئي. پيءُ کي به چوندي، "ماما"!

پيرل شاهه ڪو شهر جو چڱو مڙس ڪونه هو پر سڀ ڪيس سائين پيرل شاهه چوندا هئا. سيد جو سڏائيندو هو! ڳوٺ جي پرئي مڙس کي ته ڪو ليکيندو ئي ڪونه هو. هُو غريب پنهنجي مٽي ڪنهڻ ۾ پورو هو. پيرل شاهه کي چڻ سرڪار دو جهانِ وٽان سرٽيفڪيٽ مليل هو ته تون افضل ۽ اعليٰ آهين. بوڪڙو مُلا به سندس هٿ چمندي ڏاڙهي پيا ڏڪائيندا هئا. عام رواجي ماڻهو ته سندس موچڙي ستيا هئا. سيني جو ڪم هو ڪيس' پيرين پوڻ' . سندس چٽي ۽ بي ڊولي ڏاڙهي ڪاڏيءَ طرف وريل هوندي هئي. سدائين سُرمو پائي تيل هٽي نڪرندو هو. ڪنڌ مٽي جهلي، پولهه ٻاهر ڪيي، ٻانهن جي لوڏ ساڻ پاڻ کي ڏڪيندو هلندو هو. سپاٽي جي ڪُڙي پير سان ٺڪاءُ ڪندي ايندي هئس. ڪنڌ مٽي هوندو هوس پر اکيون نور وانگر ڦِرنديون ايندي هئس ته ڪو مون تي ڪلي ته ڪونه ٿو.

شاهه لنگهندو هو ته ممڙي به ماٺ ٿي ويندي هئي. سندس وڃڻ کان پوءِ ڪنڌ مٽي ڪري، پير مٿيءَ سان گسائي، ٻانهن کي پوئتي سَٽي، ڏُڏڪ ڪري هلي ڏيکاريندي هئي. جي شاهه ڪنڌ ورائي پوئتي ڏسندو هو ته منهن ڦيرائي وات تي



Gul Hayat Institute



اهليه علي خان ابڙو
والده



علام علي خان ابڙو
والد



شمس ابڙو وڏو ڀاءُ



ڪمال ابڙو ننڍو ڀاءُ

Gul Hayat Institute



نبي بخش بلوچ



غلام رباني آگرو

Gul Hayat Institute



ايم ايچ پنهور



جمال ابڙو اُتم ۽ ڪشور ناهيد
الماتا ڪانفرنس ۾ 1974



جمال ابڙو فيض احمد فيض، اتم ۽
افضل رنڌاوا 1974 ماسڪو ۾



جمال ابڙو پنهنجن ٻين
ساٿي حجن سان گڏ

Gul Hayat Institute



جمال ابڙو استاد بخاريءَ سان گڏ




شاھہ عبداللطيف ڀٽائي بابت قومي ڪانفرنس ۾ ڊاڪٽر قاضي خادم،
پروفيسر سليم ميمڻ ۽ شبنم موتي سان گڏ

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر پاران
شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بابت قومي ڪانفرنس جي صدارت ڪندي.




ثقافت ۽ سياحت کاتي پاران
جمال ابڙو سان ملهايل رهاڻ



جمال ابڙو جشن وليد اسڪول جي
هڪ تقريب ۾



موتي پرڪاش ۽ ٻين دوستن سان گڏ



وليد اسڪول لاڙڪاڻو ۾
بيگم اشرف عباسيءَ سان گڏ

Gul Hayat Institute

دينوءَ مون ڏي رڳو نهاريو. چي، ”سائين مان دين محمد آهيان!“ چڻ تہ ياد تي ڏياريائين. مون چتائي ڪيس ڏٺو. هُو واقعي دين محمد هو. نرڙ تي سجدن جو ڪارو نشان، پيڏيون گنل، پير ڦٽل، نيڪ نمازي، نہ ڪنهن جي ٻن ۾ نہ ٽن ۾. مون کي جلوو اچي ويو. ڇو سندس سونهاريءَ کي پٽيو ويو؟ ڇو سندس نمازي نشان تي ٺڏو مليو ويو؟ ڇو سندس انساني وقار کي چيڀاٽيو ويو؟ ڇو سندس عزت کي لتاڙيو ويو؟ مون دينوءَ جي انساني جسم کي ڏٺو. مون ان ’احسن تقويم‘ کي ڏٺو جنهن کي ڏوڙ ۾ ڏونڌاڙيو ويو هو جنهن کي گڏھہ تي چاڙهيو ويو جنهن کي ’اسفل سافلين‘ بنايو ويو هو. هُو ننهن کان چوٽيءَ تائين ڇٽيل، لُبيل ۽ پيليل هو. هن کان رکي رکي ڇرڪ تي نڪتا. هن ڪُوڪون ٿي ڪيون. جيئن ڪا ڪنپيل سرڻ اجڙيل ڇانگن تان زيلون ڪندي هجي.

بدن مان سيسراٽ نڪري ٿي ويا. لڳن جا اڪيچار وار، هزارن سوالن جون نشانون بڻجي، اڀا ٿي بيٺا. ڇو؟ ڪنهن؟ ڪيئن؟

دينوءَ سڏڪا ڀريا. چي، ”سائين ڊمب ماڻهن جا هٿا!“ منهنجي نظرن جي سامهون ماڻهن جا ميڙ ڦري ويا. شهري ماڻهو پڙهيل ماڻهو امت ـ رسول. هنبوڇيون هڻندا، شور مچائيندا، ڍولڪيون وڄائيندا، چونڪن ۽ گهٽين مان ڦرندا، پوليس سرپرستيءَ ۾، گڏھہ تي چڙهيل دينوءَ تان ڪِلون ڪندا، هُوڪرا ڏيندا، پٿريون ڇُٽيندا، ٺُڪون هڻندا، لعنتون ڪندا ٿي آيا. دينوءَ تي، دين محمد تي، ماڻهوءَ تي، ماڻهوءَ جي ٻچڙي تي، انسان تي، آدم جي اولاد تي! گڏھہ پُڇ مٿي ڪري هِينگ ڏني. ڏند شيڪي، ڳاٽ اوچو ڪري، مٿي نهاريائين. چڻ تہ آسمان جا ويچارا ڪيڏيائين ... دينوءَ جو ڪنڌ هيٺ، رتو رت لاش ٻٽيو ٿي ويو. انسانيت جو لاش گڏھہ جي ڪلهن تي، گڏھہ پستيون ٿي هنيون، ماڻهن ٺهڪ ٿي ڏنا.

منهنجا ڏند پڪوڙجي ويا. منهنجون مٺيون پڪوڙجي ويون. وڃي دينوءَ جي پرسان بيٺس. ڀانيم تہ ڪٽي ڀاڪر پايانس. اڪر نہ اُڪليم. ڇيومانس، ”دينو تون شهر وئين ڇو؟“

”سائين مُجاور گهلي ويا!“

”مجاور؟“

”سائين مون منل پير جو پٽ لاٿوا!“

مون کان دانهن نڪري ويئي، ”دينوا!“

دينو سچو ساٺو ٿي ويو. منهنجي منهن کي ڏٺائين. وٺي پڳو. مون سٽ ڏيئي ڪيس جهلي ورتو. دينوءَ کان دانهن نڪري ويئي،”الاڙي“! ٻانهن ڪٽي منهن کي ڏٺائين. چڻ تہ مان ڪيس چماٽ هڻي رهيو هوس.

”سائين پٽ ريشمي هو ۽ جيڪو اترادي وڏيري وڌو هوا“ دينو سچو ٿڙڪڻ لڳو. چڻ تہ ريشمي پٽ کي ياد ڪري، وري چوريءَ تي سنيريو هو.

Gul Hayat Institute

مون کي ياد آيو اجا ٽيون ڏينهن، پِير تي اهو پڙ وڌو ويو هو. مسين مسين وڏيري جي مراد پُني هئي. ورهين کان پوءِ پير سائينءَ ماڙ ڪري پنجن ڏيئن مٿان ڪيس پٽ ڏنو هو. پِير ڏني ملڪيت جو وارث. وڏيرو وڏي ناٺ ۾ ادمبر سان ريل جو گاڏو پرائي، بارين ٻچين اچي نڪتو هو منڊل لڳي ويا. دهلن جو زيپٽ، شرنائن جي ڌم، ڌمالون ۾ ڪڳيون، سهرا ۾ راڳ. وڏيرو وڏي چوچ ۾ هيج مان پئي هليو. دل کولي خرچ ڪيائين. ٻڪريون تي ڳنيون، ڪيريون تي نچيون. گهور به گهور هئي! وڏيري جي ڳِتن ۾ ڏاڙهيءَ تان، ڪيري ڌهين ڌهين جا نوٽ، پٽيو ڪنيو تي ويئي. پنگ جي گهرڙ گهوٽ، چرس جا سُوٽا. موالين جا توتڪا، فقيرن جو ڌمچر، لٽ لڳي پئي هئي. زائفن جا سهرا، يارن جا مُچن تي هٽ، قبي ۾ اونداهه ۾ ڳاهٺ، گس گسان لڳي پيئي هئي. ديڳيون پئي لٽيون ۾ چڙهيون. ڪتن به اُلٽيون ڪيون. پڙ ته نه هوا! جرڪا پي ڪيائين. ريشمي، بخملي، زريدار. دينو هاٽي لُچڻ لڳو. وٺي ليلڙات ڪيائين، چي، "سائين مون کي چڏ. منهنجو ٻچڙو الائي ڪيئن ٿيو!"

"اڙي ڪير، گلاب؟ ڇا ٿيو اٿس" مون کي دينوءَ جو ٽن سالن جو گلاب جهڙو معصومڙو ياد پيو. الهه ڏنو اسين ڪيس گلاب ڪري سڏيندا هئاسين. ڪپهه جو ٿوپ مٽي ۾ وجهون، چولڙو پايو ڪانيءَ کي گهوڙو ڪيو ڊوڙندو وتندو هو. منهنجي اوچتي همدرديءَ تي دينوءَ جو ڦٽڪڻ بند تي ويو. هيڏو سارو مڙس، ڇَپ ڪٽي ڪڍيائين. اکيون به عجب آهن. سُوريءَ تي سڪيو وڃن، همدرديءَ سان ڇُلڪيو پون. ويچاري انسان جو ٻاهريون ڏيک، همدرديءَ جي هٿڙن سان پرڻ ٿيو پئي. پوءِ ته ٿوراٿتو تي دلڙي ڪٽيو ٻاهر ڪڍي.

دينوءَ سان به ساڳي ڪار تي. ٽمندي ٽمندي چيائين، ته "سائين ڪالهاڪون ٻڙ ٻٽ پيو آهي. چون ٿا ته خناق اٿس. سرڪاري ڊاڪٽر سُيون ٿو گهري. ٻه ويهون لڳنديون!"

ڳالهه ٻڌي منهنجا ڪپاٽ کُلي ويا. دينوءَ پنهنجي ڏاڙهي گلاب جي خوشبوءَ لاءِ ٽِتائي هئي. دين محمد پنهنجو منهن ڪارو الهه ڏني کي بچائڻ لاءِ ڪرايو هو. انسان پنهنجي عزت، ڦل کي سانڍڻ لاءِ لٽائي هئي. دينوءَ پاڻ کي رتورت زنجير- حيات جي ڪڙين کي ڳنڍڻ لاءِ ڪرايو هو. هُن، پادرن جي ڪنڌيءَ انسان جي ازلي فرض، قانون-پيدائش کي قائم رکڻ لاءِ پاتي هئي. هُن ڦِٽ لعنت ۾ ٽُڪون، ماءُ جي هنج کي پيريل ۾ پرپور رکڻ لاءِ سنيون هيون. مبارڪ هئا دينوءَ جا هٿ، جن سوَن معصومن جي رت ۾ ٻوڙيل پڙ کي لاهي، وهم، جهل ۾ ظلم کي نانگو ڪيو هو. سندس پاڪ هٿ اتي وجي ڪيپا هئا جتي صدين جي بي جان هڏن تي جاندارن جو رت هاريو ويو پر مشڪندڙ مکڙين لاءِ تتو پاڻي نه هو. جتي ڏتي پاڻ کي پٽ پٽيهر ۾ ويڙهيو تي ويو پر ٽڙندڙ غنچن کي ولهه ۾ ساڙيو تي ويو. بانس ۾ ڏپ کي ڪنڊيڙيو تي ويو پر گلاب جي سرهاڻ کي ٻوساتيو تي ويو. مٽل کي جيئاريو تي ويو ۾ جيئري

کي ماريو ٿي ويو. الله مارئي کي اٿاريو ٿي ويو. الھہ ڌني کي ليٽايو ٿي ويو. پٽڙ کي پوڄيو ٿي ويو. روح کي ڪُٺو ٿي ويو. گابي کان رنيون ڪرايون ٿي ويون ۽ لات ۽ منات کي ڪڙو ڪيو ٿي ويو. مبارڪ هٿا دينوءَ جا هٿ جن سڀ کان پهريان اهو پليتائيءَ جو پڙ لاٿو هو. دينوءَ جا هٿ جن سڀ کان پهريان اهو پليتائيءَ جوپڙ لاٿو هو. دينوءَ جي هٿن پنيان سوين ۽ هزارين، لکين ۽ ڪروڙين هٿ ڪڇندا نظر آيا. جي هوائن کي چيريندا، فضائن کي وڍيندا، زمينن کي کوليندا، آسمانن کي ڦاڙيندا، لڪل خدائن کي گهليندا، سندس پاندبو ڦوڙيندا، سندس چنبا توڙيندا ويا، اهي ڪوڙا ۽ هٿرادو خدا جن صدين کان پتلين جو ناچ ٿي ڪيڏيو دين محمد جي هٿن ڪانئن واڱون کسي وتيون.

مون دين محمد جي رتو رت جسم ڏانهن ڏٺو. سندس پالي پولي منهن ڏانهن ڏٺو ۽ سندس لڪل قوتن جو اندازو لڳايو. ڪيس هڪ ئي اون هئي. گلاب جي ۽ گلاب جي سرهاڻ جي.

منهنجي دل، دينوءَ جي دل سان گڏ لڙهڻ لڳي. دل ۾ دهڪو ٿيو. ڪٿي دينوءَ جو هٿ جهليم. ٽنگون ٿڙڪڻ لڳيون. ساهہ روڪجي ويو. گهڙي ڪن هڪ ٻئي کي ڏٺوسون. چُپ چاپ سهڪندا، وسوسا ويڙهائيندا، ڪنڌيءَ اندر ٿيا سون. ڇوڪر ماءُ جي هنج ۾ اوباسيون ٿي ڏنيون. ماٽس کان رڙ نڪري ويئي، " گلاب پيءُ!" ٻارڙي وٺي دانهن ڪئي، "ابا!" دينوءَ دانهن ڪئي، "منهنجا ابا!" پوءِ تہ حشر مچي ويو. ماءُ پيءُ ٻاڪارڻ لڳا. دين محمد دانهون ڪيون. ڪتي رومڙ ڪئي. هوا گهوگهٽ لائي ڏنا. نم پن ڇاٽي نانگي ٿي بيٺي. ماءُ وار ڇوڙي ڇڏيا. گلاب ڪومائجي ويو. الله ڏنو لُتجي ويو ماءُ لتجي ويئي، دين محمد لتجي ويو.

پري وڻن جي وچ ۾ قبي جي اندر پٿرن مٿان ڏيئن جي جهومر ۾ قيمتي پڙ تجلا ڏيئي رهيو هو. سنها سنها تجلا! جڻ تہ سُيون هيون، خناق جون سيون! ٻاهر موالين جا ٺهڪڙا پئي پيا. پِير ڏني جي جمر تي، الله ڏني جي موت تي. سلفين جا دگاڙا تي لڳا، پيرسائين منل جا دنبها تي هنيائون. دين محمد جا نالا وٺي لعنتون ٿي موڪليائون.

Gul Hayat Institute

# هُو حرُ هو...

هڪ پوليس آفيسر خيري جو احوال ٻڌايو، "پَٽ کان ڏيڍ فُٽ مٿي ويڪري ڇاتي، سيني تي گولين جا ٻ پَٽا، رائفل ڪُلهي ۾، بغل ۾ پستول، قد پُورو پُنو، بدن مضبوط، سنهڙيون وٽيل مڇون، ۽ گهنڊيءَ تي ڏاڙهي، رنگ جو ڳاڙهو، نهايت شاندار، همت جو مجسمو، مردانگيءَ منجهائس اُڇلون ٿي ڏنيون. هزارن سندس منهن ڏٺو، اخبارن ۾ سڀ احوال آيو۔ ملڪ ٺري پيو. پوليس ڪِلي ڪِلي هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏنيون. مون کي الائي ڇو افسوس ٿيو.

هُو حرُ هو. مشهور حر، خيرُو خاصخيلي. سندس رت نئون هو. پير صاحب پاڳاري کي انگريزن قيد ڪيو. حرن ۾ ڪُهرام مچي ويو. خيري جي رڳن ۾ جنسي باهہ ٿي ٻري. سندس بدن ۾ جڻ تہ پيٽرول پئي وهيو صرف چڻگ جي ضرورت هئي، جا لڳي چُڪي هئي. سندس گهر ۾ ماءُ ۽ ننڍڙي ڀيڻ هئي. انهن بہ کيس چيو تہ "وڃي فقيرن سان مِل!"

سنڌ سُونهاري جهنم جو ٽڪرو بڻجي وئي. ريلُون ڪِريون، ڌاڙا لڳا، خون مٿان خون، مٿان اچي ملٽري ڪڙڪي. باهہ تي گاسليٽ پيو.

خيري جو واھڻي منهن ڦِري هيبتناڪ ٿي پيو. اکيون ڳاڙهيون، "ڀيج پاڳارا!" چوندي منجهائن رت ٿي ٽِميو. خشڪ چپن خُون تي گهريو.

ڪئين مقابلا ٿيا. گولين جا مينهن ٿي وسيا. ڳوٺن کي باهيون ڏنيون ويون. ملٽريءَ جا مڪڙ اچي لٿا. ملڪيتون ۽ لڄون لُٽيون ويون.

خيري جي ننڍڙيءَ ڀيڻ کان پُڇيو ويو "ڀاڻين ڪٿي؟" مضبوط جواب آيو "ادو مري ويو!" کيس زور مان چماٽ لڳي، ۽ وڃي ڦَهڪو ڪيائين. ماڻس کي ماريو ويو. پوڙهيءَ نٽي ڏسيو تہ سندس پُٽ ڪٿي هو. سندس اگهاڙي جسم مان گوليءَ کي پار ڪيو ويو.

لوڙها پرجي ويا، زائفون ۽ ٻار ــ ملٽري جوان، هندو سک، مٿن پهريدار هئا. اڻ

پرٽيلون مائرون مائرون ٻڌجي ويون. اخلاق جون ڪمزور جو ٿيون!!

پير سائينءَ جي ڦاسيءَ جو احوال آيو.

ائين ڪو ٿيٽو هو؟ ڪنهن کي اعتبار ڪونہ آيو ڇي، "اهي سڀ انگريزن جون چالبازيون آهن."

فقير ڪي مات ڪرڻ وارا هئا؟

خليفن کين ٻڌايو هو تہ پير سائين سندن جنازي نماز بہ پڙهي ويو هو! "انگريزن جو تڏو ويڙهينداسون، جاسوسن جا سر لٽڪنداسون!"

ڪيئي گرفتار ٿيا، ڪيئي ماريا ويا.

مُلڪ ۾ هيبت ڇانئجي وئي. حيدرآباد مان ملٽري حُر وٺيو پئي وئي.

"اڙي هي تہ ماڻهو آهن!" هڪ هراس مانڻ ڇيو. ڪيترا ئي شينهن مڙس مارجي ويا. سردارن مان هڪ خيرو نہ جهليو. تحريڪ ڪُچلجي وئي، ۽ هاڻي هُو رهزن ٿي پيا. شل نہ ڪنهن جي پويان پون! ٻُڻ ئي ناس ڪري ڇڏيندس. نياپا هلندا هئا، "فلاڻيءَ رات تنهنجا مهمان آهيون. بس ٻار بہ نہ ڇڏيندس!"

سال لنگهي ويا، خيري مُلڪ ۾ ڌهڪاءُ وجهي ڇڏيو. ڪيس ۾ ڪلور ڪري ڇڏيائين. وڏيرا وڙا گهر وينئي ڏڪندا هئا. پوليس جو نڪ ۾ دم اچي ويو. خونن پنيان خون- ڌاڙي پنيان ڌاڙا! اڪيلي سر پوليس جي دستن سان مقابلا ڪندي نڪري ويندو هو. ظاهر ظهور نعرو هڻي گهيري ۾ ڪاهي پوندو هو ۽ پوليس هٽي ڪيس جاءِ ڏيندي هئي. چون ٿا تہ گولي ڪيس اثر ئي ڪونہ ڪندي هئي.

... ۽ آزادي آئي. انگريزن بسترا گول ڪيا. پاڪستان ٿيو ۽ اسلامي راڄ آيو. عجيب تبديلي هئي. سيني ٻُڌو ٿي، ۽ مڃيو ٿي، سمجهہ گُم هئي.

پنهنجي حڪومت جو آواز دل ۾ دماغ ۾ گهر ڪندو ٿي ويو. خيري کي بہ ٿڏائي اچي وئي. خون ڌاڙا بند ڪيائين. خُونين کي ڇنڊ ڪيڻ لڳو پر مجال جو خيري جو رعب گهٽجي! اچا سندس حڪم هلندو هو. ڏهن هزارن جي چٺي ويندي، تہ پُورا ڏهہ ڪيس گهر وينئي ملندا.

شادي ڪيائين، هڪ ڳوٺاڻي حسينہ سان. راڄن کي سڏُ ڏنائين. سڄي ٿر جي ماڻهن سڏ پريو باقاعدي ڪاڄ ٿيا. پوليس کي خبر هئي، پر ڪير پڳهارن تي سر ڏيندو! شادي خير سان گذري.

هن دلير مڙس ۾ وڏي تبديلي آئي ... 'فرسٽ ڪلاس' گاڏو رِزرو ٿيو. هڪ بارعب شخص ڪراچيءَ ڏانهن سفر ڪندو نظر آيو. ڪير چوندو هُو مشهور ڌاڙيل خيرو خاصخيلي هو! وڏن وڪيلن سان سندس ملاقات ٿي، "ڇا پيش پوڻ سبٻان سندس ڏوهہ معاف ٿي سگهيا ٿي؟"

"خوني ۽ معافي؟" پوڙهن قانون دانن پنهنجي ٿڪل منهن ۾ گُهنج آڻي ڇيو. "قانون ۾ اهڙي ڪا بہ گنجائش ڪانهي.



Gul Hayat Institute

قاعدو ڦري نٿو سگهي. خدا توبہ قبول ڪري سگهي ٿو سرڪار نہ.“

اڄ خيري تي گهيرو هو. بندوق، بم، مشين گنون ۽ اسٽين گنون۔ چاليھ ملٽريءَ جا جوان، هوائي فير ڪري خيري کي اطلاع ڏنو ويو. جڙ تہ سُتل شينهن جاڳيو. گولين جا مينهن وسي ويا. خيري حسينہ جي منهن تي محبت جي آخري مهر هنئي ... گوليءَ جو جواب گوليءَ سان ۽ بم جو جواب بم سان. حسينہ مُشڪندي کيس گوليون ڏيندي رهي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ مقابلو هليو... ۽ هڪ آخري بم خيري جي بدن سان ٽڪر کاڌو... حسينہ گنيير تي وئي ۽ ڇهن مهينن جي ولي عهد زور سان زمين تي چڙهيون هنيون.

هڪ پوليس آفيسر خيري جو احوال ٻڌايو ”ڇهہ کان ڏيڍ فُٽ مٿي ويڪري ڇاتي، سيني تي گولينٔ جا ڇہ ڇٽا، رائفل ڪُلهي ۾، بغل ۾ پستول، قد پورو پُنو بدن مضبوط سنهڙيون وٽيل مڇون، ۽ گهنڊيءَ تي ڏاڙهي، رنگ جو ڳاڙهو نهايت شاندار همت جو مجسمو مردانگيءَ منجهائس اُڇلون ٿي ڏنيون. هزارن سندس منهن ڏٺو اخبارن ۾ سڀ احوال آيو۔ ملڪ ٿري پيو.“

پوليس ڪِلي ڪِلي هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏنيون. مون کي الائي ڇو افسوس ٿيو.

Gul Hayat Institute

# ڪارو پاٽي

**سندس اکين مان پاٽي تي وهيو... ڏسندڙن جي اکين مان پاٽي تي وهيو... ٻڌندڙن جي اکين مان پاٽي تي وهيو. پاٽي ڪتو ته رت وهڻ لڳو. نارا هئا، نديون تي ويا. اَڏون ۽ ڊڪيون ٽپي ويا. بند ۽ ڪوٽ ڊاهي، ٻوڙهي وڌائون. گنبذن ۽ منارن جا بنياد نڪري ويا. هيٺا هيون، مٿا هيون هڪ تي وئيون. زمين ٽري ڳگ تي پيئي. هيءُ ٽين ٻوڏ هئي... ڳاڙهو پاٽي!**

مان ننڍو هوندو هوس. امان ڳالهه ڪندي هئي ته اڳي ڪارو پاٽي ايندو هو. ڪشمور کان ڪڙڪات ڪندو ايندو هو. ماڻهو جانور نانگ، اڳيان ڀڄندا ايندا هئا. ڳوٺن جا ڳوٺ ناس ڪندو اوڏڪا گهر ڊاهيندو زمينون ٻوڙيندو ڪاهيندو ايندو هو. مِرون، بگهڙ، نانگ، ڪتا ماڻهن سان گڏ دڙن تي اچي ڳاهٽ ٽيندا هئا. ٻک کان ماڻهو ڪبڙن جا پَن کائيندا هئا. پيٽ اُپامي ايندو هئن، وات مان اچي گجي وهندي هئن ۽ مري ويندا هئا. شهرن جا ڊاڪٽر وري ڪين چريندا هئا. مان ڊپ کان اکيون ڪٽي بند ڪوندو هوس. ڪشمور کي هڪ پوائتو غار سمجهندو هوس، جنهن مان هڪ وڏي ڪاري ڪاري بلا، ڏند ڪڙڪائيندي، چينگهاٽ ڪندي، ڦوڪون ڏيندي نڪرندي هئي، ۽ ماڻهو جيتامڙن وانگر ٽڙندا ٽاٻڙندا لڪندا وتندا هئا. مان اتي گهر جو ڪڙو اندران بند ڪري ايندو هوس.

پوڙهو سومر به اهائي ڳالهه ڪندو هو. سچو ڏينهن حقو ٽيڪيو ويٺو هوندو هو. نه هٿس ٻار نه ٻچو نه زال نه زنب، نه گهڻو ڳالهائيندو هو نه شڪايت ڪندو هو. رڳو نڙ سان ڪڏهن ڪڪڙ کي ڏک هٽندو هو ۽ ڪڏهن ڪانون کي هڪليندو هو. ٽِڪو لاهي ڪانپ ڪڍي، چنل ڪٽ تي ويٺو ڪنگهندو هو. سندس اچي مٿي، اچي ڏاڙهيءَ ۽ اڇين مُڇن جي وچ ۾ ننڍڙيون گُهنجيل اکيون ٽم ٽم ڪنديون رهنديون هيون. پاڙس جي گهران مانيءَ ڳيو ايندو هوس. اٽيي چانورن جي مانيءَ کي ڏڪندڙن هٿن سان پوري، وات ۾ وجهي، مٿان ڪٽي لسيءَ جو ڍڪ پريندو هو۔ جڻ ته ڦَڪيءَ کي ڳيت ڏنائين.

ڪڙو ٿيو. زال کي چڱي چنبڙ ڪيڍيائين. ياءَ کي ڳولي وچي لڌائين. پٽڪو لاهي وچي پيرن تي رکيائينس. پاڇائيس بہ رئو لاهي بخشايس. ٻئي پاڻر هڪ ٻئي کي چُهتي پيا. پيار سندس ڇاتين مان رُوڻ ڪري ڦاٽي نڪتو. هڪ ٻئي کي آٽت ۾ آڌر ڏيندا اچي گهر ٽانيڪا ٿيا.

ٻوڏ پيهر آئي. بيگار پڳو مون پاڻ ڏٺو گهر گهر کان جدا ٿي ويو. ماڻث وچڙي ويا. چون ٿا تہ پاڻي موٽر کان بہ تکو ٿي آيو. ڪوهہ پنڌ تي سندس ڪڙڪاٽ ٿي پئو. ماڻهن ۾ ڀاڪر-ڪتو هو. سرڪار ۽ وڏيرن ماڻهن کان بند ٻڌايا. اسان جي ڳوٺ جا ماڻهو بہ ويا. ٿر جو وڏيرو ونگار وٺي ويو. ويچارا رات ڏينهن وهيا. اوڃاڳو ۽ بک، ٻچن جو اُلڪو ۽ اٽڻ ڪوڏرون هٽي هٽي شل ٿي پيا، پر قدرت جي هن تخريبي طاقت اڳيان، ويهين صديءَ جي مشيني دور ۾ انسان جون ڪمزور ٻانهون، براج جي هن بي انداز پاڻيءَ کي روڪي نہ سگهيون. ڪچا بند پُري پيا.

روڪيل پاڻي مست هاٿي جيان زنجير توڙي انڌا ڌنڌ ڪاهي پيو. مزورن ويچارن جا ڇهہ ڇڄي پيا، حوصلا خطا ٿي وين. اڳيان پاڻي. پنيان پاڻي، وٺي ڀڳا. ٻچڙن کي ٻاهر ڪيڏو هئن. وڏيرن تہ اڳيئي وچي شهر وسايا هئا. مزوريءَ جا پئسا بہ انهن کي ڦٻيا. تڙ تڪڙ ۾ ٻارڙن ۽ زالن کي، ڏڙن ۽ ڪڙن تي ڪيڍيائون. پاڻي ويو وڌندو. جهٽ گوڏي جيڏو ٿي ويو. چار ڇڻا موٽي ڳوٺ آيا. سنها سنها ٽپڙ مٿن تي رکي موٽيا. پاڻي مڙس تار ٿي ويو. ٽري جند ڇڏيائون. مڏيون وڃائي سر سلامت ڪٽي موٽيا. واهہ جي ڪڙ سان ڪئمپون لڳي ويون. اها ڪاٺي نہ هجي جو ڪٽي دونهي دکائجي. ڪُني ڪانہ چڙهي. ٻڪايل ٻارن ڌمچر مچائي ڏنو. مائرون ويچاريون ماٺ، ملول ۽ هيسيل. سڀ ساهوارا اچي هڪ هنڌ ڳاهٽ ٿيا. مال جي ڍڪ پٺي پيئي. چوڌاري پاڻي ئي پاڻي هو.

ماڻهو ويچارا دربدر ۽ بي گهر ٿي ويا. سرڪار تقاويون ڏنيون. وڏيرن شهرن ۾ وٺي ئي ڳوناٽن جو حصو ورتو. ڪامورن ڪمدارن جاوا ڪيا. سندن ٻيگهي مڇي ويٺي. ويا ڏکويلن کي ڏکائيندا، ۽ مٺلن کي ماريندا.

ٻوڏ راڳا ڪري ڇڏيا. گهر گهر کان جدا ٿي ويو مت مائٽ وچڙي ويا، ڪٽو ڪٽو ٿي ويا. ڪو ڪنهن جو نہ رهيو. پوڙهي سومر کي بہ اجا ڪي ڏينهن جيٽو هو. پيريءَ ۾ اباڻا اجها ڇڏي، وچي ڏولاون ۾ پيو. پاڻس ٻچڙا وٺيو لڏيو ٿي ويو. سومر جي وک ئي نہ ڪجي. سندس دل ڳوٺ جي ڪنڊن ۽ ڪکن ۾ اٽڪي پيئي. وري وري مڙي، پنهنجي ڪکن ڏانهن پٺي نهاريائين. مٽن مائٽن کان موڪلائيندي هنيانءَ ڦسي پيس، جڻ تہ وچڻ ڪاڻ ٿي ويو. گهر ۽ گهٽيون، جت چولڙو پائي، اگهاڙو ئي اگهاڙو، رانديون ڪيون هئائين، جهنگ ۽ لَيون، جت لوڙاٽو ڳائيندي، مينهون چاريون هئائين; ٻنيون ۽ ٻارا، جت جوانيءَ جا امنگ ۽ پگهر هاري ساوا ساوا ٻوٽا پيدا ڪيائين، ۽ اهي ڪبڙ ۽ ڄاريون جن هيٺيان سندس عائشہ ۽ ٽي



Gul Hayat Institute

معصوم پوريل هئا. سڀ ڪيس سڏ ڪرڻ لڳا. ڪيڏي نه آس هيس ته سندس پوڙهي ٽڪل مٽي عائشه جي پاسي ۾ پوندي، ٻچڙن جي وچ ۾ ٽِڪ ٽِڪ ٿي لهي ويندا، سالن جي ڏکي ۽ ڏکهي جدائي پوري ٿيندي! سومر وري بيهي رهيو سندس جسم جو ذرو ذرو ڳوٺ جي مٽيءَ ۾ ڳوهجي وڃڻ لاءِ آتو هو. سندس اڇو مٿو اڇي ڏاڙهي ۽ اڇا ڀرون ڪنڊڙ ونڊڙ ٿي، وائڙن وانگر اڏامي التجائون ڪري رهيا هئا. سندس دل ۾ چريائپ واري ڪوڪ اٿي - جڻ ته ڳل ٽڙي وئي هئي. پانيائين ته ٽپيون هڻي، اندران ٿي اندران، وڃي عائشه جي قبر کي جهليان، وڃي ڪو ٽائينڪو ٿيان، وڃي آرام وٺان! .... پاٽس ڪٽي پانهن کان جهليس. سومر گهلبو ويو. سندس قدم ڳوٺ جي مٽيءَ سان چنبڙندو ٿي ويو. جڻ ته ڪاغذ جا به پتا ڪَونر سان چنبڙيل هئا، زوريءَ ڏار ڪرڻ ۾ چڇرجي، ڦاٽي ليڙون ليڙون ٿي ويا.

مهيني کن کان پوءِ ڏاتر ڏنو مليو. ڳالهه ڪيائين ته سومر مري ويو!

”ڇا ٿيس؟“ چي، ” ڪارو منهن آ عرس جو... ويچاري کي سِڪائي مارياٺين! ايمان کان ئي نڪري ويو مانيءَ ٽڪر جيڪي پار بچائن سو به لڪائي رکي، حياءُ نه پوبس جو ڳيو ڪٽي پاءُ کي ڏئي! ويچاري چار پنج ڏينهن اَن نه ڏٺو ٻُکون ڪيڏي مئو! “ ڏاتر ڏني شد مد سان ڳالهه ڪئي، چي،”پوئين ڏينهن پوڙهي سومر پاڻ اٿي وڃي ڪاري هيٺان پاروٽو ٽڪر ڪنيو عرس جي زال سٽ ڏيئي کسي ورتس! عرس بيٺي ڏٺو. ويچارو.... وڏو پاءُ محتاج ٿي مئو... هڏا ئي رلي ويس! “

اسان عرس کان پڇيو. سندس پيٽ خود پٺيءَ سان لڳو پيو هو. اکيون ڏرا ڏيئي ويون هيس، منهن تي وحشت. جڻ ته ڪٺو نه چڪيو هئائين. ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيائين. سندس اکين مان پاڻي ٿي وهيو... ڏسندڙن جي اکين مان پاڻ تي وهيو... ٻڌندڙن جي اکين مان پاڻي تي وهيو. پاڻي ڪٿو ته رت وهڻ لڳو. نارا هئا، نيسارا هئا_ نديون ٿي ويا. اڏون ۽ ڍڪيون ٽپي ويا. بند ۽ ڪوٽ ڍاهي، ٻوڙي وڌائون. گنبذن ۽ مُنارن جا بنياد نڪري ويا. هيناهيون، متاهيون هڪ ٿي ويون. زمين ٺري ڳِگ ٿي پئي. هيءَ ٿين ٻوڏ هئي... ڳاڙهو پاڻي!

Gul Hayat Institute

# مـهـربـانـي

"تنهنجو مڙس ڪٿي آهي؟" "منهنجي شادي ڪانہ ٿي آهي. بابُو صاحب، پيسو!" اسان جي اکين ۾ شرارت پيرجي آئي. سڀ مُشڪڻ لڳاسين، "پوءِ تو هي ٻَٽ ڪٿان آندو؟" هن ڪنڌ لاڙي نماڻين اکين سان اسان ڏي نهاريو، "اها اوهان صاحبن جي مهرباني آهي، بابُو صاحب!" اسان ڪي چڙ تہ ڪنهن تـقـڙ هٽي ڪيڏي، ڪپڙا لاهي وڌا، ننگو ڪري ڇڏيو. مٿي ۾ ڦيريون اچڻ لڳيون تہ اسين بہ بدبودار گند ۾ سرڪندڙ ڪينئان هئاسون، شرهاڻ ڪان بي خبر، انڌا، ٻوڙا، جَهل جا ابا!

هڪ ڏينهن شام جو اسين چار يار ٺاڪ ٺاڪ ڪري، نهي ٺُڪي ڪاليج مان ٿيندا، ايلفيءَ ۾ گهمڻ وياسون. ڪارا چشما، ڪاريون پتلونون. اڇا بوٽ ۽ شينهن گهوڙي واريون قميصون، وارن جا موڙ مٿي تي لُڏندا پئي آيا. ڪنهن ڪي بہ مَٽ ثاني ڪونہ ٿي سمجهيو سين. ڀاڙ نڪاءَ هٽندا، آئي وئي تي ٺوڪون ڪندا، ٺهہ ٺهہ ڪندا ٿي ويا سون. زمين تي پير ئي نہ ٿي ٽڪيو. ڌرتي کي ڌوڏيندي، آسمان تائين پهچندي اچي ايلفيءَ ۾ نڪاءُ ڪيوسين.

گهٽيئي اسان جهڙا شريف زادا اتي ڊيل وانگر پئي ٽِليا. ٿانءَ ۽ ڦُونڊ ۾ هڪ ٻئي جي ڪپڙن ۽ وارن تي رشڪ ڪائيندا، هڪ دوڪان ڪان ٻئي هنڌ اچي ڪارنر تي بيناسون. اچي ڳالهين ۾ چٽياسون. ٽائين، ڪوٽن، جٽڪيٽن ۽ ڪٽنگ جي ذڪرن کي ولوڙي، اچي موٽرن تي پياسون. قيصر، ڪيڊلڪ، بيوڪ ڪانہ ڇڏي سون. پنجونجاهہ، ڇاونجاهہ جي ماڊل تي اچي بحث ڇڙيو. وڏي دلچسپيءَ سان پنهنجي علم جو اظهار ڪيوسين. اچي هڪ ٻئي سان اٽڪيا سون. چي، " هل ڙي ٻُڏُوا! توکي کهڙي خبر. مان اڄا هاڻي هڪ آمريڪن رسالي ۾ ڇاونجاهہ جي ڪيڊلڪ جو اشتهار ڏِسيو ٿو اچان!" گهٽو ئي ڦنڊياسون ۽ ڦوڪياسون، اُپاميا سون ۽ سُڇياسون. نيٽ ناچ گهرن ۽ ڪلبن جو ذڪر نڪتو "هاءِ ڙي آمريڪ!! لائيف اتي آهي. پر يار هي 'پال رابسين' ڇا آهي؟ ڪنهن فلم جو نالو ٿو ڀانئجي. پوءِ ڀلا آمريڪا ۾ ان تي بندش ڇو وڌي اٿن؟" پنهنجي اٽڪاٽائيءَ تي ويچار ڪرڻ

اسين ڪيترو نہ اوچا ۽ مٿانهان هئاسون پين ماڻهن کان! جاهل، بدتميز گدلا، غليظ هٽي اسان جي ملڪ جي صحت خراب ڪري ڇڏي اٿن، سدائين بيمار ڪم ڪرڻ کان ٻرو پيو چڙهندن. بڪواسي، جهڳڙالو جهنگلي ڪنهن جاءِ جا! شڪر جو پاڻ ۾ ئي جُنڊا پَٽ لڳي پئي اٿن. نہ تہ هٽي اسان جي سڌريل سوسائٽيءَ کي ڊانوا ڊول ڪري ڇڏين. اسان جي حڪومت، جيڪا اسان کي ولايت موڪلي، ۽ واپار جو پرمٽون ڏئي ٿي، تنهن جا هُو تہ تختا ڪڍي ڇڏين. گونڊا، لوفر، ڇيڙن چاوا، ڇيڙن ۾ نپنا، گڏهہ، سيني کي واڙي ڊڪ ۾ ڏيئي ڇڏجي. بلڊي سوائينس!

ڏسو تہ سهي، اسان جون مٿن ڪيترين نہ مهربانيون آهن. ڪارخانا کولي کين ڪم سان نہ لڳايون تہ هوند مري ڳري وڃن. کين هارِي ڪري نہ رکون تہ تباهہ ٿي وڃن. اسان لاءِ هاري ۽ مزور ڪو ڪُتا آهن! جيستائين اهي ڪمبخت بکيا آهن، تيستائين هاري مزور ڪوڙ. هڙتال ڪري ٿا اسان کي ڊيڄارين! اسان کي ڇاهي اسين پڇاڙي ڪارخانا بند ڪري پنهنجو سرمايو کڻي ولايت ۾ وڃي وهنداسين. هن ملڪ سان اسان جو ڪو نڪاح تہ ڪونهي. اها اسان جي مٿن ڪيڏي مهرباني آهي، جو هھڙي ملڪ ۾ پنهنجا قيمتي دماغ ۽ پيسا لڳائي کين جيئرو رکي رهيا آهيون. مرضي پوي تہ کين جيلن ۾ بند ڪري گوليون هلائي سندن ٻڻ بچو ناس ڪري ڇڏيون. اسان جا سائنسدان زهري گئس ۽ ايٽم بم پيدا ڪري چڪا آهن. اها اسان جي مهرباني آهي جو اسان اهڙا اوزار ڪم نٿا آڻيون! جڏهن مٿن رڳو گوليون پئي هليون تہ ڪيئن نہ ٿي ڀڳا، وڏا آيا آهن رستم جا پُٽ ! هليا آهن حق وٺڻ. گيدي!

مون سان سڀ دوست شامل راءِ هئا. اسان سندن گيدپڻي تي وڏا ٺهڪ ڏيئي کِلياسين. دل ۾ آيم تہ اهڙو ڪو ڊور منهنجي سامهون اچي تہ منڍي مروڙي رکانس. جلد پنهنجن ڪپڙن ۽ پنهنجي پوزيشن جو خيال آيم. انهن گندن کي هٿ لائڻ بہ بيعزتي! ڪير انهن سان ميل جول رکندو؟ ماڻهوءَ جي تہ بُوءِ ڪونهين.

اسان جون نظرون وڃي هڪ فقيرياڻيءَ تي پيئون. چُست جو وڏو وتو هٿ ۾ ڪنيون، اگهاڙو پار ڪڇ تي لڙڪايو ڊوڙي پئي آئي ويئي جو اڳ ورتائين. وار اَٽيا، لِڱ ميرا، ڪپڙا ڦاٽل، پٽڙو ڪتل. هئي ننڍي نيتي! منهنجا دوست چَپ چَٽڻ لڳا. ميري چولي، ڪير لڳڻ سبب سٽيي ۽ گري تي پئي هئي. جهوني پُراڻي چولي، ڪير ڏيندڙ ڇاتيءَ جي شدت اڳيان بي وس ۽ مجبور ٿي لڳي. ڪٿان ٿيونِ اهي نياڳيون ايترو ڪير آڻين؟ سو بہ ٻُڪ تي! اسان جي سڌريل عورتن وٽ تہ سدائين ڪير جي ٻاڙائي ــ ”جو ڪير گهٽو ڏي، سو تہ پلو ڇٽيو مين‌هن بہ پيار سان ڪيئن نہ ڪير کڻي لاهيندي آهي.“ اهو خيال ايندي ئي مان البت منجهي پيس. ڪير ڪهڙي نہ چڱي شئ آهي. هي عورتون ڪيئن نہ رَت کي ڦيري ڪير ڪريو ڇڏين. حياتي ڏيندڙ ڪير! نر تہ بيڪار آهي. رڳو ڇري ڪائي وتي سانَ وانگر زيان ڪندو. مان جلد ئي پاڻ



Gul Hayat Institute

سنيالي ويس. هي پينو ۽ مفلس ته جانورن کان به پري آهن. ماڻهوءَ جا ته ڦر ئي ناهن. شيطان جا چاڙتا!

اها ميري گدلي فقيرياڻي ڦيرو ڏيئي، اچي اسان جي اڳيان بيٺي، ”بابُو صاحب پيسوا!“ مار پويس چڳي ٺاهوڪڙي هئي! آواز ته کهڙو هئس! سانوري پر سندس وڏيون ڪاريون اکيون ڏاڍيون وڻندڙ هيون. پنبڙ ته غضب جا هئس. ڪيئن نه پٽي انهن کي هيٺ مٿي ڪيائين.

جواني سندس انگ انگ ۾ پئي ڦٽڪي، سندس ميرا لِڱ ڪيڏا نه چڱا هئا. وات ۾ پاٽي پرجي ٿي آيو. سندس ٻار مون کي اصل نه وڻيو. ڪِنو گدلو. ڏٻي جهڙي شڪل، ڇپ ڏُولا، اکيون چنجهيون، نڪ بينو سنگهه پئي وهيس. ڪِيچڙ ۾ پيدا ٿيل ڪيئڻون! مون کي ڏاڍي ٻُڇان آئي. موکي ڇسو گڏهه جو اولاد ضرور پيءُ تي ويو هوندو. بلڊي سُوائين! مون نظرون ماڻس تي وڌيون.

اسان جي فار وَرڊ دوست ڪانئس سوال ڪيو

”تون پِنين ڇو ٿي؟“

”ڇا ڪجي صاحب؟“ هن سڌو سولو جواب ڏنو.

”تنهنجو مڙس ڪٿي آهي؟“

”منهنجي شادي ڪانه ٿي آهي. بابُو صاحب، پيسوا!“

اسان جي اکين ۾ شرارت پرجي آئي. سڀ مُشڪڻ لڳاسين. ”پوءِ تو هي پُٽ ڪٿان آندو؟“

هن ڪنڌ لاڙي نماڻين اکين سان اسان ڏي نهاريو ”اها اوهان صاحبن جي مهرباني آهي، بابُو صاحب!“

اسان کي چڻ ته ڪنهن ٺـڦـڙ هڻي ڪپڙا لاهي وڌا. ننگو ڪري ڇڏيو. مٿي ۾ ڦيريون اچڻ لڳيون ته اسين به بدبو دار گند ۾ سر ڪنڌڙ ڪيئڻان هئاسون. سُرهاڻ کان بي خبر. انڌا، ٻوڙا، جهل جا ابا!

Gul Hayat Institute

# خميسي جو ڪوٽ

**هُو مون کي چيڙائيندو هو، مان تڪڙو وڏي ويندو هئس ۽ هو پٺيان چوندو رهندو هو، ” مُلان! ... مُلان، او ... مُلان!“ مان اوور ڪوٽ جي ڪالرن کي ٺاهيندو الله ڏي ويندو هئس ۽ هو ڍورن ڏي. مان وچي شڪر ادائي ڪندو هئس ۽ پنهنجي صحت ۽ خوشحاليءَ جي دعا گهرندو هئس. هو فصل جي سنڀال ڪندو هو ۽ پيل ڪرائيندو هو، تہ سڙي نہ وڃي.**

مان تن ڏينهن نماز پڙهندو هوس. تهہ سيارو هوندو هو هنڌ ۾ ويٺي ئي سئيٽر پائيندو هوس. مٿان مفلر، ڪوٽ ۽ اوورڪوٽ. ٻِڪر جي ڪونٽري کي اڏ تائين ڪلر لڳو پيو هوندو هو. پاڻي اهڙو جو اصل پارو، ٿڌيءَ هوا جا سوسٽ بدن کي چڙ تہ چيريندا ٿي ويا. ڪبڙو ٿي، ڏڪندو ٿڙڪندو مسجد ڏي ويندو هوس. هيترين تڪليفن ڪان پوءِ خدا کي البت پنهنجو ڪري سمجهندو هوس. پائيندو هئس تہ بي نمازي ڪمڙا نہ بيڪار آهن. در ڪولي پاهر نڪرندو هوس تہ ٿڌ جو طوفان منهنجو فخر زوريءَ مون ڪان کسي ويندو هو. زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ ٿڌ ڪان سواءَ پيو ڪجهہ بہ نہ هوندو هو.

Gul Hayat Institute

ننڍڙو يارهن سالن جو خميسو اڳيئي مال وٺيو ٻوڙن ۾ بيٺو هوندو هو. ڪيس قميص ڪانہ هئي، پر هڪ ٽڳڙين نڪتل گرم ڪوٽ پيو هئس. ڪاري گوڏ ۽ مٿي تي ميرو ڪپهہ جو ٽوپ. مٿر بہ ماڪ سان چانيا پيا هوندا هئا. ٻئي هٿ ڪڇن ۾ وجهي، پيرن اگهاڙو پاڻ ڪان ڊگهي لٺ ڪنيون، سوڙهو ٿيو بيٺو هوندو هو. سندس ڪاڏي ڪڙڪندي هئي. مونکي ڏسي دانهن ڪندو هو ”ها مُلان!“ هُو مون کي چيڙائيندو هو مان تڪڙو وڏي ويندو هئس ۽ هو پٺيان چوندو رهندو هو ”مُلان! ... مُلان، او ... مُلان!“ مان اوور ڪوٽ جي ڪالرن کي ٺاهيندو الله ڏي ويندو هئس ۽ هو ڍورن ڏي. مان وچي شڪر ادائي ڪندو هئس ۽ پنهنجي صحت ۽ خوشحاليءَ جي دعا گهرندو هئس. هو فصل جي سنڀال ڪندو هو ۽ پيل ڪرائيندو هو تہ سڙي نہ وڃي.

# لاري

خالي لوٽيون ٻڏي ٻڏي، پرتو تي تَرَي نڪتيون. حرام جو همت هارين، ماله ۾ ٻڌجي، پاڻ ۾ گڏجي قرب سان اڳتي وڌيون. تمتار تي، طاقت وٺي، متي اڀريون. هڪ ٿي ناليءَ ۾ ڪٺي پنهنجون سڀ قوتون وڌائون. اوجل شفاف پاڻي، اڳتي وڌي سڄي ڪيڙيءَ تي ڇانئجي ويو. پينڊ ۾ ڦوڙ ڳري پهت تي ويا. لس ٿي لس تي وئي. وڻي گل ڦل ٽڙيا، چوڌاري سڳند ۾ سرهاڻ تي وئي. سيني لاءِ هڪ جهڙي، هڪ جيتري!

شل نہ ڪنهن کي لاريءَ جو سفر پلئہ پوي. هڪ گرمي ٻيو گُهٽ! مٿان وري ماڻهن جي پيھہ پيهان! دانهون پئي پيون. "او لاريءَ وارا! يار هَل ساھہ ٿو نڪري!" ماڻهوءَ مٿان ماڻهو پگهر پئي وهيو. لاريءَ جي ڇت تي بہ ماڻهو هئا. صوبيدار صاحِب اچا ڪونہ آيو هو. خدا خدا ڪري هُو صاحب تشريف فرما ٿيو ۽ ماڻهن جي پيٽ ۾ ساھہ پيو. لاري هلي. ڪجھہ هوا لڳي، لوڏن تي ڪجھہ خلاصائي بہ ٿي. باقي مٽيءَ جا بہ ڪڪر هئا. ناسون ٿي پرجي ويون.

اڳئين خاني ۾ وهڻ بہ ڏاڍو شرف وارو آهي. پويان خانا گهٽ درجي وارن لاءِ آهن. سيڪو پيو چاهي تہ مان اڳي هجان. پوءِ کڻي پيٽرول جي دٻي تي ويهجي. جي ڪنهن واقفڪار کي اڳيان جاءِ ملي وڃي تہ پنيان ويٺل جو ڪنڌ شرم کان هيٺ ٿيو وڃي. ڪو تہ ڦڪائي کان چوندو تہ، "ڇا ڪجي يار! مڙيئي مسافري تہ ڪرڻي آهي تون تہ ٿئين زور." ائين شرم کي پرچايو ڇڏين. غريب تہ پاڻهي وڃي پنيان ويهن.

آفيسر تہ هڪ چوري، ٻيو سينہ زوري، اڳيان جاءِ نہ ملين تہ مشير نامو ٿاهين. پاڙو تہ سندن سالا بہ ڪونہ ڏين.

لاريون پراڻيون، رستا آلو نور. ائين پيون لڏن جيئن ڪجاوا. پاسا پيا ڀڄن. آنڊا وات ۾ اچيو وڃن. ڇيڪلي واري ڇين ڇين بہ هلي اچي. هيٺائين ۽ مٿانهينءَ تي ائين پئي لُڏي ۽ لمي جيئن ڍڪي زٽفان. اڏ ڏزن معتبر بيگر ۾ ڪنيو هلي، باقي



Gul Hayat Institute

ڏگهين ڏاڙهين ۽ ڏگهن وارن وارا ٺاڪرو جوان، جڻ ته الائي ڪٿان اچي ڪڙڪيا هئا. گرم هوا ۽ لُڪ جي ڪري سيني جون ٻٽون ٻڏل هيون. سندن اکيون ڳاڙهيون ۽ سندن زبانون خاموش هيون. سندن اندر ۾ اڌما هئا. ڪوسي جهولي ور ور ڪري عدالت عاليہ جي پٽين سان ٽڪر پئي کاڌا.

ان ڏينهن "جابلو شينهن" تي ڪيس هلڻو هو. سچ پچ به شينهن جهڙو مڙس هو. ڏگهو ۽ قداور، لڱ مروڙ رڪ جهڙو چيڙهالو. سندس ڏاڙهي، مٿي ۽ مڇن جا وار ڪڪا هئا. سندس سڄي بدن تي پُوري ٻج هئي. ماڻهن سندس نالو "پِڻُو" رکيو هو پر جابلو ماڻهو کيس "پِڻُو پاشا" ڪري سڏيندا هئا. سندس ڇاتي ويڪري، ٻانهون مضبوط ۽ ڳچي پريل هئي؛ ٽنگون جهڙا پيل پاوا. سندس ڪارين اکين مان شوخي، ضد، ارڏائي، صاف گوئي ۽ لاپرواهي ظاهر ظهور جُهلڪي رهيون هيون.

عدالت ۾ غير معمولي چرپر هئي. سپاهين جي اچ وڃ، هٿيارن جي ڇڻ ڇڻ، قانون دانن جا ڪارا جبا ۽ اڇا ڪالر. پوتن وانگر اچ وڃ لڳي پيئي هئي. پوليس عملدار شاهدن کي وري وري سمجهائي ۽ سيکاري رهيا هئا. عدالت جي پٽين جي اوٽ ۾ سيني جي سامهون ڪليو ڪلايو دڙڪن ۽ دٻاون جي ڌم ۽ اکرن جي پيچ ڏاهه تي رهي هئي. ڏنو وائنو ثابتيون ناهيون ۽ بنايون تي ويون. قانون جا رکپال قانون کي مروڙي ۽ گُهتي رهيا هئا. ائين تي ڏنو ته عدالتي مشينريءَ جي هڙني پرزن انصاف کي ڪمڻ لاءِ ٻڌي ڪئي هئي.

جج صاحب واري ٿلهي تي، وڏي گنبذ هيٺان، هڪ وڏي اڌ گول ميز رکيل هئي. ان جي پنيان هڪ ڏگهي، ٽيڪ واري ڪرسي، جنهن جي مٿان فضيلت ماب جو فوٽو ٽنگيل هو. ميز تي وڏن وڏن ٿلهن ڪتابن جون ڍيگيون ۽ پر وارن ڪپٽن ۾ اڪيچار ڪتابن جون قطارون هيون. اوچتو چوبدار "خبردار" پڪاريو. ۽ هڪ ننڍڙو سنهڙو جج هڪ ننڍڙي بند دروازي مان نڪري، وڃي ڪرسيءَ ۾ پيهو. جڻ ته ڪرسي ۽ ميز سندس بدن کي ڳڙڪائي ويون هيون، ۽ ڪتابن ڪٽي ڳتڙ ڪان جهليو هئس. هن اکيون مچڪائي، هيڏي هوڏي نهاريو ڪجهه ڪاغذ اٿلايا ۽ "پِڻُو" کي مخاطب ٿيو "ڇا، توسان ناحق آهي؟ ڇا ڦاسايو ويو آهي؟" پِڻُوءَ کي جڻ ته باهه وٺي ويئي. ٽپو ڏيئي اٿيو. چي، "ناحق آهي توسان، قاتل آهين تون!" جج صاحب کان ڏرڙي نڪري ويئي، جڻ ته سندس راز فاش تي پيو هو. وائڙو ٿي جوابدار ڏانهن ڏٺائين، ڪتابن ڏانهن ڏٺائين، فضيلت ماب جي فوٽوءَ ڏانهن ڏٺائين، عدالت جي ڏگهين ديوارين ڏانهن ڏٺائين، ۽ ان ننڍڙي دروازي ڏانهن ڏٺائين جتان پاڻ ڪُٺي وانگر نڪتو هو.

پِڻُوءَ جي اها ننڍي هوندي کان ئي عادت هئي، جيڪي چئبو هوس، سو وري ڦهڪائي ڏيندو هو ۽ وري ان جي ابتڙ ڪري ڏيکاريندو. ننڍي هوندي کيس چوندا هئا، "تون شڪر گنج واري چوٽيءَ تي اصل ڪونه چڙهي سگهندين!" بس پِڻُو



Gul Hayat Institute

چٽنگ ٿي ويندو۔ چي، ”تون ڪونہ چڙهي سگهندين!“ پوءِ تہ سيني جي ڏٺي، ڇلانگ ڏيندو ريڙهيون پائيندو لٽڪندو وڃي چوٽيءَ تي پهچندو هو. وري سهڪندو لهندو لهڻ سان لُوهہ ڪيو ان ماڻهوءَ تي ڪاهيو ايندو. پائيندو تہ ڪيس دسي، ڪيرائي، گُهٽا ڏيئي، چوي تہ ”ڏٺئہ! تون ڪونہ چڙهي سگهندين!“

سندس اٺڻ ويهڻ، کائڻ پيئڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ سڀ کهرو هو. جيڪي آيس، منهن تي وهائي ڏيندو. مڙڻ وارو مڙس ئي نہ هو. هڪ دفعي، هتو تتو رئيس گل خان جي اوطاق وٽان لنگهيو. اُچ ڪان ساهہ تي ويس. نہ ڪيائين هم نہ تم، سڌو وڃي رئيس جو گلاس کنيائين. سيني گهٽو ئي ”متان! متان“! ڪيس، پر هيءُ يار بہ تي گلاس چاڙهي ويو. اتي ئي گلاس اونڌو ڪري چيائين تہ ”ادا ڇو ڪو ڇُهڙي جو گلاس هو ڇا؟“

پِشُو قدرت جي هڪ اڻ گهڙيل تخليق هو. ننڍي هوندي کان ئي ڇيڳرو الڙ ۽ ارڏو هوندو هو. هو پهاڙن ۾ ڄائو ۽ پهاڙن ۾ پليو بس پهاڙ هئا، پٿر هئا، ۽ پِشُو هو. اُيا اُيا جيئرا جاڳندا پهڻ. رڏون ۽ پِشُو بہ. جڻ تہ چرندڙ پرندڙ پهڻ هئو. پهڻن جي پيٽ مان نڪتل تازا ٻچڙا! پهڻن جي اوٽ ۾ ۽ پهڻن جي مٿان وتندا هئا ڊوڙيندا ۽ ٽپندا. ائين ٿي معلوم ٿيو تہ پهڻ، پِشُو ۽ رڍون هڪ ئي شيءِ هئا. هڪ ئي هوا هئي، هڪ ئي زمين، ۽ هڪ ئي پاڻي۔ جنهن هزارن ورهين کان هن ماٽريءَ ۾ ماڻهو مال ۽ آن پئي پيدا ڪيا.

پِشُو ائين وڌيو جيئن ڪو خشڪ جابلو ٻوٽو پٿرن مان ڦاٽي نڪتو هجي. ڳاڙهو پٿريلو رنگ، ڀورا جهنڊولا وار. گليليءَ سان وتندو هو پٿر ڇُٽيندو ۽ ٻنير ماريندو هڪ جيڏن سان وڙهندو ليٽندو ليٽڙندو پڄندو ۽ ڊوڙيندو. ڏسندي ڏسندي، جوان ٿي ويو تہ بہ جهڙو ٻارا!

پِشُوءَ جي ذري ذري مان زندگيءَ جا آثار پيا ٽپڪندا هئا. اصل ماٺ ڪري نہ وهندو. ڪنهن کي چِڪ، ڪنهن کي چهنڊڙي، ڪنهن کي رهڙ ڪنهن کي چهڙ. پيو اڇلون ڏيندو ۽ ڇلڪندو. سندس اکيون پيون چمڪنديون هيون. پورهئي مان مزو پيو ايندو هوس.

رحمدل بہ هڪڙوئي هو. پاڻ ڏي مهڙ هونديس، تہ جهٽ پشيمان ٿيندو. هڪ ڏينهن ماءُ کي گهٽ وڌ ڳالهائين. پوءِ تہ ڳوٺ ڇڏي ڀڄي ويو. سڄو ڏينهن گهر نہ آيو. وتيو لَڪن ۽ ٽَڪرن ۾ هلندو. لڙيءَ اڌ رات جو گهر آيو. ماڻس اوسيڙي ۾ چلهہ تي ويٺي هئي. چلم ٺري ويئي هئي. پِشُو ماٺ ماٺ ۾ چلم تيار ڪري، نڙ آڻي ماءُ کي ڏنو ۽ پير ۾ ويهي رهيس. ماڻس سندس وارن ۾ آڱريون ڦيرڻ لڳي ۽ پِشُو سندس پاسي ۾ سمهي پيو.

پِشُوءَ پيار بہ ڪيو. رئيس جي نياڻيءَ گلناز سان. اکيون چار ٿي ويس. سندس لڱن ۾ سيسرات پئجي ويا. ڳلن ۾ ڪوساڻ ۽ وار وار ۾ لَهس. بت ٻنجي ويو.

زندگيءَ وهڪرو جو سندس لڳڻ ۾ پيو سرڪندو هو يڪا يڪ بند ٿي ويو. هن جي طبعيت جو وٽ پڪڙ وارو طوفان ويڙهجي سيڙجي، ننڍڙو ٿي، وڃي ڪنهن ڪنڊ ۾ لڪو. ڏينهن جا ڏينهن، اڪيلو ٿي اڪيلو بستيءَ کان ٻاهر سڪل وڻن هيٺيان خشڪ گاهه لتاڙيندو وتيو. سياري جون ٿڌيون هوائون ۽ اجڙيل کيت کيس همدرد ۽ هم خيال معلوم ٿيا.

هڪ ئي ڏڪ سان جبلن جي چوٽين کان ٽيندو تارن جي دنيا ۾ اڏامڻ لڳو. جڻ تہ ڪو ازل جو آواز کيس اجا بہ اڳيرو سڏي رهيو هو. ماتريءَ نهر ۽ کيت ۽ خود پِشُو سڀ هيٺ پٽرن ۾ رئي اٽڪيا رهيا. پر سندس پيو ڪجهہ هوائن ۾ آسمانن ۾ ستارن کان ٽيندو مٿي ئي مٿي، اڏامندڙ رابيل وانگر، حسن جي طرف، بنا اٽڪ، لس لس ئي لس، ترندو ويو. پِشُوءَ جي هن اڏند ڪتوليءَ کي سندس سنگتين چڪي هيٺ آڻي، حقيقت جي ڪنڊن سان زمين جي تهہ تي جڪڙي ڇڏيو. کيس بہ تي ٺڦون وهائي ڪڍياؤن. چي، ”گندي اوڍي وڃي گهر ويهہ!“ پِشُوءَ جا نشا ئي ٽٽي ويا. ڳهر لهي ويس. ڪاوڙ مان وڏيون وڏيون پرانگهون پريندو اچي رئيس جي حويليءَ وٽ نڪتو. وجهہ وٺي گلناز جون ٻئي ٻانهون ڪٽي جهليائين. چي،”تون منهنجي آهين.“ گلناز جون پياسي اکيون، ڊگها ڊگها ساهہ ۽ ڏرو ڏرو بدن، پِشُوءَ جي هر سوال جو وڻندڙ جواب هئا. پِشُوءَ جي آسماني پيار واري اڏامندڙ رابيل پويان پير ڪيا. سندس سڳنڌ هوا ٽيندي وئي. سندس نرم ۽ نازڪ پکڙا ڪومائجي ڇڻندا ويا. باقي سڪل ڏانڊي اچي پٽرن ۾ پيئي، جنهن کي وقت جي ڳوري ۽ کهري چڪيءَ پيهي ماري دنيا جي ذرن ۾ ڳوهي ۽ ڳاري ڇڏيو. پِشُوءَ جي پٽريلي طبيعت وري اوج تي اچي ويئي. گلناز وٽان موٽي، ڪنهن جون ٻانهون مروٽيائين، ڪنهن کي جهلي ڏونڌاڙيائين ۽ ڪنهن کي ڪلهي تي کڻي ڦيريون پارايائين. پنهنجي سنگت سان وڏا وڏا ٺهڪ ڏيئي ڪليو سندس هڪ هڪ ٺهڪ سان جڻ تہ غم جو هڪ جميل ٽڪرو اندر مان نڪري، ڦهڪو ڪري، وڃي ٽي پٽ تي پيو. رئيس جي، شروع کان وٺي، پِشُوءَ سان ڪانہ پيئي هئي. پِشُو هر وقت پيو پنهنجين سنهڙين پورين مڇن کي وٽيندو هو. رئيس کي ڏاڍا جڪ ايندا هئا. چي، ”ياڙي بيڪار تون کهڙي لاٽ جو پٽ آهين، جو وتين ٿو مڇون وٽيندو!“ پِشُو پڙڪو ڏيئي اٿيو چي،”ياڙي آهين تون! بيڪار آهين تون!“ پوءِ تہ هنگامو مچي ويو. پِشُوءَ تي چڙهي ويا. پِشُو بہ ٻن چئن کي ستيندو ڪٽيندو نڪري ويو.

رئيس هاٽي ڦوڪون ڏيڻ ۽ ڏنگ هڻڻ لڳو. ڪنهن کي ڀڙڪائڻ، ڪنهن کي مارائڻ ۽ ڪنهن کي لڏائڻ، آزار مچي ويو. صدين جي بيٺل سماجڪ پاٽيءَ ۾ رئيس جي ٽاڦوڙن ڏپ مچائي ڏني. پِشُوءَ پنهنجي ساٿين کي انهيءَ ڊونڊ کان ڪڍي ٻاهر ڪيو. چي ”هڏ هڻون اسين، پنيءَ اڳهاڙي رهون اسين ; پوءِ بہ اسين ڪميڻا ۽ رئيس چڱو مڙس؟ چڱا مڙس اسين آهيون، رئيس ناهي!“ پِشُو نہ ڊڄڻو

هو نہ سست. رئيس جيستائين سنيري ٿي سنيري، تيستائين پِشُوءَ ڪيترائي اڙٻنگ جوان پنهنجي پاسي ڪري ورتا. نئون خون ۽ نوان امنگ! چي، ”ڪيت اسان جا آهن، ڪاريز اسان جا آهن. اسين سڀ ڪجهہ آهيون. اسان جي آڏو ڪو نہ اچي!“

رئيس باهہ تي ويو. پوڙها پوڙها واٽڙا ٿي ويا. هٿ ٺوڪي پنچائتون گڏ ٿيون. مُلا فتوا ڏني، چي، ”اوهين ڪافر آهيو. توهان جي جنازي نماز جائز ناهي. توهان کي غسل ڏيڻ روا ناهي!“ نوجوان سڀ اتي ڪڙا ٿيا، چي، ”ڪافر تون آهين، غسل تو کي نہ ايندو!“ وڏيرڪي پنچائتون پٽن جي ماڙيءَ وانگر ڍهي، وڃي پٽ پيئي.

رئيس باهہ ٻاري ڏني. اناج کڄي ويا. گهر سڙي ويا. ڪيت اجاڙ ٿي ويا. مائون ۽ ٽيندڙ مائرون ٽڏيءَ ڇانو مان ڪڍي، لُڪ ۽ لوءَ جي حوالي ڪيون ويون. بس ائين ئي ”نظام حيات“ کي اکوڙيندڙ پنهنجي اکوڙڻ جو سامان پيدا ڪيو. انڊا ڏنڊ، تڪڙو تڪڙو، وڏي بي چيني ءَ سان. پوڙهن پِشُوءَ کي ناهہ لاءِ سمجهايو. پِشُو خفي ٿي، ٻئي هٿ کڻي کوليا، چي، ”اڃا بہ تا چئو تہ رئيس چڱو مڙس آهي؟ ڪنهن سان ناهہ ڪجي! ڇا تي ناهہ ڪجي!“

پِشُوءَ حڪومت جو سهارو وٺڻ چاهيو. سوچيائين تہ ڪا انڌير ننگري تہ ڪانهي! نيٺ بہ تہ ملڪ ۾ قانون آهي. ڪيس اميد جو ڪرڻو نظر آيو. هن شهر وڃڻ جي پڪ ڪئي.

پِشُو ڦريائين سڌو لالي محمد دين وٽ ويو: هُو حاجي هو ۽ حافظ هو. ڳوٺ وارن ڪان پيشگيءَ تي اناج ۽ مکڻ وٺندو هو. پِشُو ڪانئس قرض گهريو پر لالو صفا چڙي ويو. چي، ”اوهين لاهي پاٽي بي حياءَ تي بيٺا آهيو. نہ ننڍ وڏائيءَ جو ادب، نہ چڱي مڙس جو لحاظ. رڳو ڏنڊي جي زور تي ليڪو لنگهي ويا آهيو. ڪير اوهان چورن ڏاڙيلن کي پئسو ڏيندو!“ پِشُوءَ جا تاڪ لڳي ويا. اندر ئي سڙي ويس. ڏند ڪرٽي، لوڙهہ کڻي اپي ڪيائين. چيائين تہ ”چورا ڏاڙيل! بي حياءَ، تون جڏهن هتي آيو هئين تڏهن تو وٽ ڇا هو؟“ لالو ڏڪڻ لڳو. جهٽ ڏهين ڏهين جا بہ نوٽ ڪڍي کڻي پِشُوءَ جي هٿ ۾ ڏنائين. پِشُوءَ نوٽن کي مروڙي سروڙي کڻي لالي جي منهن ۾ هنيو ۽ پويان پير ڪيائين. سوچيائين تہ هن ڪم ۾ پئسا پنهنجن ڪان ئي وٺبا، نہ ٻين ڪان. هڪدم بہ چار رڍون ڪاهي شهر روانو ٿيو.

پِشُو اتي پهتو جتي گند جا ڍير، ڪارخانا ۽ دونهان، شور ۽ غل لڳو پيو هو. گهٽيون ۽ رستا ايترا، جو پتو ئي نہ پوي تہ ڪٿان آيا ۽ ڪاڏي ويا. نہ وري ڪو پورو ڏس ٿي ڏئي. هر ڪو پنهنجي شخصيت ۾ ئي وڃڙيو پيو هو. سيڪو وٽ پڪڙ ۽ پيچ پچان ۾ پورو. ائين ٿي ڏٺو تہ ڪنهن وڏي مڪار ۽ چالاڪ ڪيڏاريءَ، ڪنهن خاص ۽ ناپاڪ مطلب ڪاڻ، هن سڄي شهر کي، انجڻ وانگر ٿي هلايو جنهن انجڻ جا پرزا ۽ ڪلون، هي موڳا ۽ بي جان ماڻهو هئا. انجڻ جي رٽ ۽ ڪٽ ڪٽ ۾

ڦري، جڏهن ھي انساني نٽ ۽ بولٽ طاقت ڇڏي، گرگهلا ٿي پئي ويا. تہ مشين جي تيز رفتارمان ٽٽي، زور سان وڃي ٿي پٽ تي ڦهڪو ڪيائون. جتي ڇپا ٿي ڪٽنجي ڪنا ٿي پئي ويا ... پِشُو اچي هڪ نام ڪنئي ليڊر وٽ نڪتو. کاڏيءَ جا ڪپڙا، کاڏيءَ جي صدري، ڪاري عينڪ ۽ لڪڻ هٿ ۾، فرينچ ڪٽ ڏاڙهي، جڻ تہ سرٽيفڪٽ تي مهر. مٿان ڪڇ ۾ ٿيلهو جڻ منڊيءَ تي ٽڪ. ڪمرو سهڻو سينگاريل ۽ درتي ٽانگو هڪيو حاضر. پِشُوءَ پانيو ڪنهن غلط هنڌ اچي نڪتو آهيان. اجا اڳيرو وڌيو تہ ليڊر صاحب واڪو ڪري کيس ٻاهر ترسڻ لاءِ چيو. نيٺ کيس اندر گهرايائين. حال احوال وٺي، کيس لمبو ليڪچر ڏنائين. چي، "ميمبر ٿيو. شاخ قائم ڪيو. چندو گڏ ڪيو. نئين ڪاتيدارن سان نهي هلو. ڏسو نہ، اوهين سچا آهيو اڻ ڄاڻ آهيو بکيا آهيو بي وس آهيو..." ۽ الائي ڇا ڇا چئي ويو. پِشُو ڪجهہ نہ سمجهي سگهيو. نيٺ ليڊر صاحب کيس دلداري ڏيئي، ٻاهر ترسايو. چي، "درخواست لکائي وٺ. مڙيئي چڱي ٿيندي!" پِشُو اجا ٻاهر ئي وينو هو تہ رئيس گل خان اچي نڪاءُ ڪيو. ٻنا هٽڪ سڌو اندر هليو ويو. ليڊر صاحب کيس ڪلي ڪيڪر ڪئي. ياراٽا ٺهڪ ڏنائون. رئيس سئو روپيہ چندو ڏنو جو ليڊر صاحب جي صدريءَ ۾ غائب ٿي ويو. پِشُو سٽ ڏيئي اٿيو ڏند ئي پڪوڙجي ويس. چيائين، "پاڙي! سچو! بکيو! بي ايمان!"

پِشُو هڪ وڪيل وٽ ويو. وڪيل صاحب ننڍو نيٽو جوانڙو هو. پئي مشڪيو. چي، "يار اسين تہ پيٽ جا پوڄاري آهيون. اميرن مان ٽڪا ڪونہ وٺينداسون. اڻ پڙهيل ۽ ابوجهہ ئي اسان جو شڪار آهن. هي گلم ۽ غاليچا سڀ ٺڳيءَ جو ناهہ اٿئي. ملڪ جي قائدي موجب تنهنجي ڪابہ مدد ڪانہ ٿي سگهندي. في ڏين تہ ڪوڙو ڪيس ناهي ڏيانءِ. پوءِ ڪٽي تنهنجي قسمت. اوهان جي مصيبت، اسان جي ڪمائي. ٻي مدد مون وٽ ڪانہ اٿئي. نڪو مان واندو آهيان!" ڪيڏي نہ مڪاري هئي هن جي صاف گوئيءَ ۾! خود فريبيءَ جي انتها! جهل جو ڇيهہ! پِشُو چپ چاپ اٿي ڪڙو ٿيو.

ٻي ڏليو ڍرڪندو رڙهندو اچي هڪ ٻئي وڪيل وٽ نڪتو. وڪيل صاحب اڌيڙ عمر جو هو. سندس ڪٻٽن ۾ قانون جي ڪتابن کان وڌيڪ مارڪس ۽ لينن جا ڪتاب هئا، فلسفي ۽ ادب جي ڪتابن جا ڍير. هن جا پرون البت مٿيرو ڇڪيل هئا. سندس نرڙ ۾ هر هر گهنج پئي پيا. سندس مٿو اڌ تائين گنجو هو.هو سنهو سڪڙو هو.

ڳالهايائين ٿي، تہ نظرون هيٺ ٿي ڪيائين. هر هر هٿ پئي مهٽائين. اندر جي اڻ تڻ ماس ئي ڪوري ويئي هيس. سندس ٽڪل ۽ گهنجيل اکيون نااميديءَ، بيوسيءَ ۽ مونجهاري جا دٻا هئا. پِشُوءَ جي ڳالهہ ٻڌي، جڻ تہ خفي ٿي ويو. ٻڌگهيون سنهيون ٻانهون ڪري ميز تي رکيائين. ٻنهي هٿن کي موڙي، واڇن کي هيٺ پرو



Gul Hayat Institute

ڊڄڪائي، ڪٽي سوال ڪيائين، ”پوءِ ڇا ڪجي؟“ گهڙي کن وات ڪليل ٿي ڇڏي ڏنائين. پوءِ گهٽو ٿي ڪجهه چئي ويو. چي، ”اوهين اڻ پڙهيل آهيو اڻ ڄاڻ آهيو ڪجهه نٿا ڪيو. پڙهڻ کان سواءِ ڇا ٿيندو؟ اوهين ناسمجهه آهيو. اوهان تي ظلم ٿيندو رهندو امير جو غريب تي، ڏاڍي جو هيٺي تي. هيءُ قاعدو آهي. اوهين مظلوم آهيو ڇريا آهيو هيٺا آهيو...“ پشُو ٽپ ڏيئي اٿي ڪڙو ٿيو. سندس اکين ۾ شرارت پرجي آئي. ٻئي ٽريون ميز تي ڪوڙي، ديو وانگر وڪيل صاحب جي مٿان ٿي بيٺو. وڪيل صاحب هيسجي ڪرسيءَ ۾ جهڪي ويو. اکيون مچڪائي پشُوءَ ڏانهن ڏنائين. پشُو ساڙس اکيون ملائي چيو ته، ”ڇريو آهين تون! هيٺو آهين تون! ظلم آهي توسان!“ اديب صاحب جي ٺوڙهه ۾ ڄڻ ته ڪنهن مترڪا هٽي ڪڍيا، هڪ... ٻ... ٽي. هُو ڪرسيءَ ۾ ڍرڪندو ويو. ڪنڌ لوڏي لوڏي ڪتابن کي ڏنائين. ڏانديءَ جهڙين رڳن ۾ سڄيل ٻانهن ڏانهن ڏنائين، ڄڻ ته خاطري ٿي ڪيائين. پوءِ اڃا به ڪرسيءَ ۾ جُهڪي ويو.

پشُوءَ کي ڏاڍي ٻڇان آئي. هيانوَ تي تور ٿي پيس، ڄڻ ته الٽي پئي آيس. گهڙيءَ کن لاءِ دل شڪستو ٿي پيو. خيال ڪيائين ته هيءُ ليڊر وڪيل ۽ آفيسر سڀ رئيس سان ملت آهن. دانهن ڪنهن کي ڏبي ؟ سوچيائين ته، ”ٻين تي پاڙي اسين ته پاڻ تي ظلمُ پيا ڪيون. ظالم اسين پاڻ آهيون ...“ پشُو اهو سوچي ڏاڍو خوش ٿيو. ڄڻ ته ڪو سچو هيرو لڌو هئائين. سندس دماغ تڪڙو تڪڙو ڪم ڪرڻ لڳو. ”هي رئيس ۽ ليڊر ته رحم جوڳا آهن، پنهنجي ڪڌ پاڻ پيا ڪوٺين.“ پشُوَ سوچيندي، سوچيندي، شهر جي ٻاهرئين حصي ۾ اچي نڪتو جتي رڳو ڪارخانا هئا. هن شور ٻڌو ڏٺائين ته هزارين غريب اٿي ڪڙا ٿيا هئا، سندس هٿن ۾ جهنڊا هئا، مترڪا هئا ۽ پانا. هُو نعرا هڻي رهيا هئا. سندن اڳواڻ هڪ ٽنگڙي پوش هو هُو بلند آواز سان چئي رهيو هو ”هنن ڳلن جو ساهه اسين آهيون. هنن ڪارخانن جو روح اسين آهيون. اسان جو پگهر موتي ٿو ناهي. اسان جو پورهيو املهه جنس آهي. موڙي آهي، سرمايو آهي. اسان جي گڏيل طاقت اڻ ڪٽ آهي، جا ڪِن ڪچري ۽ اڻ پوريءَ ورهاست کي لوڙهي ۽ ٻوڙي ڇڏيندي... !“

پشُوءَ جي ڇاتي ڦوڪجي ويئي. سندس نسون ڦنڊجي ويون. سندس اکيون چمڪڻ لڳيون. ڄڻ ته ڪو نئون تڏو نوراني ڪرٽو سندس بدن ۾ پيهندو جذب ٿيندو ويو. پشُو اتي ڏينهن جا ڏينهن رهي پيو. نين اميدن ۽ نون امنگن سان ٽمٽار ٿي، هو ڳوٺ ڏانهن واپس وريو.

پوڀون سڄ پٽرن، کيتن ۽ ڳوٺن کي ڳاڙهو ڪري رهيو هو. پشُو هڪ ڇپ تي چڙهي بيٺو. ڳوناڻن جا ڌڻب سندس چوگرد بيٺا هئا. پشُوءَ جو وار وار ڪڙو هو. چوڌاري ڦري ڏنائين. سندس هٿ ۾ لٺ هئي. ونئي جوان کي زور ڏنائين، ته اڏ مان پجي پيئي. ڄڻ ته اڏوهي کاڌل پراڻو نظام ٽڙڪو ڏيئي ٽٽي پيو. پشُوءَ ٻئي مٺيون

چڪو هو جنهن مان ڪيترن ئي اجڙيل غنچن سرڪيون تي پريون. ويچاري نياپا موڪلي موڪلي ٿڪجي پيئي. پِشُوءَ نه اچڻو هو سو نه آيو. ڪيس پِشُوءَ جا اکر ياد پيا. ”نازو اڄ ته دنيا کي پيار ڪرڻ سيکاريون!“ اهي اکر سندس ڪنن ۾ وڄڻ لڳا، ”نازو اڄ ته دنيا کي پيار ڪرڻ سيکاريون!“ نازو بيتاب ٿي، اٿي. واقعي ضرورت هئي دنيا کي پيار سيکارڻ جي! هوءَ وڃي پِشُوءَ ۽ سندس ساٿين سان ملي.

پِشُو ۽ نازو عورتون ۽ مرد، اتساهه ۽ امنگ سان، ماترين ۽ گهرن کي گلزار ڪرڻ لڳا. گڏجي اپائڻ لڳا ۽ گڏجي کپائڻ لڳا. وڏيرپ ۽ وڏائي واءُ ٿي ويئي. پورهيتن جي پئنچات اڳتي وڌڻ لڳي. پئنچاتي دڪان ۽ پئنچاتي اسڪول کلي ويا. ڪبڙي ۽ ڪشتي، ملهه ۽ ونجهوٽيءَ جا مقابلا ٿيڻ لڳا. سندن چهرا چمڪڻ لڳا، ٻارڙا کلڻ ۽ کيڏڻ لڳا. سادن سودن ماڻهن جي هڪ سادي سودي اڏاوت ڪڙي ٿي ويئي. پورهيتن وڏي اتساهه سان هيءَ اڏاوت جوڙي هئي، جنهن ۾ ٽڏيون هيرون ٿي لڳيون ۽ ڪنڊون ۽ ڪير ٿي ورهايا. هنن پنهنجن شخصي نفعن کي ڪٽي، ڏمڪ هٽي، هن اڏاوت جي پيڙهه کي پڪو ۽ پختو ڪيو هو. ان جو گارو پگهر ۽ پيار سان ناهيو هو. انساني محبت ۽ ٻڌيءَ جي هن سادي ۽ سهڻي ڪوٽ سان رئيسن گهٽا ٽڪر هنيا، پر ڳوناٽا پنهنجي هن تخليق جي بچاءَ ۾ سر ڏيڻ لاءِ تيار هئا. سچ ته تخليق مٿي ته خالق مٿو. نقش مُٺو ته نقاش جي ڇا ڪندو؟ گهر ٻٺو ته سرون ۽ سروٽا ڪيئن رهندا. رهي ڇا ڪندا.

حيوانيت ٿٿڪڻ ۽ ڇڙيون هڻڻ لڳي. وڏيرن ۽ وياج خورن، نانگن ۽ سانڊن وانگر ڳوناٽن جي ٻڌل ڪوٽ ۾ ڏرڙ ۽ ڪوبڙا ڪوٽڻ گهريا، پر پِشُو ۽ پئنچات سندن ڏند ٽوڙي ڇڏيا ۽ چنبا پيچي وڌا. پلا ڪير پنهنجي بهشت مان نڪري پرائي دوزخ ۾ ويندو! رئيسن هٺ پير هلائي ڇيهه ڪيو ۽ نيٺ وڃي شهرن ۾ پناهه ورتائون. پِشُوءَ جي طاقت وڌندي ويئي ۽ ڳوٺن جا ڳوٺ ويا سندس پيار پريٽي پيغام جي لپيٽ ۾ ايندا. ماتريون سبز ۽ سايون ٿي ويون. اناج ۽ ميوا جام ٿي ويا. پيار ۽ امن جون هيرون ٿي لڳيون. انسانيت ٽڙندي رهي.

اخبارن وڏيون وڏيون سرخيون ڏنيون. ماڻهن ’جابلو شينهن‘ جا ڪارناما وڏي دلچسپيءَ سان پڙهيا. اديب ۽ عوامي ليڊر ڪيس هيرو سڏڻ لڳا. رئيسن، سيٺين ۽ سندن حڪومتي بالڪن ۾ ٽرٽلو پئجي ويو. چي، ”پِشُو باغي آهي، چور آهي، ڌاڙيل آهي، ڪافر آهي!“ رياست جو جاسوسي کاتو وٺ پڪڙ ۾ لڳي ويو. ائين اچي مڙيا، جيئن مکيون ڍونڍ تي. نوس نوس شروع ٿي ويئي. هر خوشبوءَ کي خطرناڪ سڏيو ويو. ڪوڙيون رپورٽون موڪليون ويون. ويچارا ربيو روز ڪٽندڙ سپاهي پلا ڇا ٿي ڪري سگهيا، ڇا ٿي ڏسي سگهيا. ڪاغذي رپورٽن جي ڍڳين مان هڪ وڏي خيالي بدبدو ناهي، منهن بنائي، فوجي ڪارروائيءَ جو حڪم ڪيو ويو. مڪار ۽ ڪائر نوابن پيار ۽ محبت جي ڪوٽ کي ڪيرڻ لاءِ پائرن کي

پائرن سان ويڙهايو. پنهنجا پنهنجن سان ٽڪريا. وطن جا فوجي پائر هڪ هم وطن ڳوناٽي تي پلٽجي پيا. بي ضمير اخبارن وري ٻه وڏيون سرخيون ڏنيون ۽ فوجي ڪارنامن جي ساراهه ڪئي.

پڻو بي خبر نه هو. هن ڪيت ۽ گهر ساڙائڻ نئي گهريا. هو ڪيتن جو ۽ ڦلن جو مائرن جو ۽ سندن ٻچن جو رکپال هو. هن ڳوٺ وچي متي لاهن تي ٻڌايا ۽ پوءِ پنهنجا ساتي وٺي اڳيرو وچي لڪ جهلي بيٺو. رات جو وڳڙو ڪاري پاٺ اونداهه، پهاڙ ۽ پهڻ، پڻو ۽ ڳوناٽا، صدين جا ساتي ۽ پراڻا حال پائي، هڪ ٻئي جو ڏڌ ۽ اجهو تي هڪ ٿي دشمن جي مقابلي لاءِ ٻانهن ٻيلي تي بيٺا. جبلن ۽ ماترين جا اپايل جوان، رائيفلون کڻي پهڻن کي ڍال بنائي ڇپي ويهي رهيا.

آڌيءَ رات جو رياستي فوج اچي لانگهاٺو تي. جابلو جوانن ڏوڙيو لائي ڏنو. انسانيت ۽ حيوانيت جو ٽڪر ٽيٽو هو سو تي ويو. صدين جا خشڪ پٽر رنگجي لعل تي ويا. فوج ۾ ٻاڪر ڪتو پئجي ويو. هو ڀڳڙن وانگر ڀڄڻ لڳا. انسانيت اڏول، بلند ۽ مٿاهين رهي. خريد ڪيل جسم، جسم جي ٿي بچاءَ ۾ محو رهيا. لڪي ڇپي، پهڻن کي آڏ بنائي، سر جو سانگو رکي جوابي حملو ڪري ڏنائون. ڇتي ويڙهه ڇڙي ويئي. فوجي ٻه پٽرن کي پٽون ڪري رهيا هئا. گولين جي بوڇاڙ ۽ دونهين جا ڪڪر هئا.

ڳوناٽي نازو پاٽيءَ جي ڪلي ۽ بارود جو ٿيلهو ڪنيو پٽرن ۽ پهڻن تي ڊوڙندي تي رهي. هڪ هنڌان ٻئي هنڌ، هر هر ڦري پڻوءَ وٽ تي آئي ۽ وري ڪنهن زخميل جي دانهن تي ڀڄي تي ويئي. گولين جي مينهن ۾ سندس همت ۽ همدردي، سادگي ۽ سونهن، پيار ۽ فرض، ڪنوڻ وانگر تجلا ڏيئي رهيا هئا.

گهمسان جي لڙائي هلي رهي هئي. پوبون پهر تي چڪو هو. پورهيت پورهيتن سان وڙهي رهيا هئا. مزورن جو ٺاهيل بارود مزورن کي ساڙي رهيو هو. سندن مشترڪ دشمن، ڪارو ۽ ڪوجهو وڏين ڏاڻن وارو شيطان مثل، دونهي جي ڪڪرن ۾ ڪڇيون هڻي رهيو هو. نئي ڇاتائين ته ڪارائيندڙ ۽ ڊڪائيندڙ هٿ ڪي، نانگ وانگر ڏنگي رهيو هو.

پڻوءَ پنهنجو بارود خلاص ٿيندو ڏٺو. هن پنهنجا مُٺ جيترا ماڻهو مرندا ڏٺا. ڪيس ڪيت بچاڻا هئا. مائرون ۽ آئندي جون اميدون بچاڻيون هيون. انسانيت جو جهنڊو اوچو رکڻو هو. نئون نياپو ڪنڌ ڪڙچ ۾ پهچاڻو هو. انسانيت جا پيغمبر سلامت رکڻا هئا ۽ جنگ جاري رکڻي هئي. سڀ ڳالهيون ڳڻي، هن هتڻ جو حڪم ڏنو. رڳو ٿورڙا ساتي پري پري ڪري بيهاريائين، جي رائفلون ڇوڙيندا رهيا. جيئن دشمن دوکي ۾ رهي. ٻيا ساتي، خاموشيءَ سان زخمين کي کڻندا، غارن ۽ ڇُرن ڏانهن روانا تي ويا. هاڻي اٺ نو جانباز وچي بچيا. پڻو اشارن سان هڪ هڪ کي واپس موڪليندو رهيو. نيٺ وچي تي ڄڻا رهيا. پڻو نازو ۽ سندن هڪ ويجهو دوست

سماج جي ڏڏندڙ ٽوٽيءَ کي چار ڏينهن جيئندان مليو. اڄ نه ڪِري سڀان ڪِري!

پشوءَ کي ڦاسائڻ لاءِ خاص جج ۽ آفيسر مقرر ڪيا ويا. ڪيني جو ناٽڪ هلي پورو ٿيو. ڪارن جبن وارن پنهنجون تقريرون ڪيون. جج صاحب وڏي ڪرسيءَ ۾ ڪتمڙي جي پنيان وڏين ڏگهين پتين جي وچ ۾ ويٺو هو. سندس چوڌاري ڪتابن جون ٿهيون هيون. چوبدار سندس مٿان بيٺو هو. هو اکيون مڇڪائيندو رهيو. هن گهوريندڙ ڪتابن ڏانهن ڏٺو ڪارن جبن وارن ڏانهن ڏٺو پوليس ڏانهن ڏٺو ۽ ڪورٽ جي ڏگهن وڏن ساڳ جي درن ڏانهس ڏٺو هن مجرم وانگر اکيون جهڪايون ۽ فتوا ڏني.

”تون ڏوهي آهين. توکي ڦاسي ڏني ويندي!“

پشو ذرو به نه لڏيو. شينهن جهڙو مڙس اٿي بيهي رهيو. ڏاڍي ٺڏائيءَ ۽ وڏي يقين سان چيائين ته ”ڏوهي تون آهين. ڦاسي توکي ايندي، مان ڪڏهين نه مرندس!“

ٻاهران وڏي زور سان نعرو لڳو ”پشو پاشا زنده باد!“ عدالت عاليه جو لوهي جهنگلو ڇڻ ته ٺڙڪو ڪري ٽٽي پيو. سندس وڏو شاهي گنبذ ٽڪاءِ ڏيئي ڦاٽي پيو. ان جي چوٽيءَ مان نڪرندڙ ڪڙا ۽ زنجير ڇڇي مٽيءَ ۾ ملي ويا. انساني جوش جو اڀرندڙ سمنڊ وڏا ڪر ڪٽي، ٽڪر هڻندو عدالت عاليه جي ڪنڌرن مٿان ورائجي ويو.

ڦاسي گهاٽ مان سوين ۽ هزارين پشو اڏامندا نظر آيا. سندن سر ترڪيءَ تي هئا. سندن ڪپڙا رڱجي لعل ٿي ويا هئا. ويا گڏ ٿيندا. ڪارخانن ۾ فوجن ۾ کيتن ۽ جبلن جي ماٿرين ۾ ۽ غارن ۾. سندن هٿيارن جي جهڻڪار ۽ نازوءَ جا آلاپ هوائن ۾ واچوڙا پيدا ڪري رهيا هئا. تکا ۽ تيز واچوڙا ، جن هر پُٽيءَ اڏاوت کي اکوڙي ٿي وڌو. وڏا ۽ اوچا واچوڙا، جن زمين جي ذرن کي آسمانن تائين پهچايو.

Gul Hayat Institute

گھڙيءَ تائين ڪانئس نہ ڪجھہ پڇيائين، نہ ساڻس ڳالھايائين.

ڪيس ھڪڙو ئي دوست ھو. سندس وڏو ڪتو! پاشا جھڙو ئي بي ڊولو ۽ شوخ. ساڻس گڏجي ڪارخاني ڏي ويندو ھو ۽ سڄو ڏينھن در تي سندس انتظار ڪندو ھو. شام جو اُتي، ڪرَ پچي، اکيون پيو مِچڪائيندو جيستائين پاشا ٻاھر نڪري. چُپ چاپ پاشا جي پنيان لڳي پوندو. پاشا نہ ڪڏھين گار ڏني، نَڪو ڏڪ ھنيو ۽ نہ وري ڪڏھين مٿانئس پيار جو ھٿ گھمايائين. ٻئي خاموش ھئا ۽ ھڪ ٻئي جي طبيعتن کان چڱيءَ طرح واقف.

موڪل جي ڏينھن پاشا وتندو ھو ڊِڪا ڪائيندو ماٺ ميٺ ۾ ھڪ گُتي کان ٻئي تائين. پنھنجي ليکي ايندڙ ويندڙ جي منھن کي پيو جاچيندو. جڏھن تہ ڪنھن کي ڳولي پيو. ڪُتو بہ سندس پنيان ٽلھو وارن وارو پڇ لٽڪائيندو سھڪندو نوسيندو ايندو ھو. ماڻھو نفرت مان چوندا ھئا تہ "ٻئي ڪتا!"

پاشا، شام جو نشي ۾ ٽاٽ ٽي، ٽڪجي ٽٽجي، اچي مانيءَ تي ڪِرندو. ڪتي کي بہ پنھنجي ٿانوَ مان گڏ ڪارائيندو. ويندو ھو گرھہ ڳڙڪائيندو ھٽي ڏاڙھي مڇون پري چڏيندو. جوٽس، جي ذرو بہ دير ڪئي تہ ٿانوَ ڪٽي اُڇليندو. ڇُري پُري، سولو ٿي، ٿاٽل سوٽ جي کيسي مان دارونءَ جي بوتل ڪڍي، ڪٽي اڳيان رکندو. ٽنگون ٽيڙي، پٽ کي ٽيڪ ڏيئي، اکيون بند ڪري، وٺي راڳ شروع ڪندو. سندس ٽلھو ۽ ڳگھو آواز مٽي ۾ سُور وجھي ڇڏيندو. بي سُرا ۽ بي وقت آواز سندس منجھيل ڏاڙھيءَ ۾ پيا اٽڪندا ھئا. سندس ڳتيل ڏاڙھيءَ مان مانيءَ جا پور ڇنڊجي وچي پري پوندا. ٽلھين ۽ کھرين آڱرين سان ڏاڙھيءَ کي ڇنڊ ڪو ڏيئي، وري ڪٽي راڳ شروع ڪندو. سندس راڳ جا اکر اصل سمجھہ ۾ نہ ايندا ھئا، جڏھن تہ سياري ۾ گدڙن جون اونايون. ڪتو بہ سندس پرسان اکيون بند ڪيو پيو ڊِڪر ڪائيندو ھو. پاشا جي اوچتي ۽ ڏاڍي آواز تي وٺي زور سان پڇ لوڏيندو. بس، جيستائين بوتل داورن ھوندو تيستائين سندس راڳ پيو ھلندو ۽ پوءِ ويندو ھو ڊِرڪندو. ٻئي ڇٽا اتي ئي سمھي پوندا. پاشا جو موت ٽِلي ڦاٽڻ ڪري ٿيو. سڄا سارا پنج ڏينھن پئي ھنڌ ۾ لڇيو. منھن ڪاراتجي ويس. اکيون بند، ڏند پيو ڪرٽيندو ھو. ڪڏھن تہ مٺيون پڪوڙي، زال کي چوندو ھو تہ، "ڪجھہ سنڪيو ڏينم. زھر ڏينم، ڪتي جي ڏيءَ!"

ڊاڪٽر مٿانئس پلستر رکيو. چي، "آپريشن ٿيندي، ڪيس اڄ جو اڄ اسپتال ۾ آڻيو!" پاشا ٻڌي ورتو. چيائين تہ، "اسپتال ۾ يا توسان گڏ جھنم ۾!" وٺي ڏند ڪرٽيائين، چي، "تون اُلڪو نہ ڪر، مان پاڻھي مري ويندس!" ڪنڌ ڦيرائي چيائين، "ڪتي جو ڦر!" ڊاڪٽر ھليو ويو. جوٽس کي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. ڪيس آپريشن لاءِ منٿ ڪيائين، پر پاشا ھنڌ مان ئي نونشو ڪڍي ڏيکاريس. چي، "مان چڱو ڀلو ٿيس تہ توسان وڏيڪ تعدي ٿيندي!"

صبح جو پاشا مري ويو. ٺيڪ انهيءَ وقت جڏهن ڳگهو وڳو! هُو سفيد ڪفن ۾ سڌو سنئون پيو هو. سندس وات کُليل هو ۽ نرڙ ۾ اجا بہ بي آراميءَ وارو شور ۽ گُهنج لڳا پيا هئا. سندس جنازو کنيو ويو. هن جي جنازي سان گڏ سندس زال هئي، پٽ، سندس ڪتو ۽ ڳوٺ جا بہ چار پيينو فقير ۽ هڪ پراڻو چور ۽ شرابي جنهن کي ڪارخاني مان نيڪالي ملي هئي. سندس زال ماٺ هئي. پٽس اصل ڪو نہ رنو. جنهن جنازي نماز کي ڏٺو بيهي رهيو. چي، ”جوٽس جي جند ڇٽي. جهڙو هو اهڙو ڪتو تي مئو!“

پاشا کي قبر داخل ڪيو ويو. سڀ هليا ويا. سندس ڪتو بيٺو رهيو. تازي نڪتل مٽيءَ تي ويهي رهيو. خاموشيءَ سان قبر کي پئي سنگهائين. ڪنڌ مٽي ڪري گُوڪر ڪيائين. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ڪتي کي بہ ڪنهن ماري وڌو!

(اصل، مئڪسم گورڪيءَ جو روسي زبان ۾ لکيل. انگريزي ترجمي تان سنڌي ۾ ورتل)

ادا اياز !

لکڻ ڇڏي ورهيہ ٿيا. توهان جي چوڻ نئون امنگ ڏنم. سچ تو چوان تہ توهان جي هر ڳالهہ، توهان سان گهاريل گهڙي، مون لاءِ تاريخي اهميت جي حامل آهي.

امنگ تہ توهان ڏنم پر ڏات ڪيئن وري، ڏات نہ رڳو ڏنگ هئي تي پر ڏنگ ۽ ڏاگهہ گهري ٿي. اهي ڪٿان آڻيان؟ نہ ماڻهن سان ميل، نہ سنڌ پيڙا جو پتو، نہ سنڌ دفاعي ۽ جاري لاڙن سان عملي رشتو. انهن کان سواءِ فنڪار ڪوڪلو.

مٿان منهنجو ڏڏو هٿ. ٻئي هٿ ڪم آڻيان تڏهن قلم ڏڪندو ڪنبدو هلي. صورتخطي ٿي ڪٿي ڏسوم. هي ست صفحا، مون لاءِ جبل چڙهڻ مثل هئا، اتي لکڻيءَ جي رواني ۽ جولان ڪٿان آيندم.

جيڪي رنجايا روڙيا اٿم. حاضر آهن. ڀل خوش هجين، سدائين فتحمند هجين.

جمال ابڙو

# سيـنـڌ

ماڻس بہ قرآن آڻي آڏو جهليس. ماءُ کي ڏکو ڏئي پري ٽيلهيائين، لت پيٽ جي ڪلهي تي ڏيئي سندس مٿو ڇڏائي پري ڪيائين. ڪهاڙي ڪڇي هيٺ ٿي. ڊپ ۾ ويچاريءَ هٿ آڏو ڏنو. اول چار آڱريون پوءِ ڪنڌ. ماءُ ۽ قرآن رتو رت. پاءُ ۽ ماءُ گڏجي نياڻيءَ جو اڱڻ ڪولي سٿڻ لاٿي پلءُ دنبهو هنيون. اسپتال جو لاش گهر، ڪپيل چوٽي، چاقن جي چر چر، پنگي، ڊاڪٽر، مڪين جي پون پون، ننگي ڇاتي، ادي، پيٽ، نياڻي، ست قرآن.

ڪپري شهر جي سرڪاري اسپتال جي لاش گهر ٻاهران مٽيءَ ۽ ڌوڙ ۾ ڪارا ڳُنڊيل وار، چوٽيءَ سينڌ سميت، ڌوڙ ۾ جهڪ ۾ پئي ليٽڙيا. اندر پنگي ۽ ڊاڪٽر، مڪين جي پُون پُون، ننگو لاش اگهاڙي ڇاتي. سنڌ جي ڄائي، ڪنهن جي لڄ، سڀ جو ننگ، ست ڌارين آڏو ننگي پئي هئي. هٿ رونڊڙا، پير ڦٽل. اکيون حيرت، حسرت ۽ هيبت کان ڦاٽل، سڀاجهي، سدوري، سُگهڙ، ڪونئرو ڪُسٽي. پيار جي راهہ ۾ هڪ ٻي قرباني. ڪُسڻ قبول ڪيائين، سينڌ جي پت نہ وڃايائين. ٽڪڙا ڏئي چار آڱريون سينڌ تي رکي انجام ڀڙائين، پر ٽڪڙا ڪهاڙين جي ڪڙڪن ۾ بدلجي آيا. آڱريون ڪپجي ويون، سينڌ ڪوڙجي وئي.

اتي ئي سندس ڀاءُ ٻاهر هو ابي ڄائو امڙ جي رت مان ٺهيل ۽ کير تي تاتيل. جنهن لاءِ ننڍي هوندي کان "الله ڏيندو ادل کي . . ." ڳايو هئائين. ٻي غيرت ڀاءُ جنهن 'غيرت' مان پيٽ ماري هئي، هٿڪڙين هوندي ائين ڳاٽ جهليو بيٺو هئو ڄڻ ڪوٽ کٽيو هئائين.

امڙ هئي، جنهن جي رازدار ساٿڻ اڄ ڪهاڙيون جهلي، چاقن سان ڇيرجي رهي هئي. جنهن ڏيءَ جون ڪچيون ڦڪيون ساهہ ۾ سانديون هيون. جنهن ور ور ڏيئي ڪيس سمجهايو هو ۽ سمجهيو هو. سندس ڊڦ پيرو مڙس، جو پٻن تي ٽيڙ ڪاٽيندو لوٽا ڦيريندو هلندو هو ڳالهائيندو هو تہ ڳِگ وهندي هئس. ور ور ڪري لاش گهر ڏي تي ڏٺائين. رڙ پئي پيس، 'الا ! منهنجي سهٽي پنج هزار لهندي هئي.'

پيار جي رس پري هئي. اڌول، پنهنجي حق تي قائم ساٿيءَ ٽيڻ جو حق، ڳُلن جيّ ڪيڙڻ جو حق، ڪچيءَ تند ۾ حق ڇڪڻ جي ايڏي قوت! پر ايجاب ۽ قبول جو ڏاڳو ٻن هزارن روپين ۾ ٿلهي موٽي سنگهر تي چڪو هو.

نياڻي نينگريَ ڪچي تند، پر جڏهن سندس نحيف تنتن ۾ عورتپڻي جيُ آفاقي حق گهرڻ جي برقي قوت پهتي تہ وڄ ٻڏجي وئي. چمڪا، چڻنگون ۽ تانڊا جن سندس مڙس جي اڏاري مردانگيءَ کي ڪنبائي ڇڏيو. هو طلاق ڏيڻ لاءِ تيار تي ويو. هن لاءِ رڳو ٻہ اکر چوڻ جي دير هئي، پر جنهن ڪان عورتپڻي جو حق کسيو تي ويو جنهن جان جي بازي لڳائي هئي، جيڪا اهڙو ئي انسان هئي جهڙو مڙس، جا پاڻ مظلوم هئي، سا بس فقيرياڻين وانگر خيرات جي محتاج هئي. سندس لفظ ۽ ارادي کي ڪو وزن ڪو نہ هو. ڇا تہ توازن هئو! نڪاح ٻن ڌرين جي هڪجهڙي قبوليت هئي، هڪ ٽوڙي سگهيو ٿي ان کي ٽاڪئين نڪر وانگر ۽ ٻئي لاءِ ڳٽ هو ڳچيءَ جو.

نقصان ڪنهن کي ٿي ٿيو. بازاري اگهہ ڪنهن جو ٿي ڪريو. جسماني باغ ڪنهن جو لٽيو ويو تہ بہ معاوضي جي گهر مڙس ڪئي ۽ سچي دنيا سندس انهيءَ حق جي تائيد ڪئي. اهو حق ايڏو تہ ڪو اٽل هو جو سندس ماءُ ۽ پاءُ بہ هارجي ويا. قبوليت جو ڏاڳو رپين جي بار هيٺ سوگهي سنگهر تي ويو. باغ جو گلستان جو ميوو ڏيندڙ شجر جو ٺيڪو عمر پر ٻن هزارن ۾! پيڻ جنهن پاءُ ڪان نماڻين نظرن سان صدقو گهريو اکئين آب جاري هو. پر سندس نير، نيڻر کي ٽوڙي ڪو نہ سگهيا. پاءُ بہ فيصلو ڏنو تہ "رن ڪميٽيءَ کي جُندڻ ڪان گهلي مڙس کي ڏيو!" جنهن بہ هزار مِنا ڪيا سو مڙس مان وارو بٽيو ۽ جنهن جي جسم ،جذبن ۽ جان جو نيلام ٿيو سو ڪميٽو.

اها آخري رات هئي، ڇيهہ نا اميديءَ سندس حِس ۽ حواس سلب ڪري ڇڏيا هئا. جڏهن ميهار اشارو ڏنس تہ چار آڱريون ڪٽي سيندَ تي رکيائين. سندس روح ۽ جسم هڪ قلب ٻڏجي ويا. جنهن کي اوڏو اچڻ نہ ڏنو هئائين، تنهن سان موڪلائيءَ جو انجام ٻڌائين. جسم ۽ روح جي آرتي ڪٽي پيار جي قربان گاهہ ڏانهن وڌي تہ پاڻس ڏسي ورتس. ڪهاڙي ڪٽي وريو تہ ويچاريءَ جي جيئڻ جي سموري تمنا اجهڪو ڏئي موٽي آئي. پوتي لاهي پاءُ جي پيرن کي چنبڙي وئي، "ادا منهنجا، مون کي نہ مار!" ماڻس بہ پڳي، وچي قرآن ڪٽي آئي، "ابا! هي وسيلو ٿئي." مڙسس بہ رڙ ڪئي، "جهڙي آ منهنجي آ، مون کي ڪاري بہ قبول، متان منهنجيءَ کي ماريو اٿئي!"

"چُپ ڪر ڪميٽا ڪاري آ!"

"هل ڙي معتبر! تو گهٽيون ڪاريون ڪيون آهن؟"

تيسين ماڻس بہ قرآن آڻي آڏو جهليس. ماءُ کي ڌڪو ڏئي پري ٿيلهيائين، لت

پيٽ جي کلهي تي ڏيئي سندس مٿو ڇڏائي پري ڪيائين. ڪهاڙي ڪجهي هيٺ تي. ڊپ ۾ ويچاريءَ هٿ آڏو ڏنو. اول چار آڱريون پوءِ ڪنڌ. ماءُ ۽ قرآن رتو رت! ياءُ ۽ ماءُ گڏجي نياٽيءَ جو اڳٺ کولي سٽڻ لاٿي، ياءُ دنبهو هنيو.

اسپتال جو لاش گهر، ڪپيل چوٽي، چاقن جي چر چر، ڀنگي، ڊاڪٽر، مکين جي ڀُون ڀُون، ننگي ڇاتي، ادي، پيٽ، نياٽي، ست قرآن.

Gul Hayat Institute

# فرشتو

ڊاڪٽر صاحب جو موڊ خراب ٿي ويو. چيائين، "وڏي ڳالھ ڳڙ پڙ آهي، چڱيءَ طرح معائنو ڪرڻو پوندو!" ائين چئي ٻئي هٿ مٿي ڪنيائين. مون کان ڇرڪ نڪري ويو. هٿ نہ پر چنبا هئس ۽ هيٺيان وردي پيل هيس. مون کان زور سان چيخ نڪتي، "عزرائيل!"

مان اسلام آباد ۾ هئس. هونئن تہ هر جيو جنتر، پسون پکڻ، اسلام آباد ۾ آهي ٿي، پر مان اسلام آباد ويو هئس ۽ اسلام آباد هوٽل ۾ رهيل هئس. ٿڌو ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرو، رنگين ٽي وي، قولدار پڙدا، فون. گهنٽيءَ تي چانهہ حاضر. ٽيئي وقت مفت مانيون. سنا سهڻا دوست. آرام ئي آرام. ڪم ڪو بہ نہ، سواءِ تقريرون ٻڌڻ جي.

ليٽئي پيٽئي، اوچتو منهنجي طبيعت غير ٿي وئي، لوچ پوچ، اندر ۾ آنڌ مانڌ، دل تي بار بوجهہ، مونجهہ ۽ ڦٿڪو. ساهہ تي نڪتو. پرپو ناشاد، جو هاڻي ليٽي پيٽي نفيس شيخ ٿي پيو آهي، ڪي فون ڪيم. پنهنجي سباجهي ساليءَ سان گڏ ڊوڙندو آيو. گهبرائجي ويو. مڙس ميڄڙو آهي سو هڪدم وريو. چي ، "ڏاهي ڪي وٺيون ٿو اچان!" اسين ماڻهو ڊاڪٽر کي ڏاهو چئون.

گهڙي دير ۾ آيو. چئي، "قاسمي صاحب اچي ٿو!" مون کان ڇرڪ نڪري ويو. ننڍي هوندي تاريخ جي ڪتابن ۾ محمد بن قاسم جي تصوير ڏٺي هئم. اگهاڙي ترار هٿ ۾، لوهو ٽوپ، گهوڙي تي سوار جنهن جون ٻئي ٽنگون مٿي هوا ۾. ائين ڪندي هُو صاحب اچي ويو. ڏاڍو پيارو ماڻهو. نديم ٿي چيائون يا نادم. پر نادم وڏيڪ ٿي لڳو. چڱي طرح سان ڏٺائين حال احوال ٻڌائين. چيائين، "ادبي دباءُ وڌي ويو آهي!"

چيم، " ڊاڪٽر صاحب توهان جو مطلب آهي تہ خون جو دباءُ وڌيل آهي. پر مان تہ سالن کان خون جي گهٽ دباءُ جو شڪار رهيو آهيان، بس خاموش چپ ٿي

چپ آهيان!“ مِنٽي مرڪ سان چيائين، ”خون جو دٻاءُ نہ ادبي دٻاءُ وڌيل آهي!“

مون کي اطمينان نہ ٿيو. چيم، ”اهو وري ڪو نئون ايڊس جهڙو مرض نڪتو آهي ڇا؟“

”نہ نہ، پاڪستان ۾ هيءَ بيماري اڄڪلهہ عام آهي!“ ڪجهہ ترسي چيائين، ”ان جو علاج آهي، لکو نہ ٿا تہ ڳالهايو خوب ڳالهايو زور زور سان ڳالهايو!“

چيم، ”مان تقرير باز ناهيان!“ گنڀير ٿي اٿي ڪڙو ٿيو ۽ ويو هليو. ويندي ويندي پرپوءَ کي چيائين، ”پاڻهي ڦاٿندو!“ پرپوءَ جو منهن ٿسي ويو. چيائين، ”اسلام آباد جو وڏو ڊاڪٽر تو آڻيان!“

ٿوري دير ۾ شور متو تہ وڏو ڊاڪٽر اچي ويو. هڪ وڏو جڳادري قسم جو ڊاڪٽر اندر آيو. نهن کان چوٽيءَ تائين اڇو جبو جهڙو فرشتو ڪلندو مشڪندو آيو. اچڻ سان ڳراٽڙي پاتائين. مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪيائين. آٿت اطمينان ڏنائين تہ خير خيريت آهي چوڌاري امن امان، مٺ محبت ۽ موسم خوشگوار آهي. چيائين، ”اتو کِلو ڳالهايو هتي هر ڪا آزادي آهي، هر حاجت پوري ٿيندي آهي!“

مون سيني ۽ گلي تي هٿ ڦيرايا ۽ متي جي وارن کي ڇڪي ڪيفيت بيان ڪئي. چيائين، ”سٺو گهر، موٽر ڪار، وظيفو وغيره ميسر ٿي سگهي ٿو!“ چيم، ”الله جو ڏنو سڀ ڪجهہ آهي!“

”ڪهڙا ڪتاب پڙهندا آهيو؟“

”تاريخ، ادب، فلسفو سياست. . . “

”گندا ڪتاب ساڙي ڇڏيو. قرآن پڙهو!“.

”ڪيئي دفعا معنيٰ سان ۽ باتفسير پڙهيو اٿم!“

”الله الله ڪيو نماز پڙهو!“

”پنج ئي وقت باقاعدگيءَ سان پڙهندو آهيان، بلڪ شب خيز آهيان!“

”حج تي موڪلي سگهجي ٿو!“

”ڪيو اٿم!“

”سير ڪيو... سوات، ڪاغان زيارت وڃو!“

”هندوستان پاڪستان بلڪ ٻاهريان ملڪ بہ گهمي ڏٺا اٿم روس بہ ويو آهيان!“

ڊاڪٽر صاحب جو موڊ خراب ٿي ويو. چيائين، ”وڏي ڪا گڙٻڙ آهي، چڱيءَ طرح معائنو ڪرڻو پوندو!“ اٿين چئي ٻئي هٿ متي ڪنيائين. مون کان ڇرڪ نڪري ويو. هٿ نہ پر چنبا هئس ۽ هينيان وردي پيل هيس. مون کان زور سان چيخ نڪتي،

”عزرائيل!“

# مـاءُ جـي جهـولِـي

> ”ڀنگياڙي هجي ڪ پنجاپڻ، پناهگير ... ماءُ جي جهولي تہ خالي ٿئي ها نہ؟“ مون ڏٺو سندس اکين ۾ لڙڪ هئا ۽ مائيءَ جا ڳوڙها تہ اڻ ڳڻيا اڻ جهليا پي وهيا. مون باغ جي مٽي کڻي چيو، ”سنڌ جي مٽيءَ کي سلام، سنڌوءَ جي مٽيالي پاڻيءَ کي سلام، گهوگهاري ۽ گَتگهڙ جي سڳداسين کي سلام!“

اسين مڙوئي پراڻين خيالن وارا آهيون. بيگم صاحب تہ نون سالن جي عمر کان پڙدو ڪيو ۽ در کان ٻاهر گهٽيءَ ۾ ڪانہ نڪتي. سنڌي وچولي طبقي جي ڪلچر ۾ رچيل. اخلاقيات کي آسماني مذهبي درجو. مجال جو ڪو هان! ڇا؟ يا ڇو؟ چوي. جيءَ! ۽ حاضر! پئي پوندي. حجاب اهڙو جو زبان بند اکيون، هيٺ. شاديءَ کان پوءِ سڄو سارو مهينو خود مون کي اکيون کولي ڪو نہ ڏٺائين.

هڪ ويري ٻاهر اڱڻ ۾ مان دوستن سان ويٺو هئس. جيپ اچي اندرئين دروازي وٽ بيٺي. بيگم صاحب لهي ئي نہ اٿي ويس. برقعي ۾ ويڙهيل پر لهي ئي ڪانہ! چئي، ”ماڻهو ويٺا آهن ڪيئن لهان؟“ مان ڪيس سرڪار سڏيان چيم، ”سرڪار مان اوٽ ڪري ٿو بيهان. توهان اڳيان ٿي لنگهي وڃو!“ اندر ٿيا سون تہ پگهر ۾ شل، پريشان، ڪرسيءَ ۾ اهلي پئي. پڇيم، ”سرڪار خير!“ ائين چئي مون کي لڱو ڇڻ ڪپڙا ئي ڪو نہ هئم. ڪراچيءَ ۾ تہ سيڪو سُڌري ٿو وڃي. چِلمن جي پٺيان ويهڻ وارا ۽ ڪنيز جي معرفت ”ڪهہ دو!“ چوڻ وارا ٿئسٽ ۽ راڪ اينڊ رول ۾ ٽڙڪندا ڏٺاسون. پُر اسان سنڌ وارن جي مٽيءَ ۽ ڪلچر سان اهڙي ڪا وابستگي آهي جو ڇڄي بہ نہ ٿا ڇڄون. پرنس ڪريم آغا خان ۽ بيگم آغا خان گورنر طرفان ڊنر جي دعوت اسان کي بہ ملي. شوق ۽ اشتياق هوندي بہ ڪو نہ وياسون. سرڪار جو خيال هو تہ ”هيترن سارن مڙدن ۾ گهبراهٽ ٿيندي ۽ مزو نہ ايندو.“

وري اچو صفائيءَ تي. صفائي سترائي اهڙي جو مک پئي ترڪندي. فرش پيا ڏوپيندا ۽ اگهبا. ٻار اهڙا جهڙا گلڙا. ميرائي گدلائي اصلي نہ. گند ڪچري يا رڳو مٿل ڪاڪروچ تي نظر پئي تہ دل پئي ڪچي ٿيندي ۽ آت اجهڪا ايندا.

Gul Hayat Institute

پنارڪون ڀوئڻ لڳي. عجيب منظر هو انساني همت ۽ محنت جو زندگيءَ کي اجاگر ڪرڻ لاءِ، حيات کي قائم رکڻ لاءِ، صدين کان ساڳيو.

ڏق ورتل هيٺن هڏن پگهر وهايو. زمين پنهنجي مادري شفقت سان ڇاتي ڇلهياراڻي رت جي خوراڪ پهچائي، سج پنهنجي پوري قوت سان هڏي جهڙي ٻج ۾ ساهه پريو ۽ پلاري مهراڻ پنهنجي رڳ ڪولي پاڻي پهچايو. ڇا ته قوتون ڪنيون ٿيون هيون! حيات ۽ زندگيءَ جي اوسر ۽ اوپر واسطي. ڪٽي مان ڪاسو ۽ ڪاسي مان انبار ٿيو. ساران ۽ هن اهڙو آنند محسوس ڪيو ڄڻ هنن ٿيون ٻچو تخليق ڪيو هو. ڌرتي، سج، سنڌو ۽ ساران جي مڙس کان سواءِ ٻيو به هڪ پيدا ٿيو جو انبار جو انبار ڪٽي، ٻه ڳوٽيون ڇڏي ويو. ساران مڙس کي چوڪون ڏنيون، ”وڏيرن کي ڪجهه چئو منٿ ڪرين!“ هُو خاموش رهيو. گهڙيءَ لاءِ خيال آيس ته ’جيئن وڏيرو پنيرو پيو وڃي، ڪياڙيءَ واري لٽ وهائي ڪڍانس!‘ ... ’ڪيڏو نه بيهودو خيال! مان جيل ۾ ٻچا بکن ۾ ...“ ۽ وري به هُو غيرت جو ذخيرو سلامت سنياري واپس وريو.

پنهنجا پڪا ڦٽا ڪري، ڪرڻا ئي پيس، اڇي جَرَ جي پيٽ مان رزق جي تلاش ڪيائين. شفاف پاڻيءَ ۾ چرندڙ متاري مڇي، فطرت جو انعام لاڙ جي بُکئي ۽ ڏکئي عوام لاءِ! پکي، بدڪون ۽ تتر هن ويچاري پورهيت لاءِ. هي به چند ڏينهن جو چٽڪو. مڇي ٺيڪيدار ڦري رکي ڇڏي ۽ ڦاسايل بدڪون شڪار جي محافظ ضبط ڪيون. جڏهن ڪيس ڇيلهه ۾ رسو وجهي ڪورٽ ونيون تي ويا ته پير واري ڏنڊ ۾ سوين پڪي بندوقن سان ڍير ڪيا پي ويا.

هڪ ڏينهن جيل ڪاٽي، اوسيڙي ۾ وينل ساران وٽ موٽي آيو. بدن نڀل، ساهه نپوڙيل، رڳو پساهه پيو ڪٽي. ساران جي هٿ ۾ هٿ ڏنائين. ڄڻ ته پورهئي، اميد ۽ محنت جي امانت سپرد ڪيائينس. ساران جي اکين ۾ چمڪ اچي وئي. اها چمڪ جنهن جي تحت انساني عزم جي قوت هوندي آهي.

ڇا ڪمزور جيو ڇا آفتون ۽ ڇا مقابلو! هر وقت اميد جي ڏياتي هٿ ۾ اڳيرو. زندگي لوچ پوچ ۽ ڳولهه جو ڪُن! نا اميديءَ جو دونهون ۽ ڪوهيڙو ور ور ڪيو ويڙهيو وڃي ۽ هي بار بار خالي هٿن سان دونهين ۽ ڪوهيڙي جا ڪکر دور ڪيو ڇڏي. ڇا ته زور هو ڪمزور هٿن ۾. ”جڏهن هٿ هٿن ۾ ملندا تڏهن اهي دونهان ۽ ڪوهيڙا، هميشه هميشه لاءِ لهي ويندا!“ هن سوچيو.

پر ۾ ٺهندڙ رستي تي مٽيءَ جو ڪم پئي هليو. لاڙ ملڪ ۾ ڇت ڇوري ۽ پنگ جي عام ۽ ڪلم ڪلا بازار لڳندي هئي، اتي چند غيرتمند انسان تغاريون ڍوئي مزدوري ڪري رهيا هئا. ساران ۽ هُو ساٿن شامل ٿي ويا. ڪوڏر جي هڻ هٽان، تغاري جي ڍوءِ ڍوئان، مڙس شَل ٿي رهيا هئا. ٺيڪيدار صاحب ڪٽ تي ويهي، حقي جي گڙ گڙ ۾، ”شابس! شاباس!“ جي اهم سخاوت نڇاور ڪري رهيو هو.

هڪ شام جو تغاري کٽي ڊوئيندي ڊوئيندي هُو مري ويو. مزورن ڪم کٽي بند ڪيو. کٽي ڪيس پونگيءَ پيڙهو ڪيائون.

سندس لاش جڻ خاموش ٿيا پو ڏئي رهيو هو ته، ”مون حياتيءَ جو مقصد ڇاتو ۽ پاتو... جو ڪجهه تو ۾ بهترين آهي، اَنَ ڪي اُجار ۾ سڀ خرچڻ ڇڏ !“ زندگيءَ جي ڳجهارت جي ڪيڏي نہ سولي پڄٽي. ڇم ڪان موت تائين هڪ واڻ هڪ ڇلانگ، بيو سڀ، ”جاٽي دوس!“

صبح جا حيات آفرين ڪرڻا، گاهہ جي هر تيلي ڪي پورو راشن ڏيندا، گمنام انسان جي قبر ڪي منور ڪندا، تلاءَ جي پيٽ ڪي قوت جا پنڊار ڏيندا، هلندا ويا. اهو ئي ڪيچڙ پريل تلاءُ جتي اڌ صدي اڳ هڪ ڪمزور ميرانجهڙو ڪوٽيسر اپريو هو. اڄ اُتي بہ سفيد ڪنول ڪڙيا بيٺا هئا.

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

# جمال ابڙي
# جا مضمون

Gul Hayat Institute

# شاھ محض صوفي نہ ھو

دنيا جي سمورن عالمن، اديبن ۽ مفڪرن هڪ ئي چشم متحير سان هن فطرت جي ماندڻ کي ڏٺو: هڪ ئي نظر سان قدرت جي بي لغام قوتن کي جاچيو ۽ هڪ ئي نظر سان انسان جي بي حساب تعميري طاقت جو اندازو لڳايو. انهن هن ڌرتي امڙ جي حيات آفرين ڇاتيءَ تي ڦٿندڙ ۽ پلجندڙ اڪيچار جيون جي ارتقائي منزل جو غور سان مطالعو ڪيو. ماحول ۽ مڙني اثر انداز حالات جي تحت، جي سماجي، معاشي، توڙي ذهني مسئلا پيدا ٿيا، تن جو ان دور مطابق حل سوچي رهنمائي ۽ رهبري ڪئي انهن ڪو صرف هڪ طبقي، هڪ فرقي، هڪ مذهب هڪ قوم يا هڪ نظرئي سان بس نڪاح وجهي ڪونہ ويهي پنهنجون قوتون وڃايون. اهي مفڪر نہ هندو هئا نہ مسلم، نہ عربي نہ عجمي، نہ سنياسي نہ صوفي ـ هو انسانيت جي ان اعليٰ مقام تي پهچي چڪا هئا جنهن جي فقط پيرن تائين پهچڻ لاءِ اهي نظريا بس ڪي چند مرمت طلب ڏاڪا هئا. انهن اعليٰ انسانن جو پيغام هڪ وسيع سچ هو. ان پيغام ۾ ساهہ هو جو معاشري ۽ سماج جي وڌڻ سان گڏ پاڻ بہ وڌندو جوان ٿيندو ٿي رهيو. انسان جڻ ول جيان وڌندڙ ۽ عقل ان پيغام مان نوان نوان فڪر ۽ فلسفا ڳولهي وقت جي ڪهني ڪس کي مهٽي نون نظرين ۽ مسئلن جا اصول ۽ علاج ان مان ڪوري ڪڍي ڪيس چلڪائي ۽ چمڪائي ڏيکاريو.

اسان جي لطيف ۾ اهي سڀ اعليٰ اديب، عالم ۽ مفڪر وارا گڻ آهن. هو ڪنهن مخصوص طبقي جو شاعر نہ آهي. هڪ مذهب وارن جو شاعر نہ آهي. هڪ نظرئي وارن جو شاعر نہ آهي. شاعر کي هر مذهب، هر نظريہ ۽ هر طبقي وارو پنهنجو ٿو سمجهي ۽ سندس پيغام ۽ ڪلام ۾ پنهنجي نفيس جذبن، ڏکن، مصيبتن ۽ اميدن ۽ آشائن جي ترجماني جو عجب جهڙو اکٽ خزانو ٿو پسي — شڪر آهي جو شاهہ پاڻ کي ڪنهن تنگ ۽ محدود دائري جي قابو ۾ ڪين رکيو. ورنہ سندس ڪلام ڪڏهو ڪو بي جان بڻجي هڪ گروهہ جي ميراث ٿي وڃي ها يا صرف ڪتابن ۾ ڪفن پوش هجي ها. شاهہ رڳو هڪ سيڪڙي جو شاعر نہ پر سو سيڪڙي جو شاعر هو. جي صرف ان هڪ سيڪڙي جو شاعر هجي ها تہ اڄ هماليہ جي ڪُٽيائن ۾ قيد هجي ها.

ڀٽائي سڳوري جيڪو سخن جو اڻ ميو خزانو سنڌ کي ورثي ۾ ڏنو تنهن جي قيمت جو تہ ڪاٿو ئي ڪونهي سندس چمڪ دمڪ، سونهن ۽ سلاست، ڏاهپ ۽ حڪمت، جرح ۽ مرهم اٿاهہ ۽ بي انت آهن. منجهس اهي گوهر ۽ موتي آهن جي بي انت بحر جي تري ۾

هوندي بہ چمڪاٽ پيا ڪن ۽ پاڻهي پاڻ پنهنجي ذاتي قوت جي زور تي ڳنڍ ڏيئي بوڙيا ڪيو پيا نڪرن ۽ پنهنجي شفاف سونهن سان، من ۽ مغز جي ڪس ۽ ڪٽ لاهيو ڇڏين. انهن جي سونهن تي ڪٽي واريءَ جا ذرڙا وري ويا هجن پر ان جا جلوا، واريءَ جي اڻ ڳڻت ذرن ۾ نور جا تجلا پيا ڪيو ڇڏين. سندس مواد ڪٽي سون سالن جي پنن ۾ پراڻو ٿيو پيو هجي پر ان جي رابيلي سڳنڌ اڃا بہ قوڙاٽ اديب توڙي سادي ڳوناڻي جي ستل ۽ مئل دل ۽ دماغ جي نفيس ۽ نازڪ تهن کي اٿلڪئي ڇُهڻ سان، بجلي وارو شاڪ ڏئي، تنبوري جي تار وانگر متحرڪ ڪيو ڇڏي – سندس ڏاهپ ۽ حڪمت جا نقطا، اڄ بہ اسان جي مفڪرن جيڪي وک وک تي ڏينگرن ۾ اٽڪيو پون ۽ ڪاري ڀاٽ اونداهي ۾ نور جي هڪ نحيف تروڙي لاءِ ٽاڦوڙا پيا هڻن، تن لاءِ اها ڏياتي آهن جا سنڌي تهذيب جي اونچي ۽ طويل لڪڙيءَ تي صدين کان پيڙ وانگر، جهر جهنگ ۾ پڙڪا ۽ جرڪا ڏيندي اچي. نہ اجهامنديون نہ وسامنديون سدا چمڪنديون لاٽ.

پيٽائيءَ جي جرح اسان جي سُور، ناسور ۽ روڳ جا وڪا پڌرا ڪري، تپ ۽ ٻري جا تهہ کولي، اصل سچي ۽ لُچي "سبب" جي نندڙي شيطانڙي کي سندس لڪل محل مان ڇڪي، گهلي جڙئون ڪڍي، سندس آنڊا گجيون کوليو رکي ۽ شاهہ جي ڦڪي ۽ مرهم اڪسير ۽ ٽڏي نہ ڪوڙي نہ اگري، مٺي ۽ محبت واري هڪ ٽڪ، مرض فرنگي هجي توڙي پاڪستاني، روسي هجي يا آمريڪي، هر دور لاءِ، هر طبقي لاءِ، هر مسئلي لاءِ اڪسير ۽ اعليٰ آهي.

شاهہ سراپا پيار آهي، حِلم آهي، نهٺائي آهي، پيار جو پنڌار ۽ نماڻائيءَ جو سردار – وٽس نفرت، ساڙ ۽ حسد جو نالو ئي ناهي. هو انارڪسٽ نہ آهي. دهشت پسنديءَ کان دور ساڙڻ ۽ ڀاهڻ مان نہ ڄاڻي. باقي پيار جي راهہ ۾ ساهہ سدائين صدقو ڪيون گهمي. جند گهوريون، جان تئون آهو ڪنيون. توڪل جو ترهو ٻڌيون. جهر جهنگ جهاڳيندو وتي. مڙڻ وارو مڙس نہ آهي. درياهن ۾ ڪاهيو پئي، روهن کي رتيون ڪندو وڃي، چڪيا تي پاڻ جلايو ڇڏي، پٽ پتيهر اڇلايو ڇڏي.

شاهہ وٽ اوندهہ ۽ نا اميدي جو نالو ئي ناهي. هو تڪر ٽاڪڻ وارو، تتيءَ ٽڏيءَ ڪاهڻ وارو، ڪڙا ۽ ڪوٽ پڃي پورا ڪرڻ وارو ۽ نچي راءِ ريجهائڻ وارو آهي، شاهہ جي اها مشعال هڪ نج سنڌي تحريڪ، سنڌ جي ماحول ۽ ثقافت مطابق غير ملڪي تقليد کان پاڪ آهي. نتيجي کان بي نياز چاهہ سان چڪيا تي چڙهيو پوي، مئي متي ۾ ٽپيو پوي، مئو تہ ٻڏيءَ جا ٻيڙا.

شاهہ صرف ترقي پسند نہ پر باغي ۽ انقلابي بہ آهي. مسڪين طبقي جي هڪ نامعلوم نياڻيءَ هٿان عمر جي اميراڻي ڏاڍ کي ڏاهي ڍير ڪري ڇڏيائين. ڪکي هاٺي مهاڻي جي هٿان سمين صاحبزادين جي ڪنڌ مان ڪلي ڪڍي هنر ۽ حسن جو مان مٽي ڪري نيچ کي اونچ نہ پر نيچ کي اونچ کان بہ اونچو ڪري ڇڏيائين. ذات ۽ مذهب جا ويڇا محبت ۽ پيار ۾ مٽائي، اهڙي سهٽي نموني نباهيائين جو ٻانيڻ بہ سسئي کي سورمي پيا ڪوٺين ۽ نائونءَ کي نندين، سهٽي ذريعي شرعي ٻنڌڻن کي توڙي، پيار تي پتنگ وانگر

صدقو ٿي، نينهن نباهڻ جو علَم ايو ڪري. شاھہ سائينءَ دقيانوسي سماج جي بہ پريل پيپ ۾ اهڙي تہ ڪماليت سان چري هنئي جو ملا بہ ڏمر کي ڏاڍڻ پيا سمجهن. راڳ جنهن کي اڄ بہ گهڻا ناجائز پيا سمجهن سي بہ ڪتار تي ڪنڌ ڪپائيندڙ هندو راجا کي لافاني هيرو پيا سمجهن. آرٽ جي مقابلي ۾ سر کي سهانگو ڪري ڇڏيائين. عورت جاتي جي پد کي ان جو ڪري، نارين، سورمين، جي اهڙي هلت ۽ ڪردار ۾ ڪا بہ خرابي ڪانہ ڏنائين مڙدن ۾ رڳو ڪيس عمر، ڦوڳ، ڏمر ميهار پنهون ۽ چلولا ڇنيسر نظر آيا جن کي سورمن جي بلند مقام جو لائق نہ سمجهيائين. اڄ بہ ان ساڳي سنڌ ۾ ڪارا مڙس، قارون پيئر، يهودي وڏيرا ۽ گور ڊيگا اڌا قائم ڪيو ويٺا آهن. ڀٽائيءَ جي دعائن سان بک بيماري، بيروزگاري ۽ ڏاڍ ڏمر جا قاروني ڪوٽ ڪنهن نياڻي مارئي جي صدا سان ئي ڪري پٽ پوندا.

ڪو صاحب اعتراض ڪندو تہ اُهي تہ محض مروج ڪهاڻيون هيون جن کي تمثيل ڪري شاھہ صاحب اظهار جو ذريعو بڻايو. اهو مفروضو شاھہ صاحب جي فن ۽ فڪر سان وڏو بي ذوق مذاق آهي. مان ڪين يقين سان چوان ٿو تہ شاھہ صاحب جهڙو عظيم فنڪار ۽ جليل القدر بزرگ، پيا انهن ڪان بہ سهڻا ۽ ناپاڪي ڪان پاڪ قصا جوڙي ۽ گهڙي سگهيو ٿي. جيڪڏهن هو سهڻيءَ جي روش کي معيوب سمجهي ها تہ ڪڏهن بہ پاڻ ڪارڻ بڻجي سهڻيءَ لاءِ سنڌي ادب ۾ لافاني سورميءَ جي اعليٰ جڳهہ منتخب نہ ڪري ها. مان اوهان کي يقين ٿو ڏياريان تہ جي سسئي مسلمان جي نياڻي هجي ها ۽ پنهون هندو ياڻيڻ تہ بہ شاھہ سائين سنڌس ڳڻ ڳائڻ کان نہ شرمائي ها. هو انهن پنڌڻن کان آجو اونچو ۽ اعليٰ هو. وسيع النظر ۽ وسيع القلب هو. اسان جي هيءَ سنڌو ماتري جتي اڄ ٻچن جون مائرون ڪاريون ٿي ڪسجن ٿيون، جتي معصوم نياڻيون وڪامن ٿيون، جتي انساني ميوو پيدا ڪندڙ غنچن کي قرآن بخشايو وڃي ٿو. جتي جنس لطيف تي لٺين جو وسڪارو ڪري ڊڳن وانگر وهايو وڃي ٿو. اتي بہ سؤ سال اڳ، نباض قوم شاھہ عبداللطيف ڀٽائي جي نظر انتخاب صرف عورت تي پئي ۽ ان کي خوبين جي کاڻ سمجهيائين ۽ پڻ آئنده نسلن جو اميد آسرو.

اڇو تہ اڄ عزم ڪيون تہ شاھہ سڳوري جي چوڏاري جو هي محدود نظرياتي چارو ويڙهيو ويو آهي تنهن کي لاهي صاف ڪيون. عوامي شاعر کي عوام جي آڏو اوجل ڪري پيش ڪيون. هر عوامي مسئلي ۽ مشڪلات لاءِ شاھہ جا عوامي علاج کولي ظاهر ڪري الم نشرح ڪيون. ائين نہ ڪنداسين تہ اهو ڪوريئڙي جو چار، شاھہ جي پيغام کي جڪڙي نستو بنائي آخر پوساتي وجهندو. شاھہ جا چاٽو گهٽو ٽٽو اڪرن ۾ اڙيا پيا آهن. يا تہ تارڪ الدنيا جي ترغيب ڏيڻ لاءِ حاضر آهن. جي ڪٽي پڇون تہ فلاڻي سماجي اوٽائيءَ لاءِ شاھہ جو ڇا نظريو آهي تہ حرام جو ان پاسي ڏيان ويو هجين. ضروري آهي تہ شاھہ سڳوري کي ان گوشہ نشيني ۽ چلہ ڪشيءَ جي ماحول مان ڪڍي هڪ حڪيم، جراح ۽ رهبر جي منبر تي ڪڙو ڪيو وڃي. سندس پيغام جي سايہ ۾ قدم اڳتي وڌائجي. ٽڪرن کي ٽاري روھ کي رتيون ڪرڻ جي ڏمڪي ڏجي. اميد کي هٿان نہ ڇڏجي، مٽي متي مهراڻ ۾ ٽپي پئجي، ڪوٽ ۽ ڪنگر اوس ڍهڻا آهن. سون سالن جا ڏڪڙا لحظي ۾ لهندا. صبوح



Gul Hayat Institute

ضرور ٿيندو. نور جون ٻاڪون ڦٽنديون. هوت پاڻهين ايندو رڳو اسين به اڳيرو ٿيون.

شاهه سائين کي تنگ دائري ۾ قابو ۽ قلع بند رکيو ويو. ائين ته سندس پيغام ڪڍهونڪو بيجان پڙهي هڪ گروهه جي ميراث بڻجي وڃي ها يا صرف ڪتابن ۾ ڪفن پوش هجي ها. شاهه صرف هڪ سيڪڙي جو شاعر نه پر سو سيڪڙي جو شاعر آهي. مون صوفي حضرات کي هڪ سيڪڙو شمار ڪيو آهي، ورنه آهن ته ڪو هزارن ۾ هڪڙو.

شاهه صوفي صفت عظيم انسان هو تنهن ۾ شڪ ڪونهي — پر بس "رڳو صوفي هئو" اها هڪ زيادتي آهي. هو لاشڪ هڪ صوفيءَ وانگر هر بري ڀلي جو خير خواهه هو پر سماج جي هڪ زنده فرد جي حيثيت ۾ ڏڪارئي ۽ موذي جي نه رڳو خلاف هو پر ان جي قطعي ۽ فيصلا ڪن "موت" آڻڻ جي فائدي ۾ هو. "ڏڪاريا ڏيهه مان موذي سڀ مرن." صوفي لاءِ اڻي اور الله سنين ڪافي هو پر "تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه" جا جارحانه اڪر صوفيانه نه سپاهيانه آهن. شاهه اجا به قدم اڳتي وڌايو. فقيريءَ جي الفيءَ کي اڇلي "گهوڙن ۽ گهوٽن رڻ ۾ رت" کي ڳايو شريعت جو پابند هو پر "ٻئي فهم" جو ماڻ جيڪي سو مٽيرو ڪري ويو. مسلمان ته هو پر "ڪوڙو آهين ڪفر سين" واري تنبيهه به ڪري ويو. مڇ کي للڪاريندو رهيو.

متو آهين مڇ تلهو تيو ٿونا هٽي
جا تو ڏني اڇ، تنهن پاٽي پنا ڏينهڙا

مارشل لا جو مڇ، ڊڪٽيٽر شاهي جو مڇ، فاشزم جو مڇ، توڙي ڪميونزم جو مڇ ڏاڍ ۽ ڌهڪاءَ ڦهلائي ڪارا قانون جوڙي، ڦٽڪا ۽ ڦاسيون رائج ڪري، ڪوڙيون ڪورٽون ٺاهي ڀانئين ٿا ته اها اڇ سدائين قائم رهندي جنهن ۾ سدائين تڙڳندا رهندا ۽ جاوا ڪندا. پوءِ ٿلها ٿي پيا ٿونا هٽندا. نتا جاڻن ته ان پاٽيءَ جا ڏينهن اڇي پنا آهن. نه رهندي اڇ نه مڇ. اهڙو ڦرڪو ڦرندو جو اها اڇ ئي نه رهندي، اهو ٽڪسات ئي جهڙپ سان هاٿي ۽ مڇ هنڌان ئي نه چرندا. البت مڇ ائين نه مرندا جيئن جهينگا جهلجن جهول ۾. اڇ رڳٽا پوندا. ڇاڙون ۾ ڇيڇ چڏٽا پوندا. وک وڌاٽي پوندي. اوڙاهه اجا اڳيرو اجا اڳيرو. ڳن ڪڙڪات، ڇوليون ۽ ڇوها، تيزي، تندي، تياري ۽ تنظيم ... جهڙپ.

سنها پاڻيءَ م سپ، وياءَ واسينگن جا
جنين جي جهڙپ، هاٿي هنڌان ئي نه چري

شاهه سائين عجيب معنيٰ خيز انداز ۾ اوراٽا پيو ڏئي ته گهاتو گهر نه ايندا. رڇ رڳٽا پوندا. ڇاڙون ۾ ڇيڇ اورانگهٽا پوندا. وک وڌائبي بري تي بڇ ڪبي . پوءِ مڇ مرندا. هيءَ مهم نه سؤلي آهي نه اک ڇنڀ ۾ ايندي. نعري بازي ڪانه هلندي. ڳيرن جي راند نه آهي سالها سال ڏونگر ڏوريا. سسئي جهڙيون نازن پليون گهر گهاٽ ڇڏي روهن ۾ رلنديون. لڱ لوهه ڪنديون. سهٽيون ڪنن ۾ ڪاهي پونديون. ور ۽ گهر ڇڏينديون. گهوٽ گهوڙن تي چڙهندا رڻ گجندو راڙو ٿيندو. گهاتو گهر نه ايندا. ڪانڌ منهن ۾ ڏڪڙا سيڪيندي سونهنديون. پوءِ پرهه ٻاڪون ڪيندي پوءِ چانگا چندن چرندا. پوءِ چنيسر چاڳ ٿيندا.

(جمال ابڙو ميرپور بٺورو 1963ع)



Gul Hayat Institute

# انساني تقدس ۽ سچل سرمست

حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم فرمايو ته ”وَ آنا مِن نُورُ اللهِ مِن نُوري“ يعني آئون الله تعاليٰ جي نور جو جلوو هئس ۽ ٻي ساري مخلوق منهنجي نور جي جلوي مان پيدا ٿي (”سيرت مصطفيٰ از مولوي محمد عظيم شيدا صفحو 85)“. هاڻي جيڪڏهن سڀ مخلوق بشمول جن، انسان، حيوان، جيت جڻيا پسون پکي سڀ نور مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جي پيدائش آهن ته پوءِ اها تمام ڳري ڳالهه چئبي. اهو محاورو حضرت مولوي احمد ملاح قرآن شريف جو منظوم ترجمو ڪندي الله تبارڪ تعاليٰ پاران جواب طور چيو آهي ته پڇن ڳري ڳالهه جو هن حديث شريف مطابق هر ماڻهو مومن، يهودي، ڪرستان، هندو سک، دهريا سڀ حضور صلعم جي نور مان پيدا ٿيل آهن. جو نور الله جي نور مان پيدا ٿيل آهي. ته پوءِ نه رڳو ڪا تفريق نه رهي پر تقدس به ثابت ٿيو. يهوديءَ جو جنازو لنگهيو ته پنهي جهانن جا سردار احترامن اٿي بيهي رهيا. حضور سڳورن جي چادر مبارڪ لاءِ اسين ته جان به صدقي ڪريون ۽ پاڻ سڳورن، اها پنهنجن هٿن مبارڪن سان وڇائي يهودين ۽ ٻين ڪي ان تي ويهاريو. هي سڀ ڏيکاري ٿو ته مذهبي، لساني، قومي، جاگرافيائي ۽ عقيدي جو ويڇو انساني ”عظمت“ ۽ ”تقدس“ سان واسطو نٿو رکي ۽ نٿو ٽڪرائي. (سچوءَ سچ فرمايو ته نوري ناري ناهيان، آهيان رب جبار.) علامه اقبال هٿ مار ڪائي ويو. ڇي يه خاڪي اپني فطرت مين نه نوري هي نه ناري هي“. غلط آهي خاڪي انسان نوري آهي. سچوءَ صحيح فرمايو ته، ”نوري ناري ناهيان آهيان رب جبار“ رُڳهو ڪل جي عظيم مهاپرش حضرت شري رام چندر باندرن جي راجا سِگريوَ کي متر يعني دوست ۽ ياءُ بڻايو. ڪٿي حضرت رام ۽ ڪٿي هڪ باندر. پر عظيم انسان، الله ۽ محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي نور مان پيدا ٿيل انسان، اهي ويڇا ميٽي ڇڏيندا آهن. سچوءَ چيو

آحد منجهاروُن عَبد سڏايءِ، هُتين تا پارَ اصلُ.
”سَچَل“ چَوي سَچُ تي آئين، ڪونهي تنهنجو تُلُ.

حضرت رام جا ٻه پسرَلو ۽ ڪش، رشي بالميڪي جي آشرم ٻاهران هڪ وڻ هيٺان ڏيان گيان ۾ ويهندا هئا. ان وڻ وٽ هڪ نانگ جو آستانو هو. رشي، کي

ڪجهه شنڪو ٿيو ۽ هڪ شِش کي موڪليائين ته نانگ راڄ کي چوي ته پنهنجو آستانو ڇڏي وڃ. پنهي ٻالڪن اعتراض ڪيو ۽ رشيءَ وٽ وڃي عرض ڪيائون ته سڀ جِيوَ مٽيءَ جي سنتان (اولاد) آهن تنهنڪري، نانگراج کي اتي رهڻ جو حق آهي ۽ مٽيءَ جا سنتان جيڪڏهن نفرت ڪندي پريم (پيار ۽ محبت) سان رهن ته جيڪر ڪو به ڪنهن کي نه ڏکوئي. رشي اهي ويچار ٻڌي ڏاڍو پرسن (خوش) ٿيو ۽ چيائين اهو ستِ آهي. يعني سچ ۽ حق آهي. اها آهي ڳري ڳالهه. نانگ جهڙي زهريلي جانور جو حق تسليم ڪرڻ ۽ ان کي پيار ڏيڻ.

شري ڪرشن اجا به وڏي ڳالهه چئي، مون پنهنجن گنهگار ڪنن سان حضرت علامه آءِ آءِ قاضي کي ۽ حضرت علامه عنايت الله خان المشرقي کي، جي ٻئي، جيد مذهبي عالم ۽ پڪا مسلمان هئا کين حضرت ڪرشن عليه السلام چوندي ٻڌو آهي، ۽ چئجي به پئي، جنهن شي، جو وجود نبيءَ جي نور مان پيدا ٿيو آهي تنهن تي سلام هجي ۽ سلامتي هجي. ته شري ڪرشن جو واقعو آهي ته جڏهن نندگائون جا گوالا ائين چئي ڪچهريءَ مان اٿيا ته هاڻي وڃي پوڄا پاٺ ڪيون ته فرمايائين ته ڪهڙا نه پورڙا آهيو جو وڃي ٿا پٿر جي مورتيءَ جي پوڄا ڪيو اهي توهان کي ڇا ٿا ڏين پوڄا ڪيو ته ڳائين جي ڪيو جن جو کير توهان پيئو ٿا ۽ مکڻ کائو ٿا. پوڄا ڪيو ته جمنا نديءَ جي ڪيو جنهن جو پاڻي توهان جو جياپو آهي.. پوڄا ڪيو ته ان پرميشور جي ڪيو جو آسمانن ۽ ڪڪرن مان مينهن وسائي توهان جي ٽوٽ زمين کي سر سبز ۽ سيراب ڪري ٿو.

انگريزي ادب جو مقولو آهي ته ”جبلن جون چوٽيون هڪ ٻئي کي ڏسن ٿيون“ .Peaks of mountains see each other علامه عنايت الله خان المشرقي به پنهنجي شهره آفاق ڪتاب تذڪره ۾ فرمايو آهي ته دنيا جي سيني عظيم ماڻهن هڪ ئي چشم متحير سان هن ڪائنات کي ڏٺو. قرآن حميد فرقانِ مجيد به بار بار انهن ٽن عناصر جو ذڪر ڪيو آهي (1) انعام جن جو کير، گوشت ۽ چمڙو اوهان واپرايو ٿا (2) بحرين يعني نديون جن تي اوهين پيڙا هلايو ٿا ۽ رزق حاصل ڪيو ٿا ۽ (3) آسمان ڪڪر ۽ مينهن. جي خدا جي حڪم سان وسي اوپڙ اپارين ٿا. واقعي جبلن جون چوٽيون هڪ ٻئي کي ڏسن ٿيون.

اسان جا صوفي سڳورا به اڏول اونچا پهاڙ هئا جن سچ يعني حق ۽ بي انت پيار جو پيغام ڏنو تي. سندن جدوجهد مسلسل ۽ اڻموٽ هئي. سِر ڪپائي سرها ٿيا پر هڪ انچ به حق جي راهه تان نه هٽيا. اها هڪ لاڳيتي جنگ هئي جا حضرت شاهه عبدالطيف ڀٽائي کان به گهڻو اڳ شروع ڪئي وئي جنهن جو اوج شاهه عنايت شهيد جي شهادت سان ٿيو. ڀٽائي سڳوري ان کي جهر جهنگ، برپٽ، ڪاڇي ۽ ڪوهستان ۾ عام ڪيو ۽ سچل سرمست ڪُنيءَ جو ڍڪڻ لاهي عليٰ الاعلان واڪو ڪري ان جي سڳنڌ چوڦير ڦيرائي. شاهه عنايت شهيد رڳو ڪو

هاري هلچل جو اڳواڻ ڪونہ هو. هو صوفي با صفا، با عمال بزرگ هو. جنهن آڏو هندو مسلمان ڇهڙو شڪاري سڀ الله جو پرتوءَ ۽ هڪجهڙا انسان ۽ پيار جوڳا هئا. اهوئي سبب آهي جو درگاهہ توڙي سندن خليفن جا مريد اڄ تائين هندو جاتي وارا ججها نظر ايندا. شاهہ عنايت شهيد وڏي ۾ وڏو جهاد مذهبي ڪٽرپڻي خلاف ڪيو جو اورنگ زيب جي زماني ۾ زور و شور سان شروع ڪيو ويو هو. سنڌ ۾ بہ مغل نوابن ۽ درباري مُلن مولوين ۽ مخدومن، شرع ۽ فقہ جي چار ڪي ڦهلائي اهڙو تنگ ڪري ڇڏو جو عام ماڻهو خاص ڪري غير مسلمن جو ساهہ گهٽجڻ لڳو هو. ويچا ايترا وڌي ويا جو ڇوت ڇات جو مرض، جنهن ڪان اسلام مبرا آهي سوبہ سماج کي وڪوڙي ويو. هندوءَ جي هٽ جو ڪاڏو ڪائڻ بہ حرام قرار ڏنو ويو. هندو ويچارا ڪيترا لفظ نہ ڳالهائيندا هئا تہ متان ڪين مسلمان سمجهي طهر نہ ڪرايو وڃي. سنڌي هندو ڪڏهن بہ رسو لفظ نہ چوندو هو تہ متان ان کي رسول سمجهي مسلمان قرار ڏنو وڃي. هو رسي کي نوڙي، گوشت کي تيوڻ، ٻوٽيءَ کي سُڏي، ۽ هڏيءَ کي ڪنبو چوندا هئا. اهڙي ٻوست ۽ ڏهڪاءَ واري دور ۾ شاهہ عنايت شهيد ٺٽي جي عالمن، مخدومن ۽ حاڪمن جي مخالفت ۾ غريبن، مسڪينن، ڪمين ڪاسبين، هندن مسلمانن کي ڀائپي برادري ۽ هڪجهڙائي جي لڙهيءَ ۾ پوئي هڪ الله ڏانهن رجوع ڪيو. ٻيو تہ نهيو هندو مريدن کي قلبي ذڪر بہ ڪرايائين، جو فعل اڄ تائين جاري آهي، ورنہ هندو ماڻهو جي وٿيش واپاري هئا تن جو هاري تحريڪ سان ڪهڙو واسطو. مطلب تہ هو سيني ستايلن کي ڏاڍ خلاف ڪنو ڪرڻ، ٻڌي ۽ اعتماد ۾ پوڻ آزادي روحاني سڪون رسائڻ ٻڌي ۽ يقين يعني Conviction انقلاب جا بنيادي جُز آهن. روحاني سڪون جو ترجمو مان يقين يا Conviction ڪيان ٿو. اتحاد ۽ يقين ميسر ٿي وڃي ۽ خليفن معرفت هنڌين ماڳين تنظيم بہ ڦهلجي وڃي تہ انقلاب جا بنيادي عنصر پيدا ٿيو وڃن. قاضي جاويد پنهنجي ڪتاب "برصغير ۾ مسلم فڪر ڪا ارتقاءُ" ۾ صوفي سڳورن کي سڏيو ٿي آهي باغين جو گروهہ. سڄو برصغير پر سنڌو ماٿري خاص طرح اهڙن باغين سان پري پئي هئي. ڀڳت ڪبير، گرو نانڪ، بابا فريد، بُلي شاهہ، سلطان باهو ماڌو لال حسين، شاهہ عنايت، شاهہ لطيف، سامي، سچل سرمست ۽ ڪيئي ٻيا.

شاهہ لطيف "ڪڏهن ڳاڙها گهوٽ ڪڏهن واهي رڻ جا" چيو ۽ سڄو سُر ڪيڏارو وڙهڻ ۽ جنگ جوٽڻ کي اربي ڇڏيو. ڀڳت ڪبير چيو:

مرنا مرنا هر ڪوئي ڪهي مري نہ جاني ڪوءِ
ايڪ ٿي وار ايسا مريئي جو ڦر نا مرنا هوءِ

اڇيو ٿي بغاوت جي بوءِ يا ڪانہ. اجا ڪجهہ وڌيڪ چوي ها پر حالات اهڙا ناساعد هئا جو ڀڳت ڪبير هڪدم چيو

Gul Hayat Institute

آهه ڪرون تو جڳ جلي، چُپ ڪي لاڳي گهاءُ
ايسي سنيهه ڪنن سي نت نت ڪرون اپاءُ

اهڙا ڪنن سنيها ڏيڻ لاءِ نت نت نوان اپاءِ ڪرڻا پون ٿا. سچل سائين ڪي به چوڻو پيو ته،

ماٺ ڪيان تان مشرڪ ٿيان، ڪڇان تان ڪافر
انهي وائيءَ ور سمجهي ڪو سچُو چوي

هاڻي عوام تي ڇڏيل آهي ته منجهيل مامرو سمجهي ۽ ڪشالا ڪڍي پاڻ کي بڌائي ٿو ته سوز گداز ۽ غم رهبر ٿيندا راهه ۾.

شاهه سائين به چيو ته "ڪر پيلي آهن پيلهه جي سور پريان جا ساڻ مون" سو سائين سوزِ گداز ۽ غم جڏهن رهبر ڪبا ته راهون پاڻهي نڪري نروار ٿينديون. واٽ وندر جي وڻ پيا ڏسيندا.

هاڻي جيڪڏهن غريب مسڪين، هاري ۽ پورهيت، هندو ۽ مسلمان، اچوڪي زبان ۾ سنڌي ۽ مهاجر، پنجابي ۽ پٺاڻ، بلوچ ۽ بروهي، هڪ ٿي ايڪتا ڪري هڪ پليٽ فارم تي گڏ ٿي نڪري پون ته استحصالي طبقن ۽ حڪمران ايوانن ۾ زلزلو ڌرڙ ۽ ڌڪاءُ پيدا ٿيندو ڪ نه؟

ايڪتا يا اتحاد هڪ وڏو انقلابي قدم آهي. انگريز سامراج به اهو چاتو ٿي تنهنڪري هر هنڌ هر طبقي ۽ هر ميدان تي پوءِ اهو سياسي سماجي معاشي يا مذهبي چو نه هجي ان کي ٽوڙيندا آيا. اسان جي شاعرن به نادر شاهه احمد شاهه ابدالي ۽ شاهه شجاع جا دهشت ناڪ درد ڏٺا ۽ بڌا هئا، تنهنڪري انهن بنياد بڌو اتحاد ۽ ايڪي تي جنهن لاءِ هنن سڀ ويڇا وساري ڇڏيا. هندو مسلم هڪ ٿي ويا. شاهه ڀٽائي رحمت الله عليهه ته حد ڪري ڇڏي جو ڪافر کي به طعنو ڏنائين ته تون ڪفر سان سچو ناهين ۽ جڻئي جي لائق ناهين.

ڪوڙو تون ڪفر سين ڪافر مَ ڪوٺاءِ جڻيو تو مَ جڳاءِ

سندن غيرت کي اڀاري منجهن اعتماد جي همت Courage of conviction پيدا ڪئي ويئي، جيئن هو احساس ڪمتري جو شڪار نه ٿين، سچل سائين ته واڇڻ وڃائي ڇڏيا. صاف صاف چيائين:

(1) هندو مومن ناهيان، آئون جوئي آهيان سوئي آهيان.

(2) ڪافر مومن هڪڙو سچو پوڙج پيائي

(3) سچل سائين جي مشهور سٽ هرڪوئي هوڪاريندو آهي ته "صورت سڀ سلطان پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو" پر ڪمال چالاڪي سان پويون به سٽون ڪاٽي ويندا آهيون، فرمائي ٿو:

تيار ٿي ڪونہ هجي تہ پوءِ ڇوٽو ٿي پوندو آهي تہ ”محبت ريءَ آهي منهن ڪارو“ اتفاق سان منهنجي بہ هڪ ڪهاڻيءَ جو عنوان آهي ”منهن ڪارو.“

محبت سان گڏ نياز نوڙت، هيڻاهين ۽ عجز لازم ۽ ملزوم آهن. ”گولا جي گولن جاتن جو ٿي غلام“ . شاهہ لطيف فرمايو ”ڪم ڪمدن ڪتيو هارايو هوڙهن،“ ”نمي ڪمي نهار تون ڏمر ڏولائو“، يا ”جتيءَ نہ جيهي“. اڄ ڪلهہ تہ واءُ ٿي الٽو ورئو آهي. ٽيڙي، آڪڙ، وڏائي، شوخي ۽ شيخي. هرڪو وڙهڻ پيو اچي، الرون پيو ڪري. شاهہ لطيف جا شيدائي سڏائيندي شرم ٿي ڪونہ ٿو اچين. لطيف چوي تہ ”هو چونئي تون مَ چئہ واتون ورائي،“ هت تہ هرڪو انڌ جي گهوڙي تي سوار ڪو ڪنهن جي ٻڌڻ لاءِ تيار ڪونهي. ٻچڙائي بہ تہ مٿان فخر بہ. چي ”اينٽ ڪا جواب پٿر سي دينگي. خون ڪي دريا بها دينگي.“ مسڪينن، بي هٿيارن، ٻارن ۽ نياڻين ڪي ماري مٿان نعرا بہ هٽبا. چڙهہ وڏي ڪيپ ڪتي اٿن. هيءَ ڪهڙي سورهيائي آهي. پنجاهہ ڇٽا هڪ بي هٿيار تي بندوقن ڇُرن ۽ لٺين سان ڪاهي پوندا ۽ ڪيس رتورت ڪري ماري هنبوڇيون هڻندا. هيءَ ڪانئرتا جي حد آهي، بهادري ناهي. مهاڀارت ۾ هڪ واقعو آهي تہ ارجن پنهنجي بيهوش دشمن کي مارڻ کان انڪار ڪيو. چي اهڙو ڪارو ڪم ڪري تاريخ ۾ پاڻ نہ لڄائيندس. سنڌ ۾ بہ ائين هوندو هو. دشمن پيادو هوندو تہ پاڻ بہ سواري ڇڏي ڏبي. مخالف وٽ هٿيار نہ هوندو تہ پاڻ بہ هٿيار اڇلي هٿين خالي وڙهبو. اڄ تہ بيگناهہ معصوم ستل پاڙيسري جي گهر ۾ ٽپي ڪيس ننڊ ۾ ڪهي پاڻ کي ڪوپو ڪنڌار سمجهبو. هت ڪراچيءَ جي شهر ۾ جيئرن جاڳندن باريشہ ڪلمہ گو مومنن کي پڪڙي پڪڙي باهہ ۾ اڇلائي ساڙيو ويو. ندامت تہ ڪانہ الٽو لاف ۽ لباڙ تہ اسان بہ هيئن ڪري ڇڏيو هونئہ ڪري ڇڏيو. اڙي ياٽي اهو انڌ، ڪنڌ پر ڪيريندو. اهڙي لوٽي پر لپاٽ لڳندي جو ڇنيءَ جو ڪير ياد اچي ويندو. هيءَ فهمائش منهنجي پنهنجن توڙي پراون کي آهي. هوڙهيائي ڪري مٽان هارائي ويهو. نياز نوڙت نمرتا اسان جو ڪلچر آهي، سچل سائين تہ هن ڏس ۾ حد ڪري ڇڏي، چي:

(1) آئون پڻ نماڻي عيبن هاڻي، ٻانهي آهيان گولي آهيان
(2) آئون ڪنيزڪ ملهہ خريدڻ ٻانهن جي آئون ٻانهي آهيان
(3) پاتم پاند ڳچيءَ ۾ ڪپڙو آئون نہ ڪنديس ڪڏهن ٻانهپ ڙيءَ ٻولي.

نمرتا ۾ ڪمال ڪري پاڻ لاءِ اهڙا الفاظ ڪم آندائين جي ڪنهن ٻئي شاعر ڪونہ چيا. چي ”ڪوجهي مان ڪمذات“ آهي ڪو ملا يا مذهبي ٺيڪيدار جو پاڻ کي ڪوجهي ۽ ڪمذات سڏي! اهو آهي بنيادي فرق ملا ۽ صوفيءَ ۾.

گهڻا سال اڳ مرحوم محمد عثمان ڏيپلائي شاهہ لطيف جي ان شعر تي اعتراض ڪيو هو تہ ”اهو ڪو بيو فهم جنهن سان پسجي پرينءَ کي،“ سندس خيال



Gul Hayat Institute

هو تہ روزي ۽ نماز کان سواءِ ٻيو ڪجھ فهم تي سگھي ٿو. ان وقت ڪيس ڪنهن جواب ڪونہ ڏنو. اڄ مان ڪوشش ڪيان ٿو. موضوع اهڙو آهي جو بحث طويل ٿي ويندو. ان ڪري سڀ ڳالهيون ڇڏي صرف قرآن شريف ڪي وٺون ٿا. شروعات ۾ ئي الف لام ميم کان پوءِ فرمايو ويو تہ لاشڪ هي ڪتاب آهي هدايت انهن متقين جي لاءِ جي ايمان آڻن ٿا غيب تي. هاڻي اول شرط ٿيو تقوا ۽ ٻيو شرط ٿيو ايمان ان ڳالھ تي تہ اسين نہ ٿا ڄاڻون. مان غيب جي معنيٰ اها ئي ڪيان ٿو. جيڪڏهن ڇئجي تہ اسين ڄاڻون ٿا تہ پوءِ وڏيڪ تفتيش، تحقيق ۽ ڄاڻ جي ضرورت ڪهڙي. تڏهن ئي صوفي سڳورن چيو "اديون آئون اڻڄاڻ". علامہ آءِ آءِ قاضي، آزاديءَ کان اڳ ۽ ڪجھ پوءِ بہ، ايل ڊبليو هاسٽل ۾ جا پوءِ جناح ڪورٽس ٿي وئي. هر جمعي نماز تي خطبي کان اڳ ليڪچر ڏيندو هو پڇيو سونس تہ، "سائين علم ڇا؟" هي تہ هڪدم جواب ڏنائين تہ When you know that you know nothing اڊرا پائونڊ بہ اهڙو ئي جواب ڏنو هو يعنيٰ جڏهن توهان کي ڄاڻ پئجي وڃي تہ اوهان ڪجھ بہ نہ ڄاڻو. دهريو اتي مار کائي ٿو وڃي جو ڪجھ نہ ڄاڻندي بہ سمجهي ٿو تہ هو ڄاڻي ٿو. نيوٽن جهڙي وڏي سائنسدان کان پڇيو ويو تہ چيائين تہ I have been collecting pebbles on sect... يعني علم جو اٿاھ ساگر تہ ٻيو آهي مون رڳو ڪناري تان ڪجھ پٿريون ڪنيون آهن. علامہ اقبال کان پڇيو ويو تہ علم جي انتها ڇا آهي؟ جواب ڏنائين حيرت، سچو بہ انهيءَ حيرت ۾ حيران رهيو. شاھ سائين تہ صاف چيو تہ اديون آئون "اڻڄاڻ" نتيجي ۾ جا نهنائي نياز نوڙت، عجز ۽ انڪساري اچي ٿي. سو آهي بنيادي شرط. حضور سائين بہ فرمايو رب زدني علما، اي پالڻهار منهنجي ڄاڻ وڌاءِ. ملان تہ اڻندي ئيٰ علم جي ديڳ ٿيو اچي. هي تہ ٿيو ٻيو نمبر شرط. پهريون نمبر شرط آهي تقويٰ، حضرت علي هجويري، داتا گنج بخش پنهنجي ڪتاب ڪشف المحجوب ۾ صفحي 123، 122، تي فرمائي ٿو تہ صوفي اهو آهي جو ڪنهن ڪنهن شيءِ جو مالڪ آهي نہ ڪنهن جي ملڪيت آهي، "الصوفي الذي لا يَملِڪ ولا يُملِڪَ. ۽ اها تعريف عين فنا جي آهي. اڳتي هلي فرمائي ٿو تہ اهو آهي موتو قبل انت موتو. شاھ صاحب بہ ائين ئي فرمائي ٿو تہ "مرڻان اڳي جي مئا سي مري ٿيا نہ مات." حضرت ابوالحسن نوري فرمائي ٿو تہ التصوف تڪر ڪل حظ النفس. يعني تصوف آهي تمام خواهش نفساني جو ترڪ. حضرت سلطان باهو پنهنجي ڪتاب محڪ الفقراءِ ۾ تقوا جي تعريف ڪندي صفحہ 46 تي فرمائي ٿو تہ تقوا آهي ترڪ ۽ توڪل ۽ پنهنجي نفساني خواهشن تي قادر هجڻ. حضرت علي هجويري بہ فرمائي ٿو تہ نفساني ڪنڊن کان پاڻ بچائڻ آهي تقوا. ويدانتي ٻوليءَ ۾ ڇٽبو لوڀ، موھ، ڪام ڪروڌ، اهنڪار کان بچڻ. مون مٿي اڳيئي مثال ڏنا آهن تہ شاھ لطيف ۽ سچل سائين ڪيئن ترڪ، توڪل، ۽ عجز نياز جو سبق ڏنو آهي جو پاڻ کي ڪوجهي ڪمذات، ٻانهڙي گولڙي



Gul Hayat Institute

ٿا ڪوٺين ۽ ملڪيت جي هر قيد کان آزاد آهن. اهو آهي شاهہ ۽ سچوءَ جو پيو فهم جو عين قرآن آهي.

حسب، نسب، مال ملڪيت، موهہ لوڀ اهنڪار سڀ کي تياڳڻ بنيادي شرط آهن. جامي عليهہ رحمت بہ فرمايو تہ،

بنده عشق شدي ترڪ نسب ڪن جامي
ڪہ در اين راه فلان ابن فلان نيست

سنڌو ماٿريءَ ۾ اهڙا انيڪ بزرگ ۽ پلارا پيدا ٿيا جن سڀ ويچا ميساري ڇڏيا. باغبان واري مخدوم بلاول ساهتيءَ جي هندن ڏانهن خط موڪليا تہ هي ملڪي سوال آهي، اچو تہ ڌارين سان گڏجي منهن ڏيون. سندس مسجد ۽ حرم جي چوڌاري گهاٽوٽڙن جون ڪٿمپون لڳي ويون جي سڀ منهن ۾ رهندا هئا. مريدن ۽ پوئلڳن کي پڪا گهر ٺاهڻ کان سختيءَ سان منع ڪيائين ۽ روزي هٿن سان ڪمائڻ جو حڪم ڪيائين. ويندي شهيد ٿيڻ مهل بہ وصيت ڪيائين تہ مون مٿان پڪي قبر يا مقبرو نہ اڏائجو. اڄ بہ سندس مزار هڪ منهَ ۾ آهي. انهن هن پلاري سنڌو ماٿريءَ تي اهڙا تہ اڻمٽ اثرات ڇڏيا جو اڄ جنهن کي مفڪر پاڪستان سڏيو وڃي ٿو تنهن بہ چيو تہ،

مذهب نهين سڪاتا آپس ۾ بير رکنا
هندي هين هم وطن هي هندستان وطن همارا

سنڌو ماٿريءَ جو پيو عظيم فرد جنهن کي خالق پاڪستان چيو وڃي ٿو تنهن تہ وڻ وڃائي ڇڏيا. پهرين تہ تقرير ۾ دليرانہ اعلان ڪيائين تہ، "پاڪستان هڪ غير مذهبي جمهوري رياست هوندو جنهن ۾ مسلمان مسلمان نہ رهندا ۽ هندو هندو نہ رهندا. بس هڪ پاڪستاني قوم هوندي" هاٿي ڏيو منهن. گر ڪفر از ڪعبہ برخيزد ڪجا مانند مسلماني. سا ڪاڏي ڪندي پير جا ستي ڪعبت الله ۾.

سڀ ڳالهہ جو تت آهي تہ انساني تقدس ۽ "عظمت" مقدم آهن. ڪو فرق ۽ ويڇو ناهي. اچو تہ مڙي ميڙو مچايون. سوز گداز ۽ غم کي رهبر ڪيون تہ واٽ وندر جي وڻ پيا ڏسيندا. رڳو چرخو چورجي ۽ ايڪتا پيدا ڪجي تہ پاٺهئي ايندو هوت ۽ تڙي پوندا تارئين ڳاڙها ڳاڙها گل، هي خواب نہ حقيقت آهي. سچو سائين همت افزائي ڪندي چوي ٿو:

(1) چري چري مَ چئُ چريو آهي لوڪ
(2) ڪافر مومن هڪڙو سچو پوڙج پيائي
(3) سچؤ سارو سچ چيو هيءَ رمز دل سان لاءِ
(4) راتو ڏينهان روح کي آهي اوهان جي جهوري، آئون اوهان تان گهوري



Gul Hayat Institute

ڪشالي مون ڪم توري ڏينهن مَ تئي سوز گداز ۾ غم رهبر ٿيندو راهه ۾

(5) اٿي ڪم پڏ لوچ تہ لهين سپرين
هوتا ٽين جو هنڌ ڏسين اکڙين سين
(6) ماڻهو ليکي غم، پر سک سچو تو پائين
(7) نال جنهين نيهان، هوت تنين جي هنج ۾
(8) دعا ڪريجو جيڏيون، پيرو تان نہ پڃن الا
(9) ڏيهہ ڏاڏاڻو ڪڏهن نہ وساريوم
(10) مري ملهايان سور ملڪ ملير جو
(11) هڪ جوءِ ٻي جوءِ مرد نہ ڇڏين مينڌرا
(12) سدا ساهيڙن تي محبت وسي موڪ
سي زائر منجهان ذوق، ڪنڌ ڏين تا ڪات تي
(13) پورب ڪان پري نانگن نظر آهہ تا
(14) تان تان ٿين نہ جاءِ، جان جان ريجهن نہ رام سان
(15) پيڙم ڪونہ سماءُ، آيل عشق انڌو ڪيو
(16) ويچارا تي واٽ تي ڪرن ڪين وسرام
(17) سيني ۾ سنگرام سچا سنياسي جي
(18) ڪڻ ملامت ڪا مٿي، هر ڏيهہ تو طعنا ڏئي
(19) جان جسو وري ڇاهي ڇاهي

ڏسو سچل سائين هوڪارون پيو ڏئي، ڪافر مومن هڪڙو پوڙج پيائي. راتيان ڏينهان جهوري، جندڙي گهوري، لوچ تہ لهين سپرين، اٿي ڪم پڏ. مري ملهايان سارو ملڪ ملير جو. ويچارا تي واٽ تي ڪرن ڪين وسرام. سيني ۾ سنگرام. ڪڻ ملامت ڪا مٿي. جان جسو وري ڇاهي ڇاهي. بس مسلسل لوچ، راتيان ڏينهان جهوري، واٽ تي وسرام نہ، سيني ۾ سنگرام ۽ ملامت مٿي تي، هر هوت تنين جي هنج ۾. پاڻهئي ايندو هوت پاڻهئي تڙندا ڳاڙها گل. رڳو وک وڌاءِ ويچارو نہ تي، وسرام نہ ڪر، هوت هنج ۾ پائيندين.

# عورت جي اسلام ۾ عزت ۽ آزادي

تازو ڪراچيءَ ۾ ترقي پسند مصنفين جي ڪانفرنس ٿي گذري. ان ۾ هڪ محترمہ شاعره هڪ شعر پڙهيو جنهن ۾ طنزاً اسلام ۾ عورت جو تصور "مان تنهنجي ڪيتي آهيان" بار بار ورجايو ٿي ويو. ظاهر آهي تہ اهو رويو حب علي بجاءِ بغض معاويہ جي مصداق هئو. حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ عورت جي حب ۽ عزت خاطر اهڙين نہ چيو ويو محض اسلام سان بغض خاطر. ڏٺو وڃي تہ گذريل اڌ صدي ترقي پسندي ۽ انقلابيت جو دؤر رهيو آهي. ظاهر آهي تہ ترقي پسند ٿيڻ يا انقلاب جو رستو وٺڻ نهايت ڪٺن ۽ مشڪل راهہ آهي. جا مثبت ڪردار ۽ قربانيون گهري ٿي. ان ڪان بچڻ لاءِ ڪُٿي ڪائيندڙ مجنون منفي رويو اختيار ڪري . لفاظي ڪان ڪم وٺي آساني سان ترقي پسند ۽ انقلابين جي قطار ۾ شامل ٿيڻ جا خواهان رهيا ۽ ڏاڍو آسان طريقو ڳولهي لڌائون. مذهب ۽ خدا جي شان ۾ گستاخانہ ڪلمان چئو تہ ترقي پسند، ۽ جي حڪومت کي گاريون ڏيو تہ انقلابي. اهڙي رجحان ڪان وڏي ۾ وڏو نقصان خود ترقي پسند تحريڪ ۽ انقلابي تحريڪن کي پهتو جنهن جو ازالو ڪرڻ ٿي مشڪل مرحلو ٿي پيو آهي.

پلا ڏسو تہ سهي جي عورت داسي، پتيءَ جي چرنن جي خاڪ مستڪ کي لائي ۽ سندس لاش سان گڏ سڙي مري تہ مڙيئي خير. هندو ڌرم توڙي ڪرستانن ۾ عورت گند ۽ خرابيءَ جي جڙ ليکي وئي آهي ۽ ان ڪان پري رهڻ ۽ برهمچريہ اختيار ڪرڻ جي تلقين ڪئي وئي آهي. اهو خراب نہ آهي باقي ڪيتي خراب آهي. ڪيتيءَ جي خيال اچڻ سان ئي ساوڪ، سبزي، تڏڪان گل ڦل ميواجات ۽ وڻڪار خيال ۾ اچي ٿي. ڪهڙو نہ خوبصورت تصور آهي. پيو تہ ڪيتيءَ جي ڪيڏي نہ پرداخت، ان کي لڪ، لوءِ گرمي، سوڪهڙي کان بچايو وڃي ٿو ۽ پڻ ٽڏ، پاري، بارش،پوڙ، ماڪڙ جيت جڻئين کان حفاظت ڪئي وڃي ٿي. هر وقت اون رهي ٿو پنهنجي ڪيتيءَ کي آفتن تڪليفن ۽ مصيبتن کان بچائڻ جو پاڻ انصاف ڪيو تہ ان کان بهتر ڪا تمثيل ٿي سگهي ٿي عورت لاءِ.

منهنجي هڪ دانشور دوست پنهنجي آزاد خيالي ۽ روشن خيالي ڏيکاريندي فرمايو تہ يار واهہ واهہ هندو ڌرم ۾ ڏس تہ عبادت ۾ بہ آرت ۽ سنگيت آهي. گهڙي چپ رهي چيم "ادا بسم الله شريمتيءَ کي پڙي پاراءِ. پيٽ ۽ پٺي اگهاڙي ڪري،



Gul Hayat Institute

چولي پڌرائي وڃي مندر ۾ نينگ ٽپا ڏيار ۽ گهنڊ گهڙيال وڄاراءِ". مڙس مات ٿي ويو. حقيقت ڇاهي ته صاف پاڪ رهڻ ۽ منظم نموني وقت جي پابنديءَ سان عبادت ڏکي ٿي لڳي.

اسلام ۾ عورت نه داسي آهي نه ناپاڪ. هوءَ ماءُ آهي جنهن جي پيرن هيٺان جنت آهي. اها جنت نه رڳو آخرت ۾ پر هن دنيا ۾ به آهي. ظاهر آهي ته هر مڙد کي ماءُ آهي ۽ ان سان جهيڙو ڳالهائڻو آهي ۽ اُف به چوڻو نه آهي. سنڌ ۾ اڄ به ماءُ پيءُ کي پيرين پئي ملبو آهي.

قرآن شريف ۾ سورة الاعراف آيت 119 ۾ آيو آهي ته هُوَالَّذِىْ خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ وَّجَعَلَ مِنْهَا زَوْجَهَا . يعني الله اهو آهي جنهن اوهان کي هڪ وجود مان بڻايو ۽ انهيءَ مان ان جو جوڙ بنايائين. سورة النور جي آيت 45 ۾ آهي ته "وَاللّٰهُ خَلَقَ كُلَّ دَآبَّةٍ مِّنْ مَّآءٍ" يعني الله سيڪو جاندار پاڻيءَ مان بڻايو آهي. اڳتي سورة الفرقان جي آيت 54 ۾ آهي ته "هُوَالَّذِىْ خَلَقَ مِنَ الْمَآءِ بَشَرًا" يعني هو اهو آهي جنهن پاڻيءَ مان ماڻهوءَ کي بڻايو. اڻين به آيو آهي ته ماڻهوءَ کي آلوڙي مٽيءَ مان بنايو ويو. هي سڀ سائنسي حقيقتون آهن جي نظريہ ارتقا مطابق آهن. پر انسان ۾ شعور جو روح ڦوڪيو ويو آهي جو پولڙن باندرن ۾ نه آهي، چوڻ جو مطلب آهي ته عورت ۽ مڙد هڪ ئي جنس آهن ۽ هڪ ئي شيءِ مان خلقيا ويا آهن. اهو به الزام آهي ته مڙد کي عورت تي بي سبب فوقيت يا فضيلت آهي. مڙد سڀوورا پنهنجي ذهن مان اهو واءُ ڪڍي ڇڏين. الله جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي درجن ۾ مٿاهون ڪندو آهي (نَرْفَعُ دَرَجٰتٍ مَّنْ نَّشَآءُ) سورة الانعام آيت 83. مڙدن جي فوقيت سورة النساءِ جي آيت 34 مان ثابت ڪندا آهن جنهن ۾ صاف آيو آهي ته "اَلرِّجَالُ قَوّٰمُوْنَ عَلَى النِّسَآءِ بِمَا فَضَّلَ اللّٰهُ بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ وَّبِمَآ اَنْفَقُوْا مِنْ اَمْوَالِهِمْ" مڙد انهي سببان عورتن تي حاڪم آهن جو الله هڪڙن کي ٻين کان ڀلو ڪيو آهي پيو ته هو پنهنجن مالن مان خرچيندا آهن. صاف آهي ته فضيلت جنس سببان نه آهي پر رڳو ٻن سببن جي ڪري آهي ماءُ پيءُ کان ڀلو ٿيڻ ۽ پنهنجي مال مان خرچ ڪرڻ. پوءِ جيڪو به اهي به شرط پورا ڪري سو فضيلت وارو.

Gul Hayat Institute

## پڙدو

ڇيو وڃي ٿو ته عورت کي پڙدي ۾ بند ڪري تفريق ڪئي وئي آهي. اسلام ۾ پڙدي جو تصور آهي ته اکيون جهڪيل رکو ۽ پنهنجي اوگهڙن جي حفاظت ڪيو جو ٻنهي مڙد ۽ عورت لاءِ هڪ جهڙو امر آهي.

مومن عورتن لاءِ سوره النور جي رڪوع 4 ۾ آيو آهي ته ڪين چئو ته نظرون جهڪيل رکن ۽ شرمگاهن جي حفاظت ڪن ۽ پنهنجي زينت ظاهر نه ڪن سواءِ ان جي جو پاڻهي ظاهر ٿي پئي ۽ چادر سيني تي ويڙهي پاڻ ڍڪين. انهيءَ ۾

کهڙي قباحت آهي؟ اهو تہ عورتپڻي جو شان ۽ تقدس آهي. مغرب جو منهن ڪارو ٿيو آهي جو مڙدن جو ذرو ذرو وجن ڏيکيندا ۽ عورت کي وجن اگهاڙو ڪندا. مڙد ڏسو تہ گلو بند، ڪمر بند ۽ تاءِ واسڪوٽ، ڪوٽ، ڊگهي پتلون، جوراب ۽ کهين سان بوٽ. واپاري سينڊيڪيٽ جي حرامزائي جو عورت کي هرڪائي نت نوان فيشن ايجاد ڪندا وجي ٽاپ ليس (Top Less) ڊريس پائي نڪتا تہ عورتون چيخون ڪنديون پڇي ويون. انهيءَ عريانيت جي اثرن کان خود مغربي معاشرو اچي پريشان ٿيو آهي. جنسي بي راهہ روي ۽ انيڪ خرابيون پيدا ٿي پيون آهن جن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪا صورت نظر نہ ٿي اچي.

اتي بہ واپاري سينڊيڪيٽ جا نفسياتي ماهر، ڊاڪٽر، چمر روڪ دوائون، حمل ڪيرائڻ جا ڪلينڪ، پروفيسر، ماهر وغيره جاوا پيا ڪن. پوءِ بہ نتيجو اهو جو تيرهن ۽ اوڻيهہ سالن جي اندر ننڍي عمر واريون بي حساب نينگريون بنا شاديءَ جي مائرون بڻيون وينيون آهن (امريڪا ۾ ڏهہ سيڪڙو انگلينڊ ۾ ويهہ سيڪڙو ڪئناڊا ۾ 44 سيڪڙو فرانس ۾ 34 ۽ سويڊن ۾ 35). اڻويهہ کان مٿي عمر وارين جو ڪهڙو حساب ڪبو ٻارڙيون ۽ جوانڙيون پيون ٻار پالين، پڙهن يا ڪمائين، پيٽر آهن ئي ڪونہ هي ڪهڙو آزاد معاشرو آهي جنهن ۾ زندگي زهر هوندي، چوندا آهن تہ "هش ۾ خوش" تہ اسان آزاد آهيون، سڙيل آهيون.

باقي اسلام ۾ عورت کي هر چڱي ڪرت ۽ تجارت جي آزادي آهي ۽ جدا آمدني رکڻ جو حق بہ. سوره النساءِ جي آيت 32 ۾ آيو آهي تہ "وَلِلنِّسَآءِ نَصِيْبٌ مِّمَّا اكْتَسَبْنَ" يعني جو ڪجهہ عورتن ڪمايو آهي ان ۾ انهن جو حصو آهي. ڪين ملڪيت ۾ بہ مقرر حصو ڏنو ويو آهي جو ٻين مذهبن ۾ ڪونہ هئو.

## چار زالون

چئن زالن جي اجازت جي مسئلي کي غير مذهب وارن خوب اڇاليو آهي حالانڪ هندو مذهب ۾ لاتعداد زالن جو رواج هئو ۽ پڻ ڪرستانن ۾ انگلينڊ جي بادشاهہ هينري ڪيئي شاديون ڪيون. هر پيري ٻي شادي ڪرڻ خاطر اڳين راڻيءَ کي مارائڻ کان بہ نہ گسو. هندو ڌرم موجب تہ هڪ ئي عورت سان چار مڙد شادي ڪري ويٺا. بهرحال اهي مثال چئن شادين جي حق ۾ ڪو دليل نہ آهن، پر جذبات، خاص ڪري نسواني جذبات کي پاسيرو رکي، غير متعلق طرح سوچجي تہ ڪن مخصوص حالتن ۾ ۽ تاريخ جي ڪنهن مخصوص موڙ تي اهڙو قدم وقت جي اهم ضرورت ٿيو پوي. مثلن اڄ جڏهن سنڌي قوم کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي منظم ڪوشش ٿي رهي آهي تہ سنڌين جي آدم شماري وڌائڻ لاءِ وڏيڪ شاديون ضروري نہ ٿي پيون آهن ڇا؟ اهڙي طرح عرب جي بنجر سر زمين ريگستاني ۽ پهاڙي علائقن تي مبني هئي ۽ آدمشماري بلڪل ٿوري هئي. اهڙي قوم جا سموري دنيا لاءِ



Gul Hayat Institute

هڪ نئين تهذيب ۽ نئون پيغام کڻي نڪري پوي ۽ مختلف ملڪن ۾ پکڙجي وڃي تہ سندس واڌارو لازمي آهي تہ ان جي آدمشاري وڌائي وڃي ۽ ان لاءِ زياده شاديون لازمي هئو. اهڙي طرح جنگين ۾ جڏهن جوان کسجي وڃن ٿا ۽ عورتون بي سهارا ٿي وڃن ٿيون تڏهن زياده شاديون ضروري ٿيو پون. ۽ اها ڳالھ عورتن جي حق ۾ آهي. ٻي جنگ عظيم اها حقيقت ثابت ڪري ڏيکاري ۽ اڄ تائين عورتون مڙدن جي تلاش ۾ حيران پريشان آهن. تازو ويٽنام جي جنگ جا سماجي مسئلا ڪتابن، ناولن ۽ فلمن ذريعي ڪافي مشهور ٿي چڪا آهن جن ۾ خاص اهم مسئلو ناجائز اولاد ۽ ٻي نڪاح زالن جو آهي. خود پاڪستان جي شهري آبادي ۾ اهو وڏو اهم مسئلو آهي. مان جڏهن 1976ع کان 1978ع تائين سنڌ اسيمبليءَ جو سيڪريٽري هئس تہ ڪراچيءَ جي هڪ مهاجر تعليم يافتہ وڪيل ليڊي، هڪ قانوني مسودو کڻي آئي جنهن جو متن اهو هو تہ هر گورنر، وزير، صدر ۽ صنعتڪار گريڊ 20 کان مٿي آفيسر لازمي طرح چار شاديون ڪري ۽ ان کان گهٽ حيثيت وارو ٽي شاديون ۽ ٻہ شاديون وغيره ڪري. شخصي طرح مان ٻي شاديءَ جو سخت مخالف آهيان پر هي هڪ سوچڻ جهڙو قومي ۽ سماجي مسئلو آهي.

باقي اسلام تہ هڪ هٿ سان اجازت ڏئي ٻئي هٿ سان واپس ورتي ڇڏي آهي. سورة النساءِ جي پهرين رڪوع ۾ آهي تہ "پر جيڪڏهن توهان کي هي خوف آهي تہ زالن ۾ عدل نہ ڪري سگهندؤ تہ پوءِ هڪ ئي عورت سان نڪاح ڪريو ۽ اهو طريقو ان ڳالھ جي قريب آهي تہ توهان ظالم نہ ٿي وڃو". هاڻي ٻڌايو تہ هي اجازت آهي؟ وري بہ سورة النساءِ جي رڪوع 19 ۾ فيصلي ڪن انداز ۾ آيو آهي تہ "خواهہ توهان عدل ڪرڻ جي ڪيتري بہ ڪوشش ڪريو تہ بہ توهان عورتن جي درميان عدل ڪري نہ سگهندين." پوءِ جي عدل نہ ڪري سگهبو تہ ان صورت ۾ هڪ ئي عورت سان نڪاح ڪرڻ جو حڪم آهي.

هاڻي رهيو سوال عورتن جي آزاديءَ جو اهڙي واضح صورتحال جي باوجود بہ عورت کي مڪمل آزادي آهي تہ هوءَ پلي شادي شده مرد سان ٻي ٽين يا چوٿين شادي ڪري، عورت جي اهڙيءَ آزاديءَ تي ڪا بندش نہ آهي. پاڻ منصف آهي. ان لاءِ حالتون جوابدار آهن، نہ مڙد. مڙس جي مرڻ بعد جيڪڏهن سندس ياءُ، يتيم ٻارن ۽ بيوه ياڃائي ڪارڻ ساڻس پيو نڪاھ ڪري تحفظ ٿو ڏئي تہ اها سندس قرباني آهي ۽ وقت جي ضرورت، فيصلو عورت کي پاڻ ڪرڻو آهي.

## شادي

اسلام کان اڳ ٻين مذهبن ۾ عورت کان پري رهڻ کي پاڪيزگي ۽ بزرگي سمجهيو ويندو هو. هندو مذهب ۾ برهمچريہ جو پالڻ ٿيندو هو. زال، گهر بار تياڳ ڪري ويراڳ وٺندا هئا. مندرن ۾ ديو داسيون هونديون جي شادي نہ ڪنديون



Gul Hayat Institute

هيون. عيسائين ۾ راهب ۽ راهبياڻيون هوندا هئا جي شادي نہ ڪندا هئا. ديو داسين ۽ راهبن جون غليظ ڳالهيون زباني زد عام آهن.

اسلام شاديءَ کي همٿايو سورة النساءِ رڪوع 4 ۾ چيو ويو تہ "توهان مان جو ڪوئي آزاد مومن عورت سان شاديءَ ڪرڻ جي بلڪل طاقت نہ رکندو هجي تہ ڪنهن مومن ٻانهيءَ سان نڪاح ڪري" سوره النور جي رڪوع 4 ۾ فرمايو ويو تہ جيڪي بيواهون آهن يا غلام ٻانهيون آهن تنهن مان جي نيڪ آهن تن سان شادي ڪريو جي هو غريب آهن تہ الله پنهنجي فضل سان انهن کي غني ڪري ڇڏيندو. هي هڪ وڏو انقلابي اعلان هو. هڪ بيوهہ ٻيو ٻانهي مٿان غريب مسڪين، تہ بہ ساڻن شادي ڪريو. اڳ ڪنهن بہ مذهب ۾ بيوهہ يا وڌوا سان شادي نہ ڪبي هئي. ٻانهي سان شادي ڪري ساڻس ٻنائڻ جو تہ تصور ئي ڪونہ هو. شاديءَ جي ترغيب ڏني وئي. هر نڪاح ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جي مشهور حديث ورجائي ويندي آهي تہ "نڪاح منهنجي سنت آهي ۽ جيڪوٰ ان جي خلاف ترغيب ڏيندو سو مون مان نہ آهي." ڪيڏي نہ سخت تنبيهہ آهي جڻ تہ اهڙو ماڻهو امت محمدي کان ئي خارج آهي. مٿئين ذڪر مان اسلام جو هڪ ٻيو بہ اهم پهلو اجاگر ٿئي ٿو. اڄ جي سڌريل دنيا ۾ بہ ڪٿي بہ جنگي قيدي عورت سان اهڙو سلوڪ نٿو ڪيو وڃي. جنگي قيدين مردن توڙي عورتن سان جانورن وارو ورتاءُ ڪيو ٿو وڃي. اسلام ۾ انهن کي ڪٽمبن بجاءِ گهر جو فرد ٻڻائي رکيو وڃي ٿو ۽ گهر جي ياتيءَ وانگر کيس کاڌو ڪپڙو ۽ عزت ڏني وڃي ٿي. جنگي قيدياڻي ۽ غلام عورت جي چاهي تہ شادي ڪري هڪدم گهر ڌياڻي ٻڻجي سگهي ٿي.

## شادي هڪ خانگي معاهدو

شاديءَ کي لازمي قرار ڏئي، هڪ گهريلو سماجڪ معاشري جو بنياد وڌو ويو. ان کان پوءِ هڪ زبردست انقلابي قدم کڻي شاديءَ کي ٻن ڌرين جو خانگي معاهدو قرار ڏنو ويو. اڳ ڪڏهن بہ اهو تصور پيش نہ ڪيو ويو. شاديءَ کي آسماني روحاني ڳانڍاپو سمجهيو ويندو هو جيڪو ٽٽڻ ناممڪن هئو ۽ ان فرسوده عقيدي جي ڪري طلاق جو حق ايتري قدر غير اخلاقي ۽ غير مذهبي سمجهيو ويندو هو جو هن ويهين صديءَ ۾ بہ انگلينڊ جهڙي نام نهاد مهذب معاشري ۾ "ايڊورڊ اٺين" کي مطلقہ عورت سان شاديءَ جي پاداش ۾ تخت تان دستبردار ٿيڻو پيو ۽ هندو سماج ۾ وڌوا عورت کي برو سمجهيو وڃي ٿو ۽ ستيءَ جي رسم جا غير انساني واقعا بہ ٿين پيا. ڇاڪاڻ تہ شادي اهڙي آسماني ۽ روحاني ڳانڍاپو آهي تہ پوءِ مڙد چو نہ ٿو زال جي لاش سان گڏ ستو ٿئي ۽ رنڙ جي شاديءَ تي بندش وڌي وڃي.

## طلاق

طلاق کي جائز ۽ مروج ڪرڻ يہ هڪ نهايت اهم ۽ انقلابي قدم هو. اڄ هر ملڪ ۾ مذهب جي مخالفت جي باوجود قانون ٺاهي طلاق کي مروج ڪيو ويو آهي.

سپريم ڪورٽ 1967ع (PLD) صفحو 97 ۾ خورشيد بيبي جي ڪيس ۾ جسٽس ايس-اي رحمان، جسٽس فضل اڪبر، جسٽس حمودالرحمٰن ۽ جسٽس يعقوب علي تفصيلي بحث ڪري اسلامي فقهہ، عالمن ۽ امامن سڀني جا حوالا ڏئي خيال ظاهر ڪيو آهي تہ.

"اها ڳالهہ طئي شده آهي تہ اسلام ۾ شادي هڪ خانگي معاهدو (Civil Contract) آهي. اخلاقي بندشن جي باوجود قانوني طور اهو محض هڪ خانگي معاهدو آهي جو ڌرين جي رضامندي يا ڪنهن بہ وزندار سبب ڪري ختم ڪري سگهجي ٿو. اسلام دين فطرت هئڻ ڪري انساني طبعيت ۽ تقاضائن موجب زوجين کي مقدس ڳانڍاپي جي نام نهاد اصول هيٺ، زبردستي ڳنڍيو رکڻ لاءِ زور نہ ٿو ڀري. قرآن اعلانيہ چوي ٿو تہ عورتن جا، مڙسن مٿان اهڙائي حق آهن جهڙا مڙسن جا زالن مٿان. پوءِ اها ڳالهہ تعجب خيز ٿيندي جو زال جي خواهش تي زوجين جي جدائي عمل ۾ نہ آندي وڃي. قرآن ۾ صاف فرمايو ويو تہ زالن کي مروج طريقي موجب عزت سان رکو "فَاِمۡسَاكٌۢ بِمَعۡرُوۡفٍ" يا احسان سان جدا ڪيو "تَسۡرِيۡحٌۢ بِاِحۡسَانٍ" (البقره-229) فرمايو ويو تہ عورت سان اهڙو نہ چنبڙي پئو جو ڪيس تڪليف يا ضرر پهچي، "وَلَا تُمۡسِكُوۡهُنَّ ضِرَارًا لِّتَعۡتَدُوۡا" (البقره. 231) حديث شريف ۾ فرمايو ويو تہ. "لا ضرر ولا ضرار في الاسلام" يعني اسلام ۾ ضرر پهچائڻ توڙي ضرر سهڻ نہ آهي. انهيءَ ڪري جي مڙس زال کي نہ بہ ڇڏڻ چاهي تہ بہ قاضيءَ جي اهڙي حڪم ڪري زال کي آزادي ڏياري سگهي ٿو.

هن باري ۾ مکيہ ۽ مشهور ڪيس مسمات بلقيس فاطمہ جو آهي جو 1959ع PLD لاهور صفحي 566 تي رپورٽ ٿيل آهي جنهن ۾ جسٽس شبير احمد ۽ جسٽس ڪئيڪائوس نهايت غور فڪر سان مدبرانہ فيصلو ڏنو آهي ۽ وڏن عالمن جهڙوڪ مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا ابوالاعليٰ مودودي ۽ ٻين جا رايا ڏنا آهن. وڏي ڳالهہ تہ حديث شريف ۽ خود حضور صلي الله عليہ وسلم جون فتوائون (Pulings) ڏنيون ويون آهن". سوره الروم ۽ الاعراف ۾ فرمايو ويو تہ. "الله توهان کي هڪ ئي نفس مان پيدا ڪيو تہ هڪٻئي جي صحبت مان سڪون وٺو ۽ توهان ۾ پيار ۽ ٻاجهہ وڌائين. هو توهان جو لباس آهن ۽ توهان بہ هنن جو لباس آهيو." ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد، ترجمان القرآن ۾ فرمائي ٿو تہ. "شاديءَ جا لوازمات يعني سڪون، پيار ۽ ٻاجهہ (Peace, love and kindness) نہ رهن تہ اهو لباس لاهي ڇڏڻ ئي بهتر ٿيندو ڇاڪاڻ تہ صرف جنسي خواهش جي پورائي شاديءَ جي بنيادي لوازمات



Gul Hayat Institute

مان نہ آهي.“ جيڪڏهن بنيادي لوازمات سڪون، محبت، ۽ رحمت، نتا رهن ۽ الله جون مقرر ڪيل حدون قائم رکڻ ناممڪن ٿي پوي تہ رشتہ ازدواج جو مقصد پورو نہ ٿو ٿئي. اهڙي صورت ۾ جدائي جو دروازو ڪليل رکيو پوندو. جي زال ۽ مڙس رضامندي سان جدا ٿيڻ چاهين تہ ان کي شريعت موجب مبراهہ چئجي ٿو. جيڪڏهن عورت پنهنجي مرضيءَ سان جدا ٿيڻ چاهي تہ هوءَ مڙس کان ورتل املاڪ واپس ڪري آزادي حاصل ڪري سگهي، ان طريقي کي خلع چئجي ٿو. جيڪڏهن مڙس بديءَ جو الزام ڏئي تہ ان کي لعن چئجي ٿو ۽ ان بنياد تي زال طلاق حاصل ڪري سگهي ٿي.

## چڙواڳ طلاق جو حق

ڪيترين تعليم يافتہ خواتين کي، جي عورتن جي حقن جي تحفظ جو پاڻ کي چئمپين چوائن ٿيون تن کي چوندي ٻڌو آهي تہ مڙس کي چڙواڳ ۽ بيلاڳ طلاق ڏيڻ جو اختيار عورت لاءِ سراسر نا انصافي ۽ توهين آهي. بلڪل غلط. حقيقت ان جي ابتڙ آهي. نيٺ تہ هي بلڪل نجي خانگي ۽ گهرو معاملو آهي، پوءِ ڏنڊورو وجهڻ يا غيرن جي مداخلت ڪرڻ“ زال مڙس جي توهين آهي. هڪ يورپي ليڊي بہ اهڙو اعتراض ڪيو. ڪيس موٽ ۾ چيو ويو تہ اسان وٽ طلاق جو اهو طريقو آهي. پڇيائين، توهان وٽ طلاق وٺڻ لاءِ ڇا ڪرڻو پوندو آهي. جواب مليس تہ ڪجهہ بہ نہ، بس مڙس زبان سان چوي تہ طلاق يا رواجي ڪاغذ تي لکي موڪلي تہ توکي آزاد ڪيم. ليڊي صاحبہ کان بي اختيار رڙ نڪري وئي تہ ونڊر فل! (Wounderfull) پڇيائونس، ڇو؟ چي، ”اسان وٽ طلاق حاصل ڪرڻ لاءِ نهايت شرمناڪ ۽ توهين آميز جتن ڪرڻا پون ٿا. ثبوت هٿ ڪرڻ لاءِ ڪنهن غير مرد سان اگهاڙو تي فوٽو ڪڍائڻو پوي ٿو“، ڏيو منهن ۽ پاڻ فيصلو ڪيو تہ ڪهڙو طريقو توهين آميز ۽ نا انصافيءَ تي مبني آهي.

Gul Hayat Institute

## طلاق تي بندش

طلاق ڏيڻ جو مڙس کي اختيار آهي. اها سندس (discretion) آهي پر امين يا قاضي (جج) کيس مائل يا مجبور ڪري سگهن ٿا. عورت طلاق ڏئي نہ ٿي سگهي پر حاصل ڪري سگهي ٿي. امين جي معرفت يا جج جي معرفت يا حاڪم جي معرفت. طلاق تي قانوني بندش نہ آهي پر اخلاقي ۽ مذهبي طرح ان کي ننديو ويو آهي ۽ منع ڪئي وئي آهي. اهو ئي سبب آهي جو مغربي ملڪن ۾ مذهبي بندش هوندي طلاق جي شرح اسان کان وڌيڪ آهي. هن سلسلي ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جون بہ حديثون تمام مشهور ۽ اهميت واريون آهن ۽ مومنن لاءِ روڪ ۽ احتياط جو وڏو اخلاقي توڙي مذهبي (نہ قانوني) سبب آهي.

(1) حضرت عمر کان روايت آهي تہ الله جي رسول فرمايو تہ قانوني طرح اجازت ڏنل ڪمن مان الله جي نزديڪ سڀ کان ناپسنديده فعل طلاق آهي.

(2) فرمايو رسول الله صلي الله عليہ وسلم تہ جا زال بنان سبب جي مڙس کان طلاق طلب ڪري، ان لاءِ جنت جي خوشبو روا نہ آهي.

هي ٻئي حديثون قانوني بندش نٿيون عائد ڪن پر سختيءَ سان فهمائش ٿيون ڪن تہ اٽتر مجبورين کانسواءِ انهيءَ عمل کان بچڻ جي ڪوشش ڪجي.

## ڪارو ڪاري

ڪارو ڪاري ڪري مارڻ يا قتل ڪرڻ نهايت وڏو ڏوهہ آهي ۽ قطعي غير اسلامي آهي. عورت جو تقدس قائم ڪرڻ لاءِ نهايت مؤثر شرعي احڪام مقرر ٿيل آهن. حڪم آهي تہ (1) پنهنجن زالن جي جاسوسي نہ ڪيو (2) پنهنجن گهرن ۾ پنئين دروازي کان داخل نہ ٿيو (3) ٻاهران اچو تہ اڳوات اطلاع ڏئي پوءِ گهر وڃو. (4) جيڪڏهن ڪا زال ناپسنديده فعل ڪري تہ چار گواهہ طلب ڪريو. پوءِ اهي چار گواهہ گڏ شاهدي ڏين تہ ان زال کي گهر ۾ روڪي رکو (گهر کان آزاد نڪرڻ کان روڪي رکو) جيڪڏهن هو کُلي کُلي بدي ڪن تہ (ان جو حڪم مٿي اچي چڪو آهي) ان سان چڱو سلوڪ ڪيو (سورة النساء رڪوع 3) (5) زاني عورت يا زاني مڙد تي جيڪڏهن الزام ثابت ٿي وڃي تہ ان کي هڪ سؤ ڦٽڪا لڳايو (سورة النور رڪوع1).

چار اکين ڏٺا گواهہ پيش ڪرڻ ذري گهٽ ناممڪن آهي، تنهنڪري قانوني طرح سزا بہ نٿي ڏئي سگهجي. چشم پوشي ۽ ستر پوشي بهتر آهي. موت جي سزا يا سنگساريءَ جو قرآن شريف ۾ ڪو ذڪر ڪونہ آهي. پوءِ ڪير ٿيندا آهن هي سورهيہ پيءُ، ڀاءُ يا مڙس جي نياڻين، ڀينرن ۽ ونين کي ڪهاڙين مان ڪڍن ٿا. سو بہ رڳو محض شڪ تي! ڀلا جن کي پاڻ ڪاري ڪيو اٿن تن کي بہ ڪڏهن ڪنو اٿن. "ٻڍڻ ويو آ وسري لڏڻ آيو آ ياد." سزا جي قانون ۾ مناسب ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي جيئن نہ ڪونڌر ڪسجن نہ نياڻيون. هاڻي ٻڌو رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي مشهور رُولنگ (فتوا)

"هلال بن اُميہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم وٽ حاضر ٿيو ۽ فرياد ڪيائين تہ يا رسول الله شِرِڪ بن سمهاس منهنجي زال تي سوار آهي. حضور جن فرمايو تہ وڃ چار گواهہ وٺي اچ يا پنهنجي پٺيءَ تي اسي ڦٽڪا کاءُ. تڏهن هلال بن اميہ شڪايت ڪئي تہ يا رسول الله جڏهن ڪو مڙس پنهنجي زال تي ڪنهن کي سوار ڏسندو تہ ڇا وڃي شاهد ڳوليندو؟ حضور جن وري بہ فرمايو تہ، وڃ چار گواهہ وٺي اچ يا پٺيءَ تي اسي ڦٽڪا کاءُ.

هلال بن اميہ جي پٺيءَ کي ڦٽڪن کان بچائڻ لاءِ سورة النور جون آيتون نمبر

6 کان 9 تائين لڳيون جنهن موجب قسم کڻي جند ڇڏائڻي پيئي تہ جي هو ڪوڙن مان هجي تہ مٿس خدا جي لعنت هجي“.

ڏسو قتل ڪرڻ تہ پري ٿيورڳو تهمت رکڻ يا بنا گواهيءَ جي فرياد ڪرڻ بہ ڳچيءَ ۾ پئجيو وڃي. اسي ڦٽڪا بہ کائي ۽ زال تي بدي جي تهمت رکڻ سبب لعن جي اُصول هيٺ زال بہ وڃائي. جسٽس ڪياني ۽ جسٽس ڪيڪائوس (988 PLD 1975Lahorع ) مفصل بحث کان پوءِ رولنگ ڏني تہ جيڪڏهن مڙس زال مٿان تهمت رکي تہ زال مسلمان قاضي وٽ لعن جي اصول تحت طلاق حاصل ڪرڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪري سگهي ٿي. اهڙي صورت ۾ قاضي (جج) مڙس کي حڪم ڪندو تہ يا تہ تهمت واپس وٺ يا سوره النور جي آيت 6 کان 9 موجب قسم کڻ جيڪڏهن مڙس تهمت واپس ورتي تہ سوره النوَر جي آيت 4 هيٺ سزا کائيندو. جنهن ۾ فرمايل آهي تہ جي ماڻهو پاڪدامن عورت تي الزام هڻن تا ۽ چار گواهہ نٿا آڻين تہ ان کي اسي ڦٽڪا هڻو ۽ ان جي گواهي ڪڏهن بہ قبول نہ ڪيو ۽ اهڙا ماڻهو (شريعت اسلامي جي) اطاعت کان خارج آهن. جي تهمت واپس نہ ورتائين ۽ پنهنجي سچائي جو قسم کنيائين تہ ڦٽڪن کان تہ بچي سگهندو پر زال کي لعن موجب طلاق حاصل ٿي ويندي.

امير علي جي ”محمدن لا“ جي صفحي 35 تي چيل آهي تہ بديءَ جي تهمت خودبخود طلاق لاءِ ڪافي آهي ۽ لعن جي مزيد فڪر ۾ وڃڻ کان سواءِ زال طلاق وٺي سگهي ٿي. ان ڏس ۾ هن ٻن ڪيسن جو حوالو ڏنو آهي (1) يحيٰ بن محمد پنهنجي زل تي تهمت رکي، قاضي ڪيس گهرائي ثابتي جو بار رکيو اُن مڙس جي ثابتي پيش نہ ڪرڻ تي قاضي زال جي گهر ڪرڻ تي نڪاهہ ٽوڙائي ڇڏيو. (2) الجيريا جي قاضي 1871 نواشي جو نڪاح ٽوڙائي ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ مڙس الزام هنيون تہ سندس زال شاديءَ کان اڳ خراب ٿيل هئي جا ڳالهہ هو ثابت نہ ڪري سگهيو.

Gul Hayat Institute

## زال مڙس کان طلاق وٺي سگهي ٿي

هي هڪ پيو ڌماڪي خيز انڪشاف آهي تہ زال مڙس کي (جڻ) تہ طلاق ڏئي سگهي ٿي. هڪ تہ شادي خود هڪ خانگي معاهدو آهي. جيڪڏهن ان ۾ اڳوات اهڙو شرط درج ڪيو وڃي تہ زال کي عهدنامي موجب اهڙو حق ملي وڃي ٿو ڏسو تہ هن کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي آزادي ٿي سگهي ٿي.

ڪيترا ڇٽ، جاهل ۽ اڏنگي رسمن ۾ پليل ماڻهو اڪثر چوندا آهن سائين ظلم تہ ڏسو ڪنهن جي ڌڳي يا ديڳڙي ڪو کڻي وڃي تہ پوليس پڌڙ جوڳو ۽ ضامن نہ ٿيڻ جوڳو ڏوهہ (Cagnizable and non bailable) پر جي ڪنهن جي ڪو زال کڻي وڃي تہ داد نہ فرياد. هن دليل ۾ ظاهر ظهور نقص آهي ڇاڪاڻ تہ عورت انسان

آهي ڪا چيز يا (Cattel) نہ آهي پيو تہ سندس ۽ سندس ڪٽنب جي عزت ۽ ستر جو سوال آهي. اهو پاڻ مڙس جي حق ۾ آهي تہ ڪو بہ ڪپڙ خان يا غير ماڻهو سندس نجي زندگي ۾ مداخلت نٿو ڪري سگهي. زال ڪي ڏيڳي يا ديڳڙي سان مشابهت ڏيڻ شرمناڪ ۽ گهٽيا فعل آهي ڇاڪاڻ تہ عورت ڪو وسلو ناهي.

عورت جي طلاق وٺڻ جي حق بابت ڪي مشهور اسلامي معاشري جا ڪيس هيٺ ڏجن ٿا جن مان عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي.

(1) هي خلع جو واقعو آهي. هڪ عورت جميلا، حضور صلعم جن وٽ آئي ۽ پنهنجي مڙس ثابت بن قيس لاءِ چيائين تہ، "يا رسول الله ڪنهن بہ صورت ۾ مان ۽ هو پاڻ ۾ گڏ نہ ٿا ٿي سگهون. جڏهن هو ڪن مڙدن سان گڏ آيو پٺي تہ مون ڏٺو تہ هو سيني ۾ بندرو بد صورت هو. خدا جو قسم تہ مان هن جي اخلاق يا مذهبي اعمال وغيره جي ڪري نہ پر انهيءَ ڪري نفرت ڪيان ٿي تہ هو بدصورت آهي. خدا جو قسم تہ جيڪڏهن مون کي الله جو خوف نہ هجي ها تہ مون ڏانهن ويجهي اچڻ تي.مان ڪيس منهن ۾ ٿڪ هڻان ها. يا رسول الله ڏسو مان ڪيتري سهڻي آهيان ۽ ثابت ڪيڏو ڪوجهو آهي. مان هن جي اخلاق تي ڏوهہ نہ ٿي ڏيان، پر مان ڊڃان ٿي تہ اسلامي اخلاق جون حدون نہ اورانگهيان: حضور جن جميلا کان پڇيو تہ، "ڇا تون ڪيس اهو باغ موٽائي ڏيڻ لاءِ تيار آهين جيڪو هن توکي ڏنو آهي." جميلا هڪدم چيو هائو رسول الله پاڻ پيو وڌيڪ بہ." حضور جن وراڻيو "وڌيڪ نہ رڳو باغ موٽاءِ" پوءِ حضور جن ثابت بن قيس کي چيو تہ باغ وٺ ۽ جميلا کي طلاق ڏي.

ظاهر ٿيو تہ ثابت بن قيس جو ڪو بہ ڏوهہ ڪونہ هو هن ڪا بہ زيادتي ڪانہ ڪئي هئي ۽ با اخلاق مسلمان هو. طلاق جو سبب رڳو اهو هو جو هو شڪل جو ڪوجهو ۽ بندرو هو ۽ سندس زال کي ڪانئس سخت نفرت هئي ۽ کيس ڊپ هو تہ متان هوءَ نفرت سببان ڪا غير اسلامي حرڪت نہ ڪري ويهي.

Gul Hayat Institute

(2) پيو ڪيس امام مالڪ ۽ ابو داؤد جي سند سان آيو آهي. هڪ ڏينهن حضور جن گهر کان ٻاهر آيا تہ هڪ عورت حبيبہ کي بيٺل ڏٺائون. پڇڻ تي عورت چيو تہ، مان ۽ ثابت قطعي گڏ گذاري نٿا سگهون. جڏهن ثابت حاضر ٿيو تہ حضور جن کيس چيو "هي حبيبہ بنت سهل آهي جيڪي خدا کيس چورايو سو هوءَ چئي چڪي آهي." ۽ حبيبہ چيو "يا رسول الله جيڪي ڪجهہ مون کي ثابت ڏنو آهي سو واپس وٺي." حضور جن ثابت کي چيو تہ، "جيڪي ڪجهہ هن حبيبہ کي ڏنو آهي سو واپس وٺي ۽ کيس آزاد ڪري" مولانا مودودي بہ پنهنجي ڪتاب حقوق زوجين جي صفحي 68 تي هن واقعي جو ذڪر ڪيو آهي.

هن واقعي ۾ بہ سبب صرف اهو ٿي هو تہ سخت نفرت سبب حبيبہ مڙس سان

گڏ گذارڻ کان ڊني ٿي تہ متان هو خدا جون مقرر حدون اورانگهي نہ وجهي ۽ پيو تہ مڙس کان مليل حاصلات واپس ڪرڻ لاءِ تيار هئي. مڙس جو ڪو بہ ڏوهہ ڪونہ هو.

(3) حضور جن.جي فيصل ڪيل ڪيسن ڪي قانون جو درجو آهي. جيئن آئين قانون جو سرچشمو آهي، تيئن اسلامي قانون جو سرچشمو آهي، 1_قرآن 2_ حديث 3_اجماع ۽ 4_اجتهاد. هن ڏس ۾ حضرت معاذ بن جبل کان روايت ڪيل حديث بنياد آهي. معاذ بن جبل کي يمن جو گورنر ۽ قاضي مقرر ڪري، حضور جن کانئس پڇيو تہ هو ڪيس ڪيئن فيصل ڪندو جواب، الله جي ڪتاب مطابق. حضور جن پڇيو تہ ڪتاب الله ۾ نہ لهين تہ پوءِ. معاذ چيو تہ پوءِ رسول الله جي ڪيل فيصلن مطابق، وري بہ حضور جن پڇيو تہ اهڙو ڪو فيصلو نہ ملئي تہ پوءِ. حضرت جواب ڏنو تہ پوءِ پنهنجي مخلصانہ راءِ موجب. حضور جن اهو سيڪجهہ پسند فرمايو. ان روايت موجب خلفاءِ راشدين فيصلا ڏنا. تيون ڪيس حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنہ جو فيصل ڪيل آهي، هڪ عورت حضرت عمر وٽ آئي ۽ مڙس کان طلاق حاصل ڪرڻ جي گهر ڪيائين. حضرت ڪيس واپس مڙس وٽ وڃڻ جو حڪم ڪيو عورت صاف انڪار ڪيو. حضرت عمر کيس هڪ قيد ڪوٺڙي جا اونداهي ۽ گند ڪچري سان پريل هئي ان ۾ بند ڪرائي ڇڏيو. ٽن ڏينهن گذرڻ بعد حضرت عمر کيس ٻاهر ڪڍرائي پڇيو تہ ڪيئن گذاريئي. عورت جواب ڏنو. ”خدا جو قسم اهڙيون سک پريون راتيون ڪڏهن ڪونہ گذاريون اٿم.“ ان جواب ملڻ کان پوءِ حضرت عمر سندس مڙس کي گهرائي چيو تہ زال کي ڏنل شيون پوءِ چونہ اهي رڳو پنڙا (ايئرينگ) هجن وٺي کيس خلع موجب آزاد ڪري، ظاهر ٿيو تہ حضرت عمر صرف پڪ ڪرڻ ٿي گهري تہ محض وقتي جذبات هيٺ تہ طلاق ڪانہ ٿي طلبي. (هن باري ۾ ڏسو PLD 97 (1967 sup last page

حضرت عثمان بہ رابع بنت معوذ کي خلع تحت مڙس کان طلاق ڏيارائي.

(4) سڀ کان عجيب ۽ حيرت انگيز واقعو مغيث جي زال بريره جو آهي جو خود رسول الله جو فيصل ڪيل آهي. بريره جي مغيث سان شادي ٿيل هئي پر هوءَ ساڻس نہ رهي. مغيث رئندو آه و ٻڪا ڪندو سندس پنيان ڦرندو وتندو هو. حضور جن بريره کي فرمايو تہ پنهنجي مڙس ڏي وڃ. بريره پڇيو تہ ڇا هي حڪم آهي؟ رسول الله فرمايو تہ صرف سفارش. بريره مڙس ڏي وڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيائين تہ مون کي هن جي ڪا ضرورت نہ آهي. ظاهر ٿيو تہ خود رسول الله جو نہ صرف اوللامر هو پر قانونَ ڏيڻ وارو Law given بہ هو. اهو بہ ان ڳالهہ جي حق ۾ نہ هئو تہ زال کي زبردستي مجبور ڪري مڙس سان گڏ رهائجي جڏهن تہ زال کي اها ڳالهہ سخت ناپسند هجي.

## ما حصل

مضمون تمام طويل ٿي ويو آهي تنهنڪري ڪيترا حوالا نہ ڏنا ويا آهن ۽ بحث مباحثي کان پاسو ڪيو ويو آهي هاڻي نہ رڳو اسان جون روشن خيال خواتين پر تمام دنيا جي مختلف خواتين جي انجمنن کي کلي دعوت ٿي ڏجي تہ ٻڌائين تہ اجان ڪهڙي قسم جي آزادي طلبين ٿيون. مردن واري بيراهہ رويءِ ۾ ڏاڍ مڙسيءَ کي تہ پاڻ بہ نندين ٿيون.

باقي هڪ ننڍڙي ڳالهہ جنهن تي وڏو ممڻ متل آهي يا مچايو ويو آهي تہ عورتن جي گواهيءَ کي مرد جي گواهيءَ کان اڌ وزن ڏنو ويو آهي. صفا ڪوڙ نسورو نيت بد. اسلام ۾ گواهيءَ جو وزن جهڙو مرد جو تهڙو ٻار جو يا عورت جو. اصل معاملو آهي دستاويز جي تصديق جو نہ گواهيءَ جو. هڪ ٿيندو آهي بنيادي قانون Basic Law ۽ ٻيا ٿيندا آهن قانون هيٺ مروج طريقا Rules of procedure. دستاويز جي تصديق هڪڙو رول يعني طريقو آهي نہ قانون. اهڙا طريقا وقت ۽ حالتن آهر متجندا رهندا آهن ۽ انهن کي ڪا بنيادي حيثيت نہ هوندي آهي. اسان وٽ هند و پاڪستان ۾ ٿي ڏسو تہ اڳي دستاويز تي تصديق ٻن شاهدن جي ٿيندي هئي. پوءِ ضروري ٿيو تہ قسم نامو هجڻ گهرجي. ان قسم نامي تي تصديق اوٿ ڪمشنر يا نوٽري پبلڪ يا وڪيل ڪندا هئا. وري تبديلي آئي تہ آفيسر تصديق ڪري. پوءِ لازمي ڪيو ويو تہ ٽرڊ ڪلاس ماجسٽريٽ تصديق ڪري. ويندي مختار ناما بہ ٽرڊ ڪلاس ماجسٽريٽ تصديق ڪرڻ لڳو. اهو رول بہ متجي ائين ٿيو تہ فرسٽ ڪلاس ماجسٽريٽ تصديق ڪري هاڻي تہ مختارناما رجسٽرار وٽ رجسٽر ٿا ٿين. انهيءَ طريقہ ڪار مان اهو مطلب ڪيڻ تہ شاهد ڪوڙا آهن يا اوٿ ڪمشنر اعتبار جهڙا ناهن يا آفيسر بہ ڪوڙا آهن يا ٽرڊ ڪلاس ماجسٽريٽ ويندي فرسٽ ڪلاس ماجسٽريٽ بہ ڪوڙا يا اعتبار جوڳا ناهن. صفا چساٽپ يا يوڪپائي چٽبي. هي سڀ وقت ۽ حالتن آهر Rules of procedure ۾ تبديليون ايندڻون رهيون آهن. اسلام تہ ٻن عورتن جي تصديق کي فرسٽ ڪلاس ماجسٽريٽ کان بہ وڌيڪ وزن ۽ Value ڏيئي ڇڏيو سو بہ هميشہ لاءِ هر دؤر لاءِ ، نڪا رجسٽريشن جي ضرورت نڪا ٺپي ۽ مهر جي، باقي ڪانگ وتن وات هڻندا.

Gul Hayat Institute

# پاڪستان ٺهراءُ: اصل حقيقتون

منهنجو ارادو هو تہ پاڪستان جي پنجاهہ سالن جي عرصي ۾ جيڪي بي پناهہ تاريخي ڪوڙ هنيا، تاهيا ۽ گهڙيا ويا آهن تن کي وائکو ڪجي. هي هڪ ڊگهو ۽ سلسليوار تحقيقي معاملو ٿيندو. اڄ صرف 23 مارچ جي مناسبت سان پاڪستان جي جنم متعلق ڪجهہ لکجي ٿو.

عام طرح چيو ويندو آهي تہ مسلمانن لاءِ جداگانہ ملڪ اسلام ۽ اسلامي نظريہ خاطر حاصل ڪيو ويو. هي صريحاً ڪوڙ آهي. اسان جيڪي اڃا زنده آهيون تن آزادي جي تحريڪ اکئين ڏٺي ۽ ان ۾ عملي طرح شريڪ رهيا سين. مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ هئاسون ۽ جناح صاحب کي ويجهو ڏٺوسون. اڄ اخبارن ۾ ۽ ٽي ويءَ تي اهڙا ماڻهو پيش ڪيا وڃن ٿا جي صرف ايترو چون ٿا تہ جناح صاحب کي ڪار ۾ ويندي ڏٺو سون يا سندس ڪرسيءَ جي پرسان ويٺا هئاسون، اسان (مون ۽ ٻين پنجن ڇهن) جن مان ڪي اڃا زندهہ آهن، جيئن محمد شفيع انصاري انجنيئر، تن سان جناح صاحب هڪ ئي ويهڪ ۾ ڏيڍ ڪلاڪ لاڳيتو بحث ڪيو. اها ڳالهہ روزانہ ڊان ۾ ان ڏينهن پهرين صفحي تي ليڊ اسٽوري يعني مکيہ هيڊنگ تي ڇپي تہ قائد اعظم سنڌي شاگردن سان نوي منٽ ملاقات ڪئي. ان ملاقات جو تفصيل ڪنهن ٻئي وقت ڏبو.

قائداعظم ڪڏهن بہ نظريہ پاڪستان يا اسلامي مملڪت يا اسلامي شريعت جي ڳالهہ نہ ڪئي. الٽو جڏهن پاڪستان جي حصول جي تحريڪ زورن تي هئي ۽ ملا مولوي سندس سخت مخالفت ڪري رهيا هئا ۽ کيس ڪافر اعظم چئي رهيا هئا تڏهن بہ نڪي ٺوڪي صاف صاف اعلان ڪيائين تہ پاڪستان مذهبي رياست نہ ٿيندو.

Pakistan shall not be a theocracy

توهان پاڻ پڙهو ۽ جاچيو تہ اهڙو ڪو بہ ٺهراءُ نہ ڪنهن جلسي ۾ نہ مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪميٽي ۾ نہ لاهور واري 23 مارچ جي عظيم الشان جلسي ۾ ڪيو ويو. ٽيويهن مارچ واري ٺهراءُ ۾ تہ هڪ مملڪت ۽ ملت جي بہ ڳالهہ ڪانہ ڪئي وئي آهي، الٽو خودمختيار رياستن جي ڳالهہ ڪئي وئي آهي. ڏسو هن ماڻهوءَ جي سياسي جرئت ۽ پنهنجي اصولن تي اٽل وشواس، جو سخت مخالفتن جي باوجود تحريڪ

Gul Hayat Institute

هلندي بہ نتيجن کان بيپرواهہ ٿي اعلان ڪيائين تہ پاڪستان مذهبي رياست نہ ٿيندو. مون کي باوثوق ذريعن کان معلوم ٿيو تہ نواب بهادر يار جنگ جڏهن اسلامي رياست ۽ اسلامي قانون جي ڳالهہ ڪئي تہ جناح صاحب کيس جهڻڪيو ۽ فهمائش ڪئي. مان پاڻ ان ڪراچي واري اجلاس ۾ موجود هئس.

ماڻهو ڪوڙ ڳالهائي سگهن ٿا پر حقيقتون ڪوڙ ڳالهائي نہ ٿيون سگهن. اچو تہ رڪارڊ ڏسون. جناح صاحب 11 آگسٽ 1947 تي پاڪستان جي قانون ساز اسيمبلي جي پهرين صدر جي حيثيت ۾ جا پهرين تقرير ڪئي سا اسان جي تاريخي سفر جو پهريون سنگ ميل آهي. ايڏي جرئت ۽ ايڏي صاف گوئي صرف پر اعتماد انسان (Committed Person) ئي ڪري سگهي ٿو پڙهو ڇا چيائين:

"Pakistan shall be a secular democratic state. Now, I think you should keep that infront of us as our ideal that in course of time Hindus would cease to be Hindus Muslims would cease to be Muslims, not in the religious sense, because that is the personal faith of each individual, but in the political sense as citizens of the state."

ترجمو: "پاڪستان هڪ غير مذهبي ۽ جمهوري رياست هوندو. اها ڳالهہ توهان پنهنجي سامهون هڪ نظريہ طور رکو تہ وقت گذرڻ سان (هن ملڪ ۾) هندو هندو نہ رهندا ۽ مسلمان، مسلمان نہ رهندا. مذهبي اعتبار کان نہ ڇو تہ اهو هر ڪنهن جو نجي معاملو آهي، پر سياسي اعتبار کان ۽ رياست جي شهري هجڻ جي حيثيت سان."

قائد اعظم جي مٿين تقرير جي چند ڇاڻ ڪجي تہ هيٺيون ڳالهيون صاف ٿي اڀرن ٿيون:

(1) پاڪستان هڪ غير مذهبي ۽ جمهوري رياست ٿي رهندو.
(2) اهو ئي اسان جو ۽ پاڪستان جو نظريو آهي. ۽
(3) مذهب هر هڪ شخص جو نجي معاملو آهي.
(4) وقت گذرڻ سان هندو هندو نہ رهندا ۽ مسلمان مسلمان نہ رهندا پر هڪجهڙائي واري حيثيت سان هن ملڪ جا شهري هوندا.

ماڻهو ڪوڙ ڳالهائي سگهن ٿا پر حقيقتون ڪوڙ ڳالهائي نٿيون سگهن. پاڪستان ٺهڻ ۾ هڪ مملڪت ۽ ملت جي ڳالهہ ڪانہ ڪئي وئي آهي. "هڪجهڙائي واري حيثيت جا شهري" جو محاورو اقليت واري نقطہ‌نظر کي رد ڪري ٿو. جسٽس منير پنهنجي مشهور منير رپورٽ ۾ چوي ٿو تہ "مذهبي اقليت" وارو نظريو هڪجهڙائي وارا حق ڪسي وٺي ٿو جو جمهوريت جي منافي آهي. انهيءَ ڪري جناح صاحب مطابق "پاڪستان ۾ ڪابہ اقليت نہ هوندي سڀ هڪ جهڙا سياسي حق رکڻ وارا شهري ۽ پاڪستاني قوميت رکندڙ هوندا. هندو هندو نہ

Gul Hayat Institute

رهندا ۽ مسلمان، مسلمان نہ رهندا ۽ سڀ هڪ جهڙا حق رکندڙ پاڪستاني هوندا“ وارو فلسفو بہ قومي نظريہ کي بہ ختم ڪري ڇوڙڏي ۽ جداگانہ انتخاب کي بہ رد ٿو ڪري. جسٽس منير پنهنجي ڪتاب ”جناح کان ضياءَ تائين“ ۾ صفحي 36 تي لکي ٿو تہ جناح صاحب جو چوڻ هو تہ پاڪستان ۾ اقليتون هونديون ٿي ڪونہ (مذهبي بنيادن تي).

صرف هڪ دفعو نہ، جناح صاحب بار بار چوندو آيو تہ پاڪستان غير مذهبي رياست هوندو. تاريخ 19 فيبروري 1948ع تي نشري تقرير ڪندي چيائين تہ ”پاڪستان مذهبي رياست نہ ٿيندو“ تاريخ 28 مارچ 1948ع ڍاڪا ۾ هڪ پبلڪ ميٽنگ ۾ چيائين تہ، ”توهان مسلمان تہ آهيوئي ۽ هاڻي هڪ قوم جو حصو آهيو. سڄو ملڪ توهان جو آهي، ڪنهن غلط فهميءَ ۾ نہ پئجو تہ پاڪستان ڪو مذهبي رياست آهي.“

“Make no mistake. Pakistan is not a theocracy of any thing like it.”

جسٽس جاويد اقبال ولد علامہ اقبال پنهنجي ڪتاب Ideology of Pakistan ۾ صفحي 4 تي چوي ٿو تہ سيڪولرزم اسلام جو لاينفڪ جُز آهي ۽ انهي ڪري هڪ تخيلاتي غير مذهبي رياست جو تصور اسلامي رياست ۾ مضمر آهي.

جناح صاحب جي ايڏي صاف ذهن ۽ صاف احڪام جي باوجود ملائي ٽولا ملڪ ۾ ڏڦيڙ وجهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. حقيقت ۾ اهي ملا قائد اعظم کي ڪافر اعظم ۽ پاڪستان کي ناپاڪستان ۽ پليدآستان سڏيندا هئا (هي ڳالهيون رڪارڊ تي آهن ۽ مڃيل حقيقتون آهن) افسوس جو اهي ساڳيا ملا پاڪستان ۾ اچي مذهبي مونجهارو پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. مذهبي مونجهارن جو ايڏو جار پکيڙيائون، ڪوڙن مٿان ڪوڙ گهڙيائون ۽ حقيقتون مروڙيائون. جو سچ ڪوڙ ٿي ويو ۽ ڪوڙ سچ ٿي ويو. تاريخ مسخ ٿي وئي. تانجو 25 مارچ 1949ع تي لياقت علي خان قرارداد- مقاصد جو ٺهراءُ پيش ڪيو. جيستائين جناح صاحب حيات هو تيستائين لياقت علي خان کي اهڙي ٺهراءُ پيش ڪرڻ جي همت ٿي ڪانہ ٿي. جسٽس منير لکي ٿو تہ لياقت علي خان کي خبر هئي تہ جناح صاحب اهڙي ٺهراءَ جي سخت مخالفت ڪري ها، ڪڏهن بہ نہ مڃي ها. جناح صاحب جي خيالن ۽ قرارداد — مقاصد ۾ وڏو تضاد هو.

(1) قائد اعظم جو چوڻ هو تہ حاڪميت عوام جي آهي ۽ اهي اختيار عوام جي چونڊيل قانون ساز ادارن جا هوا. قرارداد مقاصد موجب حاڪميت الله جي هئي. قانون ساز ادارا مذهبي حد بندين اندر ڪم ڪندا جو اصول جمهوريت ۽ عوامي حاڪميت جي منافي هو.

(2) قرارداد — مقاصد موجب اقليتن کي عبادت وغيره جا تحفظات ڏنا ويا هئا حالانڪ قائد اعظم جو چوڻ هو تہ مذهبي بنياد تي ڪي بہ اقليتون نہ هونديون.

مولوين مذهبي مونجهارا ۽ تعصب ايڏو ڦهلايو جو احمدي عرف قادياني فرقي وارن کي مرتد چئي قتلام شروع ڪيائون. شروعات مولانا شبير احمد عثماني ڪئي جنهن کي شيخ الاسلام جو لقب ڏنو ويو. هن صاحب هڪ رسالو "الشهاب" ڪڍيو جنهن ۾ مرتد کي قتل ڪرڻ جائز قرار ڏنائين. انهيءَ فتني ايڏو زور پڪڙيو جو خواجه ناظم الدين جو ان وقت جو وزير اعظم هو تنهن چيو ته هي مذهبي جنونيت جو ٻچڙو پنجاب جو چيف منسٽر منهنجي جهوليءَ ۾ اڇلائي ويو آهي. هن صاحب لاهور ۾ مارشل لا لڳائي ڇڏيو. فوجي جنرلن، مولوين کي چڱو سڌو ڪيو ۽ ڪن کي ڦاسي جي سزا به ڏني پر هو بچي ويا.

وري جنرل ايوب خان 1958ع ۾ اقتدار ۾ آيو. هو ڪافي صاف ذهن رکندڙ ۽ همت ڀريو ماڻهو هو. هن 1962ع ۾ جيڪو آئين نافذ ڪيو تنهن ۾ ملڪ جي نالي مان لفظ اسلاميه ڪڍي ڇڏيائين. تاريخ 3 مئي 1959ع تي دارالعلوم اسلاميه ٽنڊو الهيار ۾ جيڪا تقرير ڪيائين تنهن ۾ چيائين ته، "اسلام جو اهو معجزو هو جو بت پرستيءَ کي ڀڃي ڀورا ڪري ڇڏيائين. پر الميو اهو آهي ته مسلمانن مذهب اسلام جو هڪ وڏو بت بنائي ڇڏيو. ۽ مذهب کي ايڏو بيجان ڪري ڇڏيائون جو اهو مسجدن ۽ مقبرن ۾ بند ٿي ويو."

. تعصب پرست مذهبي جنوني اهو دليل ڏيندا آهن ته تحريڪ پاڪستان هلندي اهو نعرو ٻڌو ويو هو ته پاڪستان جو مطلب ڇا، لا اله الا الله. اها شاهدي مان به ڏيندس. مون پاڻ به اهڙا نعرا ٻڌا پر اهو ڪو وزندار دليل نه آهي نه مسلم ليگ اهڙو ٺهراءُ پاس ڪيو نه ڪڏهن پيش ڪيو.نه وري ڪو 23 مارچ واري پاڪستان ريزوليشن ۾ ان جو ڪو ذڪر آهي. باقي جيڪڏهن ڪي ڀورڙا، موڳا، خوشامندڙ يا سياسي جيوڙا گهٽين ۾ گوڙ ڪندا وتن ته ان جو ڪو مطلب نه آهي. اهڙن خوشامندڙن جا 1980ع کان 1988ع تائين اسان اهي نعرا ٻڌندا آياسين ته "مرد مومن مرد حق ضياءُالحق ضياءُالحق". ته پوءِ انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو ڇا ته سڄي پاڪستاني قوم مارشل لا جهڙي ڪاري قانون ۽ ڊڪٽيٽرانه نظام جي حق ۾ فيصلو ڏئي ڇڏيو. هيءَ ته سڌي سنئين بيوقوفي چئبي...

مذهبي ڪٽرپڻي جي مخالفت هڪ صدي اڳ ئي پڄي چڪي هئي. گرونانڪ، ڀڳت ڪبير ۽ واديءِ سنڌ جا شاعر بلهي شاهه، سلطان باهو شاهه ڀٽائي، سچل سرمست ٻيا ڪيئي دانشور هئا، جن کُلي ملائيت جي مخالفت ڪئي. مذهبي دقيانوسي جڏهن مسلمانن جي ترقيءَ ۾ حائل ٿي ته پوءِ ته عالم ۽ سڌارڪ به کلي ميدان ۾ لهي آيا. مولانا الطاف حسين حالي جو سرسيد احمد جو ساٿاري هو طنز ۽ مزاح جو سرواڻ هو. فرمايائين:

چلي هين شيخ ڪعبه ڪو هم لنبن جائينگي
وه ديکي گهر خدا ڪا، هم خدا کي شان ديکين گي

ڏسو لنڊن ۾ ڪعبه جو مقابلو ۾ خدا جي گهر ۾ خدا جي شان جي ترڪيب ڪيڏي نه ضرب آهي ملائيت تي.
ٻيو اهم نقطو اهو آهي ته سياسي هلچل جو محرڪ يا بنياد مذهب هئو ئي ڪونه. سر سيد احمد خان ته حد ڪري ڇڏي ۾ اهڙا بيان ڏنائين جو اڄ جا مٽي ڦريل انسان ته مڃيندائي ڪونه. پر حقيقت ۾ رڪارڊ ڪي ڪاڏي ڪري سگهبو. تاريخ 28 جنوري 1884ع ۾ پنهنجي گورداسپور جي تقرير ۾ چيائين ته:
"اسان هندو ۽ مسلمانن ڪي گهرجي ته دل ۽ روح جي گهراين سان هڪ ٻئي جي ويجهو اچون ۾ گڏجي عمل ڪيون. پراڻن تاريخي ڪتابن توڙي موجود دور ۾ ڏسبو ته هڪ ئي ملڪ ۾ رهندڙ وسندڙ سڀ ماڻهو هڪئي قوم سڏيا ويندا آهن، جيتوڻيڪ سندن عقيدا ۾ مذهب مختلف هجن ٿا. ياد رکو ته لفظ هندو يا مسلمان فقط مذهب جو فرق ٿا ظاهر ڪن. هونئن اسان سڀ هندو مسلمان توڙي ڪرستان هڪ ئي قوم آهيون." (حوالو سر سيد جو ڪتاب A Nation is born 339) ساڳئي سال لاهور ۾ انڊين ائسوسئيشن اڳيان تقرير ڪندي چيائين:
"مان ملڪ ۾ قوم جي وفاداري سان خدمت ڪرڻ چاهيان ٿو. مان لفظ قوم ۾ ٻنهي هندو ۾ مسلمانن ڪي شامل ڪيان ٿو ڇو ته لفظ قوم جي معنيٰ فقط اها ئي ٿي سگهي ٿي."

## پاڪستان جو نهراءُ

(1) نهراءُ ٿو ڪجي ته "آل انڊيا مسلم ليگ" جي هن اجلاس جي سوچيل سمجهيل راءِ آهي ته هن ملڪ ۾ اهڙي ڪابه آئيني رٿا عمل جوڳي نه ٿيندي ۽ مسلمانن لاءِ قبولڻ جوڳي نه هوندي، جيڪا هيٺين بنيادي اصولن تي ٻڌل نه هوندي، جهڙوڪ: جاگرافيائي طور تي ڳنڊيل يونٽن جي اهڙن خطن ۾ حد بندي ڪئي وڃي ۽ انهن ڪي مناسب علاقائي ردو بدل ڪرڻ کان پوءِ اهڙيءَ ريت نئين سر ترتيب ڏنو وڃي جو اهڙا علائقا جن ۾ مسلمان عددي لحاظ کان اڪثريت ۾ آهن، جهڙوڪ هندستان جي اتر اولهه ۽ اوير وارا علائقا، سي اهڙين آزاد رياستن جو مجموعو بنجي وڃن، جن ۾ شامل يونٽ خود مختيار ۽ اعليٰ اقتدار رکندڙ هوندا.
(2) ٻيو انهن يونٽن ۾ انهيءَ علائقي ۾ اقليتي فرقن لاءِ آئين ۾ سندن صلاح مشوري سان ڪافي، موثر ۽ لازمي اقتصادي، سياسي، انتظامي ۽ ٻين حصن ۾ جتي مسلمان اقليت ۾ آهن، اتي انهن ۽ ٻين اقليتن لاءِ، آئين ۾ سندن صلاح مشوري سان ڪافي، موثر ۽ لازمي بچاءَ فراهم ڪيا ويندا ته جيئن سندن مذهبي، ثقافتي، اقتصادي، سياسي، انتظامي ۽ ٻين حقن ۽ مفادن جي حفاظت ٿي سگهي. ۽ هندستان جي ٻين حصن ۾ جتي مسلمان اقليت ۾ آهن اتي انهن ۽ ٻين اقليتن لاءِ آئين ۾ سندن صلاح-مشوري سان ڪافي موثر ۽ لازمي بچاءُ فراهم ڪيا ويندا ته



Gul Hayat Institute

جيئن سندن مذهبي، ثقافتي، اقتصادي سياسي انتظامي ۽ ٻين حقن ۽ مفادن جي حفاظت ٿي سگهي.

(3) هي اجلاس ورڪنگ ڪاميٽيءَ کي انهن بنيادي اصولن جي مطابق هڪ آئيني اسڪيم مرتب ڪرڻ جو وڏيڪ اختيار ٿو ڏئي ته جنهن موجب واسطيدار علائقن کي آخر ۾ سمورا اختيار حاصل رهندا، جهڙوڪ دفاع، پرڏيهي معاملا، مواصلات، ڪسٽمس ۽ اهڙا ٻيا معاملا جيڪي ضروري سمجهيا وڃن.

هيءَ واضح تاريخي پس منظر ڪان پوءِ ڪير چئي سگهندو ته هندستان جي تقسيم مذهبي بنيادن تي ٿي آهي. قطعي نه. تقسيم جو بنياد هو سياسي اختيارات جو مسئلو جنهن مسئلي تي هندو بنياد پرست ضد ٻڌي بيٺا ۽ ٿهيل جڙيل معاملي کي بگاڙي ڇڏيائون.

مسلمان ليڊرن جي شروع کان صرف سياسي مراعات جي گهر هئي. سر سيد احمد چيو: "فرض ڪيو ته انگريز ملڪ ڇڏي ٿا وڃن. اهڙي صورت ۾ هڪ ئي تخت تي ٻه ڄڻا ڪيئن ويهندا. لازمن هڪڙي کي ٻئي مٿان فتح حاصل ڪرڻي پوندي. اهي (ٻئي) حڪومت ۾ رهندا هڪ ناممڪن ڳالهه آهي." (حوالو Making of Pakistan صفحو 31 ليکڪ رچرڊ سائمنڊ).

قائداعظم به ساڳي ڳالهه ڪئي ته "اسان متحد هندستان جي اهڙي آئين جي خلاف آهيون جو فيڊرل هجي يا ٻيو ڪجهه. ڇاڪاڻ ته ان جو مطلب ٿيندو ته برٽش راڄ مان منتقل ٿي هندو راڄ ۾ اچڻ. متحده هندستان جو مطلب ٿيندو هندو تهذيب تمدن ۽ سماج جي بالادستي، جو اسان جي سماجي ۽ تهذيبي روايتن کان مختلف آهي." (حوالو Speeches and writings of Jinah صفحو 883 ليکڪ جميل الدين احمد). ڏسو هتي مذهب ۽ قوم جي ڳالهه نه ڪئي وئي آهي. اهو صاف پيو آهي ته اصل مقصد هو مسلمانن کي هندن جي سياسي، سماجي ۽ معاشي بالادستي کان محفوظ ڪرڻ. جسٽس منير پنهنجي ڪتاب جناح کان ضياءَ تائين جي صفحي 23 تي لکي ٿو ته اصل مسئلو (Issue) جنهن جي بنياد تي سياسي جنگ لڙي وئي سو اهو هو ته اهي علائقا (يعني موجوده پاڪستان، جن ۾ مسلمان گهڻائي ۾ هئا) اتي انهن کي انهن جي ملڪي حدن ۾ خودمختياري ۽ پڻ قانون سازي جا اختيار هجن.

مٿيون سموريون حقيقتون ٻڌائن ٿيون ته پاڪستان حاصل ڪرڻ جو مقصد هو ته مسلمانن جي اڪثريت وارن علائقن ۾ خودمختيار ۽ آزاد رياستون قائم ڪيون وڃن. انهن علائقن جي حڪومت جو نمونو ڪهڙو هوندو سو جناح صاحب نيو دهليءَ ۾ 1946ع ۾ رائٽرز جي نمائندي مسٽر ڊون ڪئمپبيل کي ٻڌائي ڇڏيو ته

"نئين رياست هڪ جديد جمهوري رياست هوندي جنهن ۾ حاڪميت عوام جي هوندي ۽ ان رياست جي سمورن شهرين کي بلا امتياز مذهب، ذات پات ۽ عقيدي جا هڪجهڙا ۽ برابري وارا حق هوندا."

# سنڌ جي ورهايل ووٽ بئنڪ کي بچايو

(1) ڪالم نويس جي اهم ترين ذميواري اها آهي تہ مرض جي اصل جيوڙي (وائرس) کي ان جي پلجندڙ گهرڙي Incubator مان ڪڍي سر بازار عوام کي ان جو مڪروہ چهرو ڏيکاري تہ جيئن گڏجي سنڌس مٿو چٽي جند ڇڏائجي، نہ تہ صدين جي غلاميءَ جو ڳٽ ڳچيءَ ۾ پئجي ويندو ۽ سنڌ ۽ سنڌين جو ٿالو هميشہ لاءِ تاريخ جي ورقن مان ميسارجي ويندو. ان خطرناڪ جيوڙي جي پيدائش جا سبب ۽ ان کان بچاءَ لاءِ مهلائتا اُپاءَ ڳولڻ ۽ ٻڌائڻ بہ ڪالم نويس جو اهم فريضو آهي. اڄ جو ڪالم نويس ائين نہ ٿو ڳالهائي ۽ لکي جيئن انگريزن جي غلاميءَ دوران اشارن ۽ ڪناين ۾ استعارو ۽ تصنيفون ٿينديون هيون. سنڌي ٽوٽي اردو ۾ هڪڙو ئي بيمثال ڪالم نويس پيدا ٿيو جيڪو هو پير علي محمد شاہ راشدي.

(2) پاڪستان جي پنجاهہ سالن جي تاريخ، اسان جي ٿهي آڌو ڪليل ڪتاب آهي. پنجابي، پٺاڻ ۽ بلوچ تہ پنهنجن علائقن ۾ محفوظ رهيا. باقي رهيا بنگال ۽ سنڌ، انهن سان تہ ويڌن ٿي. سنڌي هندن کي سنڌ مان ڪڍڻ لاءِ، هٽ وٺي ڪراچيءَ ۾ فساد ڪرائي هندن کي ڀڄائي هندي مسلمان آندا ويا. اهڙي ريت نواب شاہ جي سڄي ساهتي علائقي ۾ هڪ آءِ سي ايس آفيسر، مسعود کڏڙپوش هٿان ڪيس ڪرايا ۽ ويل وهايا ويا ۽ اهڙي طرح اتي بہ هندي مسلمانن لاءِ خال پيدا ڪري، مراعات ڏئي آباد ڪرايو ويو. اهو سڀ ڪجهہ هٽ وٺي هڪ سمجهيل سوچيل رٿا هيٺ ڪرايو ويو. جنرل سڪندر مرزا پنهنجي يادداشتن ۾ صاف لکيو آهي تہ جڏهن لياقت علي خان کان پڇيو ويو تہ هو ڇو ايترو هندي مسلمانن کي گهرائي، سندن ڳڙهہ ٺرائي تہ صاف جواب ڏنائين تہ ڪيس پنهنجي لاءِ اليڪشني ٽڪ تہ ضرور کپندا.

(3) ان وقت جو چيف منسٽر کهڙو صاحب تمام ذهين ۽ سخت مزاج ماڻهو هو. مٿس ٿالو ئي پئجي ويو هو فولادي ماڻهو. سو سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي چيف منسٽر کي ڪنٽرول ڪرڻ جو هڪڙو ئي نسخو هو تہ سنڌي ماڻهن ۽ سنڌ جو ووٽ بئنڪ ورهايل هجي. جنرل ضياءَ جي ڏينهن ۾ رات وچ ۾ ايم ڪيو ايم کي ڌماڪي خيز انداز ۾ وجود ۾ آندو ويو. مون ان وقت جي هوم سيڪريٽريءَ کان پڇيو تہ ”اهو ڪيئن ٿيو؟ کلي چيائين تہ ”جمال صاحب ! توهان ايترو نہ ٿا سمجهو تہ هڪ

ڪنگلو ماڻهو جو جيل ۾ روئندو هو ۽ ڪيس ڪو سچائيندو بہ ڪو نہ هو ان لاءِ جيل مان ٻاهر نڪرڻ وقت بہ هزار سوزو ڪين وارا جلوس لاءِ موجود هئا جن چوويهہ ڪلاڪ جلوس ڪڍيو. هر هڪ سوزوڪي هڪ هزار رپيا تہ ورتا هوندا، اهي ويهہ لک رپيا ڪنهن ڀريا. ڪنهن ڏنا؟

(4) بنگال سان بہ اهو حشر ڪيو ويو. نہ رڳو هندي ۽ بهاري مسلمان بلڪ پنجابي واپاري، صنعتڪار ۽ آفيسر ڍڳا ڍڳ موڪليا ويا ۽ انهن کي نمبر ون شهري جو درجو ڏنو ويو. بهارين کي تہ هٿيار بہ ڏنا ويا ۽ هشي پہ ڏني وئي تہ مقامي بنگالين کي نيچو نواريو. اتي بہ مقصد ساڳيو هو تہ بنگالين جو ووٽ بئنڪ ورهايل هجي. پر بنگالي سياڻا هئا سو سيني پارٽين گڏجي جگتو فرنٽ ٺاهي اليڪشن ۾ سڀ سيٽون کٽي ورتيون ۽ يڪمشت ۽ يڪ آواز ٿي پنهنجا حق ورتا.

(5) سنڌ لاءِ بہ ان حڪمت عملي کان سوءِ ٻيو ڪو چارو ناهي. هتي سياسي عقل الائي ڪيڏانهن اڏامي ويو آ جو هر ڪو ليڊر پنهنجي ڏيڍ چانور جي ديڳڙي الڳ چاڙهيو ويٺو آهي. منهنجي ڪين مودبانہ گذارش آهي تہ پنهنجي لاثاني ذهانت ۽ دانشوري ڪم آڻي، جوڙ ڪٽ ڪري حساب لڳائين تہ نيٺ ڪمڙا ڦاڙها مارينداڻ؟ ڊاڪٽر قادر مگسي شايد پنهنجي سيٽ بہ ڪا نہ کٽي. وڏو داناءُ رسول بخش پليجو بہ دفعا دسجي چڪو آهي، جي کٽي بہ آيو تہ اڪيلي سر ڇا ڪندو؟ وڏا وڏا ڍنگ ڍري ٿا پون. پير سائين پاڳارو هارائي ويٺو غلام مصطفيٰ خان جتوئي بہ هارائي چڪو آهي، عبدالحميد خان جتوئي بہ ٿڪو ڪائي ڪريو آهي. ٻيو تہ ٺهيو ممتاز علي ڀٽو جهڙو زيرڪ ۽ جاڪوڙي سياستدان بہ اهو مزو چکي چڪو آهي. پر جي کٽي بہ ٿي چار سيٽون کٽيائون بہ تہ ڇا ٿيندو؟ بس هنن جو وزن ڪجهہ وڌندو ساڳيو ٿي وري هو ڏاڍن مڙسن سان واعدا وعيد ڪري هڪ اڌ وزارت يا گورنري وٺي چوندا ڇا ڪريون خلق جي خدمت ڪارڻ مجبوراً ائين ڪرڻو پيو. صاحبو سنڌي عوام هينئر سجاڳ ٿي چڪو آهي، هو اهي سڀ ڳالهيون سمجهي ويو آ.

Gul Hayat Institute

(6) غور ڪريو تہ ڇٿو پتو نظر ايندو تہ گذريل ٽيهن سالن ۾ مسلسل، سگهارين قوتن طرفان اها سر توڙ ڪوشش ٿيندي رهي آهي تہ سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جو ووٽ بئنڪ ڪيئن ورهايل رکجي؟ 1970ع جي اليڪشن انهن سگهارين قوتن جون وايون ولڙيون ڪري ڇڏيون جو اولهہ پاڪستان ۾ شهيد ڀٽو جي هڪ ئي پارٽي اڪثريت ۾ سيٽون کٽي وئي. هوڏانهن بنگال ۾ مجيب الرحمان جي پارٽي سؤ سيڪڙو سيٽون کٽي وئي. سو اها ڳالهہ سگهارين قوتن کي نہ آئڙي، نتيجي ۾ بنگال جو ورهاڱو ٿيو. پراڻو آءِ سي ايس آفيسر ايس ايّس جعفري جيڪو جنرل ايوب جي ڏينهن ۾ انڊسٽريز جو سيڪريٽري ۽ سابق گورنر ڪمال اظفر جو سهرو هو. تنهن لکيو آهي تہ جنرل ايوب سوين ڪروڙ خرچ ڪري ڍاڪا

۾ سيڪريٽريٽ جون شاندار عمارتون اڏائڻ شروع ڪيون. جعفري صاحب اعتراض تہ نٿي ڪري سگهيو پر جنرل صاحب کان پڇيائين تہ ايترو پئسو غير اپراسي عمارتن تي ڇو پيو خرچ ڪيو وڃي. جنرل صاحب مشڪندي جواب ڏنس تہ جعفري صاحب، جيڪڏهن بنگال ڌار حڪومت ناهي تہ وٽس سيڪريٽريٽ لاءِ عاليشان عمارتون تہ هئڻ کپن. سو اهو فيصلو اڳواٽ ٿيو پيو هو پر ڪمال چالاڪيءَ سان نڪر پڳائون شهيد ڀٽو تي، معنيٰ تہ 1970ع کان ئي شهيد ڀٽو کي ڪيرائڻ لاءِ رٿا بندي ڪئي وئي. ڀٽو صاحب بہ تمام ذهين ماڻهو هو. سو وقت کان اڳ ئي اليڪشن ڪرائي آسانيءَ سان چونڊبون کٽي ويو. اها ڪين بہ پڪ هئي سو رٿا موجب هنگاما ڪرائي. زوري مارشل لاءِ هٽي ڀٽي صاحب تي ڪوڙو ڪيس ناهي ڪيس شهيد ڪيو ويو. شهيد ڀٽو جو قصور رڳو اهو هو تہ کيس سيني صوبن جي عوام جي تائيد حاصل هئي، سواءِ ڪن سردارن ۽ خان صاحبن جي. پوءِ تہ پاٽيءَ وانگر پئسو وهائي، ماڻهن ۾ فرقيواريت، نسلي ۽ قبائلي ويڇا وڌائي، هنگاما ۽ ڀڃ ڊاهہ ڪرائي مارشل لا لڳايو ويو انهيءَ عمل ۾ اُهي سياسي ٽولا ۽ ليڊر بہ شامل هئا جن کي ڀٽو صاحب جي موجودگيءَ ۾ پنهنجو سياسي مستقبل ڪارو ٿي نظر آيو. مون کي پاڻ ڪن سياسي ليڊرن اچي چيو تہ جيسين ڀٽو آهي تيسين پندرنهن ويهہ سال، اسان کي سياسي اقتدار تہ قطعي ڪو نہ ملندو.

(7) جنرل ضياءَ بہ ان صورتحال جو فائدو وٺي هر هڪ کي جدا سڏ ڏنا تہ توکي تو پرائيم منسٽر ڪيان. سڀ چڪر ۾ اچي ويا، اصل مطلب هو پارٽيءَ کي ٽوڙڻ ۽ ڏڙن ۾ ورهائڻ. هاڻي بہ ائين پيو ٿئي. ضلعي وار ضعيف ليڊر شپ پيدا ڪئي پئي وڃي، جيڪي حڪومتي ٻولڙيا تي ٻوليندا ڇو تہ انهن جو جياپو ئي انهيءَ ۾ آهي.

(8) اڪ هاڻي ئي پٽڻ کپي. سوال آهي تہ ڪجي ڇا ۽ موجوده حالتن آهر ڪري ڇا ٿو سگهجي؟ آئين معطل آهي، صوبائي ۽ قومي سطح تي اليڪشن جو في الحال ڪو امڪان ڪونهي. تنهن ڪري اهو ڳٽ جيڪو اسان جي ڳچيءَ ۾ پئجي چڪو آهي، ان کي ڪهڙي بہ طرح لاهي ڦٽي ڪرڻ کان سواءِ ڪو چارو ناهي.

(9) ويٽنام ۽ افغانستان وارا طريقا اسين نہ اختيار ڪنداسين نہ اپنائي سگهنداسون. اهڙو آپگهات اسان کان ڪو نہ پڄندو. اهي طريقا متروڪ آهن. اسان جي ئي دور ۾ مختلف طريقا آزمايا ويا آهن پر مختلف وقتن ۽ مختلف حالتن موجب تہ جيئن آهي، جيڪي آهي ان مان فائدو وٺو. اهو ئي مارڪسي سائنسي طريقو آهي، مهاتما گانڌي اهنسا ۽ بهشڪار جو هٿيار ڪم آندو. سڄي دنيا مٽس ڪلون ڪيون. پر هو اڌ ننگو فقير لٺ هٿ ۾ ڪٽي واهڻن ۽ ڪيتن ۾ پنڌ ڪندو پار وڃي پهتو ۽ سڄي دنيا کي ڏندين آڱريون اچي ويون. هاڻي نہ اهي

Gul Hayat Institute

حالتون آهن، نہ ڪو اهڙو ليڊر ۽ نہ اهڙا ماڻهو (عوام). اسان جا ماڻهو قربانيون ڏئي، هار مڃتان هار ڪائي، ليڊرن مان نا اميد ٿي خارون وينا ڪائن. پولينڊ جي ليڪ ويچا پيو طريقو اختيار ڪيو جو ڪارخانا بند ڪرائي پيداوار بند ڪري ڇڏيائين ۽ هڪ سپر پاور کي گوڏا کوڙائي ڇڏيائين. اسان وٽ نہ آهن ڪارخانا نہ ايترا مزدور، نڪي مزدور تنظيم. دنيا ۾ اڄڪلهہ هڪڙو ٽيون طريقو ڪاميابي سان استعمال پيو ٿئي. اهو آهي حافظ الاسد ۽ ياسر عرفات وارو حربو. اسرائيل، جيڪو هڪ اسرائيلي جي قتل ٿيڻ تي بدلي ۾ پنجاهہ فلسطيني ۽ لبناني قتل ڪندو هو ۽ سندن ملڪ تي قبضو ڪندو هو سو امن لاءِ آتو آهي. اهو طريقو آهي مخالف کي ٿڪائڻ، بيزار ڪرڻ ۽ سندس پئسي جو زيان. ڪشمير ۾ بہ ائين پيو ٿئي. هندستان توڙي اسرائيل محسوس ڪيو آهي تہ سودو مهانگو پيو پوي ۽ ڪروڙين ڊالر اجايو پيا خرچ ٿين. يعني فائدو گهٽ ۽ نقصان وڌ. اسان وٽ اهو ڪيئن ٿيندو مون کي خبر ناهي جو مان سياستدان نہ آهيان. سياستدان مٿا ميڙ ڪري ويهن ۽ ڪو لائحہ عمل ڳولي ڪڍن. اڄ ڪلهہ سرڪار مائڪرو فنانس جي رٿا هيٺ ڪروڙين بلڪ اربين ڊالر قرض ڏيڻ لاءِ تياريون پئي ڪري. منهنجي خيال ۾ هر مرد، عورت ۽ جوان کي قرض وٺي پيداوار وڌائڻ کپي. پوءِ کير مکڻ جي پيداوار هجي يا گوشت جي يا رڍن جي ان جي يا وکر جي. (مرچ، هيڊ، ادرڪ، مڱ ڦلي، تر، ڪارڪن، شيشم وغيره) پوءِ اها پيداوار پاڻ وٽ رکجي يا پاڻ ان جي روانگي واپار وغيره ڪجي. هيءَ فائدي جي ڳالهہ آهي سو هر ڪنهن کي کپي تہ جاکوڙي بڻجي، محنت ۾ جنبي وڃي. اقتصادي خوشحالي بنياد آهي، سياسي طاقت جو.

(10) مٿيون پيرا نمبر 8 ۽ 9 ڪجهہ موضوع کان ٻاهر هئا پر هئا تمام اهم ان ڪري اهڙي ايثار ضروري هئي. اصل موضوع اهو آهي تہ سنڌ ۽ سنڌين کي ڪنهن بہ صورت ۾ ورهايل ووٽ يعني Divided mandate کان ڪيئن بہ ڪري بچڻو آهي. عملي سياست ڪجي ۽ حقيقتن کي ميڄجي. مٿي مون نالا وٺي ڊاڪٽر قادر مگسي ۽ رسول بخش پليجي جو ذڪر ڪيو آهي، هڪ سيٽ بہ مشڪل کٽن. ساڳي حالت آريسر، غلام شاهہ ۽ شاهہ محمد شاهہ ۽ ڄام ساقي جي آهي. اها ڳالهہ مون سنڌ نيشنل فرنٽ جي هڪ مک عهديدار سان بہ ڪئي ۽ هن صاحب هڪدم اها ڳالهہ مڃي ۽ چيو تہ سنڌ توڙي پاڪستان ۾ هڪ ئي پارٽي آهي (پ پ) جنهن جي ڪامياب ٿيڻ جا چانس آهن ۽ ان سان تعاون ڪرڻ گهرجي، پر هڪدم شڪايت ڪندي چيائين تہ جمال صاحب اسان سان ان باري ۾ ڪوئي ڳالهائي تہ سهي. مون مڃيو تہ اها ڳالهہ وزنائتي آهي. پر چيم تہ ان جو حل بہ توهان سياستدانن کي ڪڍڻو آهي، اسين عام ماڻهو ڪهڙي اهميت ٿا رکون جو وچ ۾ پئون يا ڪجهہ ڪري سگهون. ان ڪم لاءِ يوسف لغاري جهڙي مخلص ماڻهوءَ کي يا پليجي جهڙي ڪڙهيل سياستدان کي همت ڪري ميدان ۾ اچڻو پوندو. محترمہ

Gul Hayat Institute

بينظير صاحبہ کي بہ با ادب گذارش آهي تہ ڪجھہ هيئاهين وٽي فراخدليءَ سان
ڪس ڪسر ڪائي، هر هڪ صوبي ۾ مخالفن کي راضي ڪري تہ هو پنهنجي جدا
شناخت رکندي بہ اليڪشن پ پ جي ٽڪيٽ تي وڙهن. مهاجرن کي بہ اها
گذارش ڪجي. جيڪڏهن کين پ پ تي اعتراض هجي تہ م ر پ (متحده پارٽي)
ٽائپ متحده فرنٽ جي ٽڪيٽ تي پنهنجا پنهنجا ماڻهو بيهارين جن جي سڀ
پارٽيون گڏجي مدد ڪن. اهو نيڪ ڪم هاڻي کان وٺي شروع ڪجي. بلڪل
بنيادي سطح تي تہ جيئن تعلقا چيئرمين ۽ ضلعي ميئر، بيا ڪي نہ پر متحده
عوامي پارٽيءَ جا نمائندا هجن. اهي ئي عوام ۾ سياسي روح ڦوڪيندا ۽
جيڪڏهن ۽ جڏهن صوبائي ۽ قومي سطح تي اليڪشن ٿيندي تہ وڏو ڪارآمد
ڪردار ادا ڪندي

Gul Hayat Institute

# سنڌ آپريشن ڊائري

19 مئي 1992ع .

اڄ ڪان سنڌ صوبي ۾ ملٽريءَ کي آئين جي فقري 147 هيٺ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ گهرايو ويو آهي.

ڏاڍو برو ٿيو — حالتون تمام خراب ٿينديون. الائي ڇا ٿئي! بگهڙ اڇي رڍن ۾ پوندا.

20 مئي

حيرت آهي، سيني سياسي اڳواڻن ملٽري آڻڻ جي آجيان ڪئي آهي.

سڀ بينظير صاحبه، ممتاز ڀٽو صاحب، ڄام ساقي، جي ايم سيد، رسول بخش پليجو وغيره. ڇا ٿيو آهي سياسي بصيرت کي! يا مفاد پرستي چئجي؟

ڪجهه ڏينهن ۾ پاڻ ئي سڀ دانهون ڪندا ته هي ڇا پيو ٿئي؟

25 مئي

ڪتن کي پٽر هٽڻ تي پورهيت ڪالوني لاڪڙا تي ڪاهه ڪري ڏهه پورهيتن کي مارڪٽ ڪري رينجرس وارا پاڻ سان وٺي ويا.

26 مئي

عوامي آواز

(1) سجاول ۾ فوجي جوان رات جو هڪ وڳي اصغر شاهه جي گهر جو دروازو ٽپي اندر داخل ٿيا. فيملي البم مان فوٽا ڪڍي اصغر شاهه، سندس پٽ فضل شاهه (صحافي) کي ساڻ وٺي ويا. بعد ۾ اصغر شاهه کي ڇڏي فضل شاهه جي اکين تي پٽي ٻڌي نا معلوم هنڌ وٺي ڪيس مارڪٽ ڪئي وئي.

(صفحو پهريون ۾ 8)

عوامي آواز صفحو 8

پڪار صفحو پهريون

(2) ٻيرلوءِ ۾ فوجي ٽن سپاهين کي مارڪٽ ڪئي ته هنن ڇو ڪين ڪين سلوٽ ڪيو؟ جڏهن ته سپاهي بينڪ تي ڊيوٽي ڏئي رهيا هيا. سپاهين کي خيرپور اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي.

27 مئي
جنگ – هلال پاڪستان، صفحہ اول
مخدوم هائوس تي فورسز جي جوانن نوڪرن ۽ چوڪيدارن کي مارڪٽ ڪئي انتظاميہ ۽ پوليس لاعلمي جو اظهار ڪيو.
28 مئي
پڪار صفحو پهريون
ڪنڊ ڪوٽ:
ٻن ٽريڪٽر وارن کي جهلي مارڪٽ ڪري رينجرس وارا ٽيپ رڪارڊ ڦري ويا.
30 مئي
عوامي آواز صفحو 8
(1) سکر ٽرمل پاور وٽ عورتن ۽ مردن کي لاهي مارڪٽ ڪئي وئي، ڇو تہ هو شناختي ڪارڊ ساڻ کڻي نہ آيا هئا.
(2) پراڻي سکر ۾ ڪير آٽينڊڙ ڳوناٽن کي مارڪٽ ڪري سندن ڪير جون بالٽيون هاريون ويون.
ياد رهي تہ پراڻو سکر فوج ۽ رينجرس جي تحويل ۾ آهي (عوامي آواز صفحو اول)
31 مئي
ڊان، آخري صفحو:
(1) 1 – مئي تي پڪڙيل 14 سنڌي ڇوڪرا ويهہ ڏينهن 1 is ۾ وٽ رکيا ويا ۽ هاڻ FIR داخل ڪرڻ لاءِ ڪرائم برانچ کي ڇيو ويو آهي. مائٽن جو چوڻ آهي تہ ڇوڪرن کي گهرن مان پڪڙيو ويو هو.
عوامي آواز صفحو پهريون
(2) شڪارپور چڪ وٽ فوجين فائر ڪري پنج پوليس وارا ماري ڇڏيا. فوجين جو چوڻ آهي تہ هنن سمجهيو تہ ڳوناٽا هئا، جي ڪوفيو جي ڀڃڪڙي ڪري رهيا هئا.
1 جون
جنگ ۽ ٻيون اخبارون
رينجرس وارن مهاجر اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن جي عهديدار شهيد سميت ٽن ڄڻن ۽ ٽن پوليس وارن کي جهليو. وٽانئن تي ڪلاشنڪوف ۽ بہ ڪارون بہ هٿ ڪيون. پوليس وين ۾ پوليس وارا سندن باڊي گارڊ هئا.
الطاف حسين شديد احتجاج ڪيو آهي تہ اهي بيقصور آهن. ايم ڪيو ايم وارن نيشنل اسيمبلي ۾ بہ احتجاج ڪري بائڪاٽ ڪيو. انهن اتحاد مان نڪرڻ جو بہ دڙڪو ڏنو.



Gul Hayat Institute

2 جون
ڊان ۽ ٻيون اخبارون
گرفتار ڪيل اي پي ايم ايس او وارن ۽ ٻين کي پرائيم منسٽر جي چوڻ تي ڇڏيو ويو.
عوامي آواز صفحو پهريون
گهوٽڪي ۾ ڳوٺ پٽافي تي پوليس هلان ڪري 25 عورتون 10 معصوم ٻار ۽ ٻين کي پڪڙي مال، سامان ڪٽي ٿاڻي تي بند ڪري اسٽاف واپس ورتو ويو.
3 جون
جنگ، صفحو اول
(1) امنيسٽي انٽرنيشنل، سنڌ ۾ ماڻهن کي بيگناهه گرفتار ۽ هراسان ڪيو پيو وڃي، سياسي قيدي ضمير جا قيدي آهن.
(2) غير سرڪاري ماڻهن کي گاڏيون، اسڪواڊ گارڊ ۽ گن مين واپس ڏنا ويا.
(3) رينجرس جي ڪئپٽن نويد جيڪا APMSO شاگردن خلاف سائيٽ ٿاڻي تي داخل FIR ڪرائي هئي سا سيل ڪئي.
(4) ڪراچيءَ ۾ هڪ ڏزن کان وڌيڪ ڦر ڌاڙا ۽ ڪارون کسڻ جا واقعا ٿيا، اسلام آباد ۾ ڪلارڪن جي مظاهري تي ڳوڙها گئس ۽ لاٺي چارج تي 26 ڄڻا زخمي.
4 جون
سڀ سنڌي اخبارون
(1) ڪڇي جي علائقي ۾ ڪيئي ڳوٺ ساڙيا ۽ ڊاٺا ويا. هزارين مرد، عورتون ۽ ٻار ٻي گهر ٿي کليئي آسمان هيٺ آهن يا مال ڪاهي لڏي ويا.
(2) پٺائي آباد ڪراچيءَ مان ڳوناٺن نو دهشتگردن کان اسلحو هٿ ڪري پوليس کي اطلاع ڏنو، پوليس اسلحو ۽ دهشتگرد پنهنجي قبضي ۾ ورتا، پر FIR داخل ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ايئر پورٽ پوليس ڳوناٺن کي دڙڪا ڏنا.
سنڌ ۾ ڌوهارين خلاف ثبوت ظاهر نه ڪبا.
حسين حقاني — وزير اعظم (نواز شريف) جو پريس معاون
(3) دادو لڳ ڳوٺ مال چيلهه پورهيت ماڻهو گرفتار
6 جون
سنڌي اخبارون
ڪاڇي جي علائقي جا ڪيترائي ڳوٺ خالي ڪرائي هزارين ماڻهن کي بي گهر ڪيو ويو آهي. ممتاز علي پٽي جي ڪمدار ۽ هارين کي پڪڙيو ويو.
7 جون
ڊان، صفحو پهريون

Gul Hayat Institute

(1) ڇامر شورو لڳ هڪ نيشنلسٽ پارٽيءَ جا ڏهہ جوان ماريا ويا. انهن جو قانون نافذ ڪندڙ ادارن سان مقابلو ٿيو. هندستاني بم بارود ۽ ڪلاشنڪوف هٿ آيا. (اعتبار نہ ٿو اچي)
(2) سابق وزير، اسيمبلي ميمبر ۽ ڇڱا مڙس گرفتار ڪيا ويا ۽ بعد ۾ ڇڏيا ويا.

8 جون
هلال پاڪستان، پهريون صفحو
عوامي آواز پڪار
ڇامر شورو لڳ ٽنڊو بهاول ڳوٺ مان ڏهہ جوان جهلي بعد ۾ گوليون هڻي ماريا ويا. مقابلي جو ناٽڪ رچايو ويو. اصل جهڳڙو پرڳڙي خواتين جي زمين جي قبضي تان هئو. ماريل ماڻهو هاري هئا ۽ گهرن ۾ ستل هئا.

9 جون
ڊان، پهريون صفحو—بي—بي—سي
(1) ڳوٺ بهاول مان ڳوٺاڻا جهلي ماريا ويا ۽ دهشت گردي جو ناٽڪ رچايو ويو.
(2) جنگ اخبار خاموش
(3) خيرپور جي ڪچي علائقي مان سوين ڳوٺاڻا جهليا ويا. (سنڌي اخبارون)

10 جون
ڊان—ليڊ هيڊنگ
(1) پرائيم منسٽر (نواز شريف) جو بيان تہ "بهاول ڳوٺ واقعي جي جاچ ڪرائي ويندي، واقعي ۾ ملوث فوجي ميجر روپوش ٿي ويو. ڪجهہ جوابدار گرفتار.
هلال پاڪستان
(2) هالا ۽ پٽ شاهہ مان 60 ماڻهو گرفتار. انهن مان يونين ڪائونسل جا ميمبر ۽ چيئرمين شامل

11 جون
(1) ڪالهہ سنڌ اسيمبلي جي ايوان ۾ وزير اعليٰ اعتراف ڪيو تہ ڇامر شورو ۾ ماريل ڪجهہ ڄڻا دهشتگرد نہ هئا، بلڪ معصوم ڳوٺاڻا هئا.
جنرل آصف نواز بہ چيو آهي تہ واقعي جي مڪمل جاچ ٿيندي ۽ ڏوهارين خلاف قدم کڻبو.
(2) عام خبر آئي آهي تہ دادوءَ ۾ هڪ مشهور شخصيت کي ايجنسين جي تحويل ۾ ماريو ويو. علي حيدرشاهہ کي سندس گهر جي در وٽ گولي هڻي وئي، جڏهن هن فوج کي حويليءَ اندر وڃڻ کان منع ڪئي.



Gul Hayat Institute

13 جون
پڪار صفحو پهريون
لاڙڪاڻي مان اٽڪ گرفتاريون، ڏوڪري جي چيئرمين، سردار احمد سلطان جي پٽ ايم اين اي، دادو مان هڪ سؤ گرفتار
هلندڙ سال ۾ 1205 قتل، 3029 اغوا ۽ 51 ارب
14 جون
عام خبر آهي ته جيئي سنڌ جي مشهور ليڊر يوسف جکراڻيءَ کي ايجنسين جي تحويل ۾ ماريو ويو.
(1) شام جو اخبارون
يوسف جکراڻي کي ست ڏينهن اڳ فوجي گهر مان وٺي ويا. يوسف جو پيءُ ايڊووڪيٽ آهي. هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ وڌي وئي ته يوسف کي پيش ڪيو وڃي. نه ته سندس جان کي خطرو آهي. عيد ڏينهن شام جو پنو عاقل ڇانوڻيءَ جي ايمبولينس لاش ماڻهن کي ڏئي وئي.
(2) هي ٽيون ماڻهو آهي جو فوجي تحويل ۾ مئو آهي. هر هڪ غلام محي الدين پٺاڻ حيدرآباد، ٽنڊو بهاول ڪيس وارو پيو علي حيدرشاهه دادو جو زميندار ۽ ٽيون يوسف جکراڻي.
(3) 15 – ڊان، صفحو 6: جوهي پرسان هڪ ڳوٺ مان ايجنسين تي لاش آندا، باقي چار لاش ڇڏي آيا. جو اهي پروڻ تي ويا هئا. چون ٿا ته ڌاڙيل پاڻ ۾ وڙهي مئا.
سڀ اخبارون
دادو واري علي حيدرشاهه تي تشدد ڪيو ويو هو. (ميڊيڪل رپورٽ)
يوسف جکراڻيءَ جي جسم تي تشدد جا نشان هئا. اکين ۾ تيزاب ۽ ڇيلهه ڪان هيٺ ڪُل لتل هئي.
عوامي آواز صفحو پهريون
جنرل ملڪ اعتراض ڪيو ته ٽنڊو بهاول ڪوس ۾ هڪ فوجي ميجر ملوث هو جنهن کي گرفتار ڪري ملير ڇانوڻي ۾ رکيو ويو آهي. ياد رهي ته فوج اڳ ۾ چيو هو ته ڪو به فوجي ملوث نه هو. ميجر ارشد کي ڪورٽ مارشل ڪيو ويندو.
16 جون
عوامي آواز صفحو اول پڪار
(1) سکر جيئي سنڌ (ت پ) جي اڳواڻ عبدالله مهر کي ايجنسين وارا کڻي ويا آهن. پنج ڏينهن گذرڻ باوجود سندس ڪو پتو ناهي. سندس ماءُ صدر وزير اعظم ۽ C O A S کي تارون اماڻيون آهن.
(2) لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ڳوٺن تي ڇاپا – سپاف جا اڳواڻ ۽ ڪيئي ڳوٺاڻا گرفتار



Gul Hayat Institute

17 جون

پڪار صفحو پهريون

(1) عبدالله مهر کي ايجنسي جا جوان ٽاٽي سي سيڪشن سکر تي زخمي حالت ۾ ڇڏي ويا. ساڻس گڏ گرفتار ڪيل عبدالخالق شيخ کي قومي شاهراه تي ڇڏيو ويو.

(2) آپريشن دوران 2000 ڄڻا گرفتار – لاڪپ پرجي ويا.

عوامي آواز صفحو پهريون

(3) ممتاز پٽو جو هاري اصغر ناريجو ايجنسين جي تحويل ۾ مري ويو.

(4) ڊان صفحو 5 – عيد کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ ايجنسين وارا 18 هاري لاڙڪاڻي پرسان زمين تان کڻي ويا ۽ اڄ تائين انهن جو ڪو پتو ناهي.

18 جون

پڪار صفحو پهريون

رينجرس کي بہ ڇاپن ۽ گرفتارين جا اختيار ڏنا ويا. (حالتون وڌيڪ خراب ٿينديون)

هلال پاڪستان، صفحو ائون

(1) شاهبندر جي باندين سان مائٽن ملاقات ڪئي، تشدد سبب سندن حالت خراب هئي ۽ ڪي اسپتال داخل هئا.

(2) پوليس ۽ رينجرس لاڪڙا پاور هائوس جي پورهيتن تي هلان ڪري مارڪٽ ڪئي، صرف ان ڪري جو انهن سندن خلاف شڪايت ڪئي هئي. هڪ مزور گل محمد رند کي نازڪ حالت ۾ اسپتال داخل ڪيو ويو.

عوامي آواز صفحو پهريون

اصغر ناريجو پيش امام جو پٽ هو عيد ڏينهن ڪيس ۾ ٻين هارين کي جهلي تشدد ڪيو ويو ۽ اصغر مري ويو.

20 جون

پڪار صفحو پهريون

ٺري ميرواهہ مسلم ليگي اڳواڻ فقير محمد حسن شاهہ جي پٽ ظهير کي جو تپيدار آهي ايجنسين وارا گهر مان کڻي ويا. پير پاڳاري ۽ انصار برنيءَ کي دانهن ڏني وئي. ويهہ ڏينهن گذري ويا آهن.

قمبر ۾ پوليس 40 شاگرد گرفتار ڪيا، سپاف اڳواڻ علي گوهر چانڊيي جو مٿو ڦاٽي پيو عوامي آواز صفحو پهريون

سردار غلام اڪبر جوڻيجو جنهن کي ڏوڪري مان 10 ڏينهن اڳ اهلڪار کڻي ويا هئا، تنهن کي زخمي ۽ نازڪ حالت ۾ ٽاٽي تي ڇڏي ويا.

سجاول مان ٽيلر ماسٽر جي دڪان تان 3 سال جو ڇوڪرو اهلڪار کڻي ويا ۽ ساڻس سڄي رات بدفعلي ڪرڻ کان پوءِ زخمي حالت ۾ ڦٽي ڪري ويا.

Gul Hayat Institute

ڊومڪي قبيلي جا 23 ماڻهو گرفتار.

BBC – ڪالهه جمعي ڏينهن صبح جو 3 بجي کان ضلعي اوڀر يعني لياقت آباد، ناظم آباد، ملير، لانڍي، شاهه فيصل ڪالوني ۽ نيو ڪراچي ۾ MQM جي بن ڏڙن ۾ فائرنگ ٿي. نوجوانن کي گهرن مان ڪڍي ماريو ويو. ڇهه ڄڻا مئا، چاليهه کن زخمي ٿيا آهن. ڪرفيو لڳايو ويو آهي، نيٺ MQM تي قهر الاهي نازل ٿيو. هر ڪو حساب ڏيندو.

22 جون

عوامي آواز صفحو 8

شاهه بندر واقعي جي قيدي حسن راڄڙ جي ماءُ پٽ سان ملاقات بعد ٻڌايو ته سندس پٽ تي تشدد ڪيو ويو آهي. هو منڊڪائي هلي ٿو ۽ شايد پاسيري ڀڳل اٿس، مٿس زور ڀريو پيو وڃي ته هو بيان ڏئي ته ڪيس بيگم نصرت ڀٽو پنجاهه لک روپيه ڏنا هئا.

سڀ اخبارون ۽ T.V

MQM جون ڪيتريون ٽارچر ڪئمپون فوجي جوانن هٿ ڪيون آهن، جت مخالفن تي ٽارچر ٿيندو هو ڪيترا MQM جا ورڪر گرفتار ٿيا آهن، جن وٽان اسلحو ۽ چوري ٿيل ڪارون ۽ موٽر سائيڪلون هٿ آيون آهن.

23 جون

پڪار صفحو پهريون

هٿيارن سان ڀريل ٽرڪ پڪڙي رينجرس وارن ڪراچي رواني ڪري ڇڏي، چيو وڃي ٿو ته ٽرڪ وزير اعليٰ جي هڪ مشير جي هئي.

ٻي خبر مشير عرفان مروت فيملي سميت فرانس هليو ويو.

1 جولاءِ

سڀ اخبارون

عباسي شهيد اسپتال اندر ۽ اسٽاف ڪوارٽرن مان MQM جا ٽارچر سيل ۽ اوزار هٿ ڪيا ويا.

2 جولاءِ

سڀ اخبارون

چوڌري نثار جو بيان آيو ته 1989ع ۾ بينظير خلاف بي اعتمادي جي رٿ جي سلسلي ۾ ان وقت جي چيف آف آرمي اسٽاف جنرل اسلم بيگ MQM جا MNA اسان کي آڻي ڏنا ۽ اها حقيقت آهي. انهن جي معنيٰ اها ٿي ته پريزيڊنٽ، نواز شريف ۽ آرمي گڏجي PPP جي چونڊيل حڪومت کي ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي. ناڪام ٿيڻ بعد اسيمبليون ٽوڙي PPP حڪومت کي ٽوڙيو ويو صوبائي ۽ مرڪزي حڪومتون PPP مخالفن کي ڏني پوءِ اليڪشن ڪرائي وئي.



Gul Hayat Institute

5 جولاءِ
ڊان، آخري صفحو
اڪرم بلوچ، جو ڪاليج جو شاگرد هو ۽ ٽئڪسي ڊرائيور اختيار مگسي کي مير پور خاص ڦاٽڪ وٽ فوجين گوليون هڻي ماري ڇڏيو. محض انهيءَ ڪري جو انهن فوجي گاڏيءَ کي اوور ٽيڪ ڪيو. پوءِ لاش کڻي پوليس ٿاڻي وارن کي وٺڻ لاءِ چيائون، جن جي انڪار ڪرڻ تي لاش اسپتال ۾ ڦٽي ڪري ويا. اهڙا الزام فوتين جي مائٽن پريس ڪانفرنس ۾ هنيا. فوجين جو چوڻ آهي، تہ هنن ڌاڪو ماريا هئا.
پڪار، صفحو پهريون
ڏهہ عورتون ۽ ڇهہ معصوم ٻار ٽاٽي خان پور مهر تي هڪ مهيني کان بند آهن، صرف ان ڪري جو سندن ڪي مائٽ ڌاڙيل چيا وڃن ٿا.
(2) لاڙڪاڻي – ٻاڌهہ لڳ ڳوٺ ٻاپوري تي ايجنسين وارا فائرنگ ڪري يارهن ماڻهو گرفتار ڪري ويا. جيتوڻيڪ ڪو اسلحو هٿ نہ آيو. ڪوٺي تي سٺل ٻہ عورتون امام زادي ۽ بيگم فائرنگ جو بک تي ويون. بيگم نون مهينن جي پيٽ سان هئي. ڪمشنر ۽ پين تعزيت ڪئي ۽ حڪومت طرفان هڪ لک روپيہ معاوضو ڏنو.
6 جولاءِ
سڀ اخبارون
درگاهہ ٻائيجي مسجد تي حملو ڪيو ويو جنهن ۾ 8 ڄڻا شهيد ٿيا. بعد ۾ چار لاش لڙهندي ڏٺا ويا. 35 ماڻهو اغوا ڪيا ويا، جن ۾ درگاهہ جو گادي نشين بہ شامل هو.
7 جولاءِ
جنگ، صفحو پهريون
ٻائيجي شريف تي حملو هندستاني را جي ايجنٽن ڪيو هو. ڇڏي ويل اسلحي تي ميڊ ان انڊيا لکيل هو جي اکر ڊاٽل هئا.
ياد رهي تہ ٽنڊو ٻهاول واقعي ۾ بہ اهڙو تاثر ڏنو ويو هو جو ڪوڙو ثابت ٿيو.
سنڌي اخبارن تاثر ڏنو آهي تہ سياسي مخالفن ۽ هندن تي قدم کڻڻ لاءِ جواز پيدا ڪيو پيو وڃي، نہ تہ پنو عاقل ڇائوڻي وٽ فوج جي موجودگيءَ ۾ اهڙو قهري واقعو ٿيڻ ممڪن نہ آهي.
جنگ: MPA حاجي خان چاچڙ ۽ سندس پٽ گرفتار ڪيا ويا. ڳوٺاڻا بہ گرفتار.
پنوعاقل ۽ گهوٽڪيءَ ۾ هڙتال ٿي، شاهراهہ تي مظاهرو ڪيو ويو ۽ ٽريفڪ بند رهيو.



Gul Hayat Institute

12 جولاءِ

اندرون سنڌ مان عام خبرون اچي رهيون آهن تہ فوجي آپريشن کان پوءِ امن جي صورتحال گهڻي بهتر ٿي آهي. ماڻهو سفر ڪري سگهن ٿا ۽ راتيون آرام سان گذرن ٿيون.

18 جولاءِ

ممتاز ڀٽي بيان ڏنو آهي تہ NSF خيرپور جو صدر ايجنسين جي تشدد سبب مري ويو آهي، ڪيس خير پور سول اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو هو. وڏيڪ الزام هنيون اٿون تہ ڪيتي ڀٽو مان بہ ٻي ڏوهي ناريجا هاري ايجنسين وارا جهلي ويا، جن مان هڪ مري ويو ۽ ٻيو زخمي حالت ۾ اسپتال داخل ڪيو ويو.

19 جولاءِ

هلال پاڪستان ۽ ٻيون اخبارون

سيد غلام شاهہ ۽ پير مظهر الحق MPA جي حويلين تي پوليس چڙهائي ڪري سندن مائٽ گرفتار ڪري ورتي. MPA جو چوڻ آهي تہ کين وفاداريون بدلائڻ خاطر هراسان ڪيو پيو وڃي.

20 جولاءِ

هلال پاڪستان، صفحو اول

(1) صدر صاحب آرڊيننس جاري ڪري فوج کي جهڙتي وٺڻ ۽ گرفتار ڪرڻ جا اختيار ڏنا آهن.

(2) 4 مهينا اڳ قاضي احمد پوليس ڳوٺ غلام النبي چانديو مان 12 ڳوٺاڻا جهلي وئي جن جو اڄ تائين پتو ناهي.

25 جولاءِ

پنو عاقل ويجهو هڪ ڳوٺ مان سٺ ڳوٺاڻا زائفون ۽ ٻار پوليس وٺي وئي ۽ گهرن مان ڦرلٽ ڪئي.

26 جولاءِ

دادو— MPA سيد غلام شاهہ جي حويليءَ تي چڙهائي ڪري پوليس سندس ڀاءُ حيدر شاهہ کي ساڻ وٺي وئي.

28 جولاءِ

عوامي آواز ٻئين صفحو

MPA منظور وساڻ جي ڳوٺ تي پوليس چڙهائي ڪري 27 ڳوٺاڻا ساڻ وٺي وئي. سندس ڀاءُ ۽ مائٽن لاءِ ڇاپا. منظور وساڻ جي پريس ڪانفرنس تہ ڪيس PPP کان تشدد وسلي ڦيرائي نٿو سگهجي.

2 آگسٽ

سڀ اخبارون

سنڌ اسيمبلي جي مکيہ گيٽ کي تالو هنيو ويو. جيئن ئي اسيمبلي ميمبر آيا تہ پوليس کين بيهاري گاڏيون تلاش ڪيون تہ MPA پير مظهر ۽ علي محمد هنڱورو گرفتار ڪرڻا آهن. هنگامو ٿي ويو ۽ ميمبرن کي اندر ڇڏيو ويو. چيف منسٽر کي مڃڻو پيو تہ اجلاس کان 14 ڏينهن اڳ يا پوءِ ڪنهن بہ MPA کي گرفتار نٿو ڪري سگهجي. تنهن هوندي بہ ميمبرن رات اسيمبلي بلڊنگ ۾ گذاري. انهيءَ هوندي بہ ڪنهن پوليس آفيسر تي قدم نہ کنيو ويو.

5 آگسٽ

حيدر بخش جتوئي جي ڏوهٽي مجيب جتوئي کي بلو لائين بس مان لاهي ايجنسين وارا کڻي ويا. هو ميڊيڪل اسٽوڊنٽ هو کيس ماريو ويو ۽ لاش مائٽن ڏي موڪليو ويو.

6 آگسٽ

ڊان، مئگزين سيڪشن

55 سالن جي محمد سهتي کي بدين مان عيد جي خريداري ڪندي ملٽري وارا پڪڙي ويا. چي تون هندستاني ايجنٽ آهين. سندس اکيون ٻڌي کڻي ويا ۽ مٿس تشدد ڪندا رهيا. چار سال ڪراچي جيل بند وارڊ ۾ بنا دريافت پيو رهيو نيٺ هاءِ ڪورٽ معرفت آزاد ڪرايو ويو.

اهڙائي بہ بيا ڪيس لطيف راهمون ۽ 70 سالن جي ڪڇبو ترپارڪر جا ٿيا.

17 آگسٽ

شڪارپور ڍڳهہ ٽاڻو

ايجنسين وارا جتوئي ڳوٺ تي ڪاهي آيا.. هڪ ڳوناٽي کي ٽڏي تي ماري ٽي ڳوناٽا کڻي ويا.

23 آگسٽ

ٻوڏ جو سبب منگلا ڊيم مان هڪ ئي وقت نو لک ڪيوسڪ پاڻي خارج ڪرڻ ڇيو ويجي ٿو.

فوجي ادارن ان ڳالهہ جو سختي سان نوٽس ورتو آهي ۽ واپڊا خلاف انڪوائري ۽ سخت قدم کڻڻ جي گهر ڪئي آهي.

فوج جتي ڪٿي ٻوڏ جي ستايلن جي سٺي مدد ڪئي آهي.

24 آگسٽ

سڀ سنڌي اخبارون

سکر: انيڙن جي ڳوٺ مان ايجنسين وارا ڪئي ڳوناٽا کڻي ويا. بعد ۾ ٽن ڄڻن جا لاش ڏياري موڪليائون.

25 آگسٽ

هلال پاڪستان صفحو اول

Gul Hayat Institute

انڍڙن جي ڳوٺ مان ڪنيل ڳوڻاٽن مان ٻن ڳوڻاٽن جا لاش موڪليا ويا.

جتوئي ڳوٺ مان ڪنيل ڳوڻاٽن مان ٽن ڄڻن عبدالله، غلام حيدر ۽ حيات جتوئي جا لاش موڪليا ويا. مٺلن کي ڏاڙيل ڄاڻائي ماريو ويو.

27 آگسٽ

پڪار صفحو اول —عوامي آواز صفحو آخر

لاڙڪاڻي جي ڳوٺ يارو لاکير ۾ ايجنسين وارن جون گاڏيون آيون ۽ امام بارگاهه ۾ ويٺل يارهن ڳوڻاٽن کي ڪٽي ويا. ٻئي ڏينهن احمد خان کي سندس گهر ڪٽي آيا ۽ ڳچيءَ تائين زمين ۾ پوري مار ڪڍيائون وري کيس الٽو لٽڪائي هنٽرن سان ماريائون. سندس زال ۽ ٻار قرآن کڻي آيا، پر جيسين هو مئو تيسين کيس ڪٽيندا رهيا. پوءِ لاش کڻي هليا ويا، ٻئي ڏينهن ميهڙ پوليس ڇچريل لاش ايمبولينس ۾ کڻي مائٽن کي ڏئي وئي.

30 آگسٽ

سمورين اخبارن ۾ پوڏ جي سانحي ۾ فوج جي ڪردار کي ساراهيو ويو آهي.

31 آگسٽ

عوامي آواز صفحو آخر

شاهه بندر ڪيس واري حسن راڄڙ جي ماءُ هاءِ ڪورٽ لاهور کي چيو آهي ته سندس پٽ تي اڊيالا جيل راولپنڊي ۾ تشدد ڪيو ويو آهي ۽ سندس موت واقع ٿيڻ جو خطرو آهي ان ڪري ڪيس ڪورٽ ۾ آندو وڃي.

* بلوچستان جي 43 ميمبرن واري اسيمبليءَ مان 27 ميمبرن کي وزير ڪيو ويو.

1 سيپٽمبر

هلال پاڪستان ۽ عوامي آواز صفحو اول

فوجي ماڻهو بس پري ڪيٽي بندر ۽ ڪاروڇاڻ علائقي ۾ رات جو گهرن ۾ گهڙي پيا. بوٽن ۽ سنگينن سان سڀني ماڻهن کي اگهاڙي تشدد ڪيائون. ڪو به اسلحه وغيره ڪو نه مليو پوءِ به ڪيترا ماڻهو گرفتار ڪري وٺي ويا. هڪ ماڻهو مري ويو.

(2) پيٽر جهالو ۾ وڃي پير جي حويلي ۾ اندر گهڙڻ لڳا. هڪ ماڻهو محمود خاصخيليءَ جي مخالفت ڪرڻ تي کيس ماريو ويو.

(3) ڊي سي ۽ ايس پي ڳوڻاٽن وٺ ويا، فوج عدالتي انڪوائري جو حڪم ڏنو آهي.

4 سيپٽمبر

عوامي آواز صفحو پهريون

قانون لاڳو ڪندڙن نوشهرو فيروز لڳ 16 ڳوڻاٽن کي سڙڻ کان بچايو جڏهن ته ڪجهه هٿيار بندن ڳوٺ جي گهرن کي باهه لڳائي.



Gul Hayat Institute

صفحو پهريون
ڳاڙهو شهر لڳ فوجين محمد خاصخيلي کي رائفلن جا ڪنداڪ هڻي تشدد ڪري ماري ڇڏيو.
9 سيپٽمبر
جاڳو صفحو 8
ڳوٺ خير شاهہ نزد گهوٽڪي:
10 جولاءِ — خيرات جي ماني کائيندڙ ڳوناٺن تي پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ گڏجي فائرنگ ڪئي جنهن ۾ ٽي ڄڻا مانڊل، ڪرم ۽ غلام شبير بروقت مارجي ويا. سورهن ڳوناٺن کي جهلي وٺي ويا جن مان هڪ باغ علي تشدد سبب مري ويو.
اهڙو ڪيس هاءِ ڪورٽ سکر ۾ سومر خان جاگيراڻي داخل ڪيو آهي.
19 سيپٽمبر
مجيب جتوئي جي قتل سلسلي ۾ اعليٰ فوجي قيادت انڪواري جو حڪم ڏنو آهي.
20 سيپٽمبر
هلال پاڪستان ۽ عوامي آواز صفحو اول
ڳوٺ کهڙا ۾ رات جو هڪ وڳي فوجي هڪ معزز واپاري جي گهر ۾ گهڙي پيا ۽ سندس پٽ محمد صالح اڄڻ کي اونڌو ٽنگي مارڻ لڳا. عورتون ۽ سندن ٻارن جي رڙين تي بہ هو نہ مڙيا. صالح جي پاءُ کي بہ مار ڏنائون. جڏهن مري ويو تہ لاش کڻي ويا ۽ ڪيترن اڄڻ برادري جي ماڻهن کي بہ ساڻ وٺي ويا جن ۾ چڱو مڙس ميان همت علي اڄڻ ۽ ميان عبدالشڪور بہ هئا. سڄي ڳوٺ جا ماڻهو نڪري پيا ۽ قومي شاهراهہ تي ڇهہ ڪلاڪ ڌرڻو هڻي ويٺا ۽ ٽريفڪ بند ڪري ڇڏيائون.
21 سيپٽمبر
هلال پاڪستان ۽ عوامي آواز
محمد صالح اڄڻ جو لاش پوليس معرفت واپس ڪيو ويو. ميان همت علي ۽ ميان عبدالشڪور کي جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ڇڏيو ويو. سندن جسمن تي تشدد جا نشان هئا ۽ خون وهي رهيو هو. ميان عبدالشڪور کي بيهوشيءَ جي حالت ۾ علاج لاءِ ڪراچي آندو ويو. اڃان ڪيترا اڄڻ ايجنسين جي تحويل ۾ آهن.
صدر وزير اعظم ۽ ٻين کي تارون ڪيون ويون آهن.
24 سيپٽمبر
پڪار عوامي آواز صفحو پهريون
ڪوٽ ڏيجي پوليس هڪ نوجوان نياز حسين، شاگرد کي 11 سيپٽمبر تي بس مان لاهي وٺي وئي. عذر اهو ڏنو ويو تہ وٽس شناختي ڪارڊ ڪو نہ هو.
سندس والدين عملدارن کي دانهون ڏنيون، هاءِ ڪورٽ ۾ بہ درخواست ڏني.



Gul Hayat Institute

صدر وزير اعظم ۽ آرمي چيف کي ٻه تارون ڪيون ويون. پوليس ڪيس 20 سيپٽمبر تي گوليون هٽي ماري ڌاڙيل قرار ڏنو لاش سندس ماءُ کڻائي آئي.

26 سيپٽمبر

عوامي آواز صفحو اول

ڪينگري ڳوٺ ڇتن شاهه ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا جوان رات جو 10 بجي حاجي حسين بخش جي گهر ۾ گهڙي پيا. سندس ٻن پٽن عباس علي ۽ عبدالجبار کي ساڻ وٺي ويا. ٻئي ڏينهن عباس علي جو تشدد ٿيل لاش ٽاٽي پير ڳوٺ کي ڏنو ويو. عبدالجبار جو اڃان ڪو پتو ناهي، چيو ويو ته ڌاڙيلن سان مقابلو ٿيو هو.

27 سيپٽمبر

هلال پاڪستان، صفحو 2

شڪارپور – آفتاب چنا، جو سرڪاري ملازم آهي، ان جي والده صحافين کي ٻڌايو ته رات جي وقت فوجي پٽيون ٽپي سندن گهر ۾ گهڙي پيا ۽ آفتاب کي وارن کان گهليندا کڻي ويا. ڪيس خدشو آهي ته آفتاب کي تشدد ڪري ماريو نه وڃي.

عوامي آواز صفحو اول

علامه عارف الحسيني کي جنرل ضياءَ مارايو جيئن فساد ٿين ۽ ڏقير پوي. قاتلن کي هڪ هڪ لک رپيا ڏنا ويا. (ڪورٽ ۾ شاهد جو بيان.)

28 سيپٽمبر

هلال پاڪستان، صفحو 8

سکر جي پرائمري ماستر عبدالله مهر کي گرفتار ڪيو ويو. هاءِ ڪورٽ جي باوجود ڪيس نه ڇڏيو ويو ۽ آرميءَ جي حوالي ڪيو ويو. ڪيس مارڻ جا انديشا.

عوامي آواز صفحو اول

20 سيپٽمبر: کهڙا لڳ ڳوٺ پير محمد ناريجو تي ڇاپو هڻي چار ڳوٺاڻا ايجنسين وارا کڻي ويا. ڳوٺاڻن مان هڪ احمد ناريجو کي تشدد ڪري ڏٻ ميهر شاهه تي اڇلائي ويا. پوءِ ڪيس خيرپور اسپتال داخل ڪيو ويو. جتي ڊاڪٽرن جواب ڏنو. ڪيس حيدرآباد اسپتال نيو ويو ته مري ويو.

ڊان صفحو اول – الطاف جي حڪم تي جنگ اخبار حيدرآباد ۾ ورهائڻ نه ڏني وئي. وڪٽندڙن کي مارون ڏنيون ويون.

5 آڪٽوبر

هلال پاڪستان، صفحو 2

ڪجهه ڏينهن اڳ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا جوان ماتلي شهر مان سپاف ضلع بدين جي اڳوٽي صدر انور پرڳڙي ۽ بصر شيديءَ کي ساڻ وٺي ويا. بعد ۾ بصر



Gul Hayat Institute

شيديءَ کي سخت زخمي حالت ۾ تلهار کٽي ماتلي پهچايو. انور پرڳڙي جو اڃان ڪو پتو نہ آهي.

7 آڪٽوبر

هلال پاڪستان – پڪار صفحو اول

25 سيپٽمبر تي رپورٽ قاسم جي گارڊ الاهي بخش هيسباڻيءَ کي ڊيوٽي ڪنڌڙ ايجنسين وارا گرفتار ڪري فيض گنج ضلع خيرپور ميرس وٺي ويا. اتي مٿس تشدد ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ هو سومر ڏينهن يعني ٽئين ڏينهن مري ويو رينجرس وارن ڄاڻايو تہ مقابلي دوران ڌاڙيل ماريو ويو آهي.

روزاني آفتاب جي مالڪ مرحوم سينٽر علي محمد شيخ جي گهر جي تلاشي ورتي وئي ۽ ٻن نوڪرن کي ساڻ وٺي ويا. اخبار جي دفتر جي بہ تلاشي ورتي وئي.

11 آڪٽوبر

عوامي آواز صفحہ اول

ٺٽي شهر جي بس اسٽينڊ تي رينجرس جي عملدار هڪ هوٽل واري کان سؤ رپيا گهريا. انڪار ڪرڻ تي هوٽل جي مالڪ کي گرفتار ڪيو ويو. ڊيوٽيءَ تي هڪ پوليس واري جي مداخلت ڪرڻ تي پوليس واري کي گرفتار ڪيو ويو. رينجرس وارن موقعي تي موجود ڪيترن ماڻهن جا مٿا ۽ مڇون ڪوڙائي ڇڏيا. ائين ترخاني دور کي ورجايو ويو.

حيدرآباد شهر ۾ لڙي اڌ رات A.M2 فوجي اٿالو اڳوڻي MPA محترمہ شگفتہ جماڻي جي گهر ۾ ڪاهي پيو ۽ تلاشي وٺڻ کان پوءِ ڪجهہ بہ هٿ نہ اچڻ تي هليا ويا.

13 آڪٽوبر

ڌاڙيل امو ڪوسو کي گولين هٽي ماريو ويو. ڪيس بہ مهينا اڳ بلوچستان مان گرفتار ڪيو ويو هو.

14 آڪٽوبر

عوامي آواز ۽ هلال پاڪستان، صفحو پهريون

اسٽيل ٽائون ڪراچيءَ ۾ رات جو هڪ وڳي فوج ۽ ايجنسين وارا سنڌي پورهيت سنگت جي سابق صدر محمد علي بوزدار جي گهر ۾ گهڙي پيا ۽ ڪيس بندوقن جا بٽ هٽي ننڊ مان اٿاري پاڻ سان وٺي ويا.

لاڙڪاڻي ۾ لطيف ڀگهيو وڪيل جو SNF جو مرڪزي اڳواڻ آهي، تنهن جي گهر ۾ گهڙي ڪيس حراست ۾ ورتو ويو.

Gul Hayat Institute

17 آڪٽوبر

شام جي "قومي اخبار"

شانو ڪوسو هڪ ڏاڙيل ڪي سندس محبوبه سان گڏ گرفتار ڪيو ويو هو ان کي ڪيترن ڏينهن کان پوءِ گولين هٽي مقابلو ڄاڻائي ماريو ويو.

ايجنسين وارن هڪ ڏاڙيل کي سندس محبوبه جي گهر ۾ گهڙي ستل بيهوش حالت ۾ ايترو ويجهو کان گولي هٽي ماريو ويو جو سندس ميڄالو اڏامي ويو.

18 آڪٽوبر 1992ع

جناح پور

ISPR جي ڊائريڪٽر بريگيڊيئر آصف هارون پريس ڪانفرنس ۾ انڪشاف ڪيو ته جناح پور سازش موجب سنڌ کي ورهائي ڪجهه حصو مهاجرن کي ۽ ٿرپارڪر وارو حصو هندستان کي ڏيڻ جي سازش پڪڙي وئي آهي. اهڙا دستاويزي ثبوت آرميءَ جي هاءِ ڪمانڊ ۽ وفاقي حڪومت کي اماڻيا ويا آهن. گرفتار ٿيل مهاجر اڳواڻ اشفاق چيف فوجين وٽ قبول ڪيو ته هنن کي هندستان ۾ RAW معرفت سکيا ڏني وئي ۽ RAW وارن سنڌن روبرو ٽيليفون تي عظيم طارق ۽ الطاف حسين سان ڳالهايو.

19 آڪٽوبر

عوامي آواز ڊان وغيره

جيئي سنڌ محاذ جي مشهور سربراهه عبدالواحد آريسر جي گهر ۾ گهڙي ايجنسين وارن مٿس ايترو تشدد ڪيو جو هو بيهوش ٿي ويو. اهڙي حالت ۾ به ڪيس ڪٽي ويا ۽ سندس ڪتابن جو ذخيرو به ڪٽي ويا. ٻئي ڏينهن يعني آچر تاريخ 18 تي کيس عمر ڪوٽ تعلقي اسپتال ۾ آندو ويو. هوش اچڻ تي کيس وري وٺي ويا. هو بڪين ۽ بلڊپريشر جو مريض آهي. سندس حياتيءَ کي خطرو آهي.

پ پ جناح پور بابت قومي اسيمبلي ۾ بحث جو نوٽس ڏنو اهڙي صورتحال ۾ فوج موقف ڦيرائي بيان ڏنو ته جناح پور بابت ڪو به ثبوت وٽن ڪو نه آهي، بريگيڊيئر آصف هارون کي بدلي ڪيو ويو. سنڌي اديب منصور قادر جوڻيجي جنهن ان سازش بابت هڪ مضمون رسالي "ويچار" ڪوٽڙي ۾ ڇپيو هو ان کي بغاوت جي الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو. سازش ڪندڙن لاءِ ڇيو ويو ته سندن خلاف ڪو به ثبوت ڪو نه آهي، جناح پور هڪ شوشو آهي. سوال آهي ته اهو شوشو ڪنهن ڇوڙيو؟ MQM يا فوج يا وفاقي حڪومت جي ادارن؟

27 آڪٽوبر

هلال پاڪستان ۽ عوامي آواز صفحو اول

(1) عبدالواحد آريسر کي هاءِ ڪورٽ جي حڪم جي باوجود ڪيس هاءِ ڪورٽ ۾ پيش نه ڪيو ويو.

(2) ڊاڪٽر گهنشام پرڪاش کي 16 ڏينهن گذرڻ باوجود ڪنهن عدالت ۾ پيش نہ ڪيو ويو نہ ئي ڪو سندس پتو آهي تہ ڪيس ڪٿي رکيو ويو آهي؟

(3) ٽنڊي باگي جي وڪيل ڏالو مل جي پٽ اندر جيت کي ايجنسين وارا وٺي ويا. چار ڏينهن گذري ويا آهن سندس ڪو پتو ناهي.

28 آڪٽوبر

عوامي، هلال ۽ ٻيون اخبارون، صفحو اول

آريسر توڙي ڏالو مل ائڊووڪيٽ جي پٽ اندر جيت کي اڄ بہ هاءِ ڪورٽ ۾ پيش نہ ڪيو ويو. ڪيس چيف جج ڏي موڪليو ويو.

16 نومبر

اڳوٽي وفاقي وزير شاهہ محمد پاشا کهڙو جي ڪيٽيءَ جي ڳوٺ ملا اسماعيل ۾ ايجنسين وارا گهڙي پيا ۽ 25 ڏور ۽ ٻن ماڻهن سائينداد ناريجو ۽ احمد خان کهڙو کي وٺي ويا.

18 نومبر

پاشا کهڙو جي ڊرائيور کي اطلاع ڏنو ويو تہ سائينداد ناريجي جو لاش ٽاٽي تان ڪٽائي وڃي.

PDA جو لانگ مارچ شروع ٿيو. حڪومتT.V ۾ اعلان ڪيو تہ ناڪام ويو ۽ ڪجهہ نہ ٿيو.BBC ۽ غير ملڪي مفصلT.V خبرون ڏنيون تہ وڏو هنگامو هلي پيو ۽ پتو ليڊيز کي گرفتار ڪيو ويو آهي.

21 نومبر

عوامي ۽ هلال

ڊاڪٽر گهنشام پرڪاش کي هاءِ ڪورٽ جي حڪم جي باوجود چيف جج آڏو پيش نہ ڪيو ويو.

پاشا کهڙو جي هارين ٻڌايو تہ سائينداد ناريجو تي تشدد جا نشان هئا ۽ مٿل کي گولي هڻي وئي هئي، جيئن مقابلو ڏيکارجي، پوليس لاش جا فوٽو ڪيڻ نہ ڏنا ۽ ڏاڍ ۽ زور تي لاش دفنائي ڇڏايو.

27 نومبر

هلال، صفحہ اول

بجاري شريف لڳ فاضل راهو. آڌي رات جو ايجنسين وارا ڳوٺ تي ڪڙو چاڙهي گهرن ۾ ڪاهي پيا ۽ عورتن، مردن نمازين ويندي پيش امام تي بہ تشدد ڪيو ويو. اهڙو اظهار پريس ڪانفرنس ۾ مولوي اميد علي، حافظ اسماعيل، حافظ محمد خان، حاجي قاسم ۽ ٻين ڪيو. پيٽيون زوريءَ کولايون ويون. اهي هٿيارن ۽ شراب ڪيڏي ڏيڻ لاءِ چوندا رهيا ۽ شوٽ ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏيندا رهيا. صدر وزير اعظم ۽ ڪمانڊر وغيره کان جاچ جو مطالبو ڪيو ويو.



Gul Hayat Institute

تاريخي واقعو

# جڏهن ڪراچيءَ تي گولا ڪريا

ان ڏينهن تي اسان ايس اي شاهاڻي لا ڪاليج ۾ هئاسين ته اوچتو گولن جو نڪاءُ ٿيو: هڪڙو گولو ڇٽو وڏو نڪاءُ ٿيو. وري ٻيو گولو ڇٽو ٻيو وڏو نڪاءُ ٿيو. شايد ٽيون گولو ڇوڙيو ويو. سڀ ڇوڪرا ڪلاسن مان نڪري آيا ته ٻاهر الائي ڇا پيو ٿئي. پوءِ خبر پئي ته نيوي ۾ فساد ٿيو آهي، آزادي لاءِ.

پوءِ ته سڄي ڪاليج جا ڇوڪرا نڪري پيا. نڪري پياسين ته سيني صلاح ڪئي ته عيد گاهه تائين هلي پئون. اتي هلي تا جلسو ڪيون. تڏهن اتي دڪان ڪو نه هوندا هئا. سڄو خالي ميدان هو. جناح به ان ميدان ۾ نماز پڙهي هئي جا مون اکين سان ڏٺي. نماز پڙهڻ ڪو نه پئي آيس، هيڏي هوڏي پيو ڏسان ته ڇا ڪيان؟

بهرحال، مان هئس، حفيظ قريشي هو. هزارين ماڻهو ۽ ڪاليجن جا ڇوڪرا هئا. سڀ گهٽيون ۽ رستا بند هئا. انگريز فوج رائيفلن سان بيٺي هئي. اسان وڏڻ شروع ڪيو ته هوائي فائرنگ ڪيائون. تن ڏينهن ۾ اها شائستگي يا چڱائي هئي جو ماڻهن کي گوليون ڪو نه هڻندا هئا. فائر ٿيو ته ماڻهو وڃي پوئتي هٽيا ۽ پڳا. پڳا ته پري پري الائي ڪيسٽائين وڃي پهتا. هڪ طرف بولٽن مارڪيٽ ڏانهن پلازه ڪوارٽر سينيما ڏي نڪتا. ڪي اهڙا به هئا جيڪي بيٺا رهيا. مان ۽ حفيظ به بيٺا رهياسون وري ماڻهو اچي گڏ ٿيا. وري فائرنگ ٿي ته ماڻهو وري وٺي ڀڄن ۽ وري گڏ ٿين. سمجهيو ته لکن جي تعداد ۾ ماڻهو اچي گڏ ٿيا.

پوءِ هنن ٽيئر گئس شيل اڇلايا. اهو ڏکيو مرحلو هو. اکين ۾ پاڻي اچڻ لڳو منهن سڙڻ تي لڳو ته ايتري ۾ فليٽن جي بالڪنين مان هندو ڇوڪرين بالٽيون پري هيٺ لٽڪايون چيائون پئي "پاڻي هڻو پاڻي اکين کي ........ هن مان پاڻي هڻو ته گئس جو اثر لهي ويندو! پوءِ ماڻهن ائين به ڪيو پر پوءِ ٽيئر گئس ايتري وڌي وئي جو بيهڻ ڏکيو ٿي پيو.

اسان به موٽڻ لڳاسون ته حفيظ قريشيءَ چيو "محترم! پٺي ڏئي نه موٽنداسين، پوئين پير موٽنداسون، گولي لڳي ته ڇاتي ۾ لڳي، پٺيءَ ۾ لڳي ته ڳالهه خراب ٿيندي! ائين پوئين پير واپسي ٿي.

عيد گاهه تي ماڻهو پارٽيءَ جي سڏ تي گڏ ڪو نه ٿيا هئا. هيءَ ته هڪ اوچتو



Gul Hayat Institute

واقعو ٿيو. گولا ڪريا. نڪاءَ ٿيا تہ ماڻهن جا پير پنهنجي ليکي عيدگاهہ ڏانهن وڌيا. عيدگاهہ اصل ۾ اهڙي جاءِ هئي جتي گهڻو ڪري عام سياسي ننڍا وڏا جلسا ٿيندا هئا. وڏو شاهي ميدان هو.

جڏهن سباش چندر بوس ڪانگريس کان ڌار ٿي پنهنجي پارٽي انڊين نيشنل آرمي (INA) ٺاهي انگريزن تي حملا شروع ڪيا هئا، تن ڏينهن ۾ علامہ مشرقيءَ بہ پنهنجي فوج ٺاهي هئي. خاڪسار تحريڪ نيم فوجي تنظيم تہ اڳ ئي هئي. تڏهن خاڪسارن جا ماڻهو INA سان گڏ حصو وٺندا هئا. ان فوج کي علامہ صاحب پيو نالو ڏنو هو پر INA سمجهي ويندي هئي. اها فوج لڙائيءَ کان پوءِ بہ جاري رهي هئي. علامہ صاحب هڪ رٽائرڊ ڪرنل جي ذميواري رکي هئي تہ هو ٽريننگ ڏي. پوءِ علامہ کي وچ ۾ جيل ۾ وڌائون.

بهرحال جنهن مهل گولا ڪريا اهو صبح جو 10- 11 جو وقت هو. مان ڪاليج ۾ پڙهندو هوس يا ان وقت بہ ڪاليج ۾ هوس. اسان هاسٽل (جناح ڪورٽس) ۾ رهندا هئاسون. اتي پهرين انگريز فوج رهندي هئي سو عيد گاهہ ميدان ۾ واقعن کان ترت پوءِ ڪو بہ جلسو نہ ٿي سگهيو. ميدان تي انگريز فوج ڪنٽرول ڪري وٺي هئي.

Gul Hayat Institute

# اياز جي امانت سنڀالڻي آهي

ساٿيو! جمال ابڙو سلام عرض ڪري ٿو. قبول پوي. معافي ٿو گهران ۽ معاف به ڪجو جو مون سيني لاءِ هڪ ئي لفظ ساٿي استعمال ڪيو آهي. اهوئي پيغام سڄي عمر اسانکي شيخ صاحب سيکاريو ۽ ڏنو ته اسين سڀ هڪ ئي سٿ جا ساٿاري آهيون. ڪوبه گهٽ وڌ ڪونه آهي. ڪوبه ٻئي کان معزز ۽ مانوارو ڪونه آهي. معزز مان وارو ۽ اڪرم اهوئي آهي جو حق جو متلاشي آهي ۽ چڱائي ڦهلائي ٿو. سڀ انسان، مڙد، عورتون، مالڪ، مزدور، غريب، شاهوڪار بنگلي ۽ ڪار وارا توڙي جهوپڙي ۽ گڏهه گاڏي وارا سڀ هڪ جهڙا ۽ هڪ ئي انسان ذات جا جز آهيون جنهنکي اشرف المخلوقات ڪري بنايو ويو هو. اسان مان هڪ هڪ ان ئي انسان ذات جي ديوار جي هڪ معمولي مٽيءَ مان ٺهيل سر آهي، هڪ ئي جسم جا عضوا آهيون. جي هڪ عضوي کي زخم رسندو ته سڄو جسم ڏکندو خبردار ڪنهن کي به ايذاءُ نه پهچي. جي پهتو ته سڀ ڏکن ڏاٽا ٿي ويندا سون. ڪو ڪونه بچندو.

اڄ جو اڪادمي ادبيات کان مونکي ليٽر مليو آهي. ان ۾ لکيو ويو آهي ته پاڪستان جي منفرد ۽ جڳ مشهور اديب شيخ اياز سان گڏجاڻيءَ جو اهتمام ڪيو ويو آهي. گڏجاڻي ڪهڙي؟ شيخ صاحب ته اسان جي روح ۾ رچيل آهي ۽ ساهن کان به ويجهو آهي. هو نه اسان کان ڏور آهي نه ڏار، سڄي عمر، جوانيءَ کان پيريءَ تائين اسان کي ڏٿي ڇڏي اٿائين. اسانکي رڳو سندس امانت جي سنڀال ڪرڻي آهي ۽ پيار محبت ۽ انسانيت جو درس پڙهڻو ونڊڻو ۽ وراهڻو آهي. ڏسجو شيخ صاحب کي لڄي نه ڪجو جنهن پنهنجو سيڪجهه انسان ڪارڻ ارپڻ ڪري ڇڏيو آهي.

مونکي خوشي آهي ۽ ان لاءِ مبارڪ جو مستحق فخرالزمان صاحب آهي جو اسانجي زندگيءَ ۾ پهريون دفعو هڪ سنڌي ٻوليءَ جي اديب کي پاڪستان جو اديب ڪري سڏيو ويو آهي. اڳي ائين نه ٿيندو هو.

علامه آءِ آءِ قاصي، عظيم شاعريءَ جا جي معيار مقرر ڪيا سي هئا هڪ ته اها شاعري ڳائي وڃي، ٻيو ته ان جو ڪو لفظ بدلائي نه سگهجي ۽ ٽيون ته عميق خيال عام فهم زبان ۾ عوام تائين پهچي وڃن. اياز ۾ اهي ٽيئي خوبيون موجود آهن.



Gul Hayat Institute

هو ڳاتو وڃي ٿو ۽ جيئن شاهہ لطيف جو هڪ هڪ بيت بلڪ هڪ سٽ يا رڳو اڌ سٽ بہ هڪ پيغام ۽ پهاڪو آهي تيئن اياز جا ابيات بہ چوٽيون ٿي ويندِيون. لطيف تہ لطيف آهي وڻ وڃائي ٿو ڇڏي.

ڪنهن ڪاري ڇڳ تي رات ڪٽي، ڪنهن ڳاڙهي ڳل تي باک ڦٽي
ائين وقت ڪٽيو ائين عمر لٽي، سڀ سانگ سجايو آ پيارا.
هيرا تہ ڏسو ڪنڪر نہ هٽو ايندو نہ وري هي وڻجارو
ڪجھہ ڏات ڏسو پوءِ بات ڪيو هي شور اجايو آ پيارا.

ٻي مارچ اياز جي سالگرہ جو ڏينهن آحي. اهو اياز اڳيان وينو اٿو. ڪيس پوڄي وٺو متان پوڄا جا گل موتائي ڇڏي. اول نمبر جو افسانہ نگار، منفرد شاعر، نثر جو بادشاهہ ۽ عشق جو اوتار.

اياز نہ ماضيءَ تي پشيمان آهي، نہ حال تي ناخوش ۽ نہ ئي مستقبل کان مايوس. هو تہ هوڪو بينو ڏئي:

اسان تي الزام آندا جڳ جيئڻ جا
تن جي روز جواب ۾ جرڪيا منهنجا جام
الا، ڪڏهن عام رستا منهنجي روح ڪي

اياز امر آهي. زنده جاويد آهي، سندس جام هر دور ۾ جرڪندا رهندا ۽ ڪڙڪندا رهندا. هو مٿاهون آهي مٿاهون رهندو. ڪوئي ماڪوڙو ڪيس هيٺ ڏِڪي ڪونہ سگهندو. هو اڏول ۽ اٽموٽ آهي ۽ وري وري ايئن ئي چوندو تہ "الا، ڪڏهن عام رسندا منهنجي روح ڪي." هو اهوئي چوندو تہ

هيءَ سين نہ ڏيندين چين.
اتي ڏس ڪوئي آيو آ پيارا.
هي شايد ساڳيو رمتو آ اڳ جنهن اجايو آ پيارا.

Gul Hayat Institute

اياز ازل کان اجايل آهي. سندس اڄ لهي ئي نٿي، ۽ نہ لهٽي آهي. هو مستقل اجايل آهي ۽ رهندو. اڄ ۽ تڙپ نہ رهندي تہ فنڪار ڪيئن رهندو.
لطيف سائين بہ چيو تہ

"ڳولهيان ڳولهيان م لهان شال م ملان هوت،
من اندر جا لوچ، مچڻ ملڻ سين مانجي ٿئي."

ملڻ موت آهي، لڇڻ جياپو آهي. اياز سڄي عمر لوچ ۽ لڇڻ ۾ گذاري آهي. ننڍي عمر ۾ جڏهن هو اڻنديئي سکر ۾ ڪامياب وڪيل ٿي چوٽ تي پهچي ويو تہ آڌيءَ رات جو درياهہ جي ڪناري تي پسار ڪندي مون کيس مبارڪ ڏني تہ اونهو

ساهہ ڪٽي چيائين تہ جمال We are thieving on miseries of others اسين ٻين جي ڏکن تي پيا ٽڳون. اها هئي سندس اندر جي لوچ. هو ڪڏهن بہ جامد ناهي رهيو.

جامد ٿيڻ موت جي مترادف آهي. ڪوبہ وڏو فنڪار جامد ٿي نٿو سگهي. پنهنجي لوچ پوچ ۽ سوچ جي نتيجي ۾ هو نوان مشاهدا ڪري ٿو ۽ نج سچ ۽ سونهن پسي ٿو. اسين پورڙا پانيون تہ هو اتيئي بينو هجي ۽ اسانکي ساڳيو الف انب، ب بلا پڙهائيندو رهي. اهو ڪيئن ممڪن آهي جو پي ايچ ڊي ڪرڻ کانپوءِ بہ ماٺهو پتڪڙيون ڳالهيون ڪري. ڪوبہ پي ايچ ڊي پاس ائين ڪونہ ڪندو. پري چو ٿا وڃو پٽ ڏٽي تہ ساکيات موجود آهي نہ؟ هو ڪڏهن چوي ٿو تہ تتي ٿڌي ڪاهہ. ڪانهي ويل ويهڻ جي يا چرخو چوري ڪت ڪاتار يا ڪتڻ جي ڪانہ ڪرين ستي ساهين هڏ. آخر اهڙي منزل تي بہ پهچي ٿو جو اعلان ٿو ڪري تہ:

ان ڪرت وارا ڪيترا، ڪرت ڪبو ڪوه
جيڪي بندو ڪم ڪري، سو سيوئي ڏوهہ
تون پارس آئون لوهہ، جي سيين تہ سون ٿيان.

چا پٽائي گهوٽ ڪي بہ پنهنجي باراٽي ڪسوٽيءَ تي پرکي چوندا تہ پٽائي قلابازي کائي ويو. هو نڙين پر هلڻ ۽ جبل جهاڳڻ جو سبق ڏيڻ وارو ائين بہ چوي ٿو تہ بنان ثمر ۽ بنان محنت جي بہ سمونڊ پار ڪري سگهجي ٿو. فرمائي ٿو تہ:

هڙ ۾ ڪين هون، هنهيٽي هن نہ چاڙهيا
سارو ڏينهن سمونڊ تي، لهي سج ويون
جڏهن سائينءَ سبب ڪيون، تڏهن ستر ٿيا سيد چي.

هيءَ ڪا ڪانتراڊڪشن يا نفي ناهي. عمل ۽ محنت جي عظمت پنهنجي جاءِ تي پر "او ڪو بيو فهم" جنهن سان پسجي پرينءَ کي انهيءَ ۾ آهي ڪا اونهي ڳالهہ اسرار جي. هي رازِ ۽ رمزون آهن جن جي پروڙ پوندي اياز هن وقت حيرت جي منزل ۾ آهي. علامہ اقبال کان پڇيو ويو تہ علم جي انتها ڇاهي، چيائين تہ حيرت. سچل سرمست بہ چيو تہ سچو ٿيو حيرت ۾ حيران. امير خسرو چيوت ه نمي دانم چہ منزل بود شب حائيڪ من بودم. شاهہ سائين تہ وڻ وڄائي ڇڏيا. چي:

حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪيان ذري
لڳي ماٺ مرن کي، ڏونگر پون ڏري
وڃن وڻ ٻري، اوبڙ ايري ڪينڪي.

اياز وانگر عام جي ڳالهہ ڪندي چوي ٿو:

حوصلو حيرت جو آهه نه مٿي عام
محبت سندي مام، ڪورُ پروڙي ڪينڪي.

امير خسرو به عام ڪان لاپرواهه ٿي چوي ٿو:

خلق هي گويد ڪه خسرو بتپرستي ڪه ڪند
آري آري مي ڪنم، باخلق عالم ڪار نيست.

مان ته اياز کي چوندس ته:

ستارون سي آگي جهان اور ڀي هين.
ايي عشق کي امتهان اور ڀي هين.

Gul Hayat Institute

# ٻيو ڪو بہ عبدالله جي ميمڻ تي نہ سگهندو!

ڪي ماڻهو عظيم پيدا ٿيندا آهن. ڪنهن ۾ عظيم ٿيڻ جي تڙپ هوندي آهي ۽ ڪجهہ ماڻهو عظمت حاصل ڪري وٺندا آهن. عبدالله جي ميمڻ هر لحاظ کان عظيم انسان هو. جيڪو پيدائشي طور عظيم خوبين سان مالا مال هو. ننڍو ڀاءُ اڪثر ڪري انتها درجي جو حساس ۽ فرمانبردار ٿيندو آهي جيڪو ڏکيا ڪم سر انجام ڏيندو آهي ۽ ثانوي ڪردار ادا ڪندو آهي. عبدالله جي ميمڻ ڄمڻ کان ئي اهڙين خوبين جو مالڪ هو. زندگي جي آخري ڏينهن تائين هن پنهنجي وڏي ڀاءُ جي اهڙين خدمت ڪئي، جيئن هڪ پٽ پنهنجي پيءُ جي ڪندو آهي. ساڳي طرح هن پنهنجي ڀيڻ ۽ ڀڦين جي بہ هڪ رضا ڪار جيان خدمت ڪئي. جڏهن ڀيڻويو فون تي کيس ڀيڻ جي نازساز طبيعت جو اطلاع ڏيندو هو تہ هو ان کي اسپتال تائين وٺي وڃڻ، ڊاڪٽرن سان مشورا ڪرڻ، ايڪسري ڪيارائڻ ۽ ميڊيڪل چڪاس ڪرائڻ سميت دوائون بہ پاڻ اسٽور تان خريد ڪري ايندو هو. سندس گھر جو ماحول ئي اهڙو هو جنهن عبدالله جي ميمڻ کي هڏڏوکي انسان بڻائي ڇڏيو. هو مائٽن توڙي دوستن جي مسئلن ۾ تمام گهٽي مدد ڪندڙ ماڻهو هو. هر ڪو ماڻهو هن کي پنهنجو سمجهندو هو.

عبدالله جي ميمڻ 6 نومبر (21 رمضان) تي 1939ع ۾ ڪراچي جي بولٽن مارڪيٽ واري علائقي ۾ جنم ورتو. 2 فيبروري 1969ع تي شادي ڪئي ۽ 9 فيبروري 2003ع تي هن فاني دنيا کي الوداع ڪيو.

عبدالله جي ميمڻ ڊگهي عرصي کان وٺي علالت ۾ رهيو. کيس ڪيترين ئي تڪليفون ۽ پيڙائون هيون پر انهن جو هن ڪڏهن بہ فڪر نہ ڪيو ۽ نڪي ميڊيڪل جي سخت هدايتن تي عمل ڪيو. جيتوڻيڪ کيس نتيجن جي خبر هئي، تنهن هوندي بہ هو تڪليف واري وقت ۾ خوش رهڻ پسند ڪندو هو. هو دوستن سان ميل ملاقاتون اٿين ڪندو هو ڄڻ کيس ڪا تڪليف نہ هجي. هو ماڻهن جا مسئلا ٻڌڻ ۽ حل ڪرڻ لاءِ اڌ رات جو موجود ملندو هو.

آفيسر طور هن نهايت ديانتداري ۽ ايمانداري سان پنهنجو فرض نڀايو. جڏهن هو ايس اينڊ جي اي ڊي ۾ تڏهوڪو چيف سيڪريٽري هو تڏهن هو ذاتي

طور تي متاثرن کي پنهنجي آفيس جي ڪمري ۾ سڏائي انهن جا مسئلا ٻڌندو هو ۽ انهن کي حل ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندو هو. هن جو تن من تمام صاف سٿرو هو. جڏهن اتان بدلي ٿيو تہ چيف سيڪريٽري سعيد قريشي وڏي وزير کي چيو تہ عيوض ۾ مون کي ٻيو عبدالله ڏيو. ان جو مطلب تہ ٻيو ڪو بہ عبدالله جو مٽ ثاني نہ هو.

عبدالله جي ميمڻ پنهنجي ماتحتن، توڙي جو ڪلارڪن، نوڪرن ۽ پٽيوالن سان گهر ڀاتين وانگر ورتاءُ ڪندو هو ۽ کين سهٽا ۽ شهزادا لفظن سان سڏيندو هو. موٽ ۾ اهي هن جي تمام گهڻي عزت ڪندا هئا ۽ پيءُ جيان ڀائيندا هئا.

عبدالله جي ميمڻ حيدرآباد جي ڪمشنر طور تمام ايمانداري سان خدمتون سرانجام ڏنيون. سندس بنگلي جي باغ ۾ پوکيل سبزين مان بورچي خاني ۾ رڌ پچاءُ ڪيو ويندو هو مهيني تائين ساڳيون سبزيون پچنديون هيون. تڏهن پٽيوالا ۽ ملازم پنهنجي پگهارن مان ڦوڙي ڪري ڪُڪڙ خريد ڪري ايندا هئا. کاڌي واري ميز تي ڪڪڙ جي ڀاڄي ڏسي عبدالله کائڻ پڇندو هو تہ اها ڪٿان آئي آهي؟

تڏهن کيس ملازم ٻڌائيندا هئا تہ ڏگهو عرصو سبزيون کائڻ بعد اسان پنهنجي پگهارن مان ان جو بندوبست ڪيو آهي.

تڏهن هو توهين آميز معصوم ٽهڪ ڏيندو هو ۽ پاڻ کان سوال پڇندو هو تہ ٻيا ماڻهو هن جي ايمانداري سبب ڇو ٿا پوڳين؟ ڪمشنر جا پٽيوالا سبزي کائڻ اهو ڪٿي بہ رواج ڪونهي. عبدالله جي ميمڻ هڪ بي مثال انسان هو. بقول سعيد احمد قريشي جي تہ ”ٻيو ڪو بہ عبدالله تي نہ سگهندو. “

Gul Hayat Institute

# ڏاڏا شاهه: هڪ انجمن، هڪ ادارو

ڪي ڪي ماڻهو اهڙا هوندا آهن جو پهرين ملاقات ۾ ئي سمجهبو آهي ته ڪو ورهين جا واقف يا ڪٽي وچڙيل مت مائٽ هجن. مون حياتيءَ ۾ اهڙا ٻه ماڻهو ڏٺا جن سان ظاهري طور ڪو به لڳ لاڳاپو ڪونه هئو ۽ نه وري هڪ ئي پيڙهيءَ جا سوار هئاسين. اهي ماڻهو هئا، ڏاڏا شاهه عرف سيد اميد علي شاهه آف خيرپور ميرس ۽ ٻيو شيخ عبدالقيوم ڪانپوري. شيخ عبدالقيوم ڪانپور مان آيل هئو ۽ خوبين جي کاڻ هئو. رئيس، سنڌ جا زميندار، وڏيرا، سيد، پير، وزير، اسيمبلي ميمبر، هاءِ ڪورٽ جا جج، آفيسر ڳاهٽ پيا ٿيندا هئا ۽ ڪنهن ۾ ڪو سنڌو فرق يا ننڍا وڏائي جو احساس ٿيڻ ئي ڪونه ڏيندو هو. اهڙو ئي ٻيو همه جهت شخص هو ڏاڏا شاهه! نه زميندار نه وڏيرو نه واپاري، نه سياستدان ۽ نه ئي ٻيو ڪجهه. سواءِ پيار محبت جي ۽ خوش اخلاقي جي. هر ڪنهن جو همدرد ۽ هڏڏوکي، هڙئون وڙئون خرچ ڪري، پنڌ ۽ مسافريون ڪري، پراوا ٿورا ڪٽي ٻه ٻين جا ڪم ڪاريون ڪندو وتندو هو ڪيس هڙ حاصل ڪجهه به نه. سواءِ دلي خوشيءَ جي، جو سندس اڻ وسرندڙ اثاثو هو.

سوين هزارين اهڙا ماڻهو هوندا جن تي ڏاڏا شاهه جا اڻ مندائتا ٿورا ٿيل هوندا. وڏگڙدو شاهه خرچ ۾ سخي اهڙو جو هڙ ۾ پائي نه هجيس ۽ وٽس ويهارو کن مهمان هر وقت وينا کائين ۽ پيئن ۽ عيش ڪن. ڪراچي جهڙي شهر ۾ ڊفينس جهڙي علائقي ۾ بنگلو مهمانن ۽ مفت خورن سان پريو پيو آ ۽ ٻه ٻه گاڏيون پيون ڊوڙن ۽ مهمانن کي آڻين. مرحوم سينيٽر محسن صديقي جو خود وڏو شاناڻو ۽ شاهه خرچ ماڻهو هئو سو به اتي ئي اچي پنهنجو ڏکندو دور ڪندو هئو.

استاد سلامت علي، استاد عبداللطيف ۽ ٻيا ڳائڻا ۽ ڳائڻيون ڏاڏا شاهه وٽ بنا سڏئي هڪيا حاضر هوندا هئا. ڪم ڪار جو معاملو ئي نه هئو پيار محبت ۽ عزت جو ونهوار هو جنهن ڪري هرڪو ڇڪجي ايندو هئو. ننڍي وڏي جو سوال ئي ڪونه هئو سپاهي به اتي ۽ ايس پي به اتي ته ڊي آءِ جي به اتي. اهو پيار جو سبب هو. مطلب ته خود غرضي بلڪل ڪانه هئي. ڏاڏا شاهه جهڙو ڦڪڙ ماڻهو ۽ ڊفينس جو بنگلو ۽ موٽر ڪار. ڪوڙو پڇي ٿي نه.

ڏاڏا شاهه ڪراچيءَ پهچي مونکي گاڏي موڪليندو ۽ هر پيري ٻيو بنگلو.

پڇيومانس تہ ڏاڏا شاھہ جا ماجرا آھي؟ چيائين مئا سائين پاڻ ڏس بنگلو اجا اڌ ٺھيل آھي تہ ڪو رولو ٿي پيو اٿن. پاڻ مرادو اچي مونکي چيو اٿن تہ تون اچي رھہ. بس بنگلو تنھنجو آھي. نہ پاڙويٽو نہ مسواڙ نہ بجلي ۽ ٽيليفون جو بل. رب جو شان اسان کي سڏي پيا ويھارين. جيڪي سو ورو بہ مٿن. بہ چار مھينا تہ فيروز پويجا (تاج ھوٽل وارو) جي ھوٽل سٽي انٽرنيشنل ۾ ڏاڏا شاھہ لاءِ بہ ڪمرا مستقل بڪ ھئا.

پوءِ خبر پئي تہ فيروز لاءِ ليبر پرابلم ٿي پيو ھو. يونين وارا ڪيس ڳاريون ۽ دڙڪا ڏيڻ لڳا. ھو ويچارو فئملي ۽ نياڻين سان ھوٽل ۾ ٿي رھندو ھو. مون کي روئي دانھن ڏنائين تہ "سائين، ڪائين بہ منھنجو ۽ ڳاريون بہ مونکي ڏين". ڏاڏا شاھہ جھڙو محبتي ماٺھو ھو اھڙو ڏاڍو مڙس ۽ دلير بہ ھئو. ليبر يونين وارن کي اھڙي پيڪي چاڙھيائين جو ھيسجي ويا. ھنن بہ ڏٺو تہ ڏاڏا شاھہ وٽ وزير آفيس، پوليس عملدار سڀ پيا اچن، سو ماٺ ٿي ويا.

فيروز بہ اچي ڏاڏا شاھہ کي چنبڙيو تہ ھاڻي ماحول بھتر ٿيو آھي، ھوٽل وڪڻائي ڏي. ڏاڏا شاھہ چيس تہ وڃي ڪو دلال تاڙ باقي اھو ڪم مون کان ڪونہ ٿيندو. خدا جو شان ھڪڙا پنجابي سوداگر ولايت مان چاليھہ پنجاھہ لک ڪمائي آيا ۽ ڏاڏا شاھہ سان صلاح ڪيائون تہ ٽرانسپورٽ بزنس ۾ سيڙپ ڪن ۽ ٽرڪون وغيره وٺن. ڏاڏا شاھہ کين سمجھايو تہ اھو جوکم جو ڌنڌو آھي، تنھن ڪري ھوٽل جو ڌنڌو ڪن ۽ ويھي عيش سان ڪائين. انھن ئي منٽ ڪيس تہ ھيءَ ھوٽل وٺرائي ڏي.

فيروز چاليھہ لکن ۾ راضي ٿي ويو. اھا رقم تمام وڏي ۽ اڄ جي چئن ڪروڙن برابر ھئي. ڏاڏا شاھہ جا ڪراچيءَ جا واپاري ٽائيپ دوست ڪيس پون پون ڪري ورائي ويا تہ بہ سيڪڙو دلال پنھي طرفن کان وٺي يعني ھرھڪ کان اسي ھزار ڪل ٿيا، ھڪ لک سٺ ھزار. پر ڏاڏا شاھہ صاف انڪار ڪيو تہ دوستيءَ ۾ اھو مناسب نہ آھي. خود فيروز ۽ پنجابي واپارين بہ کيس اھڙي آڇ ڪئي، پر ڏاڏا شاھہ ھئو دوستي ۽ ياڻي جو پٽلو سو رقم وٺڻ کان انڪار ڪيائين.

ڏاڏا شاھہ جا دوست مون وٽ آيا ۽ چيائون تہ تون سمجھائينس نہ تہ اسان کي چڏي تہ اسين ٿا دلالي وٺون. مان ڏاڏا شاھہ جي طبيعت کان واقف ھئس، سو مون ڏاڏا شاھہ کي چيو ئي ڪونہ. سودو مفت ۾ ٿي ويو. ڏاڏا شاھہ کي دوستيءَ تي ناز پر ٿيو ائين جو پنجابي سيٺين سندس ڪمرن کي تالا ھڻي ڇڏيا تہ ڇو اجايو مفت ۾ رھيو پيو ھجي. فيروز وڃي مھراڻ ھوٽل ٺھرائي. انھيءَ بہ ڏاڏا شاھہ کي ڪنھن بھاني سان ڪمرا ڏيڻ کان ٽٽائي ڇڏيو. پوءِ بہ ڏاڏا شاھہ ڪا ڪاوڙ يا ڪوڙاڻ ڪانہ ڏيکاري. آخر تائين انھن کي دوست سمجھندو ۽ ڪم ايندو رھيو.

ڏاڏا شاھہ جي مٺ محبت ۽ اخلاق مھمانوازيءَ جو اھو عالم ھئو جو سموري

پاڪستان جي ڪنهن به شهر ۾ وڃو ۽ ڪنهن به محفل ۾ سندس نالو کڻو ته سندس مداح ملي ويندا ۽ توهان کي مانيون کارائيندا ۽ ڪم ڪار ۾ ڪم ايندا. منهنجو ننڍو ڀاءُ ڪمال خيرپور ۾ مون سان گڏ رهندو هو. ڪيس ڪنهن ڪم سان لاهور وڃڻو پيو سو خيال ٿيس ته سڄي فئملي کي وٺي وڃي ۽ لاهور گهمائي اچي. ڏاڏا شاهه سان ڳالهه ڪئي سون ته هڪدم چيائين ته ڀاڀي صبيحه سنتوش وٽ هليا وڃو پاڻهي توهان کي ٽڪائيندا ۽ گهمائيندا ڦيرائيندا.

ڪمال ته لاهور ۾ رهيو مال روڊ تي بامبي هوٽل ۾ جنتي جو مالڪ بئرا ۽ ٽئڪسي وارا سندس دوست ٿي ويا هئا. هڪڙو ٽئڪسي وارو ته وٽس مهمان ٿي اچي حيدرآباد لطيف آباد واري بنگلي ۾ رهيو. ڪمال بامبي هوٽل مان فون ڪري صبيحه خانم ۽ سنتوش کي ڏاڏا شاهه جا سلام ڏنا ته هنن هڪدم ڪيس چيو ته، هوٽل ڇڏي اچي وٽن مهمان ٿئي. ڪمال معافي ورتي ته اچي هوٽل ۾ ساڻس مليا. چيائونس ڏاڏا شاهه جو نالو ڪنيو اٿئي ته سامان کڻي اسان سان هل.

نيٺ ڪمال جي شاندار دعوت ڪيائون، جنهن ۾ لاهور جي فلمي دنيا جا اڪثر ستارا شامل ٿيا. ميڊم نورجهان ۽ سندس ڀيڻ مڙس اعجاز به شامل ٿيا. مانيءَ کان پوءِ ڪافي ۾ اعجاز کير ڪجهه وڌيڪ ملايو ته هڪ ائڪٽرس ميڊم نورجهان کي چيو ته ميڊم توهان هن کي گهر ۾ کير نه پياريندئون آهيو ڇا؟ چرچو اهڙو لڳو جو سڀ خوب کليا، پر ميڊم شائستي نموني سان مرڪندي رهي. ميڊم نورجهان تمام شائستي خاتون آهي.

هڪ دفعي ڪن معززن سان گڏ مان به وينو هئس ته مئڊم اچي لنگهي مان احتراماً اٿي بيهي رهيس، پيو ڪوبه ڪونه اٿيو ته مئڊم بيهي ٿورو جهڪي مونکي شڪريه جو سلام ڪيو ۽ هلي وئي. مئڊم جو اهو تحفو مون اڄ تائين سانڍي رکيو آهي ۽ وساريو ناهي. پيو به هڪ واقعو مئڊم جو ياد ٿو اچيم. مير علي احمد ٽالپر جڏهن لاهور ۾ وزير هو ته سندس نجي محفل ۾ مئڊم به هئي. سيني حاضرين مئڊم کي گانو ٻڌائڻ جي فرمائش ڪئي، مئڊم نهايت شائستي خاتون آهي ۽ نجي محفلن ۾ اصل ڪونه ڳائيندي آهي، سو صاف انڪار ڪيائين. سيني مهمانن مير صاحب کي چيو ته، مير صاحب توهان ملڪ کي فرمائش ڪيو توهان کي انڪار ڪونه ڪندي. مير صاحب هئو گفتگو جو بادشاهه سو چيائين: خدا جي پناهه، هڪ معمولي وزير هڪ ملڪ کي فرمائش ڪيئن ڪندو. مئڊم کي مير صاحب جو انداز گفتگو اهڙو وڻيو جو پاڻهي جهونگارڻ شروع ڪيائين. ڏاڏا شاهه جي طفيل ڪيترن ئي فلمي ستارن ڪمال جون دعوتون ڪيون ۽ کين فلمي اسٽوڊيو ۽ لاهور جو سير ڪرايو.

ڏاڏا شاهه پنهنجي ذات ۾ هڪ انجمن ۽ گهڻ پاسائين شخصيت هئو. سندس خاص خوبيون هونديون هيون. خُلق ۽ پيار محبت، غريب غربي جو وٽس

پيڊ ياءَ هئوئي ڪونہ. ياري دوستيءَ جو پڪو سر ڏيڻ وارو سخي ۽ مهمان نواز اهڙو جو گهر ٻاري ڏياري ڪرڻ وارو. اسان جا نوان ليکڪ وري چون تہ 'جيري ڪاڻ ٻڪري ڪُهڻ وارو' حالانڪ اها ڪا سٺي علامت ناهي ۽ اهومحاورو حد درجي جي خود غرضي بابت آهي تہ پنهنجي توري نفعي ڪارڻ وڏو ۽ اجايو نقصان ڪرڻ وارو. سياست ۾ نہ هوندي بہ هئو. ڇاڪاڻ تہ سندس جڙون عوام ۾ هيون. هي جو سيد قائم علي شاهہ 1980ع واري اليڪشن ۾ بيٺو ۽ کٽي آيو ۽ وزير قانون بہ ٿيو سا سڄي پوک ڏاڏا شاهہ جي پوکيل هئي. نہ تہ سائين قائم علي شاهہ تہ جناب اي ڪي بروهي صاحب جي ڇوڙ تي (جو هميشہ حڪومت ۾ ڊڪٽيٽر جو ساٿاري رهيو) اليڪشن جو فارم ڀرڻ لاءِ ئي تيار ڪونہ هئو. اها ڏاڏا شاهہ جي همت هئي جو ڪاغذس فارم تي صحيح ورتي.

ڏاڏا شاهہ جي فقيري طبيعت، درياهہ دلي ۽ گهڻ پاسائين شخصيت جي ڳالهہ پئي هلي. هڪ اخبار بہ ڪيندو هو. هڪ عدد سئنيما جو مالڪ بہ هئو جنهن تي وڏي پٽ جي نالي پنيان جاويد ٽاڪيز نالو رکيو هئائين. انهيءَ مان سندس گذر اوقات سٺو ٿيندو هئو. ڪٽي جو ڏسان تہ سئنيما هال کي ڇت هئي ئي ڪانہ! ڇيو مانس تہ، ڏاڏا شاهہ هي تہ اوپن ايئر ٿيٽر آهي. چيائين اڃهو جلد ئي ٽا ڇت وجهرايونس. پر منهنجي هوندي تہ ٽن سالن تائين ڇت ڪونہ پئي. مينهن پوي تہ سئنيما بند. ڏينهن جو مٽني شو بہ ڪونہ ٿئي. سياري جي راتين ۾ ماڻهو پيا سيءَ ۾ ٺرڪن. گهوڙا ۽ ٽانگا ڏاڍا سٺا رکندو هو. اهو شوق هوندو هئس.

هڪ دفعو ڪا چڱي فلم لڳي، سو مون ڏاڏا شاهہ کي چيو تہ مان ٻارن سميت اينڌس تہ ڏاڍو خوش ٿيو. ڀهرين منهنجي گهرواريءَ کي پاپي سڏيندو هو ۽ بعد ۾ ادي پيڻ ڪري چيائينس، جيتوڻيڪ ڪڏهن بہ منهن نہ پيا. سو پڇيائين تہ ادي پيڻ بہ اينديءَ؟ مون چيو هائو چيائين بہ ٽانگا موڪليندس گڏين جهڙا، پلن گهوڙن وارا. مون چيو هڪڙو ڪافي ٿيندو تہ بہ موڪليائين.

اسان جي اچڻ کان اڳ پڙدي خاطر ماڻهو سڀ هٽائي ڇڏيائين. هڪ نوڪر چوڪر اسان کي وٺي وڃي مٿي باڪس ۾ ويهاريو. ويناسون تہ ڪباب، چاپون، سوڊا لمليٽ اچڻ شروع ٿيا ۽ ٻاهر ڏاڏا شاهہ جا نوڪرن کي حڪم احڪام جا آواز پيا اچن. پاڻ پنهنجي سر بندوبست جي نظرداري پي ڪيائين. فلم شروع ٿي نہ ٿئي. مون باڪس جو پڙدو هٽائي ڏٺو تہ ڏسان تہ سڄو ماندو خالي پيو آهي. مون سمجهيو ڪو رولو آهي ۽ شايد فلم شروع ٿيڻ ۾ دير آهي. ٻاهر نڪري ڏاڏا شاهہ کان پڇيم تہ فلم هلندي يا نہ؟ چيائين هاڻي جو هاڻي ٽا هلايونس. مون حيرت وچان چيو تہ ماندو تہ سڄو خالي آهي، فلم ڪيئن هلندي، ڪِلي ٽڪيٽ دريءَ ڏي اشارو ڪري چيائين، محبوب سائين ٽڪيٽ جي دري ئي بند آهي تہ ماڻهو ڪيئن ايندا. مون سبب پڇيو تہ منهنجي ادي پيڻ اچي ۽ تون اچين تہ بيو ماڻهو



Gul Hayat Institute

ڪيئن ايندو. مانڊو سڄو خالي رکيو اٿم ۽ فلم هلي ٿي.

اٿين خالي سئنيما هال ۾ فلم ڏسي نڪتاسون ته وري به چمڪاٽا ٽانگا، پلن گهوڙن سان، اسان کي ڪٽي گهر پهچائي ويا. اهو هئو ڏاڏا شاهه. اسان ڪارڻ، هڪ ٽڪيٽ به ڪانه هلايائين ۽ سڄو هال اسان لاءِ رزرو ڪري ڇڏيائين. انهيءَ کي چئبو آهي گهر ٻاري ڏياري ڪرڻ. وضعداري ته اهڙي!

راڳ جي چڱي ڄاڻ هئس ۽ پاڻ به ڳائيندو هو. موج ۾ ايندو هو ته ٽيبل کي ڏڪڙ ڪري وڄائيندو به هو. هڪ دفعي سنتوش جي ياءُ درپن کي مون پنهنجي بنگلي نمبر 14 ۾ دعوت ڏئي گهرايو. ڏاڏا شاهه به آيو جو درپن، سنتوش، صبيحه خانم ۽ مئڊم نير سلطانه جن جو جڙڻ ته گهر ڀاتي هو. ٻيا به ڪي دوست سڏايا هئم. جڏهن محفل رنگ تي آئي ته ڏاڏا شاهه کان رهيو نه ٿيو ۽ مون کي چيائين ته اجازت هجي ته مان ڳايان. مون هائو ڪئي ته وري به معذرتاً چيائين ته منهنجو آواز مٿي آهي، اندر زنانخاني تائين پهچندو. اڳي اهو عيب سمجهبو هئو ته اهل خانه عورتن تائين ڳائڻ جو آواز پهچي. هاڻي ته ماشاءَ الله عورتون وچ محفل ۾ ويٺيون آهن، ٻيو ته نهيو پر لارين ٽئڪسين ۾ ڪئسٽن جا ٻرڙاٽ پيا پون. سو به جلال چانڊئي جا بلڪل عوامي ۽ اعتراض جوڳا ڪلام.

ان رات ڏاڏا شاهه ٽيبل تي واڄٽ ڪري خوب نيم ڪلاسيڪل انداز ۾ ڳايو. محفل جو مور هئو. پاڻ چوندو هو ته منهنجي وفات کان پوءِ منهنجي تربت تي نه اچجو مون کي محفلن ۾ ڳولهجو. محترم غلام رباني آگرو ڳالهه ٿو ڪري ته هڪ دفعي اسلام آباد کان ريل رستي ايئرڪنڊيشن ڪوپي ۾ اتفاق سان ڏاڏا شاهه همسفر هئو. گهڙيءَ ۾ پاڻ جيان رلي ملي وياسين. رات جو ڏاڏا شاهه چيو ته رباني صاحب معاف ڪجو رات جو مان جيسين رياض نه ڪيان تيسين ننڊ ئي ڪانه اچيم، سو اجازت هجي ته شروع ٿي وڃان. پوءِ ته لڙي اڌ رات تائين ڳائيندو رهيو. رباني صاحب چيس ته رياض ڪري بتي وسائي ڇڏجو نه ته ننڊ ڪانه ايندي. بتي يا ٻٽڻ ۾ اهڙي ڪا خرابي هئي جو ڪوشش باوجود وسامي ئي ڪانه. رباني صاحب پريشاني مان چيو مار بتيءَ مان ڦاسجي وياسون. ڏاڏا شاهه چيو ته نه بابل سائين، اٿين چئي پادر لاهي بلب پيچي ڇڏيائين ۽ اونده ٿي وئي ۽ رباني صاحب سڪون سان ستو.

ڏاڏا شاهه کي ريچڪ آيو ته فلم ٺاهجي 'مومل راڻو.' پوءِ ته سڄي ڪهاڻي، ڊائلاگ، موسيقي ۽ گانا نهي ويا. شوق ٽيس ته آخري گانو سر راڻو ۾ ميڊم نورجهان جو هئڻ گهرجي. ميڊم ان ڏينهن هڪ گاني جا ٽي هزار يا پنج هزار وٺندي هئي. ڏاڏا شاهه کي چيائين تو کان في ڪانه وٺنديس. ڏاڏا شاهه خوش ٿي کيس خيرپور اچي گانو رڪارڊ ڪرائڻ جي دعوت ڏني، جا مئڊم قبول ڪئي. ڏاڏا شاهه خوش، انتظامن ۾ لڳي ويو. هر ڪنهن کي پيو ٻڌائي ته مئڊم بنا معاوضي جي اچي سندس

فلم لاءِ گانو رڪارڊ ڪرائيندي. اچڻ وڃڻ، رهائش ڪاڏو پيتو سازندن کي خرچيون ڏاڏا شاهہ جا پنجويهہ ٽيهہ هزار رپيا خرچ ٿي ويا تہ بہ ڏاڏا شاهہ خوش. ڇي مئڊم مون کان في ڪانہ ورتي ۽ لاهور مان پاڻ هلي خيرپور آئي. اهي هيون ڏاڏا شاه جون معصومانہ شاهہ خرچيون.

ٽي چار مهينا گذري ويا تہ ڏاڏا شاهہ جي خير خبر ئي نہ آهي نہ تہ موسم آهر ڏنگ ڏوڪا، کجور ۽ ڪتل پيو موڪليندو هو. نيٽ اسيمبليءَ جي اليڪٽريشن اظهر صديقي کي فون ڪري ڏاڏا شاهہ جو پڇيم. حيرت مان چيائين توهان کي خبر ئي ڪانهي، هن جون ٻئي بڪيون خراب ٿي پيون آهن. سول اسپتال جي وارڊ نمبر فلاڻي ۾ بيڊ نمبر فلاڻي تي آهي، وڃي ملي اچوس. توهان کي ۽ غوث علي شاهہ کي گهڻو ٿو ياد ڪري ۽ قائم علي شاهہ کي چوي ٿو تہ انهن ٻنهي کي سڏائي وٺ. اهو منجهند جو ٽائيم هو ۽ مان تڙتڪڙ ۾ ماني ٽڪر ڪائي چئين بجي ڌاري اسپتال ۽ وارڊ جي بستري تي پهتس تہ بسترو خالي هئو.

مون کي انهيءَ مهل ئي جهٽڪو اچي ويو. وڃي نرس کان پڇيم تہ چيائين تہ ڪلاڪ کن اڳ ۾ گذاري ويو. پر هن پاسي ٽڪڙو وڃ لاش صندوق ۾ وجهي گاڏيءَ ۾ رکائن پيا. ٽڪڙو ٽڪڙو اوڏانهن ويس تہ بند صندوق، سليٽي رنگ جي ڏٽم جا پڪ اپ ۾ رکاياڻون پئي. اتي ئي ڪيس آخري سلام ڪيم بنان منهن ڏسڻ جي. وڃڻ وارا سپرين وڃان وڃان ڪن، رهي رهندا ٻيترو. غوث علي شاهہ صاحب بہ جڏهن ملندو آهي تہ ذڪ ڪيندو آهي تہ ”ادا مون کي ٻڌاياڻون ئي ڪونہ“

مان خيرپور ۾ سندس تربت تي گلاب جا گل رکي آيس. مون کي سندس لفظ ياد پيا تہ مون کي تربت تي نہ، محفل ۾ ڳولهجو. اڄ هر محفل ڏاڏا شاهہ کان سواءِ سڃي لڳندي آهي. سندس اڪير، محبت، ميل ميلاپ، اخلاص، لطيفا ۽ واقعا وسري نہ ٿا وسرن. مومل راڻي جي گانن جي ڪئسيٽ مون کي ڏني هيائين. جڏهن اداس ۽ اڪيلو هوندو آهيان تہ اها ٻڌندو آهيان. دل پرجي ايندي اٿم. سندس فرزند جاويد شاهہ ۽ پرويز شاهہ الحمدالله اها دونهين دکايون پيا اچن ۽ منجهائن اها خوشبو اچي ٿي.

Gul Hayat Institute



# جمال ابڙي
# جا مهاڳ

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# آئينو قديم سنڌ
(ميان شمس الدين قريشيءَ جي ڪتاب جو مهاڳ)

دنيا جو دستور ٿي رهيو آهي تہ ڪنهن نئين ڪتاب تي ڪو بيو صاحب پنهنجو رايو لکي ڪتاب جي تعريف ڪري، جنهن ڳالهہ کي آئون پسند ڪندڙ نہ آهيان. ڪتاب جي سچي ۽ صحيح تعريف اها آهي جنهن کي عام پسند ڪري. هن ڪتاب "آئينہ قديم سنڌ" ۾ شريف مزاج بزرگ ميان شمس الدين صاحب جو ڪجهہ لکي ظاهر ڪيو آهي، سو اڳ ظاهر ٿيل نہ آهي جنهن ڪري تعجب پيدا ٿئي ٿو. جيئن تہ هن ڪتاب ۾ تورات مان اها تاريخ ۽ جاگرافي ڪڍي ظاهر ڪيل آهي، جا عيسائين جي ڊيڪاريل تاريخ ۽ جاگرافيءَ جي برعڪس آهي. مثلن بائيبل مان، بائيبل ائٽلس تيار ڪري دنيا جي اڳيان ظاهر ڪيو ويو آهي تہ حضرت موسيٰ عليہ السلام جيئن مصر واري ملڪ مان نڪري شام ۾ آيو تيئن اتي ئي بيابان ۾ اسي ورهيہ گذاري، مواب واري ميدان ۾ وفات ڪري ويو ۽ اتي ئي دفن ٿيو. مگر اسان جي هن بزرگ ميان شمس الدين صاحب، حضرت موسيٰ عليہ السلام کي چين ملڪ جو فاتح ۽ چين واري ملڪ ۾ مدفون ثابت ڪيو آهي. جنهنجي پنيان هڪ وڏي پوشيده تاريخ ۽ جاگرافي تان پڙدو کڻي دنيا کي واقف ڪيو آهي. هاڻي سوال آهي تہ انهن ٻنهين حقيقتن مان ڪهڙي حقيقت درست آهي؟ آيا ! ميان صاحب جي راءِ صحيح آهي، پادري صاحبن جو ظاهر ڪيل بائيبل ائٽلس؟

Gul Hayat Institute

مون کي معلوم آهي تہ، جنهن وقت منهنجو بزرگ ميان شمس الدين صاحب هي ڪتاب لکي رهيو هو تنهن وقت ڪيترن عيسائي پادري صاحبن سان ميل جول ۾ آيو هو ۽ آڪٽوبر 1953ع جي عيسائي ڪنوينشنس جي موقعي تي هڪ انگريز بشپ صاحب سان ڪراچيءَ ۾ ملاقات ڪئي جنهن ۾ تورات يعني بائبل جي جاگرافيءَ تي ڪي سمجهاڻيون گهريون، مگر ڪو بہ صاحب تورات جي بيانن موجب، ان ۾ آيل جاگرافيءَ کي سمجهائڻ کان قاصر رهيو جنهن کان پوءِ هي ڪتاب لکجي ظاهر ٿيو.

تورات، يا پراڻو عهدنامون، يهودين ۽ عيسائين لاءِ هڪ مستند ڪتاب آهي، جنهن جا هو عالم آهن، سي انهي ڪتاب جي بيانن موجب، ان ۾ آيل

جاگرافيءَ تي موجوده نقشي موجب روشني وجھندا. جنھن لاءِ ڪين اپيل ڪجي ٿي. انھن کان سواءِ آئون مسلمان تاريخ ۽ جاگرافي نويس صاحبن کي پڻ اپيل ڪريان ٿو تہ هو پنھنجي نيڪ مزاج ۽ بي ريائي، سان هن ڪتاب "آئينہ قديم سنڌ" تي غور فرمائين.

هن وقت هي ڪتاب جنھن محنت ۽ ڪوجنا سان ظاهر ٿيل آهي، تنھن لاءِ آئون سنڌس مصنف، بزرگ ميان شمس الدين صاحب کي دلي مبارڪ پيش ڪريان ٿو ۽ دعا ڪريان ٿو تہ هن جا باقي پيا بہ لکيل ڪتاب تاريخ قديم سنڌ وارا بہ جلدي عام جي اڳيان ظاهر ٿيندا.

Gul Hayat Institute

# ادب ۽ زندگي

(رشيد ڀٽيءَ جي ڪهاڻين جي مجموعي ”گهڙي گهڙي هڪ گهاءُ“ جو مهاڳ)

ادب اُهو جو ريڙهيون پائيندڙ ٻيٽ پر گسڪندڙ ٻانبڙا پائيندڙ سرجندڙ انسانيت کي اڀاري، اٿاري، ڪِين مان ڪماليت تي پهچائي. سڌل قوتن کي جاڳائي، جسم جي تند تار ۾ روح ڦوڪڻ جهڙي زندگي پيدا ڪندڙ عمل ڪرائي، اُتي رسائي جتي رسڻ انسانيت جي عين تقاضا ۽ مقصد آهي.

انسانيت جي تقاضا ۽ مقصد آهي سونهن کي پهچڻ. اُها سونهن جا ادبي سونهن آهي. اُها سونهن جنهن جو مظهر هر شيءِ ۾ آهي. اها سونهن پسڻ ۽ ٻين کي پسائڻ، جيئن سڀ ان تي عاشق ٿين، هڪ ٿي چِتا ٿين، ٻيا لاڳاپا لاهي، ان سونهن ۽ سوڀيا سان ملڻ لاءِ پنهنجون بي پناهه لڪل قوتون اڀاري ان ڏس ۾ ڪم آڻين.

سونهن کي پهچڻ جي واٽ آهي سچ. سچ واحد آهي. ٻه سچ نه ٿيندا آهن. جي هوندا ته هڪ ئي سچ جون ٻه شاخون. سچ اهو جو سونهن پسائي. هر ڪِن جهڙي ۽ ڪِين جهڙي ۾ سونهن جا تجلا ڏسي ۽ ڏيکاري، ان جي گڏن کي اوجاري ۽ نوراني ڪري، سِنگهر ۽ پڇين واري مخلوق ۾ سونهن ۽ نور پسي، اُن کي ماءُ پيٽان چاول ڄاڻي، ان سان پيار ڪري، سندس سنگهه ۽ پڇيون اگهي. سندس پگهر جي پانواڻي ڪارائيندڙ ڏپ کي ڏوئي. ”سنگهه، پگهر، پڇيون جهڙا اسان جا تهڙا هن جا.“ اهو احساس پيدا ڪري. باقي سڀ ڪِن ۽ ڪچري کي ساڙي نابود ڪري. اها آهي سچ جي ڪسوٽي ...

... اديب جو فرض آهي ’سونهن کي اجارڻ _ ڪچري کي ساڙڻ‘. اهو اسان جو فرض آهي ته، وک وک تي، چپي چپي تي، جي ڪِن ۽ ڪچري جا انبار آهن تن کي ساڙيندا وڃون، ڏک ڏوجهرا رفع ڪندا وڃون، سنگهيون پڇيون اگهندا وڃون، بک بيروزگاريءَ کي مات ڪندا وڃون، ۽ گڏوگڏ سونهن سوڀيا کي جرڪائيندا وڃون، چاڻ جي ڏيئن کي ٻاريندا وڃون، راهه کي سنواريندا وڃون، خوشبوءِ کي پکيڙيندا وڃون ۽ ذهنن کي اجاريندا وڃون. اهو سڀ تڏهن ٿيندو جڏهن هن اڻ گهڙيل فطرت جي ٻت مان واقف ٿيون. ان ڏس ۾ هر ڪوشش ۽ جدوجهد کي ڇٽبو ’زندگي پيدا ڪندڙ عمل‘، جنهن سان گڏ شعور، سمجهه ۽ سوچ درجه بدرجه ڦٽندا، اسرندا، اپرندا ’سياڻپ‘ جو ڦل پيدا ڪن ٿا. ۽ اها سياڻپ سرچشمو آهي صحيح



Gul Hayat Institute

عمل جو سچ ۽ ڪوڙ جي تميز جو ۽ ترقيءَ جي منزلن کي تيزيءَ سان طئي ڪرڻ جو.

ادب جو پرتو زندگي جي هر شعبي تي پوي ٿو. سندس تيز بين نظر ايڪس ري ڪري سماجي، معاشي، اقتصادي توڙي سياسي نظرين کي صحيح ۽ سچي هڏ واري روپ ۾ ظاهر ڪري ٿي. شعور، سمجهه، سوچ ۽ ڄاڻ کي اپاري ٿي. پوءِ سياٽپ جو قل انسان جي دل جي ٺهن کي تقويت ڏئي، سندس جذبات جي درياهه ۾ تلاطم آڻي، اهڙي نموني ٿو پلٽائي جو ان ۾ گند بلا وهيو وڃي ۽ سوڪهڙي تي ساوڪ اُپريو اچي.

ادب صرف زندگي جي ترجماني ۽ تنقيد تائين محدود نه آهي پر تعميري پهلوءَ سان به پرپور آهي. ڪروڙين انسان جن تي وقتي حڪومتن جي نظر عنايت رڳو پهچڻ کان به عار ٿي ڪري تن کي هڪ اديب جو آواز ننڊ مان اُٿاري، فرسوده رسومات جي آفيمي نشه مان بيدار ڪري، انساني وقار ياد ڏياري، هڪ اهڙو جوالا ٿو ٻٽائي ڇڏي، جو لٽ ۽ ڌاڙي واري نظام کي جلائي، عوام جي نظرين کي چمڪائي ٿو ڇڏي، ڪهڙو نه سچ چيو آهي ڪنهن سياسي مفڪر ته ”بين الاقوامي پاليسيون اديب ٺا ٺاهين.“ روسو ٽالسٽاءِ، گورڪي يا برنارڊشا پنهنجن ادب پارن سان عظيم انقلاب آڻي، قارونيت، فرعونيت، ۽ نمروديت جا بنياد اکوڙي ڇڏيا. انسان ذات جي راهه ۾ جي روڙا ۽ پٿر هئا تن کي ڪافي حد تائين پيچي پورا ڪري ڇڏيائون، حسن جي منزل طرف عظيم سفر کي ننڍو ڪري، سچ جو ترورو ڏيکاريائون.

اڄ جڏهن ستل انسانيت ڪر موڙي، بي پناه عزم سان اٿي رهي آهي، تڏهن ڪير آهي جو هن ٽڪر سان متو ٽڪرائي. يا ته سر جهڪائي يا سر ڪٽائي، ڪير آهي جو ڪنڌ ڪيڏائي، اديب پنهنجي نحيف قلم سان اهو اميد جو ڏيو ٻاري گهر گهر ۾ لاٽ پهچائي، اميد، عزم ۽ ولولي جا آڙاهه ٻاري ٿو ڇڏي. هلڪڙا ڪِين جهڙا جيتامڙا جيڪي ترڙا ڪڏ ڏيئي سندس روشنيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ پيا وجهن تن کي مرڪ ۽ مشڪ سان نظر انداز ڪيون عظمت ۽ حمايت سان وک وڌائيندو ٿو وڃي...

انسانن جي مختلف ڪمزورين سماجي ۽ اقتصادي اوڻاين تي هڪ عوامي شاعر جو شعر، هڪ اديب جو ادب پارو، هڪ دل جلي جي راڳڻي ۽ هڪ نقاد جو نشتر، پنهنجي وس ۽ وت آهر جرح ڪن ٿا. انهن انسان دشمن عناصر کي سندن بڇڙو پاڻ ڏيکارن ٿا. عوام جي آڏو انهن جا آنڌا ڳجهون ڪيڏي رکن ٿا. عوام جي شعور کي پڙڪائي سندن قوتون کي اپاري، تعميري لڙيءَ ۾ پوئي، انهيءَ انقلاب جا باني ٿين ٿا، جنهن جي ٿڏڪارکي پسڻ لاءِ صدين کان اکيون آساٽيون آهن.“

سلام هجي. هيڏين مشڪلاتن هوندي، صرف ٻوليءَ جي سهاري مختلف قوميتن کي مهاجر لڙيءَ ۾ پوئي جيئڻ لاءِ وس ڪندا اچن. ٻوليءَ سان ۽ پنهنجي علائقي سان ايڏيون جيءَ جڙيون اٿن جو اوپر پنجاب جي املھ ماڻڪن کي، جي هم مذهب بہ آهن تہ هجرت جو شرف بہ حاصل اٿن، ان مخصوص مهاجر لڙيءَ کان ٻاهر ٿي رکيو اچن. ٻوليءَ ۽ مهاجريت کي ڪوسو واءُ بہ لڳڻ نٿا ڏين. شال اهي ڪين نيبھ هجن. ٻلي هن مٽيءَ ۾ گل ڦولارجن ۽ هڳاءُ پيدا ڪن.

مَن ۾ ٻيائي، تہ ٻهانا لک! ڳَهہ ڪبو تہ واٽ ڪيئن ڏسبي؟ اڪ ٻوٽي تہ سوجهرو ڪٿان نظر ايندو؟ مذهب تہ ڪوپا لاهيو ڇڏي، پر هروڀرو ڪوپو چاڙهبو تہ ٻيا پاسا ڪيئن ڏسبا. مذهب ۽ ساٿيھ جو تہ ٽڪر ئي ڪونهي. پاڻ وطن جو پيار نصف ايمان آهي. وطن جو پيار ناهي تہ ايمان ڪان وانجهي. پوءِ حيف تنين کي هوءَ وطن جن وساريو! وطن سان پيار ڪري سگهي ٿو. پنجابي پڪو مسلمان آهي ۽ خوبين جي ڪاڻ آهي ۽ مسلمان هوندي بہ پنجابي آهي. پاڪستاني پڪو مسلمان آهي ۽ مسلمان هوندي بہ پاڪستاني آهي. دراصل وطن سان پيار هن جو امتياز آهي، ان ۾ ايڏو سرشار آهي جو افغاني مسلمان سان بہ ملڪ خاطر ٽڪر ڪائيندي دير نہ ڪندو.

وطن جي حُب ايڏو اهم جذبو آهي جو ان ڪان سواءِ ماڻهو اصليت وڃايو ويهي، ڪوڪلو ٿيو پوي، خود مطلب، ڪميڻو ۽ ابن الوقت ٿيو پوي، اڦل سافلين جي مڪروه ۽ گندي گج ۾ گند هاڻو ٿيو پوي. انساني عظمت جي چوٽ تي پهچڻ لاءِ حب الوطنيءَ جي ڏاڪڻ جو ڏاڪو سندس ڪردار کي اجاريندو ۽ سندس اخلاق کي جرڪائيندو وڃي. ان جذبي کي قائم ۽ دائم رکڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ۽ جتن جي ضرورت آهي. پنهنجي عظمت جي نشانن کي ڳولي هٿ ڪرڻو آهي. تاريخ جي ورقن تان دز لاهي، پنهنجي ڪشمڪش جي ڪارنامن کي چمڪائڻو ۽ وڏي واڪي ڳائڻو آهي. اسان جي هن سرزمين جي وک وک تي تاريخ وکري پئي آهي، سندس مٽيءَ جي ذري ذري تي اسان جي وڏڙن جون رت ڦونگارون، موتيءَ داڻن جيان چِٽڪاريل آهن. ڳوٺ ڳوٺ، ديھ ديھ، ٽيپي ٽيپي ۾ تاريخ پنهان آهي. گهر گهر بستيءَ بستيءَ پنهنجا ڪونڌر ڪُهايا آهن. هزارن سالن کان هن عظيم قوم پنهنجي عظمت ۽ آزادي خاطر منظم جدوجهد ڪئي آهي. سوين سودا، لکين دودا، ڪئين ماٺرون، ڪئين پينرون بازارن ۾ نيلام ٿي ڪسجي امر ٿي ويا. اڃو تہ انهن دودن جي نشاندهي ڪريون ۽ انهن زمين جي ٽڪرن جي مٽي ماٿي لايون ، جت سندن خون جذب ٿي ويو. اُن مٽيءَ جو مان آهي. اها تاريخ، اهو فخر اهو ناز اسان کي دڳ لائيندو حب الوطنيءَ کي جرڪائيندو ڪردار کي اُپاريندو مردار ٿيڻ کان بچائيندو تاريخ وڃي تہ جذبو ويو ڪردار ويو موت آيو.

حب الوطنيءَ جو ۽ تاريخ جو مذهب سان ڪو ٽڪر نہ آهي، عرب، اسلام کان اڳ واري دور جي شاعرن ۽ سورهين تي اڄ بہ فخر ڪن ٿا. اسين حاتم طائيءَ ۽ نوشيروان جاڳڻ ڳائيندا اچون، جيتوڻيڪ هو مسلمان نہ هئا، رستم ، سهراب ۽ سڪندر جا نالا پاڻ تي رکندا اچون، جيتوڻيڪ هو غير مسلم هئا. ڇا ٿي پيو جي پنهنجي سنڌ ديس جي سورهين جا اسين گيت ڳايون، انهن سورهين جا جن موهن جي دڙي جي تهذيب جو پايو وڌو جن ٽئڪسيلا ۽ گنڌارا جي آبياري ڪئي، جن رني ڪوٽ جو قلعو اڏيو ۽ ديبل، اروڙ ۽ برهمڻ آباد جو بنياد رکيو. جن جي تهذيب ۽ تعمير تي سارو پاڪستان تہ ڇا سڄي دنيا فخر پيئي ڪري. جنهن لاءِ شاهہ ايران جي درباري شاعر چيو تہ ساقي مون کي شراب، موهن جي دڙي جي مٽيءَ مان ٺهيل پيالي ۾ ڏي، ڪاش اها مٽي منهنجي وڏڙن جي هجي! ٽوينبي، موجوده دنيا جي عظيم تاريخ نويس چيو مان دنيا جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ تهذيب جي تلاش ۾ ويس. موهن جو دڙو منهنجي حقير تلاش جي بلند ترين چوٽي آهي! ان چوٽي تي پهچندڙ نہ هندو هئا نہ مسلم، سنڌي هئا، محض سنڌي!

چچنامي جي مترجم علي ڪوفي، ڪئين ڳالهيون ڪوڙيون ۽ لغو ٺاهي تاريخ کي مسخ ڪري ڇڏيو. سڀ ڇاڻو اها ڳالهہ ڄاڻن ٿا تہ هو ڪم ـ علم ۽ ڪم ـ ظرف هو جنهن عشق جي چاشني ملائڻ خاطر تاريخ لکڻ جي مقدس امانت ۾ خيانت ڪئي. ڏاهر جي ڌيئرن کي بدنام ڪرڻ خاطر سنڌن لاءِ نفرت پيدا ڪرڻ لاءِ محمد بن قاسم جي موت جهڙي اهم واقعي کي ڪوڙو ۽ افسانوي رنگ ڏنو. اهو تاريخدانن جو ڪم آهي تہ حقيقت کي پرکين تہ ڪهڙيون ڳالهيون مَن گهڙت ۽ محض الزام آهن. مثلن چچ ۽ ڏاهر جون شاديون. پر سنڌن عظيم سلطنتون، سنڌن نظام حڪومت، سنڌن دور جي خوشحالي، سون ۽ چانديءَ جا ذخيرا، علم ۽ ادب جا ادارا، فن جو فروغ، وڻج واپار فوج جو نظام بهادري ۽ دليري، سنڌن فتوحات ۽ هار جا اسباب، سڀ ٺوس تاريخي حقيقتون آهن. جيڪڏهن اهي فخر جي درجي تائين اعليٰ هيون تہ ڪو اهم نہ آهي جن انهن تي فخر ڪيو وڃي، جيئن موهن جي دڙي واريءَ تهذيب تي هر پاڪستانيءَ کي فخر آهي ۽ ڪروڙين روپيا خرچ ڪري بہ انهن عظمت جي نشانن کي محفوظ رکڻ لاءِ جتن ڪيا پيا وڃن. تاريخ قومي امانت آهي. ڪفر ۽ اسلام جو معرڪو نہ آهي جو ڪفر جون فتوائون ڪڍي لعنت ۽ ملامت سان قومي جذبي جي تذليل ڪئي وڃي ۽ نوجوان نسل جا هنيانءَ ڪاڏا وڃن. عجب آهي فردوسيءَ دهل جي ڏونڪي تي دل آزرده ٿي عرب فاتحن کي ڳوهون کائيندڙ چيو ۽ آسمان کي نهايت سخت لفظن ۾ ميار ڏيئي تفو بر تو چيائين تہ ڪنهن پاڪستاني مسلمان کي غيرت نہ آئي، نہ ڪنهن کيس ڪافر چيو نہ ڪنهن شاهنامو ساڙيو. هي ترخاني انصاف جو طريقو اسان جي قومي ڪردار کي نهوڙي نيندو. ضروري آهي تہ جنهن مهلڪ مرض جو خطرو

آهي تنهن جي نشاندهي ڪجي. ذهني بدديانتي ۽ ضمير کي دٻائڻ جا جراثيم اسان جي قومي ڪردار کي ڪوڙيهو ۽ مفلوج ڪري رهيا آهن. ڪو هڪ بہ اهڙو عالم نہ آهي جو سچ چوڻ جي همت ساري سگهي. اردوءَ جو ڪو هڪ اڌ شاعر بہ مام ۾ ڳالهائڻ لاءِ مجبور آهي. پيو تہ نهيو رڳو مرحوم لياقت علي خان جي ملڪي نيتيءَ متعلق پڙڪ ٻاهر ڪڍڻ بہ ڪفر جي مترادف سمجهيو پيو وڃي، حالانڪہ محترمہ فاطمہ جناح کي لياقت علي خان جي پاليسين سان شديد اختلاف هو. مرحومہ تہ پنهنجي ڀاءُ متعلق بہ چوندي هئي تہ ڪائنس ڪي غلطيون سرزد ٿيون آهن. ڪيڏي عظيم باضمير ۽ ديانتدار رهنما هئي. عزت ۽ احترام پنهنجيءَ جاءِ تي آهن ۽ تاريخي حقيقتون پنهنجي جاءِ تي. جنهن قوم تاريخي حقائق کي اوندهہ ۾ رکيو ۽ غلطين جو ڏڪ ڪيو ۽ اکيون ٻوٽي دهرايو ان جو الله واهي جنهن سبق نہ سکيو تنهن پنهنجي پير تي ڪهاڙو وهايو.

تاريخ ۽ ادب کي مذهبي طوطو ٻڌائي، پڃري ۾ ٻولڙيو ڪري رکي نہ ٿو سگهجي. تاريخ ۽ ادب جي وسعت لا محدود آهي. تاريخ، هندو مسلم، ڪرستان، يا پارسي نہ ٿي ٿي سگهي، نہ ادب! شيڪسپيئر عظيم آهي، ڀلي هو ڪرستان هجي، گورڪي عظيم آهي، ڀلي هو ڪميونسٽ هجي. غالب ۽ شاه عظيم آهن، ڀلي هو مسلمان هجن. ڪاليداس ۽ ٽئگور عظيم آهن ڀلي هو هندو هجن. تيمور ۽ نادر سفاڪ هئا، ظالم هئا، ڀلي هو مسلمان چوائين. حجاج بن يوسف، ظالم ۽ ڪفر جي جيئري تصوير هو جنهن هڪ هٿ ۾ ترار ۽ ٻئي ۾ قرآن حڪيم جو نسخو کڻي مسلمانن کي مخاطب ٿي چيو هو تہ: جو مون کي هن ڪتاب جي ۽ رسول جي ياد ڏياريندو، تنهن جو سر هن ترار سان وڍيندس! ٻئي هنڌ چيائين مسلمانو توهان جا مٿا مون کي اٿين ٿا لڳن چڻ سنگ هجن. ڀانيان تہ هن ترار سان لٽي ڇڏيان! پڙهندڙ پاڻ فيصلو ڪن تہ حجاج کي مسلمانن ۽ اسلام لاءِ ڪهڙي ۽ ڪيتري عزت ۽ احترام هو. هي اهو شخص هو جنهن سنڌ تي ڪاهہ جو حڪم ڏنو. ڇا سندس يلغار مسلمانن ۽ اسلام جي عظمت خاطر هوندي.

سنڌ جي تاريخ ۾ ارغونن ۽ ترخانن جو دور اونداهو ۽ بربريت جو دور هو حالانڪہ هو مسلمان هئا. هنن بہ اسلام جو حربو استعمال ڪيو هو. جڏهن سنڌ تي سنڌ جي ماڻهن جي حڪومت هئي تڏهن ارغونن طرفان ڀريائين مذهبي عالم تبليغ خاطر روانا ڪيا ويا، جن اهو نعرو ڏنو تہ مسلمان سڀ ڀائر آهن ڪو بہ قنڌاري ۽ سنڌي نہ آهي: جغرافيائي حدود، ملت اسلاميہ لاءِ هاڃيڪار آهن. ٺٽي ۾ تبليغ ڪري، ڏڦيڙ وجهي، ٻيڙا ٻرائي، اتر طرف ساڳئي مقصد لاءِ روانا ٿيا. تنهن وقت بہ ڪُلجڳ جا ڪاپڙي پيا هئا. خدا ڀلو ڪري سن جي محترم سائين جي – ايم – سيد (جنهن کي جابلو ماڻهو جيئيءَ سائين ڪري چون ٿا) جي جد امجد، سائين حيدر شاه سنائي جو جنهن ارغون عالمن جا ٻيڙا ساڙائي، فتني کي پنجو

## خبرون ڪيڙائن جون
(الطاف شيخ جي ڪتاب جو پيش لفظ)

الطاف شيخ تي مون هميشہ رشڪ ڪيو آهي تہ هو ڪيئن محض سفرنامن ذريعي مسلسل ترقي پسند ادب ڏئي رهيو آهي. ترقي پسند ادب تي ڪنهن وڏي ناماري جڳادري قسم جي اديب جي، نڪي هڪ هٽي آهي تہ نہ ميراث. نہ وري ترقي پسند ڪو مشڪل افلاطوني فلسفو آهي جنهن تي ڪنهن خاص گروهہ يا ڪنهن مخصوص آئيڊيالاجي جو ٺپو لڳل هجي. بس سڌو سنئون معلوماتي ادب، جو سوچڻ تي مجبور ڪري، بهتريءَ جي چاهنا پيدا ڪري ۽ ان لاءِ راهون کولي ڏئي تہ اسان جهڙي ملڪ ۾ ان کان وڌ ترقي پسند ادب ڪهڙو چئبو. ان ڪسوٽيءَ تي الطاف شيخ جو ڏنل ادب نج سون ثابت ٿيندو. سندس نگاهہ تمام گهري، خلوص واري، چنڊ ڇاڻ ڪرڻ واري، ميناج ۽ مزاح واري سان پلائي ۽ برائيءَ جون آنڊا گجيون ڪيڻ واري ۽ پيار سان ڏاهہ ۽ ڏس ڏيڻ واري آهي.

ڪو دور هو جو ڪيئي ڪنڌ ڪاٺو مجنون پرن مان ٻاهر نڪري ترقي پسند جو ٺپو هڻائي هنبو ڇيون هڻندا وتندا هئا. نہ علم نہ ڄاڻ، نہ مسئلن تي نظر، نہ عوام سان ڳوڙهي وابستگي، نہ ايثار ۽ قربانيءَ جو جذبو. پنجاهہ ۽ سٺ جي ڏهاڪي ۾ حقيقي ترقي پسند تہ وڃي جيلن ۾ پيا يا عذاب ڏيئي ماريا ويا. پوءِ ڪو متو هترادو ليبر پسند، شهرت پسند ۽ ناماچار پسند جامڙن جو جن جي پيداوار اڄڪلهہ جا ڏاڙيوال يا خوشامدي سرڪاري صلاحڪار آهن. لفاظي ۽ نعري بازي ڪري، پئسا ڪمائيندا، ڏاڪڻ چڙهندا وڃي ليبري ۽ صلاحڪاريءَ کي پهتا. انهن جا بہ ڪيئي نمونا هئا، ڪي مهذب، ڪي بڪواسي، ڪي چرچائي ۽ گاريل. مقصد سيني جو هو سرڪار سان سنمک ٿيڻ ۽ ماڻهن ۾ معتبر بڻجڻ. سچو ترقي پسند ۽ انقلابي ٿيڻ تہ سندن پهچ کان ٻاهر هو ڇو تہ ان لاءِ قرباني، تڪليفون، عذاب، مفلسي ۽ پڪڙ پڇاڙ کان سواءِ ڪجهہ پلئہ نہ ٿي پيو. ان لاءِ سولو ۽ بنهہ آسان طريقو ايجاد ڪيائون تہ مذهب ۽ الله تبارڪ تعاليٰ جي شان ۾ گهٽ وڌ ڳالهايو تہ هڪدم ترقي پسند ۽ جي ڪنهن سرڪاري ڪاتي يا سپاهي صوبيدار کي هيسائڻ لاءِ متس جلهہ ڪيو يا ڪنهن شريف جي ڏاڙهيءَ پٺ ڪيو تہ توهان انقلابي! انهيءَ دؤر ۾ مولوي نذير حسين جتوئي جا ٽوٽڪا ڏاڍا مقبول ٿيا ۽ مولوي

صاحب لٺ ڪنيو ڏاڍائي ۽ زبان جي زور تي ڪليڪٽري ۽ انجنيئري کاتي جي آفيسن ۾ ماڻهن جي لانڍ وٺيو ڪم ڪرائيندو وتندو هو. ٻئي پاسي ڪامريڊ رسول بخش پليجي جهڙا سلجهيل، سمجهدار، چيڙهالا ورڪر ورهين جا ورهيہ جيلن ۾ پيڙجندا رهيا. ٻيا تہ ٺهيو پر شيخ اياز جهڙو نج اديب ۽ پيارو ماڻهو پڪاري اٿيو تہ "سچ وڏو ڏوهاري آهي". "سنڌڙي تنهنجو نانءُ ورتو جڻ ڪاريهر تي پير پيو". ٻاٻرن ڪنڌن تي هلندي رتو چاڻ تي گهر ٻار ڏنڊو ڏاڙي رلائي وڃي جيلن جو واسي ٿيو. هن صديءَ جو هھڙو عظيم اديب ۽ عجب انسان بہ اهو مقام پائي نہ سگهيو جيڪو ٻيا سڏڙيا پائي ويا. مٿيان سڀ عظيم ۽ سچا ترقي پسند اڄ تائين لعن طعن جو شڪار آهن ۽ هر ڪو ڪانئن چرڪي ٿو. ڪامريڊ عبدالقادر ۽ حيدر بخش تہ الله کي پيارا ٿي ويا تہ بہ اڄ تائين لوئجن پيا تہ ابوجهہ هٿا چنده خور هٿا وغيره وغيره.

اها وڏي ڪا سرڪاري چال هئي جا اسان سمجهي نہ سگهياسين. اهڙيون قدآور شخصيتون مشڪل سان ڪنهن ملڪ ۾ پيدا ٿينديون آهن. قادر بخش نظاماڻي غضب جو ذهين ۽ با عمل انسان تہ ماڳهين ملڪ ڇڏي ٻارين ٻچين وڃي لنڊن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ لڪو. جمال الدين بخاري بکيو چريو ٿي مري ويو. اڄ لاڙڪاڻي پريس ڪلب تان سندس نالي جي تختي بہ لاٿي وئي آهي. عثمان بلوچ روهہ رلا مٿي ڪلا، برڪت آزاد گمنامي، گوشہ نشيني ۽ بيماريءَ ۾ گهاري رهيو آهي. محترم محمد ابراهيم جويو تہ هڪ مثالي ڪردار آهي جنهن کي مان ۽ اياز ڪرائسٽ(Christ) چوندا آهيون.

هند ويل انيڪ ساٿين جو ذڪر ڪري پاڻ کي ٻوهي ۾ وجهڻ وارو مان بہ ناهيان. ڪامريڊ غلام محمد لغاري جنهن کي اسين نانگو سڏيندا هئاسين، بک ڏک ۾ ٻرن ٻرپٽن ۾ جهنگن نانگن بلائن ۾ غريبن، هارين ۽ نارين جو ساٿاري ٿيو بيٺو هوندو هو. گهٽن فرعونن قارونن سان مهاڏا ڏنائين ۽ نيٺ هٿين خالي هليو ويو. تاج صحرائي انگريزن جا جيل ڪاٽي اڄ بہ صحرا بيابان ۾ جيل پيو جهاڳي.

آزاديءَ کان پوءِ ادب جي ميدان ۾ پختو ۽ پائدار جاکوڙي محنت جو سهرو آهي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ مرحوم پير حسام الدين ۽ پير علي محمد راشديءَ تي. انهيءَ ٻڻ بنياد کي ڇڏيندا سين تہ يتيم ٿي رلي ويندا سين. انهن نئون رُخ ۽ نئون موڙ ڏنو. انهيءَ کان انڪار مور ڪپائي آهي. ڪن جوانڙن جو چوڻ آهي تہ انهن صاحبن تخليقي ادب نہ ڏنو. اهو بحث طلب معاملو آهي. انهيءَ بحث کي سنڌيءَ ۾ چوندا آهن بنٿش. انهن پهاڙن جهڙين هستين تي بنٿش ڪرڻ آهي، جبل سان مٿو ٽڪرائڻ.

مٿي ذڪر ڪيل صاحبن کي ترقي پسند اديب ٺي چئبو آهي. صاحب توڙي ڪاڪو ڀيرومل ۽ ڪشنچند بيوس (انهن ٻن جا نالا نہ ڪٽان ها تہ پاڻ کي ڪڌهن

معاف ڪري نه سگهان ها.) ترقي پسند ادب جو بڻ بنياد وجهندڙ آهن. اها ٻي ڳالهه آهي جو مٿن ڪڏهن عتاب نازل نه ٿيو ۽ هميشه معزز رهيا. ان جو سبب اهو آهي ته انهن مزاحمتي ادب پيش نه ڪيو. پوءِ ائين ته ڪو نه چئبو ته ترقي پسند ادب صرف مزاحمتي ادب آهي. ائين سوچڻ ۽ چوڻ سان ڏاڍا عجيب نتيجا نڪرندا. مثلن پوءِ ائين چئبو ته هوند راج دڪايل ترقي پسند شاعر هو ۽ ڪشنچند بيوس رجعت پسند. اها مورڪپائي آهي. پوءِ ته والٽ وٽمن جهڙو عظيم اديب به جڏهن چوي ٿو ته "آئون وينو آهيان ۽ ماٺ ڪري وينو ڏسان" به معيار ڪان ڪري پوندو. ائين نه آهي، سندس ان وينو ڏسان ۾ به وڏو انقلابي نياپو آهي. شاهه سائينءَ به چيو ته "سي ستا ئي سونهن، ننڊ عبادت جن جي" يا ملتن به چيو ته "جي چپ بيٺا آهن ۽ ترسيا پيا آهن سي به ڪرت سان آهن" سچل سائين چيو ته "ماٺ ڪريان ت، مشرڪ ٿيان ڪڇان تان ڪافر" سيني عظيم انسانن جي سوچ هڪ ٿيندي آهي.

ٻيو ته اج ڪلهه ائين پڪ سمجهيو وڃي ٿو ته هر اديب دانشور آهي، ائين ناهي. اديب ٿڻ سونهن پسي وٺي ٿو ۽ ان جي جهلڪ ٻين کي پسائي ٿو. اج جنهن صاحب جي ڪا تخليق اخبار يا رسالي ۾ ڇپجي ٿي ته هو اديب ۽ دانشور ٿيو پوي. مان ته پاڻ لاءِ اعلان ڪيان ٿو ته مان دانشور ڪو نه آهيان. اسان علم جي راهه جا پانڌيڙا آهيون. شل الله علم زياده ڪري. ها ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شيخ اياز، رسول بخش پليجو محمد ابراهيم جويو ۽ سوڀو گيانچنداڻي وڏا اديب ۽ دانشور آهن ڇو ته هو عالم ۽ اسڪالر به آهن. پويان چار صاحب ته ملڪي ۽ سماجي حالات تي گهري نظر رکن ٿا ۽ عوامي امنگن جا ساٿاري آهن. سچو اديب آهي ئي اهو جيڪو عوام جو آواز ۽ ضمير بڻجي ۽ سندن جدوجهد جو ساٿاري هجي ۽ عوامي تحريڪن کي صحيح لاڙا ۽ موڙ ڏئي.

ڪجهه ڏينهن اها گونج ٻڌڻ ۾ آئي ته جيڪا به سٺ لکجي ٿي سا ادب آهي ۽ لکندڙ اديب. هاڻي ڏيو منهن. هر بندش کان آزاد جيڪو وڻيو سو لکو. جانسن چيو هو ته "ٻڄوان ڏينهن کان جڏهن هر جاهل کي لکڻ اچي ويندو". الحمدلله هاڻ اهو رجحان ختم ٿيڻ لڳو آهي. هاڻ وري نئون چوبول هليو آهي ته هر اديب لنڙيو هئڻ گهرجي. جڻ سندس لٺ، بندوق يا گوليءَ کان گهٽ آهي. امر جليل ته چوي ٿو ته "ڏاڙيلن سان منهن به اديب ڏين". ڀائي ڏاها ٿيو. پوءِ ته هاري هر ڦٽو ڪري، پورهيت مترڪو هٿوڙو ڇڏي ڏئي. ڪامورو نوڪري ڇڏي نعري باز يا سياستباز ٿئي. ٻيلي هر ڪو وس ۽ وت آهر پنهنجي مخصوص دائري ۾ ڪم ڪندو ته هو اتي ڪارائتو ۽ لاڀائتو آهي. سياستدان جڏهن جنبا پٽ ڪري ناڪام ٿا ٿين ته رُخ موڙين ٿا اديبن ڏانهن. ادب ۾ ترقي پسنديءَ جو مطلب فوجي سپاهي يا بندوق باز ٿيڻ نه آهي. اهو سڀ ڪجهه هوندي به محض اديب آهي.

مون ڳالهہ پئي ڪئي الطاف جي لکڻين جي. سفرناما ٻين بہ گهڻا لکيا پر انهن مان پڌڙپائي ۽ پنهنجي ذات جو اظهار ٿيڪا پيو ڏئي. الطاف وٽ اها ڳالهہ ناهي. هو اجايو عالماڻو اظهار بہ ڪو نہ ڪري. هو ٻين ماڻهن ۽ ٻين ملڪن جون اوڻايون خوبيون چڱيءَ طرح جاچي پرکي پنهنجا نتيجا ڪڍي اسان کي چڱائي مڻائي جا ڏس پتا پيو ڏئي. معمولي موضوع مان اهڙا سبق ڪڍي ٿو ڏئي جو واڇڻ وڃي وڃن. سندس "ڪجهہ ڪاڪوسن بابت" پڙهي ڏسو پوءِ چئو تہ ڪپاٽ کلي ٿا وڃن ڪِ نہ.

الطاف هڪ منفرد ليکڪ آهي. هو منهنجي ديرينہ ۽ معزز دوست گل محمد شيخ جو فرزند آهي. شيخ صاحب بہ هر ڳالهہ ۾ منفرد. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ "گڏهہ " تي هڪ معلوماتي ڪتابڙو لکيو تہ شيخ صاحب ڪاليج جي زماني ۾ ئي "ماڪيءَ جي مک" تي اهڙو ئي معلوماتي ۽ لاجواب ڪتابڙو لکي ڇپائي ڇڏيو ۽ ان بعد "ماڪوڙي" ۽ "ڪوريئڙي" تي پڻ. شيخ صاحب نهنو تور ڳالهائو ڳوڙهي سوچ رکندڙ خوش مزاج ۽ سچ جو ساٿاري هئو ۽ آهي. سادي طبيعت ۽ سادگي پسند. آفيسري ۾ بہ گيڙو ڪاڏيءَ جا ڪپڙا پائيندو. مون کي الطاف ۾ شيخ صاحب واريون سڀ جهلڪيون نظر اچن ٿيون. سندس زور قلم اچا بہ زياده آهي.

هن سڄي پتاڙ جو مقصد آهي تہ الطاف جون لکڻيون ترقي پسند ادب جو لاجواب حصو آهن.

**جمال ابڙو**

ڪراچي 1992—7—27

Gul Hayat Institute

# جوڳيئڙا جهان ۾

(بدر ابڙي جي ڪهاڻين جي مجموعي 'رياست جهنگل جي آڪاڻي' جو مهاڳ)

بدر هڪ ڪاهوڙي، جاکوڙي، سچار ادب، لحاظ وارو، قرباني ايثار جو پتلو شرم حياءَ وارو وڏن جو ادب ڪرڻ وارو هر ڪنهن جي ڪم اچڻ وارو خود مطلبي ۽ خود پسندي کان ڏور، سادو سباجهو سلڇڻو انيڪ خوبين جو مالڪ سچارڻ اديب، محقق، مصور، سنگتراش، شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ الائي ڇا ڇا آهي. شل نه ڪنهن ڪم ۾ هٿ وجهي. ميڇڏو ٿي، رڻ، جبل، جهنگل، سمنڊ، گپ، چڪ ۾ ورڪنجي ڪاهي پوندو. ايسين نه مڙندو جيسين اتو پتو ڪڍي نه ايندو. پلي اونداها غار هجن، رڻي ڪوٽ جا ڏاڙيل هجن يا اوچيون پهاڙي چوٽيون هجن. سڀ بدر جي حوصلي ۽ همت آڏو بيوس آهن. تڏهن ته شيخ اياز جهڙي عالم ۽ اديب چيو ته "جيڪڏهن مون کي بدر جهڙو پٽ هجي ها ته مان به لکڻ ڇڏي ڏيان ها!" اها اياز جي عظمت آهي جو بدر کي ايڏو رتبو ڏنائين پر تڏهن به اياز جو اهو گفتو بدر جي قد ڪاٺ جو ڪي قدر ماپو ته آهي ئي آهي.

مون کي پنهنجون لکيل ڪهاڻيون ڏنائين ته پڙهي ان جون اوڻايون، ڪچايون، ڦڪايون ظاهر ڪري ڪجهه تبصرو لکي ڏيو. مون پڙهڻ شروع ڪيو ته ڪهاڻي پوري ڪرڻ کان اڳ ئي ٿڪجي ننڊ ڪنيو وڃي. هي ڪهڙي ماجرا، روايتي ڪهاڻي پڙهندي يا ٻڌندي ته ڪانءَ ڪا رڳ ڦڙڪي پوندي آهي ۽ ننڊ ڦٽي پوندي آهي. بدر سان ذڪر ڪيم ته چيائين ته ڪي ڪهاڻيون شعور جي وهڪري ۾ لکيل آهن. اهو لاشعور ۽ شعور جو وهڪرو اسان ننڍي هوندي شاگرديءَ جي زماني ۾ ايل ڊبليو هاسٽل (پوءِ جناح ڪورٽس) ۾ وڏن اديبن ۽ دانشورن کان ٻڌو هو. پيو به گهڻو ڪجهه ڪانئن ٻڌو هو مثلن تصوراتي ادب ۽ ماديت پرست ادب، خيال ۽ مادو وغيره وغيره. بس اولڙا جهتياسون پر خبر ڪا نه پئي ۽ نه ئي تهه تائين پهچي سگهياسون. جيتوڻيڪ اڳيان به ڏنگ اديب ۽ دانشور هئا، حشو ڪيولراماڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، جمال الدين بخاري، محمد ابراهيم جويو سوڀو گيانچنداڻي ۽ پيا. اياز ۽ رسول بخش پليجو ذهين هئا. انهن کي ڪو هڙ پلئه پيو هجي ته شڪ ناهي باقي مون پارا ڪيترا ڪوئي کي هريڙ ملڻ جي مصداق

هئاسين، پر بدر جڏهن اهڙيون ڳالهيون ڪيون تہ ڪن ڪڙا ٿي ويم. هن يار تہ جيل ۾ گهاريندي بنا لائبريري ۽ ريفرنس بوڪس جي، هيڏو سارو ڪتاب ادبي تنقيد جو جائزو لکي ڇڏيو جنهن ۾ سڀ ادبي اپار هومر کان وٺي هيمنگوي ۽ ٽي ايس ايليٽ تائين، زير بحث آڻي ڇنڊي ڇاڻي صاف ڪري رکيا. اسان تہ انهن کي رڳو ڇهي سگهيا هئاسون. پوءِ پروڙيم تہ اڄڪلهہ جا نوجوان اديب نہ رڳو محنتي آهن پر پڙهن ڪڙهن ۽ سوچن ٿا.

ڪهاڻيون پڙهي ڏنم تہ ماٺ لڳي ويم. هي سادو سودو نهٺو بردبار نوجوان، منچر جي مانار جهڙو پنهنجي اندر ۾ ڪو جوالا مکي ڪنيو پيو هلي. خبر ناهي سيني ۾ ڪهڙو سورن جو سمنڊ کنيو وتي جو جوار ڀاٽا مهل بہ سياري جو هلڪڙين چولين وارو بحر پيو پسجي. مار! هر ڪهاڻي جوالا. چوي پيو تہ ”سنگ نتهڻ اس ۾ پچندا آهن ۽ ذهن ذکن جي ڪوري ۾!“ الائي ڪهڙي ذکن جي ڪوري مان پچي نڪتو آهي. پاڻ ئي چوي ٿو تہ ”ڪن سرلا ۽ نگاهون عقاب ٽي وبون!“ بيشڪ ماڻهو جڏهن پوڻ ۽ سان ناتو جوڙي ٿو تہ ائين ٿئي ٿو. ڪروڙين ساهن جا سهڪا ۽ سڏڪا پوڻ ۽ مان منتقل ٿي هينئين ۾ پيهي وڃن ٿا. دونهين ۽ ڏڏڙ ۾ ڳيرن جا ساهہ بہ پوساتجي ٿا وڃن ۽ اهي بہ پر ڦڙڪائڻ ٿا لڳن. پيو ڪن بہ ڇا. ڪجهہ تہ ڪندا. رڳو هڪڙي ڪهاڻي پوسات پڙهي ائين ٿو لڳي ڄڻ تہ سچو گورڪيءَ جو ناول مدر (ماءُ) ڪوزي ۾ بند ڪيو ويو آهي. اهو ڪمال صرف بدر کي ئي حاصل آهي. طبيعت ئي اهڙي ڏيرج ۽ ڏماڪي واري اٿس.

مان پاڻ کي صوفي سمجهندو آهيان. ڪلفت، ڪدورت نفرت کان دور. هر ساهواري سان محبت ۽ محبت جو اظهار خدمت. پر مجهو پويم ٿو تہ بدر مون کان بہ وڏو صوفي آهي. وٽس جلال، ويڙهاند ۽ قلندري سڀ ڪجهہ آهي. حق جو تلاشي آهي. ”ڳولهيان ڳولهيان م لهان شال مَ ملان هوت“ واري ڪيفيت اٿس. لوچ سان تمتار آهي. الله ڏينهن ڏئيس.

جمال ابڙو
سومر 2 نومبر 1992
ڪراچي

Gul Hayat Institute

# هڪ حوا ڪيئي ڪهاڻيون

(ڊاڪٽر فهميده حسين جي ڪتاب جو مهاڳ)

مئڊم فهميده حسين اوچتو فون ڪري چيو تہ سندس ڪتاب جو مهاڳ لکي ڏيان. انڪار ڪري ڪو نہ سگهيس. مئڊم هوندي تہ پنهنجي نياڻيءَ جهڙي 'فهمي' آهي، پر هن پنهنجو مقام پاڻ پنهنجي نجي محنت، لڳاءُ ۽ لگن سان حاصل ڪري ورتو آهي، سندس تعريف جي ضرورت ئي ڪانهي. هوءَ پاڻ پنهنجو تعارف آهي.

مختصر افسانو يا ڪهاڻي ايتري پراڻي صنف آهي جو اندازو ئي نٿو لڳائي سگهجي. ماڻهو جڏهن لکڻ ئي نہ ڄاڻندو هو تہ غارن ۾ رهندي، تصويرون پٿر تي گهڙي، شڪار جون خطرناڪ ڪهاڻيون ۽ ڪاميابيون اُڪر وسيلي رڪارڊ ڪري ڇڏيائين. لکت ۾ مختصر ترين ڪهاڻيون تہ پڪ ڏٺيءَ، لطيف سائينءَ، ٻن ٽن سٽن ۾ لکي ڇڏيون، چيائين تہ:

اڱڻ تازي، ٻهر ڪنڌيون، پڪا پٽ سونهن
سرهي سيج، پاسي پرين، مر پيا مينهن وسن،
اسان ۽ پرين، شال هون برابر ڏينهڙا.

منظر ڪشي اهڙي جو ڄڻ تہ تصويري ڪهاڻي آهي ۽ پنهنجو پاڻ مڪمل آهي، اسان پارو ڪو لکڻ ويهي تہ انهيءَ ساڳئي عنوان تي پنجن ڇهن صفحن جي ڪهاڻي لکي وجي تہ بہ انهن ٽن سٽن جهڙي دلڪش ۽ من موهيندڙ ڪا نہ ٿيندي. ٽي سٽون تہ ڇا ٻن سٽن ۾ بہ مڪمل ڪهاڻي ڏئي وجي ٿو. جدائي، هڪ رات جو ميلاپ، سڄي رات جهيڙو تہ صبوح جو سمونڊ تي نہ وڃجانءِ. صبوح ساڻ اڳ وٺي پيڙيءَ وٽ ٻيهڻ تہ من مون کي ڏسي ساموندڙيو ٻيڙي نہ ڏڪي پر

جيڪس نبر نينهن سندوم
جٿن مون ٻيڻي هن ٽيلهيو.

سر سامونڊي سڄو اهڙين ڪهاڻين سان ڀريو پيو آهي. جئين:

الوڙڻ نہ ڏئي، وڏائين ور ونجهہ کي
اڄوڪي راتڙي، رهہ لالڻ مون لائي
وڃ م ڦدڙائي، ايڏي سفر سپرين

هن فن حد ڪمال آهي، رڳو هڪ سٽ ته "الوڙڻ نه ڏئي. وڏاين ور ونجهه ڪي" مڪمل ڪهاڻي آهي.

سماجي، گهرو ۽ عورتن جي مسئلن تي ثميره زرين ايترو لکيو جو لڳندو هو ته باقي ڪو موضوع بچيو ئي ڪونه هوندو ته ڪهاڻيءَ جو ڪلاسيڪي دؤر ختم ٿيو ته سمجهيو ويو ته بس ڪهاڻي به ختم ٿي. پر ڪيترن نوجوانن اهو تاثر غلط ڪري ڏيکاريو. مئڊم فهميده حسين ته ڪمال ڪري ڏيکاريو. ايترا نوان موضوع ۽ ايتري نواڻ جو خبر پئي ته مسئلا ته اڻ ڪٿ آهن. رڳو ڏسڻ واري اک هجي ۽ روئڻ واري دل هجي.

ڪهاڻيءَ لاءِ روئڻ واري دل جو هجڻ ضروري آهي. هي جو چوندا آهن ته مطالعو ضروري آهي سو به سچ، پر روئڻ واري دل نه هوندي ۽ ضمير سجاڳ نه هوندو ته ڪجهه هٿ پلئه نه پوندو. ڪهاڻيءَ لاءِ ضروري آهي ته منجهس سچ جي جهلڪ هجي، مسئلي جو پورو مطالعو هجي ۽ اٽلڪوئي سهي، پر ڪجهه ڪرڻ جو پيغام به هجي.

ڪهاڻيءَ جي سٺاءَ لاءِ چار ڳالهيون ضروري آهن. هڪ ته ڪهاڻي اهڙي دلچسپ هجي جو لس پڙهي وڃجي ۽ ڇڏڻ ته دل نه چوي، ٻيو ته پڙهڻ وارو ان ۾ ايڏو سمائجي Involve ٿي وڃي جو پاڻ کي ڪهاڻيءَ جو ڪردار سمجهڻ لڳي. ٽيون ته ڪهاڻيءَ جي چوٽ ڪلائيميڪس تي بنا ڪلائيميڪس به هو ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ لاءِ سوچي. چوٿون ته ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار پلي هٿيار ڦٽي ڪري ٻيڙي ٻڏڻ ڏئي ته به پڙهندڙ کي "ضمير جي جهنجهوڙ ايتري اچي جو هو حل ڳولهڻ ۾ مددگار ٿئي. ائين ٿيو ته جڻ محنت سڦل ٿي. مئڊم فهميده جون ڪهاڻيون انهيءَ ڪسوٽي تي نج سون آهن.

تخليقي ادب ڪو مذاق ناهي، تخليقي ادب ائين آهي جئين ٻار کي جنم ڏيڻ. تخليقي اديب ڪنهن فن پاري کي جنم ڏيڻ بعد اهڙو هلڪو ڦلڪو ٿيو پوي جهڙو هڪ خالي ٻيڙي ڪناري تي پئي لڏي ۽ لمي. مئڊم فهميده به تخليڪاريءَ جي گهاٽي Process مان گذري آهي، تنهنڪري سندس هر فن پارو جاذب، دلچسپ ۽ پيارو آهي. سندس اسلوب بيان به سڌو سنئون ۽ حقيقت نگاريءَ تي ٻڌل هي. هوءَ نڪو پل تي ٻڌي نڪو ڊائلاگ تي ماري، نڪي ليڪچر بازي تي ڪري. سڌو سنئون ڪوڙين حقيقتن کي ڳتر ڪان جهلي بيان تي ڪري ۽ پڙهندڙ هڪدم پيغام جي تهه تائين پهچي ٿو وڃي.

مئڊم جي ٻولي به سليس آهي، انگريزي يا اردو محاورا ۽ لفظ هرو ڀرو استعمال نٿي ڪري، انهي ڪري ٻولي کي گڊ ونٿي ڪري. اها وڏي خوبي ۽ فنڪاري آهي.

مئڊم مون کي مهاڳ لکڻ جو چيو پر ان ڪان اڳ پاڻ ئي هيڏو سارو مهاڳ لکي ڇڏيو اٿائين. اهو ايڏو عالماڻو ۽ حقيقت پسند آهي جو مون جهڙو ڪو عام يا عالم ماڻهو وڌيڪ ڪجهه چئي نٿو سگهي.

15 جون 2003
ڪراچي

**جمال ابڙو**



# جمال ابڙي جا خط

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# شاهه سائين سرائڪي ۽ پنجابيءَ ڪانسواءِ ٻي ڪنهن ٻوليءَ ۾ ترجمو نٿو ٿي سگهي

خدمت ۾ جناب منهنجا محسن پروفيسر عباسي صاحب،
السلام عليڪم.
سدا سلامت، خوش، آباد هجو شال.

توهان جو عنايت نامو مورخه 95 – 11 – 26 تي مليو اٿم. ٽيو هيٺن جو مان عمره تي ويل هئس. موٽيس ته ميهڙ لاڙڪاڻي مِتن مائٽن سان ملڻ ۽ اباڻن ڪکن ۽ زمينن ڏسڻ جي چاهت ۾ هليو ويس. اتان موٽيس ته گڏ ٽپال ۾ توهان جو موڪليل لفافو به هو.

خدا نه ٿو ڀلائي ته اوهين اهي ئي شاعر حضرت محسن عباسي آهيو جنهن سان ملاقات جو شرف نٿي، سجاول ۽ ٻنوري ۾ 1960 واري ڏهاڪي ۾ نصيب ٿيل اٿم. وري ملڻ جي چاهت دل ۾ اٿم. خدا موقعو ڏيندو ته حاضر ٿيندس. پراڻن دوستن سان ملڻ جي شديد تمنا اوچتو جنم ورتو آهي. شايد پرون پئجي ويا اٿم. قاسم پٽر، عبدالحي پليجو سائين محبوب شاهه ۽ ٻين جي گهٽي سڪ اٿم. الله شال مهلت ۽ توفيق ڏئيم. نٿو ته ويجهو آهي. اڄڪلهه منهنجو پٽ ڊاڪٽر اطهر جمال ابڙو ۽ ٽُنهن ڊاڪٽر فوزيه ابڙو ٺٽي ۾ سينئر ميڊيڪل آفيسر آهن. انشاءالله ڪو ذريعو پيدا ٿي پوندو. مان ته پيرسن ٿي ويو آهيان. جذبه جي ڪمي ڪانهي، باقي صحت ساٿ ڏئيم ۽ ارادا به ٿئي ٿا وڃن. همت ۽ توفيق به بامقصد زندگيءَ لاءِ اهم جز آهن.

اميد ته توهان خوشيءَ سان هوندا. شال اهل عيال سان خوش، آباد هجو ۽ خوشحال هجو. ورهيه وڏا ظالم پنهنجا اڻ مٽ نقش ڇڏي ٿا وڃن. توهان ڪي به ڪونه بخشيو هونداٺون. ڪنهن ڪي ڪو نه بخشڻ. فطرت جا قانون آهن ئي لا تبديل. وس ڪونه ٿو هلي.

Gul Hayat Institute

منهنجي ڪهاڻين جو ڪيل ترجمو بلڪل معياري آهي. خدا توهان کي توفيق ڏئي جو سڀ ڪهاڻيون ترجمو ڪري ڏيو ته احسان . معاوضو ته ادا ڪري ڪو نه سگهندس شڪر گذاري جو.

هونئن ٻه منهنجو عقيدو آهي ته سنڌي ادب کي متعارف ڪرائڻ جو بهترين ذريعو سرائڪي يا پنجابي زبان ئي ٿي سگهن ٿيون. ٻيون زبانون سنڌي ادب جي روح تائين پهچي سگهڻ جي توفيق ئي ڪونه ٿيون رکن. مون ته نذير لغاريءَ کي عرض ڪيو هو ته، ”گڏجي ’شاهه جو رسالو‘ سرائڪي يا پنجابيءَ ۾ ترجمو ڪريون.“ هائو ڪيائين. معاوضو ڏيڻ جي ٻه آڇ ڪئي مانس، پر وقت نه ڪڍي سگهيو يا ڪي ٻيا اسباب هجن. اڄ اميد جو ڪرڻو نظر ٿو اچيم ته توهان کانِ بهتر يا مناسب ٻيو ڪو ٻه صاحب نه ملندو. هي تمام وڏو ۽ اهم ڪم بلڪ ڪارنامو ٿيندو. مهرباني ڪري ان تي ويچار ڪندا ۽ اظهارِ خيال ڪندا. وڏو احسان ٿيندو مون تي، سنڌ تي ۽ قوم تي. شاهه سائين ٻي ڪنهن ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿي ئي نٿو سگهي. نڪي اردوءَ ۾ نڪي انگريزيءَ ۾ (ڀلي ڪهڙا ٻه هجن) سواءِ سرائڪي يا پنجابيءَ جي.

خير انديش پراڻو مداح
**جمال ابڙو**
96_10_23
ڪراچي

Gul Hayat Institute

# A Letter to Dr. Begum Ashraf Abbasi

Dated: 19-4-98

Respected doctor sahiba,

Assalamualaikum wa rehmatullah-e-wabarkatahu.
(peace be upon you, and blessing and prosperity)

I am honour to have a letter from a person of your stature. Your kind words will be my precious possession. Thank you very much. Your reference to humility is timely. Humility works wonders. It at once eliminates militancy, vociferation, voluptuary and vandalism. It inculcates self assessment and extroversion. An extrovert inculcates qualities of sincerity, simplicity and selflessness. I call these qualities "Three S's". A person imbued with such qualities learns to limit his personal. "rights and diverts himself to his "duties" towards society rather than clamor for his rights. If all people perform duties first, rights will automatically follow, in such a social set up. You are doing exactly the same.

Gul Hayat Institute

You have referred to my old comrade Ali Muhammad Abbasi. He was a jewel of a man. He was sincere, simple and selfless. He was progmate, practical and a pleasant

personality. Such persons never die. He lives in you and your offspring. I am all praise and prayers for all of you.

I am basically a writer as such make no speeches unless imposed upon me. To what you have gracefully referred to as an article is in a form of speech. Your may print it in advance, as you like.

You have kept a loft the banner of social progress and service to humanity. You are singular in whole of Sindh in this field and can rightfully be called the lady of light.

With best wishes, regards and compliments for all of you.

Yours sincerely
JAMAL ABRO
(an old student of Waleed Primary School)

Gul Hayat Institute

# ايڊيٽر 'هلال پاڪستان' ڪراچي ڏانهن خط

مهربان ايڊيٽر صاحب

ڪجهه ڏينهن اڳ محترم عمرالدين بيدار مون سان ڳالهه ٻولهه ڪئي هئي، جنهن ڪي انٽرويو جي روپ ۾ اخبار هلال پاڪستان ۾ اڄ سومر 16 جولاءِ واري پرچي ۾ ڇپيو ويو آهي. انٽرويو ڏيڻ آزمائش آهي پر انٽرويو وٺڻ فن آهي. انٽرويو وٺندڙ ڪيترو به مخلص ۽ تجربيڪار هجي پر تڏهن به ان جي لکڻيءَ ۾ سندس پنهنجي جهلڪ نسريو نروار ٿيو بيهي.

مان هونئن ته خاموش رهان ها پر غلط خيالن جو اظهار درستي گهري ٿو جيئن اڳتي هلي غلط فهمين جو مواد پيدا نه ٿئي. اول ته منهنجي ڪاليج جي زماني وارو 1946ع جو فوٽو برهمڻ آباد جي هيڊنگ هيٺ ڇپيو ويو آهي جو سراسر غلط آهي. انهيءَ فوٽي ۾ کٻي طرف مان وچ ۾ منهنجو مرحوم ڀاءُ ڪمال الدين ابڙو ساڄي پاسي کان اسان جو دوست محمد علي ٻگهيو انجنيئر آهي. ٻئي فوٽي ۾ سارڻ ڍنڍ جي ڪناري تي جي دوست آهن تن جا نالا نه لکيا ويا آهن جي آهن، جناب محمد ابراهيم جويو شيخ اياز رشيد ڀٽي ۽ اسان جو ڏيپلي وارو ميزبان ميمڻ صاحب. خير هتي ته ٿيون ڇپائيءَ جون غلطيون جي درگذر ڪري سگهجن ٿيون.

ناول نگاريءَ لاءِ مون ائين ڪڏهن به نه چيو آهي ته ناول رڳو هندن لکيا. شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ، جناب خليق مورائي صاحب، جناب عبدالسلام ميمڻ صاحب ۽ جناب محمد عثمان ڏيپلائيءَ ڪي انهيءَ ميدان ۾ ڪيئن ٿا وساري سگهون. هتي هندن جو ته ڪو سوال ئي ناهي. ڳالهه ته سنڌ، سنڌين ۽ سنڌي ادب جي آهي. مون صرف ائين چيو هو ته ناول نگاريءَ ورهاڱي کان اڳ ڪافي ترقي ڪئي هئي ۽ ورهاڱي کان پوءِ گهٽجي وئي، سائنسي ۽ تحقيقي ادب جي به کوٽ آهي.

اڄ ڪلهه جي افسانوي ادب جي متعلق به قطعي غلط اظهار خياليءَ کان ڪم ورتو ويو آهي مون ته پاڻ ائين چيو هو ته سنڌي افسانوي ادب روزافزون ترقي پذير آهي ۽ منجهس نوان نوان تجربا ۽ موضوع پيش ڪيا وڃن ٿا. البت ائين چيو هئم ته اسان جي ادب ۾ مرض جي نشاندهي ته ڪئي وڃي ٿي پر علاج نه ٿو ڏسيو وڃي

۽ صحيح رهنمائي نہ ٿي ڪئي وڃي. ائين ڪٿي ٿئجي تہ اسان جا اديب اجان صحيح راهہ جو تعين نہ ڪري سگهيا آهن ۽ مونجهارن ۾ آهن.

مئڊم ثميره زرين جو ذڪر آيو آهي تہ اڳو پوءِ مون کي چوڻ ڏيو تہ مان کيس صرف سنڌ جي نہ پر پاڪستان جي عظيم اديبہ سمجهان ٿو. هوءَ پاڪستان جي امرتا پريتم آهي، سندس ادبي خدمتن تي لکڻ جي ڪافي گنجائش ۽ ضرورت آهي.

مون ائين بہ ڪو نہ چيو هو تہ اديبن کي رعايتون نہ ملڻ کپن. هر ڪنهن کي نہ رڳو پنهنجو حق ملڻ کپي پر کين اهڙو ماحول پيدا ڪري ڏنو وڃي جيئن هو علمي ۽ ادبي خدمتون سولائيءَ ۽ اطمينان سان سر انجام ڏيندا رهن. انهيءَ ڏس ۾ ٿي مون پنهنجي عظيم عالمن پير حسام الدين راشدي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهہ ۽ پير علي محمد صاحب راشدي جو ذڪر ڪيو هو. البت مون کان مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، جناب محمد ابراهيم جويو ۽ رسول بخش پليجو ٻئي سنڌ جا قابل فخر عالم ۽ محقق آهن. انهن جو ذڪر رهجي ويو هو. سندن حيثيت عمر ۽ مرتبي جي اها تقاضا آهي تہ کين هر سهولت ۽ خوشگوار ماحول پيدا ڪري ڏنو وڃي. جناب سراج الحق ميمڻ کي جيڪڏهن گهربل سهولتيون مهيا ڪيون وڃن تہ هو بہ ادبي ۽ تحقيقي ميدان ۾ لاجواب خدمتون انجام ڏئي سگهي ٿو ۽ ٿيو ڪين اسان جي عالمن کي اهي سهولتون ميسر ڪري ڏجن جو جوش مليح آبادي ۽ فيض احمد فيض جهڙن عظيم اديبن تہ ٺهيو پر جميل الدين عالي جهڙي اديب کي بہ ميسر آهن.

مون ائين ضرور چيو هو تہ ادبي ڪاوشن جو معاوضو گهرڻ يا وٺڻ سنڌي اديبن جي روايت نہ رهي آهي. اسان کي ان ڏس ۾ بي نياز ٿي، ضمير جي آواز تي لبيڪ چوڻ کپي ۽ خواهمخواه پاڻ کي ادب جو شهيد تصور نہ ڪرڻ کپي.اديب آهي ئي اهو جو عوام سان گڏجي جاڳوڙ ڪري روزي ڪمائي، سندن ضمير جو آواز ٻڌجي ۽ سندن امنگن ۽ جذبن کي صحيح لاڙا ۽ موڙ ڏئي ۽ ساڻن گڏ قدم بہ قدم هلي.

جيتوڻيڪ هلال پاڪستان جون خدمتون لازوال آهن ۽ هينئر تہ روزانو ايڊيشن ڏئي تمام چڱو مواد ڏنو وڃي ٿو مون ائين قطعي نہ چيو هو تہ هلال پاڪستان ضمير جو آواز آهي. سوال پڇيو ويو تہ هڪ صحافي لاءِ ڪهڙيون ڳالهيون لازمي آهن. مون جواب ڏنو تہ صحافيءَ کي عوام جو ۽ پنهنجي ضمير جو آواز ٻڌجڻ کپي، عوامي مسئلن کي اپارڻ کپي ۽ عوامي جذبن ۽ امنگن کي صحيح موڙ ۽ لاڙا ڏيڻ کپن.

مون يونيورسل ٽرسٽ جو اصطلاح ڪم نہ آندو هو پر پٽائي گهوٽ جي سلسلي ۾ يونيورسل ٽرٿ جو اصطلاح استعمال ڪيو هئم. نہ شيخ صاحب جو

پيغام به يونيورسل حيثيت رکي ٿو. شيخ اياز لاءِ مون واقعي چيو هو ته، هو هر دور ۾ ۽ هر رنگ ۾ عظيم آهي ۽ سندس هي شعر پڙهيو هئم ته.

اجا رج مان رڙ اچي ٿي اچي ٿي
متان ائين سمجهين مُئا مور سارا

توهان جو خيرانديش
**جمال ابڙو**
33 ـ جي او آر سنڌ،
باٿ آئليند، ڪراچي
تاريخ 1979 ـ 7 ـ 16

Gul Hayat Institute

# تنقيدي خط

## جمال ابڙو :

ادا سائين! مون پنهنجو پِشُو اوهان طرف موڪليو آهي. اميد تہ پهتو هوندو مون پِشُو بلودادا ۾ شيدو ڏاڙيل کان متاثر ٿي لکيو ڇو تہ انسان جو مقام منهنجي نظر ۾ نهايت بلند آهي. منهنجو پِشُو نہ ڏاڙيل آهي نہ داداگير، پر هڪ سڌو سنئون انسان آهي. آهن تہ اهي ٽيئي۔ هڪڙي ئي ماحول جي پيدائش، پر صرف ان ڪري اسان جي ساڻن همدردي ٿئي ڇا؟ ائين تہ وڏيرو ۾ سيٺ بہ انهيءَ ماحول جي پيدائش آهن. پوءِ انهن کي ولين (Villain) ڪري ڇو ٿو پيش ڪيو وڃي؟ پوءِ اسان جي همدردي وڏيري ۾ سيٺ سان بہ هئڻ کپي! اسين تہ منجهي ٿا پئون! ڇاڪاڻ تہ هڪ انسان مسڪين آهي تنهنڪري هو رحم جي لائق آهي ڇا؟ منهنجي دل اها ڳالهہ نہ ٿي مڃي.

مان پانيان ٿو تہ انسان کي رحم جوڳو ثابت ڪرڻ تيڻ ئي نہ کپي. اها انسان جي توهين آهي. انسانيت جي توهين آهي. انسان نهايت بلند ۾ بالا آهي. هو ويچارو ۾ ڪِين جهڙو نہ آهي. مفلسي کيس ماري نہ ٿي سگهي. انسان جيڪڏهن گندن ۾ اوباسيون ڏئي، شوڪارا پري ڇڙهيون هٽي مري وڃي، تہ ڇئبو منجهائنس انسانيت ڪڏهوڪو مري چڪي هئي.

انسان اهو آهي، جو مفلسي، بيماري، بي علمي ۾ ظلم جي حملن جي باوجود اڳتي وڌي! ڏسڻو آهي تہ اهي رنڊڪون سندس انسانيت کي ڪيترو جرڪائين ٿيون. پوءِ انسانيت جي واڌاري جي راهہ ۾ جيڪي رنڊڪون آهن، تن کي پاڙئون پٽيندي، ڪو خون ڏيئي مئو تہ شهيد ٿيو. پر، جي ڪو صرف اڪين مان پاڻي هاري مئو تہ ٻين کي بہ دل شڪستو ڪري مئو. انسانيت کي بدنام ڪري مئو. هُو تہ مرڻ کان اڳي مري چڪو هو! جو مڙيو سو بہ مئو ۾ پڙ ڪريو. مون انهيءَ ڪري پِشُو پيش ڪيو. خبر نہ آهي ڪيتري قدر موضوع کي نباهي سگهيو آهيان. اسين اڃان سکون پيا. ڇئي نہ ٿو سگهجي تہ اهو موضوع ڪيتري قدر صحيح آهي، يا منجهس ڪيتري قدر سڌاري جي گنجائش آهي.

ائين نہ آهي تہ شيدو ۾ بلو دادا ڪو گهٽ آهن. سنڌي افسانوي دنيا جا شاهڪار آهن. شيدو ۾ سندس ماحول جو نقش نهايت فنڪارانہ طرز تي پيش

ڪيو ويو آهي. لڪندڙ جي زنده دلي ۽ احساس جو ثبوت آهي. ٻولي ته لاجواب آهي، پر افسانو پڙهڻ کان پوءِ ائين ٿو ڀائنجي ته انسانيت سڪرات ۾ آهي ۽ حيوانيت ڪلي رهي آهي. شايد آئون غلط هجان. ڏسجي ٿو ته هيءَ هڪ اختلافي مسئلو آهي .

## محمد ابراهيم جويو :

ڀاءُ جمال ! بلو دادا ۽ شيدو ڌاڙيل جي باري ۾ جيڪي نڪتا اوهان ظاهر ڪيا آهن، انهن جو تت اوهان جي هن جملي ۾ اچي وڃي ٿو ته "افساني پڙهڻ کان پوءِ ائين ٿو ڀائنجي ته انسانيت سڪرات ۾ آهي ۽ حيوانيت ڪلي رهي آهي!" اوهان انهن افسانن مان جيڪڏهن اهو تاثر ورتو آهي ته اوهان برابر ٿي سگهو ٿا. پر منهنجي خيال موجب، افسانن جي جملي تاثر جو فقط اهو هڪڙو پهلو آهي. ٻئي پاسي، اسان جي هن سماج ۾ حقيقت به اها آهي ته انسانيت تي حيوانيت جو غلبو آهي. پوءِ انهيءَ حقيقت جو اظهار جيڪڏهن افساني نگار، فني نقطه نگاهه کان ڪاميابيءَ سان پيش ڪري، ته اهو افسانو منهنجي خيال ۾ ڪامياب افسانو چئي سگهجي ٿو. مختصر افساني جي هڪ خصوصيت آئون سمجهان ٿو ته ان ۾ زندگيءَ جو ڪو به هڪ پهلو ڪا به هڪ حيثيت پيش ڪئي وڃي، ۽ ان ۾ سماجي ڪيفيتن ۽ پس منظر کي اثرائتي انداز ۾ اڀاري پڙهندڙن جو ڌيان ان جي اصلي حقيقت ڏانهن ڇڪايو وڃي. ڪامياب افساني جي هرويرو اها خصوصيت ڪانهي ته ان ۾ پيري پيري سان انسان جو اعليٰ مقام پڙهندڙ وٽ ثابت ڪيو وڃي يا نتيجي طوران ۾ انسانيت ۽ نيڪيءَ جي فتح، ۽ حيوانيت ۽ بديءَ جي شڪست ئي ڏيکاري وڃي. اهڙي قسم جا افسانا ته شايد فني نقطي نگاهه کان به ٿورا ڪمزور ٿيا، ته متن تبليغي افسانن، يا قديم ناصحانه آکاڻين هئڻ جو الزام مڙهجي ويندو. حيوانيت جو ڪلڻ ۽ انسانيت جو روئڻ، اڄوڪي سماج جون تلخ حقيقتون آهن. جيڪڏهن انهن حقيقتن کي پيش ڪندي، پڙهندڙ جي دل ۾ حيوانيت ڏانهن نفرت، ۽ انسانيت لاءِ عزت ۽ محبت جو رد عمل هڪ افساني نگار پيش ڪري سگهي ٿو ۽ ساڳي وقت پڙهندڙ کي جيڪڏهن انهيءَ الٽي گنگا جي اصلي حقيقت ۽ ماهيت، يعني ان جا ڪهڙا سبب آهن؟ ۽ زندگيءَ جي اها مخصوص حيثيت، جنهن کي چٽيو ويو آهي، تنهن جي سچي سماجي پس منظر ۾، اصل جڳهه ڪهڙي آهي؟ جيڪڏهن انهن ڳالهين تي افساني نگار روشني وڌي آهي، ته منهنجي نظر ۾ اهڙن افسانن کي ڪامياب افسانا چئي سگهجي ٿو.

اوهان کي معلوم آهي ته آئون لکي ڪو نه ڄاڻان. ڪڏهن به ڪو افسانو ڪونه لکيو اٿم. شاعر ڪو نه آهيان: نندپڻ کان سواءِ ڪڏهن به ڪو شعر ڪونه

چيو اٿم. سو جيڪڏهن مٿين ڳالهين کي اوهان ڪو بہ وزن نہ ڏيو بلڪ انهن کي غلط سمجهو تہ اوهان هر طرح حق بجانب ٿي سگهو ٿا.

## رسول بخش پليجو:

سائين! مهراڻ جي هلندڙ سال جي پهرين اشاعت ۾ شايع ٿيل جمال ابڙي جي افساني پشُو پاشا کي پڙهڻ جو موقعو مون کي ڇپجڻ کان اڳ لاڙڪاڻي ۾ مسودي جي صورت ۾ پڙهڻ نصيب ٿيو هو. ۽ افساني جو بيباڪ روح، انوکو موضوع ۽ دل لڀائيندڙ عبارت ۽ ٻولي بيحد پسند آيا هئم. ساڳيءَ اشاعت ۾ جمال ۽ اوهان جا دلچسپ خط بہ شايع ٿيا هئا، انهيءَ ڪري ايندڙ افساني جو منتظر هوس تہ من دوست افساني يا خطن تي تبصرو ڪن. پر ڏٺم تہ ڪنهن بہ ايڏانهن پورو توجهہ ڪو نہ ڏنو. آئون شايد جمال جي فن جي پهرين پرستارن مان آهيان، ۽ شايد آئون ئي پهريون پڙهندڙ هوس، جنهن سندس پهرئين افساني کي پڙهي، هن اڳتي هلي مشهور ٿيندڙ سنڌي افساني نگار کي خط لکي خراج تحسين ڏنو هو. ان بعد هن صاحب، منهنجي درخواست تي، مون کي پنهنجا بهترين افسانا پيراڻي ۽ خميسي جو ڪوٽ، صداقت لاءِ عنايت ڪيا. مون کي ٻن سنڌي فنڪارن جي فن تي تفصيلي طور لکڻ جي زبردست تمنا رهندي آئي آهي، اياز ۽ جمال. مون کي آرزو آهي تہ ڪنهن ڏينهن پنهنجي وطن وارن کي سندن گودڙيءَ جي هنن لالن جي صحيح قدر ۽ قيمت ڪٿي ٻڌائي سگهان. خير! اڄ ڪيترن ڏينهن بعد جمال جي هڪ تخليق تي ڪجهہ چوڻ جو موقعو مليو آهي. ستم هي آهي، جو سوچيان وينو تہ هن دفعي جيڪي مون کي لکڻو پوي ٿو، سو ڪو پيو لکي ها تہ چڱو!

پشُو پاشا جو مقصد هڪ اهڙو مثالي ڪردار پيش ڪرڻ آهي، جو نہ فقط اسان منجهان ۽ اسان جو هجي، پر ساڳئي وقت اسان جي حالت مان ڇوٽڪارو ڏياري ۽ اسان جي آسن ۽ اميدن کي حقيقت ۾ بدلائي ڏيکاري. ان جو مقصد، سماج جي غير انساني ماحول ڏانهن اشارو ڪرڻ جي بدران، ان کي عمل ۽ جدوجهد جي وسيلي بدلائڻ ۽ ختم ڪرڻ جي راهہ ڏيکارڻ آهي. پشُو پاشا عوام جي ڪامياب جدوجهد جي ڪهاڻي آهي.

اچو تہ ڏسون تہ پشُو پاشا جو هيرو ڪهڙين مثالي وصفن جو مالڪ آهي، ۽ هو ڪهڙن وسيلن سان پنهنجي مقصد کي پهچي ٿو؟ اچو تہ ڏسون تہ افساني ۾ اسان کي ڪهڙي قسم جي عملي جدوجهد جي دعوت ڏنل آهي؟

"پشُو قدرت جي اڻ گهڙيل تخليق هو . . . ڏسندي، ڏسندي جوان ٿي ويو تہ بہ جهڙو ٻار! ڪنهن کي ڇڪ، ڪنهن کي رهڙ. پيو اچلون ڏيندو ۽ چلڪندو! رحمدل بہ هڪڙو ئي هو!" ويندي توڙ تائين، سندس ڪردار ۾ اها جذباتي چلولائي ۽ هلڪائي نظر اچي ٿي. سندس سياسي فهم ۽ تدبر جو ثبوت سندس

لنبين ناٽڪي تقريرون کان سواءِ ٻيو ڪو نہ ٿو ملي. سندس موجوده دور جي حقيقتن جي ڄاڻ جو عالم اهو آهي، جو پُڇيا نہ ڳاڇا. سڏو وڃي هڪ اڻ ڏٺل وائٽل سيٽ کان قرض گهريو اٿس ۽ هن جي نہ ڏيڻ تي مچرجي پيو آهي، ۽ بنا پئسن جي وڪيل ٻڌڻ ويو آهي! سياسي تنظيم جو ذڪر ئي فضول آهي.

سندس انقلابي بنجڻ جو سبب بہ دلچسپ آهي. ڳوٺ جي وڏيري کي سندس ڇلولايون پسند نہ ٿي آيون؛ باقي جو ڪيس پنهنجي ڌيءَ سان عشق ڪندو ڏٺائين، سو ڪاوڙجي پيو. تنهن تي اٽبڻت ٿي پيئي، ۽ وڏيري هن کي ڇڏي وٺي پين اوڙي پاڙي جي ماڻهن تي ظلم ڪرڻ شروع ڪيا. تنهن تي سمورن ماڻهن پِشُوءَ سان ملي جدوجهد ڪئي، ۽ نيٺ فتح پاتائون. يعني وڏيرو پنهنجي ڌيءَ سان عشق ڪرڻ جي اجازت ڏي ها تہ انقلاب جي نوبت ئي نہ اچي ها.

بهرحال، فقط وڏيري جي ختم ٿيڻ جي دير هئي، اک ڇنڀ ۾ خوشين ۽ راحتن جي بارش ٿي ويئي. سواءِ غلطين ۽ ناڪامين جي، جڻ ڪنهن اسم اعظم جي ڦيٽي سان راتو واهہ صدين جون لعنتون، قديم عادتون، رسم و رواج جون پيڙهيون ۽ اقتصادي پَستيون الائي ڪيڏانهن غائب ٿي ويون.

مطلب تہ پِشُو پاشا مان پڙهندڙن تي اهو اثر ٿو ويهي تہ ملڪ جي نظام بدلائڻ لاءِ صرف هڪ ڇيڳري، جهنگلي، الڙ ۽ ضدي پهلوان جي ضرورت آهي، جو ڪنهن من موهڻيءَ نازنين جي عشق ۾ نوڪر ڪاٽي، بغاوت تي آماده ٿي وڃي، ۽ پوءِ زور دار تقريرن سان قوم کي ميدان جنگ ۾ آڻي بيهاري! سياسي تنظيم، اقتصادي ۽ سياسي نظرين ۽ تحريڪن جي بڪيڙن ۾ پوڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي.

ظاهر آهي تہ هن قسم جي ماڻهوءَ کي پنج سو سال اڳ ڪيڏي بہ عزت سان ڇو نہ ڏٺو وڃي ها، پر ڪم از ڪم اڄوڪي دور جي پيچدار مسئلن ۽ تاريخي مقصدن لاءِ هيءُ ماڻهو ڪنهن بہ صورت ۾ هڪ فلمي ڊائڪٽر کان وڌيڪ ڪارآمد ثابت نہ ٿو سگهي. در حقيقت اڄوڪي دور کي هُنن 'ممتاز دمسازن'، 'جانعالمن' ۽ 'حاتم طائين' جي نہ، پر آزمايل سائنسي ۽ اقتصادي نظرين سان هٿيار بند جاندار تحريڪن ۽ زندگيءَ جي ڪوري ۾ تپي ڪندن ٿيل دانشور ۽ دانا مجاهد رهنمائن جي ضرورت آهي، جي تاريخ جي نبض کي سڃاڻندا هجن ۽ ان جي هيناهينءَ متاهينءَ کان واقف هجن. مطلب تہ پِشُو پاشا ۾ موجوده دور جي حقيقتن ۽ پيچدار تقاضائن کان ڀڄي، خيال پرستي ۽ افراد پرستيءَ جي قديم غارن ۾ پناهہ ورتل آهي.

افسانَي جي عبارت ۽ ٻولي نهايت حسين ۽ لطف ڀري آهي، ۽ واقعات نگاري بيحد ڇيندڙ آهي. مجموعي طور افسانو هڪ دليريءَ واري ڪوشش آهي، جا

ناڪام ثابت ٿيڻ جي باوجود يقينن نين ۽ اڳي کان وڌيڪ ڪاميابين جو پيش خيمو ثابت ٿيندي.

'پِشُو پاشا' هڪ خاص ادبي ۽ ذهني لاڙي جي چغلي هڻي ٿو جنهن لاءِ ڪو نالو بہ رکيو اٿن. پر متان "ڪتر ملپٽي" جي الزام هيٺ اچان. تنهنڪري رڳو اِن حقيقت ۽ جنهن پس منظر جي اهو پيدائش آهي. تنهن بابت بہ اکر لکڻ تي صبر ڪريان ٿو.

وچولي جاگيرداريءَ جي زماني ۾ جڏهن عام انسان سلطانن، خليفن، بادشاهن ۽ شهنشاهن جا تَڪن ورتل ٻانها ليکيا ويندا هئا. ۽ سندن بهتر زندگيءَ جي خوابن جي سچي ٿيڻ جي ڪا صورت ڪا نہ هئي، تڏهن اديب پنهنجي اميدن ۽ آرزوئن جو اظهار ڪرڻ لاءِ 'حاتم طائي' ۽ 'امير حمزي' جهڙن ڪردارن وسيلي، 'بوقلمون' جهڙن جادوگرن جي جادوءَ جي ڪوتن کي ڪيرائي جذباتي تسڪين حاصل ڪندا هئا. ان بعد، جنن پرين کي ڇڏي متئين اميرزادن ۽ اميرزادين جي عشق جي داستانن لکڻ جو رواج پيو. اهڙيءَ طرح اديب پنهنجي روزمره جي زندگيءَ کان پڇي، خيالن جي ڪاڪ اڏيندا رهيا.

17 صديءَ جي آخر ڌاري، نيٺ اديبن پنهنجي ماحول تي نظر ڊوڙائي، ان مان پنهنجا موضوع وٺڻ شروع ڪيا. تان جو انگلنڊ ۾ چارلس ڊڪنس، فرانس ۾ ايمل زولا، ناروي ۾ ڊسن، جرمنيءَ ۾ ٿامس مٽن، روس ۾ ترگنيف ۽ چيخوف وغيره جهڙن اديبن عوام جي زندگيءَ کي حقيقت پسنديءَ سان فن جي قالب ۾ آڻڻ جي هنر کي معراج تي پهچايو.

ادب جو نئون دور انقلابي حقيقت نگاريءَ سان شروع ٿيو. جنهن نہ رڳو ماحول جي ڀيانڪ پهلوئن کي پيش ڪيو. مگر ان جي روشن امڪانن کي پڻ اجاريو ۽ ڏيکاريو تہ انسانيت ڪيئن ڳنڍين نالين، ڪراهت جهڙين واٽن، خطرناڪ ڀيڇرن ۽ اٽانگين لاهين چاڙهين مان لنگهندي ٿڙندي ٿاٻڙندي، ڪڏهن منهن ڀر ڪڏهن ڀيرن ڀر، ڪڏهن تکي تہ ڪڏهن ڍري، اٽر يقين سان، روشن مستقبل ڏانهن وڌي رهي آهي.

جيئن تہ هن دنيا جي اديبن کي زندگيءَ تي مڪمل ڀروسو آهي، تنهنڪري هنن ان جي اونداهين گهٽين ۽ تهخانن توڙي روشن شاهراهن کي بي خطر پيش ڪيو. انهيءَ ۾ ڪين سندن اٽل ڀروسي سان گڏ سندن حياتيءَ جي حيرت انگيز ۽ ڳوڙهي ڄاڻ بہ زبردست مدد ڏني.

جڏهن اڌ ـ پڪن ۽ تجربو ڪندڙ قلمن انقلابي حقيقت نگارن جي پيرويءَ جي ڪوشش ڪئي، تڏهن زندگيءَ جي ڳهري پروڙ جي گوشت يا فن جي سٽپ جي گهٽتائيءَ ڪري، سندن تخليقات جو ڪاڏو يا تہ پنڙي مني رب تي پيئي يا وري مرچن جو ڪاڙهو! رڳو اميد جي مناڻ يا غم جي مصالحي تي ياڙيندڙ

اديب، اهڙيءَ طرح، پنهنجي تجربي ۾ بريءَ طرح ناڪام ٿي، يا ”نظرين“ تي ڪاوڙ ڇنڊڻ يا پڙهندڙ جي رجعت پسنديءَ جو ماتم ڪرڻ لڳا.

اسان جي سنڌ جا اڪثر اديب وچولي طبقي جا ملازم آهن، جن کي عام زندگيءَ جي سڃين پڃين، ڪڙين توڙي مٺين حقيقتن جي خير ڪا خبر آهي. هنن جي ڄاڻ جو دارومدار گهڻو ڪري ڪتابن ۾ پڙهيل ادبي ”فارمولائن“ تي آهي، جيڪي مڪاني حالتن سان هرويرو نهڪي نه ٿيون اچن. اسان جا دوست لائبررين جي زور تي، ’ها ورڊ فاسٽ‘ ۽ ’گورڪي‘ ٿيڻ جي ڪوشش مان آخر ڪڪ ٿي، زندگيءَ ڏانهن مڙيا ! مگر هتي جي زندگيءَ ۾ ڪاميابي انقلاب ۽ بيداريءَ جا چين ۽ يورپ جهڙا نمونا نه ڏسي، هنن ڪاوڙ مان سنڌ جي حقيقي ”هيروئن“ کي ڏيهه نيڪالي ڏيئي پنهنجا خيالي هيرو بنائڻ شروع ڪيا آهن. وچولو طبقو جو هميشه مٿئين ۽ هيٺئين طبقي جي وچ ۾ ٽنگيل رهندو آهي، سو هونئن به اڪثر انتها ـ پسند ٿيندو آهي.

ظاهر آهي ته اسان جي خاص تاريخي حالتن سبب اسان جو هيرو هن دور ۾ مڪمل ۽ ڇٽيءَ طرح ڪامياب ٿي سگهي ئي نه ٿو. جو ته جڏهن عوام ئي فاتح ڪونهي، تڏهن ان جا نمائندا ڪيئن فاتح ٿيندا ! پر ان جو مطلب اهو ڪونهي ته اسان جو هيرو اخلاقي طور به ڪامياب نه ٿئي، هر هنڌ شڪست کائي، هر منزل تي ٺوڪر کائي، يا اڳتي قدم اصل نه وڌائي يا ٻئي پاسي مُردار طاقتون وقار نه وڃائين ۽ ناڪام نه ٿين؛ پر شرط هيءَ آهي ته انهن کي پيش ڪندي، ترت ڪاميابيءَ جي حرص ۾ حقيقتن جي زمين تان پير نه کڻي ڇڏجي.

## جمال ابڙو (جواب ۾):

ادا سائين! اوهان جو خط مليم.

افساني ۾ عام طرح به پهلو ٽين ٽا: هڪ ماحول ٻيو ڪردار. منهنجي سمجهه ۾ ماحول برو ٿي سگهي ٿو پر ڪردار نه. ائين برابر آهي ته ظاهر انسانيت روئي پيئي ۽ حيوانيت کلي پيئي. پر ڇا اها حقيقت نه آهي، ته انسانيت جو روئڻ ڪارنهن کي ڏوئيندو پيو وڃي، يا ائين کڻي چئجي ته انسانيت اڄ ڪلهه آويءَ ۾ آهي، جتان ضرور جرڪي نڪرندي، سڙي ڪانه ويندي. حيوانيت کلندي کلندي وڃي ڪڏ ۾ ڪرندي ۽ انسانيت روئندي اوجل ٿي ويندي.

پوءِ جيڪڏهن افساني ۾ ”ماحول“ کي مقدم رکيو ٿو وڃي، ته انهيءَ لاءِ ته پلي ڪيس اٿلائي پٿلائي، ڇيري ڦاڙي خوب نشانو بنائجي؛ پلي ڏيکارجي ته ڪيس پنهنجو ئي گهڻو کائي رهيو آهي. اسان جي سنڌي ادب ۾ اهڙا افسانا لکجن پيا. انهن ليکڪن بيشڪ کيرون لهڻيون. کين مبارڪ هجي.

جڏهن ”ڪردار“ ڪي افساني ۾ مقدم رکيو ٿو وڃي، تڏهن چئڻ ته ڪنهن بنه نازڪ شيءِ کي ٿو هٿ لائجي. افساني ۾ جذبن جو ڊهڻ ۽ ڪِرڻ، بيوس ۽ بي حس ٿيڻ، سُن ٿي وڃڻ، ڇتو ڇريو ٿيڻ، ڏڪار ۽ نفرت جو اپرڻ يا وري پڇڻ ۽ جرڪڻ، نهايت حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهيون آهن. جيڪڏهن اسان جو ڪردار ڊهي ٿو پوي، سُن ٿي ٿو وڃي، بيوس ۽ بي حس ٿي ٿو پوي، ڇتو ڇريو ٿو ٿئي يا ڏڪار ۽ نفرت ٿو ڪري ۽ بس، ته ڇٽبو ته اهو ڪردار به ماحول جو نشانو ٿي ويو. ان افساني ۾ به ماحول مقدم رهيو نه ڪردار. اهڙو افسانو به پهرئين قسم جي افسانن ۾ اچي ويو. اها ئي گندي ماحول جي گندگي ظاهر ڪئي وئي. پر ادا سائين، نيٺ ڪيستائين اسان ماحول جي شڪايت ڪندا رهنداسين؟ ڪيستائين ماحول اسان جي ڪردارن کي نشانو بنائيندو رهندو؟ ڪيستائين حيوانيت ڏند شيڪيندي رهندي؟ ڪيستائين اسان جا ڪردار ميڪ ميڪ ڪندا رهندا؟ ڇا اڃا اهو وقت نه آيو آهي، جو پيار ۽ محبت، پورهيو ۽ محنت، ماٺهو ۽ ماڻهپو اڳتي وڌن ۽ ڇائنبا وڃن؟ جي اڃا نه آيو آهي ته ڪڏهن ايندو؟ جڏهن جنازو ڪڍندو؟ جنازو به حيوانيت جو ڪڍندو. انسانيت زنده رهندي. وقت آيو آهي جڏهن اسان جا ليکڪ ڪردار کي ماحول جو نشانو نه بنائين. انسانيت کي مظلوم ۽ قابل رحم نه بنائين. اهي ڪردار چونڊين، جي ماحول کي مٽائين، دهل جي ڏونڪي تي ٻڌائين ته انسانيت ۾ اهي قوتون لڪل آهن، جو جوالا بنجي حيوانيت کي جلائي ڇڏينديون ۽ زمين جي سطح تي ماڻڪ ۽ موتي پٽاري ڇڏينديون. پيو نه ته پلا اهو ته ٻڌائين ته انهيءَ گندي ڦيڦي ماحول جي اڌ ۾ اها باهه پريل آهي، جا پاڻهي سندس پيٽ ڦاڙي رکندي. من ائين ڪجهه اميد جا پيغام پهچائين.

ها ائين آهي ته ائين ڪرڻ لاءِ فني پختگي کپي. پر رڳو فني پختگيءَ لاءِ منزل ته ڪانه وڃائبي، اهو هر ڪنهن ليکڪ تي مدار آهي. اسين سڀ پانڌيئڙا آهيون، ڪچا آهيون، پر نيٺ انهيءَ پختگيءَ کي ڳنڍڙ ڪان جهليندا سين. اڄ نه ته سڀاڻي. اسين نه، ته ٻيا.

انهيءَ ڏس ۾ ”پشُو“ منهنجي پهرين ڪوشش آهي. مڃان ٿو ته منجهس اها پختگي ڪانهي. شايد ڪجهه مصنوعي به لڳندو هجي، پر اميد اٿم ته هوريان هوريان مان ۽ منهنجا ٻيا همسفر سڌرندا ويندا سون.

## شيخ حفيظ:

ياڻو! مهراڻ جو پنجون پرچو مليم. پڙهيم.

”جاڳ پٽائي گهوٽ، سنڌڙي تي توکي سڏيا!“ جهونگاربندي پوري ٺماهي گهاري اٿم. وساري نٿو وسري. گيت پڙهيم ”ديپڪ“ دل ۾ آگ لڳائي. نظم

پڙهندي " موهن جي دڙي حال" مان ڪيڏي بي حال ڪري ڇڏيو. مضمونن ۾ "رس ياوَ" مان جيڪو رس مليو، تنهن چت ۾ اڄ بہ ڦُوڪڙيون پئي ڏنيون آهن. ۽ افسانن ۾ پِشُو پاشا پڙهي، سڄا سارا ٽي مهينا ويچار ڪندو رهيو آهيان.

ادا، مهراڻ جي پنجين پرچي جي خصوصيت آهي جمال ابڙي جو خط . بيئل سانتيڪي پاڻيءَ ۾ هن بار ڦوڙا اڇلائي، ڇوليون ڇلڪائي ڇڏيون آهن. لکي ٿو "مون پِشُو پاشا بلو دادا ۽ شيدو ڏاڙيل کان متاثر ٿي لکيو آهي!" هي لفظ آهن "شاهہ جي ڦر" جي خالق جا ! منهنجي خيال ۾، مهراڻ ۾ هن وقت تائين جيڪي افسانا پيا آهن، تن ۾ "شاهہ جو ڦر" سڀ کان سٺو آهي. ائين ڪٿي چوان تہ گذريل ٻن ڇئن سالن ۾، سنڌ اندر سنڌي زبان ۾ جيڪي افسانا لکيا ويا آهن، تن ۾ هيءُ بهترين آهي. پر تنهن هوندي بہ جمال "بلو دادا" ۽ " شيدو ڏاڙيل" کان متاثر ٿو ٿئي، سو ڇو؟ اهو هڪ سوال آهي، جنهن جو جواب جيتوٽيڪ آئون پاڻ ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس، پر تنهن هوندي بہ، توهان کي خواهہ ياءُ جمال کي عرض ڪندس تہ انهيءَ سوال جو جواب اوهان بہ سوچيو ۽ ڏيو.

سڀ کان پهرين تہ اسان کي اهو جاچڻ جڳائي، تہ آخر "شاهہ جو ڦر" ۽ "شيدو ڏاڙيل" ۾ فرق ڪهڙو آهي؟ ڇو تہ جيڪڏهن اسان انهيءَ فرق کي سمجهي سگهون تہ پوءِ اهو بہ سمجهي سگهنداسين تہ اها ڪهڙي ڳالهہ آهي، جيڪا "شاهہ جو ڦر" جي خالق کي " پِشُو پاشا" لکڻ تي مجبور ڪري ٿي. منهنجي خيال ۾ ائين ڪرڻ لاءِ، بهتر ٿيندو تہ انهيءَ ڏس ۾ جمال جي پنهنجي اعتراف کي آڏو رکي، اسان" بلو دادا" کان "پِشُو پاشا" تائين، سنڌي افساني جي ارتقا جاچي وڃون.

پهرين پهرين اياز قادريءَ "بلو دادا" پيش ڪيو مون کي ياد آهي تہ اياز قادريءَ سنڌي ادبي سنگت ۾ افسانو پڙهڻ ويل، اهو اعتراف ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو تہ اهو افسانو اردوءَ جي مشهور افسانہ نگار منٽو مرحوم جي افساني "ممو دادا" کان متاثر ٿي لکيو آهي. سچ پچ جيتوٽيڪ اياز قادريءَ جو افسانو منٽو جي مٿي بيان ڪيل افساني کان بلڪل مختلف هو پر تنهن هوندي بہ ان ۾ منٽوئيت پئي جهلڪون ڏئي. بلو دادا ڪٿي بہ تہ ڪو گُٽو ڪم ڪين ٿو ڪري، بس جانگيان مڪرانيءَ جي ڪٽٻن جي ڪنڌ ۾ چانهہ جو ڪوپ وينو چاڙهي. تصور ۾ ائين ٿو اچي، ڄڻ هڪ تياڳي وينو عمر خيام جي ڪارباعي جهونگاري، يا وينو چوي:

اسان تي الزام آندا جڳ جيئڻ جا،
جن جي روز جواب ۾ جرڪيا منهنجا جام،
الا ! ڪڏهن عام رسندا منهنجي روح کي؟

گهر ڪو نه. گهاٽ ڪونه. لَڏ ڪانه. مڏي ڪانه. تن تنها يار وينو وڄه واڄهائي ته ڪنهن پر هن ڪل جڳ جو مانڊاڻ مٿي رکي. يار ڪيو اٿس، سو به هڪڙو ماستر. ڳالهين ڳالهين ۾ ماستر سان پنهنجي روح جا راز سليندو اچي. جڻ چوندو هجي، "يلارا سائين! هيءُ منهنجا احساس انهن آئيندي جي ابن ڏاڏين پهچائي ڇڏج. جن کي تون پاڙهين ٿو!" مڄجي ٿو ته بلو دادا ماستر سان سنگت کو ڄاڻي ٻجهي ڪين رکي هوندي. پر هت بلودادا جو ڪردار اهڙو ڇٽيل آهي، جڻ جسم اٿس ئي ڪين. رڳو هڪ روح آهي، جنهن جي هر ادا مان انسانيت جي نيڪ ۽ پاڪ جذبن جي جهلڪ پيئي جهلڪي. اهڙي صورت ۾ ماستر سان سنگت مان به جيڪڏهن اهڙو انومان ڪيجي ته غلط ڪين ٿيندو.

هر حالت ۾، اڪيلو "بلو دادا" ڪري ڪجهه به ڪين سگهي ۽ ڪاري پهاڙ جهڙي بلڊنگ ۾ رهندڙ زهريلي نانگ جهڙي سيٺ هن کي مڪران موڪلرائي ڇڏيو ۽ اياز قادري پنهنجي يار لاءِ ويڳاڻو ٿي ويهي رهيو.

ان بعد رباني ءَ جو شيدو ڏاڙيل نڪتو. رباني ءَ کي شايد "بلو دادا" جو سڪوت ڪين وڻيو! شايد هن چاهيو ته جيڪر بلو دادا کي شيدو ڏاڙيل بڻائي ڪائنس اهڙو ڪم ونجي جو چوڏاري شيدو ڏاڙيل پيدا ٿي وڃن. ۽ هي مانڊاڻ مٽجي پوي. ان جي افساني جي ڇپجندي، انهيءَ کي ور ور ڪري دوستن جي دائري ۾ بحث لاءِ پيش ڪيو ويو ۽ عجيب عجيب قسم جا رايا ظاهر ڪيا ويا. اهي بحث اڃا اڌ ۾ هئا ته "شيدو ڏاڙيل" ڇپجي آيو. سنڌي ماحول، سنڌي ڪردار ذري گهٽ سچي ڪهاڻي، رڙمچي ويئي، سيني چيو واهه! پر جيڪڏهن انهيءَ واهه کي ٻڌي، لکندڙ ويهي رهن ته سندن دلين مان وهندڙ نالا سڪي ٻٺ ٿي پون. دوستن جي ذاتي دائري ۾ "شيدو ڏاڙيل" تي جيڪا ٽيڪا ٽپڻي ٿي، سا انهيءَ کان بلڪل مختلف هئي، جيڪا رسول بخش پليجي اوهان کي لکي موڪلي هئي. رباني ءَ کي "بلو دادا" سان اها شڪايت هئي ته هڪ ته اهو ڪردار رڳو ڪراچيءَ جي ڪئبنن تي ويهي پئي سگهيو ۽ ٻيو ته نهايت ساڪت هو. رباني ءَ انهن ٻنهي ڳالهين کي خيال ۾ رکي، شيدو ڏاڙيل لکيو. پر سندس ائين ڪرڻ سان، جيڪي خاميون "شيدو ڏاڙيل" جي ڪردار ۾ پيدا ٿي پيون، تن کي جڏهن رباني ءَ جي ڌيان تي آندو ويو ته هو پاڻ به گهبرائجي، چرڪ جي چوهه ۾ ٻي انتها کي پهچي ويو ۽ "بري هن ٻنيور ۾ هيڙا هاڃا ٿين" لکي ڪيائين. هت مختصر طور ايترو ٻڌائڻ ڪافي ٿو سمجهان ته "شيدو ڏاڙيل" ۾ شيدوءَ جو ڪردار نهايت ٻچڙي طرح ڪِري پيو آهي ۽ ان ۾ ڏڳاٽي خان جو ثانوي ڪردار شيدوءَ جي ڪردار تي به چڙهت ڪري ويو آهي. بلڪ ائين احساس پيو ٿئي، جڻ شيدو کو ڪردار ئي ڪين ٿو رکي، ۽ وقت جي ڇولين تي ڇلڪندڙ ڪک پن کان وڌ ڪا حيثيت

سمجهان ٿو تہ انهيءَ سچي وچور مان، اها ڳالھہ ثابت ٿي ويئي هوندي، تہ اسان سنڌين جو سياءُ اهڙو آهي، جو سانتيڪي ڪردار کان اسان متحرڪ ڪردار کي وڌيڪ پسند ڪندا ٿا ڪريون. رباني انهيءَ ڪري "بلو دادا" جي مقابلي ۾ "شيدو ڏاڙيل" ٿو لکي، ۽ جمال انهيءَ ڪري ٿي "شيدو ڏاڙيل" ۽ "بري هن پنيور ۾ هيڙا هاڃا ٿين" کي ڏسي "پِشُو پاشا" ٿو لکي. اهو آهي عام لاڙو اسان سنڌي ليکڪن جو.

هاڻي سوال ٿو اٿي تہ اسان سنڌي انهيءَ ڍنگ ۾ ڇو ٿا ويچاريون؟ ياڻو مون انهيءَ تي گهڻو ويچاريو آهي. ڇئي نہ ٿو سگهان تہ ڪيتري قدر صحيح فيصلي تي پهتو آهيان، پر تنهن هوندي بہ جنهن فيصلي تي پهتو آهيان، سو دوستن آڏو رکڻ ضروري ٿو سمجهان.

منهنجي خيال موجب، انهيءَ لاءِ سنڌي سماج جي ذهني ارتقا گهڻي ڀاڱي جوابدار آهي. آخر اسين ليکڪ بہ تہ انسان آهيون. اٿين ڪيئن ٿي سگهندو تہ پنهنجي ماحول کان متاثر نہ ٿيون؟ ڪڇيءَ کان امڙ ڪنن ۾ وڌو تہ جڏهن رڇ ۾ رلبو آهي تہ خضر اچي دڳ لائيندو آهي! جيئن وڏا ٿيندا وياسين تہ عجيب عجيب شخصيتن جا عجيب قصا ٻڌندا رهياسين. هاڻي حالت اها آهي، جو گھر پيو سڙيئون، ڏينگو پيو ڏيري ٿٽيئون، اگر تگر پيو لتجي، پر ويٺا آهيون انهيءَ اکر تي تہ اجهو نو لکن پيرن مان هڪڙو پاسو ٿو ورائي ۽ سالن جا سور پلڪن ۾ لاهي. نہ اهڙو ڪو پير اٿندو ۽ نہ اسان جو ڪو بلو پيٽي ٿيندو. سو توهان بہ چاڻو ٿا تہ آئون بہ سمجهان ٿو. جن پاڻ گهوٽي تن ڪالھہ پيتي، اڄ بہ پين پيا ۽ سيان پڻ پيئندا. سا ڪل لڪل حقيقت ڪانہ آهي. پر تنهن هوندي بہ رباني جي رڳ تي ڦڙڪي، تہ ڀيو ڪو پير فقير نہ ڏسي، جهليو شيدو ڏاڙيل کي، آڻيو پڙ ۾ پيو بيهاري. جمال ابڙو ڏسي ٿو تہ نہ ڪو ٻيلي، هن يار بہ پوتو ڪين ٻاريو، سو پِشُو پاشا ڪڍيو گهڙي. مطلب تہ هي نوان پير، نوان خضر پيا گهڙجن، جيڪي ڪرامتن جا ڏٽي تہ ڪين آهن. البت هڪ نہ ٻي ذات اهڙي ڪنيو اچن، جيڪا هزار ڪاني ڪرامتن جو مٽ ٿيو پوي، ۽ اهڙيءَ طرح ليکڪن جون سِڪون پوريون، ٿيو پون، ۽ پڙهندڙن لاءِ آفيم جي خمارن جهڙي موج مهيا ٿيو پوي.

پر ياڻو اها حقيقت پنهنجي جاءِ تي ٿي رهي تہ جهڙي طرح قبرن ۾ ستل پير، قيامت تائين پاسو ورائي ڪين سگهندا، تهڙيءَ طرح شيدو ڏاڙيل ۽ پِشُو پاشا بہ ڪجھہ ڪين ڪري سگهندا. اسان جو سنڌي سماج اهڙي دور مان گذري رهيو آهي، جتي ڪردار ڪڏهن بہ پنهنجو ڪردار (role) ادا نہ ڪري سگهندا، جيڪو جمال ۽ رباني چاهين ٿا. بلو دادا تہ رڳو ڪراچيءَ جهڙي شهري ماحول ۾ اسري سگهي ٿو.

هاڻي سوال اهو ٿو اٿي ته تڏهن پلا سنڌ ۾ ڪهڙو ڪردار اٿي، پاڻ موڪائي سگهي ٿو؟ پائو، منهنجو خيال آهي ته سنڌ ۾، جيڪڏهن ڪو ڪردار اٿي سگهي ٿو ته اهو آهي "مريم" جو! جيتا مڙي ننيڙي، مکڙي سمان نازڪڙي، نه اٿس ڇل نه ڦند ۽ مستن جيان نعرو پئي هڻي، "ماما!" ڪير شاهه جو ڦر آهي، يا گدا جو؟ هن کي انهيءَ جي پرواهه ئي ڪانه آهي. پلا جهليس ته ڪو مڙندي؟ اصل نه، سائين! اصل نه مڙندي. ازلئون اصول ڪٿي آئي آهي، ۽ نعرو پئي هڻندي وتي، انسان سڀ هڪجهڙا آهن. ۽ "شاهه جو ڦر" جڏهن هن جي انهي نعري کان گهٻرائجي ٿو اٿي، جڏهن ذات پات جي پيد ۾ انسان انسان جي وچ ۾ ڪڙيون ڪيل ديواريون، هن کي ڪرنديون ڏيون نظر اچن. جڏهن هو ڏسي ٿو ته جنهن پيد جي سبب سوين ماڻهو عقل هٿان وڃائي، هزارين ربيا ڪيس ڏن ڪري پيا ڏين، سو پيد هن ڇوڪريءَ جي هڪ لفظ سان ريتجڻ شروع ٿيو آهي ته هو پاڳل ٿو ٿي وڃي ۽ پوءِ ... پوءِ ... به "... ماما سائين پڻسو!" ڪين مڃيائين. پائو! ڪين مڃيائين، مريم هار نه مڃيندي ۽ جڏهن مريم شاهه جي ڦر جي لت کائي، گولاٽيون هڻندي وڃي قبر ۾ پوندي ته سوين هزارين مريمون سنڌ ۾ پيدا ٿي پونديون؛ شاهه جي ڦر کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ساڳيو "... ماما! ... ماما!" جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو، ذات پات جا پيد پڄي پوندا، انسان، انسان ۾ ڪو فرق ڪين رهندو ۽ هي مانداڻ متجي پوندو.

يارن جي افسانن تي گهڻو ڪجهه لکي وينو آهيان، پڪ اٿم ڇڙندا اصل ڪين، ڇو ته جن کي سنگيت سان سِڪ هوندي آهي، سي ڳائڻي جي منهن ڏي نهارين ئي ڪين. اکيون ٻوٽي آواز جي تار تي پيا ترندا، ساز جي آواز تي لنو لنو منجهه لڳاءُ پيو لڇندن.

**مس شمس صديقي :**

توهان کي خبر آهي ته روزمره جي گفتگو کان الڳ هڪ ادبي زبان به ٿيندي آهي. زبان جا معمار اديب ئي ٿيندا آهن؛ زباني گفتگو ۽ لکيت ۾ ظاهر آهي ته فرق ٿيندو آهي. مسٽر جمال ابڙي جو افسانو پِشُوپاشا پلاٽ جي لحاظ کان ترقي پسند سهي، پر زبان جي لحاظ کان ڪٿي ڪٿي مون کي ٿورو ڪمزور لڳو. لفظي تناسب منجهس ڪجهه گهٽ، پرتيءِ جا ڪيترا لفظ منجهس استعمال ٿيل ڏنم. جن، ڪن ڪن جاين تي جملن جي ترتيب کي ٽوڙي، اصل مفهوم کي ضرر پهچايو آهي. مثلن: "پِشُوءَ جي ذري ذري مان زندگيءَ جا آثار پيا ٽپڪندا هئا". 'آثار' ۽ 'ٽپڪڻ' ... الفاظ تجربا ٿيندا آهن. هڪ مخصوص مفهوم رکندا آهن. انهن جي هڪ مخصوص نشست هوندي آهي؛ لفظن جو استعارا تي استعمال روا آهي، پر انهيءَ ۾ به ڪوشش اها ڪئي ويندي آهي ته



Gul Hayat Institute

لفظ پنهنجو حقيقي مفهوم جيئن نہ وڃائي ويهن: نہ تہ اوپرا لڳندا ... آثار ظاهر ٿيندا آهن، عيان هوندا آهن، ٻڪندا آهن، جهلڪندا آهن. هيءُ جملو اٿين بہ ٿي سگهي پيو تہ "پِشُوءَ جي حرڪت مان زندگيءَ جا آثار ٻڪندا هئا يا جهلڪندا هئا!" ساڳيءَ پٽرا ۾ "اڇلون ڏيندو ۽ چلڪندو هو." پيالن جو چلڪڻ اکين ڪي پيمانن سان تشبيهہ ڏيڻي انهن جو چلڪڻ تہ پڙهيو هوسين: ماٿوءَ جو اڇلون ڏيڻ ۽ چلڪڻ! ... پِشُوءَ جي ڳالهہ هڪ ماٿوءَ جي ڳالهہ آهي يا درياهہ جي؟

## دين محمد لاشاري :

ادا " مهراڻ" ۾ مختصر افساني جي فني لوازمات تي هڪ نهايت دلچسپ بحث ڇڙي چڪو آهي. منهنجي دل بہ سرڪي ٿي تہ جيڪر ان بحث ۾ مان بہ حصو وٺان. شيخ حفيظ واقعي سچ چيو آهي تہ مسٽر جمال ابڙي هن موضوع تي بحث ڇيڙي سانتيڪي ۽ بيٺل پاڻيءَ ۾ هڪ قسم جو ڦوڙ اُڇلايو آهي. شايد اهو ڦوڙ اڃا بہ هن پاڻيءَ کي وڏيڪ چوليون ڏياري. مسٽر جمال جي دعويٰ آهي تہ مختصر افساني جا بہ پهلو ٿي سگهن ٿا: هڪ ماحول، ٻيو ڪردار. سندس خيال موجب ماحول سٺو هجي يا خراب، ان جي ڪا خاص پرواهہ ڪانهي: باقي افساني ۾ ڪردار ڪنهن بہ قيمت تي بلند رهي. هُو نہ ماحول جو شڪار ٿئي ۽ نہ وري حيوانيت مٿس ڪو غلبو ڪري. سندس خيال موجب افساني ۾ جيڪڏهن ڪردار ڪنهن ٻيءَ طاقت اڳيان مجبور ٿيو يا ڪنڌ جهڪايائين، تہ پوءِ اهو افسانو نہ چئبو. ان جي برعڪس شيخ "راز" جو چوڻ آهي تہ اهي ٻئي مٿيان پهلو مختصر افساني جا بنيادي پهلو تہ نہ آهن، باقي ضمني پهلو ضرور آهن. سندس راءِ مطابق مختصر افساني جو بنيادي پهلو آهي اهو نقطہ نظر، جنهن کي سامهون رکي افسانو لکيو ويو هجي. هي آهن سنڌيءَ جي ٻن مايہ ناز اديبن جا بہ علحدا نظريا. علم ادب ۽ ان جي فني پهلوئن تي هن قسم جا بحث نهايت ئي نيڪ فال آهن. اسرنڌڙ ادب جي سلسلي ۾ هن قسم جا بحث وڏي هٿي ڏيندا. حقيقت ۾ صحيح ادبي مذاق جو روح اسان ۾ پيدا ئي هاڻي ٿو ٿئي. مسٽر جمال جي چوڻ موجب واقعي هيءُ هڪ اختلافي مسئلو آهي، چو تہ زندگيءَ بابت هر ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي تجربي آهر پنهنجو ئي علحدو نظريو آهي، تنهن ڪري هن موضوع تي بحث ڪرڻ وقت مختلف قسمن جي نظرين جو پيدا ٿيڻ ڪا عجب جهڙي ڳالهہ ڪانهي.

ياڻو جمال ابڙي افساني لکڻ جي اسباب کي نظر انداز ڇو ڪيو آهي، سا ڳالهہ تہ سمجهہ ۾ ئي ڪانہ ٿي اچي. جيڪڏهن فقط هيءُ هڪ سوال ئي، پڇيو وڃي تہ" اسان افسانو ڇو ٿا لکون؟" تہ مان سمجهان ٿو تہ جيڪر نهايت اطمينان جوڳو جواب ملي وڃي. ادب، جيئن مون شروع ۾ ئي عرض ڪيو آهي يا جيئن

Gul Hayat Institute

جديد دور جا اڪثر اديب به تسليم ڪن ٿا، زندگيءَ جي عڪاسي ۽ ترجماني ڪرڻ جو هڪ ذريعو يا وسيلو آهي. هاڻي اسان افسانو ڇو ٿا لکون جو جواب نهايت صاف ۽ پڌري پٽ پيو آهي، ته افساني لکڻ وقت اسان کي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ جا تلخ تجربا اڳيان هوندا آهن ۽ پوءِ زندگيءَ جون اهي تلخيون ئي ته آهن، جيڪي اسان کي مجبور ڪن ٿيون ته اسان مختصر افساني ذريعي، پنهنجي دکندڙ دل جا دوتهان ٻاهر ڪيون. هيءَ هڪ فطري اصول آهي، ته انسان کي جڏهن ڪو صدمو پهچي ٿو ته پوءِ هُو پنهنجن نماڻن نيڻن ذريعي به ٽي گرم لڙڪ هاري، پنهنجي دل تي پيل بوجهه کي هلڪو ڪريو ڇڏي. پر جي قسمت سانگي ڪو پِشُو پاشا وانگر خود دار ۽ سورهيه دل نڪري پيو ۽ لڙڪ هارڻ پنهنجي خِود داريءَ خلاف سمجهيائين، ته به اِن درد ۽ صدمي جو ذاتي طور اظهار ڪم از ڪم ڪنهن ’نازو‘ جهڙي محرم راز ۽ غمگسار سان ته ڪرڻو ئي پوندس. بس اهو ئي آهي افساني لکڻ جو بنيادي سبب.

جڏهن افسانو لکجي ئي ٿو ڪنهن خاص نقطه نظر جي پيش ڪرڻ لاءِ يا پنهنجن جذبن جي ترجماني ڪرڻ لاءِ، ته پوءِ اهو ممڪن ڪيئن ٿي سگهي ٿو جو ڪردار ماحول جو شڪار نه ٿين؟ ڪردار ته پيدائش ئي ماحول جي آهن. پوءِ جهڙو هوندو ماحول اهڙائي پيدا ٿيندا ڪردار. جهڙي هوندي زمين، اهڙي ٿيندي پوک ...

ڪردار ماحول جا محتاج آهن. تنهن جي شاهدي ته خود محترم ابڙي جو هيرو پِشُو پاڻ به بيٺو ڏئي. جج جي سوالن جي جواب ۾ هن جو چوڻ ته ”ناحق آهي توسان! قاتل آهين تون! “ يا وڪيل مٿان مڪون الاري ڪيس چوڻ ته ”چريو آهين تون! هيٺو آهين تون! ظلم آهي توسان!“ اهي الفاظ پِشُوءَ جي اڻ گهڙائي ۽ غير مهذب سياءَ تي ڪافي روشني وجهن ٿا. اهو رڳو هن ڪري آهي، جو هن هڪ اهڙي خطي ۾ پرورش پاتي آهي، جنهن جي اڻ گهڙائي ماحول هن کي به اڻ گهڙيو ڪاٺ ٻڻائي ڇڏيو آهي. پِشُوءَ جا هن قسم جا جملا ۽ الفاظ ڪو سندس خود داري ڪو نه ٿا ڏيکارين، ليڪن جنهن ’جاهل‘ ۽ ’اڻ سڌريل‘ ماحول ۾ هُو رهيو ۽ پليو آهي، تنهن هن کي مجبور ڪري هن نموني سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ سيکاريو آهي ... پلا ادا، اها تمنا ڪير نه ٿو رکي ته اسان وٽ شال پِشُوءَ جهڙا هزارين خود دار ۽ سورهيه پيدا ٿين! ... پر هو ته ”بلو دادا“ ۽ ”شيدوءَ“ کان به وڌيڪ ماحول جو شڪار ٿيو آهي! ”بلو دادا“ ته ڪنهن حد تائين پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿئي ٿو پوءِ سندس حصول مقصد جي طريقي کي ڇو نه دادا گيري ئي سمجهيو وڃي. اهڙيءَ طرح ”شيدو“ ته هونئن به ڌاڙيل آهي ۽ هن ڪافي ڌاڙا هڻي پنهنجا انتقام چڪايا ۽ پنهنجي تتل دل ٺاري، خواري ته منڍ ۾ ئي ڪنئي اٿس. ليڪن ويچارو پِشُو معصوم جو معصوم ئي رهجي ويو. هُو نه

پاڻ ڪامياب ٿيو: نہ سندس تحريڪ. مٿس ڪيس هلائي، ڪيس ڦاسيءَ جي سزا ڏني وئي ٿي. سندس ڦاسي سچ پچ عمل ۾ اچي ٿي الائي نہ. اها ڳالھہ تہ صاف ئي ڪانهي، پر هن جي سزا جي اعلان ڪان پوءِ، سندس ساٿي گوڙ گهمسان ڪري جنن وانگر هوا ۾ تحليل ٿي ويندا. پوءِ جو سندن پتو ئي ڪو نہ ٿو لڳي تہ ڀِشُو ڪاڏي ويو. سندس تحريڪ جو ڇا ٿيو؟ ڪجھہ بہ نہ. رڳو مايوسي ۽ دلشڪستگي!

برادرم جمال جا هي جذبات تہ "مان پانيان ٿو تہ انسان کي رحم جوڳو ٿيڻ ئي نہ کپي، اها انسان جي توهين آهي، . انسان نهايت بلند ۽ بالا آهي. هو ويچارو ۽ ڪين جهڙو نہ آهي. مفلسي ڪيس ماري نہ ٿي سگهي"، نهايت قابل قدر آهن. هن نوجوان اديب جي دل ۾ انسانيت لاءِ جنهن گهڙيءَ همدرديءَ جو احساس آهي، تنهن جي تعريف نہ ڪرڻ ڪور چشمي ٿيندي. اسان جي دعا آهي تہ شل سنڌ جو ٻچو ٻچو 'جمال' بڻجي پوي! ادا سائين، ڪهڙي نياڳي جي دل ائين نہ گهرندي تہ انسانيت تي حيوانيت جو غلبو نہ رهي؟ ڪهڙو چنبو هيءَ خواهش نہ ڪندو تہ حيوانيت جا قلعا اُڏائي انسانيت کي قيد مان آزاد ڪجي ۽ ان کي جرڪائجي؟ ڪير نہ گهرندو تہ انسانيت جي اندر مان حيوانيت کي تڙي، هڪالي، ان جي بجاءِ ان کي مِٺ محبت، قرب ۽ مزي سان ڀري ڇڏجي؟ انهن تمنائن ۽ آرزوئن رکڻ ۾ جمال ابڙو اڪيلو نہ آهي، پر ساڻس اهي سڀ افراد شامل آهن، جيڪي انسانيت جو قدر سڃاڻن ٿا. پر مصيبت هيءَ آهي تہ ان پراڻي ۽ جهوني مرض جو علاج ڪجي ڪيئن؟ علاج ڪرڻ لاءِ هڪ ڀِشُو تہ نهيو هزارين ٻيا ڀِشُو بہ ميدان عمل ۾ اچي سگهن ٿا. فقط مرض جو بنياد ڪنهن ڪان ليي. هتي ڀِشُو تہ فقط جذباتي زور تي هڪلجي اچي ٿو. اسان کي هن قسمن جا مصنوعي ۽ جذباتي 'ڀِشُو' نہ گهرجن. اسان کي سنجيده ۽ اصل 'ڀِشُو' گهرجن، جيڪي موجوده سماج جي هن فرسوده ۽ باطل نظام کي، جيڪو ورهين ڪان وٺي اسان مٿان پنهنجي پراگنده ماحول کي حاوي رکندو آيو آهي، جيڪو بيوس ۽ مجبور انسانن کي پنهنجي ظالم هٿن سان ڪهائيندو ۽ مارائيندو آيو آهي، تنهن جي بنيادن ۾ هٿ وجهي تيستائين ان کي لوڏين جيستائين سندس غريبن جي خون سان ڳاڙهي ٿيل ماڙي ڦهڪو ڪري پٽ تي نہ ڪري آهي. اسان کي پنهنجي سماج جي تعمير نئين سر ڪرڻي پوندي. اڳوڻي سموري نظام جي ڪوڙن بتن کي پاش پاش ڪرڻو پوندو. تڏهن ئي اسان جا ڪردار ماحول مٿان قبضو حاصل ڪري سگهندا. تڏهن ئي انسانيت آويءَ مان نڪري جرڪڻ لڳندي. تڏهن ئي اسان جا ڪردار ٻليءَ واري ميڪ ميڪ ڇڏي شير واريون گجگوڙيون ڪندا. نہ تہ هونئين تہ پائو هر روز پنهنجن هنن گنهگار اکين سان وينا ڏسون، تہ انسانن ويچارن کي مفلسي زوران زور گهٽا ڏيئي ماري ڇڏي ٿي.



Gul Hayat Institute

انسان ويچارو اجا تہ مجبور ۽ ڪين جهڙو آهي. انسانيت اجا تہ نسوري ناحق ۾ آهي، ڏني وائتي سڪرات ۾ آهي، هوءَ تہ ويچاري اجا تہ واقعي ويچاري ۽ ڪمزور آهي، اجا تہ رت جا ڳوڙها وهائي پيئي روئي. حيوانيت اجا تہ ڏند شيڪيندي ۽ ڪلندي رهي ٿي. اهو سڀ تہ اسان جي روزمره جو مشاهدو آهي. انهن تلخ حقيقتن کان انڪار اڄ ڪهڙو خوش فهم انسان ڪري ٿو سگهي؟

دادا، هيءَ ڳالهہ بہ ٻڌي ڇڏ تہ حيوانيت سيٺ وڏيري ڏڱاٽي خان ۽ رئيس ڳامڻ خان جي ٻنهہ زر خريد ٻانهي آهي. انهن جي ٿي در جي پليل ڪتي آهي. ڪين فقط ٻچ ڪرڻ جي دير آهي، پوءِ ڏس تہ ڪيئن نہ 'انسانيت' جي پڙيءَ کي اُها چتي ڪتي ڦاڙي چيري، ليڙون ليڙون ڪري پنهنجن مالڪن اڳيان هيچ ڪري ٿي ڏيکاري! پوءِ ڏس تہ ڪيئن نہ اُهي انسانيت جي هن بيوس ۽ مجبور ذلت تي وڏا وڏا ٽهڪ ٿا ڏين! ماحول انهن انسان دشمن ۽ انسان نُما ديوسن جو غلام آهي. هُو انهن جي اشارن تي چير وجهي نچندو آهي، هو انهن جي حڪم تي چتو ٿي محبوس انسانيت تي حملا ڪندو آهي، ان کي چيري ڦاڙي پنهنجي ناڪام فتح تي بيهي پنهنجن مالڪن اڳيان ڏند شيڪيندو آهي ۽ شينگربو آهي. پوءِ ڀلا اجا بہ انهن معتبرن ۽ وڏ پيٽن کي اسين ڪر (villains) نہ سمجهون؟ ۽ اجا بہ انسانيت ويچاريءَ تي رحم ۽ قياس نہ ڪريون، تہ ڇا ڪريون؟ حال جيستائين اسان جو موجوده معاشرتي نظام پنهنجي ساڳيءَ شڪل ۾ موجود آهي ۽ جيستائين ان نظام ۾ بنيادي ۽ انقلابي تبديلي نہ آئي آهي، تيستائين ڪردار تي ماحول جو مقدم رهڻ هڪ ازلي امر آهي ۽ ان صورتحال کي هڪ پِشُو تہ ٺهيو پر هزارين پيا پِشُو بہ بدلائي نہ ٿا سگهن. وري جيستائين ماحول ڪردارن تي مقدم آهي، انسانيت جو حيوانيت جي قيد ۾ رهڻ بہ هڪ لازمي امر آهي. جيستائين ائين ٿئي، تيستائين، جيڪڏهن اسان ٻلو دادا، شيدو ڌاڙيل ۽ انڌير ننگري جي اصطلاحن ۾ پنهنجين مجبورين کي دنيا اڳيان پيش ڪيو. انهن کي جيڪڏهن پنهنجي حالت زار کان وقف ڪرڻ لاءِ ان طريقي سان متوجہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ظالمن جا پردا جيڪڏهن ان نموني سان فاش ڪرڻ جي اسان ڪوشش ڪئي تہ ان ۾ آخر عيب ڪهڙو؟ ان ۾ تہ نہ بزدلي آهي ۽ نہ احساس ڪمتري. اهو تہ هڪ طريقو آهي ظالمن کي خوار خراب ڪرڻ جو ۽ مجبور انسانيت لاءِ همدرديءَ جي احساس جاڳائڻ جو. بيوس مظلوم کي تہ آخر بيوس مظلوم ئي ڪري پيش ڪبو. پِشُو مظلوم هوندي بہ جارحانہ ڪارروائي ڪرڻ گهري ٿو ۽ سندس ان جارحانہ عمل سبب اُها خود داري ۽ بلند حوصلگي جيڪا فطرتي طرح هن جي ذات ۾ معلوم پيئي ٿئي، تنهن کان نهايت قابليت سان ڪم ورتو ويو آهي تہ جيئن پِشُوءَ کي هڪ بيوس ۽ مظلوم جي ڪردار ۾ ڏيکارڻ کان پاڻ بچائي سگهجي. پر حقيقت تہ لڪي ڪين سگهندي. پِشُوءَ

هڪ ويچارو مظلوم آهي ۽ ڏنو وائنو مظلوم. جيڪڏهن هو مظلوم نہ هجي ها تہ پوءِ سڄيءَ دنيا خلاف سندس آصف آرا تي بيهڻ جو مقصد ڇا؟ حڪومت خلاف بغاوت ڪرڻ جو مقصد ڇا؟ پلا هڪ همہ گير ۽ انقلابي تحريڪ اُٿاري باقاعده فوج ڪني ڪرڻ جو مقصد ڇا؟ حقيقت ۾ اهي سڀ مقصد فقط هڪ اصول خاطر هئا، ۽ ان حصول جي منزل هئي انصاف. ڇا جو انصاف؟ انصاف ان ظلم جو جيڪو سماج، پشُوءَ ۽ پشُوءَ جهڙن بين مظلومن تي ڪيو هو. اوهان ئي هاڻي منصف ٿيو تہ پشُو غريب مظلوم آهي يا نہ؟

پشُو پنهنجي انصاف حاصل ڪرڻ خاطر جيڪو طريقو اختيار ڪري ٿو سو غير قدرتي ۽ غير معمولي آهي، جنهن ڪري سماج هن ۽ سندس ساٿين سان همدردي ڪرڻ بجاءِ انهن کي مشڪوڪ نظرن سان ڏسي ٿو ۽ انهن کي مظلوم سمجهڻ بدران ظالم ۽ باغي سمجهي ٿو. پشُوءَ جو ڪردار پاڻ سان ٿيل ظلم جي نہ تلافي ڪري سگهي ٿو ۽ نہ وري پنهنجي خود داريءَ ۽ بي باڪيءَ جو ڪو ڪامياب جوهر ڏيکاري ٿو سگهي. مظلومن جي قوم ۾ جنهن توري گهٽي جذبي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس، سو جذبو بہ هاڻي هڪ معمولي خوش فهمي ۽ پاراٺي دلاسي کان وڌيڪ ڪا بہ اهميت ڪا نہ ٿو رکي. پر جڏهن محترم جمال جون اميدون بر ثواب ٿينديون، سندس خواب شرمنده تعبير ٿيندو ۽ ڪردار ماحول تي قبضو ڪندا ۽ حيوانيت ڪلندي ڪلندي وڃي ڪڏ ۾ ڪرندي، انسانيت روئندي روئندي اوجل ٿي ويندي، تڏهن نہ 'بلوادا' ۽ 'شيدو' ڏاڙيل لکڻ جي ضرورت پوندي ۽ نہ وري پشُوءَ جي ڪردار پيدا ڪرڻ جي. پوءِ افسانن جي افسانوي دنيا ئي ختم ٿي ويندي.

## محمد ابراهيم جويو

پيائو جمال! اوهان جو افسانو بدمعاش پهتل اٿم. ڏاڍو وڻيم. اهڙي سهڻيءَ چيز جو داد جيڪر هڪدم ڏيان ها، پر هڪ بہ نُڪتا اهڙا هئا، جن لاءِ بہ چار ڳالهيون عرض ڪرڻ تي گهريم، ان ڪري دير ٿي وئي.

افساني ۾ جن ڳالهين تي مون کي عرض ڪرڻو هو، سي هونئن تہ اهڙيون حقيقتون آهن، جن کان اسان جو موجوده سماج آجو ڪونهي، ۽ پلاٽ جو حصو بڻ بنجي سگهن ٿيون. پر ادبي ۽ فني لحاظ کان انهن کي هن افساني ۾ ڪيئن آڻڻ کپي؟ تنهن تي ويهر غور ڪرڻ لاءِ عرض ڪرڻ مناسب سمجهان ٿو. افساني ۾ پوليس جي ظلم جو هڪ بہ واقعو ۽ آخري منظر- جيلر جي روش ڪجهہ اهڙي موقعي ۽ پس منظر ۾ آيل آهن، جي پڙهندڙ کي حسي اذيت ٿيون رسائين، ۽ منهنجي خيال ۾، افساني جي فني بيهڪ ۽ آخرين تاثر کي ضرب پهچائين ٿيون. پوليس جون وحشي ڪارروايون ۽ جيلر جو بيهمانہ رويو حقيقتون تہ آهن، پر



Gul Hayat Institute

انهن کي اديب ڪيئن ۽ ڪهڙي موقعي تي پيش ڪري؟ اها هڪ سوچڻ جهڙي ڳالهہ آهي.

منهنجي نظر ۾ زندگيءَ ۾ هڪ حقيقت ڪيتري بہ بڇان آٽينڊڙ هجي، ڪيتري بہ ڪريهہ منظر هجي، ان کي ادبَ ۾ آڻڻ وقت اديب کي نفسياتي نُڪتا سامهون رکي، انهن کي چنڊي ڇاڻي، مناسب انداز ۽ مؤثر نموني ۾ پيش ڪرڻو پوندو.

اوهان بہ حقيقتون پيش ڪيون آهن ۽ جن لفظن ۾ پيش ڪيون آهن، انهن لفظن کان وڌيڪ مناسب ۽ موزون لفظ شايد ئي ملي سگهن. ۽ واقعي اسان جي پوليسي راڄ ۾ انهن کان بہ وڌيڪ وحشتنا ڪيون نظر اينديون. پر، انهن جي پيش ڪرڻ جو موقعو ۽ محل. خاص ڪري سڀ کان آخرين واقعي جو ـ اهڙو تہ اڻ سهائيندڙ مون کي لڳو جو پڙهڻ کان پوءِ سمجهيم تہ روح کي ڪنهن جڻ مُٺ ۾ جهلي ونئي ڪٽي پوساتيو هجي. اها تہ ذهني ڪوفت ۽ عذاب محسوس ڪيم. جو سمجهيم تہ جڻ انسان جو جيڪو امتيازي ۽ بنيادي شرف آهي، تنهن کي ڪنهن ختم ڪري ڪٽي ڦٽو ڪيو هجي. جيتري قدر آئون سمجهان ٿو اوهان جو ڪردار بدمعاش جنهن ماحول جي پيداوار آهي، اهو ئي سندس انهيءَ گناهہ جي ذوق کي پڙڪائڻ لاءِ جوابدار آهي. اوهان پڙهندڙن جي دلين ۾ انهيءَ ڪردار لاءِ همدردي ۽ رحم پيدا ڪرڻ واسطي، سندس ماحول کي چٽيو آهي تہ ڇاڪاڻ تہ سموري زندگي هُو پيار، همدردي، انسانيت جي ورتاءَ ۽ پنهنجائيءَ جو بکيو پئي رهيو آهي. انهيءَ نفسياتي بک جي ڪري، هن جو ڪردار گناهہ ۽ انسانيت جي خلاف ڪمن ۾ ايري ٿو. انهيءَ لاءِ درجي بدرجي اوهان مرحلا مقرر ڪيا آهن، جتان هو وڌيڪ گهاوَ ڪٽي وڌيڪ ڇتو ٿيڻ لڳي ٿو. ساڳئي وقت، انهيءَ سموري عرصي ۾ اوهان پڙهندڙن جي دلين ۾ هن لاءِ همدردي، پنهنجائپ ۽ قرب پيدا ڪندا رهيا آهيو. تان جو جڏهن آخرين طرح جيل ۾ وڃي ٿو تڏهن پڙهندڙ لاءِ هو نهايت عزيز ۽ عزت واري چيز بنجي پوي ٿو. عين انهيءَ گهڙيءَ، اوهان جيلر کان هن جي ذاتي عزت نفس ۽ شرف انسانيت کي جنهن نموني ذليل ڪرايو آهي، اها ڳالهہ پڙهندڙ لاءِ سڄي افساني جي رخ کي منجهائي تي ڇڏي، ۽ هو انتهائي اذيت جي احساس سان افساني کي هٿان ڦٽي ٿو ڪري. ائين ڪرڻ ۾ اوهين ڪيتري قدر حق بجانب هئا، ۽ منهنجي ذهني رد عمل سان متفق آهيو يا نہ. ان لاءِ هن وقت آئون ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهان.

مهرباني ڪري انهن ڳالهين ۾ منهنجي ڪجهہ رهبري ڪندا.

Gul Hayat Institute



# جمال ابڙي
# جا انٽرويو

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# اصل محرڪ آهي ماڻهوءَ جي دل، ماڻهوءَ جو جذبو

## انور ابڙو

*(هيءُ انٽرويو سائين جمال ابڙي صاحب جن کان ڪراچيءَ ۾ گڏِڙي واري سندن رهائش گاهه تي 1993ع ۾ ماهوار ”سنڌ سجاڳ“ ڪراچيءَ جي لاءِ ڪيو ويو هو جنهن جون ٻه آڊيو ٽيپس هيون. اُنهن مان هڪ آڊيو ٽيپ ۾ رڪارڊ ٿيل انٽرويو ته ”سنڌ سجاڳ“ ۾ هڪ حصي جي طور تي ڇپجي سگهيو هو جيڪو هيٺ ڏجي ٿو پر ٻيو حصو منهنجي ”سنڌ سجاڳ“ ڇڏڻ سبب شايع ٿيڻ کان رهجي ويو هو. بعد ۾ اُها ٽيپ، پاڪستان ٽيليوزن، ڪراچي اسٽيشن جي اسڪرپٽ پروڊيوسر محترم غلام حيدر شيخ مون کان ورتي هئي، جيڪا هُن کان هيٺ مٿي ٿي ويئي. اِن ٽيپ جي گم ٿيڻ جو افسوس مون کي سڄي عمر رهندو).*

جمال صاحب جن سان جڏهن مان انٽرويو ڪرڻ جي لاءِ سندن گهر (جنهن جي دروازي جي ساڄي پاسي واري ٿُل تي انگريزيءَ ۾ JAMAL'S لکيل هو) پهتس ته سائين بدر ابڙي صاحب جن مونکي پنهنجي گهر جي مٿئين حصي ۾ ٺهيل هڪ ڪمري ۾ سائين جمال صاحب جن سان ملائي پاڻ واپس هليا ويا. اِن ڪمري ۾ هڪ وڏو وال مرر لڳل هو اُن ۾ هڪ بيڊ، ٻه ڪرسيون، هڪ سينگار ٽيبل، ڪجهه ڪتاب، هڪ مُسلو ۽ ڪجهه ٻيو سامان پيل هو. سائين جمال ابڙي صاحب جن جي رهائش به اُن ئي ڪمري ۾ هوندي هئي.

انٽرويوءَ دوران سائينءَ جن مونکي ڪنهن فرشتي کان گهٽ محسوس نه ٿيا هئا. سفيد سونهاري، روشن چهرو اکين ۾ لامحدود چمڪ، سفيد پهراڻ وارو وڳو وارن کي پوئتي ڦٽي ڏنل ۽ بي انتها پنهنجائپ. ”ڇا وڏا اديب ۽ وڏا ماڻهو“ اهڙا ٿيندا آهن؟ “ جمال صاحب جن کي ڏسي منهنجي ذهن ۾ هڪ اڻ سوچيل سوال اوچتو ڇال ڏني هئي. اُن لمحي ۾ مون کي شدت سان محسوس ٿيو هو ته هڪ ٻار (اُن وقت، 1993 ۾، منهنجي عمر 28 سال هئي ۽ سائين جمال ابڙي صاحب جن جي عمر 69 سال هئي)، نئين سنڌ جي هڪ ديوتا سان گفتگو ڪيئن ڪندو؟

Gul Hayat Institute

جڏهن سائين جمال ابڙي صاحب جن بيڊ جي پرسان پيل ڪارنر ٽيبل تي رکيل اليڪٽرڪ ڪيٽل جي مدد سان پاڻ چانهه ٺاهي، مونکي پيارڻ جي لاءِ چيو ته سندن ايڏي وڏي سادگي ۾ پنهنجائپ ڏسي، منهنجي نظرن ۾ سندن لاءِ احترام اُنهن حدن تائين وڃي پهتو هو جتان اڳتي پيون ڪي به حدون نه پئي نڪتيون. هڪ تمام وڏو ماڻهو هڪ روايتي سنڌي مهمان نواز هڪ ٻاجهارو شخص. سائين جمال ابڙي صاحب جن جي ايڏي وڏائي ڏسي " ادب جا پيا ڪيترائي وڏا بُت" مون کي ننڍڙا لڳڻ لڳا هئا.

اُن انٽرويوءَ دوران مون سندن فوٽوگرافي به ڪئي هئي، جن مان ڪجهه فوٽوگرافس مون وٽ اڃا تائين محفوظ آهن. ساٿن جيڪا ڳالهه ٿي، سا ڪا فيلسوفاڻي ڳالهه ٻولهه ڪانه هئي، بس سندن زندگيءَ جي سمنڊ ۾ گهڙي ڪجهه نون خيالن، تجربن ۽ مشاهدن جا ڪي موتي ڳولڻ جي هڪ ڪوشش هئي. هڪ عظيم هستيءَ کي ويجهي کان ڏسڻ، ساڻن ڳالهائڻ، کين سمجهڻ ۽ ڪجهه سکڻ جي ڪوشش هئي. چاڪاڻ ته "وري نه ايندو هي وڻجارو" ۾ "متان ٿئي اونداهه پير نه لهين پرينءَ جو" جهڙا خيال مونکي هر وقت پريشان ڪندا رهندا هئا. پوءِ مون جيڪي ڪائنس ٻاراٽا سوال ڪيا، اُنهن جا جواب منهنجي ٿهيءَ واري دور ۾ ايندڙ هر دور جي هڪ عظيم سنڌي ڪهاڻيڪار سائين جمال ابڙي صاحب جن هِن طرح ڏنا:

- *سائين اوهان پنهنجي زندگيءَ جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو؟*

** سنڌ ۾ جيئن ٻهراڙيءَ جو ٻار پلبو آهي، تيئن اسان به ننڍپڻ ۾ جهنگ جا جهانگي ٿي رهياسي. ننڍپڻ واري پنجن ڇهن سالن تائين جي زندگي پنهنجي "سانگين جي ڳوٺ" ۾ گذري، جتان ڇتي ڪٽي، ميل پنڌ جو ڪري اسڪول ۾ پڙهڻ ويندا هئاسي. امان اڳڙيءَ ۾ ڳُڙ ۽ ماني ٻڌي ڏيندي هئي، اها به کٽي ويندا هئاسي. اُن وقت بابا سائينءَ جن کي لاڙڪاڻي ۾ نوڪري هئي، جنهن ڪري پوءِ لاڙڪاڻي لڏي آياسي. بابا شايد تعليم ڏيارڻ جي لحاظ کان به اسان کي وٺي اچي لاڙڪاڻي ۾ رهيو هو.

تنهن زماني واري لاڙڪاڻي کي به ڳوٺ ئي چئبو جنهن جي ان وقت 20، 22 هزار آبادي هئي. هيءَ ڳالهه سکر جي مسجد منزل گاهه وارن ٽيل فسادن کان اڳ جي آهي. فسادن کان پوءِ هندو وڏي تعداد ۾ لاڙڪاڻي لڏي آيا هئا، جنهن کان پوءِ لاڙڪاڻي جي آبادي ڪجهه وڌي هئي.

- *سائين ذاتي زندگيءَ جو سفر اِتي ته پورو نه ٿو ٿئي، ان کان پوءِ تعليم... ؟*

** پرائمري تعليم ته ڳوٺ منگواڻي (ٽپو منگواڻي) ۾ ورتي هئم. اهو اسڪول اسان جي ڳوٺ کان ميل کن پري هو. بابا سائين (علامه علي خان ابڙو) ايجوڪيشن آفيسر ۽ وڏو تعليمي ماهر هو. هو مئٽرڪ فرسٽ ڪلاس فرسٽ، انٽر فرسٽ



Gul Hayat Institute

ڪلاس فرسٽ، بي اي فرسٽ ڪلاس فرسٽ ۽ سنڌ مان پهريون ماڻهو هو جنهن بمبئي يونيورسٽيءَ مان ايم اي فرسٽ ڪلاس فرسٽ ۾ پاس ڪئي هئي. انگريزن هن کان معلوم ڪيو هو تہ: "هو ڪهڙي نوڪري ڪندو؟ " تہ هن وراڻيو هو: "مان ماستر ٿيندس." هو پنهنجي ضمير جي آواز تي هليو. هو هڪ مشنري (missionary) قسم جو ماڻهو هو، هن خلق جي خدمت ڪرڻ پئي گهري. نہ تہ مرزا قليچ بيگ صرف مئٽريڪوليٽ هو پر هُن وچي مختيار ڪاري ورتي هئي.

بابا ماستر ٿي، اُٿ تي چڙهي سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ، برپٽن، ڪوهستان ۽ ريگستانن ۾ وڃي اسڪول کوليندو هو. ان وقت هن مسجد اسڪول (تن ڏينهن ۾ انهن کي "مُلان اسڪول" چوندا هئا) بہ شروع ڪرايا هئا. ان وقت هڪ سال ڪچو پاراٽو ۽ ٻيو سال پڪو پاراٽو درجو پڙهائيندا هئا. هن مون کي ٽن چئن مهينن ۾ ڪچو ۽ پڪو پاراٽو اهڙو تہ پڙهايو جو جڏهن مون کي لاڙڪاڻي جي ميونسپل اسڪول ۾ ويهاريائين، تہ اتي مان پهريون نمبر آيس. هن جي پڙهائيءَ جو عجيب طريقو هوندو هو. هُو ماسترن کي بورڊ لڳائي پڙهائيندو ۽ ڪين سيکاريندو هو تہ ٻارن کي ڪيئن پڙهائجي؟ چوندو هو تہ "ٻارن کي سچي ڳالھ نہ ٻڌائجي، پر اُها ٻارن مان ڪڍرائجي."

● *ان کان بعد ۾ تعليم...؟*

** ان کان بعد ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ تعليم ورتم. تن ڏينهن ۾ چار درجا سنڌيءَ جا پڙهي پوءِ ست درجا انگريزيءَ جا پڙهي، ان کان پوءِ مئٽرڪ جو امتحان ڏبو هو. مان انگريزيءَ جو پنجون درجو پاس ڪري ڇهين درجي ۾ آيس تہ بابا سائينءَ جن جي حيدرآباد ٽرانسفر ٿي ويئي، ان کان پوءِ حيدرآباد ۾ نور محمد هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتم.

● *ان کان پوءِ...؟*

** ان کان پوءِ ميرپور خاص هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ ڏنم. تنهن کان پوءِ حيدرآباد جي ڊي جي نيشنل ڪاليج مان بائلاجيءَ ۾ فرسٽ ييئر سائنس ۾ پاس ڪيم. ماڻتن جو خيال هو تہ مان ڊاڪٽر ٿيان ۽ مون بہ چيو پئي تہ صحيح آهي. تن ڏينهن ۾ ٻي مهاڀاري لڙائي شروع ٿي ويئي. ان وقت بمبئيءَ ۾ ميڊيڪل ڪاليج هوندو هو. انهن ڏينهن ۾ رنگون ۽ بمبئيءَ ۾ بہ بمباري ٿي، سو مان پنهنجي ماءُ جي پاران اجازت نہ ملڻ جي ڪري اوڏانهن پڙهڻ نہ ويس. پوءِ انٽر سائنس ۾ پاس ڪيم. ان وقت بائلاجي ۽ مئٿميٽڪس ۾ گڏيل انٽر سائنس ڪرائيندا هئا. اها پاس ڪرڻ کان پوءِ اين اِي ڊي انجنيئرنگ ڪاليج، ڪراچيءَ ۾ داخلا ورتم.

ان دور ۾ انگريزن جي خلاف ۽ آزادي جي لاءِ تمام وڏي مهم پئي هلي. انهيءَ دور ۾ نيويءَ جا Riots ٿيا هئا ۽ جنهن ڏينهن ڪراچيءَ تي بم ۽ گولا اڇليا ويا هئا، ان ڏينهن کان مون فيصلو ڪيو تہ: "انگريزن جي نوڪري نہ ڪندس." تنهن



Gul Hayat Institute

ڪري مون اين اِي ڊي انجنيئرنگ ڪاليج ڇڏي، لا ڪاليج ۾ داخلا ورتي. تن ڏينهن ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ انٽر ڪان پوءِ ايل ايل بي ڪرڻ ڏيندا هئا.

- *سائين توهان جهونا ڳڙهه ۾ به تعليم حاصل ڪئي هئي؟*

** جي ها ! جڏهن 1942ع ۾ Quit India Movement هلي ته، هتي سڀ ڪاليج بند ٿي ويا. انهيءَ ڪري ماڻهن ۽ دوستن جو خيال ٿيو ته جهونا ڳڙهه ۾ پڙهجي. سائنس ۾ هئس. اتفاق سان اتي جو ديوان به سنڌي هو. پهريون شايد سر شاهنواز ڀٽو هو ان کان بعد محمد موسيٰ ميمڻ (جيڪو پوءِ هتي چيف انجنيئر ٿيو هو) ڊيوان هو. ديوان معنيٰ سڀ ڪجهه. بادشاهه ۽ راجا کان به وڌيڪ پاورفل. سو بابا سائينءَ جن جي معرفت ان کي چيو ويو. جنهن چيو ته: "ڀلي اچن." مان ۽ عبدالوهاب شيخ (جيڪو بعد ۾ فيڊرل گورنمينٽ ۾ اريگيشن ۾ سيڪريٽري ٿيو هو) گڏجي جهوناڳڙهه وياسين، جتي اسان کي چڱي وي آءِ پي ٽريٽمنٽ ڏنائون. ان ڪاليج ۾ تعليم مفت هوندي هئي، باقي ماني پنهنجي کائبي هئي. مانيءَ جو هڪ مهيني جو خرچ، پنج ڇهه روپيا هوندو هو. رهائش جي لاءِ به هاسٽل مفت هوندي هئي.

- *اتي ڪيستائين پڙهيا؟*

** اتي مان پورو ٽرم ويو هيس. ٽي چار مهينا اتي هيس.

- *توهان جيڪا هتي سنڌ ۾ تعليم حاصل ڪئي هئي ۽ پوءِ جيڪا اتي جهوناڳڙهه ۾ حاصل ڪئي، ان ۾ ڪو فرق محسوس ڪيو؟*

** نه . ڪو به خاص فرق ڪو نه هو سواءِ ان جي ته هِتي (سنڌ ۾) زندگيءَ جو پتو پيو مختلف ماڻهن سان ملڻ جلڻ ۽ اٿڻ ويهڻ ٿيو. سنڌي مسلمان ڇوڪرن سان دوستي ٿي. هُتي (جهوناڳڙهه ۾ ) ڪلاس ۾ هندو شاگرد اڪثريت ۾ هوندا هئا، جڏهن ته اسان واري ڪلاس ۾ مسلمان شاگرد ڪي به چار هوندا هئا.

- *توهان جي اُتان جي ڪلاس فيلوز مان ڪا اهڙي شخصيت، جنهن بعد ۾ پنهنجو چڱو خاصو نالو پيدا ڪيو هجي؟*

Gul Hayat Institute

**ها ! بلڪل، جيڪا منهنجي زندگيءَ تي تمام گهڻي اثر انداز به ٿي، اها محمد حفيظ قريشي (وڪيل) جي شخصيت هئي. هُو تمام وڏو قابل ۽ همت پريو ڇوڪرو هوندو هو جيڪو اڄڪلهه جي ايم سيد سان گڏ آهي، (رسول بخش) پليجي سان به آهي ـ پر سڀ ڪنهن سان گڏ هلي ٿو.

- *ان وقت ۾ برصغير ۾ انگريزن جي خلاف جدوجهد هلي رهي هئي، اوهان به اتي اهڙي ڪنهن سياسي activity ۾ حصو ورتو؟*

** نه. ان رياست ۾ ڪا به activity ڪا نه هئي. ماٺو ڪنٽرول ۾ هئا. اهڙي خاموشي هئي، ڄڻ ته ڪير هيو ئي ڪو نه. پر اُتي خاص ڪري شاگردن ۾ خاڪسار تحريڪ جو چڱو خاصو اثر رسوخ هيو ۽ محمد حفيظ قريشي انهن جو

سربراهه هو. خاڪسار تحريڪ اِتي شاگردن ۾ ڏاڍو سرگرم هئي. حالانڪ گورنمينٽ جي سخت بندش هوندي هئي، پر لڪي ڇپي اجتماع ٿيندا هئا ۽ رات جو جهنگن ۾ وڃي ڪئمپون قائم ڪندا هئاسين.

- *توهان به ڪڏهن اهڙي سرگرم شاگرد سياست ۾ حصو ورتو؟*

** مان به اتي خاڪسار تحريڪ ۾ شامل ٿيس.

- *ان کان پوءِ به توهان ان سان لاڳاپيل رهيا؟*

** پوءِ به ڪافي وقت تائين ان سان لاڳاپيل رهيس ۽ شاگرديءَ واري زماني ۾ ڪراچيءَ ۾ خاڪسار تحريڪ جون وڏيون ذميواريون ڪيم.

- *توهان نيويءَ جي بغاوت جو ذڪر ڪيو ڇا ان ۾ به توهان جو ڪو رول هيو؟*

** نه – ڪو رول نه هيو باقي اُها ڏسڻ ويا هئاسون. بغاوت ٿي ته، هڪدم انگريز فوج اچي ويئي، تڏهن عيدگاهه ميدان (ڪراچي) ۾ دوڪان وغيره نه هوندا هئا. ان ۾ انگريز فوج ۽ هڪ به ڪا خالي ٽئنڪ بيٺي هئي، اسان اوڏانهن وياسين ته پهريان ٽيئر گئس اڇلايائون. جڏهن اکين ۾ پاڻي آيو ته ويچارين هندو ڇوڪرين پاڻيءَ جون بالٽيون پري، بالڪونين مان هيٺ لٽڪائي، چيو: "ڀائو! پنهنجيون اکيون ڌوئو." اکيون ڌوتيونسين ته ٺيڪ ٿي ويا سي. وري ٿورو اڳتي وڌياسي ته فوج گولي هلائي، پوءِ ماڻهو وٺي ڀڳا. عيد گاهه کان جو ڀاڄ شروع ٿي ته هيڏانهن پلازه وڃي ڪنيائون. هيڏانهن پڇن ته بولٽن مارڪيٽ وڃي ڪٽن ۽ برنس روڊ کان پڇن ته برنس گارڊن وڃي ڪٽن. گولين جي ڪري ايتري ڀاڄ ٿي هئي. حفيظ قريشي صاحب ايڏو دلير ماڻهو هو جو اُن وقت اسان ٻئي ڄڻا گڏ هجون، ته چيائين: "ڀائو! پنئين پير ڪو نه ڀڄنداسون، پوئين پير ٿا هلون، گولي لڳي ته ڀلي اڳيان (سيني تي، اچي) لڳي."

- *ان دور ۾ ٻيا ڪي اهڙا ڪردار جيڪي ان وقت سياسي ۽ ادبي سرگرمين ۾ اڳرا رهيا هجن ۽ جيڪي اڄ سنڌ ۾ چڱو خاصو نالو رکندا هجن؟*

** منهنجي مسلمان ڪلاس فيلوز ۾ شيخ اياز، جسٽس عبدالقادر شيخ، جسٽس امداد علي آغا، علي گوهر کهڙو ۽ (عبدالوحيد) ڪٽپر شامل هئا، پر هندن ۾ ته گهڻا ئي دوست هئا، جن جا نالا هينئر وسري ويا آهن.

- *سياسي طور تي اوهين خاڪسار تحريڪ ۾ رهيا، ان کان پوءِ اوهان شايد سنڌ هاري ڪميٽي ۾ به رهيا؟*

** ها ! هاري ڪميٽي ۽ مزدورن ۾ به ڪم ڪيم. لاڙڪاڻي ۾ اچڻ کان پوءِ آءُ هاري ڪاميٽيءَ ۾ وڌيڪ سرگرم رهيس.

- *ان ۾ ڪيترو عرصو رهيا؟*

** ڪافي عرصو رهيس. نوڪريءَ واري دور ۾ به رهيس.

- *ڪامريڊ جمال الدين بخاري، ڪامريڊ غلام محمد لغاري ۽ قاضي فيض*



Gul Hayat Institute

*محمد صاحب جن سان به اوهان گڏجي ڪم ڪيو؟*

** ها ! انهن سان به گڏجي ڪم ڪيم. پر حيدر بخش جتوئيءَ سان تمام گهڻا تعلقات هئا. هو مهرباني ڪري مون وٽ لاڙڪاڻي به ايندو هو ته، حيدرآباد به ايندو هو. ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪچهريون ڪندا هئاسين. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جهڙو تمام معصوم ۽ تمام پيارو ماڻهو مون مشڪل سان ڏٺو آهي. ڪامريڊ عبدالقادر انڊڙ به تمام ٺاهوڪو ۽ تمام پلو ماڻهو هو.

- *ان دور جا ڪي خاص واقعا، جيڪي هاري تحريڪ ۾ رهندي، وڏيرن يا رياست پاران توهان جي سامهون آيا هجن؟*

** ان دور ۾ حيدر بخش جتوئي اليڪشن ڏانهن divert ٿي ويو. اليڪشن ۾ به ٽي دفعا بيٺو ته ڪيس گرفتار ڪيائون. پڪڙي وڃي اندر ڇڏي ايندا هئس يا فارم ڀرڻ نه ڏيندا هئس ـ ۽ هاري ورڪرن کي به پڪڙي ترڪن ۾ وجهي، پري ڇڏي ايندا هئا. اهو کهڙي شاهيءَ (ايوب کهڙي) جو دور هيو.

- *توهان سنڌ هاري ڪميٽيءَ ۾ ڪنهن عهدي تي به رهيا؟*

** نه ـــ مان ڪنهن عهدي تي نه رهيس.

- *اوهان ڪڏهن گرفتار به ٿيا؟*

** نه ـــ مان ڪڏهن گرفتار به نه ٿيس.

- *سائين توهان پنهنجي والد، سائين علي خان ابڙي جي باري ۾ ٻڌايو ته، هو وڏو تعليمي ماهر هيو. ٻڌو آهي ته انگريزن سنڌس بابت ڪي خاص ريمارڪس ڏنا هئا، اهي ڪهڙا هئا؟*

** هو وڏو محنتي ۽ قابل ماڻهو هو. انگريزن هن جي باري ۾ confidential remarks ڏنا هئا. هڪ انگريز آفيسر لکيو ته: "He is an ideal educationalist". ـ ٻئي انگريز لکيو ته: "He works with missionary spirit" ـ اهي بمبئيءَ ۾ رهندا هئا ـ ته انهن اهي ريمارڪس ڏنا هئا.

- *توهان جي والد صاحب جو به سياست سان ڪو واسطو رهيو؟*

** سياست سان ته هر ڪنهن جو واسطو رهي ٿو. مون کي سنڌس ڳالهين ۽ ٻين ماڻهن جي ڳالهين مان اهو پتو پيو ته، هن خلافت تحريڪ ۾ حصو ورتو هو ۽ ڪجهه مضمون لکيا هئائين، جنهنڪري انگريزن جي مٿس ڪاوڙ هوندي هئي. نه ته هو تمام وڏي عهدي تي پهچي وڃي ها، ڇا ڪاڻ ته هيءُ پهريون ماڻهو هو جنهن بمبي يونيورسٽيءَ مان علامه دائود پوٽي صاحب کان به اڳ ۾ پهريان نمبر ڪنيا هئا ۽ پاڻ ڳالهه ڪئي هئائين ته:"کيس 'خانبهادر' جو لقب ڏيڻ جي Offer ڪئي ويئي هئي، جيڪا هن قبول نه ڪندي کين اهو چيو هو ته: "منهنجو خلافت تحريڪ جي ڪري جيڪو پروموشن ماريو اٿوَ اهو ڏيو لقب زيور آهي، سو، اهو مون کي نه کپي، باقي مون کي پنهنجو ماريل حق ڏيو. " ان وقت ۾ يار محمد ميمڻ تعليم

Gul Hayat Institute

ڪاتي جو سيڪريٽري هو جنهن پنهنجي هڪ ميمڻ صاحب، محمد صديق ميمڻ کي نوازيندي، اُن کي ’خانبهادر‘ جو لقب به ڏياريو ته اُن کي پروموشن به ڏياريو.

- *سائين! اوهان شيخ اياز صاحب بابت ٻڌايو ته، اوهين ٻئي ڪلاس فيلو رهيا آهيو؛ اوهان اياز صاحب کي ان دور ۾ ڪيئن ڏٺو؟*

**اياز تمام خاموش طبيعت ۽ normal habits جو ماڻهو هو. هو ڪنهن سان به گهٽي لهه وچڙ نه رکندو هو ۽ پٺ تي سمهي، مٿي ڪان وهاڻو ڏيئي پيو پڙهندو هو. سج لهي ويندو هو اونداه ٿي ويندي هئي، تڏهن به پيو پڙهندو هو. مان چوندو هيس ته ”هيءَ ڪتابن جو ڪيڙو الائي ڪٿان آيو آهي؟“ هُو ڪورس جا نه، پر عام ڪتاب پڙهندو هو؛ ڳالهائيندو به گهٽ هو. هن ۾ ڏيک ويک به تمام گهٽ هو. ڪي ماڻهو پنهنجي چالاڪي يا هوشيارپ ڏيکاريندا آهن، پر هن ۾ اها به ڪا نه هئي. جيئن unassuming ماڻهو هجن، تيئن هيءَ هڪ معمولي ڇوڪرو لڳندو هو. شيخ اياز جي پرائيويٽ لائيف اها هوندي هئي ته، شام جو ڪيڏانهن نڪري ويندو هو پوءِ ڇوڪرا چوندا هئا ته: ”وڃي ٿو ’ڇُڪي‘ پٽي يا ڪنهن ڇوڪريءَ سان ٿو وقت گذاري“ خدا ٿو ڄاڻي، اهي ڇوڪرن جون ڳالهيون هونديون هيون، جيڪڏهن ائين ڪندو هو ته، اها هن جي ذاتي زندگي آهي. باقي مون هن کي خاموش طبيعت وارو ۽ ڳنڀير ڏٺو ـ ۽ هن جي قابليت جو اسان کي تڏهن اندازو ٿيو جڏهن لا ڪاليج ۾ ڪاليج جي سيڪريٽريءَ جي عهدي جي چونڊ ٿي. اياز ان عهدي لاءِ بيٺو ته، اسين سڀ ڪلڻ لڳاسين ته ”هتي سڀ هندو آهن، 500 هندو ۽ اسان 10 — 15 مسلمان ـ ته هندو ڪيئن هن مسلمان کي ووٽ ڏيندا؟ هي بيهي خوامخواه اسان کي بدنام ٿو ڪرائي.“

شاهاڻي صاحب پرنسپال هيو جنهن چيو ته، ”ڪنويسنگ ڇڏيو مان توهان کي هڪڙي chance ٿو ڏيان ته، سڀئي ڇوڪرا هال ۾ گڏ ٿين ۽ توهين ٻئي candidate انهن کي Address ڪيو پوءِ ڇوڪرا جنهن کي وڻي، تنهن کي ووٽ ڏين.“ سائين! اتي جو اياز تقرير ڪئي ته، سڀ دنگ رهجي ويا. pin drop silence ٿي ويئي. نه ته تنهن زماني ۾ هندو ڇوڪرا ڪٿي ٿا ڪنهن مسلمان کي ٻڌن؟ پر اياز اهڙي بهترين تقرير ڪئي، جو هر ڪو حيران هو ۽ جڏهن ووٽ ٿيا ته سڀ اياز کي پيا.

- *ان وقت اوهان جا اياز صاحب سان مختلف معاملن تي ڪي بحث ٿيندا هئا؟*

**هُو مون سان مهرباني ڪري ڪنهن ڪنهن مفل ڳالهائيندو هو. هونئن ته هو گهٽ ڳالهائو هوندو هو پر مون سان انهيءَ تي ڳالهائيندو هو ته: ”تون خاڪسار تحريڪ ۾ ڇو ويو آهين؟“ هو ايم اين راءِ (جيڪو انڊيا ۾ وڏو intellectual ٿي گذريو آهي) جو حمايتي هوندو هو. انڊيا ۾ اهي ايم اين رائسٽ سڏائيندا هئا. محمد ابراهيم جويو صاحب اسان کان وڏو هو. تنهن زماني ۾ ان سان ملاقاتون ٿيل


Gul Hayat Institute

نه هيون، پر هو به راءِ جو مداح هوندو هو ۽ اياز ايم اين راءِ جي وڏي مداح هجڻ ڪري گهڻا ڪتاب پڙهيا هئا، جڏهن ته اسان جي اسٽڊي تمام گهٽي گهٽ هئي. اسين هئاسي رولو. خاڪسار معنيٰ رولو. سچو ڏينهن ماڻهن سان گڏ. ڪڏهن لياري، ڪڏهن هتي، ڪڏهن هُتي، ان ڪري اسان جي ايڏي وڏي اسٽڊي نه هئي. البت خاڪساري ۾ خاڪسار موومينٽ تي اسان چڱو لٽريچر پڙهيو هو. علامه مشرقيءَ جو ڪافي لٽريچر هو. هو پنهنجا ڪتاب به لکندو ۽ ”الاصلاح“ اخبار به ڪڍندو هو. خاڪسار الاصلاح اخبار لاءِ ڪافي پريشان هوندا هئا ۽ جيڪڏهن اها ڪنهن کي هٿ ايندي هئي ته، اها سڄي رات ويٺا پڙهندا ۽ بحث ڪندا هئا.

- *سائين! اياز صاحب سان توهان جا ڪي ادبي بحث نه ٿيا هئا؟*

❊❊ نه — ادبي بحث نه ٿيا هئا. تنهن زماني ۾ مان ادب ۾ نه هيس. جناح ڪورٽس (جيڪا ايل بي ڊبليو هاسٽل سڏبي هئي) ۾ به تي بينڪون ٿيون هيون. جن ۾ ڪيرت ٻاٻاڻي، تيرٿ، خدا نه ٿو يلائي ته گوبند پنجابي به هوندو هو سوڀو (گيانچنداڻي) به هڪ ٻن ميٽنگس ۾ آيو هو. لائيٽ هائوس جي سامهون ڪميونسٽ پارٽيءَ جي آفيس هوندي هئي، اتي به هڪ به ميٽنگ ٿي هئي، جنهن ۾ مان به ويو هيس. ڪنهن جي چوڻ تي ويو هيس؟ اهو ياد نه ٿو پوي. انهن گڏجاڻين ۾ شعر ۽ ڪهاڻيون وغيره پڙهندا هئا، جن تي اهڙي طرح تنقيد ٿيندي هئي، جهڙي طرح اڄ ڪلهه سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ ٿئي ٿي. ظاهر آهي ته اها ليفٽ جي دوستن کان inspired هئي، ته اتي اهڙي نموني سان بحث ٿيندا هئا ۽ اتي اسان جو سنڌي چوڪرو سائينداد سولنگي، جيڪو بعد ۾ انجنيئر ٿيو اهو هڪ اهڙي ٺاهوڪي ڪهاڻي ”انڌي ۽ جنڊ“ لکي آيو هو جو بس، ڇا ڳالهه ڪجي؟ سائينداد سولنگي ۽ عبدالستار شيخ (جيڪو بعد ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جو اسسٽنٽ ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل ٿيو) ڪهاڻيون لکي ايندا هئا. سائينداد سولنگيءَ جي اها ڪهاڻي ايڏي لڳي، جو ان تي ڪو به تنقيد ڪري نه سگهيو هو ۽ چيائون ته: ”اِها (انڌي ۽ جنڊ) تمام لاجواب ڪهاڻي آهي.“ سائينداد سولنگيءَ بعد ۾ لکڻ ڇڏي ڏنو.

- *سائين ان وقت سنڌي ادبي سنگت قائم ٿي چڪي هئي؟*

❊❊ نه....... سنڌي ادبي سنگت پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ قائم ٿي.

- *ته ڇا توهان کي اها خبر آهي ته سنڌي ادبي سنگت ڪهڙي سن ۾ قائم ٿي؟*

❊❊ مون کي ياد ٿو پوي ته اها 1953ع — 54 يا 55 ۾ قائم ٿي. انهيءَ زماني ۾ (محمد ابراهيم) جويو صاحب، مان، اياز قادري، غلام رباني آگرو ۽ شايد سراج ميمڻ. اهي ڪڏهن اياز قادريءَ جي فليٽ تي، جيڪو آرام باغ روڊ تي هوندو هيو ته ڪڏهن حفيظ شيخ جي جاءِ تي، جيڪا اياز قادريءَ جي فليٽ جي مٿان هوندي هئي، اُتي گڏجاڻيون ڪندا هئاسي.

- *اياز قادري صاحب اڃا به ان جاءِ ۾ رهي پيو؟*

** ها، هُو اڃا به اتي رهي ٿو. . . . . . . يا ڪڏهن مينارام هاسٽل ۾ رباني ءَ جي ڪمري ۾ گڏجاڻي ٿيندي هئي.

- *ان وقت ۾ ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ پيش ٿيندڙ لکڻين تي بحث جو ڪهڙو طريقہ ڪار هوندو هيو؟*

** اسان اهي پنج ڇهہ ڄڻا هوندا هئاسين، پوءِ هڪڙو پڙهندو هو ۽ ٻيا انهن لکڻين تي تنقيد ڪندا هئا.

- *انهن لکڻين تي بحث دوران دوستيءَ جو عنصر بہ involve ٿيندو هيو؟*

** دوستيءَ جو تہ ڪو سوال ئي نہ ٿي اُٿيو. اسان ان وقت ڪي دوست بہ ڪو نہ هئاسين. بعد ۾ دوست ٿي وياسين ۽ اڃا بہ دوست آهيون.

- *سائين ادب ڏانهن اوهانجي اچڻ جو اصل محرڪ ڪهڙو هيو؟*

** اصل محرڪ آهي ماڻهوءَ جي دل، ماڻهوءَ جو ذهن، ماڻهوءَ جو جذبو. جڏهن ماڻهوءَ ۾ سچائيءَ ڪي وڌائڻ ۽ برائيءَ ڪي گهٽائڻ جو جذبو پيدا ٿئي ٿو تہ، پوءِ هو لکي ٿو يا ڪنهن نہ ڪنهن نموني سان ان جو اظهار ڪري ٿو. يا وڙهي ٿو پوءِ "بلو دادا" وانگر دادا گيري ڪري ٿو يا پنهنجي محڪمي ۾ ماسترن، هيڊ ماستر يا هِن هُن سان وڙهي پوي ٿو يا آرٽسٽ، ليڪڪ يا تقرير باز ۽ سياستدان ٿي ٿو وڃي. انکري اصل محرڪ جذبو آهي.

- *يا ماڻهو "پشو پاشا" ٿي ٿو وڃي.*

** "پشو پاشا" تہ منهنجي ذهني پيداوار هو. ڇاڪاڻ تہ تن ڏينهن ۾ منهنجو ليفٽ جي مزدور ۽ هاري تحريڪ سان تمام گهڻو واسطو هو. اتي مون محسوس ڪيو تہ هتي سموري ليڊر شپ ڪوڙي آهي، رڳو ڏيکاءُ پيا ڪن. ماڻهن ڪي جتن جي صورت ۾ ساڻ وٺي انهن جون درخواستون ڪٽي، پوءِ ڪي تہ ڇون پيا تہ، درخواستن تي ڪانئن 5 ـ 5، يا ٻہ بہ روپيا وٺندي مختيار ڪاري ۽ ٻين آفيسن مان سندن ڪم ڪاريون ڪرائيندا هئا. ائين هنن جو گذر ٿيندو هو جنهن تي مون کي ڏاڍي ڪاوڙ ايندي هئي، تہ يائي! هيءَ تحريڪ تہ ڪانهي. پوءِ ان تي مون "پشو پاشا" ڪهاڻي لکي، جنهن ۾ اِهو هيو تہ ليڊر شپ صحيح هجڻ کپي ۽ عوام منجهان هجڻ گهرجي، ٻيا تہ سڀ exploit (استحصال) ڪرڻ وارا آهن.

- *سائين! توهان ڪنهن ڏيهي يا پرڏيهي ليکڪ کان متاثر ٿي لکڻ طرف آيا؟*

** ائين چئي نٿو سگهجي. باقيءَ بابا سائينءَ وٽ ڪتابن جي لائبرري هوندي هئي. ان وقت اهو گورنمنٽ جو قانون هيو يا ٻيو ڪجهہ، پر هر نئون ڇپيل ڪتاب هن وٽ ايندو هو. ان وقت ڪافي پرڏيهي ليکڪن مثلاً: ٽئگور، منشي پريم چند ۽ ٽالسٽاءِ جي ڪتابن جا ترجما ٿيندا هئا. خود سنڌي ليکڪن جا ڪتاب ۽ "گل ڦل" وغيره بہ ايندا هئا، جيڪي آءُ پڙهندو هوس. ٽئگور جي ڪهاڻين جو مون تي

ڪافي اثر ٿيو. ٽالسٽاءِ جون ڪهاڻيون به سنڌي ترجمي سان پڙهيم (مون ان وقت انگريزي لٽريچر گهڻو نه پڙهيو هو). منشي پريم چند جون ڪهاڻيون به ڏاڍيون وڻنديون هيون. سنڌي ليکڪن ۾ امر لعل هنگوراڻي وغيره کي پڙهيم. انڪري ٿي سگهي ٿو ته انهن جو اثر قبول ڪيو هجيم.

- *توهان کي جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي باني ڪارن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. اوهان پنهنجي ڪهاڻيءَ جو اهو گهاڙيٽو ڪيئن اختيار ڪيو؟*

** مان جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جو باني ڪار شيخ اياز کي چوندس، جنهن جون لکيل ڪهاڻيون پنهنجي جاءِ تي ماسٽر پيسز آهن. ماڻهن، شيخ اياز جي شاندار نثر جي ليکڪ واري اِن پهلوءَ کي وساري ڇڏيو آهي. تنهن زماني ۾ رباني به تمام سٺو ڪهاڻي نويس هو مان پوءِ ميدان ۾ آيس، پر منهنجي اسلوبِ بيان ۾ جوش، جذبو تيزي، تُندي تمام گهڻي هئي، انهيءَ ڪري ان ذهن تي هڪدم هٿوڙو هڻي ٿي ڪڍيو. ان اسٽائيل ۽ ڪهاڻيءَ ۾ ڇاٽايل مسئلن جي ڪري به منهنجيون ڪهاڻيون گهڻيون ڌماڪاخيز ثابت ٿيون.

- *پر سائين! اسين جڏهن شيخ اياز صاحب جون ڪهاڻيون، جيئن "نظيران"، "ڪِلٽي"، "سفيد وحشي"......*

** ها! "ڪِلٽي" ڪيڏي نه لاجواب ڪهاڻي آ.......

- *...... پر سائين اڄ جو پڙهندڙ جيڪڏهن شيخ اياز جون ڪهاڻيون پڙهندو ته اهي ان کي گهڻو اپيل نه ڪنديون. جڏهن ته خود شيخ اياز صاحب پنهنجي ڪتاب جي شروعات ۾ ڪجهه هن طرح لکيو آهي ته، "سندس اهي ڪهاڻيون چاليهه يا پنجاهه جي ڏهاڪي جي دور جون لکيل آهن. انڪري انهن کي سندس ان دور جي شعور جي بنياد تي پڙهيو وڃي،" جڏهن ته توهان جون ڪهاڻيون اڄ به پڙهندڙ جي دل ۾ ڌماڪو ڪري ٿيون وجهن.*

** مون جيئن عرض ڪيو ته، منهنجي ڪهاڻين ۾ جذبي جو تيز تُند، تلخ ۽ ڌماڪي خيز اظهار آهي. اياز صاحب جي ڪهاڻين ۾ اهو نه هوندو هو انهن ۾ ادبي ميناج وڌيڪ آهي ۽ "ڪلٽي" يا "سفيد وحشي" ته سندس لاجواب ڪهاڻيون آهن.

- *توهان پنهنجي همعصر ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين بابت ڇا چوندءِ؟*

** رباني تمام سٺو لکندو هو بشير موريا ڻيءَ به ٻه ٽي تمام چڱيون ڪهاڻيون لکيون. حفيظ شيخ جي لکڻين جو انداز تمام منفرد ۽ تمام پيارو آهي، پر هو گهڻو ڪري ڪهاڻي کان وڌيڪ ليٽر سٺا لکندو هو.

- *انهن کان پوءِ امر جليل کان ماڻڪ تائين ۽ ٻيا ڪهاڻيڪار اچن ٿا، انهن جي ڪهاڻين جي باري ۾ اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟*

** امر جليل جي ڪهاڻين ۾ ماڻهو هڪدم ڏر ٿي بيهي ٿو جن ۾ ڪنهن شيءِ کان نفرت يا ڪنهن خاص شيءِ سان پاسخاطري ظاهر ٿي پوي ٿي، اها فني لحاظ



Gul Hayat Institute

ڪان ڪمزوري ليکجي ٿي، پر هن وقت هو تمام عاليشان ٿو لکي ۽ پختو رائيٽر ٿي چڪو آهي.

- *سائين "پشو پاشا" ۾ آيل ڪهاڻين ڪان پوءِ اوهان جي لکڻ جو سلسلو رُڪيل ٿو نظر اچي، اوهان وري شايد 88 – 87 _1986 ۾ ڪا ڪهاڻي لکي. ان gap جو ڪو خاص سبب آهي؟*

** هڪ سبب بيماري ۽ ٻيو سبب نوڪريءَ جون مصروفيتون هيون. مان نوڪريءَ ۾ هڪ تمام محنتي آفيسر ليکيو ويندو هيس. ڏينهن رات ڪم ڪندو هيس. جيستائين ڪنهن ماڻهوءَ جو مسئلو حل نہ ٿيندو هو تيستائين آرام نہ ايندو هو. لکي لکي منهنجو هٿ خراب ٿي پيو ان ڪري مان ساڄي هٿ سان لکي نہ سگهندو هوس. پوءِ مون ٽائيپ ذريعي لکڻ شروع ڪيو. مان 42_41 سالن جو هيس تہ هارٽ اٽيڪ ٿي. انهيءَ ڪان پوءِ مان ڇڻ مجبور، جڏو ماڻهو ٿي پيس. هر ڳالهہ تي بندش، اٿڻ ويهڻ تي بندش، لکڻ پڙهڻ تي بندش، اڄ بہ ڊاڪٽر چوي ٿو تہ: "تون لکي نہ، پر پڙهي سگهين ٿو". پر حالت اها اچي ٿي آهي تہ، پڙهي بہ نٿو سگهان. پڙهان ٿو تہ اخبار يا ڪتاب هٿ مان ڪري پوي ٿو. يا ننڊ يا ڳهر وٺي وڃي ٿي، تہ 1967ع ڪان وٺي صحت جي مسلسل بگڙيل رهڻ ڪري بہ لکڻ تي اثر پيو آهي، پر مون ڪي جڏهن بہ ڪو سبجيڪٽ هٿ آيو آهي تہ، مان لکڻ ڪان مُڙيو ناهيان. مون بعد ۾ جيڪي بہ ڪهاڻيون لکيون آهن، مان ٻانيان ٿو تہ اهي وڏيڪ پختيون آهن، مثلن: "لاٽ"، "سينڊ" ۽ "فرشتو". منهنجي خيال ۾ اهي وڏيڪ پختيون ۽ وڏيڪ وزندار آهن.

- *سائين "فرشتو" ڪهاڻي تہ اوهان (ضياءَ جي) مارشل لا دور ۾ لکي هئي، جيڪا برسات رسالي ۾ شايع ٿي هئي؟*

** ها! اها مارشل لا دور ۾ لکيم ۽ برسات ۾ شايع ٿي هئي ۽ جنهن ۾ فوج تي سڌو سنئون حملو ٿيل هو. اها اسلام آباد ۾ لکيم. ان ڏينهن اڪيڊمي آف ليٽرس جي ڪانفرنس پئي هلي تہ صبح جو امر جليل اتي سنڌ هائوس ۾ مون وٽ آيو چيومانس: "ادا ! سالن ڪان پوءِ رات مون ڪاوڙ ۾ هيءَ ڪهاڻي لکي آهي" (مون کي جڏهن جوش يا ڪاوڙ ايندي آهي، تڏهن لکندو آهيان). اها پڙهي چيائين تہ: "هيءَ ڪير بہ ڪو نہ ڇپيندو. " پڇومانس: "ڇو؟ اردوءَ ۾ سڀ ڪجهہ هلي ٿو رڳو اسان سنڌين تي مصيبت آهي. گورڪيءَ جي مدر (Mother) انگريزيءَ ۾ allowed آ. اِها اردوءَ ۾ بہ allowed آهي، پر سنڌيءَ ۾ ان تي بندش آهي، سو اردوءَ ۾ هلي ويندي"

چيائين: "اردوءَ وارا بہ نہ ڇاپيندا." پوءِ صلاح ڏنائين تہ: "هن مان ورديءَ جو اکر ڪڍي ڇڏيان تہ ڪهاڻي هلي ويندي" پوءِ رکي ڇڏيم. بعد ۾ هتي پريس ڪلب (ڪراچيءَ) ۾ اها ڪهاڻي پڙهيم تہ اتي يوسف شاهين مون کي چيو تہ: "مان ڇپڻ لاءِ تيار آهيان، پر ان جو عنوان مٽائينس." پوءِ عنوان مٽائي "فرشتو"

ڪيم، پوءِ ڇپي ڇڏيائين.

- *پھريون عنوان ڪھڙو هيس؟*

❊❊ شايد "اسلام آباد" هيس.

- *شيخ اياز صاحب سائين بدر صاحب جن جي ڪتاب "جيل جي ڊائري" جي مھاڳ ۾ لکيو آهي تہ: "مون کي هاڻي سمجھہ ۾ ٿو اچي تہ جمال ابڙي ڇو لکڻ ڇڏي ڏنو آهي؟ جيڪڏهن منھنجو پٽ بہ اهڙو (بدر ابڙي جھڙو) لکي ها تہ، مان بہ لکڻ ڇڏي ڏيان ها. " ڇا واقعي بدر صاحب جن جي سٺي لکڻ جي ڪري اوهان لکڻ ڇڏي ڏنو؟*

❊❊ اها تہ اياز جي عظمت آهي. باقي اياز جو ائين چوڻ تہ "سندس پٽ بدر جھڙو لکي ها تہ هو بہ لکڻ ڇڏي ڏئي ها"، اها هُن بدر کي complement ڏني آهي. اها اياز جي عظمت آهي، باقي بدر ايڏو وڏو رائيٽر ڪونھي، جو اياز جھڙو اسڪالر لکڻ ڇڏي ڏئي. بدر تمام سٺو رائيٽر، تمام سٺو سمجھدار آهي ـ ۽ جيترين خوبين هِن ۾ آهن، اهي مان ئي ڄاڻان ٿو. هُو تمام وڏين خوبين جو مالڪ آهي، پر تڏهن بہ اها اياز جي عظمت آهي جو ائين چيو اٿائين.

- *پر سائين جيڪڏهن ڪنھن ليکڪ جو پٽ سٺو لکي ٿو تہ، سندس والد لکڻ بند ڪري ڇڏي، اهو ڪھڙو منطق آهي؟*

❊❊ اهو صحيح ناهي. مان هميشہ سوچيندو آهيان تہ مان ڪجھہ نہ ڪجھہ لکندس، پر لکي نہ ٿو سگھان. پارهن يا ان کان مٿي مھينن کان ويٺو ٿو سوچيان تہ، پنھنجي زندگيءَ جون يادگيريون لکان، پر لکي نٿو سگھان.

- *سائين! هر ماڻھو جيڪو ڪجھہ ڪرڻ چاهيندو آهي، جڏهن هو پاڻ اُهو ڪجھہ پنھنجي زندگيءَ ۾ ناهي ڪري سگھندو تہ پوءِ هُو پنھنجي اهڙي خواهش جي تڪميل جي اميد پنھنجي اولاد سان وابستہ ڪندو آهي. اوهين پنھنجن ڇئن پٽن مان پنھنجي اهڙي خواهش جي تڪميل جي اميد ڪھڙي پٽ ۾ رکو ٿا؟*

❊❊ بدر ۾ ئي آهي، پر ائين بہ ناهي تہ ماڻھو رڳو لاهي پاهي اولاد تي ويھي ٿو. اولاد بگڙي بہ سگھي ٿو، اولاد بڇي نموني جو بہ ٿي سگھي ٿو جيئن چوندا آهن تہ: "وڏين پيڙهن سڄا ۽ سڄن پيڙهن وڏيا" ـ ۽ ماڻھوءَ جي ڪرڻ جي ڪا مند ئي ڪانھي.

- *سائين! بدر صاحب جي حوالي سان هڪ سوال آهي تہ، اوهان اِهو ٻڌايو تہ هن جي ننڍپڻ کان هينئر تائين واري زندگيءَ جي تربيت ۾ توهان جو ڪيترو حصو رهيو آهي؟*

❊❊ مان چئي نٿو سگھان، باقي ضرور هوندو. مون ٻارن کي اهو ذهن ۾ وڌو آهي تہ: "بابا ! سچائيءَ تي قائم رهو، ڏيک ويک کي ڇڏي ڏيو، سادي زندگي، ايمانداريءَ سان گذاريو."

Gul Hayat Institute

اسان لطيف آباد (حيدرآباد) ۾ هڪ تمام شاهي بنگلي ۾ رهندا هئاسي. مون ائين به ڪيو ته، اتي پاڻ ٻهاري کڻي ٻاهر رستي يا گهٽيءَ ۾ صفائي ڪندو هيس، ته جيئن منهنجا يار ڏسن ته، مٿن اِهو اثر پوي ته. اها ڪا ايڏي وڏي ڳالهه ڪانهي ـ ۽ جڏهن مون کي هارٽ اٽيڪ ٿيو هو ته اُن وقت بدر ڏهن ٻارهن سالن جي عمر جو هو. مون اُن وقت کيس رڪشا هلائڻ سيکاري. مون کيس چيو ته: "بابا، مرڻ جو وقت ٿي ڪونهي." سو ، هو رڪشا به هلائيندو هو. مون بدر کي پريڪٽيڪل زندگيءَ ڏانهن آندو ۽ کيس پورهيي جي عظمت کان به واقف ڪيو.

- *سائين بدر صاحب ننڍپڻ ۾ ڪيئن هوندو هو؟ سادو يا شرارتي؟*

** نه...... نه...... تمام سادو هوندو هو.

- *پڙهائيءَ ڏانهن هن جو توجه؟*

** پڙهائيءَ ڏانهن سندس توجهه گهٽ، پر ڪتابن جو شوقين هو. منهنجو اهو طريقو هوندو هو ته ٻارن تي زوريءَ ڪتاب نه مڙهيندو هيس. ٻاراڻا ڪتاب يا اهي جن ۾ تصويرون وغيره هونديون هيون ، سي، ٻارن جي ڪمري ۾ اڇلي ڇڏيندو هيس يا اُتي رکي ڇڏيندو هيس. ائين نه چوندو هيومانِ ته، " پڙهو." سو جنهن کي جيڪو وڻي ته، کڻي پڙهي ـ ۽ بدر ۾ اهو شوق هو ته، هو ڪتاب کڻي پڙهندو هو. ٻيا به پنهنجي Choice مطابق ڪتاب کڻي ٿورو گهڻو پڙهندا هئا، پر بدر شوق سان پڙهندو هو. ٻي وڏي ڳالهه ته، هو ننڍي هوندي کان وٺي آرٽسٽ هو. تصويرون ڪڍندو هو. مٿيءَ تي ليڪون وينو ڪڍندو هو. هو ڄائي ڄم کان آرٽسٽ هو. پوءِ مون ع ـ ق شيخ کي عرض ڪيو ته، هُو هِن کي آرٽ سيکاري. جنهن چيو ته، "مون ڏانهن موڪلينس." پر بدر ۾ مستقل مزاجي، ڪنهن ڪم جي پنيان پوڻ ۽ ان جي انجنيئرنگ ۾ وڃڻ واري ڳالهه ناهي. جيئن سڀڻ وارا اهو سيکاريندا آهن ته، سُئي ڪيئن جهلجهي؟ ڌاڳو ڪيئن وجهجهي؟ اهي پريشانيءَ جون ڳالهيون آهن. سو، ع ـ ق شيخ به هن کي ليڪ ڪڍڻ، ٽڪنڊا، مستطيلون ۽ چورس ٺاهڻ سيکارڻ شروع ڪيا ته، هو ڀڄي آيو. چيائين: "بابا ! هي الائي ڇا ٿو نهرائي، ڪو نه سکندس." پوءِ جڏهن هتي ڪراچيءَ آياسين ته، ناظم آباد ۾ آرٽس ڪاليج ۾ وڃڻ شروع ڪيائين. ان کان پوءِ آرٽس ڪائونسل ۾ به داخلا ورتائين.

- *سائين شيخ اياز صاحب جن هڪ ملاقات ۾ ٻڌايو هو ته: "هُو جمال ابڙي تي ڪتاب لکي رهيو آهي، جنهن جو عنوان آهي، "جمال ۽ مان،" جنهن جا هُو سؤ صفحا لکي چڪو آهي ۽ وڌيڪ به لکي پيو." سو توهان جو به اهڙي ڪنهن ڪتاب لکڻ جو ارادو آهي؟*

** مان پنهنجيون ننڍپڻ کان وٺي هينئر تائين واريون يادگيريون لکڻ چاهيان ٿو. اهو سڄو پيٽرن ٿيندو جيڪو تاريخ جو هڪ حصو ٿي ويندو پر مون ۾ اها قوت (energy) ناهي، جو ٽيبل تي مسلسل ڪلاڪ به ويهي لکان. مان ڳالهايان ٿو ته به



Gul Hayat Institute

تڪجي ٿو پوان.

- *سائين هاڻي هڪ ٻيو سوال، ادب ۾ نظرياتي پرچار جي ڪيتري ضرورت آهي؟*

** انهيءَ ڳالهہ تي اڄڪلهہ ليِن ڏيِن گهڻي پئي هلي، پر نظريات کان سواءِ ڪير بچي سگهي ٿو ڇا؟ ممڪن ئي ڪونهي. هڪ سنئين سڌي پروپئگنڊا ٿيندي آهي، جنهن کي ادب ۾ نہ اچڻ ڏجي تہ چڱو آهي. اها ڳالهہ ماڻهو اهڙي فني نموني سان ڇئي وڃي جو اها ماڻهوءَ جي دل ۽ ذهن ۾ ويهي وڃي. سڌي سنئين طريقي سان چوڻ واري ڳالهہ فن نہ ٿيندي. باقي نظريات کان تہ بچي ئي نٿو سگهجي. ڪم از ڪم اهو تہ چئبو تہ: "ڀائي! چڱي ڳالهہ جي حمايت ڪيو ۽ بُري ڳالهہ جي مخالفت ڪيو؟" ايترو تہ چئبو نہ؟ اها بہ نظرياتي ڳالهہ آهي. برائيءَ جي مخالفت ۽ چڱائي جي حمايت انقلاب جو بنياد آهي. جيڪڏهن اسان مان هر هڪ ائين ڪرڻ شروع ڪري ڏئي تہ، اسان معاشري جو نقشو ئي مٽائي ڇڏيون ـ تہ رائيٽر ڪم از ڪم ايترو تہ چوندو نہ؟ ـ اهو بہ هڪ نظريو آهي. جي اهو بہ نہ چيائين تہ، پوءِ مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ لٽريچر ڇا وڃي رهندو؟

- *جيئن اڄ ڪلهہ چيو ٿو وڃي تہ ادب، ادب ئي آهي، "ادب زندگيءَ لاءِ" وارو نعرو غلط آهي؟*

** اهو صحيح آهي تہ، ادب، ادب آهي، پر ادب زندگيءَ سان واسطو رکي ٿو يا اهو زندگيءَ کان ٻاهر خلا ۾ رهي ٿو؟

- *....... ۾ اڄڪلهہ شيخ اياز صاحب جن جو بہ اهڙو ئي نقطہ نظر آهي.*

** شيخ اياز صاحب تمام وڏو فلسفي ۽ اسڪالر آهي ـ ۽ هو جيڪي ڪجهہ چوي ٿو تنهن ۡکي وزن آهي. تنهنڪري اسين ان تي ڪجهہ چئي نٿا سگهون ـ ۽ جڏهن مان شيخ اياز جي اها ڳالهہ پڙهندو آهيان تہ، سمجهندو آهيان تہ، هُو صحيح ٿو چوي. هو شروعات کان وٺي نظريات کان باغي رهيو آهي. هن تي الزام آهي تہ، هو ڪميونسٽ آهي، پر هو ڪڏهن بہ ڪميونسٽ ۽ سوشلسٽ ناهي رهيو. جيئن مون اڳ ۾ چيو تہ، هو ذهني طرح ايم اين راءِ جو حامي رهيو آهي. پوءِ بہ هن جي شاعريءَ ۾ توهان کي شروع کان وٺي جاءِ بجاءِ mysticism (تصوف) ملندو. هي محبتي ماڻهو آهي، پيار، محبت ۽ رومانس ۽ زندگي سان پيار جو شاعر آهي.

- *هن کي انقلاب جو شاعر بہ چئي سگهجي ٿو؟*

** چئي سگهجيس ٿو. گهڻ پاسائين شخصيت آهي. nationalist (قومپرست) بہ آهي، انقلابيت بہ آهيس.

- *سائين! شيخ اياز صاحب هيئنر تہ تصوف بابت تمام گهڻيون ڳالهيون ڪري ٿو.*



Gul Hayat Institute

** هُو اهڙيون ڳالهيون اصل ڪان ڪري ٿو. توهان هن جا پهريان ڪتاب پڙهو انهن ۾ به توهان کي سندس اهڙيون ڳالهيون ملنديون.

- *وچ تي بين نظرين جي به ڳالهه ڪندو هو پر هيئنر صرف تصوف جي ئي ڳالهه ڪري ٿو؟*

** هو صاف دل وارو آهي. هر ڪنهن سان نياهه ڪيو اٿائين. ڪنهن سان به برو نه هليو آهي. ڪم از ڪم مون تي تمام گهڻو مهربان رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته مان اصل کان وٺي صوفي آهيان. منهنجا وڏا به صوفي هئا. منهنجو ڏاڏو مرحوم، جيڪو مون نه ڏٺو هو پر چون ٿا ته، اهو به چوندو هو ته: ”دوزخ دڙڪو بهشت دلاسو ڪوڙي دنيا جو ڪوڙو ڪڙڪو. بابا ! چڱائي ڪيو مٿن مائٽن، اوڙي پاڙي، غيرن، سڀ ڪنهن سان. دشمن سان به چڱائي ڪيو. اهو ئي مذهب آهي، باقي ٻي ته اجائي ڳالهه آهي.“ اِهو ان دور جو هڪ انقلابي خيال هو.

- *سائين دشمن ته دشمن ٿيندو آهي، ان سان چڱائي ڪرڻ سان هو دشمني ته ختم نه ڪندو؟*

** نه....... مان انهيءَ خيال جو ناهيان. مان اڄ به انهيءَ خيال تي بيٺو آهيان ته، سنڌيءَ جو دشمن سان به ڀلائي ڪرڻ وارو ڪئريڪٽر آهي. هي دور هليو آهي ته: ”ڪماڙي اسان جو ڪلچر آهي.“ اسان جو ڪماڙي ڪلچر ته ڪڏهن به نه رهيو آهي. اسان ته هميشه نهٺائي ۽ هيٺائين وٺڻ وارا رهيا آهيون. شاهه سائين به بار بار چيو آهي:

ڏولائو ڏمر نهار ڪمي نمي
يا
ورائي، واتون چئو مَ چوني، تو هو
ڪائي، سو خطا ڪري، جو اڳرائي اڳ
پاند ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪين ڪي.

ته اڳ اڳرائي ڪندڙ ئي خطا ڪائيندو آهي ۽ ڪيني وارو پاند ۾ ڪجهه پائي نه ويندو. مهاجرن سان اسان جي جيڪا وٿ وٺان ٿي آهي. اها به هٽرادو پيدا ڪئي ويئي آهي ـ ۽ اها اسان نه ڪئي آهي، اها اسان سنڌين جي ڪلچر ۾ ئي ڪانهي. ڳوٺن ۾ رهندڙ مهاجر اڄ ڏينهن تائين سلامت آهي. اڄ تائين هن کي اتي پنهنجو گهرڙو آهي، هن جا ٻچا اتي رهن ٿا ۽ سندس نياڻين سياڻين جي عزت آهي. هن جي زمين اتي آهي، جنهن جي پيدائش کٽي ٿو ته اسان سنڌين جو ڪلچر ته وسيع نظري، وسيع قلبي، مهمان نوازي، دوستي، ٻئي جو ٻچاءُ ڪرڻ ۽ ٻين کي پناهه ڏيڻ وارو آهي ـ ته اهو مهاجر انهن ڳوٺن ۾ خوش آهي، پر شهرن ۾ به مصيبت انهن مهاجرن پاڻ ئي پيدا ڪئي آهي. اسان نه ڪئي آهي. ان ڪري جيڪڏهن اسين پنهنجي ڪلچر کي چنبڙي پئون ته، اسين هنن کي پنهنجو



Gul Hayat Institute

ڪري ويندا سين. ٻهراڙيءَ جو مهاجر اسان جهڙي سنڌي ڳالهائي ٿو هو سنڌي ڪلچر ۾ ڪافي رنڱجي ويو آهي، پر جڏهن هُو شهر جي مهاجر سان ملي ٿو ته، پوءِ هُو ڪجھ نہ ڪجھ زهر پاڻ سان کڻي اچي ٿو. نہ تہ ائين ناهي.

- *پر سائين! اسان جي ڪلچر ۾ پنهنجن حقن جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ وارو عنصر بہ تہ رهيو آهي ۽ نهنائي.....؟*

** حقن لاءِ جدوجهد ڪرڻ تہ لازمي امر آهي. مون عرض ڪيو تہ، چڱائيءَ جي حمايت ڪرڻ ضروري آهي ۽ بري تي بڇ ڪرڻي آهي، پر سنبت سان. سنهڙا سانپا مارڻ تہ مناسب ناهي.

- *پر سائين ! اسان پنهنجن حقن جي لاءِ جيڪا جدوجهد ڪندا سين، اها يقينن ان ماڻهوءَ جي خلاف هوندي، جنهن اسان جا حق ڦٻايا آهن، پوءِ ان سان ڪيئن چڱائي ڪجي؟*

** ڪنهن حق ڦٻايا آهن؟ ان جي تہ تائين تہ پهچو ان لڪل شيطان کي ڳولهي واڪو تہ ڪيو. دشمن انسان ناهي، انسان انسان جو دشمن ناهي. خير هونئن تہ انسان هڪ ٻئي جو دشمن رهيو آهي، هڪ ٻئي جو رت ست چُوسيندو رهيو آهي، پر انسان سان دشمني ڪرڻ انسانيت ناهي، پوءِ کڻي اُهو ڪير بہ هجي. انسان سان نفرت ناهي ڪرڻي. مان ڪنهن بہ صورت ۾، ڪنهن بہ حالت ۾ اها اجازت نہ ڏيندس تہ، هڪ مهاجر عورت، پوڙهي، ٻار يا نوجوان کي ڇري هڻي مارجي، ڀلي هنن اسان جا ماڻهو ماريا هجن، پر مان ان جي ڪڏهن بہ اجازت نہ ڏيندس ـ ۽ مون جيڪا ڪهاڻي "ماءُ جي جهولي" لکي هئي، انهيءَ تي نوجوان ڪاوڙيا بہ هئا. ٻار پل پنگياڻي، مهاجر يا پنجاپڻ جو هجي، پر ماءُ تہ ماءُ آهي نہ، اها ان کي بچائيندي ۽ ماءُ جو جذبو ماءُ ئي سمجهي سگهي ٿي ـ تہ مان انسان سان نفرت ڪرڻ يا ان کي تڪليف پهچائڻ جي ڪنهن بہ صورت ۾، ڪنهن بہ حال ۾ اجازت نہ ڏيندس.

- *سائين ! هن سوسائٽي ۾ جيڪي ڪلاسز آهن، جن درميان مفادن جي ويڙهہ ٿئي ٿي، تہ اهو انسان جيڪو وڏيرو، جاگيردار ۽ سرمائيدار آهي، اهو ڪنهن جي عورت کڻي ٿو وڃي، ان سان زيادتي ٿو ڪري، ڪنهن هاري يا نوجوان کي ڪٽائي مارائي ٿو ڇڏي، پيون بہ ڪيتريون ئي زيادتيون ڪري ٿو تہ ان کي بہ انسان سمجهي معافي ڏيڻ گهرجي؟*

** نہ..... چاڪاڻ تہ بُري کي سزا ڏيڻي آهي، ان کي ڇڏي ناهي ڏيڻو پوءِ اهو ڪير بہ هجي ـ ۽ اهو بُرو رڳو وڏيرو ڪونهي، پر اُهو هر طبقي ۾ موجود آهي. وڏيري کان وڏيڪ هاري هاريءَ سان مصيبتون ڪري ٿو. وڏيرو بہ هاريءَ جي معرفت زيادتيون ڪرائي ٿو. غريب غريب جو دشمن آهي. وڏي ماڻهوءَ کي هو پاڻ عزت ڏئي ٿو. مون ڏٺو آهي تہ. بس ڪنڊڪٽر پاڻ تہ غريب آهي، پر هو ٻئي غريب سان وڙهندو ۽ وڏي ماڻهوءَ کي چڱي جاءِ ناهي ڏيندو. انڪري غريب جي غريب سان

وڏيڪ نفرت آهي، پر وڏي ماڻهوءَ سان ڪانهي.

برائيءَ جو هڪ وڏو circle آهي، جنهن چڪر ۾ اسان سڀئي ڦاسي ويا آهيون ۽ حقيقي دشمن نظر نہ ٿو اچي. ان حقيقي دشمن کي ڳولڻ بہ ادب جو ڪم آهي. معاشرتي انقلاب ضروري آهي، پر ادب ۾ ان جو ڪهڙي نموني سان پرچار ڪجي؟ اهو اديب ڄاڻن.

- *معاشرتي انقلاب جي حوالي سان هڪ ڳالهہ تہ، عالمي يا ملڪي صورتحال اڄ ڪافي تبديل ٿي چڪي آهي. جيڪي نظريا يا آدرش ڪلهہ هئا، اهي اڄ ٽٽي ويا آهن. ڇا اوهين هينئر بہ معاشرتي انقلاب جي ضرورت محسوس ڪريو ٿا؟*

** معاشرتي انقلاب جي هر وقت ضرورت آهي.

- *سوشلسٽ سوسائٽي destroy ٿي ويئي. ان ڪان پوءِ بہ؟*

** سوشلسٽ سوسائٽي زخمي ٿي پئي آهي، مُئي ناهي. اسان جا سماجي ۽ معاشرتي قدر ۽ ادارا سڀ بدلجي ويا آهن. جيڪا ڳالهہ اهو ڏيکاري ٿي تہ اسين هڪ تمام وڏي انڌي غار ڏانهن وڃي رهيا آهيون. خبرناهي تہ ڇا ٿيڻو آهي؟ بدلجندڙ حالت کي بدلجندڙ تدبيرن سان منهن ڏجي تہ حالتون نهايت سازگار آهن.

- *سائين! سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي مستقبل جي لاءِ ڪهڙي Predict ڪريو ٿا؟*

** جيڪڏهن سنڌي ماڻهو پنهنجي ڪلچر تي قائم رهيو تہ هو زندهہ رهندو. اسان جو هن وقت مهاجر سان ٽڪر آهي ـ ۽ اسان جو ڪلچر مهاجر ڪلچر کان هزار بار بهتر آهي. جنهن بہ section ۾ ڏسو سچائي، ايمانداري، محبت ۽ ڪنهن کي بچائڻ ۾ اسان چارسوءَ ويهہ ناهيون. اسان بدمعاش ناهيون، لُچ، ڦڏئي ۽ فتني انگيز ناهيون. باه ڏيئي ساڙڻ ۽ ٽائر جلائڻ جو ڪلچر اسان وٽ هيو ئي ڪو نہ. اهو سڀ هنن امپورٽ ڪري اسان جي ملڪ ۾ آندو آهي، اسان نہ آندو آهي.

- *سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي وچ ۾ جنهن ٽڪر جي اوهان ڳالهہ ڪئي، ان جا توهان جي نظر ۾ ڪهڙا سبب آهن؟*

** معاشرتي ۽ اقتصادي سبب آهن.

- *1970 کان اڳ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جا پاڻ ۾ جيڪي خوشگوار تعلقات هئا، اهي هينئر بگڙجي چڪا آهن. توهان کي انهن جي وچ ۾ ڪا equation جڙندي نظر اچي ٿي؟*

** ڦرڪي ڦرڻ ۾ دير ئي ڪانهي. تاريخ ۾ اهڙا ڪيئي واقعا ٿيا آهن. سنڌي مهاجر هڪ ٿي سگهن ٿا. ڇاڪاڻ تہ اسان جا مفاد هڪ آهن. اسان جو دشمن هڪ آهي، پر اسان کي پاڻ ۾ ويڙهائي جيڪي نفرتون پيدا ڪيون ويون آهن، رڳو ان ڪيني کي ڪيڏڻو آهي.

- *اوهان اهو ٻڌائيندا ته اها ويڙهائيندڙ قوت ڪهڙي آهي؟*

** ها! هڪ ڪامورا شاهي (رشوتي ڪامورو ۽ ٻئي سموري ڪامورا شاهي) خاص ڪري پنجابي ڪامورا شاهي، پيو پيشيور سياستدان، جيڪي ماڻهن ڏانهن ويڄڻ بجاءِ ڊرائنگ رومس ۾ ويهي پالٽڪس ڪن ٿا. ٽيون فوجي مفاد، جيڪي وري انٽرنيشنل مفادن سان گڏيل آهن، اهي سڀ گڏجي سڌجي اسان کي ويڙهائن ٿا.

- *سائين! آءٌ پيهر اهو معلوم ڪرڻ ٿو چاهيان ته توهان کي سنڌين مهاجرن جي پاڻ ۾ ٺهڻ جي ڪا اميد نظر اچي ٿي؟*

** مون کي نظر اچي ٿي، ڇاڪاڻ ته ماڻهو بنيادي طرح سان بڇڙو ناهي. ماڻهوءَ جي چڱائيءَ مان منهنجو ڪڏهن به اعتبار نه ويو آهي، مهاجر به نيڪ انسان آهي. اهو به ڪو جانور ته ڪونهي. ان ۾ سڀ انساني خوبيون آهن. پر ان کي خوف ۽ ڏاڍ جي زور تي suppress ڪيو ويو آهي. انهن جا ليڊر خطرناڪ، واهيات، غنڊا، قاتل، ڌاڙيل ڇور، لُچ ۽ لفنگا بڻجي ويا ته هو انهن کان ڊڄڻ لڳا. اِهي خوف ۽ دهشت ۾ آهن. هڪ هندو دوست پئي چيو ته: ”اسان بمبئيءَ ۾ بي جي پي کان اهڙو ڊنل آهيون، جهڙو توهان ايم ڪيو ايم کان. اسين بي جي پي جي خلاف ڳالهائي نٿا سگهون. جي ڳالهائينداسين ته اهي ماري ڇڏيندا.“

- *سائين، جيئن توهان سوير ڳالهه ڪئي ته اسان جي قوم نياز نوڙت ۽ نهٺائيءَ واري قوم رهي آهي، ته ڇا ان نهٺائيءَ اسان کي نقصان ناهي ڏنو؟*

** نهٺائيءَ جو اهو مطلب ڪونهي ته پنهنجو بچاءُ نه ڪيو؟ مون ته پنهنجن دوستن، (رسول بخش) پليجي کي به اهو چيو هو. پليجي کي هميشه اها شڪايت هوندي آهي ته: ”ادا ! ماڻهو اسان جي ٻڌن ڪو نه ٿا.“ پر ماڻهو ڪيئن نه ٻڌندا؟ ماڻهن ڏي ڳوٺ ڳوٺ وڃو انهن کي سمجهايو ته بچاءُ ڪيئن ڪجي؟ هٿيار ۽ بندوقون پاڻ وٽ رکو ڪيئن وڙهو؟ وٽن تي چڙهي لڪي ويهي رهو. رات جو ڪوٺن تي مورچا ناهيو ۽ پري کان اشارن جي لاءِ پنهنجا ماڻهو رکو جيڪي لائيٽ يا ٽارچ تي توهان کي اطلاع ڏين، ته حملو ٿيڻ وارو آهي ـ ته توهان جي هر ڪو ٻڌندو.

جيڪڏهن ماڻهن کي چوندوءَ ته ڳوٺن ۾ هي گهٽيون گهيڙ بند ڪيو ۽ هي ڪولي رکو ته ڪير به انڪار نه ڪندو. ماڻهن کي پنهنجي بچاءَ جي سوچ ڏيڻ کپي. پنهنجو دفاع حق آهي، باقي ڪنهن کي قتل ڪرڻ ۽ مارڻ ٺيڪ ناهي. ان ته اسان کي هميشه نقصان ۾ وڌو آهي ـ ۽ پنهنجن ۾ ڪو اهڙو ماڻهو آهي، جيڪو اسان سان ائين ڪري ٿو. مهاجرن جي ليڊر شپ، پهريان پنجابين سان وڙهي، وري پٺاڻن سان وڙهي. هنن جو سڄو direction اوڏانهن هيو ـ ته ائين ناهي ته، سڀ مهاجر بدمعاش آهن، پر انهن جي ليڊر شپ بدمعاش آهي.



Gul Hayat Institute

- *سائين! توهان جج به رهيا ۽ بهترين ڪماڻيڪار به. انهن ٻنهي کي balance ڪرڻ جي لاءِ توهان کي ڪي مسئلا درپيش آيا؟*

** نه، ڪو به مسئلو درپيش نه آيو سواءِ ان جي ته، گهڻو وقت نوڪريءَ ڏانهن پئي ويو. روزگار کي وقت ته ڏبو. مون هميشه پنهنجو اهو اصول ٻڌائي رکيو آهي ته، ڪم عبادت آهي. مان تمام گهڻو ڪم ڪندو هوس. ڪورٽ جو وقت گذري ويندو هو ته به ويٺو هوندو هوس. پٽيوالا ۽ ڪلارڪ به بيزار ٿي پوندا هئا ۽ چوندا هئا ته، ”سائين! هاڻي هلون،“ ته مان چوندو هيومانِ، ”جيڪي ماڻهو ٽر ڪان هيترو پنڌ ڪري، ڪي اٿن، ته ڪي بسن تي چڙهي آيا آهن، جيڪڏهن اسين انهن جو ڪم نه ڪنداسين، ته اِهي وري بس پڪڙي گهر ويندا. هنن جو گهرڙو اڪيلو هوندو. وري پيهر اچن.تنهن ڪري انهن جو شاهديون وٺي، انهن کي واندو ڪري موڪليو.“ سو ڇڻ فرصت نه هوندي هئي. باقي ادب ۽ نوڪريءَ جو ڪو ٽڪراءُ ڪو نه هيو.

- *ان نوڪريءَ دوران اوهان کي ڪي اهڙا واقعا پيش آيا، جيڪي خاص اهميت رکندا هجن؟*

** گهڻا واقعا پيش آيا، جيڪي ماڻهو لکي سگهي ٿو.

Gul Hayat Institute

# عشق ناهي راند

## هڪ اڻڇپيل انٽرويو

*( هيءُ انٽرويو جمال ابڙي کان 15 ڊسمبر 1983ع تي ورتو ويو. هي سوال سهيل سانگيءَ جا تيار ڪيل آهن جيڪو ان وقت ڪراچي سينٽرل جيل ۾ قيد هو. اطهر ابڙي اُنهن سوالن ۾ ڪجهه ترميم ڪئي. انٽريو وٺندڙ آهن: اطهر ابڙو شاهده سڪندر ۽ رابيل ابڙو)*

- *توهانجا وڏا ڪير هئا ۽ ڪٿان آيا؟*

** اِهو تہ تاريخ جو سوال آهي، ڪو تاريخدان جواب ڏئي سگهي ٿو. باقي اسين ابڙا آهيون جيڪا سمن جي شاخ آهي. ڪي چون ٿا تہ سميري آهن تہ ڪي وري چون ٿا تہ سام بن نوح جو اولاد آهن پر اسانجو خيال آهي تہ سما راجپوت آهن. اصل سنڌ جا آهن ۽ سنڌ ڌرتي مان پيدا ٿيا آهن. پراڻي چوڻي آهي "سنڌ سمو ڪاڇي چنو پٽي جيسلمير!" سنڌ سڄي سمو آهي. جکرا، جوکيا، نومڙيا، ڪلمتي، ڦلپوٽا، جوڻيجا، اُنڙ اِهي سڀ ابڙا آهن.. هاڻي ابڙن ۾ جيڪي بہ پاڙا آهن تن ۾ ڪماريو سڀ کان وڏو پاڙو آهي. اسانجو سردار بہ انهن مان آهي. هينئر اسانجو سردار هدايت الله خان ڪماريو آهي.

- *توهان ڪهڙا ابڙا آهيو؟*

** اسان سانگي آهيون. سانگي ابڙا، هي وڏو قبيلو آهي. اهي لاڙڪاڻي ضلعي کان ويندي بلوچستان تائين ۽ پوءِ ملتان تائين پکڙيل آهن. هيڏانهن سکر ۾ سانگي ريلوي اسٽيشن آهي. سانگين جو سردار وڏيرو غلام محمد خان سانگي آهي.

- *عام طور تي چيو ويندو آهي تہ ابڙا سمن جي دور ۾ ظاهر ٿيا ...*

** ذڪريا ابڙو جنهن سومرن جي سام جهلي اصل وڏو ابڙو هو جيڪو علاوالدين خلجيءَ سان وڙهيو ۽ ان لڙائيءَ ۾ شهيد ٿيو جنهن ڪانپوءِ ئي ابڙا مشهور ٿيا.

- *مقصد تہ ابڙا سمن جي شاخ آهن؟*

** ها! ابڙا سمن جي شاخ ۽ راجپوتن مان آهن. سنڌ سڄي سمو آهي. ابڙن جي قوم اصل کان وٺي ويڙهاڪ رهي آهي. سنڌ تي ڪافي عرصو جهام سمن جي

حڪومت رهي آهي. دريا خان بہ سمو هو. گوريلا جنگ بہ دريا خان جي پٽن مٺا خان ۽ بين شروع ڪئي جيڪي ڪيتري عرصي تائين وڙهندا رهيا. اُهي ارغونن سان تلتي وٽ بہ وڙهيا جتي منگواڻا هنن سان شامل ٿيا، جتي مخدوم بلاول کي شهيد ڪيو ويو. مطلب تہ ان ڪان پوءِ سانگي مٿي هلندا ويا. اهو ابڙن جو ڪافي طاقتور قبيلو هو. ڪلهوڙا جڏهن هتي آيا تہ هنن سان بہ سخت جنگيون لڳيون. ابڙا ايڏا طاقتور زميندار ۽ علائقن جا مالڪ هئا جو يوسف ميرڪ پنهنجي ڪتاب ”تاريخ مظهر شاهجهاني“ ۾ لکيو آهي تہ ’ابڙن اسان کي ڏاڍو تنگ ڪيو‘. هن لکيو آهي تہ ’سميجا بہ ابڙا، اُنڙ ۽ ويندي هي بدبخت سانگي بہ ابڙا آهن‘. منهنجا ناناڻا منگواڻا آهن. انهن جو ڳوٺ ميهڙ لڳ منگواڻي تپي ۾ آهي. يوسف ميرڪ منگواڻن لاءِ سخت ڪاوڙ ۾ لکي ٿو تہ ’اهي وڏا حرامي آهن‘ ڇو تہ اُهي مغلن ۽ سنڌن نوابن سان وڙهندا هئا جن کي مغل ڪڏهن بہ قابو ۾ رکي نہ سگهيا.

- *توهانجي وڏڙن جو پيشو ڪهڙو هو؟*

** زميندارِي! مشهور مير واه بابت يوسف ميرڪ ”تاريخ مظهر شاهجهاني“ ۾ لکيو آهي تہ اِهو مير خان ابڙي جو کٽايل آهي. لاڙڪاڻي جي سڄي گهاڙ واه جي ٻنهي پاسي جتي باغات ۽ ٻنيون آهن، سڀ ابڙن جون آهن. شاه محمد ابڙو جيڪو ڏاڍو طاقتور هو، کي ابڙن راتاهو هڻي قتل ڪيو ۽ هن جي مُنڍي ڪٽي ويا. باقي اُتي ڍڍر پُوريل اٿس.

- *ابڙا سنڌ جي اُتر واري پاسي گهڻا ٿا ڏسجن...*

** سچو ڪڇ ابڙا آهي. بدين ۾ اڪثر ابڙا آهن. ذڪريا ابڙو وارا جن سومرن جون ساموں جهليون ۽ دودي سان گڏجي وڙهيا، اُهي ڪڇ جا آهن. ارباب جمعو ابڙو بدين جي پاسي زميندار ٿي گذريو آهي.

- *توهان جو جنم ڪٿي ٿيو؟*

** منهنجو جنم ميهڙ تعلقي جي تپي منگواڻيءَ جي سانگين واري ڳوٺ ۾ ٿيو. ڏينهن ڏاڍو بختاور هو. 27_ رمضان شريف، شب قدر تي جمعي واري رات! جنهن جو حساب ڪجي ٿو تہ اُها 2_ مئي 1924ع بيهي ٿي.

- *توهانجو ڏاڏو اڻ پڙهيل هو. ڪيئن پنهنجي اولاد کي تعليم ڏيارڻ جو شوق ڪيئن پيدا ٿيو؟*

** هر ڪو اڻپڙهيل جاهل ڪونہ ٿيندو آهي. هو سمجهدار ۽ وڏو سياڻو ماڻهو هو. ڪيترائي پڙهيل ماڻهو جاهل ٿين ۽ ڪيئي اڻپڙهيل، وري عالم نڪرن ٿا. هو پنهنجي تر جو ڪاتيدار ۽ ننڍو زميندار هو. عمر سانگي، ابڙو ڪونہ سڏائيندو هو. اسان پهرين سانگي سڏبا هئاسون. سڀ ڪان پهرين بابي سائينءَ پاڻ کي ابڙو سڏايو. بابو سائين جڏهن ڪراچي پڙهڻ آيو تہ وڏن وڏن ماڻهن وٽ اچڻ وڃڻ ٿيندو هئس جتي مرحوم جام صاحب لسٻيلي واري کيس چيو تہ توهان سانگي ابڙا



Gul Hayat Institute

آهيو پاڻ کي ابڙو سڏائيندو ڪر! اُن ڪانپوءِ هن پاڻ کي ابڙو سڏائڻ شروع ڪيو. اسانجو ڏاڏو عمر سانگي عجز ۽ انڪساريءَ وچان پاڻ کي عمر فقير سڏائيندو هو. هو وڏو صوفي قسم جو ماڻهو هو. هو مذهبي عقيدي ۾ لبرل هوندو هو. سندس چوڻ هوندو هو "دوزخ ڏڏڪو بهشت دلاسو. ڪوڙي دنيا جو ڪوڙو ڪڙڪو." ان فقيري مزاج جو اثر سندس اولاد تي پيو. اسانِ جي وڏي چاچي علي نواز کي سچل ۽ شاهہ جو رسالو بر زبان ياد هوندو هو جيڪو ان مان رات جو بيت پيو پڙهندو هو.

- *اهو ڪيتري حد تائين درست آهي تہ توهان جو والد عليخان ابڙو صاحب سنڌ جو پهريون ايم. اي هو؟*

** بابو سائين سنڌ جو پهريون مسلمان ايم . اي. هو. ڪي چون ٿا تہ شڪارپور جو عبدالعليم دريشاٽي پهريون ايم. اي. پاس هو پر جيئن تہ علي خان ابڙو هميشہ پهريون نمبر ڪڍندو هو.علامہ دائودپوٽي کان بہ اڳ ۾ بمبئي يونيورسٽي مان مئٽرڪ ۾ پهريون نمبر ڪنيائين. پوءِ سچي يونيورسٽي مان بي. اي، ايم. اي ۾ پهريون نمبر آيو ان ڪري وڌيڪ مشهور ٿيو. ڪتاب بہ لکيائين تنهنڪري دريشاٽي صاحب کان وڌيڪ مشهور ٿيو. ڏاڏو سائين سمجهدار هو. پنج پٽ هئس. پنجن کي ئي سنڌ مدرسي ڪراچي ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليائين. هو ڪيئن بہ ڪري ڪين خرچ پکو پهچائيندو هو. بابو سائين ڳالهہ ڪندو هو تہ ڏاڏو ويچارو ڳوٺ مان ڪڻڪ مکڻ ۽ ٿورو گهڻو سامان ڪڻندو هو ڪپائڻ لاءِ پوءِ ان مان جيڪو فائدو ٿيندو هو تنهن مان ياڙو پتو ڪري وري موٽندو هو. چون ٿا تہ ڏاڏو سائين ننڍي عمر ۾ ئي گذاري ويو. 30_35 سال عمر هئس. هڪڙي رات اوچتو سندس طبعيت خراب ٿي ۽ رات وچ ۾ گذاري ويو. انهيءَ ڪري بابي سائين کي سڄو گهر سنڀالڻو پيو.

- *عليخان صاحب سڀني ۾ وڏو هو؟*

** نہ ٻيو نمبر هو. پهريون نمبر چاچو علي نواز هو جيڪو ڪو نہ پڙهيو ۽ پڙهڻ ڇڏي آيو. باقي ٻين کي بابي سائين پڙهايو. هنن کي خرچ پکو ڏيندو هو پر اُهي ميٽرڪ کان وڌيڪ نہ پڙهي سگهيا ۽ سڀ نوڪرين ۾ وڃي لڳا.

- *توهان ٻڌائي سگهندا تہ توهان جي والد صاحب علي خان ابڙي ڪيترا ڪتاب لکيا. اُهي ڪهڙن موضوعن تي آهن ۽ انهن جو تعداد ڪيترو آهي ۽ هن وقت اُهي ڪتاب ڪٿي ملي سگهندا؟*

** سندس لکيل ڪتابن جي تعداد جي خبر تہ مونکي بہ ڪانهي باقي گهڻو ڪري اسلامي، سماجي ۽ سڌارڪ موضوعن تي لکيل آهن. سندس مشهور ڪتابن ۾ اسلام ۽ ترقي، احاديث نبويءِ تعليمات اسلام ۽ اخلاقي گلدستو جنهن ۾ مضمون آهن. اسلام ۽ ترقي خاص ڪتاب اٿس جيڪو ڇئن حصن ۾ آهي. هن تمام گهڻا درسي ڪتاب بہ لکيا. جن جي صحيح تعداد بابت ڪجهہ چئي نٿو سگهجي.

- *علي خان ابڙي تي ان وقت جي عالمن ڪفر جي فتويٰ ڏني هئي؟*

** چاڪاڻ جو هو سڌارڪ هو ۽ سندس خيال موجوده زماني مطابق هوندا هئا خاص ڪري پيرن، قبرپرستي ۽ پراڻين رسمن جي خلاف هوندو هو. هن ”رسومات تباهي“ ڪتاب لکيو. هن انهن رسمن جي خلاف جهاد ڪيو تنهنڪري ان وقت جا پير سندس خلاف ٿي پيا. جيئن تہ ان وقت پيرن، ملن ۽ مولوين جو دور هو ان ڪري هنن سندس خلاف فتوائون ڏنيون.

- *علي خان ابڙي صاحب قرآن شريف بہ لکيو؟*

** قرآن شريف جو تفسير لکيو اٿائين جيڪو اڃا ڇپائي نہ سگهيا آهيون.

- *توهانجي والد صاحب پنهنجي نوجواني ۾ خلافت تحريڪ سنڌ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو انهيءَ تي ڪجهہ روشني وجهو.*

** مونکي انهي ڳالهہ جي ڪا بہ خبر ڪانهي. باقي چوندا آهن تہ نوڪري جي زماني ۾ خلافت تحريڪ ۾ حصو ورتو هئائين. اها وڏي ڳالهہ هئي جو انگريزن جي نوڪري ڪندي ماڻهو خلافت تحريڪ ۽ سياست ۾ حصو وٺي. ها البت هن ماڻهن کي ان ڏس ۾ ترغيب ڏيڻ لاءِ مضمون ۽ اهڙا خط پٽ ضرور لکيا باقي پنهنجي سر خلافت تحريڪ ۾ حصو نہ ورتائين ۽ نہ وري ڪنهن ڪتاب ۾ اهڙو ذڪر آيل آهي. باقي سياسي طرح سان هو سمجهدار هو تنهنڪري هو نوجوان طبقي کي ايئن ليڊ ڏيندو رهيو. انهيءَ ڪارڻ ئي هو ڄاڻي واڻي تعليم کاتي ۾ ويو. انهي وقت ۾ جيڪو ٿورو گهڻو پڙهي نڪرندو هو تنهن کي وڏيون نوڪريون ملنديون هيون پر هن اهڙي نوڪري وٺڻ کان انڪار ڪيو. چيائين تہ مونکي نوڪري ڏيو ٿا تہ تعليم کاتي ۾ ڏيو مان سنڌي ماڻهن کي پڙهائيندس .ان ڏس ۾ هن اهڙ ي محنت ڪئي جو خود مونکي حيرت آهي .هو ڳوٺ ڳوٺ ويو .جبلن ۾ جهنگن ۾ ترم، برپٽن ۾ اسڪول کوليائين. ماسترن کي پاڻ وڃي تعليم ڏيندو هو. تہ ڪيئن پڙهائجي. تعليم ڪيئن ڏجي، ڊمانسٽريشن وڃي ڪندو هو. سندس انهي جذبي جي ڪري ئي خود انگريزن سندس اخبار ۾ لکيو تہ He works with missionary spirit. He is an ideal educationist.

- *هن سنڌ جي ڪهڙن تعليمي ادارن ۾ خدمتون انجام ڏنيون؟*

** نوشهروفيروز هاءِ اسڪول ۾ هيڊماستر ٿي رهيو. ان کان پوءِ ڊپٽي ايجوڪيشن آفيسر ۽ ايجوڪيشن آفيسر ٿيو. تن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ ڊپٽي ايجوڪيشن آفيسر بہ هوندا هئا. ٽي- چار ضلعا هڪ ڊپٽي ايجوڪيشن آفيسر جي حوالي هوندا هئا. بابا ڪڏهن لوئر سنڌ تہ ڪڏهن اُتر سنڌ ۾ هوندو هو.

- *ميرپورخاص ڪاليج تي بہ رهيو؟*

** ميرپورخاص ۾ پيڇاڙي ۾ ٿي رهيو ڇو تہ هارٽ اٽيڪ جي ڪري ڊاڪٽرن کيس هلڪو ڪم ڪرڻ جو مشورو ڏنو هو جنهن ۾ گشت نہ هجي. ان ڪري ئي



Gul Hayat Institute

ڊاڪٽرن ڪيس هڪڙي هنڌ نوڪري ڪرڻ جي صلاح ڏني هئي. عثمان علي انصاري مرحوم جڏهن ميرپورخاص ۾ هو تڏهن ڪيس گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميرپورخاص ۾ پرنسپال ڪري رکيائين ۽ بابا اُتان ئي رٽائر ڪيائين.

- *علي خان ابڙي جا ڪتاب سنڌ جي لائبريرين ۾ بہ رکيل هوندا؟*

** هر ڪنهن لائبريري ۾ هوندا پر خاص ڪري سنڌالاجي ۾ تہ آهي اها ڳالهہ مون کي علامہ ٻڌائي. ٻيو سوسائٽي وارن جي حيدرآباد واري پراڻي دڪان تي بہ پيل هئا. اِهي ڪتاب پوڪرداس شڪارپور ۽ ٻيو جهمٽ مل لاڙڪاڻي وارن ڇپرايا هئا.

- *توهانجو ننڍپڻ ڪهڙين حالتن مان گذريو؟ تفصيل سان ٻڌائيندا؟*

** جهنگ ۾ گذريو. اسان جو ڳوٺ آ صفا ننڍو. 10_15 گهر هوندا هئا جنهن ۾ اسان سانگين ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ نہ رهي. سڀ پاڻ ۾ مٽ مائٽ آهيون. سڄي رات گدڙن جون اُونايون پيا ٻڌندا هئاسون. صبح جو اُٿي پيرين اگهاڙي ٻنين ۾ وڃي کيڏندا هئاسين. ٻير پٽيندا هئاسين. پلي پٽيندا هئاسين. مکڻ پکڙيندا هئاسون. ڪڏن ۾ وهنجندا هئاسون. اُن تي امان مار ڪيندي هئي تہ ٻُڏي نہ وڃو پر ڪو نہ مڙندا هئاسون. ڪڏ مان مڇيون وڃي پڪڙيندا هئاسون.

- *توهان ابتدائي تعليم ڪٿي ۽ ڪهڙين حالتن ۾ ورتي ۽ مستقبل جو ڪهڙو خواب ڏٺو هو؟*

** خواب ٻواب تہ لهبا ئي ڪو نہ آهن ۽ نہ ئي ڪو اسين خوابن جي دنيا ۾ رهون. سو خواب تہ ڪو بہ نہ رکيوسون نڪو مستقبل جو اسان کي خيال هو. باقي پڙهيس منگواڻين جي اسڪول ۾ جيڪو اسانجي ڳوٺ کان ميل کن پري آهي.صبح جو امان اڳڙي ۾ مناٽي، ڳڙ جو ذرڙو ۽ ماني ٻڌي ڏيندي هئي. پوءِ ڦرهي جيڪا ميٽ سان ميساربي آهي، جنهن تي الف ب لکبي آهي اسڪول ڪٺي ويندا هئاسين. اُتي سڄو ڏينهن گذاري شام جو موٽي ايندا هئاسين. اُهو سڄو رستو پنڌ ڪري ويندا هئاسين. وچ ۾ جهنگ ئي جهنگ هوندو هو. هڪ ڪلراٺي ڊوري هوندي هئي جتان گذرڻو پوندو هو. بہ۔ تي ڇوڪرا صبح جو ويندا هئاسين ۽ بہ تي جڻا ئي شام جو موٽندا هئاسين.

- *توهان هاءِ اسڪول جي تعليم ڪٿي ورتي؟*

** هاءِ اسڪول جي تعليم کان اڳ پرائمري تعليم تہ پڇو. ابتدائي تعليم مونکي بابي سائين پاڻ ڏني. بابا سائين تعليم جي سلسلي ۾ جاڏي بہ گشت تي نڪرندو هو مونکي پاڻ سان ڪڍندو هو. هن ئي مونکي الف ب پڙهائي. تڏهن ڪچو ٻاراڻو ۽ پڪو ٻاراڻو پڙهائيندا هئا جنهن لاءِ ماستر بہ سال وٺندا هئا پر بابا سائين جو پڙهائڻ جو طريقو ڏاڍو سهڻو ۽ هوشياري وارو هوندو هو. تمام سائنٽيفڪ نموني پڙهائيندو هو. هن مونکي ڪچو ٻاراڻو ۽ پڪو ٻاراڻو ٽن مهينن ۾ پڙهائي ڇڏيو ۽



Gul Hayat Institute

پوءِ مونکي اسڪول ۾ ويهاريائين. پهرئين درجي ۾ مان پهريون نمبر ڪنيو.

- *توهان ڪهڙي اسڪول مان پڙهيا؟*

** مان لاڙڪاڻي جي اي. وي. اسڪول ۾ پڙهيس. هيننر الائي ڇا نالو آهي اسڪول جو. اها خبر ڪونهي. باقي اسڪول جي پر ۾ پراڻو تلاءُ هوندو هو.

- *مئٽرڪ ڪٿان ڪئي؟*

** مون مئٽرڪ ميرپورخاص مان ڪئي. باقي سيڪنڊري تعليم مون گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان شروع ڪئي. منهنجو وڏو ڀاءُ شمس الدين ابڙو بہ اتي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ پڙهيو. اُتي اسانجا ماستر چڱا هوندا هئا. سنڌي ماستر تمام سٺا هوندا هئا. بابا مون کي لاڙڪاڻي واري سنڌي اسڪول ۾ نہ پڙهايو. لاڙڪاڻي کان ٻاهر نظر ابڙي جي ڳوٺ ۾ جتي ماستر چڱا هئا اُتي بابا مون کي ويهاريو. پوءِ وليدن جي اسڪول ۾، جتان جي ڊاڪٽر اشرف عباسي آهي اُتي گهڻو وقت رهيس. روزانو بہ ميل پنڌ ڪري اُنهيءَ اسڪول ۾ ويندا هئاسين. سنڌي ماسترن وٽ ابتدائي تعليم تمام چڱي ملي. مون کي تمام هوشيار ماستر مليا. گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ گهڻو ڪري هندو ماستر هوندا هئا. مسلمان ڪي ٿورا هوندا هئا. اسانجو پهرئين انگريزي ڪلاس جو ماستر هوندو هو ماستر همت سنگهہ جيڪو ڏاڍو سٺو ماستر هو. جڏهن تہ هيڊماستر ديوان ڪرمچند هو جيڪو تمام هوشيار ۽ چڱو ماڻهو هو. پنج درجا انگريزي تائين مان اُتي پڙهيس. تنهن کان پوءِ بابا جي حيدرآباد بدلي ٿي تہ اُتي لڏي آياسين، جتي هير آباد ۾ رهندا هئاسين. پوءِ اُتي مون نور محمد هاءِ اسڪول ۾ تعليم ورتي. نور محمد هاءِ اسڪول ۾ بہ تمام لاجواب ماستر هوندا هئا جن ۾ ماستر شنڪرسنگهہ ماستر آتر ۽ ماستر سدواڻي. جڏهن تہ هيڊماستر غلام محمد شاهواڻي هو جنهن شاهہ جو رسالو بہ لکيو. مون ڇهون درجو اتان پاس ڪيو. پوءِ بابا سائين جڏهن ميرپورخاص هاءِ اسڪول جو هيڊماستر ٿيو تہ اُتي پڙهيس ۽ مئٽرڪ اُتان پاس ڪيم. اُتي بہ تمام قابل ماستر هوندا هئا. ماستر چيلارام ڪيمچند آڏواڻي جيڪو تمام مشهور ماڻهو هو جنهن جا ڪتاب بہ لکيل آهن. ماستر رامچند ميرچنداڻي جيڪو سائنس جو تمام هوشيار اُستاد هو جنهن سائنس تي ڪتاب بہ لکيا آهن. ماستر ماني شنڪر تمام هوشيار هوندو هو. ماستر فتح چند مئٿس ۾ ڏاڍو هوشيار هو. حافظ محمد صادق جيڪو بعد ۾ شڪارپور هاءِ اسڪول جو پرنسپال ٿيو هو بہ اسانجو سنڌي ماستر هو جيڪو پڻ قابل ماستر هو. اِهي سڀ اسانکي سٺا ماستر مليا.

- *مئٽرڪ کان پوءِ توهانجي تعليم ۾ خلل جو سبب ڪهڙو هو؟*

** مون 1941ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي ۽ ڊي. جي. نيشنل ڪاليج حيدرآباد ۾ داخلا ورتم. اُتي مون بائلاجي ڪنئي ڇو تہ مون کي ڊاڪٽر ٿيڻ جو شوق هو. فرسٽ ايئر پاس ڪيم. 1942ع ۾ Quit India Movement شروع ٿي وئي. سياست زور

ورتو ۽ وٺ ونان شروع ٿي وئي. هر طرف جلسا جلوس، گوڙ ريليون، لڙايون، فساد ۽ گرفتاريون ٿيڻ لڳيون. ڪرن وارا گوڙ ٿيا. 1942ع ۾ ڪاليج ئي بند ٿي ويو ان ڪري اسان جهونا ڳڙهہ هليا وياسون. بابو سائين ۽ وڏو ڀاءُ شمس الدين بہ جهونا ڳڙهہ اسٽيٽ ۾ پڙهيو. ان ڪري مان بہ اُتي هليو ويس. اُتي مان انٽر سائنس جي امتحان ۾ appear ٿيس پر ناڪام ٿيس ڇاڪاڻ تہ منهنجي پڙهائي پوري ڪا نہ ٿي هئي انهن سياسي وڳوڙن جي ڪري، وري 1943ع ۾ انٽر سائنس ۾ ناپاس ٿيس ڇاڪاڻ تہ عين امتحان جي ڏينهن ۾ بنگال هليو ويو هئس. تن ڏينهن ۾ مان خاڪسار تحريڪ ۾ هئس ۽ بنگال ۾ ڏڪر پيو هو تڏهن سماجي خدمت جي سلسلي ۾ بنگال ويو هئس.

- *توهان لا ڪڏهن ڪئي؟*

** مون 1944ع ۾ انٽر سائنس سٺين مارڪن سان سيڪنڊ ڊويزن ۾ پاس ڪئي. اين. اِي. ڊي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا بہ مليم ۽ اسڪالرشپ بہ ملي پر مان انجنيئرنگ پڙهي نہ سگهيس ڇيم انگريزن جي نوڪري نہ ڪندس. تنهن ڪري انجنيئرنگ پڙهي ڇا ڪندس. تن ڏينهن ۾ نيوي جا فساد ٿيا هئا. نيوي وارن ڪراچي تي شيلنگ ڪئي ۽ گوليون هنيون. تن ڏينهن ۾ علي احمد بروهي بہ نيوي ۾ هوندو هو. اُهو آزادي جو دؤر هو ان ڪري مون ڇيو تہ مان انگريزن جي نوڪري نہ ڪندس تنهنڪري اين. اِي. ڊي ڪاليج ڇڏي 1945ع ۾ ايس. سي. شاهاڻي لا ڪاليج ۾ لا پڙهڻ شروع ڪيم. فيصلو ڪيم تہ وڪيل ٿيندس. منهنجا هم ڪلاس هوندا هئا شيخ اياز جسٽس عبدالقادر شيخ، جسٽس آغا امداد علي گوهر کهڙو عبدالوحيد ڪٽپر.

- *ننڍپڻ جي پالنا ۾ ماءُ پيءُ جو اهم ڪردار هوندو آهي. توهان ٻڌائي سگهندؤ تہ توهان جي والدين جون اُهي ڪهڙيون خصوصيتون هيون جن جي نتيجي ۾ جمال ابڙي جي ايڏي وڏي شخصيت ٺهي؟*

** جمال ابڙو تہ وڏو هو لا ئي نہ پر بابو سائين تمام وڏو ماڻهو هو. ايئن ڪٿي ڇئجي تہ هڪڙو فرشتو هو. عام ماڻهو چوندا هئا تہ جيڪڏهن ڪنهن رسول الله صلي عليہ وسلم جو اصحابي نہ ڏٺو هجي تہ وڃي علي خان ابڙي کي ڏسي. ايڏي وڏي اعليٰ ڪردار جو ماڻهو هو. ايڏي وڏي اعليٰ ڪردار جو ماڻهو تمام بااخلاق ۽ تمام نيڪ ۽ شريف ماڻهو هو. ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ اُٿڻ ويهڻ ۾ تمام عمدو هو. پنهنجي ماتحت سان ايئن ملندو هو جيئن ڪو پنهنجي آفيسر سان هلي. ماستر وٽس ايندا هئا تہ انهن سان اٿي ملندو هو. هنن کي ڪرسين تي ويهاريندو ۽ هنن کي وڏي عزت ڏيندو هو. سندس ڪوشش هوندي هئي تہ وٽس ايندڙ هر ماڻهوءَ جو اُتي جو اُتي ڪم ڪري اِهي سڀ ڳالهيون مون پنهنجي اکين سان ڏٺيون ڇو تہ بابا سائين سان تمام گهڻو عرصو گڏ رهيس. اصول پسند اهڙو جو ڪو وڏي ۾ وڏي آفيسر بہ ڪيس

ڪو غلط ڪم ڪرڻ لاءِ چوڻ جي جرات نہ ڪندو هو. اهڙو هڪڙو واقعو مونکي ياد آهي تہ ميرپورخاص هاءِ اسڪول ۾ ڪنهن ڪليڪٽر جو پاڻيٽو يا ڪو مائٽ هو جنهن کي بابا سائين رسٽيڪيٽ ڪيو. اُهو ڪليڪٽر هزارين Sources هلائي بيٺو پر بابا نہ مڃيو. نيٺ ان وقت جي تعليم کاتي جي ڊائريڪٽر خانبهادر غلام علي نانا بہ بابا کي چيو تہ اُن پانڌياڻي کي رسٽيڪيٽ نہ ڪر پر بابا ايڏو بااصول ماڻهو هو جو ڪيس بہ انڪار ڪيائين. بابا جي تعليم مون تي وڏو اثر ڪيو. اسان جي امان منگواڻي هئي. سندس طبيعت وري سخت هئي. تمام بهادر ۽ دلير عورت هئي. ڳوٺ وارن جا فيصلا ڪندي هئي. چورن کان مال زوريءَ وجي ڇڏائيندي هئي. مون کي يادگيري آ تہ هڪڙو چور مال نہ پيو موٽائي ڏئي. ماڻهو موڪليائين تہ وڃي اُن چور کان سامان کڻي اچو. ماڻهو موٽي آيا ۽ چيائون تہ چور ڪهاڙي کنيو بيٺو آهي. سامان ڪو نہ ٿو ڏئي. امان هنن کي چيو "توهان مڙس ٿيا آهيو جو چور کان موٽي آيا آهيو!" سو پاڻ اُتي وئي جتي چور ڪهاڙي کنيو بيٺو هو. ٺڪاءُ جو ٿڦ ڪيرايائين تہ ڪهاڙي ڇڏائجي ويس ۽ ڪِري پيو. پوءِ امان چور وٽان سامان ڪيرائي ڪڻائي آئي. سو امان ايڏي دلير عورت هئي. امان جون اِهي ڳالهيون ڏنيوسين. ان ڪانسواءِ امان اسان کي تمام ايمانداري سان هلڻ سيکاريو. ان وقت گهورڙا ڪپڙو ۽ ٻيو سامان گهرن ۾ کپائڻ لاءِ کڻي ايندا هئا. هنن جون ڪيتريون شيون رهجي وينديون هيون ۽ پويان پنهنجون شيون ڇڏي هليا ويندا هئا. پوءِ امان اسان کي سندن اِهي شيون ڏئي سندن پويان پڄائيندي هئي يا چوندي هئي تہ پڇو هنن کي وٺي اچو اچي سامان کڻي وڃن. گهورڙا گهڻو ڪري هندو هوندا هئا. جيڪي ڪپڙن جا ٿاڪيا، چوڙيون ڳوٿن جا پاڪيٽ ۽ ٻيون شيون کپائڻ ايندا هئا. پوءِ ڊوڙي ڊوڙي انهن کي واپس وٺي ايندا هئاسون تہ بابا توهان جو سامان رهجي ويو آهي. پوءِ اُهي اچي پنهنجو سامان کڻندا هئا ۽ حيران ٿيندا هئا. پوءِ اسان جي گهر تي ايڏو اعتبار هوندو هين جو بنا ڳڻڻ جي بنا ڳالهہ جي سامان اسانجي گهر ڏياري موڪليندا هئا. اِها هوندي هئي امان جي تعليم ۽ تربيت. ڪا بہ غلط ڳالهہ ڪندا هئاسين تہ ڪپڙن ڌوئڻ واري سونٽي سان اچي ڪُٽيندي هئي ۽ مارون ڪيندي هئي. جڏهن تہ بابا سائين اسان کي ننڍي هوندي کان پڙهايو ۽ پڙهڻ جو شوق ڏياريو. ايتريقدر جو مان جڏهن پنجين يا ڇهين انگريزي ۾ هئس تہ مونکي اهڙا ڪتاب ڏنائين جو اڄڪلهہ جا ٻار ڪٿي اهڙا ڪتاب پڙهندا مثلاً جين آسٽن جو Bride and Pregndice ڪتاب مون ستين درجي ۾ پڙهيو. چارلس ڊڪنس جو ڪتاب Tale of two cities ۽ گولڊاسمٿ جو ڪتاب مون ستين درجي ۾ پڙهيا. مونکي حيرت ٿي ٿئي تہ اڄڪلهہ جا ٻار اهڙا ڪتاب ڪٿي پڙهندا. ان ڪري مان فخر سان چئي سگهان ٿو تہ I am son of a teacher.

- *شاگردي واري زماني ۾ توهان عملي سياست ۾ سرگرم رهيو. خاڪسار*



Gul Hayat Institute

*تحريڪ ۾ مشنري جذبي سان توهان بنگال ويوان جو پس منظر ٻڌائيندؤ؟*

** اُهو دؤر ئي سياست جو هو. سياست کان ٻاهر ڪوئي ماڻهو ڪو نہ هو. هر ڪو ماڻهو انقلابي هو. ها البت مسلم ليگ جي سياست کان تہ اسان کي شروع کان وٺي اختلاف هو ڇاڪاڻ تہ ان جي سياست گهڻو ڪري هنگامي هئي اُن ڪري اُن سان ايترو شامل نہ هئاسين. منهنجو وڏو ڀاءُ شمس تہ گهڻو ڪري کاڏي جا ڪپڙا پائيندو هو ۽ ڪانگريس کان متاثر هو پر پوءِ عليگڙھ ۾ پڙهڻ کان پوءِ ڪانگريس کان ڦري ويو. ڪانگريس کان تہ خير اسين بہ متاثر ڪو نہ هئاسين پر مسلم ليگ جي هنگامي ۽ هلڙبازي واري سياست ۾ اسين ڪڏهن بہ ڪو نہ هئاسين. هڪڙو تہ بابا سائين ۾ ڪٽرپڻو نہ هو. جنهن جو اثر اسان تي بہ پيو. ٻيو تہ جيڪا ڳالھ فائديمند، سودمند ۽ پريڪٽيڪل هجي سا ڪجي. ان ڪري خاڪسار تحريڪ اسان کي گهڻو متاثر ڪيو ڇاڪاڻ تہ علامہ مشرقي جو نعرو هوندو هو "ايڪ بنو- نيڪ بنو ۽ خلق خدا جي خدمت ڪريو." انهيءَ ڪري اسين خاڪسار تحريڪ ۾ شامل ٿياسين. ان تحريڪ جي سادگي واري درس، همت، مارچ ڪرڻ ۽ راتين جون ڪئمپون قائم ڪرڻ واري عمليت پسندي اسان ۾ وڏو جذبو پيدا ڪيو.

- *توهان اُن ۾ عملي طرح شامل ٿيو؟*

** بلڪل سالار ڪراچي شهر وچي ٿيس جيڪو تمام وڏو عهدو هو. هڪ لحاظ کان ڪراچي شهر جا سمورا خاڪسار منهنجا ماتحت هوندا هئا ۽ منهنجي ڪمان ۾ هوندا هئا. مان خاڪسارن جي شاگرد ونگ جو بہ سالار هئس.

- *ان وقت جي سياسي شخصيتن مان توهان ٻيو ڪنهن مان متاثر ٿيا؟*

** گانڌي، ابوالڪلام آزاد ۽ علامہ مشرقي کان تمام گهڻو متاثر هئاسين. باقي ڪانگريس ۾ بہ فرقيوارانہ ذهنيت جا ماڻهو هئا جن ۾ سردار ولڀ ڀائي پٽيل ۽ ٻيا هندو مها سڀائي، ساورڪر وغيره شامل هئا جن کان اسان تمام شاڪي هئاسين. باقي مولانا آزاد تمام وڏي پائي جو ماڻهو هو. گانڌي تہ عجيب شخصيت جو مالڪ هو. جڏهن تہ علامہ مشرقي اسان تي تمام وڏو اثر ڪيو. اسان جي ذهنن تي، اخلاق تي ۽ ڪردار تي هن تمام وڏو اثر ڪيو. اسان کي همت هن ڏياري.

- *ان وقت سنڌ جي شاگردن ۾ خاڪسار تحريڪ ڏانهن ڪهڙو رجحان هو؟*

** تمام گهڻا ڇوڪرا خاڪسار تحريڪ ۾ شامل هئا. خاڪسار تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ ڪا رواجي ڳالھ ڪا نہ هئي ڇاڪاڻ تہ خاڪي ۽ سادا ڪپڙا پائڻ، مٿي تي عربن وانگر آڪامو يا رومال ٻڌڻ ۽ بيلچو ڪلهي تي کڻڻ سان ماڻهو ظاهر ٿي پوندو هو. ڪل جهڙي ڳالھ لڳندي هئي. فيشن جو زمانو هو. هندن جو دؤر هو ان وقت ايئن هلڻ وڏي همت جي ڳالھ هئي. شاباس هجين. تمام گهڻا ڇوڪرا خاڪسار تحريڪ ۾ شامل هئا.

- *انهن ڇوڪرن جا نالا ڪڻو جيڪي توهان سان خاڪسار تحريڪ ۾ شامل*



Gul Hayat Institute

رهيا هجن؟

** تاج صحرائي، علي احمد قريشي دادو وارو وڪيل، غلام شاهه سيد وڪيل، شمس الدين شاهه وڪيل سکر وارو، مير علي احمد ٽالپر، مير نور حسين ٽالپر ٽنڊي باگي وارو، خود توهان جو مامو حافظ رڪن الدين شهيد جيڪو هتان خاڪسارن جو جيش وٺي لاهور روانو ٿيو هو جنهن جو خانيوال ۾ پوليس سان ٽڪر ٿيو ۽ اُن ۾ شهيد ٿيو. اُن دؤر ۾ علامه مشرقي صاحب جو پٽ احسان الله خان اسلم به لاهور ۾ شهيد ٿيو. جڏهن ته هڪ مشهور خاڪسار ضيغم خان به شهيد ٿيو. توهانجي مامي جي تربت اڄا خانيوال ۾ آهي.

- *بنگال واري سفر اوهانجي زندگي ۽ سوچ تي ڪهڙا اثر مرتب ڪيا؟*

** سفر جيڪو اثر ڪري سگهي ٿو سو ڪيو پر سڀ کان اهم ڳالهه هيءَ هئي ته هڪ رواجي ڪاليجي ڇوڪري لاءِ ٽنڊي ڄمار ۾ ۽ اهو به وري بنا مائٽن جي اجازت جي سنڌ مان بنگال ڏي وڃڻ هڪ وڏو اهم ۽ همت ڀريو فيصلو هو. علامه مشرقي جو حڪم آيو هو ته رضاڪار ڪيمپ جيڪي بنگال وڃي اُتي بنگالين ڪي ڪئمپن ۾ رهائين، ماني ڪارائين ۽ پوءِ هنن کي اهڙن صوبن ۾ موڪلي جدا جدا گهرن ۾ رهائين، انهن کي ٽريننگ ڏين ۽ بک کان به بچائين. اهڙو حڪم عين امتحانن جي وقت تي آيو هو. مان پاڻيان ٿو ته اسانجي ڪاليج مان چار رضاڪار ڇوڪرا هئاسين. هڪڙو مان، ٻيو تاج صحرائي، ٽيون لطف علي ٽالپر ۽ چوٿون غلام شاهه سيد وڪيل. اسان وٽ نڪو پئسو هو نڪو پنجڙ نڪا ڳالهه نه مهاڙ بنا ٽڪيٽ جي چڙهي پياسين ٽرين ۾ ۽ وڃي ڪلڪتي نڪتاسين. ڪلڪتي ۾ خاڪسارن جي ڪئمپ لڳل هئي. اُتي ڏٺيا ۽ بدحال ماڻهو گهڻا هئا. اُتي اسان کي حيرت جهڙو تجربو ٿيو جو اڳي ٻڌندا هئاسون ته ”مرتا ڪيا نه ڪرتا“ يعني جيڪو ماڻهو بک ۾ مري ٿو سو ڇا نه ڪري پر اُتي اُبتو معاملو هو. انهن کي ماني کسي کائڻ کپندي هئي ۽ کين ڦرون ڪرڻ کپندو هو پر اُهو بکايل ماڻهو هوٽلن آڏو ويٺا هوندا هئا جتي مانين جا ڍير لڳا پيا هوندا هئا پر ڪنهن کي اِها همت نه ٿيندي هئي ته ماني کڻي کا کائي پر اُهي اتي ويٺي ويٺي ڪري پوندا هئا ۽ مري ويندا هئا. ان ڪري اسان کي حيرت ٿيندي هئي ته ماڻهو بک ته مرن ٿا پر ڦُرن ڇو نٿا!؟ انسان اِهو سبق ملي ٿو ته ماڻهو بک ۽ بدحالي ۾ انقلابي نٿو ٿئي.

- *انهيءَ واقعي جو توهانجي ادبي زندگيءَ تي ڪيترو اثر ٿيو؟*

** ادب سان ته اُن جو واسطو هجي يا ڪٿي نه هجي پر ان واقعي سبب بهرحال انگريزن جي لاءِ نفرت پيدا ٿي ته هنن اسانجي ملڪ جو ڪهڙو حال وڃي ڪيو هو.

- *اوهان نوڪريءَ جي شروعات ڪڏهن ۽ ڪهڙي حيثيت ۾ ڪئي؟*

** مان ته نوڪريءَ جي اڳ ئي خلاف هئس. جيئن مون اڳي توهان کي ٻڌايو ته

مان ڊاڪٽر ٿيڻ تي چاهيو ان ڪري بائلاجي ڪنئي هيم. تنهن زماني ۾ سنڌ ۾ ڪو ميڊيڪل ڪاليج نہ هو نڪو حيدرآباد ۾ نہ ڪراچي ۾. تن ڏينهن ۾ ٻي مهاڀاري لڙائي هلي پئي ان ڪري تمام گهڻا گوڙ هئا. رنگون تي بمباري ٿي، ڪلڪتي تي بمباري ٿي هئي ۽ بمبئي تي بہ بمباري ٿي هئي. جڏهن تہ ميڊيڪل ڪاليج بمبئي ۾ هو تنهنڪري امان مون کي نہ ڇڏيو ان ڪري مون کي ڊاڪٽري تان هٿ ڪڍڻو پيو. پوءِ وري مون کي شوق ٿيو تہ مان ملٽري ۾ وڃان. مان نيوي ۾ سليڪٽ بہ ٿيڻ وارو هئس پر امان نہ ڇڏيو. جيڪڏهن مان نيوي ۾ سليڪٽ ٿيان ها تہ ايڊمرل ٿيان ها. پوءِ مان مئٿميٽڪس ڪنئي ۽ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا ورتم پر چيم تہ انجنيئر نہ ٿيندس، انگريزن جي نوڪري نہ ڪندس ان ڪري قانون پڙهيم ۽ لاڙڪاڻي ۾ وڪالت ڪيم. مون کي نوڪري جو نہ ڪو خيال هو ۽ نہ وري درخواست ڏنم. لاڙڪاڻي ۾ هڪ دوست هو احمد نواز اعواڻ جيڪو هيڊمنشي هو سو ڪراچي آيو ۽ موٽي اچي مونکي چيائين تہ يار تنهنجي پاران سول جج جي جاءِ لاءِ آيل ايڊورٽائزمينٽ تي مان درخواست فارم ڀري آيو آهيان. ان درخواست تي منهنجي پاران صحيح بہ هن ڪئي. مون هن کي چيو تہ اڙي مون توکي چيو ئي ڪونہ هو تہ پوءِ تو ايئن ڇو ڪيو. چيائين، ”درخواست ڏئي آيو آهيان پوءِ تنهنجي مرضي آهي وڃين يا نہ وڃين.“ ايئن ڪندي انٽرويو ليٽر بہ اچي نڪتو. مان ٻڌتر ۾ پئجي ويس تہ وڃان يا نہ وڃان. دوستن احبابن ۽ منهنجي وڏي ڀاءُ شمس بہ چيو تہ نوڪري سٺي آهي، وڃي ٿي اچ. سو مون چيو تہ ٺيڪ آ. انٽرويو ڏئي ٿو اچان ڏسون ڇا ٿو ٿئي. انٽرويو ڏئي آيس تہ سليڪٽ ٿي ويس ۽ آرڊر بہ اچي نڪتو.

- *ڪهڙي سال ۾؟*

** 1952ع ۾. ڪپري ۾ جوائن ڪرڻ جو آرڊر مليو. اتفاق سان اسان جو ڀيڻويو عبدالحق اي. ايس. پي سانگهڙ هو سو بہ ان وقت اچي لاڙڪاڻي نڪتو ۽ چيائين تہ مان بہ اُتي آهيان، توهان بہ هلو. ادا مرحوم شمس بہ چيو تہ نوڪري تمام سٺي آهي.خراب ڪونهي. وڃي جوائن ڪريو. پوءِ منهنجا ٽپڙ کڻي گاڏي ۾ وڌئون. ادا جو ڪپري ۾ دوست هو ڊاڪٽر سانوڻ خان تنهن کي تار ڪيائين تہ ڀاءُ اچي ٿو جنهن ميرپورخاص ريلوي اسٽيشن تي مونکي Receive ڪيو. پوءِ ڊيوٽي لڳي ويم. مون ڀيريون چيو تہ ڊپٽي ڪمشنر مظفر (آءِ سي ايس) شڪارپور واري سان ملندو وڃان جنهن کي ظفري صاحب چوندا هئا جيڪو ان وقت پاڪستان ۽ انگلينڊ وچ ۾ اوول ۾ کيڏجندڙ ڪرڪيٽ مئچ جي ڪمينٽري ٻڌي رهيو هو.

- *توهان جيڪو ڀيريون خط لکيو هو اُن ۾ ڪهڙا اکر هئا؟*

** Barter conscience with money is very heavy price to pay. If you wave up, come back. I have enough to feed you.

- *توهان ان کي ڪيترو قدر نڀايو؟*

Gul Hayat Institute

** بلڪل نياپو. الله ڪندو ته اڳتي به نباهيندا اسون.

- *توهان عمر جو گهڻو حصو سرڪاري ملازمت ۾ گذاريو آهي. ملازمت مان مليل تجربن ۽ مشاهدن بابت اسان کي ڪجهه ٻڌائيندؤ؟*

** سرڪاري نوڪر بس سرڪاري نوڪر ئي هوندو آهي. سڄي عمر تنخواه تي گذارو ڪري ٿو. ملڪ حقيقت ۾ سرڪاري نوڪر ئي هلائي ٿو. بيورو ڪريسي ئي ملڪ هلائي ٿي. پهرين اسان کي آفيسرن کان نفرت هوندي هئي ته آفيسر اهڙا ڪي اهڙا، پاڻ کي الائي ڇا ٿا سمجهن. پوءِ جڏهن نوڪري ڪئي ته خبر پئي ته سڄو ڪم ته ڪن ئي اِهي سرڪاري نوڪر ٿا. مختيارڪار ڊپٽي ڪمشنر، ڊپٽي ڪليڪٽر، تپيدار ۽ جج نه هجن ته جيڪر ملڪ ئي نه هلي. سڄو ڪم ته هلائين ئي اِهي ٿا. ملڪ ۽ دنيا جي هر ڳالهه اهي ٿا هلائين. سڄو بار هنن جي مٿان ئي هوندو آهي.

- *اهڙي صورتحال ۾ جتي سياست تي پابنديون گهڻيون هجن ڇا اُتي ڪو سياسي رهنما ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ ڪو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو؟*

** ڪو سياسي رهنما به بيورو ڪريسي کانسواءِ ڪجهه نٿو ڪري سگهي. مشينري ته بيوروڪريسي آهي. حڪومتي پاليسين تي عمل ته وري به آفيسر ۽ ڪامورا ٿا ڪرائين تنهنڪري ڪاموراشاهي تمام اهم آهي. سڄو ڪم اهي ٿا ڪرائين. اليڪشن ۾ مسلم ليگ کي ڪاموراشاهيءَ ئي کٽايو ۽ جي. ايم. سيد کي هارائڻ واري به ڪاموراشاهي ئي آهي. ان کي ڇا چئجي جو جي. ايم. سيد کي قاضي اڪبر شڪست ڏني!؟

- *اسان جي ملڪ ۾ عدليه آزاد ڪونهي. جيئن ته توهان جو تعلق انصاف جي شعبي سان رهيو آهي، اهڙي صورتحال ۾ جڏهن انصاف ۽ ظلم جو پاڻ ۾ ٽڪراءُ ٿيندو هجي ان وقت توهان جا تاثرات ڪهڙا هوندا آهن؟*

** ٽڪراءُ ٿيندو ئي ڇو جڏهن انسان جو پنهنجو ضمير صاف هوندو ۽ ٿورڙي گهڻي همت رکندڙ هوندو. ڪير ٿو چئي ته ملڪ ۾ عدليه آزاد ناهي. عدليه بلڪل آزاد آهي. باقي ماڻهو پاڻ ڪردار جو خراب نه هجي، راشي نه هجي ۽ خريد نه ٿي وڃي باقي هن کي ڪير روڪي سگهي ٿو.

- *توهان جو خيال آهي ته عدليه هر حالت ۾ آزاد آهي پوءِ ڪٿي ڪهڙي به حالت هجي؟*

** عدليه آزاد رهي سگهي ٿي. ان جو مدار انصاف سان واڳيل ماڻهن تي آهي. هاڻي جيڪڏهن پورو معاشرو خراب ٿي ويو آهي ته عدليه به خراب ٿي آهي.

- *توهان ٿوري دير پهرين چيو ته بيوروڪريسي سڄي ملڪ کي هلائي ٿي ته ان ملڪ ۾ جتي انصاف جي فراهمي لاءِ بيورو ڪريٽس مقرر ٿي وڃن ته ان لاءِ توهان ڇا چوندؤ؟*

**ان ڪري ئي عدليه کي بيوروڪريسي کان جدا ڪيو ويو آهي. اسان ججن ئي ان مقصد لاءِ وڏي ويڙهاند ڪئي. نيٺ 1952ع ۾ جسٽس ڊيوس جي وڏي ڪوشش ڪانپوءِ عدليه کي انتظاميه کان جدا ڪيو ويو نه ته اڳي ججن جا هلائڻ وارا ڪيس مختيارڪار ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر هلائيندا هئا. پوءِ 1952ع ۾ سنڌ ۾ پهريون دفعو ججن جي هاءِ ڪورٽ جي ماتحت هئڻ وارو نظام متعارف ٿيو. ان ڏس ۾ اسان ججن کي مختيارڪارن، ڊپٽي ڪليڪٽرن ۽ ڊپٽي ڪمشنرن جي مخالفت کي به منهن ڏيڻو پيو پر جسٽس ڊيوس ۽ پين اسان جي اِن موقف جي حمايت ڪئي ڇو ته جڏهن خود پوليس، مختيارڪار يا ڊپٽي ڪليڪٽر تي ڪو ڪيس داخل ٿيندو هو ته اُهي چوندا هئا ته اسانجو ڪيس ججن وٽ هلايو وڃي ڇاڪاڻ ته اتي ڪين انصاف ملڻ جي اميد هوندي هئي.

- *توهان ان باري ۾ ڇا چوندؤ جڏهن اهڙي صورتحال پيدا ٿي وڃي جتي عدالتن تي غير ضروري دباءُ وجهي انهن کي ضمير جي خلاف ڪم ڪرڻ تي مجبور ڪيو وڃي. خاص طور تي اسانجي ملڪ ۾ ته مختلف دؤرن ۾ اهڙي ئي صورتحال رهي آهي.*

**مون سان ڪڏهن به اهڙو واقعو پيش نه آيو. مون وٽ ڪو هڪ به سياسي ڪيس آيو پر مونکي ڪنهن به ڪو نه چيو ۽ نه وري ڪنهن زور پريو. ايوب جي دؤر ۾ سياسي اڳواڻ نواب يامين کي ايوب خلاف سخت تقرير ڪرڻ تي گرفتار ڪري مون وٽ پيش ڪيو ويو. مان ان وقت ٽنڊي الهيار ۾ هئس. مون اُتي جو اُتي هن جو ضامن ڪنيو حالانڪ اها تمام ڏکي ڳالهه هئي. ڇاڪاڻ ته مان جج هئس ان ڪري مون سنڌس ضمانت منظور ڪئي، جيڪڏهن ان جاءِ تي مئجسٽريٽ، مختيارڪار ڪليڪٽر يا ڊپٽي ڪليڪٽر هجن ها ته ائين نه ڪن ها.

**توهان ڇا ٿا سمجهو ته موجوده دؤر ۾ جڏهن سياسي هلچل هلائڻ جي به آزادي نه هجي ته ان حالت ۾ ڇا عدليه پنهنجي آزاد حيثيت برقرار رکي سگهي ٿي؟

**بلڪل عدليه موجوده عدالتي سرشتي ۾ پنهنجي آزاد حيثيت برقرار رکي سگهي ٿي. بلڪ عدليه ته آزاد آهي. بس ضرورت رڳو ان ڳالهه جي آهي ته ماڻهوءَ ۾ ٿورڙي همت هجي ۽ ماڻهو اُن ڪيليبر جا هجن. اصل ۾ ماڻهن جو پنهنجو ڪيليبر گهٽجي ويو آهي. اڄڪلهه معاشري ۾ ابتري جو رجحان ڏنو پيو وڃي. هر اداري ۾ تعليم ۾ ۽ استادن ۾ خراب آئي آهي. بيوروڪريسي جي هر کاتي پوسٽ آفيس، ٽيليگراف آفيس، ٽيليفون کاتي وينديءَ عدليه ۾ به خرابي آئي آهي ڇو ته ماڻهو ته نيٺ انهي معاشري مان ئي اچن ٿا. هاڻي جيئن ته معاشري جي هنن فردن ۾ اُها همت اُهو جذبو ۽ اُها ايمانداري نه رهي آهي تنهنڪري ايئن ڏسڻ ۾ اچي ٿو باقي ٻي ڳالهه ڪونهي. انگريز اسانجي ملڪ کي نهايت عاليشان عدالتي سرشتو ڏئي ويا آهن.

Gul Hayat Institute

- *توهان جا ٽا سمجهو انگريز جيڪو عدالتي سرشتي ڏئي ويا آهن اُهو ساڳي حالت ۾ برقرار آهي؟*

** واقعي اها ڳالهہ صحيح آهي تہ موجوده عدالتي سرشتي ان حالت ۾ برقرار ناهي جيئن انگريز ڇڏي ويا هئا. ان جو سبب هيءُ آهي تي عدليہ تہ مٿين سطح يعني هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ تي حڪومت طرفان دٻاءُ وڌو ويو آهي ۽ عدليہ وري ان دٻاءُ کي قبول ڪيو آهي. ان قسم جو پهريون واقعو گورنر جنرل غلام محمد جي دؤر ۾ ٿيو جڏهن مولوي تميز الدين خان جي ڪيس ۾ جسٽس محمد بخش ميمڻ تي حڪومت طرفان دٻاءُ وڌو ويو پر هن گورنر جنرل غلام محمد خلا فيصلو ڏنو جيڪا وڏي همت جي ڳالهہ هئي. چون ٿا تہ جڏهن جسٽس محمد بخش ميمڻ جي حڪومت خلاف ڏنل اهڙي فيصلي بابت برطانوي وزيراعظم چرچل کي پارليامينٽ جي اجلاس دوران ٻڌايو ويو تہ پاڪستان جي هاءِ ڪورٽ اهڙو فيصلو ڏنو آهي تہ هن اتي خوشي جو اظهار ڪندو وڏي فخر سان چيو تہ ان جو مطلب اسان اُتي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڇڏي آيا آهيون. “ پوءِ وري جسٽس منير عدليہ جي ٻيڙي ٻوڙي ڇڏي جيڪو گورنر جنرل جو دوست هو جيڪو هن جي دٻاءُ ۾ اچي ويو. سو اصل مدار آهي ماڻهوءَ تي. جيڪڏهن ماڻهوءَ جو پنهنجو ڪردار جسٽس منير جهڙو هوندو تہ ڪم بہ اهڙا ئي ڪندو. جسٽس منير جو ڪردار اِهو هو جو هو شڪار ۽ شراب جو شوقين هو. ڪيس شراب پيئاريندا هئا، بندوقون ۽ ڪارتوس ڏئي شڪار ڪرائيندا هئا. ايتريقدر جو گورنر جنرل کيس پنهنجي گهر ۾ رهائيندو هو.

- *چوڻ جو مقصد اِهو ٿيو تہ عدالت بذات خود پاڻ ڪرپٽ ناهي بلڪ اُن کي ڪرپٽ ڪرڻ تي مجبور ڪيو وڃي يا وري اُهي انساني قدر آهن جيڪي اُن کي ڪرپٽ ڪن ٿا؟*

** سڄي معاشري ۾ گراوٽ آئي آهي جنهن جو اثر عدليہ تي پيو آهي باقي قانون پنهنجي جاءِ تي لاجواب ۽ عدالتي سرشتو لاجواب آهي.

- *ڏوهہ ۽ سزا جو پاڻ ۾ ڪهڙو تعلق آهي؟*

** ڏوهہ ۽ گناه ۾ فرق آهي. گناهہ هڪڙي اخلاقي ڳالهہ آهي. جڏهن تہ ڏوهہ جي معنيٰ آهي. قانون جي ڀڃڪڙي. قانون جي ڀڃڪڙي ڪبي تہ سزا ضرور ملندي. ان ڪري ڏوهہ ۽ سزا لازم ۽ ملزوم آهن. جيڪڏهن قانون ڀڃبو تہ سزا ملندي. قانون جو احترام تمام ضروري آهي. جيڪڏهن قانون جو احترام نہ ڪبو تہ معاشرو هلي نہ سگهندو ۽ پوءِ ڪا بہ جوڙجڪ بيهي ڪا نہ سگهندي.

- *توهانجي شاگردي واري زندگي بابت توهان کان هڪڙو سوال پڇڻ وسري ويو اُهو هيءُ تہ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌي شاگردن ڪراچي کي سنڌ جو دارالحڪومت ٺاهڻ لاءِ تحريڪ هلائي هئي. ان تحريڪ ۾ توهان جو*



Gul Hayat Institute

کيترو ڪردار رهيو؟

** انهيءَ تحريڪ ۾ Forefront تي هئس. ايئن ڪٿي چئجي تہ اُها سنڌي شاگردن جي پهرين تحريڪ هئي. جيڪا ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ خلاف هلائي وئي. اها تحريڪ خالص قوميت واري تحريڪ هئي تہ ڪراچي اسان کان ڇو جدا ڪئي تي وڃي جنهن ۾ تمام گهڻو جوش ۽ جذبو هو. باقي ذهن ۾اها ڳالھ نہ هئي تہ اسان کان ڪراچي جا اسڪول، ڪاليج ۽ وسيلا کسيا ٿا وڃن. اهو هڪ جذباتي مسئلو هو جنهن ۾ اسان وڏا گوڙ۽ هنگاما ڪيا. عجيب ڳالھ اها هئي تہ ان دؤر ۾ شاگردن قائداعظم جا فوٽا گڏ ڪري رستن تي ساڙيا ويا. جڏهن تہ ڪجھ شاگردن جن ۾ مان بہ هئس، وزيرن ۽ گورنر تي پٿراءُ ڪيوسين جيڪو ٻاهر نڪري آيو ۽ هن سان مون ٿورو ڏاڍو شوخي وچان ڳالهايو جنهن کي اسان گهٽ وڌ ڳالهائيندا هليا وياسين. اُتان روانا ٿي سر غلام حسين هدايت الله سان ملڻ وياسين جيڪو اسان سان تمام سختي سان پيش آيو. جتي اسين پٿر پٿر هٽي موٽي آياسين. پوءِ گوڙ ڪندي موٽي پئي آياسين تہ پولو گرائونڊ (هاڻوڪي جناح باغ) وٽ سامهون کان هڪ ڪار اچي بيٺي جنهن مان وڏو وزير ايوب کهڙو ٻاهر نڪري ڇيو تہ گوڙ نہ ڪريو بابا. توهان کي قائداعظم سڏايو آهي ملاقات لاءِ. هن سان وڃي ملو ۽ بحث ڪريو. سو قائداعظم ملاقات جو وقت ڏنو ۽ هن سان ملڻ وياسون جنهن جو مختصر احوال آهي.

- *قائداعظم سان ملاقات جو مختصراً احوال ٻڌايو؟*

** مختصر ڪهڙو ٻڌايان؟ پلا ذرو ذرو ٻڌايان ٿا تہ ڪيئن قائداعظم گهرايو. ڪيئن مليو. ڪيئن اُٿيو. ڪيئن ڳالهايائين. ڏيڍ ڪلاڪ تائين اها ملاقات جاري رهي. پئي ڏينهن "ڊان" اخبار جي پهرين سرخي ٿي اها هئي "Quaid_i_Azam had 90_ minutes talks with Sindhi Students."

- *توهان جي ذاتي گفتگو قائداعظم سان ڪهڙي ٿي؟*

** اها ٿي سنڌ جي باري ۾ ۽ ڪراچي جي باري ۾ مون ڏٺو تہ اسان جا ڪجھ ٻيا دوست قائداعظم جي شخصيت کان متاثر ٿي ڪو نہ پئي سگهيا پر مون وري بہ هن سان ڳالهايو پئي. مثلاً هن اُٿندي ٿي اسان کي چيو تہ توهان جي ذهنن ۾اها ڳالھ ڪنهن وڌي آهي جنهن جو مطلب اِهو هو تہ اسين ڪنهن جا ايجنٽ بڻجي آيا آهيون. سندس اِن ڳالھ جو هڪدم رد ڏنومانس تہ اِها اسانجي پنهنجي سوچ آهي تہ ايئن ڇو ٿو ڪيو وڃي. پوءِ هڪدم چيائين تہ توهان کي کهڙو صاحب سڏايو هو. جنهن تي مون چيومانس تہ کهڙو ڪير ٿيندو آ. هيءُ سنڌ جو مسئلو آ. کهڙو اڄ آهي، سڀاڻي نہ هوندو. پوءِ ملڻ ايندا سين تہ ڪو نہ ملندو. پوءِ اُتي جو اُتي چيائين تہ جيڪڏهن کهڙو نہ بہ سڏي ها تہ بہ جيڪڏهن پاڪستان جي مفاد ۾ ڳالھ هجي ها تہ اسان اچون ها. قائداعظم جي عادت هوندي هئي تہ هو هڪدم سامهون واري جي

ڳالهه ڪيئندو هو. مخاطب جو دليل ڪٽي وري پنهنجي ڳالهه ڪندو هو. ايئن هو پنهنجا آرگيومينٽ ڏيندو ويو. هُو بہ واقعي هوشيار پڇاڙي ۾ مون چئي ڏنومانس تہ تون آرگيومينٽس ۾ اسان کان زور ٿيندين پر اسان حڪومت جي اهڙي فيصلي جي مخالفت جو فيصلو ڪيو آهي. ان تي اسانجي فيڊريشن جي چيئرمن شفيع انصاريءَ مون کي هٿ کان وٺي چيو تہ ايئن نہ چئو. مون چيو تہ چونہ چوانس. پوءِ وري هلڻ مهل قائداعظم جڏهن اُٿي بيٺو تہ مون پڇيومانس، "قائداعظم! پاڪستان جو آئين ڪهڙو ٿيندو؟" ان وقت اِهو تمام وڏو مسئلو هو. قوميتن جو مسئلو هو. جيئن تہ هو وڏو سياستدان هو منهنجي سوال جو گول مول جواب ڏنائين، "My dear boy, I can't tell you that." اهڙيءَ ريت هو ڳالهه ڪائي ويو پر مون وري پڇيومانس "Quaid-i-Azam! Will the constitution be federal?" تہ چپ ٿي ويو ۽ چيائين، "My dear boy! You are very dear. Sit down" وري ويهي رهيا سين. وري مون پڇيومانس Quaid-i-Azam! Will the constitution be federal? تہ جواب ڏنائين، I can not tell you that but what else it can be. اهڙيءَ ريت هڪ لحاظ کان جواب ڏئي ويو تہ آئين وفاقي هوندو. ان تي اسان مطمئن ٿياسين تہ وفاقي آئين ملندو پر آئين نہ قائداعظم ڏاهي سگهيو ۽ نہ وري لياقت ڏاهي سگهيو.

- *اوهان کي لکڻ جو شوق ڪڏهن کان ٿيو؟*

** لکڻ جو شوق تہ ڪونهي باقي لکڻ جو جذبو ٿئي ٿو. هڪ لحاظ کان اندر ۾ اُڌمو هجي ٿو جيڪو لکڻ ذريعي ٻاهر اچي ٿو. ڳالهه اصل ۾ آهي پڙهڻ جي. جيئن تہ مان پيءُ سان گهڻو وقت رهيس تنهنڪري تمام گهڻو پڙهيس. وٽس جيڪي بہ ڪتاب ايندا هئا تن مان پنهنجي معيار وارا سڀ ڪتاب پڙهي ويندو هئس. تن ڏينهن ۾ رسالا ڪافي نڪرندا هئا جن ۾ سندر ساهتيہ، سنڌو جوت، گل ڦل، ٻارن جي ٻاري جيڪي سڀ پڙهندو هئس. تنهن کان پوءِ ترجما گهڻا ٿيندا هئا جن ۾ ٽالسٽاءِ ۽ رابندر ناٿ ٽئگور جا سنڌي ۾ ترجما وڏيڪ پڙهندو هئس. پيو وري اسلام سان تہ دلچسپي اڳئي هئي ڇاڪاڻ تہ بنيادي طرح سان منهنجو پيءُ اسلامي ماڻهو هو ۽ اسلامي نظريو رکندڙ هو جنهن اسلام ۽ دينيات تي گهڻا ڪتاب لکيا هئا جيڪي پڙهيا هئم. ڪڏهن ڪڏهن بابو سائين ڪنهن موضوع تي مضمون لکڻ لاءِ چوندو هو تہ لکي ويندو هئس يا وري ڪڏهن ماستر جي چوڻ تي لکندو هئس. مان پاڻيان ٿو تہ تمام چڱي نموني لکندو هئس. جيڪو بہ مضمون لکندو هئس تہ بابا چوندو هو تہ پهرين مونکي ڏيکاريندو ڪر. جڏهن ڪيس ڏيکاريندو هئس تہ ڏاڍو خوش ٿيندو هو ۽ چوندو هو تہ تمام سٺو لکيو اٿئي. اسڪول ۾ بہ جڏهن ماستر ڏسندو هو تہ ٻين شاگردن کي پڙهي ٻڌائيندو هو تہ ڏسو هن ڪيڏو نہ سٺو لکيو آهي. ايئن لکڻ جي ڳالهه شروع ٿي.

- *توهان جي پهرين ادبي لکڻي ڪهڙي هئي؟*



Gul Hayat Institute

*** منهنجو پهرين افسانو "حُر" هو جيڪو مون انگريزن خلاف حُرن جي تحريڪ واري زماني ۾ لکيو. ان تحريڪ جي نتيجي ۾ سنڌ هندستان جو پهريون صوبو هو جتي 1939ع ۾ مارشل لا لڳي جيڪا 1945ع تائين لاڳيتو جاري رهي. ان دوران سنڌين ۽ حرن تي ملتري سخت ظلم ڪيا. ان وقت هڪڙو مشهور حر هو جنهن جو نالو مير محمد نظاماڻي عرف ميرو نظاماڻي هو جنهن کي اسانجي عبدالله خان ٿي بدين جي پاسي ماريو هو. مان جڏهن قانون پاس ڪري ويس تہ ٿنڊي محمد خان ۾ عبدالحق ڊي. ايس. پي هو. اُتي وڏا ڌاڙيل هئا. ڦل ماڇي، ميرو نظاماڻي ۽ ٻيا جن جا نالا ياد ڪونهن. عبدالحق ڏاڍو همت ڀريو هو. هن کي آنڌي مانجهي جيڏي مهل بہ ڌاڙيلن جي ڪٿي موجودگي جي خبر پوندي هئي تہ اوڏي مهل وردي پائي سپاهين کي ٽرڪ ۾ ڪٽي نڪري پوندو هو. هڪ دفعي ساجن سوائي جي ميلي ۾ مون کي ساڻ وٺي ويو جتي وڏي گولي باري کان پوءِ بہ ڌاڙيل ماريائون جن جا لاش مون بہ اکين ڏٺا پر ڌاڙيل ميرو نظاماڻي هٿ نہ اچي سگهيو. پوءِ جڏهن ڌاڙيل ميرو نظاماڻي کي ماريائون تہ منهنجي ذهن تي گهڻو اثر پيو. جيئن تہ حرن جي تحريڪ ۽ سنڌن گوريلا جنگ جو بہ منهنجي ذهن تي گهڻو اثر هو ان ڪري مون اِهو افسانو لکيو جنهن ۾ مون چاڻايو تہ هو حُر هو. مونکي پڪ نہ هئي تہ اِهو افسانو چڱو آهي يا ايئن ٿي پر قادر بخش نظاماڻي جنهن جي اخبار جنهن جو نالو ياد ڪونهي ۾ اهو افسانو ڇپيو. مونکي خط لکي ان افساني جي تعريف ڪئي. پوءِ رسول بخش پليجي بہ خط لکيو تہ تو تمام چڱو افسانو لکيو آ. ايئن منهنجي همت افزائي ٿي.

- *تخليق ڪرڻ وقت توهان جي ڪيفيت ڇا هوندي آهي؟*

*** اهڙي ڪيفيت هوندي آهي جيڪا بيان نٿي ڪري سگهجي ڇڻ خبر ٿي نہ پوندي هجي ايئن لڳندو آهي تہ وحي نازل پئي ٿئي. ماڻهو ڄڻ ٻي دنيا ۾ پهچي ويو هجي ۽ آسپاس جي ماحول ۽ حالتن کان بي خبر ۽ جذبي سان ڀرپور ٿي ويندو آهي. منهنجا تہ وار ڪانڊارجي ويندا آهن. ڪن ڳالهين تي ويندا آهن ۽ سامهون ڪا شيءِ نظر نہ ايندي آهي ۽ جيڪو تصور ۾ هوندو آهي اُهو قلم جي ذريعي ازخود لکجندو ويندو آهي. مون سان تہ ايئن ٿيندو آهي. باقي ٻيا الائي ڪيئن ٿا لکن تنهن جي خبر ناهي.

- *اديب جي سماج ڏانهن ڪمٽمينٽ ڪيتري ضروري آهي؟*

*** ڪمٽمينٽ ڪانسواءِ تہ اديب ٿي نٿو سگهي. هر ڳالهہ ۾ ڪمٽمينٽ آهي. ادب ۽ سماج ڪانسواءِ ڪيئن ٿو رهي سگهجي؟ اِهي جيڪي ٻاراٽيون چوٽيون آهن سي سماج سان ٿي تہ واسطو رکن ٿيون جيئن "اُڪري ۾ ڪڪڙو- مينهن آيو تڪڙو".

- *ڇا اُهو ادب جيڪو هڪ وک اڳتي وڌڻ ۾ مدد نہ ڏئي اُن کي بهترين ادب سڏي سگهجي ٿو؟*

*** ادب ڪيئن مدد نہ ڏيندو، ضرور ڏيندو. ادب لفظ جو مطلب ٿي آهي "دب"

يعني ريڙهيون پائي هلڻ ۽ اڳتي وڌڻ. ادب پوءِ ڪٿي الف ليليٰ جي شڪل ۾ هجي يا ٻي ڪنهن شڪل ۾ اُهو ضرور سماج کي اڳتي وڌائيندو سوچ وڌائيندو سمجهه ڏيندو ۽ علم ڏيندو.

- *توهان افسانيءَ کي ئي پنهنجي سوچ جي اظهار جو ذريعو ڇو بڻايو؟ ٻي ڪنهن صنف کي ڇو نه بڻايو؟*

** مون سوچي سمجهي ته ائين نه ڪيو پر ازخود ٿي ويو. اصل ۾ مون ۾ بي صبري، جوش ۽ جولان گهڻو هوندو هو جنهن جو اظهار افساني ذريعي ئي موثر نموني ڪري سگهجي ٿو ڇو ته افساني ذريعي ٿوري ۾ سڄي ڳالهه اثرائتي نموني ڪري سگهجي ٿي. جڏهن ته مضمون خشڪ ٿو ٿئي.

- *شاعريءَ ۾ به توهان طبع آزمائي ڪئي آهي؟*

** مون شاعري ۾ ڪو خاص شوق نه ورتو حالانڪ شروعاتي دؤر ۾ ڪجهه شعر چيا هئا جيڪي مون کي ڪو نه وڻيا ان ڪري ڦاڙي ڇڏيم. منهنجي ڀيرين لکڻي شعر ۾ هئي. جڏهن حافظ رڪن الدين شهيد ٿيو ته مون جوش ۾ هڪڙو وڏو شعر لکيو پر پوءِ مون ڦاڙي ڇڏيو.

- *ڇا توهانجي ڪا شاعري محفوظ آهي؟*

** ٿي سگهي ٿو منهنجي ڪنهن نوٽ بوڪ ۾ به ٽي اکر لکيل هجن.

- *ڇا توهان جو ڪو شعر توهان کي ياد آهي؟*

** ڪو شعر ته ياد ڪونهي. دراصل مون سڄي عمر ردعمل ۾ ڪاوڙ ۾ ئي لکيو آهي ته ماڻهو هيئن ڇو ٿا چون يا هيئن ڇو ٿا سوچين يا هيئن ڇو ٿا لکن تڏهن مان ڪا نه ڪا ڳالهه لکي وٺندو آهيان. هن مارشل لا جي دؤر ۾ جڏهن ڪو ڪُڇي ئي ڪو نه پيو سيڪو ماٺ ميٺ ۾ ۽ ڊپ وچان لِڪو ويٺو آهي تڏهن مون بيتن جي شڪل ۾ انهي ماٺ ۾ چپ چپات تي لکيو:

”مانائي ۽ ماٺ گهوڙا مانائي ۽ ماٺ!
ڪانهي مِنائي ماٺ ۾ يارو! مُني آهي ماٺ،
ڪڙائي سان ڪاٺ مِنا! مانائي جي ماٺ.“

اهڙي طرح سان مون اِن عام چوڻي ”مُني به ماٺ، مِني به ماٺ“ کي غلط قرار ڏنو ته بابا اها ڳالهه غلط آ ڇو ته ماٺ ته هميشه مُني آ، مِني ته ٿيندي ئي ڪانهي. اِهي بيت انهي دام ۾ چيم ته بابا ڪجهه ته ڪريو. ڪکر ۾ ته ڪڙو هٺو. جيئن عام طرح چئبو آهي ته ڪکر ۾ ڪڙو نه هٺجي پر مون اِن جي رد ۾ چيو

هڻ ڪڙو ڪکر ۾ يونيٽ باهه مچائي،
ڏنگِن ساڻ ڏنگي ڏاهپ ڏاگهه جلائي
ڏاڍِ ڏمر ڏهڪائي، پوُن پون جي پرمار سين.



Gul Hayat Institute

بيو هيءُ شعر بدر کي لکي موڪليا هئم جڏهن هو جيل ۾ هو.

سچ نہ وني ماڻهئين، جُوٺ نہ وٺي رب،
سِر سوُنهين نيزي مٿي، ايءُ حسيني حُب،
پڙن جي پيڙا جي، ڪي دلير سهندا دٻ،
لِنبي نہ سگهيا لب، جمال آڏو جلال ۾.

اهڙا ڪجهہ ٻيا شعر بہ چيا اٿم جيڪي لکيل حالت ۾ آهن پر انهن جي ذڪر جي هتي ضرورت ڪونهي.

آندر ۾ اهاءُ تيئو الله آهي عجب
دوست گهائي دادلا، ڏاڍا ڏٺي ڏنب
رڻ، راڙو ۾ رنپ، مُلهہ مهانگو ڪينهڪي
مُلهہ مهانگو ڪينهڪي،سستو آهي سودو
درَ درَ آهي دودو سهسين سِر سنيرين

اِها شاعري هِن دؤر جي آهي جڏهن افساني لکڻ کان ويس. اِهي شعر مون ماڻهن جي مانائي ڏسي لکيا آهن.

- *توهانجي ڪردار پشوپاشا بابت وقت جي نقاد اِها راءِ ڏني تہ اهو هترادو ۽ يوٽوپيائي ڪردار آهي. اُن ڪانپوءِ بلوچستان ۽ سنڌ ۾ آيل سياسي تحريڪن جي پس منظر ۾ڇا پشوپاشا کي اڃا تائين يوٽوپيائي ڪردار چئي سگهون ٿا؟*

** پشوپاشا يوٽوپيائي ڪردار بلڪل ڪو نہ هو بلڪ قطعي ڪو نہ هو. جن بہ ايئن چيو آهي بنهہ ڪي بيوقوف آهن. ڪنهن بہ سياڻي يا سمجهو ماڻهوءَ ايئن نہ چيو آهي. رسول بخش پليجي جهڙي Genius ماڻهوءَ ان کي بلڪل صحيح ڪردار قرار ڏنو آهي. باقي اِها آهي تہ هڪڙي خيالي رياست جي خيال ڪهاڻي تنهنڪري Fantasy تہ آهي ان ڪري انهيءَ تي اِهو الزام نہ هڻي سگهبو تہ ڪو مصنوعي ڪردار آهي. Fantasy ۾ تہ ٿيندو ئي ايئن آهي جيئن ڪرشن چندر جو "ڪالا سورج" جنهن ۾ سچ کي اُگهي صفا ڪري ڪاري کي صاف ڪيون. اهڙي طرح هيءُ هڪڙي خيالي رياست جي خيالي ڪهاڻي آهي ۽ اها ڳالهہ اڄڪلهہ بلڪل ثابت پئي ٿئي تہ پشوءَ وانگر ليڊرشپ يا رهنمائي لوڪل ماڻهن منجهان ئي پيدا ٿيندي آهي ۽ مقامي ذريعا ۽ وسيلا استعمال ٿيندا آهن ۽ پڇاڙي ۾ خود اُن شخص جي شخصيت ختم ٿي ويندي آهي. پلي هو ڦاهي تي چڙهي وڃي پر اُن ڏڙي جا پوئلڳ اُن کي ڪٽي اڳتي وڌندا آهن تہ اڄ ايئن ٿئي پيو. بلوچستان ۾ ايئن ٿيو ۽ سنڌ ۾ بہ ايئن ٿئي پيو. ان لحاظ کان پشوپاشا يوٽوپيائي ڪردار قطعي ڪو نہ هو بلڪل ان وقت جي ليڊرشپ تي تنقيد هئي جيڪا پاڻ کي ترقي پسند

Gul Hayat Institute

ليڊرشپ سڏائيندي هئي پر گذارو ڪندي هئي ماڻهن جي پئسن تي.

- *ڇا پشوپاشا جي ڪردارن ۾ توهان جو پنهنجو ڪردار آهي؟*

** قطعي ڪونهي. منهنجو پنهنجو ڪردار آهي ئي ڪو نه. مون پنهنجي ڪتاب جي انتساب ۾ اها ڳالهه صاف ڪري ڇڏي آهي ته مون پنهنجو پاڻ کي ختم ڪري سمنڊ ۾ ٻوڙي سيني جا ڏک گڏ ڪري ڪنيا آهن. باقي هر ڪنهن ڪردار ۾ منهنجي سمجهه، سوچ ۽ جذبي جو نچوڙ ته آهي ئي آهي. باقي ڪنهن ڪردار ۾ مان پاڻ ڪو نه آهيان. منهنجو سڄو لٽريچر داخليت کان قطعي پاڪ آهي.

- *توهانجي خيال ۾ جديديت ڇا آهي؟ ڪجهه ماڻهو اُن کي رڳو ٽيڪنيڪ قرار ڏين ٿا ته ڪجهه وري اُن کي داخليت سان ڳنڍيل ٻڌائين ٿا؟*

** صرف بڪواس ڪن ٿا. جهالت ڪانسواءِ ٻي ڪا به شيءِ ناهي. جديديت نه ڪو داخليت آهي ۽ نه وري ٽيڪنڪ آهي ۽ جيڪي به اهڙي ڳالهه ڪن ٿا سي بيوقوف آهن ۽ گڏهه آهن. نه کين داخليت جو علم آهي ۽ نه وري ادب جي هنن کي ڄاڻ ۽ ڪا خبر آهي ان ڪري اُهي جديديت ۽ داخليت جي آڙ ٿا وٺن. سڄي دوکيبازي آهي، ٻي ڪا به ڳالهه ڪانهي.

- *ترقي پسندي ۽ جديديت ۾ ڪهڙو فرق آهي؟*

** ترقي پسندي ته وڏي ڳالهه آهي. ماڻهن جي مسئلن کي اُيارڻ، ماڻهن کي صحيح ليڊر ڏيڻ، ماڻهن جي جذبن جي ترجماني ڪرڻ، مسئلن کي سمجهي انهن جو سائنٽيفڪ حل ڏيڻ اِهو آهي ترقي پسند ادب. باقي جيڪي داخليت، پيڙا ۽ ٽيڪنڪ جون ڳالهيون ڪن ٿا سي محض بڪواس ٿا ڪن. جيڪي پنهنجي شخصي محرومين کي داخليت جو نالو ڏئي پوءِ بڪواس ڪٽي ٿا شروع ڪن ڇو ته هنن کي پائڻ لاءِ فل سوٽ نه مليو ڪار ۾ چڙهي يونيورسٽي ۾ ڪو نه آيو ڪنهن سهڻي ڇوڪريءَ سان سنگت ڪو نه ٿي يا انٽرڪانٽينينٽل هوٽل ۾ ماني نٿو کائي سگهي ان ڪري اِها داخليت آهي ۽ پيڙا آهي! اڙي گڏهه! تنهنجي پيءُ جنهن ڏڳو وڪڻي يا زال جي نٿ وڪڻي توکي پڙهڻ لاءِ شهر موڪليو آهي تنهن جي پيڙا توکي ڪو نه ٿي سُجهي باقي پيڙا هيءُ آهي ته توکي فل سوٽ ڪونهي، ڪار ڪونهي ۽ سهڻي ڇوڪري ڪونهي. هونئن به داخليت متروڪ شيءِ آهي جنهن کي اسان قطعي غلط ۽ واهيات ٿا سمجهون. داخليت جو مطلب ئي آهي خودمطلبي ۽ خودپرستي جنهن سان پوءِ ٻين لاءِ نفرت ٿي پئدا ٿئي تنهنڪري ان مان ڪا به هاڪاري ۽ صحيح ڳالهه سامهون نٿي اچي بلڪ منفي جذبا پئدا ٿين ٿا پر هيءُ ته داخليت به ناهي بلڪ هيءُ ته ڪجهه به ناهي. نسوري اڻ ڄاڻائي آهي. جيڪي به اها ڳالهه ڪن ٿا تن کي ته ڪجهه به نٿو اچي، نه کين ڪو علم آهي ۽ نه وري ڪا ڄاڻ آهي، نه ڪا ٽيڪنڪ آهي ۽ نه وري فن آهي جيڪي چار اکر لکي مڙيو ئي پنهنجو نالو شهيدن ۾ لکائڻ ٿا گهرن ته اسان به رائيٽر آهيون.

- *توهان جو ڇا خيال آهي تہ اهڙو رجحان نئين ٽهي ۾ وڌيڪ آهي يا اڳ بہ اهڙو رجحان رهيو آهي؟*

** اِهو رجحان نئين ٽهي ۾ گهڻو آهي ڇو تہ هنن پڙهيو ڪونهي. نہ ڌرتي جو مطالعو آ نہ مشاهدو. لکڻ لاءِ تہ مطالعو تمام ضروري آهي. اصل ڳالهہ هوندي آهي ڳالهہ کي سمجهڻ، سوچڻ ۽ پوءِ ان جو نچوڙ ڪڍي ماڻهو کي ڏيڻ. مان تہ تمام ڏچي لکندو هئس تہ متان ڪا غلط ڳالهہ نہ لکي ويٺو هجان يا غلط ليڪ نہ ڏئي ويٺو هجان تنهنڪري مون پنهنجو ڇپائڻ کان قطعي انڪار ڪيو ۽ اهو شرط رکيو هو تہ جيستائين ابراهيم جويي جهڙو ماڻهو اُن تي پوري طرح سان تنقيد نہ ڪري تيستائين منهنجو ڪتاب نہ ڇپرايو. اهو ئي سبب هو جو جن منهنجي افسانن تي تنقيدي خط لکيا هئاسي مون پنهنجي ڪتاب ۾ شامل ڪرايا هئا تہ جيئن جيڪي غلطيون ٿيون آهن سي ظاهر ٿين جيئن ڪو غلط رجحان پيدا نہ ٿئي ۽ ماڻهن کي غلط ليڪ نہ ملي. ماڻهو تہ سمجهن ٿا تہ اسين ڪي متان لهي آيا آهيون ۽ تمام سٺو لکيو اٿئون يا الائي ڇا ڪري ڇڏيو اٿئون جو سڄي دنيا اسان جي پويان هلي پوندي.

- *ڇا ايئن چئجي تہ توهان اڄوڪي دؤر ۾ سنڌي ادب ۾ نئين ڪهاڻي ۽ نئين شاعري کان صفا مطمئن ناهيو؟*

** ايئن قطعي نٿو چئي سگهجي. اڄوڪي دؤر ۾ ڪي ڪهاڻيون تمام چڱيون ۽ ڪا شاعري تمام چڱي آهي. ايئن ناهي تہ سڀ جون سڀ غلطيون آهن باقي گهڻو ڪري اڄوڪي ادب ۾ شاعري ۾ فرسٽريشن ۽ فراريت نظر اچي ٿي.

- *نئين ٽهي جي ڪهڙن ليکڪن مان توهان اميدون وابستہ ڪري سگهو ٿا؟*

** هر ڪنهن مان سٺي اُميد ڪري سگهجي ٿي. ڪو بہ ليکڪ جڏهن مسئلن کي منهن ڏيندو، پڙهندو، سوچيندو، سمجهندو يا ماڻهن جي موومينٽ ۾ گڏجي هلندو ۽ ماڻهن جي مسئلن ۽ جذبن جي خبر پوندس تہ اُهو ساڳيو رائٽر تمام چڱو رائٽر ٿي اُڀرندو. هر ڪنهن ۾ اميد آ. اميد ڪنهن مان بہ نہ لاٿي اٿئون.

- *ڪو خاص ليکڪ جنهن جو نالو ڪٽي سگهجي؟*

** ڪنهن خاص ليکڪ يا شخص جو نالو ڪٽي نٿو سگهجي. سڀ هڪجهڙا آهن. سڀ سٺا آهن ان لحاظ کان تہ هنن ۾ اخلاص آهي. ان ڳالهہ کان اختلاف نٿا ڪريون تہ اُهي سنڌ جي ترقي ۽ سنڌ جي ماڻهن جي ترقي ۾ مخلص ناهن پر اُن سان گڏوگڏ صحيح سوچ، سمجهہ، مطالعو صحيح نظريو ۽ سائنٽيفڪ سوچ بہ ضروري آهن.

- *توهان جي خيال ۾ اڄ جي سائنسي دؤر ۾ ادب جي ڪيتري اهميت آهي؟ ڇا ادب جي اهميت گهٽجي تہ نہ رهي آهي؟*

** سائنسي دؤر ۾ ادب جي اهميت قطعي ڪا نہ گهٽبي. آخر ڇو گهٽبي؟

Gul Hayat Institute

اڄوڪي دؤر ۾ ماڻهن کي سائنٽيفڪ سوچ ۽ سائنٽيفڪ نظريا ڏيڻ لاءِ ته ادب جي اهميت پاڻ وڌي ٿي وڃي. اڄوڪي دؤر ۾ ماڻهن جا سماجي قدر ته مٽجي ڪو نه ويا آهن. ها جيڪڏهن سماجي قدر مٽجن ٿا ته مروج ادب به مٽجي ٿو.

- *شيخ اياز جي راءِ ۾ هر ڪڏ ڪانپوءِ هڪ ٻي اُونهي ڪڏ ايندي آهي جڏهن ته عام راءِ اِها آهي ته هر اُوچائي ڪانپوءِ ٻي اوچائي ايندي آهي، توهان ڪهڙي راءِ کان متاثر آهيو؟*

** ٻئي سچايون آهن. ماڻهو جڏهن ڪِرڻ شروع ٿو ڪري ته ڪِرندو ئي وڃي ٿو. جڏهن اخلاقي پستي جو شڪار ٿئي ٿو ته ماڻهو بدمعاشي تي لهي ٿو اڃي ۽ ڪِرندو ئي وڃي ٿو جنهن جو ڪو ڇيهه ئي ڪونهي. اسفل السافلين اِن کي چيو ويندو آهي ۽ ماڻهو جڏهن ڪِرڻ تي پوندو آهي ته ڪِرندو ئي ويندو آهي ۽ ماڻهو چڙهڻ تي اچي ٿو ته چڙهندو ئي ويندو آهي. سُڌرندو ويندو آهي. صحيح ٿيندو ۽ پاڻ کي، ماحول کي ۽ ٻين کي اُجاريندو ويندو آهي. جيڪو ڪِرندو ويندو سو وڌيڪ خراب ٿيندو ويندو ۽ وڌيڪ خرابيون پيدا ڪندو ويندو. ٻئي ڳالهيون پنهنجي جاءِ تي سچيون آهن.

- *ڇا توهان جي ڪهاڻين جا ڪردار خيال آهن يا اُهي جيئن جو تيئن توهان جي مشاهدي ۾ آيا؟*

** منهنجي ڪهاڻين جا ڪردار نه ڪو خيالي آهن ۽ نه وري جيئن جو تيئن مشاهدي ۾ آيا بلڪ منهنجا ڪردار واقعاتي آهن جيڪي يا ته منهن جي نظرن مان گذريا يا ٻُڌا آهن باقي هونئن اِهي ڪردار سچا پچا محسوس ٿين ٿا جيئن پيراڻي وارو ڪردار. اِهو واقعو منهنجو ٻُڌل هو جيڪو اسانجي ڳوٺ ۾ ٿيو جنهن ۾ هڪ ڇوڪري وڪاڻي هئي. باقي ڪهاڻيءَ کي وڌيڪ ڊيولپ ماڻهو ٿو ڪري.

- *ڇا توهان پنهنجي لکيل ڪهاڻين مان مطمئن آهيو؟*

** ها مان مطمئن آهيان پر اڃا به چاهيان ٿو ته جيڪر هنن کان به وڌيڪ لکجي. باقي جيڪي ڪهاڻيون مون لکيون آهن تن کي جڏهن به پڙهندو آهيان ته مون تي اُها ئي ڪيفيت ۽ جذبو طاري ٿي ويندو آهي جيڪا مون تي لکڻ وقت طاري ٿيندي هئي. باقي انهن ڪهاڻين ۾ لفظ جي ڦيرڦار جي به گنجائش نه ڏسندو آهيان باقي انهن کان بهتر ڪان بهتر اڃا به لکي سگهجن ٿيون.

- *توهان لکڻ ڇو ڇڏيو؟*

** اِهو تمام ڏکيو سوال آ. لکڻ ڇڏڻ جا تمام گهڻا سبب آهن جن مان هڪڙو ته پيٽ جو مسئلو روزگار جو مسئلو يعني نوڪري، تنهن کان پوءِ مون کي دل جي بيماري ٿي ۽ وقت ڪو نه مليو. ٻيو آفيسن جي چوديوارن ۾ بند ٿي عوامي تحريڪن کان ڪٽجي ويو هئس. رائٽر يا ليکڪ لاءِ ضروري آهي ته هو عام ماڻهن سان گڏ هجي نه رڳو عام ماڻهن سان گڏ هجي پر عام ماڻهن جي تحريڪن سان گڏ

هُجي ۽ عام ماڻهن جي مسئلن کي چڱيءَ طرح پروڙي، اُياري ۽ انهن کي هنن جي نظر سان ڏسي. جيڪڏهن مان هاريءَ جي متعلق لکڻ ٿو گهران ته جيستائين مان هاري جي مسئلن کان چڱي ريت واقف ناهيان، هن سان گڏ هن جي جهوپڙي ۾، هن جي جهنگ ۾ ۽ هن جي ٻني تي رهي ڪو نه ڏٺو اٿم، ته جي مان بند ڪمري ۾ ويهي هاريءَ تي لکندس ته اها لکڻي منهنجي پنهنجي دماغ جي پيداوار هوندي، هاري جي نه هوندي. سو مان نوڪري جي سلسلي ۾ ماڻهن کان ڪٽجي ويس ۽ مان بند ڪمرن تائين محدود رهجي ويس. ان ڪانسواءِ بيماري جي ڪري به ٻاهر نه نڪري سگهيس.

- *ڇا اِها اميد ڪري سگهجي ٿي ته توهان مستقبل ۾ وري لکندؤ؟*

*** اميد ڇو نٿي ڪري سگهجي؟ بلڪل ڪري سگهجي ٿي بشرط وري اهڙو ماحول يا حالتون پئدا ٿين ته وري لکڻ شروع ڪري سگهجي ٿو.

- *ڇا توهان سمجهو ٿا ته جيڪڏهن توهان کي اهڙي جاءِ تي ويهارجي ته توهان عام ماڻهن جي باري ۾ وري به مشاهدو ڪري سگهو ٿا؟*

*** قطعي نه. ڪورٽ اهڙو هنڌ آهي جتي ماڻهو سمجهن ٿا ته شايد جدا جدا موضوع ملن ٿا پر اهڙي ڳالهه هرگز ناهي. ڪورٽن ۾ هر ڪيس گهڻو ڪري هڪڙي ئي نوعيت جو هوندو آهي. ڪيس ڪٿي کهڙو به هجي چوري جو هجي، ڌاڙي جو يا خون جو انهيءَ جي Motive ۾ يا اُن جي پس منظر ۾ ته اسان وڃون ڪو نه ٿا، رڳو شاهدي ڏي ٿا وڃن ته سڀ ڪنهن ڪيس ۾ ساڳي ڳالهه ملندي ته آڌي رات جو وقت هو ڪتن جي ڀونڪ تي سجاڳي ٿي، اسان آياسون، ڀيا فلاڻا فلاڻا ماڻهو به آيا، به ماڻهو ڀڄندي ڏٺاسون، چانڊوڪي هئي، هڪڙي کي سڃاتوسين ٻنين کي ڏسنداسون ته سڃاڻينداسين. پوءِ فلاڻن ڏي وياسون، هنن سان ماجرا ڪئي سين جنهن چيو ته وڃي پوليس ۾ ڪيس لکرايو. ايئن هر ڪيس ۾ توهان کي اها هڪڙي رٽيل ڳالهه ئي ملندي.

- *ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته توهان ڪجهه تاريخي واقعن تي پنهنجا مشاهدا لکيا آهن. اُن بابت اسان کي ڪجهه ٻڌائيندا؟*

*** اهڙا مشاهدا اڃا لکيا ته ڪو نه آهن باقي هڪ خيال هو ته ”تاريخ ۾ ڪوڙ جي موضوع تي لکجي. پاڪستان جي تاريخ تي لکجي جيڪا سچي جي سچي ڪوڙ تي ٻڌل آهي. پاڪستان جو ٺهڻ، پاڪستان جو وجود ۾ اچڻ، پاڪستان جي هر رهنما جا ڪوڙ. سندن هر ڳالهه ڪوڙ ۽ منافقي تي ٻڌل آهي. جيڪڏهن هن موضوع تي لکجي ته اهڙو هنگامو مچندو جو ڦاهي تي چاڙهي ڇڏيندا.

- *پر اهو لکڻ سان تاريخي دستاويز محفوظ ٿي سگهي ٿو؟*

*** ها ايئن ڪري سگهجي ٿو ته لکي لڪائي ڇڏجي ”مظهر شاهجهاني“ وانگر جيڪو سؤ سالن تائين پيو ڏسجي ۽ پوءِ وري وڃي ڪو ظاهر ٿئي.

Gul Hayat Institute

- *باقي اِهو تمام وڏو ڪنٽريبيوشن هوندو خاص ڪري سنڌ جي ماڻهن لاءِ.*

** بلڪل ٿيندو. تي سگهي ٿو ڪنهن تاريخدان اِن موضوع تي لکيو به هجي. ڪنهن تاريخدان ضرور لکيو به هوندو.

- *پاڪستان جي ڳالهه نڪتي آهي ته تحريڪ پاڪستان جي وقت توهان جواني ۾ هئا. پاڪستان جي قائم ٿيڻ جا بنيادي سبب ڪهڙا هئا؟*

** پاڪستان ٺهڻ جا بنيادي سبب اقتصادي هُئا. جتي اسان مسلمان گهڻا هئاسون اُتي به مسئلو اِهو هو ته پڙهيل هندو وڏيڪ هئا، واپار هندو جي هٿ ۾ هو نوڪري هندو جي هٿ ۾ هئي ۽ وسيلا هندو جي هٿ ۾ هئا. مسلمان سمجهيو ٿي ته هندو جي هوندي اسان کي ترقي جا ايترا موقعا ڪو نه ملندا ۽ هندن جي واقعي تنگدلي ته هوندي هئي. ڪو مسلمان دڪان کوليندو هو ته پڏي ڪري اهڙو ڪم ڪندا هئا جو مسلمان کي نقصان ٿئي ۽ دڪان بند ڪري هليو وڃي. جي نوڪري ۾ ڪو مسلمان ڪلارڪ ٿي آيو ته پڏي ڪري اهڙو ڪم ڪندا هئا جو اهو مسلمان ويچارو ناڪام ٿي نوڪري ڇڏي هليو وڃي سو اهڙيون حالتون پئدا ڪندا هئا. ٻئي طرف هندستان ۾ وري صورتحال اُن جي ابتڙ هئي. اُتي مسلمان پڙهيل ڳڙهيل هئا، چڱين نوڪرين تي هئا سٺين جاين تي هئا. جڏهن مسلمانن ڏٺو ته هندو زور وٺي رهيا آهن ته جيڪڏهن اڪثريتي هندن جي حڪومت آئي ته کين حاصل حق وٽن نه رهندا. سو پاڪستان ٺهڻ جو بنيادي سبب هو هندو جو ڊپ ۽ هندن جي بالادستي جو ڊپ.

- *پاڪستان جي قيام ۾ مذهبي ۽ سياسي طور سنڌ جو ڪهڙو ڪردار رهيو؟*

** رڳو هنگامي بازي ۽ نعري بازي هئي باقي ٻي ڪا به ڳالهه ڪا نه هئي. ڪنهن به ان معاملي تي سوچ ويچار ۽ ڳالهه مٿي نه ڪئي ته ڇا ٿيڻو آ ۽ ڇا نه ٿيڻو آ. رڳو اسلام جي نالي کي استعمال ڪيو ويو تنهنڪري عام ماڻهو ان ۾ جنبي ويو. باقي سياسي طرح ته اُيئن ٿو ڏسجي ته وري هڪڙي ڳالهه ٿاهي ڏني وئي ته جيئن پاڪستان ٺهي چاڪاڻ ته پاڪستان ۾ آيل علائقن مان ڪٿي به مسلم ليگ جي حڪومت ڪا نه هئي. پنجاب جي هيڏي ساري صوبي ۾ خضر حيات ٽوانه جي يونينسٽ حڪومت هئي ۽ هِتيِ خانبهادر الهه بخش ۽ ٻين جي حڪومت هئي. جڏهن سنڌ ۾ اليڪشن ٿي ته ان ۾ به مسلم ليگ ڪو نه کٽيو. جڏهن ته بلوچستان هونئن ئي پاڪستان ٺهڻ جي خلاف هو. اُن آزاد رهڻ ٿي گهريو جنهن ڪري اُتي شهزادي عبدالڪريم بغاوت به ڪئي. هوڏانهن سرحد ۾ ڊاڪٽر خان صاحب جي حڪومت هئي. ان صورتحال سبب انگريزن زوريءَ اسيمبليون ٽوڙي ٻيهر اليڪشن ڪرايون ۽ ڪاموراشاهي هنن جو ساٿ ڏنو ۽ چونڊن ۾ مسلم ليگ جي اميدوارن کي کٽايائون. جناح صاحب جيڪو اڳيئي هندستان جي سياست مان ردويدل ٿي لنڊن ۾ وڃي ويهي رهيو هو تنهن کي وڃي وٺي آيا ته پاڪستان هاڻ

ملندو تون اچ! ته اصل صورتحال اِها هئي جڇ ته هٿ سان ٺاهي زوريءَ ڏنو ويو ته بابا هيءَ اٿو پاڪستان!

- *ان جو مطلب پاڪستان جي ٺهڻ ۾ انگريز بيوروڪريسي جو تمام وڏو هٿ هو؟*

** سمجهه ۾ ته ايئن ئي ٿو اچي ته اِها ئي سازش هئي جيتوڻيڪ اجڪلهه جا سپ ليڪ پاڪستان جي تاريخ جي حوالي سان اِهو چون ٿا ته ايئن ناهي. سپ نواب، سر جيڪي انگريزن جا پنو هئا سي سپ مسلم ليگ ۾ هئا. خود اُهي اجڪلهه جا ليڪ سي ئي چون ٿا ته جيڪڏهن چوڌري خليق الزمان کي يو. پي جو وزير بڻايو وڃي ها ته پاڪستان ٺهي ئي ڪونه ها. سو اِهي آهن شخصي مفادن جون ڳالهيون.

- *سياست کان پوءِ پاڻ وري ادب ڏي ٿا واپس اچون. پڻائيءَ ڪانپوءِ شيخ اياز سنڌي ادب ۾ روايت بڻجي ويو آهي. توهان جي نظر ۾ هن ڪانپوءِ اهڙو نوجوان اُڀرندو نظر اچي ٿو جيڪو روايت بڻجي؟*

** هيءَ ته هڪ لاڳيتو تسلسل آهي جيڪو جاري رهندو. شاهه ڪانپوءِ سچل، سچل ڪانپوءِ اياز ڪانپوءِ گهڻيئي اهڙا اُڀري پوندا. ڪا ڳالهه بيهي ته ڪا نه ٿي. اسٽاپ ته ڪونه ايندو.

- *سوال پڇڻ جو مقصد ڪو اهڙو نوجوان جنهن ۾ توهان اِهي اهڃاڻ ڏسندا هجو؟*

** ضرور پيدا ٿيندو بشرط هن ۾ اياز جيتري اسڪالرشپ هجي. اياز ته وڏو اسڪالر آ. هو رڳو رائٽر ڪونهي. هو تمام گهڻو پڙهيل آ- گهڻا ڪتاب پڙهيا اٿائين. گهڻو علم ۾ گهڻي ڄاڻ رکي ٿو. تمام وسيع مطالعو اٿس. اجڪلهه جو رائٽر مطالعي کان پڇي ٿو. جيڪڏهن هن ۾ ذات هجي ۽ مطالعو به هجيس ته پوءِ اياز بڻجي سگهي ٿو بلڪ اياز کان به اڳتي وڌي سگهجي ٿو. اياز ڪو حادثاتي رائٽر يا اسڪالر ته ڪونهي. هن ان مقام تي پهچڻ لاءِ پنهنجو نُور نچويو آ. مون اياز کي اکين سان ڏٺو آ ته جڏهن اسان سئنيمائن تي پيا ويندا هئاسين يا ڪچهريون پيا ڪندا هئاسين تڏهن اياز کٽ تي سُتو ءِ سِر مٿي کان رکيو يا وهاڻو مٿي کان رکيو پيو پڙهندو هو. پوءِ کٽي ڏينهن گذري وڃي يا رات گذري وڃي پيو پڙهندو هو. ايڏو گهڻو سندس مطالعو آ. اج به سندس لائبريري ۾ هزارين ڪتاب آهن. جڏهن به ڪراچي اچي ٿو ته ڪتابن جي دڪان تي وڃي 600_500 جا ڪتاب وٺي وڃي پڙهي ٿو. اج ته سواءِ رسول بخش پليجي يا محمد ابراهيم جويي جي بيو ڪو به رائٽر مون کي نٿو سُجهي جنهن جو مطالعو ايڏو وسيع هجي. جيستائين اياز جو تعلق آهي ته هن ۾ ذات ته واقعي آهي.

- *ڪجهه اديبن جو خيال آهي ته سنڌ ادب Miseries ۾ پيدا ٿيندو آهي. جڏهن اِهي Miseries ختم ٿينديون آهن ته سٺي ادب جي تخليق بيهجي ويندي*

*آهي، توهان جوان باري ۾ ڇا خيال آهي؟*

** Miseries ته نه ڇنڇجي باقي جڏهن قومن جي وجود جي لاءِ مسئلا پيدا ٿيندا آهن، جڏهن پنهنجي وجود لاءِ ۽ سماج لاءِ هن کي جدوجهد ڪرڻي پوندي آهي يا ڪشمڪش ۾ ڪوشش ڪرڻي پوندي آهي تڏهن سٺو ادب وجود ۾ ايندو آهي. ان ڪري ايئن چوڻ صحيح ناهي ته Miseries ۾ ئي سٺو ادب تخليق ٿئي ٿو. شيڪسپيئر Miseries جي پيداوار ڪونهي. غرب جا مشهور شاعر امراءُ القيس وغيره Miseries جي پيداوار ڪونهن. ڪاليداس Miseries جي پيداوار ڪونهي. آرام واري وقت ۾ به سٺا سٺا شاعر پيدا ٿيا آهن.

- *سنڌي ادبي سنگت سان توهانجي وابستگي ڪڏهن ۽ ڪهڙي يونٽ ڪان ٿي؟*

** يونٽ مطلب؟ توهان جو مطلب آ شاخ... منهنجي اُن سان رسمي وابستگي نه هئي پر جڏهن به ڪراچيءَ ايندو هئس ته سنڌي ادبي سنگت وارن دوستن سان ملاقات ضرور ٿيندي هئي. اياز قادري جي آرام باغ واري فليٽ تي گڏجاڻيون ٿينديون هيون جتي رباني، جويو صاحب ۽ عبدالحليم جوش ايندا هئا. سراج به شايد ايندو هو. مان به جڏهن ڪراچيءَ ايندو هئس ته اُتي وڃي ويهندو هئس. تنهن ڪان پوءِ ليسلي ولسن هاسٽل جنهن کي هاڻي جناح ڪورٽس سڏجي اُتي به گڏجاڻيون ٿينديون هيون جتي ڪيرت ٻاٻاڻي، شيخ اياز سائينداد سولنگي ۽ سوڀو گيانچنداڻي ايندا هئا. اُتم به شايد ڪڏهن ڪڏهن ايندو هو. مان به ويندو هئس. اُتي لکڻيون پڙهبيون هيون ۽ انهن تي تنقيد ٿيندي هئي. اسين به اُتي سکياسون پوءِ ڳالهه وئي وڌندي.

- *توهان اِن ڳالهه ڪان متفق ٿيندؤ ته سنڌ ۾ ورهاڱي کانپوءِ جيڪي شاعر ۽ اديب پيدا ٿيا آهن سي سڀ سنڌي ادبي سنگت جو تحفو آهن؟*

** رڳو ترقي پسند اديب جيڪي گهٽو ڪري سنڌي ادبي سنگت جي اثر هيٺ پيدا ٿيا آهن باقي جيڪي روايتي اديب جيڪي جنهن مقام تي اڳي هئا اُتي ئي بيٺا رهيا جن ۾ ابراهيم خليل، حاجي محمد خادم ۽ نواز علي نياز جهڙو عاليشان شاعر شامل آهن. اُهي پنهنجي جاءِ تي اڳيئي هئا. هنن جو پنهنجو مقام آهي.

- *سنڌي ادبي سنگت جي تاريخ جي باري ۾ توهان کي ڪيتري ڄاڻ آهي؟ ڪڏهن فارم ۾ آئي؟*

** مونکي مفصل تاريخن جي ڄاڻ ڪانهي، باقي 53_1952ع ۾ جڏهن ڪراچيءَ ايندو هئس ته سنگت جي ساٿين سان ملاقاتون ٿينديون هيون. 1955ع يا 56ع ۾ هنن سنڌ مدرسي ۾ هڪڙو ڪنوينشن سڏايو هو جنهن ۾ مان به ويو هئس.

- *ڇا توهان ڪڏهن سنگت جي يونٽ يا مرڪز جا عهديدار به رهيو؟*

** مان ته سنڌي ادبي سنگت جو ميمبر ئي نه رهيو آهيان باقي اُن سان وابستگي



Gul Hayat Institute

تہ رهي آهي. سنگت جو ڪڏهن بہ فارمل ميمبر نہ رهيو آهيان البت لاڙڪاڻي ۾ يا بين هنڌن تي جتي بہ گڏجاڻيون ٿينديون هيون اُتي ويندو هئس.

• *توهان جي نظر ۾ ڇا سنگت پنهنجون اڳوڻيون روايتون برقرار رکي سگهي آهي؟*

** وڏي افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ نہ. سنگت هاڻي صحيح ليڊ ۽ صحيح سوچ نہ ڏئي سگهي آهي ۽ نہ وري اُن جي اها تنظيم رهي آهي.

• *انهيءَ جو سبب ڇا ٿو ٿي سگهي؟*

** انهيءَ جو سبب وقت جي تقاضائن ۽ مسئلن کي نہ سمجهڻ، وقت نہ ڏيڻ ۽ اوُچي شخصيت جو اُن سان وابستہ نہ هجڻ بہ سنگت جي غيرفعال هئڻ جو سبب آهي.

• *توهانجي هٿ ڪهڙن سببن ڪري لکڻ کان انڪار ڪيو آهي جڏهن تہ اهو بظاهر ٺيڪ ٺاڪ آهي. ڇا ان جو ڪو نفسياتي سبب آهي؟*

** خبر ناهي تہ ان جو سبب نفسياتي آهي يا ڪو ٻيو. ڪجھ نفسياتي ڊاڪٽرن کي بہ ڏيکاريو اٿم. مون کي پهريون پهريون اها تڪليف 1955ع ڌاري ٿي، ان جو سبب تمام گهڻو لکڻ هو. ڪورٽ ۾ سڄو ڏينهن صبح کان وٺي شام تائين پيو لکبو هو شاهدن جا بيان پيا وٺبا هئا ۽ تنهن کان پوءِ ججمينٽون. پوءِ لکي لکي هٿ ٿڪجي پوندو هو. پوءِ شروع ۾ ايئن ٿيو جو لکندي لکندي هٿ ڇرڪ ڀري اڳتي هليو ويندو هو ۽ وِڻي پئجي ويندي هئي. آهستي آهستي ايئن ٿيو جو آڱرين لکڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڇرڪ ڀرينديون هيون. پوءِ هميشہ سائڪاٽرسٽ ڊاڪٽر ذڪي حسن کي ڪراچي ۾ اچي ڏيکاريم جنهن اِهو تجزيو ڪيو تہ، "تون اُهو ڪجھ لکي رهيو آهين جيڪو لکڻ نٿو چاهين تنهنڪري يا تہ اُن سان سمجهوتو ڪري ڇڏ يا لکڻ بلڪل ڇڏي ڏي" مون هن کي چيو تہ اِهي ٻئي ڳالهيون منهنجي وَس ۾ ڪونهن. لکڻ منهنجو روزگار جو ذريعو آهي ۽ مان اُن سان سمجهوتو ڪري ڪو نہ ٿو سگهان. ايئن اِها تڪليف وڌي وڌندي هينئر تہ اڳي کان وڌيڪ آهي. بلڪل صحيح بہ نٿو ڪري سگهان. ايتريقدر جو دستخطن جي پاڻ ۾ نہ ملڻ ڪري چيڪ بئنڪن مان واپس ٿي ٿا اچن.

• *توهان پنهنجي پٽ بدر ابڙي کي ادبي حلقن ۾ اُڀَرندي ويهندي ڏٺو آهي. هڪ پيءُ ۽ اديب جي ناتي توهانجو هن بابت ڪهڙو تاثر آهي؟*

** بدر جي باري ۾ ويهي ساراه ڪريان اها ڳالھ ٺهي ڪا نہ ٿي. باقي بدر نهايت سمجهو آهي. هن جي سوچ نهايت سائنٽيفڪ ۽ لاجيڪل آهي. هر شيءَ جو تجزيو صحيح ڪري ٿو. صحيح نہ تہ بہ صحيح ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. معاملن کي سمجهڻ، سوچڻ، انهن جو صحيح تجزيو ڪرڻ ۽ صحيح حل ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ان ڪري هڪ چڱي اديب ٿيڻ جون سڀ خوبيون ۽ صلاحيتون موجود آهن پر شرط اهو آهي تہ هو پنهنجو مطالعو وڌائڻ سان گڏوگڏ عوامي تحريڪن سان پنهنجي وابستگي قائم رکندو اچي.

Gul Hayat Institute

- *ڇا بدر ادب جي سلسلي ۾ توهان کان ڪا رهنمائي ورتي؟*

** نه! مون کان ڪا به رهنمائي نه ورتائين. سواءِ ان جي ته پڙهيائين. پڙهڻ جو شوق هن کي هيو. پيو منهنجي عادت هوندي هئي ته ڪتاب پڙهي گهر ۾ اڇي ڇڏيندو هئس ته جيئن يار پڙهن ۽ بدر اهي ڪتاب پڙهندو هو. منهنجو ڪتاب به پڙهيائين ۽ سندس چواڻي، ”مونکي افساني جي خبر ئي تڏهن پئي جڏهن مون توهان جون ڪهاڻيون پڙهيون.“

- *توهان جو ڇا خيال آهي ته بدر جو ادبي دنيا ڏي لاڙو گهر جي ماحول جي ڪري آهي يا هو ٻاهر کان متاثر ٿيو آ يا اهو لاڙو موروثي آهي؟*

** موروثي ته هڪڙي عجيب شيءِ آهي جيڪا ڊاڪٽر سمجهائي سگهن ٿا يا وري سائنسدان ۽ روحانيت جا ماهر سمجهن. تنهنڪري انهيءَ ڳالهه ڏي نه ويجبو باقي پنهنجي مطالعي کان ۽ جيڪي ڪجهه پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏٺو اٿائين انهيءَ جو اثر قبول ڪيو اٿائين. بدر جي شروعاتي لکڻين ۾ سندس پنهنجي محرومين جو اثر هو جن تي بعد ۾ هن ضابطو آڻي ورتو.

- *1974ع ۾ الماٽ ۾ ٿيل ايفرو ايشيائي ادبي ڪانفرنس ۾ توهان سنڌ ۾ نمائندگي ڪئي هئي. ان ۾ پاڪستان جا ٻيا ڪهڙا اديب شامل هئا؟*

** سنڌ جي نمائندگي ته مان نه چوندس. سنڌ مان رڳو مونکي موڪليو ويو هو پر هئي ته پاڪستان جي نمائندگي. وفد ۾ هڪڙو مان هئس. فيض احمد فيض ان جو ليڊر هو. لاهور مان ڪشور ناهيد هئي ۽ چوٿون پنجاب اسيمبلي جو ميمبر افضل رنڌاوا شامل هئا.

- *هندستان مان ڪهڙن اديبن شرڪت ڪئي؟*

** مونکي سيني جا نالا ته ياد ڪونهن باقي انهن ۾ هڪڙو خاص اُتم. اوير پنجاب مان عطر سنگهه. بچن ۽ ٻيا شامل هئا. پارٽي اديب اسان کان وڌيڪ هئا.

- *اُن ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ توهان جي چونڊ جو ڪو خاص سبب؟*

** مونکي ڪو خاص سبب ته نظر نٿو اچي سواءِ ان جي ته پيپلز پارٽي جي حڪومت هئي ۽ پتي صاحب جو شايد ان ۾ هٿ هجي ته اهڙن ترقي پسند اديبن کي موڪلجي جن جي سنڌي ادب ۽ سنڌي اديبن ۾ واقعي ڪا نه ڪا حيثيت آهي.

- *توهان کي جڏهن ڪانفرنس ۾ شرڪت جي دعوت ملي ته توهان جو فوري ردعمل ڇا هو؟*

** بلڪل خوشيءَ وارو ردعمل هو ڇو ته اهو چڱو موقعو مليو هو سو به ماسڪو ۽ روس وڃڻ جو!

- *دوستن ۽ گهر وارن جو ردعمل ڇا هو؟*

** اُهي به تمام خوش هئا.

- *ڪراچي ايئرپورٽ کان ماسڪو ايئرپورٽ تائين سفر ۾ توهان جي ساٿين ۽*



Gul Hayat Institute

*توهان جا تاثر ڪهڙا هئا؟ سفر ڪيئن گذريو؟*

** سفر جيئن ٿيندو آهي تيئن گذريو. اسين روسي ايئرلائين ائيروفلوٽ ذريعي ماسڪو ويا هئاسين. مون سان گڏ افضل رنڌاوا وينو هو جيڪو هر هر واڊڪا گهرائي پئي پيتائين. تهران مان ايراني اديب بہ ان ۾ چڙهيا هئا تن بہ وهسڪي جام پئي پيتي. ڪين جڻ بي ڪا ڳالهہ نہ پئي سُجهي. ماسڪو تائين وهسڪي پيئندا پئي ويا. سڄي رات سفر ڪانپوءِ ماسڪو ايئرپورٽ تي لٿاسون تہ هڪدم اردو ۾ آواز ٻڌم تہ جمال ابڙو صاحب ڪون هَي؟ مان وائڙو ٿي ويس تہ هتي منهنجو نالو ڪٿڻ وارو ڪير آهي. ڏٺم تہ هڪڙي ڇوڪري هئي جيڪا منهنجي پڇا ڪري رهي هئي. منهنجي پڇا ڪرڻ تي هن ڇيو تہ مون کي فيض احمد فيض موڪليو آهي تہ توهان کي وٺي اچان. توهان ۽ توهانجا دوست ۽ هندستان ۽ ايران وارن همراهن کي بہ ڇڏ تہ هلن. اردو اهڙي عاليشان تي ڳالهايائين جو اسان وارا پاڪستاني بہ ڪو نہ ڳالهائين. چيئين هينئر ئي توهان کي الماتا هلڻو آهي جنهن لاءِ ٻيهر سڄي رات سفر ڪرڻو آهي. ان تي مان سخت احتجاج ڪيو ڇيم تہ ٿڪجي ٽٽي پيا آهيون سو هينئر رات جو اسين نہ هلنداسين. چيائين خدا جي واسطي ايئن نہ ڪريو. جهاز بيٺو آ ۽ هو توهان جو انتظار پيا ڪن. توهان کي هلڻو آ. جنهن ڪري مجبور ٿي وڃي جهاز ۾ چڙهياسون. وري سڄي رات سفر ڪري صبح جو وڃي الماتا پهتاسون.

- *ايئرپورٽ تي ملندڙ دوستن سان ملاقات جو احوال ٻڌائيندؤ؟*

** اُتي سڀ روسي ليکڪ بيٺا هئا تن سان ملاقاتون ٿيون. تمام وڏا اديب هئا جن ۾ رسول حمزه توف ۽ ٻيو هڪڙو صاحب هو چنگيز ائتماتوف. تمام وڏا اديب هئا جن پنهنجي لکڻين سان اسان کي تمام متاثر ڪيو. اسان مان رڳو فيض احمد فيض پيپر پڙهيو. اُن ڪانفرنس جو شيڊيول تمام سخت هو. عالمي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. ننڍ مان اُٿي تڙتڪڙ ۾ تيار ٿي پوءِ رات تائين سڄو ڏينهن انهن ڪانفرنس ۾ گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪرڻي پوندي آهي. ايڏو سخت شيڊيول هوندو آهي جو ماني کائي وري ڪانفرنس ۾ شام جو ڪو فنڪشن اٽينڊ ڪريو وري ماني کائو وري رات جو ڪٿي نہ ڪٿي ڪو فنڪشن ۽ ڪا نہ ڪا ميٽنگ هوندي آهي ان ڪري نہ آرام نہ لکڻ ۽ نہ ئي وري پڙهڻ جو وقت ملندو آهي.

- *ڇا ڪانفرنس جو ڪو خاص موضوع هو؟*

** الماتا ڪانفرنس جو موضوع هو "موجوده ادب ۽ موجوده مسئلا." مسئلا تہ موجود هئا جن ۾ ان وقت چلي جي سوشلسٽ رهنما کي فوجي آمر پنوشي قتل ڪري چلي تي قبضو ڪيو هو. اهو بہ موضوع هو تہ چونڊن ذريعي جيڪو سوشلزم آندو وڃي ٿو سو ڪامياب نٿو رهي ڇو تہ فوج ڪيڏي مهل بہ ان کي ڊاهي سگهي

ٿي. ڪانفرنس ۾ ويٽنامي اديبن ۽ آفريڪي اديبن پنهنجا پنهنجا مسئلا پيش ڪيا. ڪانفرنس ۾ خاص موضوع هيءُ بحث هيٺ رهيو "آزادي جي تحريڪن ۾ ادب ۽ مقامي ثقافت کي هٿيار طور ڪيئن ٿو استعمال ڪري سگهجي." ان لاءِ جدا جدا ڪميٽيون ٺاهيون ويون جن ۾ بحث مباحثا ٿيا. اسان مان فيض صاحب ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن به ليڪ انهن مباحثن ۾ حصو نه ورتو. اسان جا گهڻو ڪري اديب لابين ۾ گهمندا ۽ وهسڪي پيئندا رهيا يا وري ريڊيو وارن وٽ وڃي ڪين چوندا هئا ته اسان کان انٽرويو وٺو. ايئن انٽرويو ڏئي پئسا وٺندا هئا. ايتريقدر جو افضل انڊاوا ۽ ڪشور ناهيد به ڪنهن ميٽنگ ۾ حصو نه ورتو.

- *ڇا توهان ڪانفرنس ۾ شاهه تي يا سنڌ تي ڪو پيپر پڙهيو؟*

** مون "سنڌي ادب جي اوسر" تي مقالو پڙهيو. ڪانفرنس ۾ جدا جدا گروپ ٺاهي انهن کي ملڪ جي مختلف هنڌن ڏي موڪليو پئي ويو. بنگالي، هندستاني ۽ اسان پاڪستاني اديبن تاشقند، بخارا ۽ سمرقند ڏي وڃڻ جو ارادو ڏيکاريو تنهنڪري اسان ٽيئي اوڏانهن وياسون ۽ ٻيا ٻين پاسن ڏي ويا تنهنڪري اسان جو گهڻو ميل جول بنگالين ۽ هندستانين سان رهيو. الماتا به وياسون جيڪو مسلمانن جو علائقو آهي، جن جڏهن منهنجو نالو جمال الدين ٻڌو ته الحمدلله جمال الدين مسلمان! چئي مونکي ڀاڪر تي وڌائون. ان جي معنيٰ هنن جي اندر ۾ اجا مذهب آهي. هنن مون کي ماني جون دعوتون به ڏنيون.

- *ڇا توهان سوويت يونين کي ايئن ئي ڏٺو جيئن ڪتابن ۾ پڙهيو هو؟*

** گهڻي قدر سوويت يونين ۾ وڏي ترقي ٿي آهي. بلڪل صاف سٿرا شهر، صاف سٿرا رستا ۽ اسپتال. اسڪول ته لاجواب هئا. گهٽي گهٽي ۾ اسڪول، اوڙي پاڙي ۾ اسڪول ته جيئن ٻار کي ٻئي ڪنهن هنڌ پنڌ ڪري وڃڻو ئي نه پوي. ٽرانسپورٽ جو مسئلو ئي نه پئدا ٿئي. اسڪولن ۾ نرسون ننڍڙن ٻارن کي ٻوٽلن ۾ کير پيئاري سگهن ۽ سنڀاري ڇڏين. اُتي تعليم جو تمام لاجواب انتظام هو. ويندي ٻنين زرعي فارم تي اسان عجب انتظام ڏٺو. اسان کي ٻنين جي ٺهرايل نياز فارم تي گهمائڻ وٺي ويا. جتي مون گائيڊ کي چيو ته اسان کي رڳو ٺهيل فارم ڇو ٿا ڏيکاريو ٻئي پاسي وٺي هلو. جنهن تي گائيڊ ٺٺائيندي چيو ته سخت گرمي جي موسم آهي ۽ گرمي جو وقت آهيءَ ان ڪري توهان هلي نه سگهندؤ. مون چيو ته ڇو نه هلي سگهنداسين، هل! چيائين ته پوءِ ڪاڏي هلندؤ. هڪ پاسي اشارو ڪيم جيڏانهن هن بس موڙي پوءِ ٻنين ۽ ڇڄهتگين مان گذرندي هڪ ڪليڪٽو فارم ڏي وڃي نڪتاسون جتي هارين پئي ڪم ڪيو. اُتي ڪلب نموني هڪڙو چنو ٺهيل هو جتي هڪ وڏو سادو ڊائننگ هال ۽ ان جي وچ ۾ ٽيبلون پيل هيون ۽ ان جي چوڌاري بينچون رکيل هيون جتي سرڪار جي طرفان هارين کي منجهند جي ماني ملندي هئي. اُتي ٻهراڙين جي دائي واري نموني هڪ نرس ننڍڙن ٻارڙن کي پيڻگهن



Gul Hayat Institute

۾ لوڏا پئي ڏنا ۽ کير بہ پيئاريو پئي. منهنجي پڇا ڪرڻ تي گائيڊ ٻڌايو تہ اِهو انتظام فارم تي ڪم ڪندڙ اهڙين عورتن جي ٻارن لاءِ ڪيل آهي جيڪي پنهنجي ٻارن کي گهر ۾ ڇڏڻ نٿيون چاهين ۽ ٻارڙا سارڻ ڪٽي اينديون آهن. اُتي مون ڇيو تہ ڏسون هارين لاءِ کهڙي تي ماني اچي. اُتي منجهند جي ماني بہ آئي. هر هڪ لاءِ گوشت جو ٻوڙ جو پريل وڏو پيالو ۽ نانَ آيا ۽ هارين نان ٻوڙ ۾ پجائي کاڌا. سمرقند ۽ بخارا جو ڪلچر بہ ساڳيو اسان وارو آهي تہ کاڌو بہ اسان جي نموني. لفظ "شوربو"، "پلاءُ"، "ڪباب" ۽ "شاشلڪ" بہ اتان جا آهن. ٻي ڳالهہ تہ هيءُ جو ڇيو وڃي ٿو تہ سوويت يونين آئرن ڪنٽري آهي. جتي ڪنهن کي ڪنهن سان ملڻ نٽو ڏنو وڃي، اِها بلڪل غلط ڳالهہ آهي. اسان کي اُتي عام آزادي هئي تہ جتي وڻي اُتي وڃون. جنهن پاسي ۽ جنهن پاڙي ڏي دل چوندي هئي اوڏانهن هليا ويندا هئاسون. ڪا بہ پڇا ڳاڇا نہ هئي ۽ نہ وري ماڻهن کي ڪو دٻ ڏاءُ هو. هڪ رستي سان ڳالهائيندا پئي وياسون تہ بہ عورتون جيڪي هارياڻيون تي لڳيون، چاڪاڻ تہ ڪين سادا ڪپڙا پاتل هئا، تن اسان کان پڇيو ڇا توهان مسلمان آهيو؟ اسان جي هائوڪار تي هنن چيو الحمدلله! پوءِ وري پنهنجي ٻوليءَ ۾ هنن چيو تہ اسان وٽ ماني کائي وڃو. پلاءُ کارائينداسين. ايتريقدر جو وري موٽي چين. "پلاءُ کائي وڃو پلاءُ." اسان چيو تہ اسان وٽ ٽائيم ڪونهي ان ڪري هلي نہ سگهنداسون. سو ايئن چوڻ تہ اُتي ماڻهن تي بندشون آهن ۽ انهن جي جاسوسي ڪئي تي وڃي، اِهي سڀ غلط ڳالهيون آهن.

- *توهان انگلينڊ ۽ آمريڪا بہ ڏٺو آهي، سوويت يونين ۽ خاص ڪري انهن ٻن ملڪن جي عام زندگيءَ جي باري ۾ توهان جو ڪهڙو تجزيو آهي؟*

** زمين آسمان جو فرق آهي، هڪڙو تہ امن امان جو فرق. سوويت يونين ۾ تہ مون ڏوهہ ڏٺوئي ڪو نہ. ماڻهن کان پڇا ڪيم. ڪورٽن ۾ وياسون، هيڏي هوڏي وياسون خبر پئي تہ نہ ڪو قتل ٿئي، نہ چوري ۽ نہ ڪو ڌاڙو. اتفاق سان ڪو اهڙو واقعو ٿئي تہ ٻي ڳالهہ آهي باقي نہ. اتان جي ڪورٽن ۾ هلندڙ وڌيڪ ڪيس شراب پي جهيڙن ڪرڻ ۽ نشي جي حالت ۾ ڊرائيونگ ڪرڻ بابت هئا جن ۾ اڪثريت مزدورن ۽ ڊرائيورن جي هوندي هئي ڇو تہ انهن کي پئسو ملي جام ۽ کاڌو سرڪاري تہ ڪلب ۽ سئنيما بہ سرڪاري. شام جو انٽرڪانٽينينٽل هوٽلن تي وڃي ماني کائين تڏهن بہ پئسا بچي پون. جنهن مان وڃي شراب پيئن. شراب پي مستي ۾ اچن تہ پوءِ ڪن جهيڙو ۽ ڏين گاريون يا نشي جي حالتِ ۾ تيز ڊرائيونگ ڪن. سو اُتي وڏي ۾ وڏا ڏوهہ ان قسم جا ٿين. اتانِ جا ماڻهو بلڪل خوشحال نظر آيا. صحتمند اهڙا جو ڇا چئجي. ٻار بہ تمام صحتمند ڳاڙها اهڙا جهڙا صوف. خوشحالي آخر ڇو نہ هجي جڏهن ڪين سرڪار جي طرفان کاڌو بہ سستو ملي ۽ پوشاڪ بہ سستي. ان جي ڀيٽ ۾ آمريڪا ۾ توبہ نعوذباالله! ماڻهو ڏينهن ڏٺي جو گهر



Gul Hayat Institute

کان ٻاهر نہ نڪري سگهي. ڦرجڻ جو ڊپ. دڪانن تي اچي پستول ڏيکاري ڦري وڃن. دڪانن تان چوريون ٿين. ڪو ماڻهو پاڻ سان پئسا کڻي هلي نہ سگهي. ڪيسي ۾ پئسا کڻي وڃي تہ ضرور ڦرجي. بدامني اهڙي جو سج لٿي کان پوءِ ماڻهو گهرن کي تالا ڏئي ويهي رهن. آمريڪا ۾ جنهن وٽ رهيل هئاسون تنهن بہ اسان کي جهليو تہ گهر کان ٻاهر نہ نڪرجو. چيومانس اڙي بابا! شام ٿي آ. هلون ڪا ڏي ماني ٽڪر کائڻ تہ چيائون وڃو ٿا تہ پنهنجي ذمي. پوءِ اسان کي نہ چئجو. هڪڙي مائي وٽ وياسون تہ اسان کي Paying guest ڪري رهائي. هوءَ هڪڙي پوڙهي مائي هئي جيڪا اڪيلي رهندي هئي. پهرين تہ هن در ئي نہ پئي کوليو. پوءِ در کولي ٻاهر رستي ڏانهن اشارو ڪري چيائين. ڏسو ڪيڏو نہ سهڻو رستو آهي پر سال ٿي ويا آهن جو مان ٻاهر نہ نڪتي آهيان. بدامني جي ڪري مان ڪنهن کي ڪو نہ رهائيندي آهيان. مان ڊڄان ٿي. هن وڌيڪ چيو تہ توهان پاڪستاني ماڻهن کي ڦتڪا ٿا هڻو ڏاڍو چڱو ٿا ڪيو. هتي بہ شل ڪو ماڻهن کي ڦتڪا هڻي سڌو ڪري. سو اهڙي حالت هوندي هئي ويچارن سان. شل ڪو مزدور بيمار ٿئي. ڪيس نہ ڪو مٽ مائٽ پڇڻ وارو هوندو نہ ڪو پيو. نہ ڪيس علاج ڪرائڻ جو خرچ ملندو. جيڪڏهن انشورنس ٿيل هوندي تہ پوءِ علاج ٿيندس نہ تہ نہ! جڏهن تہ سوويت يونين ۾ جڻ تہ بيماري آهي ئي ڪا نہ. اتان جي ماڻهن ٻڌايو تہ هر ماڻهوءَ کي هر سال هڪ اسپيشلسٽ ڊاڪٽر ڏسي سندس مڪمل طبي معائنو ڪندو آهي. سندن چواڻي اسان کي اسپتالن جي ڪهڙي ضرورت, اسان کي رڳو ٻاهر نڪري پبلڪ فون ڪال تان فون ڪرڻي هوندي آهي تہ ڊاڪٽر اوڏي مهل پهچي ويندو. نہ ڪا في وٺندو نہ ڪا ٻي ڳالهہ ۽ دوائون بہ ڏئي ويندو. اُتي دوائون بہ تمام سستيون آهن. مون دل جي تڪليف جي شڪايت ڪئي تہ منهنجي گائيڊ ڇوڪري لُدميرا جيڪا ايئرپورٽ تي ملي هئي تنهن چيو تہ مون کي هارٽ پيشنٽ لاءِ هڪڙي دوا سُجهي ٿي هل تہ وٺي ڏيان ڇو تہ منهنجي ماءُ کي بہ دل جي تڪليف آهي. مون چيومانس تہ پئسا مان ڏيندس. چيائين تہ تمام سستي آهي, اٺن ڏهن ڪوپيڪ (سوويت پئسا) ۾ ملندي. سو ٻارهن ڪوپيڪ ۾ دوا وٺي آئي ۽ پاڻي ۾ ان جا بہ ٽي ڦڙا ملائي مون کي اچي ڏنائين.

- *سوويت ۾ پيش آيل ٻيو ڪو خاص واقعو يا ڳالهہ؟*

** اتان جي ماڻهن ۾ پاڻ ۾ ميٺ محبت گهٽي ۽ اُٿڻي ويهڻي جا چڱا ٿين. آمريڪا ۾ ايئن ڪونهي. اُتي پيءُ جو پٽ سان ۽ ماءُ جو ڌيءُ سان واسطو ڪونهي. سڀ ڪو جدا جدا ۽ انفرادي زندگي گذاري ٿو. جڏهن تہ سوويت يونين ۾ ايئن ڪونهي اِها پروپئگنڊا تہ ڪميونزم ۾ فئملي لائف ڊسٽرب ٿي وڃي ٿي سا قطعي غلط آهي. اچا اسان تاشقند ۾ هئاسين تہ اسان جي گائيڊ لُدميرا اچي اسان کان موڪلايو. اسان چيو تہ هاڻ ڇو ٿي موڪلائين, اسان تہ اچا هتي ئي آهيون. چيائين

Gul Hayat Institute

ته اڄ منهنجي پيءُ جي ورسي آهي لينن گراڊ ۾. منهنجي ماءُ ڏاڍي پريشان هوندي انڪري مان وٽس ٿي وڃان. ان مان اندازو لڳايو ته اُتي فئملي لائف ڪيڏي نه مضبوط آهي. اُتي اِهو تصور ئي ڪونهي ته ڪنهن جي ماءُ مري وڃي ۽ هن کي ان جو اطلاع يا تار اچيس ته ڇٽي نهيو مان اچي ٿا ڪيان، پاڻ ئي پُوري ايندس.

- *پاڪستان ۽ خاص ڪري سنڌ جي باري ۾ ڪهڙن ملڪن ۾ علائقن جي اديبن دلچسپي ڏيکاري ۽ ڪهڙن موضوعن تي؟*

** پاڪستان جي باري ۾ عطرسنگهه ۽ مرحوم سجاد ظهير کانسواءِ ٻئي ڪنهن به دلچسپي نه ڏيکاري. سجاد ظهير مون وٽ اچي ويهي رهيو ۽ پاڪستانين ۽ سنڌين لاءِ سلام ڏنائين. هن پڇا ڪئي ته هن سان حيدرآباد جيل ۾ قيد گهاريندڙ فلاڻا فلاڻا ڪٿي آهن. هن ڪيس سنڌي پڙهائيندڙ استادن جي به پڇا ڪئي. پوءِ چيائين ته ڪتاب هجنئي ته مون کي ڏي، مان اُتي سنڌين کي ڏيندس. اهو به چيائين ته مان توکي ڪتاب ڏيان تون انهن کي پهچائجان. پاڪستان ۽ سنڌ جي مسئلن بابت سجاد ظهير کانسواءِ ٻئي ڪنهن به مون کان ڪو نه پڇيو. ٻيو عطرسنگهه جي دلچسپي پنجاب جي مسئلن ۾ هئي چاڪاڻ ته هن جي تمنا آهي ته ٻئي پنجاب گڏجن. باقي ٻئي ڪنهن جو پاڪستان ۾ انٽريسٽ نظر نه آيو.

- *روسي اديبن سان توهان جي مختلف موضوعن تي ڳالهه ٻولهه ٿي هوندي، هنن جو پاڪستان يا سنڌ جي باري ۾ ڪهڙو لاڙو هو؟*

** پاڪستان ۽ سنڌ جو اُتي سوال ئي ڪونه هو. هنن جو لاڙو اورينٽل اسٽڊيز ڏانهن هو. هنن وٽ اورينٽل اسٽڊيز تي لکين ڪتاب آهن. ان سان سندن شوق هين. باقي پاڪستان جي باري ۾ ڪو ڪتاب سُجهين ٿي ته هُنن پُڇا ڪئي ٿي. البت فيض احمد فيض جي اُتي تمام وڏي عزت هئي، هن جا ڪتاب هنن پڙهيا هئا ۽ هنن فيض صاحب کي سڃاتو ٿي، هو اُن تي ڳالهائي سگهيا ٿي باقي ٻئي ڪنهن موضوع ۾ ڪا خاص دلچسپي نه هين.

- *الماتا کانسواءِ توهان ٻيا ڪهڙا شهر گهميا؟*

** سمرقند، بخارا، تاشقند ۽ ماسڪو.

- *اهو تاثر ڏنو ويندو آهي ته سوشلسٽ ملڪن ۾ اديبن سان مليا ۽ سندن تقريرون ٻڌيون. توهان هنن سان ٿيل ڳالهه ٻولهه مان ڇا تاثر ورتو ۽ ڇا محسوس ڪيو؟*

** بلڪل هو آزاد ۽ ترقي پسند سوچ رکي لکن ٿا. مٿن ڪا به بندش ڪانهي. وٽن لکڻ لاءِ محدود دائرو بلڪل ڪونهي. فطرت تي ۽ فطرت جي سونهن تي ۽ فطرت جي حُسن ۽ آزادي تي لکن ٿا، انسان جي وقار ۽ عزت تي لکن ٿا، انساني زندگي جي واڌاري، ترقي ۽ بچاءَ لاءِ لکن ٿا.

- *توهان اُتي عام ماڻهن سان مليا، هنن جو سوشلسٽ سماج ڏي ڪهڙو رويو آهي؟*

Gul Hayat Institute

** دانشور جيڪي مليا سي تہ تمام خوش هئا باقي غريب غربو ڏسڻ ۾ خوش نظر آيا چاڪاڻ تہ پيٽ پريل هئن، پوشاڪ سٺي هئن، صحتمند ۽ موٽا هئا.

- *ڇا اُهي ذهني طور تي مطمئن لڳا ٿي؟*

** ڪي ٿورا منجهيل نظر آيا. مثلاً هڪڙو پوڙهو بينچ تي ويٺو هو. مان هن جي پرسان وڃي ڪيس زور سان السلام عليڪم ڪيم تہ مون ڏي ڏسي جواب نہ ڏنئين. حالانڪ تاشقند، سمرقند ۽ بخارا ۾ مسجدون آهن مدرسا آهن جن ۾ اسان ڪي وٺي هليا جتي مسلمان نمازون ۽ قرآن پڙهن پيا. مٿن ڪا بندش ڪا نہ هئي پر تنهن هوندي بہ ماڻهو مذهب جي معاملي ۾ محتاط هئا اهو ئي سبب هو جو اُن پوڙهي مون کي سلام جو جواب نہ ڏنو. ٻيو جيڪي مون سان گڏ روسي اديب هئا تن شڪايت ڪئي تہ تاشقند، سمرقند ۽ بخارا جا ماڻهو مڙيوئي ڪجهہ قدامت پسند آهن. ترقي نٿا ڪن. مون پڇيومان توهان ايءُ ڪيئن ٿا چئو. چيائون تہ هنن جون ڇوڪريون اسان کي لفٽ ئي ڪو نہ ٿيون ڏين. مون چيو تہ اِها ڳالهہ مان ٿو سمجهان، توهان نہ سمجهندؤ. چيائون اهو وري ڪيئن؟ مون چيو تہ اُهي مسلمان آهن ۽ توهان عيسائي آهيو. ان جو مطلب تہ هنن ۾ اڃا مسلماني وارو جذبو آهي. هونئن بہ مسلمانن جون ڇوڪريون غيرمسلم سان ڪيئن شادي ڪنديون. ان ڪري مون کي تہ اِها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ٿي پر توهان کي سمجهہ ۾ نہ ايندي.

- *الماتا ڪانفرنس ۾ ڪنهن ٻئي سنڌي اديب بہ شرڪت ڪئي؟*

** اُتم مون سان 24_ ڪلاڪ گڏ هوندو هو. ايئرپورٽ تي جيئن مان لٿس تہ منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي چيائين، "جمال خوش آهين نہ؟" مان وائڙو ٿي ويس تہ هتي سنڌي ڳالهائڻ وارو ٻيو ڪير آهي. ڏٺم تہ اُتم بيٺو هو تہ ڪٿي پاڪر پاتومانس. پوءِ تہ هو 24_ ڪلاڪ مون سان گڏ هوندو هو. پنهنجي هندستاني سنگتين کي ڇڏي ڏنائين. جتي مان اُتي هو. جا ڏي مان وڃان اُتي هو هلي. صلاح مشوري، ڳالهائڻ ٻولهائڻ، جيڪڏهن منهنجي مٿي ۾ سُور هجي تہ ڊوڙ ڊڪ سڄي اُتم ڪندو هو. جيئن هم ملڪي ۽ هم زبان سان ٿئي ٿو. مون سندس ڳالهين مان ڏٺو تہ هو هڪ نيشنلسٽ آهي. مونکي محسوس ٿيو تہ اُتم توڙي هندستان جي سنڌين جا شديد جذبا آهن تہ ڪو اهڙو طريقو ٿئي جو سڀ سنڌ موٽي وڃن ۽ سڀ سنڌي گڏجي رهن. سندن تمنا اِها آهي.

- *هندستان ۾ سنڌي ادب جي رفتار جي باري ۾ توهان جي اُتم سان ڪا ڳالهہ ٻولهہ ٿي؟*

** ها ڳالهہ ٻولهہ تہ ٿي. اُتم اتان جي سنڌين مان مطمئن نہ هو. هن هندستان جي سنڌين لاءِ اهڙا لفظ استعمال ڪيا جو ڇا چئجي. چيائين، "جمال! هندستان جا سنڌي پڪا واهيات آهن. هنن کي رڳو پئسا کپن، جيسين توهان ڪجهہ نہ ڪندؤ تيسين هو ڪجهہ نہ ڪندا. هو ان ۾ خوش آهن تہ پئسا ڪمايون ۽ اُتي ئي ويٺا هجون."

- *ڇا سوويت يونين ۾ غير طبقاتي معاشرو نظر آيو جيئن ڇيو ويندو آهي تہ ان لحاظ کان سوويت يونين مثالي سوشلسٽ رياست آهي.*

** ذري گهٽ غير طبقاتي معاشرو نظر آيو ڇاڪاڻ تہ اسان جن بہ ڪارخانن مثلاً لوهہ جي ڪارخانن، ٽريڪٽرن جي ڪارخانن وغيره ۾ وياسون ٿي اُتي مزدور، انجنيئر ۽ مئنيجر وچ ۾ ڪو خاص فرق نہ هو. هڪ ڪارخاني جي مئنيجر سان ڳالهہ ٻولهہ ٿي. پڳهارن جو پڇيومانس تہ چيائين مزدور ڏيڍ سؤ روبل ۽ مان بہ سؤ روبل ٿو ڪمائان. مزدور جي فليٽ کان منهنجو فليٽ ٿورڙو وڏو آهي. ساڳيو شام جو ڪلب ۾ گڏ ويهون، ماني بہ ساڳي گڏ کائون، ٻيو ڪو فرق ڪونهي. جنهن تي مون هن کي ٽوڪ هنئي تہ پوءِ تون مئنيجر ڪيئن ٿئين؟ اُن تي هن پنهنجا ٻيئي هٿ منهنجي آڏو ڪولي چيائين تہ ڏس منهنجا هٿ ڪيڏا سخت آهن. مون پاڻ مزوريون ڪيون آهن. مزوري ڪري ۽ امتحان پاس ڪري پوءِ وڃي مان مئنيجر ٿيو آهيان. هاڻي جي ڪو محنت نہ ڪندو شوق نہ رکندو يا امتحان پاس ڪري نہ سگهندو تہ مئنيجر ڪيئن ٿيندو. ان ۾ منهنجو تہ ڪو ڏوهہ ناهي، تہ بلڪل غير طبقاتي معاشرو هو. هاڻي جيڪڏهن هڪ مزدور ڏيڍ سؤ روبل ڪٽي ۽ هن جي زال بہ ڏيڍ سؤ روبل ڪٽي، ماني بہ منجهند جي اُتي ملين ۽ پئسا سڀ هنن کي بچن تہ هو بلڪل خوش گذاريندا. مئنيجر بہ هنن کان ڪو مختلف نہ هو ڇاڪاڻ تہ هن بہ پنهنجي هٿن سان ٿي ڪم ڪيو. آفيسري قطعي ڪا نہ هئي. ٻيو عوام کي وڏو فائدو اِهو جو فارم تان جيڪي شيءِ اچي سا سڌو دڪان تي اچي ۽ اُتان فارم جي اگهہ تي وڪرو ٿئي ڇاڪاڻ تہ اُتي واپاري، مڊل مين يا دلال ڪو بہ ڪونهي. نہ ڪا دڪان جي پڳڙي ٿئي نہ دڪان جي مسواڙ دڪان بہ سرڪاري تہ سيلزمين بہ سرڪاري پڳهار کڻن. فارم مان آيل شيءِ تي قيمت لکي پئي آهي جنهن کي جيڪا وٺي ڪنيو هليو وڃي.

- *توهان سوويت سماج ۾ سياسي ارتقا کي ڪيئن محسوس ڪيو؟ ان ۾ سياسي ارتقا هلندڙ آهي يا هڪ هنڌ رڪجي وئي آهي؟*

** اُتي سڄو زور مختلف شعبن کي ترقي ڏيارڻ ۽ انهن جي واڌاري تي آهي. اُتي ڪميونسٽ پارٽي جو سيڪريٽري تمام پاورفل ٿئي ٿو. ايئن ڪٿي سمجهو تہ اسٽيشن جا اُهي ئي حقيقت ۾ حڪمران آهن. تاجڪستان ۽ قزاقستان اتان جون وڏيون اسٽيٽس آهن. اسين جنهن بہ اسٽيٽ ۾ وياسين تہ اتان جي سيڪريٽري وٽ ضرور وياسين. اسان جنهن بہ سيڪريٽري وٽ وياسين تہ ڏنوسين تہ سندن آڏو نقشا ۽ پلانس رکيل هوندا هئا تہ ڪٿي ڪيترا دڪان ٺاهجن، رستا ڪيئن ويڪرا ڪجن، ڪٿي ڊيم ٺاهجن، ڪيئن پوک وڌائجي، ماڻهن جي کهڙي مدد ڪجي، ڪٿي گئس آڻجي، ڪٿي بجلي آڻجي، ڪٿي رستا ٺاهجن، ڪٿي بسون ۽ ٽرينون هلائجن. وٽن اهڙا ترقياتي پلان رکيل هوندا هئا جن تي ڪلٺي عام ويهي سمجهائن ٿا، بحث ڪن ٿا، ڳالهائين تہ ڇا ڪجي ۽ ڇا نہ ڪجي. سيڪجهہ اڳ ۾



Gul Hayat Institute

سوچين ٿا. سو سندن سياست سڄي انهن ڳالهين تي آهي.

- *توهان اُتي اظهار جي آزادي کي ڪيئن محسوس ڪيو. ڇا اُتي هڪ عام ماڻهو پنهنجي لکڻين ۽ تقريرن جي ذريعي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ ۾ آزاد آهي؟*

** مون کي ته آزادي نظر آئي ڇاڪاڻ ته هنن جيڪي ڪجهه چيو ٿي يا لکيو ٿي. اُن ۾ بلڪل آزاد نظر ٿي آيا. جيئن مون اڳ ۾ چيو آهي ته فطرت تي، حسن تي ۽ هر موضوع تي هنن شعر ۾ لکڻيون لکيون پئي.

- *توهان هنن ۾ تنقيد ڪيتري حد تائين ڏٺي؟*

** تنقيد جو موقعو ته ڪو نه آيو پر اتان جي وڏي رائيٽر چنگيز ايتماتوف سان منهنجي ڳالهه ٻولهه ٿي. پڇيومانس ته هيءَ قتل ڪرڻ ۽ وڙهڻ وارو جيڪو سلسلو هلي پيو آهي، اُهو ڪيتري قدر درست آهي؟ چيائين ته قطعي درست ڪونهي. اسان قتل ڪرڻ جي قطعي خلاف آهيون. اسين امن چاهيون ٿا پر جي ڪو ماڻهو تو تي پسٽل تاڻيون بيٺو آهي ته اڳ ۾ هن کي مارڻو پوندو نه ته هو توکي ماري وجهندو. ان حالت ۾ ماڻهو مجبور آهي. جيڪڏهن هن کي نٿو مارجي ته هو مونکي ماري وجهندو. تنهنڪري هن کي مارڻو پوي ٿو. انهيءَ حالت ۾ ڇا ڪري سگهجي ٿو.

- *پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ خاڪسارن جي عملي جدوجهد تقريباً ختم ٿي وئي. اُن کانپوءِ توهانجو سياسي لاڙو ۽ سياسي سوچ ڪهڙي پاسي مائل رهي؟*

** منهنجو واسطو هاري ڪميٽي سان گهڻو رهيو. ڪامريڊ عبدالقادر حيدربخش جتوئي ۽ نظير حسين جتوئي سان منهنجون شخصي دوستيون هيون. جي. ايم. سيد تنهن زماني ۾ آزاد هو. جڏهن هو سڄي سنڌ جي دوري تي نڪتو ته مان هن سان گڏجي ڳوٺ ڳوٺ ويس. هن سان گڏجي ڪافي دورا ڪيم. ٻيو ترقي پسند جماعتن، مزدور تحريڪن خاص ڪري هاري تحريڪ سان منهنجي وابستگي گهڻي رهي.

- *ڇا هر اديب کي ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان سياسي ڪارڪن چئي سگهجي ٿو؟*

** ڪارڪن ته اهو آهي جيڪو سياسي تحريڪن ۾ عملي حصو وٺي پر اديب ته عملي طرح سان ڀرو نٿو وٺي پر ڪو به اديب ڪنهن به حالت ۾ سياست کان الڳ ناهي. باقي اهڙا اديب جيڪي سياسي تحريڪن سان وابسته رهيا هجن ته هنن کي سياسي ڪارڪن به چئي سگهجي ٿو پر هرڪو اديب سياسي ڪارڪن ناهي.

- *سنڌ جي سياست کي ترقي پسند سوچ ڏيڻ ۾ سنڌي اديب جو ڪهڙو ڪردار رهيو آهي؟*

** تمام اهم ڪردار رهيو آهي، ون يونٽ ٽوڙڻ واري تحريڪ سنڌي اديبن ۽



Gul Hayat Institute

شاگردن جي تحريڪ هئي.

- *ان تحريڪ ۾ شيخ اياز کانسواءِ ٻين ڪهڙن اديبن اهم ڪردار ادا ڪيو؟*

** ان دؤر ۾ شيخ اياز جو تمام اهم ڪردار رهيو پر ٻين سيني اديبن پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪيو جن ۾ نواز علي نياز عبدالڪريم گدائي وغيره جهڙا جهونا شاعر بہ شامل آهن.

- *سنڌ جي ڪهڙين سياسي شخصيتن کان توهان متاثر ٿيو؟*

** گهڻي ۾ گهڻو حيدربخش جتوئي کان متاثر ٿيس. هو تمام مخلص، تمام سچو تمام سادو تمام محنتي ماڻهو صحيح ۽ سائنٽيفڪ سوچ رکندڙ ۽ قرباني ڏيڻ وارو ماڻهو هو.

- *سنڌ جي ڪهڙي سياستدان سنڌي عوام ۾ سياسي شعور پيدا ڪيو جنهن کي توهان هاڪاري عوامي سوچ رکندڙ خيال ڪندا هجو؟*

** جي. ايم. سيد جو پنهنجو ڪردار آهي بلڪ تمام اهم ڪردار آهي جنهن سنڌ جي پڙهيل نوجوان طبقي ۽ شاگرد طبقي کي تمام گهڻو متاثر ڪيو. سندس ڪردار کي ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهجي ۽ نہ ڪو سندس اهميت کي گهٽائي ٿو سگهجي. باقي ترقي پسند سوچ ۾ حيدربخش جتوئي جو وڏو هٿ آهي. سوڀو گيانچنداڻي آهي، ڪوڙيا اهڙا جيڪي ترقي پسند رهيا آهن. ڪامريڊ عبدالقادر پنهنجي سڄي حياتي اِن کي ڏئي ڇڏي، هو تمام سلجهيل ماڻهو هو. تڏو طبيعت جو مِٺو ۽ سلجهيل. باقي مولوي نظير حسين جتوئي "فرائير براند" هو. ويڙهو جهيڙاڪ، مار ڏيندي بہ دير نہ ڪندو هو ۽ گارين ڏيڻ کان بہ ڪو نہ گُسندو هو. اهڙو ليڊر هو. تنهن هوندي بہ هن جو پنهنجو ڪردار آهي هاري تحريڪ ۾. جلسا ڪرائڻ، جلوس ڪڍڻ، جوش پيدا ڪرڻ ۽ تنظيم سازي ۾ اڳ اڳرو هوندو هو. اِهي خاص ماڻهو هئا جن مون کي متاثر ڪيو. ڪانگريسي تہ پاڪستان جي ٺهڻ سان هليا ويا نہ تہ هنن جو ڪردار تہ پنهنجي جاءِ تي هو ئي. لاڙڪاڻي ۾ اسان جو هوندر راج دکايل هو خاص ڪري جيڪي صبح ساڻ اُٺي رستن تي ڦيري ڏيندا هئا جنهن ۾ آزادي جا گيت ڳائيندا هئا.

- *حيدربخش جتوئي ۽ جي. ايم. سيد ۾ ڪهڙا سياسي اختلاف هئا؟ توهان جي خيال ۾ ڪنهن جي سوچ وڌيڪ هاڪاري هئي؟*

** سندن اختلافن جي باري ۾ مون کي ڪو بہ علم ڪونهي. سندن وچ ۾ اختلاف ڪڏهن بہ منظر عام تي ڪو نہ آيا. باقي ٻنهي جي پنهنجي پنهنجي سوچ هئي. حيدربخش جتوئي جي سائنٽيفڪ سوچ هئي. هو سوشلزم جو حامي هو. جي. ايم. سيد قومپرست آهي ۽ قوميت پرست ماڻهو آهي. ٻنهي وچ ۾ بنيادي فرق اهو ئي هو. حيدربخش جتوئي وڏيري شاهي جي خلاف هو. جڏهن تہ جي. ايم. سيد قوميت جي مسئلي تي وڏيرن کي استعمال ڪرڻ تي گهريو پيو اختلاف تہ هنن ۾ ڪو نہ هو پر

Gul Hayat Institute

پاڻ ۾ ڪوآرڊينيشن ڪري ڪو نہ سگهيا. ٻنهي پنهنجي پنهنجي فيلڊ ۾ ڪم ڪيو. هارين کي ٽيننسي رائيٽس وٺي ڏيڻ ۾ حيدربخش جتوئيءَ جو وڏو ڪردار هو. اِن پاسي جي. ايم. سيد جو ڌيان ڪونہ هو. جي. ايم. سيد بنيادي طرح سياسي ماڻهو آهي.

- *سنڌي اديبن مان توهان ڪنهن کان متاثر آهيو؟*

** سنڌ بہ وڏا عظيم مفڪر، دانشور ۽ اديب پيدا ڪيا. ڊاڪٽر محمد ابراهيم جويو ۽ پيو رسول بخش پليجو. اِهي ڊاڪٽري قسم جا جينيئس ماڻهو آهن. اهي Dedicated ماڻهو آهن. هنن سڄي عمر پنهنجي ڪاز لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي. تمام محنتي، جفاڪش ۽ پنهنجي ڪمٽمينٽ سان سچا آهن.

- *شيخ اياز جي باري ۾ توهان جو ڇا خيال آهي؟*

** شيخ اياز جي ذات تمام وڏي آهي. هو اسڪالر بہ آهي. ڄاڻو آهي۔ علم تمام گهڻو اٿس ۽ جيڪي ڪجهہ لکي ٿو ڏاڍي سهڻي نموني سان لکي ٿو. هن جي شاعري تمام وڏي پايي جي آهي. سندس سوچ بہ چڱي آهي. ڊائريڪشن بہ ڏئي ٿو ۽ عمل ڏي بہ سڏي ٿو. نيشنلسٽ بہ آهي. سونهن کي ڪيچ ڪري ٿو.

- *توهان سونهن جي تشريح ڪيئن ڪندؤ؟*

** سونهن، سچ آهي ۽ سچ، سونهن آهي. هر ڳالهہ جنهن کان ماڻهو پاڻ کي Excell ڪري ڇڏي يا پنهنجي قوت کان وڌيڪ عمل ۾ آڻي ڏيکاري اُها سونهن آهي۔ Excellence آهي.

- *اِن سونهن ۽ آرٽسٽ جي وچ ۾ ڪهڙو رشتو آهي؟*

** آرٽسٽ اُهو جيڪو سونهن کي قبضي ۾ ڪري ظاهر ڪري ڏيکاري.

- *بين الاقوامي ادب ۾ توهان کي ڪهڙا ليکڪ پسند آهن؟*

** مون جيڪي پڙهيا ۽ سمجهيا آهن تن جي باري ۾ ڳالهائي سگهندس. ادب تہ بي اندازءِ بي حساب پيو آهي. مون کي جن متاثر ڪيو تن کي پڙهيو جن ۾ ٽئگور، ٽالسٽاءِ، منشي پريمچند، شيڪسپيئر، چارلس ڊڪنس ۽ گولڊسمٿ شامل آهن. اِن کان وڌيڪ منهنجو مطالعو ڪونهي. پيا ڪجهہ ڏکيا بہ لڳا مون کي جن ۾ دوستو وسڪي ۽ سارتر اچي ٿا وڃن.

- *ڪن سنڌي اديبن جي خيال ۾ توهان سنڌي ادب ۾ اُها جاءِ والاريو ٿا جيڪي روسي ادب ۾ گورڪي جي آهي. توهان جو ان باري ۾ ڇا خيال آهي؟*

** مان ايئن نہ چئي سگهندس. گورڪي تمام عظيم هو. هن جو تہ ادب ۾ وڏو Contribution آهي. مون تہ نوجواني ۾ 23 ۽ 40 سالن جي عمر ۾ ٿي لکيو آهي. الائي ڪهڙي آمريڪي رائٽر چيو آهي تہ ڪي عظيم ماڻهو اُهي بہ آهن جيڪي 30_35 سالن جي عمر ۾ ٿورو ڪجهہ چئي ختم ٿي ويا ۽ اُهي پنهنجي ايتري ننڍڙي ڄمار ۾ ايترو ڪجهہ چئي ويا جيڪو وڏا وڏا اديب نہ چئي سگهيا. اِها ٻي

ڳالهہ آهي. باقي ڪتي گورڪي ۽ ڪتي اسين.

- *توهان جي خيال ۾ سنڌي ادب جي ڪهڙي شاخ ۾ گهٽ ڪم ٿيو آهي؟*

** ناول نويسي جي شعبي ۾ تمام گهٽ ڪم ٿيو آهي. اسان تمام ٿورا ناول نويس پيدا ڪيا آهن. ان ڪري ناول نويس پيدا ڪرڻ جي سخت بلڪ اشد ضرورت آهي. اسان جا جيڪي ناول نويس آهن بہ سهي تہ اُهي بہ تمام وڏي پائي جا ناهن. مرزا قليچ بيگ جا ٿورا گهڻا ناول ملن ٿا. آغا سليم تہ خير هاڻي پيدا ٿيو آهي. خليق مورائي جو ناول "سنڌري"، عبدسلام ۽ محمد عثمان ڏيپلائي جا ناول. بيو ڪجهہ هندو رائٽرن جا ٿورا گهڻا ناول ملن ٿا. باقي بلند پائي جو ڪو بہ ناول نويس پيدا ڪو نہ ٿيو آهي، جنهن جي سخت ضرورت آهي. مون ان جو ذڪر شيخ اياز سان بہ ڪيو هو. جنهن ان ڳالهہ تي آمادگي ڏيکاري آهي تہ هو هڪ اهڙو ناول لکندو جنهن ۾ پنهنجي سڄي زندگي جي نچوڙ ڏيندو. بيو اسان وٽ تنقيد بہ گهٽ آهي. تنقيد جي فن ۾ بہ گهٽ ڪتاب لکيا ويا آهن.

- *توهان تنقيد ۾ ڪيتريقدر رعايت جا قائل آهيو؟ ڇا تنقيد ۾ رعايت هئڻ گهرجي؟*

** اِهو تہ حالتن تي مدار ٿو رکي. ڪي اهڙيون حالتون هونديون آهن جن ۾ رعايت ڪرڻي تي پوي. جيڪڏهن ڪنهن نئين رائٽر تي سخت تنقيد ڪبي تہ هو لکڻ بند ڪري ڇڏيندو. تنهنڪري رعايت ڏيڻ لازمي ٿي ٿو پوي. انڪري ضرورت ٿيو ٿي پوي تہ انهن جي غلطين کي نظرانداز ڪري چڱاين کي ظاهر ڪجي تہ جيئن هن جي همت افزائي ٿئي ۽ لکندا رهن. جيڪڏهن اُتندي ئي هنن کي تنقيد جو نشانو بڻائي هنن جون غلطيون ظاهر ڪبيون تہ هو لکڻ ئي بند ڪري ڇڏيندا جنهن سان ادب کي نقصان پهچندو. انڪري رعايت ڏيڻي پوي ٿي. زندگيءَ جي هر مرحلي تي سمجهوتو ڪرڻو پوي ٿو ۽ سمجهوتو ڪرڻ ضرورت آهي. رعايت جو مقصد رڳو هيءُ آهي تہ ماڻهوءَ کي دل شڪستو ۽ مايوس نہ ڪجي. راءِ جي اظهار تي پابندي ناهي. باقي رائٽر کي سچ تہ ڪڏهن ڇڏڻو ناهي. سچ کي ڇڏيندڙ نہ اديب چئبو ۽ نہ ڪو ادب چئبو.

- *سچ تي سمجهوتو ڪيئن ٿيندو؟*

** سچ تي سمجهوتو تہ ٿي نٿو سگهي. سچ تہ هر حالت ۾ چئبو ۽ چئي ڏجي. ادب جي معني ئي آهي سچ. ان تي سمجهوتو نہ ڪڏهن ٿيو آهي ۽ نہ ڪو ٿيندو.

- *توهان جي خيال ۾ Generation gap ڇا آهي؟ ڇا اِهو اڃ بہ موجود آهي؟*

** سڄي بڪواس آ بي ڪا ڳالهہ ڪانهي. تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ ڪهڙي Gap آهي؟ هزار سالن جو هڪڙو تسلسل آهي جيڪو ڪڏهن ٽٽڻو ناهي. هڪڙو ماڻهو بئي کي ڏئي ٿو بيو ٽئين کي ۽ ٽيون وري چوٿين کي ڏئي ٿو. Original Idea ڪو بہ ڪونهي. هڪڙي زنجير آهي، ڪڙي ۾ ڪڙي مليل آهي. ڪا بہ Gap



Gul Hayat Institute

ڪانهي. اُهي رڳو جند ڇڏائڻ لاءِ اهڙيون ڳالهيون ٿا ڪن. من ماني ڪرڻ لاءِ جيئن ڪو ڊور ڊگهو ڇنائي پڇندو آهي ته جيڏانهن منهن ڪري تيڏانهن پڇي وڃي ان ڪري پيڙهي وڇوٽي جي ڳالهه ڪنيو وينا آهن. پيڙهي وڇوٽي جي ڪا ڳالهه ئي ناهي. هنن جو مطلب آهي ته اسان کي آزاد ڇڏيو ته جيئن وٽي تيئن ڪيون. هيءَ خاص ٻهراڙي جي انهن ڇوڪرن جو مسئلو آهي جيڪي شهر ۾ اچن ٿا ۽ شهر جي گليمر ۽ جڳمڳ ۽ جلوي کان متاثر ٿي پاڻ کي هڪڙو ڏکاريل ۽ اڻ ڄاڻ محسوس ٿا ڪن ڇاڪاڻ ته هنن کي اهي سهوليتون حاصل نُاهن پوءِ وني ٿا گوڙ ڪن ته اسان کي هيءُ به کپي هو به کپي. ظاهر ته هنن جا مائٽ ايترا وسيلا نه هئڻ ڪري هنن جي ڳالهه کي نٿا پڇي سگهن ۽ نه ڪو هنن جي اِن مسئلي کي سمجهي ٿا سگهن تنهنڪري پيڙهي وڇوٽي جي ڳالهه ٿا ڪن. نه رڳو ڇوڪرا پر نوجوان ڇوڪريون به آزادي ٿيون چاهين ته عشق به ڪيون. آزادي به حاصل ڪيون- وڏن ماڻهن جي پٽن سان گڏ گهمون. ظاهر آهي ته اِها ڳالهه نه هنن جا مائٽ برداشت ڪندا نه ڪا هنن جي تهذيب ئي ان جي اجازت ٿي ڏي پوءِ وتنديون چونديون ته اِها پيڙهي وڇوٽي آهي!

- *توهان جي نظر ۾ زندگيءَ جو مقصد ڇا آهي؟*

*** تمام وڏو سوال ۽ ايترو ئي وڏو هن جو جواب ٿيندو پر مختصر جواب هيءُ آهي ته زندگيءَ جو مقصد آهي زندگي پئدا ڪرڻ ۽ زندگي ۾ جيڪي ڪجهه بهترين آهي تنهن کي ڀرپور نموني اُياري سچي جو سچو بين جي ڀلائيءَ لاءِ کپائي ڇڏڻ. اِهو ئي آهي زندگي جو مقصد.

- *دنيا جي سياسي رهنمائن ۾ اوهان جو ڪو آئيڊيل؟*

*** سڀ کان ڀهرين سرڪار محمّد صلي الله عليہ وسلم.... علامہ مشرقي، مهاتما گانڌي، مائوزي تنگ، لينن. انهن کان وڌيڪ ڇا چئون.

- *عام تاثر اِهو آهي ته انسان ڪائنات ۾ ويچارو آهي ۽ ڏک ڪڏهن ختم ٿيڻا ناهن. ڇا توهان اِن سان متفق آهيو؟*

*** مان ان ڳالهه سان بنهه متفق ناهيان. منهنجي ويجهي ۾ ويجهي ۽ پيارن دوستن ۽ اياز جو به اِهو ئي خيال آهي ته .Life is mortgage and we have to weed it مطلب ته زندگي گروي ٿيل آهي ۽ اهو گروي نامو اسان کي ڇڏائڻو آهي. انسان جيڪڏهن چاهي ته ستارا به هلائي سگهي ٿو. پنهنجي پاڻ کان ٻاهر نڪري به زندگيءَ کي ڳتڙ کان جهلي پنهنجي نموني هلائي سگهي ٿو. اِها ئي ته انسان جي آزمائش آهي. جيئن شاهه رح چيو ته،

”مون کي مون پرين ٻڌي وڌو ٻار ۾،
اُيا ايئن چون ته، متان ٻاند پسائين.“

جيتوڻيڪ اها هڪ ناممڪن ڳالهہ آهي پر تڏهن بہ ائين ڪبو ۽ ايئن ڪرڻو پوندو. نامساعد حالتن سان ماڻهن جو ٽڪر ازل کان آهي. فطرت جي بي لغام قوتن کي ماڻهو هميشہ پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي ۽ ڪامياب ٿيندو رهندو تنهنڪري پاڻ کي ويچارو ڪري ڪيٻائي چُپ ڪري ويهي رهڻ مناسب ناهي نہ ڪو مان اهو قبول ڪيان ٿو.

- *ڇا سوشلزم کي اسلام جي ارتقا واري نظرئي مطابق موجوده صورت ۾ قبول ڪري سگهجي ٿو؟*

** مذهب عقيدن تي ٻڌل هوندا آهن ۽ سوشلزم سائنس ۽ هڪڙو معاشي طريقہ حيات آهي تنهنڪري ٻنهي کي گڏ وچڙ نٿو ڪري سگهجي. هرڪو پنهنجي جاءِ تي رهندو. جيڪو انهن کي ملائي ڳالهہ ٿو ڪري اهو ماڻهن سان ۽ پاڻ سان دوکيبازي ٿو ڪري. اسلامي سوشلزم جو نعرو دوکيبازي وارو نعرو آهي. توهان هڪڙي ڳالهہ ڪريو يا سوشلزم يا اسلام. اسلام ۾ جڏهن ڪا کوٽ يا گهٽتائي ٿا سمجهو تہ پوءِ ان ۾ سوشلزم ڳنڍيو ٿا يا سوشلزم ۾ ڪا گهٽتائي آهي جو اسلام ٿا وجهو. ٻئي پنهنجي جاءِ تي مڪمل بيٺا آهن تنهنڪري جيڪڏهن انهن کي ملائڻ جي ڪوشش ڪبي تہ اُها دوکيبازي آهي بلڪہ اهو تہ ان ڳالهہ جو اعتراف آهي تہ اسلام سوشلزم کانسواءِ مڪمل ڪونهي ۽ سوشلزم اسلام کانسواءِ نامڪمل يا هيءُ تہ اُهي حقيقت ناهن. سوشلزم پنهنجي جاءِ تي هڪ سائنسي، اقتصادي ۽ معاشرتي سوچ آهي ۽ اسلام عقيدن تي ٻڌل آهي. اسلام ۾ اقتصادي معاملن بابت ڪي بندشون وڌل آهن پر اِهي بندشون بہ رضاڪارانہ آهن. مرضي آهي تہ ڪو ڪري يا وٽيس نہ ڪري. جيڪڏهن ڪو نٿو ڪري تہ اُن لاءِ سزا ڪانهي سواءِ ان جي تہ الله تعاليٰ جہ پاڻ هن کي جزا يا سزا ڏيندو. ان لحاظ کان هڪ سياسي حڪومت جي ذريعي انهن تي عمل نٿو ڪري سگهجي. ٻنهي کي پاڻ ۾ وچڙائڻ غلط ٿيندو.

- *مذهب ۽ سياست جو پاڻ ۾ ڪيتري قدر لاڳاپو ٿي سگهي ٿو؟*

** ڪجهہ بہ لاڳاپو ناهي، مذهب جو سياست سان وري ڪهڙو لاڳاپو؟ مذهب جو تہ سياست سان ڪو واسطو ئي ڪونهي. مذهب ۽ سياست کي ڇڏي ڏجي تہ اُهي پنهنجي پنهنجي نموني سان هلن. جڏهن بہ مذهب ۽ سياست کي ڳنڍيو ويو آهي تہ قتلام ٿيو آهي، اختلاف وڌيا آهن. ڪفر جون فتوائون نڪتيون آهن، دقيانوسي خيال وڌيا آهن، نفرتون وڌيون آهن. تنهنڪري بهتر آهي تہ سڀ ڪنهن کي پنهنجي جاءِ تي ڇڏجي. هر ڪنهن کي مذهب جي مڪمل آزادي ڏني ڇڏجي. سياست پنهنجي جاءِ تي آهي. State craft تہ ڳالهہ ئي ٻي آهي. اُها انهي نموني هلندي. مان بنيادي طرح مذهبي ماڻهو آهيان ۽ مذهب جي اصول تي پابند بہ آهيان رڳو زباني طرح نہ بلڪہ عملي طرح سان. منهنجو اهو ايماندارانہ نظريو آهي

Gul Hayat Institute

ته مذهب جو واسطو فرد سان آهي نه ڪي اسٽيٽ سان ۽ نه وري ان ڳالهه ۾ يقين رکان ٿو ته مذهب سڄي دنيا لاءِ ڪو عالمگير پيغام کڻي آيو آهي. اِها ڳالهه به غلط آهي. مان نٿو مڃان. مذهب انفرادي طور تي هڪ فرد کي اُڀارڻ، هن جي اخلاقي قدرن ۽ ذهني لاڙن کي اُوچو ڪرڻ سان گڏوگڏ هن جي جوابدارين ۽ ذميوارين کي ڪنٽرول ڪري ٿو باقي هن کي دنيا لاءِ پيغام ڪري کڻڻ واري ڳالهه غلط آهي. مان انهيءَ ڪي نٿو مڃان ڇو ته مذهب جو بنيادي مقصد فرد جي ترقي آهي. اقبال جيڪا خودي جي ڳالهه ڪري ٿو ته ان جو مطلب به اِهو آهي ته پنهنجو پاڻ کي ترقي وٺرايو پنهنجي چڱاين کي، پنهنجي نيڪين کي، پنهنجي قوتن کي، پنهنجي خوبين کي ايترو ترقي وٺرايو جو توهان هر ڳالهه صحيح نموني سمجهي ڪري سگهو ۽ ٻين کي ڪجهه ڏئي سگهو. اهڙي نموني مذهب فرد سان واسطو رکي ٿو باقي اُن کي عالمگير پيغام ڪري کڻڻ نوان مسئلا پيدا ڪندو.

- *توهانجي خيال ۾ سنڌ جا علامتي ڪردار ڪهڙا آهن. موهن جي دڙي وارا، اسلامي ڪردار يا عمر مارئي؟*

** منهنجي خيال ۾ ته هندو ڌرم جي ديومالائي ڪردارن سنڌ ۾ جڙ نه پڪڙي ۽ نه اڄ تائين سنڌ ۾ ڪو ديومالائي ڪردار جڙ پڪڙي سگهيو آهي جيڪو اسانجي روزمره جي زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندو هجي يا ان جو ڪو اثر هجي. اهڙي طرح اسلامي ڪردارن جو به ڪو خاص اثر ڪونهي جن پنهنجو اثر ڇڏيو هجي. باقي پنهنجا پراڻا ڪردار آهن پوءِ ڪٿي اُهي تاريخي آهن يا ٻيا مثال طور جيئن اسان وٽ چوندا آهن ته تون ڪهڙو طورسين جو پٽ آهين. هاڻي اهو طورسين الائي ڪير آهي؟ مون اِن تي ويچار ڪيو ۽ ان نتيجي تي پهتو آهيان ته طورسين لفظ شايد ٿارزن مان نڪتل آهي جيڪو مقابلا ڪري ماڻهن کي تڪليفن مان ڪڍي انهن کي بچائي ٿو. منهنجي خيال ۾ طورسين لفظ بلڪل ٿارزن مان ورتل آهي. ٻيو اسانجو مشهور تاريخي ڪردار دودو آهي جيڪو بهادري جي علامت آهي. دودي سان گڏ ابڙي جو نالو به اچي ٿو جنهن سامون جهليون. پاڻ مارجي ويو پر سامون نه ڇڏيئين جنهن کي شاهه ۽ ٻين شاعرن به ڳايو آهي. اهڙي طرح جکرو چام لاکو ڦلاڻي جي ڪردارن به اسانجي تاريخ ۽ ماڻهن تي پنهنجا اثر ڇڏيا آهن. ايراني ڪردار رستم به اسان وٽ علامتي ڪردار طور استعمال ٿئي ٿو جنهن پنهنجو اثر ڇڏيو آهي. عورتن ۾ منهنجي خيال ۾ مومل ۽ مارئي منهنجي خيال ۾ ٻين سڀني کان اُوچيون بيٺيون آهن. مومل معنيٰ سهڻي ۽ نازڪ جيڪا سونهن ۽ نزاڪت جي علامت آهي. مارئي معنيٰ جدوجهد ڪندڙ تمام اُوچي يا وطن جي حُب ۾ سڀڪجهه قربان ڪري ڇڏيندڙ. ٻين ڪردارن ۾ سسئي جيڪا عزم استقلال ۽ جاکوڙ جي نشاني ته سهڻي وري قربانيءَ جي نشاني، سِر قربان ڪرڻ واري. ايئن ته هاڻي ٻيون به آهن پر سنڌ جا خاص علامتي ڪردار اِهي آهن.

- *علامتي ڪردارن تان شاهه لطيف جي حوالي سان ڪهڙي ڳالهه ذهن ۾ آئي آهي ته ڇا هو محض صوفي هو؟*

** ها! مان ته ايئن ٿو سمجهان هو صوفي هو. شاهه لطيف مولانا رومي کان متاثر ٿيل هو. تاريخ ۾ سندس حياتيءَ جي احوال مان معلوم ٿئي ٿو ته هو درگاهن تي ويو ۽ اُتان فيض حاصل ڪيائين. مخدوم نوح جي درگاهه تي گهڙا پريائين، لنواري ۾ نئي وارن بزرگن وٽ ويو سامين جي پنيان هليو. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته هن تي صوفي ازم جو وڏو اثر هو باقي محض صوفي هو ۽ حياتي جي ڳالهين سان هن جو واسطو نه هو اها ڳالهه نه مڃبي ڇاڪاڻ ته زندگي جا جيڪي مسئلا ۽ مرحلا پيش اچن ٿا انهن تي توڙي قوم تي ايندڙ تڪليفن ۽ معاشي مسئلن تي به سندس نظر هئي. هو سونهن جو به شاعر هو ته معاشري جو ۽ قوم جو به شاعر هو ته صوفي به هو. جيئن هڪ عظيم آرٽسٽ جو پيغام آفاقي هوندو آهي ۽ هر دور ۾ زندگي جي هر شعبي ۾ ڪارآمد آهي. جيڪڏهن شاهه کي ڏسبو ته هن ۾ هر ڳالهه آهي. بدر جيڪا شاهه جي تصوير ٺاهي آهي سا جڏهن به ڏسان ٿو ته مونکي حيرت ٿي لڳي ته بدر اُها ڪيئن ٺاهي آهي ڇو ته هن کي جنهن نظر سان به ڏسو ته اُهو ئي نظر اچي ٿو. عالم جي نظر سان ڏسو ته عالم آهي، شاعر جي نظر سان ڏسوس ته شاعر آهي، گوريلي جي نظر سان ڏسو ته گوريلو ليڊر آهي، مفڪر جي نظر سان ڏسو ته مفڪر آهي، آرٽسٽ جي نظر سان ڏسو ته آرٽسٽ آهي، فلاسفر جي نظر سان ڏسو ته فلاسفر آهي يعني هن ۾ هر شيءِ آهي. هو ترقي پسند آهي بلڪل ترقي پسند آهي ڇاڪاڻ ته وٽس معاشري جي هر مسئلي جو ڪونه ڪو جواب ميسر آهي ئي آهي. جيستائين صوفي هئڻ جو تعلق آهي ته هو ڪُنڊ ۾ ويهڻ وارو تارڪ الدنيا نه هو ڇاڪاڻ ته هو جدوجهد ۾ رڙهڻ جو پيغام ڏئي ٿو مسئلن تي ضابطو آڻڻ ۽ فتح ڪرڻ جو پيغام ڏئي ٿو.

- *سنڌ کي جنت الارض ٺاهڻ لاءِ سنڌي نوجوانن کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟*

** پنهنجو پاڻ وساري پين لاءِ ڪم ڪرڻ ۽ انهن جي خدمت ڪرڻ. جيئن مون اڳ ۾ چيو ته زندگي جو مقصد ئي اهو آهي ته زندگي پئدا ڪجي ۽ پاڻ ۾ جيڪي ڪجهه آهي اُن کي اُپاري بهترين سطح تي آڻجي ۽ پوءِ اُن کي سڄي جو سڄو کپائي ڇڏجي. سنڌي نوجوانن ۾ جيڪي آرٽسٽ آهن سي پنهنجي بهترين آرٽ، سياستدانن ۾ جن وٽ بهترين سياست جو مادو ۽ جنهن ۾ جيڪي ڪجهه بهترين آهي تنهن کي اُپاري چوٽ تي آڻي اُهو سڄي جو سڄو قوم لاءِ خرچ ڪري ڇڏي، پين کي ڏئي ڇڏي. ان مقصد لاءِ مطالعو ضروري آهي، عوامي تحريڪن سان وابستگي ضروري آهي، قرباني ضروري آهي ۽ جيڪي پراڻا قدر آهن سي سڀ ضروري آهن. انهن قدرن کي ته ڇڏي نٿو سگهجي. ڊسيپلن، تنظيم، قرباني، پنهنجو سڀڪجهه پين کي ڏئي ڇڏڻ، پين جي خدمت ڪرڻ، تڪليفون سهڻ، اوجاڳا

Gul Hayat Institute

ڪرڻ اِهو سيڪجهه ڪرڻو پوندو. جيستائين ماڻهو پنهنجو رت ست نه ڏيندو تيستائين ڪجهه ڪونه ٿيندو. باقي جيڪڏهن ماڻهو ايئن پانئي ته مان ليڊر ٿيان پر گهر ۾ صوفا سيٽ تي ويٺو هجان، ڪپڙا به صاف ۽ استري ٿيل هجن، ماني به سٺي کاوان، سگريٽ به پيئان، چانهه به پيئان، وهسڪي به پيئان ۽ ماڻهو اچن ۽ ووٽ ڏئي وڃن ته ايئن ته ليڊر ڪونه ٿيندو. ان مان نه ڪيس فائدو ٿيندو ۽ نه وري ٻين کي. اڄڪلهه جا ڇوڪرا سوچين ٿا ايئن ٿا ته ماڻهو بيوقوف آهن جيڪي اسانکي ووٽ نٿا ڏين. اسان پڙهيل لکيل کي ڇڏي وڃي اڻپڙهيل وڏيري کي ٿا ووٽ ڏين. ماڻهو ان وڏيري کي آخر ووٽ ڇو نه ڏين جيڪو ڏينهن رات هنن سان هلي ٿو. آڌي جو وڃي وڏيري کي اُٿاريندا ته پٽ بيمار آهي ته وڏيرو پنهنجي جيپ ۾ کڻي ويندو. چوري ٿي وئي آهي ته وڏيرو پنهنجي جيپ ۾ ويهاريندو. نياڻيءَ جي شادي آهي ته وڏيرو ڊوڙندو. جي پٽ جو ڪو مسئلو آهي، جيل ۾ پيو آهي ته ضامن ڪرائڻ لاءِ وڏيرو ڊوڙندو ته پوليس وٽ ۽ وڪيلن وٽ به وڏيرو ئي ويندو ۽ پنهنجي هڙان خرچ ڪندو. ڇوڪر جو طهر ڪرائڻو آهي ته به وڏيرو قرض ڏيندو. بيماري جي حالت ۾ همراهه کي پنهنجي جيپ ۾ کڻي وڃي اسپتال ۾ وجهندو. توهان کي رات جو ڪير گهنٽي هڻي اُٿاريندو ته توهان گاريون ڏيندؤ ته ڪير ٿو رات جو اسان کي اُٿاري. پوءِ ظاهر آهي هو ووٽ ضرور وڏيري کي ڏيندو. توهان کي پلا ڪيئن ڏيندو. ان سان ليڊري ڪانه ملندي، قرباني، محنت، عام سان ملي عام ماڻهو ٿيڻ ۽ سندن مسئلن کي سمجهڻ ۽ انهن کي حل ڪرڻ اهو تمام ضروري آهي.

- *توهانجون ڪهڙيون دلچسپيون رهيون آهن؟*

** دلچسپيون مان جيڪڏهن توهانجو مقصد وندر ۽ مشغلا آهن ته منهنجا ڪي به مشغلا نه رهيا آهن نه انهن جا ڪي موقعا ميسر رهيا آهن ۽ نه وري ڪي وسيلا. بورزوائي طبقي جي وندر ۽ مشغلن جو مطلب شڪار فوٽوگرافي، بوٽنگ، ياٽنگ وغيره وغيره تنهن جو نه ڪو موقعو ميسر آهي، نه ڪو پئسو آهي ۽ نه وري اهڙيون حالتون رهيون تنهنڪري اسان جون اهڙيون ڪي به مشغوليون نه رهيون آهن. باقي ننڍپڻ کان گهمڻ ڦرڻ ۽ ڳوٺن ۾ وڃي ڪچهريون ڪرڻ ۾ منهنجي دلچسپي رهي آهي. دوستن يارن سان چار گهڙيون گهارڻ جهڙي ٻي ڪا ڳالهه ئي نٿي ٿي سگهي. ننڍي هوندي هڪڙي ننڍڙي ڪئميرا ورتي هئم جنهن سان فوٽا ڪڍندو هئس سو به گهڻو خرچ اچڻ ڪري ڇڏي ڏنم. شڪار جو به ٿورو گهڻو شوق ڪيم. جبلن ۾ ويس، ٿر ويس، هيڏي هوڏي ويس سو ان ۾ به خرچ ڪپي، جيپون ڪپن، پيٽرول ڪپي، ڪارتوس ڪپن. سو اهو شوق به ڇڏي ڏنو. باقي گهمڻ ڦرڻ لاءِ جيڪي موقعا ميسر آيا تن کي نه ڇڏيوسين. پاڻ ٻين دوستن کي به گهمايوسين، مثلاً اياز مون کي چيو ته، ”شاعري ٿو ڪريان، جي سنڌ نه ڏٺم ته اُها شاعري ڪهڙي، تنهنڪري مون کي سنڌ گهمائي.“ پوءِ ضلعو ضلعو ڪري نالو ڪنيائين. پهرين سچو ٿر

گهمايومانس. ننگرپارڪر، ڇاڇرو مٺي، ڏيپلو پٽن ۾ رڻ پٽن ۾ ۽ ڪارونجهر تائين وياسين. پوءِ ڇياٽين دادو ضلعو گهمائي تہ رني ڪوٽ ڏيکاريومانس. منڇر وياسون، نئينگ وياسون، نئن گاج تي وياسون. سڄو علائقو گهمائي ڏيکاريومانس. لڪي جي جبلن تي چشمن تي وٺي ويوسانس. اهڙي قسم جي دوستن سان گهمڻ ۾ منهنجي ڏاڍي دلچسپي رهي آهي. مونکي ڏاڍو مزو ۽ لطف ايندو آهي. ٺٽو ضلعو بہ گهمايومانس. ان کانپوءِ هن کي بہ گوڏن جي تڪليف ٿي پئي ۽ بيمار ٿي پيو. اُٿڻ ويهڻ ۾ تڪليف ٿيندي هئس. پوءِ هو يونيورسٽي ۾ بہ تمام مصروف ٿي ويو ۽ ٻاهر نڪري ڪونہ سگهيو. منهنجا دل گهريا دوست هونئن بہ تمام ٿورا آهن، بہ چار ڪي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا. گهڻا دوست ڪونہ ٺاهيندو آهيان. پراڻن دوستن کي قائم رکڻ ئي وڏو مسئلو آهي تہ نوان دوست ڪٿان ٺاهيندس، سو دوستن سان چار گهڙيون گهارڻ منهنجي وڏي ۾ وڏي دلچسپي رهي آهي. ٻهراڙين ۾ وڃڻ ۽ ڪچهريون ڪرڻ بہ منهنجي دلچسپي رهي آهي.

- *ڇا توهان کي راندين جو بہ شوق رهيو آهي؟*

** ننڍي هوندي مون ڪرڪيٽ جام کيڏي، اسڪول جي ڪرڪيٽ اليون ۾ هوندو هئس ۽ مئچن ۾ بہ مونکي کڻندا هئا. پوءِ جڏهن نوڪري ۾ آيس تہ فوري راند مونکي بيڊمنٽن سُجهي، پوءِ جتي بہ ويندو هئس اُتي بيڊمنٽن ڪورٽ ٺاهيندو هئس يا نهرائيندو هئس ۽ اُتي راند کيڏندا هئاسين. ٽينس بہ کيڏي اٿم پر خاص پروفيشنل ٿي يا اهڙي هوشياري سان نہ. رانديون بہ نيٺ خرچ ۽ وقت ٿيون گهرن. وڏي شهر ۾ تہ رڳو راند جي ميدان تائين پهچڻ لاءِ توهان کي 20_15 روپيا ڀاڙي جا کپن. روزانو راند تي ڪير ٿو وڃي سگهي.

- *راڳ سان توهانجي دلچسپي؟*

** تمام گهڻي. جتي بہ راڳ جو ٻڌندا هئاسين اُتي ويندا هئاسين. نوڪريءَ واري زماني ۾ اهي سهوليتون مون گهڻيون ورتيون. ڪٿي ميلو ملاکڙو هوندو هو جتي راڳ جي محفل هوندي هئي اُتي مان ويندو هئس ۽ راتين جون راتيون گذاريندا هئاسين. آڌي آڌي رات تائين اُتي ويهندا هئاسون. فقيرن جا ۽ راڳين جا راڳ ٻڌي ڪري ايندا هئاسون. مونکي راڳ جي ايتري ڄاڻ ڪانهي باقي لطف وٺجي ٿو راڳ مان.

- *توهان کي ڪهڙي قسم جو راڳ پسند آهي؟*

** مونکي لوڪ راڳ پسند آهي. آخر ڪجهہ سمجهہ ۾ بہ تہ اچي نہ! پڪو راڳ بہ پسند آهي، ڏاڍي شوق سان ٻڌندو آهيان. پڪي راڳ وارن سان دوستيون بہ اٿم. اُنهن سان محفلن ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهندو آهيان پر منهنجي وڌيڪ دلچسپي لوڪ راڳ ۽ لوڪ گيتن سان آهي. من کي اِهو ئي وڻي ٿو. دل ۽ روح کي تسڪين تہ لوڪ راڳ ئي ڏئي ٿو.

- *راڳ جو سماجي ڪارج تفريح ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به ٿي سگهي ٿو؟*

** بلڪل ٿي سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته راڳ ڪلچر ۽ ثقافت جو مظهر آهي. ڪلچر ۽ ثقافت انسانن ۽ قومن جي تاريخ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. راڳ جي وسيلي ئي جوش ۽ جذبو پيدا ڪري سگهجي ٿو. ان ڪانسواءِ راڳ پنهنجون تاريخي روايتون ياد ڏيارڻ سان گڏوگڏ پنهنجي ڪلچر ۽ ثقافت سان محبت پيدا ڪرڻ ۽ انهن لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. هونئن راڳ جي پنهنجي تاريخ آهي. جنگ جي ميدان ۾ هميشه راڳ جو سهارو ورتو ويندو هو جن ۾ دف وڄائيندا هئا. هتي سنڌ ۾ مغرمان ۽ دهل وڄندا هئا ۽ انهي تي جنگ ۽ لڙائي جو ڏونڪو لڳندو هو. اڄ به ملهه تي دهل وڄي ٿو. پهلوان دهل جي ڏونڪي تي ٽپو ڏئي ميدان تي اچن ٿا. اهڙي ريت راڳ جو ڪارج ته آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اُن کي اُڀارجي، ٺاهجي ۽ وڌائجي.

- *شاهه جو ڪو شعر جيڪو توهان کي پسند هجي؟*

** شاهه سچو سچ آهي. شاهه جي چونڊ ڪهڙي ڪجي. باقي جيڪڏهن ٻه ٽي شعر ٻڌائڻا هجن ته ٻڌائي سگهان ٿو:

سنها پائنئين مَ سِپ ويا واسينگن ڏي،
جِنين جي جهڙپ هاتي..... نه سگهيا.

آڏو ٽَڪر تَر متان روهه رتيون ٿئي.

چئلينج ته ڏسو نه ڪهڙو آهي. سسئي جهڙي هڪڙي نحيف ۽ ڪمزور عورت جنهن کي نه ڪو ڪاڏو ٻيتو ساڻ، نه ڪو سنگتي ساٿي نه ساڻ ڪو همراهه سا جبل کي ٿي چوي ته آڏو ٽڪر تَر متان روه رتيون ٿئي. جي تون پهڻ پٻ جو آهين ته لِڱَ منهنجا لوهه آهن _ ڪوهه ڪندين ڪوهه _ جي تون پهڻ جو آهين ته مونکي ڇا ڪندين، منهنجا لڱ به لوهه جهڙا آهن. اهڙا هن جا بي انداز شعر آهن. سهڻي مان ته ڪيئي آهن مثلاً:

ڪنڌيءَ اُڀيون ڪيتريون، ساهڙ ساهڙ ڪن،
ڪِنين سانگو سِر جو ڪي.......

ته به چتو ٿي ٻڌتر ۾ پورڻ اهو اجايو آهي. ٽپوڏئي ڪُن ۾ ڪاهي پئو ته ڪامياب ٿيندين. سُر گهاتو ته سچو انقلاب آهي. گهاتو کي مان گوريلو چوندو آهيان. گوريلا جي لاءِ سنڌي ۾ لفظ آهي گهاتو.

گهاتو گهر نه آيا.....
متو آهين مڇ، ٿُلها توٿُونا هڻين.



Gul Hayat Institute

توجا پانئين اڇ.....

ڪيڏي نہ عجيب لاجواب ڳالهہ ڪئي اٿائين تہ:

ايئن نہ مرن مڇ جيئن جهينگا جهلين جهول ۾،
هي ڇارون ۾ ڇڇ نہ اوڙاهان آهاهان ٿئي.

وچ ۾ بي سِٽ هيءَ تہ:
رائو رڱج رڇ.... مطلب هيءَ تہ پنهنجا رڇ تيار ڪري تياريون ڪرڻيون پونديون ـــ رڇ توڪي رڱڻا پوندا. هي ڇارون ۾ ڇڇ جڏهن اولا مان هٽنديں تڏهن مڇ مرندا. ايئن ڪونہ مرندا. تہ ڪيئي شعر آهن. شاهہ جو رسالو سڄو پريو پيو آهي، جيئن:

ڦُٽو هوندو گاهہ، اُنا هوندا مينهن،
وري ورندي مارئي، باقي ٿورا ڏينهن.

ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن ۾ پاڻ مٿان گهور،
ويا جي هنگور تہ ڪر نہ ملندئي ڪاپڙي.

ڪُلهي قاتو ڪنجرو متو اُگهاڙو
پينر ڪچاڙو منهنجو هن پنيور ۾.

- *سچل جو ڪو شعر ٻڌايو.*

**سوئي ڪم ڪريجي جنهن وچ الله آپ ٻڌيجي،
وچ ميدان محبت والي تن قدم ڌريجي،
مار نعرا اناالحق دا سولي سر چڙهيجي.

- *اياز جو ڪو شعر؟*

**سُٽيم تنهنجو سڏ، آيس آيس او پرين!
هيٺو اٿم هڏ پر سگهہ ڏسين تو ساهہ جي.

- *توهان پنهنجي سياسي ۽ نظرياتي سوچ کي ڪهڙن لفظن ۾ بيان ڪندؤ؟*

** مان سياسي ماڻهو تہ آهيان ڪونہ. نہ وري منهنجو سياست سان ڪو واسطو رهيو آهي. پر هڪ اديب ۽ سماجي ڪارڪن جي حيثيت سان آءٌ سياست کان اکيون پوري تہ نٿو سگهان. آءٌ نوجواني کان وٺي "فائر برانڊ" قسم جو ماڻهو رهيو آهيان. جوشيلو ۽ جذبي وارو. مونکي ياد آهي تہ ڪاليج جي زماني ۾ قاضي فضل الله: مون کان پڇيو تہ تنهنجي خيال ۾ ملڪ جي قسمت ڪيئن ٿي مٽائي سگهجي؟ مون



Gul Hayat Institute

ڪيس جواب ڏنو تہ ماڻھن جو ڪردار بلڊ اپ ڪرڻ تائين ايئن ڪونہ ٿيندو. تہ هڪدم ٽوڪ واري نموني سان چيائين تہ ڪردار مان تنهنجو مطلب ڇا مُلن واري اخلاقيات آهي؟ مون وراڻيو "ڪردار مان منهنجو مطلب آهي نظم ۽ ضبط، قرباني جو جذبو اجتماعي ڪوشش ۽ اطاعت ۽ فرمانبرداري" جنهن تي چيائين. تہ جيڪڏهن اهو مطلب آهي تہ پوءِ صحيح آهي. انهي ڪي پئدا ڪرڻ لاءِ طريقا ڪهڙا جنهن جو مون هر جماعت ۾ فقدان ڏٺو. ڪنهن بہ جماعت ۾ اها ڳالهہ نہ هئي تہ اهڙين ڳالهين ڪي هٿي ڏياري. هر جماعت پوءِ اُها هاري ڪميٽي هجي يا سوشلزم جو نعرو هڻڻ وارا سيني رڳو نظريا تي ڏنا تہ هيئن تہ هيئن هئڻ کپي. منهنجو هيءَ چوڻ آهي آخر ٿئي ڪيئن؟ ان جو تعين ٿيڻ گهرجي. ماڻهوءَ جي قوت مدافعت ۽ قوت جارحيت ڪيئن وڌائجي. اهڙي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اهڙا بہ نظريا هئا هڪڙو گانڌي وارو عدم تعاون ۽ سول نافرماني وارو نظريو ۽ ٻيو هو علامہ مشرقي وارو Militant نظريو تہ "ايڪ بنو اور نيڪ بنو." ان جو منشور هو منظم ٿيو پاڻ ۾ تنظيم پئدا ڪريو پنهنجو پاڻ وساريو قرباني ڏيو سادگي اختيار ڪريو گڏجي سڏجي ڪم ڪريو ۽ هڪ امير جي اطاعت ڪريو. ان نظرئي مون ڪي وڏيڪ اپيل ڪيو تنهن ڪري مان اُن پاسي لڙي ويس. ان تحريڪ جي ختم ٿيڻ ڪان پوءِ بہ مان انهيءَ لائن تي سوچيندو رهيس. جڏهن هاري تحريڪ ۾ شامل ٿيس تڏهن بہ مان ان ڳالهہ تي زور ڏنو تہ بابا پهرين ماڻهن ۾ اهو sense تہ پئدا ڪريو تہ پنهنجا مسئلا ڪين پاڻ حل ڪرڻا آهن، پاڻ ڪي قربانيون ڏيڻيون آهن ۽ پاڻ ڪي تنظيم ۾ آڻڻو آهي. انهيءَ نظرئي هيٺ مون اهو مسئلو اٿاريو تہ هي جيڪي ٿهيل جڙيل ليڊر آهن جيڪي ڳنڍڙي ڪڇ ۾ وجهي تقريرون ڪندا وتن ۽ ماڻهن ڪان پئسا وٺي درخواستون ٽائيپ ڪرائي آفيسرن ڪان ڪم ڪرايو اچن ان مان تہ ڪجهہ ڪونہ ٿيندو. مسئلا اُن وقت حل ٿيندا جڏهن ماڻهو پاڻ گڏجي سڏجي مسئلن تي بحث ڪري سوچي سمجهي انهن جو حل ڪڍندا ۽ ڪليڪٽر يا ايس.پي. جي آفيس يا گورنر ۽ حاڪم وقت وٽ وڃي پنهنجو حق زوريءَ وٺي ايندا. ان مقصد لاءِ ماڻهن ۾ قوت مدافعت پئدا ڪرڻ ۽ ڪئريڪٽر بلڊنگ ضروري آهي پوءِ اها ڪئريڪٽر بلڊنگ اسلام سان ٿئي يا ٻئي ڪنهن بہ طريقي سان. منهنجيٰ بنيادي سوچ تہ اها آهي. پوءِ سوچيم اصل مسئلو اقتصادي آهي. جيستائين طبقا آهن ۽ هڪڙا طبقا ٻين طبقن تي حاوي آهن ۽ انهن جا وسيلا ڪائي تباهہ ڪندا رهندا تيستائين ڪئريڪٽر بلڊنگ بہ نہ ٿيندي تنهنڪري مونکي هاري ڪميٽيءَ ڏي لڙي وڃڻو پيو تہ اول اهي مسئلا حل ڪجن ڇو تہ جيستائين غاصب طبقن ڪي ختم نہ ڪبو تيستائين اُهي ماڻهن ڪي اُڀرڻ نہ ڏيندا. ان ڪري اڳ ۾ هنن ڪي ختم ڪرڻ گهرجي ڇو تہ ماڻهو تڏهن اڳتي لاءِ سوچيندا جڏهن پنهنجي Immediate دشمن سان وڙهڻ سکندا يا وڙهندا.

- *سنڌ هاري ڪميٽي پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ڪيتري قدر ڪامياب وئي؟*

** گهڻي قدر ڪامياب ٿي. گهٽ ۾ گهٽ هارين ۾ پنهنجي حقن جي ڄاڻ ۽ سجاڳي پيدا ڪيائين جنهن ڪانپوءِ هارين سمجهيو تہ اسان بہ ڪا قوت آهيون. اسان بہ متحد ٿي گهڻو ڪجهہ ڪري سگهون ٿا. جيڪا زمين اسان کيڙيون ٿا تنهن تي اسانجو حق آهي، زمين اسان کي ملڻ کپي ۽ زمين جي پيدائش تي اسانجو حق آهي. اهڙي نموني هاري ڪميٽيءَ هارين ۾ ڪافي سجاڳي ۽ تنظيم بہ پيدا ڪئي. ايئن ناهي تہ هاري ڪميٽي ختم ٿي وئي بلڪ اها تحريڪ اجا تائين جاري آهي. ان ۾ اجا قوتون آهن، خاص ڪري موجوده تحريڪ ۾ تہ رسول بخش پليجي سنڌي هاري تحريڪ ۾ وڏي جان ڦوڪي ڇڏي آهي.

- *ون يونٽ جي ٺهڻ ۽ اُنجي خلاف تحريڪ، بنگلاديش جي ٺهڻ ۽ پنو حڪومت جي ڊهڻ تي ڪجهہ روشني وجهندا؟*

** اهي تہ تاريخي مسئلا آهن جيڪي دستاويزن جي ذريعي ظاهر ٿيندا. انهن موضوعن تي ڪافي ڪتاب بہ لکيا ويا آهن. باقي پاڪستان جي سياست هڪڙي صوبي جي سياست رهي آهي معنيٰ پنجاب جي سياست. پنجاب شروع کان وٺي انگريزن جي تسلط هيٺ رهيو. سر سڪندر حيات خان ۽ سر خضر حيات ٽوانہ انگريزن جا ماڻهو هئا جيڪي اُتانجا وزيراعظم هئا جن انگريز فوج لاءِ اُتان زوري ڀرتيون ڪيون. اها ڳالهہ بلڪل غلط آهي تہ پنجابي فوجي قوم آهي يا Martial race آهي. عبدالله ملڪ جي ڪتاب "پنجاب جي سياسي تحريڪ" پڙهندو تہ اُن ۾ صاف لکيل آهي تہ جڏهن اُتي فوجي ڀرتي ڪرڻ ايندا هئا تہ مرد سڀ جهنگ ڏي ڀڄي ويندا هئا. رڳو عورتون ۽ ٻار گهرن ۾ وڃي رهندا هئا. ايئن اتي هڪ پاليسي هيٺ زوريءَ فوجي ڀرتيون ڪيون ويون ڇو تہ سندن خيال هو تہ پنجابي فوجي انگريز فوج لاءِ ڪارآمد ثابت ٿيندا. ايئن هو آهستي آهستي فوج ۾ ايندا ويا. مون کي ياد آهي تہ 1945ع ۾ هريجنن جي اڳواڻ ڊاڪٽر امبيڊڪر پارليامينٽ ۾ تقرير ڪندي رڳو هڪ صوبي مان فوجي ڀرتي ڪرڻ تي اعتراض ڪندي سوال ڪيو هو تہ ڇا توهان کي هندستان ۾ آمريت آڻڻي آهي؟ هيءَ ڊاڪٽر امبيڊڪر جي سياسي بصيرت جو ڪمال آهي جو 1945ع ۾ سندس چيل لفظ اڄ اسين پنهنجي اکين سان ڏسون پيا. واقعي اها حقيقت بہ آهي تہ جڏهن هڪ صوبي کي فوج ۾ آڻبو تہ فوجي آمريت ٿيندي. هونئن بہ پاڪستان جي تاريخ پنجاب جي تاريخ آهي. پنجاب جي بيوروڪريسي ۽ پنجاب جي فوج جي سڄي نيت اها آهي تہ فورسز تي بہ اسانجو قبضو هجي تہ حڪومت تي بہ. لياقت علي خان جو قتل بہ ان سلسلي جي ڪڙي آهي. جڏهن هنن ڏٺو تہ لياقت علي خان کي حڪومت مان ڪڍي نہ سگهبو تہ هنن کيس مارائي ڇڏيو ڇوتہ انهيءَ ڪانسواءِ وٽن

ٻي ڪا واٽ نہ هئي. هوڏانهن جڏهن بنگال اڪثريت جي بنياد تي حڪومت تي پنهنجو حق ڏيکاريو تہ طاقت جي زور تي اُن کي Parity right (برابري واري حق) جو اصول مڙهيائون. مطلب تہ اڪثريت جي اصول کي ڊاهي برابري جي ڳالهہ تي آنداؤن پر پنجاب هاڻي سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد سان برابري واري اصول تي وسيلن جي ورهاست لاءِ قطعي تيار ڪونہ ٿيندو هو بيبن صوبن کي برابري جي بنياد تي حق ڪونہ ڏيندا. بنگال سان Parity واري ڳالهہ ان ڪري ڪيئون جو هو پنجاب کي سياسي ڌڪ هڻي پئي سگهيو پوءِ جڏهن چونڊن ۾ مجيب الرحمان کٽي ويو تہ ڏٺئون هاڻي تہ حڪومت بنگالين کي ڏيڻي پوندي ان ڪري بهتر طريقو اهو هو تہ بنگال کي جدا ڪجي. مان سمجهان ٿو تہ سوچيل سمجهيل منصوبي هيٺ بنگال کي جدا ڪيو ويو. جنرلز ملٽري ۽ پنجاب جو بہ اهوئي خيال هو تہ بنگالين کي ڪيڏي جدا ڪجي ۽ اسين هن حصي تي پنهنجي ليکي جدا حڪومت ڪريون ۽ اهو حصو حڪومت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. ايئن بنگال کي زوريءَ جدا ڪيو ويو. ملڪ ٽٽڻ ۾ بنگالين جي قوميت جو بہ وڏو دخل آهي. هنن جڏهن ڏٺو تہ اسانجو سڄو ڪلچر ختم پيو ٿئي. ايتريقدر جو هنن کي ٽئگور جو نالو وٺڻ بہ نٿي ڏنو ويو. ٽئگور جهڙي وڏي شاعر جيڪو هنن جو قومي شاعر آهي کي ڪافر قرار ڏنو پئي ويو ۽ بنگالي ٻوليءَ تي بہ بندشون وڌيون تي ويون تنهنڪري اُتي قوميت پرستي وڌي اُتي لڏي آيل بهارين بہ ڪڏهن بنگالي ڪلچر ۽ ٻولي کي قبول نہ ڪيو تنهن ڪري اهي تضاد وڌيا. هوڏانهن پنجاب جي بيوروڪريسي وارا آفيسر جيڪي اُتي ويا هئا تن اُتي ويهي حڪومت پئي ڪئي هنن بہ نفرتون وڌايون. پنجاب جي واپارين جن اُتي وڃي ڪارخانا لڳايا تن بہ نفرتون وڌايون. اهي سمورا واقعا بنگالي قومپرستي کي هٿي ڏيڻ جو سبب بڻيا ۽ هنن ۾ قومپرستي واريون تحريڪون وڌيون. ٻئي طرف پنجاب جي بہ مرضي هئي تہ بنگال ڀلي جدا ٿئي. ون يونٽ بہ بنگال جو مقابلو ڪرڻ لاءِ ٺاهيو ويو هو جنهن هيٺ ملڪ جي ٻنهي حصن کي هڪ صوبي جي حيثيت ڏني وئي هئي. جڏهن بنگال ڌار ٿي ويو تہ ون يونٽ جي بہ ضرورت نہ رهي. پوءِ هتي بہ قومپرستي واريون تحريڪون اُڀريو. بلوچن تمام وڏي جدوجهد ڪئي ۽ وڏيون قربانيون ڏنيون. پٺاڻن بہ قربانيون ڏنيون. سنڌ ۾ بہ تمام گهڻا گوڙ ٿيا. مان ڀانيان ٿو تہ سنڌ ڀهريون صوبو هو جتي ون يونٽ جي خلاف گوڙ ٿيا. ”ڊان“ اخبار جنهن ون يونٽ جي حمايت پئي ڪئي انجون جتي ڪٿي ڪاپيون ساڙيون ويون. ڪراچي ۾ گوڙ ٿيا بلڪ سڄي سنڌ ۾ جلسا ۽ جلوس ٿيا. ميرپورخاص ۾ وڪيلن جلوس ڪڍيو جنهن ۾ عبدالستار شيخ جيڪو هن وقت ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ آهي سو گرفتار ٿيو. لاڙڪاڻي ۾ پرهڙي وڪيل گرفتار ٿيو. جيڪب آباد ۾ گرفتاريون ٿيون. دادو ۾ علي احمد قريشي وارا گرفتار ٿيا. قاضي فيض محمد گرفتاري ڏني. اهڙي ريت سڄي سنڌ ۾ گوڙ ٿيا. حيدر بخش



Gul Hayat Institute

جتوئيءَ تہ ون يونٽ جي خلاف پمفليٽ ڇپرايا. پوءِ مولوي تميز الدين ڪيس واري مشهور ڪيس جو فيصلو سنڌ جي هڪڙي جج.......................... ڏنو جيڪو وڏي همت وارو فيصلو هو جنهن کي بہ ڦاسائي جيل ۾ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر هو بچي ويو. ان فيصلي خلاف جڏهن سپريم ڪورٽ جي جسٽس منير فتويٰ ڏني تہ حيدر بخش جتوئيءَ جسٽس منير ۽ سندس فيصلي خلاف پمفليٽ ڪڍيو. اها بلڪل هڪڙي نئين ڳالهہ هئي جو سپريم ڪورٽ جي فيصلي خلاف ڪير ڪتاب ڇپي جو تہ اهو توهين عدالت جي زمري ۾ تو اچي. ان جي باوجود حيدر بخش جتوئيءَ اهي پمفليٽ ڇپرائي ورهايا جنهن سان سنڌ ۾ اينٽي ون يونٽ تحريڪ سخت زور پڪڙيو. شاعر، اديب، شاگرد، هاري ۽ مزدور سڀ ان ۾ شامل هئا ڇاڪاڻ تہ اهو قومي مسئلو ٿي پيو هو.

- *ذوالفقار علي ڀُٽي ۽ سندس حڪومت تي روشني وجهندا؟*

** ڀٽي جا بہ ڏوهہ هئا، سندس وڏي ۾ وڏو ڏوهہ هيءَ تہ هو سنڌي هو ۽ ٻيو ڏوهہ هيءَ تہ هو تمام پاپولر هو ۽ ڪيس هٽائڻ تمام مشڪل بلڪ ناممڪن هو. اڄ بہ صورتحال اها ئي آهي. ڪلهہ جنرل ضياءَ جو جيڪو بيان آيو آهي تنهن ۾ سندس چوڻ هيءَ آهي تہ سياستدانن بہ پيرا مون وٽ اچي اليڪشن نہ ڪرائڻ لاءِ چيو آهي چو تہ سندن چواڻي جيڪڏهن چونڊون ٿيون تہ ڀُٽي جي پارٽي ٻيهر کٽي ويندي. سو مُئي ڪانپوءِ بہ جيڪڏهن ڀٽو نٽي هٽي سگهيو تہ جيئري ڪيس هٽائڻ مشڪل نہ بلڪ ناممڪن هو. هيءَ جيڪو چون ٿا تہ چونڊن ۾ ڌانڌلي ٿي آهي سچو ڪوڙ آهي. نہ اليڪشن ۾ ڌانڌلي ٿي هئي ۽ نہ وري ڀُٽي ڪوڙ سان کٽيو هو. وري بہ جيڪڏهن 90 ڏينهن اندر چونڊون ڪرائن ها يا آزاد ۽ منصفاڻيون چونڊون ٿين ها تہ وري بہ ڀٽو کٽي وڃي ها. تنهن ڪري سياستدان اچي پريشان ٿيا تہ هاڻي ڀُٽي کي هٽايون ڪيئن. جڏهن بہ چونڊون ٿيون تہ هو کٽي ويندو. 15-20 سال تہ ايئن ڪيڏي ويندو تنهنڪري هن کي مارڻ ۽ هٽائڻ کانسواءِ ٻي ڪا واٽ ڪونهي. سو ڀُٽي جي ايڏي مقبوليت جي ڪري ٻين جماعتن ۽ تحريڪن ۾ اها بددلي اچي پئدا ٿي تہ اسان ڪڏهن بہ اقتدار ۾ اچي نہ سگهنداسين ان ڪري انهن سيني گڏجي تحريڪ شروع ڪئي. ٻيو هيءَ تہ هو سنڌي هو تنهنڪري مهاجرن جي هن سان سخت عداوت هئي چو تہ مهاجرن سنڌين کي ڪڏهن بہ پاءُ طور قبول نہ ڪيو آهي. ان کانسواءِ ٻين صوبن جي عوام ۾ اها ڳالهہ تہ سنڌي اسان تي حڪومت چو ڪري. سو اهي ڏوهہ هئا ڀُٽي جا جنهن جي ڪري هن کي لاٿو ويو. سندس ٽيون ڏوهہ بين الاقوامي سطح جو آهي جو هن انفرادي پاليسيون اختيار ڪندي ٽرڊ ورلڊ جو نعرو ڏنائين ۽ پنهنجي طور تي روس سان لاڳاپا وڌائڻ چاهيائين جيڪي آمريڪا کي پسند نہ هئا. سڀ کان وڏي ڳالهہ اها ٿي تہ پاڪستان جي ائٽم بم ٺاهڻ جا افواهہ عام ٿي ويا جنهن ڪري آمريڪا کي سخت خطرو محسوس ٿيو تہ

اهو عربن جي هٿ اچي ويندو ۽ اسرائيل خلاف استعمال ٿيندو. ان ڪري ڀُٽي کي چيو ويو ته تون ايئن نه ڪر پر هو انهن سان نه ٿيو ان ڪري آمريڪا چاهي پيو ته ڀُٽو نه هجي. ايتريقدر جو ان وقت جي آمريڪي پرڏيهي وزير هنري ڪسنجر جهڙي ماڻهوءَ صاف لفظن ۾ چيو ته: We will make a horrible example of him ڀُٽي جي خلاف جيڪا تحريڪ هلي پئي سا سڄي آمريڪا جي هلايل هئي. ٻاهران پئسو ۽ ماڻهو آيا هئا. سڄي اسڪيم ٻاهران ٿي آئي هئي. اسان جا سياستدان جيڪي پاڻ کي تيس مار خان ٿا سڏين تن آمريڪا جي ايجنٽ ۽ آمريڪي آلهءِ ڪار جو ڪردار ادا ڪيو.

- *اسانجي ملڪ خاص طور سنڌ ۾ ڪهڙي قسم جا سياسي لاڙا ۽ سوچ حاوي آهي؟ توهان انهن جو تجزيو ڪيئن ڪندؤ؟*

** بنيادي مسئلو طبقاتي، اقتصادي ۽ معاشرتي آهي. سائنسي سوچ ته ايئن ٿي چوي ٿي. لينن پاڻ مڃيو آهي ته مذهب وڏي طاقت آهي. لينن قوميتن کي به قبول ڪندي انهن کي ايڏا حق ڏنا آهن جو وٽين ته روس سان شامل ٿين ۽ وٽين ته جدا ٿي وڃن. اهو ئي سبب آهي جو روس ۾ رهندڙ مختلف قوميتن کي پنهنجو ڪلچر، پنهنجي زبان ۽ پنهنجون روايتون قائم رکڻ لاءِ آزاد ڇڏيو ويو. ته قوميت به وڏي طاقت آهي ته مذهب به انهن کان انڪار نٿو ڪري سگهي. هن وقت سنڌ ۾ مذهبي ۽ قومي لاڙا آهن جن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي ۽ انهن جي مخالفت ڪري ڪامياب ٿي نه سگهبو. انهن پنهي جي وجود، حقيقت ۽ طاقت کي قبول ڪري پنهنجي حق ۾ استعمال ڪرڻو پوندو. قوميت جو مسئلو نهايت اهم آهي. هن وقت جيڪو ترقي پسندي وارو نظريو آهي تنهن کي به قوميت وارو نظريو چئي سگهجي ٿو. باقي ايئن چئون ته: Workers of the world unite (دنيا جو پورهيتو متحد ٿيو) پنهنجي جاءِ تي صحيح ته آهي پر عملي لحاظ کان ناقابل عمل آهي. آمريڪا ۽ انگلينڊ جو ورڪر اسان سان ڪيئن اتحاد يا ٻڌي ڪندو ڇاڪاڻ ته اُهي بينڪيت پسند، بينڪيت جا حامي ۽ سرمائيدار آهن. هنن جو پورهيت به سرمائيدار ۽ بينڪي ٿي ٿو وڃي ڇاڪاڻ ته سندن لُٽ مار ۾ اُهي به حصي دار آهن. اُتانجو پورهيت ڪار به رکي ٿو فرج به رکي ٿو ۽ ٽي.وي به رکي ٿو. تنهنڪري هو ان کي ڇڏڻ لاءِ ڪڏهن به تيار نه ٿيندو ۽ دنيا جي پورهيتن سان ڪڏهن به اتحاد نه ڪندو. سو ان حقيقت کان انڪار نه ڪري سگهبو ان ڪري ان نعري ۾ ترميم ڪرڻي پوندي. اهڙي طرح سان پنجابي ورڪر جيڪي پورٽ ٽرسٽ، پورٽ قاسم، پي آءِ اي، ڪسٽم ۽ اسٽيل مل تي قبضو ڪري ويٺا آهن سي اسان سان ڪيئن اتحاد ڪندا يا پنجابي هاري جيڪي گڊو بئراج، ڪوٽڙي بئراج ۽ سانگهڙ جي زمينن تي قابض آهن سي توهان سان ڪيئن اتحاد ڪندا جڏهن ته سنڌ جي انهن زمينن تي سنڌي هارين جو حق آهي. سو پنجابي هاري



Gul Hayat Institute

توهان سان اتحاد نہ ڪندو. تنهن ڪري قوميت جي نظرئي کي غلط قرار ڏئي نٿو سگهجي ۽ نہ ئي رد ڪري سگهجي ٿو بلڪ اُن نظرئي کي ضرور ڪٽڙو پوندو ۽ اُپارڻو پوندو.

- *موجوده تحريڪ جي پس منظر ۾ مستقبل لاءِ ڪهڙي توقع رکي سگهجي ٿي يا اسانجي سياسي لاڙن ۾ ڪهڙي تبديلي آئي آهي ۽ اچي سگهي ٿي؟*

** اسان جو شاگرد جاڳي پيو آهي، اسان جو شاعر جاڳي پيو آهي ۽ اسان جو هاري جاڳي پيو آهي تنهنڪري مستقبل ۾ اهي ئي اسانجا هٿيار آهن.

- *سنڌ جو مستقبل توهان ڪيئن ٿا ڏسو؟*

** سنڌ جو مستقبل سنڌ جي نوجوانن جي هٿ ۾ آهي _ مزدورن ۽ شاگردن جي هٿ ۾ آهي ۽ دانشورن جي هٿ ۾ آهي. بلڪل اسان کي هنن مان تمام وڏي اُميد آهي.

- *هڪ نظرياتي ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ توهانجو پنهنجي فرزند بدر ابڙي جي گرفتاري تي ڪهڙو رد عمل آهي؟*

** بدر ابڙي کي ٻين کان جدا نٿو ڪري سگهجي. هر ڇوڪرو ۽ هر نوجوان اسانجو پنهنجو فرزند آهي. باقي جيستائين گرفتاري جو تعلق آهي تہ گرفتاري بذات خود ڪنهن مسئلي جو حل ناهي. گرفتاري ڏيڻ تمام غلط آهي. اُهو ڪارڪن، سياسي ڪارڪن يا اُهو انقلابي جيڪو گرفتار ٿئي ٿو سو ناڪام آهي ان حد تائين ان ڪري هن کي گرفتار ٿيڻ کان هر حالت ۾ بچڻ گهرجي. جيڪو گرفتار ٿئي ٿو اُهو غلط آهي ۽ هن غلطي ڪئي آهي ۽ ڪيس پنهنجي ان غلطيءَ جو تجزيو ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ ماڻهو جيل ۾ ويهي ڪجهہ نٿو ڪري سگهي البت ٻاهر ويهي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري سگهي ٿو. جيل ۾ وڃڻ يا جيل ۾ ويهڻ ڪا ڳالهہ ڪانهي. هيءَ بہ هڪ لحاظ کان داخليت وارو مسئلو آهي تہ هو جيل ۾ ويهي داخلي طرح سوچين ٿا تہ ماڻهو اسان کي هيرو سمجهندا يا اسانجي ساراهہ ڪندا تہ شاباس هجي هنن کي! اهو بلڪل غلط رجحان ۽ غلط نظريو آهي. جيئن هڪڙي سپاهيءَ کي گرفتار ٿيڻ نہ کپي تيئن هڪ سياسي ڪارڪن کي بہ گرفتار نہ ٿيڻ کپي جيڪڏهن هو گرفتار ٿين ٿا تہ نہ اُهي سپاهہ گيري جي لائق آهن ۽ نہ وري سياست جي لائق آهن. باقي 'بدر کي وڏي شاباس هجي جنهن جي لاءِ ڪيس مبارڪون ڏئي سگهجن ٿيون تہ هو جيل ۾ وڪرجي نہ ويو آهي. هن نہ رڳو انهيءَ کي بهادري سان منهن ڏنو آهي پر develop ڪيو اٿائين. نہ رڳو هن پاڻ کي پر ٻين جي جذبي کي بہ develop ڪيو آهي. وڌ ۾ وڌ سوچيو اٿائين، سمجهيو اٿائين، وڌيڪ پختو ٿيو آهي، پڙهيو اٿائين، لکيو اٿائين، تعلقات وڌايا اٿائين ۽ تجربو وڌايو اٿائين. تہ اهي سندس هاڪاري پهلو بہ آهن جنهن لاءِ بدر کي شاباس هجيس. هن جيل ۾ وڃي وڪرجڻ ۽ بددل ٿيڻ بدران صورتحال کي مڙسان مڙسي سان منهن ڏنو



Gul Hayat Institute

آهي.

- *سنڌ جي نوجوانن لاءِ ڪو پيغام؟*

** عشق ناهي راند، جيڪي ڪيڏن ڳيرو
سِسي نيـزي پـاند، اُڇـل تـہ آڏ ٿـئي.

- *اوهان ننڍپڻ کان هن وقت تائين ڏاڍي ڀرپور زندگي گذاري پر وري بہ ڪي اهڙيون ڳالهيون يا ڪي اهڙا عمل جيڪي توهان کان رهجي ويا هجن جن کي انجام ڏيڻ جي توهان کي تمنا هجي؟*

** منهنجي چاهنا اها آهي تہ مان تحريڪن جي بلڪل وچ ۾ هجان. مهاڙي واري جتي ۾ هجان پر حالتن جي مجبوري جي ڪري ايئن نہ ڪري سگهيس ۽ اها تمنا پوري نہ ٿي.

- *مستقبل ۾ توهانجو ڪجهہ لکڻ جو ارادو آهي؟*

** خيال اٿم تہ جيڪي تجربا ڏٺا اٿم يا جيڪي يادگيريون آهن سي آتم ڪهاڻي يا ڪنهن ٻئي نموني لکي ڇڏجن. جيئن توهان کي شايد ٻڌايم تہ سياسي ڪوڙن ۽ تاريخي ڪوڙن جي باري ۾ ڪجهہ لکجي. اها سوچ اٿم پر جي لکي سگهيس تہ لکندس.

- *توهانجي ڪتاب پشو پاشا جو انتساب ”تنهنجي نالي، تنهنجي نالي، تنهنجي نالي، تنهنجي نالي _ تنهنجو جمال“ ڇا توهان کان پڇي سگهون ٿا تہ اهو ڪنهنجي نالي آهي؟*

** پلي پڇو اڪين تي پڇو لک دفعا پڇو. اهو انهيءَ ۾ لکيل آهي. اهو نالو بہ لکيل آهي تہ اهو ڪروڙين عوام جي نالي آ. اڇو هن ڪتاب جو پويون صفحو پڙهي ڏسون ان ۾ لکيل آ تہ هن ۾ ڪا ڇوٽي موٽي عشق جي ڳالهہ ڏنئي، پلا منهنجو پيار ڪو ڀڃي ٻوڙيا گڏي ٻوڙ تہ ڪونہ هو تارون تار هو اٿاهہ سمنڊ هو. بس پيار ٿي پيار هو اُتي مون ڪروڙين دليون لُڙهندي ڏٺيون ڦٽيل ۽ ڦٽڪيل. انهن سان پيار ۽ توسان پيار ۾ ڪو فرق؟ پيار پيار سان مليو روئي روئي مليو هنجون هاري مليو جوش ۾ آيو اُپاميو. لهرون آيون. ڇوليون آيون. وير چڙهي اڳتي وڌي ڪاهي آئي، وڌندي رهي. بہ چار ڦڙا ڪٽي مان توڏي پڳس. ڪروڙين دلين جو نچوڙ توکي ڏياڪريم. توکي ٻڌايم. پيار جو سمنڊ ڪاهيندو اچي، ڪوڙ ۽ ڪلفت کي ٻوڙيندو اچي. پيار وارا مرڪڻ لڳا آدرياءَ ڪرڻ لاءِ. تون سندس آجيان نہ ڪندين؟ آءُ تہ تنهنجي قربت ۾ هيءَ رباب وڄندو رهي_ سونهن ۽ سڳنڌ کي نکيڙيندو رهي. ٽٽل تارن کي جوڙيندو رهي، وسريل نغمن کي ڳائيندو رهي. هيءُ تہ عام کي سڏ آ، ڪروڙين عوام کي سڏ آ. مون پنهنجي ٻاخليت کي ٻوڙي ڇڏيو. مان تہ داخليت جو سخت مخالف آهيان. اسان پيڙائون ڏٺيون ۽ تڪليفون ڏٺيون آهن پر اسان عشق کي ڪٽي انهن کي ٻوڙي ڇڏيوسين. هتي بہ سوين ڪروڙين دليون اهڙيون آهن جن

تڪليفون ڏنيون آهن. ڦٽيل ۽ ڦٽڪندڙ تنهنڪري اڇوته انهن سان ملي اڳتي وڌون ۽ پيغام ڏيون. پرهه جو پيغام ڏيون. ڪا چڱي ڳالهه آڻيون ڪو هڳاءُ پئدا ڪريون. هيءُ ڪروڙين عوام جي نالي آهي ۽ جمال عوام جو ٿي آهي. مان آخري پئرا وري ٿو پڙهان. آءُ ته تنهنجي قربت ۾ هيءُ رباب وڄندو رهي. سونهن ۽ سڳنڌ کي نکيڙيندو رهي، ٽٽل تارن کي جوڙيندو رهي، وسريل نغمن کي ڳائيندو رهي. تنهنجي نالي، تنهنجي نالي، تنهنجي نالي، تنهنجو جمال. بدر جو شعر آهي:

جيون چاهي، جيون چاهي، گل گلابي زخمي آهي،
سوچون سوچون تاجي پيتو رنگ برنگي رنگ برنگي ريشم آهي.

Gul Hayat Institute

# ادب ۽ اديب

ادريس جتوئي

*(جمال ابڙي صاحب جو هيءُ انٽرويو سنڌس ڪراچيءَ واري رهائشگاهه تي 19 ڊسمبر 1993 تي ايم. اي جي مونوگراف جي سلسلي ۾ ورتو ويو هو جنهن ۾ جمال صاحب پنهنجين ڪهاڻين جي ڪردارن ۽ اُنهن جي ٻوليءَ جي باري ۾ حقيقي ڳالهيون بيان ڪيون آهن. هيءُ رڪارڊ ڪيل انٽرويو پڙهندڙن لاءِ جيئن جو تئين هت ڏجي ٿو.)*

- *اوهان پهرين ڪهاڻي ڪڏهن لکي ۽ ڪهڙين حالتن ۾ لکي؟*

** ڪهاڻيون تہ سرجنديون رهنديون آهن. ماڻهو سڄي عمر ڪهاڻيون ٻڌائيندو رهيو آهي. اِهو جڏهن پٿر جي دؤر ۾ هوندو هو تڏهن بہ ڪهاڻيون ٻڌائيندو هوندو تہ مون اڄ هيئن ڪيو ۽ اڄ هونئن ڏٺو. ڪهاڻيون تہ ماڻهوءَ جي ذهن ۾ آهن ئي آهن ۽ رهنديون پيون اچن ۽ دنيا جي هن ڪينواس تي جيڪي وهي واپري پيو اهو بہ پيو ڏسجي، تنهن ڪري اهو مواد ڪنو تيندو ٿو وڃي. پوءِ ڪنهن بہ وقت ڪو اهڙو واقعو ظاهر ٿئي ٿو جنهن کان هو متاثر ٿي لکي ٿو.

مون کي يادگيري آهي تہ مون پهرين ڪهاڻي لکي: "هو حر هو". منهنجي پهرين ڪهاڻي اها هئي. انهن ڏينهن ۾ منهنجو پيڙهو عبدالحق وڪو ڊي ايس پي ٽنڊو محمد خان هو. انهيءَ کي ميري نظاماڻي کي مارڻ جي ڊيوٽي ڏني وئي هئي ۽ مشهور ڌاڙيل ڦل ماڇيءَ کي بہ مارڻ جي ذميواري ڏني وئي هئي. سو ڦل ماڇيءَ کي بہ مارياءئين ۽ ميري نظاماڻيءَ سان بہ، سنڌس وڏو مقابلو ٿيو هو مون کي بہ وٺي ويو پر ميرو نڪري ويو. ٻيا ڌاڙيل هئا. هڪڙو منٺار ۽ ٻيو جنهن جو نالو وسري ويو آهي. انهن کي ماريو ويو. ميرو نظاماڻي مشهور ڌاڙيل ۽ حر هو. انهيءَ کي جڏهن مارياءئين. مون کي اهو مواد ذهن ۾ هو پوءِ اهو لکي ڇڏيو تہ ماڻهو ڌاڙيل ڇو ٿو بڻجي ۽ ڌاڙيل بڻجڻ ۾ هن جي ڪا رضا ۽ خوشي شامل نہ آهي. حالتون آهن، جيڪي هن کي مجبور ڪري ڌاڙيل بنائين ٿيون ۽ جي هو چڱو ٿيڻ چاهي ٿو تہ هن کي موقعو نٿو ڏنو وڃي.

- *اوهان جي ڪهاڻي ”هوحرهو“ ۾ خيرو خاصيخليءَ جو جيڪو ڪردار آهي، اهو فرضي نالو آهي يا حقيقي ڪردار آهي؟*

** ميري نظاماڻي جي بدران خيرو خاصخيلي لکيو هوندم. نالو مٽائي لکيو هوندم، خان صاحب کي روليڪس واچ انعام ۾ بہ ملي هئي، جنهن تي پنيان لکيل هو تہ ميري نظاماڻيءَ کي مارڻ جو وڏو ڪارنامو ڪيو آهي.

- *ڪهاڻيون لکندي، اوهان جي تخليقي ڪيفيت ڪهڙي هوندي آهي؟*

** ڪيئي حالتون ٿين ٿيون، ڪا بہ ڳالهہ چٽي نہ ٿي سگهجي. مثلن بدمعاش ڪهاڻي، جيڪا مون لکي، منهنجي ذهن ۾ بہ ڪا نہ هئي، مان اسٽوڊنٽ هوس يا اهو دور پورو ٿيڻ وارو هو. ڪراچيءَ کان لاڙڪاڻي ڳوٺ وڃي رهيو هوس. ٽرڊ ڪلاس گاڏي ۾ سفر ڪندا هئاسون. ٽرڊ ڪلاس ۾ ڏاڍي رش هئي. مون کي پريشاني ۽ تڙپ ذهن ۾ هئي ۽ دل کي آرام نہ اچي رهيو هو سو ٻين مسافرن کي درخواست ڪيم تہ مٿين سيٽ تان سامان ٿورو پرڀرو ڪيو تہ اتي مان ليٽي پوان. مان ليٽي پيس ۽ پنا ڪڍي لکڻ شروع ڪيم. سيني چيو تہ هن ويچاري کي ڪو ڪم ڪرڻو هو. چڱو ٿيو جو وڃي مٿي سٽو تہ مون سڄي بدمعاش ڪهاڻي ريل ۾ لکي. پوءِ سيني پڙهڻ کان پوءِ چيو تہ اها ڪهاڻي چڱي آهي. تہ ائين ٿئي ٿو ماڻهوءَ جي ذهن ۾ سوين ڳالهيون اڳ ۾ ئي آهن. ماڻهو انهن ڳالهين کي قبوليندو ۽ نتيجا ڪڍندو آهي. نتيجن تي پهچڻ کان پوءِ ڪا بہ ڳالهہ تي پوي ٿي، تہ ماڻهو لکي ٿو.

- *بدمعاش جي حوالي سان محمد ابراهيم جويي ۽ موهن ڪلپنا جي تنقيد آئي تہ بدمعاش ڏاڙيل جو ڪردار آهي، ان کي جڏهن پنهنجو بار ياد اچي ٿو يا پڇاڻيءَ تي جيڪي واقعا پوليس جو تشدد وغيره ٿين ٿا اهي غير ضروري آهن. موهن ڪلپنا جي راءِ آهي تہ اتي ڪهاڻيڪار پاڻ ڳالهائڻ لڳي ٿو ۽ ڪهاڻي نٿي ڳالهائي؟*

** هر جاءِ تي ڪهاڻيڪار پاڻ ڳالهائي ٿو ڪٿي ڪهاڻيڪار پاڻ نہ ٿو ڳالهائي. هر جاءِ تي پاڻ ڳالهائي ٿو. مطلب اهو تہ Message يا نياپو تہ پهچائجي نہ. ڪردار جڏهن چڱو ٿيڻ چاهيو ۽ چڱائي غالب اچي وئي تہ گرفتار ٿي ويو. پر سرڪار بہ تہ هن کي ڇڏي نہ ! سرڪار جو انڌو قانون آهي، انهيءَ کي مان ڪاڏي ڪريان. جويي صاحب کي بہ مون اهو لکيو تہ قانون ۾ جيڪا انڌي رنڊي آهي ۽ لنگڙو جمعدار يعني جيڪا ڪامورا شاهي آهي، تنهن کي ڪاڏي ڪريون. انهن جيڪا جيل ۾ هن چڱي ماڻهوءَ سان جٽ ڪئي، اها مان لڪائي ڪيترو لڪايان. انهيءَ ڪري مون سڀ ڳالهيون لکيون تہ ماڻهوءَ کي خبر پوي تہ اصل ڏوهاري ڪير آهي – جويي صاحب پوءِ اها ڳالهہ قبول ڪري شامل ڪئي. مون جويي صاحب کي لکيو تہ اها تنهنجي مرضي، جي ٽڪرو ڪڍي ڇڏين تہ پلي ڪڍ-

Gul Hayat Institute

چڱي، پر هن شامل ڪري ڇڏي. وري پاڻ ئي هڪڙي ڪهاڻي "مهرباني"، جنهن جي پڇاڙي ڏاڍي سٺي ٿي وئي هئي، ته هن ڇوڪريءَ جي ڪردار چيو ته "اها توهان جهڙن صاحبن جي مهرباني آهي." اتي مون ختم ڪئي ۽ هينئين جيڪو ٽڪرو لکيل آهي ۽ پوءِ اسان کي ائين محسوس ٿيو ڇڻ اسان ڪنهن گند تي ڪيڙا هٿاسون مون ڪڍي ڇڏيو هو ته جويي صاحب لکيو ته اهو ٽڪرو اوهان ڇو ڪڍيو. مون چيو ان سان ڪهاڻي سٺي نه ٿي لڳي. ڇو ته نتيجا ڪڍڻ ماڻهوءَ جو پنهنجو ڪم آهي — ته جويي صاحب چيو ته اسان جي ماڻهن جو اجا ايڏو شعور بلند ناهي ٿيو تنهن ڪري مان اها پڇاڙي ڏيان ٿو. پاڻ ئي ان پنهنجي ڳالهه کي Contradict ڪيائين.

- *ورهاڱي کان پوءِ جي سنڌي ڪهاڻيءَ جو اوهان کي باني چيو وڃي ٿو اوهان کان اڳ امر لعل هنڱوراڻي، آسانند مامتورا، نادر بيگ مرزا ۽ ٻيا رهيا آهن. پر نئين سنڌي ڪهاڻي باقاعدي جيڪا جديد شڪل اختيار ڪئي آهي، اهو اوهان جو ڪارنامو آهي. پر ڪجهه نقادن جي راءِ آهي ته اياز قادري نئين سنڌي ڪهاڻيءَ جو باني آهي؟*

** اياز قادري نه، منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن ڪو موجوده سنڌي افساني جو باني آهي ته اهو اياز شيخ آهي، ان جو ڪتاب سفيد وحشي توهان پڙهيو هوندو يا پيون ڪهاڻيون لکٽي وغيره، تمام لاجواب ڪهاڻيون آهن. منهنجي خيال ۾ جديد دور جي ڪهاڻي جو باني شيخ اياز آهي، هو وڏو شاعر بڻجي ويو ان ڪري هن جي مضمون نويسيءَ ۽ افسانه نويسي وارو پهلو جهڪو ٿي ويو نه ته هو جديد ڪهاڻي جو باني آهي، پوءِ رباني، پوءِ مان ۽ اياز قادري آهيون.

- *توهان شروع ۾ لکڻ وقت شعوري طرح ڪنهن ليکڪ جي اسٽائيل کان متاثر ٿيا يا اوهان پنهنجو اسٽائيل تبديل ڪيو؟ هڪ راءِ اها به آهي ته اوهان جي ڪهاڻين تي گورڪي ۽ هينري جيڪ لنڊن جو اثر آهي؟*

** ها سڀ ائين چون ٿا. دوستن به مون کي ائين چيو هو. مون چيو ته ادا مون نه هينري پڙهيو آهي، نه ڪو وري جيڪ لنڊن پڙهيو آهي. مون ته پنهنجا سنڌي ڪهاڻيڪار پڙهيا آهن. امر لعل هنڱوراڻي پڙهيو آهي، ٽئگور پڙهيو آهي. ٽالسٽاءِ پڙهيو اٿم سي به انگريزيءَ ۾ نه سنڌيءَ ۾ ترجمي سان. ان زماني ۾ بابي سائينءَ وٽ ڪتاب تمام گهڻا ايندا هئا. انهن مان ڪهاڻيون پڙهندو هوس. مون تي جيڪڏهن اثر آهي ته منشي پريمچند جو، ٽالسٽاءِ ۽ ٽئگور جو. ٽئگور جون ڪهاڻيون عاليشان هيون. "ڪابولي والا ۽" ٻيا ڪتاب وغيره مون پڙهيا. مون انگريزي ليکڪ نه پڙهيا هئا بعد ۾ پڙهيا هوندم، پر جڏهن مون ڪهاڻيون لکيون ته اهي ڪو نه پڙهيا هئم.

- *ائين ناهي ته منشي پريمچند تي انهن مٿين انگريز ليکڪن جي اسٽائيل جو*



Gul Hayat Institute

*اثر هجي ۽ اوهان به ان کان اثر ورتو هجي؟*

** منشي پريمچند ۾ بين ليکڪن جي سچائي، اخلاص ۽ مسئلن تي پهچڻ جي ڳالهه ۾ ماڻهن سان همدردي اها ڏاڍي اثر ڪندڙ آهي، باقي اسٽائيل ته منهنجي پنهنجي آهي، جيڪا ٻئي ڪنهن نه اپنائي آهي. منهنجي خيال ۾ ته منهنجي ڪهاڻيءَ نه پر اسٽائيل ئي ته ماڻهن کي متاثر ڪيو. ڇاڪاڻ ته منهنجي اسٽائيل ۾ جوش، جذبو آهي، تيزي، تندي، ڪاوڙ غصو اهي سڀ عنصر آهن. بري تي بڇ جيڪڏهن ڪجي اها سنئين سڌي آهي. ان اسٽائيل جي ڪري ئي مان ڪامياب ٿو وڃان. باقي هونئن ته ڪهاڻيون لکڻ وارا پيا به گهڻا آهن. ٽئگور منشي پريمچند ۽ ٽالسٽاءِ ته وڏا ڪهاڻيڪار آهن، جن کي مون ننڍي هوندي ٻاراڻيءَ عمر ۾ پڙهيو. چڱائيءَ جي تائيد ڪريو ۽ برائيءَ جي مخالف ڪريو اها ضروري آهي. اخلاص هجي، سچائي هجي ۽ اهو جذبو هجي ته برائيءَ جي مخالف ڪرڻي آهي ۽ چڱائيءَ جي حمايت ڪرڻي آهي. اهو ماڻهو چڱو ٿي سگهي ٿو.

- *توهان جي ڪهاڻين جا جيڪي ڪردار آهن، اهي اوهان جي ذهن جي تخليق آهن يا اهي سماج ۾ حقيقي وجود رکن ٿا؟ اوهان جن ڪجهه ڪردارن جي باري ۾ اها راءِ به آهي ته اهي غير فطري محسوس ٿين ٿا ڇو ته عملي زندگيءَ ۾ ائين نه ٿيندو آهي؟*

** منهنجي خيال ۾ منهنجا سڀ ڪردار زندگيءَ سان وابسته آهن، ڪو به ڪردار زندگيءَ کان ٻاهر ڪونهي سواءِ هڪڙي پشوپاشا جي، پر ان ٽائيپ جا ليڊر جيڪي ماڻهن کي ساڻ ڪيو وتن، اڳين سان اوهان به ڏٺا هوندا، ماڻهن جا ڪم ڪريو. پنج پنج روپيا درخواست تي وٺي ڪامورن انجنيئرن ۽ مختيار ڪارن وٽ ماڻهن جا ڪم ڪرائيندا وتن. اها ليڊر شپ ته ڪامياب نه ٿيندي هاري پارٽيءَ ۾ به اهڙا ليڊر هئا ۽ مون هاري پارٽيءَ ۾ گهڻو ڪم ڪيو آهي. حيدربخش جتوئيءَ سان نذير جتوئي سان ۽ ڪامريڊ عبدالقادر سان. مون کي ڪاوڙ هئي، انهيءَ تي ته صحيح ليڊر شپ عوام پيدا ڪري، ٻئي طبقي مان جيڪو ليڊر ايندو سو ته رڳو پنهنجو فائدو ڳوليندو يا مان ليڊر ٿيان يا پئسا ڪمايان. جيئن عبدالواحد سومرو اسان وٽ لاڙڪاڻي ۾ هوندو هو. اهو وڏو ڪروڙپتي ٿي ويو. هينئر ڪراچيءَ ۾ جام صادق جي بنگلي جي پرسان بنگلو اٿس پاڻ مري ويو آهي – ته پشو پاشا به غير فطري ڪونهي. ڀهراڙيءَ جا ماڻهو اهڙا به آهن، جيئن سنڌيءَ جا چرچا آهن. سي مون لکيا آهن. مثلن هن جو چوڻ ته : ڇو ڇهڙي جو گلاس آ ! اڄا تائين ڀهراڙيءَ جا ماڻهو چوندا آهن.

- *شاهه جو ڦر جي پڄاڻي ته ڪجهه ماڻهن جي راءِ اها آهي ته اها ايڏي ڳالهه نه هئي، جو هڪ ڇوڪريءَ جي ڇيڙائڻ تي شاهه ايڏو ردعمل ڪري ۽ مريم کي لت هڻي؟*

** شاهہ ايڏو رد عمل ڪن ٿا. هاڻي سيد ڏڍرا ٿيا آهن، باقي اڳي تہ سيدن جي توہين هوندي هئي. تڏهن سيد ماڻهن کي گاريون ڏيندا هئا. اوهان چرچو عام ٻنڌي ۾ ٻڌو هوندو تہ سيد ڪنهن ماڻهو کي گاريون ڏيون ۽ چيائين سيد زبان سنڀالي ڳالهاءِ ذات ٽٽي ٻچڙي نہ تہ مان بہ الائي جي چا ڪيان؟ ذات کي گار ڪير ڏئي. اهو ويچارو مجبور هو سيد ذات ٽٽي ٻچڙي نہ تہ مان بہ تاهوڪو جواب ڏيانءِ. سيد تہ ائين ڪندا هئا. هو پاڻ کي وڏي مخلوق سمجهندا هئا ۽ اهڙو واقعو ٿيو هو. اسان جي لاڙڪاڻي جي محمد پور محلي ۾ هڪڙو سيد هو. تنهن کي نياڻي هڪڙي ڇوڪري ”ماما“ ڪري سڏيندي هئي، پوءِ سيد ڪاوڙ ۾ ان کي جتي اچلي هنئي، مٿي ڪا نہ هئي. لت جو لڳس ڇوڪري وچي پري پئي. اها ڳالهہ ٻڌڻ ۾ آئي. بس ايتري هئي، پوءِ مٿي ڪاِ نہ هئي، نہ ڪو ڪا ٻي ڳالهہ ٿي هئي، پر ڳالهہ تہ جڙي ٿي وڃي.

- *پيراڻي جو ڪردار عملي زندگي ۾ اوهان ڪيئن ڏٺو؟*

** پيراڻي مون پاڻ ڏٺي، اسان جي ڳوٺ ۾ پرٽيل هوندي هئي ۽ امان ٻڌائيندي هئي تہ ٻروچ بروهي هن کي وڪٽي ويا آهن. پر مون اها ڳالهہ ٻڌي ۽ ڪهاڻي لکي.

- *اوهان ان ٻڌي ڳالهہ تي ڪهاڻي ۾ ايڏا احساس پريا آهن؟*

** ها، احساس پرجي ٿا وڃن، اهي ماڻهوءَ جا پنهنجا احساس آهن. احساس پرجي ٿا وڃن، تہ ماءُ ٻارڙي کي ڪيئن وڪيو هوندو، ڇو وڪيو هوندو. بروهي تہ مون ڏٺا، ايندا هئا ويچارا لڏون وني، جڏهن اچي ڪمائيندا هئا، ڪمائي هليا ويندا هئا. ڇاڪاڻ تہ جبل ۾ ٻک هوندي آهي ۽ ڏڪار هوندو آهي. ويچارا لڏي ايندا آهن. سنڌ ۾ اٽ هوندا آهن. ڪاٺيون ڪٽيندا آهن، پوءِ چار پئسا ڪمائي وري هليا ويندا آهن.

- *اوهان جي هڪ ڪهاڻي ڪارو پاڻي ۾ پوڙهي سومر جو ڪردار آهي؟*

** منهنجي ڳوٺ ۾ هڪڙو ويچارو پوڙهو سومر هوندو هو ڪٽ تي وينو هوندو ۽ سڄو ڏينهن ڪانو پيو تڙيندو هو ان جي شڪل مون کي ياد آهي. هڪڙي دفعي پڇومانس، چاچا خوش آهين؟ سڀ ڪو پيو پڇندو هوس. چي ”ابا ڪٽ چڙهئي ماني تي ملي اچا پيو چا کپي.“ ماني ملڻ تنهن زماني ۾ تمام وڏي ڳالهہ هئي.

- *ڪهاڻي ۾ ٻوڏ جو جيڪو پس منظر آهي؟*

** مون ٻوڏ جون ڳالهيون ٻڌيون هيون، ماڻهن کان، وڏن کان، ماءُ کان ۽ ٻين کان تہ ڪيئن ٻوڏ آئي، پوءِ ڪيئن نانگ بلائون نڪري پوندا هئا. ماڻهو اچي بندن تي ويهندا هئا پوءِ وري ڳوٺن ڏي هليا ويندا هئا. پوءِ ٻک ۾ پن ڪائيندا هئا ڪٻڙن جا ۽ ٻين وڻن جا! اهي ڳالهيون سڀ ٻڌل هيون، پوءِ اهي سڀ ذهن ۾ نڪري ٿيون پون. پوءِ سومر ويچارو هرويرو جو اچي ويو.

- *ٻي توهان جي ڪهاڻي خميسي جو ڪوٽ آهي جنهن ۾ ملان ۽ ٻار جو ڪردار آهي؟ انهن ڪردارن جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌايو؟*

** مون کان امر جليل پڇيو هو ته توهان جي هر ڪهاڻي ۾ ٻار آهي، اها ڳالهه چا آهي. مون چيو ٻار ته زندگي آهي. حضور صلعم جن فرمايو ته جيڪو ٻارن کان ۽ گلن کان محروم آهي، سو زندگيءَ کان محروم آهي. ٻار ته زندگي آهي.

- *ملا جو به ڪردار آهي؟ ڪجهه ماڻهن جي راءِ به آهي ته جمال پاڻ به ڪهاڻين ۾ ڪردار جي شڪل ۾ موجود آهي؟*

** ملان ته مان ڪو نه آهيان، پاڻ مون تي ليبل لڳل هو ته دهريو آهي. حالانڪه مان ڪڏهن به دهريو ڪو نه رهيو آهيان. مون تي اهو به ليبل رهيو ته هيءَ دهريو آهي ڪافر آ، هيءَ ڪميونسٽ آ، مان نه ڪميونسٽ هوس، نه ڪافر ۽ نه ئي وري دهريو هوس. مان ته ملان ڪڏهن به نه رهيو آهيان. البت ڳالهه تي هئي ته ڪاليج ۾ جڏهن پڙهندا هئاسين ته بحث مباحثا ٿيندا هئا ته ان ۾ ڇوڪرا چوندا هئا ته چڱائي ماڻهو ڪري، جيڪڏهن ڪو ماڻهو زميندار، شاهوڪار يا سرمائيدار آهي جي اهو به چڱو هجي ته سٺو آهي، ۽ اخلاق معاشري کي سڌاري ٿو سگهي. مان چوندو هوس ته ان طبقاتي جهڳڙي جو اهو حل ڪو نه آهي. سو اسان مان هڪڙو ڇوڪرو زميندار هوندو هو اهو چوندو هو ته مان توهان کي ڪري ڏيکاريندس، ڇا آهي پوءِ جي زميندار چڱو هجي ته چڱائي تي پوندي. ان ڳالهه جي ضرورت ڪا نه آهي ته هروڀرو زمينداري ختم ڪجي. باقي جي زميندار چڱو آ ته چڱائي ٿي سگهي ٿي. پر معاشرو به ڪرڻ ڏئي نه. هن جي اها ڳالهه ڪاليج جي زماني واري منهنجي ذهن ۾ هئي پوءِ مان جڏهن ڳوٺ ۾ اچي رهيو هوس ته سخت سياري ۾ صبح جو جڏهن مان سوير نڪرندو هوس، تڏهن نماز ڪو نه پڙهندو هوس. نماز جي ڳالهه ته ائين ڪهاڻي ۾ اچي وئي. تڏهن هڪڙو غريب خميسو هوندو هو خميسو ته نالو هن جو ڪو نه هو خان هن جو نالو هو اهو مينهون پيو چاريندو هو. تڏ ۾ پيرين اگهاڙو ڦاٽل قميص پئي هئس. تڏهن اتر ۾ اهڙو پارو پيو پوندو هو. جو الله پيو پناهه ڏئي. تن ڏينهن ۾ اسان پليٽ ۾ پارو جمائيندا هئاسين. اهو ڪردار هو. پوءِ ڪهاڻي اڳتي وڌي ته اهو ثابت ڪرڻو هو ته تون ڪيترو به چڱو ٿئين، ڏنار کي ڪوٽ به ڏئين، ان کي ڇا به ڪرينس، پر اهو ڪوٽ به ملو ڪٽي ويندو. پيا ڪٽي ويندا. هن کي ڪاڏو ڪو نه ملندو. زميندار هن کي حصو ڪو نه ڏيندو. ان عمل مان ورندو ڪجهه به ڪين. منهنجو مقصد اهو هو پر ڳالهه هلي وئي، تنهن ڪري Explanation جي ڏاڍي ڪا ضرورت ٿئي ٿي. پوءِ مون سوچيو ته ڪهاڻي جو طبقاتي حوالي کان Back Ground لکڻ ڪپندو هو هاسٽل ۾ شاگردن واري بحث مباحثي جو.

- *ته مٿيون طبقو پنهنجي نيچر نه ڇڏيندو؟*

** ها — اها ڳالهه ڪرٽي پوندي هئي. جوبي صاحب جي ڳالهه وانگر ماڻهو اسان جي ڳالهه سمجهن نه ٿا. ماڻهن کي سمجهائڻو پوي ٿو.

- *ان تي مون کي دين محمد جو ڪردار ياد اچي ٿو.*

** جنهن تي سائين سردار علي شاهه ڏي وٺ ڪئي. دين محمد جو ڪارو منهن نه ٿيو پر محمد دين جو...... ٿيو آهي ۽ چيائين ته جمال الهه ڏني ۽ پير ڏني جا نالا چاٽي واٽي ڏنا آهن. اها ته ڳالهه ڪا نه هئي. بهرحال مون کي اهو چوڻ جو برابر حق هو ته محمد جو دين اهو ته ڪونهي.

- *اهو ڪردار دين محمد جو ۽ گلاب جو اوهان ڪئين تخليق ڪيو؟*

** اهو هيئن ٿيو ته لاڙڪاڻي ۾ مون ڏٺو هو ته هڪڙي ماڻهوءَ کي منهن ڪارو ڪري گڏهه تي چاڙهي ۽ موچڙا هڻي شهر ۾ گهمايائون. هيڏو ظلم ڪيو ويو ان تي ڪو به ماڻهو ڪڇيو ڪو نه. ماڻهوءَ جي تذليل تي مون کي ڪاوڙ ٿي. انهيءَ ڳالهه جو پس منظر ڇا هو ان ڇا ڪيو هو اها مون کي خبر ڪا نه هئي. نڪو پڙ لاهڻ جي ڳالهه هئي، نه ڪو ڪا ٻي ڳالهه هئي. پوءِ ته ڪهاڻي ٺهي وئي. اهڙا واقعا ٿين ٿا. پوءِ واقعي کي ماڻهو ڪهاڻي بنائي ٿو ڇڏي.

- *توهان جي ڪهاڻي لاري، آهي، هن ۾ هڪ ڪنڊيڪٽر جو ڪردار آهي؟ اهو به توهان زندگي ۾ ڏٺو؟*

** لاريءَ ۾ سفر توهان به ڪيا آهن، اسان به ڪيا آهن. تن ڏينهن ۾ گرميون سخت هيون ۽ رش به ڏاڍي ٿيندي هئي. اهو ته منهنجو تجربو آهي.

- *پر ان ڪهاڻيءَ کي زندگي سان جيڪا پيٽ ڏني آهي؟*

** پڇاڙي جو جيڪو پيراگراف آهي اهو ته قرآن شريف جي آيت آهي ته اسان ائين ڪنداسون، پينڊي، پٽر، پوري ناس ڪنداسين. اهو سڄو قرآن شريف تان آهي.

- *ان کان پوءِ اوهان جي ڊگهي خاموشي کان پوءِ جيڪا سينڌ ڪهاڻي اچي ٿي، ان لکڻ وقت اوهان ڇا محسوس ڪيو جڏهن ته ان ۾ اوهان جي ٻين ڪهاڻين جي ڀيٽ ۾ فارميٽ جي تبديلي آهي. نواڻ به محسوس ٿئي ٿي؟*

** ڇا ڪاڻ ته وچ ۾ وڏو گيپ هو انهي ڪري. باقي فارميٽ جي تبديلي مون کي سمجهه ۾ نه ٿي اچي.

- *سينڌ ڪهاڻي جو پس منظر ڪهڙو هو؟*

** ڪارو ڪاري جا واقعا سڄي سنڌ ۾ ٿين ٿا. اهي ڪنهن کي به پسند ڪو نه ٿا اچن. ڪنهن کي ايندا هجن ته اها ٻي ڳالهه آهي. اسان کي نه ٿا پسند اچن. هڪڙو واقعو هيئن ٿيو ته واقعي مان ڪپري ۾ جج هوس ۽ تعلقي اسپتال منهنجي بنگلي سان لڳو لڳ هئي. صبح جو مان اتان ڪورٽ ڏي ويندي لنگهندو هوس. هڪڙي ڏينهن ڏٺم ته مائي سڄي ڇڳ وڍيل چوٽي سميت ڪٽيل اسپتال ۾ ٻاهر پئي هئي. مون کي ڏاڍو افسوس ٿيو هيءُ ڇا ٿيو. مائي جو مٿو ڪوڙايو ويو آهي. اهو ڇا ٿيو آهي. پوءِ شام جو پڇا ڪيم ته خبر پئي ته اهو ڪارو ڪاري جو ڪيس آهي، ڊاڪٽر پوسٽ مارٽم ڪرڻ کان اڳ ۾ مٿو ڪوڙيو ڏٺو ته مٿي تي ڪهڙا زخم آهن، اهو مشاهدو هو.

Gul Hayat Institute

- *اهو واقعو ڪڏهن جو هو؟*

❊❊ اها 1952ع جي ڳالهه آهي. مون 75 – 70 ۾ ڪهاڻي لکي.

- *توهان ان ڪهاڻيءَ جي سلسلي ۾ ڪنهن هنڌ لکيو ته جڏهن اسان جي ليکڪن جنس تي لکڻ شروع ڪيو. هوئڻ لکيو ته جنس هڪ مقدس ۽ بامقصد جذبو آهي. پر چشڪي خاطر جڏهن ليکڪن لکيو ته مون ان مسئلي کي نئون موڙ ڏيڻ لاءِ هيءَ ڪهاڻي لکي؟*

❊❊ ها ته بابا، جيڪي اصل مسئلا آهن سي ته اچن، باقي چشڪي خاطر جيڪي ليکڪ لکن ٿا ته اهو غلط آهي، جيئن ماڻڪ لکيو ٽڪندا ٺهيا پيا هئا چڻ چار پنج ٽنگون، ٽڪنبدي وانگر هونديون، اهو لکڻ جو کهڙو ضرور آهي، اگهاڙي تصوير ڏيڻ جو کهڙو ضرور آهي. بلو فلم ته ناهي. مسئلو ڇا آهي، ان تي لکو.

- *اياز قادري جو تازو انٽرويو ڇپيو ته جنهن ۾ هن چيو آهي ته اسان جو نوجوان ڪهاڻيڪار ان منزل تي نه پهچي سگهيو آهي، جنهن منزل تي ان جي دور جا ڪهاڻيڪار پهتا؟ ڪهڙي منزل، ڪهڙين ڳالهين جي کوٽ آهي نوجوانن ۾؟*

❊❊ جيڪا لکڻي تڙپ پيدا ڪري. مون اهو لکيو ۽ سمجهايو آهي. پشو پاشا جي آخر ۾ بدمعاش جيڪو آهي بلوداد ۽ شيدو ڏاڙيل کان ان ڪري مختلف آهي جو هو چپ ڪري نه ٿو ويهي. ڪجهه ته ڪرڻو آهي، انسان جيڪڏهن معاشري کان متاثر ٿي ۽ چپ ڪري ويهي رهي ۽ دبجي وڃي ته اهو غلط آهي. انسان ڪڏهن به چپ ڪري ويهڻ وارو نه آهي. انسان هميشه اُبري مٿي ٿو اچي. چپ ڪري ويهي رهي ۽ دبجي وڃي ته اهو غلط آهي. انسان ۾ بي حساب قوتون آهن هو ڪهڙي به مشڪل سان مهاڏو اٽڪائي سگهي ٿو. جيئن پشو پاشا ڪيو مون ڪهاڻين ۾ اهو پيغام ڏنو آهي ته انسان دبجي نه ٿو سگهي جيئن دٻائبو تيئن اهو اڀرندو. مهاڏو اٽڪائيندو آ ۽ نيٺ پنهنجي منزل ماڻيندو آ.

- *70 کان پوءِ جيڪا ڪهاڻي آئي آهي. ان ۾ موضوع توڙي ٽيڪنيڪ جي حوالي سان ڪافي نوان تجربا ٿيا، انهن نون تجربن مان اوهان ڪيتري قدر مطمئن آهيو؟*

❊❊ الائي ڪهڙا نوان تجربا ٿيا آهن.

- *شعور جي وهڪري ۾ ڪهاڻيون لکيون ويون آهن، مونولاگ ڪهاڻيون ۽ داخليت جا موضوع ڪهاڻيءَ ۾ اچڻ لڳا؟*

❊❊ اهي سڀ تجربا اسان جي دور ۾ ٿيا، پر اسان انهن تجربن کي پنهنجو نه ڪيو اها ڪا نئين ڳالهه ڪا نه هئي. فرينچ لٽريچر ۾ اها 50 سال اڳ جي پراڻي ڳالهه آهي، اسان پڙهي پر اسان ان کي پنهنجو نه ڪيو. ڇاڪاڻ ته اسان جي سماج ۽ اسان جي معاشري، اسان جي اخلاق، اسان جي ڪردار، اسان جي سوچ کان مختلف هئي، ۽ نه ئي اها اسان جي ڪم جي هئي، ان ڪري اسان انهيءَ کي نه

كنيو ائين تہ اسان صفا اڻ ڪورا چٽ تہ نہ هئاسون. اسان سارتر پڙهيوسين. ميڊم دي بوائر، ايمائيل زولا پڙهيوسين. ۽ ڊيگال کي پڙهيوسون، فرانس جا سڀ ليکڪ پڙهياسون. اهي لکڻ جا طريقا اسان ڏٺاسين پر اسان کي پسند نہ آيا. شعور جو وهڪرو وغيره اهي بيڪار ڳالهيون آهن. هڪڙو رائيٽر لکي ٿو تہ موضوع جي تلاش ۾ بس گهمندو ويس پوءِ وڃي هوٽل ۾ ويٺس، چانهہ جي گرم پيالي تي، سگريٽ جو سوٽو ابا انهيءَ جي ضرورت ڪهڙي آهي. چپي چپي تي، گراٽ گراٽ تي مسئلا پيا آهن، اهي توهان کي نظر ئي ڪو نہ ٿا اچن. توهان کي رڳو پنهنجي داخليت تي نظر اچي. توهان کي رڳو سگريٽ جو ڪش ۽ چانهہ جو ڪوپ ڪپي ۽ بس — اها ڳالهہ ڪانهي. مسئلا ماڻهن جا سوين، هزارين، لکين پيا آهن، ڪروڙين پيا آهن. منهنجو پياءُ ڪمال چوندو هو اهو پئسي وارو ماڻهو هوندو هو. چوندو هو تہ مون کي پنهنجو ڪو انقلابي ليکڪ ڏيو تہ مان پنجن ڏينهن ۾ قيرائي نہ ڏيانو تہ منهنجو نالو ڪمال نہ آهي. روز وسڪي پياريندو سانس،روز مرغي کارائيندو سانس ڏسو نہ ڳالهيون وساري ٿو ويهي. هنن ليکڪن جا مسئلا ٿي داخلي آهن نہ ڪي خارجي آهن. اهڙا ليکڪ رڳو پنهنجي اندر ۾ گم آهن.

- *جمال صاحب، سنڌي سماج ۾ ڪا اهڙي اٿل پٿل ۽ ڀيج ڊاهہ تہ نہ ٿي، جنهن معروضي صورتحال جي ڪري ليکڪ ان رجحان ۾ لاڙي ڏانهن متوجهہ ٿيا؟ خاص طور تي 70 کان پوءِ واري دور ۾؟*

** ها. سنڌي سماج ۾ ائين ٿيو. تعليم عام ٿي تہ ان ۾ وڏن ماڻهن جا پٽ بہ آيا، غريبن جا پٽ بہ آيا. غريب جي پٽ کي نہ ڪپڙو چڱو سواري چڱي، نہ ڪا لفٽ پوري ملي. ڪاليج ۾ چوڪريون بہ اچڻ لڳيون. مسلمان رڳو بہ چوڪريون هيون. هڪڙي فهميده شيخ، اسلم شيخ جي ڏيءَ هئي. اسلم شيخ، جيڪو نور محمد هاءِ اسڪول جو سيڪريٽري هو ۽ ٻي پنهور چوڪري هئي، جيڪا خانبهادر ڪهڙي جي سالي هئي. لاڙڪاڻي جي سڄي هاءِ اسڪول ۾ جتي پنج، ڇهہ سؤ شاگرد هئا، ان ۾ هڪڙي چوڪري هئي. ڊاڪٽر اشرف عباسي اسان کان وڏي هئي.

هاڻي تہ چوڪرين جو اچڻ شروع ڪيو انهن ڏٺو تہ چوڪريون تہ لفٽ ڏين ٿيون. ڪار واري کي، چڱن ڪپڙن واري کي ۽ جيڪڏهن ڪنهن سٺي هوٽل ۾ ماني ٿا کائين تہ هنن کي پنهنجا ڏک ياد اچن ٿا. داخلي معاملا انهن سان گڏ محروميون، يعني اهي سوچين ٿا تہ اسان وٽ ڪار آهي، نہ پئسو نہ ڪو سهڻي چوڪري ساڻ آهي. نہ ڪي اسان جا ڪپڙا سٺا آهن، تنهن ڪري انهن مسئلن تي لکڻ کپي. اڙي بابا ماءُ تنهنجي نٽ وڪڻي، پاءُ ڏيگن جو جوڙو وڪڻي، توکي اسڪول جي في پڄائي، انهن جو تہ خيال ڪريو تہ تنهنجو پيءُ ڪهڙي پيڙا مان پيو گذري، ماءُ ڪهڙي پيڙا مان پئي گذري. تون جنهن پيڙا منجهان پيو گذرين، انهيءَ کي هڻ کڏ ۾ پنهنجي پيڙا. ڪهڙي پيڙا آهي. پنهنجي پيڙا تي ماڻهو

Gul Hayat Institute

سوچيندو تہ آهستي آهستي خود مطلب ٿي ويندو ۽ Self pity ۾ ويندو پاڻ تي رحم ڪرڻ شروع ڪندو. پاڻ تي رحم شروع ڪندو تہ خود مطلب ٿيندو تہ معاشري لاءِ نقصان ڪار ٿيندو. منهنجو نظريو اهو آهي، مان تہ صاف چيو تہ سيني کي بابا Self pity ۾ ويندو پوءِ Sine of self Righteous ۾ ويندو. چوندو اسين صحيح آهيون، ٻي سڄي دنيا غلط آهي. اهو بہ غلط آهي. هر وقت پاڻ کي ماڻهو غلط سمجهي ۽ سکڻ جي ڪوشش ڪري پوءِ Self Righteous جو گناهہ ڪندا Self pity ۾ بہ ويندا، ۽ پنهنجي پيڙا ڏسندا ۽ ٻئي جي پيڙا نہ ڏسندا ۽ اسان جي نوجوانن بہ ائين ڪيو. رڳو پنهنجي پيڙا ڏنائون ۽ ٻئي جي پيڙا نہ ڏنائون. جيڪي بہ ڪهاڻيون آهن، رڳو پنهنجي پيڙا متعلق آهي. سڀئي چوڪري اسان جي ڪچ ۾ ڪونهي ڪار اسان وٽ ناهي. ڪپڙا اسان وٽ ڪونهن.

- *جن ليکڪن جو اوهان ذڪر ڪيو ايمائيل زولا يا ڪاميو کي جڏهن نوجوانن پڙهڻ شروع ڪيو تہ نوجوان ليکڪن انهن جو اثر قبول ڪيو؟*

** اسان تي اثر چونہ پيو. چاڪاڻ تہ اسان انهن کي پنهنجي معاشري، سوسائٽي ۽ سماج جي مزاج مطابق نہ ڏنو نہ ڪو انهن معرفت اسين ڪجهہ Convey ڪري ٿي سگهياسين، چاڪاڻ تہ انهن رڳو پنهنجي ذهني عياشي تي ڪئي. اها ذهني عياشي هئي تہ مان ٿنيي سان ٽيڪ ڏيو بيٺو هوس ۽ پوءِ مون گلن تي پوءِ سوچيم، چوڪري تي پوءِ سوچيم، شراب تي پوءِ سوچيم. گرم باهہ تي. هتي تڏ آ گهٽي انهن وٽ اها ڳالهہ هئي. اها ڳالهہ اسان کي ڪا نہ وڻي.

- *اوهان جي ڪهاڻي جا جيڪي موضوع آهن، اهي بلڪل خارجي ۽ سماجي گهٽو آهن؟*

** سماجي خارجي ۽ ڳوٺاڻي زندگي متعلق آهن.

- *هڪ بہ ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ شهري ۽ صنعتي زندگي جو عڪس پڻ آهي؟*

** ائين هوندو.

- *داخلي موضوعن تي لکندڙ نقادن جي هڪ راءِ اها آهي تہ ترقي پسند ڪهاڻيڪارن ترقي پسند تحريڪن جي نتيجي ۾ Demand تي ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون؟*

** اها ڪا ڳالهہ بہ ڪانهي. حالانڪه ائين صحيح بہ ڪونهي. مون عرض ڪيو تہ اصل ۾ آهي سچائي ۽ اخلاص، ماڻهوءَ سان محبت ۽ پيار. پيار تہ بنيادي ڳالهہ آهي. جڏهن توهان کي پيار اچي ٿو توهان کي هر شيءِ ۾ خدا نظر ايندو. هر ڳالهہ هر شيءِ هر ماڻهوءَ سان غريب، مسڪين سان، هر شيءِ سان توهان جي محبت ٿي وڃي ٿي. چاڪاڻ تہ پيار ورهائجي وڃي ٿو. ائين نہ تہ ڪنهن هڪ شخص تي اها مرڪوز هجي. اول تہ آهي پيار ماڻهو سان. پيار جڏهن اچي ٿو پوءِ انهن جا مشڪلاتون، تڪليفون اوهين سهي نہ ٿا سگهو. تنهن ڪري اهي اوهان



Gul Hayat Institute

کي ڪرٽيون پون ٿيون. پنهنجيون تڪليفون ڏسندؤ ته اوهان کي ڪجهه به نظر نه ايندو.

- *ترقي پسند تحريڪ جي ڊماند تي لکڻ جو مسئلو؟*

** ترقي پسنديءَ جو ته سوال ئي ڪو نه هو. عملي زندگيءَ ۾ جيڪي ڳالهيون اسان کي نظر آيون، وک وک تي، ڳوٺ ڳوٺ ۾ ماڻهن جا مسئلا، اهي اسان ڪنيا. باقي ترقي پسندي ڏوهه ڪونهي. اهو به ڏوهه ڪونهي جي ڪيوسين ته الحمدلله، ڪو به ڏوهه ڪونهي اها ته پاڻ چڱي ڳالهه آ. ڇاڪاڻ ته جيسين ماڻهو ڪنهن به تحريڪ سان وابسته نه آهي ۽ ان ۾ سندس Contribution نه آهي تيستائين هو صحيح سوچ رکي نه سگهندو نه ڪي ان جي Development تي سگهندي منهنجو رايو اهو آ.

- *ترقي پسند ڪهاڻي جي نقادن جي راءِ آهي ته ڪهاڻيون ائين لکڻ سان روايتي ۽ مڪينڪل تي وڃن ٿيون. اهي تخليقي نه ٿيون رهن؟*

** منهنجي سيني ڪهاڻين ۾ تخليقي سگهه آهي. اهي مڪينيڪل نه آهن. سينڌ، پيراڻي، خميسي جو ڪوٽ، مهرباني ڪهاڻي، جيڪا فقيرياڻي جي ڪهاڻي آهي. ان ۾ ترقي پسند جو ڪهڙو سوال آ. هڪ غريب فقيرياڻي ڇوڪري آهي. پنندي ٿي وتي، ان کي ماڻهو استعمال ٿا ڪن.

- *ترقي پسند تحريڪ توهان جي دؤر ۾ عروج تي هئي، ان جا سنڌي ادب تي ڪهڙا اثرات مرتب ٿيا آهن؟*

** ترقي پسند تحريڪ جا سنڌي ادب تي اثر آهن، ڇا ڪاڻ ته اهي زندگي سان وابستگي رکن ٿا. نه ته اسان رڳو گل ۽ بلبل وارا شعر پڙهيا. اسان جي دور ۾ گل ۽ بلبل، ڪاڪل ۽ زلف جهڙيون ڳالهيون ٿيون، پر ڪا ڳالهه ڪا نه ٿي، ويندي ابراهيم خليل هو جيڪي به هئا، سڀ اهي ڳالهيون ڪندا هئا. جيڪا اسان جي معاشري کان بلڪل الڳ ڳالهه هئي، اسان جي سماج کان الڳ ڳالهه هئي، انهي کان اسان هٽي جدا ٿياسون ته هنن کي ڪاوڙ لڳي. انهيءَ ڪري اسين تنقيد جو نشانو بڻياسون، پر ڪا ته ڳالهه ڪانهي. نه ته سردار علي شاهه منهنجو دوست، مون سان گڏ نمازون پڙهيائين مون سان مسجد ۾ گڏ بانگون ڏنائين اهو مون کي ”ڪافر“ لکي. مان ته هڪڙي طبقي جي نمائندگي ڪئي، غريب طبقي جي.

- *توهان جڏهن ڪهاڻيون لکيون ان وقت سنڌي ادبي سنگت جي ڇا حيثيت هئي؟*

** سنڌي ادبي سنگت کي بعد ۾ قائم ڪيو ويو. اسان ته اڳ ۾ لکڻ شروع ڪيو. سنڌي ادبي سنگت به وجود ۾ آئي. اها پاڻهي وجود ۾ آئي. ڪنهن ڪوشش ڪري نه آندو. محمد ابراهيم جويي جو ”دماغ“ ۽ ڪردار هوندو هو. هيءَ ڳالهه هيئن نه هئڻ کپي. ابراهيم جويو صاحب، تمام وڏو ماڻهو آ، ان جو اهو نظريو هوندو هو.



Gul Hayat Institute

محمد ابراهيم جويو ابن حيات پنهور اهي بہ ماڻهو خاص هئا. جن بين سيني کي گڏ ڪيو. اهي ترقي پسند ادب جا حامي هئا. باقي ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي ۽ شيخ اياز اهي ورهاڱي کان اڳ ۾ پاڻ ۾ گڏ ٿيندا هئا. اسان جي ايل ڊبليو هاسٽل ۾ جنهن تي پوءِ جناح ڪورٽس نالو پيو گڏ ٿيندا هئا. اتي هال هوندو جنهن ۾ پنج، ڇهہ ڇٽا هوندا هئاسين، ان ۾ مون کي هڪ بہ دفعو سڏيو ويو هو. مسلمانن ۾ شيخ اياز ۽ بيو مان. ٽيون عبدالستار شيخ ميرپور خاص جو ايڊووڪيٽ جنرل هو ۽ چوٿون سائينداد سولنگي جيڪو انجنيئر هو. اهي ڪڏهن ڪڏهن چار ڇٽا ويهندا هئاسين. Talent تہ هو. سائينداد سولنگي هڪڙي اهڙي عجيب ڪهاڻي لکي جو سڀ واهہ واهہ ڪري اٿيا. انڊي ۽ جنڊ انهي جو نالو هو. هڪڙو انجنيئر ماڻهو اهڙي ڪهاڻي لکي. عجب جي ڳالهہ چئبي. سڀ هندو ڇوڪرا ڪيرت ٻاٻاڻي، پو هو وارا واهوا ڪري اٿيا. شايد ڪٿي ڇپي هوندي. اوهان پڙهي آ الائي نہ، ڏاڍي سٺي ڪهاڻي هئي.

- *توهان عملي زندگي ۾ جج جي ڪرسي تي هئا ۽ پوءِ اوهان پورهيت طبقي جهڙا ڪردار ڳهرائي سان ڪيئن ڏٺا؟*

** مان جج جي ڪرسي کان وڌيڪ عوام سان هوس. ڳوناٺو هوس، مان جڏهن وڪيل ٿيس تہ هاري پارٽي ۾ هوس، ان ڪري ڳوٺ ڳوٺ ويندا هئاسين، حيدر بخش جتوئي سان گڏ جلسا، جلوس، ماڻهن سان اٿڻ ويهڻ ٿيو. اسان ڳوٺ ۾ زندگي ائين گذاري ۽ شهر لاڙڪاڻي ۾ مزدورن سان واسطو هوندو هو. مزدورن کي منظم ڪندو هوس. ان کان سواءِ خاڪسار هوندو هوس جتي بہ ويندا هئاسون، ماڻهن جي خدمت ڪندا هئاسين، بي لاوارث لاش پنجن پنجن ڏينهن جا سڙيل ڪڻندا هئاسون ۽ پوريندا هئاسون. انهن کي غسل ڏياريندا هئاسون. جيڪي وچايل ماڻهو هوندا هئا، انهن کي ڳوليندا هئاسون. بنگال ۾ ڏڪار آيو تہ انٽر سائنس ۾ پڙهڻ ڇڏي اوڏانهن مدد لاءِ وياسون. منهنجي عملي زندگي عوام سان وابستہ رهي آهي. جج تہ مان اتفاق سان ٿيس. پنهنجي مرضيءَ سان ڪو نہ ٿيس. مان ٿيو هوس انجنيئر. انجنيئرنگ ڪاليج ۾ مون کي داخلا ملي، اسڪالرشپ سان. پوءِ 45 ــ 1946ع جو شايد زمانو هو. نيوي وارا فساد ٿيا هئا ۽ ڪراچي تي گولا اڇليا هئائون. ان ڏينهن کان وٺي مون سوچيو تہ مان انجنيئري نہ پڙهندس ۽ انگريز جي نوڪري نہ ڪندس. پوءِ مون شاهاڻي لا ڪاليج ۾ داخلا ورتي. اهو مون هڪڙي ڏينهن ۾ فيصلو ڪيو.

- *ڪهاڻيڪار جمال ابڙي ۽ جج جمال ابڙي جو توازن ڪيئن برقرار رهيو؟*

** ها مداخلتون تہ ٿيون پوءِ انهن کي مڙس تي منهن ڏنوسين، پهاڙ جيان. ڪير اسان کي چئي. سڀ ٿي ڇرڪندا هئا ۽ انسپيڪٽر ۽ ڊي ايس پي ٺوڪ طور چوندا هئا، ڪورٽ حاضري لاءِ صبح جو سوير ننڊ مان اٿي وردي استري ڪندا هئا تہ



Gul Hayat Institute

جڏهن ڪين ڪير ڦچندو هو تہ سائين اڄ ڪاڏي ويٺو آ؟ تہ چوندا هئا تہ هاءِ ڪورٽ ۾ حاضري آهي. منهنجي بس جج جي معمولي ڪورٽ هئي، پر چوندا هئا تہ هاءِ ڪورٽ ۾ حاضري آهي. تمام پختو هوندو هوس قائدي، قانون تي، ڪير بہ هجي، ڪنهن جي ڪو نہ ٻڌندو هوس.

- *قانون جنهن کي توهان لولو لکيو آ، پيو توهان جي زندگي جو نظريو؟ اهي ڪٿي نہ ڪٿي ٽڪراءَ ۾ تہ ايندا هوندا؟ قانون جون هڪڙيون تقاضائون هونديون، اوهان جي نظرياتي ۽ آدرشي سوچ جون تہ ٻيون تقاضائون هونديون؟*

** قانون تہ پنهنجي جاءِ تي لاجواب ۽ صحيح آهي پر قانون کي هلائڻ وارا لولا، لنگڙا آهن. بدمعاش آهن لچا آهن. اهي پنهنجي مقصد لاءِ ٽيڙو ڪن ٿا، مروڙين ٿا. قانون تہ پنهنجي جاءِ تي لاجواب آهي.

- *ابوالڪلام چيو تہ قانون ڪوريئڙي جو ڄار ڏاڍوان کي توڙي هليو ٿو وڃي ۽ ڪمزوران ان ۾ ڦاسيو پوي.*

** قانون تمام پلو آ، توهان ڪنهن جي گهر ۾ نٿا گهڙي سگهو. حملو نہ ٿا ڪري سگهو. ڪنهن کي وارنٽ بنا گرفتار نٿا ڪري سگهو. توهان ڪنهن تي سختي ۽ ڏاڍ نٿا ڪري سگهو. 24 ڪلاڪن جي اندر ان کي ماجسٽريٽ وٽ پيش ڪرڻو آهي. اهي سڀ ڳالهيون آهن. ڊائريون جيڪي لکو ٿا، سي هڪدم مئجسٽريٽ کي پيش ڪرڻيون آهن. پوليس وارا نٿا ڪن. ماجسٽريٽ ان تي زور نٿا ڏين. اسان ڪندا هئاسون، وڙهي پوندا هئاسون. ڊائريون ڏسندا هئاسون، رمانڊ وٺندا هئاسون. پڇندا هئاسون، چو گرفتار ڪيو اٿو. ڪنهن جي چوڻ تي گرفتار ڪيو اٿو. ڏوهہ جي ثابتي ڪهڙي آهي. جي ناهي تہ اسان اتي ڇڏيندا هئاسون ۽ رمانڊ نہ ڏيندا هئاسون. ڪنهن بہ مئجسٽريٽ ۾ همٿ ڪانهي. ڪالاباغ ڪان پوءِ نمونو مٽجي ويو آهي. مئجسٽريٽ ڇا ڪنهن ۾ همٿ ڪانهي. ايس پي پوليس وارا زور وٺي ويا. اسين تہ ڪاغذ اڇلي ڏيندا هئاسون ۽ چوندا هئاسون تہ ڪيس ڪونهي.

- *اوهان پنهنجي زندگيءَ کان بلڪل مطمئن آهيو؟*

** بلڪل مطمئن آهيون.

- *اوهان پنهنجن همعصر ڪهاڻيڪارن مان ڪنهن کان وڌيڪ متاثر آهيو؟*

** مان شيخ اياز کان تمام گهڻو متاثر آهيان. شيخ اياز جي ڪهاڻين کان، رباني سنڌين ڪهاڻيون لکيون پر بہ تي ڪهاڻيون لکي ميدان ڇڏي ويو. هن جو انداز ڏاڍو پيارو هو. منهنجو انداز سخت گير هو. پر رباني جو منو لهجو هو. جيئن فيض احمد فيض جو پيارو لهجو. هر ڳالهہ پياري ڪندو هو. چڀبو هو تہ ٺٺڪ تي وٺي. رباني جو اهڙو لهجو هو. اياز ۾ ڪڙواهٽ هئي. مون ۾ بہ اها ڪڙواهٽ آهي. اهي بہ ماٺو هئا.

Gul Hayat Institute

- *حفيظ شيخ ۽ اياز قادري وارا؟*

** حفيظ شيخ سان منهنجي دوستي هئي، پيارو ماڻهو هو پنهنجي جاءِ تي پر ڏاڍو منتشر هوندو هو. لکندو ڏاڍو سٺو هو. خاص طور تي خط ڏاڍا سٺا لکندو هو. اهي آزادانه لکندو هو. اياز قادري جيڪو تمام شريف نفس ماڻهو هو ۽ مٺو ماڻهو هو. اهو ڏاڍو پنهنجي طريقي سان ناهي جوڙي لکندو هو جيئن جمعيت الشعرا وارا شعر سٽن تي ناهي جوڙي لکندا هئا.

- *ڏيپلائي بہ ان دور جو ڪهاڻيڪار هو؟*

** ڏيپلائي مون کان وڏو هو. بابي سائين وٽ ايندو هو بابو سائين وڏو عالم هو اهو بہ پيرن، مريدن جي خلاف هو. ڏيپلائي بہ ان خيال جو هو. ڏيپلائي موحوم بابا سائين کان متاثر هو. بابا وٽ گهڻو ايندو هو ۽ ڪچهريون ڪندو هو. قبر پرستي ۽ پيري جي خلاف اتان انسٽرڪشن وٺي لکندو هو. منهنجو خيال اهو آهي تہ پاڻ ڪو وڏو عالم ڪو نہ هو. هن وٽ اهو جذبو هو. ڪهاڻيون سڀ پڙهيون. ڇاڪاڻ تہ بابا سائين وٽ هر ڪتاب ايندو هو پڙهندا هئاسين.

- *ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ڪهاڻي جي ڪهڙي دور کي روشن، عروج وارو يا عظيم دور چئي سگهجي ٿو ۽ ان دور جا ڪهڙا اهم ڪهاڻيڪار آهن؟*

** سنڌي ادبي سنگت واري دور ۾ امر جليل ۽ نسيم کرل تمام سٺا ليکڪ هئا انهن تمام سٺيون ڪهاڻيون لکيون.

- *علي بابا ۽ آغا سليم پوءِ اچن ٿا؟*

** آغا سليم وٽ لفظن جي گهڙاوت ڏاڍي سٺي آهي.

- *ون يونٽ ٽٽڻ کان پوءِ ماڻڪ، مشتاق شوري، شوڪت شوري، ويندي نورالهدي شاهہ تائين جيڪا ڪهاڻي لکي وئي يا اڄ جيڪي ڪجهہ نوجوان لکن پيا، ان کي اوهان ڪيئن ٿا ڏسو؟*

** الحمد الله سائين ڏيئو ٻاريو پيا اچن، شمع جلائيندا پيا اچن. شابس هجي، تمام سٺي پيا لکن. شوڪت شورو آهي يا نور الهدي شاهہ آهي يا امر جليل جي نہ لکن ها تہ جمود ٿي وڃي ها.

- *ڪهاڻي جي حوالي سان اوهان جي جيڪا ٻاريل شمع آهي، يا جيڪي ڪهاڻيون اوهان ڏيڻ گهريون ٿي، ان جي Confmincity يا تسلسل آهي؟ اوهان جا اڄوڪي ڪهاڻي تي ڪيترا اثر آهن؟*

** سائين جيڪڏهن ان ڳالهہ کي ڊاڙ نہ چئجي تہ مان اهو چوڻ کان ڪو نہ گهٻرائيندس تہ اڄ جو هر شاعر جيڪو آ، شيخ اياز کان متاثر آهي اڄ جو هر ڪهاڻيڪار جيڪو آهي، سو جمال ابڙي کان متاثر آهي. ائين چوڻ ۾ مون کي ڪو تذبذب نٿو ٿئي.

- *هاڻي اوهان جون لکڻيون ادبي رسالن ۾ يا منظر عام تي گهٽ اچن پيون. ڇا*

*اوهان خاموشي اختيار ڪئي آهي؟*

** منهنجي صحت خراب رهي آهي. مون کي ٻہ ڀيرا هارٽ اٽيڪ ٿيا آهن ۽ ڊاڪٽرن مون تي ايڏيون بندشون وجهي ڇڏيون آهن، اٿڻ نہ، ڳالهائڻ نہ، ويهڻ نہ، ماني وقت سان، ماڻهن سان ملڻ نہ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ تي بندش. انهن ڳالهين مون کي اپاهج ڪري وڌو آ ۽ گهر واريءَ مرحومه جيڪا زنده هئي (هاڻي تہ گذاري وئي آ ٻہ ٽي سال ٿيا اٿس.) اها تہ مون کي اٿڻ ويهڻ نہ ڏيندي هئي. جي اٿندس تڪڙ ڪري تہ ڊاڪٽر جي چوڻ ڪري آهستي اٿڻ لاءِ چوندي هئي ۽ اٿي ويهي رهہ. ويهي گهڙي سواءِ پوءِ اٿ. چپل بہ سڌو ڪري ڏيندي هئي. باٿ روم ڏي ويندس تہ اندر دروازو بند ڪرڻ نہ ڏيندي هئي، پاڻ ٻاهر ڪرسي وجهي ويهي رهندي تہ متان اندر ڪا تڪليف ٿيس. ايڏو تہ مون کي Attention مليو. ايڏو مون کي اپاهج ڪيو ويو هاڻي تہ ڊاڪٽرن چيو تہ توکي لکڻ جي اجازت ڪانهي. پڙهڻ جي اجازت آهي، لکڻ جي اجازت ڪانهي، ڊاڪٽر اظهر فاروق چيو تہ توکي لکڻ جي اجازت ڪانهي. اڏمان تہ اٿن ٿا، اچا تائين، پر ڪو نہ ٿا لکون.

- *ڊاڪٽر جو فيصلو صحت جي حوالي سان بهتر آهي، اوهان فنڪار جي حيثيت سان ڪيئن محسوس ڪيو؟*

** اُڏما اٿن ٿا، ڪاوڙ بہ اچي ٿي. خاص ڪري اخبارن ۾ جيڪي ڪجهہ اچي ٿو مون کي تہ ڏاڍي ڪاوڙ ٿي اچي. ڪوڙيون ڳالهيون ۽ غلط ڳالهہ توڙي مروڙي ڪن ٿا تہ لکڻ تي دل ٿي چئي. انهن کي جواب ڏيڻ تي دل ٿي چوي، جيڪي ڊان Dawn ۾ خط ٿا اچن يا ريمبر ڊائري جيڪو سلطان لکي ٿو اهو مون سان هتي مليو پڇيائين تہ هيءَ رواج نڪري پيو آهي تہ خانداني سياست هلي، مون چيومانس سلطان صاحب، سمجهي ڳالهہ ڪريو مان ڪاوڙيل ماڻهو. مون چيو ڪيئن خانداني سياست هلي رهي آهي. بينظير ڏانهن اوهان جو اشارو آهي. 23 ورهين جي ڇوڪري، غير شادي شده، هن دنيا جي بدترين ڊڪٽيٽر ضياءالحق سان مقابلو ڪيو. اڪيلي سر. هن جي پيءُ کي ڦاسي ڏني وئي، هن جي ماءُ ملڪ بدر هئي، هن جا ٻہ ڀائر ملڪ بدر هئا هوءَ اڪيلي هتي هئي ۽ فوج خلاف اٿي ڪڙي ٿي. فوج هن جي بيڊروم ۾ گهڙي ويندي هئي ۽ اتان ان کي گرفتار ڪيو ويندو هو ليڪن هوءَ ڪڏهن بہ بي همت نہ ٿي. جيڪڏهن خانداني هجي ها تہ ممتاز ڀٽي کي وڏيڪ حق هو. Mature بہ هو ڄاڻو بہ هو. عقلمند بہ وڏيڪ هو. تجربو هوس. پر اهو ڪو نہ هو ميدان تي. ڇوڪر نہ هو. هيءَ هڪڙي ڇوڪري هئي، جنهن منهن ڏنو. هر موڙ تي مارشل لا جي مخالفت ڪيائين. هر موڙ تي ضياءَ الحق جي مخالفت ڪيائين ۽ جڏهن بندش هئي، تڏهن بہ هن جلسا ڪيا، سندس جيپ تي گوليون هلايون ويون. هر موڙ تي گوليون هلايون ويون. جڏهن هوءَ ليارِي وئي پئي، تڏهن بہ نہ مڙي ۽ گولين ۾ هلندي وئي. توهان ڪيئن ٿا چئو تہ هي خانداني

Gul Hayat Institute

سياست آهي. خانداني سياست ناهي هڪڙي ماڻهوءَ جو پنهنجو ڪردار آهي. بينظير لاءِ مان بريفنگ ڪو نہ ٿو ڏيان نہ ڪو مان هن جي پارٽي جو آهيان پر ڳالهہ تہ سچي ڪبي. غلط ڳالهہ چو ڪجي. بيو ڪهڙو سياستدان هو سچي پاڪستان ۾ جنهن مارشل لا جي مخالفت ڪئي. پاڻ سيني خوشامد ڪئي. هن ڊڪٽيٽر جي. وڏو بدمعاش ۾ بدمعاش ڊڪٽيٽر ٿي گذريو دنيا ۾. وڏو ڪميٽو ۽ ذليل تمام گهٽيا درجي جو ماڻهو ۽ انهي تي مون پنهنجو افسانو فرشتو لکيو. اسلام آباد ۾ ضياءَ آيو اڪيڊمي آف ليٽرس جي جلسي ۾. ان ۾ اچي تقرير ڪيائين تہ اوهان لٽرري ماڻهو عجيب ڳالهيون ڪندا آهيو. گهٽن آهي. هي آهي، هوءَ آهي، زبان تي پابندي ڪٽي آهي. هاڻ تہ کلي هوا آهي. ڏاڍي سٺي هوا آهي. اسلام آباد گهمو ڦرو ڏسو. هي جيڪي ڪتاب پڙهو ٿا اهي بيڪار آهن. ان لائبريري کي باهہ لڳايو. ڪهڙا ڪتاب پڙهو ٿا. سڀ ڪجهہ تہ ٺيڪ آهي. ڇا ٿيو آهي. ڪجهہ بہ نہ آهي. اها جو ڳالهہ ڪيائين تہ مون کي ڪاوڙ لڳي. ڪاوڙ ۾ مون جيڪا ڏهن، ويهن سالن کان ڪهاڻي نہ لکي هئي سا شام جو ڪهاڻي فرشتو لکجي وئي. صبح جو امر جليل مون وٽ آيو چيومانس تہ هيءَ مون ڪهاڻي لکي آهي. چيائين تہ پوءِ واهہ وا. ڪٽي پڙهيائين چيائين تہ ادا، ڪو بہ ڪو نہ ڇپيندئي. مون چيو تہ اڙدو ترجمو ڪرائي هلاءِ تہ هلي ويندي. چيائين تہ اردو وارا بہ ڪو نہ ڇپيندا. مون چيو تہ هلي ويندي. گورڪي جي مدر اردو ۾ هلي پئي، انگريزي ۾ هلي پئي، سنڌي ۾ ان تي بندش آهي. يعني دشمني سنڌي ٻولي سان آهي. تنهن ڪري ان کي اردو ۾ هلائي ڇڏ. چيائين ادا ڪو بہ ڪو نہ ڇپيندو. ڇاڪاڻ تہ سنئون سڌو ڊڪٽيٽر جي خلاف آهي. فوج جي خلاف آهي. شابس هجي شاهين يوسف کي تنهن چيو تہ ادا مان ڇپيندس. پر ٽائيٽل مٽائينس. ٽائٽل مون "فرشتو" ڪري لکيومانس، ڪهاڻي هلائي ڇڏيائين.

- *ان ڪهاڻيءَ کان پوءِ ماءُ جي جهولي ڪهاڻي اوهان لکي؟ سنڌي مهاجر فسادن جي پس منظر ۾؟*

Gul Hayat Institute

** مون سنڌي مهاجر جي جهيڙي تي واقعي ماءُ جي جهولي لکيم. مان مهاجرن کي تہ ٻچڙو ڪو نہ ٿي چئي سگهيس. سنڌي هوس. تنهن ڪري سنڌين کي ئي ٻچڙو چوڻو پيو. ماڻهن کي مارڻ ڪا بهادري آهي، اها ڪا انسانيت آهي ڇا. هڪڙي رائيٽر جي حيثيت ۾ مان ان کي Condemn ڪيان ٿو سختي سان بلڪل. ڪنهن انسان جي جان وٺڻ، ڪنهن ٻار جي يا ڪنهن عورت جي، ڪنهن ماڻهوءَ جي، ڪهڙي بهادري آهي. اسان سنڌين جي ڪم از ڪم اها روايت ڪانهي. هندستاني روايت آهي مان هنن کي مهاجر نہ پر هندي ماڻهو چوندو آهيان. اهي ماڻهو مارڻ جون روايتون انهن اسان وٽ Import ڪري آنديون. اسان وٽ ٽائر ساڙڻ ۽ جاين کي باهہ ڏيڻ ڪٽي هو يا ڪارن کي باهہ ڏيڻ يا شيشا ٽوڙڻ اها تہ

اسان جي روايت ئي ڪا نہ آهي، اها هنن آندي آهي.

- *ماءُ جي جھولي انهي ئي پس منظر ۾ آهي؟*

** غلط روايتن کي رد ڪيو ويو آ، اهو غلط آ جيڪو اوهان ڪيو ٿا. اها غنده گردي غلط آ. اسان چئي ڏنو همٿ سان. ماڻهو پلا اسان تي ڪاوڙجن ۾ مون کي فونون آيون. زبردست دڙڪا بہ ڏنائون.

- *توهان جي لکيل ڪهاڻي ماءُ جي جھولي آخري ڪهاڻي آهي؟ .*

** ها، اها آخري آهي.

- *ڪهاڻيءَ جا اسان وٽ ڪي سٺا نقاد پيدا ٿي سگهيا آهن. جن ڪهاڻي تي ڪا سٺي عملي تنقيد آندي هجي. جنهن سان نون لکندڙ جي بہ رهنمائي ٿي سگهي؟*

** سائين، سٺو نقاد، سٺو عالم ئي ٿي سگهي ٿو ۽ اسان وٽ سٺي ۾ سٺا وڏا عالم آهن. هڪ ابراهيم جويو ۽ ٻيو رسول بخش پليجو. اهي سٺا نقاد آهن. انهن کي مان سٺو نقاد مڃان ٿو. اوچي پايه جا نقاد مڃان ٿو. عالم تہ هاڻي نبي بخش بلوچ بہ آهي. پر ان جو انهي پاسي لاڙو نہ آهي. تخليقي ادب کان وڌيڪ هن جو تحقيقي ادب ڏانهن لاڙو آهي، وڏو عالم آهي اسڪالر آهي، ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ۽ هن جو Contribution لاجواب آهي. ان کان انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي.

- *بهترين ۽ ڪامياب ڪهاڻيڪار لاءِ ڪهڙيون ڳالهيون ضروري آهن، جيڪي اسان جو نوجوان پوريون ڪري؟*

** مون عرض ڪيو تہ هن جي دل صاف هجي ڪينو بغض، ڪدورت، نفرت، اهي نہ هجن، محبت هجي، چڱائي، اخلاص، اهي ڳالهيون ضروري آهن. اهي هونديون تہ هو چڱي طرح لکي سگهندو.

- *اهي ڳالهيون فڪري حوالي سان ٿيون، فني حوالي سان جيڪي نوان تجربا ڪرڻ گهرن تہ اهي ٻڌايو؟*

** فن تہ پاڻهئي اچي ٿو وڃي ڳالهہ صحيح هجي. چوڻ جو اندازو سولو هجي، عام ماڻهن تائين پهچي سگهي.

- *ڪهاڻيءَ جي ٻوليءَ جي حوالي سان اوهان جي ٻولي خوبصورت آهي. اياز پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ نثر پنڌ ڪندو ۽ نظم رقص ڪندو آهي، پر جمال ابڙي جي ڪهاڻين ۾ نثر رقص ڪري ٿو توهان جي ڪهاڻين جي ٻوليءَ جي خوبصورتيءَ جو ڪهڙو راز آهي ۽ اوهان جا جملا سادا سودا ۽ مختصر جملن ۾ ڳالهہ وڏي هوندي آهي، اهو سڀ ڪجهہ اوهان ڪيئن حاصل ڪيو؟*

** جذبو- اندر جو جذبو ۽ سچائي ۽ ٻيو ڪجهہ بہ نہ. جيئن امر جليل چيو تہ جمال جي ڳالهہ تي مان حيران آهيان تہ جملا اهڙا ٿو لکي، جنهن ۾ فعل ئي ڪونهي، نہ فاعل نہ فعل ڪهاڙي جو شپڪو آندا ٻاهر. نہ ڪو فاعل آ نہ ڪو فعل

Gul Hayat Institute

آ. ڪنهن جا آنڊا ٻاهر. ڪنهن ڪهاڙيءَ هنئي، ڇا ٿيو. ڪجهه به نه. جملو ٿي آهي. بدمعاش ۾ ۽ هو بدمعاش هو پوءِ فل اسٽاپ. ڪهاڙي جو شپڪو آنڊا ٻاهر. فل اسٽاپ. امر جليل چيو ته اها پولي مون ڏني آ. پيو هو جذبو تيزي تندي منهنجي جذبي ۾ تمام گهٽي هئي. انهيءَ تي مون کي پروفيسر جهامنداس ڀاٽيه مرحوم شڪارپور واري چيو. مان جج ٿي ويس. مون وٽ هڪڙي ڏينهن آيو. سنهڙو سادڙو سانورڙو پتلون ۽ قميص پئي هجيس. چيائون ته جهامنداس آيو آهي. چيو مانس سائين توهان جي تعريف؟ چيائين جهامنداس. چپ ڪٽي ڪيم. نيٺ ڪوٺي ڪوٺي ڳالهه ڪييم ته پروفيسر انگلش جو شڪارپور ڪاليج ۾ ۽ ڪار لائل پڙهائيندو هو. پوءِ ان سان دوستي ٿي وئي ۽ منهنجون ڪچهريون گهٽيون ٿيون. انهيءَ مون کي هڪڙي ڏينهن چيو ته پاءِ هڪڙي ڳالهه چوان ۽ مون چيو ها سائين چئو. چيائين ته ٿورو غصي کي گهٽ ڪريو. هيءَ هن جو نچوڙ هو منهنجي افسانن تي تنقيدي، ته ڪاوڙ گهٽائي ڇڏيو. مون هر ڳالهه کي غصي ۾ ۽ ڪاوڙ ۾ ڏنو آ.

- *ڪاوڙ اوهان جي نظرياتي هئي، يا اوهان جي طبيعت ۾ ايڏي ڪاوڙ هئي؟*

** اخلاقي طور تي مان ڏاڍو سخت رهيو آهيان.

- *۽ ڪردار اوهان جا سرڪش به آهن؟ معصوميت به اٿن؟*

** معصوميت به آهي ۽ سرڪشي به. منهنجي خيال ۾ ضروري هئي، ڇاڪاڻ ته انسان جيستائين جدوجهد نه ڪندو جهيڙو نه ڪندو تيسين مقصد حاصل نه ٿيندو. منهنجو نظريو اهو آ. پنهنجا حق پاڻ وٺبا. پيو ڪو ڪو نه ڏيندو. ڊوڙي اهو پيغام مون کي پهچائڻو آهي. مون جيڪي چيو پئي ته جيڪو سسڪيون ڏئي ميڪ ميڪ ڪري مري وڃي، اهو ته مري ويندو اهو ته انسان نه چئبو. انسان اهو جيڪو انهن تڪليفن ۾ به اٿي مقابلو ڪري، اهو نظريو منهنجو آ. حضرت علي سائين جو چوڻ آ ته پڇيائونس سائين ڪميڻو ڪير؟ چيائين ته ڪميڻو اهو جنهن تي توهان سختي ڪريو ته نرم ٿي وڃي ۽ نرمي ڪريو ته سخت ٿي وڃي. ڪيڏي سهڻي ڳالهه ڪئي اٿس. چيائونس سائين پلا شريف ڪير؟ چيائين ته شريف اهو جنهن تي نرمي ڪريو ته وڌيڪ نرم ٿي وڃي جي سختي ڪيو ته وڌيڪ سخت ٿي وڃي. ڪيڏي سهڻي ڳالهه آ. شريف اهو جنهن تي سختي ڪيو ته وڌيڪ سخت وڃي ۽ نرمي ڪيو ته وڌيڪ نرم ٿي وڃي. سويت يونين ۾ جيڪا ايفرو ايشين رائٽرس ڪانفرنس ٿي ان ۾ مون کي، ڪيائون ڪلچرل ڪاميٽي جو سربراهه، پوءِ ته ڪلچر تي پئي بحث ٿيو. مون کان پڇيائون، مون چيو ته اسان جو East جو مشرق جو هڪڙو اديب آهي. تنهن هيئن چيو آهي، مون ڪلچر ڪري چيو. ڪميڻو ۽ شريف ڪو نه چيو. مون چيو ڪلچرڊ ماڻهو اهو آ، جنهن تي سختي ڪجي ته وڌيڪ سخت ٿي وڃي ۽ نرمي ڪيو ته نرم ٿي وڃي. سيني واهه وا ڪئي ۽ چيو ڪهڙو رائٽر آ، مون نالو نه ٻڌايو مانس مون چيو نالو مون کان وسري

ويو آ. آهي اسان جو مشرقي رائٽر. مون تہ علي عليہ سلام جو قول ٻڌايو.

- *اوهان جي ڪهاڻين ۾ هيروئن نہ آهي؟*

** نہ ڪو هيروئن آ، نہ ڪو هيرو آ. سواءِ پشوءَ جي پيو ڪو هيرو نہ آهي. انهيءَ جي بہ شخصيت کي مون ختم ڪري ڇڏيو. مارائي ڇڏيومانس. ڦاسيءَ تي چڙهي ويو ۽ پيا ماڻهو اتي ڪڙا ٿيا. تنهن ڪري ڳالهہ آهي گڏجي، اجتماعي جدوجهد ڪرڻ جي، تڏهن ئي ڪاميابي ٿيندي باقي هڪڙو پشو ڪا شيءِ ڪانهي.

- *اڪثر ڪهاڻيڪار ڪهاڻيءَ ۾ هيروئن لازمي قرار ڏيندا آهن اوهان جي "پشو پاشا" ڪهاڻي ۾ زيبو جو Side تي ڪردار آهي؟*

** اهو هر پرو جو منهنجي ذهن ۾ اچي ويو عورتون بہ شامل ٿي سگهن ٿيون، جو خود وڏيري جي گهر جو ماڻهو De_classify ڪري سگهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ ڪو هڪڙي ڪلاس جو ماڻهو پاڻ کي De_classify ڪري سگهي ٿو. اهڙا ڪيترا واقعا اسان وٽ ٿيا آهن. حسن ناصر وڏي خاندان جو ماڻهو هو يا سجاد ظهير وڏي خاندان جو ماڻهو هو. انهن بہ پاڻ کي De_classify ڪري ڇڏيو. تہ وڏيري جي گهر مان بہ هڪڙي اهڙي ڇوڪري پيدا ٿي، جيڪا ڪن حالتن ۾ پاڻ کي De_classify ڪري غريبن سان شامل ٿي وئي، اها ڪا بري ڳالهہ ڪانهي. هنن وري سمجهيو تہ عشق جي چاشني جمال وڌي آهي. هاڻي صاف طرح پيا چئون تہ De_ classification وغيره تہ پوءِ چون ٿا تہ هيءَ فني لحاظ کان ڪريل آهي، هي پروپيگنڊا آهي تنهن ڪري ائين ملي ويو ڪردار ذاتي طرح تي هٽي ڇڏيونس.

- *اسان جي شاعري، ڪهاڻي توڙي مجموعي ادب ۾ نعريبازي بہ ڪافي رهي آهي ۽ نعريبازي ۽ پروپيگنڊا جو جيڪو رجحان آهي، اهو ڪيتري قدر فائديمند آهي؟*

** ڪي دؤر اهڙا ٿين ٿا، جن ۾ پروپيگنڊا ڪرڻي پوي ٿي. ڪي اهڙا دور هوندا آهن جن ۾ خاموش رهو. تنهن ڪري ڪنهن دور ۾ نعريبازي بہ لازمي ٿيو پوي. ون يونٽ يا مارشل لا جو دؤر هو تڏهن رڙيون ڪرڻ ضروري هيون. نعريبازي ضروري هئي، پروپيگنڊا ضروري هئي. پلي فن جو معيار ڪري پوي. پر پيغام تہ ضرور پهچائڻو آهي. اهو حالتن تي مدار آهي.

- *بهترين فن سان، بهترين پروپيگنڊا ڪري سگهجي ٿي؟*

** ڪري سگهجي ٿي. فن ايڏو مڪمل ۽ پختو هجي تہ پوءِ ڪري سگهجي ٿي. جيئن مون فرشتو ڪهاڻي ۾ ڪيو. فرشتي ۾ مون ڪو فوج جو نہ ڪو ڊڪٽيٽر جو نالو ورتو پوءِ بہ مون پيغام تہ ڏئي ڇڏيو. يا هنگامي بازي جي پس منظر ۾ لکيل ڪهاڻي ماءُ جي جهوليءَ ۾ مون فن جي ذريعي پروپيگنڊا ڪري ڇڏي هڪڙي اها عورت جيڪا ايڏي، تمام Fine Qualities جي هئي، نفيس طبيعت جي هئي ۽ هميشه پردي ۾ رهي هئي. سا غنڊن جي وچ ۾ مٽي اگهاڙي ۽ پيرين اگهاڙي نڪري پئي، سو بہ

هڪڙي ٻچي کي ٻچائڻ لاءِ. هڪ حساس طبيعت صاف ستري، جيڪا بدبودار ماڻهوءَ کي ويجهو اچڻ نہ ڏيندي هئي، سا پنگياڻي جي ٻار کي ڪٽي ڇاتيءَ سان لڳائي ڇڏي ھو ڪائنس پڇن ٿا: ڇا تون هن جي ماءُ آهين تہ چوي ٿي "ڇا مان ماءُ نٿي لڳان؟" اهڙو سهڻو جملو آهي، تہ ماءُ تہ ماءُ ٿي آهي. جڏهن ڪائنس پڇيو ٿو وڃي تہ تو پنگياڻي جو ٻار ڪيئن کنيو آ. چيائين تہ ماءُ جي جهولي تہ خالي ٿئي آ. پنهنجي سنڌي ماڻهن تي اهڙي تنقيد ڪري ويڃڻ، سو بہ ان نموني سان تہ هڪ ماءُ جي جهولي تہ خالي ٿئي ها. ماءُ جي جهولي ڪيئن خالي ٿئي. پنجابي مهاجر يا پنگياڻي جي.

- *جي فن بہ سگهارو آهي ۽ فڪر بہ سگهارو آهي تہ اها ڳالهہ وڌيڪ دائمي ۽ پائيدار اثر ڇڏيندي آهي؟*

** صحيح بالڪل صحيح، جيئن شاهہ سائين جو ڪو ثاني پيدا نٿو ٿئي، ڇو؟ ڇاڪاڻ تہ لطيف ايڏيون سهڻيون ڳالهيون ڪيون آهن، ايڏيون تيز ۽ تند ڳالهيون ڪيون اٿئين جو ڪو حساب ڪونهي.

- *نعريبازيءَ واري شاعري ۾ ڪهاڻي جيڪا ماضيءَ ۾ لکي وئي اها اڄ پڙهڻ سان اهو وڌيڪ اثر نہ ٿي ڇڏي*

** ڇاڪاڻ تہ اها وقتي ٿئي ٿي، دائمي نہ آهي. ڪنهن خاص ماحول ۾ خاص دور ۾ لکي ٿي وڃي. تنهن ڪري اتي Applicable بہ ٿئي ٿي ۽ اثر بہ ڇڏي ٿي ۽ فائديمند بہ آهي. ان ڪان پوءِ انهيءَ جو اثر نڪري ٿو وڃي. پر ڪي ڪي ڳالهيون تہ واقعي سهڻيون آهن جئين اياز چيو تہ :

جاڳ پٽائي گهوٽ، توکي سنڌڙي تي سڏڙا ڪري،
مرن پيو ماريون، قابو آهن، ڪوٽ
اڄ تہ تنهنجي اوٽ، ڏاڍن کي ڏاري وڃون.

اهو شعر اڳئين دور جي پيدائش آهي پر امر آهي، مرڻو نہ آهي. جنهن دور ۾ چئو تہ ڪامياب آ.

Gul Hayat Institute

يا

اڄا رڃ مان رڙ اچي ٿي، اچي ٿي.
متان ائين سمجهو تہ مٺا مور سارا.

اها بہ وڏي ڳالهہ آهي.

- *اياز جي هڪڙي شاعري اها رهي آهي هاڻي واري اياز جي شاعريءَ تي ڪجهہ بحث هلي پيو؟*

** پلي بحث هلائي دنگ ڪن. اياز وڏو وڏو تمام وڏو ماڻهو آ، تمام وڏو شاعر آهي. تمام وڏو فلسفي آ، تمام وڏو اسڪالر آ. اسان کي هن کي سمجهڻ لاءِ وقت کپي. ابهرا ٿي هن تي تنقيد ڪرڻ وارا ڇوڪرا اجايو بحث ٿا ڪن.

- *پليجي صاحب جي، اياز تي تنقيد آهي ته ڪلهه جو اياز جڏهن قومي، سماجي ۽ سياسي شاعري ڪندو هو اهو وڏيڪ سگهارو آهي، پر اڄ جو اياز جيڪي ڪجهه لکي ٿو جنهن ۾ مايوسي وغيره آهي؟ اها اوتري طاقتور نه آهي؟*

** اياز جو جيڪو فلسفو آهي، اياز جي جيڪا سوچ آهي، اها ته پنهنجي جاءِ تي آهي، پر جيڪڏهن ڪو سياستدان چاهي ٿو ته جيئن مان ٿو سوچيان تيئن شاعر سوچي ائين ته ڪو نه ٿيندو. اياز انهيءَ ڪان متاهون آ. رسول بخش پليجو پنهنجي جاءِ تي جينيس آهي پر اياز به پنهنجي جاءِ تي جينيس آ. ٻه پهاڙ ٽڪرائيندا ته ان مان اسان کي ڇا ملندو.

- *سنڌي اديبن ۾ گروهه بندي جا ڪهڙا سبب آهن؟*

** هر دور ۾ رهي آهي، هميشه رهي آهي. هر ملڪ ۾ رهي آ. انگلينڊ ۾ فرانس توڙي اسان جي ملڪ ۾ به رهي آ. او جميعت الشعراءَ وارن ۾ به رهي آ. جيڪي پاڻ کي وڏا شريف سمجهندا هئا. انهن ۾ به رهي آ. جمع خان غريب ويچارو شاعر هوندو هو ماستر دادو جو. انهيءَ کي ڪڏهن اڳيان اچڻ نه ڏنائون. حالانڪه وڏو شاعر هو. منهنجي نظر ۾ ڏاڍو سٺو هو ۽ عام غريب ماڻهوءَ جي ڳالهه ڪندو هو. اهو هنن کي نه وڻندو هو. جميعت الشعراءَ ۾ اها حالت رهي آهي.

- *توهان تر ڏانهن اياز کي به سفر ڪرايو ان دوران اوهان کي اهڙا ڪردار ۽ منظر آيا، جيڪي توهان کان نه وسري سگهندا هجن؟*

** ياد ته نه ٿا پون. دوستن جون ڳالهيون. وياسون پئي ته مون سان گڏ ڪامورا ۽ وڏا آفيسر به هجن. سو پياس لڳي ته وياسون هڪڙي جهوپڙي ۾ چيوسين ته اسان کي پاڻي پياريو. ته چيائون پاڻي پيندؤ. لسي پيئندؤ؟ هڪڙو آفيسر هو. هن سان گڏ ڊپٽي ڪليڪٽر عزيز احمد بلوچ سانگهڙ جو. چيائين ته مينگهواڙ ٿئي مينگهواڙ متان لسي پيتي اٿئي. مينگهواڙ حرام آهي. مون چيو ته ادا ماڻهو آهن. مون جهڙا. چيائين ته اسين ڪو نه پيئنداسين ڪٽي آيا لسي مون پيتي. مينهگواڙ جي لسي پليت آهي. مينگهواڙ جي لسي پليت ڇو ٿيندي آهي.

- *بيا ڪي اهڙا واقعا؟*

** مون ۾ اخلاق ۽ انسانيت جو جذبو هو. پنهنجي ساراهه ڪانهي. باقي جڏهن مان ڪاليج ۾ پڙهندو هوس ته مون محسوس ڪيو ته منهنجا دوست ڇوڪرا مون سان گڏ ايلفي ۾ گهمندا هئا. گهمڻ وقت هو نڪري وڃن، مان اڪيلو وينو آهيان. نيٺ چيائون ڳالهه ڇا آهي. سو چيائون گڏجي هلنداسون. سيني هڪ ٻئي ڏي ڏٺو. گڏجي هلياسيون. چپ، چپ، ماٺ، ماٺ، مون چيو ڳالهه الائي ڇا آهي. نيٺ ڪا هڪڙي ڇوڪري اچي لنگهي جا ڏاڍي سهڻي هئي. مون چيو ته ڇوڪري ڪيڏ نه سهڻي هئي. سڀ ڦري ويا ۽ مون کي ڏسڻ لڳا. چتائي ڏسڻ لڳا. پوءِ چيائون اسين به ائين ڇٽي سگهون ٿا نه. مون چيو ڇو ڪو نه ٿا چئي سگهو. سهڻي شيءِ کي سهڻو

چو نہ چئبو. چي، اسين اڃي ڦاٽا هئاسون تو مان. انهيءَ ڪري توسان نہ هلندا هئاسون. تہ منهنجو اخلاقي ڪردار بہ اهڙو هو جو منهنجا دوست بہ مون سان گڏ گهمڻ کان ڪيٻائيندا هئا تہ متان هن جي روبرو ڪا گهٽ وڌ ڳالهہ ڪري سگهون.

- *سونهن توهان کي بہ تہ انسپائير ڪندي هوندي؟*

** ها، سونهن تہ سونهن آ. تنهن ڪري مون پاڻ چيو تہ ڇوڪري، ڪيڏي نہ سهڻي هئي. تہ ائين ڦري اچي مون کي چتائي ڏسڻ لڳا. مون چيس ڇا ڳالهہ ڏٺو. تہ چوڻ لڳا اسين بہ تہ ائين چئي سگهون ٿا. مون چيو اوهين چو نہ ٿا چئي سگهو. سونهن کي ڇو ڪو نہ سونهن چئبو.

- *اوهان جي "مهرباني" ڪهاڻي ۾ ڇڙواڳ ۽ آواره نوجوانن جو ذڪر آهي؟*

** وڏن ماڻهن جو اولاد جيڪي ڏيک ويک تي هلن. سُنا ڪپڙا پائين، سنا وار ڪٽائين، تن ڏينهن ۾ نيون نيون ايمبيسيون کليون هيون. اتي ڊانس ڪرڻ ۽ شراب پيئڻ ويندا هئا ۽ رڳو انگريزن جون ولايت جون ڳالهيون ڪندا هئا. انهن تي ٿورو تنقيد هئي. Serious تي ڏسون تہ Real life ڇا آهي.

- *اوهان کي پنهنجن ڪهاڻين ۾ ڪردار نگاري ڪيتري Powerful تي لڳي؟*

** ٻيا سمجهندا هوندا ۽ سمجهي وئي آهي. حالانڪہ تہ ڪو ڪردار تہ ڪونهي. ڪو مسئلو آ، ڪو واقعو آ. جنهن کي اپاريو ويو آ. حقيقتن تہ ائين آهي. هاڻي سومر جو ڪردار "ڪارو پاڻي" ۾ آهي تہ ڳالهہ پوڙ ۾ غريبن سان حالت جي. پر هن جو پنهنجي ڳوٺ کان جدا ٿيڻ جو جيڪو منظر آهي، اهو جيڪو مون Describe ڪيو آ، جڻ ڪوئنر سان بہ چنبڙيل پتا هئا. جيڪي جدا ٿي ويا. مان جڏهن انهن سٽن تي پهتس تہ هري دلگير اتي بيٺو اها مون سنگت ۾ پڙهي. چيائين تہ جمال، ڪمال ڪري ڇڏيئي وڃائي ڇڏئي.

- *ڳوٺن سان محبت فطري آهي تہ شهرن ڏانهن وڃڻ بہ ضروري آهي؟*

** انديا جي سنڌي ڪهاڻي خانواهڻ جيڪا ڪلا پرڪاش لکي آهي، عجيب ڪهاڻي آهي.

- *هندستان ۾ ڪهاڻي ۾ نوان تجربا ڪيا ٻيا وڃن، لعل پشپ، شيام جئسنگهاڻي يا ٻيا نوان ليکڪ آهن، سنڌ ۾ تجربا پڻ تي رهيا آهن. جڏهن توهان چئو ٿا تہ ايمائل زولا، سارتر ۽ ڪاميو کي اوهان پنهنجي سماج جي مزاج سان نهڪندڙ نہ سمجهيو. اها ڳالهہ اوهان نون ليکڪن کي ڪيئن Realize ڪرائيندا؟*

** سائين اهو ادب پاڻهي مري ويندو اها مقبوليت ئي حاصل نہ ڪري سگهندو. تنهن ڪري Realize ڪري ويندا ۽ هاڻي ڏسو ٿا تہ ائين ٿئي ٿو. چاڪاڻ تہ امر جليل اڃان ٽاپ تي بيٺو آ. نور الهديٰ اڃا ٽاپ تي بيٺي آ. چاڪاڻ تہ اها مسئلن

تي ڳالهائي ٿي.

- *اسين گورڪي ۽ ٽالسٽاءِ کي قبول ڪيون ٿا ته سارتر، ايمائيل زولا ۽ ڪاميو ۽ ڪافڪا جا تجربا ڇو نه ٿا قبول ڪريون جڏهن ته ٻئي ڌارئين سماج جا ليکڪ آهن؟*

** سائين، هو پيدائش آهن انهيءَ معاشري جي جنهن ۾ رڳو عيش عشرت هجي، آرام هجي، ان ادب ۾ پنهنجيون محروميون هونديون. محروميون به ڪمڙيون ته گهٽين عورتن سان پيار ڪجي ۽ ڪيئن ڪليو ڪلايو پيار ڪجي. جيڪو انهن جو ڪلچر آهي، انهيءَ موجب انهن لکيو آ. اسان جا ته اهي مسئلا ئي ڪونهن. ته انهن کي ڇا ڪبو. اسان جي ڇوڪرن جا، نوجوانن جا اهي مسئلا آهن ته اسين ڪاليج ۾ پڙهون ٿا. اسان کي ڪا ڇوڪري لفٽ نه ٿي ڏئي. ڇاڪاڻ ته اسين غريب آهيون. اسين رڪشا ۾ چڙهي اچون ٿا پيو ڪو ٽويٽا ڪار ۾ چڙهي ٿو اچي. اسين بس ۾ ٿا وڃون. انهن جا مسئلا آهن تنهن ڪري انهن اپنائيو آ.

- *انهن جي Real life ۾ جڏهن ائين ٿئي ٿو ته ان جو ادب ۾ اظهار ڇو جائز نه آهي؟*

** جائز آ پلي ڪن. ڇاڪاڻ ته داخلي اظهار کي به ادب مان ڪو خارج ته نٿو ڪري سگهجي. پلي ڪن. ٺيڪ آهي. منهنجي خيال موجب ان ڪري صحيح نه آهي ڇاڪاڻ ته ان سان انهن ۾ خود مطلبي اچي ويندي ۽ خود مطلبي ۾ ماڻهو پنهنجي خول ۾ بند ٿي ويندو. مون عرض ڪيو ته ماءُ جي پيڙا ڇو نه ٿا ڏسن. جيڪي ڇويهه ڪلاڪ ويٺا دعاڻن گهرن. ٻنيءَ جو ٻارو ڪيو اٿن. ماءُ نٽ وڪي آ. تڏهن ان کي پڙهائڻ لاءِ موڪليو ويو اٿن. انهن جي پيڙا نٿي محسوس ٿئين. پنهنجي پيڙا ٿي محسوس ٿئين، اصل صحيح ڳالهه ته هوءَ ٿيندي نه. سگهاري پيڙا کي ڏسو نه.

- *اوهان جي اڻپورين ڪهاڻين جو تعداد ڪيترو ٿيندو؟ ۽ انهن کي مڪمل ڪرڻ جو پروگرام آهي؟*

** چار پنج ٿينديون. به ٽي دفعا مڪمل ڪرڻ جو خيال آيو اٿم، ڪو نه ٿو ڪري سگهان. ڇاڪاڻ ته ڪهاڻي اوچتو اچي ٿي ۽ ان وهڪ ۾ ماڻهو لکي ٿو وڃي. هاڻي اهو تسلسل جو نٿي ويو آ. سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته ڳالهه جي End ڪٿي ڪجي. حالانڪه ڪنهن افساني ۾ End ضروري نه آهي، ڪا ڳالهه چوٽي آ. تڏهن به منجهي ٿو پوان ته ان جي ڪٿي End ڪريان.

- *مارڪسزم ۾ تبديليون اچي سگهن ٿيون؟*

** مارڪسزم ۾ خود لچڪ آهي ته بابا انقلاب Indigenous ٿيندو آ. پنهنجي Soil مان ٿيندو. پنهنجي حالتن آهر اپرندو آ. مائوزيتنگ، لينن جي Theory کي ختم ڪري ڏيکاريو. هن چيو ته پهريائين جاگيرداري ۽ زمينداري مان اڇبو

سائنس صنعت ۾ ۽ پوءِ انقلاب ايندو. پر مائو چيو تہ صنعتڪاري کان سواءِ هاري بہ انقلاب آڻي سگهي ٿو اتي هارين انقلاب آڻي ڇڏيو. ايڏو وڏو انقلاب، جو سويت يونين جي انقلاب کان وڏو.

- *مارڪسزم جو روحانيت ڏانهن جيڪو رويو آهي اهو اوهان کي ڪيئن ٿو لڳي؟ خاص طور تي جدلياتي ماديت جو نظريو ڪيئن آهي؟*

** روحانيت ڇا کي ٿا چئو. مون کي ان جو ڪنهن بہ جواب نہ ڏنو آهي تہ اوهان پڌائيندؤ روحانيت ڇا آهي؟

- *Religion*

** رليجن لينن پاڻ لکيو آهي تہ Religion is great Force it can not ignored مائوزتنگ لکيو آهي تہ مون محمد صہ کان گهڻو ڪجهہ سکيو آهي. اها ڳالهہ ڪانهي ان کي Disown ڪجي ۽ مذهب جيڪڏهن Force آهي تہ جيئن لينن ۽ مارڪس چون ٿا، ان کي استعمال نٿو ڪري سگهجي ڇا؟ ۽ ڪيو ويو آ. پر غلط طريقن سان ڪيو ويو آ. صحيح طريقي سان بہ ماڻهو استعمال ڪري سگهي ٿو. باقي روحانيت الائي ڪهڙي بلا آهي، مون کي سمجهہ ۾ نہ آئي. حالانڪه مان پاڻ صوفي آهيان ۽ روحانيت ڏي گهڻو راغب آهيان. پر روحانيت آهي ڇا اهو تہ مون کي ڪو مرشد بہ نہ سمجهائي سگهيو آ. پر جي روحانيت آهي تہ Life after death تہ ان کي اسين مڃون ٿا. الله کي مڃون ٿا. قيامت کي مڃون ٿا. آسڪرپولاجي دعوت حميد آخوند، سراج ۽ نور الدين سرڪي ڪئي. تہ هن کي ورايو وينا هئا تہ He is an other Ethiest اٿيسزم ڇا آهي. مان جيئن اندر گهڙيس تہ هنن چيو تہ مون چيو No, I am not Ethiest مون جو چيو تہ آسڪرو ويچارو ڪلي پيو تہ Yes, I am not also Ethiest نہ تہ هو ويچارو منجهيو وينو هجي تہ مان ڪهڙن ۾ اچي ڦاٿو آهيان. مون جو ڊڪليئر ڪيو تہ مان دهريو نہ آهيان تہ آسڪرپولا بہ کلي پيو. پوءِ تہ سڄي ڳالهہ هنن جي خراب ٿي پئي. Ethiest ٿيڻ جو مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي. Ethiest ٿيڻ ڪا ترقي پسندي تہ ڪانهي. هيءُ تہ هڪڙن ماڻهن سولائي ڳولي هئي تہ ترقي پسند معنيٰ Ethiest خدا کي گهٽ وڌ چئو تہ ترقي پسند آهيو.

- *توهان الطاف شيخ جي سفرنامي ۾ لکيو آهي تہ جنهن خدا کي بہ چار گاريون ڏنيون تہ ترقي پسند ٿيو. جنهن مذهب جو انڪار ڪيو تہ انقلابي ٿي پيو؟*

** ڪامورا شاهي کي گاريون ڏيو تہ توهان ٿيو انقلابي جي الله کي گاريون ڏيو تہ توهان ٿيو ترقي پسند.

- *ان الطاف جي ڪتابي مهاڳ ۾ اوهان هڪ ڳالهہ لکي تہ 60 جي ڏهاڪي ۾ اصلي ۽ صحيح ترقي پسند يا تہ جيلن ۾ هئا، يا عذاب هيٺ هئا، جڏهن تہ نعريبازي ۽ نقلي ترقي پسند ميدان تي آيا؟ اصلي ۽ نقلي ترقي پسند مان*

*اوهان جي مراد ڪهڙي آهي؟ اصلي ترقي پسند ڪهڙا هئا؟*

** اصلي ماڻهو اٿو. سوڀو گيانچنداڻي، قادر بخش نظاماڻي، ڪامريڊ عبدالقادر انڍڙ هو. واقعي ترقي پسند ۽ ڏاڍو پلوءِ پيارو ماڻهو هو. حيدر بخش جتوئي هو. پوءِ ته پيا سڀ ائين آهن. مان ته مولوي نظير کي به ترقي پسند ڪونه چوندس. اهو رڳو ڏنڊو کنيو وتندو هو ڪم ڪرائيندو هو پنهنجا به پراوا به. پي ته ان ۾ ڪا به ترقي پسندي هئي ڪا نه.

- *هاري ڪاميٽي ۾ جنهن عرصي ۾ اوهان جدوجهد ڪئي ۽ هاڻي ته هاري ڪاميٽي ته اها عملي طرح رهي به ڪا نه آهي، اهو سفر اوهان جو ڪيئن رهيو؟ اوهان جن ڪهاڻين تي خاڪسار آزادي جي جدوجهد ۽ هاري تحريڪ جو به اثر رهيو؟*

** اثر ته انهن تحريڪن جا اثر ضرور رهيا آهن. مان هاري ڪاميٽي جو ڪو ميمبر هوس، نه ڪو ليڊر هوس، باقي انهن سان گڏ هوندو هوس. هارين جا جلسا ڪرائيندا هئاسين. هارين سان گڏ ويهندا هئاسي. تقريرون ڪندا هئاسون، بس ايترو تعاون هو. حيدر بخش جتوئي کي جهليندو هوس ته الله تي ۽ الله جي وجود تي نه ڳالهاءِ. اها غلط ڳالهه آهي. الٽو اثر پوندو. ان جو هاري تحريڪ کي فائدو نه رسندو. مون اها ڪميٽي ۾ ڳالهه قبول ڪرائي. تقريرن ۾ الله تعاليٰ جي وجود تي ڪو به نه ڳالهائي. حيدر بخش جتوئي مڃيو ۽ چيائين نيڪ آ. جي مان اها ڳالهه کيان ته روڪجو. پوءِ جلسن ۾ مون کي حيدر بخش جتوئي جي پرسان ويهارياڻون. جيڏي مهل الله جي ڳالهه ڪري ته ان وقت جهليس. جنهن وقت هو ڪنهن جلسي ۾ الله جي فقط ڳالهه تي آيو ته مون ڪٽي قميص مان ڇڪيو مانس ته اتي لائوڊ اسپيڪر تي چيائين ته : ڪامريڊ مون کي نه روڪيو. ڳالهه سچي آهي، مون کي ڪرڻي آ. ماڻهن کي سچ ٻڌائڻو آ. چئي ويو پنهنجي ڳالهه نه مڙيو. درويش هوندو هو معصوم بلڪل ڏاڍو معصوم.

- *اوهان سمجهو ٿا حيدر بخش جتوئي جيڪا جدوجهد ڪئي، ان سطح جي اڄ ڪا هلچل آهي، يا ان پائي جي قيادت آهي؟*

** ها سائين. سچا ماڻهو پيا آهن. رسول بخش پليجو تمام وڏو ماڻهو آ، جنهن Grass Root ليول تي ڪم ڪيو آ. تحريڪن ۾ عوام سان رابطو ڪيو آ. پر پوءِ اتي به ظفر اُڄڻ جهڙا ماڻهو پيدا ٿيا. ان لاءِ ماڻهو ڇا ڪري. ظفر اڄڻ تمام صحيح ماڻهو هو پر پوءِ فهميده رياض سان شادي ڪرڻ کان پوءِ White Colar ماڻهو ٿي ويو. پوءِ بنگلي جون ۽ ڪار جون ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪيائين.

- *اوهان ڪهاڻي تي فڪري حوالي سان ڳالهه ڪئي آهي پر ڪهاڻيءَ جي فن جي حوالي سان نوجوانن لاءِ ڪهڙيون ڳالهيون سکڻ ضروري آهن؟*

** مون ڪهاڻيءَ جا گهاڙيتا ته ڏنائي ڪونهن سچي ڳالهه ڪرڻي آهي، صحيح



Gul Hayat Institute

ڳالهہ ڪرڻي آهي اخلاص سان ۽ سچائي سان. باقي مون کي ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪا نہ ٿي اچي. مون نہ ڪو گهاڙيتا ٺاهيا آهن ڪهاڻين جا، نہ ڪو مون ڪنهن ڪردار کي اپاريو آهي. مون تہ جا ڳالهہ ڏٺي آهي، اها ڪئي آهي، هيئن نہ ٿيڻ کپي، هيئن ٿيڻ کپي. اها ڪئي آ.

- *پوءِ اها ڳالهہ ڪهاڻيءَ جو ڪو نہ ڪو فارمولو بيهي ٿي؟*

*** ها، لاڙيءَ ۾ ڪهڙو ڪردار آهي؟ ڪوئي ڪردار ڪانهي. لاڙي جي ڳالهہ آ. لاڙي ڄڻ هڪ سماج آهي. جنهن جي جيڪا حالت آهي اها سڄي Describe ٿي وڃي ٿي. اها Power واري ڪهاڻي ٿي وئي.

- *مجموعي طور نوجوان ليکڪن لاءِ اوهان جو پيغام ڪهڙو آهي؟*

*** پڙهن، لکن- پڙهڻ کي نہ ڇڏين. پڙهڻ تمام ضروري آهي. اهو مان سمجهي نہ سگهيو آهيان تہ پڙهڻ کان سواءِ ماڻهو لکن ڪيئن ٿا. اهو مان نہ سمجهي سگهيو آهيان.

- *مشاهدو؟*

*** مشاهدو بہ آهي پر مشاهدي سان گڏ پڙهڻ وڏي ڳالهہ آهي. هاڻي تاجل بيوس گهڻو زور ڏنو آ مشاهدي تي. چوي ٿو تہ مان ڀرپاڙي جو ماڻهو آهيان. پر اهو بہ اکرن ۾ اڙيو پيو آهي. پيو تہ ڪجهہ ڪو نہ آهي. مون هڪڙي ڀيري ماڻهو کان پڇيو تہ اقبال جيڪو سوشلسٽ هو.

*ہندی ہیں ہم وطن ہے ہندستان ہمارا*
*مذہب نہیں سکھا تا آپس میں بیر رکھنا*

وري سوشلسٽ بہ ٿي ويو.

*جس کھیت سے میسر نہ ہو، دہقان کو روزی*
*اس کھیت کے گوشہ، گندم کو جلادو،*
*خاک امر ہو کے در و دیوار ہلادو*

Gul Hayat Institute

پوءِ ان تي اسلام جو غلبو ڪيئن ٿي ويو؟ مون کي انهيءَ ڏاڍو سٺو جواب ڏنو چيائين تہ : ان وقت ٽيگور حيات هو اقبال کي خبر هئي تہ مان ٽيگور نہ ٿي سگهندس. تنهن ڪري هو اسلام ڏانهن ويو. سو تاجل بيوس چوٿو لکي شيخ اياز ٿي ۽ مون چيو تہ ادا تاجل بيوس کي خبر آهي مان شيخ اياز نہ ٿو ٿي سگهان. تنهن ڪري شيخ اياز کي خبر آ تہ مان شاهہ لطيف نہ ٿو ٻڌجي سگهان، تنهن ڪري پنهنجي Quantity تي زور ٿو ڏئي. قتيل شفائي بہ اهڙي ڳالهہ ڪئي تہ مون تمام گهڻو لکيو آ. مون چيو تہ ان کي خبر آ تہ مان فيض احمد فيض نہ وري جوش مليح آبادي ٿي سگهندس. نہ ڪو جگر مراد آبادي ٿي سگهندس. تنهن ڪري هو ڳڻائي ٿو تہ مون هيترو گهڻو لکيو آ. حالانڪه شيخ اياز منهنجو دوست آهي، ان

لاءِ اها ڳالهه چوڻ سونهين نه ٿي. هن ڳالهه ۾ ڳالهه نڪري آئي. ته شيخ اياز کي خبر آ ته مان شاهه لطيف نه ٿو ٿي سگهان. اها هن جي ايمانداري آ. سچائي آ. پٺائي در تنهنجي تي جهلي بيٺس جهول، اهو به چيائين پر هن کي اهو حساس آهي ته شاهه لطيف وڏو شاعر آهي.

- *جي ڳالهيون توهان ڪيو ٿا، اياز به اها ڳالهه ڪٿي نڪتو هو زندگي کي اڳتي وٺي وڃڻ واري. اڄ اياز جيڪو لکي ٿو ڪتابن جا مهاڳ لکي ٿو ميٽافزڪس جي حوالي کان، ماضيءَ کي Disown ڪري ٿو؟*

** شيخ اصل کان ائين هو. مون کي جيڪي دوست چوندا آهن. شيخ اياز جي پهرين شاعري رڳو مسٽيزم آهي. پڙنر پري آڪاش ان ۾ به مسٽيزم آهي. رڳو محبوب جي ڳالهه آ.

پرين سارو پٽ ڇهي ڇهان ڪيترو.

اهي رومانوي ڳالهيون. مسٽيسزم به آهي. تارن ۽ ستارن جون ڳالهيون ۽ مون کي ياد آهي، 1950ع جي دوران مان اياز وٽ سکر ويس. اياز ڪنهن کي رهائيندو ڪونهي. مان کي پاڻ سان رهايائين. ماني کارايائين. رات جو 12 هڪ وڳي چيائين جمال، گهمڻ هلون. سکر مان نڪري روهڙي واري پاسي. درياهه جي هن پار وياسين. پوءِ گاڏي ڇڏي پنڌ ڪيوسين. ايڏو سهڻو نظارو مون کي نظر آيو پريان سکر جي شهر جون بتيون ۽ درياهه ۾ انهن بتين جوءِ چنڊ جو عڪس. مون چيو ته ايازهيءَ ته ڏس مون کي چيائين ته

ادا، اها جاءِ ڪجهه پيون. اها ته منهنجي شاعري آهي. آهن.
Thus, Plus Some thing else.

مون کي سندس عشق جي خبر هئي. الله شل ڪنهن کي لڳائي.
چيائين منهنجي شاعري جو راز اهو آ.

- *ايازاوهان تي لکي پيو؟*

** مون تي ڪو نه پيو لکي. پنهنجي ڪهاڻي پيو لکي. پر مون کي چيائين تون مون تي لک. مون چيو ته ادا، مان لکڻ کان قاصر آهيان. چيائين: چڱو مان ٿو لکان. اياز لکڻ جو شاهه , نثر توڙي نظم جو بادشاهه آ. اياز وڏي ڳالهه آ. عالم آ. هن وٽ علم آ. هو ڳالهائي ٿو ته سچو علم ٿو ڳالهائي. هن جي گفتگوءِ لفظ لفظ به عجيب آهي.

- *سنڌي ناول چو نه اڳتي وڌي سگهيو؟*

** ڪلاسيڪي ناول ته پيدائي ڪو نه ٿيو آهي سنڌي ۾ نه اڳ ۾ ناول لکيا ويا آهن ۽ نه هاڻي لکيا ويا آهن. مرزا قليچ بيگ لکيا پر اهي خاص نه هئا.

Gul Hayat Institute

# سنڌي قوم ڏکڻ ايشيا جي قومن کان وڌيڪ سگهاري آهي

## روح رهاڻ جا سوال

زرعي سڌارن سان گڏ زرعي ٽيڪنالوجي ۽ زرعي صنعت تي قبضو اچڪلهہ سنڌ جي اشد ضرورت آهي.

- *ڇا اسان سنڌي قوم کي integrated قوم چئي سگهون ٿا؟*

** ان ۾ شڪ جي ڪا بہ گنجائش نہ آهي تہ سنڌي قوم انٽيگريٽيڊ آهي. هزارن سالن جي تاريخ ۾ پکريون پيرو هن دور ۾ سنڌي قوميت جي شديد احساس کي محسوس ڪيو ويو آهي ۽ هڪ سنڌي مفاد خاطر هڪ لڙائيءَ ۾ پوپيل آهي. اها ڳالهہ آهي تہ ليڊرشپ جو فقدان آهي ۽ راهہ جو تعين نہ ٿي سگهيو آهي ۽ ذهن صاف نہ آهي.

- *توهان جي خيال ۾ ڪهڙو قومي ادارو / شعبو ڪرپشن جو شڪار ڪونهي؟*

** هڪڙو طبقو يقينن اهڙو آهي، جيڪو تصوراتي دنيا ۾ رهي ٿو مخلص آهي نيت صاف رکي ٿو باقي ڪوڙيءَ کي ئي گهمرو آهي. چئي نٿو سگهجي تہ اهو مخلص ۽ سچي نيت وارو طبقو ڪيستائين اهو جذبو هڙي ڪرپٽ معاشري ۾ سلامت رکي سگهندو! افسوس صرف اهو آهي تہ اهو طبقو منظم نہ آهي ۽ نہ ئي پيو ڪو منظم طبقو انهيءَ کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهي. جيستائين ڪنهن قومي اداري يا شعبي جي ڪرپشن کان بچيل نہ آهي.

- *سنڌي ماڻهو / قوم نفسياتي ۽ اخلاقي طرح ڪيترو سگهاري يا ڪرپٽ آهي؟*

** سنڌي ماڻهو يا قوم کي ڏکڻ اوير ايشيا جي قومن ۾ بيهاري جائزو ورتو وڃي تہ يقينن محسوس ٿيندو تہ سنڌي ماڻهو ۽ پنهنجي قوم ۽ پنهنجي اردگرد وارين قومن کان مقابلتا وڌيڪ سگهاري آهي، ڪو ماڻهو يا قوم وڌيڪ سگهاري نہ ٿيندي آهي پر هن جو ڪلچر، رويو ۽ رد عمل سگهارو ٿيندو آهي ۽ مان سمجهان ٿو تہ سنڌي ماڻهو جو ڪلچر، رويو رد عمل تمام سگهارو آهي، جنهن کي اپارڻ ۽ منظم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

- *سنڌي قوم جي وجود جي طاقتور اظهار جي باقي ڪهڙي واٽ بچيل آهي؟*



Gul Hayat Institute

** سنڌي قوم جو ڪلچر ئي سندس وجود جي طاقتور اظهار جي باقي بچيل واٽ آهي. سنڌي قوم جي نياز نوڙت، هٿ جوڙ واري واٽ اوڙي پاڙي جي ساڃهه، پاڙيسري جي مدد ۽، هر ڪنهن لاءِ دل ۾ عزت ۽ پيار رکڻ ۽ سهپ جو مادو رکڻ تمام وڏيون خوبيون آهن، جن کي اپارڻ جي ضرورت آهي. اسان جي انهن خوبين جي تعداد جي ڪري ئي هتي آيل هر نئين قوم اسان کان وڌيڪ سنڌيت جي وڌيڪ جوشيلي پشت پناهي ڪندڙ آهي. مثال طور سنڌي، بلوچ، سنڌي سيد، سنڌي ترڪ، سنڌي پٺاڻ، سنڌ ۽ سنڌيت لاءِ قديم ماڻهن کان وڌيڪ قربانيون ڏيڻ لاءِ تيار آهن ۽ ڏنيون اٿائون. مون کي حيرت آهي ته اسان هڪ ننڍي گروهه يعني مهاجر طبقي کي ڇو پاڻ ۾ سمائي نه سگهيا آهيون؟ شايد اسان جي جوابداري آهي ته اسان انهن کي پنهنجو ڪريون ۽ سمجهون.

- *سنڌي قوم جي وجود جو بچاءَ ڪهڙي سياسي واٽ ۽ نظريي ۾ آهي؟*

** ڪنهن به قوم جي بچاءُ جو واحد ۽ مؤثر رستو آهي سياسي طاقت جو حصول. اها طاقت حاصل ٿيڻ سان باقي سڀ مسئلا ڇڻ ته جادوءَ جي ڏنڊي سان حل ٿي وڃن. معاشي سڌارو ٽيڪنيڪي، تعليمي سڌارو وغيره وغيره سڀ سياسي قوت جي ذريعي حاصل ٿين ٿا. اسان سنڌين جي ڪمزوري اها آهي ته اسان صرف ڪڙمت ۽ نوڪريءَ جي وڪڙ ۾ اچي ويا آهيون. سنڌي قوم جو ڪلچرئي سندس وجود جي طاقتور اظهار جي باقي بچيل واٽ آهي.

اهي ٻئي ڇيزون به بنياد آهن پر ان ۾ مهارت به حاصل ڪرڻ جي اشد ضروري آهي. زرعي سڌارن سان گڏ زرعي ٽيڪنالوجي ۽ زرعي صنعت تي قبضو اڄڪلهه سنڌ جي اشد ضرورت آهي. نوڪري لاءِ تعليمي معيار ۾ ڇتا پيٽي ۽ تعليم لاءِ سڀ غلط طريقا ڇڏي محنت ڪري علم حاصل ڪرڻ ضروري آهي. عورتن لاءِ علم حاصل ڪرڻ جي آزادي به تمام ضروري آهي ۽ ماشاءَالله اهو سڀ ڪجهه اچي رهيو آهي، ڇوڪريون ميدان ۾ نڪري پيون آهن. جيڪا سنڌ ۾ هڪ وڏي انقلابي ڳالهه آهي. ڇوڪرا به ڇتا پيٽي جي مقابلن ۾ شهرين کي پوئتي ڇڏي ويا آهن ۽ اها تمام تابناڪ آئيندي جي نشاني آهي. ان ڪري مان سنڌ ۽ سنڌين جي مستقبل بابت تمام پر اميد آهيان ۽ اياز جي هن شعر کي گرهوڙي جي اڳڪٿي وانگر ميڃان ٿو:

هي پُنهنجي ڪرٽي پرٽي آ، پر سنڌ اياز نه مرٽي آ،
هي رات به نيٺ گذرٽي آ، تو ڇو گهبرايو آ پيارا

# چانڊوڪي ۾ وهتل وڻ

طارق عالم

(سنڌي ٻوليءَ جي اتم ڪهاڻيڪار جمال ابڙي سان گهاريل ڪجهہ گهڙيون)

علي بابا، ولي رام ولڀ، نصير مرزا، محمود مغل، نفيس احمد شيخ، محمد ابراهيم راڄپر ۽ مان، سونهري سمان سرمئي ٿيندڙ شام جي اداس ماحول ۾ ڪارن جا دروازا کولي سنڌين جي نئين وستي "ستيزن ڪالوني" جي مٽيءَ تي پير ڌريون ٿا.

ناشاد پنهنجي مخصوص انداز ۾ نئين ٺهيل بنگلي جي گيٽ ڏانهن ٻرانگهون وڌائڻ لڳي ٿو جتي ڪير وارو اسان کان اڳ ڪير جو گيان ڏاڪي تي رکي هٿ ۾ جهليل پاءُ سان گيٽ ڪڙڪائي چڪو آهي، جو ناشاد جي پهچڻ کان اڳ ئي گيٽ کلي پئي ٿو. جنهن مان ڇهن ستن سالن جو ٻالڪ ٻاهر اچي ڀڪڪڻ لڳي ٿو.

ناشاد، ٻالڪ کان جمال ابڙي صاحب جو پڇي ٿو ۽ پڪ ٿيڻ تي تہ جمال صاحب موجود آهي، ٻالڪ کي اسان جي پهچڻ جو اطلاع ڏيڻ لاءِ چئي ٿو.

بنگلي جي گيٽ تان نگاهہ هٽائي اولهہ ڏانهن ڏسان ٿو. جتي دور تائين ويندڙ بنگلن جي لينڊ اسڪيپ مٿان 14 ڊسمبر جي سرمئي ٿيندڙ شام جي آسمان ۾ ڪوپر ڏيهي پکي اڏام ڪندو ڏنڌلو ٿي رهيو آهي.

منهنجن بند چپن ۾ زبان، ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ ستل قيديءَ جيئن ڇري پري اُچارڻ لڳي ٿي:

هي پکي، شام جا
ڪنهن طرف پيو وڃي..........؟
اڻ ڏٺل ديس جو سرمئي آسمان
جو وڃي ٿو پيو. پيرسن مڙد جي موتي پاٽي لٽل اک جان ڏنڌبو
هي پکي — ڪيئن لهندو منجهس پيچرو.......!
هي پکي ننڍڙو
هي پکي بي زبان

ءِ وسيع آسمان
هي پکي ........ هي پکي ........
ڪنهن طرف ويو هليو........ !؟
ڏنڊ ۾ ڏنڊبو
ڪنهن ڏسا.....؟
شام جي —او— هوا
تون ٻڌاءِ.
تنهن گهڙي
روح منهنجي مان آئي صدا
هو پکي
ويو هليو
ويو هليو
ويو هليو
شام جي ڏنڊ مان پار ٿي
سرد راتيون سهي
ان طرف
جنهن طرف رات ٿيندي نہ آ
پيار کي مات ٿيندي نہ آ
گل ٿارين مٿان مهڪندا هن سدا
هرڻ ٻارن جيئان ٻهڪندا هن سدا
انڊلٺ آسمان، جنهن ۾ بادل بتيلا ترن ڏير سان
رنگ، مهڪار روشني جنهن ڏسا
او چريا
ويو هليو
سو پکي
تنهن ڏسا.

ٻالڪ، گيٽ مان ٻيهر ظاهر ٿئي ٿو اسان کي اندر اچڻ لاءِ آجيئانئين ٿو.

اسان ننڍڙي گيٽ مان گذري سيمينٽ جي پاٽ تان هلندا ٽيرس مان ٿي هڪ ويڪري ۽ آرام ده ڊرائنگ روم ۾ پهچي ديوارن سان لڳل صوفا تي ويهي جمال صاحب جو انتظار ڪرڻ لڳون ٿا.

گهڻو انتظار ڪرڻو نٿو پئي، جمال ابڙو صاحب گهر طرف کلندڙ دروازي مان ڊرائنگ روم ۾ داخل ٿئي ٿو اسان سيني جي نظر هڪ ئي محل اندر آيل سنڌي ڪماٽي جي امام جي نوراني چهري ڏانهن کڄي وڃي ٿي. سيئي احترامن اُٿي



Gul Hayat Institute

ٻيهون ٿا.

جمال صاحب جي ڪنيل هر وک ۾ ايڏو ته ڏيرج ۽ سڪون آهي، جنهن مان بنا ڪنهن مبالغي آرائي جي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته، هن پيرسنُ پنهنجي زندگيءَ جي ستر سالن جا سمورا ليکا لاهي پاڻ کي پاريهر جي ڪنپ جهڙو هلڪو ڦلڪو ڪري ڇڏيو آهي.

سندس وکن تان نگاهه کڻي نيڻن ۾ نه ڏريان ٿو جيڪي بنا ڇنيچڻ جي منهنجن نيڻن مان شعاع جان پار ٿي روح جي گهرائين تائين لهي ويندا ٿا.

سوچيان ٿو ته، جمال صاحب جيڪڏهن چاهي ته پنهنجي نگاهه کان ليزر مشين جو ڪم وٺي سگهي ٿو جنهن سان بنا ڪنهن وڍ ڪٽ – آپريشن جي ڪيترن گردن جون پٿريون پوري سگهجن ٿيون.

اوهيرا ڪري وسڻ کان پوءِ هلڪي نيري آسمان ۾ ڪجهه کان ٻه وڌيڪ سفيد ۽ ملائم ٿي ويل بادلن جهڙي سونهاري ۾ نهارڻ سان هڪ لمحي لاءِ جمال صاحب تي "سانتا ڪلا" هجڻ جو گمان ٿئي ٿو. جيڪو فقط ڪرسمس جي ڏينهن ۾ خيال مان حقيقت جو روپ ڌاري معصوم ٻارن ۾ سوکڙيون ۽ مٺايون ورهائيندو آهي، پر ساڳي ئي پل جڏهن نگاهه سندس سختيءَ سان بند ٿيل سنهن چپن تي پئي ٿي ته ذهن ۾ ايري پيل "سانتا ڪلا" جو تصور هٿ مان ڇڏائجي ويل آئيني جيئن ٽڪرا ٽڪرا ٿي پئي ٿو. سندس بند چپن جي اڻ لکي سختيءَ ۾ نهاريندي ائين ٿو ڀانيان جڻ جمال صاحب جي اندر ۾ ڪو ڳالهين جو موجون ماريندڙ درياهه هجي. جيڪو چپن ڌار ٽيڙ سان ڪيترن ٻيلن کي ٻوڙيندو بچاءُ بند ڀڃندو ڪيترا شهر پنهنجن لهرن جي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيندو ۽ پوءِ نظر ايندي هر طرف ڪڙين مٿين ڳالهين جي اڄ ئي اڄ.

جمال ابڙو پر سڪون انداز ۾ وکون کڻندو پٽ ڪيل تن واري صوفا طرف وڌي ٿو جتي ولي رام ولڀ اڳ ئي سندس انتظاري آهي. جمال صاحب پهريان ولي رام سان هٿ ملائي ٿو. پوءِ واري واري سان اسان سڀ اڳتي وڌي جمال صاحب سان هٿ ملائي پنهنجن سينن تي دل واري پاسي ائين مهٽڻ لڳون ٿا، جيئن ڪوئي پرفيوم جي اسپري تري تي ڪرڻ کان پوءِ تري نڪ تائين آڻڻ بعد هوريان هوريان پني تي مهٽڻ لڳجي.

جمال صاحب ۽ ولي رام ولڀ ساڳي صوفا تي ويهي رهن ٿا ۽ اسان سڀ ٻه پنهنجن جڳهن تي ويهون ٿا.

ڊرائنگ روم ۾ ڪجهه لمحن لاءِ جمال ابڙي جي شخصيت جهڙي ڳري ۽ گهري ماٺار ڇانئجي وڃي ٿي.

ماٺ جي بي شڪن پردي مٿان جمال صاحب جي "جيون چرتر" جو اسڪرالبه هلڻ لڳي ٿو.

نالو: جمال الدين ابڙو
والد جو نالو: علي خان ابڙو
جنم جي تاريخ: 2 مئي 1924ع (27 – رمضان)
ڳوٺ: سانگي تعلقو ميھڙ
پرائمري تعليم: ڳوٺ منگواڻي، تعلقو ميھڙ ميونسپل پرائمريءَ اسڪول لاڙڪاڻو.
ڪلاسي ۽ سنگتي ساٿي: الله بخش انصاري، دوست محمد ابڙو عباس شيخ، آنند لال تولاڻي.
هاءِ اسڪول: گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻو (39 – 1935ع) نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد (40 – 1939ع) گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميرپور خاص.(41 – 1940ع) مئٽرڪ: 1941ع (بمبئي يونيورسٽي)
ايل – ايل – بي: 1948ع شاهاڻي لا ڪاليج لاڙڪاڻو (يونيورسٽي آف سنڌ)
رانديون: ڪرڪيٽ، ٽينس، بيڊمنٽن ۽ شطرنج.
لکڻ جي شروعات: گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي واري وقت ۾ ڪھاڻي سان ۽ نور محمد هاءِ اسڪول واري وقت ۾ مضمون لکڻ سان.
پھرين ڇپيل ڪھاڻي ھوُ حُر ھُو (هفتيوار ”طوفان“ حيدرآباد 1949ع) ۾ پڌري ٿيل.
آخري ڪھاڻي: فرشتو ماهنامہ برسات.
ڪاليج: ڊي – جي نيشنل ڪاليج حيدرآباد. (42 – 1941ع)
* بھاؤالدين ڪاليج جھونا ڳڙھہ (43 – 1942ع)
* ڊي – جي سنڌ ڪاليج ڪراچي.
* شاهاڻي لا ڪاليج لاڙڪاڻو.
* بنگال جي ڏڪر ۾ رضا ڪاراڻي شرڪت (43 – 1944ع)
* سنڌي ادبي سنگت ۾ سرگرمي: باني ميمبرن مان هڪ. جڏهن پھريون پيرو سنڌ مدرسي ڪراچي ۾ سنڌي ادبي سنگت جو ڪنوينشن سڏايو ويو ۽ پوءِ لاڙڪاڻي ۾ سنگت جي شاخ تاج محمد ابڙي سان گڏجي قائم ڪئي. اياز قادري، هري دلگير، نوازعلي نياز جمال الدين بخاري ۽ ڪيئي گڏ هئا.
* سچل اڪيڊمي ۾ سرگرمي: باني ميمبرن مان هڪ. جنھن جي پھرين گڏجاڻي سندس ئي رهائشگاهہ مخدوم منزل خيرپور ميرس ۾ سن 66 – 1959ع تي ٿي.
ادبي گڏجاڻيون: سنڌي ادبي سنگت کان اڳتي ترقي پسند اديبن جون گڏجاڻيون، جيڪي ليسلي ولسن هاسٽل (جناح ڪورٽس) ۾ ٿينديون هيون ۽ انھن ۾ ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند پنجابي، سوڀو گيانچنداڻي، شيخ اياز عبدالستار



Gul Hayat Institute

شيخ، سائينداد سولنگي ۽ ٻيا اديب شامل ٿيندا هئا.

❊ بين الاقوامي ڪانفرنس: ايفروايشين رائٽيرس ڪانفرنس الماتا (تاڏهوڪي سويت يونين ۾) سيپٽمبر 1974ع ان ڪانفرنس ۾ فيض احمد فيض، سجاد ظهير، عطر سنگهہ ۽ اُتم بہ شامل هئا.

❊ نوڪري ڪيريئر: 1948ع ايل – ايل – بي ڪري لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي ياءُ شمس الدين ابڙي سان گڏ وڪالت شروع ڪيائين.

❊ (51 – 1949ع) لاڙڪاڻي ۾ وڪالت.

(1952ع) پبلڪ سروس ڪميشن، سب جج ڪري چونڊيو 24 – آڪٽوبر 1952ع ڪپري (ضلعي سانگهڙ) ۾ پهرين مقرري. ان کان پوءِ سکر، شڪارپور، خيرپور ميرس، سجاول، ٽنڊوالهيار، حيدرآباد، ڪراچي ۾ بدليون ٿيون ۽ سيشن جج جي عهدي تائين پهتو.

❊ 78 – 1972ع سنڌ اسيمبلي جو سيڪريٽري، ڪراچي.

❊ 80 – 1978ع ميمبر فيڊرل سروسز ٽربيونل – اسلام آباد.

❊ 82 – 1981ع رجسٽرار سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي.

❊ 84 – 1982ع ليبر ڪورٽ جج.

❊ 85 – 1984ع سنڌ اسيمبلي جو سيڪريٽري ڪراچي.

❊ 86 – 1985ع چيئرمين اينٽي ڪرپشن ٽربيونل ڪراچي.

❊ 10 – اپريل 1986 رٽائرمينٽ.

❊ ڪهاڻين جا ترجما: جرمن، اردو ۽ انگريزي.

❊ سياست ۾: خاڪسار تحريڪ.

❊ عملي شرڪت: سنڌ هاري ڪميٽي ۽ لاڳاپيل پورهيت تنظيمون (شاگردي جي زماني کان وٺي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي وفات تائين).

گهري ماٺ جي ٻي شڪن پردي کي جمال صاحب پاڻ ئي لفظن جا ڇهڪ ڏئي چيري ڇڏيو تو.

"مان ڪجهہ ڏينهن لاءِ پنهنجي ڏيهہ جي گهر آيل هيس، دل چاهيو تہ اوهان دوستن يارن سان ڪا ڪچهري ڪجي. اوهان جا وڏا وڙ جو مون مسڪين سان پال پلائي ملڻ آيو قرب، لک ٿورا.

ڪنهن حد تائين سنهو آواز جنهن ۾ ٻي رعيائي چٽي بکنڊڙ.

ڏکهي خاموشيءَ جي وقفن ۾ ڪمي ايندي ويجي ٿي، ڪچهري عام موضوعن کان هٽي ادبي رنگ ۾ رنگجڻ لڳي ٿي.

"جمال صاحب، اوهان جون ڪهاڻيون بيحد مختصر آهن؟ نصير جي سوال تي هڪ ساعت لاءِ ڏاڙهونءَ گل جهڙي مرڪ جمال صاحب جي بند چپن جي ڪنڊن تي ڦٽي پئي ٿي. چئي ٿو:

Gul Hayat Institute

”سوڀي، (سوڀو گيانچنداڻي) بہ هڪ زماني ۾ منهنجين ڪهاڻين تي راءِ ڏيندي چيو هو جمال تنهنجون ڪهاڻيون تہ شارٽ، شارٽ اسٽوريز آهن. ڪار وهنوار ۾ ڪاغذن تي منهنجا لکيل نوٽ پنهنجن ٻين دوستن جي ڀيٽ ۾ بيحد مختصر هوندا هئا.

ڪهاڻي کان سرڪاري ڪاغذ تي سائي مس سان مختصر نوٽ لکندڙ جمال ابڙو عام زندگيءَ ۾ بہ گهٽ ڳالهائو رهيو آهي، ادبي ميڙن جي صدارتن، اخباري انٽرويوز ۽ بيان بازين کان لنوائيندڙ ريڊيو تي – وي اسڪرين کان تارو ڪري پاڻ کي هميشہ Low Profile تي رکندڙ علي پوري سلسلي سان هن جڳ پڌري صوفي منش سرجڻهار جو مرشد، پير و مرشد الحال حافظ صاحب زاده پير سيد اختر حسين، پنهنجي ڏاڏي اعليٰ حضرت حاجي حافظ پير سيد جماعت شاهہ صاحب تي لکيل پنهنجي ڪتاب سيرت امير ملت جي صفحي 32 جي شروعات ۾ نقش بندي سلسلي جي باري ۾ فرمايو آهي:

”واضع هجي تہ طريقت جا تمام سلسلا حق تي ٻڌل آهن ۽ انهن مان ڪنهن تي بہ نڪتہ چيني روا نہ آهي. منزل مقصود سيني جي هڪ آهي.

اڳتي لکون ٿا:

”نقش بندي سلسلو سيني سلسلن کان اعليٰ ۽ ارفع آهي. ان جي ابتدا ۾ ئي انتها آهي.

ساڳي صفحي تي وضاحت ڪندي لکيو اٿائين:

”سلطان اوليا خواجہ خواجگان حضرت خواجہ بهاؤ الدين نقشبندي کان پڇيو ويو ”اوهان جي طريقي جو بنياد ڪهڙي ڳالهہ تي آهي؟ تہ پاڻ فرمايائون: ”اوهان الله کي ڏاڍو ياد ڪيو انجمن ۾ خلوت ۾، ظاهر خلق سان، باطن حق سبحان و تعاليٰ سان.

جمال صاحب جي ويجهن دوستن جي بہ سندس باري ۾ ساڳي راءِ آهي تہ ، جوانيءَ کان وٺي سندس ظاهر خلق سان تہ باطن حق سبحان و تعاليٰ جي ذڪر سان معمور رهيو آهي.

لکڻ وارن اهو بہ لکيو آهي تہ، تهجد گذار جمال ابڙو پنهنجي روئي ۾ ڪڏهن بہ واعظ ڪندڙ يا تبليغي نہ رهيو آهي. هن پنهنجي سموري زندگي ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن کي پنهنجي وڪ تي پير رکي هلڻ جي تلقين نہ ڪئي آهي. لکم دينڪم ولي دين تي عمل پيرا سنڌي ادب ۾ سمونڊ جيڏي حيثيت رکندڙ جمال پنهنجي سموري زندگيءَ ۾ ائين گم سم رهيو آهي، جئين بارش جو قطرو سمونڊ ۾ سمائجڻ لاءِ هوائن جي سرگوشين کي لنوائي پوري رفتار سان لهرن-تيٰ ڪري، مگر لهرن ۾ وڃائجڻ بجاءِ وات کليل سپ جي سيني ۾ سمائجي سمنڊ جي عميق ۾ لهي قطري مان موتي بڻجي هميشہ لاءِ امر ٿي وڃي. انجمن ۾ خلوت جو ان کان وڏو مثال مون



Gul Hayat Institute

ڪي هن ڪائنات ۾ اڄ تائين نظر نہ آيو آهي.

”اوهان ڪهاڻي گهڻين سٽنگس ۾ لکي پوري ڪندا آهيو......؟ نصير سوال ڪري ٿو.

جمال صاحب جوابي ٿو: ”هر ڪهاڻي هڪ سيٽنگ ۾ لکي اٿم. ڪو بہ لفظ نہ گهٽ نہ وڌ. (لمحي جي سانتَ ڪان پوءِ چئي ٿو) ”بدمعاش“ ڪهاڻي شاگردي واري دؤر ۾ ڪراچي کان لاڙڪاڻي ويندي ريل ۾ برٿ تي ويهي مڪمل ڪئي هيم.

جمال صاحب مختصر جوابي ماٺ ٿي وڃي ٿو تہ مان موقعو غنيمت سمجهي ڪانئس سواليان ٿو: ”اوهان لکڻ کان اڳ ڪهڙين اديبن کي پڙهيو هو يا سڀ کان پهرين ڪهڙي ليکڪ کان متاثر ٿيا هئا؟

جمال صاحب چئي ٿو: منهنجي والد کي ڪتابن پڙهڻ جو تمام گهڻو شوق هوندو هو تنهن ڪري اسان جي گهر ۾ ادبي ڪتاب بہ تمام گهڻا ۽ تڪڙا پهچندا هئا. مٿرڪ کان ئي ادبي ڪتاب پڙهڻ جو شوق وڌي وڃڻ ٿيو. گهر ۾ آيل ڪتاب والد کان اڳ پڙهي پورو ڪندو هئس، ان دؤر ۾ منشي پريم چند ۽ ٽئگور پڙهيا هئم“ .

ولي رام وليءَ سوال کي وڌائيندي جمال صاحب کان پڇي ٿو: ”چيخوف، ٽالسٽاءِ؟“ نہ مان گهڻو پوءِ پڙهيا هئا، جڏهن ٻين جي واتان تعريف ٻڌي هيم.

ولي رام سوالي ٿو: پلا اڄڪلهہ ڇا پيا لکو؟

جمال صاحب چئي ٿو: ”ڊاڪٽرن فقط پڙهڻ جي اجازت ڏني آهي، لکڻ جي نہ. بدر ڪوشش ڪئي تہ مان ٽيپ تي يادگيريون رڪارڊ ڪندو رهان، پر ان ۾ مزو نہ ٿو اچي. نہ ئي مان ڪنهن ٻئي کي ڊڪٽيٽ ڪرائي ٿو سگهان. اصل ۾ لکڻ جو واسطو سڌو سنئون ليکڪ جي قلم سان آهي، جڏهن ليکڪ قلم کڻي ٿو تہ قلم، دماغ ۽ يونيورس پاڻ ۾ ملي وڃن ٿا. مان اڄ ڪلهہ پنهنجين يادگيرين تي مشتمل ڪتاب لکي رهيو آهيان.

(جمال صاحب جوابي ڪن لاءِ ماٺ ٿئي ٿو تہ ڪيس پنهنجي جواب سان ملندڙ ڪا ڳالهہ ياد اچي وڃي ٿي.) ”جنهن دؤر ۾ ”پشو پاشا“ لکي رهيو هيم. هٿ ساٺ نياڻ ڇڏي ڏنو مجبور ٿي گهر واريءَ کان لکرائڻ شروع ڪيم. ڪتاب مڪمل ٿيڻ کان پوءِ هڪ پيري رسول بخش پليجو مان وٽ آيو چيائين: ”ٺئون ڪجهہ لکيو اٿئي تہ پڙهاءِ“.

”پشو پاشا کڻي آڏو رکيومانس. جڏهن پڙهي پورو ڪيائين تہ چيائين: ”آهي تہ زبردست پر وچين حصي ۾ اها رواني ۽ گهرائي ناهي، جيڪا پهرين ۽ آخري حصي ۾ آهي. اصل ۾ مان پنهنجي گهر واري کان ڪتاب جو وچون حصو ئي ڊڪٽيٽ ڪرايو هو جيڪو پليجي کي پڙهندي ڪکيو هو.

جمال صاحب پنهنجي گهرڌياڻي جي يادگيري تي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي



Gul Hayat Institute

جي ”سر ڪنيات“ جي جيئري جاڳندي علامت بڻجي پئي ٿو. پنهنجي وني ۽ سان سدا بهار گل جهڙي ڪومائجندڙ پيار ڪندڙ جمال ڪان سندس وني، 1991ع مارچ جي تاريخ 26 — تي انجئنا جي اوچتي حملي سبب ڪارڊيووسڪيولر ڏانهن ويندي رستي ۾ وچڙي مالڪ حقيقي سان وڃي مليو ۽ ڇڏي وئي پنيان جمال ابڙي لاءِ يادن جو ڪڏهن نه ختم ٿيندڙ سلسلو. جمال صاحب نيٽن ۾ لهي آيل ياد ڪي لفظن جو روپ ڏيندي چئي ٿو:

چوندو هيومانس، تون پنهنجين ٻين سهيلين ٻيٽ ۾ فلاٽي سهيلي وٽ گهٽو چو ٿي وڃين؟ ته چوندي هئي: ”هر گل جي پنهنجي خوشبو. پنهنجي گهر ڏياٽي ۽ جو جملو ياد اچڻ تي جمال صاحب جي چپن تي اداس مرڪ جي چانڊوڪي ڪن لاءِ ظاهر ٿي پئي ٿي.

جمال ابڙو جملو ختم ڪري ڊرائنگ روم جي ڪليل در مان ٽريس ۾ واڪر تي گهمندڙ پنهنجي نياٽي ۽ جي ٻن ادائي سالن جي ٻارڙي ڪي ڏسي وني ٿو ته، صوفا تان اٿي ڪيس واڪر مان ڪٽي هنج ۾ ڪڏائي واپس پنهنجي صوفا تي ويهندي چئي ٿو:

”ٻارن جي به عجيب دنيا آهي، اوهان ٻار تي پنهنجي مرضي مڙهي نه ٿا سگهو. هو هميشه پنهنجي دنيا ۾ رهڻ پسند ڪندا آهن. (۽ مرڪي چئي ٿو) منهنجي ڏي ۽ شاهده ننڍڙي هئي ته هڪ ٻيري هٿ مان پليٽ ڇڏائجي ويس، جنهن تي ماءُ ڪيس دڙڪا ڏنا. جڏهن آفيس مان واپس آيس ته شاهده مون کي ڏسي هڪدم چيو: ”بابا جيڪڏهن اوهان جي هٿ مان پليٽ ڪري پوندي ته ڀڄندي ڪو نه؟ مان هڪدم چيو: ”بلڪل ڀڄندي. تڏهن شاهده پنهنجو ننڍڙو هٿ چيلهه تي رکي ماءُ ڏانهن ڏسي چيو: ”پوءِ......؟

جمال صاحب ڳالهه ٻڌائي ڪنيل ٻارڙي سان کيڏڻ لڳي ٿو پر ٻالڪ جي جلد بيزار ٿي وڃڻ تي چئي ٿو: ”اڙي بس، ايترو جلد بيزار ٿي پئين هان، ايترو جلد...... ۽ ڪيس گهر اندر ڪٽي وڃي ٿو.

ان دوران گهر ۾ ڪم ڪندڙ نينگر ٽرالي گهليندي ڊرائنگ روم ۾ داخل ٿئي ٿو. علي بابا پنهنجي صوفا تان اٿي نينگر جو هٿ ونڊائي ٿو.

جمال صاحب اندر اچي ٿو ۽ اسان پليٽن ۾ چيڪن سينڊوچ، شامي ڪباب ۽ ٻين سنيڪس کائڻ ۾ مشغول ٿي وڃون ٿا. مون کي شامي ڪباب ڪجهه وڏيڪ وڻن ٿا ۽ مان نه چاهيندي به رضيه لاءِ شامي ڪباب اک وني ٽشو پيپر ۾ ويڙهي چپ چاپ پنهنجي بليزر جي کيسي ۾ کسڪائي ڇڏيان ٿو. چانهه جي دؤر سان گڏ موضوع به پنهنجو رخ متائڻ لڳي ٿو. نصير چئي ٿو:

”جمال صاحب، جوش مليح آبادي، ٽئگور لاءِ لکيو آهي ته، ٽئگور جي شاعري ايڏي خاص نه هوندي هئي، جيتري سندس شخصيت. هو پنهنجي شخصيت تي

Gul Hayat Institute

وڏيڪ ڏيان ڏيندو. هو ۽ جڏهن ڪو صحافي سندس انٽرويو وٺڻ ويندو هو تہ پنهنجي دراز آلين زلفن کي بنا اگهڻ جي اچي مسند تي براجمان ٿيندو هو ۽ سندس چوڏاري گوپيون بيهي پکو جهولڻ لڳنديون هيون.

جمال صاحب نصير جي ڳالهہ کي "ٻس – اون" ڪري ڇڏي ٿو ۽ ٽئگور جي گيتا نجليءَ مان ڪي مثال ٻڌائي ٿو. ڳالهہ ٽئگور جي شاعري تان ٿيندي معجزن تي اچي ٿي، جمال ابڙو علي بابا جي پرسان پئي صوفي تي ويٺل محمود مغل کان پڇي ٿو:

"ادا توکي معجزن تي اعتبار آهي؟ محمود هاڪار ۾ جواب ڏي ٿو ڪجهہ لمحن لاِ محفل ۾ ها ۽ نہ وارو بحث پئي ٿو. جمال صاحب چئي ٿو:

"مون کي معجزن تي يقين آهي، مان ان جو وڏو مثال آهيان. ڊاڪٽرن مون کي چيو تنهنجي دل ۾ سوراخ ٿي پيو آهي، جيڪو پرجڻ نا ممڪن آهي. پر ڊاڪٽر منهنجي دل جي پرجي ويل زخم کي ڏسي حيران ٿي ويا. هنن مون کان پڇيو:

"اوهان ڇا ڪيو جو اوهان جي دل جو نہ پرجڻ جهڙو زخم پرجي ويو؟

چيومان: "مان تہ ڪجهہ بہ نہ ڪيو سواءِ رات جو سمهڻ وقت درود شريف پڙهڻ جي".

علي بابا جيڪو مسلسل ماٺ رهيو آهي ۽ ڪڏهن اکيون بند ڪري، تہ ڪڏهن کولي اسان جي سموري ڪچهري ٻڌندو رهيو آهي. اوچتو ڳالهائي ٿو: شيخ اياز تہ حد ڪري ڇڏي آهي، هاڻ تہ شاعري ڪرڻ جي بجاءِ تعويذ لکڻ شروع ڪيا اٿس.

جمال صاحب علي بابا جي ڳالهہ ٻڌي هڪدم وراڻي ٿو:

"شيخ اياز جيسين دهريو هو تہ سنو هيو هاڻ جڏهن پنهنجي اندر ۾ سوچڻ لڳو آهي تہ اوهان کي هضم نہ ٿو ٿئي. پلي نہ ٿئي، پلي ٿين اوهان جا هاضما خراب. (کن رکي چئي ٿو) ماڻهو چون ٿا، جمال ۽ اياز موت کان ڊڄي ويا آهن، خدا جو قسم اسان موت کان نہ ٿا ڊڄون. موت سان اسان جو رشتو بلڪل ائين آهي، جئين ٽيج پياڪ ٻار جو ماءُ جي ٻنڌي سان هوندو آهي. (پوءِ جمال صاحب پنهنجي لنڊن جي ياد ٻڌائڻ لڳي ٿو)

لنڊن ۾ منهنجي فزيشن مون کي چيو: "اسان توهان جي انجوگرافي بہ نہ ٿا ڪري سگهون، جو اوهان جي دل فقط 45 في صد ڪم پئي ڪري. ڪٿي ائين نہ ٿئي جو انجوگرافي دوران اوهان مري وڃو. تڏهن مان کيس چيو: "ڊاڪٽر مان موت کان نٿو ڊڄان، پر اصل ۾ مان مرڻ نہ ٿو چاهيان". ان تي ڊاڪٽر بہ کلي چيو: "بلڪل، پلا مرڻ ڪير چاهيندو".

موت ۽ حيات جي موضوع مان جمال ابڙي کي پنهنجو وڏو ڀاءُ "شمس" ياد اچي ٿو. هو اسان کي پنهنجي پراڻي يادگيري ۾ وٺي وڃي ٿو:

"منهنجو ڀاءُ شمس هڪ سالڪ شخص هو دنيا داري ۽ ڏاهپ جو پندار هو

روز شام جو پنهنجن وڪيل دوستن سان ويهي پيئندو هو. مون کي سندس پيئڻ بلڪل نہ وڻندو هو هر وقت موقعي جي ڳولها ۾ هوندو هيس، تہ ڪڏهن اڪيلائي ۾ ملي تہ ڳالهايانس. هڪ شام اڪيلو ويهي پي رهيو هو تہ مان بہ سندس پرسان وڃي ويٺس ۽ اڪيلو ڏسي موقعو مناسب سمجهيم ۽ سوچي جهڳڙو ڪرڻ لڳس. هن منهنجي سڄي ناراضگي تي ڪابہ ڪاوڙ نہ ڏيکاري. بلڪ جڏهن مان ڪاوڙ ڇنڊي خاموش ٿيس تہ مرڪي چيائين "ادا ! نہ پيي سڄي دنيا کي خراب سمجهڻ کان بهتر آهي تہ پيي دنيا کي سٺو سمجهي پاڻ کي خراب سمجهجي. ائين چئي هن مرڪي گلاس پري مان آڏو رکيو مان سندس جملي جي سر ۾ اهڙو تہ جڪڙجي ويس جو ماٺ ميٺ ۾ شمس کان گلاس وٺي زندگي جو پهريون پيگ پيتم.

جمال ابڙي کي پنهنجي پاءُ شمس جي يادگيري اچڻ تي پنهنجي دل جي دوري بابت ياد اچي ويجي ٿو. 1970ع ۾ پيل دل جي دوري بابت ٻڌائيندي جمال صاحب چئي ٿو:

"جڏهن پهريون هارٽ اٽيڪ پيم. تہ رات جو وقت هيو. گهر ۾ سخت پريشاني ٿي، پر مان پهريان ان تڪليف کي هلڪو ورتو پر پوءِ تڪليف جي شدت اختيار ڪرڻ کي مان پاڻ کي موت جي ٻانهن ۾ محسوس ڪيو ۽ الائي ڇو مرڪي پنهنجي سامهون پريشان حال بيٺل گهرواريءَ کي هٿ لوڏي انگريزي ۾ الله حافظ چيم:

۽ جڏهن اسپتال مان واپس آيس تہ گهرواري ڏوراپو ڏيندي چيو هٿائين: شاباس اٿوَ . منهنجو پيو روح وڃي ۽ اوهان پئي مرڪي موڪلايو. جمال ابڙو پنهنجي پهرين دل جي دوري کان پوءِ جي صورت حال بيان ڪندي چئي ٿو:

جيتوڻيڪ مان جج هيس پر پهرين دوري پوڻ کان پوءِ زندگيءَ تي اعتبار نہ رهيو هيم ۽ بدر کي جيڪو تڏهن ننڍڙو هيو. ڪيس رڪشا ڊرائيوري جي سکيا ڏيارڻ لاءِ هڪ رڪشا ڊرائيور رکي ڏنو هيم. تہ جيئن ڪڏهن مان نہ رهان تہ هو پنهنجي ۽ گهروارن جي پيٽ گذر لاءِ ڪنهنجو ڳيجهو نہ رهي.

مرڪي چئي ٿو: "منهنجي ان رويي تي ماڻهو عجيب و غريب ڳالهيون بہ ڪندا هئا. خود رڪشا ڊرائيور ماڻهن کي چوندو هو جج صاحب پنهنجي پٽ کي رڪشا ڊرائيور ٿو بڻائي.

جمال ابڙي جي ماٺ اسان سڀني ويٺلن جي چهرن تي ڪجهہ لمحن لاءِ غير محسوس حيرانگي پکيڙي ڇڏي ٿي. سوچيان ٿو هي شخص ڪيڏي نہ چيڪي مٽيءَ مان جڙيل آهي ..... ڪٿان بہ ڏريو ناهي. ڪٿان بہ ڀريو ناهي.

جمال صاحب نصير کان پڇي ٿو: "مرزا سڪندر بيگ توهان جو مائٽ هيو؟ نصير هاڪار ڪري ٿو تہ جمال صاحب چئي ٿو: "عجيب شخص هو شمس جي وفات تي مان سان تعزيت ڪرڻ آيو. تڏهن ويٺي چيائين: "منهنجو ڪو بہ پٽ ناهي، پوءِ بہ مون پنهنجن هٿن سان پنج پُٽ قبر ۾ لاٿا اٿم ۽ اُٿي هليو ويو."



Gul Hayat Institute

ڳالهيون گهمنديون ڦرنديون سنڌ جي شهرن جي قديم عمارتن جي ورانڊي ۾ پهچي وڃن ٿيون. سنڌ مدرسو نور محمد هاءِ اسڪول، ٽريننگ ڪاليج، ابراهيم راڄپر پڇي ويهي ٿو: ”سر، اڄڪلهہ جي تعليمي معيار جي باري ۾ اوهان جي ڇا راءِ آهي؟ جمال ابڙو چئي ٿو: ”اڳي استاد ۽ شاگرد هڪ ٻئي جو احترام ڪندا هئا. شاگرد رستي تان ويندي استاد کي ڏسندو هو تہ پيو نڪرڻ جا گهٽ ڳولهيندو هو. پر اڄ اهو احترام استاد پاڻ ختم ڪري چون ٿا، شاگرد احترام نٿا ڪن.

جمال ابڙي کي پنهنجو اسڪولي دور ياد اچي وڃي ٿو. هو پاڻ کي ٽريننگ ڪاليج جي وسيع اڱڻ ۾ بيٺي ڏسي ٿو ۽ چئي ٿو: ”ٽريننگ ڪاليج ۾ پڙهندو هيس، رسيس جو وقت هڪ هڪ ڇوڪرو ڊوڙندو اسان جي پرنسپال جسٽس غلام علي نانا آڏو اچي بيٺو جيڪو بيٺو ڪجهہ سوچي رهيو هو. ڇوڪري نانا کي چيو: سائين فلاڻو ڇوڪرو مون کي گاريون ٿو ڏئي. نانا جيئن بيٺو تئين بيٺو رهيو ڇوڪري ٻيهر پڇيس، ”سائين فلاڻو ڇوڪرو مون کي گاريون ٿو ڏئي. مان ڏٺو سائين غلام علي نانا گم سم لهجي ۾ چيو: مون کي گارين ڏيڻ وارا سيئي مري ويا، ۽ کيسي مان رومال ڪڍي اکيون اگهندو هليو ويو.

ڳالهيون اسڪولن جي ورانڊن مان نڪري سياست جي ايوانن ۾ اچي وڃن ٿيون. جمال صاحب چئي ٿو: ”خاڪسار تحريڪ سان لاڳاپيل هئڻ ناتي مان وٽ امام علي نازش عرف سلفي، حسن ناصر ۽ ڪي ٻيا ايندا رهندا هئا. ان دؤر ۾ مان لاڙڪاڻي ۾ فرينڊشپ هائوس جو قيام عمل ۾ آندو هو.

مان پڇان ٿو: ڇا اوهان باقاعدي ڪميونسٽ پارٽي جا ميمبر هئا؟

”نہ — جمال صاحب چئي ٿو: ”مان ان وقت بہ خدا جي ذات تي يقين رکندڙ هيس ۽ روزي نماز سان جڙيل هجڻ جي ڪري هنن مون کي پارٽي جو ميمبر نہ ٺاهيو پر مان خاڪسار تحريڪ سان لاڳاپيل هيس. پر منهنجيون همدرديون ڪميونسٽ دوستن سان هونديون هيون. سوڀي کي جڏهن جيل ۾ وڌو هيائون تہ پيٽي سان مليس، کيس سوڀي کي آزاد ڪرڻ لاءِ چيم. پيٽي چيو: ”مان سوڀي کي بہ آزاد ڪريان ٿو ۽ ڪميونسٽ پارٽي تان بندش بہ لاهيان ٿو پوءِ واقعي پيٽي سوڀي کي آزاد ڪيو ۽ پارٽي تان بندش بہ ختم ڪئي. ذڪر ذوالفقار علي ڀٽي جو نڪري ٿو تہ جمال ابڙو چئي ٿو: ڀٽو پهريون ڀيرو جڏهن حيدرآباد آيو تہ کيس شهر ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏنو ويو تہ ڀٽو حيدرآباد ريلوي اسٽيشن جي ويٽنگ روم ۾ وڃي ويٺو.

مان کي جڏهن خبر پئي تہ علي احمد ٽالپر جي وڏي پاءُ کي فون ڪري چيم، سرڪار گاڏي گهرجي ڀٽي صاحب کي وٺي اچڻو آهي، تنهن تي هن چيو تہ، سرڪار گاڏي تہ مان اماڻيان ٿو پر سوچي وٺو ڪٿي نوڪري نہ ڇٽ ٿي وڃيؤ.

چيم، پلي ٿئي، ڀٽو لاڙڪاڻي جو آهي. مان هن کي هيٺڙي ريٽ ويٽنگ روم ۾ انتظار ڪندي ڏسي نہ ٿو سگهان. پر جڏهن ريلوي اسٽيشن پهتس تہ ڀٽو ويٽنگ روم ڇڏي وڃي چڪو هو. ڳالهہ مان ڳالهہ ڦٽي ٿي جمال ابڙو چئي ٿو: ”ڀٽو جڏهن



Gul Hayat Institute

اليڪشن ۾ بيٺو تہ مون کي چيائين: ”علي احمد ٽالپر وارن سان ملاقات ڪرڻي آهي. مان جڏهن علي احمد سان ڳالهہ ڪرڻ چاهي تہ هو چوڻ لڳو سرڪار ساهي پٽيو ماني کائو ڳالهيون بہ پيون ٿينديون. ماني کائي جڏهن واش بيسن ڏانهن وڌياسين تہ مان علي احمد سان پنهنجي صاحب جي ڳالهہ ڪئي تہ هن هٿ ڌوئيندي چيو: ”سرڪار اسان جا مٿا تہ اڳي ئي اڪرين ۾ پيا آهن. مان ساڳي ڳالهہ پنهنجي سان اچي ڪئي. ان کان پوءِ پنهنجو وٺن وڃي رهيو. جمال ابڙو علي احمد ٽالپر جي دوستي ۽ ادب پروري جي باري ۾ ٻڌائڻ لڳو:

”وٽس عاليشان لئبرري هوندي هئي، شاعري ۾ سندس سليڪشن حيرت انگيز هوندي هئي، اردو ۽ انگريزي جا اهڙا اهڙا شعر ٻڌائيندو هو جو ٻڌندڙ ساراهہ ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ سگهي. ڪيس سنڌي شاعرن ۾ مولوي احمد ملاح تہ حفظ هوندو هوس، جڏهن ڊفينس منسٽر هيو تہ مان اسلام آباد ويس، ساڻس فون تي ڳالهايم.

چيائين: ”سرڪار ڪڏهن کان آيل آهيو؟

چيم: ”سرڪار بہ چار ڏينهن ٿي ويا آهن.

چيائين: ”سرڪار پوءِ آيا نہ آهيو؟

چيم: سرڪار بيڪار آهيون.

هڪدم چيائين: سرڪار هاڻ ئي ڪار موڪليون ٿا، پهچڻ جي ڪيو.

منهنجي نگاهہ جمال صاحب جي صوفا پٺيان اڌ کليل دريءَ ٻاهر پئي ٿي، جتا اوندهہ جي ديوار ڪڙي ٿي چڪي آهي. مان اوندهہ مان نگاهہ ڪڍي نصير ڏانهن ڏسان ٿو.

نصير ولي رام ولڀ ڏانهن نهاري ٿو تہ، ولي رام ولڀ چئي ٿو: ”وقت چڱو وهامي چڪو آهي، هلڻ گهرجي. ولي رام جي جملي سان سيئي وينل سممت ٿين ٿا. اسان جمال صاحب کان موڪلايون ٿا. جمال ابڙو اسان سان گڏجي ڊرائنگ روم مان نڪري ٽريس ۾ اچي سيمينٽ جي پاٽ تان هلندو تارن پري کليل آسمان هيٺ اچي وڃي ٿو. ٻاهر چڱي ٿڌ شروع ٿي چڪي آهي. اسان آخري پيرو ڪائنس موڪلايون ٿا. هو اسان سيني کي نج سنڌي طريقي سان هٿ ٻڌي ٿورا مڃيندي اجازت ڏي ٿو.

مان، علي بابا، محمود ۽ نفيس احمد شيخ. ڪار جو دروازو کوليان ٿو ۽ ڊرائيونگ سيٽ تي ويهي ڪار کي ڄامشوري جي هوائن حوالي ڪرڻ جي چاهنا ۾ ايڪسيليٽر تي زور رکان ٿو.

ڪار جا دروازا بند هئڻ سبب منهنجي بليزر جي کيسي ۾ پيل ٽشو پيپر ۾ ويڙهيل شامي ڪبابن جي مهڪ ڪار ۾ پکڙجڻ لڳي ٿي، سنڌي ٻولي جي سدا سائي رهندڙ ڪهاڻيڪار جمال ابڙي جي ڪجهہ گهڙيون اڳ ڪيل ڳالهين جيئن جيڪي منهنجي ذهن ۾ ڪٿوري جي خوشبو جيئن ور وڪڙ کائي رهيون آهن.



Gul Hayat Institute

# سچي ملڪ جو عوام انقلاب جي گهري ٿو

## تاج مري ۽ بدر ابڙو

سائين جمال ابڙو جو انٽرويو مئي 1988ع ۾ بدر ابڙو ۽ تاج مري ورتو

- *(تاج): سائين اوهان ڪڏهن کان لکڻ شروع ڪيو؟*

** لکڻ تہ ننڍپڻ کان ئي مون شروع ڪيو هو. ننڍا بيت ۽ شعر پهرين سڪيس. ڪهاڻيون 15-16 سالن جي عمر ۾ مون لکيون جيڪي ڪچيون هيون. ڇپائڻ جهڙيون نہ هيون ۽ نہ ئي ڇپيون. 1940 ۾ جڏهن خاڪسارن تي گوليون هلايون پئي ويون انهن ڏينهن ۾ مون هڪڙو وڏو شعر لکيو هو. طبيعت ۾ چڙ اهو لاڙو شروع کان ئي هو باقي باقاعدي مون ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. 1952-53 ۾ ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيم.

- *(تاج): لکڻ جي لاءِ ڪهڙا سبب يا محرڪ هئا؟*

** سماج ۾ ناانصافيون، انساني پيڙا، انساني تڪليفون، اهي محرڪ هئا منهنجي لکڻ جا. معاشي نابرابري انسانن سان ظلم، اهي ئي مسئلا هئا انهيءَ سبب ڪري مون کي لکڻ ڏي لاڙو ٿيو.

- *(تاج): توهان ڪافي عرصي کان لکڻ ڇڏي ڏنو آهي، ان جا سبب ڇا آهن؟*

** ڪو خاص ڪارڻ ڪونهي، مون کي جيڪو ڇوٽو هو سو مان ڇئن پنجن سالن ۾ لکي ۽ ڇڏي ويٺس. هن وقت ڪا خاص بيماري تي پئي آهي، جيڪا لکڻ مان ڪنهن ماڻهوءَ کي ٿيندي آهي. ڊاڪٽرن لکڻ کان جهليو آهي هٿ ۾ قلم نہ ٿو جهلي سگهان. هڪڙو سبب اهو بہ آهي. باقي ٿوري عرصي ۾ مون کي جيڪو ڇوٽو هو سو چند سالن جي عرصي ۾ ڇئي ويو آهيان. باقي لکڻ مون قطعي بند نہ ڪيو آهي. هاڻ پنجن ستن سالن کان پوءِ هڪ ڪهاڻي ڇپي آهي. ائين ٿورو ٿورو لکندو رهيو آهيان. باقي اسپيڊ سان مون 5-7 سال ئي لکيو هو.

- *(تاج): هت موجوده حالتن ۾ سنڌي اديب تي ڪيتري ذميواري عائد ٿئي ٿي؟*

** سنڌي اديب تي هر وقت ساڳيون ذميواريون آهن. عوام جي اُمنگن جو ترجمان بڻجن، سچ لکن. انهن جون ذميواريون ڪنهن بہ دور ۾ متجن ئي نہ ٿيون. هر دور جي ليکڪ سچ ڳالهايو آهي ۽ ان وقت جي ناهموار حالتن خلاف ڳالهايو آهي. ڪالي

داس کان وٺي هومر تائين سڀني پنهنجي ضمير جي آواز موجب ڳالهايو آهي.

- *(تاج): هن وقت سنڌي اديبن جو اهڙو ڪردار آهي؟*

** سنڌي اديب جو بالڪل اهڙو ڪردار آهي سنڌي اديب جي خاصيت اها آهي ته هن ڪڏهن به پئسي لاءِ نه لکيو آهي. اها سنڌي اديب جي سڀ کان وڏي ۾ وڏي خوبي آهي. انهن مان گهڻن ڪڏهن به پنهنجي ڪتاب جي ڇپائي تي پئسا نه ورتا آهن.

- *(تاج): جيئن ته توهان چيو ته سنڌي اديب ٻين کان مختلف آهي ۽ اهو جڏهن سنڌي ادب پڙهجي ٿو ۽ پاڪستان جي ٻين ٻولين جو ادب پڙهجي ٿو ته ان ۾ به فرق محسوس ٿئي ٿو؟ ان جا ڪهڙا ڪارڻ اوهان ڏسو ٿا؟*

** ان جا ڪارڻ سياسي حالتن جي ڪري آهن. ناانصافيون ۽ مسئلا ته آهن ئي آهن. جيئن پاڪستان ٺهيو ته لڏپلاڻ ۽ پناهگيرن جو مسئلو اڀريو هارين جي زمينن تي پناهگيرن ڪليمن ذريعي قبضا ڪيا. نوڪرين ۾ نوجوانن کي جائز حصو نه مليو ان کان پوءِ ون يونٽ جو مسئلو اٿيو. هر وقت سياسي مسئلن ڪري سنڌي اديب متاثر رهيو آهي, ان ڪري انهن حالتن کان هو ڪن لاتار نه ٿو ڪري ۽ نه ڪو ڪري سگهندو.

- *(تاج): اوهان چيو ته سنڌ جي هاري سان مسئلا آهن سنڌ جو مقامي زميندار جيڪو هارين سان ڏاڍ ڪري ٿو ان تي سنڌي اديبن ڪيترو لکيو آهي؟*

** سنڌي اديب جو وڏي ۾ وڏو موضوع ئي هاري ۽ زميندار رهيو آهي ان تي تمام گهڻو لکيو ويو آهي. سنڌي اديب ڪڏهن به ان کان اک نه ٻوٽي آهي. حيدر بخش جتوئي جي تحريڪ کان وٺي ڪڏهن به سنڌي اديب ان مسئلي کي نظرانداز نه ڪيو آهي. زميندار توڙي سرمائيدار سمورن استحصالي قوتن خلاف لکيو اٿس هر موضوع تي لکيو اٿن.

- *(تاج): سينڌ ڪهاڻيءَ ۾ جديد تقاضا جا ٽيڪنڪ جي حوالي سان ڪهڙا لاڙا رهيا آهن؟*

** سنڌي اديب دنيا ۾ جيڪي به لاڙا يا ٽيڪنڪ آهن هر هڪ لحاظ کان ڪهاڻي لکي آهي. دنيا ۾ جيڪي به موضوع آهن انهن تي قلم کنيو آهي.

- *(تاج): نوجوان سنڌي ليکڪ ڪيتري قدر پنهنجون ادبي ذميواريون ادا ڪيون آهن؟ يا ڪري رهيا آهن؟*

** تمام چڱي نموني ذميواريون نڀائي رهيا آهن تمام سٺو لکي رهيا آهن. باقي هڪڙي شڪايت آهي ته علم حاصل ڪن, پڙهن مسئلن تي غور ويچار ڪن ان ڪانپوءِ ڪو نتيجو ڪڍن. باقي سائنسي سوچ پيدا ٿيڻ گهرجي اهو گهٽ آهي.

- *(تاج): چيو وڃي ٿو ته اوهان ڪهاڻي "پشو پاشا" مئڪسم گورڪي جي ناول ماءُ کان متاثر ٿي لکي آهي؟*

** پشو پاشا ۾ ته ماءُ جو ڪو به ڪردار ڪونهي. اها سنڌ جي حالتن کان متاثر ٿي



Gul Hayat Institute

لکي وئي، ان وقت جي هاري تحريڪ جي ڪردار ڪان متاثر ٿي لکي وئي آهي. ان وقت اهڙا ٽيپيڪل ليڊر پيدا ٿيا هئا جيڪي ماڻهن کي گڏ ڪري وري ان وسيلي پئسا ڪمائڻ شروع ڪندا هئا، ان ڪوڙي ليڊرشپ جي خلاف لکي وئي آهي. تہ هارين کي پنهنجا لوڪل سطح تي ليڊر پيدا ڪرڻا پوندا. پاهران اچي ڪو انهن جا مسئلا حل ڪونہ ڪندو ان موضوع تي لکي وئي آهي.

- *(تاج): سنڌ جي قومپرست ۽ ترقي پسند سياسي جماعتن ۾ جيڪو ڏڦيڙ آهي ان کي ڪيئن ختم ڪري سگهجي ٿو؟*

** سچائي سان، پئي سچا ٿيا پنهنجو پاڻ سان عوام سان تہ اهو مسئلو حل ٿي سگهي ٿو.

- *(بدر): اهي هڙئي گروپ پاڻ کي صحيح سمجهن ٿا؟*

** جيڪو بہ مسئلو آهي ڳالهين سان حل ٿي سگهي ٿو هڪ ٽيبل تي ويهي حل ڪري سگهجي ٿو. بنيادي تضاد آهن ئي ڪونہ. پاڻ ۾ ويهي ڳالهين وسيلي حل ڪري سگهن ٿا. ڇا قومپرست ترقي پسند ناهي يا ترقي پسند قومپرست ناهي ڇا؟ اهو تضاد ئي ڪونهي. اهي گڏ ويهي حل ڪري سگهن ٿا.

- *(بدر): هن وقت جيترا ويڇا آهن انهن جو ختم ٿيڻ ڏاڍو ڏکيو ٿو ڏسجي؟*

** جيڪڏهن ڪا ليڊرن جي شخصي انا آهي ان کي ڇا ٿو ڪري سگهجي، شخصي انا تہ ليڊرن کي ختم ڪرڻي پوندي

- *(بدر): اهي شخصي انائون ڪيئن ختم ڪري سگهجن ٿيون؟*

** اهو بہ ڊائلاگ جي ذريعي پاڻ ۾ گڏجي ويهن ان تي سوچين ۽ پاڻ ۾ ڳالهائين تہ ختم ڪري سگهجن ٿيون. حضور صلعم بہ يهودين کي چيو هو تہ مان توهان جا عقيدا نہ ٿو چيلنج ڪرڻ گهران پر ماڻهن جي ڀلائي لاءِ اچو ڳالهايون تہ صحيح. ان ڪري وسيع مفاد ۾ اهي پاڻ ۾ ويهي مسئلا حل ڪن.

- *(تاج): هاڻ هي سن ۾ اجلاس اڏايو اٿن قومي اتحاد لاءِ ان کي ڪيئن ٿا ڏسو؟ ان کي وڌيڪ سگهارو ڪيئن ٿو بڻائي سگهجي؟*

** پاڻ ۾ گڏجن ۽ عمل جي ميدان ۾ گڏجي هلن. هڪبئي کي عملي ميدان ۾ پرکي ڏسن، تڏهن ئي اهو اتحاد ڪامياب ۽ سگهارو ٿيندو.

- *(بدر): توهان آمريڪا ۽ سوويت يونين جو دورو ڪيو آهي، آمريڪا جو سوويت يونين تي الزام آهي تہ سوويت يونين ۾ ٻن انسانن وچ ۾ جيڪي ناتا آهن انهن ۾ بي حسي آهي؟*

** (سوويت يونين جي ٽٽڻ کان اڳ وارين حالتن ۾ جواب کي ڏنو ۽ سمجهيو وڃي) بلڪل بي بنياد الزام آهي. سڄو ڪوڙ آهي. انسان انسان آهي، انسان ۾ جيڪي انساني خاصيتون ۽ جذبا آهن سي ڪيئن ختم ٿي سگهن ٿا. اسان وٽ بہ ڪتا آهن سڄو ڏينهن گڏ آهن هڪبئي کان پري نہ ٿا ٿين. سو انسان انسان کان

Gul Hayat Institute

ڪيئن ٿو پري رهي سگهي. پاڻ آمريڪا ۾ (قرب) ڪونهي. اتي بي حسي ۽ بيرخي وڌيڪ آهي. ماءُ پيءُ اولاد وچ ۾. ايتري قدر جو منهنجي هڪڙي دوست ڳالهه ڪئي ته "مون وٽ هڪ ڇوڪري آئي ۽ روئي مون کي چيائين ته، 5 ڊالر اڌارا ڏي. مون ماني نه کاڌي آهي. مون پڇيومانس ته ڇو؟ ته ٻڌايائين ته مان گهر جو ڪم ڪار جڏهن پورو ڪندي آهيان تڏهن مون کي ماءُ ماني ڏيندي آهي ۽ گذريل ڏينهن کان بيمار هئڻ سبب مان گهر جو ڪم ڪار نه ڪري سگهي آهيان. ان ڪري مون کي گهران ماني به نه ملي آهي." هڪ ٻي ڇوڪري آمريڪا ۾ دوست سان گڏ ويٺي هئي ته "تار" آيو تار پڙهي ڦاڙي ڇڏيائين. دوست ڪانئس پڇيو ته ڇا هو تار ۾؟ جواب ڏنائين ته مري وئي. ۽ دوست پڇيس ڪير مري وئي؟ چيائين، "منهنجي ماءُ ماءُ مري وئي." دوست چيس ته تو کي ڏک نه ٿيو؟ چيائين ته مون کي ڇو خيال ٿيندو. ننڍپڻ ۾ مون کي گهران ڪڍي ڇڏيائين. ڪڏهن به ويجهو نه رهي. منهنجو خيال نه ڪيائين ته مون کي ڪهڙو ڏک ٿيندو؟" سو "هيومن رليشنز" انساني ناتا پاڻ آمريڪا ۾ ختم ٿي ويا آهن. سوويت يونين ۾ ختم نه ٿيا آهن. مان تاشقند ۾ هئس، تاشقند لينن گراڊ کان هزارين ميل پري آهي. اتي هڪ ڇوڪري اسان سان گڏ هئي، چيائين، "سياڻي منهنجي پيءُ جي ورسي آهي. مون کي موڪل ڏيو مان وڃان ٿي منهنجي ماءُ ڏکاري هوندي... سو هيومن رليشنشپ روس ۾ آهي.

- *(تاج): مذهبي جيڪي رسمون آهن اوهان سي پوزيون ڪندا آهيو. ان سان گڏ سائنسي سوچ جا پڻ حامي آهيو اهو "تضاد" ڪنٽراڊڪشن ناهي؟*

** ان ۾ ڪو به تضاد ڪونهي ڇاڪاڻ ته سائنس پنهنجي جاءِ تي، سچ جو مذهب سان ڪو ٽڪراءُ ڪونهي مذهب انسان ۽ الله جي وچ ۾ شخصي رشتو آهي. سائنسي سوچ اهڙو سچ آهي جنهن کي مذهب اڳتي هلي قبول ڪندو يا سيڪيولرزم پڻ سچ آهي ان جو مقصد آهي هر مذهب کي آزادي ان جو لادينيت سو تعلق ناهي. سيڪيولرزم پڻ سچ آهي ان جو به مذهب سان ڪو تضاد ڪونهي. مارڪسزم جو يا سيڪيولرزم جو مذهب سان ڪو تضاد ڪونهي. مارڪسزم جو مطلب آهي اقتصادي مساوات ان کي پڻ مذهب اڳتي هلي قبول ڪندو.

- *(بدر) فلسفي جي اعتبار کان متيريل ازم ۽ آئيڊيل ازم هڪٻئي جي بالڪل مخالف خط ۾ ڏنا وڃن ٿا هڪڙي ۾............ ٻئي ۾ ميٽر کي اوليت آهي.*

** متيريل ازم جي ڳالهه ڪيو ميٽريل ازم ٻي ڳالهه آهي.....

- *(بدر): ائين ته ڪميونزم جي باري ۾ چون ٿا ته سائنس آهي جنهن جو بنياد ميٽر ئي آهي؟*

** اهو تمام ڊگهو جواب ٿي ويندو. ميٽر خود هڪ انرجي آهي، اها هڪ بي جان شئي ناهي، پٿر ۾ به سمجهو توهان ان ۾ به انرجي آهي، ان ۾ وچڙجي نه.... سائنس پنهنجو ڪم ڪندي، مذهب پنهنجو ڪم ڪري ٿو مذهب شخصي معاملو آهي



Gul Hayat Institute

مان ان ڳالهہ جو قائل ناهيان تہ مذهب جيڪو......... اسٽيٽ ان سان واسطو ئي نہ ٿي رکي.... سنڌ جي ڳالهہ ٿا ڪيون تہ سنڌ هڪ اهڙو صوبو آهي جيڪو هر ڳالهہ ۾ سرپلس آهي ڪٽڪ ۾ سرپلس چانورن ۾ سرپلس ڪمند ۾ سرپلس، ڪوئلي ۾ سرپلس. زمين ۾ سرپلس، تيل ۽ گئس ۾ سرپلس. هاڻ پوءِ سنڌ کي حق ڇو نہ ٿا ڏنا وڃن. سنڌ هڪ ڪالوني بڻجي وئي آهي. سنڌ جو سڀ کائين ٿا پٺاڻ، پنجابي، مهاجر ۽ بلوچ پر پوءِ بہ سنڌ جي ڪلچر، ٻولي ۽ تهذيب تي حملا ڪن ٿا، ان کي نقصان پهچائين ٿا..............

مهاجر ڪلچر تہ پاجامي ۽ پان جو ڪلچر آهي. مهاجر سڏائڻ بہ عجيب شئي آهي تہ توهان هندستان مان آيا آهيو تہ پاڻ کي ايراني سڏايو سبزواري سڏايو بخاري سڏايو دکني سڏايو ملباري سڏايو رانگڙ سڏايو هاڻ هندستان مان پاڪستان آيا آهيو تہ پاڻ کي هندي سڏايو. مهاجر ڇو ٿا سڏايو. اهو ڳو پنهنجي مفاد کي حاصل ڪرڻ لاءِ، نہ تہ پهرين هي هتي آيا تہ جنگ ۽ ڊان اخبار هنن کي پناهگير سڏيو تہ پاڻ کي پناهگير سڏائي. مهاجرن ۾ وڏي ۾ وڏو حصو تہ پنجابين جو آهي جيڪي پاڻ کي پنجابي ٿا سڏائين. انهن کي تہ مهاجر هي پاڻ نہ ٿا مڃين. سو مهاجر هڪ استحصالي طبقو ابريو آهي. جيڪو سنڌ جي وسيلن تي پنجابين سان گڏ قبضو ڪري ويٺو آهي. لٽ مار ۾ پنجابين سان حصيدار بڻجي ويو آهي. هاڻ وڏيڪ حصي لاءِ واويلا وٺي ڪئي اٿن ۽ وري پنجابين سان گڏ تي ويٺا هوندا. ۽ گڏ ٿيا پيا سنڌ کي ڦريندا ۽ لٽيندا. مهاجرن جو تہ ڪو وجود ئي ڪونهي. اصل اهي هندي نسل لوڪ آهن جيڪي پاڻ کي هندي ڇو نہ ٿا سڏائين. مهاجر ڇو ٿا سڏائين. انهن پاڻ کي هندي نہ سڏائي پنهنجي شخصيت پاڻ وڃائي آهي.

- *(بدر): توهان ڇا ٿا سمجهو هاڻ هي جيڪو مهاجر، پنجابي، پٺاڻ، جو جيڪو جهيڙو آهي ان جو انت ڪهڙو نڪرندو؟*

** ايڊمنسٽريشن فيل وئي آهي. بدامني ۽ لاقانونيت وڌي وئي، اسان ملڪ جو هڪ سنو نوجوان نسل وڃائي ويٺا آهيون. ان جو نتيجو مارشل لا نڪرندي، فاشزم ۽ مارشل لا ڪان تہ اسان چڙهي ويا آهيون. سو هاڻ فاشزم ايندو. اهو مهاجرن جو مفاد آهي، اهوئي چاهين ٿا. مهاجر اقليت ۾ آهن ان ڪري جمهوريت نہ چاهيندا آهن. اقليت ڪڏهن بہ جمهوريت نہ چاهيندي آهي ان ڪري هو مارشل لا ۾ ئي سگهارا ٿيندا ۽ پريس بہ هنن جي آهي ۽ بيورو ڪريسي بہ هنن جي آهي، پريس ۽ بيوروڪريسي جي زور تي اهي هاڻ حڪومت ڪندا. جمهوريت ڪڏهن بہ نہ چاهيندا. هميشہ ڊڪٽيٽرشپ مارشل لا مهاجرن جو ساٿ ڏنو آهي. انڪري فوجي ڊڪٽيٽر ايندا تہ انهن کي هي هار پارائيندا. ايوب هنن جو هيرو ضياءَالحق بہ هنن جو هيرو هو.

- *(بدر): هڪ طرف مهاجر اقليت جيڪا آهي ان جو ڪردار اوهان اهو ٻڌايو*



Gul Hayat Institute

*ٻئي طرف هتي هندو اقليت آهي جيڪا تمام گهڻي دٻاءَ ۾ آهي جڻ ته هتڙئي هندستان جا ايجنٽ هجن. عوامي اُمنگن موجب ته ڪو نعرو ئي نه ٿا هڻي سگهن ان ڪي ڪيئن ٿا ڏسو؟*

** هندو اقليت تمام دٻايل آهي، اها مهاجرن جيان مليٽنٽ ناهي تنهن ڪري اهي پاڻ کي سنڌي قوم سان گڏائي قومي حقن لاءِ جدوجهد ڪن ٿا. ڇاڪاڻ ته اهي تمام گهڻو دٻايل آهن. انهن کي، ڪي به حق نه ڏناويا آهن. ان ڪري هو پنهنجي مذهب کي هندوازم کي ڇڏي وڏيڪ نيشنلزم کي ترجيح ڏين ٿا. قومي حقن لاءِ گڏجن ٿا. ڇاڪاڻ ته اهوئي سنڌن مفاد ۾ آهي ان ۾ ئي سنڌن تحفظ آهي ۽ هن وقت به جداگانه چونڊن جي خاتمي جي گهر ٿا ڪن اها هنن جي ڪيڏي نه فراخدلي آهي. هو چون ٿا ته گڏيل انتخاب ڪيو ته هندو اقليت پروگريسو سوچ رکي ٿي.

- *(بدر): هن ملڪ ۾ اقتدار لاءِ آرمي جو جيڪو رول آهي ان کي ختم ڪرڻ جو طريقو آهي؟*

** 1945ـ46 ۾ ....... مشهور ليڊر دهلي پارليامينٽ ۾ خطاب ڪندي چيو هو ته هڪ رڳي صوبي مان فوج پيا پرتي ڪيو ڇا مارشل لا لڳائڻي اٿوَ ڇا؟ ايترو اڳ ۾ ان ماڻهو اها ڳالهه ڏني هئي. سواءِ ان جي ته ڪي انٽرنيشنل اهڙا فورسز پيدا ٿين جو فوج اقتدار جي پچر ڇڏي يا جيڪڏهن پاڪستان قائم رکڻو اٿن ته 1940ع واري قرارداد تي عمل ڪن. صوبن جي پنهنجي ملٽري هجي ته هر صوبي کي صحيح آزادي هجي مڪمل آزادي هجي ته پاڪستان قائم رهي سگهي ٿو.

- *(بدر) ائين ته هجي پر ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟*

** ائين ٿي سگهي ٿو پنجاب کي هر ڳالهه جي اجازت آهي. پنجاب جو انٽليڪچوئل طبقو ۽ پورهيت اها ڳالهه ڪري سگهي ٿو ته پاڪستان کي قائم رکڻو آهي ته ائين ڪرڻو پوندو.

- *(بدر): پر سنڌ جو هڪ وڏو دانشور طبقو ان راءِ تي وڃي بيٺو آهي ته پنجاب جو جيڪو دانشور طبقو آهي پنهنجي ڪردار کي صدين تائين ادا نه ڪندو؟*

** مان ان راءِ سان متفق ناهيان پنجاب جو عوام، پنجاب جو پورهيت طبقو ۽ دانشور اها ڳالهه سوچي سگهي ٿو.

- *(بدر): هن وقت جيڪا صورتحال بيٺي آهي ان ۾ ملڪ کي انٽيريگيشن... اها صورتحال بيٺي آهي ان صورتحال جي ذميداري ڪنهن تي هوندي ۽ ڪهڙيون....؟*

** استحصالي طبقو جيڪو جمهوري قوتن کي چٽيو دٻايو وينو آهي، سياسي بازيگر جيڪي ان جو ساٿ ڏئي رهيا آهن.

- *(تاج مري): هن وقت اهڙي ڪا به آرگنائيزيشن ناهي جيڪا ملڪ کي*

*بچائي جيڪڏهن ملڪ انٽيريگيشن واري صورتحال ڏانهن وڃي ٿو؟*

** تمام خطرناڪ صورتحال تباهہ ڪن صورتحال آهي. قومن جا وجود اهڙي صورتحال ۾ ختم ٿي وڃن ٿا. ڪلچر، ٻولي اقتصاديات تباهہ ٿي وڃي ٿو. جيستائين منظم انقلاب نہ ٿو اچي تيستائين ڪا بهتري نہ ٿي اچي سگهي، تاريخي تبديلي جي ضرورت آهي.

- *(تاج): هن وقت جيڪا ملڪ جي صورتحال آهي ان موجب سڄي ملڪ ۾ انقلاب آڻڻ لاءِ حالتون سازگار ناهن تنهن ڪري فقط سنڌ سطح تي تنظيم جوڙي سنڌ ۾ تبديلي ۽ انقلاب لاءِ جاکوڙ ڪجي ان باري ۾ اوهان جي ڇا راءِ آهي؟*

** مان ان راءِ سان سهمت ناهيان ائين ڪونهي سڄي ملڪ جو عوام انقلاب جي گهر ڪري ٿو. بلوچستان جون حالتون ڏسو اتي حالتون خراب ناهن ڇا. پنجاب جو پورهيت طبقو دانشور ۽ عوام بہ انقلاب چاهي ٿو سڄي ملڪ ۾ انقلاب لاءِ حالتون سازگار آهن. انقلاب لاءِ هي نهايت مناسب وقت آهي سڄي ملڪ ۾ انقلاب اچڻ گهرجي.

- *(بدر): هڪڙو چوڻ اهو آهي تہ جيستائين پنجاب جو عوام سجاڳ ٿئي تنظيم سازي ٿئي تيسين ٻين علائقن ۾ جتي حالتون وڌيڪ سازگار آهن عوام انتظار ڪري؟*

تاج: يا جتي حالتون پڇي وڃن اتي انقلاب آڻجي؟

** انقلاب توهان ڇاکي ٿا چئو؟ عوامي انقلاب تہ اهو انقلاب جمهوري قوتون آڻينديون. اهو انقلاب تہ پلي اچڻ گهرجي. عوامي انقلاب سان ملڪ ۾ تبديلي ايندي باقي طبقاتي انقلاب تہ مان ويجهڙائي ۾ ڪونہ ٿو ڏسان.

- *(بدر): توهان چيو تہ ملڪ ۾ انقلاب لاءِ حالتون ميچوئر آهن؟*

** حالتون سازگار آهن انقلاب لاءِ مناسب آهن. پر ائين ٿئي بہ تہ صحيح نہ.

- *توهان سرائيڪي کي الڳ قوم سمجهو ٿا؟*

** ها سرائيڪي کي پنهنجو الڳ ڪلچر آهي ٻولي آهي، ڌرتي آهي.

- *(بدر): معنيٰ بحيثيت قوم سرائيڪي سمورن ماپن تي پورا لهن ٿا؟*

** بہ شيون ٿينديون جيئن مشرقي.......

- *(تاج): اسان جي ملڪ ۾ جيڪي ترقي پسند قوتون آهن انهن جو بہ حڪمرانن وانگر ڪشمير هڪ نام نهاد طريقي آزاد رياست آهي؟*

** ڪشمير جو مسئلو ڪشميرين جي راءِ موجب حل ڪيو وڃي. خود ڪشميري بہ اهو چاهين ٿا. ڪين ڳڏايو وڃي. ڪشميري پنهنجو مسئلو پاڻ حل ڪرائيندا. اسان جو ان سان واسطو ئي ڪونهي. اسان واري پاسي جو ڪشمير هجي يا هوڏانهن وارو اهي اهوئي چاهين ٿا.

ڪشمير کي ڇاڻي واٽي جدا رکيو ويو ان کي 1947ع ۾ هڪ صوبي جي حيثيت ڪانہ ڏني وئي. ڪشمير مسئلي کي ڇاڻي واٽي منجهايو ويو آهي.

Gul Hayat Institute

# مذهب آهي ماڻهن سان پيار!

پريات ۽ ڪلثوم

*( هي انٽرويو گهر ياتين سومر 29 آگسٽ 1994 واري ڏينهن تي ڪراچيءَ ۾ ورتو ۽ محفوظ ڪري ڇڏيو)*

- *حسن ۽ سيرت ۾ توهان جي چونڊ ڇا آهي؟*

** مان تہ حسن چونڊيندس ڇو تہ حسن ۾ الله جو اولڙو آهي. باقي سيرت تہ ڪجهہ آهي ۽ سراب آهي. ڇو اڻ ڏٺي جي ڳولها ۾ اچا پئجي وڃن. سيرت تہ الله طرفان هدايت آهي جنهن کي الله ڏئي، جڏهن ڏئي ۽ جڏهن وڻيس ڪسي وٺي. سنڌي ۾ چوندا آهن تہ ڪرڻ جي مند ئي ڪانهي. پوءِ اهڙي عارضي شيءِ جي پٺيان ڇو پئجي.

ايمان اهو رکجي تہ هر انسان فطري طرح چڱو آهي ۽ الله منجهس چڱائي وڌي آهي. هر انسان چڱو آهي۽ اهي رويا آهن جي کيس چڱائيءَ کان هٽائين ٿا.

ڪپري ۾ راءِ صاحب شيو ڪرام هو. ڏاڍو پلو ۽ جهانديده ماڻهو هو. مون سان پريت بجهي وئي هئس. عقل ۽ دانش جون ڳالهيون ڪندو هو. هئو ڏوتي بند ۽ اڻ پڙهيل پر مان کيس ڏاڍي عزت ڏيندو هئس تہ موٽ ۾ هو مون کي پنهنجي عقل ۽ دانش ۽ تجربي جا وَلر ڏيندو هو. هڪ دفعي ڏاڍي پتي جي ڳالهہ ڪيائين. چي، جج صاحب! جيڪو شڪل صورت جو سهڻو سو اندر جو بہ سهڻو. جڏهن مان بدلي ٿيس تہ ٻارن جئن روئي ويٺو.

رائصاحب جي ڳالهہ هنئين سان هنڊائي ڏسو. سڀ سچ نہ پر سچ جون جهلڪيون ان ۾ پسندا.

- *ٻئي جنم جي باري ۾ توهان جو ڇا خيال آهي ڇا ٻيو جنم ٿيندو آ؟*

** انهيءَ ۾ عجب تہ آهي. ڪائنات ۾ انيڪ راز آهن. انسان ويچارو تہ واريءَ جي ذري برابر آهي. اهو ڇا ڄاڻي. شاهہ سائين فرمايو آهي "اهو آءُ اُٿجاڻ يا آءُ ڪوه ڄاڻان پنڌ ڪيچ جو." سو اسين ڪير آهيون فتوا ڏيڻ وارا. رنگيءَ رنگ بڻايا. باقي



Gul Hayat Institute

روحن جا رشتا تہ آهن. اها ڳالھ مشاهدي ۾ آهي. ڪير انڪار ڪري سگھندو.
مان حيات بعد ممات جو قائل آهيان. هاڻي تہ ميڊيڪل سائنس بہ اهڙا تجربا ڪيا آهن.
باقي قرآن الحڪيم جي صاف فتوا آهي تہ "توهان مئل هيؤ پوءِ توهان کي جياريوسين پوءِ توهان کي وري مارينداسون ۽ وري جياريندا سين. ان جي معنيٰ دارد؟ توهان مئل هئا پوءِ توهان کي جياريوسين، معنيٰ توهان تہ جيئڻ (يا ڄمڻ) کان اڳ بہ هئا يعني اسين هميشہ کان هئاسون ۽ هميشہ هونداسون. باقي ظاهر ظهور ۾ ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿا اچون اهو حاضر و خالق ارض و سماءَ تو ڄاڻي. اسين ظهور کي حيات ٿا سمجهون. ظهور تہ وقتي علامت آهي ۽ حيات لافاني آهي.

- *خواب ڇا آهي توهان جا ڪي خواب جيڪو توهان کي اڄ تائين ياد هجن؟*

** خواب خواب آهي حقيقت نہ آهي. نڪي ان کي ڪا اهميت ڏيڻ کپي. ائين ڪرڻ سان ماڻهو وسوسي ۽ اڻ ڏٺي خوف يا اميد جي چڪر ۾ پئجي ويندو ۽ شايد شرڪ ۾ بہ هليو وڃي.
باقي ڪن ڪن ماڻهن منجھہ جن جا قلب، ذهن ۽ جسم پاڪ آهن تن تي الله پاڪ جو ڪرم ٿئي ٿو ۽ مٿن ستي توڙي جاڳندي مستقبل يا ڪنهن حقيقت جا عڪس ۽ اولڙا پون ٿا. جيئن ريڊيو جي سئي کي صحيح بينڊ تي رکو يا ٽي ويءَ جي صحيح چئنل وٺبي تہ آواز ۽ عڪس نمودار ٿيندا. بلڪل اهڙي طرح يا ان کان بہ وڌيڪ انسان جي پاڪيزه قلب ۽ ذهن ۾ بي حساب ۽ بي انداز قوتون پريل آهن. جئين رڪارڊ ۾ سُرَ.

- *سياست توهان جي نظر ۾؟ ڪهڙو سياستدان پسند اٿو؟*

** آڪسفورڊ ڊڪشنري ۾ سياست جي لفظي معنيٰ آهي عدل ۽ انصاف ۽ پڻ وقتي تقاضا مطابق، عملي سياست جو ابو مشهور فلسفي ارسطو فرمائي ٿو تہ، انسان هڪ سماجي جانور آهي. جيڪڏهن سماج کان ٻاهرُ رهندو تہ پوءِ وحشي درندو ٿي پوندو. سماج اصولن ۽ بندشن تي ٻڌل آهي. تہ مطلب ٿيو تہ سماج کي اصولن مطابق ڊنگ ۽ فضيلت سان هلائڻ ۽ سڌارڻ آهي سياست. اڄڪلھ تہ بدفضيلت ۽ بي ڊنگائي کي سياست سمجهيو وڃي ٿو. لنڊن ۾ قيام دوران هڪ انگريز پروفيسر آرؤن (ڪيس هارون چئون) سان سندس گهر مانيءَ تي ڪچهري ٿي. ان هڪ ننڍي جملي ۾ سياست سمجهائيندي چيو: "سياست آهي ماڻهن کي سچ پتائڻ يا چوڻ جو فن. ممتاز علي صاحب ڀٽي سان گفتگو دوران هن صاحب بہ ائين ٿي چيو تہ سياست آهي سچ ٻڌائڻ جو فن. مون هن صاحب سان سندس چيف منسٽري دوران بہ اڍائي سال ڪم ڪيو ۽ مون ڏٺو تہ هو صاحب انهي اصول تي بضد قائم رهيو.
2 – اڄڪلھ سياستدان ناپيد آهن. البت ليڊر گهڻا آهن. محترمہ بي نظير ڀٽو دلير عوامي ليڊر آهي.



Gul Hayat Institute

- *توهان پنهنجي زندگي مان مطمئن آهيو؟*

** قرآن شريف ۾ قلب مطمئنه جو ذڪر آهي. اهو ته ڪنهن نصيب واري کي حاصل ٿئي. مطمئن نه هجڻ هڪ مثبت جذبو آهي، ان کي منفي نه سمجهيو وڃي. خوب کان خوب تر جي تلاش تڏهن ٿيندي جڏهن ماڻهو مطمئن نه هوندو. مطمئن ٿي ويهي رهندو ته ترقي رڪجي ويندي بلڪ معاشرو زوال پذير ٿيڻ لڳندو.

هونئن مون پرپور، با عمل ۽ با اخلاق زندگي گذاري آهي ۽ خوشيون مليون اٿم. پر هڪ قسم جي تڙپ ۽ تشنگي رهي اٿم. جيڪي ڪجهه ڪرڻ گهريم ٿي يا ڪرڻ گهربو هئم تنهن جي تڪميل نه ڪري سگهيو آهيان. سماج سڌاري هڪ يا ٻين کي نفعو پهچائڻ وارو نه ٿي سگهيس. شاهه سائين به چيو آهي ته

ڳولهيان ڳولهيان، شال مَ ملان هوت
من اندر جا لوچ، مڇڻ ملڻ سين ماني ٿئي.
الله ڪرم ڪندو مون مٿيندو عفو ۽ مغفرت ڪندو.

- *زندگي جو مقصد ڇا هجڻ گهرجي؟*

** خدمت خلق. پاڻ ۾ جيڪي چڱو ڪر هجي تنهن کي چمڪائي سارو ٻين تي خرچ ڪري ڇڏجي.

- *توهان ڇا لاءِ لکندا آهيو؟*

** برائي کي برو چوڻ لاءِ ۽ چڱائي کي جاڳائڻ ۽ اڀارڻ لاءِ. اندر ۾ آتما اٿندو آهي. خوش ۽ جذبا اڀرندا آهن ته انهن جي پنن تي پالوٽ ڪري ڇڏيندو آهيان. ڪا بي انصافي، ڏک، درد، ڏاڍ ۽ ڏمر مون کي جهنجهوڙي ڇڏيندو آهي.

- *ننڍپڻ جو ڪو واقعو جيڪو اڄ تائين ياد اٿو؟*

** 1 — بيگناهه چمات کائڻ.

2 — لاش ڏسڻ جڏهن چوڌاري ڪتون اڀيون ڪري ان کي غسل تي ڏنائون.

- *گهر ۾ ڪهڙي شخصيت ۽ گهر کان ٻاهر ڪهڙي شخصيت توهان کي متاثر ڪيو؟*

** 1 — گهر ۾ بابا ۽ امان وٽ مان بنيادي اخلاقيات جا سبق سکيس. بابا ته جڻ بي عيب هو. باقي امان سخت مزاج ۽ اڻ پڙهيل هوندي به ڏاڍي صاف دل، نرم مزاج ۽ تعصب کان پاڪ هئي. وٽس هر وقت هندو ۽ غريب عورتن جو مجموعو لڳو پيو هوندو هو ۽ وٽ ۽ وس آهر سندن حاجت روائي ڪندي هئي. مهاجر عورتون به وٽس جهجهيون ايندڙيون هيون ۽ ساڻس هر قسم جي همدردي ۽ مدد ڪندي هئي. حد ته اها جو هڪ چري هندو عورت وٽس ايندي ۽ ٽڪندي هئي ۽ امان هن کان خفي نه ٿيندي هئي. مون کي ياد آهي ته هڪ پيري ان هندو عورت غسل خاني ۾ ڪاڪوس ڪري ڇڏيو ته پاڻ باتليون هاري ان کي صاف ڪيائين. الله شل انهي هڪ عمل ڪري جنت نصيب ڪندس. هندو عورتون ته چونديون ئي اٿين هيون



Gul Hayat Institute

تہ جمال ماءُ آهي سو مسلمان پر اتما هندو جي اٿس. بابا بہ وڏو مذهبي عالم هو پر هندن سان اٿڻ ويهڻ ۾ ڪاڻ پيئڻ گهڻو هوندو هئس. ٽاڻ بولا خان، ڪرمات ۾ جهمپير جا هندو اڄان ڪيس ياد ڪندا آهن جو ڏينهن جا ڏينهن وٽي ٽڪندو هو ۽ سندن مسئلا ٻڌندو هو. گهر ڪان ٻاهر منهنجو وڏو پاءُ شمس الدين ابڙو خوبين جي ڪاڻ هو. غريب غربي جو نہ رڳو هڏ ڏوڪي پر يار دوست هو. سندس لاءِ تہ

- *توهان جي پنهنجي باري ۾ ڪهڙي راءِ آهي؟*

** هڪ چڱو ماڻهو جنهن وس ۾ وت آهر هر چئلينج کي اعتدال ۾ اصولن سان منهن ڏنو هجي ۽ سرخرو بہ ٿيو هجي. بهرحال ماڻهو پنهنجو جج پاڻ نہ ٿو ٿي سگهي. مون ۾ اوڻايون بہ گهٽيئي هونديون. پٽائي سڳوري چيو آهي تہ مفتي منجهہ ويهار. جيڪڏهن پاڻ کي ڏوهي سمجهي محاسبو ڪجي تہ ڪچايون ڦڪايون ڏيکاريون تہ نڪري ايندون. ان صورت ۾ مان هر متعلقہ فرد، دوست، دشمن، مٽ مائٽ، توڙي ماتحت، ننڍن توڙي وڏن ۽ پڻ اولاد کان بہ هٿ ٻڌي معافي وٺان ٿو. شل اهي توڙي الله معاف ڪندم. انسان لاءِ معافي کان سواءِ تہ ڪو چارو ئي ڪونهي.

- *سنڌي سماج ۾ عورت کي مظلوميت جي علامت طور سڃاتو ويندو آهي توهان جو ان باري ۾ ڇا خيال آهي؟*

** 1 – جيڪو بہ ظلم سهي ٿو سو مظلوم نہ بلڪ خود ظالم آهي. قرآن جي زبان ۾ بہ بار بار ائين آيو آهي تہ اِن کنت مِنُ الظالمين. تحقيق توهان ظالمن مان آهيو. جيڪڏهن ظلم ٿئي ٿو ۽ واقعي ٿئي ٿو تہ پوءِ عورت هجي توڙي مرد، ان کي سراپا احتجاج بڻجي ظلم جو مقابلو ڪرڻ گهرجي ۽ ڪرڻو پوندو نہ تہ هو خود ظالم ليکبو.

2 – سنڌي سماج جو محور فئملي يا ڪٽنب آهي. مون تہ هر فئملي ۾ عورت کي راڄ ڪندي ڏٺو آهي. بس هن کي رڳو پنهنجي خداداد صلاحيتن جو صحيح استعمال ڪرڻو آهي. پوءِ هڪ نہ هڪ ڏينهن ضرور راڄ ڪندي. مون تہ سنڌي سماج ۾ ماءُ، ڀيڻ، ڌيءُ، زال جي وڏي عزت ڏٺي آهي. ها، باقي جيڪڏهن مرد يا عورت، پنهي مان ڪو جاهل آهي تہ پوءِ اهڙو مرد پنهنجي وحشي درندگي جو مرتڪب ٿئي ٿو. ان جو واحد علاج آهي تعليم ۽ خوف خدا. اڄڪلهہ سنڌ ۾ نياڻين جي تعليم عام ٿي رهي آهي.

- *اها ڪهڙي شخصيت آ جنهن توهان کي اتساهيو هجي ۽ توهان جي خواهش جاڳي تہ توهان بہ ان جهڙا هجو؟*

** مان اڳ بہ چئي چڪو آهيان. پهرين تہ منهنجو پيءُ ۽ ماءُ جن مون کي ابتدائي اخلاقيات ۾ نيڪيءَ جو درس ڏنو ۽ سيکاريو. منهنجو پيءُ علي خان ابڙو جنهن جو اٿڻ ويهڻ، سوچ توڙي عمل پين جي ڀلائي ۽ بهتري لاءِ وقف ٿيل هئو. ڊاريا چوندا هئا تہ اصحابي شخص آهي.

2 – سياسي ۽ ملڪي سطح تي مهاتما گانڌي ۽ علامہ المشرقي.

- *پسنديده مشغلو ۽ تڪيه ڪلام:*

** دوستن سان ڪچهريون ڪرڻ ۽ سير و سفر ڪرڻ، تفريحي ۽ تاريخي محفلن تي وڃڻ.

مون محسوس نہ ڪيو آهي تہ منهنجو ڪو تڪيہ ڪلام آهي. البت اهو چوندو آهيان تہ "الله وڏو آهي"، "الله چڱي ڪندو "الله کي خبر، "جئين رب جي رضا، تڪيہ ڪلام بابت پيا ٿي ٻڌائي سگهن ٿا. مون کي خبر نہ آهي.

- *اڪيلائي ۾ ڇا سوچيندا آهيو؟*

** ڪجهہ بہ نہ. گذريل واقعات ۽ حادثات اکين آڏو فلم وانگر ڦرندا رهندا آهن. انهن مان ضرور بہ ونندو آهيان ۽ ماٺ بہ وٺي ويندي اٿم.

- *ڪهڙيون ڳالهيون ياد رکڻ ۽ ڪهڙيون وسارڻ پسند ڪندا آهيو؟*

** پنهنجون اوٽايون ۽ بيوقوفيون، توڙي بي چيو ٽيڻ ۽ ڪنهن جي بيعزتي ڪرڻ جهڙا واقعا ياد ڪري پڇتاءُ بہ ٿيندو اٿم ۽ اهڙين يادين کي نا پسند ڪندو آهيان.

1 – عزت ۽ آدرياءُ ڏيڻ ۽ وٺڻ پسند ڪندو آهيان.

2 – ڪنهن سان بنا غرض جي بنا سفارش جي چڱائي ڪرڻ کي ياد ڪري پسند ڪندو آهيان، Glamour تي خوش ٿيندو آهيان، مثلن وڏن ماڻهن سان ٺاٺ باٺ سان وڏن محلاتن ۽ هوٽلن ۾ محفلون ڪرڻ وڻنديون اٿم ۽ ان کي پنهنجي ڪمزوري سمجهان ٿو. آدرياءُ ۽ عزت وڻندي اٿم. اٿين الائي ڇو آهي. آهيان تہ سادگي پسند ۽ نرتاپسند. شايد لاشعوري طور پنهنجي شخصيت ۾ ڪا ڪوٽ محسوس ڪندو هجان جنهن جي پورائي سان اهڙي ڏيک ويک ڪرڻ ۾ تسڪين ٿي مليم.

عشق نے غالب نکما کردیا،
ورنہ ہم بھی آدمی تھے کام کے

- *اهو شخص جنهن کي توهان سڀ کان وڌيڪ پسند ڪيو هجي ۽ جنهن سان سڀ کان وڌيڪ نفرت ڪئي هجي؟*

** 1 – تاريخي پس منظر ۾ جيڪڏهن پڇو ٿا تہ پوءِ حضور محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو مڙني خوبين جو منبہ محور ۽ مرڪز آهي.

اڄ ڪلهہ جي دؤر ۾ پڇو ٿا تہ مهاتما گانڌي ۽ علامہ عنايت الله خان المشرقي منهنجون پسنديده شخصيتون رهيون آهن. ٻئي مهمان انسان هئا. سچائي، سادگي، اخلاص، ايثار قرباني، خدمت خلق، ٻڪ ڏک تڪليف ۾ عوام سان گڏ، ڏيک ويک اصل ڪو نہ اخلاق ۽ اخلاقي جرئت جا مجسما هئا.

2 – نفرت جي ڳالهہ ڪري ڇڻ منهنجي توبهي لاهي وڌو. مون ڪنهن سان نفرت يا حقارت نہ ڪئي آهي نہ ڪري سگهان ٿو. پيار پيري دل ۾ نفرت جي

Gul Hayat Institute

گنجائش ئي ڪانه ٿيندي. ماڻهوءَ کان نفرت ڪيئن ڪجي؟ حضرت عيسيٰ عليہ السلام فرمايو آهي ته، ”گناهه کان نفرت ڪيو. گنهگار سان پيار ڪيو.“ ماڻهوءَ سان نه ماڻهن جي عملن سان نفرت ڪري سگهجي ٿي. ماڻهو ويچارو ته محبت پيار آهي مدد ۽ همدردي جي لائق آهي ۽ اهو اسان جو فرض آهي.

- *ڪهڙيون ڳالهيون توهان کي اداس ۽ ڪهڙيون ڳالهيون توهان کي خوش ڪنديون آهن ۽ انهيءَ بنهي ڪفيتن ۾ توهان ڇا ڪندا آهيو؟*

** 1 – سڄو محاسبو آهي پنهنجي رد عمل تي. هيئنئن به سچڻ واه واه، هونئن به سڄڻ واه واه.

ڏک سکن جي سونهن
گهوريان سک ڏکن ريءَ
(شاهه)

فَإِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ۝ إِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ۝ (الم نشرح-5، 6)

اداسيون ۽ خوشيون اهڙيون ته گڏوچڙ آهن جو پتو ئي نٿو پئجي. گهڙي گهڙيءَ کي پنهنجي ڪيفيت آهي. سڀ ڳالهيون عارضي آهن. گهور اداسي ۽ اونده ۾ به اهڙو ڪو چڱو جهونتو تو اچي جو ماڻهو ٻهڪي ٿو پوي ۽ باغ و بهار ٿيو وڃي. انهيءَ ڪيفيت جو سڄو مدار پنهنجي شخصيت ۽ رد عمل تي آهي. پنهنجي شخصيت کي اهڙو جوڙجي جو اڏول ٿي بيهي رهي. اسان جو حال اهو آهي جو پليٽ يا ڪوپ ٽٽي ته دانهن نڪري وڃي ۽ غصو غالب پئجي وڃي. مون اهڙا به انسان ڏٺا آهن جن کي موت جي خبر ڏجي ته چون الحمد الله. مير رسول بخش گورنري تان استعفا ڏني ۽ ڪڏهن شڪايت نه ڪئي. ماڻهن جي پٽيوالي وڃي ته هائي دوس مچائي ڏين. پير صاحب پڳاڙي ڦاسي واري رات جيل سپريڊنٽ سان شطرنج کيڏي ۽ کيس پتي رانديون هارايائين. پوءِ اهڙي گهري ننڊ ستو جو ڦاسيءَ ويل جيلر اچي کيس جاڳايو ته وڃي نماز پڙهي پاڻ ڦاسي ڏيارڻ ٽائين ويو. اهو آهي پاڻ تي قبضو ۽ اٽل ايمان.

- *خوشي توهان جي نظر ۾ ۽ ڪهڙو ڪم ڪندي خوشي محسوس ڪندا آهيو؟*

** 1_ خوشي هڪ لفظ ۾ ”اعتدال يا balance. ماڻهو پاڻ کي بئلينس رکي ته ڏک محسوس ئي نه ڪندو.

2 – ٻئي کي خوشي ڏيڻ.

3 – مون خوشي محسوس ڪئي آهي. ڪي ٿورا اهڙو اعلان ڪندا. جڏهن به سوچ ۽ ضمير مطابق عمل ڪري پار پئجي ته ڏاڍي خوشي ٿئي ٿي. يعني ”سوچ، ضمير ۽ عمل ۾ تضاد يا ٽڪراءُ نه هجي ته عجيب روحاني توڙي مادي naturial خوشي نصيب ٿئي ٿي. اهڙا واقعا هر ڪنهن سان ٿين ٿا ۽ پوءِ سڄي عمر انهن جو



Gul Hayat Institute

سرمايو رهن ٿا ۽ ڪچهرين ۽ اوطاقن ۾ ويهي ان جو ذڪر ڪجي ٿو بلڪ مُٺي ڪان پوءِ بہ هلندو رهي ٿو مخالفت ۽ ڏاڍ باوجود ماڻهو ضمير ۽ سوچ مطابق عمل ڪري وجي تہ اهڙي خوشي ڪا ٻي؟

- *توهان جا دوست؟ ۽ دوستي توهان جي نظر ۾؟*

** 1 – نالا ڳڻائڻا آهن تہ انصاف نہ ڪري سگهبو. بهرحال منهنجا سڀ دوست منهنجا پائر شمس الدين ۽ ڪمال الدين پوءِ عبدالله ميمڻ، غلام نبي سومرو عبدالقادر ابڙو تاج محمد ابڙو شمس الدين صديقي جج، غلام رباني آگرو امر جليل، شيخ اياز سراج ميمڻ، مرحوم عبدالقيوم ڪانپوري، مختار هاشمي الام آبادي، مير علي احمد خان ٽالپر، هادي بخش لاڙڪ مرحوم، قائم علي شاه، غوث علي شاهہ، ڏاڏا شاهہ، نور محمد ڀڳهيو وڪيل حيدرآباد، نور محمد سمو مرحوم سڪرنڊ، سانوڻ خان بلوچ، حاجي محمد اڪرم ۽ ٻيا ڪيترا. مهربان ۽ ڪرم فرما تہ ٻيا گهڻا ۽ وڏا ماڻهو هئا.

2 – دوستي جا بنيادي اصول:

1. دلي عزت 2. دوست جي اوڻاين سان پيار 3. دوست کي آزمائش ۾ نہ وجهڻ ۽ اهڙو ڪم نہ چوڻ جو هو ڪري نہ سگهي 4. دوست جي ضرورت کي پانيي بنان چوڻ جي پورائي ڪري ڇڏڻ.

مٿئين هر موضوع تي ڊگهو مضمون لکي سگهجي ٿو. ڳالهہ ختم ڪرڻ لاءِ آسڪر وائلڊ جي چواڻي، مان دوستن سان پيار سندن خامين جي ڪري ڪندو آهيان ۽ دشمنن سان سندن خوبين جي ڪري.

هڪ سٽ ۾ ڪيتري وڏي ڳالهہ ڪري ڇڏيائين.

- *زندگيءَ جي ڪا ڪمي جيڪا توهان کي اداس ڪندي هجي؟*

** 1 – وڇوڙو

2 – ڪنهن جي حاجت روائي نہ ڪري سگهڻ.

3 – دوست کي مايوس ڪرڻ

- *توهان جي ڪا خواهش جيڪا اج تائين پوري نہ ٿي هجي؟*

** غالب چيو آهي:

ہزاروں خواہشیں ایسی کہ ہر خواہش پہ دم نکلے
بہت نکلے میرے ارمان لیکن پھر بھی کم نکلے

لطيف سائين چيو آهي:

پريان سندي پار جي مڙيوئي مٺائي
ڪانهي ڪڙائي چکين جي چيت ڪري

ٻئي صاحب سچا. الله سائين اهڙو ڪرم ڪري جو چکڻ جو ذائقو اچي.



Gul Hayat Institute

جب توقع ہی اٹھ گئی غالب
کیوں کسی کا گلا کرے کوئی

اهو مقام جنهن کي نصيب ٿئي. انسان ويچارو تہ بيوس آهي. بشري تقاضائون تہ پنهنجي جاءِ تي آهن ئي آهن.

- جيون جو ڏک؟

** 1 – پيارن جو موت
2 – نيڪي ۽ چڱائي جو عيوضو ملڻ

کی جس سے بات، اس نے شکایت ضرور کی (غالب)

- زندگي کان ڪا شڪايت؟

** زندگي تہ ڏاڍي سٺي ۽ وڻندڙ خواب مثل آهي. مون ڀرپور زندگي گذاري آهي ۽ ڀرپور مزو ورتو اٿم. جتي بہ رهيو آهيان پنهنجي ڀرپوري صلاحيتين کي ڪم آندو اٿم ۽ ڪاميابيون ماڻيون اٿم ۽ عزت حاصل ڪئي اٿم. اهو سڀ ڪجهہ الله سائين جا احسان سمجهيا اٿم.

شڪايت اٿم تہ "ارادن تنڻ جي. سماج سڌارڪ، آزادي جو سپاهي، مظلوم جو ساٿاري ۽ ظلم ۽ ظالم جو توڙ نہ ٿي سگهيس. شايد مون ۾ اهڙيون صلاحيتون ۽ قوتون نہ هيون ۽ الله سائين کي ائين منظور رهو.

مارا زمانے نے اسد اللہ خان تمہیں
وہ ولولے کہاں وہ جوانی کدھر گئی
(غالب)

- زندگي جي سڀ کان وڏي ڪاميابي ناڪامي؟

** هونئن تہ سڀ کان وڏي ڪاميابي مظلوم کي حق ڏيارڻ آهي ۽ سڀ کان وڏي ناڪامي ظالم سان نہ پڄي سگهڻ آهي. پر اهي وڏيون ڳالهيون اسان معمولي انسانن کي نہ ٿيون سونهن.

مون جهڙي معمولي ۽ عام رواجي انسان جي،
(1) سڀ کان وڏي ڪاميابي: اولاد جو سڌريل هجڻ
(2) سڀ کان وڏي ناڪامي: اولاد جو ڪرڻ

مجڻ مراد آهي، اجائي ڏاڙ چو هٽجي اولاد جو سڌارڻ سنوارڻ معمولي ڳالهہ نہ آهي. الله تعاليٰ جو قرآن ۾ حڪم آهي "أَمَرُوا بِالْمَعْرُوفِ وَ نَهَوْا عَنِ الْمُنْكَرِ" (الحج.41) چڱائي جو تاڪيد ڪيو ۽ برائيءَ کان روڪيو. سڄي سماج جو نيڪو ڪٽڻ کان اڳ ضروري آهي پنهنجي گهر کان (اولاد کان) شروعات ڪرڻ. گولڊ سمٿ، مشهور فلسفي ۽ ليکڪ چيو تہ مون اٺ ٻچا پيدا ڪري انگلينڊ ۽ بادشاہ سلامت جي وڏي خدمت ڪئي آهي. جي اهي اٺ ٻچا سٺا ۽ شريف شهري بہ هجن تہ سون تي سهاڳ.



Gul Hayat Institute

- *زندگيءَ ۾ مليل ڪو ڏوڪو؟*

** زندگي گهڙي گهماءُ آهي. زندگي پاڻ ئي ڏوکو آهي. اک ڇنڀ ۾ اک پورڻ جو ڊرامو آهي.

اصل مدار آهي پنهنجي رويئي تي. ڪي ماڻهو آڳ آڏو اڏول بيٺا هوندا. ڪي گهريس ڪيو گهڙي پوندا. ڪي گهوڙا گهوڙا ڪرڻ ۾ پورا هوندا ته ڪي مٿي ۾ پاڻي جا ڏول پيري پيري پيڙ به پسمر ڪري چڏيندا.

باقي انسان جا انسان سان دوکا ته وک وک تي چپي چپي تي ملن ٿا. ماڻهو ڏسي به ٿو سمجهي به ٿو ۽ مشڪي به ٿو. درگذر ۽ معاف ڪرڻ کان سواءِ چارو ئي ڪونهي. ان ۾ ڏاڍو مزو آهي. غالب چوي ٿو.

*بازیچہ اطفال ہے دنیا میرے آگے*
*ہوتا ہے شب و روز تماشا میرے آگے*

تماشو آهي ويٺا ڏسو. نواب غيبي خان چانڊئي جي هڪ ڳالهه مون کي ڏاڍي وڻندي هئي. جڏهن بابا ڪيس سندس چوڏاري ٿيندڙ چورين، بدمعاشن، گناهن بابت ٻڌائيندو هو ته آرام سان ٻڌي آخر ۾ چوندو هو "خان صاحب بس ! ويٺو ڏس. ڪيڏا وڏ گڙدا ماڻهو هئا."

- *زندگي جي مليل ڪا مهرباني؟*

** مهرباني نه، انعام. چڱي زال، چڱو اولاد ۽ عزت. شل رب ڪي چڱي وٽي.

صبر ۽ شڪر جو ته تمام وڏو مقام آهي. شال اهڙي توفيق ملي ۽ الله آزمائش ۾ نه وجهي.

- *زندگي جو يادگار واقعو؟*

** پنهنجي جيون ساٿيءَ سان گهاريل هڪ هڪ گهڙي.

- *توهان جي خوبي ۽ خامي*

** خامي — ڪاوڙ ۽ غصو منهن تي سچ چئي ڏيڻ

خوبي — شيڪسپيئر چيو آهي ته ڪا به شيءِ بذات خود بري يلي نه آهي. اهو صرف سوچ جو اثر آهي. منفي ۽ مثبت ۽ محل موقعي جو احتمال ضروري آهي.

- *حقيقت پسند آهيو يا تخيل پسند*

** حقيقت پسند آهيان ۽ سمجهوتي جو قائل آهيان. تخيل جي دنيا ۾ اڏامڻ هر انسان جو حق آهي ۽ اهڙي اڏام ڪي پسند ڪيان ٿو. اڏام لاحد آهي.

- *پسنديده گلوڪار ۽ گيت؟*

** گلوڪار — ميڊم نور جهان، زرينه بلوچ

گيت — سازِ دل پر درد نه ڇيڙ آج ڪي رات

گيت — حقي حرف هوتن جو آهي ڙي



Gul Hayat Institute

مان ڪيئن چوان، مونڊي ناهي ڙي

- *زندگي جو ڪو يوائتو واقعو؟*

** بيوقتو "موت جو زندگيءَ جي وڏي ۾ وڏي سچائي به آهي ته الميو به. باقي مون کي ڪڏهن به پؤ ناهي ٿيو (سواءِ ٻالڪپڻي جي رونشي ۾)

- *زندگي جو ڪو حسين واقعو*

** يار جو قرب مان ڊوڙي اچي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهڻ

- *مذهب توهان جي نظر ۾ ۽ توهان ڪيتري قدر مذهبي آهيو؟*

** مذهب آهي چال چلت جو طريقو. سڀ مذهب چڱائي سيکارين ٿا. ڪو به مذهب ڪوڙو ناهي.

ڪنهن ڏاهي چيو آهي ته جيڪڏهن ڪنهن قوم کي تباهه ڪرڻو اٿوَ ته پهرين سندس مذهب کي ختم ڪيو. جو ته پوءِ ٿيندي بيراه رويو، افراتفري ۽ بي يقيني. مارڪس ۽ لينن به چيو ته مذهب تمام وڏي قوت آهي. پوءِ به ڪميونسٽ مذهب خلاف ڪات ڪماڙو کڻي بينا ۽ پنهنجو ڇا حشر ڪيائون.

مذهب آهي ماڻهوءَ سان پيار ۽ سندس عزت ۽ احترام ڪرڻ. جنهن انين ڪيو تنهن پڻ الله سان پيار ڪيو. ان ۾ پيڊ ياؤ نه ڪجي. هندو هجي توڙي مسلمان ڪرستان، يهودي، مجوسي، ڇڙويا ينگي سڀ هڪ جهڙا پيار عزت ۽ احترام لائق آهن. هندو ويچارا ته پٿر ۾ به پرميشور پسندا هئا ۽ چوندا هئا ته پائي پئنچن ۾ پرميشور آهي.

بس منهنجو مذهب اهو آهي الله ۽ سندس آخري نبي سڳوري جي احڪامن تي عمل.

- *توهان کي پنهنجي لکيل ڪهڙي تحرير پسند آ ۽ ڇو؟*

** ڪا به پسند نه اٿم يا سڀ پسند اٿم ڇو ته مون جوش جولان ۽ جذبي سان لکيو آهي ۽ ان ڪيفيت ۾ بي ڪا اڻ ڏٺي قوت اندر ويندي آهي ۽ مڪمل قبضو ڪري وٺندي آهي. اها قوت جيڪڏهن چڱي آهي، اخلاص ۽ سچائي واري آهي ته پوءِ سڀ سون ۽ سڳنڌ. پر جي اها قوت ڪنهن ديڊ جي آهي ته پوءِ ڏوڙ ۽ ڏپ.

مان پانيان ٿو ته ليکڪ ۾ جيڪڏهن سچائي، اخلاص، اخلاق، پيار محبت ۽ ڏاڍ ڏمر آڏو اڏول ۽ اٽلتر ٽيڻ جي قوت آهي ته پوءِ سندس لکڻيون به اهڙيون ئي اثرائتيون ۽ ڪارآمد هونديون ۽ جُڳن تائين قائم رهنديون.

- *توهان کي شاه سائين جو ڪهڙو بيت – سر – سورمو پسند آ ۽ ان جي پسندگي جو سبب؟*

(1) بيت: هي سوال ته مون سان توڙي يٽائي گهوٽ سان نسوري نا انصافي آهي. يٽائي گهوٽ جا اڪيچار بيت بيمثال آهن. بيت معنيٰ به ستا. مون کي شاه سائين جي هڪ سٽ ۾ سڀ ڪجهه نظر ايندو آهي. هڪ هڪ سٽ پهاڪو ۽ پر

معنيٰ ۾ ڏاڍي اثر انگيز آهي. فرمائي ٿو ته:

پاٽان ڍڪي پاند جي ڏسي ڏوهه اکين سي.

(2) سرُ– هر سر ۾ لازول پيغام آهن. پر مون کي سر سامونڊي ۾ گهاتو ڏاڍو وڻندا آهن. تانگهه طلب، اوسيئڙو آسرو، همت، جرئت، اٽنت ۽ اڻ مٽي محبت ۽ جيڪي ڪجهه جياپي ۾ مسلسل جاکوڙ لاءِ ضروري آهي، سو سڀ ڪجهه ڏاڍي نياري انداز ۾ بيان ٿيل آهي. اوهين سر سامونڊي ٻئي دفعا دل لائي پڙهي ته ڏسو.

(3) سورمي –سورمين ۾ ڪا گهٽ وڌ ناهي، مون کي سسئي جو عزم، حوصلو همت، لگن، اڻ ڏيائي، سورهڻ، قوت برداشت ڏاڍو متاثر ڪندا آهن. ڏسو ته سهي جبلن کي پٽي دڙڪا ڏئي. آڏو تڪر تر، متان روه رتيون ٿئين. يا جي تون پهڻ پب جا، ته لڱ به منهنجا لوهه.

- *توهان جي پسند جوپ شاعر –ليکڪ –ڪتاب؟*

** دنيا ۾ تمام وڏا عظيم ۽ امر شاعر اديب ۽ ليکڪ ٿي گذريا آهن ۽ موجود آهن سندن نالا ڳڻائبا ته پنا ڪارا ٿي ويندا. باقي صرف سنڌ، سنڌي زبان ۾ موجوده دور جو پڇندا ته پوءِ مون کي ڪا به هبڪ نه ٿيندي ته شاعر، ليکڪ ۽ اديب اياز مهان آهي. ڪتاب "ڀنور ڀري آڪاش"

- *پسنديده کاڌو– مشروب – رنگ؟*

** کاڌو – کير، چانور ۽ لسي ماني

مشروب – صاف ٺڏو پاڻي

رنگ – انڊلٺ جا سڀ رنگ وڻندا اٿم. دنيا آهي ئي رنگ ۽ بوُ جي. انڊلٺ جي سيني رنگن کي ملائبو ته سفيد ايندو. سفيد رنگ ۾ ملائڪن جو تصور ايري ٿو.

- *محبت –فرض – عورت – توهان جي نظر ۾؟*

** محبت –اهو پاڪ جذبو آهي جو ماڻهوءَ ۾ ماڻهپو پيدا ڪري ٿي. محبت آهي پاڻ وسارڻ، پاڻ ارپڻ، اون رکڻ، هڏ ڏوکي ٿيڻ، عزت ڏيڻ ۽ وٺڻ ۽ ڀرپور خوشيون ماڻڻ.

فرض – خدمت خلق، آئي ويل ڪم اچڻ، محنت جي روزي حاصل ڪرڻ.

عورت – بهشت کان متيري، حضرت آدم عليہ السلام کي بهشت ۾ مزو نه آيو ۽ بهشت ۾ چا نه هوندو. ملا بهشت ڪارڻ وتي سڄي عمر سجدا ڏيندو ۽ مالها چوندو ۽ پوڪپائي ڏسو ته عورت کي وتي لوئيندو جنهن ڪارڻ حضرت آدم عليہ السلام بهشت تياڳيو.

- *توهان جو ڪهڙو ستارو آهي ۽ ڇا توهان کي پنهنجي ستاري جي خوبين ۽ خامين جي خبر آ ۽ توهان ۾ اهي ڪيتري حد تائين آهن؟*



Gul Hayat Institute

** ستارو آهي تارس (يعني ڏيگو) حضور صلي الله عليه وآله وسلم جو به اهو ستارو آهي. خوبين خامين جي خبر ڪا نه اٿم. ايترو معلوم اٿم ته ڏيگي وانگر پوئتي هٽي، پنهنجي طاقت جو اندازو لڳائي پوءِ زم مان ڊوڙي مخالف کي ٽڪر هٽي ڪيرائي وجهندو آهي. اها خوبي مون ۾ ڪو نه آهي نڪي ستارن جي چڪر تي ياڙيان نه ميجان. منهنجو ويساهه انسان جي اخلاق ۽ ڪردار ۾ آهي. سچ جو ساٿ ڏيڻ ۽ غلط ڪاري جي مخالفت ڪرڻ.

- *توهان جو پسنديده پکي – جانور – پهر – ڪيفيت؟*

** پکي سڀ سهڻا پر هنج (Swan) جو شان، ڪبوتر جي چال، ڪوئل جي ڪوڪ، گهوڙي جو مان شان، چيني جي رفتار ۽ شينهن جو رعب تاب وڻندو اٿم.. هونئن ته حيوانات ۽ نباتات ۾ هر شيءِ سهڻي آهي. معمولي ڇٻر جا پيرن هيٺان لتاڙجي تي، ڪيڏي نه سهڻي ۽ داڪين ٺار آهي. وهندڙ پاڻي ته من ۾ هلچل مچائي ٿو ڇڏي

- *ادب توهان جي نظر ۾ ۽ توهان ان دنيا ۾ ڪڏهن ۽ ڪيئن آيا؟*

** (1) ادب آهي جذبو خلوص ۽ ڪجهه ڪرڻ جي تمنا. چڱائي کي فروغ ڏيڻ ۽ بديءَ کي روڪڻ. اهو آهي نچوڙ ادب جو علم جو عقل جو مذهب جو ۽ انسانيت جو. ان جو سرچشمو آهي محبت، انسان ذات سان محبت بلڪ حيونات ۽ نباتات سان محبت. محبت آهي پاڻ وسارڻ ۽ پاڻ ارپڻ. يعني پنهنجي وجود، نفس، جي نفي ۽ باقي سڀ اثبات.

(2) مان ذات، ذات ۽ ادِ جو قائل آهيان. اهي سڀ اسان جي هٿ ۾ ناهن. اهي خاصيتون وديعت ٿين ٿيون. فاطر سماوات وارض ڪان هڪ فرد، انهيءَ فطرت جي بي انت مانڊاڻ ۾ هڪ معمولي واديءَ جي ذري جي حيثيت رکي ٿو جنهن کي هوا جو جهوٽو يا سمنڊ جون ڦيٽرون جيڏانهن وٺين تيڏانهن ڌڪي اڇلائين ۽ ڦٽو ڪن. پوءِ قدرت ان ۾ ڪا چمڪ (جهان جو نور) پيدا ڪري وجهي ته ڪجهه بات برهه جي آهي، عجب جيهي.

Gul Hayat Institute

# جمال ابڙي سان ملاقات

**نبي بخش کوسو**

*(هي انٽريو 1974ع جي آخر ڌاري ڪتابي سلسلي ’ڌرتي‘ لاءِ ورتو ويو جيڪو ڪن اڻ ٽرسببن ڪري بند ٿي ويو. سائين ظفر حسن جي ٿورن سان هي انٽرويو وينگس پبليڪيشن ۾ جنوري 1981ع ۾ ڇپيو)*

جمال ابڙو سنڌ جو اهو ڪهاڻيڪار آهي، جنهن کان ڪو به سنڌي ڪهاڻيڪار متاثر نه هجڻ جي هام نٿو هڻي سگهي. جمال ابڙو نه رڳو هڪ سٺو ڪهاڻيڪار آهي پر هڪ سٺو انسان پڻ. پر جمال جي انهن ٻنهي روپن تي جمال ابڙو جج ۽ ان کان پوءِ جمال ابڙو سيڪريٽري سنڌ اسيمبلي ان حد تائين حاوي ٿي ويو آهي جو جمال ابڙي نه رڳو ڪهاڻيون لکڻ ڇڏي ڏنيون آهن، پر يار ويس بجاءِ ٻچڙوال وڌيڪ لڳندو آهي. پر جمال سان جڏهين به خلاصو ملجي ٿو ته جمال جج بجاءِ جمال ابڙو هوندو آهي.

جمال ابڙي جو فن جي باري ۾ نظريو اهو آهي ته سامهون ڪن مسلسل ڳالهين جي نچوڙ جي روپ ۾ ڪا تڙپ، لکڻ يا تخليق لاءِ ٻاهر اچڻ لاءِ اڇلون نه کائي تيستائين فن جي تخليق نه ٿي ٿئي.

پنهنجي باري ۾ ڳالهائيندي هن چيو ته ڪيس به ان ڪيفيت لکڻ لاءِ آماده ڪيو ۽ خاص طور تي ماڻهن جون تڪليفون، انسانن سان همدردي ۽ انسان جي ازلي خوبين ڪيس ليکڪ بڻايو.

هن پنهنجن ڪردارن جي باري ۾ ڳالهائيندي چيو ته انهن مان گهڻو تڻو حقيقي آهن، پر اهي جيئن جو تيئن بيان ڪيل ڪونه آهن، هڪ نظارو سچو آهي ته ٻيو نظارو ڪنهن نُقطي کي وڌيڪ سنواري پيش ڪيو ويو آهي.

هن پنهنجين آڪاڻين جي باري ۾ چيو ته جيتوڻيڪ ڪردارن سان ڪيس اڳي به محبت هئي ۽ هاڻي به اٽس پر تنهن هوندي به ڪيس پنهنجون آڪاڻيون هاڻي نه ٿيون وڻن ۽ ان جو سبب ٻولي جو نه وڻڻ يا فني اوڻايون به ٿي سگهن ٿيون.

هن پنهنجن ڪردارن جي باري ۾ ڳالهائيندي چيو ته مون کي ممڙي سان



Gul Hayat Institute

ڏاڍي محبت آهي ۽ خميسو وسريو نہ ٿو وسريم ۽ اهڙي ريت پيراڻي بہ ناقابل فراموش آهي. هن چيو تہ هن سنڌي لٽريچر ڏاڍو پڙهيو آهي ۽ ننڍي هوندي کان پڙهندو رهيو آهي، ان ڪري چئي نہ ٿو سگهجي تہ ڪنهن کان متاثر ٿيو آهي، تنهن هوندي بہ سندس چوڻ آهي تہ ڪيس امر لعل هنڱوراڻي جي آکاڻي "ادو عبدالرحمان" ڏاڍي وڻي پر اها هن پنهنجين آکاڻين لکڻ کان گهڻو پوءِ پڙهي هئي. هن پنهنجي پيءُ (جيڪو بہ اديب هو) جي باري ۾ ڳالهائيندي چيو تہ هن ڪڏهين بہ ڪيس اديب جي روپ ۾ متاثر نہ ڪيو آهي، چاڪاڻ تہ هو هڪ سماجي اصلاح پسند هو،البت ان جي ڪتابن مان هن ضرور فائدو ورتو آهي. ايتري قدر جو ٽئين درجي ۾ شيڪسپيئر جي ڪتاب ڪي اٿلائي پٿلائي ڏسندو هو ۽ مٿئرڪ تائين ان جا ترجما پڙهي ڇڏيائين. عالمي ادب جي باري ۾ ڳالهائيندي هن چيو تہ ننڍي هوندي کان ئي ٽيگور ۽ ٽالسٽاءِ سندس پسنديده اديب هئا ۽ جيڪي اڄا تائين قائم آهن. هن پريم چند جي باري ۾ بہ ساڳي راءِ جو اظهار ڪيو.

هن کي جڏهين ٻڌايو ويو تہ ڪجهہ دوستن جي چوڻ مطابق سندس آکاڻين ۾ ناڪاريت (Nihilism) آهي ۽ ڪا بہ Positivity ڪونهي هن چيو تہ ڪيس خبر نہ آهي تہ ڇو اها راءِ قائم ڪئي وئي آهي. ۽ چيائين تہ مان نٿو سمجهان تہ ائين آهي. جي ڪنهن بہ تخليق ۾ صحيح جذبو هجي، غلط شيءِ لاءِ نفرت ۽ صحيح شيءِ لاءِ پيار پيدا ڪجي ۽ پڙهندڙ تي اهڙو تاثر ڇڏجي تہ پوءِ مان نہ ٿو پايان تہ اها Nihilism آهي.

هن سنڌي ڪهاڻيڪارن جي باري ۾ ڳالهائيندي چيو تہ ڪيس لکڻ کان اڳ شيخ اياز جون ڪهاڻيون ۽ سائينداد سولنگي جي ڪهاڻي "انڌي ۽ جنب" ڏاڍيون وڻيون هيون، اهڙي طرح ڪيس آغا سليم، امر جليل، ثميره زرين ۽ رباني بہ وڻندا آهن. هن چيو تہ حفيظ شيخ جون ڪي ڪي ڪهاڻيون ڪيس وڻنديون آهن، پر ان کان بہ وڌيڪ سندس خط

هن سنڌي ڪهاڻي جي اوسر جي باري ۾ ڳالهائيندي چيو تہ سنڌي ڪهاڻي اڳتي وڌي آهي. پوئتي موٽ نہ کادي اٿس. هن چيو تہ سنڌي ڪهاڻي چڱو اڳتي وڌي آهي ۽ ڪنهن بہ لٽريچر سان سندس مقابلو ڪري سگهجي ٿو.

هن پاڻ کان اڳ جي ليکڪن جي باري ۾ چيو تہ ڪيس انهن جون ڪهاڻيون ياد ڪو نہ آهن، جي ڪهاڻيون ياد اٿس تہ مصنف ياد ڪو نہ اٿس ۽ جي مصنف ياد اٿس تہ ڪهاڻيون ياد ڪو نہ اٿس.

هن چيو تہ ٻن سياسي تحريڪن هن جي زندگيءَ تي ڪافي اثر ڇڏيا آهن، خاڪسار تحريڪ جي باري ۾ هن چيو تہ ان تحريڪ اڻ مٽ اثر ڇڏيا آهن، پر هاري ڪميٽي جي تحريڪ ڪيس سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪيو.

هن کان جڏهين پڇيو ويو تہ "مهراڻ" جي اديبن يعني رباني، جمال، خواجه

سليم ۽ حفيظ مرحوم لکڻ ڇو ڇڏي ڏنو ته هن وراڻيو ته ان دور ۾ ادبي دنيا ۾ خال هو. سموريون تحريڪون، مسلم ليگ ڪانگريس وغيره پنهنجو ڪردار ادا ڪري ختم ٿي چڪيون هيون، ان جي ڪري هڪ رد عملي ڪيفيت پيدا ٿي، ۽ هنن چيو ته ڪا نه ڪا ادبي تحريڪ پيدا ڪجي. سنڌي ليکڪن جي قومي جذبي، پنهنجي قوم لاءِ اُنس، ڌارئي ڪلچر جي مقابلي ۾ پنهنجي ڪلچر جي بچاءُ جي جذبي، انهن سيني ڳالهين، خاص طور تي سنڌي عوام جي سياسي ۽ سماجي پسماندگي جي حالت کين ان تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ مجبور ڪيو. ان هلچل جا روح روان نئين ٿهي وارا هئا، پراڻو ڪو به ڪو نه هو. پوءِ ته قافلو هلي چڪو هو پر اڳتي هلي روزگار جي مسئلن، مطالعي جي هٽجي وڃڻ، عملي زندگيءَ سان سڌي سنئين تعلق ڪٽجي وڃڻ، عملي تحريڪن سان وابستگي نه رهڻ، لوڪ سان واهپي جي خاتمي انهن کي روڪي وڌو ۽ انهن لکڻ بند ڪري ڇڏيو.

هن جديد سنڌي اديبن جي باري ۾ ڳالهائيندي چيو ته هن مشتاق شوري جون آکاڻيون پڙهيون آهن، پر انهن کي هن دور ۾ Approve نه ٿو ڪري سگهجي ڇاڪاڻ جو Positive Approach جي سخت ضرورت آهي. هن چيو ته هو تجربن جي خلاف ڪونهي، پر اديب لاءِ لازمي آهي ته هو صحيح رهنمائي ڪري ۽ پڙهندڙ کي عملي قوتون اڳتي وڌائڻ ۾ مدد ڪري.

هن سنڌي ۾ Positive Approach نه هجڻ جي سبب جي باري ۾ ٻڌايو ته ڇاڪاڻ ته ليکڪ عوام کان ڪٽجي ويو آهي، ان ڪري ذهني الجهنن تي ٿو لکي ۽ عوامي مسئلن ۽ عوامي امنگن تي لکڻ بدران، پنهنجين الجهنن کي ٿو ظاهر ڪري.

هن پنهنجي باري ۾ ڳالهائيندي ٻڌايو ته "جمال ابڙو اديب"، "جمال ابڙي جج" تي گهٽائي دفعا حاوي ٿي ويو هوندو ڇاڪاڻ ته ذهني طرح هن ڪڏهين به ڏوهاري ۽ جوابدار کي ساڳيو ماڻهو نه سمجهيو آهي، ۽ اها ڳالهه هميشه سندس ذهن تي مترڪا ٿي هٽي ۽ جهونجهاڙي ٿي، ته ٿي سگهي ٿو ته هو ڏوهاري نه هجي.

هن هندستان جي ڪهاڻيڪارن جي باري ۾ ڳالهائيندي چيو ته خانواهڻ (ڪلا پرڪاش) ڏاڍي سٺي آکاڻي لکي هئي. هن چيو ته هو گهرو زندگي ۽ سماجي مسئلن تي وڌيڪ ڪاميابي سان لکي سگهن ٿا ۽ وڌيڪ لکن ٿا ۽ اسان وٽ ثميره زرين کان سواءِ ڪنهن به ان پهلوءَ تي نه لکيو آهي.

هن هندستان جي سنڌي شاعري جي باري ۾ چيو ته ڪيس چڱي طرح ته ياد ڪونهي پر ڪيس هي به سٽون ڏاڍيون پسند آهن جنهن ۾ هڪ بيوه جي جذبن جي عڪاسي ڪيل آهي.

جنهن جو تون به ، ۽ هي ڇاتي به ، سو پاڻ ڪٽي،
وٺ تون پنهنجن ڇڳڙن سان، منهنجو سور ڇڪي.

هن ڪان جڏهين هند ۽ سنڌ ۾ ناولن جي باري ۾ پڇيو ويو ته ڪهڙو سبب آهي ته اتي ايترا ناول لکيا ويا آهن ۽ هتي تقريباً بلڪل نه. ته هن وراڻيو ته ليکڪن ۾ پختگي نه هجڻ، مطالعو نه ڪرڻ ۽ فن سان لڳاءُ نه هجڻ، ان جا خاص سبب آهن.

هن ان ڳالهه سان اتفاق ڪيو ته ٻن سنڌي ناولن "سانگهڙ" ۽ "پڙاڏو سوئي سڏ" ۾ حقيقي ڪردار ڪو نه آهن. انهن ۾ مبالغ آرائي آهي ۽ ڪردار ڄڻ مصنف جي مرضيءَ جا تابعدار آهن. هن چيو ته اهي ٻئي ناول، ناول جي سِڪ پوري نه ٿا ڪن.

هن سنڌي شاعريءَ جي باري ۾ ڳالهائيندي چيو ته شاهه لطيف ڪيس سيني ڪان وڌيڪ وڻيو آهي. هن شاهه جي شاعري ۾ انسان سان پيار، انساني مسئلن سان پيار، پورهئي جي عظمت، انساني جدوجهد لاءِ اپارڻ، اهي سڀ ڳالهيون موجود آهن.

هن چيو ته ڪيس شاهه ڪان پوءِ شيخ اياز ڏاڍو وڻيو. هن چيو ته سچل به ڪافي انقلابي شاعر آهي.

هن چيو ته شيخ اياز ڪان سواءِ گهٽ ئي شاعرن جون ڪي ڪي شيون چڱيون آهن. تنوير تمام پيارو ٿو لکي، سرويچ، امداد، فتاح، آثم، استاد بخاري ۽ منشي ابراهيم سٺا شاعر آهن. مولوي احمد ملاح صاحب ته هڪ خاص مقام والاري ٿو.

هن سنڌي شاعريءَ ۾ پروپيگنڊا ۽ نعره بازي کي سنڌي ادب لاءِ نقصان ڪار چيو. هن چيو ته هر ڪنهن دور ۾ ڪن خاص حالتن ۾ پروپيگنڊا ڪرڻي ٿي پوي، پر ٺلهي نعري بازي ناپختگي جي علامت آهي. باقي فن تڏهين پختو آهي، جڏهين ٻئي ڳالهيون نه هجن ۽ پوءِ به نياپو ڏئي وڃجي.

هن سنڌي ادب ۾ تنقيد جي فقدان تي ڳالهائيندي چيو ته اسان جي ملڪ ۾ عجيب ڳالهه نظر ايندي ته اسان جو ليکڪ عالم نه آهي. ادب لاءِ ضروري آهي ته عالم ضرور هجي ۽ پوءِ ليکڪ هجي، پر هتي پڙهيو گهٽ ٿو وڃي ۽ لکڻ جي مشق وڌيڪ ٿي ڪئي وڃي. نتيجو اهو ٿئي ٿو ته سٺو ناول پيدا نه ٿو ٿئي، سٺو تنقيد نگار وڏي پائي جو شاعر ۽ نثر نويس به نه ٿو پيدا ٿئي. جي شاعرن جو ئي ذڪر ڪجي ته اهي رڳو ڪي ڪي شيون چڱيون ٿا لکن.

هن چيو ته جن واقعن ۽ تحريڪن جديد سنڌي ادب کي جنم ڏنو آهي، تن ۾ ون يونٽ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. هن ان سلسلي ۾ هڪ واقعو ٻڌايو ته 1969ع ڪان اڳ هو ڪراچي بدلي ٿي آيو هو ۽ "سرڪي" ۾ ڪجهه دوستن وٽ ڪچهري ڪئي. ڪنهن چيو ته سمجهجي ٿو ته يحيٰ خان ون يونٽ ٽوڙڻ جو اعلان ڪري، ته مون ٻئي هٿ مٿي ڪري دعا گهري ته "خدا ڪري نه ٽوڙي ته

ماڻهو توڙينس“.

هن سنڌي ادب جي لاڙن جي باري ۾ ڳالهائيندي چيو ته اهو درست آهي ته اسان جي ادب ۾ قوميت آهي، پر ليکڪ کي سماجي تضادن ڏانهن به ڌيان ڏيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته پرماريت کيتن توڙي ڪارخانن ۾ چوٽ تي آهي. هن سماجي تضادن ڏانهن ڌيان نه ڏيڻ جو سبب ٻڌائيندي چيو ته ليکڪ عوام کان ڪٽجي ويو آهي، ان ڪري يا ته هو مخزن ۾ ڇپيل شين کان Inspire ٿو ٿئي يا جيڪي نعرا ٿا ملنس تن مان ٿو Inspire ٿئي.

هن چيو ته اسان وٽ اپريل مسئلا وچولي طبقي جا آهن ۽ ليکڪ خود به وچولي طبقي سان تعلق رکن ٿا، تنهن ڪري سندن تخليقن ۾ يا ته ٻهراڙين جو ذڪر آهي يا وچولي طبقي جي مسئلن جو ۽ هو شهري زندگيءَ جي اندروني تضادن کان مانوس ئي نه ٿيا آهن.

هن چيو ته ٻيو سبب اهو به آهي ته اسان وٽ صنعتي ترقيءَ جي اوسر جي ڪري جيڪا قوت اڀري آهي، ان ڏانهن ڌيان ان ڪري نه ڏنو ويو آهي، ڇا ڪاڻ ته اها صنعتي ترقي اسان جي قومي مفادن جي خلاف ٿي آهي، تنهن ڪري رڳو ان تي تنقيد تي اڪتفا ٿا ڪيون. ان کان سواءِ ليکڪن جو مزدورن سان سڌو سنئون يا اڻ سڌي طرح واسطو به ڪونهي.

هن کان جڏهين پڇيو ويو ته جيڪڏهن هاڻي به ڪيس ڪو ڪردار ملي جن کان هو متاثر ٿئي ته پوءِ لکندو ته هن چيو ته ڪردار ته ملندا ئي رهن ٿا، هر موڙ تي، هر هنڌ ملن ٿا. رڳو ليکڪ اندر ستل نه هجي، لکڻ لاءِ تڙپ هجي ۽ ذهن صاف هجي.

هن شخصيتن جي باري ۾ ڳالهائيندي چيو ته هو ڪڏهين به شخصيتن کان متاثر نه ٿيو آهي، البت جي ڪنهن جي طبيعت وڻيس ٿي ته ”ابراهيم جويو“ آهي.

هن واقعن ۽ ان جي تاثر جي باري ۾ ڳالهائيندي چيو ته ڪو خاص واقعو نٿو سجهي جنهن ڪو خاص تاثر ڇڏيو هجي — البت ڪيترائي واقعا ٿين ٿا، جي ڪو نه ڪو تاثر ڇڏين ٿا.

هن ادب ۽ سياست جي تعلق تي ڳالهائيندي چيو ته اهو غلط آهي ته ادب جو سياست سان واسطو نه هئڻ گهرجي. هن چيو ته ادب جو سياست سان گهڻو واسطو آهي. هن چيو ته هن اڳ ۾ ئي چيو آهي جيستائين ڪنهن به ليکڪ جو ڪنهن عملي تحريڪ سان واسطو نٿو هجي، تيستائين هن کي صحيح ۽ اثرائتي Inspiration نه ٿي ملي.

(وينگس پبليڪيشن — جنوري 1981)

# مان تہ موهن جي دڙي جي مٽي آهيان!

*( هي پئنل انٽرويو سنڌالاجي ڄامشوري ۾ ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، خيرالنساءِ جعفري، خان محمد پنهور ۽ تنوير جوڻيجو ورتو)*

- *سوال _ (ڊاڪٽر در محمد): اسان کي ترقي پسندي جي جيڪا تعليم ڏني وئي جنهن تي پاڻ جمال ابڙو پڻ هليو پر هاڻي جيڪا ڳالهہ ڪئي وڃي ٿي ان ۾ ۽ ان تعليم ۾ فرق نظر اچي ٿو. ۽ اهو عمر جي ڪري آهي يا اسان ڳالهہ نہ سمجهي سگهيا آهيون؟*

** اوهان کي الائي ڪهڙو فرق نظر اچي ٿو مان تہ سمجهان ٿو تہ مان اها ساڳي ئي موهن جي دڙي جي مٽي آهيان.

- *سوال _ (ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ): رات اوهان جيڪا صدارتي تقرير ڪئي مون کي ائين محسوس ٿيو تہ اوهان جي ڳالهين ۾ تضاد آهي؟*

** اهو تضاد مهرباني ڪري واضح ڪيو مون کي تہ پاڻ ۾ ڪا بہ ڪانٽراڊڪشن نظر نہ ٿي اچي.

- *اوهان کي پاڻ تہ تضاد نظر نہ ٿو اچي پر نئين نسل کي ڏسي ائين نہ ٿو لڳي تہ اوهان جيڪو نيا پوڏيڻ چاهيو پيا هو ائين نہ ٿو سوچي؟*

** جي بالڪل سائين مون پڻ پنهنجي تقرير ۾ اها ڳالهہ ڪئي تہ هي جيڪو داخليت ۽ وجوديت تي بحث شروع ڪيو اٿن، اها ڳالهہ اسان کي ئي مناسب نہ لڳي اهو بحث اسان کان 50 سال اڳ يورپ ۾ ڪري چڪا آهن ۽ ان کي منفي ڪردار قرار ڏنو اٿن.

- *ان جا سبب ڪهڙا ٿي سگهن ٿا؟*

** مون عرض ڪيو تہ ماڻهو داخليت تي لڪندو تہ ان کي پنهنجا مسئلا رڳو نظر ايندا ٻين جي مسئلن تي نہ لڪندو. هاري، پورهيت ۽ ٻين جي مسئلن بابت ڪير لڪندو. ان کي فقط سيلف پٽي "خودي" ايندي، پنهنجي پيڙاهن کي نظر ايندي پر ٻين جي ڏکن سورن کي نہ ڏسندو. ان جي نظر محدود ٿي ويندي.

- *سوال_ (خيرالنساءِ جعفري): اسان کي خبر آهي تہ اها اندر جي پيڙا اسانکي تباهہ ڪري ڇڏيندي پر ماڻهو ان اندر جي پيڙا مان ڪيئن جند ڇڏائي اسان*

Gul Hayat Institute

*ڪي ٻڌايو ته ايترا اصلاح ڪندڙ آهن پر ان سان هيلپ ڪيس ڇو آهي؟ اسان جو نئون نسل ان مان ڪيئن آجو ٿئي؟*

** پيار محبت ۽ ڊيڊيڪيشن پنهنجن ماڻهن سان جڏهن بين سان پيار ڪبو ته ان مان جند ڇٽندي. رڳو ماڻهو پنهنجي لاءِ سوچيندو ته ان کي ڇا ملندو. ڊيڊيڪيشن پنهنجي ڪاز سان ڪبي؟

- *سوال _ (خيرالنساءِ جعفري): پر گهڻو پيار به منفي رويا پيدا ڪري ٿو؟ ۽ جن ڌرتي ۽ قوم سان پيار ڪيو انهن ڪجهه پاتو به آهي يا وڃي ڪٿي قابو ٿيا؟*

** پيار ڪڏهن به نفرت جو نتيجو نه ڪيندو آهي. پنهنجن سان پيار ڪيو پاڻ سان ڪيو ٻچن سان ڪيو ڌرتي ۽ قوم سان ڪيو پر نفرت ڪنهن سان به نه ڪرڻ گهرجي.

- *اوهان صحيح ٿا چئو پر ايڏي اعليٰ ظرفي هر ماڻهوءَ ۾ ڪونهي؟ جيتري اوهان چئو ٿا.*

** ان ۾ عمر جو ڪو عمل دخل ڪونهي ننڍي عمر جا اهڙا ڪيئي نوجوان آهن جن ۾ اهي خوبيون آهن. اهو آهستي آهستي پريڪٽس سان پيدا ٿيو آهي.

** عمل ۽ قول جو تضاد ماڻهو کي منافق ٿو ڪري ڇڏي. مون کان پهرين به ڪنهن ماڻهو اهو سوال ڪيو ته توکي تمام گهڻي خوشي ڪڏهن ٿيندي آهي؟ مون چيو ته مون کي زندگي ۾ ان وقت تمام گهڻي خوشي محسوس ٿيندي آهي جڏهن منهنجو عمل منهنجي سوچ مطابق هوندو آهي.

- *ورهاڱي کان اڳ اوهان خاڪسار تحريڪ کان سواءِ ٻين ڪهڙين تحريڪن ۾ حصو ورتو جن سان ورهاڱي جو بنياد پيو؟*

** سياسي تحريڪن کان متاثر ٿيس، پنهنجي والد صاحب علامه علي خان ابڙي کان سنڌ جو پهريون ايم.اي پاس ڪئي هئائين. بامبي يونيورسٽي مان فرسٽ ڪلاس فرسٽ پاس ڪئي هئائين ۽ جڏهن انگريزن ان کي سرڪاري نوڪري جي آڇ ڪئي ته هن چيو ته مان ماسٽر ٿيندس اها ڊيڊيڪيشن هن ۾ ڪٿان آئي. سڄي سنڌ ۾ اسڪول کوليائين ٿر ۾ ڪاڇي ۾ ڪوهستان ۾ ڳوٺ ڳوٺ وڃي سڄي سنڌ ۾ اسڪول کوليائين.

- *اسان جي اديب جو سنڌي سوسائٽي ۾ ڪهڙو رول هئڻ گهرجي؟*

** عوام سان وابستگي ڪڏهن نه ٿئي جيڪڏهن عوام سان وابستگي ٿئي ته پوءِ ذهنيت ۾ تونسٽ اچي ويندو. جيڪڏهن ڳوٺ جو آهي ته ڳوٺ وارن کي تعليم ڏئي ۽ انهن کي وڏيري ۽ پوليس خلاف سجاڳ ڪري.

- *اوهان تحريڪن جي ڳالهه ڪئي پنهنجي والد جي؟*

** ان سرڪاري ملازم هوندي به خلافت تحريڪ ۾ حصو ورتو. پاڻ ڳالهه ڪيائين ته انگريزن چيو ته خانبهادر جو لقب وٺ جيڪو وٺڻ کان انڪار

Gul Hayat Institute

ڪيائين. اهو لقب پوءِ محمد صديق ميمڻ کي مليو ويو.

- *سندن مذهبي ڪتاب لکيل آهن انهن ۾ مذهب ۾ جيڪي غلط رسمون آهن انهن خلاف جڻ جهاد ڪيو اٿن؟*

** تمام وڏو جهاد ڪيو اٿن، قبر پرستي ۽ پير پرستي خلاف، ڏيپلائي وٽن ايندو هو ۽ گهڻو پرائي ويندو هو. اهو مون پنهنجي اکين سان ڏٺو.

- *اوهان جيڪي افسانا لکيا آهن انهن جو بنياد آبزرويشن آهي يا اسٽڊي؟ اوهان عالمي ادب جو اثر قبول ڪيو آهي، يا ماحول جو اثر قبول ڪيو آهي؟*

** مان سمجهان ٿو تہ ماحول جو اثر قبول ڪيو اٿم ۽ پنهنجا جذبا ڏنا اٿم.

- *اوهان جي ڪهاڻي آهي "مان مرد" اها ٽيڪنڪ جي لحاظ کان پڻ نئين آهي ان ۾ عورت سان همدردي ڏيکاري اٿو؟*

** ان ۾ اها ڳالهہ آهي تہ اسان مرد ڪيئن اتڪل سان عورتن کي پنهنجو غلام رکون ٿا. بنيادي طور عورت سان همدردي ٿي آهي.

- *ادب جون ٻيون صنفون جيئن زوال پذير آهن پر افسانا پنهنجي انفراديت برقرار رکي آهي؟*

** ڪهاڻي اسان ننڍپڻ کان ٻڌندا ٿا اچون ان سان اسان جي دلچسپي ان ڪري بہ آهي ٻيو اسان جي ماحول سان ڪهاڻي مناسبت رکي ٿي.

- *اوهان پنهنجي ادبي زندگي ڪيئن شروع ڪئي؟*

** بيڪ گرائونڊ مون ٻڌايو تہ منهنجو والد هو جيڪو پاڻ بہ رائيٽر هو. ڪتاب ننڍپڻ کان گهڻا هوندا هئا. ترجما گهڻا پڙهيا. ننڍپڻ کان لکڻ شروع ڪيو.

- *اوهان ان وقت ڪهڙن سياسي ليڊرن سان مليا يا انهن کي ڏٺو؟*

** 1924ع ۾ سنڌ جي بمبئي کان ڌار ٿيڻ جون ڳالهيون پئي هليون. مولانا محمد علي جوهر وارن کي سياسي جلسن ۾ ڏٺو هو. پاجامو پاتبو هو. هندن جو رواج هو. مسلمان بہ پاجامو پائيندا هئا. ڪاڏي جو پاجامو ۽ قميض. ڪانگريس جو وڏو اثر هو. باقي جناح صاحب سان 90 منٽ ڪچهري ٿي جڏهن گورنر جنرل ٿيو اسان شاگردن تحريڪ هلائي جلوس ڪڍيوسين، ڪراچي کي سنڌ کان جدا ڪرڻ خلاف جناح جا فوٽو ساڙيا هئاسين. عبدالستار پيرزادي کي دڙڪا ڏنا هئاسين سر غلام حسين جي بنگلي تي وياسون اُتي ان جو سيڪريٽري آغا شاهي هو. ان ڳالهايو ان بعد گورنر هائوس تي پٽراءِ ڪيوسين. شيشا ڀڳاسون. پوءِ سر غلام حسين سان ملاقات ڪرايائون.

- *سوال: جناح سان ملاقات ۾ ڪير ڪير هو؟*

** هڪڙو هو شفيع محمد انصاري ٻيو هو علي گوهر کهڙو ٽيون مان هئس. چوٿون محمد بچل سومرو هو.

- *ان سان ڪهڙي ڳالهہ ٿي؟ ان اوهان کي ڇا چيو؟*



Gul Hayat Institute

**** جناح صاحب جي هڪ عجيب ڳالھ هئي. ٻين کي سامهون ڳالهائڻ جو موقعو ئي نہ ڏيندو هو. چئني پاسي ڪتاب پيا هئس هٿ ڏنائين، نالو پڇيائين، اٺنڌي ئي سوال ڪيائين تہ توهان جي ذهنن ۾ اهو ڪنهن وڌو تہ ڪراچي سنڌ کان ڪٽي پئي آهي، ان جو مقصد هو تہ اوهان کي ڪنهن اُڪسايو آهي. سڀ چپ ٿي ويا اتي مون ڳالهايو تہ اسان جي پنهنجي ڌرتي جي ڳالھ اسان جي جذبات جي ڳالھ آهي ۽ پوءِ اسان جي هر ڳالھ اڌ ۾ پئي ڪٽيائين ۽ پاڻ ئي ڳالهايائين. پاڪستان جي انٽريسٽ جي ڳالھ آهي، اسان ڪراچي کي ترقي ڏينداسون وغيره.

- *اوهان جيڪا تحريڪ هلائي ان جا ڪهڙا نتيجا نڪتا ان مان سنڌين کي فائدو پهتو يا ڪيپيٽل هتي هجي ها تہ سنڌين کي فائدو هو؟*

**** اسان جذباتي طور سوچيو هو اسان اسٽوڊنٽ هئاسين، اسان چڱائي ۽ برائي وارن پاسن تي سوچيو ئي نہ هو.

- *سياسي ڳالهين ۾ هليا وياسون، اوهان ٻڌايو پئي تہ اوهان لکڻ جي شروع ڪيئن ڪئي؟*

**** اسڪول ۾ مضمون لکندو سنو مضمون لکندو هئس تہ بابي کي ڏيکاريندو هئس. شاباس ملندي هئي، ائين لکندي لکندي افسانا لکڻ شروع ڪيم.

- *ٻالڪپڻ جو واقعو جيڪو نہ وسرندو هجي؟*

**** اوورڪوٽ پائي ڳوٺ سخت سيءَ ۾ صبح جو مان نڪرندو هئس مسيت ڏي نماز پڙهڻ جي لاءِ هڪڙو چوڪرو بيٺو هوندو هو مال چاريندو هو،اهو منو کي ملان ملان چئي چيڙائيندو هو.

- *اوهان جي ٻولي جيڪا آهي ڏاڍي پرفيڪٽ آهي اوهان جي لکڻين ۾ جيئن ڳوٺاڻي ٻولي آهي؟*

**** ڳوٺ ۾ تہ مان رهيو آهيان ۽ اها ئي ٻولي مان ڳالهايان ٿو جيئن ڳوٺن ۾ مايون پاڻ ۾ ڪچهري ڪن ٿيون. مان ماين جي ڪچهرين ۾ ننڍپڻ ۾ ويهندو هئس، اها ئي ٻولي آهي. ڳوٺن ۾ عورتون مرد ٻارڙا چلھ جي چوڌاري ويهندا هئا ماني ٽڪر بہ کائيبو هو.

- *ترقي پسند فڪر ڏانهن ڪيئن آيا ان سان ڪيئن لاڳاپو ٿيو؟*

**** خاڪسار تحريڪ ۾ تہ مان هوندو هئس، ان وقت مسلم ليگ جي گهوڙا گهوڙا لڳي پئي هئي تہ مسلم هي تو مسلم ليگ ۾ آنا هي. اسان جناح کي ڪڏهن بہ قائداعظم نہ چوندا هئاسين. علامہ مشرقي جهڙو پڙهيل لکيل ماڻهو ان دور ۾ هو ئي ڪونہ. ان دور ۾ خاڪسار تحريڪ جا ڪلاس ٿيندا هئا. حفيظ قريشي هو نبي بخش بلوچ هو علي احمد قريشي پوءِ آيو هو. خاڪي ڪپڙا پهرائيندا هئا، ڪئمپن ۾ رهائيندا هئا. جهونا ڳڙھ اسٽيٽ ۾ سياسي جماعتن تي بندش هئي، مسلم ليگ ۽ خاڪسار تحريڪ ۽ ڪانگريس تي بہ اتي بندش هئي پر پوءِ اسان

Gul Hayat Institute

اتي خاڪسار تحريڪ قائم ڪئي ۽ سڀ ٽيڪٽسز سکياسين ته ڪيئن حڪومت کان پوليس کان بچجي. قدم قدم ملائي مارچ ڪندا هئاسون چوندا هئاسون ته نماز تي ٿا وڃون ۽ مسجدون شهر کان ٻاهر ڳولينداسين. سي. آءِ.ڊي وارا پٺيان هوندا هئا پوءِ هڪ ڏينهن هڪڙي اڪيلي ڪئيسون، سي. آءِ.ڊي واري آفيسر کي مسيت ۾ نماز جي ٽائيم چيوسون ته بابا اڳيان ٿي نماز پڙهاءِ هو پيش امام ٿي نماز پڙهائڻ لڳو اسان نماز اڌ ۾ ڇڏي ڀڄي وياسون. ائين ان مان جند ڇٽي. علامه مشرقي صاحب جي ڏاڍي عزت ڪندا هئاسون، سندس هر حڪم مڃيندا هئاسون.

- *علامه مشرقي سان اوهان جي ملاقات ٿي؟*

❊❊ ڪوڙ دفعا، ڏاڍو پلو انسان هو جماعت جو امير هو.

- *اوهان جي نظر ۾ پلا خاڪسار تحريڪ جو ڪهڙو مقصد هو گورنمينٽ ڊاهڻ اسلامي حڪومت قائم ڪرڻ يا ٻيو ڪجهه؟*

❊❊ علامه صاحب جو بنيادي نعرو هو خدمت خلق سوشل ريفارمر هو بنيادي طور. ٻيو نعرو هو ايڪ بنو اور نيڪ بنو. ٽيون غلبءِ اسلام پنجابي هو نيٺ، هڪ دلچسپ واقعو آهي. علامه مشرقي جو پٽ انعام الله وينو هو. حفيظ چيو ته ڳالھ طويل. معنيٰ سڀ پنجابي حرامي آهن سواءِ علامه صاحب جي اهو ڪاوڙجي ويو. حفيظ صاحب ڳالهائڻ جو بادشاهه هو.

- *ان وقت اها سوچ پيدا ٿي هئي؟*

❊❊ نه پر اها ته ڏسون پيا ته پنجابي اسان کي ان وقت به استعمال پيا ڪن. جويو صاحب ان زماني ۾ لکيو هو ته سيوَ سنڌ سيوَ ڪراچي.

- *سياست کان وري ادب ڏي ٿا اچون، اوهان جي وقت ۾ غير مسلم رائيٽر ڪهڙا هئا جن سان اوهان جو واسطو رهيو؟*

❊❊ مون انهن جون رڳو به ٽي ميٽنگون اٽينڊ ڪيون، مون انهن جون گهڻيون ميٽنگون اٽينڊ نه ڪيون هيون.

- *اوهان جڏهن روس جي سفر تي ويا، اتي هندستان مان اُتم اوهان سان مليو هو جنهن هندستان واپس ٿيڻ بعد هڪ انٽرويو ۾ اوهان جو ذڪر ڪيو آهي، اوهان کان تمام گهڻو متاثر هو؟*

❊❊ اڳ ۾ اسان ڪونه مليا هئاسون. جهاز مان هيٺ لٿس ته جمال ڪري اڇي پٽيان ڪلهي تي هٿ رکيائين. آئون حيران ٿيس ته اهو ڪير آهي ڏٺم ته اُتم هو. ياڪر پائي ملياسين، اتي 24 ڪلاڪ گڏ هو.

- *اوهان جي لکڻ جو هڪ دور آهي وري وچ ۾ هڪ عرصو اوهان ماٺ رهيا ۽ وري لکڻ شروع ڪيو ان وچ واري عرصي ۾ ڇا سبب هو ڪجھ لکڻ چاهيو پئي پر نه پيا لکي سگهو؟*

❊❊ هڪڙو سبب ته منهنجو هٿ آهي مان لکي نه پئي سگهيس. پشوپاشا جي لکڻ



Gul Hayat Institute

لاءِ مون پنهنجي گهر واري جي مدد ورتي ان کي لکڻ لاءِ چيم ان ڪري ان ۾ ڪٿي ڪي جهول آهي.

- *اوهان جي ڪهاڻين جا ڪردار حقيقي آهن يا ڪتان آيل آهن؟*

** واقعاتي ڪردار آهن هڪ ته مون چوڪرو ٻڌايو ته مال چاريندو هو يا مريم ممڙي ننيڙي چوڪري جو ڪردار مون اهو واقعو ٻڌو هو ته لاڙڪاڻي جي محمد پور محلي ۾ هڪ شاه ننيڙي چوڪري کي ماما چوڻ تي لت هٽي ڪڍي هئي.

- *اوهان جيئن پنهنجي جواني ۾ هٿا سياسي تحريڪ ۾ رهيا ان وقت جي حڪمرانن سان به مليا اوهان جو ڪردار جوش وارو رهيو اوهان چاهيندؤ ته اڄ جي نوجوانن جو ڪردار به ساڳيو ۽ جذبي وارو هجي يا ڪجهه ٿڌو هجي؟*

** جذبي وارو هجي پر سوچ ۽ سمجهه به لازمي آهي. ان وقت به منهنجي سوچ صحيح هئي ڀڳو پيچ ڏاهه مان ته ڪجهه ڪونه ٿو ٿئي.

- *اوهان کي اڄڪلهه جي نوجوانن جي ڪهاڻي ڪيئن ٿي لڳي، انهن مان اوهان جي پسند جو ڪير آهي؟*

** پسند ناپسند جو سوال نه پڇو مان ڪهاڻيون پڙهندو آهيان تمام سٺيون لکي رهيا آهن مون کي نالا ياد نه آهن.

- *اسان جي پينرن جيڪي ڪهاڻيون لکيون آهن جن ۾ نورالهدي شاهه پڻ آهي، انهن جيڪي پلاٽ کڻي لکيو آهي اهي اوهان کي پسند اچن ٿا يا ان سان ڪو اختلاف آهي؟*

** نورالهديٰ شاهه ڏاڍو دليرانه لکيو آهي. ڪيس وڏي شاباش هجي، عورتون جنهن طبقي سان واسطو رکن ٿيون اهي پنهنجن مسئلن تي لکن ٿيون شاباش هجين.

- *اوهان ترقي پسند تحريڪن بابت ٿي ٻڌايو ايوب جي دور ۾ ون يونٽ خلاف تحريڪ ۾ حصو ورتو؟*

** ان کان اڳ ۾ هاري تحريڪ ۾ مان سرگرم هئس ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي سان.

- *اوهان انهن تحريڪن ۾ رهيا پوءِ ملازمت هئڻ ڪري ڇڏي ڏنو يا ان ڪري ته انهن جو ڪو نتيجو نه ٿو نڪري؟*

** ملازمت جي ڪري، سرڪاري ملازم هئڻ ڪري گهٽيون ڳالهيون ختم ڪرڻيون پيون.

- *ملازم هوندي ماڻهو قوم جي ڪيئن خدمت ڪري سگهي ٿو؟*

** ماڻهوءَ وٽ وڏي طاقت آهي اهو چاهي ته جنهن به جاءِ تي جيئن به آهي ماڻهن جي خدمت ڪري سگهي ٿو ۽ سچ به چئي سگهي ٿو.

- *اوهان جي نظر ۾ ادب اڳي جي ڀيٽ ۾ ترقي ڪئي آهي يا هڪ پاسي تحقيق تنقيد ۽ ترجما ۽ ٻيون صنفون گهٽ آهن يا وڌيڪ آهن؟*



Gul Hayat Institute

** اڳي ڪان هن وقت ادب گهڻي ترقي ڪري، اڳي تنقيد ۽ تحقيق تمام گهٽ هئي ۽ هاڻي ٿئي پئي.

- *اڄوڪي تنقيد تي داخليت جو اثر آهي؟*

** نه ڪونهي ڪو.

- *توهان پنهنجي لاءِ ٻڌايو پاڻ کي ڪهڙن ماڻهن ۾ شمار ڪندؤ ۽ زندگي ڪيئن گذاري آيا آهيو؟ زندگي کي ڪيئن جستيفاءِ ڪندؤ؟*

** مان زندگي جو قرض نه لاهي سگهيس سياسي تحريڪن سان وابسته رهي عوام لاءِ جيڪو ڪجهه ڪرڻ پئي چاهيم نوڪري جي ڪري نه ڪري سگهيس.

- *هاڻ اوهان ڪري سگهو ٿا هاڻ چوڻ ٿا ڪيو؟*

** هاڻ به آئون پاڻ کي آزاد محسوس نه ٿو ڪيان. پاڪستان ۾ ڪهڙو ماڻهو آزاد آهي. اسان کي ٿوري به ڪم ڪرڻ جي آزادي ملي ها ته اسان ماڻهن لاءِ الاهي ڇا ڪيون ها.

- *اوهان پاڻ کي آزاد چوڻ ٿا محسوس ڪيو؟*

** هر ماڻهو پنهنجي ڪٽنب ڏانهن به جوابدار آهي پنهنجي ٻچن سان گهر وارن سان هي جيڪي رشتا ناتا نڀائڻا آهن. ضرورتون وڌن ٿيون ٻارن کي پڙهائڻو آهي روزگار جا مسئلا آهن. سڄي عمر سوچيندا هئاسين ته نوڪري ڇڏيون ڇڏيون پر نه ڇڏي سگهياسين.

- *اوهان جي والد ۾ ۽ اوهان ۾ جيڪي خوبيون آهن اوهان پنهنجي اولاد ۾ به اهي ادبي لاڙا ڏسو ٿا؟*

** آئون بدر جو نالو ڪڍڻ چاهيان ٿو اهو عملي ماڻهو آهي. ڀهراڙي جو سنڌي ڇوڪرو ٿي ڪري ڪراچي جي ماحول ۾ آرٽس ڪائونسل ۾ ڀهريون نمبر مصوري ۾ ڪنيائين ۽ ڪراچي سنڌي ادبي سنگت جو جنرل سيڪريٽري به رهيو آهي.

- *اوهان جي ٽن پيڙهين تائين پلا اهو ورثو محدود آهي يا بزرگن ۾ به ڪو اڃا وڌيڪ هو؟*

** منهنجي چاچي علي نواز کي سچل جو سڄو رسالو ياد هو ۽ ڏاڏو سائين ڏاڏو آزاد خيال انسان هو ان جو تڪيو ڪلام هو بهشت دلاسو دوزخ دڙڪو.

منهنجي خيال ۾ ان دور کان وڌيڪ زنجيرن ۾ جڪڙجي ويو آهي هر دور ۾ ائين ٿو لڳي ته ان کان وڌيڪ گهٽ اڳي ڪانه هئي.

- *ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ ۾ ڪهڙي ترقي ٿي آهي؟*

** تمام گهڻي ترقي ٿي آهي فارسي ۽ سنسڪرت کان جند ڇڏائي اٿئون. ٻولي نج سنڌي ۽ پنهنجي ٿي آهي. ادب ۾ نوان موضوع ۽ تمام گهڻا موضوع مليا آهن جن تي لکيو پيو وڃي.

- *اڳ ۾ اسان جا جيڪي سنڌ جا وڏا ليڊر هئا جن ۾ شاهنواز ڀٽو فقط مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪئي. سر عبدالله هارون اڻپڙهيل هو پير علي محمد راشدي پڻ تعليم حاصل نه ڪئي هئي. جي ايم سيد تعليم اڌوري ڇڏي ڇا اهو سبب ته نه هو جو هو اسان جي اڳواڻي صحيح نه ڪري سگهيا؟*

** انهن کي ڪير عالمي نه چوندو پير علي محمد راشدي جينيئس ماڻهو کهڙو صاحب بجيٽ تقرير ڪندو هئڻ واسڪوٽي ۾ هوندا هئس. سڄي تقرير ياد هوندي هئس انگ اکر پئسا پايون سڀ ياد هوندو هئس. اڄ ته هر ڪنهن کي بجيٽ لکي ڏجي ٿي ته ڏسي به صحيح پڙهڻ ۾ به کين ڏکيائي ٿئي ٿي. اهي سڀ تمام ذهين ماڻهو هئا.

- *معنيٰ ان مان ثابت ٿيو ته اسان وٽ جيڪي وڏا ليڊر هئا سي سڀ ذهين ماڻهو هئا. اسان برصغير کي سنڌ مان ليڊرشپ ڏني سون ۽ قربانيون ڏنيون سون پوءِ جڏهن ان جو ڦل ملڻ جو وقت آيو ته اسان کي ڏک مليا. ائين ڇو ٿيو؟*

** اسان جي ليڊرشپ سياسي غلطيون ڪيون. سڀ کان وڏي غلطي ته سنڌ ڪالونائيز ڪرايائون. هٿ وٺي پنجاب جي ڪالوني بڻايائون جڏهن ورهاڱو ٿيو هٿ وٺي پنجابين کي گهرايوسون. هي ميرپورخاص سڄو پريو پيو آهي اهي 47 ۾ آٽي رهايائون ته مسلمان پائر آهن نوڪريون به انهن کي ڏنائون ته مسلمان پائر آيا آهن. هندو ڇڏي ويا ته سنڌ جا مسلمان پڙهيل هئا ئي ڪين سيئي پنجاب مان گهرايائون. پوليس سڄي پنجاب مان گهرايائون. ايس.پي، ڊاڪٽر، ڪمشنر، سڀ اچي پنجابي ٿيا. هٿ سان گهرائي هتي سيٽل ڪيائون سيني کي. وري بهارين فساد ڪيو ته انهن کي به گهرايائون ته مسلمان پائر آهن.

- *هاڻ جيڪا ليڊرشپ آهي ان جي باري ۾ توهان جو ڇا خيال آهي؟*

** هن وقت جا ليڊر تمام گهڻا هوشيار آهن. ممتاز ڀٽو مون ڏٺو ته تمام وڏي تدبر وارو ماڻهو هو. تمام گهڻو ٽيلينٽڊ ماڻهو هو. گورنري واري دور ۾ سي ايس ايس آفيسرن کي گهرايائين. مان به هئس هن جي سامهون سڀ چپ هئا، ڪير به نه پيو ڳالهائي سگهي.

- *هن دور جي اديبن ۽ ادارن تي ٽا اچون ٿا. پن قسمن جا ادارا آهن هڪڙا سرڪاري آهن اوهان سمجهو ٿا ته انهن ادارن کي جيڪو ڪم ڪرڻ گهربو هو اهو ٿيو آهي؟*

** تمام سٺو ڪم ٿيو آهي، حڪومت جي مدد کان سواءِ ادارا ڪٿي ٿا هلي سگهن. اها اسان جي خوش قسمتي آهي جو حڪومت مدد ڏئي ٿي. سنڌالاجي ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي خدمت لازوال آهي.

- *اوهان جي شخصيت هڪڙي ليکڪ جي آهي. هڪڙي بيوروڪريٽ جي آهي، توهان تي حاوي شخصيت ڪهڙي آهي؟ شخصيت جا جيڪي روپ*

*آهن هڪ پيءُ جي مڙس جي حيثيت ۾ ڪيئن آهيو؟*

** مان بنيادي طرح گهريلو ماڻهو آهيان. مون کي گهريلو ماحول ۾ آرام ۽ سڪون جيڪو ملي ٿو اهڙو ٻي جاءِ تي ڪٿي بہ ڪونهي.

- *اسان جيڪڏهن اوهان جي زندگي جون يادگيريون رڪارڊ ڪرڻ چاهيون تہ ٽيپ رڪارڊر کڻي اوهان وٽ هفتي پندرهن ڏينهن اچون هي بہ ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. اوهان نئين نسل کي پنهنجي زندگي جا تجربا منتقل ڪيو؟*

** جيڪڏهن سوالن ۾ منجهايو نہ تہ... پيو منهنجي صحت اجازت ڏئي. ڊاڪٽرن ڏاڍيون پابنديون هڻي ڇڏيون آهن. لکڻ پڙهڻ کائڻ هر شئي تي پابندي لڳي وئي آهي.

- *اوهان انهن اديبن مان آهيو جن کي پنهنجي حياتي ۾ مڃتا ملي. اوهان تي جيڪا تنقيد ٿي آهي اها بہ اوهان جي مڃتا آهي؟ اوهان ڇا ٿا سمجهو اها اوهان جي سرڪاري عهدي ۽ رتبي جي ڪري آهي يا ادبي تعريف آهي؟*

** پنهنجي تعريف ٻڌي مون کي حيا ايندو آهي. مان پنهنجي ساراهہ ٻڌي شرمسار ٿيندو آهيان. باقي اڄ بہ مان پنهنجي لکيل ڪهاڻي پڙهندو آهيان تہ منهنجا ڳوڙها ڪن تي ويندا آهن.

- *هن وقت سنڌي نوجوان غير سنڌي ڇوڪرين سان شادي ڪري دولها پائي ٻڌڻ جو شوق وڌي ويو آهي. اوهان جي خيال ۾ ائين ٺيڪ ڪرجي يا نہ؟*

** هر قوم کي وقت جي تقاضا موجب هلڻ گهرجي. هن وقت سنڌي نوجوانن کي ڌارين مان شادي نہ ڪرڻ گهرجي.

- *وڏن شهرن ۾ رهندڙ سنڌي فيملي جا ٻار سنڌي ڳالهائڻ ڇڏيندا پيا وڃن. ائين ڇو آهي؟*

** احساس ڪمتري آهي. وڏن سنڌي اديبن جا ٻار بہ سنڌي نہ ٿا ڳالهائين. سنڌي پنهنجي مڙسي ڪن قومي جذبو پيدا ڪن. باقي سنڌي ڇوڪرن کي غير سنڌين مان شاديون نہ ڪرڻ گهرجن.

- *سنڌ جي تاريخ ۾ ارغون، ترخان ۽ عرب سميت جيڪي ڌاريا آيا اهي سنڌي ثقافت قبول ڪري سنڌي ٿي ويا هن وقت جيڪي ڌاريا آهن، اوهان سمجهو ٿا تہ سنڌين ۾ مکس ٿي ويندا؟*

** هن وقت شهري ۽ ٻهراڙي جي ڪلچر جو تضاد آهي. ارغون، ترخان، عرب يا بلوچ آيا اهي ٻهراڙين ۾ رهيا زمينداري ڪيائون. سنڌي ٿي ويا. پنهنجي ٻولي ۽ ڪلچر وساري ويٺا پر هاڻ انڊسٽرلائزيشن جو دور آهي نوڪريون روزگار شهرن ۾ آهي. ٻهراڙي جو ماڻهو شهرن ڏي پهچي ٿو جيڪڏهن شهرن جو ڪلچر اسان تي حاوي ٿيو تہ اسان جي ٻولي ۽ ڪلچر ختم ٿي ويندو ۽ سنڌيت بہ ختم ٿي ويندي.



Gul Hayat Institute

جيڪڏهن ڀهراڙيون زنده آهن تہ اسان بہ زنده آهيون.

- *يعني اسان تي جيڪو شهرن ۾ ڪلچرل اگزيشن آهي ان کي روڪڻ گهرجي؟*

❊❊ ظاهر آهي اهو چوڻ چوڻ ته گهروان کي ريزسٽنس ڪرڻو پوندو.

- *شهرن ۾ ان کي ڪيئن ريزسٽنس ڪجي؟*

❊❊ سياسي پاور هجي تہ سڀ ڪجهہ چينج ٿي سگهي ٿو. سنڌين جي پنهنجي حڪومت هجي تہ انکي جيڪو چئوس ۾ گهروس اهو ٿيڻ گهرجي. آزادي، خودمختياري سڀ ڪجهہ ملي سگهي ٿو ڊاريا بہ سنڌي سنڪڻ ۾ فخر محسوس ڪندا.

- *اها ڳالهہ ڪيتري قدر صحيح آهي تہ 1940 وارو ريزوليشن جيڪو پاس ڪيو ويو تنهن کي بعد ۾ مسلم ليگ جي ڪائونسل رجيڪٽ ڪيو ۽ بدلايو؟*

❊❊ 1940ع وارو ريزوليشن جنرل باڊي يعني عام ماڻهن پاس ڪيو هو. فرق اهو آهي تہ مسلم ليگ اهو ڪڙو اچليو هو ڪين خبر ڪانہ هئي تہ الڳ ملڪ ملندو پوءِ جڏهن پڪ ٿين تہ ڪائونسل ۾ فيصلو ڪيائون تہ نئون ملڪ کهڙو هجڻ گهرجي. ان حساب سان ان ريزوليشن ۾ تبديلي ڪيائون.

- *ڪو اهڙو سوال جنهن بابت اوهان کي خواهش هجي تہ ڪاش مون کان ڪو هي سوال پڇي تہ مان جواب ڏيان! يا ڪا اهڙي ڳالهہ جيڪا چوڻ چاهيندا هجو ۽ نہ چئي سگهيا هجو؟*

❊❊ نہ مون کي اهڙي ڪا تمنا ڪانهي سڀ ڪجهہ چئي ٿا وڃون پيو چا ڪيي. يعني سنڌ جي آزادي ۽ خودمختياري جي بہ ڳالهہ ڪئي سون پيو چا گهرجي.

- *سنڌي نوجوان اها توقع رکي ٿو سنڌي اديب مان تہ اهو سياسي ڪردار ادا ڪري؟*

❊❊ ادب کي سياست کان جدا ڪري سگهجي ٿو چا؟

- *چا هڪ صديءَ تائين جمال ابڙو پيدا ٿيندا رهن، جيئن اوهان جو ڪردار آهي ماضي کان وٺي هن وقت تائين، اوهان سمجهو ٿا تہ سنڌي قوم جي آزادي جو سج اڀرندو؟*

❊❊ ها، ضرور آزادي ۾ آجپي جو سج ضرور اڀرندو ۽ جڏهن سنڌ جي آزادي لاءِ ڪنهن شهيد جي رت جا ڦڙا منهنجي قبر تي پوندا تہ مان جيئرو ٿي پوندس. مان سمجهان ٿو تہ اهو مان پنهنجي قبر تي لکرائڻ جي، وصيت ڪيان.

- *اسان وٽ تعليم جو معيار ختم ٿي ويو آهي ان جا ڪير ذميوار آهن؟*

❊❊ ان جا ذميوار شاگرد بہ آهن ۽ استاد بہ آهن.

- *شاگردن ماضي ۾ جيڪو سياست ۾ ڪردار ادا ڪيو جيئن علي ڳڙهہ سياسي*

Gul Hayat Institute

* *تحريڪ ڪري پاڪستان حاصل ٿيو ان ڪري سارا هيو ٿو وڃي ۽ هاڻي شاگرد سياست تي تنقيد ڇو آهي؟*

** علي ڳڙهہ ڪي هنن استعمال ڪيو پنهنجي سياسي مقصد لاءِ ۽ علي ڳڙهہ ۾ بہ ڪا صحيح سياسي تحريڪ جي شروعات نہ ٿي هئي. علي ڳڙهہ رڳو هنگاما آرامي پيدا ڪئي ۽ هلا گلا پيدا ڪئي بي ڪا بہ شئي نہ ڏئي سگهي.

* *پوءِ اها ڪهڙي شئي هئي جنهن انگريزن خلاف تحريڪ پيدا ڪئي؟*

** مان سمجهان ٿو تہ مولانا جيڪي ديوبند وارا هئا انهن جا سڄي برصغير ۾ مدرسا هئا. انهن تي سختيون ڪيائون. جيلن ۾ وڌائون بکن تي ويچارا تڏن تي ستا پيا هوندا هئا پر ڳالهہ پنهنجي ڏنڪي تي ڪندا هئا. عطاءالله شاهہ بخاري، محمد صادق ڪڏي وارو امروٽي صاحب ۽ مولانا حسرت موهاني ۽ ٻيا تمام وڏيون سياسي شخصيتون هئا.

* *هي جيڪو ماحول ٿي ويو ان ۾ نوجوان فرسٽريٽ ٿي تہ تعليم کان پري نہ ٿي ويو آهي تہ نوڪريون نہ ٿيون ملن وغيره؟*

** علم تہ هڪ جاذب ۽ جذبو آهي ان ڪي حاصل ڪرڻ تہ هر ڪنهن تي فرض آهي. اصل ۾ انڊسٽرلائيزيشن ۽ ڪمرشلائيزيشن جيڪا ٿي آهي ان جو نتيجو آهي. تعليمي ادارا بہ ڪمرشل ٿي ويا آهن. ڊوڪٽر ڪمائڻ جي پٺيان آهن. ٽيوشن جوڪو تصور نہ هو اڳي مسڪين سنڌي ماسٽر پنج يا ڇهہ ڇوڪرا جيڪي هوشيار هوندا هئا انهن کي گهر ۾ مفت پڙهائيندو هو. قومي جذبي تحت شوق ڏسندو هو. هندو استاد شڪارپور ڪاليج ۾ کاڌي جا ڪپڙا پائيندا هئا. قرباني جو جذبو هو اهو هاڻ ڪونهي.

* *هڪڙو پروپوزل اوهان کي ڏجي تہ پنهنجي تجربي ۽ علم مان نوجوانن کي تربيت ڏيو ۽ ليڪچرز جو سلسلو شروع ڪيو؟*

** مان پاڻ کي ايڏو قابل نہ ٿو سمجهان مون ۾ ڪا ايڏي وڏي لياقت ڪونهي هر ليکڪ دانشور نہ ٿيندو آهي، دانشور ۽ اسڪالر ٿي اهو ڪري سگهن ٿا.

* *اسان جي موجوده ادب جو مستقبل ڇا آهي؟*

** حالتون اهڙيون خراب ڪونهن اسان جي نوجوان نسل ۾ جذبو ۽ صلاحيت آهي اسان جو ادب بهتر آهي گهٽ ۾ گهٽ پاڪستان جي ٻين ٻولين کان تہ بهتر آهي.

* *اسان جون ليکڪائون نئين نسل جي تربيت ڪري سگهن ٿيون؟*

** جيڪڏهن نئين نسل جي قومي تربيت ڪن تہ ڏاڍو سٺو ٿيندو اهي ائين ڪري سگهن ٿيون.

* *اوهان ڊرامون ڇو نہ لکيو ۽ افسانو لکڻ پسند ڪيو؟*

** منهنجي پسند جو مواد ٽي ڪونهي جيئن آيو ۽ جيڪو آيو سو لکيو اٿم.

Gul Hayat Institute

- *اوهان جي ڳالهين مان لڳي ٿو تہ توهان آپٽمسٽ آهيو؟*

** مان اميد پرست آهيان. اجا وڏيڪ ڪرڻ چاهيم پئي اهو نہ ڪري سگهيس.

- *اوهان هاڻ تخليقي ڪم نہ ٿا ڪيو تہ پلا پنهنجي ڪهاڻين کي انگريزي ۾ نہ ٿا ترجمو ڪيو؟*

** مون کان اِئين نہ ٿي سگهندو.

- *اوهان چاهيندا تہ انگريزي مان يا اردو مان ڪهڙي ٻولي ۾ ڪهاڻيون ترجمو ٿيڻ گهرجن؟*

** ٻنهي ۾ ٿيڻ گهرجن.

- *شاعري سان اوهان جو شوق رهيو؟*

** مون لکڻ جي شروعات شاعري کان ڪئي.

- *پوءِ اها ڪٿي ڇپي؟*

** نہ لڪائي رکي ڇڏي اٿم پئي هوندي ڪٿي پنن ۾ يا ڦاڙي ڇڏي هوندم. خاڪسار شهيد شامون انگريزن خلاف هڪ وڏو شعر لکيو هو.

- *اڄوڪي دور ۾ محبت جو جيڪو شعور آهي اِئين اوهان محبت ڪئي ۽ ڪامياب ٿيا يا ناڪام ٿيا؟*

** مون محبت ڪئي. ان کي خبر ٿي نہ پئي. اهو ماحول ئي اهڙو هو دور ئي اهڙو هو نہ ڳالهائي سگهون نہ ملي سگهون نہ ڪجهہ چئي پيا سگهون. باقي اکين جي زبان ۾ سمجهوسون تہ ڪامياب آهيون.

- *پلا اوهان سمجهو ٿا تہ نئون نسل بہ ايتري محبت ڪري جيتري اوهان ڪئي؟*

** محبت کان سواءِ سمجهہ ئي اڌوري آهي. مان سمجهان ٿو تہ مون ۾ احساس سمجهہ ۽ شعور تڏهن پيدا ٿيو جڏهن مان محبت ڪئي.

- *اسان جي ماحول ۾ عورت کي آزادي ڪونهي ڪوٺن ۾ قابو آهي ان کي پين معاشرن جي پيٽ ۾ سوچڻ ۽ محبت ڪرڻ کان روڪيو ويو آهي.*

** مان ان ڳالهہ کان اختلاف ٿو ڪريان ڪهڙي عورت ڪوٺن ۾ بند آهي، وڏن گهراڻن جون ڳوٺاڻيون عورتون گهرن ۾ ڪٺن تي چڙهيون وينيون چار چار نوڪرياڻيون اٿن شهرن ۾ ڪارن تي چڙهي اڃن ٿيون گهمن ڦرن ٿيون. ڪهڙي غلامي اٿن. پردو تہ پاڳ واريون ڪن ٿيون جن کي الله نصيب ڪري. ڪير ٿو چوي تہ وڏيرو عورت کان آزادي ٿو ڪسي.

- *اوهان نئين نسل کان ڪو سوال پڇڻ چاهيو ٿا؟*

** نوجوانن کان پڇڻ چاهيندس تہ علم سان ڇو نہ ٿا لڳاءُ رکو؟ ۽ تعليم حاصل ڪرڻ پنهنجن ڳوٺن ۾ پنهنجن سان مدد ۽ پاڻهن پيلي ڇو نہ ٿا وڃي ٿيو؟

- *اوهان کي ڪهڙي ادبي تحريڪ متاثر ڪيو؟*



Gul Hayat Institute

** هڪ تہ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ ويندا هئاسون اتي پنهنجون لکڻيون پڙهندا هئاسون تنقيد ٿي تہ ان مان سکيو سون باقي انسپائريشن ملي ماڻهن مان ۽ واقعن مان تڏهن لکيوسون.

- *آخر ۾ ڪجھ پنهنجي بايوگرافي بابت ٻڌايو؟*

** چون ٿا تہ مان ڄائو هوس 1924ع ۾ 27 رمضان جمعي جي رات انگريزي تاريخ هئي 2 مئي سانگين جو ڳوٺ ميهڙ شهر جي ويجهو. هاڻ بہ 10-12 ڳوٺ آهن. اسڪول هو منگواڻو شهر ۾ جيڪو ٿورو پري هو. پٽي ڪٽي پڙهڻ ويندا هئاسون. ٻهراڙي جي زندگي گذاري سون، پوءِ بابا سائين لاڙڪاڻي شفٽ ڪيائين. تعليم کاتي ۾ آفيسر هو مون کي بابا سائين پڙهايو. ڳوٺ ڳوٺ وڃي ماسترن کي تربيت ڏيندو هو پڙهائيندو هو تہ ڪيئن پڙهائجي ٽن مهينن ۾ ڪچو ۽ پڪو ٻاراڻو ڪتاب پڙهايائين. بابي سائين جي تعليم ڪري جنهن بہ اسڪول ۾ ويس پهريون نمبر ڪڍندو هئس. لاڙڪاڻي ۾ بہ پڙهيس. لاڙڪاڻي جي انگريزي اسڪولن ۾ بہ پڙهيس پوءِ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ بہ پڙهيس. مئٽرڪ مون ميرپورخاص مان ڪئي. انٽر ڊي جي ڪاليج مان ڪيم. پوءِ انجنيئرنگ ۾ داخلا ملي پوءِ نيوي واري بغاوت هلي پوءِ مون انجنيئرنگ جي تعليم ڇڏي تہ مان انگريزن جي نوڪري نہ ڪندس پوءِ وڪالت پڙهيس پوءِ وڪالت پڙهي لاڙڪاڻي ۾ وڏي ياءُ وٺ اچي وڪالت ڪيم. پوءِ جج ٿيس. هاڻي سيشن جج آهيان.

Gul Hayat Institute

# لڳ منهنجا لوهه

## تاج بلوچ

*(هي انٽرويو تاج بلوچ سيپٽمبر 1973ع جي نيم گرم ۽ نيم سرد پوياڙي ۾ ورتو هو جيڪو سوجهرو آڪٽوبر 1973ع جي پرچي ۾ گلبانو سلطان جي نالي ۾ شايع ٿيو. 31 سال پراڻو هي انٽرويو هلندڙ دور ۾ به ڪيترن ئي ادبي، سماجي ۽ سياسي مامرن جو احاطو ڪري ٿو. (ت.ب)*

مون خليل جبران جي هڪ ننڍي ڪهاڻي پڙهي هئي، جنهن ۾ ڄاڻايل هو "هڪ وڏي شاعر، ننڍي شاعر کان، ڏاڍي آڪڙ ۽ وڏائيءَ مان پڇيو "ميان، ڪجهه لکيو اٿئي؟" ننڍي شاعر جي جواب کان اڳ ۾ وڏي شاعر کيس ٻڌايو "هن هڪ ڊگهو نظم لکيو آهي، جيڪو شعري ادب ۾ وڏو مقام والاريندو". اٿين چئي وڏي شاعر، ان کي پنهنجو "شاهڪار" ٻڌائڻ شروع ڪيو. ننڍو شاعر بيوسيءَ جي حالت ۾ کيس داد ڏيندو رهيو. وڏي شاعر جڏهن پنهنجو وڏو نظم ٻڌائي بس ڪيو ته ننڍي شاعر کان وري ساڳيو سوال پڇيائين. "ميان ڪجهه لکيو اٿئي؟"

"ها هڪ مختصر نظم لکيو اٿم!" ننڍي شاعر نهٺائيءَ سان جواب ڏنو.

"پلا ٻڌاءِ ته سهي!" وڏي شاعر آڪڙ برقرار رکندي چيو. ننڍي شاعر پنهنجو نظم پڙهيو پر وڏي شاعر کيس ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري اڳتي ويو. چون ٿا ته يوناني ادب ۾ ان ڊگهي شاهپاري جو ڪو نالو نشان ئي ڪونهي، پر ان ننڍي شاعر ۽ سندس مختصر نظم کي، يوناني ادب ۾ وڏو رتبو مليو.

سنڌي ٻوليءَ جي ناميارين، مانائتي ۽ ترقي پسند ڪهاڻيڪار جمال ابڙي جي ڪهاڻين جي ڀرپور مختصر مجموعي، "پشو پاشا" کي جڏهن به ڏسندو ۽ پڙهندو آهيان ته مون کي الائي ڇو خليل جبران وارو ننڍڙو شاعر، پنهنجي مختصر نظم سوڌو ياد پوندو آهي.

° جمال ابڙو انهن ڪهاڻيڪارن مان آهي، جنهن اهڙي دور ۾ قلم کنيو جڏهن

سنڌ ۾ غلط ريتون رسمون، ظلم، ڏاڍ، ڏمر ۽ هر قسم جون ارڏايون ۽ ارهه زورايون رياستي جبر سميت اوج تي هيون. جمال، انسان کي بنيادي ۽ فطري آزادي ۽ عظمت موٽائي ڏيڻ لاءِ سياسي، سماجي ۽ معاشي مسئلن جي پاڙن کنڊن تان لنگهندي، روح کي رتوڇاڻ ڪندي، سنڌي افسانوي جي روپ ۾ جو ڪجهه ڏنو ۽ لکيو آهي، اهو سنڌي ادب ۾ هڪ وڏو درجو رکي ٿو. جمال، نه رڳو نئين سنڌي ڪهاڻيءَ کي اڳتي آندو پر هن جنهن ترقي پسند انداز سان مسئلن جو اپٽار ڪيو ان کي ڏسي ائين ٿو لڳي ته سندس تيرهن سال اڳ جو تخليقي عمل، جڻ ڪلهه لکيو ويو آهي ۽ جيستائين سماجي ناانصافي، ثقافتي پرماري ۽ معاشي ناهمواريءَ واري نظام جو وجود باقي آهي، جمال ابڙي ۽ سندس ڪهاڻين جو ذڪر، نه رڳو عزت ۽ احترام سان ڪيو ويندو پر منصفانه ۽ ترقي پسند سوسائٽيءَ جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ به، سندس لکڻيون ايندڙ نسلن جي اديبن لاءِ، روشن مثال ٿي رهنديون.

هلڪي نيري رنگ جي خوشگوار شام هئي ۽ مان سنڌ جي وڏي ۽ نامياري ڪهاڻيڪار جي، سادي سودي پر ڏاڍي سليقي ۽ نفاست سان سينگاريل ڊرائنگ روم ۾ سندس آڏو ويٺو هيس.

- *جمال صاحب، اوهان جي اعليٰ ۽ ترقي پسند معيار سبب، اوهان کي سنڌ جو گورڪي سڏيو وڃي ٿو. ٻڌائي سگهندا ته گورڪي ۽ ان جي همعصرن، انصاف تي ٻڌل، جنهن نظام لاءِ هلچل هلائي، سنڌ تخليقي ورثي يا ڪوشش ان ياڳي ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو؟*

**"گورڪي ايڏو ته عظيم آهي، جو ان جو تصور ڪرڻ به محال آهي. مون کي گورڪي چوڻ گورڪيءَ سان نا انصافي چئبي".

ڪنهن به سماجي تبديلي ۽ ڦيري لاءِ، اديب جي ڪردار کي وڏي اهميت آهي، ڇو ته هو عوامي زبان ۾ لکي، عوام جي جذبن کي اڀاري، ڪين سنڌن ڪسيل حق ياد ڏياري ٿو ۽ پنهنجي تحرير ۽ تقرير ذريعي، عوام کي سندس قوت جو احساس ڏياري، عوامي هلچل کي تيز ڪري ٿو.

ائين ته ڪو نه چئبو ته رڳو گورڪيءَ ۽ سندس ڪامريڊن انقلاب آندو پر ائين ضرور چئبو ته سندن سياسي تخليقي ڪردار، سوشل نظام قائم ڪرڻ لاءِ ڏاڍي جاکوڙ ڪئي، جنهن جا نتيجا آڪٽوبر انقلاب جي صورت ۾ ظاهر ٿيا. اها هڪ اهڙي هلچل هئي. جنهن ۾ گورڪي پارن اديبن وڏو ڪردار ادا ڪيو پر ان جدوجهد ۾ ٻيا به گهڻا فيڪٽر ۽ ٻيون به ڪيئي عوامي قوتون شامل هيون. "جمال صاحب" ڏاڍي مانيٺي انداز سان ڳالهائي رهيو هو.

- *اسان وٽ دانشورن جا ٻه گروپ آهن. هڪڙن جي خيال موجب سنڌي ٻولي کي ڪو خطرو ناهي ۽ ٻيا چون ٿا ته سنڌي ادب سخت خطري ۾ آهي؟*

**"مون کي تہ اهڙو ڪو نہ سجهي جو چوي تہ سنڌي ٻولي ۽ ادب کي ڪو خطرو ناهي. جيڪڏهن ائين ڪنهن چيو بہ آهي تہ اهو فقط ماڻهن جي اميد جاڳائڻ لاءِ! پر خطرا آهن، ان ۾ ڪو بہ شڪ ڪونهي! بلڪل قومن جون قومون بدلجي سگهن ٿيون. اٿل پٿل اچي سگهي ٿي، ٻولين جون ٻوليون ختم ٿي سگهن ٿيون. اهڙا ڪيئي واقعا ٿيا آهن. قوم ۽ ٻولي تڏهن ئي زنده رهي سگهن ٿا، جڏهن انهن ۾ جان آ، حق گهرڻ لاءِ ٻڌي ۽ صحيح سائنٽفڪ سوچ آهي، ڪلچر، ٻولي ۽ ادب سان پيار سياسي طاقت ۽ سياسي سرت موجود آهي.

"اسان کي گهرجي تہ اهڙن خطرن جو پوريءَ سرت ۽ سمجهہ سان مقابلو ڪريون، ٻڌي ايڪي ۽ صحيح سائينٽفڪ سوچ پيدا ڪري عوام کي خبردار ڪريون".

- *پراڻي ادب جو نئين دور تي اثر ۽ ادب جو سماج تي اثر بابت اوهان جو رايو؟*

**"پراڻو ادب، نئين ادب سان ڪڙيءَ ۾ ڪڙيءَ جيان ڳنڍيل آهي، جنهن ۾ ادب بہ ثقافت جو حصو بڻجي وڃي ٿو ۽ ثقافت، عوامي طاقتن جي هٿ ۾ هڪ وڏي هٿيار مثال هوندي آهي ۽ مان اهو چڱيءَ پر محسوس ڪيو آهي تہ جيڪي بہ قوتون، عوام جي خلاف آهن، انهن عوامي ڪلچر تي هلائون ۽ حملا ڪيا آهن. چاڪاڻ تہ هنن اسان کان، ڪلچر کسي ورتو تہ اسان جي عوامي هلچل ختم ٿي ويندي ۽ هنن ڪافي حد تائين اسان جي ڪلچر کي ڇيهو بہ رسايو آهي. مان وري بہ چوندس تہ پراڻو ادب اسان جي ثقافت جو اهم حصو آهي ۽ نئين ادب سان ڳنڍيل آهي ۽ اسان کي، اڳتي قدم کڻڻ ۾ مدد ڏي ٿو. باقي جيستائين هاڻوڪي ادب جي سماج تي اثر جو تعلق آهي تہ موجوده ادب جو تجزيو ڪرڻ مشڪل آهي، پر مان ڪافي حد تائين مطمئن آهيان ڇو تہ نئون ادب عوامي مسئلن کي ظاهر ڪري ٿو. نوان لاڙا ڏي ٿو ۽ ڪنهن حد تائين حق جي ڳالهہ بہ ڪري ٿو.

مختلف ملڪن ۾ ڪيئي تحريڪون هلن ٿيون، انهن جون جدا جدا ارتقائي منزلون آهن ۽ ڪين پنهنجا پنهنجا تاريخي موڙ ۽ دور آهن، جيستائين ڪو اديب اهڙي جدوجهد جي ارتقائي منزلن ۽ تاريخي دورن کي نہ ٿو سمجهي سگهي، تيستائين ترقي پسند ادب تخليق نہ ٿو ٿي سگهي!

مان ائين بہ چوندس تہ جيڪڏهن ڪو سنڌي اديب، ٻين ملڪن جي ادب کان متاثر ٿي، ان کي بنياد بنائي، هتي ڪو ادب پيدا ڪندو تہ اهو هتي جي حالتن جي خلاف هوندو ڇو تہ ٻيا ملڪ تاريخ جي جدا منزلن مان گذري رهيا آهن. ممڪن آهي تہ اهي پنهنجي سر صحيح هجن، پر انهن جي اهل ٿي، هتي لکي، پاڻ کي ترقي پسند نہ ٿو چوائي سگهجي. مان جنسيات تي لکڻ جو مخالف ناهيان پر سوچڻ کپي تہ اسان جنهن دور مان گذري رهيا آهيون، ان قسم جي ڳالهين تي لکڻ ۽ بحث مباحثا ڪرڻ جا سچ پچ اسان کي اڳتي وٺي هلندا؟ سوچڻ اديب جو



Gul Hayat Institute

*ناسون ڦوٽارجي ۾ مڪون اچا وڌيڪ پيڙجي ويون آهن يا ان Resistance Power جو انت اچي چڪو آهي؟*

** "ڪنهن جو به انت نه آيو آهي. پر ڏاڍي جا ڏنگ ڪجهه گهٽيا آهن ظلم ۾ ناحق سان مقابلو ڪندڙ ڦوتون وڌيون آهن! هيٺي ۾ همت ۽ ٻل آهي، ڏاڍ سان ٽڪر کائن پيا، ڏونگر کي ڏاڙهڻ واريون سسيون اڃا موجود آهن. "آڏو ٽڪر تر، متان روهه رتيون ٿئين". يا "جي تون پهڻ پپ جو. ته لڱ منهنجا لوهه". واري ڪيفيت پيدا ٿي چڪي آهي. جمال عزم ۽ حوصلي سان جواب ڏنو.

- *توهان جي خيال ۾ ڪو به انسان فطري طرح ظالم ۽ خراب نه هوندو آهي، رڳو حالتون ئي، ڪيس سنو ۽ خراب جي هٿ ۾ آهن. جيڪي بدمعاش جهڙي ڪردار کي جنم ڏين ٿيون؟*

** "لولا لنگڙا جمعدار اچا نانگ جيان ڦڻ ڪڍيو ويٺا آهن. ڏنگ هڻن پيا ۽ ڏاڍ کي پرورش ڏين پيا ۽ "بدمعاش" جهڙن ڪردارن کي به جنم ملي پيو پر اهو معاشرو ضرور تبديل ٿيڻو آهي. اسان کي اهڙن ڪردارن جي ذهنن کي به موڙ ڏيڻو پوندو ڇو ته هو وساريل، لتاڙيل ۽ مظلوم ضرور آهن پر بنيادي طرح سچا آهن. رڳو غلط معاشري جي ڪري راهه تان ٿڙي ويا آهن هو مرده يا مئل ناهن. انهن مان، چڱائيءَ جي وڌيڪ اميد آهي ڇو ته جيئن هو حالتن جو شدت سان احساس ڪن ٿا، ايترو ئي انهن ۾ شدت سان ردعمل پيدا ٿئي ٿو!

- *اوهان جي دل جي رباب، ڪي ڪنهن نسڪڻ ۾ ٻڌڻ ڪان اڳ ۾ جنهن پنهنجي آڱرين جي الف سان ڇيڙيو ۽ جنهن جي نانءُ ٻڌڻ سان، اوهان جو سمورو وجود نغمو بنجي پولار ۾ پکڙجي ويو ۽ جنهن کي اوهان پنهنجي جگر جا ٽڪرا (پشوپاشا) ارپيا. ڇا ان، اوهان جي ڪلپنا کي اڏيڪار ڏنو؟*

** "پاڻ ٿا چاڻن، اسان کي ڪهڙي خبر!"

- *پلا پاڻ ٿا چاڻن واري احساس جو تاءُ اوهان تائين نه پهتو؟*

Gul Hayat Institute

** "اها ئي ته اسان جي ٽريجڊي آهي!"

- *اهو معاشرو ڪڏهن جنم وٺندو جڏهن ڪنهن "احسن تقويم" کي ڏوڙ ۾ ڏونڊاڙي، گڏهه تي چاڙهي، "اسفل سافلين" نه بنايو ويندو؟*

** "وقت مقرر نه ٿو ڪري سگهجي. پر اسان کي نا اميد نه ٿيڻ گهرجي. اهي حالتون بدلجڻ واريون آهن ۽ ضرور اهڙو معاشرو جلد ئي جنم وٺي سگهندو. ڪنهن هنڌ تائين ڪٿي سماجوادي معاشرا جڙي چڪا آهن. دنيا جا عوام ان سلسلي ۾ لڳاتار ڪوششن ۾ رڌل آهن. عوام سمجهو آهي. رڳو اسان پارا، ڊرائنگ رومن جا دانشور منجهيل آهن. عوام هر وقت پنهنجي مسئلن سان جڪڙيل هئڻ ڪري وڌيڪ واضح آهن.

دنيا جا مظلوم عوام جڏهن ته پنهنجن مسئلن جي پنجوڙ ۾ جڪڙيل آهن

پوءِ پلا اهڙي معاشري لاءِ ڪيئن تا ڪم ڪري سگهن؟ ۽ ان عذاب مان ڪيئن تا نجات حاصل ڪري سگهن؟ مون پنو سوال ڪيو.

اهو ترقي پسند فنڪار جو ڪم آهي تہ عوام کي صحيح واٽ ڏيکاري ۽ سندس سياسي سرت کي وڌيڪ تيز ڪري جيئن هو منزل تائين رسي سگهي. جيئن مون مٿي عرض ڪيو تہ عوام سمجهو آهي فقط هن کي صحيح سرواڻيءَ جي ضرورت پوي ٿي. عوام سدائين ليڊرن کان اڳيان اڳيان هوندو آهي. پويان پويان رهندڙ ليڊرشپ ٿپو ڏيئي انهن جي اڳيان وڃي ايندي آهي ۽ کين آسرن ۾ رکي، لفظن جي پنجوڙ ۾ ڦاسائي وري سندن رخ بدلائي پوئتي هٽائي ڇڏيندي آهي ۽ دوکي جي سمڪ گهٽي دير کان پوءِ ماڻهن کي پوندي آهي".

اوهان لکڻ ڇو ڇڏيو آهي؟ نسيم احمد کرل چواڻي، جيڪڏهن اوهين ڪابہ هٿ سان ٿي جيڪي لکو اهو ساڃڙي لکندڙن کان سؤ دفعا بهتر هوندو! مون آخري سوال ڪيو.

"لکڻ ڇڏيو اٿم سوچڻ ڪو نہ ڇڏيو اٿم. اديب لاءِ ٽي بنيادي ڳالهيون آهن. مقصد لاءِ لوري ۽ لوچ، ڄاڻ (علم)، اپياس ۽ تجربو تمام ضروري آهن. پر ذاتي سببن جي ڪري انهن ٽنهي شين جي ڪميءَ باعث نہ ٿو لکي سگهان. 1962ع ڌاري لکڻ ڇڏيو اٿم. گهر تڙ، نوڪري، بدلين سدلين جي سبب، مطالعي ۾ رڪاوٽ، تجربن جي ڪمي ۽ ماڻهن کان ڪٽجي وڃڻ ڪري بہ لکندڙ متاثر ٿئي ٿو. بہ قوتون آهن. هڪ امن پسند، جمهوري ۽ ترقيءَ ڏانهن وٺي ويندڙ قوت ۽ ٻي آهي بيٺڪي نظام "نسلي امتياز واري طاقت. انهن ٻنهي مان هڪڙيءَ جيڪا پهرين طاقت آهي، ان جو ساٿ ڏيڻو پوندو. ماڻهن جي مسئلن ۽ ڏاکڙن جو ڇتائيءَ سان پيش ڪرڻ، انهن جو ضمير ٻنجي سچ ۽ اخلاص سان ڪم ڪرڻ ۽ عوامي هلچل لاءِ صحيح لاڙا ۽ موڙ تجويز ڪرڻا آهن. لکڻو آهي، اديب جو فرض آهي تہ لکي! نسيم کرل کي ٻڌائي ڇڏيو تہ مان پنهنجي زندگيءَ جا تجربا لکڻ چاهيان ٿو ۽ ضرور لکندس".

ڪافي وقت گذري چڪو هو مان جمال صاحب جا ٿورا مڃي، ڪاٺنس تازو تاشقند ۾ آفروايشين رائيٽرس جي پنجين ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ واري، سفرنامي کي "سوجهرو" ۾ ڏيڻ لاءِ وعدو وٺي آفيس روانو ٿيس. واٽ ۾ سندس واتان ٻڌل، لطيف سائينءَ جي ايمان تازو ڪندڙ سٽ، "تون جي پهڻ پب جو، تہ لڳ منهنجا لوهہ" منهنجي ذهن ۾ پڙاڏي وانگر گونجي رهي هئي.

Gul Hayat Institute



# جمال ابڙي
# سان ملهايل
# شام

Gul Hayat Institute

2 مئي 1992

Gul Hayat Institute

(جمال ابڙي صاحب جن سان هڪ يادگار رهاڻ سنڌ ثقافت کاتي، سنڌ حڪومت پاران، کاتي جي، اُن وقت جي سيڪريٽري محترم حميد آخوند ۽ ڊائريڪٽر محترم ممتاز مرزا صاحب جي ذاتي دلچسپي ۽ محنتن سان 2 مئي 1992 تي ڪراچيءَ جي مشهور هوٽل تاج محل (هاڻوڪي ريجنٽ پلازا) ۾ ملهائي ويئي هئي، جنهن ۾ سنڌ جي وڏن ليکڪن جي هڪ ڪهڪشان شريڪ ٿي هئي. اِن اڻ وسرندڙ ادبي ميڙاڪي جو مکيه مهمان جمال ابڙو صاحب هو، جڏهن تہ خاص مهمان شيخ اياز هيو. اُن موقعي تي جمال ابڙي صاحب جي شخصيت ۽ سندن ڪهاڻين بابت سندن همعصر اديبن، ننڍپڻ جي دوستن، هم ڪلاس دوستن، نوڪريءَ واري عرصي ۾ گڏ ڪم ڪندڙ ساٿين ۽ سندن چاهيندڙن جيڪي ڪجهہ ڳالهايو هو، اُها سموري يادگار ڪارروائي جيئن جو تيئن هيٺ ڏجي ٿي. پروگرام جي ڪارروائي مرحوم ممتاز مرزا ۽ حميد آخوند گڏجي هلائي هئي).

2 مئي 1992 تي هوٽل تاج محل (هاڻوڪي ريجنٽ پلازا) جو وڏو هال ننڍي ۽ وڏي عمر جي حاضرين سان ڪچا ڪچ ڀرجي چڪو هو حاضرين ۾ عورتون، مرد، بزرگ، جوان، نوجوان ۽ ٻارڙا بہ هئا. شام جا 6 ٿيا تہ اسٽيج تي سنڌ ثقافت کاتي جو ڊائريڪٽر جنرل ممتاز مرزا ڪارروائي هلائڻ لاءِ ظاهر ٿيو

Gul Hayat Institute

## ممتاز مرزا:

دوستو! آئون سنڌ جي ثقافت کاتي پاران توهان سڀني مهمانن کي ڀليڪار چوان ٿو. اڄ اسان جي سائين جمال ابڙي صاحب جي سالگرهہ آهي. ان حوالي سان هيءَ محفل سجائي اٿئون.

سڀ کان پهرين آئون اسان جي خاص مهمان سائين جمال ابڙي صاحب کي گذارش ڪندس تہ مٿي اسٽيج تي اچن (سڄو هال اٿي بيهي زوردار تاڙين سان سندس آجيان ڪري ٿو ۽ جمال صاحب ان گونج ۾ اسٽيج تي چڙهڻ کان پوءِ سندن ڀليڪار تي سڀني حاضرين جي آڏو هٿ ٻڌي بيهي رهي ٿو).

هاڻي آئون سائين شيخ اياز کي درخواست ڪندس تہ اسٽيج تي سائين جمال صاحب جي پرسان پنهنجي جاءِ والارين ( سڄو هال زوردار تاڙين سان شيخ اياز جي آجيان ڪري ٿو شيخ اياز اسٽيج تي اچي، پنهنجي ڪرسي سنڀالي ٿو).

... ۽ هاڻي اسانجا محترم سائين سراج ميمڻ صاحب، عبدالله جي. ميمڻ صاحب، امر جليل، غلام رباني آگري ۽ تاج صحرائي صاحب، انهن کي گذارش آهي تہ اهي اسٽيج تي اچن.

انهن کان پوءِ محترم سائين حسين شاهہ راشدي صاحب، فقير محمد لاشاري ۽ بدر ابڙي کي گذارش آهي تہ اهي بہ پنهنجي پنهنجي جاءِ والارين (سڀ پنهنجي پنهنجي جاءِ والارين ٿا).

ممتاز مرزا ڪارروائي اڳتي هلائي ٿو

## ممتاز مرزا:

اڄ 2 مئي آهي، جمال ابڙي صاحب جي جنم جو ڏينهن. ان موقعي ۽ نسبت سان سنڌ جي ثقافت کاتي اها رٿ ڪئي تہ اسان کي پنهنجين قابل احترام شخصيتن سان سندن خوشين ۾ شريڪ ٿيڻ گهرجي. هونئن اسان جي مردهہ پرست سماج ۾ جيئرن جي سالگرهہ ملهائڻ جو رواج ڪونہ آهي، انڪري اسان ڪنهن چڱي روايت جو بنياد وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، انشاءَ الله اڳتي بہ اهي سلسلا هلندا رهندا.

اڄوڪي ڏينهن جي حوالي سان اسان جمال صاحب جي سڀ کان ويجهن صاحبن، دوستن ۽ همعصرن کي دعوت ڏني آهي، جيڪي هن وقت توهان جي سامهون اسٽيج تي ويٺل آهن. انهن ۾ توهان ڏسي رهيا آهيو تہ محترم سائين شيخ اياز، عبدالله جي ميمڻ صاحب، سراج ميمڻ، غلام نبي آگرو، تاج صحرائي، فقير محمد لاشاري، حسين شاهہ راشدي ۽ بدر ابڙو ويٺا آهن. جمال صاحب بہ توهان جي روبرو آهي. سڀ کان پهرين هي سڀ دوست جمال صاحب تي پنهنجي پنهنجي تعلق ۽ جيئن هنن جمال صاحب کي يا سندن فن کي ڏٺو ۽ پروڙيو آهي، ان بابت ڳالهائيندا ۽ آخر ۾ جمال صاحب پاڻ ڳالهائيندو ... ۽ سوال جواب جو سيشن بہ رکيل آهي، جنهن ۾ توهان مان جيڪڏهن ڪو صاحب سوال پڇڻ چاهي تہ پڇي سگهندو.

هاڻي، مقالن ۽ گفتگوءَ جو سلسلو شروع ڪجي ٿو. ڳالهين جو سلسلو جمال صاحب جي گهر کان شروع ڪجي ٿو سڀ کان پهرين بدر ابڙي کي گذارش آهي تہ هُو اچي ۽ اسان کي پنهنجي والد جمال صاحب بابت ٻڌائي(تاڙيون).

**بـدر ابـڙو:**

سائين شيخ اياز صاحب، جمال ابڙو صاحب، عبداللّه ميمڻ صاحب، تاج صحرائي صاحب، سراج ميمڻ صاحب استيج تي ويٺل ۽ سامهون موجود بزرگو ۽ دوستو!

جمال ابڙي سان منهنجو ڪو هڪ رشتو نہ آهي ۽ نہ وري مون ڪڏهن ايئن محسوس ڪيو تہ هن صاحب انهن گهڻن رشتن سبب مون سان ڪا خاص رعايت ڪئي آهي. هائو! ايئن ضرور ٿيو هوندو تہ اولاد جي تربيت واري ذميواريءَ هيٺ هن هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ مون کي اڪيلو نہ ڪيو.

جمال ابڙو منهنجو پيءُ آهي ۽ هو آدرشي پيءُ آهي. گهر ۾ ڪنهن جي بہ طبيعت خراب ٿي تہ سڀ کان گهڻي ڳڻتي ڪيس ٿيندي، پر جيڪڏهن پاڻ کي ڪا تڪليف ٿيندس تہ ٻڙڪ ٻاهر نہ ڪڍندو. اسان پيا پڇنداسون، "بابا طبيعت ڪيئن آهي .... ڇا ٿا محسوس ڪيو؟" پر هُو چوندو "ڪجھ بہ نہ آهي ... سڀ ٺيڪ آهي، مڙئي ٿورڙو هيئن آهي يا ٿورڙي فلاڻي تڪليف لڳي ٿي". خبر تڏهن پوندي جڏهن ڊاڪٽر ايمبولينس گهرائي ڪيس ڪارڊيو ويسڪيولر وٺي ويندو آهي. هن صاحب پنهنجي سڄي حياتيءَ ۾ پنهنجين ذاتي تڪليفن کي ڪڏهن بہ ظاهر نہ ڪيو آهي.

هُو ايئن ڇو ٿو ڪري؟ ڇا هُو سچ پچ ڪنهن کي پريشان ڪرڻ نہ ٿو گهري، يا اها سندس ڪا تمام پراڻي عادت آهي، مان اڄ تائين فيصلو ڪري نہ سگهيو آهيان. البت اهو سمجهان ٿو تہ مشڪل وقت ۾ جمال ابڙو عام ماڻهو نہ هوندو آهي. مون کيس ڪارڊيو ويسڪيولر جي ايمرجنسي وارڊ ڏانهن اسٽريچر تي ايئن ويندي ڏٺو آهي جيئن ڪنهن ننڍڙي ڦٽ ڦرڙيءَ جي آپريشن لاءِ آپريشن ٿيٽر ويندو هجي! جمال ابڙو پنهنجين ڪهاڻين ۾ موجود هر ڪردار ۾ موجود آهي، تڪليف کي منهن ڏيڻ جو اهو انداز مون کي ڪهاڻي 'ڪارو پاڻي' جي ڪردار سومر جهڙو لڳندو آهي. هونئن بہ اهو سچ آهي تہ فنڪار تصوير پنهنجي ٺاهيندا آهن، البت مهانڊا ٻين جا هوندا آهن. مون هميشہ ايئن محسوس ڪيو آهي تہ هو پنهنجي هر ڪهاڻي ۾ يا تہ پاڻ موجود آهي يا اهو ڪردار سندس ايترو ئي ويجهو رهيو آهي. جيتري هن جي پنهنجي ذات.

ڏکئي وقت ۾ هو مورچي ۾ بيٺل سپاهيءَ وانگر لڳندو آهي. مون کي ياد آهي تہ آئون جڏهن ضياءَ الحق جي مارشل لا واري دور ۾ سخت انٽروگيشن کان پوءِ جيل پهتو هئس ۽ جمال ابڙو پيءُ جي حيثيت ۾ مون سان جيل ۾ ملڻ آيو هو تڏهن هن اچڻ سان مونکي مبارڪون ڏنيون هيون ۽ ان کان پوءِ جڏهن اسان جي شنوائي هوندي هئي تہ هر پيري اسپيشل ملٽري ڪورٽ جي آڏو هن اسان سيني جو استقبال ايئن پٽي ڪيو جيئن هُو مون هڪڙي بدر جو پيءُ نہ هجي پر سيني



Gul Hayat Institute

ٿيڊين جو وڏڙو هجي. هو مٽ پڪوڙي هوا ۾ الاري اسان کي پڏائيندو رهيو تہ اسان پنهنجي وات تي صحيح آهيون.

جڏهن مان گرفتار ٿي منگهي پير واري ٿاڻي تي پهتس تڏهن کان اسان جي گهر ۾ بہ ڪهاڻيون شروع ٿيون. هڪ تہ اها آهي جيڪا توهان 'جيل جي ڊائري' يا 'آهيڙين جي اک ۾' جي عنوانن سان پڙهي چڪا آهيو. ٻي ڪهاڻي جمال ابڙي جي آهي تہ جڏهن هن اهو ٻڌو تہ سندس وڏو پٽ وحشي سرشتي جي ور چڙهي ويو آهي ۽ ممڪن آهي تہ مارجي بہ ويو هجي! تڏهن هن ڇا ڪيو؟ اها ڇئن سالن تي ٻڌل ڊگهي ڪهاڻي هڪ جدا ڊائريءَ جي شڪل وٺي سگهي ٿي جيڪڏهن جمال ابڙو چاهي تہ!

هن مارشل لا ايڊمنسٽريٽرن سان ڪيئن تڪرار ڪيا ۽ ڪيئن قانوني توڙي اخلاقي دليلن سان جهيڙا ڪيا؟ هيءَ صاحب عدالت کان ٻاهر بغاوت جو هيءَ ڪيس ڪيئن وڙهيو؟ ڪاش هو لکي سگهي يا ڪو پاڻ کي والنٽيئر ڪري اها ڊائري لکائي سگهي. مون تہ وڏا وس ڪيا آهن پر سندس هٿ ساٿ نہ ٿو ڏي!

جمال ابڙو بہ پيرا اسيمبليءَ جو سيڪريٽري ٿي رهيو هاءِ ڪورٽ جو رجسٽرار ٿي رهيو ۽ اينٽي ڪرپشن ڪاتي جو چيئرمين ٿي رهيو. ان جي باوجود هو سڄي عمر مون کي اهو ٻڌائيندو رهيو آهي تہ "ياد رکجانءَ تہ منهنجو پيءُ تنهنجي پيءُ کان وڏو ماڻهو هوا" مون ٻڌو آهي تہ منهنجو ڏاڏو اسڪولن جو صاحب هو ۽ هن ڪجهہ اهڙا ڪتاب لکيا هئا جيڪي مولوين کي ٻنهہ نہ وڻيا هئا. اڄا بہ سندس ڪي شاگرد سندس سڪ لاهڻ لاءِ جمال ابڙي يا مون سان ملڻ ايندا آهن. مان سمجهان ٿو تہ هو واقعي تمام وڏو ماڻهو هو.

جمال ابڙي جون 13 ڪهاڻيون پِشُو پاشا ۾ ڇپيون. تازي مجموعي ۾ چار ٻيون ڪهاڻيون بہ آهن. پر جمال ابڙي جو هڪ ڪردار اڃا بہ آهي. جمال ابڙي جو اهو ڪردار يا اها ڪهاڻي اڃا توڙ تائين نہ پهتي آهي، اها اڃا لکجي رهي آهي. اها ڪهاڻي مان پاڻ آهيان. مان پاڻ بہ پشُو پاشا جو هڪ ڪردار آهيان جنهن کي جمال ابڙو تخليق تہ ڪري چڪو آهي پر اهو پنهنجي دور جي ان خصي مان لنگهي رهيو آهي جيڪو گهڻو ڳتيل هوندو آهي. ڏسجي تہ جمال ابڙو ان ڪردار کي ڪهڙي رخ تي آڻي بيهاري ٿو.

مان سمجهان ٿو تہ هڪ سٺي پيءُ جي اها سڃاڻپ آهي تہ هو اولاد سان دوستاڻو ۽ استاد وارو تعلق رکي. جمال ابڙي اهي ٻئي تعلق رکيا. هن ڪڏهن بہ ايئن نہ ڪيو تہ پنهنجا خيال ۽ سوچون اسان جي ذهن ۾ زوريءَ Inject ڪري يا وري واڳون وجهي پنهنجي مرضيءَ سان موڙي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هو پنهنجي مرضي ضرور ٻڌائيندو آهي، پر ان تي عمل لاءِ مجبور ڪڏهن بہ نہ ڪندو آهي.

جڏهن مون پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون ٻُت ناهيو تڏهن منهنجي عمر 12 يا 13 سال

هئي. بابا مون کي هڪدم ع ق شيخ مرحوم ڏانهن اماڻيو. جڏهن مون پهرين ادبي سِٽ لکي تڏهن منهنجي عمر 19 سال هئي. بابا منهجي پٺي ٺپري ۽ پوءِ مون لکڻ شروع ڪيو. جڏهن مون پنهنجي پهرين ڪهاڻي سنڌي ادبي سنگت ۾ تنقيد لاءِ پيش ڪئي تڏهن اها منهنجي لاءِ وڏي آزمائش هئي ڇو ته ان هيڏي ساري ميڙ جي صدارت جمال ابڙي پئي ڪئي، خبر ناهي ته ان مهل جمال ابڙي پيءُ جي حيثيت ۾ ڇا محسوس ڪيو هوندو پر مان پگهرجي ويو هوس. صدارتي راءِ ڏيڻ مهل جمال ابڙي مون کي وڌن اديبن کي غور سان ۽ گهڻو پڙهڻ جي صلاح ڏني. اها صلاح هو سيني نوجوانن کي ضرور ڏيندو آهي. اهو آهي سندس تربيت ڏيڻ جو انداز! هو پاڻ هٽ سان وٺي نه هلندو آهي، دڳ ڏيکاري ڇڏي ڏيندو آهي.

جمال ابڙو ماڻهن کي هميشه پُر اسرار لڳو آهي، جيتوڻيڪ هو هڪ کليل ڪتاب آهي. توهان کي شايد ياد هجي ته جماعت اسلاميءَ جي چڱن مڙسن مٺ ڪان وٺي جمال ابڙي کي ملحد لکيو ۽ اڄ وري اهي ماڻهو جيڪي پاڻ کي ملحد سمجهن ٿا جمال ابڙي کي مذهب ڏانهن موٽ کائيندڙ ماڻهو سمجهن ٿا. تي سگهي ٿو ته جمال ابڙو پاڻ ئي ان تضاد جهڙي ڳالهه جو ڪو بهتر جواب ڏي! پر مون کي حيرت آهي ته اسان ماڻهو ڇهري تي آيل تبديليءَ کي ڏسي پنهنجو خيال بدلايون ٿا.

جمال ابڙو ڪڏهن به بت پرست ناهي رهيو پوءِ کٽي اهو ڪنهن جو به هجي. هائو! هن انهن سيني فلسفن، رهبرن ۽ رهبرن جي محورن جو احترام ڪيو آهي جيڪي مادي پرست هئا يا خيال پرست. مون ڏٺو آهي ته هن وڏ کان وڏ ان کي چاتيءَ لاتو آهي جنهن وٽ خلوص آهي. جمال ابڙو سوين پيرا پٺائيءَ جي درگاهه تي ويو آهي. مخدوم بلاول ۽ درياهه خان جي درگاهه تي ويو آهي، حافظ شيرازيءَ جي مزار تي ويو آهي پر نادر شاهه درانيءَ جي مقبري ۾ گهڙڻ تي دل نه ڪيس، جنهن سنڌين جو ڪوس ڪيو هو. جمال ابڙي کي ڪو به ماڻهو ڪجهه به چوي، سچل جي لفظن ۾ 'هُو جو ئي آهي، سوئي آهي!' پر مان به پنهنجي راءِ ڏيان ته هو بنيادي طرح شاهه عنايت صوفيءَ واري سوچ جو تسلسل آهي.

منهنجو مشاهدو آهي ته جمال ابڙو ڪاوڙ ۽ پيار جو هڪ عجيب ميلاپ آهي. جڏهن ڪاوڙبو آهي ته ڪاوڙ پي ويندو آهي، تمام گهڻو چڙندو ته چوندو "ڪارو اٿس منهن!" يا وري چوندو ته "مار صفا ڪو ردي ماڻهو آهي!" جوانيءَ ۾ چڙ گهڻي هئس، هاڻي ڪو نه ڏيکاري. ڪو ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ جي تعريف ڪندو ته ٺڙي پوندو آهي پر ڪنهن جي پر پٺ گلا تي رت جو دباءُ وڌي ويندو اٿس. صفا چڙي پوندو آهي. ڪوشش ڪندو آهي ته ان محفل مان اٿي وڃي. موٽندي، اندر جو اوبر ڪيندي چوندو آهي، "مارا ڪيڏو نه هلڪڙو ماڻهو هوا!" اسان کي ڇاڪاڻ ته سندس طبيعت جي خبر آهي تنهن ڪري ڪوشش ڪندا آهيو ته ڊاڪٽر هر



Gul Hayat Institute

وقت ساڻس گڏ هجي. ڊاڪٽر اظهر، جمال ابڙي ٻيو نمبر پٽ آهي جنهن کي پاڇي وانگر گڏ رهڻو پوي ٿو.

جمال ابڙو نہ رڳو سٺو ڪهاڻيڪار، سٺو دوست ۽ سچاڻ انسان آهي پر هو هڪ سٺو منتظم ۽ رِٽيئنڊڙ بہ آهي. بابا کي پهريون ڀيرو هارٽ اٽيڪ 1967 ۾ ٿيو. تڏهن منهنجي عمر 14 سال هئي ۽ مان گهر ۾ وڏو هوس. تڏهن بابا حيدرآباد ۾ جج هو ۽ مان ماڊل اسڪول ۾ پڙهندڙ هوس. بابا مون کي رڪشا ڊرائيوري سيکاري ۽ مون کان بس ڪنڊيڪٽري بہ ڪرائي، صرف ان ڪري تہ جيئن منهنجي مغز ۾ اها هوا نہ رهي تہ ڪو مان جج جو پٽ آهيان ۽ ڪو پورهيو ڪرڻ عيب آهي. شايد اهو ئي سبب آهي جو جمال ابڙي جو هيءُ ڪردار عام ماڻهن ۽ زندگيءَ کان وڌيڪ ويجهو ڏسڻ ڪري حساس، ليکڪ ۽ آرٽسٽ بڻجي ويو.

جمال ابڙو ڪجهہ وقت جونا ڳڙهہ ۾ پڙهيو گرنار جا جبل ۽ مندر ڏٺائين، سن 1944ع واري وڏي ڪاري ڏڪار ۾ بنگال وڃي بنگالين جي سهڪاري ڪئمپن ۾ رضاڪار طور ڪم ڪيائين. خاڪسار تحريڪ جو سرگرم رڪن ٿي ڪم ڪيائين. لاڙڪاڻي ۽ ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت ۽ خيرپور ۾ سچل اڪيڊمي (1959) جو باني ميمبر ٿي ڪم ڪيائين. مولوي نذير، جمال الدين بخاري، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، ذوالفقار علي ڀٽي، ڪامريڊ غلام محمد لغاري ۽ ٻين اهم اڳواڻن جو ساٿي ٿي ڪم ڪيائين. پر ڪڏهن بہ ظاهر نہ ٿيو ۽ نہ وري جتايائين. اهي راز سندس سيني ۾ دفن آهن. ڪاش ڪڏهن قلمبند ڪري وجهي! انگريزن خلاف ڪراچيءَ واري تحريڪ ۾ جڏهن بندر روڊ تي گوليون هليون تڏهن پاڻ بہ مظاهري ۾ شامل هو. اهي ڳالهيون ڪڏهن ڪڏهن سندس زبان تي اينديون آهن پر افسوس جو سندس هٿ لکڻ ۾ سهڪار نہ ٿو ڪري ۽ زبان سان تفصيل بيان ڪرڻ جي عادت نہ اٿس. مون وڏا وس ڪيا تہ اهي تاريخي يادگيريون معلوم ڪري رڪارڊ ڪري سگهان پر ڪامياب نہ ٿي سگهيو آهيان.

جمال ابڙو عملي ماڻهو آهي. مون کيس مستقل جدوجهد ڪندڙ ماڻهوءَ جي روپ ۾ ڏٺو آهي. جيڪڏهن فقط خيال پرست هجي ها تہ سنڌ ۾ ماڻهپي جي آڇپي جو رستو روزي ۽ نماز ۾ ٻڌائي ها. هو تہ هر ڀيري مون کي اهو ئي ٻڌائيندو آيو آهي تہ:

ايئن نہ مرن مڇ، جيئن جهڳا پائين جهول ۾!

هن صاحب مون کي قومي چوٽڪاري جي اها ئي وات ٻڌائي، جيڪا هن صبديءَ ۾ مقبول ٿي آهي. هن هر بحث دوران اهو دليل پيش ڪيو آهي جيڪو پورهيت سياست ٻڌائي ٿي. سندس ڪهاڻيون ۽ لکڻيون سندس سوچ جو دليل آهن. هائو! هو نعري بازي کان پري رهيو آهي چو تہ نعري بازي عمل جي ابتڙ آهي. هن پنهنجين لکڻين ۾ ڪردارن جي ذريعي نعري بازيءَ کي رد ڪري، ۽ معاشري

جي غلط لاڙن کي رد ڪري انهن کان نفرت ڪرائي آهي. هو غلط لاڙن کان نفرت ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. ان جو ثبوت اهو پيار آهي جيڪو سنڌ واسين کيس ڏنو آهي. مهرباني!

## ممتاز مرزا:

هيءَ سالگره جو موقعو آهي ۽ سالگرهن ۾ اڪثر تحفا به ڏبا آهن. (سوکڙي طور ڏيڻ لاءِ) اجرڪ تمام گهڻي تي وئي آهي، هر ڪچهريءَ ۾ اجرڪ ڏني ويندي آهي. مون ڪراچيءَ ۾ ڏاڍي ڳولا ڪئي ته مونکي ڪا پلي لُنگي ملي جيڪا اسين سائينءَ جي خدمت ۾ پيش ڪريون. لُنگي ته نه ملي پر خوشقسمتي سان گمبٽ جو پلو کيس ملي ويو آهي. شيخ اياز کي گذارش آهي ته اهو تحفو سنڌ جي هن سونهاري اديب ۽ پياري سائينءَ جي خدمت ۾ ڪلچر ڊپارٽمينٽ جي طرفان پيش ڪري. (تاڙيون)

(شيخ اياز جمال صاحب کي کيس اوڍائي ٿو ۽ حاضرين پرجوش تاڙيون وڄائين ٿا)

هن موقعي تي اسان جمال جو ڪتاب به شايع ڪيو آهي، ان (ڪتاب) جي ٽائيٽل جي تصوير جمال کي پيش ڪرڻ لاءِ آئون اسلام آباد مان آيل (غلام) رباني (آگري) کي عرض ڪندس. (رباني صاحب جمال ابڙي کي تصوير پيش ڪري ٿو). اسان هن موقعي تي جيڪو ڪتاب شايع ڪيو آهي ان ۾ 'پشو پاشا' ۾ شامل ڪهاڻيون، ان کانپوءِ واريون جمال جون ڪهاڻيون ۽ مضمون به شامل آهن ... ۽ سندس شخصيت تي هيءَ ڪتاب جنهن جي اڄ رونمائي آهي، ان لاءِ آئون امر جليل کي عرض ڪندس ته هو ڪتاب جي مصنف کي هيءَ ڪتاب پيش ڪري، امر جليل! (امر جليل تاڙين جي گونج ۾ جمال صاحب کي ڪتاب پيش ڪري ٿو).

هيءَ محبت جون سوکڙيون هيون. الهه ورايو ڪلهوڙو ۽ سندس ساٿي هتي اسان جا مهمان ٿي آيل آهن. اُهي به پنهنجي طرفان جمال کي اجرڪ ۽ ٽوپي پيش ڪرڻ لاءِ ايندا. (تاڙيون)

منهنجا سائين! هيءَ هيون سِڪ جون سوکڙيون. سِڪ سان جيڪا شيءِ ڏبي آهي ان جو ڪو ملهه ئي ڪونهي هوندو. جمال اسان کان انهيءَ کان اڃا گهڻو وڌيڪ حق لهڻي، جيڪو اسان اڃا تائين ادا نه ڪري سگهيا آهيون. هيءَ هڪڙي ننڍڙي ڪوشش آهي، اهو سلسلو جاري رهندو. هاڻي محترم حسين شاهه راشدي کي گذارش آهي ته هو اچي پنهنجو مقالو پيش ڪري، حسين شاهه راشدي صاحب! (تاڙيون)

Gul Hayat Institute

## حسين شاهہ راشدي:

سائين جمال ابڙو صاحب! جناب شيخ اياز جناب رباني صاحب، اسان جو پيارو دوست امر جليل، ٻيا معزز مهمانو! خواتين ۽ حضرات!

اڄ هنن (منتظمن) اسٽيج تي ترتيب ڪجهہ اهڙي ڏني آ جو هڪڙو تہ سندس پنهنجو ڄائو رکيو اٿن، ٻيو ڪو سندس ساٿي آ، ڪو ساڻس گڏ لکندڙ آهي، ڪو ڪيس سڃاڻندڙ آهي. مون کي ان ڪري مقالو پڙهڻ لاءِ سڏايو اٿن جو مان اهڙو ماڻهو آهيان جيڪو جمال صاحب کي گهڻو سڃاڻي ٿي ڪونہ! شايد ان ڪري اڻ سڃاڻندڙن جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ مون کي رکيو ويو آهي. بهرحال ڪنهن جي ڀاڳ سان ريس ڪرڻ اجائي آهي. ڪي شخص پهرئين سٽ لکڻ سان ئي شهرت جي چوٽيءَ تي وڃيو پهچن، ڪي سڄي عمر ڇڪي ڇڪي پوءِ چڙهن، ۽ ڪي تہ ايئن اُجهامي وڃن جو ڄڻ تہ هيا ئي ڪونہ. سائين جمال ابڙو پهرئين قسم جي ڀختاورن منجهان آهي جنهن پهرئين ڏڪ سان وڃي سنڌي ادب جي ميدان ۾ مٿانهون مقام ماڻيو. دنيا ۾ تہ اهڙا گهڻا مثال آهن پر اسان جي ملڪ ۾ انهن جي فهرست تمام مختصر آهي. مون کي ادب ۾ ويجهڙائي ۾ تہ ڪو اهڙو مثال ڪونہ ٿو سُجهي پر فلمي دنيا ۾ جيڪڏهن چوندؤ تہ اداڪارا ريما پنهنجي پهرين فلم ۾ پنهنجي فن جو ڏاڪو ڄمائي ڇڏيو هو. خبر ناهي تہ جمال سائين ان جمال جو ديدار ڪيو آهي يا نہ. پر چڱي شيءِ آهي.

سائين جمال ابڙي جو نالو سڀ کان پهرين ڪاليج جي زماني ۾ ربانيءَ کان ٻُڌم. اتي ئي جڏهن نسيم کرل سان دوستي ٿيم تہ هُن بہ جمال جي ساراهہ جون سُرڪيون ڀريون. امر جليل جيڪو امر پوءِ ٿيو تڏهن اڃا اسان کيس جليل سڏيندا هياسي، ۽ بنگالي وري ساڳئي نالي کي ٻئي نموني اُچاريندا هئا، تنهن کان بہ سائين جمال جي ڪهاڻي جي تعريف ٻڌم. مطلب تہ تنهن وقت جي نئين ٿهيءَ جي لکندڙن واتان هر هر جيڪو نالو ڪن پيو سو جمال ابڙي جو هو.

ڪاليج جا ڏينهن بہ عجيب ٿين. اسڪول ۾ تہ شاگرد تنهن زماني ۾ وڏين پابندين جي پنجوڙن ۾ جڪڙيل هوندو هو. ماستر کان ئي ساهہ ويندو هو هيڊ ماستر جي تہ ڳالهہ ئي ڪجهہ اور هئي. شل نہ ڪنهن شاگرد تي هيڊ ماستر جي نظر پوي، سندس رعب جو نُور چوڪري جي سڄي وجود کي ساڙي وجهندو هو. ڪاليج ۾ اچڻ ڪانپوءِ آزاديءَ جو لوڳهو کليو. بزرگن جا وڏل ڏانوڻ بہ ڪجهہ ڍرا ٿيا. اهو زمانو بي فڪري، ارڏائي ۽ خيالي دنيائن ناهڻ جو هيو جنهن جو مرڪزي نقطو سوچيندڙ پنهنجو پاڻ هيو. شهر جو چڪر چاڙي ۽ هيڏي هوڏي لٽوٽو هڻڻ جو بہ موقعو مليو. شام جو صدر خاص طرح ايلفسٽن اسٽريٽ ۽ بوهري بازار جي پسار زندگي جو معمول بڻجي وئي.

پڙندا هياسين ته آزاديءَ کان اڳ به ايلفنسٽن اسٽريٽ مکيه تفريحي مرڪز هوندي هئي جتي شام جو وڏا ميمڻ سيٺيون ۽ گراڙا پارسي واپاري ڪرسيون ۽ مُوڙا فٽپاٿن تي وڇرائي انهن تي ويهي ڪچهري ڪندا هئا. اِها هئي ڪل رونق ايلفنسٽن اسٽريٽ جي! پر پاڪستان ٺهي ڪانپوءِ جڏهن اسان به اچي ساماياسي ته انجي نقشي ۾ خوشگوار تبديليون اچي ويون هيون. جيترو حُسن ايلفسٽن اسٽريٽ جي في چورس فوٽ ۾ اچي گڏ ٿيندو هو اوترو ٻي ڪنهن جاءِ تي ملڻ محال هيو. اهي رنگ ڏسي اسان نوجوانن جو به پاڪستان ۾ ايمان پختو ٿيندو ويو ۽ بزرگن جا به دل ئي دل ۾ ٿورائتا ٿياسي جن پاڪستان ٺاهي اسان تي پورائيءَ ۾ پال ڪيا هئا.

تنهن زماني ۾ پنهنجي پر ۾ ناهه نوهه ڪري صدر وڃي سڙهبو هو. بجلي جي استري اچا ڪانه آئي هئي ... ڪوئلي واري استري جو رواج هو. اها نياڳي هڪ ته ڳوري ٻيو گهڙي گهڙي ٿانڊا ٿڌا ٿيو وڃن جن کي ڦوڪ سان دکائڻو پوندو هو جي ڦوڪ زوراٿي آئي ته چڻنگون ڪپڙي تي ۽ رک منهن تي گڏ ٿي ويندي هئي. تنهن ڪري محفوظ طريقو اهو هوندو هو جو قميص ۽ پتلون کي چڱي طرح آڏي ۽ سُوڙٿي رات جو وهاڻي هيٺان ڏئي سمهي پئبو هو. ٻئي ڏينهن اهڙيءَ طرح استري ٿيل آٽر اوڏي پاڻ کي يوسف ثاني تصور ڪندي پاڻ کي بازار ۾ وڃي پيش ڪبو هو. اهڙي طرح ڪڏهن سنگت سان ته ڪڏهن وري نوبڪلو پيا چڪر هڻبا هئا يعني يار گهمي پيو چالارو. ڪڏهن اوپارو ڪڏهن لهوارو. اهڙن چڪرن دوران رباني جو نالو لکندڙن جي صف ۾ شامل ٿي ويو. نسيم کرل جون ڪهاڻيون به ڇپجڻ لڳيون. اوچتو امر جليل جي به هر طرف هاڪ ٿي وئي. ايمان جي ڳالهه آهي ته امر حقيقت پسند هو تنهن ڪري پنهنجي رنگ جي مناسبت سان ايلفسٽن اسٽريٽ کان پرپرو اينگلو انڊين ڪرسچنن جي پاڙي ۾ پيو افسانن جو مواد هٿ ڪندو هو. سراج به نالو پئدا ڪرڻ لڳو. اهي سڀ همراهه پئي هنڌ لين نه لين صدر ۾ ضرور هٿ ايندا هئا. تنهنڪري مون کي اِهو وهم ويهي ويو ته سنڌي ادب جو ڪچو سيڌو ايلفسٽن اسٽريٽ ۾ ئي ملي ٿو جنهن کي منهنجا دوست نظرن جي ناٽي سان خريد ڪري دماغ جي ديڳڙيءَ ۾ وجهي، انهن کي پنهنجن خيالن سان پچڻي ڏئي ڪهاڻي تيار ڪن ٿا.

مون کي به ڪهاڻيڪار ٿيڻ جو شوق هيو. تنهنڪري مون به اهو نسخو آزمائڻ گهريو. منهنجا اهي سيئي دوست مشهور ڪهاڻيڪار بڻجي ويا، مان پنتي رهجي ويس. هو خوشقسمت هيا جو کين عنوان رسيد ٿيندو پئي رهيو جيڪو جلد ڳري ويندو هو. جڏهن ته مون کي اهڙو نِڙ تيوڻ مليو جيڪو سوين جتن ڪرڻ کان پوءِ به نياڳو نه ڳري نه ڳريو. تنهنڪري اُتي ئي آهيون جتي اوهان پسيو.



Gul Hayat Institute

سائين جمال ڪي بہ مون پهريون دفعو ايلفسٽن اسٽريٽ ۾ ٿي ڏٺو جتي رباني ءَ سائنس منهنجي ملاقات ڪرائي. سائينءَ ڪي قميص ۽ پتلون پيل هئي، سا بہ ساڳئي نموني وهاڻي جي هيئنان نڪتل هئي. سندس پتلون تنهن وقت جي فيشن موجب ايتري تہ ويڪري هئي جڻ ڪنهن غراري کي پتلون جي صورت ڏني وئي هجي. ان جي هڪ پاچي مان اچ جيڪر سائينءَ جو سڄو وڳو جُڙي پوي! ناهوڪو رعبدار ۽ ڇپ مٿان برڙيءِ نموني ميڇون رکيل هئس. سندس جهڙي وڏي ليکڪ ڪي بہ اُتي ڏسي مون کي يقين ٿي ويو تہ سنڌي ادب جو خزانو اُتيئي موجود آهي جنهن جي لُونجهہ تي هزڪو اچي ٿو.

وقت گذرندي سائين جمال جو نالو هر هنڌ وڃڻ لڳو. سندس شاهڪار افسانا هر ڪنهن جي زبان تي هيا. مان بہ سندس لکڻين تي موهت ٿي پيس. سندس ڪهاڻيون پيراڻي، شاهہ جو قبر بدمعاش، خميسي جو ڪوٽ تہ پنهنجي جاءِ تي پر پشو پاشا تہ سچ پُڇو واڇڻ ئي وڃائي ڇڏيم. اهي سنڌي ادب جون لازوال ڪهاڻيون آهن. اڄ بہ اوهان کي اهي ڪهاڻيون تازيون ۽ نيون معلوم ٿينديون ڇو تہ سنڌ لاءِ تہ ڪڏهن وقت بدليو ئي ڪونهي. اڄ بہ حالتون اهي ئي آهن جيڪي صديون اڳ هيون. (تاڙيون)

سائين جمال سنڌي ادب ۾ ٻن ڪارنامن لاءِ هميشہ زنده رهندو. پهريون هيءَ تہ پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ سنڌي ادب جي وهڪري کي جيڪو ٻنجو اچي ويو هو ان کي هن پنهنجين ڪهاڻين سان ڪٽي سنڌي ادب کي نواڻ بخشي. ٻيو ڪارنامو سنڌي ادب ۾ سجاڳي جي تحريڪ آڻڻ آهي. سندس ڪردار سنڌ جا ڪردار آهن جن جو واسطو زندگي جي هيٺاهين طبقي سان آهي. هيءُ چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ هو سنڌي ادب ۾ روشن خيالي جو اڳواڻ هو. هن سنڌ ۾ روشن خيال، ترقي پسند ۽ وطن سان محبت رکندڙن جو وڏو قافلو تيار ڪيو. اڄ سنڌي ادب ۾ جيڪو آبشار ڏسو ٿا ان جو ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان تعلق جمال ابڙي صاحب سان بہ آهي.

جمال ابڙو صاحب نوجوان سنڌي اديبن جي قافلي جو اڳواڻ هو پر هن، پنهنجي ساٿين کي اهڙي ڇُڇڪر ڏئي ڇڏي هئي جو اهي وقت گذرڻ سان جمال صاحب کان اڳتي ٿي ويا ۽ هنن جڏهن پويان منهن ورايو تہ سائين جمال ابڙي صاحب کي مصلي تي سجدي ۾ ڏٺو. سائين انهيءَ ڪانپوءِ مذهب ڏي لڙي پيو پر سندس خيالن ۾ ڪنهن بہ قسم جي تبديلي نہ آئي. سندس ترقي پسندي ۽ وطن سان محبت ساڳي رهي آهي جنهن جو مثال سراج جي 1970ع ۾ لکيل ناول 'پڙاڏو سوئي سڏ' ۾ ملي ٿو. مان سمجهان ٿو تہ اهو ناول سائينءَ جي خيالن جو بهترين مظهر آهي، جيڪو مان اڳتي پڙهندس.

/

وطن جي حُب ايڏو اهم جذبو آهي جو ان کانسواءِ ماڻهو اصليت وڃايو ويهي، کوکلو ٿيو پوي، خود مطلب، ڪميڻو ۽ ابن الوقت ٿيو پوي. اسفل سافلين جي مڪروهه ۽ گندي گنج ۾ گند هاڻو ٿيو پوي. انساني عظمت جي چوٽ تي پهچڻ لاءِ حب الوطني جي ڏاڪڻ جو ڏاڪو سندس ڪردار کي اُجاريندو ۽ سندس اخلاق کي جرڪائيندو رهي ٿو. ان جذبي کي قائم ۽ دائم رکڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ۽ جتن جي ضرورت آهي. پنهنجي عظمت جي نشانين کي ڳولي هٿ ڪرڻو آهي. تاريخ جي ورقن تان دز لاهي پنهنجي ڪشمڪش جي ڪارنامن کي چمڪائڻو ۽ وڏي واڪي ڳائڻو آهي.

اسان جي هِن سرزمين جي وک وک تي تاريخ وکريل آهي. هن مٽيءَ جي ذري ذري تي اسان جي وڏڙن جي رت جون ڦونگارون موتي داڻن جيان چٽڪاريل آهن. ڳوٺ ڳوٺ، ديهه ديهه ۽ ٽيپي ٽيپي ۾ تاريخ پنهان آهي. گهر گهر ۽ وستيءَ وستيءَ پنهنجا ڪونڊر ڪهايا آهن. هن عظيم قوم هزارن ورهين کان پنهنجي عظمت ۽ آزادي خاطر منظم جدوجهد پئي ڪئي آهي. سوين سودا، لکين دودا، ڪيئي ماٿرون، ڪيئي پينرون بازارن ۾ نيلام ٿي، ڪُسجي امر ٿي ويا. اڃو تـ انهن دودن جي نشاندهي ڪريون ۽ زمين جي انهن ٽڪرن جي مِٽي ماٿي لايون جتي سندن خون جذب ٿيو هو. اهوئي ان مٽي جو مانُ آهي. اها تاريخ، اهو فخر ۽ اهو ناز اسان کي دڳ لائيندو حب الوطني کي جرڪائيندو ڪردار کي اُپاريندو مُردار ٿيڻ کان بچائيندو چو تـ تاريخ وئي تـ جذبو ويو ۽ ڪردار ويو تـ موت آيو. (تاڙيون) اِهي آهن سائين جمال ابڙي صاحب جا خيال ۽ مان سمجهان ٿو تـ هو اچا تائين پنهنجن انهن خيالن تي قائم آهي پر هاڻي مذهب ڏي گهڻو ڏيان اٿس پر مان سمجهان ٿو تـ نماز بـ مذهب جو مختصر افسانو آهي. تنهنڪري جيڪڏهن هو نماز پڙهي ٿو تـ انهيءَ ۾ ڪنهن قسم جو حرج ڪونهي. پيو وري ڪجهه وقت کان پنهنجي ڇهري کي اهڙي نموني سان سجايو اٿئون جو ٻُڌون ٿا تـ اِن سان حورون هِرڪنديون آهن. شل الله کيس اهي حُورون نيبهه ڪري! سائين هتي جيڪا عزت ماڻي آهي شال اڳتي بـ اهڙي عزت ماڻي!

مون جمال صاحب جا 13 افسانا جيڪي 1959ع ۾ 'پِشو پاشا' جي نالي سان شايع ٿيا، پڙهيا آهن پر انهن ۾ سائينءَ تاريخون نـ لکيون آهِن جنهن جي ڪري اُها خبر نـ پئجي سگهي آهي تـ اُهي سائينءَ ڪهڙي جذبي هيٺ، ڪهڙي هنڌ ۽ ڪهڙي وقت لکيون. منهنجي خيال ۾ سائينءَ جي لکڻين ۾ اها هڪڙي کوٽ رهجي وئي آهي. مون تازو هڪ صاحب جي شعر جو ڪتاب ڏٺو آهي جنهن ۾ هر شعر ۽ هر بيت هيٺان هيءَ ضرور لکيل هوندو تـ هن اهو ڪهڙي تاريخ ۽ ڪهڙي هنڌ مثلاً سپر هاءِ وي تي ويندي لکيو يا ليٽندي يا وري ڳائيندي لکيو. جنهن مان توهان کي سچي ڪيفيت جي خبر پئجي ٿي. پيو وري هيءَ تـ هن صاحب هر هنڌ

شعر چيو آهي، سواءِ اُن هنڌ جي جتي صبح جو ننڊ مان اُٿي چانهہ پيئڻ ڪانپوءِ وجبو آهي. بهرحال، منهنجي خيال ۾ اسانجي سيني ليکڪن کي پنهنجي لکڻين جي تاريخ ضرور لکڻ گهرجي ڇو تہ ان سمان اسانجي اديبن جي ذهني ارتقا جي خبر پوي ٿي.

بهرحال، سائين جمال کي لک لک مبارڪون هجن. 68 ورهيہ ڄمار ماڻي اٿس. الله ڪندو تہ اڃا بہ وڏي ڄمار ماڻيندو. سندس حصي ۾ جيڪي حُورون آيل آهن، سي پيون انتظار ڪنديون ۽ ڪاڏي ڪونہ وينديون. الله ڪري توهان اسان سان گڏ ٿي هجو مهرباني! (تاڙيون)

## ممتاز مرزا:

سائين منهنجا هيءُ هو حسين شاهہ. پنهنجي رمز ۽ رنگ ۾ قلم جا ڪونٽر ڪُڏائي ٿو ڳالهيون گهڻيون ڪري ٿو. ڪڏهن اسان کي ڏکيو ڪندو تہ ڪڏهن پاڻ کي بہ ڏکيو ڪندو راض جو راڻو آهي، ڪير ڪيس ڇئي؟ بهرحال، ڪچهريءَ کي اڳتي هلائڻ لاءِ سائين جمال ابڙي جي ننڍپڻ جي يار اسڪولي دوست، ڏڪار ۾ ۽ خاڪساري ۾ پنڌ ڪرڻ واري يار محترم تاج صحرائي کي گذارش ڪندس تہ اچن ۽ پنهنجا خيال پيش ڪن. (تاڙيون)

## تاج صحرائي:

منهنجي ننڍي هوندي جو محترم دوست، ڳوٺائي، شڪارپور جو شيخ اياز صاحب، اسٽيج تي ويٺل معزز صاحبان ۽ خواتين و حضرات!

منهنجو پيارو دوست، ننڍي هوندي جو دوست، يار غمخوار پانهن ٻيلي، محسن محترم جمال ابڙو صاحب! هن لاءِ مان ڇا چئي ڇا چوان! جمال صاحب سان منهنجي پهرين ملاقات ڪراچيءَ جي سرزمين تي ٿي هئي ۽ مون کي خوشي آهي تہ اڄ اسان جمال صاحب سان رهاڻ بہ ڪراچيءَ جي سرزمين تي ملهائي رهيا آهيون جيڪا سر زمين اسان سنڌين جي رت، پگهر ۽ پگهر جي پورهئي مان سجي سنواري نئين ڪنوار ٿي آهي، جنهن کي روشنين جو شهر سڏيو وڃي ٿو هن موقعي تي تاريخ جون ڪجهہ حقيقتون پيش ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان.

دوستو! ان زماني ۾ لانڍي چارج متا قاڙڻ واسطي ڪانہ ٽينڊي هئي. ان وقت پوليس وارا ڪجهہ ڏنڊا زمين جي ساڄي ۽ ڪجهہ ڏنڊا زمين تي کاٻي پاسي هٽي پوءِ رڳو گوڏن کان هيٺ هڻڻ لاءِ اُلرون ڪندا هئا تہ جيئن ماڻهو پڃي وڃن. اڄ اسان جيڪا لانڍي چارج ڏسون ٿا سا شايد رڳو متا قاڙڻ واسطي ڪئي وڃي ٿي جيڪا وڏي شرم ۽ بي حيائيءَ جي ڳالهہ آهي. (تاڙيون)

آئون ساڳيا خاڪسار تحريڪ وارا اصول يا نيم ڪٽي ڪراچي آيس ۽ سنڌ مدرسي ۾ داخلا ورتم. پير الاهي بخش مرحوم، خدا ڪيس جنت نصيب ڪري جنهن 1943ع ۾ ايس ايم ڪاليج شروع ڪيو ۽ مان اُتي رهيس. سائين امر جليل صاحب جي والد قاضي عبدالغني مرحوم جو مون سان ڏاڍو پيار هو ۽ سندس مشوري سان ئي مان شڪارپور ڇڏي ڪراچيءَ آيس. پيو وري قاضي صاحب مون کي خاطري ڪرائي هئي ته جيڪڏهن مونکي شڪارپور ۾ داخلا نه ملي يا ڪيڏي ڇڏين ته ڪراچي هليو اچان چو ته مئٽرڪ جي زماني ۾ به ٿوريون گهڻيون ڏنگايون ڪندو هئس ۽ شڪارپور ۾ ڪا هڪ اڌ اسٽرائيڪ به ڪرائي هيم. هونئن به هندن جي ڏينهن ۾ اسان جو اسلام خطري ۾ اچي ٿي ويو!

جمال صاحب ۽ مان ايس ايم ڪاليج جي هاسٽل ۾ گڏ رهندا هئاسين. مون کي ان وقت خاڪسار تحريڪ ڪراچي جي شاگرد ونگ جو سالار مقرر ڪيو ويو هو. اسان صبح شام سنڌ مدرسي جي سامهون بندر روڊ تي چپراس ڪندا هئاسين. ڪي اهڙا مرحلا به آيا جو پير الاهي بخش صاحب وقتي وقتي خفي به ٿي پوندو هو. خدا پير صاحب کي جنت نصيب ڪري، ڪيس اسان سنڌ جي نوجوانن سان ڏاڍو پيار هو. هڪ دفعي هاسٽل تي جهنڊي چاڙهڻ جو مسئلو ٿيو. اسان جي مرضي هئي ته اسان پنهنجو جهنڊو چاڙهيون جيڪا ڳالهه پير صاحب کي ڏاڍي ڏکي پئي لڳي. پوءِ طئي هيءَ ٿيو ته ان مسئلي تي وفد جي شڪل ۾ پير صاحب سان وڃي ملجي. مون سالاريءَ جي ڪمان جمال صاحب جي حوالي ڪئي ۽ آئون خاڪسار سپاهي جي حيثيت ۾ ايس ايم ڪاليج کان چپراس ڪندا پير ڪالوني ۾ پير صاحب جي بنگلي تائين وياسين. جيڏي مهل پير صاحب سان ملياسين ته... پير صاحب کي جيئن ته خبر هئي ته سالار ته تاج صحرائي آهي، ان ڪري هُو مون کي مخاطب ٿيڻ لڳو ته جمال صاحب چيس، "مجھ سي مخاطب هوا! مين سالار هون اسوقت، تاج صحرائي ڪُڇ نهين!" اهي هئا ڏينهن ۽ اُهي شينهن.

مونکي اُهي گهڙيون به ياد اچن ٿيون جڏهن خالقڏني هال ۾ سياسي جلسا ٿيندا هئا بلڪ اڪثر سياسي جلسا اُن هال ۾ئي ٿيندا هئا. اُتي هڪڙي جلسي دوران اهڙي نوبت به آئي جو جلسي جا منتظمين يا پيا آيل مهمان هڪٻئي خلاف ڪرسيون کڻڻ تائين وڃي پهتا. اُن وقت مون جمال صاحب کي اک پڇي مائيڪ تي قبضو ڪري چيو ته مان جلسي کي برخواست ٿو ڪريان ۽ جمال صاحب منٽن ۾ هال خالي ڪرائي ڇڏيو. اُهي به ڏينهن هئا.

1943ع ۾ جڏهن بنگال ۾ ڏڪار آيو ۽ ماڻهو مري رهيا هئا تڏهن مان، جمال، لطف علي ٽالپر ٽنڊي باگي وارو، ميان غلام شاهه وڪيل حيدرآباد وارو ۽ محمد سليمان ميمڻ جيڪو پاڻ کي آرمي سڏائيندو هو ۽ ميرپورخاص ۾ وڪالت ڪندو آ، سنڌ مان اسين پنج ڄڻا ٻين خاڪسارن سان گڏجي بنگال وياسين. اسان ٻهرين

Gul Hayat Institute

علامہ عنايت الله خان مشرقي وٽ لاهور پهتاسين، جتان ٻين خاڪسارن سان گڏجي بنگال پهتاسين ۽ محمد پوره ۾ ڪئمپ قائم ڪئي. اسان جڏهن ڪلڪتو شهر گهميو تہ ڏٺوسين هوٽلون ڪليل هيون جتي زردو بہ رکيو آ، برياني بہ رکي آ، ڪباب بہ رکيو آ، نانَ بہ آهن ۽ ماڻهو ڪائن بہ ٿا. جنهن تي اسان حيران ٿيندا هئاسين تہ باقي ڏڪر ڪاتي آ ..! پوءِ جڏهن پنهنجي ڪئمپ کان ٻاهر نڪري شهرن کان ٿوروڙو پريرو وياسين تہ اسان کي بنگال ۾ ڏڪر جو سبب سمجهہ ۾ اچي ويو. جيڪو ٻن سِٽن يا ٻن لفظن ۾ بيان ڪندو وڃان. ٿيو هيئن جو سرڪار هارين کان بيئل فصل خريد ڪري ڇڏيا، جنهن کان پوءِ اگهہ چڙهي ويا. جنهن سان ماڻهن جي قوت خريد نہ رهي ۽ اِهو ئي سبب هو ڏڪر جو. چون ٿا تہ سرمائيداري نظام جي هڪڙي اها بہ عنايت ٿيندي آ، جو گهٽو آن ٿئي تہ ماڻهن ۽ خدا جي بندن کي نہ ڏجي پر سمنڊ ۾ اُڇلائي ڇڏجي تہ جيئن اُنجو اگهہ نہ ڪِري. اُن ڪانپوءِ اسان اُتئون ڪجهہ ڏڪر جا ماريل بہ آندا هئا جن کي اسان سنڌ مدرسي ۾ رهايو هو. جڏهن تہ ڪن کي اسان سنڌ جي مخير ماڻهن وٽ بہ رهايو هو. اهڙي نموني اسان خاڪسار تحريڪ ۾ ڏورڻ ڏوريندا رهياسين.

1945ع ۾ منهنجي پيءُ جي اوچتي وفات جي ڪري مونکي پنهنجي پڙهائي ڇڏڻي پئي ۽ آءُ شڪارپور هليو ويس. جمال صاحب جو منهنجي زندگيءَ تي وڏي ۾ وڏو ٿورو آهي جنهن جو آءُ تہ ڇا پر جيڪڏهن منهنجو پٽ نظام هتي آ تہ ڪيس ۽ منهنجي ڏيئرن ۽ ٻين پٽن کي بہ سندس شڪرگذار ٿيڻ گهرجي. اهو انڪري جو تنهن دور ۾ منهنجي دماغ تي ٻي شادي جو شوق سوار هو. ان کي انساني ڪمزوري ڪٺي چئو يا ( ڪجهہ ٻيو) ... پر دل گهٽو پئي چيو چو تہ اُن وقت آءُ ڏاڍو مست هُيس. ماءُ کي تہ ٻانهون ٻڌيءِ پيرين پئي ميڙ منٿون ڪري مجايم پر پوءِ چيم تہ هاڻي جمال سان صلاح ڪيان تہ هو ڇا ٿو چوي. جمال مون کي چيو تہ، "جيڪا ڏوڙ پاڻي هجئي سا پاءِ پر ٻي شادي نہ ڪجانءِ چو تہ ٻي شادي ڪانپوءِ تنهنجي پهرين گهر واريءَ منجهان ٿيل اولاد پاڻ کي يتيم سمجهندي" سچ پچ جمال صاحب جا اهي سونهري لفظ مون کي اڄ ڏينهن تائين ياد آهن. سندس اهڙي صلاح تي آءُ اڄا تائين سندس شڪرگذار آهيان.

جمال کي مون دوست جي حيثيت ۾ بہ ڏٺو آ، انسان جي حيثيت ۾ بہ، جج جي حيثيت ۾ بہ تہ اسيمبلي جي سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ بہ ڏٺو آ، پر جمال صاحب جهڙي انسان لاءِ آئون فقط هيءُ بہ لفظ چئي پنهنجي جاءِ وٺندس.

"مون سي ڏنا ماءُ، جنين ڏٺو پرينءَ کي..."

(تاڙيون)

## ممتاز مرزا:

”تنين سندي ڪاڻ، ڪري نہ سگهجي ڳالهڙيا“ يناٿي صاحب جو بيت ايئن آهي. اسان جي نڪتہ نظر وٽان هن پروگرام ۾ ڪچهري جو بنيادي مقصد جمال صاحب جي خدمت ۾ مختصر طور تي نذرانہ عقيدت پيش ڪرڻ آهي. ان ڪري بهتر ٿيندو تہ جمال صاحب پاڻ پنهنجي باري ۾ اسان کي وڌيڪ ٻڌائي. ان ڪري بعد ۾ هتي موجود نوجوان دوست جمال صاحب کان ڪجهہ سوال جواب ڪندا. هاڻي آئون مختصر گفتگو جي لاءِ گذارش ڪندس فقير محمد لاشاري صاحب کي. (تاڙيون)

## فقير محمد لاشاري:

اسانجي بزرگ اديب جي سالگرهہ تي ڪيس مبارڪون ۽ ملهائڻ وارن کي بہ مبارڪون! ممتاز صاحب 15_20 ڏينهن پهرين مون کي جمال صاحب تي ڪو مضمون لکڻ لاءِ چيو هو. مون ساڻس واعدو بہ ڪيو هو پر اهو واعدو انهيءَ ڪري نہ نڀائي سگهيس جو جمال صاحب تي مون بہ تي سال پهرين هڪڙو مضمون لکيو هو جيڪو بعد ۾ ڇپيو بہ هو. پيو مضمون مون انهيءَ ڪري ڪونہ لکيو جو جمال صاحب جنهن دور تي لکيو اُن دور تي لکيو. اُن ڪانپوءِ نہ لکيو ۽ جنهن دور تي هن لکيو اُن تي مان لکي چڪو هيس. ان ڪري (مٿس) وڌيڪ لکڻ ورجاءُ يا ساڳي ڳالهہ ٿئي ها.

اسان جيڪي هاڻوڪي ٿهيءَ جا قلمڪار، صحافي يا سوچڻ وارا ماڻهو آهيون، انهن سيني طرفان انهن جي نمائندگي ڪندي، سالگره جي هن خوشيءَ جي موقعي تي، جيڪو وڌيڪ دعائن جو موقعو آهي، هڪڙي ڳالهہ ڪندس تہ جيئن تہ سائينءَ کي جديد ڪهاڻي جو ابو سڏيو وڃي ٿو يا سڏجي ٿو جيڪا بلڪل صحيح ۽ چنبڄاڻ ڪانپوءِ قائم ڪيل راءِ آهي. اسان جي ان نسل سنڌ ۾ شعور جي پيڙهہ پختي ڪئي ۽ تمام گهڻو ڪجهہ ڏنو آهي. جنهن جيترو ڏنو اسين اُنجا اوترا ٿوراءتا آهيون. تاريخ هنن جي اوتري ٿورائتي رهندي ۽ سنڌ جو مستقبل هنن جو اوترو ئي ٿورائتو رهندو. جنهن جيڪي چار ڪٿا ڏنا! سابہ تمام زبردست ڳالهہ آهي، پلي ڳالهہ آهي ۽ خوش ٿيڻ جي ڳالهہ آهي، پر هڪڙي شڪايت آهي جيئن تاج صحرائي صاحب چيو تہ جمال صاحب جي اندر ۾ هڪڙو ايجيٽيشن ڪرڻ وارو ماڻهو بہ هو. انٽيليڪچوئل سائيڊ تي ۽ تخليقي طرز تي اهو ساڳيو ايجيٽيشن اسان کي سائينءَ جي ڪهاڻين جي شڪل ۾ ملي ٿو... تہ پوءِ اهو ايجيٽيشن جيڪو هڪڙي دور تائين هلي ٿو اُهو وڌيڪ چينلائز تي ڪا وڌيڪ شڪل ڇو نٿو وٺي يا جاري ڇو نٿو رهي؟



Gul Hayat Institute

اسان جو هيءُ سوال، نه رڳو ان پيڙهيءَ کان آهي، جيڪا هڪ حد تائين پاڻ کي discontinue ڪري ويٺي آهي، پر ٻين پيڙهين کان به آهي. مون اها ڳالهه رڳو ان ڪري ڪئي، جو ان ۾ سائين جمال ابڙو به اچي وڃي ٿو. ان لاءِ سائين جمال ابڙي وٽ پنهنجا ڪارڻ ته ضرور موجود آهن ... ۽ سندن وضاحتون به پنهنجي ليکي موجود آهن. پر (لکڻ جو) هڪڙو تسلسل هٽڻ ڪپي. ايئن نه هئڻ گهرجي، ته جدوجهد رڳو اڄ هجي ۽ پوءِ ايندڙ سڄو عرصو ان کان خالي هجي. مان نه ٿو ڀانيان ته ايئن ڪرڻ سان قومي ذميوارين جا بنياد چڱاين ۽ ڀلاين تي رکي سگهجن ٿا يا ان قصي کي اڳتي وڌائي سگهجي ٿو.

منهنجو سوال اهو آهي ته، ”جمال صاحب جو جيڪو contribution ۽ سندن جيڪا ايجيٽيشن شروع ٿي هئي، اها بعد ۾ discontinue ڇو ٿي؟“ جنهن تي سائين (جمال صاحب) جن جڏهن (تقرير ڪرڻ) اچن ته ضرور ڳالهائين. اهو سوال نه رڳو اِن پيڙهيءَ کان آهي، پر جيڪا پيڙهي اچي ٿي، جيڪا ڪم ڪري ٿي، ان تي به لاڳو ٿئي ٿو.

اسان جو ماڻهو ڪنهن نه ڪنهن مرحلي تي، هڪڙي جاءِ تي پهچيdisintegration ۽ ٻيڃ ٻاهه جو شڪار ٿي ٿو وڃي، جنهن جي نتيجي ۾ تمام گهڻي جنرلائيزيشن ٿي آهي. تمام گهڻيون عمومي ڳالهيون ٿيون آهن ... ۽ خاص الخاص (particular) ڳالهه، جيڪا مئٿميٽيڪل فارمولا ۾ ڇئجي، ڪوڙي جي حساب سان ڇئجي، انگي حساب سان ڇئجي، ته اهو ليکو ڇڪتو ٿئي ۽ ڳالهه ظاهر ٿئي، جيڪا نه ٿي ٿئي ... ۽ اهوconfusion اِن جنرلائيزيشن جي ڪري ٿيو آهي. عمومي ڳالهيون تمام گهڻيون ٿي ويون آهن.

تاريخ پنهنجي وهڪري سان هلندي. تاريخ پنهنجا نتيجا ڏيندي اسان کي پُراميد رهڻ کپي. هن وقت سنڌ انهيءَ سوال جو جواب انڪري گهُري ٿي، جو هڪڙي ماڻهوءَ اچي تقرير ڪئي ته، ”اسان پاڪستان ۾ ڏسون ٿا ته، جيڪڏهن اردو اديب مصلحت کان ڪم وٺن ٿا، ته هنن لاءِ وري به سندن معاشري ۾ ڪا گنجائش آهي ... ۽ پنجاب جا اديب يا پنجابي اديب به جيڪڏهن مصلحتن کان ڪم وٺن ٿا ته انهن جي لاءِ به گنجائش آهي، ڇاڪاڻ ته سندن معاشري ۾ وري به خوشحالي ۽ اهڙا ٻيا ڪافي معاملا آهن. پر جيڪڏهن سنڌي اديب مصلحت يا موقعي پرستي وٺان يا سُستي وچان اهڙي ڪا به حرڪت ڪندو يا وڪامجي ويندو ته سنڌي معاشري ۾ اُن جي لاءِ ڪا به گنجائش نه هوندي.“

سنڌي معاشري ۾ اهڙي صورتحال سبب سنڌ جي دانشور ۽ اديب جو ڪردار بلڪل مختلف آهي. اهو ڪردار ايئن سستيءَ جو شڪار ڇو ٿئي ٿو؟ منهنجون سائين (جمال ابڙي) سان تمام گهڻيون حُجتون آهن. مون پاڻ کي سائينءَ جو شاگرد پئي سمجهيو آهي. اسان جون پاڻ ۾ مختصر ترين ڳالهيون ۽ ڪچهريون ٿيون

آهن. تڏهن بہ ايئن لڳندو آهي جڻ اسان جي پاڻ ۾ تمام گهٽي هم خيالي (understanding) آهي. شايد ان جو هڪ ڪارڻ اهو بہ هجي، تہ سائين جي ۽ اسان جي وچ تي هڪڙي پُل بڻيل آهي. سائين جمال ابڙي کي سمجهڻ ۾ هن جاreflections ڏسڻ جي لاءِ بدر سان ٿيندڙ گفتگو يا ساڻس پنهنجائپ يا ويجهڙائپ بہ مدد ڏني آهي. پر آءٌ اهو عرض ڪندس تہ جيڪا بہ گهڙي ۽ جيڪو بہ ساهہ آهي، سو اچا وڏيڪ سجايو ٿئي ۽ اهو 'ايجيٽيشنل جمال ابڙو' پلي هڪڙي گنڀير ۽ ٻئي ڪنهن معاملي ۾، ڪنهن حساب سان، پنهنجي پورهئي ۽ پنهنجي تخليق سان وري بہ اسان جي سامهون اچڻ ڪپي. سندس پنهنجون ڪي طبيعتي يا ڪي ٻيون ڪمزوريون هونديون، تہ انهن جي خلاف بہ جهيڙي ۽ پاڻ کان پاڻ ٻاهر نڪري اچي ۽ اسين سندس آجيان ڪرڻ لاءِ وري بہ ٻيٺا هونداسين. مهرباني. (تاڙيون)

## حميد آخوند:

مهرباني (فقير محمد) لاشاري صاحب! هاڻي آئون جنهن مهمان کي سڏيندس، تنهن سان منهنجي پراڻي نيازمندي آهي. 1979ع جي ڳالهہ آهي، جڏهن هو حيدرآباد جو ڪمشنر ٿي آيو هو تہ پنهنجن خوبصورت خيالن ۽ مٺي زبان سان گهڻا ئي دوست ٺاهيا هئائين. مون پاڻ کيس عام ماڻهن سان هينئن ڳالهائيندي ڏٺو "منهنجا منا! منهنجا سڻا! منهنجا شهزادا !" اِهو هو عبدالله ميمڻ صاحب جو اندازِ گفتگو جيڪو ٻين بہ پنهنجو ڪيو هو. پاڻ انهيءَ وقت کان 4 يا 5 سال پٽ شاهہ ثقافتي مرڪز جو چيئرمين بہ رهيو. پٽ شاهہ جي ميڙي جي موقعي تي وڏي محنت، وڏي حُب ۽ وڏي پيار سان اهي ميڙا اسان سان ڪندو رهيو. جيتوڻيڪ ڪڏهن ساڻس اختلاف بہ رهيا، پر اُهي تعميري (constructive) نوعيت جا هوندا هئا. توهان کي اهڙا ماڻهو گهٽ ملندا، جيڪي پنهنجي ڪيريئر جي عروج تي پاڻ سرڪاري نوڪري ڇڏي وڃي اهڙن خفن ۾ پاڻ کي رکندا هجن، جن سان گهٽ ۾ گهٽ دل جو سڪون تہ ملي ٿو. آءٌ گذارش ڪندس عبدالله ميمڻ صاحب کي تہ مهرباني ڪري اچن ۽ جمال ابڙي صاحب جي باري ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪن. (تاڙيون)

## عبدالله جي ميمڻ :

جناب جمال ابڙو صاحب، شيخ (اياز) صاحب، جناب (حميد) آخوند صاحب، (ممتاز)مرزا صاحب، محترم دوستو! منهنجون مانواريون ڀينرون، منهنجا محترم ياڻرو!

هن قسم جي محفل ۾ مون جهڙي بيڪ گرائونڊ واري ماڻهوءَ کي آزمائش ۾ وجهڻ نا انصافي آهي، پر جمال صاحب جون ان قسم جون ناانصافيون سهندي سهندي هاڻي اسانجا ڪلها گسي ويا آهن. تنهنڪري الله جو نالو وٺي مڙئي توهان جي سامهون اچي حاضر ٿيا آهيون.

ٻه هفتا اڳي جمال صاحب جو فون آيو هو تہ "ثقافت کاتي وارا هن نموني جي هڪڙي رهاڻ ڪرڻ گهرن ٿا ... ۽ هنن جو چونڊ آهي تہ، منهنجي شخصيت تي توهان ڳالهايو!" ثقافت کاتي وارن ڇو اهو فيصلو ڪيو؟ سو مان نہ سمجهي سگهيو آهيان. بهرحال اسان سڄي عمر ڊرائنگ رومس ۾ ويهي ماڻهن تي تبصرا ڪيا آهن. عام دستور اهو آهي تہ، جڏهن ماڻهو پاڻ موجود هوندو آهي تہ ان وقت تہ سندس ساراهہ ڪبي، نہ تہ يڪو گلا پئي ڪبي آهي. هاڻي هن پري محفل ۾ مان جمال جي ويهي گلا ڪيان (ٺهڪ) اهو تہ مون کان ڪو نہ پڄندو پر حسبِ عادت جيڪڏهن گلا واري ڳالهہ تي بہ ٿي ته... جمال صاحب! معاف ڪجو. ان لاءِ هينئر ئي معافي ٿو گهران.

جمال صاحب سان منهنجي واقفيت تمام گهڻو پوءِ ٿي. جيستائين مون کي ياد ٿو پوي تہ، جمال صاحب سان منهنجي پهرين ملاقات 1966ع ۾ ان وقت ٿي هئي، جڏهن مان انڊر ٽريننگ اسسٽنٽ ڪمشنر ٿي حيدرآباد آيو هيس، جتي ان وقت جمال صاحب جن جج هئا. ان کان پوءِ ساڻس متواتر ملاقات رهي آهي. ان سڄي عرصي ۾ جمال صاحب جي شخصيت جي جنهن پهلوءَ مون کي يا اسان جي دوستن جي گروپ کي سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪيو اها سندن دانائي آهي. اسان چوندا آهيون، "Jamal is a monument of wisdom" يعني ڏاهپ ۽ دانائيءَ جو سومنات! (تاڙيون). اسان جي محفل ۾ جمال کي چيوئي 'پوپ' (Pope) ويندو آهي. معاف ڪجو جمال صاحب ! (ٺهڪ) پنهنجائيءَ جون ڳالهيون اچ هتي ٿا ڪيون. اسان جي دوستن جي گروپ ۾ اسان بي تڪلفيءَ وچان جمال صاحب کي سڏيندا ئي 'پوپ' آهيون.

هينئر (فقير محمد) لاشاري صاحب هڪڙي ڳالهہ طرف اشارو ڪيو تنهن کان اڳ منهنجي دوست حسين شاهہ راشديءَ ڪا ڳالهہ ڪئي، ان جي جواب ۾ مان صرف ايترو عرض ڪندس تہ، جيستائين جمال صاحب ۾ ايجيٽيشن جو تعلق آهي تہ، جيڪڏهن ڪو بہ ماڻهو ڪا غلط ڳالهہ ڏسي ٿو تہ هُو اُها برداشت نہ ٿو ڪري سگهي ـ ۽ هر ماڻهوءَ جي ذهن ۽ دل ۾ ان جي خلاف ڪاوڙ پيدا ٿئي ٿي. گهڻا ماڻهو ان ڪاوڙ جو اظهار ڪندا آهن. پر ڪي ماڻهو پنهنجي اندر ۾ ايترا گهرا هوندا آهن، جو هُو ڪاوڙ جي باوجود ظاهر ۾ جيئن انگريزي ۾ چوندا آهن the placid like a lake يعني ڍنڍ وانگي خاموش پيا هلندا آهن. خداوند تعاليٰ انسان کي ايڏي وسعت ڏني آهي جو هُو پنهنجي اندر ۾ وڏا طوفان بہ لڪائي ٿو



Gul Hayat Institute

سگهي ... ۽ مان سمجهان ٿو تہ جمال انهن ماڻهن منجهان آهي، جن کي الله تعاليٰ پنهنجي ڏاهپ ۽ دانائيءَ جي ان وسعت سان نوازيو آهي. (تاڙيون)

جمال صاحب انهن طوفانن جي باوجود سڄي عمر پنهنجي سطح تي ايئن خاموشي برقرار رکندا آيا آهن. (فقير محمد) لاشاري صاحب جي ڳالهہ مون کي بلڪل ايڏي ڪڙڪي آئي ... ۽ مان پاڻ هميشہ اهو سوچيندو رهيو آهيان تہ پلا ان background جو ماڻهو جنهن پنهنجي early years ۾ خاڪسار تحريڪ ۽ خالقڏني هال جي جلسن ۾ حصو ورتو يا سندن لٽريچر بہ توهان ڪٿي پڙهو يا سندن خيال، جيڪي هيلتائين اسين ٻڌندا پيا اچون، اهڙن خيالن واري ماڻهوءَ پنهنجي سر ڪوشش وٺي چو اچي پاڻ کي سرڪاري نوڪري جي زنجيرن ۾ پڏو آهي؟ ايمانداري جي ڳالهہ اِها آهي تہ آءٌ اڃا تائين اِها ڳالهہ نہ سمجهي سگهيو آهيان، پر سوچيندي سوچيندي جيڪڏهن ڪا explanation نظر ايندي بہ آهي تہ منهنجي خيال ۾ صرف اها تہ سرڪاري زنجيرون بہ جمال صاحب کي قابو نہ ڪري سگهيون. سرڪاري نوڪريءَ ۾ ۽ اهو بہ وري جڊيشل ڊپارٽمينٽ ۾، جيڪي جڊيشل آفيسرس هوندا آهن، تن کي، ٻين جي ڀيٽ ۾ سرڪاري قاعدن ۽ قانونن جي وڌيڪ پابندي ڪرڻي پوندي آهي، پر ان هوندي بہ خدا جي فضل ڪرم سان اسان جمال صاحب کي ڏٺو تہ هُو ڪڏهن بہ رک رکاءُ واري ڳالهہ ۾ نہ پيا ۽ سندن ڪوشش هوندي هئي تہ جيڪا پنهنجي دل جي ڳالهہ هوندي، سا ڪبي. علامہ اقبال جو شعر آهي:

هزار خوف هو ليڪن زبان رهي دل ڪي رسي
يہ هي رها هي ازل سي قلندرون ڪا طريق

سو جمال اسان جو قلندر آهي، يار آهي، جنهن ۾ اسان سندن دانائي، ڏاهپ ۽ ان جي وسعت جو پهلو ڏٺو. جنهن ڳالهہ مون کي هڪڙي دوست جي حيثيت سان، جمال صاحب جي متعلق impress ڪيو اهو پنهنجي فئملي، پنهنجن پٽن، پنهنجين ڌيئرن ۽ پنهنجي گهر واريءَ سان سندن رشتو آهي. آءٌ نہ ٿو سمجهان تہ جيڪي بہ جمال صاحب جا واقف آهن، انهن مان توهان کي ڪو بہ اهڙو هڪڙو ماڻهو نہ ملندو جيڪو ان ڪان متاثر نہ ٿيو هجي. توهان تہ ڏسو پيا، اڄ اسان ڪهڙي دؤر مان گذري رهيا آهيون، پر هيءُ الله جو فضل ۽ ڪرم ۽ ان جو تمام وڏو احسان آهي جو جمال جا چارئي پٽ پنهنجي تعليم مڪمل ڪري پنهنجي ڪم سان وڃي لڳا آهن. پر جمال صاحب جا چارئي پٽ ساڻس گڏ ساڳي ڇت هيٺيان رهندا اچن. ان مان توهان اندازو لڳائي سگهو ٿا تہ جمال صاحب ڪهڙي قسم جو پيءُ ۽ ڪهڙي قسم جو فئملي مين آهي. آءٌ سمجهان ٿو تہ اڄوڪي دؤر ۾ هيءُ جمال صاحب جي عظمت کي سندس فئملي طرفان هڪ living tribute آهي.

ان کان علاوه اسان ڏٺو ته ڪنهن به قصي يا ڪنهن به ڳالهه ۾ جمال صاحب جو زور هميشه positive سائيڊ تي هوندو negative ڳالهه کي بلڪل پري پيو ڪندو. هينئر ڪنهن همراهه شايد بدر اها ڳالهه ڪئي ته جمال جي محفل ۾ جيڪڏهن توهان ڪنهن جي گلا جي ابتدا ڪندا ته ڪيس اها ڳالهه صفا نه وڻندي، پر ايئن نه ته ڪو توهان کي روڪيندو بلڪ تمام polite ۽ civilized انداز سان توهان کي هيءَ ڳالهه convey ڪندو ته توهان جنهن ڳالهه کي برائي ٿا سمجهو يا جنهن ڳالهه کي فلاڻي شخص جي گلا جو بنياد ٿا بڻايو ان ۾ به هيءَ positive پهلو موجود آهي.

اسان سرڪاري ماڻهن ۾ سدائين اهو قصو هلندو رهي ٿو ته پيلي هيءَ همراهه هونئن ته مُنهن ٿي ڪو نه ڏيڪاريندو ۽ ملندو ئي تڏهن آهي جڏهن ڪم پوندو اٿس. مون کي ياد آهي ته هڪڙي محفل ۾ جڏهن اهڙي ڳالهه نڪتي ته جمال صاحب چيو "پيلي اسان ته الله کان دعا ڪندا آهيون ته خدا ڪري ته دوستن جو اسان ۾ ڪم پئي جو مُنهن ته ڏيکارين. ان ۾ پلا ڪهڙي خراب ڳالهه آهي، جي هو پئي ڪنهن موقعي سان نٿو اچي، پر ڪم سان به اچي ٿو ته سهي. ان ڪري الله کان دعاگهرو ته توهان ۾ دوستن جو ڪم پوي ۽ اهي توهان ڏي اچن!" سو جمال صاحب ان قسم جو ذهن ۽ ان قسم جي سهڻي سوچ رکندڙ ماڻهو آهي، جنهن مان جهلڪي ٿو ته جمال صاحب ڪيترو نه وڏو ماڻهو آهي.

جمال صاحب پنهنجي فئمليءَ جو هڪڙو واقعو ٻڌايو هو ته، "اسان جي هڪ مائٽ جو وڏو ياءُ مڙيوئي ڏُڪ ڏُڪ پيئندو هو جيڪا ڳالهه ننڍي ياءُ کي نه وڻندي هئي. سندس وڏي ياءُ کي به خبر هئي ته، سندس ننڍي ياءُ کي اِها ڳالهه نه ٿي وڻي. سو هڪ ڏينهن جمال صاحب هن همراهه جي ننڍي ياءُ کي سڏي چيو ته بابا اچي ويهه هتي! بوتل کي کولي سندس گلاس ۾ وڌائين ۽ چيائينس، "پيءُ!" هن ورائيو "سائين ڪيئن پيئان؟ " جمال صاحب چيس، "نه پيئين ۽ ڀين کي خراب سمجهين، ان کان بهتر آهي ته پيءُ ۽ ڀين کي خراب نه سمجهه!" ان مان اندازو لڳايو ته جمال صاحب ڪهڙي سوچ ۽ ڪهڙي شخصيت جو مالڪ آهي. اسان هميشه جمال صاحب کي پنهنجن دوستن ۾ count ڪرڻ تي فخر ڪيو آهي. اهو فخر انشاءَ الله هميشه دائم قائم رهندو. مون کي خوشي آهي ته ان فخر کي share ڪرڻ لاءِ اڄ هيترا سارا همراهه اچي هتي گڏ ٿيا آهن. الله ڪندو ته اهي رهاڻيون قائم ۽ دائم رهنديون ۽ جمال صاحب جو مقام اچا وڌندو رهندو. مهرباني.

(تاڙيون)

Gul Hayat Institute

## ممتاز مرزا:

مهرباني سائين! هاڻي آءٌ گذارش ڪندس، پنهنجي نهايت پياري دوست. سنڌ جي وڏي ڪهاڻيڪار امر جليل کي ته هو اچي ۽ جمال ابڙي جي باري ۾ گفتگو ڪري. جليل سان اهو واعدو هو ته هن کي ڳالهائڻ لاءِ ڪو نه چئبو پر هو رڳو سوال ڪندو پر جيئن ته ڳالهين جو سلسلو هلي نڪتو آهي، تنهن ڪري جليل کي به عرض آهي ته اچي ۽ پنهنجا خيال پيش ڪري. (تاڙيون)

## امر جليل

ممتاز مرزا کي خبر آهي ۽ حميد آخوند کي به ته ڳالهائڻ منهنجي لاءِ سڀ کان ڏکئي ۾ ڏکيو ڪم آهي. مان ڳالهائي نه سگهندو آهيان. ٿوري دير اڳ به اهو فيصلو ٿيو ته مقالو پڙهبو. پر هن محفل ۾ لکيل مقالو پڙهڻ ۽ اڌ ڪلاڪ تائين دوستن جي صبر کي آزمائڻ ٺيڪ نه هو. ڪٿي ڇپجي ها، ڇپجندو اوهان پڙهجو. جيئن ته اسان سائين کي پنهنجو روحاني استاد ۽ روحاني مرشد پئي سمجهيو آهي، تنهنڪري هميشه اها تمنا رهي ته سائينءَ کان ڪجهه سکجي ۽ ان حوالي سان سائينءَ کان به چار ڳالهيون پڇجن. پر هتي ممتاز صاحب جيڪو سلسلو شروع ڪيو سو ڪجهه ڏکيو آهي. تنهن جي ڪري اجازت ڏيو ته، جيڪي لکي آيو آهيان، ان جي ڪجهه پوين صفحن، جتي ڳالهه ختم ٿي ٿئي، اُتان کان شروع ڪجي. ان کان پوءِ پنهنجي ڪم علمي ۽ سکڻ جي لاءِ سائينءَ کان ٿي سوال ڪندس، جيڪي مون کي به bother ڪندا پئي رهيا آهن. ان سان اسان جي نوجوانن جي وڏي کيپ ، جيڪا گذريل 30 سالن دوران ادب ۾ آئي آهي، تن جي به رهنمائي ٿيندي.

هاڻي پهريون ذڪر يا ڳالهه شروع ٿا ڪيون پنهنجي عشق سان. جيڪو وڏي ۾ وڏو عشق ڪيو سي، سو ڪرڪيٽ سان. پوءِ ڪرڪيٽ ۾ ڪجهه حاصل ڪو نه ٿيو ته وياسين ادب ڏي. ڪرڪيٽ ۾ ته ايٽن ٿيندو هو ته، جو هميشه Hutton, Hesset, Lyzwar, Warell Weeks, Volkot, Wassely Hanl جون ڳالهيون. ديسي ماڻهو ته وٺي ئي ڪو نه. ديسي ماڻهوءَ جي ته ڳالهه نه ڪيون. الائي ڪهڙيون حالتون ٿيون، ڪيئن ٿيو ڇا ٿيو جو ان ماحول ۽ ايڏي وڏي عشق مان نڪري هڪڙي پئي عشق ۾ شامل ٿيس وڃي. ان جي جدا داستان آ. آتم ڪهاڻي لکان پيو شايد ان ۾ ان جو ذڪر اَيندو ته اهو سڀ ڪجهه ٿيو ڪيئن؟

ادب جي دنيا هڪڙي عجيب دنيا، هڪڙي عجيب ڪائنات، جنهن جي نه انت جي خبر آ، نه ڇيهه جي. سو ڪرڪيٽ مان نڪري جڏهن ادب جي دنيا ۾ اچڻ ٿيو ۽ دوستن سان ملاقاتون ٿيون ۽ انهن وٽان سکڻ جو موقعو مليو. اتان کان ڳالهه شروع ٿي. ان کان پوءِ immediately جڏهن استادن جي ڳولا، سونهن جي

Gul Hayat Institute

ڳولا ۽ ڏاهن جي ڳولا شروع ٿي، جنهن ۾ سائين جمال ابڙو شيخ اياز ۽ سائين ابراهيم جويو اسان کي مليو. هنن ٽن ماڻهن کي مون بلڪل صحيفن وانگر پڙهيو آ ۽ بار بار پڙهيو آ ۽ اجا تائين پڙهندو آهيان ۽ سڄي عمر جيستائين زندگي هوندي مان پيو پڙهندم. (تاڙيون)

ڳالهه چاهي ته، سوچ هر ماڻهوءَ کي ٿي اچي. لکڻ جي تمنا به هر ماڻهو کي ٿي ٿئي، پر لفظن تي گرفت، بي انتها vocabulary لفظن جو خزانو انهن جو وري proper استعمال، انهن مان جملا ڻاهي وري پنهنجي اندر جي ڳالهه کي ڪاغذ تي اتارڻ، اهو به وري هڪ يا ٻن جملن ۾، اهو مون کي هنن ٽن ماڻهن کان علاوه with due respect to other writers چوٽين ڪنهن ماڻهو ۾ ايڏي وڏي ذات، ايڏو وڏو خزانو نظر ئي ڪو نه آيو. ان ۾ ڪنهن writer جي گهٽ يا وڌ جي ڳالهه ئي ڪونهي. مان پنهنجي دل جي ڳالهه ٿو ڪيان. تنهن جي ڪري هنن کي بار بار پڙهڻ ۽ بار بار سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو به آهيان ۽ اهو به هڪڙو عجيب اتفاق آهي يا منهنجي اندر جي ولوڙ آهي ته هر دفعي جڏهن مان پڙهان ٿو ته، مون کي هڪ نئين ڳالهه تي معلوم ٿئي.

جڏهن ممتاز ۽ حميد آخوند، سائينءَ سان شام ملهائڻ واري ڳالهه ڪئي ته مون "پشو پاشا" ڪتاب ڳولڻ شروع ڪيو ته جيئن ان ڪتاب کي هڪ دفعو وري پڙهجي. عجيب اتفاق ٿيو ته اسلام آباد ۾ پلي وانگر گهر مٽائيندي مٽائيندي 9 گهر مٽائڻ دوران الائي ڪيترا ڪتاب گم ٿي ويا ۽ مون کي اهو ڪتاب ئي نه لڌو. ٽي چار ڏينهن اڳ مون ممتاز سان اها ڳالهه ڪئي. ممتاز مهرباني ڪري ان ڪتاب، جيڪو هينئر جمال صاحب کي مليو آهي، جا پروف مون کي موڪليا. جيڪڏهن مان وڏاءَ کان ڪم نه ٿو وٺان ته سائين جمال ابڙي جو هيءَ ڪتاب گهٽ ۾ گهٽ 25، 30، 40، 50 يا الائي ڪيترا دفعا مون پڙهيو هوندو. گذريل 25 سالن دوران سال ٻن جي وٿيءَ سان ان ڪتاب کي بار بار پڙهندي حيرت انگيز طور تي هڪڙي ڳالهه جيڪا منهنجي ذهن ۾ آئي، جيڪا مان آخر ۾ سائينءَ کي point out به ڪندس ته، "پشو پاشا" ۾ جيڪي 10، 12 يا 13 ڪهاڻيون آهن، تن ۾ ٻار آهي ئي آهي! اهو ئي سائينءَ جي سمورين ڪهاڻين جو سيني کان طاقتور ڪردار آهي، جيڪو مان سمجهان ٿو سائينءَ شعوري ڪوشش نه ڪئي آهي. اهو ٿيندو آهي ته، هاڻي مان لٿ ڪٽي وڃي حملو ڪندس. ان قسم جي ڪا به ڳالهه ڪونهي. هن ٻارڻ کي هڪ stream of consciousness ۾ چڙهي ۽ ان ۾ ويهي لکيو آهي. ايترا سال مون هڪڙو ڪتاب بار بار پڙهيو. ان کان اڳ مون کي ان ڳالهه ڪڏهن به پريشان ڪو نه ڪيو هو ته، هر ڪهاڻيءَ ۾ ٻار چو آهي؟ هاڻي هن جي باري ۾ هيترا پيا نقاد، هيتريون ڳالهيون، هيترو دنيا ۾ لٽريچر، ته اهو فيوچر جي لاءِ هڪڙي راٽترڪي craze پيدا ٿئي. چو ته هو پنهنجي حال کان صفا بيزار آهي ۽ ان جي

خلاف agitate ٿو ڪرڻ چاهي. ان لاءِ هو پنهنجين ڪهاڻين ۾ هڪڙو ٻار ٿو create ڪري ۽ ان ٻار جي through هُو future (آئندو) ٿو ڏسڻ چاهي. اڳتي وڃي اهو ٻار futureجو symbol ٿو ٿئي. هاڻي اها الڳ ڳالهه آهي ته writer اهو symbol استعمال ڪرڻ ٿو چاهي يا نه؟ جو ته هڪڙي دفعي هيمنگوي کان ڪنهن سوال پڇيو ته، "تنهنجي فلاڻي ڪهاڻيءَ جي فلاڻي ڳالهه ۾ جيڪو symbol هيو اُهو ڪمال جو هيو." هيمنگوي چيو ته، "خدا جو قسم آهي، مون کي خبر ئي ڪونهي ته، مون ڪڏهن symbol استعمال ڪيو." هاڻي writer ڪُيستائين شعوري ڪوشش ڪري ٿو ان جي مون کي ڪا به خبر ڪونهي.

سو، توهان جڏهن انهن ليکڪن کي هر دفعي پڙهندؤ ته توهان کي هڪڙي نئين شيءِ نظر ايندي. شيخ اياز کي وقفي وقفي کان پوءِ پڙهندؤ ته توهان کي هڪ نئين ڳالهه نظر ايندي. اهو حوالو مون ان ڪري ڏنو ته، هڪڙو ڪتاب، جيڪو مون 25 ـ 30 دفعا پڙهيو ان ۾ اها ڳالهه اڄ کان پنج سال اڳ هر دفعي ڇو نه محسوس ٿي؟ ۽ ڪا خبر ناهي ته، اڄ کان 2 سال پوءِ جڏهن مان اهو ڪتاب پڙهان ته، ان ۾ ڪا ٻي نئين ڳالهه مون کي نظر اچي. اها هڪڙي اهڙي ذات آهي، جيڪا توهان کي ليکڪ ۾ محسوس ڪو نه ٿيندي. اهي ڪي ڪي آهن، جن کي قدرت جي طرفان اهڙي ذات ملي ٿي. ڪيئن ٿي ملي؟ اهو موضوع ئي جدا آهي. آهو انسان جي ڪائنات ۽ سمجهه کان بالا آهي، ٻاهر آهي. رڳو هتوراڙيون ۽ ٿاڦوڙا هڻڻ واري ڳالهه آهي. ايڏن وڏن ليکڪن کي سمجهڻ انهن سان ويهي بحث مباحثا ڪرڻ واري ڳالهه بلڪل ئي غلط آهي. اهي اُهي آهن، جن کان گهٽي کان گهٽو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي. جيترو وقت هنن سان گڏ گذري ، ان کي نعمت سمجهجي.

ٿورو هن مقالي ڏي واپس ايندي ته، ڪرڪيٽ جو داغ دل تي ڪٽي مان ادب جي بارگاه ۾ پهتس. خبر پئي ته اُتي پڻ ڪرڪيٽ وارو معاملو هيو. اهي ئي ڪلائيڊ، والڪاٽ، وارل ويڪس، Hutton, Hesset, Keith Miller، لينروال هجن. ديسي ڪو ڪرڪريٽر ئي ڪونهي. جهڙوڪ: امتياز هيڏو سارو ڪرڪيٽر هوندو هو. وڪيٽ ڪيپر، بئٽسمين، greatest. پاڪستان هن کان وڏو رانديگر ڏنو ئي ڪونه. هن جو نالو ئي ڪونهي، خان محمد نالو ئي ڪونهي. فرق فقط ايترو هو جو ڪرڪيٽ ۾ اسين بريڊمين، هٽن، هيسٽ، هاروي، ويڪس واريل ۽ والڪاٽ جون ڳالهيون ڪندا هئاسين ۽ سندن ڪارنامن تي واه واه ڪندا هئاسين. ادب ۾ واه واه ڪرڻ لاءِ پهرين نمبر تي روسي اديبن جي ڏڙي بندي هئي، ٻئين نمبر تي فرانسيسي ۽ ٽئين نمبر تي يوربي ۽ آمريڪي اديب هئا. اڳتي هلي وات جو ذائقو مٽائڻ لاءِ غير ملڪي يعني پرديسي اديبن ۾ ڪجهه آفريڪي ۽ لاطيني آمريڪا جا اديب به شامل ٿيا. ٽالسٽاءِ، دوستو وسڪي، چيخوف، گورڪي،


Gul Hayat Institute

شولوخوف وغيره جو ادبي ڪچهرين ۾ ذڪر نہ ڪرڻ عيب سمجهيو ويندو هو. جيڪو تالستاءِ، چيخوف، شولوخوف وغيره جو ذڪر نہ ڪندو هو، تنهن کي يارن جي طرفان جهالت جي سند سان نوازيو ويندو هو ۽ جيڪو ليڪ ڳالهين ٻولهين ۾ ۽ بحث مباحثن ۾ روسي اديبن جي تحريرن مان حوالا ڏيندو هو تنهن کي دانشوريءَ جو سرٽيفيڪيٽ ڏنو ويندو هو. سندس وڏي واهہ واهہ ٿيندي هئي ۽ جنهن ليڪ ڪامو ۽ سارتر جو بار بار ذڪر ڪيو تنهن کي فلسفي اديب ڪوٺيو ويندو هو.

ان دؤر کان وٺي موجوده دؤر تائين ذري گهٽ 35 سالن ۾ مون ڪامو ۽ سارتر جي نالن جا 35 اُچار ٻڌا آهن. ڪوميو ڪام، ڪاميو ڪام وغيره ۽ سارتر، سارتري، ساترا، سرت وغيره. مون کي اڄ تائين خبر نہ پئجي سگهي آهي تہ ٻنهي فرانسيسي فلسفي ليکڪن جي نالن جا صحيح اُچار ڪيئن ۽ ڪهڙا آهن؟ بهرحال هنن جي وڏي واهہ واهہ هوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن موليئر، ڊانٽي ۽ هيوگو جو بہ ذڪر ايندو هو. جيڪو اديب فرانسيسي اديبن جو ذڪر ڪندو هو تنهن کي وڏي عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو. آخر پئرس بہ تہ فرانس ۾ آهي. شيڪسپيئر، شيلي، بائرن، ڊڪنس، بيوما، هيمنگوي، برناڊشا، وتمين وغيره بہ ڏاڍي فيشن ۾ هوندا هئا. ڪين بحث هيٺ آڻڻ ۽ موضوع بڻائڻ عام رواج ٿي پيو هو. يارن جي ديس واسين مان جنهن تي اک ٻڌندي هئي (ديس واسين مان مراد آ پاڪستان، هندستان ۽ ويجهي وارا ديسي ماڻهو) تن ۾ رابندر ناٿ ٽئگور شامل هو جنهن جي ”گيتا انجلي“ پڙهي مون کي شرت چندر جي ”ديوداس“ ”وڏي ادي“ ”اڪيلو آدمي“ ۽ ٻين ناولن جو خيال آيو هو.

شرت چندر مولائي مڙس هو. هڪ چٽيل ڏهہ سال پائيندو هو. شانتي نڪيتن کولڻ جو خواب پري جي ڳالهہ آهي. هڪ ويلو پيٽ پري ماني بہ نہ کائيندو هو. پرڏيهي انگريز ۽ آمريڪي اديبن کي هندستان گهمڻ جي دعوت ڏيئي نہ گهرائيندو هو. پنهنجي ٻولين ۾ لکيل پنهنجي ڪهاڻين جا ترجما ذاتي تعلقات جي آڌار تي ٻين ٻولين ۾ نہ ڪرائي سگهندو هو. پنهنجو پنهنجو رايو آهي. پنهنجو رايو ڪنهن تي مڙهي نہ ٿو سگهجي. مون کي شرت چندر جو ناول ”ديوداس“ متاثهون لڳندو آهي.

اهڙي ذهين، دانشورانہ، ماهرانہ، علمي، فلسفي ۽ ادبي ماحول ۾ مان وائڙو ٿي ويس. ڪرڪيٽ جي حوالي سان مون ذڪر پئي ڪيو تہ نيڪ ناڪ ٿوري گهٽي راند. بيٽنگ ڪري ويندو هئس. ان دوران بريڊمين جو يا الائي ڪنهن جو انگريزي ڪتاب پڙهندي خبر پئي تہ جنهن بيٽسمين جو قد 5 فوٽ 10 انچ هوندو آهي، اُهو رائزنگ بال يعني باؤنسر کي چڱي طرح hook ڪري سگهندو آهي، ڪيڏي سگهندو آهي. سو خبر پئي تہ اسان جو قد تہ 5 فٽ 8 انچ هو. ٻن انچن جي مار

ڪائي وياسين. سو ساڳي ڳالهه هتي ادب ۾ به آئي ـ ته هاڻي هتي ته ڳالهه لڳي پئي آهي 5 فوٽ 10 انچ جي. سو 5 فٽ 8 انچن مان ڪم ته ڪونه هلندو!

ان ڪان اڳ لٽريچر جي جهنگ ۾ نڪتس ته حشر ڏاڍو خراب ٿيو جڻ جهنگ ۾ ڪاهي پيو هيس. اُبتا سبتا ڪتاب وٺي پڙهڻ شروع ڪيا. ڪا خبر ڪو نه پئي پوي ته ڪنهن کي پڙهجي، ڪنهن کي نه پڙهجي. ڇا ڪجي، ڇا نه ڪجي. ان جهنگ ۾ داخل ٿيڻ جا انيڪ رستا هئا، پر ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڪو گس، ڪا واٽ ڪو نه هئي. موٽي اچڻ لاءِ ڪو هڪ رستو به ڪو نه هو. جهنگ ۾ لفظن جا جهنگ هئا، جهنگ ۾ جملن جا جهنگ هئا، جهنگ ۾ تشبيهن جا جهنگ هئا، جهنگ ۾ محاورن جا جهنگ هئا، جهنگ ۾ پهاڪن جا جهنگ هئا، جهنگ ۾ پرولين جا جهنگ هئا، جهنگ ۾ انيڪ جهنگ هئا، جن جو نه ڪو انت هو نه ڪو ڇيهه هو. ان ڪان اڳ جو جهنگ ۾ گم ٿي وڃجي، سائين ايڇ. ايم. خواجه صاحب لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول نوابشاهه جا هيڊ ماسٽر هوندا هئا، سو هڪ ڏينهن سائينءَ جي قدمن ۾ وڃي ويٺس. ڏاڍو سخت گير قسم جو ائڊمنسٽريٽر هوندو هو. سائينءَ سان جن جي ملاقات هوندي يا سائينءَ کي جن ڏٺو هوندو عجيب ۽ هڪ وڏي شخصيت جو مالڪ هو. وري اها ئي ڳالهه، ذاتي اختلاف، جن جو سائينءَ سان هجي ته پلي هجي. سائينءَ جي ٻن ڪمرن ۾ مون ايڏا ڪتاب ڏٺا، جتي سائين انهماڪ سان پيو پڙهندو هو. هڪ دفعي ڪنهن سائين ايڇ. ايم. خواجه صاحب کان پڇيو "سائين! توهان سڄي عمر شادي ڇو نه ڪئي؟" اهو سوال ڪائنس ان وقت پڇيو ويو جڏهن سائين 70 ـ 60 سالن جو ٿي ويو هو. چيائين:" شادي معنيٰ آهي ٻئي کي ڪجهه ڏيڻ. ٻئي سان ڪجهه شيئر share ڪرڻ. سڄي زندگي جڏهن هنن ڪتابن جي ٿي وئي ته ٻئي کي ڪجهه ڏيڻ لاءِ مون وٽ آهي ئي ڪو نه، ته پوءِ مان شادي ڪري ٻئي کي مصيبت ۾ ڇو ڦاسايان! "

اڄ کان 20، 25 يا 30 سال اڳ مون سائين ايڇ. ايم. خواجه صاحب سان صلاح ڪئي. مون کي لفظ به لفظ ته ياد ناهي ته سائينءَ ڇا چيو پر مون ان کي reproduce ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪي منهنجي سامهون آيو سو سائين ڪجهه هن قسم جي ڳالهه ڪئي ته، "ازل کان وٺي ادب وجود ۾ آهي ۽ ابد تائين ادب تخليق ٿيندو رهندو. هڪ انسان کي جيڪڏهن مطالعي يعني رڳو پڙهڻ لاءِ سراسر 50 سال مخصوص ڪري ڏنا وڃن، Age نه هن جي، بلڪ صرف study ڪرڻ لاءِ، جيڪڏهن سراسر 50 سال مخصوص ڪري ڏنا وڃن ۽ هو سراسر 50 هزار دفعا جنم وٺي مطالعي لاءِ ٻيهر دنيا ۾ ايندو رهي، تڏهن به هو سمنڊ ۾ هڪ ڦڙي جيترو مطالعو ڪري نه سگهندو. تنهن ڪري محدود زندگيءَ ۾ توکي نه فقط پڙهڻو آهي، لکڻو به آهي، ان لاءِ ٿاڦوڙا هڻڻ بدران ڪجهه اهڙن مخصوص ليکڪن جو گهرو مطالعو ڪرڻو آهي، جن جي توسان ۽ تنهنجي جن سان فڪري

Gul Hayat Institute

۽ جمالياتي هم آهنگي ٿي سگهي، جن سان ڪميونيڪيشن ٿي سگهي. هيترا ليکڪ آهن. ڪو چوندو آهي، فلاڻو سٺو آهي، ڪو چوندو فلاڻو مون کي نہ ٿو وڻي. ڪو ڪنهن کي وڻي ٿو، ڪو توهان کي نہ ٿو وڻي. اهو انڪري آهي جو انهن ليکڪن سان اسان جي جمالياتي ۽ فڪري ڪميونيڪيشن ٿئي ٿي.

هاڻي مون جن ٽن ماڻهن جو نالو ڪنيو ٿي سگهي ٿو ڪي اهڙا هجن، جن کي ان ڳالھ سان اختلاف هجي، پر مان سمجهان ٿو تہ منهنجي هنن سان silent communication ٿئي ٿي. شيخ اياز سان منهنجي ملاقات وڌ ۾ وڌ ٻہ يا ٽي دفعا هوندي، سائين جمال ابڙي سان زندگي ۾ ٻہ يا ٽي دفعا. اهڙي ئي نموني سائين ابراهيم جويي سان ٻہ چار ملاقاتون. پر انهن ظاهري ملاقاتن کان وڌيڪ جيڪا اهم ملاقات آهي، جيڪا وجود جي ملاقات آهي، جيڪا اندر جي آهي، جيڪا روح جي آهي، سا تمام ڊگهي آهي، مسلسل آهي، continuous آهي، constant آهي ۽ perpetual آهي، جيڪا ڪڏهن ختم نہ ٿي ٿئي، جيڪا وڌيڪ important آهي.

ان کان پوءِ اُتان نڪري آيس ۽ جيڪي ٻہ، چار پنج، اٺ، ڏھ، پندرهن، ويھ ليکڪ، جن سان اندر جي communication ٿئي پئي، انهن کي سامهون رکي Study ڪرڻ شروع ڪئي سي ۽ جيڪو جيڪو ليکڪ سامهون ايندو ويو، موجوده دؤر جو يا هن کان ٿوري گذريل دؤر جو جن سان communication ٿيندي وئي، تن کي پڙهندا رهياسي. هاڻي ويجهڙائي ۾ ڪلھ مان سمجهان ٿو ”پروڙ“ ۾ يا الائي ڪهڙي رسالي ۾ منظور بلوچ (منظور ڪوهيار) جي مون ڪهاڻي پڙهي، مون کي عنوان ياد ڪونهي، پر تمام بهترين قسم جي ڪهاڻي آهي. ڪهاڻي پڙهي مون کي جڻ هڪڙو حيرت وارو تاثر ٿيو. جو جو جنهن قسم جي افراتفريءَ واري ماحول، جيڪو اسان کي ون يونٽ نهڻ کان وٺي هينئر تائين مليو آهي ۽ ملي ٿو پيو ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪا بہ وٿي ڪونہ آئي آهي. ڪنهن بہ قسم جي ڪا تبديلي ڪو نہ آئي آهي. رڳو گراف آهي، جيڪو وڃي ٿو مٿي چڙهندو. ان قسم جي ماحول ۾ منظور بلوچ جي تمام بهترين قسم جي ڪهاڻي آهي.

مون کي ياد ڪونهي تہ مون ڪڏهن ۽ ڪٿي جمال ابڙي کي پهرئين دفعي پڙهيو هو. مون کي فقط ايترو ياد آهي تہ جمال ابڙي کي پڙهي منهنجي ذهن تان ولاتئي ليکڪن آرٿر ڪوئسلر جي Darkness at Noon ، دوستو وسڪي جي Idiot ۽ Crime & Punishment، ڊڪنس جي Tale of Two Cities، گورڪي جي Mother ۽ هرمن جي Sadharth جي تابناڪي جهڪي ٿي وئي. مون محسوس ڪيو تہ هر ليکڪ جي تحرير جي تابناڪي سندس ملڪ، ماحول ۽ ماڻهن جي حوالي سان هوندي آهي، پر سڀ کان اُتم، اهم، حرف اول آخر آهي تخليقي عمل، جيڪو جوهر، لفظن جي چونڊ، لفظن سان جملن جي جوڙجڪ ۽

جملن سان ڪردارن کي جيئرو ڪرڻ واري مسيحائي هر ليکڪ جو مقدر ناهي. جيڪڏهن ڪو پڇي ته، جمال جي ڪهاڻين جا موضوع نوان، نرالا ۽ انوکا آهن ته، مان چوندس نه. سنڌ ساڳي، سنڌ جا ڏک درد ساڳيا، عذابن جو تسلسل آهي، جيڪو صدين کان جاري آهي. هونئن به لکڻ لاءِ دنيا ۾ موضوع ڪل 36 آهن. انهن 36 موضوعن تي 36 لک، 36 هزار ڪهاڻيون، ناول ۽ ڊراما لکيا ويا آهن ۽ لکيا ويندا. ڳالهه آهي اسلوب، ڪهاڻي بيان ڪرڻ جي، فن ۽ موضوع تي مڪمل گرفت جي. وڪٽر هيوگو جي ناول Le Miserable ۾ هڪ ڪمزور نبل، بيوس ۽ مجبور ماءُ پنهنجي ٻار جي خوراڪ لاءِ ذهني ولوڙ ۽ آنڌ مانڌ کان پوءِ پنهنجو جسم وڪڻڻ جو فيصلو ڪري ٿي ڪري، هاڻي اتي وڪٽر هيوگو هڪ جملو لکيو آهي. ان سڄي ڳالهه ۾ ان ماءُ جي حوالي سان فقط هڪ جملو " And she became the women of the town" جملو پڙهڻ کان پوءِ لونءُ ڪانڊارجيو وڃن. مون ان قسم جا انيڪ جملا جمال ابڙي جي تحريرن ۾ پڙهيا آهن. ڪهاڻي "بدمعاش" جي پڄاڻي تي: "ڪيس سينٽرل جيل موڪليو ويو. نورو جمعدار جيلر بڻجي چڪو هو. هن ڪيس چوڪنيو ڏٺو. ڪيس اگهاڙو ڪرايو ۽ ڪيس ڏنبي لڳائي. هن کي اونڌو ڪري سينٽرل جيل جي وڻ ۾ لٽڪايو ويو. سندس ڏنبي ڪڍي وئي. رت وهي نڪتس. چيائون، سوري هيس. نوري جيلر کيس ٿڏو هنيو ۽ چيائين، بدمعاش."

هاڻي وري اها ئي ڳالهه، جنهن سان عقيدت هجي، جنهن سان محبت هجي، جنهن سان عشق هجي، پوءِ هن جي هر ڳالهه، هن جو پاڇو به پيو وڻندو آهي. اها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي، پر مان تمام conscious ، تمام ذميداري ۽ سان هڪڙي ڳالهه ڪندس ته، جيئن اڳڪتين جا يا آسماني ڪتاب هوندا آهن، اُهي کولي، پوءِ پهرين سٽ پڙهي ڏسو. ان ۾ ڇا هي لکيل؟ هاڻي اها اڳڪتي آهي ته، اڳتي ڇا ٿيندو؟ مان پنهنجي نئين ٿهيءَ جي نوجوان دوستن لاءِ خاص ڪري وري به، بلڪل ذميواري سان چوندس ته، "پشو پاشا" ڪتاب کي اکيون بند ڪري کڻڙي به صفحي کان توهان کوليو. پهرين ڪهاڻي "مان مرد" کان وٺي آخري ڪهاڻي تائين. ڪتاب به توهان ڪتاب کوليو ۽ اکيون بند ڪري توهان هٿ رکي ان سٽ کي پڙهي ڏسو. توهان محسوس ڪندؤ ته، اُهي لفظ، عام لفظ ڪونهن، جيڪي اڄ تائين توهان پڙهيا آهن. اهي لفظ ئي ڪونهن، اهي جملا ئي ڪونهن، جيڪي اڄ تائين اسان ٻڌا، اسان پڙهيا، اسان سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. اُهي لفظ ئي ٻيا آهن. اُهي جملا ئي ٻيا آهن. انهن جملن جي construction ئي ٻي آهي. اهڙا اهڙا جملا، جڏهن اسان کي گرامر سيکاريندا هئا ته، چوندا هئا verb هڪڙي شيءِ هوندي آهي. verb آهي ئي ڪو نه. verb جي ڪا ضرورت ئي ڪونهي. انهن ۾ ايڏي communication، ايڏي طاقت، جو ماڻهو پنهنجي. اندر سڄي وجود ۾ پنهنجي روح تائين لُڏي ٿو وڃي.

مقناطيسي ذهن، حساس طبيعت ۽ مشاهدي جي وسعت کي قلمبند ڪرڻ لاءِ جمال ابڙي کي لفظن جي ايڏي وڏي خزاني جي ضرورت هئڻ، جيڏو وڏو خزانو قدرت کيس عطا ڪيو آهي. فڪر جي گُهرائي، پاتال تائين پهچڻ واري سوچ ۽ لفظن سان باطن ۽ ظاهر جي منظر ڪشي ڪرڻ واري معراج. مون هند سنڌ جي ٻئي ڪنهن بہ ليکڪ ۾ نہ ڏٺي. هند سنڌ ڇا، مون پنهنجي محدود مطالعي ۾ دنيا جي ٻئي ڪنهن بہ ليکڪ ۾ اهڙي ڏات ۽ سعادتِ نہ ڏٺي آهي. جمال ابڙو پنهنجين تحريرن ۾ ڪٿي بہ بي انتها درد، تڪليف ۽ معاشري جي بيحسيءَ جي عڪاسي ڪندي ڪامو ۽ ماڪو جي ڪردارن وانگر نہ مُنجهيو آهي ۽ نہ مونجهارن ۾ گرفتار ٿيو آهي. ڪاموءَ جي برعڪس جمال ابڙي احساس جي انتهائي شدت سان ناهموارين، ڏاڍاين، تشدد، بيحسي ۽ انسان جي خسيس پڻي کي وائکو ڪيو آهي. جمال ابڙي جا ڪردار هيمنگوي جي جنگجو ڪردارن وانگر مرڻ مهل بہ ملهہ ماري ويندا آهن. ڪهاڻي "پشو پاشا" ۾ اصل ايئن ٿي ڊيڪاريو اٿائين ۽ بيان ڪيو اٿائين: "آخر ڦاسي گهاٽ مان سوين هزارين پشو اڏامندا نظر آيا. سِرَ ترِيءَ تي هئا. سندن ڪپڙا رتُجي لال ٿي ويا. ويا گڏ ٿيندا، ڪارخانن ۾، کيتن ۾، جبلن جي ماٿرين ۾ ۽ غارن ۾."

جمال ابڙي جي ڪهاڻين جو فقط هڪ ئي ڪتاب آهي، جيڪو اسان سيني جي سمورن ڪتابن جو مٽ آهي. گذريل پنجويهہ ٿيهن سالن کان ڪنهن آسماني صفيحي وانگر مون سندس ڪتاب ورائي ورائي پڙهيو آهي ۽ هر دفعي هڪ نئين ڪشش جو احساس ٿيوَ آهي. جيڪا مون پهرين توهان سان ڳالهہ ڪئي. جيئن ممتاز (مرزا) صاحب حڪم ڪيو تہ، بعد ۾ سائينءَ سان سوالن جوابن جو سلسلو شروع ڪيو ويندو سو هڪڙي خسيس ۽ ننڍڙي ليکڪ جي حيثيت ۾ تي ڳالهيون مون کي بہ bother ڪنديون آهن، سو اڄ سائينءَ جن ملي ويا آهن تہ سائين کان اُهي پڇبيون. اسان جا ٻيا جيڪي نوجوان ليکڪ آهن، تن لاءِ بہ اهو موقعو آهي تہ، جيڪڏهن سندن ذهنن ۾ ڪي سوال هجن تہ اُهي سائينءَ کان پڇي وٺن. اجازت. مهرباني. (تاڙيون)

## ممتاز مرزا :

مهرباني جليل! اڄ مون کي خبر پئي تہ تون تمام خراب پڙهين ٿو ڳالهائين سٺو ٿو. آئنده توکي پڙهڻ لاءِ نہ بلڪ ڳالهائڻ لاءِ تيار ڪبو. هاڻي آءٌ گذارش ڪندس محترم ربانيءَ کي. رباني سنڌي ادب جي جديد افساني جي باني افسانی نگارن مان آهي. اسان کان هاڻي پري آهي، پر دل پري ڪونهي. رباني! (تاڙيون)

## غلام رباني آگرو:

دوستو، ساٿيو، پيارو بزرگو!

توهان جي خدمت ۾ به چار ڳالهيون انتهائي سچائيءَ سان، نهايت مختصر ۽ نهايت informal نموني پيش ڪندس، جيڪي مان سمجهان ٿو ته، اجوڪي هن متبرڪ مجلس ۽ محفل جي بنيادي تقاضا آهن. سڀ کان پهرين ته آءٌ سنڌ جي ڪلچر کاتي کي دل جي پوري سچائيءَ سان مبارڪباد ٿو ڏيان، جو هنن اجوڪي مجلس جو اهتمام ڪيو آهي. (تاڙيون)

تازو اڪبر بگٽيءَ جو هڪ اخباري بيان پڙهيم ته، "سنڌ اهڙي ناسور جي صورت اختيار ڪري چڪي آهي، جنهن مان مسلسل رت وهي رهيو آهي." ٽنهن ڏينهن اسلام آباد ۾ وينو هئس ته، منهنجي پيٽوٽيءَ مون کي فون ڪئي. جيئن نه ڪو ماڻهو بيهوش هجي، چيائين، "ادا! آخر حڪومت جي مرضي ڇا هي؟" مون چيو "بابا! ڪو حڪومت آءٌ ٿو هلايان. ڪو حڪومت وارا مون کان پڇن ٿا. آءٌ فقير ماڻهو آهيان. پٺيهن ڏندن جي وچ ۾ الائي ڪيئن ٿو وقت گذاريان. توکي ڪهڙي خبر؟" پڇومانس: "خير ته آهي؟" ڳوٺ ۾ فون لڳي هئي، سو مون فون جو فائدو ورتو. چيائين، "ادا! ڇهين ستين وڳي جاءِ جي اندر قلف بند ڪري ڇت تي چڙهي بندوق ڪڍي بيهون ٿا. چوڌاري اونده انڌوڪار هوندي آهي. ڪتان ڪو گدڙ لنگهيو هوندو، ڪتان ڪو پاڻي ورائڻ لاءِ ڪو ماڻهو لنگهيو هوندو ڪنهن پوک مان. ايئن ڊپ ۾ اونداهيءَ ۾ آفيس وجون. تڙ تڙ وينا ٿا بندوق چوڙيون. ڪو پير وارو ڳوٺ، ڪو ٻيو ڳوٺ، ڪو ٽيون ڳوٺ، ڪو چوٿون ڳوٺ. سڄي رات ايئن گوليون پيون ٽيون هلن. رات ايئن گذري ٿي، نه زالون ٽيون سمهي سگهن، نه ٻار. ايئن اسان جون راتيون ٽيون گذرن. آخر حڪومت ڇا ٿي ڪري؟" چيومانس ته: "ڀاءُ! ان سوال جو جواب ته مون وٽ ڪونهي."

ڪلهه لاهور کان آيس پئي. اخبار ۾ پير سائين پاڳاري جو بيان پڙهيم. اهو بيان اوهان به پڙهيو هوندو. پاڻ فرمايو اٿن ته، "سنڌ، اسرائيل وانگر اهڙي زمين ناهي، جنهن جو ڪنهن تورات ۾ ڪنهن سان واعدو ڪيو ويو هو." جيڪڏهن سنڌ جي ڌرتيءَ تي اڄ اهو ڏينهن ۽ اها رات آئي آهي ته، آءٌ سمجهان ٿو ته، سنڌ جي اديب ۽ سنڌ جي شاعر جو اهو فرض آهي ته، هو پنهنجن ماڻهن جي دانهن جو سڏ ڏئي ۽ سندن سڏ ۾ سڏ ڏئي، هنن جو ساٿ ڏئي. (تاڙيون)

منهنجا پيارو! ان ئي حوالي سان ۽ ان ئي پس منظر ۾ منهنجو توهان سڀني جي خدمت ۾ نهايت ادب سان عرض آهي ته، هتي جيڪي به اديب ويٺا آهن ۽ جن تي منهنجي نگاهه پئي انهن ۾ ڪو به اهڙو اديب ڪونهي، جيڪو اجايون سجايون ڳالهيون ڪري. اِهي اُهي ماڻهو آهن، جيڪي پني تي لکڻ ڪارڻ اڇي کي ڪارو ڪو نه ڪندا آهن. پر جيڪي هر دؤر ۾ ڏکين حالتن ۾ زندگيءَ سان ساٿ ڏيندا

رهيا آهن. آءُ سمجهان ٿو تہ جيڪڏهن هن قسم جون محفلون ۽ مجلسون ڪراچي، حيدرآباد، سکر، نوابشاهہ، لاڙڪاڻي، دادو ۽ سنڌ جي هر شهر ۾ ڪيون وڃن تہ توهان جو جيڪو سنڌي ياءُ جيڪو ملول آهي، جيڪو ڪوماڻل آهي ۽ جيڪو نا اميد ٿي چڪو آهي، انهيءَ جي دل ۾ اميد جو ڪو شعاع ڦٽي سگهي ٿو ۽ کيس ڪا روشني ملي سگهي ٿي. ان ڪري آءُ حميد آخوند ۽ ممتاز مرزا کي دل سان دعائون ڏيان ٿو. جيڪڏهن گنهگارن جون دعائون قبول پون ٿيون تہ الله ۽ الله جو رسول ڪندو تہ هنن جا درجا بلند ٿيندا، جن اڄوڪي مجلس جو اهتمام ڪيو آهي. (تاڙيون)

جيستائين جمال جي تعارف جي ڳالهہ آهي تہ جمال سان زندگي گڏ گذري آهي تہ جمال جي باري ۾ ماٺهو ڪهڙي ڳالهہ ڪري ڪهڙي ڳالهہ نہ ڪري. تنهن ڪري ڳالهہ ماٺهو اها ڪري، جيڪا دل جي ڳالهہ هجي. جڏهن آءُ ننڍڙو هئس تہ منهنجو پيءُ بہ جمال جي والد وانگر تعليم کاتي ۾ هوندو هو. پاڻ ڪنهن زماني ۾ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ ٽريننگ وٺندو هو پوءِ اسڪولن جو صاحب ٿيو. ان زماني ۾ ماسترن کي ڊرائنگ سيکاريندا هئا. هاڻي خبرناهي تہ اِها سيکارين ٿا يا نہ. هڪڙو ڪتاب هو جنهن جي فل پيج تي رڳو گل ئي گل هئا. نيرا، واڱڻائي، گلابي، پيلا، ڳاڙها وغيره وغيره. انهن ۾ هڪڙو واڱڻائي رنگ جو گل مون کي ڏاڍو وڻيو جنهن جي هيٺان لکيل هو: ڪنول. وري اڳتي پيا گل، سورج مکي وغيره. وري اڳتي پنهنجي شان ۽ شوڪت سان گلاب جو گل ڏٺم. هر گل جي هيٺان botanical point of view سان ٿورو گهڻو تفصيل ڏنل هوندو هو تہ هن گل جي خوبي ڪهڙي آهي ۽ اِهو ڪهڙي مُند ۾ ٿيندو آهي وغيره. سو ان وڏي شان ۽ شوڪت سان ٽڙيل گلاب جي گل جي هيٺان لکيل هو : گلاب جو گل. ان جي تفصيل ۾ لکيل هو تہ:" هيءُ ٻن قسمن جو ٿيندو آهي. هڪڙو اهو جيڪو بهار جي مند ۾ ٽڙندو آهي ۽ ٻيو اهو جيڪو ٻارهن مهينا هوندو آهي. تازو ۽ تر هوندو آهي. هميشہ خوشبو سرهاڻ ۽ سونهن ڏيندو آهي. ان ڪري ان کي سدا بهار ڪوٺيندا آهن. " سو آءُ سمجهان ٿو تہ اڄوڪي مجلس جو صاحب، سنڌ جو هڪڙو سدا بهار گلاب گل آهي. مٿس هميشہ رحمتون رهن. (تاڙيون)

لکندڙ جي حيثيت ۾ جمال جي عظمت جو ٿورو گهڻو مون کي ذاتي مشاهدو آهي. 57 _ 1956ع ۾ آءُ "نئين زندگي" رسالي ۾ ڪم ڪندو هئس. جمال ويچارو مون کي پنهنجا افسانا موڪلي ڏيندو هو. هيئنئر جيڪو ڪتاب مون کي قرب ڪري ڏنو اٿائين، جنهن ۾ مون ڪي افسانا ڏنا آهن، جيڪي هن مون کي موڪليا هئا ۽ اسان "نئين زندگي" ۾ ڇاپيا هئا، جيڪي پوءِ وري ٻئي هنڌ reproduce ٿيا هئا. انهن افسانن جي هڪڙي خصوصيت اها هوندي هئي، جيڪا مان اڄ ڏينهن تائين وساري نہ سگهيو آهيان، سا هيءَ تہ جڏهن اسين سندس افسانن جا پروف

پڙهندا هئاسين ته، خبر ناهي ڇو منهنجو رت گرم ٿيڻ لڳندو هو يا مان پاڻ کي ڏاڍو uneasy محسوس ڪندو هئس. جيئن هڪڙي ماڻهوءَ جو چهرو سرخ ٿي وڃي ۽ مُنهن ۾ رت پرجي اچي يا توهان جو گلو ويهي وڃي ۽ توهان ڳالهائي نه سگهو يعني your voice is chocked ۽ emotions rise تي وڃن ته پوءِ مان ماڻڙي ڪري مولانا عبدالواحد سنڌي مرحوم، جيڪو رسالي جو ايڊيٽر هو، کي باٿ روم مان تي اچڻ جو چئي کسڪي ويندو هئس. ڇو ته مولوي صاحب ۽ مان گڏجي پروف ڏسندا هئاسين. اسان جي پنيان هڪڙي ريسٽورنٽ هوندي هئي، اُتي وڃي ڪا ڪوڪا ڪولا جي بوتل (تڏهن بوتل ڪا نه هوندي هئي، بلڪ گلاس ۾ ڏيندا هئا) يا ڪا سيون اپ پي، ايئن پاڻ کي ٿڌو ڪري، ٿڌو ٿي پوءِ مولوي صاحب سان رهيل پروف اچي ڪندو هئس. اهو فقط جمال جي تحرير جو ئي جادو هو جو جڏهن ماڻهو ان کي پڙهندو هو ته اها رت ۾ صحيح معني ۾ جوش ۽ ولولو پيدا ڪندي هئي. ان حساب سان جمال لکڻ ڇڏي سنڌ سان وڏي ۾ وڏي نا انصافي ڪئي آهي ـ ۽ ڦاهي چاڙهڻ لائق آهي، جو ايڏي ڪمال ۽ ايڏيءَ قدرت جي باوجود هن ماڻهوءَ سنڌ جو فرض ۽ سنڌ جو قرض، جيڪو مٿس هو سو ادا نه ڪيو.

مان پانيان ٿو ته، ڪو پنجاهه جو ڏهاڪو آهي يا اُن ڏهاڪي جي آخر جي ڳالهه آهي، جڏهن جمال لکڻ ڇڏي ڏنو. ان وقت افسانن جي ڳالهه هوندي هئي ۽ جيڪي ماڻهو افسانا لکندا هئا، تن ۾ جمال جي گهڻي ڳالهه هوندي هئي. جمال تي اسان سڀني جو مان هو ۽ اسين سڀ سنڌس نيازمند هئاسون. اوچتو هن لکڻ ڇڏي ڏنو. 6 مهينا گذريا، 8 مهينا گذريا، 10 مهينا گذريا، 12 مهينا گذريا، 2 سال گذريا ته، اسان کي به آخر اُڻ تُڻ ٿي. ڇو ته، ٻين سڀني دوستن لکيو پئي. اياز قادري سامهون ويٺو آهي، شمشير ويٺو آهي، ٻيا الاهي دوست ويٺا آهن، سڀني ڏاڍا ڏڍ لکيو پئي، جن تي ڪتابن ۽ رسالن ۾ first class ٽيڪا ٽپڻي ۽ گرماگرم بحث ٿيندا هئا. اهي سڀ انهن حقيقتن جا شاهد آهن. سو، اسان پنهنجي ليکي منطق ۽ عقلمندي سان، جيڪو الله سائين ڏنو هو پڇيوسين ته: "جمال! ڇو نه ٿو لکين؟ " هڪڙي ڏينهن مون سان ڳالهه ڪيائين (اهو آءُ ان ڪري ٿو چوان ته، ايئن نه ته آءُ توهان جو وقت وٺڻ ٿو گهران، پر انڪري ته متان توهان کي پاڻ نه ٻڌائي) ته: "ادا ! ڳالهه اها آهي ته، آءُ روزي ڪمائڻ لاءِ سرڪاري نوڪري ڪيان ٿو. جج آهيان ۽ انصاف جي ڪرسيءَ تي ويٺو آهيان. منهنجي اڳيان زندگي جا عملي مسئلا day to day problems پيش ٿين ٿا، جن ۾ ڪي تمام گنڀير آهن. " هڪڙو مثال ڏنائين (آءُ صرف هڪڙو مثال quote ٿو ڪيان ڇو ته هن مون کي ٻه ٽي مثال ٻڌايا هئا) چيائين : "هڪڙي ماڻهوءَ سانجهي جي وقت منهن اونداهيءَ جو ڳوٺڙي ۾ جهنگ ۾ پنهنجي زال کي چيو ته، پاري ۾ ٻيڙيون پيون اٿئي، سي وڃ ڪٽي اچ. پوءِ مائي ويچاري، سندس گهر واري، ٻارن جي ماءُ اونداهي ڪونڙي ۾ وڃي پاري جو ڍڪ

لاهي بيڙين ۾ هٿ وڌو. ان ۾ ڪاريهر نانگ ويٺو هو جنهن کيس ڏنگ هنيو. مائي اُتي ئي دانهن ڪري ڪِري پئي. ماڻهوءَ جو ڪم تي ويو. ڇو ته هن ئي اها سڄي ڳالهه plan ڪئي هئي.“ هاڻي جمال چيو ته: ”اها سڄي ڳالهه منهنجي اڳيان آئي، پر سرڪار جي قانون جي پورائي لاءِ جيئن چوندا آهن ته Law is defective سو مون وٽ evidence ڪا نه هئي، ته آءُ هن کي convict ڪيان. “ چيائين ته ”ادا، هاڻي تون اندازو ڪر ته، منهنجي روح تي ڇا گذري هوندي؟ جڏهن اهڙي قسم جون ڳالهيون سامهون آيون يا اڄا به وڏيڪ اذيت ناڪ ڳالهه اها ته، ڪي ڳالهيون مون کي پنهنجي ضمير جي خلاف لکڻيون پيون يا اهڙا فيصلا ڏيڻا پيا. سو آءٌ پانيان ٿو ته ان نفسياتي اثر جي ڪري منهنجو هٿ لکڻ جو ڪم نه ٿو ڪري، باقي سڀ ڪري ٿو. سو، آءٌ بار ڪو نه آهيان، چريو ڪو نه آهيان.“ جيئن بدر شروع ۾ ڳالهه ڪئي ته، هن جو هٿ لکڻ کان انڪار ٿو ڪري. سو this is the problem.

پوءِ هن غريب ڪيترا جتن ڪيا ته، سندس هٿ لکڻ جو ڪم ڪري. ڇو ته، اها ڪا سولي ڳالهه ڪا نه هئي. هن جو عشق هو لکڻ سان. ڇاڪاڻ ته ان مان کيس inspiration ٿي مليو. سو ٽنڊي آدم جي پاسي هڪڙي ماڻهوءَ جو ڏس مليس، جيڪو اردو ڳالهائيندڙ هو. اُن ڏانهن ويو. مرحوم ڪمال الائي ڀئي ڪنهن اُن ماڻهوءَ جو انتظام ڪيو هو. سو جمال اُن کي چيو ته، ”ادا ! ٻاڻيءَ جي پريل بالٽي ڪٽي ٿو وڃان، پر به اڪر لکان ٿو ته، صحيح نه ٿو ڪري سگهان.“ هُن چيس ته، ”ڪيسي نهين لکي گا تمهارا هاٿ؟“ سو تيل گهرائي جمال جي ٻانهن ۾ ساڄي هٿ تي مليئين ۽ پوءِ قلم ۾ پنو ڏئي چيائين ته، ويهي لک. جمال ٻڌايو ته، مون هڪڙو page لکيو پيو لکيو. تيون لکيو ۽ ايئن 15 صفحا لکي ورتا. آءٌ بلڪل مشين گن وانگر لکندو ويس ۽ مون کي ڪا رڪاوٽ ڪا نه ٿي. پوءِ هن همراه جمال کي تيل پڙهي ڏنو ۽ چيائينس ته، ”اب جا ڪي آپ اپنا ڪام شروع ڪرين، آپ ڪو ڪوئي رڪاوٽ نهين هُوگي. ڪوئي problem هو تو you come to me. “ جمال چيو ته، ”پوءِ مون اهو تيل استعمال ڪيو. ڪجهه ڏينهن اها ڪيفيت رهي، پر آهستي آهستي ان ڳالهه جو اثر جهڪو ٿيندو ويو. ايئن اهو تيل يا اهو نفسياتي اثر ڪم ڏيکاري نه سگهيو.“

هاڻي انهيءَ مان توهان اندازو لڳائي سگهو ٿا ته، توهان جي اڳيان اڄ اهڙو فنڪار ويٺو آهي، جيڪو سچ سان ڪيتري حد تائين committed آهي. تمام simple ڳالهه آهي. سنڌ انهيءَ پايي جا گهڻا فنڪار پيدا ڪيا آهن؟ اسين سڀ غريب ماڻهو آهيون. هر ڪنهن کي مصلحتون به آهن، مجبوريون به آهن. آءٌ پانيان ٿو ته، ان ڏينهن کي ۽ اڄوڪي ڏينهن ورهيه گذري چڪا آهن. ايئن به ناهي ته ”سيني ۾ سنگرام سچو سنياسين کي“ مثل جمال جي اندر ۾ bitter feelings



Gul Hayat Institute

ناهن. مون پڇيومانس ته،”جمال! پوءِ فتوائون، خط وغيره ڪيئن لکندو آن؟ “ چيائين ته، ”ٽائپ ڪندو آهيان. ٻيو ڪو رستو ڪونهي. ڪاٻي هٿ سان لکڻ جي ڪوشش ڪيم، اهو به نه ڪري سگهيس.“ ته مون توهان کي اِهو ڏيکاريو پئي ته، توهان جي اڳيان جيڪو ماڻهو ويٺو آهي، ان جي باري ۾ توهان کي اهو اندازو ٿئي ته هن جي حساس طبيعت ڪيتري حد تائين حساس آهي ۽ هو ڪيڏي پايي جو عظيم فنڪار آهي.

توهان جي خدمت ۾ ٻي ڳالهه هيءَ ڪرڻي هيم ته باوجود پنهنجين مجبورين جي، ان زماني جا سنڌي اديب خالي خولي ڪاغذ ڪارا ڪرڻ ۾ believe نه ڪندا هئا ۽ نه وري هِن ازم ۽ هُن ازم ۾ قائل هئا. ڳالهه ڪبي هئي بلڪل سنئين سپاٽي. سنڌي اديبن ۽ سنڌ جي جيڪا تحريڪ هئي، ان تحريڪ سان جمال مسلسل ۽ سمورو وقت وابسته رهيو. جيئن عبدالله ميمڻ صاحب ذڪر ڪيو ته، ”سرڪاري نوڪريون اسان جي لاءِ مجبوريون آهن.“ بلڪل، اهي سڀ مجبوريون به هيون، نوڪريون به هيون، سڀ قصا ساڻ هئا، پر جمال ابڙي سنڌ جي تحريڪ جي سلسلي ۾ ڪنهن به stage تي compromise نه ڪيو ۽ نه ڪا مصلحتِ اختيار ڪئي. گهٽ ۾ گهٽ آءُ ان جو اکين ڏٺو شاهد آهيان.

مير رسول بخش (ٽالپر)، شيخ اياز ۽ ٻين ڪن 10، 15، 20 ماڻهن تي وارنٽ نڪتا. اياز حيدرآباد شهر ۾ مون وٽ تڪيل هجي. اسان ڳاڏي ڪاتي ڪان لنگهيا سين پئي ته ڏٺوسين ته، مير صاحب جي ڳچيءَ ۾ گلن جا هار پيل هجن ۽ پوليس کيس گرفتار ڪري وٺيون پئي ويئي. هاڻي اياز جي پٺيان وارنٽ هجن. هڪڙي ماڻهوءَ ٻڌايو ته، ”هاڻي ريڊيئي تي خبر ٻڌي آيو آهيان ته، 20 ماڻهو arrest ڪيا ويندا.“ ون يونٽ ٽوڙڻ جا يا اهڙو ڪي ٻيا الزام هئا، جيڪي ان وقت سنڌي اديبن تي عام لڳندا هئا. اسان ٿاٿاسين ته، هاڻي ڪيئن ڪجي؟ ڇاڪاڻ ته اها public place هئي ۽ ڪيڏي مهل، ڪو به ماڻهو اُتي اچي سگهيو ٿي. سو اوڏي مهل اسان احتياطن يڪدم موٽر ۾ چڙهي هليا وياسين. شام جي مهل، جمال رند جي پبلڪ اسڪول واري گهر وچي اُتي گهڙي ڪن ويناسين. چانهه جو ڪوپ پيتوسين. اڌ منو ڪلاڪ اُتي هئاسين. سيني جي صلاح سان ان نتيجي تي پهتاسين ته، this is not a safe place (هيءَ محفوظ جاءِ ناهي).

اياز جڏهن گهران نڪتو هو ته، قطعن ان لاءِ تيار نه هو ته، هو گهران نڪرندو ۽ سڌو جيل ۾ پوندو. پٺيان سڀ مسئلا ٿين ٿا. ڇاڪاڻ ته هُو تمام Busy وڪيل هو. جنهن جا روزانو ويهه پنجويهه ڪيس ۽ ڪورٽن ۾ پيشيون هونديون هيون، ته اُهي ماڻهو ڪاڏي دربدر ٿيندا؟ ٻچن کي اطلاع ڪونهي، بئنڪ مان پئسا ڪيرائي چار ڏوڪڙ گهر ڏيڻ، ٻيا سڀ مسئلا انسان جا ٿين ٿا. ته هن کي پريشاني ان ڳالهه جي هئي ته، ”آءُ اُتي پهچان، پوءِ آءُ پاڻهي surrender ڪندس، رڳو ايترو موقعو ملي.“



Gul Hayat Institute

سو هاڻي اها ڪيفيت توهان پنهنجي ذهن ۾ رکو. پوري پاڪستان ۾ اهي ماڻهو چوندي ڪنيا ويا آهن ۽ اهڙي لٽ پئي ٿي لڳي، جو خدا جي پناهه.

اهڙي صورتحال ۾ اسان کي هڪڙي جاءِ محفوظ نظر آئي- يعني حيدرآباد جي جج جو گهر. اياز مان ۽ مون کي ياد ناهي ته ٽيون ڪير هو. اسان ٽپڙ ٻڌي سڌو جمال ابڙي صاحب جي گهر پهتاسين، جيڪو اوڏي مهل ڪورٽ مان ڪارو ڪوٽ پائي، فتوائون ڏئي ۽ سرڪار جي قانون جي حفاظت ڪري اُتي پهتو هو. اسان کيس چيو ته، "اسان تو وٽ هڪڙو out law وٺي آيا آهيون." پوءِ اُها رات، جيڪا اسان جمال وٽ گذاري، اُها رات زندگي ڀر ياد رهندي. جمال جيڪي خدمتون ڪيون ۽ ڪچهريون ٿيون، ان جو ڪهڙو ذڪر ڪريان؟ جمال سان زندگيءَ جو ساٿ رهيو آهي، جيڪي قصا بيان ڪرڻ جي لاءِ ڪيترين ئي راتيون گهرجن. مون توهان کي اهو مثال به رڳو ان ڪري ڏنو آهي، جو توهان ان هڪڙي واقعي مان اندازو ڪري سگهو ته، اهڙن مشڪل وقتن تي جمال ڪڏهن به سنڌ جي تحريڪ ۽ سنڌي اديبن جو ساٿ ڪنهن به طرح سان نه ڇنو ۽ نه ئي ڪڏهن سندس اهڙي عزم ۾ پائي جي به ڪا لچڪ آئي. (تاڙيون)

انهن ڏينهن ۾ اياز کي شوق جاڳيو ته، اسان جنهن سنڌ جي ڳالهه ٿا ڪريون، اُها ڏسجي ته، اها سنڌ آهي ڪٿي؟ ڏسون ته سهي - يا ڇڙي رڳو ڪتابن ۾ پڙهي آهي. سو ارادو ٿيو ته، سنڌ جو اُتر ڏسون، سنڌ جو ڏکڻ ڏسون، سنڌ جو اولهه ڏسون ۽ سنڌ جا پراڻا شهر، تاريخي مقام ۽ ماڳ، سسئي پنهون، سهڻي ميهار جا قصا، مومل راڻي جا ماڳ ۽ راجا نند جو نند ڪوٽ ڏسون. هاڻي سائين اهو بندوبست ٿئي ڪيئن؟ خرچ جا بار خفا، اُتي وڃڻ، ٽڪڻ، رهڻ ڪرڻ. سو عجيب قسم جي ماجرا هئي. ڇو ته اُن سچي ٽولي ۾ هڪ به نه، بلڪه اٺ ڏهه دوست هوندا هئاسون. انهن مان اسان جا ڪيترا سفر، اهڙا هئا، جن جو بار توهان جي سامهون ويٺل جمال ابڙي کنيو. جنهن ۾ اسان جي ڪنهن به قسم جي material support يا direct, indirect, moral نه هئي.

Gul Hayat Institute

هڪ دفعي اسان کي هڪڙو dream ٿيو ته اسان ڏسون ته، هيءُ جيڪو درياءِ سنڌ، جنهن لاءِ حيدر بخش جتوئي لکيو ته، "پلي آئين، جي آئين، درياءَ شاهه" جيڪو سنڌ جي جان آهي، اهو آخر وڃي ڪاڏي ٿو؟ ۽ ختم ڪٿي ٿو ٿئي؟ جيتوڻيڪ اسان کي ان جي جاگرافيائي بيهڪ جي خبر هئي. بهرحال، جمال اسان کي گهمائڻ جو بندوبست ڪيو. اسان اٺ ڏهه ڄڻا هئاسين. حيدرآباد مان نڪتاسين ۽ گهوڙا ٻاريءَ کان وڃي ٻيڙين ۾ چڙهياسين. رستي ۾ دعوتون، ڳالهيون، ڪچهريون، نڪاءَ، قصا ڪندا وڃي ڪاري ڇاڙ ۾ منزل انداز ٿياسين، جتي درياءَ ڊيلٽا ۾ ڪري ٿو جتان پوءِ وري هٿ جي چنبي وانگر مختلف شاخون ٿي سمنڊ ۾ وڃي ٿو پوي. انهن شاخن ۾ سفر ڪيوسين. ڪجهه راتيون اُتي ۽ ڪجهه راتيون

ڪيٽي بندر ۾ رهياسين. اسان اتي جيڪا شام ۽ رات گذاري، اها به زندگي ۾ يادگار رهندي. اهو هڪ نه، پر اهڙا ڪيئي سفر هئا، جن جو اهتمام اسان جي منڙي يار اسان جي منڙي ياءُ ۽ منهنجي محبوب جمال ڪيو هو. (تاڙيون)

آءُ ذاتي طرح سان، جمال جو ادبي طرح عقيدتمند به آهيان ۽ پوءِ شايد هڪڙو stage اهڙو به اچي ٿو جڏهن اهي ادب جا قصا رسمي ٿيو وڃن. جيتوڻيڪ ادب جو بنياد ته اهو ئي آهي. پوءِ ماڻهو "تو من شدم — من تو شدي" ٿيو وڃي. فارسي جو شعر آهي ته، "تا ڪس نه گويد بعد ازين — من ديگرم تو ديگري." ته، جمال سان منهنجي محبت، منهنجي نيازمندي ۽ منهنجي عقيدت اها ئي آهي. تنهنڪري جيئن هتي ڪنهن دوست چيو ته، "جمال ideologically materialist ۽ هيءَ ۽ هو آهي،" آءُ اُن کي فقط هڪڙو عرض ڪندس ته، Jamal has remained true to his conviction - هن جنهن ڳالهه کي سچ سمجهيو آهي، اُن تي هميشه قائم رهيو آهي ۽ ڪڏهن به ان ۾ ڪنهن به قسم جي لچڪ پيدا نه ڪئي اٿائين.

پوين ڏينهن ۾ جڏهن هتان اسلام آباد منهنجي بدلي ڪئي هئائون يا آءُ غالبن اياز سان يونيورسٽيءَ ۾ هئس ته، جمال مون سان فقط هڪڙي ڳالهه ڪئي. اهو ڪو نه چيائين ته، "پنهنجن افسانن جي ڪتاب جو print ڪيرائڻو آ يا ڪو مضمون يا هي يا ڪا ٻي ڳالهه." اهڙي ڪا به ڳالهه نه ڪئي هئائين. مون کي چيائين ته، "ادا ! منهنجي بابا (علامه علي خان ابڙي) جو قرآن شريف جو تفسير، جيڪو ضايع ٿي ويو، ان جو ڪجهه حصو بچي ويو آهي. جيڪڏهن ڪنهن طرح سان اهو reprint ٿي سگهي ته، تمام سٺي ڳالهه ٿيندي." اهو هن کي والهانه شوق، ذوق ۽ عشق هو. مون کي خبر ڪانهي ته پوءِ انهيءَ ڳالهه جو اڳتو ڪهڙو ٿيو؟

الاهي دوست ويٺا آهن. الاهي ڳالهيون آهن ۽ هنن جو حق آهي ته اُهي ڪن. مون فقط ثواب ڪمائڻ خاطر اهي چند ڳالهيون توهان جي خدمت ۾ پيش ڪيون ۽ توهان مون تي مهرباني ڪندؤ جي مون کي وڌيڪ ڳالهائڻ نه ڏيو ته سٺو آهي. ڇاڪاڻ ته مون کي به تڪليف ٿيندي. (تاڙيون)

پوين ڏينهن ۾ ڇا ٿيو ته، اوڏي مهل آءُ ڳالهائي نه سگهيس. Because of choke of my voice - هينئر هتي ڪوشش پئي ڪيم ته، انهن شهرن جا نالا ڪٺان، جتي جمال جو آءُ اڪيلو مهمان ٿي رهيو آهيان، جتي اسان جون رهاڻيون ۽ الاهي مزيدار ڳالهيون ٿيون آهن، پر اُهي سڀ بيان ڪرڻ ۾ وقت گهڻو گذري ويندو. مون ڳالهه کي some up ڪرڻ پئي گهريو. عرض هو ته، قدرت جا پنهنجا حساب آهن.

. ٿورا ڏينهن ٿيا ته، مون کي اطلاع مليو ته، جمال جڏهن حيدرآباد ۾ جج هو ته، کيس هارٽ اٽيڪ ٿيو هو. پهريون ڪاغذ لکيو مانس. ان ڪان پوءِ ويچارو جڏهن



Gul Hayat Institute

چڙهي پيو (الله سائين کيس وڏي عمر ڏي) تہ آءٌ شام جو اڪثر (جڏهن موقعو ملندو هو) وٽس ويندو هئس. سو چيائين تہ "هاڻي پيو هڪڙو عجيب problem ٿيو آهي." مون پڇيو: "اُهو ڪهڙو؟ " تہ چيائين: "منهنجي زال کي اُهي سڀئي symptoms پيدا ٿين ٿا، جيڪي هارٽ اٽيڪ مهل مون کي هئا. ان ڪري آءٌ گهبرائجيو وڃان. پوءِ منهنجي لاءِ ويل ٿيو وڃي. سڄو وقت بابا ! وارو ڪريو پاڻي آڻيو ڊاڪٽر آڻيو اي. سي. جي. وٺو هيءُ ڪيئن هُو ڪيو ڪندو وتندو آهيان." مون پڇيو تہ" پلا Is she really sufferer from? "ـ چيائين تہ "نہ ڪا بہ heart trouble ڪانهي، پر هن کي ڪو اهڙو نفسياتي پڄ ويهي ويو آهي، جو مون کي ڇڏي ٿي نہ ٿي سگهي. "She is so much attached with me."

جمال پنهنجي عقيدي جي لحاظ کان پوين ڏينهن ۾ Risk کڻي (لفظ risk آءٌ پنهنجي طرفان ٿو چوان، هن جي لحاظ کان نہ. هن کان معافي ٿو وٺان) ويو عمرو ڪرڻ. سو زالهنس نہ ڇڏيس. اُتي گڏجي ويس، تہ بابا هيءُ ماڻهو جنهن کي هيترا هارٽ اٽيڪ ٿي چڪا آهن، جنهن کي paralysis ٿي چڪي آهي، جنهن کي فلاڻي تڪليف آهي، اهو ويچارو اڪيلو ڪٿي وڃي سگهندو؟ اهو جيڪو رشتو آهي، جيڪو تعلق آهي، اهو حد حساب، خيال ۽ وهم گمان کان مٿي آهي. ممڪن آهي تہ بدر کي ان ڳالهہ جو ٿورو احساس هجي، پر اسين گنهگار ان جو تصور نہ ٿا ڪري سگهون، جيڪا suffering ۽ پيڙا هڪ ٻئي سان پيو انسان share ڪري ٿو.

سو مون جڏهن جمال جي گهر واريءَ جي وفات جي خبر ٻڌي تہ مون جمال کي تار ڪا نہ موڪلي. جيئن رسمي طرح هر ڪنهن کي condolence جي تار موڪليندو آهيان، پر مون ايئن نہ ڪيو. هڪڙو شعر مون کي ياد آيو. ننڍي هوندي گهر ۾ ڪڏهن، سرائيڪي وسري وئي آهي، ڪا نہ ٿي اچي، سو شعر ڪجهہ هيئن هو "اول هيوسي ڏون ڄڻين. ول ٿيوسي ترائي ڄڻين — ول ٿيوسي گهٽي ڄڻين — گهٽي ڄڻين وڃين ٽڻين. اسين اهي ٿي ڏون ڄڻين." يعني پڇاڙيءَ ۾ اسين وري اُهي ٿي بہ ٻچياسين. مون کي احساس ٿيو تہ جمال سان اڄ پيو ساٿي ڪونهي. جمال اڪيلو آهي، پر اڄوڪي شام ۾ توهان جهڙن منڙن محبوبن کي سامهون ڏسي دل کي آٿت ٿي تہ جمال اڪيلو ناهي. اوهين سڀ ۽ اسين سندس خدمت ۾ عقيدت جا گل پيش ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيا آهيون. مهرباني. (تاڙيون)

## ممتاز مرزا:

آءٌ گذارش ڪندس پنهنجي نهايت محترم دوست ۽ سائين سراج کي تہ هو اچي ۽ اچي جمال جي باري ۾ بہ اکر ڳالهائي. سراج (تاڙيون).



Gul Hayat Institute

## سراج الحق ميمڻ:

مون کي خبر نہ ٿي پئي تہ جمال کي ڪهڙي لقب سان ۽ ڪهڙي لفظ سان مخاطب ٿيان؟ ڇاڪاڻ تہ منهنجي ادبي سفر ۾ جمال جي حيثيت اُها آهي، جيئن اسين ٻاراڻو پڙهندا هئاسين ۽ اُستاد اسان کي الف ب سيکاريندا هئا. الف انب، ب ٻلا، ڀ ڀڪري. مون ادب جمال کان ايئن سکيو آهي.

ڪهاڻيءَ جو گهاڙيٽو هڪڙو عجيب گهاڙيٽو آهي. اسان سيني تجربا ڪيا آهن، پر جيڪا ڪهاڻي جمال لکي، مون ڪافي زبانن جون ڪهاڻيون پڙهيون آهن. پر آءٌ نہ ٿو سمجهان تہ جمال جي جيڪا صنفي لياقت آهي، وصف آهي، تنهن کي دنيا جي ڪنهن بہ ٻوليءَ جو ڪو بہ اديب پهچي سگهيو آهي. (تاڙيون).

اها منهنجي ذاتي راءِ آهي. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ ۾ آءٌ جيڪا وڏي ۾ وڏي ڳالهہ سمجهان ٿو سا اها آهي تہ اڄ جي genetic engineering جي زماني ۾ هاڻي اها ڳالهہ ثابت ڪري سگهجي ٿي تہ جن قومن کي پٺنجو هزارين سالن جو ڪلچر آهي، ٻولي آهي، انهن جا جيڪي وارث آهن، انهن کي geans ۾ اهي ڳالهيون ملن ٿيون. (تاڙيون).

جمال کي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي genetic ورهاست مليل ۽ سندس انهيءَ ذات، ڪهاڻيءَ ۾ ڪيس اهو درجو ڏنو جيڪو ڪو بہ پائي نہ سگهيو آهي ـ تہ ان استاد جي حيثيت سان، جيئن مون عرض ڪيو تہ مون کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ هن کي ڪهڙي لقب سان، سواءِ ان جي تہ "ادا جمال! شل تون اجا ڪافي وقت جيئرو رهين." جيئوٽيڪ اسان وٽ سنڌ ۾ هاڻي جيئري رهڻ جا سبب نہ رهيا آهن. اها غنيمت آهي تہ جمال ۽ اياز جن اسان کي سنڌي ادب ڏنو ۽ ان ادب جي ذريعي اسان کي زنده رهڻ سيکاريو. خدا ڪري اهي اسان سان گڏ رهن ۽ اسان جي رهنمائي ڪندا رهن، پر جيئن مون عرض ڪيو تہ اسان وٽ سنڌ ۾ هاڻي زنده رهڻ جو سبب ڪو نہ رهيو آهي. ممڪن آهي تہ وري بہ جمال ۽ وري بہ اياز ڪي اهڙيون شيون لکن، جو اسان ۾ نئون اُتساهہ ۽ نئين ڳالهہ پيدا ٿئي ۽ اسين سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ وري زنده رهي سگهون. مهرباني (تاڙيون).

## ممتاز مرزا :

مهرباني سراج. شيخ اياز صاحب سان جڏهن مون ٽيليفون تي گفتگو ڪئي هئي تہ شيخ اياز صاحب مون کي چيو هو "مون کي تقرير تہ ڪا نہ ڪرڻي پوندي؟" پر دل جي حجت ۽ نهايت عقيدت ۽ احترام سان آءٌ ڪين گذارش ڪندس. سندن طبيعت ٺيڪ ڪانهي، تنهنڪري اِتي ئي ويٺي ويٺي، جيئن پاڻ جمال تي هڪڙو مفصل ڪتاب پيا لکن، انهيءَ حوالي سان، هڪ دوست ۽ رفيق

ڪار جي حيثيت ۾ اسان کي اجوڪي ڪچهريءَ ۾ چند لفظ ٻڌائين ته، سندن مهرباني. شيخ اياز صاحب! (تاڙيون).

## شيخ اياز:

مان conservationist ته آهيان. ڏهه پندرهن ڏينهن اڳ ۾ "پروڙ" (هڪ سنڌي رسالو) وارن کي ٽي ڪئسٽون، ٻئي پاسا، ٻن ڪلاڪن ۾ مسلسل ڳالهائي، ڀري ڏنيون، پر مان Orator ناهيان. هڪڙي برجسته تقرير جو اهل ناهيان ۽ اُها ڳالهه مون سپرد ڪئي آهي رباني کي، پليجي کي ۽ ٻين دوستن کي. دراصل ڪو وقت هيو جڏهن مان orator به هيس. جمال صاحب کي يادگيري هوندي ته، اسان Law ڳڏ پڙهندا هياسين. مان Debating Society جو سيڪريٽري به هيس. سنڌ ۾ مان واحد ماڻهو هئس، جنهن المشرقيءَ کي دعوت ڏيئي لا ڪاليج ۾ گهرايو هو جنهن اُتي تقرير ڪئي هئي.

جمال صاحب جي هن ڪتاب جي مان کي خبر ڪا نه آهي. ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ پاڻ فرمايائون ته، "تون مهاڳ لک." مان هن ئي وقت ڏهه ٻارهن ڪتاب لکي رهيو هيس، جن مان ڏهاڪو کن ڪتاب ته پورا ٿي چڪا آهن، جن کي درست ڪري رهيو هيس. اُهي ڏهه ٻارهن ئي ڪتاب مون هن بيماري جي حالت ۾ گهڻو ڪري سڄيون راتيون بستري تي ليٽي ليٽي لکيا هئا. قاضي منظر حيات، جيڪو هتي ويٺو آهي، منهنجا ڪتاب ڪاپي ڪندو آهي. هو شام جو منهنجي ڊائري ڏسي ويندو هيو ۽ صبح سان اچي ڏسندو هيو ته، انهيءَ ۾ 40 صفحا وڌيڪ لکيل هوندا آهن. (تاڙيون).

انهيءَ جي باوجود مون موت کي در کان ٻاهر ڌڪو ڏئي چيو ته، "مان مصروف آهيان. مان کي تنهنجي لاءِ هن وقت، وقت ڪونهي ۽ جنهن مهل ضرورت پئي ته، گهرائي وٺندس." ته جمال صاحب جو فون آيو ته، "تون مهاڳ لک." مون هن کي پنهنجي مجبوري ٻڌائي ته، "جي مان مهاڳ جي سلسلي ۾ پيس ته، مون کي "پشو پاشا" سڄو وري ٻيهر پڙهڻو پوندو جنهنڪري منهنجو هيءَ ڪم disturb ٿي ويندو. ان ڪري جيڪر انهيءَ کان معافي ڏيو ته، چڱو ٿيندو." پوءِ ٻيهر فون ڪيائين ته، "چڱو هڪڙو صفحو پنيان لکي ڏي." مون اتي ئي هن کي ٽيليفون تي ڳالهائيندي چيو ته، "جمال! نثر پنڌ ڪندو آ. نظم رقص ڪندو آ. اهي ٻئي ڳالهيون بلڪل مختلف آهن، پر هاڻي جي تنهنجي فرمائش آهي ته، مان لکي ٿو ڏيان."

اڌ ڪلاڪ کان پوءِ مون هن کي فون ڪيو ته، مون پويون صفحو لکي ورتو آهي. انهيءَ ۾ مون لکيو ته، "نثر پنڌ ڪندو آ، نظم رقص ڪندو آ، پر مون جڏهن جمال جي ڪهاڻي "پيراڻي" پڙهي ته، مون کي محسوس ٿيو ته هوءَ ڇم ڇم

گهنگهرو ڇمڪائيندي اچي ٿي، رقص ڪندي اچي ٿي. اوچتو ڪا ڇيخ پوري آسمان کي چيري وئي ۽ اُها ڪماٽي اهو رقص ڪانڊن تانڊن تي ڪرڻ لڳي.“ مون اهڙي قسم جون ڪجهه پيون ڳالهيون انهيءَ ۾ لکيون هيون.

اسحاق ديبل نالي روسي هڪڙو short story writer هو جنهن کي اسٽالن مارائي ڇڏيو. هن ڇڙو هڪ ڪتاب Red Cavalry لکيو. اُهي ڪهاڻيون ايڏيون خوبصورت هيون، جو دنيا ۾ انهن جو مثال شايد گهٽ ملي. سندس انهيءَ هڪ ڪتاب جي ڪري ۽ سندس mortality جي ڪري ڪيس امرتا ملي چڪي آهي – ۽ جمال جي هڪ ڪتاب ”پشو پاشا“ جي ڪري ڪيس امرتا ملي چڪي آهي. (تاڙيون).

دراصل جمال سان مون زندگيءَ جو ڪافي عرصو گذاريو آهي. مون جمال کي چيو ته، ”مون پنهنجي ڪتاب ”ڳتين ڪر موڙيا.“ جيڪو 850 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن جا 350 صفحا پهرئين volume ۾ ڇپجي چڪا آهن، انهيءَ جو foreword جيڪو 200 کن صفحي تي ٻڌل آهي، مون پاڻ لکيو. انهيءَ ۾ فيڊو سقراط جي حوالي سان موت جو ذڪر ڪندي لکيو ته، سقراط جنهن مهل هيملاڪ پئي پيتي، اُن وقت سندس سڀ شاگرد هن جي پرسان ويٺا روئي رهيا هئا.

سقراط کين چيو ته، ”مان عورتون ان ڪري ٻاهر ڪڍي ڇڏيون ته، جيئن روج راڙو نه ٿئي. توهان مان کي جهليندؤ تڏهن به مان توهان کان ڀڄي نڪتو هليو ويندم. توهان ته ڇڙو منهنجو جسم وڃي دفنائيندو. ان کان پوءِ الياس ڊورس ۽ ڪرٽو! مان توکي هڪڙي وصيت ٿو ڪيان ته، اُها پاڙيندين؟“ هن چيو ته، ”استاد! ڇو نه پاڙيندس. “ چيائين، ”مان فلاڻي ماڻهوءَ کان هڪ ڪڪڙ ورتي هئي، اُها تون هن کي موٽائي ڏيندين؟ “ ڪرٽو چيس ته، ”ها، موٽائي ڏيندس.“ تنهن کان پوءِ سقراط هيملاڪ پي سمهي پيو.“

مون جمال کي فون تي چيو ته، ”جمال! سقراط هڪڙي ڪڪڙ پئي ورائڻ چاهي، توسان ته مان سوين ڪڪڙيون کاڌيون آهن.“

رباني جيڪا ڳالهه ٿو ڪري، اها بلڪل صحيح آهي. هن ته تمام ٿورا شهر ڏٺا آهن. پر سچو ٿر، بارش ۾ گهمندي، اسلام ڪوٽ تائين ويا هئاسين. اسان سان جمال، ابراهيم جويو، رباني ۽ رشيد ڀٽي مرحوم ساڻ هيا – ۽ پاڻ ۾ ڪچهريون ڪندا ٿي وياسين. هيڏي وري نئين ڳاج ۽ نئينگ ڏي وياسين. دادو سچو گهميوسين. سچو انتظام جمال ۽ سندس وڏي ڀاءُ مرحوم ڪمال، جيڪو ايڪسين هو ڪندا رهندا هيا اسان جي لاءِ.

جمال سان ايڏيون پياريون يادگيريون هيون، جو مان چيومانس، ”جمال! هاڻي تون جي مان تي ڪتاب نٿو لکين ته، مان پنهنجي لاءِ ڪو پيرو مل مهر چند نٿو ڇڏڻ چاهيان، جيڪو منهنجا سير ۽ سفر لکي. پنهنجا سير ۽ سفر مان يا تون لک،

جن اکين سان ڏٺا آهن ۽ تنهنجي سوانح حيات مان ٿو لکان، جي تون لکڻ چڏي ڏنو آهي." تنهن کان پوءِ جمال مون کي sittings ڏيندو رهيو. مان هن کان کي ويهارو کن sittings ڪري 365 صفحا نوٽس ورتم. جيڪي گهٽ ۾ گهٽ پوري هڪڙي ڊائري تي ٻڌل آهن. اسان ايترو وقت پاڻ ۾ گڏ گذاريو هيو سين. انهيءَ لاءِ مصلحتن روپوش ٿيو هئس، ته جيئن گهر پهچي زال کي instruction وغيره ڏيان. پوءِ ته مون کي ڪو نه هو اسان کي ته جيڪو چوٽو هوندو هيو سو علي الاعلان چوندا هياسين. جيڪا ڳالهه رباني صاحب توهان سان ڪئي آهي.

جمال صاحب ايل ايل بيءَ ۾ مون سان گڏ پڙهندو هو. اسان هاسٽل ۾ به گڏ رهندا هياسين. سنڌ مدرسي ۾ به گڏ رهندا هياسين ـ ته ڪلاس روم ۾ به ۽ گورنمينٽ هاسٽل ۾ به اسان گڏ رهندا هياسين. اُتي به مان هن جي character کي بلڪل watch ڪندو رهيس ۽ ڪيس هڪڙو فقير حال مثال ۽ بي مثال انسان ڏٺم. جنهن جي ڪن values سان total commitment آهي ۽ مون ڪيس انهن values تان ڪڏهن به ڦرندي نه ڏٺو. پوءِ سرڪاري نوڪريءَ ۾ به هيو ته اُتي به هو انهن values تان ڪڏهن به نه ڦريو ۽ نه وري ڪڏهن به ڪا ٽال مٽول ڪيائين، جيئن رباني صاحب توهان کي ٻڌايو. هتي هاڻ مان توهان جو وڌيڪ وقت وٺڻ نٿو چاهيان. ڪيس به تقرير ڪرڻي پوندي ۽ ڪجهه سوالن جا جواب به ڏيڻا پوندا، ته مان جڏهن به جمال کي ڏسندو آهيان ته مون کي حافظ جو هيءُ شعر ياد ايندو آ.

مست بگشتيو از خلوتي آن ملكوت
به تماشائي آشوب قيامت برخواست

يعني: "تون پنهنجي مستيءَ ۾ هليو وئين ۽ جيڪي ملڪوت جا خلوتي هئا، انهن جڏهن توکي ڏٺو ته هڪڙو قيامت جو پر آشوب هنگامو برپا ٿي ويو." ته هيءُ جمال اُها شخصيت ساز شخصيت آهي.

مان دنيا جو ادب، جيڪو منهنجي مُٺ ۾ آهي، اها ڳالهه مان هام هڻي ٿو چوان ته، شاعري ته نهيو ناول ته نهيا، پيون ڳالهيون ته نهيو پر مان شارٽ اسٽوري به هيمنگوي ۽ ماپا سان کان وٺي جرمني جي نوبل پرائز ونر Henrick Bull تائين پڙهي آهي ۽ انهن ۾ جيڪي به short stories مان پڙهيون آهن، انهن ۾ "پيراڻي" پنهنجي پائي جي short story آهي. (تاڙيون)

مان دوستن جا نالا وٺي هنن کي خطاب نه ڪيو چاهيان ته سيئي منهنجا دوست آهن. جنهن ڪري نالن وٺڻ ۾ ٿي سڄي رات پوري ٿي وڃي ها، ان ڪري چڙو جمال صاحب کي خطاب ڪري توهان کي ۽ سيني يارن کي خطاب ڪيو. هن دعا سان ڳالهه پوري ٿو ڪيان ته، خدا! هن کي اجا به ڪتاب لکڻ جي طاقت ڏي، جي پاڻ نه لکيائين، ته اهو ته منهنجو واعدو آهي ته مان هن جي سوانح حيات لکندس ۽ انهيءَ صنف ۾ منهنجو اهو پهريون ڪتاب ٿيندو. (تاڙيون)

**ممتاز مرزا :**

مهرباني سائين! ڪچهري ۾ سوال جواب ڪرڻ کان اڳي جمال صاحب شروع ۾ اچڻ سان، مون کي چيو ته، ”آءٌ اڳواٽ ڳالهائي ڇڏيان، پوءِ آرام سان ويهي ٻڌان. جنهن کي جيڪو وڻي، سو چئي،“ پر اسان سندن اها ڳالهه نه مڃي. ڪين هاڻي عرض آهي ته، پاڻ پنهنجي باري ۾ ۽ اجوڪي ڪچهريءَ جي باري ۾ جيڪو ڪجهه فرمائڻ چاهين يا جيڪو ڪجهه لکيو اٿن، اهو ٻڌائين. سائين جمال صاحب به اِتي ويٺي، پنهنجي ڳالهه ڪندا. (تاڙيون)

**جمال ابڙو:**

سائيو! مان ڪلچر ڊپارٽمينٽ سنڌ، عبدالحميد آخوند صاحب ۽ ممتاز مرزا صاحب جو ٿورائتو آهيان، جن جيئري ئي ڪنهن اديب جي سالگره ملهائڻ جي روايت وڌي آهي. اڳي به شايد (اهڙو ڪو پروگرام) ڪيو هجين، ته ڪيو هجين، پر مون کي ڪو نه ٿو سُجهي. ہي ڳالهه جيڪا مون کي ڪرڻي هئي، سا اها ته، جيئڻ امر جليل صاحب چيو ته، 'تقرير ڪرڻ نه ٿي اچي،' واقعي صحيح ڳالهه آهي (مون کي به تقرير ڪرڻ نه ٿي اچي). فنڪار جڏهن سرجندو آهي ته، سڄي دنيا جو نچوڙ چڱاين جو، براين جو، پنهنجي علم جو، پنهنجي جذبي جو گڏ ڪري هڪڙو جوالا مکي ٿي پوندو آهي. پوءِ اُهو ڪٿان به ڦاٽي: ساز ۾ ڦاٽي، آواز ۾ ڦاٽي، قلم ۾ ڦاٽي، پر هڪڙي ڳالهه ۾ ٿيندو آهي، تقرير ۾ نه ٿيندو آهي. مون کي به تقرير ڪرڻ ڪو نه ايندي آهي. انهيءَ ڪري مان به لکي آيو آهيان.

مون پهريون سمجهيو ٿي ته، منهنجا يار دوست اچن ٿا، عبدالله ميمڻ جهڙا. آسڪر وائلڊ چيو آ ته، I love my friends for their follies and enemies for their virtues سو مون چيو ته، اڄ مان پنهنجا دوست ڏسندس ته، ڪهڙا ٿا منهنجي follies تي، منهنجي اوڳڻن تي ڳالهائين. ڪنهن به ڪو نه ڳالهايو ... معنيٰ، سڀ منهنجا enemies آهن! (جو منهنجا اوڳڻ نه ٻڌايائون) سو مان به چار اکر لکي آيو هيس ۽ ڀانيم ٿي ته، (فقير محمد) لاشاري صاحب مون تي تنقيد ڪندو، پر هن به نه ڪئي.

شيخ اياز مون کان پڇيو ته، ”جمال تو ڪڏهن کان لکڻ شروع ڪيو؟“ مون چيو ، ”جمڻ کان اڳي. منهنجو حيات جيوڙو يعني ڇِهن هزار سالن کان هڪ شخص کان ٻئي ۾ منتقل ٿيندو هزار سالن جي تجربن ۽ عملن مان واقف ٿيندو غارن، جهنگلن، درياهي ماترين، واهن، واهڙن سان لاڳاپا سانڍيندو نيٺ 19 هين صدي ۾ منهنجي ڏاڏي عمر خان ۾ اُتپن ٿيو. “ ڏاڏو عمر خان صوفي منش هو ۽ عمر فقير سڏائيندو هو. ڏاڏو سياڻو سيبتو ۽ ماناڻتو ماڻهو هو. پنج پٽ ٿيس، پنجن کي ئي سنڌ مدرسي ڪراچي ۾ پڙهايائين. ڪٿي ماڏي، گوزي، ورند واڻٽي واري فريد



Gul Hayat Institute

آباد ۾ شاه گودڙي وارا جبل ۾ ڪٿي ڪراچي! منهنجو حيات جيوڙو وري منهنجي ڏاڏي مان منتقل ٿي منهنجي والد علي خان ابڙي جي پنيءَ ۾ ويو. ڪٿي هڪ ڳوٺڙي 'سانگيءَ' جو نحيف، ضعيف ڇوڪرو ڪٿي سنڌ جو پهريون مسلمان، جو مئٽرڪ ڪان وٺي ايم. اي. تائين سڄي بمبئي يونيورسٽي ۾، هر امتحان ۾ پهريون نمبر ايندو رهيو. (تاڙيون) ...

..: سادو اهڙو جو انگريزن جي ان اوائلي دؤر ۾ چيائين ته، "مان ماستر ٿيندس ۽ ٻارڙن ۽ ماسترن کي پڙهائيندس." اهڙو ٿي ڏيکاريائين. جو انگريز صاحبن لکيو ته He is an ideal educationist يعني تصوراتي تعليمي ماهر. ٻئي هڪڙي انگريز صاحب لکيو "He works with missionary sprit" . عمر فقير جا پيا پٽ بہ منفرد هئا. بہ پٽ شير علي ۽ علي محمد تہ خدا جا برگزيده بنده ٿيا. وڏو چاچو علي نواز انگريزي دان هوندي بہ گيڙو رتا ڪپڙا پائيندو هو ۽ چمٽو ڪڻندو هو. سچل جو سڄو رسالو برزبان ياد هوندو هئس. اونهاري جي گهٽ ۾ پوسٽ وارين راتين ۾ سڄي سڄي رات سچل جو ڪلام جهونگاريندي گذاريندو هو. چوڻ ٿا تہ، "چور اچي موٽي ويندا هئا تہ، فقير علي نواز جاڳي پيو."

دوستو! اهو حيات جيوڙو هزارن سالن جو سفر ڪندي علم، تجربي، عادتن ۽ اخلاقن جو ذخيرو اڳ ۾ ئي کنيو اچي. اهو سلسلو عجب وڃي ٿو 'قالو بليٰ' تائين پهچي. تنهن ڪري سچل سچ چيو ته، "مان جوئي آهيان، سوئي آهيان. "سيني کي اها ئي تانگهہ ۽ آنڌ مانڌ رهي ٿي ته، انهي سچ کي ڳولهي ڦولهي، سونهن جو جلوو پسان يا پنهنجي اصل سان ملان! ان لاءِ واٽن جي تلاش جاري رهي، جا اڃا بہ جاري آهي. سچوءَ تہ short cut ڪري چيو ته، "هُئين تان پاڻ اصل، ٻول نہ ٻي ڪنهن ڳل!" سچي ست چئجي تہ، پڌائي ٿو تہ،

"عشق منجهاران عبد سڏائي،
هُئين تان پاڻ اصل، ٻول نہ ٻي ڪنهن ڳل"

هاڻ اُها واٽ ۽ راهہ ڪهڙي؟ تنهن جو وڏن ، فيلسوفن ۽ فقيرن اهو ڏس ڏنو آهي. شاه لطيف مسلسل ڪتڻ ۽ چرخو چورڻ جو ڏس ڏنو آهي. سچوءَ بہ چيو ته، "جو دم غافل، سو دم ڪافر!" معنيٰ مسلسل ڄڏوجهد. نفس سان ۽ معاشري جي خرابين سان (ٽڪر) ـ يعني هر غلط ڪاري جي مخالفت ۽ چڱائي جي معاونت. هٿ نبي سڳوري صہ بہ ايئن فرمايو ته، منهنجي نبوت جو مقصد ئي آهي اخلاقن کي زور وٺائڻ. ايمان جو مقصد ئي اهو سمجهايو ته، "جتي بہ خرابي ڏسو ان کي بزور بازو نہ، تہ بہ بزور زبان روڪيو!" ان کان وڌيڪ ٻي مثبت انقلابي واٽ ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ هڪ مسلم فلسفي علي بن ابي طالب با اخلاق ۽ با ڪردار ۽ ڪميڻي ۽ شريف جو مفهوم سمجهائيندي فرمايو ته، "ڪميڻو اُهو جنهن سان نرمي ڪيو تہ سخت ٿي وڃي ۽ سختي ڪيو تہ نرم ٿي وڃي ... ۽ شريف اهو

جنهن تي نرمي ڪيو ته، وڏيڪ نرم ٿي وڃي ۽ سختي ڪيو ته وڏيڪ سخت ٿي وڃي!"

اياز صاحب پنهنجي هڪڙي ڪتاب ۾ لکيو آهي ته، ٿامس پين هڪڙو فلسفي هو تنهن چيو ته، سڀ پراپرٽي چوري آهي. ملڪيت سڄي چوري آهي. " علي بن ابي طلب چيو ته، "جتي به ملڪيت گڏ ٿيل ڏسو، اُتي سمجهو ته غلط طريقا استعمال ٿيا آهن! "هاڻي، ان جو دائرو تمام وسيع آهي: چور بازاري، سمگلنگ، ملاوت، سفارش، رشوت سڀ ان ۾ اچي ٿا وڃن. ته ادب جي دنيا ۾ انهي ڪان بهتر مقولو ڪو ٻڌائي ته، مان مڃان ته 'شريف اهو آهي، جنهن تي سختي ڪيو ته، وڏيڪ سخت ٿي وڃي، نرمي ڪيو ته وڏيڪ نرم ٿي وڃي ۽ ڪميڻو اُهو جنهن سان نرمي ڪيو ته سخت ٿي وڃي ۽ سختي ڪيو ته نرم ٿي وڃي.' (تاڙيون)

اها آهي صحيح واٽ يا صحيح راهه. سونهن ۽ سچ ڪي پاڻ جي يا اصل ڪي سڃاڻ جي واٽ. اها واٽ آهي چڱائيءَ جي، نيڪي جي. ان کان سواءِ ڪو به مثبت انقلاب، ترقي يا تمدن ناممڪن آهي. برائيءَ جي مخالفت ۽ روڪٿام ڪرڻي آهي ۽ چڱائيءَ لاءِ به اُڏمو ۽ حمايت ڪرڻي آهي. ان کان سواءِ سودو سقلو ڪو نه ٿيندو. ڪي صوفي سڳورا حد اورانگهي لاحد ۾ هليا ٿا وڃن. ماڏو لعل حسين چيو ته، "البيلي ڪيوين ڪتي؟ "شاه سائين به ان مقام تي پهچي چيو ته،

ڪِرت واريون ڪيتريون، ڪرت ڪبو ڪوهه،
تون پارس آءُ لوهه جي سِڃين ته سون ٿيان.

پر ظاهر آهي ته اڳ ۾ البيلي ٿيڻو پوندو. پارس جيسين لوهه کي سِڃين، تيسين ڪتڻ ۽ ڪنبڻ جي واٽ آهي. ڇپون ڇپر گهٽ ڪرڻيون پونديون. تتي تڏي ڪاهڻو پوندو. گهاگهائي گهڙڻو پوندو. هوت اوس ايندو پر ڪجهه تون به اڳيرو ٿي، مٿان پروچ ته چوي ته ڪميڻيءَ مان ڪين ٿيو! مهرباني.

(تاڙيون)

Gul Hayat Institute

**ممتاز مرزا:**

مهرباني جمال صاحب! هاڻي سوال جواب جيڪڏهن ڪنهن کي ڪرڻا آهن. انهيءَ کان اڳ هڪڙي اعتراف جي ڳالهه ڪري ڇڏيان، جيڪا مون کان رهجي وئي. هيءُ تصوير ۽ ڪتاب جي ٽائيٽل واري تصوير محترم خدا بخش ابڙي تمام وڏو سيشن ڪري ڇڪي آهي جيڪا اسان ڪلچر ڊپارٽمينٽ طرفان سائينءَ جي خدمت ۾ پيش ڪئي آهي. اهو ئي فوٽو گراف سندن ڪتاب جو ٽائيٽل ڪوَر به آهي. هاڻي جيڪڏهن ڪن دوستن کي جمال صاحب جي فن، شخصيت ۽ تحريرن جي باري ۾ ڪي سوال جواب ڪرڻا آهن ته سائين اوهان جي آڏو آهي. سوال ڪريو سائين ڪجهه نه ڪجهه جواب ڏيندو.

# سوال جواب

**امرجليل:**

تنقيد جي حوالي سان ڪجھہ تنقيد نگارن جي طرفان پڇڻو آهي، ڇو جو مون تي بہ ان جو ڪافي اثر آهي. اسان جو سڀ کان بهادر دوست طارق اشرف بہ ان ڳالھہ تي.تنقيد ڪندي مون سان اٽڪي پوندو هو. ٽئي ڇا ٿو تہ اسان مختلف دؤرن ۾ لکندا ٿا رهون. هڪ ڪهاڻي اڄ کان ٽيھہ سال اڳ لکي، هڪڙي ڪي پنجويھہ سال ٿي ويا، هڪڙي ڪي ويھہ سال ٿي ويا. پوءِ مجموعو ڇپرائڻ لاءِ ان ڪي ترتيب ڏيڻ لاءِ، انهن ڪهاڻين کي نظر مان ڪيڊڻ لاءِ ڪڍون ٿا تہ پوءِ ان ۾ ڪي جملا ٺيڪ ٿا ڪيون، ڪي جملا نٽا وٺن تہ انهن کي ڪيڍي ٿا ڇڏيون يا انهن کي replace ٿا ڪيون ۽ هڪڙي نئين ڍنگ سان ان کي اُتاري ٻيھر تيار ڪري publish ٿا ڪرايون، ان قسم جي practice هر هنڌ مروج آهي.

ڪنهن بہ ليکڪ، جڏهن ڪنهن رسالي ۾ ڪا ڪهاڻي ڇپائي ۽ اها وري جڏهن پبلشنگ جي لاءِ وڃي ٿي تہ، ان کي هو وري هڪ دفعي نظر مان ڪيڍي ٿو ۽ ان کي درست ٿو ڪري، پر ڪجھہ تنقيد نگارن ۽ نقادن جي اها راءِ آهي تہ، ايئن نہ ٿيڻ گھرجي، ۽ ان لاءِ هُو هڪ تمام وزندار argument ڏين ٿا تہ ايئن ڪرڻ سان ليکڪ جي جيڪا evolution آهي، اڳ ۾ لکيل لکيت جو وڌاءُ وڌندو ٿو اچي ۽ اڳتي ان جي خبر ڪو نہ ٿي پئي. هاڻي اوهان ان ۾ اسان جي رهنمائي ڪريو ڇو تہ هينئر منهنجو هڪڙو ڪتاب تيار پيو ٿئي. ڪتاب publish ٿيڻو آهي، جنهن ۾ منهنجي پهرين ڪهاڻي بہ آهي، جنهن کي مان rewrite پيو ڪيان.

هاڻ اهو ڪيستائين درست هوندو تہ، اها ڪهاڻي، جيڪا مون اڄ کان ٽيھہ ٻتيھہ سال اڳ لکي، ان کي مان وري rewrite ڪري ڇپرايان؟ ادبي لحاظ کان اهو ڪيستائين درست آهي؟ ايئن ٿيڻ گھرجي يا نہ؟

Gul Hayat Institute

**جمال ابڙو:**

سائين! مان ڪو دانشور ڪو نہ آهيان، جو وائس چانسلر (امر جيل) مون کان اچي اهڙا سوال پڇي، مان دانشور ڪو نہ آهيان، مان تہ هڪڙو عام لکندڙ آهيان. ان سوال جو جواب دانشورن کان پڇو شيخ اياز کان پڇو رسول بخش پليجي کان پڇو سائين ابراهيم جويي کان پڇو باقي، مون تہ پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ ايئن ڏٺو آهي تہ، مون (جڏهن بہ پنهنجي ڪا ڪهاڻي) وري پڙهي آهي تہ مون کي هڪڙي بہ اکر کي ڦيرائڻ جي ضرورت نہ پئي آهي. (تاڙيون) نثر بہ هڪڙو نظم آهي سائين! جيڪڏهن هڪڙو اکر هڪڙي هنڌان ڪڍي ٻئي هنڌ ٿا رکو تہ وزن ڪري ٿو پئي. مون تہ ايئن ڏٺو آهي تہ، اکرن کي يا رڳو هڪڙي جملي کي يا رڳو

هڪڙي سٽ ڪي متائجي يا جيڪڏهن هڪڙو اکر هڪ هنڌان ڪٽي ٻئي هنڌ رکجي ته اِهو وزن ۾ ڪِري ٿو پئي.

## امر جليل:

سائين! ٻيو سوال هيءُ ته، جيئن مون عرض ڪيو ته، سنڌ سان هڪ لاڳيتي، مسلسل ۽ continuous situation آهي، جيڪا هلندي ٿي اچي. ان جو گراف آهي جيڪو چڙهندو ٿو رهي، جيڪو هيٺ نه ٿو وڃي. جن ون يونٽ ڏٺو ۽ ون يونٽ جي دوران جن struggle ڪئي، انهن مان اسان جا دوست ناصر موراٿي ۽ سراج وينا آهن. اهي سڀ شاهد آهن ته، اهو دؤر ڪنهن به صورت ۾ هن دؤر کان ڪو سستو يا سولو يا آسان ڪو نه هيو جيڪو هينئر اسان ڏسون ٿا. وڌو خوفناڪ ۽ هيبتناڪ دؤر هو جنهن مان گذرياسين. اسان ان particular situation واري دؤر ۾ جيڪا perpetual ۽ constant آهي، ان هڪڙي مسلسل صورتحال ۾ اسان لکون ٿا پيا.

ظاهر آهي ته ليکڪ پنهنجو مواد immediate surroundings ۽ جيڪي ڪجهه هن جي سامهون ٿئي ٿو يا هن جي مشاهدي ۾ اچي ٿو ان مان هو پنهنجو raw material پنهنجي ڪهاڻين يا پنهنجي شاعريءَ جي لاءِ ڪٽي ٿو ۽ هڪڙو خاص مقصد يا نظريو هن کي لکڻ جي لاءِ motivate ٿو ڪري create ڪرڻ لاءِ هن جي اندر جيڪا جوالا آهي، سا ڪم ڪندي ٿي رهي. ان صورتحال ۾ اڪثر unfortunate situation اهڙي پيدا ٿي ٿئي، جيڪا گهڻو ڪري ماڻهو پڇندا آهن ته، فلاڻي ليکڪ ڪجهه لکيو آهي؟ يا لکڻ ڇڏي ڏنو اٿس؟ ان جا ٻيا ڪي راز يا ٻيا ڪي سبب به ٿي سگهن ٿا. سائين! ڇا اها frustration ۽ مايوسي ليکڪ کي give-up ڪرڻ واري tendency طرف ته نه ٿي ڪٽي وڃي؟ ڇو جو اِن ۾ اوهان جو حوالو ڪونهي.

مثال طور هڪڙي موضوع يعني سنڌ سان ٿيندڙ نا انصافين تي لکي لکي هزارين ڪهاڻيون لکجي ويون. هزارين غزل، گيت، نظم الائي ڇا ڇا لکيو ويو. پر ٿئي ڪجهه ڪو نه ٿو. اسان انْ جو ڪو نتيجو ڪو outcome ڪو نه ٿا ڏسون. result اسان کي نه ٿو ملي. fruit اسان جي سامهون نه ٿو اچي. اسان جي رهنمائي ڪريو ته، ڇا ان مان frustration واري صورتحال پيدا نه ٿيندي؟ اسان ڏينهن رات محنت ڪيون ٿا پر هيءَ ڪهڙي قسم جي ڌرتي آهي، جنهن مان ڪجهه ڪو نه ٿو نڪري، هر هلايون ٿا، سڀ ڪجهه ڪيون ٿا، پاڻي ڏيون ٿا، رت جو ريج ڏيون ٿا ان کي، پر ڪجهه ڪو نه ٿو نڪري. ڇا اها صورتحال اسان کي Frustration يا ultimately فرسٽريشن طرف ته نه وٺي ويندي؟

Gul Hayat Institute

**جمال ابڙو:**

سائين! اهي بہ سوال آهن: هڪڙو تہ frustration تا چئو frustration ڇو ٿيندي؟ جيڪي ڪجهہ توهان ڪيو آهي، جيڪي ڪجهہ ٻين ڪيو آهي، شيخ اياز ڪيو آهي يا ٻين ڪيو آهي يا رباني ڪيو آهي، انهن جو نتيجو بلڪل اهڙو بيٺو آهي، جو سنڌ ٻري پئي. سنڌ جو ٻچو ٻچو ٻري پيو. سنڌ جاڳي پئي، سنڌ زنده آهي، سنڌ زنده رهندي ڪير بہ اسان کي ختم نہ ٿو ڪري سگهي. (تاڙيون)

(پيو تہ) ڪير ٿو چوي تہ سنڌ ۾ ڪجهہ ڪو نہ ٿيو آهي. سنڌ ۾ اهو ڪجهہ پيو ٿئي جو تاريخ ۾ ڪڏهن ڪو نہ ٿيو. مهاڀارت ۾ بہ جڏهن ڪرشن پنهنجو گهوڙو هتي موڪليو هيو. گهوڙو موڪلڻ جو مطلب هوندو هو تہ مقامي ماڻهو آڻ مڃين. ان گهوڙي کي ڪو بہ نہ جهلي، پر سنڌين ان کي جهلي ورتو. حالانڪ سنڌ جو راجا جئہ درٿ (تازو ٿي مهاڀارت لڙائيءَ ۾) مارجي ويو هو. ان هوندي بہ ڪرشن جي گهوڙي کي جهلي بيهاري ڇڏيائون. اڄ بہ سنڌي ان نقطي تي بيٺو آهي، سنڌ ڏيڻ لاءِ تيار ڪو نہ ٿيو آهي... (تاڙيون)

... تہ مايوسي جي ڳالهہ ئي ڪانهي. قوم ڇا ٿيندي آهي؟ قوم ٿيندي آهي ڪلچر! هاڻي سڌي سنئين ڳالهہ تي اچون تہ، هڪڙو مهاجر ڪلچر آهي، ٻيو سنڌي ڪلچر آهي، جهيڙو جنگ! جيڪا ڳالهہ اسان جي ذهن کي جهنجهوڙي ٿي، سا آهي مهاجر ۽ سنڌيءَ جي. شهري ۽ ٻهراڙيءَ جو ڪلچر. اڄ توهان ٻڌايو تہ شهر جو ڪلچر ڇا ۾ ٻهراڙيءَ جي ڪلچر ڪان مٿي آهي؟ عقل ۾، اخلاق ۾، مهمان نوازي ۾، درياءَ دلي ۾، معاف ڪرڻ ۾، هر ڳالهہ ۾ اسين وڏيڪ آهيون، سو سنڌي ڪلچر هر ڳالهہ ۾ وڏيڪ آهي ۽ اهو ڪلچر ضرور prevail ڪندو. اهو نہ مرندو. (تاڙيون)

**امر جليل:**

سائين! آخري سوال هيءَ تہ، جيئن مون عرض ڪيو تہ هن دفعي ڪتاب پڙهندي مون محسوس ڪيو تہ اوهان جي پهرين ڪهاڻي "مان مڙد" ۽ ان کان وٺي ويندي آخري ڪهاڻي "لاٽ" تائين جنهن ۾ مستري (جو ڪردار) آهي، هر ڪهاڻيءَ ۾ ٻار (جو ڪردار) آهي. جيئن 'مان مڙد' تہ ان ۾ ٻارن جو روڄ راڙو ٻارن جي آواره گردي، بدتميزيون سامهون ٿيون اچن. (ڪهاڻي 'بدتميز' ۾) مئجسٽريٽ جي ڌيءَ ۽ وري ڳوناڻو جيڪو پنهنجو علاج ڪرائڻ ٿو اچي ۽ هن سان گڏ هِن جو ننڍڙو ٻار آهي.

'پيراڻي' تہ آهي ئي سڄي ٻارڙي جي اسٽوري. 'شاهہ جو قر' ڪهاڻيءَ ۾ 'ممڙي' جيڪا مريم آهي، ۽ 'بدمعاش' ۾ هڪ شخص جي، دنيا جا جيڪي بہ انتهائي master pieces تي سگهن ٿا، جي characterization، منظر ڪشي يا



Gul Hayat Institute

پئنٽنگ ڪئي وئي آهي، ان "بدمعاش" ۾ هن جي لائف ۾ ٽرننگ پوائنٽ ان وقت ٿو اچي، جڏهن هو هڪڙي هنڌ پهچي ٿو. گهر کي لٽڻ ۾ ان کي برباد ڪرڻ لاءِ اُتي هڪ رانديڪي تي پير ٿو اچي ويچس ۾ رانديڪو پچي ٿو پئي ۾ ننڍڙو ٻار هن کي حرامي ٿو چئي. اُتي هن جي سچي زندگي ۾ شخصيت ۾ چڻ هڪ turn ٿو اچي وڃي. ايئن دين محمد پنهنجي پٽ جي علاج جي لاءِ 'منهن ڪارو' ۾ ريشمي پڙ ٿو لاهي. اهڙي نموني ويندي آخر تائين هر ڪهاڻيءَ ۾ ٻار جو وجود توهان جو conscious effort آهي يا stream of consciousness ۾ ايئن ٿي ويو آهي، ڇو جو ٻار symbol ٿو ٿئي future جو. ڇا ان وانگي توهان ان کي استعمال ڪيو آهي؟

## جمال ابڙو:

سائين! مون جڏهن به لکيو آهي، مون کي consciousness نه رهي آهي. لکڻ وقت ايئن محسوس ٿيندو آهي، ڄڻ ڪا شيءِ آڏو ناهي، يعني ٽيبل، ميز ڪرسي، پٽيون به گم تي ٿيون وڃن ۾ ماڻهو هڪڙي خلا ۾ هليو ٿو وڃي. تنهنڪري stream of consciousness چئو يا ڇا به چئو مون اهڙي نموني سان لکيو آهي. باقي ٻار جي علامت ته پنهنجي جاءِ تي آهي. ٻار future جي اُميد آهي. جڏهن ٻار ڄمي ٿو ته، سمجهجي ٿو ته، الله تعاليٰ اڃا انسان ذات مان نااُميد نه ٿيو آهي. حضور سائين صلي الله عليہ وآلہ وسلم فرمايو ته، "جيڪو ٻار ڪان ۽ گلن کان محروم آهي، سو زندگي کان محروم آهي! ... (تاڙيون)

ٻار ته هڪڙي عجيب شيءِ آهي. اسان زندگي کان محرومي ته ڪڏهن ڪا نه ڏني آهي. زندگي مان هميشه خوش آهيون ۾ اميد آ ته اها اڳتي وڌندي رهندي جيئن منهنجي ڪهاڻي 'لاٽ' ۾ هڪڙو ماڻهو ويچارو ڊرائيور سلهه ۾ وڃي مري ٿو وڃي، ته به هن جا ٻارڙا ڄڻ ته ڪنول ڪُليا بيٺا آهن. ته سڄاول جي سينور ۾، سِر جي بيٺل پاڻي ۾ مون ڏٺو ته ڪنول ڪليا بيٺا آهن. سو زندگي روان دوان آهي. زندگي بيهندي ڪا نه. سنڌ نه ڪو مرندي، نه ڪو سنڌ مرڻي آ. (تاڙيون)

هيءَ پنهنجي ڪرڻي پرڻي آ، پر سنڌ اياز نه مرڻي آ،
هيءَ رات به نيٺ گذرڻي آ، تو ڇو گهبرايو آ پيارا !

## راز شر:

سائين جمال صاحب جي شخصيت جي حوالي سان آئون رباني صاحب کان سوال ڪندس ته، سائين جن ڪتاب لکيو آهي "جهڙا گل گلاب جا." اِهو ٻن واليومز ۾ آهي. سائينءَ جن هن وقت تقرير ڪندي هڪڙي تشبيهه ڏني ته، جمال

ابڙو صاحب سدا بهار گل آهي. هنن پنهنجي واليومز ۾ ٻن ٽن فوجي جرنيلن جو به ذڪر آهي، پر سائين جمال صاحب جو ذڪر ناهي. ان جا ڪي ڪارڻ؟ مهرباني!

## غلام رباني آگرو:

منهنجي پاءِ جيڪو سوال ڪيو اهڙي قسم جو سوال پيِن به ٻن ٽن دوستن ڪيو آهي. حقيقت اها آهي ته، الاهي سارا خط اسلام آباد ايندا رهيا آهن، نهايت محبت وارا، تصور کان مٿي. مون کي خبر ڪا نه هئي، جيئن جمال ڇيو بلڪ جمال ان ڳالهه جي تائيد ڪئي آهي ته، سنڌ زنده ۽ امر آهي... ته انهن خطن ۾ اها خوشبوءِ هوندي، پر انهن ۾ اهو سوال هوندو آهي ۽ خاص طرح سان اياز جو، جمال جو ۽ اسان جي پيِن ساٿين جو ذڪر هوندو آهي، جيڪو ڏوڙ اسان جو گذريو. سو ان باري ۾ منهنجا مٺا! عرض اهو هيو ته بظاهر هڪڙي ڳالهه سامهون اچي ٿي، پر ان جي پس منظر ۾ حقيقت ٻي ٿئي ٿي. ڇاهي ته اسلام آباد ۾ اسان جو جيڪو ماحول آهي، جليل، منهنجو پاءِ به اسلام آباد ۾ ويٺو آهي ته، It is a city of grades , it is a city of servants . هيءَ 21 هين گريڊ جو آهي، ته ان وٽ ويٺو ناهي، هاڻي بابا مصيبت ٿي. پاسي ۾ ماڻهو ويٺو آهي، ڪا همدردي نه رکو ڪا دلچسپي نه، ڪا expectation نه رکو! پوءِ اُهو ماڻهو پنهنجي frustration کي ڪيئن overcome ڪري؟ مون کي واندڪائيءَ جو جيڪو وقت ملندو هو آءٌ ٽن چئن سالن کان پيو لکندو هئس، جن کي توهان خاڪا ڪٺي چئو يا پيو ڪجهه، ان ۾ منهنجو conscious effort اهو هيو ته، آءٌ فقط انهن جي باري ۾ لکان، جيڪي هيءُ جهان ڇڏي ويا آهن.

توهان ڏسندؤ ته علامه صاحب تي مون لکيو ۽ اُهو جڏهن ڇپجي ويو ته پوءِ ان جي ڇپجڻ جي صورت آئي ته، اڳيان به تي اکر لکي ڇڏيا. سو هيءُ ان طرح ٿيو. هاڻي انهيءَ ۾ توهان ڏسندؤ ته، فقط به ماڻهو منهنجا contemporary يا همعصر آهن، هڪڙو اسان جو يار هيو، جنهن جو اياز صاحب هينئر ذڪر فرمايو رشيد ڀٽي مرحوم ۽ پيو اُتي اسلام آباد ۾ منهنجو هڪڙو دوست ٿيو جيڪو مون سان گڏ هو. هن هڪ دفعي مون کان سوال ڪيو ته، "تون مون تي نه لکندين؟ " چيومانس: "مون توکي ٻڌايو آهي ته هيءُ انهن تي آهي، جيڪي هيءُ جهان ڇڏي ويا آهن، " ته منهنجا جيڪي contemporary ساٿي آهن، يار احباب آهن، الله سائين انهن کي تمام وڏي عمر ڏئي، جن ۾ ڪيترا توهان جي اڳيان مٿيادار ماڻهو ويٺا آهن، انهن جي باري ۾ به منهنجون تمام گهڻيون expectations آهن. الله سائين ۾ منهنجي اُميد آهي. الله اميدون پوريون ڪندو ته، پوءِ آءٌ هڪ نه، پر به ٽي ڪتاب پيا لکي سگهندس. جيڪو توهان سوال ڪيو اُهو conscious آهي. آءٌ توهان جي ان ڳالهه جي تائيد ٿو ڪيان.

Gul Hayat Institute

**غلام رباني آگرو:**

سوال: توهان جي ڪتاب ۾ انتساب آهي، جيئن توهان لکيو آهي، ”تنهنجي نالي، جنهن جي خبر صرف توکي آهي. منهنجي دل جي ننڍڙي ۽ ڪچڙي رباب کي تو پنهنجي آڱرين جي الف سان ڇيڙي ڇڏيو ... “ پوءِ ته اڳيان گهڻو ڪجهه (لکيل) آهي، پر اهو علامتي انتساب آهي يا ان جي پردي جي پٺيان ڪا ٻي شيءِ آ؟ (ٽهڪ)

**ممتاز مرزا:**

انهيءَ (انتساب) جي پٺيان تصوير ڇپيل آهي.

**جمال ابڙو:**

انهيءَ جو آخري حصو پڙهندؤ ته، انهيءَ ۾ لکيل آهي ته، ”دکي هزارين، لکين، ڪروڙين دليون اڃي مليون!“ ته هيءُ سڀ علامتي آهي چو ته هيءُ سڄي ملڪ جي انهن ڪروڙين دلين کي انتساب آهي، جيڪي جڏهن پاڻ ۾ ملن ٿيون ته، پاڻ ۾ ڏک ونڊين ٿيون ۽ هڪ ٻئي کي ٻڌائين ٿيون ... هيءُ بلڪل علامتي آهي، پر ڪنهن دکي دل جي لاءِ آهي.

**ممتاز مرزا:**

منهنجي خيال ۾ اهو علامتي انتساب ته ڪونهي ڪو. منهنجي خيال ۾ کوهه جي تري ۾ ڪو اجا ٻيو ڏيڏر آهي، جنهن جي جمال سڃي نه ٿو ڪري. (ٽهڪ)

Gul Hayat Institute

**غلام رباني آگرو:**

معنيٰ جيڪو دکي ناهي، سو پاڻ کي انسان نه سمجهي. (ٽهڪ)

**جمال ابڙو:**

دکي ماڻهو آهين!

**انور پيرزادو:**

سوال: جمال صاحب جي لکڻ ڇڏي ڏيڻ جي حوالي سان اڄ رباني صاحب explanation ڏني، پر اسان جمال صاحب جي واتان ٻڌڻ چاهيون ٿا ته هن لکڻ چو ڇڏي ڏنو؟ ڇا اهو possible آهي ته اهو سلسلو وري شروع ٿي سگهي؟

## جمال ابڙو:

سائين! اهو تہ ڪنهن وقت بہ شروع ٿي سگهي ٿو بشرطيڪ فنڪار ۾ هن ۾ فن ۾ جذبو زنده هجي. اسان بہ زنده آهيون. اسان پوڙها آهيون، پر جذبو زنده آهي. (تاڙيون)

ٿي سگهي ٿو اسان اجا ڏيون، پر لکڻ واقعي ان جي ڪري بند ٿيو جو مان ڪورٽن جي ماحول، نوڪريءَ ڪمرن، ڊرائنگ رومن ۾ آفيسري ماحول ۾ بند ٿي ويس. عوام سان منهنجو واسطو ئي نہ رهيو. منهنجو ايمان آهي تہ، لکندو اُهو جنهن جو عوام سان واسطو هوندو ۽ عوام جي مسئلن سان واسطو هوندو. (تاڙيون)

جيڪڏهن عوام کان ڪٽجي ويو تہ، هو لکي نہ سگهندو. نہ رڳو عوام سان واسطو پر عوام جي هلچل ۾ جڏهن شامل ٿي ٿو وڃي تہ، هو وڌيڪ صحيح لکي ٿو. هاڻي مان بہ اِنهن سيني ڳالهين کان ڪٽجي ويس. هٿ جي تڪليف تہ مون کي ٿي، برابر جو مان لکي نہ سگهندو هئس. سرڪاري depositions لکي لکي اهڙي حالت ٿي وئي، جو مان هتي ڊاڪٽر ذڪي حسن، جيڪو نيورو سرجن آهي، کي اچي ڏيکاريم. هن مون کي چيو (سندس لفظ مون کي اجا تائين ياد آهن) تہ، You have been writing what you dislike to write so either give it up or reconcile with it. سو مون چيو تہ،" give-up ڪري ڪو نہ ٿو سگهان، ڇو تہ اهو منهنجي روزگار جو مسئلو آهي. جيستائين reconciliation جو تعلق آهي تہ دل نہ ٿي ڪري." عجب آهي، جو ماڻهو سمجهن ٿا تہ جج کي هر قسم جي ڳالهہ اچي ٿي. اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانهي، ڇاڪاڻ تہ هو موقعي تي تہ وڃي ئي ڪو نہ ٿو. جيئن رباني صاحب ڳالهہ ڪئي تہ، هڪڙي ماڻهوءَ پاري ۾ نانگ ويهاري زال کي چيو تہ، "وڃي ڪڍي اچ. " سو ، نانگ ان کي ڏنگي وڌو. جنهن تي مڙس چيو تہ، "نانگ ڏنگيس، سو مري وئي."

پيو هڪڙو ڪيس ٿيو. مان شڪارپور ۾ هئس. ڊاڪٽر حيدر خان پٺاڻ سول سرجن هو. مون کي سڏايائين تہ،"شام جو مون وٽان ٿي وڃ." هاڻي ڊاڪٽر حيدر خان جهڙي مٽيادار شخص ۽ چڱي ماڻهوءَ مون کي سڏايو سو هليو ويس. مون کي هڪڙي مائيءَ جو لاش ڏيکاريائين، جنهن جي پيٽ ۾ ستن مهينن جو ٻار هو. چيائين تہ، "مڙد جو خون رات جو هڪ ٻي بجي ٿيو آهي. هيءَ مائي ڏينهن جو ڏهين يارهين بجي قتل ٿي آهي. ٻنهي کي ڪارو ڪاري ماريو اٿن." چيائين تہ، "هنن جون پاڙ ۾ سڄي رات ڳالهيون ٻولهيون هليون تہ، ڇا ڪيون؟ ڇا نہ ڪيون؟ هاڻي اهو خون ڪيئن لوڙهيون؟ سو ان مائي کي ڪٺي مارين. هيءَ عورت پنهنجي مڙس نہ ماري، پين ماري. " هاڻي جتي اهڙيون ڳالهيون ٿين، اُتي ماڻهن جو ذهن ۾ جذبو ئي ڪُند ٿي ٿو وڃي، تہ اُتي ماڻهو ڇا لکندو؟

اهڙا ڪيئي واقعا آهن. ڪجهہ ڏينهن ٿيا، اخبارن ۾ آيو تہ، هاڻي موت جي سزا ختم ٿي ويندي. هڪڙن ڇوڪرن ڇا ڪيو جو پيءُ کي، جيڪو پوڙهو هو تنهن کي دسي ڇيو تہ، "ابا! هاڻي توکي ٿا ڪُهون. دشمن جو داغ تہ ڌوئون. " سو انهيءَ کي ڪُهي ڇڏيئون. پوءِ ايف. آءِ. آر. داخل ڪرايائون تہ "فلاڻا فلاڻا آيا، جيڪي اسان جي پيءُ کي ڪُهي ويا." هاڻي ٻڌايو تہ، ماڻهو ڇا لکي؟ باقي مون لکيو آهي، ايئن ڪونهي تہ نہ. جڏهن "سينڌ" لکڻ لاءِ مون کي چيئون تہ، مون لکيو. ڇاڪاڻ تہ جنسيات جي موضوع تي لکڻ جو وٽي فيشن ٿيو. هر ڪو جنسيات تي پيو لکي. جنسيات تہ هڪڙو مقدس رشتو آهي. مقدس ۽ با مقصد. انهي ڪري مون "سينڌ" لکي، جنهن ۾ مون جنسيات جي مسئلن تي لکيو تہ انهن کي ڪيئن درست ڪري سگهجي ٿو؟ اهي ئي ڳالهيون آهن. باقي هاڻي ڪو چشڪي بازي لاءِ يا اُگهاڙپ لاءِ لکي تہ، اها غلط ڳالهہ آهي، تہ جتي بہ ڪنهن صحيح موڙيا لاڙي ڏيڻ جي ضرورت پوي ٿي تہ، ماڻهو لکي ٿو وجهي.

ان کان پوءِ مون اسلام آباد ۾ لکيو هو جڏهن رباني‌ءَ اسان کي اُتي گهرايو تہ ، ماڻهن چيو "جمال وڪامجي ويو. سرڪار ۾ هليو ويو." اُتي ضياءُ الحق صاحب اچي تقرير ڪئي تہ، "ڇا جي گُهٽَ ، ڇا جي ٻُوسٽ آهي؟ سڀ ڪجهہ عاليشان لڳو پيو آهي، ملڪ first class آهي. کُلي هوا آهي، فضا آهي، توهان گُهمو ۽ عيش ڪريو. ڪتابن کي ساڙي ڇڏيو لائبررين ساڙي ڇڏيو."

رباني صاحب کي ياد آهي تہ، مون اُنهي رات افسانو لکيو هو: "اسلام آباد." صبح جو امر جليل مون وٽ آيو. ڇيومانس: "ادا ! هيءُ وٺ." چيائين: "ڪا اخبار نہ ڇپيندي: " مون چيو: "اردوءَ ۾ ترجمو ڪري هلائينس، هلي ويندو. " چيائين: "تہ نہ، اردو وارا بہ ڪو نہ ڇاپيندا. " پوءِ هتي (سنڌ ۾) جڏهن آيس، تہ شابس هجي ۽ يلو ٿئي يوسف شاهين جو جنهن ڇيو تہ، "مان ڇپيندس، پر ان جو عنوان مٽائينس. " پوءِ اِن جو عنوان "اسلام آباد" مان مٽائي "فرشتو" رکيم، جنهن ۾ ضياءُ الحق کي عزرائيل سڏيو ويو آهي. (تاڙيون)

تہ اهي صحيح وقت تي صحيح ڳالهيون اسان لکيون، جڏهن ضياءُ الحق جهڙو ڊيڊ ڊڪٽيٽر اچا زندهہ هو تڏهن مون لکيو. تہ اهو وقت جي ضرورت آهي. لکون ٿا تہ، لکي ٿا وجهون. ايئن ڪونهي تہ نہ ٿا لکون.

## سوال:

انساني تاريخ جو ننڍي کنڊ ۾ خاص طور سنڌ جي هڪ شخص جو قتل ٿيو (ذوالفقار علي ڀٽي جو)، جنهن کي judicial murder ڇيو ٿو وڃي، ان تي توهان ڇا feel ڪيو؟



Gul Hayat Institute

**جمال ابڙو:**

سائين! ان جو مون تي چا، سڄي دنيا تي اثر ٿيو. سڄي سنڌ مفلوج ٿي وئي. پنڌ پهڻ ٿي وئي هئي، سڄي دنيا ۾ ان جو اثر ٿيو هو.

**سوال:**

جمال صاحب! توهان ڪافي عرصي کان وٺي سرڪار جي مختلف کاتن ۾ مختلف عهدن تي رهيا آهيو ۽ جج جي حيثيت ۾ بہ ڪم ڪيو آهي. انهن عهدن تي جڏهن ماڻهو اچي ٿو تہ، ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان اهڙا ڪي force، اهڙا ڪي ماڻهو هوندا، جن توهان جي مٿان ۾ توهان جي قلم جي خيال جي مٿان پنهنجي حاڪميت مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي. جيترو عرصو توهان پنهنجي service ۾ رهيا آهيو ان دور جو اهڙو ڪو واقعو جيڪو توهان کان ڪرايو ويو هجي يا اهڙي ڪا ججمينٽ، جنهن کي توهان وساري نہ سگهيا هجو يا توهان کان ڪو اهڙو ظلم ٿي ويو هجي، جنهن جو توهان اعتراف ڪرڻ چاهيو؟

**جمال ابڙو:**

سائين! اهڙو ڪو بہ واقعو ڪو نہ ٿيو آهي، جيڪو مون پنهنجي ضمير جي خلاف ڪيو هجي. (تاڙيون)

ها! اهڙا واقعا ٿيا آهن، جو مون کي چيو ويو تہ، هيئن ڪر ۽ مون قطعي انڪار ڪيو آهي. مان تہ معمولي sub judge هوس، پوءِ مون کي سيشن جج ڪيو ويو. هاءِ ڪورٽ جي ججن جڏهن چيو تہ، ”هيئن ڪر، تہ مون صاف انڪار ڪيو تہ، ”مان ايئن نہ ڪندس.“ (تاڙيون)

آخري مثال: توهان اخبارن ۾ پڙهيو هوندو تہ، جڏهن حسين هارون صاحب (سنڌ اسيمبليءَ جو) اسپيڪر هو تہ، هن قاعدن ۽ قانونن کي ريتي ڪجهہ ڪرڻ گهريو ٿي، پر مون هن کي ايئن ڪرڻ نہ ڏنو ۽ مون چيو تہ: ”ائين نہ ٿيندو.“ مون هن کي صاف چيو تہ، ”سائين! نہ ڪرسي جو توهان بکيو آهيون، نہ مان بکيو آهيان. توهان مون کي چئو تہ، مان سياڻي هليو وڃان ۽ پئي ڏينهن هليو ويس.“ (تاڙيون)

پوءِ هن منهنجي پنيان آرڊر ڪڍيو تہ his services are terminated.

مان هن کي صاف چئي آيس تہ، ”مان هاڻي وڃان ٿو. هاڻي منهنجي ضرورت نہ توکي آهي، نہ مون کي تنهنجي ضرورت آهي. حڪومت rules جي هوندي آهي.“ چيائين، ”مون کي ڪو power ڪونهي؟“ مون چيو: ”پاوَر rules کي هوندو آهي، پاور قانون کي هوندو آهي، پاور ڪنهن ماڻهوءَ کي ناهي هوندو. individual کي نہ هوندو آهي، ڪنهن فرد کي نہ هوندو آهي، ان ڪري توکي rules موجب هلڻو پوندو.“ انهي ڳالهہ تي پاڻ ۾ نہ نهياسين ۽ پاڻ ڏاڍو gracefully هليا آياسين.

Gul Hayat Institute

**سوال:**

توهان 'سنڌ انٽليڪچئل فورم' ۾ به شامل هئا؟

**جمال ابڙو:**

سائين! ان ۾ مون کي رڳو ميز جو گلدستو ڪري رکيو ويو هو، سو مان اجا تائين آهيان. (تاڙيون)

**ممتاز مرزا:**

مهرباني سائين! هاڻ گهڻو ٿيو. بهتر ٿيندو جو اسين جمال صاحب کي وڌيڪ تڪليف نه ڏيون. اسان جا جيڪي محترم سائين ويٺل آهن، انهن کي عرض ڪندس ته اڄ جي يادگيريءَ جي تحت هن ڪتاب تي پنهنجا دستخط ڪن، ته جيئن هيءُ ڪتاب Sindh Archives ۾ محفوظ ڪريون.

**جمال ابڙو:**

ڏنئي بادشاهه! هٿ ئي نه ٿو هلي! (جمال صاحب ڪافي مشڪل سان دستخط ڪئي).

**ممتاز مرزا:** هاڻي (مهمانن لاءِ) چانهه حاضر آهي.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# تنقيدي مضمون

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# حقيقت نگاريءَ جو هڪ مثالي ليکڪ

ڊاڪٽر غلام علي الانا

سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ ڪافي پراڻي آهي. سنڌي ادب ۾ ڪهاڻيءَ جي شروعات، نٻيڏي کنڊ جي مشهور ڪهاڻي نويسن، جهڙوڪ: ٽئگور، ٽالسٽاءِ، گورڪي، چيخوف، پشڪن، موپاسان ۽ ڪرشن چندر وغيره جي ڪهاڻين جي ترجمن سان ٿي. اهي ترجمو ٿيل ڪهاڻيون، اُن دور جي سنڌي رسالن ”ڀارت جيون“، ”آشا“ ۽ ٻين رسالن ۾ ڇپيون هيون. اوائلي ڪهاڻين جي ترجمي ڪرڻ ۾ جن جن ڪهاڻي نويسن حصو ورتو انهن ۾ گوبند مالهي، ميلا رام منگترام واسواڻي، جڳت آڏواڻي، سڳن آهوجا، ديوسڀاڻي، سرائي اميد علي ۽ دلدار حسين موسويءَ جا نالا اهم آهن.

ان دور جو مشهور رسالو هو ماهوار ”سنڌو“، جيڪو 1932ع ۾ ٻولچند راجپال پهرين شڪارپور مان ۽ پوءِ جيڪب آباد مان شايع ڪندو هو. هي رسالو ملڪ جي ورهاڱي تائين جاري رهيو. هن رسالي ۾ ترجمو ٿيل ۽ پوءِ طبعزاد ڪهاڻيون به شايع ٿيڻ لڳيون. سنڌو رسالي ۾ جن جن ڪهاڻي نويسن جون ڪهاڻيون ڇپيون انهن ۾ مرزا نادر بيگ، چيتمل پرسرام گلراجاڻي، لالچند امر ڏنومل، عثمان علي انصاري، آسانند مامتورا، گوبند مالهي، امر لعل هڱوراڻي، ڀڳوان لالواڻي، سائين داد سولنگي، شيخ اياز ۽ لطف الله بدوي خاص ليکڪ هئا. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ اوائلي طبعزاد ڪهاڻي نويسن جي نالن جي فهرست پڻ ڏني آهي.

جمال ابڙي صاحب جي افسانه نويسيءَ جي فن ۾ خصوصيت تي ڪجهه لکڻ کان اڳ، ڀارت جي مشهور سنڌي نقاد پروفيسر جڳديش لڇاڻيءَ پنهنجي تحقيقي ۽ تنقيدي ڪتاب ”سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر“ ۾ ڪهاڻيءَ جي فني ۽ فڪري اهميت جي باري ۾ صفحي 16 تي فرمايو آهي ته:

”ڪهاڻي هڪ ساهت — روپ آهي ۽ ساهت آهي ڀاشا ذريعي جيون ۽ جڳت جو اظهار. هي ساهت — روپ جيون جي چترڻ ۽ وشيشڻ ۾ ڪارگر هئڻ سبب، اڄ وشو ادب ۾ سڀ کان لوڪ پريه ساهت — صنف جي روپ ۾ مقبوليت حاصل ڪري چڪو آهي. انساني من جي گهرائيءَ کان وٺي، هن وسيع وشو جا سمورا ڪارناما، ڪهاڻيءَ جي دائري اندر اچي سگهن ٿا!

Gul Hayat Institute

ڪهاڻيءَ ۾ حقيقي زندگيءَ تي وڌيڪ زور ڏنو ويندو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ بيان ڪيل زندگي، اسان جي حقيقي زندگيءَ تي آڌار رکندي بہ مکيہ طور، ان زندگيءَ کان الڳ ۽ خاص ڪري محدود ۽ گهري هوندي آهي“.

پروفيسر لڇاڻي اڳتي صفحي 18 تي لکي ٿو تہ :

”ڪهاڻي پاڻکن کي سڀ کان وڌندڙهڪ ساهتڪ صنف آهي. سماج جا سيئي طبقا هن ساهت – روپ مان لطف ماڻين ٿا. امير، غريب، ٻار ۽ ٻيڙا، خاص ۽ عام سيني لاءِ ان ۾ دلچسپيءَ جو سامان موجود هوندو آهي“.

پروفيسر لڇاڻي ۽ ٻيا سڀ نقاد هن راءِ جا آهن تہ ڪهاڻيءَ ۾ ڪو نہ ڪو مقصد هئڻ ضروري آهي. بنا مقصد جي هر ڪهاڻي بيڪار هوندي آهي.

2. ماهرن جو خيال آهي تہ ڪهاڻيءَ جو شروعاتي مقصد هو وندر، ورونهن، ايڊيشن ۽ سماج سڌار دنيا جي سيني ٻولين جي شروعاتي ڪهاڻين ۾ وندر يا پڙهندڙن جي دلين کي وندرائڻ ئي مقصد رهيو آهي، پر آهستي آهستي ڪهاڻيءَ جو اهو مقصد، زندگيءَ جي مسئلن جي باري ۾ لکڻ طرف راغب ٿيو. ان ڪري زندگيءَ جي سچاين ۽ ڳجهارتن جو اظهار ئي ڪهاڻيءَ جو مقصد رهيو. پر هاڻي ڪهاڻيءَ جو مقصد وندر ۽ ورونهن نہ آهي. اڄ جي جديد ڪهاڻيءَ جو مقصد، انساني زندگيءَ جي مسئلن تي روشني وجهڻ ئي آهي.

3. جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي شروعات جي باري ۾ شري لعل پشپ، گوبند مالهي، پروفيسر جڳديش لڇاڻي ۽ ڊاڪٽر منوهر متلاڻي توڙي ٻين نقادن پنهنجا رايا ڏنا آهن. گوبند مالهيءَ جي راءِ جو حوالو ڏيندي ڊاڪٽر منوهر متلاڻي لکي ٿو تہ:

”سنڌي ادب ۾ ڪهاڻيءَ جي شروعات جو 1936ع ۾ مارڪسواد جي اثر هيٺ، ترقي پسند ليکڪن جي آغاز کان اڳتي، ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻيءَ سنڌي ڪهاڻيءَ کي ترقي پسند واري نظرئي طرف موڙي ڇڏيو هو. مرزا نادر بيگ، آسا نند مامتورا ۽ امر لعل هنگوراڻي بہ، اٽسڏيءَ طرح، ڄيٺمل پرسرام جي ترقي پسند نظرئي واري اثر کان آجا نہ رهيا. اها ساڳي ويچار ڌارا، گوبند مالهيءَ جي رچنائن ۾ نظر اچي ٿي. ”اڳتي قدم“، ”رک ڇپتي“ ۽ ”ناني سگهڙ سياڻي“ ڪهاڻيون، اهڙيءَ راءِ لاءِ حامي ڀرين ٿيون. ترقي پسند دور، سنڌي ادب لاءِ عام طور تي ۽ سنڌي ڪهاڻيءَ لاءِ خاص طور تي نئون دؤر هو“.

4. ترقي پسند دور ۾، سنڌي ڪهاڻيءَ ترقي ڪئي. هي دور هڪ لحاظ کان سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ کان سواءِ، آزاديءَ لاءِ هلچل جو دور هو. هي دور ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان سواءِ ٻين بہ ڪيترين ئي بين الاقوامي تحريڪن وارو دور هو. جنهن ۾ سنڌي سماج، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب تي وڏو اثر ٿيو.

انهن بين الاقوامي تحريڪن جي اثر جي ڪري، سنڌي ڪهاڻي ۽ ٻين صنفن جا موضوع سياسي ۽ سماجي لاڙن کان پاڻ کي بچائي نہ سگهيا. انگريزن

Gul Hayat Institute

جي خلاف نفرت، هندو – مسلم اتحاد، زميندارن، جاگيردارن، وڏيرن ۽ ڪامورن جي ظلم جا احوال هن دور جي سنڌي ادب جا موضوع بڻيا. هن دور ۾ ڪيتريون ئي ڪهاڻيون، ناول ۽ ڊراما لکيا ويا ۽ شاعرن، شاعري به ڪئي، سماجي، سياسي ۽ اخلاقي موضوعن واري شاعري به هن دور ۾ ڪئي وئي.

سنڌي ڪهاڻيءَ ۾، هن دور ۾ جن جن ڪهاڻي نويسن خاص طور بهرو ورتو انهن ۾ گوبند مالهي، گوبند پنجابي، شيخ اياز شيخ 'راز'، ڪيرت ٻاٻاڻي، آنند گولاڻي، اتم، جيوت نرياڻي ۽ اياز قادريءَ جا نالا ذڪر ڪرڻ جي لائق آهن.

1947ع ۾ ملڪ جو ورهاڱو ٿيو ورهاڱي کان پوءِ شروع وارن سالن ۾، سنڌي ادب ۾ ماٺار اچي ويو. هندو اديب، شاعر ۽ اشاعتي ادارن جا مالڪ، سنڌ ڇڏي، ڀارت هليا ويا. انهيءَ ڪري ڪجهه عرصي لاءِ سنڌي ادب جي تحريڪ ۾ جمود اچي ويو. پوءِ جيئن جيئن ملڪ جون حالتون بهتر ٿينديون ويون، تئين تئين ادبي ۽ ڪتابي سلسلا شروع ٿي ويا. سنڌ ۾ 'اڳتي قدم'، 'پرهه ڦٽي'، 'ٽماهي مهراڻ'، 'نئين زندگي'، 'روح رهاڻ'، 'سهڻي'، 'مارئي' ۽ 'سوجهرو' جهڙا رسالا به شايع ٿيا. انهن رسالن، 'ڪهاڻي' جي صنف جي واڌاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

وڏي ڳالهه هيءَ به آهي ته هن دور ۾ ڪهاڻين جا مجموعا به شايع ٿيڻ لڳا. شروعاتي دور ۾ ڪهاڻين جا جيڪي مجموعا شايع ٿيا. انهن ۾ 'ڊاڪ بنگلو'، 'پنهل کان پوءِ'، 'گل ۽ مکڙيون' مشهور مجموعا آهن. هن دور ۾ محترم حيدر بخش جتوئيءَ پڻ ڪي ڪهاڻيون لکيون، جن ۾ زميندارن جي ظلمن جي خلاف هارين کي سجاڳ ڪرڻ جهڙيون خوبيون هيون.

هن دور ۾ اڳتي هلي ٻيا به ڪيترائي رسالا شايع ٿيا، جن ۾ 'اسان جي منزل'، 'ادا'، 'فردوس' ۽ 'رهنما'، مشهور رسالا هئا. پر حقيقي معنيٰ ۾، ڪهاڻيءَ جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ 'نئين زندگي'، 'ٽماهي مهراڻ'، 'سهڻي' ۽ 'روح رهاڻ' قابل ذڪر رسالا آهن.

5. 1950ع کان وٺي 1970ع واري عرصي ۾ سنڌي ڪهاڻيڪارن، ڪهاڻيءَ جي صنف سان، سنڌي ادب کي مالا مال ڪري ڇڏيو. ان زماني ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ جيڪا ترقي ڪئي، تنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي.

اسان جو محترم جمال ابڙو هن دور جي پيداوار آهي.

جمال ابڙي صاحب جون ڪهاڻيون، ونڊر ۽ وروڻهن واري مقصد کان گهڻو اڳتي، عام سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي سماج جي ڏار ڏار مسئلن جي بيان سان پريل آهن.

جمال ابڙو صاحب پاڻ کي ترقي پسند ويچار ڌارا کان بچائي نه سگهيو. هن جي ڪهاڻين ۾ هارين نارين، مزدورن ۽ عام ماڻهن جي مسئلن جو ذڪر ڪيل آهي.

جمال ابڙو صاحب جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جو علمبردار آهي، جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو اٿم ته جديد سنڌي ڪهاڻي به جيئن ته ترقي پسند دور جي پيداوار



Gul Hayat Institute

آهي ۽ ننڍي کنڊ ۾ ترقي پسند ويچار ڌارا جي شروعات 1936ع ڌاري ٿي هئي، انهيءَ ڪري ترقي پسند ويچار ڌارا کان متاثر ٿيڻ ڪري جمال ابڙي صاحب جي ڪهاڻين ۾ سنڌي عوام جي جيوت جي عڪاسي نظر اچي ٿي.

محترم جمال ابڙي کان سواءِ هن دور جي ٻين ڪهاڻي نويسن ۾ ڊاڪٽر اياز قادري، حفيظ شيخ، عبدالغفور انصاري، علي احمد بروهي، ابن حيات پنهور، ڪروڙ پتي، بيگم زينت عبدالله چنا، نسيم کرل، سراج الحق ميمڻ، غلام رباني آگرو بشير موريائي، ثميره زرين، ع ق شيخ، شيخ عبدالستار حافظ شاهہ حسيني، راز بلڙائي، آغا سليم، محمد بخش جوهر، امر جليل، حميد سنڌي، شمس صديقي، خواجه سليم ۽ جمال رند جا نالا اهم آهن.

6. ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ بہ سنڌي اديب خاموش نہ رهيا. اتي بہ انهن، ناول، ڪهاڻيون ۽ ناٽڪ لکيا ۽ شعر وشاعري ڪئي. ڀارت ۾ افسانہ نويسيءَ ۾ جن ليکڪن ڀرپور حصو ورتو انهن ۾ گوبند مالهي، گوبند پنجابي، ڪيرت ٻاٻاڻي، اتم، سندري اتمچنداڻي، موهن ڪلپنا، ايشور چندر، گوردن محبوباڻي ۽ ٻين ڪيترن ئي ليکڪن جا نالا پيش ڪري سگهجن ٿا.

7. ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ جمال ابڙو کي، ڪهاڻي نويسيءَ ۾ اهم مقام حاصل رهيو. سندس ڪهاڻين جو مجموعو پشوپاشا جي عنوان سان شايع ٿيو جنهن کي وڏي شهرت ملي. جمال صاحب کي، موجوده دور جي ڪهاڻي نويسن ۾ نمائنده ڪهاڻي نويس جي حيثيت حاصل رهي. سندس ڪهاڻيون فن، فڪر ۽ موضوع جي لحاظ کان منفرد حيثيت رکن ٿيون.

جمال جو اسلوب بيان ۽ ننڍن جملن واري عبارت، سليس ۽ عام فهم ٻولي، تشبيهن، استعارن ۽ ٻين خوبين سان ڀريل آهي. جيتوڻيڪ هن ٿورا افسانا لکيا، پر هن جو لکيل هر افسانو پنهنجيءَ جاءِ تي مجموعي حيثيت رکي ٿو.

1950ع واري زماني کان وٺي 1970ع ۾ ون يونٽ جي ٽٽڻ واري زماني تائين، سنڌ ۾ جيڪي ڪجهہ وهيو ۽ واپريو تنهن جو ذڪر ڪرڻ لاءِ هن مقالي کي گهڻو طويل ڪرڻو پوندو. مون کي فقط ايترو عرض ڪرڻو آهي تہ محترم جمال ابڙو هڪ حساس ۽ سنڌ دوست شخص هجڻ جي حيثيت ۾ سنڌ ۾ ٿيل ظلمن ۽ سنڌ جي عام ماڻهن سان ٿيندڙ واقعن کان ڪافي متاثر ٿيو.

8. مون کي هن دعويٰ ڪرڻ ۾ ڪابہ هٻڪ محسوس نہ ٿي ٿئي تہ سنڌي ادب جي ڪهاڻيءَ واري صنف ۾ محترم ابڙي کي جيڪو مقام حاصل ٿيو سو سندس همعصرن ڪهاڻي نويسن مان ٻئي ڪنهن کي بہ حاصل ٿي نہ سگهيو جيتوڻيڪ ترت پوءِ سٺا ۽ قداور ڪهاڻي نويس پيدا ٿيا. جمال صاحب جي اهڙيءَ ڪاميابيءَ جو راز سندس ٻولي، لفظن جو انتخاب، سندس انداز بيان، سندس ڪردار نگاري، حقيقت نگاري، ماحول جي عڪاسي ۽ سڀ کان وڌيڪ سندس ڪم آندل ٻوليءَ



Gul Hayat Institute

جي حسناڪي آهي.

جمال صاحب، سنڌي ڪهاڻيءَ کي، نئون رنگ ۽ نئون روپ ڏيئي، ان کي نئين انداز سان پيش ڪيو. سندس ڪهاڻين جو مجموعو پشوپاشا سنڌي سماج جي عڪاسيءَ جي لحاظ کان، بهترين سنڌي ادب جو هڪ بهترين شاهڪار آهي.

9. جمال صاحب پنهنجين ڪهاڻين ۾ سندس چوڌاري واري ماحول ۾ رهندڙ ڏتڙيل، سادن سودن ۽ سباجهن ڪردارن ذريعي حقيقت نگاري ۽ سچن واقعن جا نقش چٽيا آهن. جمال صاحب پنهنجي چوڌاري واري ماحول جو تمام گهرائيءَ سان مشاهدو ڪيو ۽ هن جيڪي ڪجهه محسوس ڪيو تنهن کي سليس ۽ عام فهم ٻوليءَ ۾ پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪيو. هن پنهنجين ڪهاڻين ۾ سماج جي ٺيڪيدارن ۽ سماج جي ٻنڌڻن خلاف آواز اٿاريو.

10. جمال صاحب ڪردار نگاريءَ واري خوبيءَ کي ڪماليت سان نباهيو آهي. سندس ڪهاڻين جا ڪردار ڪي ٻاهريان يا سنڌي سماج کان اوپرا نه آهن، پر هن پنهنجا ڪردار پنهنجي سماج مان ئي کنيا آهن. جمال ابڙي جا ڪردار اسان جا ڏٺل وائٺل، ڄاتل ۽ سڃاتل ڪردار آهن. جمال جي ڪهاڻين ۾ بيان ڪيل واقعا ۽ وارداتون به اٽڪر ۽ اوپريون نه ٿيون لڳن. انهيءَ لحاظ کان جمال ابڙو حقيقت نگاري يعني realism واري نظرئي جو ليکڪ رهيو آهي. 'بدمعاش'، 'شاهه جو ڦر' ۽ 'خميسي جو ڪوٽ' سندس بهترين ۽ سنڌي ادب جون نمائنده ڪهاڻيون آهن.

11. سنڌي ٻوليءَ جي برک ڪهاڻيڪاره ۽ ناول نگار محترمه مهتاب محبوب، حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جي مجموعي، 'درد ونديءَ جو ديس' ۾ صفحي 36 تي، حميد سنڌي صاحب جي باري ۾ جيڪو رايو ڏنو آهي، محترمه جو اهو رايو جمال ابڙي صاحب جي شخصيت سان به بلڪل ٺهي ٿو اچي. محترمه ماهتاب محبوب لکيو آهي ته :

”هڪ سچو ليکڪ پنهنجي تحريرن سان رڳو تڏهن ئي انصاف ڪري سگهي ٿو جڏهن هو پاڻ به انهن سان سچو هجي ... هن جي من ۽ ذهن مان لکڻ جا چشما، آبشارن جيان ڦُٽي نڪرندا هجن ... ۽ تڏهن ئي هن جون اهي جاندار لکڻيون، دل جي دروازي تي دستڪ ڏيڻ کان سواءِ من ۾ پهچي ويندڙيون آهن.“

جمال ابڙي صاحب به هميشه پنهنجي سچائيءَ ۽ نيڪ نيتيءَ سان لکيو آهي. هن، سچ جي عڪاسيءَ لاءِ لکيو آهي، ۽ زندگيءَ جي مختلف مسئلن کي، حقيقت نگاريءَ واريءَ خوبيءَ سان آخري گهڙيءَ تائين لکندو رهيو.

12. جمال ابڙي جهڙا ماڻهو امر هوندا آهن. اهڙا ماڻهو سدا حيات رهندا آهن. سنڌي ڪهاڻيءَ ۽ سنڌي ادب ۾ سنڌي ادب جي تاريخ لکندڙ محترم جمال ابڙي جي ڪيل علمي، سماجي ۽ ادبي خدمتن کي هميشه نمايان جڳهه ڏيندا.

Gul Hayat Institute

# سنڌي ڪهاڻي

## غلام نبي مغل

(94_1993 ڌاري ماهوار روح رهاڻ ۾ غلام نبي مغل جي ڇپيل انٽرويو مان ڪجهه ٽڪرا)

”... اها ڳالهه 1957 يا 1958ع جي آهي. آئون سنڌي ڪهاڻيون پڙهندو هوس پر مون کي نه وڻنديون هيون. ان وقت مون ڪرشن چندر، بيدي، منٽو ۽ موپاسان يا اوهينريءَ کي پڙهيو هو. انهن جي ڪهاڻين ۾ نه رڳو دلچسپي، پر موضوعن جي نواڻ پڻ هوندي هئي. مون کي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سواءِ وڏيري جي ظلم، هاريءَ جي مظلوميت ۽ هاريءَ جي ڌيءَ جي جوانيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نظر نه آيو. ۽ سواءِ ڪجهه ڪهاڻين جي، ٻين ڪهاڻين ۾ ٽيڪنيڪي ضرورتن ۽ پڙهندڙن لاءِ دلچسپيءَ جي اڻاٺ محسوس ٿيندي هئي.

... آئون حيدرآباد شهر جو رهاڪو آهيان، اتي ڄائو آهيان. منهنجا ابا ڏاڏا به انهيءَ شهر جا آهن. حيدرآباد شهر جي رهاڪن جي اڪثريت جو ان وقت وڏيرن جي ماحول يا انهن سان ڪو به واسطو نه هوندو هو. شهر جا ماڻهو پنهنجي ڪِرت يا ننڍين سرڪاري نوڪرين ۾ مشغول هوندا هئا. انهيءَ ڪري هڪ ته ٻهراڙيءَ جي ماحول ۽ ٻيو وڏيري ڪلاس جي ڪري پيدا ٿيل مسئلن جي، اسان شهري رهاڪن کي تمام گهٽ ڄاڻ هئي. آئون انڪري اربن ڪوٽا ( شهري ڪوٽا) جو سنڌي آهيان، ۽ پنهنجي شروعاتي دور ۾ فيوڊل سسٽم ۽ ان جي بدڪارين متعلق ذاتي مشاهدو نه هئم.

... مون ۽ ڪجهه ٻين دوستن انهن هيٺئين ڪلاس جي شهر ۾ رهندڙ ماڻهن جا مسئلا کنيا. اهو دور 1960ع کان شروع ٿيو ۽ انهن ۾ مون سان گڏ امر جليل، آغا سليم، طارق اشرف، علي بابا ۽ ٻيا دوست شامل رهيا. اسان سنڌي ادب جي ڪهاڻيءَ کي ٿورڙو موڙ ڏنو ۽ توهان اسان سان متفق ٿيندا ته پنجاهه جو ڏهاڪو سنڌي ڪهاڻيءَ جو مضبوط بنياد ضرور رهيو پر سٺ وارو ڏهاڪو سنڌي ڪهاڻيءَ جي عروج وارو زمانو آهي. اسان جا سيئي وڏا نالا سواءِ رباني ۽ جمال ابڙي جي، انهيءَ دور ۾ ڪهاڻيءَ جي حوالي سان ايترو مٿي ايري آيا جو سنڌي



Gul Hayat Institute

ڪهاڻي نہ رڳو اردو پر هر ترقي پسند ۽ ترقي ڪيل زبان جي افسانوي ادب سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي سگهي پئي.

جيئن مون پهرين چيو تہ مون ڪي شروع ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ ايترو متاثر نہ ڪيو هو هڪ ڏينهن هڪ دوست مون ڪي جمال ابڙي جي ڪهاڻي 'بدمعاش' پڙهڻ لاءِ ڏني ۽ چيو تہ ڏس سنڌيءَ ۾ ڪيتريون نہ سنيون ڪهاڻيون لکجن پيون. مون کي 'بدمعاش' ڪهاڻي واقعي وڻي، پر مون پنهنجي دوست کي چيو تہ اهڙي ڪهاڻي آئون بہ لکي سگهان ٿو. خاص ڪري ٻوليءَ جي محاورن، بيهڪ، ڀاڄڪن ۽ ڪردار نگاريءَ کي سامهون رکندي، ايئن مون هام هنئي.

اهو دور منهنجي ذهن جي پختگيءَ جو نہ هو پر الائي ڇو مون سمجهيو پئي تہ اهڙيون ڪهاڻيون آئون بہ لکي سگهان ٿو. ايئن مون پهرين ڪهاڻي 'ٽِڙ' لکي، جنهن ۾ ٺيٺ سنڌي محاورا، پهاڪا ۽ هڪ قسم جي نواڻ يعني twist in tail واري ٽيڪنڪ اختيار ڪيل هئي. ڪهاڻيءَ جو اهو انداز انهن ڏينهن ۾ منهنجي ذهن ۾ موپاسان، اوهينري، منٽو ۽ ڪجهہ ٻين ڪهاڻيڪارن کي پڙهڻ ڪري ڇانيل هو..."

Gul Hayat Institute

# سائين جمال ابڙو

غلام نبي مغل

آءٌ هڪ اديب جي حيثيت ۾، هڪ سنڌي اديب جي حيثيت ۾ نهايت ٿورائتو آهيان. سنڌ جي ڪراچي يونيورسٽيءَ جو سنڌي ڊپارٽمينٽ آف ڪراچي يونيورسٽي جي هڪ ٻئي شعبي شاهه لطيف چيئر ۽ انهن جي سربراهن سائين سليم ميمڻ ۽ ڀيڻ فهميده حسين جو جن جي ڪوشش سان هيءَ ادبي ريفرنس هت منقعد ٿي رهيو آهي. انهيءَ ڪان سواءِ آءٌ پنهنجا دلي تاثرات بہ هت پيش ڪريان ٿو. ڪراچي يونيورسٽي، سنڌ جي نهايت محترم وائس چانسلر جناب پيرزاده قاسم رضا صديقي جي خدمت ۾ جن جي معزز اداري، سائين جمال ابڙي جي شان ۽ مان لاءِ هيءَ ادبي ريفرنس منعقد ڪرايو آهي. اڳ بہ سندن مهرباني هئي جو اسان مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ سائين علي احمد بروهيءَ جي اهڙي ريفرنس ۾ شرڪت ڪئي.

اڄ اسين سائين جمال ابڙي جي ادبي، عملي خدمتن ۽ سندن اعلي شخصيتن کي خراج پيش ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون. کين ياد ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون. سندن ادب لاءِ تخليق ڪيل اکرن جي عظمت جي ميڃتا لاءِ حاضر ٿيا آهيون. بيشڪ جمال ابڙو ورهاڱي کان پوءِ جي جديد سنڌي ڪهاڻي جو اڳواڻ ۽ سرواڻ هو. اهڙن ليکڪن لاءِ ٿي جارج برنارڊ شا چيو:

The man, who writes about himself and his own time, is the only man who writes about all people and about all times.

سائين جمال تمام ٿورو لکيو پر تمام سٺو لکيو ۽ اهڙو لکيو جو ايندڙ گهڻي وقت تائين، ٿي سگهي ٿو تہ هيءَ سڄي صدي بہ سائين جمال جي لکڻين جو پڙلاءُ ٻڌي ۽ اسرندڙ نوان ڪهاڻيڪار پنهنجي ذهنن ۾ سندن ڪهاڻين جي پاچن کي محسوس ڪن. انهيءَ جو وڏو سبب اهو آهي جو سنڌ يا سموري ملڪ جون حالتون گذريل پنجاهہ سال بہ اهڙيون ئي رهيون آهن جن کي محسوس ڪري سائين جمال 1995ع تائين ڪُل 17 ڪهاڻيون لکي سگهيو ۽ آءٌ هڪ اديب ۽ هن

ملڪ جي شهريِ جي حيثيت ۾ سمجهان ٿو تہ ايڪيهين صديءَ جو عرصو اسان لاءِ اچا بہ ڏکيو ۽ عجيب تهذيبي ۽ سياسِي تبديلين جو وقت هجي، جنهن ۾ جاگرافيءَ ۽ تاريخ شامل هجي. ائين ٿي جيئن هاڻ سنڌو درياهہ تبديل ٿي نئن باران لڳي ٿو. اڳي سنڌو درياهہ جوش ۾ شهزور هئڻ ڪري پنهنجا ماڳ بدليندو هو. 1758ع ۾ آخري ڀيرو سنڌو درياهہ هالا وٽان پنهنجو وهڪرو بدلائي، نصرپور جي بدارن سيڪاٺ، گدو ڪوٽڙيءَ کان ٿيندو نئي سجاول وچان لنگهندو عربي سمنڊ ڏانهن ويو ۽ هڪ ٻيو دريائي بندر بہ اجاڙي ويو جنهن ۾ لاهري بندر بہ آهي جتان پورچوگيز ترخانن جي زماني ۾ سورهين صديءَ عيسوي ۾ اٺ جهاز فوجن جا پرائي نئي پهتا هئا ۽ جڏهن ڪين مقرر ڪيل رقم نہ ملي ۽ رقم ڏيڻ وارو حاڪم بہ نئي کان پري هو پورچوگيزن سڄي نئي کي لٽيو ۽ سڄي شهر کي باهہ ڏيئي جهاز واپس ورائي، سنڌو درياهہ اڪري، واپس عربي سمنڊ ۾ پنهنجي ماڳ ڏاهن هليا ويا. سنڌ جو ڌاريو حاڪم باهہ بہ وسائي نہ سگهيو ۽ ڏٺي تعاليٰ رحم ڪيو ۽ شهر جي مٿان ڪارا ڪڪر ڇانئجي ويا. ٽي ڏينهن لاڳيتو مينهن وٺو. شهر ۾ لڳل باهہ وسامي ويئي پر شهر ۾ رهندڙ دلين ۾ باهہ جا اُلا سانڍيو، شهر ڇڏي، جهنگ منهن ڪري ويا هليا. ٽر ويچي وساياڻون. جبلن تي چڙهي ڳوٺ بڌائون ۽ ٻيلن، هڙين ۽ ڪڇي جي علائقن کي وچي آباد ڪيائون تہ جيئن وري سٺ سمنڊ پار کان ڪهي وري ڪو ڌاريو سندن آباد شهر ساڙي نہ ۽ لٽي نہ. سنڌ عجيب ملڪ آهي. جت ڌاريا هميشہ اتر کان آيا، جوڪو هميشہ قنڌار کان هوندو هو، ڪابل ۽ ايران سدائين سنڌ کان مرشدن، ظالمن، ڌارين، حاڪمن ۽ سيد سڳورن  وانگر ڏن وصول ڪندا هئا. پوءِ سنڌ وارن مرشدن ۽ سيد سڳورن کي تہ هميشہ پاڻ وٽ رهائي ڇڏيو ۽ سندن خدمت چاڪري اچا تائين ڪندا اچن ۽ پاڻ کي امت جو ٽپو هٽائي مريد ٿي، جان بچائي ڪجهہ ڏٺي مڙيئي هلن ڦرن پيا. باقي حاڪم اچا ڌاريا آهن. رب جي اها ئي مرضي آهي ۽ سنڌ جا ماڻهو رب جي مرضيءَ اڳيان ڪنڌ ڪٽي ڪجهہ چوڻ جهڙا ناهن. ڌاريا حاڪم تہ ڌاريا آهن پر پنهنجا بہ ڌاريا ٿي لڳن ٿا. باقي رهيا ظالم جيڪي اڳي ڪابل، قنڌار، دهلي ۽ لنڊن کان ايندا هئا هاڻ تہ اسين پاڻ پنهنجي حدن ۾ ٿي خودڪفيل آهيون ۽ ظلم جا طريقا ۽ ماپا بدلجي ويا آهن. هاڻ سياسي ظلم، اقتصادي ظلم، تهذيبي ظلم، اڪثريتي ظلم ۽ اقليتي ظلم سڀ موجود آهن.

سائين جمال کي ادب سرجڻ ۽ تخليق ڪرڻ لاءِ اهو ئي پس منظر مليو. هن اهڙ ئي انسان ڏٺا جيڪي صدين کان گهٽائي جي دور چڙهيل هئا ۽ صوفين جي نرم روش ۽ امن جي راهہ تي هلندڙ هئا. اڳ اڳرائي ڪري خطا ڪونہ ڪندا هئا. منهن مونن ۾ وجهي غربت منجهہ گذاريندا هئا. سڄي دنيا جو خير گهري، رب کي ٻاڏائيندا هئا تہ سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪارا ! سڄي اوڻويهہ صدي ۽

اڏ ويهين صدي سنڌ جي ليڪڪن اشرافن جو ادب يا تہ تخليق ڪيو يا ترجمو ڪيو. هاڻ اهڙي ماحول ۾ جت هنڙا هاجا ٿيل هجن پنهور ۾ ملڪ به ورهاڱي جي ور چڙهي ويو. سنڌ جي سڃاڻپ ختم ڪري، نقشي. تان سنڌ هڪ پيرو وري ميسارجي ويئي. ماڻهن جي زبانن کي تالا هنيا ويا تڏهن سائين جمال جي شعور منجهان اهي ڪهاڻيون نسري نروار ٿيون تخليق ٿيون ۽ سماج ۾ باشعور ماڻهن ادبي توڙي تهذيبي پاسو ورايو ۽ سنڌ جي ادب حقيقت پسنديءَ جي وسيع ڪئنواس جي ذريعي ڌرتي تي ڦهليل صدين جي سورن ۽ ماڻهن جي پيڙهجي ويل ماڻهپي کي چٽي ظاهر ڪيو. ائين ئي جيئن 17 صدي جي آخر ۾ يورپ جي اديبن نيٺ پنهنجي ڌرتي ۽ سماج بابت انساني گهرج ۽ شعور جي نظر سان محسوس ڪيو تہ هي جيڪو داستانوي ۽ شرفاءَ جي طبيعتن مطابق ادب تخليق ٿئي پيو تنهن جي بهترين الفاظي ۽ اخلاقي نقطن جي بار هيٺ عوام جي اڪثريت پيڙهجي چڪي آهي. يورپي صاحبن، وڏيرن، مذهبي هڪ هٽي قائم ڪندڙن ۽ سرمايه دارن سان گڏ حاڪمن جي ڏاڍ مُڙسيءَ کي، ادب جي انقلابي حقيلت نگاري لاءِ نہ رڳو وائکو ڪيو پر پرپور طريقي سان ننديو بہ. انگلينڊ ۾ چارلس ڊڪنس، جرمني ۾ ٿامس پين، روس ۾ ترجينف، گورڪي، ٽالسٽاءِ، گوگول، فرانس ۾ والٽئر، ايمائل زولا ۽ ٻيا ڪيترائي شينهن جهڙا ليکڪ ٻاهر نڪري آيا ۽ ٻڌت سان گڏ انهن عظيم جهونن جي جاءِ وڏيڪ باشعور نوجوان پرينڊا آيا. اهڙي ريت اوڻهويهه ۽ ويهين صدي ۾ نہ رڳو يورپ، آمريڪا، لئٽن آمريڪا عظيم اديب، شاعر ۽ مفڪر پيدا ڪيا پر وچ اوڀر، آفريڪا ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ پڻ انسانن جي ٿين فڪر ۽ وقت مطابق نوان موضوع ادب ۾ اچڻ لڳا.

اهڙي ريت جڏهن اسين سنڌ کي ڏسون ٿا تہ گذريل ڪجهہ صدين ۾ ئي اسان کي سنڌ رڳو سورن ۾ نظر اچي ٿي. اهي سور گڏجي سڏجي ناسور جي شڪل ۾ 1947 ۾ هڪ نئين ۽ عجيب دؤر ۾ داخل ٿئي ٿي. پنجاهہ سال کان اهو ناسور ڪئنسر جي شڪل ۾ بدلجي رهيو آهي. سائين جمال بہ سنڌ جا اهي سور ان وقت محسوس ڪيا جڏهن هو ذهني طور باشعور ٿيو ۽ گذريل صدي جي پنجاهہ واري ڏهاڪي کان 1965ع تائين جيڪي ڏنائين ۽ جيڪي محسوس ڪيائين سو اسان کي هڪ ننڍڙي پر عظيم ڪتابڙي جي شڪل ۾ ڏيئي ويو آهي. هيءَ ڪتاب پشو پاشا جي نالي سان گذريل صديءَ جي سيٺ واري ڏهاڪي جي شروعاتي سالن ۾ ڇپيو جنهن ۾ 13 ڪهاڻيون هيون. جمال سائين جا ڪردار هن ڌرتيءَ جا هئا. ۽ ڌرتي جي هر انهيءَ حصي جا پڻ محسوس ٿيا ٿي جت سڀاجهڙا ڪمزور ماڻهو هوندا آهن ۽ جت انسان جي شڪل ۾ بگهڙ ۽ سوئر جي طبيعت رکندڙ پڻ هوندا آهن.

سائين جمال کي بہ سنڌ، پنهنجي باشعور ڏينهن ۾ نظر آئي جيئن گورڪي،



Gul Hayat Institute

ترجنيف، ڊڪنس، زولا، چيخوف ۽ ٽالسٽاءِ کي پنهنجا ملڪ ۾ ان ۾ رائج سماجي قدر نظر آيا. انهن عظيم ليکڪن پنهنجي ملڪ جي ڌرتيءَ لاءِ انقلابي حقيقت نگاري سان پرپور ادب جي پيڙهه رکي. ۽ انهي بنياد کي سندن ايندڙ کيترن ئي نسلن اڳتي وڌايو ۽ انهيءَ ادب نه رڳو سماج جي برائين کي ظاهر ڪيو پر انسان دوست ماحول کي تخليق ڪرڻ ۾ گهڻي رهنمائي ڪئي. اهڙي طرح سائين جمال جيڪي ڪردار ۽ ماحول جو جبر اسان وٽ ظاهر ڪري ڇڏي ويو تنهن کي ٻسنڌ جي اديبن ۽ شاعرن، گذريل صديءَ جي پنجاهه، سٺ، ستر، اسي ۽ نوي وارن ڏهاڪن ۾ گهڻو اڳتي وڌايو آهي پر تنهن هوندي به آءُ سمجهان ٿو ته اسان شايد پنهنجو فرض پورو نه نڀايو آهي. ڇو ته سنڌ ڌرتيءَ جو سماج ۽ ماڻهو سجاڳ ۽ ذهين ته ٿيا آهن پر جيڪا جاکوڙ سماج جي ڀلائي، ماڻهپي ۽ ترقيءَ لاءِ ڪرڻ کپي ها تنهن بدارن اسان شخصي حالتن ڏانهن وڌيڪ لڙي ويا آهيون. ۽ اجتماعي طور اسين ڏاڍا ڏکويل هٺا ۽ ڪمزور ٿيندا وڃون پيا.

آخر ۾ صرف ايترو چوندس ته اسان کي سائين جمال جي هيٺن ڪردارن کي ياد ڪرڻ کپي پر ان سان گڏ انهن ڪردارن جي ظالمن، پوتارن، وڏيرن ۽ منافقن سان انهيءَ ويڙهه ۾ ٽڪراءُ کي به نه وسارڻ گهرجي جنهن ۾ سادگي به آهي ۽ ويچارگي به آهي. هيٺائي به آهي، شهزوري به آهي. نفرت به آهي ۽ جبل سان ٽڪرجي وڃڻ جي طاقت به آهي.

اها سائين جمال جي لکڻين ۽ سماجي شعور جي عظمت آهي. جيستائين سنڌ آهي، سنڌ ۾ ادب تخليق ٿيندو رهيو. تيستائين سائين جمال اسان وٽ سدائين زنده رهندو.

(ڪلاچي، جمال ابڙو نمبر 2004)

Gul Hayat Institute

# جمال ابڙو ۽ جديد حقيقيت نگاري

فقير محمد لاشاري

سنڌي ڪهاڻيءَ جي شروعات ان ڏينهن تي ٿي چڪي هئي، جڏهن سنڌو پهريون پيرو هماليا کان پنهنجي واٽ ٺاهيندي سمنڊ ڏانهن ڏوڪيو هو. تخليق هئي، ڪو جنم هو پر سنڌوءَ جو جل "رت جو گندو ڦڙو" نہ هو. ان ڪري سنڌوءَ جي رَسڻ سان جيڪو جنم ٿيو سو اسان جو جنم هو. اسان جي ڪهاڻيءَ جو جنم. اسان جي تاريخ، اسان جي جاگرافي، اسان جو مزاج، اسان جي سهپ ۽ اسان جي سگهہ. سڀ جا سڀ سنڌوءَ سان ۽ اسان جي زرعي روزگار سان لاڳاپيل. رگ ويد ۾ سنڌوءَ جي جيڪا ڪهاڻي بيان ڪئي وئي، سنڌو ان کان بہ اڳ، پاڻ پنهنجي ڪهاڻيءَ جي شروعات ڪري چڪي هئي. لکڻ وارو ڇا ٿو لکي؟ اهو ڇا لکي سگهي ٿو؟ تنهن ڳالهہ جو اندازو ان حقيقت کي پرکڻ سان لڳائي سگهجي ٿو جنهن حقيقت تي لکيو ٿو وڃي. جن حقيقتن جو اولڙو ليکڪ جي ذهن وارين اکين کي تجلا ڏئي چُپائي ٿو.

سنڌوءَ درياءَ جي ڪهاڻيءَ کان سنڌي ماڻهوءَ جي ڪهاڻيءَ تائين جو سفر. پوروچوٽ لڪيرن جو انگڙ ونگڙ ۽ آڏو ٽيڏو سفر. سنڌوءَ جي ڪهاڻي، سنڌو ماتريءَ جي تهذيب ۽ سنڌي ماڻهوءَ جي ڪهاڻي شايد ان ڏينهن شروع ٿي هئي، جڏهن موهن جي دڙي جي رهواسيءَ جي گهر جي ڇت مٿان ڪانون، 'ڪانءَ ڪانءَ' جي بدران بيا 'غون غون' جهڙا آواز ڪڍيا هئا. ان ڪهاڻيءَ جو ڪو ڇيهہ ڪونهي. ان ڪهاڻيءَ جا ڪردار خلا ۾ ڌڪيل ۽ چڪر ۾ آيل ۽ بي وزن هئڻ جي باوجود، گريويٽيشنل ضابطي جي چڪ ۾ اچي، پاڻ کي وزندار بڻائڻ لاءِ آتا. خلا ۾ پٽڪندي، مستقل طرح ان مان نڪرڻ جي ويچار ۾ غرق. پر بي وزني واري ڪيفيت جي ٻوڇاڙ اهڙي جو gravitational دائري اندر بہ اها ائين ڪاهي پوي ٿي جهڙو يونين ڪاربائيڊ جي ڪارخاني مان نڪرندڙ گئس جو ڦهلاءَ. ۽ اسان وٽ هر اهو ماڻهو جنهن حاڪميت جي هڏيءَ کي هڪ پيرو بہ چوسي ڏٺو سو يونين ڪاربائيڊ جو پوپال وارو ڪارخانو بڻيو وتندو. گئس ليڪ ٿيندي رهندي. هزارين لکين ٽن موتمار گئس جو سموري ماحول تي تهہ چڙهي ويل ۽ اها گئس ڳڙڪائي

ڳڙڪائي مري مري، پيو جيئجي. جيئڻ ۽ مرڻ جي مفهوم ۾ ايتري گهٽي ويجهڙائي، جو موت ۽ حياتيءَ ۾ ڪو فرق نه سُجهي. صبح جو مرجي، شام جو جيئرو ٿجي. يا اجا به جڏهن ۽ جتي جيئڻ لاءِ مرڻ ضروري سمجهجي اتي مرجي ۽ وري ويرم نه گذري، ته مرڻ لاءِ جيئرو ٿجي. ڪنهن کي ڳالهه سمجهه ۾ نه اچي ته مرجي پيو يا جيئجي پيو. نه رڳو ڳالهه سمجهه ۾ نه اچي، پر ڳالهه کي سمجهڻ جي ضرورت جو احساس ئي ختم ٿي وڃي.

اها هڪڙي ڇاٽي واٽي پيدا ڪيل حالتِ آهي، پر هڪڙيءَ اهڙي به حالت آهي، جيڪا ان حالت جي ذميوار مخصوص ذهن جي دائري جي پهچ کان ٻاهر آهي. اها حالت "جڳ جو شعور" بنجي اونده ۾ به ٽمڪندڙ آهي، جنهن جي ادراڪ ۽ فهم جي پهچ جي دائري ۾ فلسفا ۽ سائنسون به اچي وڃن ٿيون، ته سونهن جا معيار ۽ ساڃهون به انِ پاسي تي آهن.

ان ڪري هڪڙي لاڳيتي سنڌي ڪهاڻيءَ جي سامهون هڪ ٻي سنڌي ڪهاڻي به جنم ورتو. جنهن ۾ سنڌي ماڻهوءَ پنهنجا خواب ڏٺا. هن کي، پاڻ کي جنهن ڪهاڻيءَ ۾ زبردستي ڦاسايو ويو. ان جي پيٽ ۾ هن اهڙي ڪهاڻي جوڙي جيڪا جيئن آهي جتي آهي (status quo) واري بنياد تي جوڙيل سندس ڪهاڻيءَ جي پيٽ ۾ متحرڪ (dynamic) آهي.

"شاهه جو ڦر" سنڌي معاشري جو status quo (جيئن آهي، جتي آهي) آهي. اهو ڳالهين کي اتي ئي ڇماڻ گهري ٿو جتي ڪيس بنا پورهئي ڪرڻ جي سڀ ڳڙڪائي وڃڻ جو حق، اخلاقي طرح حاصل ٿيل آهي. جتي ان مروج اخلاق خلاف ڪجهه چوڻ، ملڪ ٽرڙلي ۾ وجهڻ جي برابر آهي. اهو ڪنهن شخص، يا انسان سان تڪرار جي بنياد تي نه ٿو ڇيو وڃي، ڪنهن سان شخصي دشمني، ان جو ڪارڻ ناهي. پر هڪڙو سڄو سارو گروهه، فرقي پرستي، ذات پات جي ٻيائي ۽ نندي وڏائيءَ وارين حالتن کي موجود ۽ سدا موجود ڪرڻ جي چڪر ۾ آهي. هو معاشي ۽ نفسياتي طرح ٻين جي رت کي آبحيات سمجهي پيئي ٿو. ائين ڪرڻ، هن جي طبقاتي وجود لاءِ ضروري آهي، نه ته هو به ماڻهن جهڙو ماڻهو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن خير پلائي جون ڳالهيون به ڪري سگهي ٿو. ان طلسم خلاف جيڪو لهجو استعمال ٿئي ٿو سو ڏيان ڏيڻ جهڙو آهي، "شاهه جو ڦرا" جڏهن اهو ٽن لفظن وارو جملو اچارجي ٿو تڏهن، ان جملي ۾ پريل رمزن جي خبر پئجي ٿي. ناسوري status quo تي هڪڙي چٽر. ان ڪري "شاهه جو ڦر"، جيڪو محترم جمال ابڙي جي ڪهاڻيءَ جو عنوان آهي سو اصل ۾ سنڌي ماڻهوءَ جي ان ڪهاڻيءَ جو عنوان آهي، جنهن کي هو پنهنجي گڏيل فڪر ۽ سگهه سان ٺاهڻ گهري ٿو. ان "جيئن جو تيئن" واري حالت ۾ لهرون پيدا ڪرڻ لاءِ، جميل يا ناڪيلي وجهي هشايل معاشرو "پشو پاشا" ۾ پاڻ کي چرپر ۾ ڏسي ٿو.

چرپر، جيڪا سچي ڪائنات جي اٽل ۽ هر مادي وجود تي لاڳو ٿيندڙ حقيقت آهي. جنهن جي خود پنهنجي تصور "پنر جنم" (reincareation) کان جدليات (dialectics) تائين جو سفر طئي ڪيو آهي.

پشو پاشا جڏهن پاڻ کي چرپر ۽ تحرڪ ۾ رهڻ واري متي سان ڳنڍي ٿو ته ان تي به الزام ٿا لڳن. هڪڙو "شاهه جي ڦر" وارو سرشتو هن کي سرڪش ۽ باغي ڪوٺي ٿو. سندس آزاديءَ جي احساس سان جيئڻ جون واٽون بند ڪرڻ ٿو گهري. مٿس ٻيو الزام ڪهاڻيءَ کان ٻاهر ان وقت ٿو لڳي جڏهن چيو ٿو وڃي، ته اهو خيالي ڪردار آهي. پشو جي سچائيءَ ۾ ويساهه جي شدت تي ڪي ماڻهو پلي ويساهه نه ڪن، ته سندن مرضي، پر انسان ايڏو سگهارو ٿي ته سگهي ٿو. سنڌي ڪهاڻيءَ جي منزل جو هڪڙو اهو به مرحلو آهي. امر لال هڱوراڻي جي ڪهاڻي "ادو عبدالرحمان" تصوف ۽ جديد معنيٰ ۾ سيڪيولرزم جي ڏاڪي تي بيٺل آهي، ته محترم سائين جمال ابڙي جي ڪهاڻي سنڌيءَ ۾ جديد حقيقت نگاريءَ جي شروعات ڪري ٿي. سنڌي ڪهاڻيءَ جي هڪ واٽ اتان مقرر ٿئي ٿي.

جديد حقيقت نگاري واري ڪهاڻي جو آدار ٻن ڳالهين تي هجي ٿو. هڪڙو ته اها زندگيءَ جي عام حقيقتن کي پيش ڪندي، انهن حقيقتن کي ائين ظاهر ڪري جيئن، "ڪک هيٺان لڪ" ظاهر ڪجي. عام ڳالهيون، هر ڪنهن کي وک وک تي پيش ايندڙ ڳالهيون، بنهه ننڍيون ۽ ظاهري طرح ڏيان تان لٿل ڳالهيون: پر جڏهن انهن جا تفصيل پيش ڪجن، ماڻهوءَ جا وار ڪانڊار جي وڃن. هو پاڻ تي پنهنجي حالتن ۽ پنهنجي سرشتي تي نظرثاني ڪري، پنهنجي جياپي جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري ته اهو اجايو پيو گذري يا سجايو. يا ان کي سجايو ڪيئن ڪجي. مسئلو اهو آهي ته ڏتڙيل معاشرن ۾ احساسن کي ڇچري ڇچري مڏو ڪيو ويندو آهي. گهٽين حالتن ۾ ته احساس ئي مري ويندا آهن. مٿل احساسن جي ماحول ۾ احساسن کي جاڳائڻ ادب جو ڪم آهي. شخص ۽ قوم کي انسان هئڻ جي ناتي پنهنجي حيثيت ۽ مرتبي کان آگاهه ڪرڻ ادب جو منصب آهي.

ان جو ٻيو آدار زندگيءَ ڏانهن عقلي روش اختيار ڪرڻ تي آهي، معنيٰ بي عقلي، يا عقل دشمنيءَ جا تڏا پٽڻ. عقل جو مطلب هتي ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جو عقل ناهي. جنهن عقل، دليل يا منطق جي آدار تي ڦرلٽ واري هن سرشتي جا بنياد رکيل آهن، ان کي وڏيڪ نئين ۽ سائنسي عقل سان للڪارڻ. ياد رهي ته عقل خود هڪ ڳنڍيل شيء آهي. ڪلهه جيڪا ڳالهه عقل واريٰ هئي، اج اها گهٽ عقل واري ٿي سگهي ٿي. سماجي سرشتي جي عقل جي پرک، سماج جي حالتن کي ڏسي چڱيءَ طرح ڪري سگهجي ٿي. جيڪڏهن معاشري ۾ شڪايتون، بيزاري، ڏوهه، بدعنواني ۽ نفرت جو مقدار پيار، محبت، سچائي ۽ خاطريءَ جي مقدار جي ڀيٽ ۾ گهڻ آهي، ته معني سماج جي بنيادي رشتن ۾ ڪا گڙ ٻڙ آهي، جنهن جو مطلب



Gul Hayat Institute

صاف ظاهر آهي تہ سرشتي جو عقل سالم ناهي ۽ ان کي سالم بڻائڻ جي ضرورت آهي. ان ڪري حقيقت نگاري جا جمالياتي تورڙي معاشي پاسا، انسان کي ڪاملپڻي جي پنڌ تي وٺي ويندڙ آهن. حقيقت نگاريءَ جي واٽ، ماڻهن کي خيالي چڪرن کان ڪڍي کين پنهنجي ئي ويجهو آڻي ٿي. ماڻهو پاڻ کي سماج جي لاڳاپن جي حوالي سان سڃاڻي ٿو پنهنجي تور تڪ ڪري ٿو جنهن جي نتيجي ۾ ماڻهن سان ٿيندڙ ناشناسيءَ ۽ بيقدريءَ جي سببن تائين پهچڻ ۾ ڪيس مدد ملي ٿي.

جمال صاحب حقيقت نگاريءَ جي بنيادن تي "جيئن آهي جتي آهي" جي آڌار تي بيٺل جوڙجڪ جي کوکلي عقلي پيڙهہ تي ايڏا سخت وار ڪيا آهن، جو هڪڙي سنڌي نقاد (شمس الدين عرساڻي) چيو آهي. "جمال ابڙو الميہ کي زياده هولناڪ بڻائي ڇڏي ٿو. سندس ڪهاڻين جو تاثر نہ صرف هڪ غم انگيز شڪل اختيار ڪري ٿو پر ان سان گڏ هڪ نهايت بڇان ڏياريندڙ احساس بہ اڀري ٿو." نقاد شڪايت ڪئي آهي تہ جمال صاحب المئي کي هولناڪ بڻائي ٿو. نقاد کي لڳ ڀڳ اها بہ شڪايت آهي تہ جمالياتي حظ کي ليکڪ جي ڪهاڻين ۾ نہ ڏسي ڏڪو ٿو رسي.

جمال صاحب جي ڪهاڻين کي پرکڻ يا تنقيد هيٺ آڻڻ جو هڪڙو بنيادي شرط اهو آهي، تہ ان سماجي جوڙجڪ جي مڪمل ڇنڊ ڇاڻ ڪئي وڃي، جنهن ۾ گهڙي گهڙي هڪ گهاءُ آهي، جنهن ۾ وک وک تي "پيراڻي" کان وٺي ڪهاڻي "منهن ڪارو" جي ڪردار دين محمد تائين جي جياپي جي هڪ هڪ گهڙي جيئڻ جي حق کان وانجهيل آهي. هن جوڙجڪ ۾ ڏتڙيل طبقن جا اهي ڪردار پيراڻي، "ڪارو پاڻي" جو سومر، قاتل ڪوٽ پهريل خميسو يا "سينڌ" جي شهيد سورمي ان حالت ۾ ڇو آهن. مٿي عرض ڪيو ويو آهي تہ لکڻ وارو ڇا ٿو لکي سگهي؟ اهوئي جيڪو حقيقتن سان لاڳاپيل آهي. بڇان جو احساس اڀري ٿو پر اها بڇان انهن حالتن کان آهي، جيڪي ماڻهوءَ کي بہ سک جا ساهہ بہ بخشي نٿيون سگهن. اهڙي بي جوڙ سماجي جوڙجڪ سان آخر همدردي ڪرڻ جو ڪو بہ سبب بچائڻ جي ڪهڙي ضرورت؟

جمال صاحب هڪڙو ڀيرو چيو هو تہ لکڻ سولو ڪم ناهي ۽ لکڻ وقت هڪ قسم جي جذباتي ڪيفيت منجهان گذرڻو پوي ٿو. مان ڀانيان ٿو تہ اها ليکڪ جي ماڻهن سان ۽ ماڻهن جي عزت ۽ آزادي سان، جيئڻ رهڻ واري حق سان پنهنجائپ آهي. پيار تي پهرا، محبتن جو قتلام، انسان کي بدنام ڪرڻ وارين حرڪتن تي سوچڻ ۽ ليکڪ هئڻ جي ناتي سچ جو پاسو وٺي جذباتي نہ ٿجي، تہ وجود جو قرض ڪٿان چڪائي سگهبو؟

سنڌ ۾ حقيقت نگاريءَ جي جمال صاحب وٽان منظم شروعات ڪنهن طرح

بہ عجب جهڙي ڳالھ ناهي. ادب ۾ حقيقت نگاري ۽ ادب کي زندگيءَ جي ويجهو آڻڻ واري هلچل عالمي آهي. وري نئيدي ڪنڊ ۾ ترقي پسند ليکڪن جي انجمن جو فڪري ۽ ادب کي سامراج دشمني، بينڪيت کان ڇوٽڪاري لاءِ جدوجهد، آزادي ۽ بنيادي انساني حقن سان ڳنڍڻ جو ڪم تنظيمي طرح ٿيو. جهڙي طرح سامراج هڪ عالمي صورتحال آهي، اهڙي طرح ان خلاف جدوجهد بہ هڪ عالمي صورتحال آهي. ٻنهي جا پنهنجا پنهنجا فڪر، ادب، معيشت، سياست ۽ ڪلچر آهن. اهي ڳالهيون ذيهي مزاج سان گڏجي ڪٿي گوگول کان گورڪي تائين هلن ٿيون، ڪٿي منشي پريم چند کان ڪرشن چندر تائين، تہ ڪٿي جمال ابڙي کان ساغر سميجي تائين پهچي پنهنجو سفر اڃا بہ اڳتي جاري رکن ٿيون.

سنڌي ڪهاڻي جيترو بہ اڳتي وڌندي، سائين جمال ابڙي جي ڪهاڻي روشنيءَ جي مناري وانگر ان جي رهبري جو ڪم نڀائيندي. هن سماجهي ۽ مائي شخص جي اندر جي لاوا روشنيءَ جي ان مناري کي قائم ڪيو آهي ۽ جن حالتن خلاف بچان ٿئي ٿي، سي آوس ٽري ويندي.

(هي مضمون 23 مارچ 1985 تي ڪراچيءَ ۾ جمال ابڙي سان ٿيل ڪچهريءَ ۾ پڙهيو ويو ۽ 28 مارچ 1985تي هلال پاڪستان، ۾ ڇپيو)

Gul Hayat Institute

# جمال جو فن

## تاج بلوچ

سنڌي ٻوليءَ جو وڏو ڪهاڻيڪار ۽ دانشور سائين جمال ابڙو بہ اسان کي ڇڏي هليو ويو. اسان مان بہ ڪي هوريان هوريان تہ ڪي تڪڙو تڪڙو هڪ ڏينهن هتان هليا وينداسين. پويان سڀ ڪجهہ هوندو پر اسين بي دريافتا ۽ شايد اينڊڙ عهد لاءِ اڻوڻندڙ ۽ وسرندڙ شخص هجون (جيئن اسان کان اڳ واري عهد جي گهڻائي وساريل آهي). چاڪاڻ تہ بيحسيءَ جي ٻوڏار ۾ غلطان يا فڪري طور تي لقوي جو ماريل هي سماج، جيڪڏهن اعليٰ قدرن جي بنياد تي پاڻ بچائي سگهيو تہ اها جمال ابڙي صاحب جي رتبي جي قلمڪارن جي سوڀ چئبي.

جمال صاحب، جيتوڻيڪ ساڃي هٿ جي تڪليف ۽ سماجي مجبورين تحت ڪهاڻي 1962ع کان لکڻ بند ڪئي، پر سندس سوچ ۽ مطالعو وهندڙ نديءَ جيان جاري رهيو. 1962ع کان 1995ع تائين وٿيءَ وٿيءَ سان هن 'لاري'، 'ماءُ جي جهولي'، 'فرشتو'، 'سينڌ' ۽ 'لاٽ' جي عنوان سان ڪهاڻيون لکيون ۽ 1995ع کان هيلتائين پنهنجي جيون ڪٿا جا پنج واليوم لکيا، جن مان چار، 'ڏسي ڏوهہ اکين سين'، 'اونهي ڳالهہ اسرار جي'، 'توهر ۾ ڳاڙها گل' ۽ 'ايندو نہ وري هي وڻجارو' ڇپجي چڪا آهن، جڏهن تہ پنجون ۽ آخري جلد، 'مرُ پيا مينهن وسن' ستت پريس ۾ وڃڻ لاءِ تيار آهي.

Gul Hayat Institute

جمال ابڙو صاحب سنڌ جي انهن ڪميٽيڊ ڪهاڻيڪارن مان آهي، جيڪي فني ۽ فڪري لحاظ کان پنهنجي تخليقي عمل ذريعي ماڻهن جي ڏکن ۽ بکن کي احساساتي سطح تي، انهن سان گڏجي ڀوڳين ٿا ۽ پوءِ اهڙي ڀوڳنا کي پنهنجي تخليقي عمل جو بنياد بڻائين ٿا. جمال سنڌي سماج جو اهو آئينيدار فنڪار آهي، جيڪو سماجي طور تي اعليٰ منصب تي رهيو پر لکڻ وقت هن نہ رڳو پاڻ کي ڊي ڪلاسيفاءِ ڪيو پر ان سان گڏوگڏ ڏتڙيل طبقن جي ابتر حاليءَ جو ويجهڙائيءَ کان مشاهدو ڪري انهن جي زندگيءَ جي سموري عذاب کي پنهنجي ڪهاڻين جي مختلف ڪردارن ۾ پيش ڪيو.

جمال جي قلم جو ڪمال اهو آهي تہ، هو جڏهن انساني سماج جي اهڙن

ذڪين پهلوئن کي ڏسي ٿو تہ هن جو ذهن ۽ قلم هڪ ٻئجي انهيءَ پيڙا کي ڏاڍي اثرائتي انداز سان پينٽ ڪن ٿا ۽ ڪردار جي سموري وارتا پڙهندڙ پنهنجي ذهن تي اهڙيءَ ريت نقش ڪري ٿو جڻ اها پيڙا متائنس گذري هجي. اهو ئي ڪارڻ آهي شايد، جو سندس ڪهاڻيون جهڙوڪ 'پيراٽي'، 'سينڌ'، 'لاٽ' ۽ ٻيون ڪيئي ڪهاڻيون پڙهندڙ کي طويل عرصو گذرڻ جي باوجود ياد آهن. جڏهن ڪنهن فنڪار جو تخليقي عمل اهڙيءَ ريت پڙهندڙ کي (عوام کي) ياد رهڻجي وڃي تہ اهڙو تخليقي عمل ئي ڪلاسڪس ۾ شمار ٿيڻ لڳندو آهي ۽ اهڙي خاموش مقبوليت جمال پنهنجي زندگيءَ ۾ محسوس ڪئي ۽ ماڻي.

جمال جيتوڻيڪ 1962ع ۾ ڪهاڻي لکڻ ڇڏي ڏني، پر ڪهاڻيون هن جي ذهن ۾ ٻرنديون رهيون ۽ زندگيءَ جا مختلف رخ، مختلف ڪردارن جي روپ ۾ هن جي ذهن ۾ گردش ڪندا رهيا ۽ پوءِ هن اهڙين ڪهاڻين ۽ اهڙن ڪردارن کي تخليق ڪيو ۽ 1995ع تائين هن وڌيڪ چار ڪهاڻيون، 'اسلام آباد ۾ مارشل لا' (فرشتو)، 'سينڌ'، 'لاري'، 'لاٽ' ۽ ٻيون بہ ڪهاڻيون لکيون، جن ۾ هن مارڪسوادي ۽ وجودي فلسفي جي ثمرات کي ڪردارن جي چرپر ۽ عمل ذريعي عام ماڻهن آڏو پيش ڪيو.

'لاٽ' جنوري 1973ع جي سوجهرو ۾ شايع ٿيل آهي. انهيءَ ڪهاڻيءَ ۾ جمال پنهنجي ڪردار جي لڳاتار هلچل ۽ جاکوڙ مان انساني معاشري کي خاص طرح سنڌ جي پيڙيل ماڻهن کي مسلسل جدوجهد ۽ محنت لاءِ اڀاري ٿو ۽ چاهي ٿو تہ سنڌي ماڻهو آڏو آيل هترادو ڏکيائين سان مهاڏو اٽڪائيندو رهي تہ سک سندس مقدر آهي. جمال انهيءَ ڪهاڻي ۾ سسيفس جي عذاب ڀوڳيندڙ خدا جي سياءَ ۽ مارڪس جي پرولتاري خدا کي فڪري سطحن تي هڪ قطار ۾ بيهاري، ڪردار پيش ڪيو آهي، جيڪو ٻنهي خدائن جيان لوڙي ٿو ۽ موت ۾ موت جو شڪار ٿئجي ٿو. جڻ جمال پنهنجي سماج ۾ رهندڙ ماڻهن کي اهو پيغام ڏئي ٿو تہ "موت، زندگيءَ جو غلام آهي"، يعني موت هڪ مرحلي تي اچي لمحن لاءِ جيئڻ کي معطل ڪري ٿو ۽ پوءِ وارا لمحا زندگيءَ جو ثمر آهن ۽ انت ۾ سوڀ انسان جو نصيب آهي.

ڊائليڪٽيڪل متيريلزم جي سينٿيسس موجب، "ڪائنات ۾ فرد ان ڪري افضليت جوڳو آهي، ڇاڪاڻ تہ هن زندگيءَ لاءِ گهربل وسيلن جي حاصلات ۾ وڏي مهارت ماڻيندي ان ۾ اوسر جو عمل بہ جاري رکيو آهي. " جمال ابڙي وٽ، ان نڪتي جو فڪري ۽ عملي سطحن تي وڏو ادراڪ موجود آهي. هو زندگيءَ جي پيداواري وسيلن لاءِ هلايل جدوجهد ۽ ان هلچل کان پوءِ انهن وسيلن تي قدرت حاصل ڪرڻ جي ڏس ۾ انساني جاکوڙ جو نہ فقط معترف آهي، پر ان اعتراف کان بہ وکون اڳتي وڏي پيداواري ذريعن تي پورهيت طبقن جو حق بہ ميڙائي ٿو جيڪو ڪين

اڄ تائين نہ ڏنو ويو آهي.

ڪهاڻي ’لاٽ‘ جو اثر تيستائين موجود رهندو جيستائين طبقا موجود آهن ۽ غيرطبقاتي معاشرو جنم نہ ٿو وٺي، جمال جو فن ۽ انهيءَ فن جا معروضي اثر، پَرماريءَ خلاف ماڻهو اٿڪائيندا رهندا.

’سينڌ‘ پڻ ڪاروڪاريءَ جي موضوع تي لکيل ڪهاڻي آهي، جنهن جي ڪردارنگاري ايڏي تہ دل ڇهائيندڙ آهي، جڻ ’ پيراڻيءَ‘ جي توسيع هجي. جمال جي فن جو ڪمال آهي جو گوڙيلا ڪردار ۽ پرآشوب ماحول ۾ هُو ڪردارن جو تاڃي پيٽو اُٽي ٿو پر انهن ۾ ڪٿي بہ نعريبازي يا لائوڊنيس ناهي.

جمال جي ڪهاڻين جو ڏِڪشن سادو سلوڻو ۽ پراڻو آهي، جيڪو شاعراڻي نثر جي ويجهو آهي.

Gul Hayat Institute

# جمال ابڙي جي عظمت

## (مقدار نه پر معيار)

سحر امداد

جمال ابڙو سنڌي ٻوليءَ جي انهن چند ليکڪن مان هڪ آهي، جن مون کي ٽين ايج (teen – age) ۾ سنڌي ادب پڙهڻ تي هرکايو. جمال ابڙي جي ڪهاڻين جو مجموعو "پشوپاشا"، جيڪو زندگي پبليڪيشن پاران ڇپايل هو 'زندگي پبليڪيشن' پاران ان دور جو مشهور ادبي رسالو 'روح رهاڻ' پڻ ڇپجندو هو سو پشو پاشا منهنجي پنهنجي خرچيءَ مان خريد ڪيل پهرين چند ڪتابن مان هڪڙو هو. جمال ابڙي جون ڪهاڻيون پڙهي آءٌ ڇرڪي ٿي پيس. گهر ۾ واندڪائيءَ ۾ هر وقت اهو ڪتاب منهنجي هٿ ۾ هوندو هو ۽ نه رڳو هٿ ۾ هوندو هو پر امي بابا کي ڦري گهري اچي ان ڪتاب جا ٽڪرا پڙهي پڙهي پيئي ٻڌائيندي هئس. انهن ڪهاڻين بابت ساڻن هر هر پيئي ڳالهائيندي هئس. فرسٽ ايئر – انٽر واري دور ۾ ٿي زبيده ڪاليج جي هاسٽل ۾ اڪرم سلطانه سان دوستي ٿي، ته هن جو مامو جمال منهنجو مامو جمال ٿي ويو. اڪرم جي پوري فيملي ترت ئي لطيف آباد اچي وئي – بابا جي پوسٽنگ پڻ حيدرآباد ٿي وئي. مان جڏهن پهريون ڀيرو اڪرم جن جي لطيف آباد واري گهر ۾ ماما جمال سان ملي هئس ۽ ساڻس ڳالهايو هئم، تڏهن مون کي اعتبار نه ٿي آيو ته مان 'پشوپاشا' جي خالق سان ملي آهيان. هو هڪ سادو سودو ۽ نهايت مٺيدار ماڻهو هو. هو مون سان ائين ئي محبت سان مليو جيئن آءٌ سندس ڏيءَ شاهده هجان. ۽ پوءِ شاهده جي محبت خلوص ۽ هن جي admiration ۽ سڪ اڪير مان اسان جي گهر اچڻ – سڀ کان وڏيڪ ماميءَ جي محبت، خلوص ۽ ممتا اڻ وسرندڙ هئي. ائين مان به جهڙوڪر ان ڪٽنب جو هڪ حصو بڻجي ويس. ان ڪري ئي جمال ابڙو سدائين امداد کي چوندو هو ته "سحر سان تنهنجي ڪري ته رشتو پوءِ جو آهي – سحر پهرين منهنجي ڀاڻتي آهي". ائين سنڌي ادب ۾ پير پائيندي مون ڪيترا پيارا رشتا پاتا، پر انهن سڀني ۾ ادب جو رشتو هر حال ۾ سڀني کان سگهارو رشتو هو/آهي، ۽ اسين سڀئي اديب هڪڙي ڪٽنب وانگي هئاسين، ۽ مان پنهنجي ان ڪٽنب جي سڀني کان سگهاري ڪهاڻيڪار جمال

ابڙو جي ڪهاڻيءَ ڪتاب "پشو پاشا" جي هر ڪهاڻي پڙهي پوري ڪرڻ کان پوءِ، وري پڙهڻ پئي شروع ڪئي - ائين اهي ڪهاڻيون ور ور ڪري پڙهڻ سان، هر ڀيري انهن ڪهاڻين جي ڪا نئين خوبصورتي نکري ٿي بيٺي، ڪو نئون نقطو نروار ٿئي ٿيو ۽ مون هر بار انهن ڪهاڻين مان هڪ نئون مزو ٿي ماڻيو.

جيئن سٺي شاعري پڙهي ان شاعريءَ سان ۽ شاعر سان عشق ٿي ويندو آهي، تيئن اهي ڪهاڻيون مون کي سٺي شاعري ئي لڳيون هيون! جمال جون ڪهاڻيون، صحيح معنيٰ ۾ مختصر ڪهاڻيون هيون. اهي ڪهاڻيون مختصر، تُز ۽ perfect ڪهاڻيون هيون، جيڪي پنهنجي جادوءَ ۾ جڪڙي رکنديون هيون. انهن ڪهاڻين ۾ مختصر ۽ تز جملا ڪهاڻيءَ ۾ سون تي سهاڳي جو ڪم ڪندا آهن. جمال جي جملن جي crispness ئي هن جي ڪهاڻيءَ جو سڀ کان اعليٰ گڻ هو. جمال جي ڪهاڻين جا توريل تڪيل ۽ پرفيڪٽ جملا پڙهڻ کان پوءِ، مان جڏهن به ڪنهن ماڻهوءَ کي 'لفاظي' ڪندي ڏسندي /پڙهندي هئس، تڏهن جمال ابڙي جا لفظ لات ٻڌجي ايرندا هئا. جمال ابڙي اها ٻولي محض ڪتابن مان ڪانه سکي هئي، هن اها ٻولي زندگيءَ کان سکي هئي، هن کي اها ٻولي هن جي وسيع مشاهدي ڏني هئي. زندگيءَ جو اهو وسيع مشاهدو هن جي ڪهاڻين ۾ پنهنجي پوري اگراڻ، ٻيڙاڻ ۽ ڪوڙاڻ سوڌو ڪر ڪٽي بيٺو هو. جمال ابڙي جي ڪهاڻي "پيراڻي" مون جڏهن. جڏهن به پڙهي هوندي منهنجا پنجر پجي آيا هوندا. جمال ابڙي جي بنهه ننڍڙن مختصر جملن جي طاقت جو اندازو لڳائڻ لاءِ پيراڻي جو صرف هڪڙو ئي جملو ڪافي آهي، جيڪو جمال پيراڻيءَ جي ماءُ واتان چورائي ٿو:

"اڙي منهنجو پيراڻي ننڍڙو!"

ان هڪڙي جملي ۾ هڪ ماءُ جي دل جو سمورو درد اوتجي آيو آهي ۽ هر ڀيري اهو جملو پڙهندي منهنجا لڱ ڪانڊارجي ويندا آهن. جمال جا اهڙا جملا هن جي ڪهاڻين ۾ ٿيم ٽيونز (theme tunes) جي حيثيت رکندا آهن. ان ريت 'پشو پاشا' جون گهڻي ڀاڱي ڪهاڻيون پنهنجي دور جون بيحد اهم ڪهاڻيون آهن. انهن ۾ 'شاهه جو قر'، 'بدتميز'، 'مان مڙد' شامل آهن.

جمال ابڙو—علي خان ابڙي جهڙي عالم جو پٽ هو. علي خان ابڙي جون سنڌ ۾ علمي ۽ ديني خدمتون وسارڻ جوڳيون ناهن. علي خان ابڙو صحيح معنيٰ ۾ عالم باعمل هو. هن جو لکيل قرآن پاڪ جو تفسير سندس اعليٰ علميت جو دليل آهي. علي خان ابڙي جهڙي ديني عالم جي پٽ جمال ابڙي هڪڙي دور ۾ جيڪڏهن 'منهن ڪارو' جهڙي ڪهاڻي لکي، ته اها جمال ابڙي جي پنهنجي منفرد شخصيت جي سڄاڻپ سان گڏوگڏ هن جي سگهه ۽ ڪمٽمنٽ جو اظهار پڻ هو. هن ڪهاڻيءَ جي مک ڪردار جو منهن ڪارو ڪرڻ جهڙي ڪراهت ڀري سچويشن ڪريئيٽ ڪري (ڇا اها ساڳئي وقت هڪ سمباليڪل (symbolic) سچوئيشن



Gul Hayat Institute

ناهي!) هن ”پير پرستيءَ خلاف نفرت“ کي پنهنجي پوري شدت سان اڀاريو. مختصر ڪهاڻيءَ جو مقصد اتي ئي اچي مڪمل ٿئي ٿو هڪ مختصر ڪهاڻيءَ جي ڪاميابي آهي سنڌائتو ڏک هڻڻ!

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ آيل وڏي اٿل پٿل جي نتيجي ۾ سنڌي ادب پالهي پاند جيان رهجي ويو هو. تڏهن ان دور جي اديبن ۽ شاعرن رک ۾ رهجي ويل چٽنگن مان هڪ نئون مچ مچايو هو ... ۽ وري ”مهراڻ“ آيو هو موج ۾. اها دراصل ان پچاڻيءَ جي هڪ نئين شروعات هئي. ٻين گهڻن اديبن ۽ شاعرن سان گڏ جمال ابڙي جي ڪهاڻين جي شروعات پڻ مهراڻ جي اجراءَ سان سلهاڙيل آهي، جنهن جو ثبوت زندگي پبليڪيشن پاران جمال ابڙي جي ڪهاڻين جي مجموعي ”پشوپاشا“ ۾ ڏنل اهي خط آهن، جيڪي جمال جي ڪهاڻين جي حوالي سان مهراڻ ۾ ڇپيا هئا. انهن خطن ۾ خاص طور تي رسول بخش پليجي، محمد ابراهيم جويي ۽ شيخ حفيظ جا خط گهڻا اهم آهن. انهن خطن ۾ خود جمال ابڙي جا ٻه جوابي خط پڻ اهم آهن. ساڳئي وقت هڪ عام پڙهندڙ دين محمد لاشاريءَ جو خط پڻ گهڻو اتساهيندڙ آهي. جڏهن عام پڙهندڙ ٻه ايڏا پڙهيل ڳڙهيل ۽ logical هجن تڏهن نقادن ۽ اديبن — شاعرن جي علميت جو ڪهڙو عالم هوندو! نقد جي اصولن سان مالا مال انهن خطن مان رسول بخش پليجي پنهنجي خط ۾ جمال جي اڳ ۾ ئي پڙهيل ڪهاڻيءَ جو گهڻ پاسائون ۽ گهرائيءَ سان جائزو ورتو آهي. پليجي پنهنجي مخصوص انداز ۾ ڪهاڻيءَ جي چڱي چيرڦاڙ ڪئي آهي. ساڳئي نموني ابراهيم جويي پڻ ڪک ڪو نه رکيو آهي. ٻئي پاسي جمال ابڙي جي نوڙت ۽ نهنائيءَ جو اهو عالم آهي، جو هو جويي ۽ پليجي جهڙن اهم نقادن جي هيڏي ڇاڇول کان پوءِ ٻه اهوئي آکي ٿو ته :

”اسين سڀ پانڌيڙا آهيون، ڪچا آهيون. پر نيٺ انهيءَ پختگيءَ کي ڳتر کان جهليندا اسين. اڄ نه ته سڀاڻي. اسين نه ته ٻيا.“

(جمال ابڙو، پشوپاشا، ص: 116، ڇاپو پهريون 1976ع)

”اڄ نه ته سڀاڻي، اسين نه ته ٻيا.“ خود جمال ابڙي جو اهو جواب پڻ پنهنجي پر ۾ اهم آهي. ان نوڙت ۽ نهنائيءَ هن جي حيثيت کي گهٽايو نه پاڻ وڌايو. ٻئي پاسي اسين ڏسون ٿا ته اڄ اسان جي ادب ۾ جيڪو بدتميزي جو طوفان ڪاهي پيو آهي، تنهن کان الامان! اڻڄاڻ ڄاڻ جون دعوائون ڪندي نه ٿا شرمائين. ڪو ٻه پنهنجي ڪوتاهي مڃڻ لاءِ تيار ناهي. جيڪو ڪلهي تائين نه ٿو رسي سگهي، سو ڪلاهه ۾ ٺونهٺ وجهي. اهڙي ئي صورتحال لاءِ لطيف سائين فرمايو آهي:

چڱا ڪن چڱايون، مٺايون مٺن،
جو وڙ جُڙي جن سين، سو وڙ سي ئي ڪن!

جمال ابڙي جي ڪهاڻين جي حوالي سان ڇپيل انهن خطن ۾ شيخ حفيظ، جهڙي سينئر ۽ پنهنجي دور جي هڪ اهم ڪهاڻيڪار جو خط پڻ ڇپيل آهي، جنهن جي شروعات هو هيئن ڪري ٿو ته : "مهراڻ جو پنجون پرچو مليم. پڙهيم". اهي ستون هتي آءُ ڇاڻي واڻي ڏيان پئي. هڪ ته انهن مان وقت جو تعين ٿئي ٿو پيو يعني مهراڻ جو پنجون پرچو ۽ پيو ته ان ۾ به لفظ نهايت غور طلب آهن: 'مليم' ۽ 'پڙهيم'. اڄ سنڌيءَ جا چڱا ڀلا اديب يا انهن لفظن کان ئي اڻڄاڻ آهن (بلڪ اسان پاران استعمال ڪرڻ تي ٽوڪين ٿا)، يا وري انهن جو صحيح استعمال ئي نه ٿا ڄاڻن. جڏهن ته شيخ حفيظ "پڙهيم" کي محض هڪ لفظ نه پر هڪ سٽ طور استعمال ڪيو آهي. بهرحال، شيخ حفيظ جو اهو ليک هڪ اهم تنقيدي مضمون -خط جي صورت ۾ آهي- جيڪو گهڻو تفصيلي پڻ آهي. اهو خط دراصل پنهنجي دور جي هڪ وڏي/سينئر ڪهاڻيڪار پاران نئين/ جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي comparative study آهي، ۽ گهڻي اهميت رکي ٿو. "ان اپياسي خط" ۾ شيخ حفيظ بنا ڪنهن رک رکاءُ جي، ابتدا ۾ ئي پنهنجو آخري رايو onclusion ڏئي ٿو ڇڏي ته :

> "مهراڻ ۾ هن وقت تائين جيڪي به افسانا ڇپيا آهن. تن ۾ "شاهه جو قُر" سڀ کان سٺو آهي. ائين ڪٿي چوان ته گذريل ٻن ڇهن سالن ۾، سنڌ اندر سنڌي زبان ۾ جيڪي به افسانا لکيا ويا آهن. تن ۾ هيءُ بهترين آهي".

(جمال ابڙو، پشو پاشا، ص: 117، ڇاپو ٻيو 1976ع)

هيءُ پنهنجي دور جي هڪ همعصر ۽ قابل احترام اديب (شيخ حفيظ) پاران پنهنجي ٻوليءَ جي هڪ جونيئر اديب (جمال ابڙو) لاءِ محبت ۽ ميٽا جو پيغام آهي. ان چوڻ ۾ ڪو وڏاءُ ناهي ته جمال ابڙو جيڪڏهن ٻيو ڪجهه به نه لکي ها، ۽ سنڌي ادب کي رڳو هڪڙو ڪهاڻين جو مجموعو "پشو پاشا" ئي ڏئي ها، ته به هو هڪ وڏو ليکڪ هجي ها. اسان کي ڪنهن به ليکڪ/ شاعر جي عظمت ۽ وڏائيءَ کي پرکڻ لاءِ "مقدار جا تراڙا" ترڪ ڪرڻا پوندا. گل هڪڙو ئي سهي، انسان جي آسپاس رنگ پکيڙيندو آهي. خوشبو ڪيتري ٿوري ئي سهي، سموري وايو منڊل کي مهڪائيندي آهي!

(مهراڻ، سرءُ 2004)

# جمال ابڙو، نئين دور جي ڪهاڻيءَ جو جنم داتا

ولي رام ولڀ

ورهاڱي کان پوءِ جڏهن سنڌي ڪهاڻي نئين ۽ اڻ ڏٺل راهه تي هلڻ شروع ڪيو ته اُن جا پهريان سفري ساٿي حفيظ شيخ، شيخ اياز محمد عثمان ڏيپلائي، نجم عباسي ۽ جمال ابڙو هئا. جن مان جمال ابڙي جو نالو نئون دڳ ونندڙ ڪهاڻيڪار جي طور ورتو ويندو آهي. سندس حيثيت ساهت نگر جي اهڙي وڏڙي جي هئي، جنهن جي چپر ڇانءِ هيٺ سنڌي ڪهاڻيءَ پاڻ کي ڪڏهن ڇوري ڇني نه ٿي سمجهو. سندس نالو وڏي ڪهاڻيڪار طور (quote) ڪيو ويندو هو پر هاڻي هو ماضيءَ جي ڌنڌلڪن ۾ گم ٿي ويو آهي. پر ڇا سندس ڪهاڻي- ڪيتر ۾ ڏنل يوگدان کي وقت جي وير گم ڪري سگهي ٿي؟ سندس ڪهاڻيون ۾ ڪردار وقت ۾ هنڌ جي سيما ٽپي ٻاهر اچي آيا هئا ۽ امرتا جو پد ماڻيو هئائون. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته سندس ڪهاڻي پشو پاشا ڇپڻ تي ان جي ڪردار تي وڏو ڇوٻول متو هو ۽ متس سامي‍ه واد جي ڇانءِ هيٺ لکيل هئڻ جي ڇاپ لڳي هئي، پر ڇا اسان جي سماج ۾ اهڙي ڪردار جي ضرورت ناهي؟ اها ٻي ڳالهه آهي ته وقت اهڙي ڪردار کي اڄا جنم ڏيڻ جي اوسيئڙي ۾ آهي. ڪهاڻيءَ جي لوازمات جي گهرجن کان وقت جي ضرورت کي اهم سمجهي جمال ابڙي پشو پاشا جهڙو ڪردار تخليق ڪيو هو. جمال جي پيراڻي ڪهاڻي جي ڪردار پيراڻيءَ جي سڏڪن پري داڻهن اڄ به داد گهري ٿي. هن پنهنجي احساس جي شدت سان اهو ڪردار لافاني بڻائي ڇڏيو آهي. ڇا اها ڪهاڻي پڙهڻ کان پوءِ ڪو پنهنجا ڳوڙها روڪي سگهي ٿو ! انهيءَ ڪهاڻيءَ جي لاءِ شيخ اياز لکيو هو: ”نه ڄاڻان ته ڪنهن چيو آهي ته نثر پنڌ ڪندو آهي، نظم رقص ڪندو آهي، پر جمال جي ڪهاڻي پيراڻي پڙهي مون کي محسوس ٿيو ته نثر به رقص ڪندو آهي. هن جي پيراڻي شروعات ۾ ڇڻ ڇم ڇم ڪندي اچي ٿي ۽ گهنگهر گونجن ٿا. اوچتو هڪ چيخ فضا کي چيري ٿي ۽ ڪهاڻي ڪانڊن ٽانڊن تي رقص ڪندي نظر اچي ٿي.“

ٻين ڪهاڻين جي مک ڪردارن کان سواءِ شاهه جو قر جي ابهم مريم، مهرباني جي فقيرياڻي، خميسي جو ڪوٽ جو خميسو ۽ سينڌ جي ليلائيندڙ ڪاري



Gul Hayat Institute

ڪري ماريل نينگريءَ جا ڪردار جمال جي (First hand observation) جو نتيجو آهن. جيڪي ڪهاڻيڪار کي اوچي پد تي ٿا پهچائين.

جمال ابڙي جي پهرين ڪهاڻي هو حر هو 1949ع ۾ تڏهن ڇپي هئي، جڏهن سندس عمر 25 ورهيه هئي ۽ سندس 13 ڪهاڻين تي مشتمل پهريون مجموعو پشو پاشا 1959 ۾ شايع ٿيو هو جنهن ۾ مٿين ڪهاڻي به شامل هئي، انهي مجموعي جا هيل تائين چار ايڊيشن شايع ٿيا آهن. آخري ايڊيشن سندس 68 هين جنم ڏينهن (2 مئي 1992) جي موقعي تي شايع ٿيو هو جنهن ۾ سندس چئن وڌيڪ ڪهاڻين سان بيا مضمون مقالا ۽ ٻين ليکڪن جي ڪتابن تي لکيل مهاڳ شامل ڪيا ويا هئا، اهڙي طرح هن پنهنجي 80 ورهين جي ڄمار دوران ڪل 17 ڪهاڻيون لکيون جيڪي منفرد اسٽائيل، ماحول، ڪردار ۽ ٻوليءَ جي ڪري ڪهاڻي کيتر ۾ مثالي حيثيت رکن ٿيون.

جمال ابڙي پنهنجي زندگيءَ جي پوين ڏينهن ۾ جڏهن ڪهاڻيون لکڻ ڇڏي ڏنيون هيون، تڏهن شيخ اياز جي آتم جيونيءَ جي طرز تي چئن ڀاڱن تي مشتمل پنهنجي آتم ڪهاڻي ڪٿا جي عنوان سان قلمبند ڪئي جنهن جا چار جلد (1) ڏسي ڏوهه اکين سين (2) اونهي ڳالهه اسرار جي (3) توهر ۾ ڳاڙها گل، ۽ (4) ايندو نه وري هي وڻجارو شايع ٿي چڪا آهن. جن هن پنهنجي ٻالڪپڻ، نوڪري، شيخ اياز سان گڏ سفر ۽ گفتگو ۽ پنهنجي اصولن ۽ عقيدن تي روشني وجهي زندگيءَ جي ڇڱاين ۽ مداين جو ذڪر پنهنجي مخصوص اسلوب بيان ۾ نهايت دلچسپ انداز سان ڪيو آهي.

جمال ابڙو پنهنجي زندگيءَ جي اسي ورهين جو سفر پورو ڪري 30 جون 2004 تي هن دنيا مان موڪلائي ويو چڪو آهي، پر سندس ڪهاڻين جا ڪردار هميشه سماج جو اولڙو پسائيندا رهندا، جن کي هن ابدي حياتي بخشي هئي، هن پنهنجي زندگيءَ کان ڇا ورتو ۽ زندگيءَ کي ڇا ڏنو اهو سندس لفظن ۾ جيئرو آهي ۽ جيئرو رهندو. هو پنهنجي محترم والد علي خان ابڙي ۽ پنهنجي ٻدر ابڙي جي وچ ۾ هڪ پُل/ ڪڙيءَ مثل هو. پڻس تعليمدان ۽ سماج سڌارڪ هو پاڻ ڪهاڻيڪار ۽ منصف هو ۽ پٽس هڪ ئي وقت ڪهاڻيڪار شاعر، مورتي ڪار ۽ آرڪيالاجسٽ آهي. زندگيءَ جو اهو سلسلو اهو ڦهلاءُ اها ايڪسٽينشن سندس سپنو هئي، جيڪو هاڻي ساڀيان ٻڻجي ويئي آهي.

(مهراڻ، سرءُ 2004)

# جمال ابڙو: هڪ حساس ڪهاڻيڪار

شازيہ پتافي

هر ملڪ جي مختلف دورن ۾ ڪي اهڙا تاريخ ساز شخص پيدا ٿيا آهن، جن قومن ۾ پنهنجي خاص پيغام ذريعي خود شناسي ۽ بيداري پيدا ڪئي آهي. تاريخ ساز اديب اهو هوندو آهي جيڪو گهڻي عرصي تائين نہ صرف قابل تحسين بلڪ قابل تقليد بہ رهي. سنڌي افسانوي ادب ۾ جمال ابڙو اهڙو نالو آهي جنهن ڪهاڻيءَ کي هڪ نئون رخ ڏنو جنهن جي ڇاپ ہين ڪيترن ئي اديبن جي لکڻين تي پسي سگهجي ٿي.

جمال ابڙو سنڌي ادبي سنگت جي باني ميمبرن مان هو. ان جي قيام کان اڳ هو ترقي پسند اديبن جي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪندو هو. 1917ع ۾ روس ۾ سوشلسٽ انقلاب آيو جنهن جا اثر سڄي دنيا تي پيا. اديبن ان انقلاب کان متاثر ٿي هڪ مقصد تحت لکڻ شروع ڪيو غريب، ڪمزور پيڙهيل، هاري ۽ مزدور ۽ انهن جون بنيادي ضرورتون، اتو لتو ۽ اجهو ادب جا موضوع بنيا.

جمال ابڙي تي ترقي پسند تحريڪ جا نمايان اثر نظر اچن ٿا. هن پنهنجي ڪهاڻين وسيلي سوچ ۽ فڪر جا نوان رنگ ڏنا. سندس ڪهاڻين جا موضوع نوان نہ هوندي بہ سندس منفرد اسلوب ۽ فن جي ڪري هن کي ہين ڪهاڻيڪارن کان الڳ ڪري بيهارين ٿا.

جمال ابڙي جي ڪهاڻين تي لکڻ کان پهرين اچو تہ ڏسون سندس دور ۾ مختصر ڪهاڻي يا افساني جي صنف جي ڪهڙي وصف رائج هئي ۽ ان جي لکڻ لاءِ ڪهڙيون بنيادي ڳالهيون ضروري سمجهيون وينديون هيون.

شمس الدين عرساڻي لکي ٿو تہ:

مختصر ڪهاڻي هڪ اهڙو ايجاز ۽ اختصار جو فن آهي، جنهن جا سيئي فني پهلو گڏجي هڪ ڀرپور واحد تاثر پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب وڃن ٿا. (1)

افسانو تخليقي ادب جي اهم صنف آهي، ان ۾ ظاهري طرح فرضي ڳالهيون ٿين ٿيون، پر اهي حقيقتن جو سچو روپ هونديون آهن، جن ۾ زندگيءَ جي گذريل واقعن، موجوده حالتن ۽ مستقبل بابت اميدن، امنگن جو عڪس هوندو آهي.



Gul Hayat Institute

انڪري مغرب جي هڪ عالم چيو آهي ته افساني ۾ نالن ۽ تاريخن ڪانسواءِ هر شئي صحيح هوندي آهي ۽ تاريخ ۾ سواءِ نالن ۽ تاريخن جي ڪجھ به صحيح نه هوندو آهي.

سنڌ جو نالي وارو ڪهاڻيڪار جمال ابڙو پاڻ به هڪ ڪامياب ڪهاڻي لاءِ چئن ڳالهين جو ذڪر ڪري ٿو.

ڪهاڻي جي سٺاءَ لاءِ چار ڳالهيون ضروري آهن. هڪ ته ڪهاڻي اهڙي دلچسپ هجي جو لس پڙهي وڃجي ۽ ڇڏڻ تي دل نه چوي، ٻيو ته پڙهڻ وارو ان ۾ ايڏو سمائجي وڃي جو پاڻ کي ڪهاڻيءَ جو ڪردار سمجھڻ لڳي. ٽيون ته ڪهاڻي جي چوٽ يا ڪلائيميڪس تي بنا ڪلائيميڪس به هو ڪجھ نه ڪجھ ڪرڻ لاءِ سوچي، چوٿون ته ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار پلي هٿيار ڦٽي ڪري ٻيڙي ٻڏڻ ڏئي، ته به پڙهندڙ کي ضمير جي جهنجهوڙ ايتري اچي جو حل ڳولهڻ ۾ مدد گار ٿئي ائين ٿيو ته چڻ محنت سڦل ٿي.[2]

ليڪڪ پنهنجو مواد زندگيءَ جي وسيع دائري مان چونڊي ٿو. زندگيءَ جي مسئلن جي انفرادي توڙي اجتماعي طور تي عڪاسي ڪهاڻيءَ مان ٿئي ٿي. من جي مونجهارن کان وٺي ڪائناتِ جي پراسراريت ڪهاڻي جا موضوع ٿي سگهن ٿا.

سنڌ جي تخليقي ادب ۾ ڪهاڻي جو جائزو وٺڻ سان جيڪي ڳالهيون تلهي ليکي ڳڻائي سگهجن ٿيون انهن ۾ اسان جي اجتماعي روين کان سواءِ انفرادي امنگن جي ترجماني، ان صنف جي ڪاميابي ۽ مقبوليت جو وڏو ۾ وڏو سبب چئي سگهجي ٿو ڇاڪاڻ جو ان ۾ اسان جي قوم جي مجموعي سائيڪي به موجود آهي ته فردن جي انفرادي سائيڪي به صاف نظر اچي ٿي. ان لحاظ کان سنڌي ڪهاڻيڪارن قوم، سماج ۽ فرد جي دلي ۽ ذهني ڪيفيتن، جذباتي ۽ نفسياتي گهرجن ۽ خواهشن جي پورائي ۽ عدم آسودگيءَ جي وچ ۾ ڇڪتاڻ جي عڪاسي ڪئي آهي ۽ هو چڻ ته انهن ٻن قوتن جي وچ ۾ قطب نما جي سئيءَ وانگر ڪڏهن هڪ طرف ته ڪڏهن ٻئي طرف جهڪندا رهيا آهن.[3]

جمال ابڙي 60_1950ع جي ڏهاڪي ۾ ڪهاڻيون لکيون. ان دؤر کي ڪهاڻيءَ جو عبوري دؤر چيو وڃي ٿو. ان دؤر جو سڀ کان نمايان رجحان سماجي حقيقت نگاري (social realism) هو.

ڪهاڻين جا موضوع گهڻو ڪري معاشري جي تلخ حقيقتن تي ٻڌل هئا. جا هلائڻ رسمن رواجن، طبقاتي فرق ۽ جاگيرداري سماج خلاف کليو اظهار ملي ٿو. تنهن ڪري ئي پير حسام الدين راشديءَ لکيو هو ته،

1947ع کان اسان جي جديد ادب جو ٽيون دؤر شروع ٿئي ٿو. هن دؤر کي جيڪڏهن اسان پنهنجي دؤر جي سونهري دؤر، قيمتي دؤر ابدي ۽ ازلي دؤر سڏيون ته هوند بيجا نه ٿيندو. هنن ٻاويهن سالن جي مختصر عرصي اندر سنڌي ادب جي

صفا ڪايا پلٽجي ويئي آهي ۽ اميد ڪان وڌ انقلاب آيو آهي. آءُ هن دؤر کي انهي ڪري قيمتي، سونهري، ازلي ۽ ابدي سڏيان ٿو جو هن دؤر جو سچو ادب با مقصد آهي.[4]

عبوري دؤر جي بين ڪهاڻيڪارن ۾ شيخ اياز، اياز قادري، غلام رباني، رشيد ڀٽي، سراج، حفيظ شيخ، ثميره زرين، مهتاب محبوب وغيره جا نالا اچي وڃن ٿا. جيئن ته اهي سيئي ترقي پسند اديب آهن ۽ انهن ترقي پسند تحريڪ جي اثر هيٺ معاشي ۽ سماجي پس منظر ۾ ڪهاڻيون لکيون پر جمال ابڙي وٽ سوشل ريئل ازم جو رجحان وڌيڪ واضع ملي ٿو.

جمال ابڙو پهريون ئي فنڪار آهي، جنهن فن ۽ مقاصد ۾ ظاهر ظهور حقيقت نگاريءَ جو رواج وڌو. ڪائنس اڳ ۾ انفرادي ڪوششون ضرور ملن ٿيون، پر انهن جي منظم وجود جو ثبوت ڪو نه ٿو ملي. جمال ابڙي وٽ حقيقت نگاري روسي اديبن وانگر بلڪل نوس شڪل ۾ ملي ٿي. هو پنهنجي ڪهاڻين جا موضوع سنڌي سماج جي تلخ حقيقتن مان ڪٽي ٿو جيڪي زندگيءَ جا نهايت ئي بدزيبا روپ آهن.[5]

## جمال ابڙي جي ڪهاڻين جو جائزو:

### مان مرد:

"مان مرد" جمال ابڙي جي هڪ شاهڪار ڪهاڻي آهي، جيڪا فينٽسي جي انداز ۾ لکيل آهي. ان ۾ اهڙي سماج جي عڪاسي ڪئي وئي آهي جتي 'عورت حڪمراني' آهي ۽ مرد جي حيثيت اهڙي آهي جهڙي سنڌي سماج ۾ عورت جي. هن ڪهاڻيءَ ۾ جن مسئلن جو ذڪر ڪيو ويو آهي نوان نه آهن. انهن تي ڪيترن ئي اديبن لکيو آهي پر جمال جو پيش ڪرڻ جو انداز نئون آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ جهنگليءَ معاشري جي سنڌي معاشري سان ڀيٽ ڪئي وئي آهي ۽ پاڻ کي مهذب سڏرائيندڙن کي آئينو ڏيکاريو ويو آهي.

"منهنجو وڏو ڇوڪرو ته جواني ڪاٽي ويو اڃا پريا پيس. ننڍي ته هڪ ڏينهن روئي اچي ڳراٽڙي پاتم، دل جو حال ڪري ڏنائين ته ڦلاٽي مون کي ڇڪي ڀيئي مون به ڪيس پڃائي ڪڍيو. منهنجي زال اچي ڪاوڙي ته منهنجو نڪ وڍجي ويو. مون کي پئي ڪل اچي ته ڇوڪرو جوان جمان وڃي شادي ڪيائين، هن پوڙهي رن جو ڪهڙو نڪ وڍيو. چڱو ڪيائين وڃي گهر ٺاهيائين. ها البت اسان جي ملڪ جي ڪا ڇوڪري پڃي وڃي ته... واقعي نڪ ڪپجي وڃي... مان ڪياڙي ڪنهڻ لڳس."

مان مرد عورت جي مسئلن ۽ مظلوميت تي هڪ منفرد ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ جمال ابڙي پاڻ کي عورت جي جڳهه تي رکي ان جي پيڙا کي محسوس ڪيو آهي.



Gul Hayat Institute

عام طرح سان چيو ويندو آهي تہ احساسن کي صرف محسوس ڪري سگهجي ٿو. انهن کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ ڏکيو آهي، پر جمال ابڙي جهڙي طرح سان ڪردارن جي ڪيفيت ۽ احساسن کي بيان ڪيو آهي ان جو جواب ڪونهي، پڙهندڙ جي اندر کي وڍي نڙي ۾ ڪنڊا ڏيا لڳن.

شاهہ جو قر:

اسان جي سماج ۾ ڪيترائي طبقا آهن ۽ انهن طبقن جي بنياد تي ئي ڪي ماڻهو افضل ۽ اعليٰ سمجهيا ويندا آهن تہ ڪي ڪمتر ۽ نيچ. مرد ۽ عورت، امير ۽ غريب، سيد ۽ امتي انهن ۾ هر هڪ جو رتبو هڪٻئي کان مختلف آهي. ڪردار کي سندس اعمالن ۽ شخصي لياقت جي بنياد تي نہ بلڪ انهن مقرر پيغامن (parameters) ۾ رکي ڪري ڏٺو ويندو آهي. ڪهاڻي شاهہ جو قر ۾ ذات پات جي فرق تي ڀرپور طنز ٿيل آهي. ليکڪ پيرل شاهہ جو تعارف ڪرائيندي لکي ٿو تہ:

”پيرل شاهہ ڪو شهر جو چڱو مڙس ڪونہ هو پر سڀ کيس سائين پيرل شاهہ چوندا هئا. سيد جو سڏائيندو هو! ڳوٺ جي ڀرئي مڙس کي تہ ڪو ليکيندو ئي ڪونہ هو. هو غريب پنهنجي مٽي کنهڻ ۾ پورو هو. پيرل شاهہ کي چڻ سرڪار دوجهان وٽان سرٽيفڪيٽ مليل هو تہ تون افضل ۽ اعليٰ آهين. بوڪڙو ملا بہ سندس هٿ چمندي ڏاڙهي پيا ڏاڙهي پيا ڏڪائيندا هئا. عام رواجي ماڻهو تہ سندس موچڙي ستيا هئا، سيني جو ڪم هو کيس پيرين پوڻ. (شاهہ جو قر)“

مريم (ممڙي) هڪ معصوم ڪردار آهي جنهن لاءِ هر ماڻهو مامو آهي، پر جڏهن هو پيرل شاهہ کي ماما تي چوي تہ ان جي شان ۾ مان ۾ گهٽتائي اچي وڃي ٿي ۽ پنهنجا هوش حواس وڃائي ويهي ٿو.

پاڻ کي اهلبيت سڏائيندڙ حيوان بنجي ٿو پوي، ممڙي هڪ ئي لت سان ليٽڙيون پائيندي وئي. هن ڪهاڻي ۾ ذات پات ۽ ننڍ وڏائيءَ واري سوچ تي ڀرپور طنز آهي.

منهن ڪارو خميسي جو ڪوٽ ۽ ڪارو پاٽي ڪهاڻيون معاشي مسئلي تي لکيل آهن، انهن ۾ طبقاتي فرق کي ڏيکاريو ويو آهي.

ڪهاڻي ”منهن ڪارو“ ۾ هڪ طرف دين محمد جو ڪردار آهي جنهن وٽ پنهنجي اڍائي سالن جي معصوم پٽ جان بچائڻ لاءِ پهچ ڪانهي ۽ هو ڊاڪٽر جون چيل بہ سيون خريد ڪري نہ ٿو سگهي، اها هڪ انتها آهي جيڪا هن جملي مان ظاهر آهي:

”سائين ڪالهاڪون پڙهہ ٻٽ پيو آهي چون ٿا تہ خناق اٿس، سرڪاري ڊاڪٽر سيون ٿو گهري، بہ ويهون لڳنديون.“

ٻئي طرف اجايا خرچ آهن، لت لڳي پئي آهي، عياشيون آهن، قبرن ۽ پيرن



Gul Hayat Institute

خاص فضا يا پس منظر اپارڻ لاءِ تصوير ڪشي ڪري ٿو. ڪٿي ڪٿي تشبيهہ ۽ بيان جي ايجاد سان ڪهاڻيءَ جا پهلو روشن ڪري ٿو.

اهڙيءَ طرح جو هڪ ڪردار يا ان واقعاتي حالات لاءِ دل ۾ رحم يا نفرت جا جذبا گڏ ٿيندا وڃن ٿا ۽ ڪهاڻيءَ جي انجام سان گڏ هڪ شديد تاثر پڙهندڙ جي ذهن ۾ ڄمي وڃي ٿو.

مجموعي طرح سان جمال ابڙي تلخ سماجي حقيقتون بيان ڪيون آهن. عام انسانن جون تڪليفون، سندن مصيبتون، انهن جا اسباب ۽ زندگيءَ جا مڙئي پهلو سندس ڪهاڻين ۾ سمايل آهن، جن ۾ درد بہ آهي تہ پيڙا بہ. هن جا موضوع هر طبقي جي نمائندگي ڪن ٿا، هو ڊرائينگ روم جو ليکڪ نہ آهي بلڪ پنهنجي ماحول جو سچو ۽ کرو ترجمان آهي. ماڻهن سان وابستگي ۽ جذبو ئي آهي جيڪو هن کي لکڻ لاءِ مجبور ڪري ٿو. نورالهدي شاهہ جي لفظن ۾:

هر ذات ڏٽي جي من۔ اگڻ تي پيڙائن جو هجوم هوندو آهي، پيڙائون رسي وڃن تہ اندر جو ذات ڏٽي مري پوندو آهي. (ڪربلا)

جمال ابڙي جون ڪهاڻيون اسان جو سرمايو ماضيءَ جو اولڙو حال جون ترجمان ۽ آئيندي جو الڪو ۽ حسين سپنو آهن. هن پنهنجي ڌرتيءَ تي رهندڙ پاڻ جهڙن انسانن جي زندگيءَ جو غور سان مطالعو ڪيو آهي. هن نہ صرف خارجي حالتن جي عڪاسي ڪئي آهي، ماڻهن جي اندر ۾ جهاتي پائي هنن جي مختلف ڪيفيتن، جذبن، امنگن، خوشي ۽ غم کي ڏٺو آهي ۽ هر ڪيفيت ۽ جذبي کي پنهنجو سمجهي نهايت پر اثر انداز ۾ بيان ڪيو آهي.

(ڪلاچي تحقيقي جنرل، جمال ابڙو نمبر 2004)

Gul Hayat Institute

# جمال ابڙي جون ڪھاڻيون ۽ اتساھ

شاهده دوست محمد

جمال ابڙو سنڌ جو ناميارو اديب، عالم ۽ ليڪڪ هو. پھريون فنڪار هو جنھن فن ۾ ظاهر ۽ ظھور حقيقت نگاريءَ جو رواج وڌو. ڪانئس اڳ ۾ انفرادي ڪوششون ضرور ملن ٿيون پر انھن ۾ منظم وجود جو ثبوت ڪونہ ٿو ملي. سندس دوربين نظر، اديب جي حيثيت ۾ محسوس ڪيو تہ سنڌ جا ماڻھو صدين ڪان انڌن عقيدن ۽ رسمن جي اذيتناڪ پيڙائن ۾ مبتلا آهن. سنڌي ماحول ۾ ڪيس اهڙا ڪئين بيوس انسان مجبور ڦٿڪندا ۽ تڙپندا نظر آيا جيڪي سماج جي بي جوڙ بندشن ۾ قاتل هٿا. هن انھن اهم موضوعن کي پنھنجي افسانن ذريعي اپاري اڳيان آندو. سچائيءَ کي بي خوفيءَ سان بيان ڪيو ۽ ڪوڙ لاءِ نفرت کي بيدار ڪيو آهي.

جمال ابڙو انھن افسانہ نويسن مان هو جن پنھنجي خوبصورت ٻوليءَ ذريعي حقيقت جي چھري تان نقاب لاهي ان جي بدنما روپ کي دنيا آڏو نروار ڪيو. جمال ابڙي پنھنجي ڪھاڻين جا موضوع ان طبقي مان کنيا جيڪي پرماريت جو شڪار آهن. سندس موضوع وڌيرڪي سماج ۾ ماڻھن سان حيواني سلوڪ، اذيتناڪ صورتحال، بک، بيروزگاري، مفاد پرستي ۽ نفسانفسي متعلق آهن. جمال ابڙي جھڙي طرح حقيقت نگاري پنھنجي ڪھاڻين ۾ ڪئي اها نہ صرف حقيقت جي آگاهي ڏئي ٿي پر ماڻھوءَ کي سوچڻ تي مجبور بہ ڪري ٿي. سندن جذبن کي پڙڪائي ٿي ۽ ڪين سماج جي اهڙي شڪل کان نفرت ٿيڻ لڳي ٿي.

ممتاز مھراڻ رسالي ۾ لکي ٿو تہ ليکڪ جي جانبداري نظرياتي کان (relative term) آهي. تخليقي محرڪات ۾ جانبداري ۽ وابستگي ثانوي حيثيت رکن ٿيون. ڇاڪاڻ تہ تخليق ڪنھن فرد يعني تخليقڪار جي جذبن، امنگن ۽ تاثرات جو اظهار هوندي آهي. تخليق جو سمورو عمل (inspiration) تي آڌار (spontaneous) رکي ٿو. تخليقڪار پنھنجي لاءِ اڳواٽ ڪو ضابطہ عمل تيار ڪو نہ ڪندو آهي تہ جيئن انھيءَ فريم ورڪ تحت هو رچنائون لکندو وتي. ليکڪ جنھن معاشري ۾ رهندو آهي ان جي صورتحال کي داخلي يا خارجي ۽ اڪثر گڏيل سڏيل رنگ ڏيئي پيش ڪندو آهي، هو گھٽو ڪري پنھنجي طبقي جي صورتحال ۽ مسئلن کي

تخليق جا موضوع بڻائيندو آهي.

جمال ابڙو سنڌ ڌرتيءَ جو اهو ليکڪ هو جنهن جي مٽيءَ ۾ انسانيت، اميد پرستي، پيار، محبت ۽ امن هو. جنهن جو فڪر زندگي پروري هو. اهو فڪر سنڌ جو فڪر هو.

خوشي ۽ غم، اميد ۽ نااميدي، آس ۽ نراس، کل ڀوڳ ۽ روج راڙو ڪاميابي ۽ ناڪامي، تنهائي، وڇوڙو ۽ ميلاپ. اهي سڀ انساني زندگي ۽ انساني صورتحال جا مختلف تجربا ۽ نمونا هوندا آهن. تخليقي ادب هميشہ انفرادي تجربي جو حصو هوندو آهي. بقول فينن جي جيئن تہ انفرادي تجربو قومي تجربو هوندو آهي ۽ جيئن تہ اهو قومي وجود جي زنجير جي ڪڙي هوندو آهي، ان ڪري اڪيلو محدود ۽ ويڙهيل نہ هوندو آهي پر قومي ۽ نيٺ آفاقي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي. پر ان قسم جي انفرادي تجربي کي قومي تجربي جو حصو بڻجڻ لاءِ ضروري شرط هي آهي تہ تخليقڪار جو اهو انفرادي تجربو نوس سچائي تي ٻڌل هجي، سچائي جو مطلب فوٽو گرافڪ عڪس نگاري نہ بلڪ ذهن ۽ ضمير جي سچائي، اندر جي سچائي جنهن کان سواءِ زندگيءَ کي (tolality) ۾ پرکڻ ۽ پيش ڪرڻ ناممڪن آهي.

بقول سراج صاحب جي جمال سنڌي ادب جي انهن ستونن مان آهي، جيڪي نہ رڳو ادب جي پرجهلي ۽ ٽيڪ جو ڪم ڏين ٿا پر ادب جي عمارتن کي بازنطيني ۽ حسن بخشيندا آهن. اڄ جي مختصر ڪهاڻيءَ جي ارتقا جمال کانسواءِ سمجهڻ جيڪڏهن ناممڪن نہ تہ محال ضرور آهي.

ڪهاڻي زندگيءَ جي ڪهڙي بہ موضوع تي لکي سگهجي ٿي ۽ اها پنهنجي لهجي ۾ هلڪي، گنڀير يا مذاقي ٿي سگهي ٿي. پل پوءِ اها سياسي، سماجڪ، ڌارمڪ، نفسياتي، عياري، اسراري، ساموندي، هوائي يامن وگيامڪ هجي. ڏسڻو اهو آهي. تہ ليکڪ زندگيءَ جي ڪهڙي ڌارا جو طرفدار آهي: زندگيءَ جي معني کي قبول ڪري ٿو يا رد ٿو ڪري، ان جي مختلف مسئلن جي محض عڪاسي ٿو ڪري يا ڇيد ٿو ڪري، ضروري آهي تہ ليکڪ کي زندگيءَ لاءِ نظريو هجي. سڄي دنيا جي ڪهاڻي آهي، جدا جدا ملڪن جا ڪهاڻيڪار پنهنجي پنهنجي فن ۽ ڏاهپ سان ڪهاڻيون سرجي رهيا آهن. جيستائين ماڻهو سلامت آهي ايستائين ڪهاڻي بہ سلامت آهي. سنڌي ڪهاڻيءَ جي بہ پنهنجي تاريخ آهي اها بہ پئي سرجي. ڪڏهن ان ۾ ماٺار، ڪڏهن تيزي، تہ ڪڏهن صفا خاموشي آهي. اسان جي سنڌي ڪهاڻيءَ جي بہ هڪ ڪهاڻي آهي، چون ٿا تہ سنڌي ڪهاڻي ختم ٿي وئي آهي. ڪي چون ٿا تہ سنڌي ڪهاڻي کي گولي لڳي وئي آهي. ڪي چون تہ ٿا تہ اها زخمي آهي، رت پئي ڳاڙيا ڪي چون ٿا تہ زندهہ ۽ سلامت آهي.

ڊاڪٽر فهميده حسين جي ڪهاڻين جي ڪتاب هڪ حوا ڪئين ڪهاڻيون، جي مهاڳ ۾ جمال ابڙو لکي ٿو تہ، مختصر افسانو يا ڪهاڻي ايتري

پراڻي صنف آهي جو اندازو ئي نٿو لڳائي سگهجي. ماڻهو جڏهن لکڻ ئي نه ڄاڻندو هو ته غارن ۾ رهندي، تصويرون پٿر تي گهڙي، شڪار جون خطرناڪ ڪهاڻيون ۽ ڪاميابيون اڪر وسيلي ريڪارڊ ڪري ڇڏيائين. لکت ۾ مختصر ترين ڪهاڻيون ته پٽ ڌڻي لطيف سائين بن ٽن سٽن ۾ لکي ڇڏيون، چيائين ته:

اڱڻ تازي، ڀر ڪنڌيون، پڪا پٽ سونهن،
سرهي سيج، پاسي پرين، مرڪيا مينهن وسن،
اسان ۽ پرين، شال هون برابر ڏينهڙا.

منظر ڪشي اهڙي جو جڻ ته تصويري ڪهاڻي آهي ۽ پنهنجو پاڻ مڪمل آهي.

ڪهاڻي لاءِ روئڻ واري دل جو هجڻ ضروري آهي. روئڻ واري دل نه هوندي ۽ ضمير سجاڳ نه هوندو ته ڪجهه هٿ پلئه نه پوندو. ڪهاڻي لاءِ ضروري آهي ته منجهس سچ جي جهلڪ هجي، مسئلي جو پورو مطالعو هجي ۽ اٽلڪو ئي سهي، پر ڪجهه ڪرڻ جو پيغام به هجي. ڪهاڻيءَ جي سٺاءَ لاءِ چار ڳالهيون ضروري آهن: هڪ ته ڪهاڻي اهڙي دلچسپ هجي جو لس پڙهي ويجهي ۽ ڇڏڻ تي دل نه چوي، ٻيو ته پڙهڻ وارو ان ۾ ايڏو محو ٿي وڃي جو پاڻ کي ڪهاڻي جو ڪردار سمجهڻ لڳي. ٽيون ته ڪهاڻيءَ چوٽ ڪلائيمڪس تي بنا ڪلائيمڪس به هو ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ لاءِ سوچي. چوٿون ته ڪهاڻي جو مرڪزي ڪردار پلي هٿيار ڦٽا ڪري ٻيڙي ٻوڙڻ ڏئي ته به پڙهندڙ کي ضمير جي جهنجهوڙ ايتري اچي جو هو حل ڳولهڻ ۾ مددگار ٿئي.

جمال ابڙي جو فن، ظاهريءَ طرح سان ماحول جي عام دقيق واقعن ۽ بيڙين رسمن جي هڪ عبارت آهي. ان ڪري هن وٽ صرف تيز ۽ پڙڪائيندڙ جذبا ملن ٿا. صحيح ادب اهو آهي جو عام ماڻهن ۾ نه رڳو پنهنجي حقن جي ڄاڻ ڏئي پر انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ منجهن امنگ ۽ اتساهه ۽ پاڻ ۾ مڪمل اعتماد پيدا ڪري ٿو ته هو پنهنجي طاقت سان پنهنجا حق ڦورو طبقي کان حاصل ڪري سگهن ٿا.

ڊاڪٽر غفور ميمڻ جي ڪتاب "سنڌي ادب جو فڪري پس منظر" ۾ هڪ حوالو لکيل آهي ته:

"The mind of the artist and his sense and his sense of perception are directly determined by his social environment, the object that he sees exists only in relation to its surroundings."

فنڪار جو شعور ۽ سندس مشاهداتي حس سڌو سنئون، سماجي ماحول جا پابند آهن. جيڪا شيءَ ڏسي اها سندس آسپاس جي ماحول سان واسطو رکڻ جي ڪري وجود رکي ٿي.

جمال ابڙو سنڌي زبان جو عظيم افسانه نويس هو. هن جي ڪهاڻين ۾ سماج جي مظلوم انسانن کي پيش ڪيو ويو آهي. ۽ انهن جي واتان سماج جي روايتن ۽ طبقاتي نظام خلاف آواز بلند ڪيو آهي. سندس افسانن جا ڪردار غريب ۽



Gul Hayat Institute

مظلوم هجڻ جي باوجود سرڪش، باغي ۽ انقلابي آهن. سندس شاهڪار افسانو ”پشو پاشا“ هڪ ڪرداري افسانو آهي. ان جو ڪردار پشو پاشا هڪ جابلو شينهن مڙس آهي، جيڪو باغي ٿئي ٿو ۽ عملي طرح بغاوت ۾ حصو وٺي ٿو. جمال ابڙي هن افساني ذريعي اجتماعي جدوجهد جو اصول پڌايو آهي هن ڪهاڻيءَ سبب جمال ابڙي کي گورڪي جو خطاب مليو.

هن ڪهاڻي کان سواءِ پيراڻي، شاهه جو ڦر، ڪارو پاڻي، خميسي جو ڪوٺ، سينڌ، ماءُ جي جهولي جمال ابڙي جون بهترين ڪهاڻيون آهن. سندس افسانن جو مجموعو پشو پاشا جي نالي سان ڇپيو آهي. پشو پاشا جو ٻيو ڇاپو ڪهاڻيون، مضمون، شخصيت جي نالي سان منظر عام تي آيو. اصل ۾ اهميت لکڻي جي آهي. جيئن شيڪسپيئر جي اهميت پنهنجي جاءِ تي آهي پر هيمليٽ جي اهميت پنهنجي جاءِ تي آهي. اهڙي طرح جمال ابڙي جي اهميت پنهنجي جاءِ تي پر پشو پاشا جي اهميت به پنهنجي جاءِ تي آهي. ليڪ جيڪا اهميت حاصل ڪري ٿو سا به پنهنجي لکڻين جي ڪري حاصل ڪري ٿو. پشو پاشا ۾ جمال ابڙي اهڙين حقيقتن تان پردو کنيو آهي جن ۾ معاشري جي برائين ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي. ليڪ تمام بي ڊپي انداز ۾ لفظن جي پردي ۾ سچائي کي کولي بيان ڪيو آهي. سندس انداز اهڙو ته طلسماتي آهي جو منهن تي برائي به ڪري ٿو ته به بري نٿي لڳي. هُو ٿوري ئي عرصي اندر هڪ وڏي ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ اڀريو. هن جي ڪهاڻين جا بنياد، خيال آرائي بدران حقيقت نگاري جي خشڪ ۽ پٿريلي زمين تي رکيل آهن. ڳوٺاڻي ۽ مقامي زندگيءَ جي مسئلن جو عڪس سندس ڪهاڻين جي اهم خصوصيت آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ مقامي رنگ جي هڪ زبردست لهر ڇانيل آهي. جمال ابڙي سنڌي ادب ۾ بهترين ڪهاڻين جو اضافو ڪيو. سندس ڪهاڻين جو تعداد هڪ ڊزن مس آهي. جيڪي مختلف رسالن ۽ ادبي مجموعن ۾ ڇپيون آهن ۽ ساڳيون ئي ڪهاڻيون پشو پاشا ڪتاب ۾ يڪجا ٿيل آهن جنهن جا ٽي ايڊيشن نڪري چڪا آهن ۽ چوٿون ڪتاب ”ڪهاڻيون، مضمون، شخصيت“ جي نالي سان سامهون آيو آهي جنهن ۾ چار اضافي ڪهاڻيون ۽ ڪجهه مضمون پڻ ڏنل آهن.

هن پنهنجي افسانن ۾ ڳوٺن جي غلاظت ۽ شهرن جي نجاست مان صفائي جي پوٺن کي ڦٽندي ڏيکاريو آهي، هن جي افسانن ۾ سچائي نظر اچي ٿي. جمال ابڙو زندگي جي سنگين حقيقتن، سچن واقعن ۽ منظرن کي پنهنجي ڪهاڻين جا موضوع بڻائي ٿو. هو پنهنجي ڪردارن جي اندر کي چڱيءَ طرح پروڙي ٿو. سندس اکيون من ۾ متل مانڌاڻ کي به ڏسن ٿيون ته ان ڪانسوءِ ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جي لڪل قوتن کي به ڏسي وٺن ٿيون. سنڌي ماحول جا عام واقعا سر زمين سنڌ تي هنڌين ماڳين پکڙيا پيا آهن.

جمال ابڙي جيڪي ڏٺو محسوس ڪيو اهو سياسي، رياستي جبر هجي يا سماجي ناانصافي هن انهن کي محسوس ڪيو ۽ خود پوڄيو ۽ پنهنجي ڪهاڻين ۾



Gul Hayat Institute

قلمبند ڪيو. هو انسانيت دوست هو. هو ڪنهن به انسان کي ڦٿڪندي ڏسي ٿو ۽ درد ورتل ڏسي ٿو ته قلم کڻي ٿو.

مثال طور خميسي جو ڪوٽ ڪهاڻي ۾ جمال ابڙي هڪ اهڙي طبقي جي ڪردار کي امر بڻائي ڇڏيو جيڪي غربت جي ڪري تڙپي تڙپي مري ٿا وڃن. خميسو هڪ پورهيت جو ڪردار آهي. هن ڪهاڻي ۾ غربت جي انتها آهي ته هڪ غريب ڀار ڪهڙي طرح سان زندگي گذاريندو آهي. هي ڪهاڻيءَ هڪ نيئن سوچ کي جنم ڏئي ٿي. آخر ۾ اهو ڀار خميسو سردي ۾ بيمار ٿي مري وڃي ٿو ان جي منظر ڪشي ڏسو ڪيڏي نه دردناڪ آهي.

خميسي کي ملان وهنجاري ميرو ڪوٽ لاهي نئون ڪپڙو ويڙهيو مون عطر به آندو. سندس ننيڙا ڏند اجا به ٺڏ جي شڪايت ڪري رهيا هئا ڪيس سڌو سنئون ڪٽ تي سمهاريو ويو سيني قطار ٻڌي ۽ ملان الله اڪبر چيو.

جمال چڙ ته طنزيه چئي ٿو ڏي ته هڪ غريب مري ويو ان جي جاءِ تي وري ٻيو خميسو اچي ويندو:

ٻئي ڏينهن خميسي جو ننڍو ڀاءُ مهر ڏاند وٺيو بيٺو هو. ڪيس اهو ئي خميسي وارو ڪوٽ پيل هو.

خميسو هڪ معصوم ڪردار آهي سندس دنيا نرالي آهي. هن جي نظر ۾ ملان عجيب مخلوق آهي جنهن کي ستائڻ سان ڪيس مزو ٿي آيو. هو مون کي چيڙائيندو هو مان تڪڙو وڏي وڪ ۽ هو پٺيان ڇوندو رهندو هو مُلان!ملان! ملان! ... او مُلان! مان اوور ڪوٽ جي ڪالرن کي ٺاهيندو الله ڏي ويندو هئس ۽ هو ڊورن ڏي. مان وچي شڪر ادا ڪندو هئس ۽ پنهنجي صحت ۽ خوشحالي جي دعا گهرندو هئس. هو فصل جي سنڀال ڪندو هو.

هن ڪهاڻيءَ ۾ غربت، مفلسي، بک، بيماري ۽ لاچاري نظر اچي ٿي پر هن معاشري جو دستور اهو آهي. هتي روز هڪ خميسو مرندو آهي ته ٻيو جنم وٺندو آهي اهو هن دنيا جو قانون آهي ته غريب جي زندگيءَ ۽ موت ڪا معني نٿي رکي. هن سرزمين تي انسان مسڪينيءَ جي ڏولائن جي ڏول ۾ سدائين لاءِ انگ اگهاڙو ۽ پيٽ بکيو بنجي ويو آهي.

”اهڙي ئي غريب جو ذڪر سندس ڪهاڻي پيراڻي ۾ به آهي. پيراڻي جي ماءُ پيراڻي سان بلڪل لڳي ٿي هلي. پٽس به ڪيس آگر ڏني هئي. ابا هاڻي ڳوٺ ٿا هلون پٽس ڪنڌ سان هائو ڪئي سندس اندر ڪاڏو پيو هو. ماڻس محسوس ڪيو ته ڪا وڏي شئي سندس ڇاتي ۾ اٽڪي بيني آهي، جا ٻاهر نڪرڻ لاءِ اڌما پئي ڪائي. لالو وارا اڳي ئي بيٺا هئا ماڻس مشين وانگر ست ڏيئي پيراڻي کي کڻي ورتو ۽ ڇاتيءَ سان چنبڙايو. ماءُ ۽ ڌيءَ جون دليون ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳيون. ماڻهو مڙي ويا. پٽس ڌڪندڙ هٿن سان پيراڻي جي ٻانهن کي ڇڏايو. ماءُ جو هنيانءُ ڦسي پيو. آندا

ودجي پيا، دل دانهن ڪئي "اڙي منهنجو پيراٽي نندڙوا" ڇوڪري هنيانءَ ڦاڙي دانهن ڪئي. پکي پڙڪو ڏيئي اڏاميا."

غريبي ۽ بدحالي جي ايڏي ڀيانڪ تصوير جو مائٽ پنهنجي اولاد کي وڪڻڻ لاءِ تيار آهي. بقول شيخ اياز جي ته نه ڄاڻان ته ڪنهن چيو آهي ته نثر پنڌ ڪندو آهي، نظم رقص ڪندو آهي پر جمال جي ڪهاڻي پيراٽي پڙهي مون کي محسوس ٿيو ته نثر به رقص ڪندو آهي. هن جي پيراٽي شروعات ۾ ڇڻ ڇم ڇم ڪندي اچي ٿي ۽ گهنگهرو گجن ٿا. اوچتو هڪ چيخ فضا کي چيري ٿي ۽ ڪهاڻي ڪانڊن ٽانڊن تي رقص ڪندي نظر اچي ٿي.

سدا آهي ساهه کي ڳيپي جي ڳولا،
ڏؤ بنا ڏولا ناهي ساڃاهه سونهن کي.
(شيخ اياز)

جمال ابڙي ڪهاڻي پيراٽي ذريعي حقيقت جي ڇهري تان نقاب لاهي ان جي بدنما روپ کي دنيا اڳيان نروار ڪيو آهي. فني لحاظ کان جمال ابڙي جي افسانن ۾ خوبيءَ هي آهي ته، هو ننڍن ننڍن جملن، خالص سنڌي محاورن ۽ تشبيهن ذريعي، مقصديت ۽ تاثر پيدا ڪري ٿو. انهيءَ لحاظ کان به هو سنڌي زبان جو منفرد افسانو نويس آهي.

دنيا ۾ انسان ته آهن پر انسانيت نالي جي شيءِ هر انسان ۾ ڪونهي. هن ڪهاڻي ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي ته هن معاشري ۾ ماڻهو ته آهن پر گهٽ ماڻهو آهن جن ۾ ماڻهپو آهي ۽ پيرل شاهه جو ڪردار به انهن مان هڪ آهي. انسان اشرف المخلوقات آهي پر انهن مان ڪجهه ماڻهو اهو وساري ويٺا آهن ته اسين ڇا آهيون. ۽ ڇا ٿا ڪريون شايد انهن مان انسانيت مري وئي آهي.

مريم (ممڙي) هڪ اهڙو ڪردار آهي جنهن وٽ ذات پات جي تميز ناهي. هو معصوم ٻارڙي آهي جيڪا ڳوٺ جي سيني ماڻهن جو قرب حاصل ڪري ٿي. سيني سان شرارت ڪري ٿي ۽ سيني کي ماما چوي ٿي پر جڏهن شاهه صاحب کي ماما چوي ٿي ته هو ڪاوڙجي پوي ٿو ۽ ڪيس چمات هڻي ٿو. ممڙي جي پيءَ ڪيس مار ملڻ تي سخت ڪاوڙ ۾ اچي ٿو ۽ نفرت ۾ باهه وچان چوي ٿو ته "شاهه جو ڦر" انهي هڪ لفظ ۾ جمال ابڙي طبقاتي سماج لاءِ شديد نفرت جو ڀرپور اظهار ڪيو آهي.

غريب ۽ لاچار ماڻهو ٻيو ته ڪجهه نٿو ڪري سگهي پر برائيءَ جي خلاف نفرت جو اظهار ته ڪري سگهي ٿو جيڪو هن ڪهاڻي ۾ نظر اچي ٿو. مقامي رنگ جي روايت جمال ابڙي جي پيداوار آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ ٻهراڙيءَ جي فضا ملي ٿي ۽ ڳوٺاڻي زندگيءَ جا خدوخال نظر اچن ٿا ۽ انهن سان پيش ايندڙ وارداتون به اهي ئي آهن جيڪي هتي جي ماحول جو عام معمول بڻيل آهن. جمال جي



Gul Hayat Institute

ڪهاڻين ۾ شروع کان وٺي آخر تائين زندگيءَ جو منفي پهلو ملي ٿو. هر قدم تي بدصورتي ۽ نفرت منهن پون ٿا.

اهڙو ئي هڪ ڪردار جمال ابڙي جي ڪهاڻيءَ سينڌ ۾ بہ آهي. نماڻي نينگري، سرءَ جي ساڙيل سڪل پيلي ول جنهن جي من ۾ ڀهريون ڀيرو پيار جي رس ڀري هئي، اڏول، پنهنجي حق تي قائم سائي ٽيڻ جو حق، گلن جي ڪيڻ جو حق، ڪچيءَ تند ۾ حق چڪڻ جي ايڏي قوت! پر ايجاب ۽ قبول جو ڏاڳو ٻن هزارن روپين ۾ تلهي موٽي سنگهر تي چڪو هو.

هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪارو ڪاري جي بدنما رسم جي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هڪ بي گناهہ ڇوڪري معاشري جي رسمن جي هٺ چڙهي پنهنجي زندگي وڃائي ڇڏي ٿي.

بقول آغا سليم جي جمال ابڙي جا افسانا پڙهڻ وقت اوهان کي هلڪي آواز جي احساس بدران ٺڪاون، ڪڙڪاٽ ۽ شرڙاٽ جو احساس ٿيندو. جمال هميشہ پڙهندڙ جي تيز ڦٽڪندڙ تڙڦندڙ جذبن کي جاڳائڻ چاهيندو آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ ٻولي صرف ٻولي جي صحت خاطر استعمال ڪيل ڪونهي، پران ۾ جابجا فنڪارانہ جوهر بہ تجلا ڏئي رهيا آهن. انهن ۾ لفظ رڳو پنهنجو مفهوم ادا ڪونہ ٿا ڪن بلڪ اهي ڪاغذ مان ڪورجي جذبن ۽ احساسن جي صورت ۾ اٿل پٿل مچائي ڇڏين ٿا. سينڌ ۾ خارجي قوتن سان متصادم ڏيکاريندي، مکيہ ڪردار جي اضطرابي ڪيفيت کي نمايان ڪيو ويو آهي. حقيقت ۾ اضطرابي ڪردار ڇنبو ئي ان کي آهي جنهن جي جذبات ۾ هيجان برپا ٿئي ان جي مختلف خيالن ۾ تصادم پيدا ٿئي ۽ هو ڪوبہ فيصلو ڪري نہ سگهي تہ ڪيس ڪهڙي واٽ اختيار ڪرڻ کپي.

ٽڻل ٽنل پيلي زندگي ايئن ٿي وئي، جيئن آرهڙ جون ٻتون! هر صبح ۾ سانجهي جي گهٽ هئي ۽ هر سانجهيءَ ۾ صبح جوسور هو. نار جي لوٽي هئي. ڳچيءَ ۾ رسو کوهہ ۽ گهوٽا ۽ رات جو رينگٽ...

هن ڪهاڻيءَ ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي تہ هڪ نياڻي ڪهڙي طرح سان معاشري جي پيانڪ رسمن ۾ ڦاٿل آهي ۽ هن جي زندگي قيد ۾ آهي. آزاد معاشري ۾ رهندي بہ هوءَ اسير آهي موت جي.

اسپتال ۾ لاش گهر، ڪپيل چوٽي، چاقن جي چرچر، ٻنگي، ڊاڪٽر، مکين جون ڀون ڀون، ننگي ڇاتي، ادي ڀيڻ، نياڻي، ست قرآن.

ست قرآن نياڻي، ادي، ڀيڻ ڪاري ٿي مئي. اهو آهي هن ديس ۾ نياڻين جي قسمت تي ماتم. اها آهي غيرت جي نالي ۾ بي غيرتيءَ جي عمل جي عڪاسي ۽ اها آهي ان سماج جي منافق روين تي ڀرپور چوٽ.

چني گل گلاب جا ڪيئہ ڏارو ڏار،
اڙي موت ميار ايڏو ساڙ سڳنڌ سان!

Gul Hayat Institute

جمال جي ڪهاڻين ۾ اسان کي اهي سيئي ڳالهيون نظر اچن ٿيون جيڪي سوچڻ تي مجبور ڪنديون آهن ته هيءُ ڇا آهي؟ ۽ ڇو ٿو ٿئي. ان جو حل ڇا آهي ۽ جمال جي ڪهاڻين ۾ اهي ڳالهيون حقيقت بنجي نظر اچن ٿيون ته واقعي اهو غلط آهي. ماڻهو اهو وساري ويٺا آهن ته اسين ڇا آهيون. اسان جي زندگيءَ جو مقصد ڇا آهي؟ انسانيت جيڪو درس ڏئي ٿي، اسان ان معيار تي پورا لهون ٿا يا نه. اهو هڪ سواليه نشان آهي؟ اُن برائي جو حل ڇا آهي؟

سٺي زندگي اها آهي جنهن ۾ اسان پنڌ هلندي پين پانڌيئڙن جي اگهاڙن پيرن جي آڱرين کي پنهنجي بوٽ هيٺ نه چيپياٽيون.

جمال ابڙي جي ڪهاڻين ۾ معاشري جي براين ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي. ۽ منظر نگاري ته اهڙي خوبصورت انداز ۾ ڪئي وئي آهي. جو ائين ٿو محسوس ٿئي ته اهي ڪردار ۽ اهي منظر اسان جي اکين آڏو آهن هن جي ڪهاڻين جا ڪردار اسان سان گڏ آهن.

جمال ابڙي جي ڪهاڻين ۾ سخت اذيت ناڪ جاگيرداري قدرن ۾ به ماڻهپو آهي انهي ڪردار جي اعليٰ شڪل اسان کي سنڌي ماءُ ۾ ملي ٿي. سنڌي ماءُ سنڌ جو هڪ انوکو ڪردار آهي ماءُ چاهي ڪهڙي به روپ ۾ هجي هن ۾ زندگيءَ جو احترام، انسانيت ۽ مامتا موجود هوندي آهي اهڙو ئي ڪردار جمال ابڙي جي ڪهاڻي ماءُ جي جهولي ۾ آهي.

هڪ عورت جيڪا پردو ڪندي آهي. برقعي ۾ به ماڻهن جي موجودگي ۾ اتان لنگهي نٿي سگهي پر اها عورت هڪ معصوم ٻار کي بچائڻ خاطر مٿي اگهاڙي ماڻهن جي وچ ۾ ٻاهر اچي ٿي ۽ ٻار جي جان بچائي ٿي، ڏنم ته ٻار کي ڇاتي سان چنبڙائي چڏيو هئائين. چيم "سرڪاري پنگياٽي جو ٻار!"

"پنگياٽي هجي ڪ پنجاپڻ، پناهگير، ماءُ جي جهولي ته خالي ٿئي ها نه؟"

ماءُ دنيا جي عظيم هستي آهي. اهو ئي ڪردار اهميت جو حامل آهي. انسانيت سڀ کان قيمتي شئي جنهن کي بچائڻ خاطر هو قدرن کي رواج ۽ رسمن کي لتاڙي سگهي ٿي. ماءُ آخر ماءُ آهي.

سنڌ جي مٽيءَ کي سلام، سنڌوءَ جي مٿيالي پاڻيءَ کي سلام گهوگهاري ۽ گهٽهڙ جي سگداسين کي سلام.

سنڌي ماءُ سنڌ جوهڪ انوکو ڪردار آهي جنهن ۾ سنڌ جي فڪر جي جلهڪ موجود آهي. هو چاهي ڪهڙي به روپ ۾ هجي، غربت يا ڏک ۾ جنگ يا امن ۾ پر منجهس زندگيءَ جو احترام ۽ انسانيت پرستي موجود آهي.

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.



Gul Hayat Institute

جمال ابڙي کي اسلوب ۽ انداز بيان تي عبور حاصل هو. ٻوليءَ جو مها چاڻو هو. ڪيس تشبيهن ۽ محاورن جو استعمال استاديءَ سان ڪرڻ ايندو هو تنهن ڪري سندس افسانا زندگيءَ جو افسانو پيش ڪن ٿا. هن جي افسانن ۾ انساني نفسيات جو بيان بہ نظر اچي ٿو. انسان جو ضمير زنده هجي تہ جرم جيئڻ نٿو ڏي. هو ڪردار جي خارجي پهلو جي عڪاسي اهڙن تہ مختصر مگر موزون لفظن ۾ ڪري ٿو جو اهي پنهنجي سموري ظاهري اهڙن ڏيک ويک کان سواءِ اندر جي ڪيفيتن، درد ۽ درمانن کي بہ پاڻ سان ڪٺي پڙهندڙن جي سامهون اچي بيهي ٿو. هن پنهنجي ڪهاڻين جا موضوع زياده تر ان طبقي مان ڪنيا جيڪي ڏتڙيل ۽ پرماريت جو شڪار آهن.

"ڪارو پاڻي" هي ڪهاڻي پنهنجي اندر ۾ نهايت ئي گهرو تاثر رکي ٿي جنهن کي پڙهڻ سان همدردي جا جذبا پيدا ٿين ٿا ۽ انسان جي ٻنِ وسيءَ تي من کي لوڏو اچي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن انسان ايڏو خود غرض ٿي پوندو آهي جو پنهنجي اولاد کانسواءِ ڪجهہ بہ نہ وڻندا آهي ۽ ڪڏهن وري ايڏو ايمان کان نڪري بي حال ٿي پوندو آهي جو پنهنجي وجود تان اولاد جهڙي پياري شيءَ کي بہ قربان ڪري وجهي.

ڪارو پاڻي بہ هڪ اهڙي ئي ڪهاڻي آهي هن جو ڪردار قدرت جي سرد مهري جو شڪار آهي. زندگيءَ جو سفر هن اڪيلائي جي احساس ۾ گذاريو آهي ڪهاڻي جو مقصدي پهلو ان جي فني حسن کي ڍڪي نہ سگهيو آهي. ڪردارن جو هر ڪو فعل ۽ تبديلي حالتن مطابق آهي ان ۾ حيوان صفت جذبن تي انسانيت غالب آيل آهي. عرس جي ڪنور دل کي سومر جي موت جو ڪارڻ مڃجي پر عرس کان دريافت ڪرڻ تي ڪهاڻيڪار جڏهن ٻڌائي ٿو تہ:

سندس پيٽ خود پڻي سان لڳو پيو هو اکيون ڏرا ڏئي ويون هيس منهن تي وحشت، چڻ تہ ڪٿو نہ چڪيو هئائين ڪنڌ ڪٺي هيٺ ڪيائين. سندس اکين مان پاڻي ٽئي وهيو... . ٻڌندڙن جي اکين مان تي ويو. پاڻي ڪنو تہ رت وهڻ لڳو.

ڪارو پاڻي ۾ ڪهاڻي جي ابتدا ان وقت ٿئي ٿي جنهن وقت ڪردار سومر جي مزاج رچي هڪڙي قالب ۾ اچي چڪو آهي ۽ هاڻي ڪوبہ واقعو اثر انداز تي سندس طبيعت ۾ فرق آڻي نٿو سگهي.

"نہ هوس ٻار نہ ٻچو تہ زال نہ زنب نہ گهڻو ڳالهيندو هو نہ شڪايت ڪندو هو. رڳو نڙ سان ڪڏهن ڪڪڙ کي ڌڪ هڻندو هو ۽ ڪڏهن ڪانون کي هڪليندو هو. پٽڪو لاهي ڪانپ ڪيڏي چنل ڪٽ تي ويٺو ڪنگهندو هو. سندس اڇي مٿي، اڇي ڏاڙهيءَ ۾ اڇين مڇين جي وچ ۾ ننڍڙيون گنجهيل اکيون ٽم ٽم ڪنديون رهنديون هيون. ٻاٽس جي گهران مانيءَ ڳيو ايندو هوس. اٽيي چانورن جي ماني کي ڏڪندڙن هٿن سان پوري وات ۾ وجهي مٿان ڪٽي لسيءَ جو ڍڪ پريندو هو چڻ تہ ڦڪيءَ کي ڳيت ڏنائين."



Gul Hayat Institute

هن ڪردار ۾ طرز حيات، گهريلو پس منظر، عام انساني تعلقات، ڪردار جي اڻ سودگي، زندگيءَ ۽ ان جي بي شمار ڏکين گهڙين، پل پل جي محرومين ۽ لمحي لمحي جي دردن کي آشڪار ڪري ٿو.

جمال ابڙي جي ڪهاڻين ۾ زندگيءَ جي آرزمنديءَ ۽ شڪست خوردگيءَ جو احساس جاڳي ٿو هن جون ڪهاڻيون محضوص فڪر، نج ٻوليءَ ۽ تشبيهن جي لطافت، سنڌي ڳوٺاڻي ماحول جي عڪاسي، موضوع ۽ اسلوب جي هم آهنگيءَ ڪري ۽ سماجي بڇڙاين کان نفرت ۽ انسان دوستي جي جذبي باعث پاڻ گهڻي ڪشش رکن ٿيون.

هو پنهنجي مضمون عورت جي اسلام ۾ عزت ۽ آزادي ۾ ٻڌائي ٿو ته اسلام ۾ عورت نه داسي آهي نه ناپاڪ، هو ماءُ آهي جنهن جي پيرن هيٺيان جنت آهي. اها جنت نه رڳو آخرت ۾ پر هن دنيا ۾ به ميسر آهي.

هو لکي ٿو ته قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي ته مون ٻنهي جنسن کي هڪ جهڙا هٿ پير، اکيون ۽ صلاحيتون ڏيئي پيدا ڪيو آهي تنهنڪري ٻنهي مان ڪنهن کي به ڪنهن تي ڪا برتري حاصل نه آهي. اسلام ۾ پڙدي جو تصور آهي. مومن عورتن ۽ مردن جي لاءِ آهي ته ڪين چئو ته نظرون جهڪيل رکن ۽ شرمگاهن جي حفاظت ڪن ۽ عورت کي چيو ويو آهي ته پنهنجي زينت ظاهر نه ڪن سواءِ ان جي جو پاڻهي ظاهر ٿي پئي ۽ چادر سيني تي ويڙهي پاڻ ڍڪين.

هن مضمون ۾ عورت جي آزادي، پردي، شادي، طلاق، ڪارو ڪاري جي مسئلن کي بيان ڪيو آهي.

جمال ابڙو لکي ٿو ته مان ڀانيان ٿو ته انسان کي رحم جوڳو ٺهراءِ ٿي نه ڪپي. اها انسان جي توهين آهي انسانيت جي توهين آهي. انسان نهايت بلند ۽ بالا آهي هو ويچارو ۽ ڪين جهڙو نه آهي. مفلسي ڪيس ماري نٿي سگهي. انسان جيڪڏهن ڪنڊن ۾ اوٻاسيون ڏئي. شوڪارا ڀري ڇڙهيون هٽي مري وڃي ته ڇٽبو منجهانئس انسانيت ڪڏهوڪو مري چڪي هئي.

جمال جي افسانن ۾ بهر حال زندگيءَ جي مسئلن جي ڇيڙڇي نبيري جو هڪ عجيب مهر ڀريو انداز موجود ڏسجي ٿو ۽ هڪ ڪامياب افسانه نگار لاءِ هي هڪڙي ڳالهه ٿي لک جي برابر آهي ته هن جي دل ۾ زندگيءَ لاءِ محبت ۽ احترام جا جذبا موجود هجن ۽ ڪيس زندگيءَ ۾ ڀرپور اعتماد هجي. پر هاڻي اسان جي وچ ۾ اهو عظيم ڪهاڻيڪار ڪونه رهيو آهي ۽ زندگي جي مسئلن مان پنهنجي جان ڇڏائي ويو.

اڄ نه اوطاقن ۾، سا ڪا ٻوئن باس،
وڻا ويراڳي نڪري، ولا ڪري واس،
جن جي اندر ۾ اداس، سي لاهوتي لڏي ويا.

(ڪلاچي جنرل، جمال ابڙو نمبر 2004)



Gul Hayat Institute

# جمال ابڙو ۽ سندس افسانا

## عبدالعزيز خاصخيلي

جمال ابڙو سنڌي ڪهاڻي جي بنيادي ليکڪن مان آهي پر جيڪڏهن ائين چئجي ته هو جديد سنڌي افساني جي بانيڪارن مان آهي ته وڌيڪ مناسب ٿيندو. جمال ابڙي جو واسطو ان دؤر سان آهي جنهن دؤر ۾ مارڪس تحريڪ جو اثر هند ۽ سنڌ جي ماڻهن خاص ڪري اديبن تي پئجي رهيو هو جنهن ڪري ان دؤر جي افسانن جي موضوعن پڻ نئون رخ اختيار ڪيو. ان دؤر ۾ خيالي ۽ غير فطري ڪردارن جي بجاءِ معاشري جا جيئرا جاڳندا ڪردار ۽ معاشري جون تلخ حقيقتون سنڌي افسانن جا موضوع بڻيا. هن دؤر ۾ حقيقت پسنديءَ جو رجحان تمام گهڻو هو. ان دؤر ۾ وڏيرن جي ظلمن، طبقاتي نظام، انڌن عقيدن، مذهبي تنگ نظري، بک ۽ بدحالي وغيره جهڙن مسئلن تي افسانا لکيا ويا.

جمال ابڙو ڳوٺ سانگي، تعلقي ميهڙ ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم اتان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ جو امتحان بمبئي يونيورسٽي مان پاس ڪيائين ۽ ايل ايل بي جي ڊگري سنڌ يونيورسٽي مان حاصل ڪيائين. جمال ابڙي لکڻ جي شروعات اسڪول واري دؤر کان ڪئي. جمال ابڙي پهرين ڪهاڻي هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ دوران لکي. سندس پهرين ڪهاڻي ”هو حر هو“ آهي جيڪا 1949ع ۾ ڇپي. جمال ابڙو سنڌي ادبي سنگت جي باني ميمبرن مان هو سندس دؤر ۾ سنڌي ادبي سنگت هڪ اهڙو پليٽ فارم هو جنهن جي ذريعي ڪيترن نون اديبن کي لکڻ جا موقعا مليا ۽ ان پليٽ فارم تان اهڙو ادب تخليق ٿيڻ لڳو جنهن سان ماڻهن ۾ هڪ نئون جوش پيدا ٿيو. جمال ابڙو عملي طور تي انصاف جي شعبي سان لاڳاپيل رهيو جنهن ۾ وڪيل کان ٿيندي سرڪاري جج ۽ پوءِ مختلف عهدن تي پنهنجا فرض سر انجام ڏيندو رهيو.

جمال ابڙي جون هن وقت تائين ڪل 17 ڪهاڻيون ڇپجي چڪيون آهن. جن مان 13 ڪهاڻيون سندس افسانن جي پهرين مجموعي ”پشو پاشا“ ۾ شامل هيون. پشو پاشا جا هن وقت تائين چار ڇاپا ڇپجي چڪا آهن. ان بعد سندس هڪ ڪتاب ”جمال ابڙو — ڪهاڻيون، مضمون، شخصيت“ جي عنوان سان ڇپيو جنهن



Gul Hayat Institute

۾ سنڌس 19 ڪهاڻيون شامل آهن. ڪهاڻين کان علاوه سنڌس چار مختلف موضوعن تي لکيل مضمون پڻ شامل آهن، ان کان علاوه تنقيدي خط ۽ سنڌس شخصيت تي لکيل ٻه مضمون پڻ هن ڪتاب ۾ شامل آهن. ان بعد جمال ابڙي جو جيڪو ڪتاب منظر عام تي آيو اهو سنڌس آتم ڪهاڻي جو پهريون جلد "ڏسي ڏوهه اکين سين" هو. ان بعد سنڌس آتم ڪهاڻي جا ٻيا جلد ترتيبوار "اونهي ڳالهه اسرار جي"، "توهر ۾ ڳاڙها گل" ۽ "ايندو نه وري هي وڻجارو" شامل آهن.

جمال ابڙو بنيادي طرح هڪ ڪهاڻيڪار هو. اسين جڏهن جمال ابڙي جي افسانن تي نظر وجهنداسين ته جمال ابڙي جا ڪردار اسان کي هن معاشري جا جيئرا جاڳندا ظلم ۽ ڏاڍ جو شڪار ۽ بک ۽ بدحالي جا ماريل انسان آهن. هونئن ته ماڙزي تنگ چواڻي ته، "ادب ۽ فن کي انقلابي تحريڪ جو حصو بنجڻ گهرجي ان حوالي سان ڏنو وڃي ته ان دؤر ۾ تي اهم ڪردار تخليق ڪيا ويا جن ۾ غلام رباني جو "شيدو ڌاڙيل"، اياز قادري صاحب جو "بلو دادا" ۽ جمال ابڙي جو "پشو پاشا" جيڪي انقلابي ڪردار آهن جيڪي غريب ۽ ٻي پهچ هئڻ جي باوجود ٻه ماڻهن کي اهڙو پيغام ٿا ڏين ته انسان همت ڪري ته گهڻو ڪجهه ڪري سگهي ٿو. جمال ابڙي جو افسانو پشو پاشا پڻ هڪ اهڙو شاهڪار ۽ لازوال افسانو آهي جنهن پنهنجي دؤر ۾ انقلابي ذهنن کي هٿي ڏني.

جمال ابڙي جي سنڌي ادب ۾ خاص طور تي افسانوي ادب ۾ حيثيت جي حوالي سان سراج الحق ميمڻ لکي ٿو ته، "جمال سنڌي ادب جي انهن ستونن مان آهي جيڪي نه رڳو ادب جي پرجهلي ۽ ٽيڪ جو ڪم ڏين ٿا پر ادب جي عمارتن کي بازنطيني ۽ حسن به بخشيندا آهن. اڄ جي مختصر ڪهاڻيءَ جي ارتقاءَ جمال کان سواءِ سمجهڻ جيڪڏهن ناممڪن نه ته محال ضرور آهي".

ادب جي ان دؤر ۾ جيڪو ڪجهه به لکيو ويو ان ۾ نه صرف بنيادي مسئلا اٿاريا ويا پر حقيقت نگاريءَ کان به ڪم ورتو ويو. جيئن ان دؤر بابت سنڌ جو ڏاهو رسول بخش پليجو چوي ٿو ته، "ادب جو نئون دؤر انقلابي حقيقت نگاريءَ سان شروع ٿيو جنهن نه رڳو ماحول جي ڀيانڪ پهلوئن کي پيش ڪيو مگر ان جي روشن امڪانن کي پڻ اجاريو ۽ ڏيکاريو ته انسانيت ڪيئن گندين نالين، ڪراهت جهڙين واٽن، خطرناڪ پيچرن ۽ اٽانگين لاهين چاڙهين مان لنگهندي، ٿڙندي ٿاٻڙندي، ڪڏهن منهن پر ڪڏهن پيرن پر ڪڏهن تکي ته ڪڏهن ڍري، اٽلتر يقين سان روشن مستقبل ڏانهن وڌي رهي آهي".

جمال ابڙي صاحب کي مذهبي تنگ نظري، قبر پرستي ۽ پير پرستي جهڙين بدعتن خلاف لکڻ جي ڪري ڪيترن ئي ماڻهن ملحد پڻ سڏيو. پر جمال ابڙي صاحب ڪڏهن به انهن جي پرواهه نه ڪئي. جمال ابڙي صاحب نه ڪڏهن اصولن تي سوديبازي ڪئي ۽ نه ئي ڪڏهن ڪنهن جي دٻاءَ ۾ آيو. بقول بدر ابڙي جي ته،

"جمال ابڙو عملي ماڻهو آهي مون کيس مستقل جدوجهد ڪندڙ ماڻهوءَ جي روپ ۾ ڏٺو آهي".

جمال ابڙي جي آتم ڪهاڻي جا هن وقت تائين چار جلد ڇپجي چڪا آهن جن بابت جمال ابڙو لکي ٿو ته، "هن ڪتاب کي آتم ڪهاڻي سمجهيو ويو آهي پر ائين ناهي آتم ڪهاڻي آهي آتم اُگهاڙ، اول پاڻ سڃاڻڻ ڪپي پوءِ آتم اگهاڙ ٿيندي، سڄي ڄمار گذري وڃي ٿي ماڻهو پنهنجو پاڻ کي ڳولهي نٿو لهي. روسو گانڌي ۽ گورڪيءَ جهڙا وڏا ماڻهو بيشڪ آتم ڪهاڻي لکي سگهن ٿا، مان ته اجا پيو نائي نيڻ نهاريان ۽ پاڻ ڳولهيان ان ڪري هن ڪتاب جو عنوان ٿي رکيو ويو آهي "ڏسي ڏوهه اکين سين". جمال ابڙي صاحب جي لکيل آتم ڪهاڻيءَ جي چئن جلدن جو مختصر ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

**ڏسي ڏوهه اکين سين:**

هي سندس آتم ڪٿا جو پهريون جلد آهي. هن جلد جي شروعات "منهنجي وصيت" سان ڪري ٿو جنهن ۾ جمال ابڙو مختلف نصيحتون پڻ ڪري ٿو. ان بعد سانگي قبيلي جو ذڪر ڪري ٿو ڇاڪاڻ جو جمال جو تعلق پڻ سانگي قبيلي سان هو. سانگي قبيلي جي ذڪر دوران سنڌ ۽ بلوچستان جي مختلف ذاتين جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته، "ذاتيون هڪ بئي مان ڦٽي نڪتيون آهن". هن جلد ۾ گهڻو ذڪر سندس پيءُ جو ڪيل آهي. پنهنجن جو ذڪر تفصيل سان بيان ڪيو اٿس. هڪ جاءِ تي سندس پيءُ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته، "ماستر صاحب ڪچو ٻاراڻو ۽ پڪو ٻاراڻو پڙهائڻ ۾ ٻه سال وٺندا هئا پر بابا اهو ٽن مهينن ۾ پورو ڪرائي ڇڏيائين. عجيب طريقو پڙهائڻ جو هوندو هئس جو روزانو رڳو اڌ ڪلاڪ پڙهائيندو ۽ لکائيندو هو ۽ هڪ هڪ اکر ذهن تي نقش ٿي ويندو هو. ٻار جي ذهن کي اجاگر ڪندو هو ۽ کيس سوچڻ تي مجبور ڪندو هو".

Gul Hayat Institute

**اونهي ڳالهه اسرار جي:**

هي سندس آتم ڪهاڻي جي ٻئي جلد جو عنوان آهي جيئن پهرين جلد ۾ سندس قبيلي ۽ پيءُ جو ذڪر ڪيو اٿس، اهڙي طرح هن جلد ۾ پنهنجي ماءُ ۽ پنهنجي ناناڻن جو ذڪر ڪري ٿو. هڪ جاءِ تي پنهنجي ماءُ جي تعريف ڪندي لکي ٿو ته، "امان جهڙي اڻ گهڙيل ۽ اڻ پڙهيل ڳوٺاڻي عورت لاڙڪاڻي جي شهري ماحول ۾ پاڻ کي اهڙو نهڪائي ڇڏيو جو اڄ سوچان ٿو ته ڏنديون آڱريون اچيو وڃن. اوڙي پاڙي جي هندو مسلمان توڙي آفيسري ڪلاس جي عورتن سان اهڙو ملي جلي وئي جو پڪ هڪ مقبول شخصيت بڻجي وئي. مسلمان عورتون کيس شمس ماءُ سڏينديون هيون ۽ هندو عورتون جمال ماءُ. هندن ۾ شايد رواج آهي جو ٻئي

نمبر پٽ جي نالي سان سڏيندا آهن. هندو عورتن ۾ ته اهڙي مقبول هئي جو چونديون هيون ته جمال ماءُ آهي ته مسلمان پر آتما هندو جي اٿس. اسان جي گهر ٽنڊڙيءَ جا دودا ۽ ڏياريءَ جي منائيءَ جام ايندا هئا“.

هن جلد ۾ سندس زندگيءَ جو پڻ ذڪر ڪيو اٿس. هي جلد زياده تر سندس زندگيءَ جي مختلف واقعن تي مشتمل آهي جيڪي سندس زندگيءَ ۾ پيش آيا آهن يا جيڪي سندس دوستن سان پيش آيا هجن. جيئن هڪ جاءِ تي شيخ اياز سان ڳالهه ٻولهه بابت ذڪر ڪندي لکي ٿو ته، ”ٿورو اڳتي هلي اياز مون کان اوچتو سوال ڪيو ”جمال خدا کي مڃين ٿو“ مون چيو ”ڪڏهن ڪڏهن“ تن ڏينهن گفتگو گهڻو ڪري انگريزيءَ ۾ ٿيندي هئي، ايتري قدر جو مان ته سوچيندو به انگريزي ۾ هئس“. اڳتي هلي مارشل لا ۽ پاڪستاني سياست جو ذڪر ڪري ٿو ته ڪهڙي سياستدان پنهنجي دؤر اقتدار ۾ ڪهڙا ڪلور ڪيا يا پنهنجون حڪومتون بچائڻ خاطر ڪهڙا هٿڪنڊا استعمال ڪيائون. هڪ جاءِ لکي ٿو ته، ”فوج کي حڪومت جو چشڪو اهڙو اچي ويو جو اصل چڪ نه ٿا ڪين. پاڪستان جي تاريخ جي پنجاهه سالن ۾ چوويهه سال ته سڌو سنئون فوجي ڊڪٽيٽرن جو راڄ رهيو باقي پنجويهه چويهه سال به فوج حڪومتي ادارن تي حاوي رهي آهي. ٻه وزير اعظم قتل ڪيا ويا، ڪيترا ڊسمس ڪيا ويا، ڇڻ پٽيوالن کي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو“.

### توهر ۾ ڳاڙها گل:

هن جلد جي شروعات ۾ پنهنجي ننڍپڻ جو ذڪر ڪري ٿو پر بعد ۾ سندس شعبي سان لاڳاپيل ڪجهه واقعن جو ذڪر ڪيو اٿس، ٻيا ڪيترائي واقعا بيان ڪيل آهن جن مان اندازو ٿئي ٿو ته جمال ابڙو هڪ سچو ۽ ايماندار جج هو. وس آهر سچ جو ساٿ ضرور ڏيندو هو. ڪڏهن به اصولن تي سوديبازي نه ڪيائين پر پنهنجي اصولن تي اٽل رهيو.

هن جلد ۾ ڪجهه ادبي دوستن جو پڻ ذڪر ڪيو اٿس، جن مان اياز قادري ۽ شيخ اياز شامل آهن. شيخ اياز جو گهڻو ذڪر ڪيو اٿس، اياز قادريءَ جو ذڪر سندس ادبي سنگت واري دؤر ۾ وابستگيءَ جي حوالي سان ڪري ٿو. جيئن هڪ جاءِ لکي ٿو ته، ”سندس لاڙڪاڻي وارو گهر ته نهيو پر سندس ڪراچي واري فليٽ ۾ ڏس ته محمد ابراهيم جويو رباني، جمال ابڙو سراج، حيدر بخش جتوئي، مولوي نذير حسين ۽ هر قسم جا ماڻهو ويٺا آهن. سنڌي ادبي سنگت جون ميٽنگون وٽس پيون ٿين. مشاعره به پيا ٿين، ڪهاڻيون پيون پڙهجن ۽ قومي ۽ معاشي توڙي سماجي مسئلا پيا بحث هيٺ اچن ۽ جيڪو به پروگرام ٿاهيو قادري صاحب لکندي لکندي پنهنجون خدمتون پيو آڇي ۽ ڀرپور تعاون ۽ عملي حصو پيو وٺي“.



Gul Hayat Institute

ايندو نہ وري هي وڻجارو:

هن جلد جي شروع ۾ جمال پنهنجي دوست شيخ اياز جو ذڪر ڪيو آهي بعد ۾ مختلف دوستن جو ذڪر ڪندو هلي ٿو. ان سان گڏوگڏ پنهنجي گهر ۽ خاندان جا مختلف واقعا پڻ لکيا اٿس. ڪراچيءَ جي ماڻهن جي نفسيات ۽ ڪراچيءَ جي ڪامورن جي رنگين راتين جو پڻ تفصيل سان ذڪر ڪيو اٿس. ڪيترائي معاشرتي مسئلا پڻ بيان ڪياٿين ۽ انهن جي حوالي سان قرآن جي مختلف آيتن جا مضبوط دليل پڻ ڏنا اٿس. جن مان اندازو ٿئي ٿو تہ کيس قرآن جي پڻ ٺيڪ ٺاڪ ڄاڻ هئي. جمال ابڙي جي ڪتا جي آخري جلد ۾ هڪ خاص ڳالهہ ملي ٿي اها هيءَ آهي تہ جمال ابڙي جي نظريي ۾ تبديلي نظر اچي ٿي ڇو جو جمال ابڙو هڪ ترقي پسند اديب هو جنهن مذهبي ڪٽرپڻي، پير پرستي ۽ انڌي عقيدي جي مخالفت ٿي ڪئي، ۽ نہ صرف مخالفت پر پنهنجي لکڻين ۾ بہ انهن شين کي ننديو اٿس جيئن سندس افساني "منهن ڪارو" ۾ پير پرستي جي مخالفت ڪندي لکي ٿو:

"مبارڪ هٿا ديندءَ جا هٿ جن سون معصومن جي رت ۾ ٻوڙيل پڙ کي لاهي وهم، جهل ۽ ظلم کي نانگو ڪيو. هن سندس پاڪ هٿ اتي وجي ڪپيا هٿا جتي صدين جي بي جان هندڻ تي جاندارن جو رت هاريو ويو پر مشڪندڙ مکڙين لاءِ تتو پاڻي نہ هو. گابي کان رنيون ڪرايون تي ويون ۽ لات ۽ منات کي ڪڙو ڪيو تي ويو. مبارڪ هٿا ديندءَ جا هٿ جن سڀ کان پهرين اهو پليتائي جو پڙ لاتو هو".

اهو ساڳيو ماڻهو ڪجهہ سالن کان پوءِ وري انهن انڌن عقيدن، خيالن وغيره تي عمل ڪندي نظر اچي ٿو. جيئن آتم ڪهاڻي جي آخري جلد ۾ ڪيترائي اهڙا واقعا ڏنل آهن جنهن ۾ سندس دوست محمد علي صاحب جي اڳ ڪٿين جو ذڪر ٿيل آهي. جيئن هڪ جاءِ تي لکي ٿو تہ، "هڪ نا معلوم ماڻهو کي ڪيئن ۽ ڪنهن اهڙا اختيار ڏنا. پيو تہ ڏور ڪراچي ۾ ويٺل هڪ عام رواجي ماڻهو کي ڪنهن اها خبر ڏني ۽ ڪيئن؟ هي تہ هڪ عجيب اسرار آهي". يا هڪ ٻي جاءِ تي پاڻ کي محمد علي جو معتقد ٿو سڏي، "محمد علي صاحب مون کان اجازت طلب ڪئي اها سندس وضعداري ۽ انڪساري هئي نہ تہ مان تہ سندس معتقد هئس". اڳتي پنهنجي دوست محمد عليءَ جون ڪيتريون ئي اڳ ڪٿيون ٻڌائي ٿو ۽ انهن تي يقين ڪندي نظر اچي ٿو جو اسان جهڙو ماڻهو بہ حيران ٿيو وڃي تہ جمال جهڙو پڪي عقيدي وارو ماڻهو بہ اهڙيون ڳالهيون ڪري سگهي ٿو بلڪ هڪ جاءِ تي تہ شيخ اياز جو بہ ذڪر ڪري ٿو جتي اياز بہ جمال سان سهمت نظر اچي ٿو جيئن چوي ٿو:

"محمد علي صاحب تہ هڪ خدا رسيده بزرگ، عبادت گذار ۽ مجذوب آهي. شيخ اياز هڪ ڏينهن حيرانگيءَ مان مون کان سوال ڪيو تہ، "هيءَ ڪهڙي ماجرا


Gul Hayat Institute

آهي جو هي ماڻهو ماضي توڙي مستقبل گهمي ٿا اچن". عقيدي واري اها تبديلي جمال صاحب ۾ ڪيئن ۽ ڪڏهن آئي ان جو ذڪر ناهي ڪيو پر اها هڪ وڏي تبديلي آهي جيڪا پڙهندڙن کي حيران ڪري ٿي ڇڏي.

جمال ابڙو صاحب مذهب بابت پڻ تمام گهڻي ڄاڻ رکندڙ هو. هن پنهنجي آتم ڪهاڻي ۾ ڪيترن ئي معاشرتي مسئلن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ انهن مسئلن بابت قرآن ۽ حديثن جا مثال پڻ ڏنا اٿس. جيئن هڪ جاءِ تي سنڌ جي تمام اهم رسم ڪارو ڪاري بابت تفصيلي بحث ڪري ٿو ۽ ان کي رد ڪرڻ لاءِ ڪيترائي قرآني مثال ڏئي ٿو جيئن هڪ جاءِ تي قرآن جي "سورت النساءَ" جو مثال ڏيندي لکي ٿو ته، "جيڪڏهن توهان جون عورتون ڪن ٿيون اهڙو فعل ته شاهد آڻيو چار پوءِ اهي جيڪڏهن شاهدي ڏين ته پوءِ جهليو انهن (عورتن) کي گهرن ۾ جيسين اچي مٿن موت يا ڪڍي الله انهن لاءِ ٻيو رستو بيشڪ الله آهي توبه قبول ڪندڙ ۽ وڏو مهربان". (رڪوع نمبر 3 آيت 16 کان 21)" (ايندو نه وري وڻجارو) ص72).

اهڙي طرح هڪ ٻي جاءِ تي لکي ٿو ته، "پاڻ ذرا سوچيو ته جيڪڏهن ڪارو ۽ ڪاري مارڻ جو اصول باقاعدي قائم ڪجي ته سڄي دنيا ۾ ترٿلو مچي ويندو. ٻيلي ڏاها ٿيو پاڻ کي کلڻ هاب نه ڪرايو. انهيءَ اصول تحت سنڌ ۽ پاڪستان ته ڇا پر سڄي دنيا جا سٺ ستر سيڪڙو مڙد توڙي عورتون ڪسجي ويندا".

هڪ ٻي جاءِ تي سنڌ جي انهن سردارن بابت لکي ٿو ته "جيڪي ان ڪڌي رسم جا حامي آهن. اهي سردار ٻڌائيندا ته اهي پاڻ ڪارا آهن يا نه؟ جي آهن ته پوءِ ڪسڻ قبول ڪندا؟"

جمال ابڙو هڪ سٺي ڪهاڻيڪار سان گڏوگڏ هڪ سٺو منتظم به ٿي رهيو آهي. پاڻ سڄي زندگي انصاف واري شعبي سان وابسته رهيو. ان شعبي سان لاڳاپيل ماڻهن جا ته ڪيترائي مسئلا هوندا آهن. ڪڏهن ته جج وڪجي ويندا آهن ۽ ڪڏهن وري حڪومت جي دٻاءَ ۾ اچي ويندا آهن. ته ڪڏهن وري مختلف ماڻهن پاران ڌمڪيون پيون ملنديون آهن. پر جمال ابڙو صاحب سچ تي ثابت قدم رهيو. هن ڪڏهن اصولن تي سوديبازي نه ڪئي جيئن هڪ جاءِ تي لکي ٿو ته، سائينءَ قمر الزمان شاهه سان منهنجا تمام چڱا تعلقات هئا. جهڙوڪر گهرو رستا به هئا جو منهنجيون به ساليون سيدن ۾ پرڻيل هيون. شاهه صاحب هڪ ڏينهن منهنجي چيمبر ۾ آيو ۽ مون کي هڪ قسم نامو عام مختيار نامي جي صورت ۾ ڏنائين ۽ محبت مان چيائين ته، "صحيح ڪري ڏيو". مون چيو اتاولا نه ٿيو سڄو پڙهي وٺان ۽ ڏسان ته معاملو ڇا آهي. چيائين، "مدر ايلسا قاضي فلاڻي وڪيل کي مختار نامو صحيح ڪري ڏنو آهي، توهان رڳو صحيح ڪري نپو هڻي ڏيو."اهو ڪم مون لاءِ ناممڪن هو. گهڻن ئي دوستن ۽ مائٽن کي ان معاملي تي ناراض ڪيو وينو هئس ته قسم نامو ڏيندڙ ضرور حاضر هجي. خواتين لاءِ ته وڏيڪ

ضروري آهي. سيداڻيون عزيزياڻيون بہ ڪورٽ ۾ گهرائيندو هئس.“

جمال ابڙو صاحب دوستن جو دوست هو. يار ويس ماڻهو هو مشڪل مهل بہ دوستن کي ساٿ ڏيئي پاڻ کي تڪليف ۾ وجهندو هو. جيئن هڪ جاءِ تي لکي ٿو تہ ، ”ان لطيف آباد واري بنگلي ۾ پاسيرو هڪ مهمان لاءِ ڪمرو ٺهرايم جنهن ۾ اياز کي لڪائي رهايم جڏهن ايوب شاهي دور ۾ مٿس وٺ پڪڙ هئي، نوڪري وڃاڻ جو مون کي ڪو ڊپ ڊاءُ نہ هوندو هو نہ گرفتاريءَ جو ان ڪري بيڌڙڪ من مانيون ڪندو رهندو هئس.“

جمال ابڙو صاحب هڪ ايماندار جج ٿي رهيو ۽ طبيعت جو تمام سادو هو تهجد جي نماز پڻ پڙهندو هو پاڻ ڪڏهن بہ نہ ڪوڙي شاهدي ڏنائون ۽ نہ ئي ڪو غلط فيصلو ڪيائون.

هڪ دفعي جمال ابڙو جي گهر ۾ چوري ٿي ۽ سندس پاءُ پاڙي واري جي خلاف ايف آئي آر ڪٽرائي، چاڪاڻ جو چور پاڙي واري آڏي مل جي ڪوٺي تان آيا هئا ان بابت لکي ٿو تہ ”ادا ڪاوڙجي آڏي مل تي ايف آئي آر ڪٽرائي ۽ چيائين پوليس پاڻهي سچي ڪرائيندي. شاهديءَ ۾ نالو منهنجو ۽ ننڍڙي ادي زيب النساءِ جو ڄاڻايائين مون ادا کي صاف انڪار ڪيو تہ ”مان شاهدي ڪو نہ ڏيندس“. پوليس شناختي پريڊ ڪرائي ننڍڙي ادي تہ جهٽ وڃي آڏي مل تي هٿ رکيو. مون کي پوليس سڏايو تہ مون چيو ”چور تہ مون ڏٺا ئي ڪو نہ ۽ آڏو مل پاڙي جو ماڻهو آهي انهيءَ کي تہ اسان سڀ اڳوات سڃاڻون“.

هاڻي جمال ابڙي صاحب جي افسانن جو جائزو وٺنداسين. سندس افسانا سنڌي ادب ۾ شاهڪار جي حيثيت رکن ٿا. سندس افسانن جو پهريون مجموعو ’پشو پاشا‘ جي نالي سان ڇپيو. جنهن جا ٽي ڇاپا ڇپجي چڪا آهن سندس افسانن جي مقبوليت جو اندازو اسان انهن ڇاپن مان لڳائي سگهون ٿا. سندس افسانن جي مجموعي ۾ ڪل 13 تيرهن ڪهاڻيون شامل آهن. سندن افسانن جو مجموعو ڪراچي يونيورسٽي جي بي اي آنرز ۽ ايم اي جي پهرئين سال جي ڪورس تي پڻ رکيل آهي. ڪجهہ ڪهاڻين جي اضافي سان سندس مجموعو ”جمال ابڙو ڪهاڻيون مضمون، شخصيت“ جي نالي سان 1992ع ۾ ڇپيو.

’فرشتو‘ سندس اها ڪهاڻي آهي، جيڪا ضياءَ واري مارشل لا دؤر جي لکيل آهي، جيڪو ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ وارو دؤر هو جنهن ۾ ڪنهن جي مجال جو فوج خلاف لکي. ان اونداهي دؤر ۾ بہ جمال ابڙو نہ مڙيو ۽ پنهنجو فرض سمجهندي هي ڪهاڻي لکيائين نہ رڳو ڪهاڻي لکيائين پر ضياءَ جهڙي آمر کي بہ نہ بخشيائين. ان کي عزرائيل لکيائين سندس ڪهاڻي جو ٽڪرو هيٺ ڏجي ٿو. ”ائين چئي ٻئي هٿ مٿي ڪنيائين مون کان ڇرڪ نڪري ويو هٿ نہ پر چنبا هئس ۽ هيٺان وردي پيپل هئس مون کان زور سان ڇيخ نڪتي، عزرائيل“.

**خميسي جو ڪوٽ:**

هي سندس اهو افسانو آهي جنهن ۾ جمال اُبڙي هڪ غريب جي زندگيءَ جو ذڪر ڪندي پڙهندڙن کي اهو احساس ٿو ڏياري ته هڪ طرف ملان آهي جنهن وٽ سيءَ ۾ گرم بستري کان سواءِ سوئيٽر، مفلر، ڪوٽ ۽ ٻيو ڪجهه پائڻ لاءِ آهي پر خميسي وٽ سخت سردي ۾ پائڻ لاءِ ڪپڙا نه آهن يعني قميص ناهي پر رڳو هڪ پراڻو ڪوٽ آهي جيڪو سندس مرڻ کان پوءِ سندس پاءُ به پائي ٿو. خميسي جي بيماري، غربت ۽ گهر جو نقشو چٽيندي جمال بيان ٿو ڪري ته ، "صبح ڏاري مان خميسي جي گهر وٽان لنگهيس چنل ڪٽ تي اُس ۾ پراڻيءَ رلي هيٺيان ويڙهيو سيڙهيو پيو هو ماڻس چيٽا ڪيڏي چيو مال وٺي موٽيو آهي ته پيٽو ٿي ڪريو آهي. ٽڪر به نه کاڌائين، مهيني کان پيٽ ٿو اچيس. ملان نورل کان پڌايو به هو مانس. مون به رلي مٿي ڪٽي ڏٺو انهي ڦاٽل ڪوٽ ۾ پيرين اگهاڙو خميسو پيو هو. سندس ڪارو رنگ اڃا به ڪاراتجي ويو هو اکيون ڳاڙهيون ۽ مغز باهه . سندس وات مان گجي ٿي وهي. اکيون ڦري ويون هئس ۽ سندس اڃا سهٽا ڏند پوائتا ٿي لڳا. مون دانهن ڪئي، ماڻس پچندي آئي".

**شاهه جو ڦر:**

هي هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي جنهن ۾ سنڌين جي انڌي عقيدي جو ذڪر ڪيل آهي ته عقيدت ۽ احترام وچان سيد کي ايڏو ته مٿيرو سمجهندا آهن جو ڪنهن متقي پرهيزگار نيڪ انسان کان به وڌيڪ اهميت سيد سڳوري کي ڏيندا آهن. پوءِ چاهي ان جو ڪردار ڪيترو ڪريل ڇو نه هجي ۽ سيد سڳورا وري ان جو ناجائز فائدو وٺندي پنهنجو پاڻ کي اهل بيت چوائي اتم ڄاڻائيندي ٻين کي ايترو نيچ سمجهندا آهن جو هڪ ٻارڙي (ممڙي) سيد کي مامو ڪري سڏي ٿي ته سيد سڳوري کي ڪاوڙ اچي ٿي وڃي ۽ هو 12 سالن جي ننڍڙي ڇوڪري کي اهڙي لت ٿو هڻي جو هوءَ بيهوش ٿي ٿي وڃي. جيئن جمال سندس ڪهاڻيءَ ۾ لکي ٿو ته ، "سيد جو سڏائيندو هو ڳوٺ جي پرئي مڙس کي ته ليکيندو ئي ڪو نه هو. پيرل شاهه کي ڄڻ سرڪار دوجهان وٽان سرٽيفڪيٽ مليل هو ته تون افضل ۽ اعليٰ آهين. بوڪڙو ملان به سندس هٿ چمندي، ڏاڙهي پيا ڏڪائيندا هئا. عام رواجي ماڻهو ته سندس موچڙي سٽيا هئا".

سندس هن ڪهاڻي بابت حفيظ شيخ چوي ٿو ته ، "مهراڻ ۾ هن وقت تائين جيڪي به افسانا ڇپيا آهن تن ۾ "شاهه جو ڦر" سڀ کان سٺو آهي. ائين ڪٿي چوان ته گذريل ٻن ٽن سالن ۾ سنڌ اندر سنڌي زبان ۾ جيڪي افسانا لکيا ويا آهن تن ۾ هيءُ بهترين آهي".

پيراڻي:

هي پڻ جمال ابڙي جي بهترين ڪهاڻي آهي جنهن ۾ جمال صاحب هڪ طرف تہ ٻک بدحاليءَ ۾ ذڪر جي صورتحال بيانِ ڪئي آهي تہ ڪيئن نہ ماڻهن کي ڳيي جي ڳولا لاءِ خانہ بدوش ٿي مختلف علائقن ۾ لڏ پلاڻ ڪرڻي پوي ٿي. ٻئي طرف وري اهو تہ انسان ڪيڏو نہ بيوس ۽ لاچار آهي جو ٻين جي لاءِ ماڻهو پنهنجي پيٽ ڄائي کي وڪڻي ٿو ڇڏي.

جيئن شيخ اياز پيراڻي بابتِ لکي ٿو تہ، " نہ ڄاڻان تہ ڪنهن چيو آهي تہ نثر پنڌ ڪندو آهي، نظم رقص ڪندو آهي پر جمال جي ڪهاڻي پيراڻي پڙهي مون کي محسوس ٿيو تہ نثر بہ رقص ڪندو آهي. هن جي پيراڻي شروعات ۾ ڇڻ ڇم ڇم ڪندي اچي ٿي ۽ گهنگهرو گونجن ٿا اوچتو هڪ چيخ فضا کي چيري ٿي ۽ ڪهاڻي ڪانڊن ٿانڊن تي رقص ڪندي نظر اچي ٿي".

پشو پاشا:

"هي جمال ابڙي جي ڪهاڻين جو هڪ امر ڪردار آهي. ايئن چئجي تہ سندس مجموعي جي شاهہ جي ڪهاڻي آهي. 'پشو پاشا' هڪ دلچسپ انقلابي ڪردار آهي، جيڪو هڪ وڏيري جي ظلم کان تنگ ٿي پنهنجو هڪ ٽولو ٺاهي بغاوت شروع ڪري ٿو ڏي جمال جي ڪهاڻي "پشو پاشا" بابت، پليجو صاحب لکي ٿو تہ، 'پشو پاشا' جو مقصد هڪ اهڙو مثالي ڪردار پيش ڪرڻ آهي جو نہ فقط اسان منجهان ۽ اسان جو هجي پر ساڳئي وقت اسان جي اڳواڻي ۽ رهبري بہ ڪري اسان کي موجوده پستيءَ ۽ ذلت جي حالت مان ڇوٽڪارو ڏياري ۽ اسان جي آس ۽ اميدن کي حقيقت ۾ بدلائي ڏيکاري ان جو مقصد سماج جي غير انساني ماحول ڏانهن اشارو ڪرڻ جي بدران ان کي عمل ۾ جدوجهد جي وسيلي بدلائڻ ۽ ختم ڪرڻ جي راهہ ڏيکارڻ آهي. 'پشو پاشا' عوام جي ڪامياب جدوجهد جي ڪهاڻي آهي".

جمال ابڙو پنهنجي دؤر جو وڏو اديب سنو منتظم شفيق پيءُ ۽ سنو دوست رهيو آهي. جيئن شيخ اياز هڪ جاءِ تي جمال ابڙي بابت لکي ٿو تہ، "جمال ابڙو خدا دوست بہ آهي تہ انسان دوست بہ آهي ۽ ادب دوست بہ " اهڙي طرح جمال ابڙي پاڻ کي زندگي جي هر شعبي ۾ پاڻ مڃرايو آهي.

مددي ڪتاب


1. ابڙو جمال، "ايندو نہ وري هي وڻجارو"، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد، سنڌ، 1998ع.
2. ابڙو جمال، "توهر ۾ ڳاڙها گل"، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد




Gul Hayat Institute

حيدرآباد، سنڌ، 1999ع.

3. ابڙو جمال، ”جمال ابڙو ڪهاڻيون مضمون، شخصيت“، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، ڪراچي، 1992ع.

4. ابڙو جمال، ”اونهي ڳالهه اسرار جي“، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد، سنڌ، 1998ع.

5. ميمڻ، عبدالحميد ڊاڪٽر، ”سنڌي ادب جي تاريخ“، ڪانياواڙ اسٽورس، اردو بازار، ڪراچي.

6. شيخ، طارق عزيز ”سنڌي ادب جو تنقيدي ۽ تحقيقي جائزو“، ڪانياواڙ اسٽورس، اردو بازار، ڪراچي، 2001ع.

7. ميمڻ، ڊاڪٽر غفور ”سنڌي ادب جو فڪري پس منظر“، شاهه لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، 2002ع.

8. عرساڻي، شمس الدين، ”آزادي کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، سنڌ يونيورسٽي، 1982ع.

9. ابڙو جمال، ”ڏسي ڏوهه اکين سين“، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد، سنڌ، 1996ع.

(تحقيق، ڪلاچي جنرل، جمال ابڙو نمبر 2004)

Gul Hayat Institute

# جمال ابڙي جي ڪهاڻين جو فڪري پهلو

غفور ميمڻ

مائوزي تنگ چيو هو تہ ادب ۽ فن ڪي انقلابي تحريڪ جو حصو بنجڻ گهرجي. جمال ابڙي اهو ئي ڪم ڪيو جو هن پنهنجي ڪهاڻين جا موضوع زياده تر ان طبقي مان کنيا جيڪي ڌتڙيل، پرماريت جو شڪار آهن. سندس موضوع وڏيرڪي سماج ۾ ماڻهن سان حيواني سلوڪ، معاشي طور سخت اذيت ناڪ صورتحال، بڪ بيروزگاري، مفاد پرستي، نفسانفسي آهن. جمال ابڙي پنهنجي ڪهاڻيڻ ۾ سنڌي سماج جي تقريبن سڀ تاريڪ پهلو ظاهر ڪيا آهن، جيڪي وڏيرڪي سماج جي جڙ ۾ سمايل آهن. سنڌي ادب ۾ حقيقت نگاري جو رواج تہ اڳ ۾ ئي پئجي چڪو هو پر جمال ابڙي جهڙي طرح حقيقت نگاريءَ پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڪئي اها بلڪل نوس آهي، جيڪا نہ صرف حقيقت جي آگاهي ڏئي ٿي، پر ماڻهو کي سوچڻ تي مجبور بہ ڪري ٿي. اها سندن جذبن کي پڙڪائي ٿي ۽ کيس سماج جي اهڙي شڪل کان نفرت ٿيڻ لڳي ٿي.

حقيقت نگاري جو اهو عمل روس جي اديبن ۾ جڏهن شروع ٿيو هو تہ اتي معروضي حالتن ۾ انقلابي تحريڪ غير طبقاتي سماج جي تخليق کي ظاهر ڪندي ماڻهن کي انقلابي جدوجهد لاءِ اپاريو ٿي. انهن مان گهڻا اديب خود ڪميونسٽ هئا يا وري انقلابي تحريڪ کان متاثر هئا. پر سنڌ ۾ صورتحال ڪجهہ مختلف هئي. هتي جيئن ئي ماڻهو جديد دور جي قدرن کان متعارف ٿيڻ لڳا تہ انهن پنهنجي آسپاس جي حالتن جو جائزو ورتو تہ انهن کي سنڌي سماج جهالت ۾ ورتل لڳو: ذات پرستي، پير پرستي، قبر پرستي، مذهبي تنگ نظري، وڏيرڪي غلامي، هارين سان غير انساني سلوڪ ... زندگي بس رڪيل هئي ۽ بي مقصد لڳي رهي هئي. ٻئي طرف وڏيرن جون عياشيون ۽ انهن جا ظلم عام جام هئا. اها سڄي اهڙي صورتحال هئي، جنهن ۾ سرمائيداري واري لبرل سوچ رکندڙ بہ هن سماج کان باغي ٿي سگهيو ٿي.

هونئن بہ روشن خيالي جي تحريڪ کان پوءِ ادب جو نئون دور انقلابي حقيقت نگاري جو هو. پر مارڪسي نظرئي اديب کي رخ ڏيکاريو اهو ئي رخ هو

جنهن سچي دنيا جي اديبن ۾ هڪ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو. هنن جي حقيقت نگاري وڏي سماج جي اهڙن مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ لڳي، جن کي بدلائڻ جي ضرورت هئي.

جمال ابڙي به هڪ اهڙو ڪردار ادا ڪيو جيتوڻيڪ پاڻ ڪميونسٽ نه هو نه وري پارٽي جو ميمبر هو بلڪ هو صرف انسانيت پرست هو هو ڪنهن به انسان کي ڦٿڪندي ڏسي ٿو پيڙا ۾ درد ورتل ڏسي ٿو ته قلم کڻي ٿو. نه صرف ايترو پر هو اهڙن مسئلن کي کڻي ٿو جيڪي وڏيرڪي سماج جا عام روزمره جا مسئلا آهن. مثلن "خميسي جو ڪوٽ" ڪهاڻي ڏسو. اسان وٽ اهڙا ڪيترا غريب ڳوناٺا موجود آهن، جن وٽ سر تي ڇپر ناهي يا انگ ڍڪڻ لاءِ ڪو اوڇڻ ناهي. گرمي سردي ۾ تڙپي تڙپي مري ٿا وڃن. جمال ابڙي هڪ اهڙي ڪردار کي کڻي امر بڻائي ڇڏيو آهي. خميسو هڪ پورهيت ڪردار آهي. مال چاري ٿو. سندس حلئي کي هن طرح بيان ڪيو اٿس.

"ننڍڙو يارنهن سالن جو خميسو اڳئي مال وٺيو ٻوڙن ۾ بيٺو هوندو هو کيس قميص ڪا نه هئي، پر هڪ ٿڳڙين نڪتل گرم ڪوٽ پيو هئس. ڪاري ڳوڏ ۾ مٿي تي مٿيو ڪپهه جو ٽوپ، مٿ به ماڪ سان چانئيا پيا هوندا هئا. ٻئي هٿ ڪڇن ۾ وجهي پيرن اگهاڙو پاڻ کان ڏگهي لٺ ڪنيو سوڙهو ٽيو پيو هوندو هو سندس ڪاڏي ٻئي ڪڙڪندي هئي.

اهو خميسو سرديءَ وگهي بيمار ٿي مري وڃي ٿو پر سندس علاج ٿي نه سگهيو. ڊاڪٽر ڇهه ميل پري هو ۽ خرچي به وٺندو هو جيڪي غريب مائٽ نه ٿي پري سگهيا. اها هئي غربت جي انتها پر ڪهاڻي جي پڇاڙي وڏيڪ چرڪائيندڙ ۾ هڪ نئين سوچ کي جنم ڏئي ٿي ته:

"ٻئي ڏينهن خميسي جو ننڍو ڀاءُ مهر ڏاند وٺيو بيٺو هو. کيس اهو ئي خميسي وارو ڪوٽ پيل هو".

فڪري طرح اها ڪهاڻي تمام اهم آهي. اڻ ڳڻيا سوال جنم وٺن ٿا. ته ڇا زندگي اها آهي؟ اڪيلي بيوس غربت ۾ ماريل منجهس ڪا به تبديلي ناهي! خميسو فطرت جو معصوم ڪردار آهي. چنچل، شرارتي، کيس ڪنهن به اچڻ واري آفت جي خبر ناهي، پر سندس دنيا نرالي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ملان چتر جي قابل ڪردار آهي. ڇڻ ته خميسي جي دنيا ۾ ملان ڪو عجوبو آهي، جنهن کي چيڙڻ سان کيس خوشي ملي ٿي. توهان هنن سٽن تي غور ڪريو:

"هو مون کي چيڙائيندو هو مان تڪڙو تڪڙو وڏي ويندو هئس ۽ هو پنيان چوندو رهندو هو "ملان او ملان" مان آوور ڪوٽ جي ڪالرن کي ناهي الله ڏي ويندو هئس ۽ هو ڊورن ڏي، مان وڃي شڪر ادائي ڪندو هئس ۽ پنهنجي صحت ۾ خوشحالي جي دعا گهرندو هوس. هو فصل جي سنڀال ڪندو هو".

بغير ڪنهن نعريبازي جي ۽ فڪري ڳنڍيون سلجهائڻ جي جمال ابڙي اها ڳالهہ چٽي چڏي آهي. جيڪا مارڪسزم جو روح آهي. يعني طبقاتي شعور، هيٺيون طبقو جيڪو اناج اپائي ٿو ڊور ڍڳا چاري ٿو ۽ انسان لاءِ سڄي سال لاءِ کاڌي پيتي جو بندوبست ڪري ٿو پر مٿئين طبقي جو ۽ مذهبي ماڻهو جو ڪردار انفرادي ۽ ذاتي طور خود غرض آهي. ملان پاڻ لاءِ سوچي ٿو. پنهنجي خوشحالي لاءِ ۽ صحتيابي لاءِ دعا گهري ٿو. خميسو ڪا بہ دعا نہ ٿو گهري، هو صرف ڪم ڪري ٿو ۽ اجتماعي انسان جي ڀلي جو ڪم ڪري ٿو. پر پنهنجي ذات لاءِ نہ ٿو سوچي. پاڻ غربت ۾ فطري آفتن جو شڪار رهي ٿو.

اهڙي ئي غربت جو ذڪر سندس ڪهاڻي پيراٽي ۾ بہ آهي. هن ڪهاڻي ڪي اهڙي فنڪاري سان جمال ابڙي پيش ڪيو آهي، جو پڙهڻ سان وار ڪانڊارجيو وڃن. وڏي ڳالهہ اها آهي تہ جمال هيٺين طبقي جي ڪردار جي بيوسي ۽ ڏک کي ڪهاڻي جو موضوع بڻائڻ وقت ڪٿي بہ قوم پرستي جو شڪار نہ ٿو ٿئي. هن وٽ پيڙا ۽ صرف پيڙا آهي. اها سنڌي جي هجي يا بروهي جي هجي، پر غربت ۽ بک ۾ اها حالت اٿن جو پنهنجو اولاد بہ وڪڻي ڇڏين ٿا. هتي ڪرشن چندر جي ڪهاڻي "ان داتا" ياد ٿي اچي، جنهن ۾ ڏڪار دوران هڪ زال پنهنجي مڙس کي چوندي آهي تہ "ماڻهو پنهنجو اولاد وڪڻن پيا، ڇو نہ اسان بہ پنهنجي ڌيءَ وڪڻي ڪجهہ پئسا وٺون"، پر سندس مڙس سختي سان ڪيس منع ڪري ٿو ۽ سوچي ٿو تہ ڪيڏانهن ويا هن جا جذبا؟! ڇا بک اهڙي بڇڙي شيءِ آهي جو انسان کي انساني جذبن کان محروم ڪريو ڇڏي، پر جمال ابڙي جي ڪهاڻي "پيراٽي" ۾ پيراٽي هڪ معصوم ڌيءَ آهي. جيڪا وڪجي وڃي ٿي، بک ۽ بيوسي ۾ سڀ جذبا زندهہ آهن، ماءُ جي مامتا بہ آهي، پر معصوم ٻارڙي وڪجي وڃي ٿي. ماءُ ڦٿڪندي رهي ۽ ڌيءَ سڏڪندي رهي. امان بابا پڪاريندي رهي. پيراٽي جي پيءُ نڪ ۽ اکين جو پاڻي سندس ڏاڙهي مان ٿي ٽميو ۽ لڏ رواني ٿي وئي، ڪهاڻيڪار جيڪو فڪر ڏيڻ چاهيو اهو سامهون اچي ٿو تہ معاشي مسئلو دنيا جو سڀ کان وڏي ۾ وڏو مسئلو آهي، شيخ اياز جي بقول تہ:

"سدا آهي ساهہ کي ڳيپي جي ڳولا،
ڊوينا ڊولا، ناهي ساجاهہ سونهن جي،

اهڙو ڪردار دين محمد جو ڪهاڻي "منهن ڪارو" ۾ بہ آهي. جنهن وٽ پنهنجي پٽ جي علاج لاءِ پئسا ڪو نہ آهن. ٻئي طرف وڏيرو مراد پوري ٽيڻ تي يعني سندس خيال ۾ پير جي دعا سان چاول پٽ تي بہ سائين تي پڙ ٿو چاڙهي. جنهن جي منظر ڪشي ڏسو:

"وڏيرو وڏي ٺاٺ ۽ ادمبر" سان ريل جو گاڏو پرائي ٻارين پچين اچي نڪتو.

منڊل لڳي ويا. دهلن جي زيپٽ، شرنائين جي ڌوم ڌمالون ۽ ڪڳيون، سهرا ۽ راڳ، وڏيرو وڏي چوج ۽ هيج مان پئي هليو دل کولي خرچ ڪيائين، ٻڪريون ڪنيون، ڪڇريون ٿي نچيون، گهور به گهور هئي“.

ٻئي طرف دين محمد جي الله جي ڏنل پٽ کي خناق آهي، وٽس علاج ڪرائڻ لاءِ پئسو ڪونهي، اهو ريشمي پڙ پيير سائين تان لاهي ٿو پر پڪڙجي پئي ٿو ۽ پوءِ ڪيس رتورت ڪيو وڃي ٿو. سندس منهن ڪارو ڪري گڏهه تي چاڙهيو وڃي ٿو.

واضع طور هن ڪهاڻي ۾ قبر پرستي ۽ پيير پرستي کان سواءِ ويچا به ظاهر ٿيو پون ۽ ماڻهو اهڙي گندي ۽ فرسوده وڏيرڪي سماج کان ڪراهت محسوس ڪري ٿو.

ڪهاڻي ”بدتميز“ اسان جي سماج جي بيائي کي ظاهر ڪري ٿي ته اسان انساني رشتن ۽ جذبن کي سڃاڻڻ بجاءِ ذاتي دوستيون نڀائيندا آهيون. پنهنجي معاشي حيثيت جي برابري واري سٽيي ماڻهو کي اهميت ڏيندا آهيون. پر انساني قدرن جي پرواهه اسان کي ناهي جو مريض وٽ پئسا نه هجڻ ڪري ڊاڪٽر ان جو علاج نه ٿو ڪري، پر پنهنجي دوست جو علاج ڪري ڪائنس پئسا نه ٿو وٺي ۽ چوي ٿو ”بدتميز ٿوروئي آهيان“ ساڳئي وقت هي ڪهاڻي اسان جي سماج ۾ ڊاڪٽري پيشي کي وائکو ڪري ٿي ته بظاهر هي پيشو مسيحائي جو آهي. انسانيت جي خدمت جو آهي پر خريد و فروخت واري سماج ۾ ڪو به پيشو انساني سماج جي لاءِ ناهي، بلڪ خالص ڪمائڻ جي لاءِ آهي، تنهن ڪري ڊاڪٽر هڪ عجيب مڪينيڪل ماڻهو آهي، جيڪو عام ماڻهو جي ڏک کي نه ٿو سمجهي، غربت جو احساس ڪيس ناهي، مريض کي خبر، پر ڪيس اها خبر ناهي ته هن کي هڪ وقت جي ماني به ملي ٿي يا نه. بلڪ ڊاڪٽر اهو سڀ ڪجهه ڄاڻڻ به نه ٿو چاهي. ڪيس جاهل غريب، ڏتڙيل ماڻهن کان بيزاريت آهي. انهن کان خفا خفا پيو ٿئي. اهڙي ئي موضوع تي هڪ ڪهاڻي ’فرشتو‘ آهي، جنهن ۾ هڪ فوجي ڊاڪٽر آهي، جيڪو مريض کي عزرائيل ٿو لڳي. هڪ خاص طبقي جي ذهنيت کي ظاهر ڪري ٿو.

ڪهاڻي ’شاهه جو قر‘ ۾ ذات پات جي حوالي سان رائج جهالت جو ذڪر ٿيل آهي، جنهن ۾ سيد هئڻ انسان هئڻ کان وڏي ڳالهه آهي. هن ڪهاڻي ۾ سيد ۽ امتي واري تفريق تي ۽ مت پيد تي پرپور طنز ٿيل آهي، جنهن ۾ سيد هئڻ انسان هئڻ کان وڏي ڳالهه آهي. ”ته پيرل شاهه ڪو شهر جو چڱو مڙس ڪو نه هو! ڳوٺ وارن جو پريو مرس ڪنهڻ ۾ پرپور هو. پيرل شاهه کي ڄڻ سرڪار دوجهان وٽان سرٽيفڪيٽ مليل هو ته تون افضل ۽ اعليٰ آهين. بوڪڙو ملان به سندس هٿ چمندي ڏاڙهي پيا ڏڪائيندا هئا. عام رواجي ماڻهو ته سندس موچڙي سٽيا هئا، سيني جو ڪم هو پيرين پوڻ“.

سنڌي ماڻهو ويساهه جا وسوڙيل عقيدت ۽ احترام وچان سيد کي اعليٰ

ڪردار ڪري ليکيندا آهن. جو ته هونئن ٻه ڏارين کان هيسيل هيءَ قوم احساس ڪمتري جو شڪار رهي آهي. جنهن جي ڪري ڏارين سچاٽپ هن اڳيان برتري جتائي پنهنجا مفاد پورا ڪندي رهي آهي. مريم (ممڙي) هڪ اهڙو ڪردار آهي، جنهن وٽ ذات پات جي تميز ناهي، هوءَ معصوم ٻارڙي آهي. جيڪا ڳوٺ جي سيني ماڻهن جو قرب حاصل ڪري ٿي، سيني سان شرارت ڪري ٿي، ۽ سيني کي ماما چوي ٿي، پر جڏهن شاهه صاحب کي ماما چوي ٿي ته هو ڪاوڙجي پوي ٿو ۽ کيس مار ملڻ تي سخت ڪاوڙ ۾ اچي ٿو ۽ سچي نفرت ۾ ٻاهه وچان چوي ٿو ته "شاهه جو قرا!"

اها آهي نفرت جيڪا اوچي ذات جي اهڙي اڏنگي رويي جي نتيجي ۾ پيدا ٿئي ٿي. سنڌي ماڻهو پنهنجي تاريخي ارتقا ۾ پنهنجن سڻن لڇڻن کي ڪڏهن نه وساريو آهي. هو ڪڏهن ٻه وحشي جانور نه ٻڻبو آهي. هن انسانيت جي اعليٰ قدرن کي ظلم، ڏاڍ ۽ ڌڪاءَ واري ماحول ۾ برقرار رکيو آهي. سنڌي ماڻهن کي جڏهن ٻه موقعو مليو ٿو ته هو ظلم کان نفرت جو اظهار ڪن ٿا. سخت اذيتناڪ جاگيرداري قدرن ۾ ٻه ماڻهو ۽ ماڻهپو رهيو آهي. انهي ڪردار جي اعليٰ شڪل اسان کي سنڌي ماءُ ۾ ملي ٿي. سنڌي ماءُ سنڌ جو هڪ انوکو ڪردار آهي، جنهن ۾ سنڌ جي فڪر جي جهلڪ موجود آهي. هو چاهي ڪهڙي ٻه روپ ۾ هجي، غربت ۾ يا ڏک ۾ جنگ يا امن ۾ پر منجهس زندگي جو احترام ۽ انسانيت پرستي موجود هوندي آهي. اهڙو ئي ڪردار جمال اٻڙي جي ڪماٽي ماءُ جي جهولي ۾ آهي. هڪ عورت جيڪا سندس وچولي طبقي جي ثقافت ۾ رچيل اختلاف کي آسماني مذهبي درجو ڏيندي سخت پردو ڪندڙ آهي، جيڪا برقعي ۾ ٻه ماڻهن جي موجودگي ۾ اتان لنگهي نه ٿي سگهي، پر اها ئي عورت هڪ معصوم ٻار کي فسادين کان بچائڻ خاطر مٿي اگهاڙي ماڻهن جي انبوهه ۾ ٻاهر نڪري اچي ٿي ۽ انهي ٻار کي سيني ۾ لڪائي ڇڏي ٿي. ڪماٽي جي پڇاٽي ڏسو. "ڏٺم ته ٻار کي سيني سان لڳائي ڇڏيو هٿائين، ڇيم سرڪار ينگياٽي جو ٻارا"

"ينگياٽي هجي ڪه پنجابڻ يا پناهگير، ماءُ جي جهولي ته خالي ٿئي ها نه؟ مون ڏٺو ته سندس اکين ۾ لڙڪ هئا ۽ مائي جا ڳوڙها ته اڻ ڳڻيا، اڻ جهليا پئي وهيا. مون باغ جي مٽي کڻي چيو سنڌ جي مٽي کي سلام. سنڌو جي مٽيالي پاڻي کي سلام. گهوگهاري ۽ گهنهڙ جي سگداسين کي سلام".

اهو ئي ڪردار همه گير آهي، منجهس آفاقيت آهي، انسانيت پرستي آهي ۽ انساني جان وٽس سڀ کان قيمتي شيءِ آهي. جنهن کي بچائڻ خاطر هو قدرن کي رواج ۽ رسمن کي لتاڙي سگهي ٿي.

جمال ابڙي طبقاتي سماج جي اهڙي بچڙي شڪل کي ڏيکاريندي صرف ادبي فوٽو گرافي نه ڪئي آهي پر هن واقعن جي پس منظر ۾ اهڙي فڪر کي اپاريو

Gul Hayat Institute

آهي، جيڪو ازلي سونهن پسڻ کان پوءِ پيدا ٿيندو آهي. اها سونهن جيڪا زندگي جي خوبصورت پهلوئن جي آهي. خود جمال ابڙي چيو هو ته ”هر اديب دانشور ناهي، اديب ته سونهن پسي وٺي ٿو ۽ ان جي جهلڪ ٻين کي پسائي ٿو“.

جمال ابڙو نه صرف سونهن پسائي ٿو. بلڪ انهي دائمي سونهن لاءِ جدوجهد جو ڪو دڳ به ٻڌائي ٿو. سندس ڪردار زماني جي پيڙا سهي اذيتون پوڳي جوان ٿي وڃن ٿا ۽ پوءِ سندس خوف ۾ جوش ۽ ولولو ڪين باغي بنائي ٿو تڏهن ”پشو پاشا“ ڪهاڻي سرجي ٿي، پشوءَ جي بغاوت زندگيءَ سان جڙيل آهي. پشو پاشا اهو ڪردار آهي، جيڪو سرڪش آهي ارڏو آهي، قدرت جي اڻ گهڙيل تخليق آهي. ڪنهن کي چڪ ڪنهن کي رهڙ پيو اڇلون ڏئي ۽ چلڪي، سندس ڪردار جذباتي ۽ چلولو آهي، جيڪو جاگيرداري سماج ۾ نوڪر ڪائي ٿو. پنهنجي مردانگي ۽ رعب تاب جي ٻل تي وڏيري جي ڌيءَ سان عشق ڪري ۽ انهي جو سگ به گهري ٿو. وڏيري جي جلال کي ڏسندي شهر وڃي ٿو اتي پورهيتن ۽ مزدورن کي گڏ ڪري پاڻ جهڙا ٻيا سنگتي گڏ ڪري انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

هي ڪردار اديب جي هڪ تخليق آهي جنهن جو مطلب آهي هڪ اهڙو مثالي ڪردار پيش ڪرڻ جيڪو اسان جي رهبري ڪري، جيڪو هن سماج کي بدلائي، ذلت ۽ پستيءَ واري هن حيواني سماج کي انساني دڳ تي لائي، اسان ماڻهو گهڻن کي جوانيءَ ۾ اهڙا ڏچڪا لڳا هوندا، اهڙي نوڪر لڳي هوندي. جنهن اسان جي اندر ۾ باغيچا خيال ڪيا هوندا. پشو پاشا اسان مان هڪ اهڙو ڪردار آهي، جنهن جي بغاوت جو سبب ڪهڙو به هجي، پر سندس رخ وڏيرڪي سماج خلاف آهي.

هن ڪهاڻي تي گهڻن اديبن ۽ دانشورن پنهنجا تنقيدي رايا ڏنا هئا، محترم رسول بخش پليجي جو خيال هو ته:

”هي ڪردار خيالي آهي، فلمي آهي جيئن ممتاز دمسان جان عالم ۽ حاتم طائي جا ڪردار موجود آهن، هنن جي جدوجهد جو ڪو سبب علمي، عقلي ناهي، بلڪه ارڏائي وارو آهي، وڏيري جي ڌيءَ سان عشق ڪرڻ ۾ ناڪامي ۾ پشو انقلابي بنجي وڃي ٿو. يعني وڏيرو پنهنجي ڌيءَ سان عشق ڪرڻ جي اجازت ڏئي ها ته انقلاب جي نوبت ئي نه اچي ها“.

مس شمس صديقي چيو ته ’پشو پاشا‘ پلاٽ جي تحريڪ اڌوري آهي. سندس ڦاسي کان پوءِ تحريڪ جو ڇاٿيو؟ ڪجهه به نه رڳو مايوسي ۽ دل شڪستگي.

ڳالهه اها آهي ته ترقي پسند ادب ۾ مارڪسي فڪر جا لاڙا نمايان رهيا آهن. اڪثر روس ۾ يا يورپ ۾ اهڙا مثالي ڪردار پيش ڪيا ويا آهن. جئين گورڪيءَ جي ڪهاڻي ماءُ ۾ ماءُ پنهنجي غدار پٽ کي ماري ڇڏي ٿي. دوستو وسڪي جو



Gul Hayat Institute

مشهور ناول "How the steel was tempered" جنهن جو اردو ترجمو "دارو سن ڪي آزمائش" جي نالي سان ٿيو هو ۽ سنڌي ۾ محمد عثمان ڏيپلائي "سسي نيزي پاند" جي نالي سان ڪيو. انهي ۾ هڪ ڪردار ناسمجهي ۾ ڪارخاني ۾ ڪم ڪندي انقلابي بنجي ويندو آهي. اهڙي طرح هتي بہ جمال ابڙي جو مقصد ڪهاڻي لکڻ هو جنهن جو هيرو مثالي هجي، جيڪو زماني جي مختلف مرحلن مان ۽ مسئلن مان گذرندي انقلابي بنجي وڃي ٿو.

ترقي پسند اثر هيٺ هيءَ ڪهاڻي ضرور لکي وئي آهي، پر هن ڪهاڻي جو ڪردار بقول رسول بخش پليجي جي تہ اسان جو ڏيهي ڪردار ناهي، بلڪ خيالي آهي. جيڪو حالتن کي اقتصادي ۽ سياسي نظرين ۽ تحريڪن جي تناظر ۾ سمجهڻ بدران ذاتي رنجشن جي باعث هليو آهي انقلاب آڻڻ.

مجموعي طور جمال ابڙو ترقي پسند اديب آهي، جنهن تي مارڪسي انقلابي تحريڪ جو اثر نمايان آهي. پر ساڳئي وقت بقول شيخ اياز جي تہ: "جمال ابڙو خدا دوست بہ آهي تہ انسان دوست بہ آهي ۽ ادب دوست بہ آهي" ۽ سنڌس ٽيئي خاصيتون سندس ڪهاڻي ۾ موجود آهن. اسان جمال ابڙي کي خالص مارڪسٽ ليکڪ آهي، جنهن جي مٽي ۾ انسان، امن، پيار، محبت ۽ اميد پرستي آهي، جنهن جو فڪر زندگي پروري آهي. اهو فڪر سنڌ جو فڪر آهي.... تسلسل آهي.

Gul Hayat Institute

# جمال ابڙو هڪ عظيم افسا نہ نگار

فهيم نوناري

دنيا جي عظيم سياح ڪولمبس جي ديس جي ڏاهي جان اسمٿ 1970ع ۾ آمريڪي سرزمين لاءِ چيو هو "آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ بنا شڪ جي بني نوع انسان جي رهڻ لاءِ انهيءَ کان بهتر ڪا سرزمين ممڪن نہ آهي".

ساڳي ڳالهہ جيڪڏهن پاڻ ورجايو تہ غلط هرگز نہ ٿيندو تہ سرزمين سنڌ لاءِ آسمان ۽ زمين انهيءَ ڳالهہ تي متفق آهن تہ بني نوع انسان لاءِ امن ۽ انصاف سان رهڻ لاءِ انهيءَ کان بهتر ٻي ڪا ڌرتي ئي ناهي. صدين کان سنڌ امن ۽ انصاف خاطر آئيڊيل خطو رهيو آهي. ليڪن بغض، حسد، رقابت، ڪيني ۽ قابض ذهن جي مالڪ گروهن پنهنجي مفاد خاطر امن ۽ انصاف جا بخيا اڌيڙي ڇڏيا. جنهن ناروا رويي لاءِ شاهہ لطيف چيو:

اچو پاڻي لڙ ٿيو ڪالوريو ڪنگن،
ايندا لج مرن، تنهن سر متي هنجڙا،

اهڙن ناروا، ڪشمڪش، انصاف پسندي ۽ امن جي لاڏائو روين ادب جي سرجڻهارن جي ذهنن ۾ امن ۽ انصاف جي واپسي لاءِ پشو پاشا، پڙاڏو سوئي سڏ، مرڻ مون سين آءِ، اروڙ جو مست، ماني ڀُيو ۽ بلنديون جهڙن افسانن، ناولن ۽ ڪهاڻيين جنم ورتو ادب جي تاريخ گواهہ آهي تہ جڏهن حالتن جو ڦيٿو امن ۽ انصاف جي ابتڙ ڦرڻ لڳي تہ اهڙي دورن ۾ اعليٰ انساني ادراڪ، لڱ منهنجا لوهہ، ڳاڙهو لالٽين، پهاڙن جي ڏيءَ، ڊان بهتا رها ۽ ننڊڙن شين جو خدا جهڙا افسانا، ناول ڪهاڻيون جنم وٺندا آهن. جن انسان جي فلاح ۽ بهتري واري وهنڊڙ لهر ۾ شدت آندي ۽ انهن معاشرن سول سوسائٽي جو درجو آئندو ۽ حال محفوظ بڻائي ورتو آهي.

پشو پاشا جو خالق، سنڌي ادب جو بادشاهگر ليکڪ ۽ يگانو انسان جمال ابڙو زمان ۽ مڪان جا سيئي بند ٻيجي شاهہ لطيف ۽ شيخ اياز سان رهاڻ رچائڻ لاءِ ٻئي جهان جي سفر تي روانو ٿي چڪو آهي.

روسي ڏاهي ترگنيف چيو آهي، ”ٻولي انسان جي ڀرپور دانهن آهي“. اهو سچ آهي تہ ٻولي انسان کي شناخت ۽ سونهن عطا ڪري ٿي، جمال جي دانهن ۾ هن جي وجود اندر موهن.جي دڙي واري انسان جي سپيتا، سچ ۽ آزاديءَ جا عڪس ۽ اولڙا لڪل آهن. سي نهايت خوبصورتي، اعليٰ مهارت ۽ فن (Artistic way) سان پنهنجي ڪهاڻين ۽ افسانن ۾ بيان ڪيا اٿس. لکندڙ سوين هزار آهن. ليڪن گهڻي ڀاڱي همراهہ ميم ۾ مارئي ڳائيندا ۽ اپ ۾ تراڙون هڻندا پيا وتن. اهڙا دق ڪئين وڃندي پڌا آهن. ليڪن ڪڏهن ڪڏهن ڪا مختصر لکڻي. ڪو هڪڙو مقالو ننڍڙو افسانو يا ڪهاڻي ذهن اندر موجود نيوٽران کي اهڙي گردش ۾ آڻيندي آهي جو ذهن ۾ شاهہ لطيف جون اهي سٽون ڪر کڻي بيهنديون آهن، تڏهن انسان ڪنهن بهتر عمل ڪرڻ لاءِ متحرڪ ٿي پوندو آهي.

اک الٿي ڏاڻ ونءُ الٽو عام سين،
منجهان نوچ نهار پنيرو پريڻ ڏي،

هڻ، هڪل سارڻ، مانجهيان ايءُ مرڳ،
وجهن ڪين فرق، رُڪ وهنديءَ راند ۾.

اصل ۾ ادب جو ڪارج بہ اهو آهي. جيڪو انساني ذهن، ضمير ۽ سوچ کي متحرڪ بڻائي، ڪنهن سهڻي ۽ بهتر عمل ڪرڻ لاءِ شعوري ۽ لاشعوري طور آماده ڪري. سول سوسائٽي جون سيئي گهرجون ممڪن حد تائين تڏهن پوريون ڪري سگهجن ٿيون، جڏهن معاشري اندر هر فرد خوانده (Literate) هجي ۽ ادب جا سيئي واهڙ (Roots) سماج جي تاجي پيٽي تي اک رکندي انساني ذهن جي شاعري، ڪهاڻي، مضمون، آرٽ، فن، موسيقي، ثقافتي، تاريخي ميل جول جي رسمن ذريعي آبياري ڪري.

خاص طور ٽين دنيا (Third world) جي سياڳن ملڪن ۽ سنڌ کي جيڪا هن وقت نسلي، قبائلي ۽ بي علمي جي اجهاڳ اونداهي غارن ۾ ڌڪي ويئي آهي. اهڙن معاشرن ۾ تخليقي ادب جو ڪارج ويتر وڌي پٺو ٿي وڃي ٿو.

اسڪاٽ لينڊ جي شهر ايڊنبرگ جي پرنس اسٽريٽ ۾ گهمندي مون کي ٻئي جنگ عظيم (World war II) ۾ مرندڙ سپاهين جي ياد ۾ تعمير ٿيل هڪ يادگار نظر آيو. جنهن مٿان لکيل هو.

"and we died, we did our duty"

”اسين فرض ادا ڪندي فرض جي رستي ۾ مئاسين.“ ڇا تہ شاندار انداز آهي فرض شناسي جو. اسان منجهان گهڻا اهڙا سرويچ ۽ ڏاها آهن، جيڪي فرض جي رستي ۾ قربان ٿيا آهن.

Gul Hayat Institute

او امان, آو امان منهنجي جيجل امان!
جيڪڏهن رات جي رهزنن هتان آءُ ماريو ويجان!
آءُ شيشن مٿان سمهاريو ويجان ... ..
ڪين ڏڪڙو ڪجانءِ ... ..

جمال ابڙي جي ادبي قد ڪاٺ, جهڙيءِ بصيرت جو ڪاٿو ته نقاد ضرور ڪندا, مان صرف هڪڙو جملو لکندس: "جمال پنهنجي گهڙيل تراشيل ڪردار پشو پاشا جيان ارڏو ۽ بلند هو".

پشو پاشا شيشن تي سمهارڻ واري قدم کان به وڏو ڇال ڏئي اڳتي هليو ويو. هن جيڪو حق ڇاتو تنهن تي بي خوفيءِ بي جگري سان عمل پيرا ٿيو. سامراج جنهن کي بغاوت سڏيو پشو ۽ سندس ساٿين اسپارٽڪس جيان غلاميءِ ذلت جي زنجيرن کي ٽوڙڻ عين آزاديءِ انسانيت جو ڇوٽڪارو سمجهيو.

جمال ابڙي پشو پاشا جي بيانيه اسلوب ۾ حد ڪري ڇڏي آهي. هو افسانوي انداز ۾ بيان ڪرڻ جو بادشاهه گر لڳي ٿو. هن پنهنجي دور جي مڪمل ترجماني ڪندي سماج جي هر ڪلاس کي چٽي ريت پيش ڪيو آهي. جنهن تصوير ۾ اسان کي معاشري اندر پيش ايندڙ ڪمين پيشين, ظلمن, ناحق ۽ ستم ڪندڙ ستمگرن جو نقشو ائين چٽيو آهي, جيئن ڪو سنگتراش ڪو مجسمو ٺاهي پيش ڪري, جنهن کي هر ڏسندڙ ڏسڻ شرط سڃاڻي وٺي. بنيادي طور ڪهاڻيڪار سماج جو اهو فرد آهي جيڪو پنهنجي خاص اک سان مسئلن کي پرکي ٿو. جمال جي نظر ڪمال بلنديءَ سان هر ننڍي توڙي وڏي شيءِ تي آهي. هو پشو کي رڳو جذباتي باغي ڪري پيش ڪو نه ٿو ڪري بلڪ ساڳئي وقت هڪ عظيم رهنما, رهبر, تنظيم ساز هڏ ڏوکي, همدرد, سرفروش, ڏکئي نگاهه رکندڙ پيار ڪندڙ قرباني ڏيندڙ سچائي, سونهن, بهادري ۽ اڳواڻي جي لازوال گڻن سان تمتار اڳواڻ ۽ هيرو ڪري پيش ڪري ٿو. پشو جڏهن وڏيري گلڻ جا ظلم, ميرن, پيرن, وڪيلن ۽ بورجوائي سياستدانن کي ڏهڪاءُ, ظلم ۽ زبردستي واري کيل ۾ شريڪ ڏٺو ته هن کي اٽل يقين ٿي ويو ته اهي سڀ صدين کان مسڪين پورهيتن تي ظلم جاري رکيو پيا اچن. انهن کان انصاف گهرڻ ٻهرن کان ٻير گهرڻ برابر آهي.

پشو جڏهن مزدورن جي انبوهه ۾ گڏجي هن سماج جو ڪاراٽتو پرزو بڻجي ويو ته هن کي پنهنجو قدر و قيمت ۽ پورهيتن جي گڏيل طاقت جو احساس ٿيو ته اڪيلو ماٺهو هيڻو آهي. جڏهن ٻڏي ڪري ٿو ته هو روهه جبل جيان مضبوط ۽ اڏول بڻجي وڃي ٿو. ويتر جابلو علائقي جي فضائن ۽ ماٽري ۾ گهلندڙ هوائن پشو کي گهڻو مختلف بڻائي وڌو. پشو ائين ويو ڳوٺن مٿان ڳوٺ فتح ڪندو. پوءِ رياستي مشينري چرپر ۾ اچي ويئي ۽ ديومالائي ڪردار پشو پاشا کي سنگهرڻ ۾ سوگهو ڪرڻ لاءِ وڏيرن, سرمائيدارن جي رياستي فوج پشو پاشا جي ٺاهيل رڪ

جهڙي انقلابي پٺرا ملٽري سان منهن مقابل ٿي پشو جا ساٿي فولادي عزم سان پنهنجي اعليٰ مقصد لاءِ سر جو سانگو لاهي باک ڦٽي تائين وڙهندا رهيا. پشو آخري پساهن تائين جنرل بڻجي وڙهندو رهيو ۽ ساٿين کي پوئتي موڪليائين، پنهنجي آخري نياپي ساڻ، ”ڪارخانن ۾ مزدورن کي پيغام موڪلجو ۽ فوج ۾ به ... . آخري فتح اسان جي آهي رات ڪيتري به طويل ۽ ڏکي هجي پر صبح ضرور ٿيندو، سورج ضرور اڀرندو“.

جهان کي ڏيو مبارڪون، اسين پيا ڪاهيندا اچون،
اجهو هو بهشت جنت جو خواب لهرائيندا.

چا تہ ڪهاڻيڪار/ افساني نگار مڪ ڪردار هٿان ڏاڍا پر اثر جملا چورايا آهن، جيڪي لفظ انسان کي دل و دماغ تي سڌو سنئون اثر انداز ٿين ٿا. دماغ مان چٽنگون نڪريو وڃن ٿيون. ماڻهو تبديلي لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ سوچڻ لڳي ٿو. اهو افساني ۾ ڪردار جو گفتار وسيلي پيش ايندڙ ڪمال آهي. هونئن بہ افساني ۾ (Tragic) ڪردار پڙهندڙ کي وڏن وڏن عملن لاءِ تيار ڪندو آهي.

انسان اڻپورو هوندي سدا نت نين شين جي تلاش ۾ هوندو آهي. جيڪي هن جي روحاني ۽ مادي تسڪين جو باعث بڻجنديون آهن. قلم، ڊرامي يا افساني ۾ ڪو پيش ٿيندڙ حادثو پُر خطر واقعو بہ انسان لاءِ ڪڏهن ڪنهن وڏي تبديليءَ جو باعث ٿئي ٿو. پشو پاشا جي پر آشوب زندگي ۽ خطرن سان پُريل ڪردار انسان کي بلندي ڏانهن وٺي وڃڻ جو بنياد آهن.

باهہ جا اٿندڙ اُلاءِ آخري زبردست هلان رياستي فوج کي اڪيلي وڏڻ لاءِ بزدلي جي ڏيڻ مان ڪين ٿا. هو وڏي پشو مٿان حملا آور ٿين ٿا. پشو چئي ٿو ”منهنجا سڀ ساٿي مارجي ويا“. رياستي ڏيڏر دمبهو هڻن ٿا. ”يا علي“. ائين آڪڙ ۽ ڦونڊ ۾ ڦونڊجي هو پشو کي سوگهو ڪري وڃي قيد ڪن ٿا.

(سوجهرو، آگسٽ 2004)

Gul Hayat Institute

# سنڌي افساني جا مختصر دؤر ۽ لافاني افسانہ نگار

نصر الله ناصر

دنيا جي مختلف ٻولين جي ادب ۾ افساني واري صنف کي خاص اهميت حاصل آهي. ان جو هڪ وڏو ڪارڻ افساني ۾ اختصار واري خصوصيت جو هجڻ آهي، ان ڪاڻ سواءِ افسانو اظهار جو بهترين، سولو ۽ اثرائتو نمونو پڻ آهي. اسان افسانن ۾ مختلف دؤرن جي سماجي، معاشي، سياسي، مذهبي، اقتصادي ۽ انتظامي حالتن ۽ معاملن جي جاچ وٺي سگهون ٿا. افسانا هر دؤر ۾ دلچسپي جو باعث بڻبا رهيا آهن.

هڪ خيال آهي تہ دنيا جي ادبي ڪيتر ۾ افساني جي شروعات جڻ تہ وقت ۽ حالتن جي ضرورت جي سبب پيش آئي. جڏهن دنيا جي تاريخ جي ڪيليندر ۾ ارڙهين صديءَ پنهنجو اڌ پنڌ پورو ڪيو تڏهن يورپ ۾ مشيني دؤر جي تيزيءَ سان شروعات ٿيڻ لڳي ۽ پوءِ انساني زندگي مشيني پرزو بڻجي وئي. صنعتي ادارن جي ترقيءَ ماڻهن کي وقت جي اهميت جو احساس ڏياريو. ان ڏس ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو "هيءَ صنف فرانس جي صنعتي انقلاب جي اثر جو قل آهي. ان دؤر ۾ طويل ناول پڙهڻ نهايت ڏکيو عمل ٿي پيو هو. تنهن ڪري ادبي دنيا ۾ افسانو مروج ٿيو اختصار ۽ فني نزاڪت سبب هيءَ صنف نهايت مقبول ٿي. پر جديد نقادن ان سبب کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي، ڇاڪاڻ جو طويل لکتون ۽ ناول پڻ اڄ ڏينهن تائين مروج آهن. جيڪي ان ڳالهہ جي نفي ڪن ٿيون. ان حوالي سان W.H Hudson جو مؤقف هو تہ "جديد ڪهاڻي يا افساني جي مضبوط ۽ وڻندڙ صورت گهڻ رخي سببن جو نتيجو آهي". انهن سببن جي ڄاڻ ڏيندي هو پنهنجي ڪتاب Study of Literature ۾ لکي ٿو:

"The short story has firmly established itself as a favourite form in modern literature. Its immense vogue is the result of many co–operating causes" among them, the rush of modern life, which has made men impatient of those "great still books"

(as Tennyson called them) over which readers were glad to linger in more leisurely ages, and the enormous development of the magazine, in which a large field is naturally afforded for tales complete in a single number. So popular, indeed, has the story become that extraordinary claims are at times put forth in its behalf."

سنڌي ٻوليءَ ۾ باقاعده افساني لکڻ جي شروعات 1914ع کان ٿي، جڏهن لعل چند امر ڏني مل ”حر مُکيءَ جا“ سنڌي ادب ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. ان کان اڳ بہ افسانا لکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي پر فني توڙي موضوعاتي لحاظ کان اهي افساني واري صنف جي بيهڪ کان گهٽ هئيل آهن تنهنڪري اسان جي عالمن جو چوڻ آهي تہ، انهن کي افسانو نہ ٿو ڪوئي سگهجي، ان ڏس ۾ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو تہ، ”انهن کي افسانو چئي نہ ٿو سگهجي. افساني جي فني ٽيڪنڪ موجب سنڌي ڪهاڻيون 1914ع کان پوءِ لکجڻ شروع ٿيون“. سو اسان انهن کي افساني بدران آکاڻي چئي سگهون ٿا، هونئن بہ افساني جي اوائلي صورت آکاڻي ئي آهي.

ساهت جي هر صنف حالتن جي اثر هيٺ رهي، موضوعاتي اعتبار کان لباس مٽائيندي رهي آهي. اسان جي عالمن سنڌي افساني کي ورهاڱي تائين ٽن مختلف دؤرن ۾ ورهايو آهي. جنهن ۾ شروعاتي ۽ پهريون دؤر 1914ع کان 1925ع تائين جو مقرر ڪيو ويو آهي. هنن سالن دوران ننڍي کنڊ ۾ سماج سڌار تحريڪن جنم ورتو جن جو سڌو سنئون اثر ادب جي مختلف صنفن سان گڏ افساني واري صنف تي پڻ رهيو. هن دؤر ۾ دقيانوسي ريتن رسمن، ننڍپڻ جي شاديءَ وارن مسئلن ۽ عورت جي لاچاريءَ وارن موضوعن کي ڪهاڻين جي زينت بڻايو ويو. هن دؤر ۾ سرمائيدارن ۽ وڏيرن جي ظلم خلاف پڻ افسانا لکيا ويا. ان دؤر ۾ جن ليکڪن افسانا لکيا انهن ۾ ڪوڙو مل، پرمانند، نانڪرام، ڏرمداس، لال چند امر ڏنومل، ڇيتمل پرسرام، پريداس پيرومل، مسٽر عبدالله ”عبد“، مرزا نادر بيگ ۽ محمد عثمان حبيب الله ڏيپلائي مشهور آهن.

افسانن جو ٻيو دؤر 1925ع کان 1940ع تائين ڳڻيو وڃي ٿو. ان دؤر ۾ دنيا جي عالمي ادب جا شاهڪار افسانا گهڻي تعداد ۾ ترجمو ٿيا هئا. عالمي جنگين جي ڪري ان وقت سڄي دنيا سياسي اٿل پٿل ۽ هل هنگامن جي ور چڙهيل رهي، انهيءَ ڪري عالمي ادب ۾ مزاحمتي ۽ نقالي قسم جو ادب تخليق ٿيو جنهن کي اسان جي وڏن اديبن سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمي جي صورت ۾ پڻ آندو.

انهن اديبن ۾ گوبند مالهي، ديو سنياٽي، جڳت آڏاڻي، سڳن آهوجا، ميلا رام منگترام، وديارٿي، ليکو تلسياڻي، دوست علي، اميد علي، دلدار حسين موسوي،

هيرانند عيدناڻي شامل آهن. ان دؤر ۾ هندستان جي جن اديبن جا افسانا اسان جي ادب ۾ ترجمو ٿي آيا انهن ۾ ڪرشن چندر، ٽئگور، پريم چند، ڪشور ساهو رنبير سنگهه ، ڪوراناٿ، نرشچندر گپتا، ڪملا ڪانت ورما، سدرشن، اختر حسين، ڪنيا لعل منشي، سانڪر نياپن، رشيد جاويد، عشرت رحماني، احمد عباسي، ابراهيم جليس، احمد نديم قاسمي شامل آهن ۽ جن مغربي اديبن جا مشهور افسانا ترجمو ٿيا انهن جا نالا هن ريت آهن. چيخوف، مئڪسم گورڪي، ٽالسٽاءِ، ترگنيف (روسي) پرل ايس بڪ، اوهينري (آمريڪا)، پشڪن، موپاسان (فرانس)، گالسوردي ۽ ماري ڪاريلي (انگلينڊ) الاسڪان (اسپين) پال هين (جرمن).

هن دؤر ۾ طبعزاد افسانا پڻ لکيا ويا جن کي فني توڙي موضوعاتي حوالي سان تمام سٺي پذيرائي پڻ ملي. اهڙن افسانا نگارن ۾ امر لعل هنگوراڻي، عثمان علي انصاري، لطف الله بدوي، آسانند مامتورا، گوبند مالهي، تاراچند ڦتيل وغيره شامل آهن.

1940ع کان 1947ع تائين جو دؤر افساني جو ٽيون دؤر مڃيو وڃي ٿو. هي دؤر سياسي هل هنگامن کان علاوه آزاديءَ جي تحريڪن جي جوش ۽ جذبي وارو دؤر هو. هن دؤر ۾ افساني جا موضوع گهڻي ڀاڱي آزاديءَ واري جذبي ۽ انقلابي ۽ باغي خيالن سان سرشار هئا. ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب ان دؤر جي حوالي سان لکي ٿو ته، ”1940ع کان وٺي 1947ع“ جي ستن سالن واري عرصي ۾ ڇپيل سنڌي ادب ۾ قومي بيداري، سماج جي اڻگين رسمن ۽ رواجن توڙي عام ماڻهن جي روزاني زندگيءَ سان واسطو رکندڙ ضروري ڳالهين جو عڪس گهڻو نظر اچي ٿو. سماجي رسمن کان سواءِ اُتي، لٺي ۽ اجهي سان واسطيدار عنوانن تي پڻ قلم آرائي ڪئي ويئي“. ان حوالي سان محمد اسماعيل عرساڻي لکي ٿو ته، ”هن زماني کان ٿورو اڳي ڪيترين بين الاقوامي تحريڪن جهڙوڪ سوشلزم ۽ ڪميونزم وغيره جو اثر به سنڌي ادب تي اثر انداز ٿيو. هن دؤر جي افساني جا موضوع سياسي، سماجي، معاشي ۽ اخلاقي مسئلن مان ڪنيل آهن. ڌارين جي حڪومت خلاف نفرت، هندو مسلم ايڪتا، شاهوڪار شاهي جي ظلم، غريبن جي بدحالي ۽ اقتصادي ڦرلٽ وغيره اهي ئي مسئلا اسان جي افسانن جو موضوع بنيل هئا.“

هن دؤر جي مشهور افسانا نگارن ۾ سڳن آهوجا، گوبند مالهي، گوبند پنجابي، ڀڳوان لالواڻي، شيخ عبدالستار آنند گولاڻي، ڪرشن کٽواڻي، ڪماري نانڪ گدواڻي، جيوت نرياڻي، رام امر لعل، مائيداساڻي، هري سدارنگاڻي، آسن اتمچنداڻي، ليکو تلسياڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، شيخ اياز ٻون پنجواڻي، لڇمڻ راجپال، پوچراج موٽواڻي وغيره شامل هئا. سرد آهون، سفيد هاٿي، ريگستاني ڦول، پرهه ڦٽي، سنڌي ڪهاڻيون، وغيره ان دؤر جي افسانن جا مجموعا آهن.

14 آگسٽ 1947ع واري ڏينهن ورهاڱو ٿيو. سنڌي ادب کي ڪاپاري ڌڪ

لڳو. ادب جي مختلف صنفن جي ترقيءَ جو ارتقائي مرحلو جڻ تہ رڪجي ويو ۽ ادب جي ذري گهٽ سڀني صنفن ۾ سچ ٿي وئي. انگريزن جي دؤر کان وٺي ورهاڱي تائين اسان جي سنڌي ادب ۾ هندو عالمن جو وڏو حصو (contribution) رهيو آهي، جڏهن اهي هتان کان لڏي ويا تڏهن اسان جو ادب ۽ ثقافت ٻئي تمام گهڻو متاثر ٿيا. سنڌي ادب جي ٻين صنفن وانگر افسانو گهڻو متاثر ٿيو ان حوالي سان شمس الدين عرساڻي صاحب لکيو آهي تہ ، ورهاڱي کان اڳ، سنڌي مختصر ڪهاڻي ڪافي قدر ترقي ڪري چڪي هئي ۽ اسان وٽ غير ملڪي ٻولين جي ترجمي جو بہ هڪ چڱو ذخيرو گڏ ٿي ويو هو. ان کان سواءِ اصلوڪين ڪهاڻين جو هڪ قابل ذڪر تعداد جمع ٿي ويو هو. جن ۾ ڪجھ ڪهاڻيون تہ فني نقطہ نگاھ کان ڪافي بلند هيون، پر آزاديءَ جي اعلان ٿيڻ سان ئي افراتفري مچي وئي ۽ اوچتو ئي اوچتو لڏ پلاڻ شروع ٿي وئي. اڳوڻا رسالا ۽ پبلشنگ ادارا ختم ٿي چڪا هئا. مسلمان اديب تہ اڳيئي اٽي ۾ لوڻ برابر هئا، اڳوڻين فني ۽ ادبي روايتن جو رشتو يڪا يڪ منقطع ٿي ويو ان ڪري اسان جي نون لکندڙن کي مختصر ڪهاڻيءَ جي سابقہ روايت بہ پڙڪانہ پئي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌي ادبي اشاعت جي حوالي سان ذڪر ڪندي محمد اسماعيل عرساڻي لکي ٿو تہ، "پاڪستان قائم ٿيڻ بعد يڪا يڪ حالتون بدلجي ويون ۽ سنڌي ادب جي اشاعت بہ گهٽي ياڳي رڪجي وئي، ڇاڪاڻ جو اشاعتي ذريعن ۽ ادب تي گهڻي ڀاڱي قبضو هندن جو هوندو هو".

ورهاڱي کان پوءِ 1950ع تائين ادب ۾ معياري لکندڙن جي اڻاٺ جي اها ساڳئي حالت رهي، ڪجھ ادبي ڪوششون ضرور ٿيون پر انهن جو ڪو خاطر خواھ نتيجو نڪري ڪو نہ سگهيو. اُن جو ڪارڻ ڇا هو ان بابت اڪبر لغاري لکي ٿو "جيتوڻيڪ 1950ع ۾ ادبي ڪوششون بہ ٿيون ۽ پرھ ڦٽي ۽ اڳتي قدم رسالا بہ نڪتا جن ۾ افسانا ڇپيا هئا، پر هنن رسالن ۾ سيڪڙات اديب لکندا هئا، جيڪي افسانيِ جي فني باريڪين کان ڪافي ناواقف هئا".

ورهاڱي کان وٺي 1950ع واري دؤر تائينءَ جون حالتون ڪنهن بہ حوالي سان اسان جي ادب ۽ ٻوليءَ لاءِ سازگار نہ هيون. سنڌي ادب کي خطري جي ور چڙهندي ڏسي، اسان جي ڪجھ ذميدار اديبن جي هڪڙي حلقي ڪراچيءَ ۾ "سنڌي ادبي سنگت" جو بنياد وڌو. جنهن پليٽ فارم تان اسان کي عظيم شاعر، ناول نگار، مضمون نگار، نقاد ۽ افسانا نگار وغيره پڻ مليا، ان ادبي سنگت جي ڪلاسن ۾ سيڪڙاتن جي هڪ وڏي تعداد شرڪت ڪئي، جن اڳيان هلي سنڌي ادب کي پنهنجي ذات ۽ ڏانو ذريعي مالا مال ڪيو. سنڌي ادبي سنگت جو ذڪر ڪندي محمد اسماعيل عرساڻي صاحب لکي ٿو تہ "سنڌي ادبي سنگت" ڪراچيءَ طرفان ادبي ڪلاس جو اهتمام ڪيو ويو جن ۾ افسانا پڙهيا ويندا هئا ۽ ٻيا اديب ۽ نقاد



Gul Hayat Institute

ان تي تنقيد ڪندا هئا. ليڪن جيڪا به خيال آرائي ۽ راءِ زني ٿيندي هئي، سا تعميري نوعيت جي هوندي هئي ۽ ان ۾ افساني جي ترقيءَ جو جذبو ڪار فرما هوندو هو“.

بهرحال ’سنڌي ادبي سنگت‘ سنڌي ادب جي ذري گهٽ ٻڌل ٻيڙيءَ کي ترڻ جي قابل بڻائي ڇڏيو. اديبن جي ان حلقي سنڌي ادب جي مختلف صنفن ڏانهن ڌيان ڏنو. وري جڏهن ملڪ تي ون يونٽ جي شامت نازل ٿي تڏهن ته ويتر هتان جي اديبن کي لکڻ لاءِ منظم ۽ پابند ڪيو ۽ هڪڙي نئين سوچ نئين امنگ جنم ورتو. ون يونٽ جي ڏکين ۽ اڙانگين حالتن جو ذڪر ڪندي امر جليل لکي ٿو ته، ”مغربي پاڪستان ۾ ون يونٽ خلاف سڀ کان وڌيڪ ۽ شديد رد عمل سنڌ ۾ ٿيو. ڏهن سالن جي گهٽ، ٻوسٽ ۽ سياسي، سماجي ۽ اقتصادي استحصال ۽ تشدد سبب لازمي طرح سنڌ جي سوچ بدلجي ويئي، اقدار بدلجي ويا، رويا بدلجي ويا“.

حالتون سوچ کي تبديل ڪرڻ جو وڏو سبب هونديون آهن. جڏهن ان وقت جي حڪمرانن مختلف حوالن سان پابنديون مڙهي هتان جي ٻوليءَ ۽ ثقافت کي ميسارڻ لاءِ سازشون سٽيون. اهڙين حالتن ۾ سنڌي ادب ذريعي ليکڪن ماڻهن کي سجاڳ ڪيو. ان ساڳيءَ ڳالهه جو ذڪر ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب هن ريت ڪيو آهي، ”1955ع ۾ ون يونٽ جي قيام سنڌي زبان جي ليکڪن، شاعرن، عالمن ۽ فاضلن کي سجاڳ ڪيو. انهيءَ فيصلي سنڌي علم ادب جي دنيا ۾ نئون انقلاب آندو. سنڌي ادب ۾ نئون موڙ آيو. انهيءَ انقلاب سنڌي زبان ۽ ان جي علم ادب کي اهڙيءَ منزل تي پهچايو جتي هوندن جيڪر اسين ايتري ٿوري عرصي اندر مشڪل پهچي سگهون ها“.

اها تاريخي حقيقت آهي ته ون يونٽ واري دؤر ۾ جيڪو وڏو ۽ معياري ادب (مختلف صنفن جي حوالي سان) تخليق ٿيو اهو شايد ڪنهن به دؤر ۾ ڪو نه لکيو ويو هو. ان دؤر ۾ اسان وٽ مزاحمتي ادب پنهنجي ڀرپور فني پُختگيءَ سان اوج تي پهتو. ان بي رحم دؤر ۾ جيڪي حالتون رهيون، تنهن جو ذڪر تاريخ جي ڪتابن ۾ گهٽ ته اسان جي سنڌي ادب ۾ تمام گهڻو ملي ٿو. ان بابت امر جليل لکيو آهي ته، ”ڏاڍو بي رحم، پريشان ۽ ششدر ڪندڙ هو ون يونٽ واري دور“. ون يونٽ دوران جيڪي ڪجهه وهيو واپريو ملڪ جنهن پيڙا کي ڏنو ۽ پوکيو رت جي سمنڊ ۽ بارود جو رڻ پٽ جهاڳيو ۽ ان دوران ملڪ ۾ ۽ خاص ڪري سنڌ ۾ جنهن سوچ ۽ شعور جنم ورتو ۽ اوسر ۽ ارتقا جون احتجاجي منزلون طي ڪيون، تن جو ڪٿي به باضابطه رڪارڊ قلمبند ڪيل نه آهي، هڪ هلاڪت خيز دور تاريخ جي صفحن ۾ ڪنهن به عبرتناڪ باب جو اضافو ڪري نه سگهيو پر سنڌي ادب نهايت سچائيءَ، بهادريءَ ۽ بيباڪيءَ سان ون يونٽ واري دور جي هڪ هڪ لمحي کي قلمبند ڪيو ۽ تاريخ جي مجرما نه خاموشيءَ تي شاهد ٿي بيٺو“.



Gul Hayat Institute

ساڳيءَ ڳالهه جي شاهدي ڊاڪٽر غلام علي الانا هن طرح ڏي ٿو ”1955ع ۾ ون يونٽ جي قيام ۽ ان کان سنت پوءِ 1958ع ڌاري ايوب خان واري مارشل لا سنڌي زبان ۽ ادب لاءِ رڪاوٽون آنديون ۽ رنڊڪون پيدا ڪيون. اهڙيءَ طرح ويندي 1970ع تائين واري زماني ۾ ٿيل ظلمن ۽ ڏاڍاين جو رڪارڊ ان دور ۾ لکيل ڪهاڻيون ۽ نظم آهن. هن دؤر جي افسانن ۾ سنڌ جي مسئلن، سنڌي زبان جي مسئلن، سنڌ جي هارين نارين جي مسئلن، سنڌ جي مزدورن ۽ محنت ڪش ماڻهن جي مسئلن جو هڪ رڪارڊ آهي. انهن افسانن ۾ سنڌ جي سماجي زندگيءَ جي عڪاسي آهي. انهن افسانن ۾ سنڌ جي عام ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ جي چٽي تصوير آهي“.

1950ع کان 1960ع تائين ادب جي مختلف صنفن وانگر افساني ٻه گهڻي ترقي ڪئي. افساني جي ترقيءَ لاءِ حالتون سازگار ۽ هموار ٿي چڪيون هيون. ادب جي ان ترقيءَ ۾ ون يونٽ واري وقت سان گڏ ان وقت جي اشاعتي ادارن جو پڻ وڏو هٿ هو. ان دوران ڪيترن ئي اشاعتي ادارن ادب جي ڦهلاءَ ۾ بهرو ورتو جنهن ۾ ڪراچيءَ کان ماهوار ’نئين زندگي‘، حيدرآباد کان ’سه ماهي مهراڻ‘، ’ماهوار روح ادب‘، ’هفتيوار وطن‘، ’ماهوار فلمي دنيا‘، ’سه ماهي شاعر‘، ’ماهوار ايڊيشن هلال پاڪستان“، ”ماهوار عبرت“، ”پرهه ڦٽي“، ”مارئي“ وغيره ۽ هالا کان ’ماهنامه فردوس‘، نواب شاهه کان ’ماهوار ادا‘، ’رهنما‘، دادوءَ کان ’اسان جي منزل‘، ٽنڊي محمد خان کان ’هفتيوار ميراث‘ ۽ ’روشني‘، سکر کان ’ماهوار تقاضا‘ ۽ ’اڳتي قدم‘ وغيره قابل ذڪر آهن. انهن مڙني رسالن مان مهراڻ، نئين زندگي ۽ بادل اسان کي قابل قدر ۽ قابل شناس اديب ۽ ناميارا افسانا نگار ڏنا، جن ۾ جمال ابڙو ڊاڪٽر اياز قادري، غلام رباني، بشير مورياڻي، سراج، شيخ حفيظ، رشيد ڀٽي جا نالا سرفهرست آهن. انهن سيني افسانا نگارن ۾ وري جمال ابڙي صاحب کي جديد سنڌي افساني جو باني ڪوٺجي ته ان ۾ ڪو به وڌاءُ ڪو نه ٿيندو.

ساهت جي مختلف صنفن ۾ شاهڪار تخليقون ٿينديون رهيون آهن جيڪي هر دؤر ۾ پڙهندڙن جي دلچسپيءَ جو باعث بڻيون آهن. مختلف صنفن ۾ طبع آزمائي ڪندڙ ليڪن هٿان ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون ناياب ۽ لازوال تخليقون جنم وٺنديون آهن، جو صنف جي نالي وٺڻ سان اسان جي ذهنن ۾ ان جو نالو اڀري ايندو آهي ۽ جڏهن اسان جديد سنڌي افساني جي ڳالهه ٿا ڪريون ته پڪ سان اسان وٽ هڪدم جمال ابڙي صاحب جو نالو اچي ٿو وڃي.

معروف عالم ۽ اديب علي خان ابڙي صاحب جي پٽ جمال ابڙي، 2 مئي 1924ع تي ضلعي دادوءَ ۾ جنم ورتو سندس تعليم بي اي، ايل ايل بي هئي. قانوني پيشن جي حوالن سان اعليٰ عهدن تي فائز رهيو. سچي عمر انصاف جا فيصلا ڪيائين. فارغ وقت ۾ افسانا لکيائين ۽ سنڌ ڌرتيءَ جو قرض لاٿائين. باقاعده

افسانا لکڻ جي شروعات 1949ع کان افسانو 'هو حر هو' (جيڪو هفتيوار "طوفان" حيدرآباد 1949ع ۾ ڇپيو) لکي ڪيائين. سترهن جي لڳ ڀڳ افسانا لکيائين. مختصر وقت ۾ وڏي شهرت ماڻيائين. هن جي ڪهاڻين ۾ مختصر نويسي، خيال جي بيان ڪرڻ جي انفرادي انداز ۽ حقيقت نگاري تمام وڻندڙ ۽ منفرد آهن. اهو ئي سندس لکڻين جي گهٽ وقت ۾ مقبول ٿيڻ جو ڪارڻ هو. ان حوالي سان شمس الدين عرساڻي صاحب لکي ٿو تہ ، عبوري دور ۾، جمال ابڙو صاحب ٿوري ئي عرصي اندر هڪ وڏي ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ اڀريو هن جي مختصر ڪهاڻين جو بنياد خيال آرائيءَ بدران حقيقت نگاريءَ جي خشڪ ۽ پٿريلي زمين تي رکيل آهي. ڳوٺاڻي ۽ مقامي زندگيءَ جي مسئلن جو عڪس، سندس ڪهاڻين جي مکيه خاصيت آهي. هن جي تجربي نئون افسانوي ڍنگ پيدا ڪيو جنهن ۾ مقامي رنگ جي هڪ زبردست لهر ڇانيل آهي. سندس ڪهاڻين جو اهو اثر ٿيو جو سيئي همعصر ڪهاڻيڪار "سنڌي ماحول" جي ڪشش ڏانهن ڇڪجي ويا. جمال ابڙي جي ڪهاڻين ۾ نج سنڌي ماحول جو مشاهدو آهي، جنهن جا رهواسي، سرزمين سنڌ جا حقيقي ڪردار ٿين ٿا، ڪين پيش ايندڙ واقعن ۾ سندن محرومين، تباهہ ڪارين ۽ الجهنن جو دلدوز ذڪر ٿيل آهي. هن سنڌي ڪهاڻيڪارن جي هڪ پوري نسل کي متاثر ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح سندس پيدا ڪيل مقامي رنگ يا ارضيتً جي فني روايت بہ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ مستقل طور رائج ٿي وئي".

مٿين ڳالهہ مان اها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ جمال ابڙي صاحب موضوعاتي توڙي فني بيهڪ جي حوالي سان افساني کي هڪ نئون رنگ ۽ نئون ڍنگ ڏيئي جديد سنڌي افساني جو بنياد وڌو. هن جي لکڻيءَ ۾ ننڍيون خوبصورت عبارتون، محاورا، تشبيهون، حقيقت نگاريءَ ۽ جامع انداز ئيً دراصل خيال کي ٻين ڪهاڻيڪارن کان منفرد درجو ڏين ٿيون. سندس لکڻيءَ ۾ بي باڪي ۽ جرئتمندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جمال پڙهندڙن کي پنهنجن ڪردارن سان ايڏو محو ڪري ٿو جڏي جو 'پيراڻي' ۽ 'خميسي' جي ڪردارن کي پڙهي ساڻن ٻي انداز همدردي ۽ پيار جو احساس پيدا ٿيڻ ٿو لڳي، جمال جي خوبصورت ۽ انوکي انداز بيان ۽ ڪنيل موضوعن ۽ ڪردارن جي حوالي سان ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جو چوڻ آهي تہ ، "هن جو اسلوب بيان ننڍن جملن، خاص سنڌي محاورن، تشبيهن توڙي استعارنً تي مشتمل آهي. هن سماج جي رسمن خلاف آواز اٿاريو آهي. هن پنهنجي افسانن ۾ سماج جي ڏوهارين، مجبور ۽ بيڪس انسانن جي طرف کي پيش ڪيو آهي ۽ انهن جي بچاءُ ۾ پنهنجي پيار ۽ انسان دوستي جا تمام امنگ ۽ جذبا پڙهندڙ جي اڳيان پيش ڪيا آهن. پنهنجي ئي ڏتڙيل ماحول ۽ سماج جي زندگي جي بنهہ سادن پلاٽن کي کڻي، انهن جي پويان دک ۽ درد جي جا پيڙا لکل آهي، جمال انهن جون اهڙيون تہ دلگداز تصويرون چٽيون آهن، جو انهن کي

Gul Hayat Institute

ڏسندي هر ڪنهن کان پنهنجو درد وسريو وڃي، ۽ هر ڪنهن جي دل ۾ پيار ۽ قياس جي جذبن سان گڏوگڏ همت ۽ حوصلي جي قوت ۽ عمل جو احساس پڻ جاڳيي ٿا اٿن“.

جمال ابڙو صاحب پنهنجي پڙهندڙن جو هڪڙو وڏو حلقو ٺاهي چڪو هو هن وٽ پنهنجو اسلوب هو. جنهن سان هو پنهنجي پڙهندڙن کي پنهنجي سوچ ۽ فڪر وسيلي سماج جي مختلف مسئلن جي جاچ وٺائيندو هو.

جمال ابڙي صاحب سنڌي افسانن ۾ حقيقت نگاري ۽ مختصر نويسيءَ واري روايت قائم ڪري جديد ڪهاڻي جي بانيءَ جي حيثيت حاصل ڪئي، جمال جي افسانن کان اڳ حقيقت نگاري ۽ مختصر نويسي سنڌي افسانن ۾ تمام گهٽ ملي ٿي. ان حوالي سان شمس الدين عرساڻي صاحب لکي ٿو ”جمال ابڙو پهريون فنڪار آهي، جنهن فن ۽ مقصد ۾ ظاهر ظهور حقيقت نگاريءَ جو رواج وڌو. ڪائنس اڳ ۾ انفرادي ڪوششون ضرور ملن ٿيون، پر انهن ۾ منظم وجود جو ثبوت ڪو نہ ٿو ملي“. دراصل مختصر نويسي هڪ فن آهي، ۽ اهو فن ان ڏاهي وٽ ئي هوندو آهي جنهن کي پنهنجي مضمون ۽ ٻوليءَ تي پورو عبور حاصل هجي. جامع انداز واري فن جي ڇاڻ جمال ابڙي جي حوالي سان ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو تہ ، ”فني لحاظ کان جمال ابڙي جي افسانن جي خوبي هيءَ آهي تہ هو ننڍين جملن، خالص سنڌي محاورن ۽ تشبيهن ذريعي مقصديت ۾ تاثر پيدا ڪري ٿو. انهيءَ لحاظ کان بہ هو سنڌي زبان جو منفرد افسا نہ نويس آهي“.

جمال جي لکڻ جو انداز خوبصورت ۽ انوکو آهي، هو پنهنجي انداز بيان (expression) سان پڙهندڙن جي دل موهي ٿو وٺي. مثال طور هيٺين جملن ۾ اسان سنڌس ٺيٺ ٻوليءَ ۾ ٻاپيس ۽ جامع انداز واضح طور محسوس ڪري سگهون ٿا.

”... پر سياڻي ساڳي لاريءَ ۾ موٽڻو هئم. منهنجو تہ هنيون ڪاچي ويو ٻاهہ وٺي ويم، پانيم تہ انهيءَ ”صبر“ ۽ ”رضا“ کي ڳچڙ کان وٺي وڃي ڪٽي، چورڻ ڪري، ڪڙين هيٺان ڇپياتي ڇڏيان. رڳن ۾ چوچڙيون ٿي دکيون. لٽا لاهي، لنگوٽ ٻڌي، ميٽ ٿڦي کوهہ تي آيس. نار ڦيٿي وانگر ٿي ڦريو. خالي لوٽيون ٻڌي ٻڌي، پر تو ٿي ٿي نڪتيون. حرام جو همت هارين. مالهہ ۾ ٻڌجي پاڻ ۾ گڏجي قرب سان اڳتي وڌي، ٿمتار ٿي، طاقت وٺي، متي اپريون. هڪ ئي ناليءَ ۾ ڪٽي پنهنجون سڀ قوتون وڌائون. “

جمال ابڙو صاحب معاشري جي تلخ حقيقتن تان پردو هٽائي ٿو سندس ڪهاڻيون، ’بدتميز‘، ’مهرباني‘، ’پيراڻي‘، ’خميسي جو ڪوٽ‘، ’شاهہ جو قر‘، ’ڪارو پاڻي‘ اهڙين ئي ڪڙين حقيقتن تي مبني آهن. هن جو انقلابي ڪردار ’پشو پاشا‘ تمام گهڻو مقبول ٿيو ۽ تنقيد جو نشانو بڻيو پر سندس چوڻ هو تہ ”افساني ۾ جذبن جو ٻڌڻ ۽ ڪرڻ، بيوس ۽ بي حس ٿيڻ، سن ٿي وڃڻ، ڇتو ڇريو



Gul Hayat Institute

ٿيڻ، ڏکار نفرت جو اپرڻ يا وري پڇڻ ۽ جرڪڻ، نهايت حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهيون آهن. جيڪڏهن اسان جو ڪردار ڌهي ٿو پوي، سن ٿي ٿو وڃي، بيوس ۽ بي حس ٿي ٿو پوي، ڇتو ڇريو ٿو ٿئي يا ڏکار ۽ نفرت ٿو ڪري، بس ڇٽبو تہ اهو ڪردار بہ ماحول جو نشانو ٿي ويو. ان افساني ۾ بہ ماحول مقدم رهيو نہ ڪردار“.

جمال صاحب ننڍي طبقي سان تعلق رکندڙ ڪردارن کي کڻي ڪري انهن سان بي انتها همدردي ۽ رحمدلي پيدا ڪرائي ٿو ۽ وري استحصالي طبقي جي ڪردارن کي افسانن ۾ شامل ڪري انهن جي خلاف اسان جي دلين ۾ تمام گهڻي نفرت جا جذبا اڀاري ٿو. اها سندس لکڻي جي مڃتا آهي. سندسً ڪمال آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ جاکوڙ ڪندڙ سراج صاحب، جمال لاءِ لکي ٿو تہ،

”جمال سنڌي ادب جي انهن ستونن مان آهي، جيڪي نہ رڳو ادب جي پرجهلي ۽ ٽيڪ جو ڪم ڏين ٿا پر ادب جي عمارتن کي بازنطيني ۽ حسن بہ بخشيندا آهن. اڄ جي مختصر ڪهاڻيءَ جي ارتقا جمال کان سواءِ سمجهڻ جيڪڏهن ناممڪن نہ تہ محال ضرور آهي“.

جمال وٽ مختصر نويسيءَ ۾ موزون لفظ پڻ آهن، جيڪي جڏهن جمال جي قلم مان پني جي سيني تي ڇٽن ٿا تہ پنهنجي پوري قوت سان انهن، دکن، دردن، پيڙائن ۽ تڪليفن کي محسوس ڪرائن ٿا ۽ اها ئي هڪ عظيم ليکڪ جي سڃاڻ آهي. مثال طور جڏهن اسان افسانو ”پيراٽي“ پڙهون ٿا تہ هن تڪري کي پڙهندي بي حد درد محسوس ڪرڻ لڳون ٿا.

”پٽس ڏکندڙ هٿن سان پيراٽيءَ جي ٻانهن کي ڇڏايو. ماءُ جو هنيانءُ ڦسي پيو آنڊا وڍجي پيا، دل دانهن ڪئي، ”اڙي منهنجو پيراٽي ننڍڙوا“ ڇوڪريءَ هنيانءُ ڦاڙي دانهن ڪئي. پڪي پڙڪو ڏيئي اڏاميا“ ۽ جڏهن ’خميسي جو ڪوٽ‘ ٿا پڙهون تہ هنن جملن ۾ ڪيڏو درد محسوس ٿئي ٿو.

”ماڻس ڇيٽا ڪيندي چيو ”مال وٺي موٽيو آهي، تہ ٻيٽو تي ڪريو آهي. تڪر بہ نہ کاڌائين. مهيني کان پيٽڙ ٿو اڇيس. ملان نورل کان ٻڌايو بہ هومانس، مون بہ رلي مٿي کڻي ڏٺو. انهيءَ ڦاٽل ڪوٽ ۾ پيرين اگهاڙو خميسو پيو هو. سندس ڪارو رنگ اڃا بہ ڪاراتجي ويو هو. اکيون ڳاڙهيون ۽ مغز ٻاهر. سندس ڪليل وات مان گجي ٿي وهي. اکيون ڦري ويون هٿس ۽ سندس اڃا سهٽا ڏند پوائتا ٿي لڳا. مون دانهن ڪئي، ماڻس پڇندي آئي“.

جمال پنهنجي افسانن ۾ گهڻي قدر پيڙهيل ڪردارن (Character in Crisis) کي جاءِ ڏني آهي. هن ”واقعاتي“ توڙي ”ڪرداري“ ٻنهين قسمن جي افسانن ۾ ڪامياب طبع آزمائي ڪئي آهي. دراصل جمال جي اسلوب جي نمايان خوبي ئي اها آهي جو سندس واقعن ۽ ڪردارن ۾ جان وجهي ٿي ڇڏي. هو پنهنجي سچي شخصيت هٿڻ ڪريٰ لکڻ مهل نهايت ڪرو ۽ جذباتي انداز ۾ محسوس ٿيڻ ٿو

لڳي. هو پاڻ سان گڏ پڙهندڙن کي به جذباتي (Emotional) ڪري ٿو ڇڏي. ان حوالي سان شمس الدين عرساڻي لکي ٿو "جمال ابڙي جو فن، ظاهريءَ طرح سان ماحول جي عام دقيق واقعن ۽ بچڙين رسمن جي هڪ عمارت آهي، ان ڪري هن وٽ صرف تيز ۽ پڙڪائيندڙ جذبا ملن ٿا".

جمال ابڙو ننڍڙي پيراگراف ۾ نه صرف پنهنجي ڪردارن جي ڪم ڪارين جي ڄاڻ ٿو ڏي بلڪ ان سان گڏ سندن مفلسي، مجبوري، سماجي تعلق، اندر جي پيڙا ۽ نفسياتي پهلوئن کي پڻ نمايان ڪري ٿو. هڪ ئي وقت ۾ اهي سڀ پاسا ڏيکارڻ پڪ سان هڪ شاهڪار ڪهاڻيڪار جو ئي خاصو آهي. مثال طور هي جملا پڙهو "سچو ڏينهن حقو ٽيڪيو ويٺو هوندو هو نه هٿس ٻار نه ٻچو نه زال نه زنب، نه گهڻو ڳالهائيندو هو نه شڪايت ڪندو هو. رڳو نڙ سان ڪڏهن ڪڏهن ڪڪڙ کي ڌڪ هڻندو هو ۽ ڪڏهن ڪانون کي هڪليندو هو. پٽڪو لاهي ڪانپ ڪڍي، چنل ڪٽ تي ويٺو ڪنگهندو هو".

جمال جي افسانن جي خصوصيتن مان منظر نگاري پڻ هڪ وڏي خصوصيت آهي. جمال پنهنجي اسلوب جي طاقت سان جڻ ته اسان کي اهي منظر باقاعده ڏيکاري ٿو. اها تصوير ڪشيءَ واري قوت ماحول ۽ ڪردارن کي سمجهڻ ۾ تمام گهڻي مددگار ثابت ٿئي ٿي، جمال جي منظريه بيان جي حوالي سان شمس الدين عرساڻي لکي ٿو ته "منظريه نهايت چٽائيءَ سان ڪري ٿو جنهن مان ماحول ۽ ڪردارن جي احساسات ۾ هم آهنگي پيدا ٿي وڃي ٿي ۽ ڪهاڻيءَ جي فضا مڪمل طور تيار ٿي وڃي ٿي ۽ واقعي لاءِ هڪ ميدان هموار ٿي وڃي ٿو. "پيراڻي" ڪهاڻيءَ جي شروعات ڪندي جمال تمام وڻندڙ ۽ اثرائتي منظر ڪشي ڪئي آهي جنهن ۾ بروهي قبيلي جي تاريخ جا ثقافتي اهڃاڻ پڻ ملن ٿا.

"ٽڪر تان بروهين جي لڏ ٿي لٿي، سياري جي شروعات هئي. جابلو پٽن تان خشڪ هوا سنهڙيون پٽريون گهليون ٿي ويئي، به ٽي ڏاند هئا، جن تي سامان لڏيل هو. هڪ اٺ جنهن تي بانس جون لٺيون ۽ ڏنڊا، سنڌ ۾ وڪري لاءِ ڪنيل هئا. پنيان به ڪتا ڇپ لوڏيندا پڳا ٿي آيا. مڙدن جا پير اگهاڙا، سٿڻون ڦاٽل ۽ لنديون. مٿن ۾ عاليشان ٽڪرن وارا، پرت پريل ميرا ۽ گندا ٽوپ، وڏا وار خشڪ ، اٽيا ۽ چيڙهه پيل، زائفن کي سهڻي ڪتل پرت سان ڍڳا گگها، ڏاندن تي وڏا ٻورا رکيل".

جڏهن اسان مجموعي طور سنڌي افساني جي جاچ وٺون ٿا ته خبر پئي ٿي ته لعل چند امر ڏنو مل جي "حر مکي جا" کان وٺي امر لعل هنگوراڻيءَ جيءَ "ادو عبدالرحمان" تائين ۽ شيخ اياز جي "سفيد وحشيءَ" کان ويندي جمال ابڙي صاحب جي "پشو پاشا" تائين سنڌي افساني هڪ طويل ۽ اڙانگو سفر طئہ ڪيو آهي. ان دوران سنڌي افساني کي حالتن جون اوکيون، سوکيون، تڏيون ڪوسيون هوائون لڳنديون رهيون. ترقيءَ جي هن منزل تائين رسندي سنڌي افساني کي

مختلف لاهن چاڙهن جو پنڌ ڪرڻو پيو ۽ جن پانڌيئڙن افساني کي ان ترقيءَ تائين پهچايو انهن مان جمال ابڙي صاحب جو نالو تاريخ ۾ سونهري اکرن سان لکيل آهي. جمال افساني جي فني حيثيت، ساخت ۽ موضوع جي حوالي سان پڙهندڙن توڙي لکندڙن کي نوان لاڙا ڏنا، جديد افساني جي بانيءَ جي ڏنل نون لاڙن جو نتيجو اهو نڪتو تہ اسان وٽ انيڪ عظيم افسا نہ نگار نروار ٿيا جن سنڌي افساني کي اوج تي رسايو.

مددي ڪتاب


1. عرساڻي، محمد اسماعيل، چار مقالا، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو حيدرآباد، سنڌ 1983ع.
2. ملڪاڻي،منگهارام، سنڌي نثر جي تاريخ، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد / ڪنڊيارو 1993ع.
3. عرساڻي، شمس الدين، آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو.
4. سهيڙيندڙ: آخوند عبدالحميد، ”ڪهاڻيون، مضمون، شخصيت،“ ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، ڪراچي، 1992ع.
5. امر جليل، ”جڏهن مان نہ هوندس“، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ، 1989ع.
6. لغاري اڪبر، سنڌي ادب جو مختصر جائزو نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ، 1993ع.
7. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، ڪاٺياواڙ بڪ اسٽور، اردو بازار، ڪراچي.
8. غلام علي الانا، چونڊ سنڌي افسانا، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، سنڌ يونيورسٽي، سنڌ.
9. William Henry Hudson, Study of Literature, Allied Book Corporation.


(ڪلاچي تحقيقي جنرل- جمال ابڙو نمبر 2004)

Gul Hayat Institute

# جمال ابڙي جي ڪهاڻين تي هڪ نظر

ڊاڪٽر خورشيد عباسي

سنڌي ڪهاڻيءَ جي مضبوط عمارت جو بنياد وجهندڙن ۾ جمال ابڙي جو نالو نمايان نظر اچي ٿو. ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب کي وقتي طور نقصان ضرور پهتو پر سنڌي اديبن ۽ دانشورن پنهنجي محنت سان ادب جي ڪومايل گلن ۽ ٻوٽن جي آبياري ڪري ان کي سرسبز بڻايو. انهن ۾ مرحوم جمال ابڙي جو اهم ڪردار آهي.

جمال ابڙي ان وقت ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون، جڏهن ڪيس اهو احساس ٿيو ته عام ماڻهو ۽ خاص طور تي مظلوم ماڻهو پنهنجا حق حاصل ڪرڻ جي شعوري سگهه کان نه ٿا آڻين. ان احساس کيس گهڻو متاثر ڪيو ۽ اندر پور پور ڪري ڇڏيو. پنهنجي پور پور اندر کي جڏهن سهيڙيائين ته پاڻ کي نه فقط انصاف جي ڪرسيءَ تي ويٺل ڏٺائين، بلڪ ماڻهن ۾ انصاف حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجن حقن لاءِ وڙهڻ جو اتساهه پيدا ڪندڙ تخليق ڪار ۽ ڪهاڻيڪار جي روپ ۾ ڏٺائين، ۽ پوءِ پنهنجي انهن ٻنهي حيثيتن سان مظلوم ماڻهن کي حق ۽ انصاف ڏيڻ ۽ سندن شعور کي جاڳائڻ ۾ سموري زندگي گذاري ڇڏيائين. حقن حاصل ڪرڻ متعلق سندس راءِ آهي ته، "منهنجي نظر ۾ صحيح ادب اهو آهي، جو عام ماڻهن ۾ نه رڳو پنهنجن حقن جي ڄاڻ ڏئي، پر انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ منجهن امنگ ۽ اتساهه ۽ پاڻ ۾ مڪمل اعتماد پيدا ڪري ته هو پنهنجي طاقت سان پنهنجا حق ڦورو طبقن کان حاصل ڪري سگهن ٿا". (1)

جمال ابڙي سماج جي مظلوم طبقي تي ٿيندڙ ظلمن ۽ ناانصافين کان متاثر ٿي ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. هڪ ٻه ٽي ... چار ... پنج ... ڏهه ... ٻارنهن ۽ ٻارنهن ... بس! ۽ پوءِ بس ڪري ڇڏيائين. صرف ٻارنهن ڪهاڻيون! جيتوڻيڪ ظاهري طرح ته اهي صرف ٻارنهن ڪهاڻيون آهن. پر تاثر جي لحاظ کان اهي ٻارنهن ڪهاڻيون اهڙيون ته ڀرپور ڪهاڻيون آهن، جيڪي ڳڻپ ۾ ٻارنهن هوندي به تور ۾ مڻن برابر آهن. شايد پوءِ وڌيڪ ڪهاڻيون لکڻ ان ڪري به ڇڏي ڏنائين جو شاهه سائينءَ جي چواڻي ته :

"اگهي ته پاءُ، نه ته مڻن کي موٽ ٿئي".



Gul Hayat Institute

ثابت ٿئي ٿو ته جيڪو ڪم وڏا وڏا مجموعا نه ڪري سگهيا، هنن ٻارنهن ڪهاڻين جي ننڍڙي مجموعي، 'پشوپاشا' ڪري ڏيکاريو.

جمال ابڙي جي ڪهاڻين جي هن واحد مجموعي "پشوپاشا" جي لاءِ شيخ اياز تبصرو ڪندي لکيو آهي ته : "روسي اديب اسااڪ بيبل به جمال جي 'پشوپاشا' وانگر فقط هڪ ئي ڪتاب، 'سرخ رسالو' لکيو هو جنهن لاءِ اسٽالن کيس مارايو هو. پر هو دنيا جي ادب ۾ امر ٿي چڪو آهي. جمال ڪي به سنڌي ادب ۾ امرتا ملي چڪي آهي. هن جي پوري ڪتاب جو جڏهن ترجمو ٿيو ته هو پوري برصغير جي ادب ۾ پنهنجي جاءِ والاريندو". [2]

"پشوپاشا" جا چار ايڊيشن شايع ٿي چڪا آهن. پهريون 1959ع ۾، ٻيو 1972ع ۾ ۽ ٽيون 1970ع ۾ ۽ چوٿون 1992ع ۾ ڇپيو. هن مجموعي ۾ شامل ٻارنهن ئي ڪهاڻيون شاهڪار سمجهيون وڃن ٿيون. 'مان مرد'، 'بدتميز'، 'پيراڻي'، 'شاهه جو قبر'، 'بدمعاش'، 'منهن ڪارو'، 'هو حر هو'، 'ڪارو پاڻي'، 'مهرباني'، 'خميسي جو ڪوٽ'، 'لاري' ۽ 'پشوپاشا'. انهن ڪهاڻين کان سواءِ جمال جون چار ڪهاڻيون سندس مجموعي جي چوٿين ايڊيشن ۾ به شامل آهن. اهي ڪهاڻيون سماج جي انهن مختلف مسئلن تي لکيون ويون آهن، جيڪي نه ته نوان آهن ۽ نه ئي اڻاٺا ورتا ويا آهن. جيتوڻيڪ اهي مسئلا اسان سڀني جي اکين آڏو روزمره جي زندگيءَ ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ انساني زندگين سان گهرو واسطو رکن ٿا. پر جمال جڏهن انهن مسئلن جو مشاهدو ڪري ٿو ته اهي مسئلا، مسئلا نه ٿا رهن بلڪه سندس روح کي چيريندا رت ۽ ماس کي ولوڙيندا لفظن ۾ سموهجي امر تخليق بڻجي وڃن ٿا.

مثال طور سنڌي سماج ۾ عورت سان ٿيندڙ نا انصافيون ڪي نيون نه آهن، بلڪه صدين کان وٺي عورت جي مٿان ٿيندڙ ظلم، ستم، زوراوريون ۽ حق تلفيون ٿينديون پيون اچن. ان موضوع تي ڪيترن ئي ليکڪن لکيو آهي، پر جمال ابڙي جڏهن ان ظلم ۽ زيادتيءَ جي خلاف قلم کنيو ته 'مان مرد' جهڙو افسانو تخليق ٿي پيو. "مان مرد" ڪي لکندي جمال ابڙي هڪ طبيب جيان عورت جي نبض تي هٿ رکندي، هن جي درد کي نه فقط پنهنجي مٿان سٺو آهي، پر ان درد مان پنهنجي قلم کي ٻوڙي لکيو آهي.

هن ڪهاڻيءَ ۾ جمال صاحب بظاهر ته آفريڪا جو ماحول ڏيکاريو آهي، جتي عورت جو راڄ آهي ۽ مرد سان اهڙو ساڳيو سلوڪ روا رکيل آهي، جيڪو سنڌ ۾ عورت سان آهي. ان قسم جو ماحول ڏيکاري ليکڪ دراصل سنڌ جي مرد کي اهو ٻڌائڻ چاهيو آهي ته جيڪڏهن اهو سڀ ڪجهه اوهان سان ٿئي جيڪو اوهان عورت سان ڪري رهيا آهيو ته پوءِ انجام به اهڙو ئي ٿيندو جيڪو هن ڪهاڻيءَ جي مرد سان ٿيو. انهيءَ ڪهاڻيءَ مان ڪجهه مثال ڏجن ٿا. جنهن ۾ جمال صاحب سنڌي عورت جي ڪيفيت کي مرد جي واتان بيان ڪيو آهي.

”مون کي بعد ۾ اهو معلوم ٿيو تہ اهو بوتو ماتا ديويءَ جو هو ۽ سانُ سوڻ ڪري مون کي هن ڪراڙيءَ مم جي حرم ۾ داخل ڪيو هئائون. مون کي تہ ڏندڻ پئجي ويا، ڇيم خدايا ڀڪر هجان ها تہ ڇڱو هڪ وار ڪسجي وڃان ها، يا عمر جهنم جو عذاب تہ نہ ڏسان ها. ڪيئن هن ڪراڙيءَ ڪوڳ سان عشق ڪندس. ان محل پنهنجي سنڌ ديس ڪي ساريم، پاڙي واري روئندڙ نازنين ياد پيم، جنهن کي سٺ ورهين جي پوڙهي سان ٿي پرڻايائون. الا ! جي هينئر منهنجي روبرو ائين ٿئي تہ سيني جا ميڃالا پچي، پوڙهي جو نرگهٽ پٽي، ان نازنين کي جيئندان ڏياريان. ويچاري شاديءَ جي ڦندر ٿي مون وانگر ڪسجڻ لاءِ تيار هوندي، ڪنوار ٿيڻ لاءِ نہ“.[3]

هن ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي سماج جي ان ٻي جوڙ شاديءَ واري ظلم ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ عورت جي مرضيءَ جي خلاف سندس عمر کان گهڻي وڏي عمر واري مرد سان پرڻايو ويندو آهي. ان کان علاوه هن ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي عورت جي خدمت گذاري ۽ گهرداريءَ ۾ سڄو ڏينهن گذارڻ کان پوءِ بہ هن جي مڙس جي ناراضگيءَ واري ڪيفيت ڪيُ بہ مرد جي واتان بيان ڪيو ويو آهي. مثال طور ”مان بہ رلي رلي ٿڪو هئس، بغاوت ۽ ڪشمڪش ڇڙيون هٽي مري ويئي. متي ڇانو ڪري ويهي رهيس ... مون ڪيس خوش رکڻ جي هر ڪا ڪوشش ڪئي. ماني پچائڻ، چنبڙ ڦوڪ ڪرڻ، پاڻي پرڻ، جوءِ جا پگهرهاٽا سنگهن لڳل ڪپڙا ڌوئڻ ۽ رات جو ڪيس زور ڏيڻ سڄو ڏينهن هٿ هڻندو هوس، تڏهن بہ هوءَ مهٽو ڏيئي ونندي هئي، ڇي، گهر وني ٿا ڪاٿو. اندر ۾ وڌ پئجي ويندا هئم. پيار جو اهو قدر ڏسي روئي ويهندو هوس“.[4]

اميري غريبي جو طبقاتي فرق بہ ڪو اسان جي سماج ۾ نئون نہ آهي. اهو پڻ صدين کان وٺي اسان سيني جي رڳن ۾ رت سان گڏ گردش ڪندو رهيو آهي. ان موضوع تي بہ گهڻيون ئي ڪهاڻيون لکيون ويون آهن ۽ اڃا بہ لکجنديون رهنديون پر جمال هن موضوع تي جيڪا ڪهاڻي لکي آهي سا جيتوڻيڪ نهايت سولي ۽ سادي ڪهاڻي آهي، پر اهي سولا ۽ سادا لفظ بہ جمال جي قلم مان نڪري جڏهن ڪاغذ جي زينت بڻيا آهن تہ ”بدتميز“ جهڙي شاهڪار ڪهاڻي تخليق ٿي پئي آهي. روايتي عنوان سان گڏ روايتي ڪهاڻيءَ ۾ جڏهن ڊاڪٽر هڪ غريب مريض ۽ امير مريض (دوست) سان رويي ۾ فرق ٿو ڪري تہ ليکڪ جي تڙپ قلم ۾ منتقل ٿي سماج جي خدمت گذار ڊاڪٽرن کان سوال ڪري ٿي تہ بدتميز ڪير آهي؟ ۽ بدتميزي ڇا ۾ آهي؟ هڪ طرف غريب مريض وٽ دوا وٺڻ ۽ ڪاڏي ڪاڻڻ جا بہ پئسا ڪونهن پوءِ بہ ڊاڪٽر ان کان دوا جا پئسا وٺي ٿو ۽ ٻئي پاسي پنهنجي دوست جي ڏيءَ کي تپاسڻ ان جي گهر ٿو وڃي ۽ في وٺڻ کان انڪار ڪندي پاڻ کي مهذب ثابت ڪرڻ چاهي ٿو. مثال خاطر هي سٽون ملاخطہ فرمايو: ”ڊاڪٽر مون سان

گڏجي هليو. ننيڙيءَ کي تپاسيائين، اڏ منو ڪلاڪ ويئو سئي هنيائين، دوائون ڏنائين، دوائون لکيائين ۽ پوءِ ٻاهر نڪتو ... مان ساڻس گڏجي ٽانگي تائين آيس ڏهين روپين جو نوٽ کڻي هٿ ۾ ڏنومانس، کلي واپس ڪيائين. واهه صاحب، مان اهڙو بدتميز آهيان". [5] جڏهن ته ان ڊاڪٽر جو غريب مريض سان ڪيل مڪالمو هن طرح آهي.

"سئي هڻان، سئي؟" ڊاڪٽر واپاري انداز ۾ چيو "چار روپيه لڳندا". بيمار ۽ سندس زال هڪ ٻئي کي ڏٺو. ٻئي چپ رهيا. ڊاڪٽرکي جواب ملي ويو. نسخو لکڻ شروع ڪيائين. عينڪ جي مٿان نهاريندي پڇيائين، "گهڻن ڏينهن جي دوا ڪپي؟ ستن ڏينهن جي ڪيان؟" ڊاڪٽر گگهي واري ننيڙي کيسي جي ٻاڙائي چڳيءَ طرح تاڙي ويو هو. "چئن ڏينهن جي ڪرينس". مريض ٻاڻ چيو ڊاڪٽر نسخي تي ڪجهه لکيو ۽ ڪمپائونڊر ڏانهن اماڻيائين." [6]

اها حقيقت آهي ته معاشي حالتون هر ملڪ ۾ هر علائقي جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪنديون آهن ۽ اها به حقيقت آهي ته معاشي بدحالي گهريلو زندگيءَ کي متاثر ڪندي آهي، پر معاشي بدحالي جڏهن ان حد تائين وڃي وڃي جو ماڻهو غربت ۽ افلاس کان مجبور ٿي پنهنجين نياڻين جو وڪرو ڪرڻ لڳن ته، 'پيراڻي' جهڙيون دل ڏاريندڙ ڪهاڻيون وجود ۾ اچن ٿيون. 'پيراڻي' جو الميو نه صرف انساني خريد و فروخت ۽ ٻڪرا منديءَ وارو سودو طئه ڪرڻ وارو منظر آهي بلڪه روئيندڙ سڏڪندڙ ڏيءَ کي تڙپيندڙ ماءُ کان ڌار ڪرڻ به آهي. جمال جي هن ڪهاڻيءَ جي پڙهندڙن جون اکيون هنن مڪالمن ۽ منظرنگاريءَ کي پڙهڻ وقت آليون ضرور ٿيون هونديون:

"بروهين جا ڪتا سنڌين کي ڏسي ڇتا ٿي پيا. هو هوا مچائي ڏنائون. پيراڻي پنيءَ اگهاڙي چنڊا ڪليل، پڇي وڃي ماءُ جي چولي کي جهليائين. لالوءَ جي پيءُ کيس هٿ لائي ڏٺو. پيراڻيءَ جي پيءُ پڪائي ڪندي چيو "ڊبرو(ڏبري) ناهي " ... ڳوٺ جي ٻاهران "سٽ" روپين تي فيصلو ٿيو ... اڄ بروهين پنهنجا تڏا پٽيا. لڏ ويڙهجي سيڙهجي ڏاندن تي پئجي ويئي ... لالوءَ جو ڳوٺ واٽ تي هو. پيراڻيءَ جي ماءُ پيراڻيءَ سان بلڪل لڳي ٿي هلي ... لالوءَ وارا اڳئي بيٺا هئا. ماڻس مشين وانگر سٽ ڏيئي پيراڻيءَ کي کڻي ورتو ۽ ڇاتيءَ سان چنبڙايو. ماءُ ۽ ڌيءَ جون دليون ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳيون. ماڻهو مڙي ويا. پٽس ڏڪندڙ هٿن سان پيراڻيءَ جي ٻانهن کي ڇڏايو. ماءُ جو هنياءُ ڦسي پيو. آنڊا وڍجي پيا، دل داٻهن ڪئي. "اڙي منهنجو پيراڻي ننيڙو". [7]

جمال جي هيءَ ڪهاڻي فن جي بلندين تي پهچي حقيقي جذبن جي عڪاسي ڪري ٿي. مڪالما ته ڏکن ۽ سورن جي مس ۾ ٻڏل قلم سان لکيل آهن ۽ منظر نگاري وري اهڙي جو ڄڻ اکين آڏو واقعو ڏسجي پيو. جمال جي هن ڪهاڻيءَ

ڪي ساراهيندي شيخ اياز هڪ هنڌ لکيو آهي ته " نه ڄاڻان ته ڪنهن چيو آهي ته نثر پنڌ ڪندو آهي ۽ نظم رقص ڪندو آهي، پر جمال جي ڪهاڻي 'پيراٽي' پڙهي مون کي محسوس ٿيو ته نثر به رقص ڪندو آهي. هن جي "پيراٽي" شروعات ۾ ڇڻ ڇم ڇم ڪندي اچي ٿي ۽ گهنگهرو گونجن ٿا. اوچتو هڪ چيخ فضا کي چيري ٿي ۽ ڪهاڻي ڪانڊن ڪانڊن تي رقص ڪندي نظر اچي ٿي". (8)

جمال کي انهن ڪهاڻي نويسن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو جيڪي آل رائونڊر هوندا آهن. يعني هر فن مولا ! اهڙا ڪهاڻيڪار ڪهاڻيءَ جي ڪنهن خاص جزي جا ماهر هجڻ بدران هر جزي تي دسترس رکندا آهن. مثال طور ڪن کي مڪالمن جو بادشاهه چئجي ته ڪن کي منظر نگاريءَ جو پر آل رائونڊر جي ڪهاڻيءَ ۾ هر جزو سندس مهارت جو ڪليل ثبوت هوندو آهي. اهڙيءَ طرح جمال جي ڪهاڻين ۾ به پلاٽ هجي يا ڪهاڻي، مڪالما هجن يا اسلوب ۽ منظر نگاري هجي يا مقصدي پهلو هر جزو منڍيءَ تي تڪ جيان سهڻو پيو لڳي، پر ان هوندي به ڪيس ٻوليءَ جو شهنشاهه ته چوڻ کان رهيو نه ٿو وڃي، ڇاڪاڻ ته سندس ڪهاڻين جي ٻولي ۽ اسلوب نهايت ئي جاندار آهي. هو هر ڪهاڻيءَ ۾ ان جي ماحول ۽ ڪردار مطابق ٻولي ڪم آڻي ٿو. مثال طور سندس ڪهاڻي، "ڪارو پاٽي" جي هن تحرير کي ئي کڻي ڏسون:

"هڪ ڏينهن ننڍڙي پاٽيس، لڇائي ڪري، مٽل چلم جي ٽوبيءَ ۾ کڻي پاٽيءَ جو ٽيو ليٽايو. سومر ٻيوس تي ڪيس نڙ وهائي ڪڍيو. پوءِ ته ڇوڪر وٺي چپ ڪڍيو. سومر جي دل کي جهٻي اچي ويئي. لٺ کي وٺي اٽڻ جي ڪيائين. جيئن رئندڙ ٻار کي ڇاتيءَ سان لائي هيانو ٺاري، پر ايئن ڪري ئي ڪري، تنهن کان اڳ ڇوڪر جي ماءُ وٺي ڪڙڪو ڪيو. چي، 'ڏائڻ ماريو ههڙو تهڙو نه مري ٿو. نه منجو ٿو ڇڏي! ابهم کي اولو سولو هٽندي قياس ئي نه ٿو پويس ... هجيس پنهنجو ته آنڊن کي ڄر به اچيس.' مائي وٺي سومر کي جهير ڏيندي ۽ لوڻ ٻرڪيندي ... ويچاري سومر کان لٺ ڇڏائجي ويئي. ڏڪندو ڏڪندو ويهي رهيو. ان ڏينهن سندس دنيا اونده ٿي وئي. ڪنڌ ڦيرائي لڪي لڪي، نڪ مان وهندڙ ڳوڙها آڱر سان اُگهي چنبي ڇڏيائين. نيٺ لٺ کڻي اُٿيو. ڪنڌيءَ کي ٽيڪ ڏيندو گهر ڇڏي نڪري ويو. مقام ۾ وڃي پنهنجي زال ۽ ٻچڙن جي وچ ۾ ويٺو ۽ دل کولي رنائين". (9)

جمال هڪ حساس انسان هو. انصاف جي ڪرسيءَ تي ويهڻ دوران هن ڪيترائي واقعا ڏٺا ۽ مشاهدا ماڻيا. ان کان علاوه هو سنڌ جي شهري توڙي ٻهراڙيءَ واري زندگيءَ کان پوري ريت واقف هو. هڪ اديب ۽ ڪهاڻيڪار جي حيثيت سان سندس مشاهدي ۾ گهرائي به نظر اچي ٿي. اها گهرائي پڪ سان سندس مطالعي، مشاهدي ۽ تجربن جو نچوڙ ٿي سگهي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن پنهنجي مطالعي، مشاهدي ۽ تجربن واري ٻوجهڻ کي چنبيائين ته ٻين ڪهاڻين سان گڏ

”لاري“ به لکجي نروار ٿي.

”لاري“ به جمال جي شاهڪار ڪهاڻي شمار ٿئي ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ جيتوڻيڪ هڪ خستہ حال لاريءَ ۾ سفر جو احوال آهي پر جمال ان احوال جي مزاح ۾ سماجي اوڻائين ۽ قانون جي رکوالي ڪندڙن جي افعالن ۽ سرڪاري دفترن جي اندروني ڪارستانين کي سهڻي نموني واڪو ڪيو آهي. مثال طور جيئن ته ننڍين علائقن ۾ اهو عام رواج هوندو آهي ته علائقي جو صوبيدار ڪنهن لاريءَ ۾ سفر ڪرڻ چاهيندو آهي ته اها لاري تيستائين رواني نه ٿيندي آهي جيستائين صاحب موصوف اچي سوار ٿئي. سو به بنا ٽڪيٽ جي ۽ پهرئين ڪان مقرر ڪيل ۽ خالي ڇڏيل سيٽ تي، جي ائين نه ٿئي ته پوءِ ويچارن لاريءَ وارن مٿان شامت اچي وڃي. ان ڳالهه کي جمال هن نموني کولي بيان ڪيو آهي.

”شل نه ڪنهن لاريءَ جو سفر پلئه پوي. هڪ گرمي پيو ڳمُٽ ! مٿان وري ماڻهن جي پيهه پيهان! دانهون پئي پيون. او لاريءَ وارا ! يار هل ساهه ٿو نڪري“. ماڻهوءَ مٿان ماڻهو پگهر پئي رُهيو. لاريءَ جي ڇت تي به ماڻهو هئا. صوبيدار صاحب اچا ڪو نه آيو هو. خدا خدا ڪري هو صاحب تشريف فرما ٿيو ۽ ماڻهن جي پيٽ ۾ ساهه پيو. لاري هلي ... آفيسر ته هڪ ڇوري پيو سينه زوري اڳيان جاءِ نه ملين ته مشير ناموئاهين، پاڙو ته سندن سالا به ڪو نه ڏين“.[10]

جمال صاحب کي هن لاريءَ جي سفر دوران هين به گهڻين ئي ڳالهين جو مشاهدو حاصل ٿيو. جمال ڏٺو ته هڪ ڳوٺ وٽان لاريءَ هلندي ڳوناٺن جو ٻار لاريءَ هيٺيان اچي ويو. لاري هلندي رهي (عام طور تي جيئن ٿيندو رهي ٿو) صوبيدار لاريءَ ۾ ويٺو هو تنهن کي ڏنڍي جو خيال آيو. يعني سفر جو سفر ۽ ڏنڍي جو ڏنڍو سو ڊرائيور کي گهڻ وڏ ڳالهائي لاريءَ کي موٽرايائين ۽ پوءِ پاڻ ۾ جيڪا dealing ٿيندي آهي سا ٿي. عام طور تي ته اسان سڀ اهڙا واقعا روز ڏسون ٿا. پر هڪ منصف جڏهن اهڙن واقعن کي ڏسي ٿو ۽ انهن تي قلم کڻي ٿو ته حقيقت روز روشن وانگر سامهون اچي وڃي ٿي. اچو ته پڙهون جمال جو لاريءَ ۾ سفر ڪيئن گذريو:

”لاري به سرڙاٽ ڪندي ٿي ويئي. بريڪ ته مورڳو هئس ئي ڪونه. پتو تڏهن پيو جو شيڪو ٿيو ابهم ويچارو اڏامندو. بولاتيون کائيندو وڃي پاٽيءَ ۾ ڪريو. لاريءَ وارو لاپرواهيءَ سان ڏوڪيندو ويو. ڇڙ ته ڪجهه ٿيو ئي ڪو نه هو. صوبيدار ڏٺو ته پوهڻي ٿي وڃي، سو ڪچيون گاريون ڏيئي لاريءَ کي موٽايائين. ٻارڙو صفا ٻڙهه ٻٽ پيو هو. پر سرڪار کي ان جو الڪو ڪو نه هو. هئو ته سودو هٿئون سٽيو ٿيندو. ڇا جي اسپتال، ڇا جو علاج. باقي مشير نامي جي وٽ وٽان ٿي ويئي. گار جي رئي پي پئي. لاريءَ وارن سان ڪن ڦسڙاٽ به هلي آئي. مشيرن ڪان زوريءَ صحيحون ورتيون ويون. سيڪو ٻجي ڇي، ”ڪورٽن جا رولڙا ڪو سترا ته ڪو نه آهن. پوليس سان ڦٽائڻ به چڱو نه“. ڪوڙيون سچيون صحيحون ڏنيون



Gul Hayat Institute

ويون. ڪلاڪ لڳي ويا. ٻارڙو پيو رهيو. سندس ماءُ پيءُ اچي ويا. ويچارن ڪيهون تي ڪيون. گاريون انهن کي به مليون. دڙڪا، دهمان، ڏاڙهي پٽ، ويچارن صوبيدارن کي پلاند وڌا، چي، "اسان کي ٽاٽي تي نه رول. اِسپتال ۾ ٽاٻا نه ڪاراءِ اسين غريب ٻچڙيوال... اسان جي ٻچي جو لاش نه رولاءِ، ٻچي پيو ته واهه واهه نه ته ڪٿي اسان جي قسمت... نيٺ صوبيدار صاحب آنا ڪاني ڪندي ٻئي ڏريون ڦري، اچي لاريءَ ۾ جاءِ نشين ٿيو". (11)

جمال صاحب، 'لاريءَ' ۾ ويهي هي سفر، حقيقت ۾ ڪيو هجي يا تصور ۾، سا ته هڪ الڳ ڳالهه آهي، پر هن سفر ذريعي طنزيه مزاح سان گڏ سماجي مسئلن کي جنهن سهڻي نموني اجاگر ڪيو آهي سو هن مهان ليکڪ جي قلم جو ئي ڪمال آهي.

جمال پنهنجي ڪهاڻين جي ذريعي پڙهندڙن ۾ خاص طور تي سادن ڳوٺاڻن ۾ جيڪا شعوري بيداري آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، تنهن جو اظهار پڻ "لاري" جي هن مثال مان پڪ سان ملي سگهي ٿو.

"لاريون پڳل، رستا ڦٽل، نه وڻ نه ٽڻ. مٿان مڏي ڪاتيءَ سان ڪوس. هڪ ننڍي نيٽي ڪان رهيو نه ٿيو. چئي، "يار وزير وڏا پنهنجا ته به ههڙو ويل!" هڪ ڳوٺاڻي سندس هٿ کي وٺي زور ڏنو. "اڙي، زور آور! پانڊو ئي نه ڦوڙ وڏيرا، وزير، واپاري ڳالهه مڙيئي ڳنڍي پئي اٿئي. ائين چئي ڪٽي اک پڳائين ... ڳوٺاڻا تهه تائين پهچي چڪا هئا. لچائيءَ جا بخيا تيزيءَ سان اڌيڙي رهيا هئا. سيني کي وات ۾ مگهه 'گونگو پاڻي، نيٺ ٻوڙي' مان مشڪي وينس". (12)

'شاهه جو ڦر' نالي ڪهاڻيءَ ۾، جمال جي ڪهاڻيءَ جو سڄو الميو ۽ ڪرب، احساس ۽ جذبا، ڪهاڻيءَ جي نالي ۾ ئي سموهيل آهن. هيءَ ڪهاڻي پڙهڻ کان پوءِ پڙهندڙ هن جي نالي تي ضرور غور ڪري ٿو ۽ سوچي ٿو ته آخر ليکڪ اهو نالو رکيو ڇو؟ هتي وري به آءُ اهو چوندس ته اهو ئي ته جمال جو ڪمال آهي، جيڪو پڙهندڙ کي سوچڻ تي مجبور ڪري ٿو ۽ پوءِ پڪ سان پڙهندڙن جي اندر مان ان جو جواب به کيس ملي ويندو هوندو ۽ اهي "شاهه جو ڦر" ۾ پوشيده ان نفرت کي به محسوس ڪرڻ لڳندا هوندا. هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ هڪ اهڙي شاهه جي لاءِ اهو لقب (ڦر) استعمال ڪيو آهي، جيڪو هڪ معصوم ٻار جي واتان، کيس "ماما" چوڻ تي لتن ۽ مڪن سان کيس ٻولاٽيون ڪارائي ٿو ۽ وري به ٻار جي واتان چيل لفظ "ماما" تي جيئن جيئن غور ڪري ٿو ته تيئن تيئن ان ٻار تي ڪاوڙ اچيس تي ۽ چوي ٿو ته:

"امتڻ تي اهلبيت کي مامو ڪري؟" (13)

سوچڻ جي ڳالهه آهي ته شاهه به اهڙو ئي انسان آهي جهڙو عام ماڻهو پر نه! ائين نه آهي هن ڪهاڻيءَ ۾ سيد سڳورو پاڻ جهڙو ڪنهن کي نه ٿو سمجهي، ان



Gul Hayat Institute

ڪري ٿي تہ ليکڪ بہ سندس تعارف هن نموني ڪرايو آهي تہ :

”پيرل شاهہ ڪي چڻ سرڪار دوجهان وٽان سرٽيفيڪيٽ مليل هو. تہ تون افضل ۽ اعليٰ آهين.“[14]

افضل ۽ اعليٰ تہ اهو ماڻهو آهي جنهن ۾ انسانيت آهي. هو تہ حيوان بڻجي پوي ٿو ۽ حيوان جي ٿي پچن کي ’ڦر‘ چئبو آهي. مشهور ڪهاڻيڪار ’شيخ حفيظ‘ هن ڪهاڻيءَ کي پسند ڪندي لکيو آهي تہ : ’مهراڻ‘ ۾ هن وقت تائين جيڪي بہ افسانا ڇپيا آهن، تن ۾ ’شاهہ جو ڦُر‘ سڀ کان سٺو آهي، ائين ڪٿي چوان تہ گذريل پن ڇئن سالن ۾ سنڌ اندر سنڌي زبان ۾ جيڪي بہ افسانا لکيا ويا آهن، تن ۾ هيءُ بهترين آهي‘.[15]

جمال جي ڪهاڻين جي هن مجموعي جي سرورق جي ڪهاڻي ’پشوپاشا‘ آهي، جنهن ۾ جمال صاحب تمام گهڻي محنت ڪئي آهي ۽ هڪ اهم پيغام بہ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جمال جي هن ڪهاڻيءَ تي مختلف ماهرن ۽ نقادن چڱي خاصي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي آهي. ڪن نقادن ان کي زبردست تنقيد جو نشانو بہ بنايو آهي. اهڙن تنقيدي راين کان اڳ ۾ ليکڪ پنهنجي تخليق لاءِ ڪهڙو اظهار خيال ڪيو آهي. اچو تہ ڏسون — جمال لکي ٿو تہ :

”انهيءَ ڏس ۾ ’پشو‘ منهنجي پهرين ڪوشش آهي. ميان ٿو تہ منجهس اها پختگي ڪانهي. شايد ڪجهہ مصنوعي بہ لڳندو هجي.“[16]

جمال جي ان اعتراف کان پوءِ هن ڪهاڻيءَ تي تبصرو ڪندي شيخ حفيظ لکي ٿو تہ :

”سچ پچ، ”پشوپاشا“ مصنوعي پيو لڳي ... . . ’پشو پاشا‘ هن دور ۾ سنڌ ۾ پيدا ڪين ٿو ٿي سگهي، ۽ جي ٿي بہ پوي تہ اجا زمانو اهڙو سازگار ڪين آهي جو اهو ڊرامو ڪيڏي سگهي“.[17]

هن ڪهاڻيءَ جو وڏو مبصر رسول بخش پليجو پنجن صفحن تي مشتمل هڪ پرمغز تبصرو ڪندي لکي ٿو تہ ”مطلب تہ ’پشوپاشا‘ مان پڙهندڙن تي اهو اثر ٿو ويهي تہ ملڪ جي نظام بدلائڻ لاءِ صرف هڪ ڇيڳري، جهنگلي، الڙ ۽ ضدي پهلوان جي ضرورت آهي، جو ڪنهن من موهڻيءَ نازنين جي عشق ۾ نوڪر ڪائي بغاوت تي آماده ٿي وڃي ۽ پوءِ زوردار تقريرن سان قوم کي ميدان جنگ ۾ آڻي بيهاري! سياسي تنظيم، اقتصادي ۽ سياسي نظرين ۽ تحريڪن جي بکيڙن ۾ پوڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي؟“[18]

مٿئين نقادن جون ڪيل تنقيدون ۽ رايا پنهنجي جاءِ تي پر جمال صاحب جي ڪيل ڪوشش پنهنجي جاءِ تي آهي، جيڪا ملڪ ۽ قوم جي حالتن پٽاندر هڪ اُميد ۽ آس پيدا ڪرائڻ لاءِ تخليق ڪئي وئي آهي. هونئن بہ هر دؤر ۾ ۽ هر قوم کي، ڪنهن نہ ڪنهن ’پشو پاشا‘ جو اوسيئڙو تہ رهندو ئي اچي، پوءِ اهو جمال ابڙي جو ”پشو پاشا“ ئي ڇو نہ هجي.

حوالا

1. ابڙو جمال، "پشو پاشا"، ورستي سنڌي پبليڪيشن، ڪراچي يونيورسٽي، ٽيون ڇاپو1976ع، ص (بنا نمبر پهريون صفحو).
2. شيخ اياز "جمال ابڙو ـ ڪهاڻيون، مضمون، شخصيت"، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، ڪراچي، 1992ع ص پهريون.
3. ابڙو جمال، "پشو پاشا"، ورستي سنڌي پبليڪيشن، ڪراچي يونيورسٽي، ٽيون ڇاپو1976ع، ص 3 کان 4.
4. ساڳيو ص 7 کان 8.
5. ساڳيو ص 15.
6. ساڳيو ص 14.
7. ساڳيو ص 18.
8. شيخ اياز جمال ابڙو ـ ڪهاڻيون، مضمون، شخصيت، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، ڪراچي، چوٿون ڇاپو 1992ع، پويون ورق.
9. ابڙو جمال، پشو پاشا، ورستي سنڌي پبليڪيشن، ڪراچي يونيورسٽي، ٽيون ڇاپو 1976ع، ص 47 کان 48.
10. ساڳيو ص 64 کان 65.
11. ساڳيو ص 67 کان 68.
12. ساڳيو ص 68.
13. ساڳيو ص 24.
14. ساڳيو ص 22.
15. شيخ حفيظ پشو پاشا، ورستي سنڌي پبليڪيشن، ڪراچي يونيورسٽي، ٽيون ڇاپو 1976ع، ص 117.
16. ابڙو جمال، "پشو پاشا"، ورستي سنڌي پبليڪيشن، ڪراچي يونيورسٽي، ٽيون ڇاپو 1976ع، ص 116.
17. شيخ حفيظ، "پشو پاشا"، ورستي سنڌي پبليڪيشن، ڪراچي يونيورسٽي، ٽيون ڇاپو 1976ع، ص 122.
18. پليجو رسول بخش، "پشو پاشا"، ورستي سنڌي پبليڪيشن، ڪراچي يونيورسٽي، ٽيون ڇاپو 1976ع، ص 110.

Gul Hayat Institute

# جمال ابڙي ناول کهاڻين ۾ لکيا

گوبند ميگهواڙ

جنهن دور ۾ بيدي، منٽو عصمت چغتائي، ڪرشن چندر ۽ ٻيا جديد اردو افساني جي اوسر ڪري رهيا هئا، ان دور ۾ سنڌي افسانه نگار به انهن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي رهيا هئا. جمال ابڙو، اياز قادري، سراج، شيخ حفيظ، رباني ۽ ٻيا ڪيترائي سنڌي افساني کي ان جي اوائلي دور کان ئي اوج تي ڪنيو پئي آيا. اردو افسانو جيئن ته ورهاڱي کان اڳ به ڪافي ڊيولپ هو ورهاڱي ڪنهن حد تائين مصنوعاتي اعتبار سان ان کي جمود جو شڪار ضرور بڻايو. ٽوٽي جو سنڌي افسانو به تاريخ جي انهيءَ وڏي واقعي کان پرپرو تي بيهي نه سگهيو ۽ اياز قادري، ربانيءَ ۽ ٻين ان موضوع تي لکيو پر ساڳي دور ۾ جمال ابڙي سنڌي افساني کي نج ٻهراڙيءَ جي عڪس وارو تڇ ڏنو.

راجندر سنگهه بيديءَ افساني کي انتهائي گهٽي رياضت ۽ ڊسيپلين وارو فن لکندي ان بابت لکيو هو "افساني جو ڪينواس بنسبت ناول جي بنهه ننڍو آهي. ناول ۾ شين کي جدا جدا ڏسي سگهجي ٿو پر افساني جي عمل ۾ جيستائين هر اول ۽ پويون دستو گڏ نه وڙهن، تيستائين هيءَ جنگ کٽي نٿي سگهجي." جيتوڻيڪ بيديءَ پاڻ "گرم ڪوٽ" کان وٺي "هاٿ هماري قلم هوئي" تائين تمام ڊگها افسانا لکيا، پر جمال جي ڪهاڻيءَ کي جيڪڏهن بيديءَ جي ڳالهه سان تورجي ته اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته "بدمعاش" هڪ مڪمل ناول جي پلاٽ جيترو مواد رکندڙ ڪهاڻي آهي، پر اهو جمال ابڙي جي ڏانءَ جو ڪمال هو جو ان کي ڇهن صفحن تي محدود ڪرڻ باوجود اها اڇل ۽ انداز رکيو جيڪو هڪ ناول ۾ سمائڻ نه سؤلو هو پر هڪڙي ڪهاڻيءَ ۾ پوئڻ انتهائي ڏکيو ڪم. ❊

Gul Hayat Institute

# امر ڪردار سرجيندڙ جمال ابڙو

فوزيا سنديلو

زندگي، جيڪا درد ڪان شروع ٿئي ٿي ۽ درد تي ئي ختم ٿئي ٿي، اها هر ماڻهو کي موقعا ڏيندي آهي ته هُو ڪو غيرمعمولي ڪم ڪري، اهڙو ڪم جيڪو عام ماڻهن جي زندگي بدلائي ڇڏي. انهن جي زندگيءَ ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏي.ا نهن جي سُتل ضميرن کي جاڳائي. اهڙا ماڻهو انهي غيرمعمولي ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ هٿيارن کي سهارو بڻائي دنيا ۾ انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ڪجهه ماڻهو صوفين جي واٽ وٺندا آهن ۽ فقط پنهنجي دل جو آواز ٻڌندا آهن ۽ پنهنجي اندرجي دنيا کي فتح ڪندا آهن. جڏهن ته ڪجهه ماڻهو قلم کي پنهنجو هٿيار بڻائي لکين دليون فتح ڪندا آهن. ڌرتيءَ جي وجود ۾ اچڻ ڪان وٺي اڄ تائين لکين، ڪروڙين ڪتاب لکيا ويا آهن پر امرتا ڪجهه ڪتابن کي ملي آهي. اهڙا ٿورڙا ڪتاب هوندا جيڪي ماڻهن جي ذهنن جي ڌرتيءَ کي ڌوڏي ڇڏيندا آهن. ڪڏهن ڪو ڪتاب پڙهندي ان جي لفظ لفظ ۾ سِٽ سِٽ مان ان جي ليکڪ جي دل جي ڌڙڪڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. اسان پنهنجي وجود کي وساري ان ڪتاب جي ڪهاڻيءَ ۾ گم ٿي ويندا آهيون. انهي ڪهاڻي جو درد اسان پنهنجي دل ۾ محسوس ڪندا آهيون. ان سان ٿيندڙ ٿوري بہ ناانصافي اسان کي ڏُکي ڪري وجهندي آهي. ان جي وجود تي آيل رهڙ جي شدت اسان پنهنجي وجود تي رهڙ محسوس ڪندا آهيون. ان ڪردار جي خوشي اسان جي خوشي بڻجي ويندي آهي ۽ سندس مرڪ کي محسوس ڪندي اسان جي چپن تي خودبخود مرڪ اچي ويندي آهي ۽ ان جي اکين جا ڳوڙها اسان جي اکين کي بہ ڳوڙهن سان پري ڇڏيندا آهن ۽ اهي ڪردار هميشہ لاءِ اسان جي لاشعور جو حصو بڻجي ويندا آهن.

جمال ابڙي جي ڪهاڻين جا ڪردار بہ اهڙا ئي اڻ وسرندڙ ڪردار آهن، جيڪي سمورين خامين ۽ خوبين سميت اسان پنهنجي اڳيان گهمندي ڦرندي محسوس ڪريون ٿا. جيڪي حقيقت جي تمام ويجهو هوندا آهن. انهن سان همدردي بہ ٿيندي آهي تہ ڪڏهن پيار بہ اچي ويندو آهي. جمال ابڙو اڄ زنده هجي ها تہ ان کان پيراڻيءَ جو پتو پڇجي ها. ڏکويل ڇهري واري روئندڙ رڙندڙ پيراڻي اڄ

ڪٿي آهي؟ اندر جي اڌمن، دل جي درد، ڏکن، پيڙائن، ميرن ڪپڙن ۾ ملبوس گدلن ماڻهن، بک ۾ پاهه ٿي پيٽ جي باهه وسائڻ لاءِ پنهنجي جگر جي ٽڪري کي وڪڻندڙ ذلتن جي ماريل ماڻهن جو ذڪر، معصوميت، سونهن، سچائي، خودداري، جستجو ۽ جيون جي تلخ حقيقتن کي پنهنجي قلم جي نوڪ سان مختصر ڪهاڻين ۾ پوئي پڙهندڙ آڏو پيش ڪرڻ جو فن فقط جمال ابڙي وٽ ئي آهي. جمال جي پيراڻي جون رڙيون ڪالهه به گونجي رهيون هيون ۽ اڄ به گونجن پيون. پيراڻي جو درد ايترو ته شديد آهي جو ائين لڳي ٿو ڄڻ ان ڪنهن بي ضمير ماڻهو جا به چرڪ ڪيرائي ڇڏيا هوندا. پيراڻي جي ڪهاڻي هڪ دفعو پڙهڻ ڪانپوءِ ڪڏهن به پڙهندڙ کان نه وسرندي. ساڳي طرح ڪهاڻي ”خميسي جو ڪوٽ“، ”پشو پاشا“، ”شاهه جو ڦر“ ۽ ”بدمعاش“ پڻ لازوال ڪهاڻيون آهن. خميسو سياري جي ولهه وسندڙ پاري ۾ صبح جو سوير جسم کي قميص بدران رڳو ڪوٽ سان ڍڪي پنين ۾ مينهون چاري ٿو. زندگيءَ جو فلسفو سمجهائيندڙ خميسو تڏ لڳڻ ڪري مري وڃي ٿو. ”بدمعاش“ پڻ نه وسرڻ جهڙو ڪردار آهي ۽ ”پشو پاشا“ احتجاج ۽ انقلاب جي علامت آهي. اڄ جڏهن اسان پنهنجي چوڌاري نظر ڊوڙايون ٿا ته اسان کي پشو پاشا جهڙن ڪردارن جي کوٽ شدت سان محسوس ٿئي ٿي. پشو پاشا، جيڪو هر ڏاڍ خلاف لڙي ٿو. ان کي غير مهذب چوندڙ ماڻهن کي ان جي خودداري، حوصلي جي بلندي ۽ مزاحمت جي قوت کي سمجهڻ گهرجي. اهو نج ڳوٺاڻو پشو پاشا، جيڪو ڪنهن جي به اڳيان نٿو جهڪي، نه ڪوئي آڻ ٿو مڃي، ڇا اهڙي ڪردار جي اسان کي ضرورت ناهي؟

زندگيءَ جي عام واقعن تي لکيل هي غيرمعمولي ڪهاڻيون آهن ۽ جمال ابڙو ڪيئن چئجي ته اسان وٽ هاڻ نه رهيو آهي. هو پنهنجي ڪهاڻين جي هر سٽ ۾ موجود آهي. جسماني موت پڇاڻان انسان جا عمل پنتي رهجيو وڃن. ڪجهه ماڻهن جا عمل ٻين لاءِ اتساهه جو سبب بڻجندا آهن، جيڪي انهن کي اميد، حوصلو ۽ همت اربين ٿا ۽ صدين تائين ماڻهن جي شعوري پرورش ڪندا رهندا آهن. پنڪيل ماڻهن کي جيون گهارڻ جو ڏڳ ڏسيندا آهن. ڏتڙيل ۽ بکايل ماڻهن جو سهارو بڻجندا آهن. پنهنجي تحرير ذريعي ڏکايل ماڻهن جي دردن کي ٻين تائين پهچائيندا آهن. جمال ابڙو پنهنجين ڪهاڻين ذريعي اهڙوئي پيغام ڏئي ويو آهي. جمال جي ڪهاڻين جا موضوع غربت جا ماريل ماڻهو آهن جيڪي بک ۽ بيمارين جو شڪار آهن ۽ علاج لاءِ ’شاهه جو ڦر‘ چورائڻ جهڙو سماج جي نظر ۾ ناقابل معافي گناهه ٿا ڪن. هو جن جي زندگي کي گوتم جي مفروضي جي ”سروم دکم دکم ــ سڀ ڏک آهي“ سان پيٽي سگهجي ٿو. زندگي هنن لاءِ ڏک جو ٻيو نانءُ آهي. ڏڪار ستيل طبقاتي متييد جو شڪار هن جي ڪهاڻين جا موضوع پلي ڪنهن کي عام ماڻهوءَ جي عام ڪهاڻي لڳندا هجن پر اهي پنهنجي روح ۾ ڪافي



Gul Hayat Institute

گهرائي رکن ٿا. اڄ جمال ابڙو جيتوڻيڪ هن دردن جي دنيا کان تمام گهڻو ڏور وڃي چڪو آهي پر پيراڻي جي ڏک ۾ اسان ان کي محسوس ڪريون ٿا. هو پنهنجن ڪردارن جي دلين ۾ ڌڙڪي رهيو آهي. هن جا ڪردار امر ٿي ويا آهن. هن جي ڪردارن جي امرتا جمال کي امرتا بخشي ڇڏي آهي. هو پيراڻي جي رڙين جي گونج آ، تتل رانديڪي جو درد آ ۽ پشو پاشا جو عزم آ.... جمال مرڻو ناهي. هن کي پنهنجين ڪهاڻين ذريعي امرتا ملي چڪي آهي.

***

Gul Hayat Institute



# مونوگراف

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# جمال ابڙو
## مختصر ڪهاڻيءَ جي ليکڪ جي حيثيت ۾

ادريس جتوئي
(ايم اي سنڌي فائنل سال 94 – 1993ع)

### ادب ۾ ڪهاڻيءَ جي اهميت ۽ سنڌي ڪهاڻي

ادب لاءِ عام طرح انگريزي لفظ "لٽريچر" "Literature" استعمال ڪيو ويندو آهي، جيڪو اصل ۾ لاطينيءَ ٻولي جي لفظ "Litera" تان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ الفابيٽ جو هڪ اکر آهي. لٽريچر جي هڪ اها به معنيٰ ڪئي ويندي آهي ته جيڪو لفظ لکيل آهي، سو سڀ ادب ۾ شامل آهي. اڳتي هلي جڏهن مختلف علمن ترقي ڪئي ته ادب جي اها محدود معنيٰ بدلجي وئي ۽ ان ۾ وڌيڪ وسعت آئي. ادب ۽ ان جي افاديت متعلق مختلف دورن جي جدا جدا عالمن ۽ اديبن رايا ڏنا آهن:

سنڌ جي مشهور عالم، علامه آءِ آءِ قاضي ادب جي وصف بيان ڪندي لکيو آهي ته "اها تحرير، جا ادب، لطافت طبع، زيب ۽ زينت واري عمل ڏانهن اشارو ڪري، ۽ انهن (خوبين) جي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪري.

(1 – ڪتاب: "او ڪو ٻيو فهم سهيڙيندڙ: امير علي قادري، صفحو 105)

افلاطون پنهنجيءَ خيالي رياست مان شاعرن کي ڪڍي ڇڏيو ۽ ادب کي حقيقت جي ٽئين درجي جي نقالي سڏيو. جڏهن ته ارسطو ادب جي اهميت کان انڪار نه ٿو ڪري.

ننڍي کنڊ جي نامور اديب، منشي پريمچند چيو آهي ته "اسان جي ڪسوٽيءَ تي اهو ئي ادب سچو ادب آهي، جنهن ۾ تفڪر، آزاديءَ جو جذبو حسن جو جوهر، تعمير جو روح، ۽ زندگيءَ جي حقيقتن جي روشني هجي، جو ادب اسان ۾ حرڪت، هنگامو ۽ بيچيني پيدا ڪري، نه اسان کي وڌيڪ سمهاري.

(2 – ڪتاب: ترقي پسند ادب، ليکڪ: سردار جعفري، صفحو: 138)



Gul Hayat Institute

ادب جي اهميت ۽ افاديت جو ذڪر علي سردار جعفري هن ريت ڪيو آهي:
”ادب حقيقت کي ضرور بدلائي ٿو پر خارجي فطرت ۽ ماحول تي سڌيءَ طرح اثر انداز نہ ٿو ٿئي. اهو ڪهاڙي جيان وڻ نہ ٿو ڪاٽي سگهي، نہ ئي انساني هٿن جيان مٽيءَ مان پيالا ٺاهي سگهي ٿو. اهو پٿر مان بت نٿو تراشي، پر جذبات ۽ احساسات جون نيون نيون تصويرون ٺاهي ٿو. اهو پهريائين انسان جي جذبن تي اثر انداز ٿيندو آهي ۽ انسان جي ذريعي ماحول ۽ سماج کي تبديل ڪندو آهي.
(ايضاً: ص 27)

هڪ دفعي ايمرسن کان ادب جي افادي پهلوءَ تي ڪنهن زور ڏئي پڇيو تہ هن ڪاوڙ ۾ جواب ڏنو:

“Beauty is its own Excuse for being”

ادب جون اهي وصفون ۽ خيال، انساني زندگيءَ جي مختلف پهلوئن جي عڪاسي ڪن ٿا. هر زندهہ قوم وٽ پنهنجو ادب هوندو آهي، جيڪو ان جي قومي زندگيءَ جي ڀرپور ترجماني ڪندو آهي، ڇو تہ ادب زندگيءَ جو ترجمان آهي، اڃا اڳتي ائين ڪٿي ڇئجي تہ ادب زندگيءَ تي تنقيد ڪندي، ان جو تفسير پيش ڪري ٿو. ٻين لفظن ۾ ادب زندگيءَ جو عڪس ۽ اولڙو پيش ڪندو آهي ۽ ان کي تبديل ڪرڻ ۾ بہ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو آهي. زندگي جيئن تہ پنهنجا رنگ روپ بدلائيندي رهي آهي، ان ڪري ادب ۾ اظهار جي لاءِ مختلف موضوعن ۽ صنفن جنم ورتو آهي، جن انسان جي احساسن ۽ جذبن جي لفظن رستي چٽسالي ڪئي آهي.
ادب ۾ نثر توڙي نظم اچي وڃن ٿا. ”نثر دماغ جي ذريعي، حياتيءَ جي ترجماني ڪري ٿو ۽ نظم تصور ۽ ڪلپنا جي معرفت جيوت کي پيش ڪري ٿو.“
(ڪتاب: ادبي اصول ڇاپو ٽيون، ليکڪ: منگهارام ملڪاڻي صفحہ 37)

سڄيءَ دنيا جي ادب جي شروعات نظم سان ٿي آهي، ۽ نثر جي شروعات وري ڪهاڻيءَ يا آکاڻي سان ٿي آهي. نظم ۾ شاعريءَ جون مختلف صنفون اچي وڃن ٿيون ۽ نثر ۾ وري مضمون، قصا، آکاڻيون، داستان، ڊراما، ناول ۽ افسانا اچي وڃن ٿا. ناول، افساني، قصي يا ڪهاڻيءَ کي انگريزي ۾ فڪشن (Fiction) جو اجتماعي نالو ڏنو ويو آهي، جنهن جو بنياد لاطيني لفظ Ficto يا Fictus آهي، جنهن جي معنيٰ غير حقيقي مفهوم جي ويجهو آهي.
انساني تاريخ تي نگاهہ وجهڻ سان خبر پوي ٿي تہ جڏهن کان انسان سوچڻ شروع ڪيو آهي، تڏهن کان وٺي انساني ذهن ۾ ڪيترين ئي ڪهاڻين جنم وٺڻ شروع ڪيو آهي، پوءِ اهي ڪڏهن ڪٿائن جي روپ ۾ تہ ڪڏهن وري قصي ۽ داستان جي روپ ۾ ظاهر ٿينديون رهيون آهن. زباني ڪهاڻين کان وٺي لکت جي موجود قصن تائين ڪهاڻين جو سفر پکڙيل آهي. ماڻهو پنهنجي سڄي ڏينهن جي ٿورهئي مان واندا ٿي ٿڪ ڀڃڻ لاءِ راتين جو قصا ۽ ڪهاڻيون ٻڌندا رهيا آهن.



Gul Hayat Institute

شروعاتي مذهبي ڪتابن: رگويد، رامائڻ ۽ مهاڀارت توڙي بائيبل ۽ قرآن شريف ۾ پڻ ڪيترين ئي ڪهاڻين جو اسان کي ذڪر ملي ٿو. سنسڪرت جي پنج تنتر ۾ پڻ ڪهاڻي آهي.

جهڙي ريت زندگي ڪڏهن به هڪ هنڌ نه بيٺي آهي، اهڙي ريت ڪهاڻيءَ جو فن به زندگيءَ جيان اڳتي وڌندو رهيو آهي. جيڪو به فن هڪ هنڌ بيٺو آهي، اهو پنهنجي موت پاڻ مري ويندو آهي. افسانه نويسيءَ جو فن، شروعاتي قصن، آکاڻين، داستانن ۽ ناولن کان ٿيندو مختصر ڪهاڻيءَ تائين پهتو آهي. قبائلي ۽ جاگيرداراڻي سماج، قصي ۽ داستان جهڙن طويل ۽ رومانوي صنفن کي پنهنجي وجود جي اظهار لاءِ مناسب سمجهيو هو پر جيئن ته 18 صديءَ جي پڇاڙيءَ سان يورپ جي اندر صنعتي انقلاب جي شروعات ٿي چڪي هئي ۽ يورپ قديم جاگيرداراڻي سماج کي ختم ڪري مشيني زندگيءَ جو آغاز ڪري چڪو هو. ماڻهن کي ايترو وقت نه پئي مليو جو اهي وڏا وڏا قصا، داستان ۽ ناول پڙهي سگهن، ڇا ڪاڻ ته هر سماج جون پنهنجون گهرجون هونديون آهن. نئون سماج پنهنجي پيٽ مان نون مسئلن ۽ گهرجن کي جنم ڏيندو آهي. اهڙيءَ ريت هنري انقلاب اچڻ ڪري انساني ذهن ۾ نون تصورن ۽ خيالن جنم ورتو. انهن خيالن ۽ تصورن جي اظهار لاءِ ادب جون پراڻيون صنفون ڪارائتيون نه رهيون ۽ نيون صنفون نروار ٿيون. ائين ئي اوڻيهين صديءَ ۾ يورپ اندر داستان نويسيءَ ۽ ناول نويسيءَ ڪيترائي ارتقا جا مرحلا طئه ڪري، مختلف جاگرافيائي، فني ۽ فڪري سرحدون پار ڪري، ”مختصر ڪهاڻيءَ“ کي وجود ۾ آندو. جنهن پنهنجي منفرد گهاڙيٽي ۽ مواد جي شڪل اختيار ڪري ورتي. جنهن سان ڪهاڻيءَ رومانوي ۽ تصوراتي خيالن جي آسمان تان هيٺ لهي، ڌرتيءَ تي پير رکيا ۽ زندگيءَ جي ٺوس حقيقتن سان پاڻ کي هم آهنگ ڪري ڇڏيو.

محمد ابراهيم جويي، مختصر ڪهاڻيءَ جي وجود جي پس منظر کي هيٺينءَ ريت بيان ڪيو آهي:

”ادب انساني سماج جي پيداوار آهي ۽ ان جو عڪاس پڻ. سماجي ۽ تاريخي تبديلين جي اثر هيٺ وڌندڙ سماجي شعور ۽ بلند تر ذهني معيار جي پيش نظر، ادب پنهنجي هيئت توڙي اسلوب جا نت نوان روپ اختيار ڪندو پئي رهيو آهي. داستان گوئيءَ ۽ داستان نويسيءَ وارو ادب، مختلف مرحلن مان گذرندو اڄ مختصر افساني جي صورت وٺي اچي بيٺو آهي. بلاشبہ، اسان جو ادبي دور ”مختصر افساني“ جو دور آهي پنهنجي وقت ۽ ماحول جي مخصوص مسئلن، زندگيءَ جي ترقي پذير شعور ۽ سماج جي موجوده ذهني ڪيفيت ۽ مزاج سان مطابقت قائم رکڻ لاءِ، اڄ جي فنڪار ”مختصر افساني“ کي وجود ۾ آندو آهي.

Gul Hayat Institute

نئين ادب جي هيءَ نمائنده صنف هڪ ڳالهئين گذريل مڻني فني تجربن ۽ روايتن جو نچوڙ حاصل آهي".

(5 – ڪتاب: جمال ابڙو ڪهاڻيون، مضمون، شخصيت، صفحو 12، 13)

هينئر سڄيءَ دنيا ۾ "مختصر ڪهاڻي" افسانوي ادب جي مقبول صنف بنجي ويئي آهي. دنيا ۾ ڪا به اهڙي ٻولي نه آهي، جنهن ۾ مختصر ڪهاڻي نه لکي ويندي هجي. مختصر ڪهاڻيءَ جي فن جي اوسر اوڻيهين صدي جي شروعات ۾ آمريڪا ۽ فرانس ۾ ٿي، ۽ هن فن جو باني "ايڊگرايلن پو" کي چيو وڃي ٿو جنهن مختصر ڪهاڻي لکي ۽ ان جي وصف هن ريت ڪئي ته هڪ اهڙو نثري داستان، جنهن جي پڙهڻ ۾ اڌ ڪلاڪ کان ٻن ڪلاڪن تائين وقت صرف ٿئي. جڏهن ته سمر سيٽ ماهام جي لفظن ۾ "افسانو ايترو مختصر هجي، جو ذهن منٽن ۾ پڙهي سگهجي ۽ ڊگهو وري ايڏو هجي جو وڌ ۾ وڌ هڪ ڪلاڪ ۾ پڙهي سگهجي."

مطلب ته مختصر افساني جي فني خوبصورتي، ڊيگهه ۾ نه، پر اختصار ۾ ئي آهي، ۽ اهو هڪ تاثر پيدا ڪرڻ لاءِ لکيو ويندو آهي. انهن ڳالهين جو افساني سان ڪو به لاڳاپو ڪونهي، جيڪي تاثر ناهڻ ۾ مدد نه ٿيون ڪن. مختصر ڪهاڻيءَ جي فن کي روس ۾ ٽالسٽاءِ، گوگول ۽ چيخوف، فرانس ۾ موپا سان ۽ بالزڪ، آمريڪا ۾ اوهينري ۽ ايڊگرايلن پو، انگلينڊ ۾ چارلس ڊڪنس، هندستان ۾ منشي پريمچند، عصمت چغتائي، سعادت حسن منٽو ۽ ٻين ليکڪن متعارف ڪرايو ۽ مختصر افسانا لکيا.

سنڌي ٻوليءَ ۾ مضمون، ڊرامي، ناول ۽ نثر جي ٻين صنفن جيان "مختصر ڪهاڻيءَ" جي صنف پڻ انگريزن جي دور جي پيداوار آهي. اوڻيهين صديءَ جي وچ ڌاري سنڌي نثر ۾ ڪهاڻي لکڻ جي شروعات ٿي. "راءِ ڏياچ ۽ سورٺ" جي آکاڻي، "ٻنيي زميندار جي ڳالهه"، "سڌا تورو ۽ ڪُڌا تورو" ۽ ٻيون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون لکيون ويون. اهي پهريون ڪهاڻيون هيون. جن ۾ روزمره جي زندگيءَ جي واقعن، ۽ ڪردارن کي پيش ڪيو ويو. انهن افسانن کي اسان سنڌي افساني جي ابتدا ته چئي سگهون ٿا، پر اهي مختصر افساني جي فني ضرورتن تي پورا نه هئا. اڳتي هلي ڪجهه ڪهاڻين جا مجموعا پڻ شايع ٿيا، پر ننڍي کنڊ جي ٻين زبانن جيان سنڌي زبان ۾ پڻ مختصر ڪهاڻيءَ جي ويهين صديءَ ۾ ابتدا ٿي. جديد ٽيڪنڪ جي حوالي سان پهرين 'مختصر ڪهاڻي'، "حُر مکيءَ جا" لعلچند امر ڏني مل 1914ع ۾ لکي. ان کان پوءِ ديوان ڪوڙي مل، ڪاڪي ڀيرومل، محمد صديق مسافر، جيٺمل پرسرام ۽ ٻين ڪهاڻيون لکيون. هنن جي ڪهاڻين ۾ سماجي ڏاڍ جو عڪس ۽ سماج جا اصلاحي ۽ اخلاقي پهلو اڇي وڃن ٿا. ان کان پوءِ سنڌي افساني جي تاريخ ۾ "ترجمي جو دور" اچي ٿو جيڪو ٻيءَ عالمي جنگ تائين هلي ٿو. هن دور ۾ مختلف هندستاني، روسي ۽ مغربي ٻولين جي ڪهاڻين



Gul Hayat Institute

جا ترجما ٿيا، جن سنڌي ڪهاڻيءَ تي پنهنجا گهرا اثر ڇڏيا. هن ئي عرصي ۾ امر لعل هنگوراڻيءَ، عثمان علي انصاريءَ، آسانند مامتورا، مرزا قليچ بيگ ۽ نادر بيگ مرزا جهڙن ڪهاڻيڪارن ڪهاڻيون لکيون.

ٻي عالمي جنگ دوران سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ترقي پسنديءَ جو دور شروع ٿئي ٿو. هن دور ۾ افسانو تمام گهڻو لکيو ويو ۽ ڪيترائي سٺا ڪهاڻيڪار ميدان تي آيا، جن ۾ گوبند مالهي، شيخ اياز سڳن آهوجا، ڪيرت ٻاٻاڻي، سوڀو گيانچنداڻي، گوبند پنجابي ۽ ٻيا شامل آهن. جن سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سياسي، سماجي ۽ معاشي مسئلن کي موضوع بنايو. هنن ڌارين کان نفرت ۽ جاگيرداري ۽ سرمائيداري نظام خلاف پنهنجن خيالن کي پيش ڪيو. "سرد آهون"، "پره ڦٽي"، "ريگستاني ڦول"، "سنڌي ڪهاڻيون"، "سفيد وحشي" وغيره هن دور جي افسانن جا اهم مجموعا آهن.

حقيقت ۾ ورهاڱي کان اڳ وارو دور سنڌي افساني جي ارتقا جو دور آهي، جنهن ۾ مختلف ڪهاڻيڪارن، فن ۽ فڪر جي حوالي سان ڪافي حد تائين نواڻ پيدا ڪئي، پر ان هوندي به سنڌي ڪهاڻيءَ جو سفر اڃا اڻ پورو پئي لڳو ائين ورهاڱي کان پوءِ سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ جي ميدان تي هڪ نئين ۽ منفرد ڪهاڻيڪار جمال ابڙي جو نالو نمودار ٿيو جنهن سنڌي ڪهاڻيءَ کي نئون موڙ ڏنو. يعني 1849ع کان سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ مختصر ڪهاڻيءَ جي فن جي حوالي سان ابتدا ٿي، ان پنهنجي مڪمل صورت هڪ صدي پوءِ 1949ع ۾ جمال ابڙي جي ڪهاڻين سان ورتي.

تازو جڏهن مون شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس مان ايم اي سنڌي ادب جي امتحان ۾ چوٿين پيپر جي جاءِ تي مونوگراف ڪڻ جو سوچيو ته ان لاءِ منهنجي ذهن ۾ ٻين، موضوعن سان گڏ "جمال ابڙو مختصر ڪهاڻيءَ جي ليکڪ جي حيثيت ۾" جو موضوع ذهن ۾ تري آيو ۽ مون اهو ئي پنهنجيءَ تحقيق لاءِ مناسب موضوع سمجهيو. افسوس اهو آهي ته اهڙي اهله ۽ سنڌي زبان جي چوٽيءَ جي افساني نگار جي فن ۽ فڪر تي ڪنهن به سنڌي ادب جي شاگرد يا ڪنهن به نقاد ڪو ڪتاب يا ٿيسز نه لکي آهي. نه رڳو ادب جي تاريخ تي تحقيق ڪندڙن هن عظيم فنڪار جي فن تي ڪجهه سٽون ئي لکيون آهن. پر ڪنهن به جمال جي افسانه نويسيءَ جي خوبين ۽ خامين جي تفصيلي ڇنڊڇاڻ جي ضرورت ئي محسوس نه ڪئي آهي. البته ڪافي وقت اڳ ٽماهي "مهراڻ" ۾ سندس ڪهاڻين تي ڪجهه اديبن بحث ڪيو هو جنهن جي پنهنجي جاءِ تي تمام وڏي اهميت آهي. ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي پنهنجي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري "آزادي کان پوءِ سنڌي افساني جي اوسر" ۾ جمال ابڙي جي ڪهاڻين تي ڪجهه صفحا لکيا آهن. ان هوندي به جمال ابڙي جي ڪهاڻين تي گهڻ پاسائين تحقيق ڪرڻ، وقت جي



Gul Hayat Institute

نهايت اهم تقاضا آهي، ڇو ته جمال ابڙي جي مختصر ڪهاڻيءَ کي مڪمل سمجهڻ کان سواءِ سنڌي ڪهاڻيءَ جي ارتقا کي پوريءَ ريت نه ٿو سمجهي سگهجي. جمال ابڙو ئي پهريون ڪهاڻيڪار آهي، جنهن جي ڪهاڻين ۾ اسان کي حقيقت نگاريءَ جو ڀرپور رجحان ۽ لاڙو ملي ٿو. ڊاڪٽر شمس الدين چواڻي:
”عبوري دور ۾ جمال ابڙو ٿوري ئي وقت ۾ هڪ وڏي ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ اڀريو جنهن جي ڪهاڻين جو بنياد به حقيقت نگاري جي خشڪ ۽ پٿريلي زمين تي رکيل آهي. هن سنڌي سماج جي تلخ حقيقتن مان موضوع کنيا آهن. جن ۾ زندگيءَ جا اگرا ۽ ڪوڙا روپ آهن.“

(مهراڻ سنڌي ادب سيمينار نمبر. سال 1984ع ص 95 – 96.)

جيتوڻيڪ ورهاڱي کان اڳ ۾ اسان وٽ امر لعل هنڱوراڻي، آسانند مامتورا، عثمان علي انصاري ۽ نادر بيگ مرزا جي لکڻين ۾ سماجي شعور جي جهلڪ ملي ٿي ۽ حقيقت نگاري جا ڪافي اولڙا نظر اچن ٿا. ان کان سواءِ شيخ اياز گوبند مالهيءَ ۽ گوبند پنجابي جي ڪهاڻين جا مجموعا ورهاڱي کان اڳ منظر عام تي اچي چڪا هئا. جن ۾ پڻ زندگيءَ جي گوناگون مسئلن ۽ انهن جي حل ڏانهن هلڪا اشارا ملن ٿا: پر پوءِ به جمال ابڙو پهريون ڪهاڻيڪار آهي، جنهن جي ڪهاڻين ۾ اسان کي حقيقت نگاريءَ جو ڀرپور فنڪاراڻو وجود محسوس ٿئي ٿو ۽ زندگي هوبهو پنهنجي اصلي رنگ ۾ نظر اچي ٿي. جمال ابڙي جي حقيقت نگاريءَ، جيتوڻيڪ گورڪيءَ، ٽالسٽاءِ، پريمچند، ٽئگور ۽ دوستو وسڪيءَ جو اثر ورتو آهي. پر پوءِ به سندس لکڻ جو پنهنجي اسٽائل آهي، جنهن ۾ هن ڌرتيءَ ۽ سماج جي مسئلن جي خوبصورت ٻوليءَ ۽ فن جي رستي اپٽار ڪئي آهي. جيتوڻيڪ ورهاڱي کان پوءِ ٻيا به ڪيترائي ڪهاڻيڪار اڀريا، پر جمال ابڙي جي ڪهاڻيءَ تي کوجنا ڪرڻ ان ڪري به ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته هيءَ انهن سڀني کان متاثون آهي. ڪجهه نقادن ۽ ليکڪن جمال ابڙي جي ڪهاڻين جي مقدار کي آڏو رکي، ان جي ادبي اهميت کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي – يا ليکڪ جي وقتي خاموشيءَ کي ڏسي، ان جي وڏي تخليقڪار هجڻ تي شڪ ڪيو آهي، پر اها نا انصافي آهي. جمال جيتوڻيڪ ڳاڻيٽي جي حساب سان تمام ٿوريون ڪهاڻيون لکيون آهن، پر اهي معيار جي حوالي کان ايتريون ته اوچيون ۽ بلند مرتبي واريون آهن، جو انهن ڪهاڻين جي فني ۽ فڪري سونهن، سنڌي ادب تي اڻمٽ اثر ڇڏيا آهن، ان ڪري جمال جي افسانن تي تحقيق ڪرڻ سان سنڌي ڪهاڻيءَ لاءِ نوان رستا کلندا ۽ مختصر افساني جي رس ۾ هيءَ تحقيق ڪافي ڪارائتي ثابت ٿيندي.

جمال ابڙي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ فن ۽ موضوع جي لحاظ کان جيڪي روايتون قائم ڪيون آهن، تنهن تي ئي سنڌي افساني جي تعمير ٿي آهي. جمال ابڙي جي

مختصر ڪهاڻيءَ تي تحقيق ڪرڻ جي اهميت ان ڪري بہ آهي، جو جمال جي افسانن نہ رڳو پنهنجي دور جي ڪهاڻيڪارن تي اثر ڇڏيا آهن، پر ان کان پوءِ ايندڙ دور جي ڪهاڻيڪارن تي پڻ گهري ڇاپ ڇڏي آهي، ڪنهن اديب چواڻي، ”اڄوڪي دور جي هر شاعر تي شيخ اياز جو اثر آهي ۽ هر ڪهاڻيڪار تي جمال ابڙي جي ڇاپ آهي.“ چوڻ جو مقصد اهو آهي تہ جمال ابڙو ويهين صديءَ جي اڌ ۾ سنڌي افسانوي ۾ وڏي انقلاب جو نالو آهي. پوري هڪ صديءَ جي سنڌي ڪهاڻيءَ جي ارتقا، جمال ابڙي وٽ اچي جديد مختصر ڪهاڻيءَ جو روپ وٺي بيهي ٿي. اڄ ان ڳالهہ کان ڪير بہ انڪار نہ ڪندو تہ جمال ابڙي جون لکيل سورهن ڪهاڻيون سنڌي ادب جو شاندار ۽ بيمثال ورثو آهن. ان ڪري جمال ابڙي جي دور جي ادبي تحريڪن، همعصر ڪهاڻيڪارن ۾ سندس انفراديت، جمال جي ڪهاڻيءَ جي موضوعن، ٻوليءَ، ڪردار نگاريءَ، فني نباهہ، اسٽائيل ۽ سماجي شعور وغيره جي حوالي سان گهڻ پاسائين ڇنڊڇاڻ ۽ تحقيق ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي تہ جيئن سنڌي ڪهاڻيءَ جي عمارت صحيح نموني سان تعمير ٿي سگهي ۽ ان جو مستقبل شاندار بڻجي سگهي.

## ادبي تحريڪون، رجحان ۽ لاڙا

اديب معاشري جو هڪ فرد آهي ۽ هو معاشري ۾ عام ماڻهوءَ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ذهين، حساس ۽ زندگيءَ تي ڳوڙهي نگاهہ رکندڙ شخص ٿيندو آهي ۽ هو زندگي ۾ پيدا ٿيندڙ اٿلن پٿلن کان متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندو آهي. خارجي حالتون ئي هونديون آهن، جيڪي هن جي اندر جي دنيا ۾ آنڌ مانڌ، اٿل ۽ بيچينيءَ کي جنم ڏينديون آهن ۽ ڪيس لکڻ لاءِ ڪجهہ اتساهہ بخشينديون آهن. اهڙيءَ ريت اديب معاشري کان متاثر بہ ٿيندو آهي تہ وري ان تي پنهنجين تحريرن ذريعي اثر انداز پڻ ٿيندو آهي. هو پنهنجي اندر جي دنيا جي ڪري ئي ٻين تخليقڪارن کان منفرد ۽ الڳ ٿي بيهندو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو هن جو زندگيءَ ڏانهن ٻين کان منفرد رد عمل هوندو آهي. اهو رد عمل ڪنهن نہ ڪنهن رجحان يا سوچ جو نتيجو هوندو آهي. هر ليکڪ جي خيالن جي اوسر ۾ ڪنهن نظرياتي لاڙي جو اثر هوندو آهي ۽ هن جا ڪي مخصوص رايا، لاڙا ۽ رجحان بہ هوندا آهن. هو ڪن نظرين، خيالن، راين ۽ رجحان رکندڙ تنظيمن سان لاڳاپيل بہ ٿي سگهي ٿو.

سڄيءَ دنيا جي ادب کي ڏسڻ سان اهو چڱيءَ ريت معلوم ٿئي ٿو تہ اديبن جي تخليقن تي ڪنهن نہ ڪنهن ادبي رجحان يا ادبي تحريڪ جو اثر ضرور آهي. مختلف وقتن تي ڪيترين ئي تحريڪون، رجحان ۽ لاڙا اڀريا آهن، جن ۾ فلسفي جون تحريڪون ۽ سياسي، سماجي، مذهبي ۽ ادبي تحريڪون پڻ رهيون آهي،



Gul Hayat Institute

جن پنهنجي سماج تي گهرا اثر ڇڏيا آهن. جيئن تہ جديد ادبي تحريڪن جو مرڪز گهڻو ڪري يورپ رهيو آهي، جتي جدا جدا وقتن تي نظرين ۽ تحريڪن پٽي جنم ورتو آهي، جن ۾ ڪلاسيڪيت، رومانسزم، ريئلزم، سرريئلزم، امپريشنزم، ايڪسپريشنزم، اميجزم، سمبالزم، فئنٽسي ۽ اميجينيشن، نئچرلزم، مارڪسزم، اسٽڪچرلزم وغيره اچي وڃن ٿيون. سنڌي ادب جي حوالي سان جن تحريڪن جي ڪنهن نہ ڪنهن ريت اهميت پٽي رهي آهي، انهن ۾ ڪلاسيڪيت، رومانيت، حقيقت نگاري، سماج وادي حقيقت نگاري ۽ جديديت وغيره اچي وڃن ٿيون. اهي تحريڪون خالص ادبي نظرين تي ٻڌل نہ آهن، ڪنهن نہ ڪنهن فلسفي جي تحريڪ سان ڳنڍيل آهن. شروع ۾ انهن جو ادب سان ڪو بہ ويجهو لاڳاپو ڪو نہ هو پر اڳتي هلي اهي ادبي تنقيد جا نظريا سڏجڻ لڳا. هڪ ادبي نقاد ريني ويليڪ انهن کي نظريا نہ پر تنقيد جا لاڙا سڏيو آهي. ويليڪ جو چوڻ آهي تہ، ”اهي نظريا ڪڏهن بہ اڄ تائين بہ نہ تخليقي ادب جا نظريا نہ آهن. تنقيد انهن کي اپنائي، ادبي پرک جا اوزار ۽ ماڻا بڻايو آهي.

سنڌ جي ڪلاسيڪي ادب کان وٺي اڄ جي جديد ادب تائين، سنڌي ادب تي پڻ ڪيترن ئي رجحانن، لاڙن، تحريڪن ۽ نظرين جو شعوري ۽ لاشعوري اثر رهيو آهي. اهو لازمي نہ آهي تہ جن اديبن انهن نظرين جو مطالعو ڪيو هوندو تن تي فقط اثر هوندو. يورپي ڪلاسزم (ڪلاسيڪيت) جو سنڌ جي ڪلاسيڪي دور سان ڪو بہ ڳانڍاپو نہ آهي ۽ نہ وري نيوڪلاسزم (نيو ڪلاسيڪيت) سان ڪو واسطو آهي. هن تحريڪ جو شروعاتي واسطو يونان ۽ روم جي ڪلاسيڪي دور سان آهي. جڏهن تہ اسين سنڌي ادب جو ڪلاسيڪي دور شاهہ، سچل ۽ ساميءَ واري دور کي شمار ڪندا آهيون. سنڌي ادب جي ڪلاسيڪي دور کي پنهنجون روايتون آهن، جنهن جون ڪي وصفون مغرب جي ڪلاسيڪيت سان ملن جلن بہ ٿيون، پر اها ڳالهہ درست نہ ٿيندي تہ سنڌي ڪلاسيڪي دور تي مغرب جي ڪلاسيڪي دور جو اثر رهيو آهي. حقيقت ۾ يورپي ڪلاسزم جي مفهوم جي ڄاڻ کان پوءِ ئي ان قسم جي طريقي جون وصفون ٻين ٻولين جي ادب ۾ ڳولڻ جون ڪوششون شروع ڪيون ويون.

ڪلاسيڪل وصفن جي ساڳيائيءَ سبب، اسين ڪنهن بہ تخليق جي ڪلاسيڪل هجڻ جي پرک ڪري سگهون ٿا. جيڪا ڳالهہ ٻين سڀني ادبي نظرين سان پڻ لاڳو آهي. سنڌي ادب جي حوالي سان ڊاڪٽر ارجن شاد جو چوڻ آهي تہ ”سنڌي نثر جي ڪيتر ۾ اوڻيهين صديءَ جي آخر ۽ ويهين صديءَ جي شروعات وارو دور پڻ لاشڪ ڪلاسيڪي دور چئي سگهجي ٿو ڇو جو ان دؤر جون وصفون عام طور تي مغرب جي ڪلاسيڪي يا نئين ڪلاسيڪي دور سان وابستہ آهن، اهي سنڌي نثر ۾ ڪجهہ اهڙي روپ ۾ نظر اچن ٿيون: خاص طور تي

ٻولي ۽ گرامر وغيره جون بندشون. ان وقت ۾ انگريزي علم ادب جو اثر ساري هندستان ۾ پکڙيو هو.

(7– ڪتاب: ساهتڪار: 91–1992ع، بمبئي، مرتب: گوبند مالهي، صفحو 102)

اوڻيهين صديءَ ۾ خاص طرح انگلينڊ، جرمنيءَ ۽ فرانس ۾ رومانيت جي تحريڪ شروع ٿي، جيڪا اصل ۾ ڪلاسيڪيت جي رد عمل ۾ پيدا ٿي. رومانيت پڻ اسان وٽ تحريڪ جي شڪل ۾ نہ آئي آهي. يورپ ۾ اوڻيهين صديءَ ۾ هيءَ تحريڪ شروع ٿي، ڇڏهن تہ ويهين صديءَ جي سنڌي ادب ۾ ان جون جهلڪيون محسوس ٿين ٿيون. ويهين صديءَ ۾ حقيقت نگاريءَ جو لاڙو سڄيءَ دنيا جي ادب ۾ داخل ٿيو ۽ نئين ڪنڌ جي مختلف ٻولين جي ادب تي پڻ ان جا اثر پيا ۽ اڳتي هلي اهو سماجوادي حقيقت نگاريءَ سان ڳنڍجي ويو. حقيقت نگاريءَ ۾ ان ڳالهہ تي زور هو تہ شين کي اهڙيءَ طرح پيش ڪيو وڃي، جيئن حقيقت ۾ اهي نظر اچن ٿيون، جڏهن تہ سماجوادي حقيقت نگاريءَ ۾ ان ڳالهہ تي زور هو تہ حقيقت کي پنهنجي ذاتي اندر جي ٻوجهہ يا سمجهہ بجاءِ خارجي طور سماج جي تاريخي ۽ جدلياتي ڇيد جي نقطئہ نظر سان جاچڻ گهرجي. ٻين لفظن ۾ حقيقت جيئن آهي ان جي بدران حقيقتن کي جيئن هجڻ گهرجي، ائين پيش ڪيو وڃي. سنڌي ادب ۾ مڪمل تحريڪ جي صورت ۾ اسان وٽ فقط ”ترقي پسند تحريڪ“ ئي داخل ٿي آهي. هن تحريڪ، ترقي پسند ادب جو نظريو ڏنو جنهن ۾ سماجي حقيقت نگاريءَ تي زور ڏنو ويو. ان ادبي تحريڪ جي سنڌي ادب ۾ تاريخي ڪردار کان ڪو بہ انڪار نہ ٿو ڪري سگهي. هن تحريڪ، سنڌي ادب کي سڄي دنيا ۾ روشناس ڪرايو.

ورهاڱي کان پوءِ واري عرصي ۾ ”جديديت“ جي ڪجهہ تحريڪن جو هندستان ۾ سرجندڙ ادب تي بہ اثر ٿيو. جنهن ۾ سڄي حقيقت نگاريءَ جي جاءِ تي وجوديت کي اهميت ڏني وئي، ۽ وجوديت جي نظريي هيٺ ڪجهہ اديبن انساني دک کي سماجي حالتن ۾ ڏسڻ بدران پنهنجي وجود ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سماجي قدرن جي نفي ڪئي ويئي. جديد سنڌي ادب جي ايڏي ڪا وڏي عمر نہ آهي. انگريزن جي اچڻ کان پوءِ ئي جديد سنڌي نثر جي شروعات ٿي ۽ سنڌي اديبن مضمون، ڊراما، ناول ۽ ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. هن ئي دور ۾ اسان وٽ مختلف زبانن جو ادب بہ ترجمو ٿيو جنهن رستي ادب جا جديد رجحان ۽ لاڙا متعارف ٿيا.

اسان وٽ نہ تہ ايڏيون وڏيون ادبي تحريڪون هليون هيون ۽ نہ ئي ڪي وڏا نظرياتي بحث ٿيندا هئا، پر دنيا جي مختلف ٻولين جي ترجمو ٿيل ادب جي معرفت مغربي افسانہ نويسيءَ جي فن جا تجربا ڪيا ويا، جنهن ۾ اها ئي ٽيڪنيڪ ۽ اظهار وارو طريقو چونڊيو ويو باقي بلڪل الڳ شڪل ۾ افسانوي

ادب ۾ اهم رجحان ۽ تحريڪ سماجي حقيقت نگاري ٿي رهي آهي. حقيقت نگاريءَ جي تحريڪ پڻ ٻين ادبي تحريڪن جيان يورپ ۾ جنم ورتو ۽ افسانوي ادب تي ڇائنجي وئي. رومانيت، جذباتيت، روايت پرستيءَ ۽ ٻين تحريڪن جي رد عمل ۾ حقيقت نگاري اڀتي آئي. انگريزن جي حڪومت جي شروعاتي عرصي ۾ سنڌي نثر ۾ حقيقت نگاريءَ جي ابتدا ٿي. سماجي ۽ مذهبي تحريڪن جو عوام جي ذهنن تي ۽ ادب تي اثر ٿيو. سماجي شعور سان ڀرپور ناول ۽ ڪهاڻيون لکيون ويون ۽ ادب کي سماجي جاڳرتا جو بهترين ذريعو سمجهيو ويو. ٻنڊي کنڊ جون ڪيتريون ٻوليون خاص طور تي بنگالي ۽ هندي، ٻين ٻولين جي ادب جي ڀيٽ ۾ ترقي يافتہ هيون ۽ انهن ۾ سماجي حقيقت نگاريءَ جي بنياد تي شاهڪار ادب تخليق ٿي چڪو هو. انهن ٻولين جا شاهڪار سنڌي ادب ۾ ترجمو ٿي آيا، جن ۾ ڪو نہ ڪو سماجي مقصد ضرور هو. اهو دور سنڌي ادب ۾ ترجمن جو دور هو. 22—1921ع ڌاري طبعزاد ڪهاڻيون بہ لکيون ويون. لعلچند امر ڏني مل ۽ ڇيتمل پرسرام سماجي مسئلن تي ڪهاڻيون لکيون، جن ۾ سماجي برايون، زميندارن ۽ سيٺين جي ڪردار کي تنقيد جو نشانو بنايو ويو. حقيقت ۾ اتان ئي ترقي پسند سنڌي ڪهاڻيءَ جي شروعات ٿئي ٿي.

1940ع تائين سنڌي ادب ۾ ڪجھ اهڙا افسانہ نويس پيدا ٿيا، جن پنهنجين ڪهاڻين ۾ حقيقت نگاريءَ جي بنياد تي سماجي مسئلن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي، ۽ مقامي ماحول جو عڪس چٽيو. انهن ۾ امر لعل هنڱوراڻي، ليکو تلسياڻي، نادر بيگ مرزا، آسانند مامتورا ۽ عثمان علي انصاري وغيره اچي وڃن ٿا. انهن ڪهاڻيڪارن ”ادو عبدالرحمان“، ”منجري ڪولهڻ“، ”ململ جو چولو“، ”ڪکي“ ۽ ٻين ڪهاڻين ۾ سماجي حقيقتن جي عڪاسي ڪئي. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ پنهنجي ڪتاب ”سنڌي نثر جي تاريخ“ ۾ امر لعل هنڱوراڻيءَ کي سنڌي ٻوليءَ جو پهريون حقيقت نگار اديب سڏيو آهي. اهي ئي ڪهاڻيڪار هئا، جن جديد سنڌي ادب جو بنياد رکيو. ممتاز مهر لکي ٿو تہ، ”امر لعل هنڱوراڻي، نادر بيگ ۽ آسانند مامتورا حقيقت نگاريءَ جي ٽن الڳ الڳ لاڙن جي نمائندگي ڪن ٿا. امر لعل عام سماجي مسئلن کي پنهنجين ڪهاڻين جو موضوع بنايو نادر بيگ جو رجحان رومانس ڏانهن وڌيڪ هو جڏهن تہ آسانند مامتورا جديد نفسيات جي مطالعي کان پوءِ گهٽي ياڳي انسان جي جنسي مسئلن کي پنهنجين ڪهاڻين ۾ آندو. (8—ڪتاب: آرسي 4، سيهڙيندڙ ولي رام لبي ۽ ظفر حسن—صفحہ 252)

1936ع ۾ ٻنڊي کنڊ ۾ ترقي پسند تحريڪ جي شروعات ٿي. ”لکنوءَ ۾ ”انجمن ترقي پسند مصنفين“ جي ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ منشي پريمچند صدارتي خطاب ڪيو. سجاد ظهير پنهنجي ڪتاب ”روشنائيءَ“ ۾ لکيو آهي تہ، سنڌ مان ٻن ڄڻن جي وفد ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي. سوڀي گيانچنداڻيءَ جي



Gul Hayat Institute

اندازي موجب اهي بہ ڄڻا محمد امين کوسو ۽ قادر بخش نظاماڻي ٿي سگهن ٿا. اڳتي هلي انجمن جي شاخ سنڌ ۾ بہ کولي ويئي. ننڍي کنڊ جي ترقي يافتہ زبانن جيان سنڌي زبان جي ادب پڻ 1936ع جي ترقي پسند تحريڪ جو گهرو اثر قبول ڪيو. هونئن سنڌي زبان جي ڪلاسيڪي ادب ۾ شروع کان وٺي ترقي پسند رجحان موجود رهيا آهن. سنڌ جي ڪلاسيڪي ۽ صوفي شاعرن پنهنجيءَ شاعري ۾ ملائيت، بنياد پرستيءَ، جاگيرداريءَ ۽ جاگيردارانہ سماجي قدرن جي خلاف مزاحمت ڪئي آهي. ترقي پسند تحريڪ، سنڌي ادب کي اڃا بہ وڌيڪ ويجهو وٺي آئي.

1940ع کان پوءِ ورهاڱي تائين سنڌي ادب ۾ ترقي پسند ادب جو رجحان پختو ٿي چڪو هو. ان عرصي ۾ ترقي پسند ليکڪن، ڪهاڻين ۾ انگريزن، زميندارن، سرمائيدارن، جاگيردارن ۽ مذهبي ٺيڪدارن جي ظلمن کي ننگو ڪيو ۽ عورت ۽ مرد جي برابريءَ جو تصور ڏنو. هن دور جي افسانن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سنڌي اديب نئين شعور سان وقت جي مسئلن کي جاچي رهيو هو. هن دور جي ليکڪن نہ رڳو ترقي پسند ڪهاڻيون لکيون، پر ترقي پسند هلچل ۾ بہ حصو ورتو. اهڙن اديبن ۾ گوبند مالهي، شيخ اياز گوبند پنجابي، سوڀو گيانچنداڻي، آنند گولاڻي، سڳن آهوجا، ڪيرت ٻاٻاڻي، اي جي اتم، ڪرشن کٽواڻي، وغيره اهم آهن. هن دور جي پهريون ڪهاڻين جو مجموعو "سرد آهون" 1942ع ۾ ڇپيو. جنهن ۾ گوبند پنجابيءَ جون ڪهاڻيون آهن. 1943ع ۾ ايم آر مائيداساڻي جو مجموعو "مائيدا ساڻيءَ جون آکاڻيون" ۽ 1944ع ۾ "ريگستاني ڦول" نالي نوجوان ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين جو مجموعو ڇپيو. ان کان سواءِ "پرهہ ڦٽي" 1945ع ۾ "مرڪندڙ مکڙيون"، "ڦڙڪ"، "سفيد وحشي"، "سنڌي ڪهاڻيون"، "اِسان جي سنڌ"، "سوشلسٽ پاڪستان"، "آگسٽ انقلاب"، "اڳتي قدم"، "نئين دنيا"، ۽ حيدرآباد جي رسالي "قليلي" ۽ ٻين اخبارن ۽ رسالن ۾ پڻ ڪافي ڪهاڻيون ڇپيون. هن سڄي دور ۾ ترقي پسند اديبن، افساني ۾ سماجي حقيقت نگاريءَ جي رجحان جي نمائندگي ڪندڙ ادب تخليق ڪيو. هن ئي دور ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران 1945ع ۾ جاري ٿيل ٽماهي رسالي "مهراڻ" جي پرچي ۾ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جو خط ڇپيو جنهن ۾ هن هڪ ادبي تنظيم "ادبي سنگت" جي نالي سان قائم ڪرڻ جي تجويز ڏني. "سنڌي ادبي سنگت" جي اڳوڻي سيڪريٽري جنرل مرحوم رشيد ڀٽي، پنهنجي مضمون "سنگت جا 23 سال" ۾ لکي ٿو تہ "سنڌي ادبي سنگت" جي پيڙهہ تڏهن پئي، جڏهن هندو پاڪ اُپ کنڊ ۾ هڪ پاسي انگريز سامراج جي خلاف هلچل زورن تي هئي، تہ ٻئي پاسي نوان اقتصادي نظريا دنيا جي گهڻي حصي ۾ ڏتڙيل، ڦريل ۽ لٽيل عوام جا ڀاڳ ڀلائي چڪا هئا. اهي ٻئي عمل ٿي وقت جي ادبي لاڙن ۽ قدرن تي ڪم ڪري رهيا هئا.

اڳتي هلي 1946ع ڌاري ڏي جي سائنس ڪاليج ۾ پروفيسر ڪربخشاڻيءَ جي

نگرانيءَ ۾ ”سنڌي ادبي سرڪل، قائم ڪيو ويو جنهن جي ناهڻ ۾ نارائڻ شيام، شيخ اياز عبدالرزاق راز، روشن آرا مغل، ارجن حاسد ۽ سندري اتمچنداڻي جا نالا اهم آهن. ان کان سواءِ هن دور ۾ ڪراچيءَ جي ڪچهري روڊ تي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي آفيس ۾ پڻ گڏجاڻيون ٿينديون هيون. مطلب تہ هن عرصي ۾ سنڌي ادبي سنگت جو وجود پيو جنهن جا اثر بہ ادب تي پيا. هن تنظيم ترقي پسند ڪهاڻيءَ کي اڳتي وڌائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. ترقي پسند ڪهاڻي پنهنجي اوج تي پهتي تہ 1947ع جو ورهاڱو عمل ۾ آيو ۽ سنڌي ادب ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو ۽ ان جو وجود خطري ۾ پئجي ويو. ورهاڱيءَ کان پوءِ ڪجهہ عرصي کان پوءِ وري زور شور سان سنڌي ڪهاڻيون لکجڻ لڳيون ۽ جمود ٽٽو ترقي پسند ادب جي تحريڪ وري شروع ٿي ۽ ان پنهنجا اثر ڪهاڻيءَ تي ڇڏيا.

سنڌي ادب ۾ ورهاڱي بعد سماجي حقيقت نگاريءَ جو رجحان ڀرپور ۽ منظم شڪل ۾ جمال ابڙي جي ڪهاڻين ۾ ملي ٿو. جمال ابڙي پنهنجن ڪهاڻين ۾ نہ رڳو سماجي حقيقتن جو عڪس چٽيو پر هن ساڳئي وقت سماجي مسئلن جي حل ڏانهن اشارا بہ ڏنا. ان کان سواءِ شيخ اياز، غلام ربانيءَ، اياز قادريءَ، حفيظ شيخ، ع. ق شيخ، محمد عثمان ڏيپلائيءَ، علي احمد بروهيءَ، نجم عباسي، رشيد ڀٽيءَ، بشير موريانيءَ، بيگم زينت چنا، ثميره زرين، سراج ميمڻ ۽ ٻين ڪهاڻيڪارن پڻ ترقي پسند ادب لکيو. جنهن ۾ معاشري جي حقيقتن جي عڪاسي ڪئي وئي ۽ هن دور جي سماجي، اقتصادي ۽ سياسي حقيقتن کي پنهنجن افسانن ۾ ڀرپور نموني پيش ڪيو. 1954ع ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين تي وقت جي حڪمرانن بندش وڌي. ان کان پوءِ 1956ع ۾ ”سنڌي ادبي سنگت“ جو پهريون مرڪزي ڪنوينشن ٿيو جنهن سان سنگت ۾ نئون جوش پيدا ٿيو ۽ سڄي سنڌ ۾ ادبي ڪلاس شروع ٿي ويا. هن دور ۾ سنڌي ادبي سنگت جي ڪلاسن سنڌي افسانوي ادب جي سٺي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي، ۽ زندگيءَ جي مثبت ۽ ترقي پسند قدرن جي نمائندگي ڪئي. ون يونٽ ٺهڻ کان پوءِ سنڌي ادب ۾ قوميت جو رجحان ڀرپور نموني داخل ٿيو. ان ڳالهہ تي زور ڏنو ويو تہ سنڌي ادب کي قومي هلچل جو ساٿ ڏيڻ گهرجي. ون يونٽ ٽٽڻ کان پوءِ جديديت جا ادبي لاڙا ۽ تحريڪون بہ سنڌي ادب ۾ شامل ٿيون.

مجموعي طرح هن دور ۾ نظرياتي رجحان قومي، سماجي ۽ طبقاتي رهيا آهن. ڪجهہ ڪهاڻين ۾ رومانيت ۽ وجوديت جي پڻ هلڪي لهر ملي ٿي. ڪجهہ فئينٽيسيون پڻ لکيون ويون. ان کان سواءِ ڪهاڻين ۾ مقاميت نگاري، نفسياتي عنصر، رومانس ۽ جنسي مسئلن جي اپٽار بہ ملي ٿي، پر هن پوري دور ۾ خاص طور تي پنجاهہ واري ڏهاڪي ۾ سماجي حقيقت نگاريءَ جو رجحان سگهارو نظر اچي ٿو. جمال ابڙي جي ڪهاڻين ۾ بہ اسان کي سماجوادي تخليقي نگاريءَ جو ڀرپور رجحان ۽ لاڙو نظر اچي ٿو.

## جمال ابڙي جي دور جي ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻي

ننڍي ڪنڊ جي ورهاڱي کان اڳ ۾ ئي سنڌي ڪهاڻي ترقي پسند دور ۾ داخل ٿي چڪي هئي. هن دور ۾ ڪيترائي ڪهاڻيڪار پيدا ٿيا, جن زندگيءَ جي مختلف موضوعن تي ڪهاڻيون لکيون. انهن موضوعن ۾ انقلاب, آزادي, قوميت, طبقاتي ڏاڍ ۽ انساني برابريءَ جهڙا موضوع اهم هئا. ڪهاڻيءَ جي مواد توڙي گهاڙيٽي ۾ ڪافي تبديليون اچي چڪيون هيون, پر تنهن هوندي به ورهاڱي کان اڳ وارين ڪهاڻين ۾ اسان کي ڪيترين ئي فني ڪوتاهين محسوس ٿين ٿيون. اهي ڪهاڻيون پڙهڻ کان پوءِ لڳي ٿو ته اسان جا ان دور جا ڪيترائي ڪهاڻيڪار وقت جي حالتن جي وهڪري ۾ لڙهي ويا ۽ هنن پرچار ۽ نعريبازيءَ کي فني حسن کان وڌيڪ اهميت ڏني. اهي ان حقيقت سمجهڻ کان قاصر رهيا ته ڪنهن به موضوع کي ڪاميابيءَ سان نڀائڻ لاءِ فن تي ڌيان ڏيڻ به اوترو ئي ضروري آهي جيترو ان جو مقصد تي. فن ۽ مقصد جي وچ ۾ خوبصورت توازن نه رهڻ ڪري, ڪهاڻيءَ ۾ ڪلا گهٽ ۽ پرچار وڌيڪ ٿيڻ لڳو ان ڪري ورهاڱي کان اڳ ۾ مقدار توڙي معيار جي حوالي سان ايتريون شاهڪار ڪهاڻيون نه ٿيون ملن. ڪجهه آڱرين تي ڳڻڻ جيتريون ڪهاڻيون ضرور ملن ٿيون, جيڪي فن ۽ فڪر جي لحاظ کان بلند درجي جون آهن. جڏهن ته ان ئي دور ۾ عالمي ادب ۾ مختصر ڪهاڻي پنهنجي عروج تي هئي ۽ ننڍي ڪنڊ جي ڪيترين ئي زبانن ۾ پڻ شاهڪار افسانا تخليق ٿي چڪا هئا. حقيقت ۾ ورهاڱي کان اڳ وارو دور سنڌي ڪهاڻيءَ جي ارتقا جو دور رهيو آهي. هن ئي دور ۾ سنڌي ڪهاڻي ڪجهه وڌي ويجهي آهي ۽ ان فني طرح پختگي پڻ حاصل ڪرڻ شروع ڪئي. ورهاڱي تائين جن ڪهاڻيڪارن سنڌي زبان ۾ ڪهاڻيءَ کي اوج تي رسايو تن ۾ آسانند مامتورا, نادر بيگ مرزا, لعل هنڱوراڻي, چينمل پرسرام, عثمان علي انصاري, گوبند مالهي, گوبند پنجابي, ڪيرت ٻاٻاڻي, ڪرشن کٽواڻي, سوڀو گيانچنداڻي, شيخ اياز, شيخ عبدالستار, آنند گولاڻي ۽ ٻيا ڪيترائي ڪهاڻيڪار شامل آهن.

سنڌي ڪهاڻيءَ اڃا پنهنجي حقيقي شڪل اختيار ڪرڻ مس شروع ڪئي ته مٿان وري ورهاڱي جهڙو تاريخي حادثو پيش آيو جنهن ڪري سنڌي ادب ۽ ڪهاڻيءَ کي ڪاپاري ڌڪ رسيو. هندو جيئن ته مسلمانن کان تعليم ۾ وڌيڪ اڳڀرا هئا, ان ڪري انهن جو سماجي ڪمن توڙي علمي, ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ اڳواڻيءَ وارو ڪردار هو. هنن جي هندستان ڏانهن لڏپلاڻ جي ڪري سنڌي ادب جڻ ته ڇورو ڇنو ٿي ويو. ڪيترائي هندو ڪهاڻيڪار, اديب ۽ شاعر هندستان هليا ويا. ادبي رسالا ۽ مخزنون بند ٿي ويون. اشاعتي ادارا نه جي برابر رهيا. ائين لڳي رهيو هو ڄڻ ورهاڱي کان اڳ سنڌي ڪهاڻي ۽ ادب جو جيڪو ٻوٽو اُسريو هو سو جلد ئي مرجهائجي, سڙي ۽ سڪي ويندو. سنڌ ۾ 1947ع کان 1950ع تائين

ادب جي ٻين صنفن جيان سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ تي پڻ حالتن جي ڪري سخت ماٺار ڇانيل رهي. توڙي جو ان عرصي ۾ ڪجهہ مسلمان ڪهاڻيڪارن ڪهاڻيون بہ لکيون، پر اهي مقداري طرح بنهہ گهٽ هيون. 1950ع کان پوءِ ڪجهہ ڪهاڻيڪارن پنهنجن ڀرپور توانائين ۽ صلاحيتن سان ڪهاڻيءَ کي جمود واريءَ حالت مان ڪيڻ لاءِ ڪوششون شروع ڪري ڏنيون. ڪيترائي ڪتابي سلسلا، رسالا ۽ مخزنون، شايع ٿيڻ لڳيون. "نئين زندگي" هن عرصي ۾ نڪرڻ شروع ٿيو جنهن وري افساني جي اوسر ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. ائين ئي 1950ع جي ڏهاڪي ۾ ڪافي ڪهاڻيڪار اڀري آيا، جن سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ساهہ وڌو ۽ جمود کي ٽوڙيندي ورهاڱي کان اڳ واري سنڌي ڪهاڻيءَ جي تسلسل کي برقرار رکڻ ۾ ڪامياب ويا. انهن ڪهاڻيڪارن ۾ شيخ اياز جمال ابڙو ع ق شيخ، غلام رباني، اياز قادري، حفيظ شيخ، بشير مورياڻي، محمد عثمان ڏيپلائي، سوڀو گيانچنداڻي، بيگم زينت چنا، عبدالرزاق راز سراج الحق ميمڻ، رشيد ڀٽي، نجم عباسي، محمد ابراهيم جويو غلام علي الانا، علي احمد بروهي، ابن حيات پنهور ڪروڙ پتي، ثميره زرين، ثريا ياسمين، ممتاز مرزا، جميلا نرگس ۽ ٻيا شامل آهن. هن دور جي ڪهاڻيڪارن هر موضوع تي ڪهاڻيون لکيون آهن. طبقاتي سماج ۽ اقتصادي ڦرلٽ، لڏ پلاڻ جا مونجهارا، فرقيواريت ۽ مذهب جو غلط استعمال، عورتن تي ظلم، غربت، جهالت، پيار ۽ محبت، قومي جاڳرتا، سنڌي زبان ۽ ثقافت جا مسئلا ۽ ٻيا اقتصادي، سياسي ۽ سماجي مامرا هن دور جي ڪهاڻيڪارن جا موضوع بڻيا. وقت بدلجڻ جي ڪري ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين جا ڪردار بدليا، ماحول بدليو اسلوب ۽ ٻولي تبديل ٿي ۽ موضوع ۾ پڻ نواڻ آئي.

هن دور جي افسانن جي موضوعن جي باري ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو تہ: "هن دور جي افسانن ۾ ڪڏهن ڪڏهن، زميداري ظلم تہ ڪڏهن سرمائيداري ۽ جاگيردار نظام جي خلاف ڪات ڪهاڙا کنيا ويا آهن. تہ ڪڏهن وري غريبن جي آهُن ۽ دانهن جو نقشو چٽيو ويو آهي. وڏي ڳالهہ هيءَ تہ هن دور جي افسانن ۾ سنڌي ماحول ۽ سنڌي زندگيءَ جي جهلڪ گهڻي قدر نظر اچي ٿي، جن جي مطالعي سان هِن خطي جي اهم خصوصيت ۽ ان فطري، سياسي، تاريخي، قومي، سماجي ۽ اقتصادي لاڙن جو پتو پوي ٿو. ان ڪانسواءِ فني نقط نگاهہ کان بہ موجوده دور جو افسانو وڏيڪ ڪامياب ثابت ٿيو آهي.

(ڪتاب: "چونڊ سنڌي افسانا مرتب: ڊاڪٽر غلام علي الانا صفحہ "ح")

هن دور جي ليکڪائن پنهنجي ڪهاڻين ۾ جن موضوعن کي ڪنيو آهي، تن جي باري ۾ ممتاز مهر روشني وجهندي لکي ٿو تہ "سنڌي ليکڪائن پنهنجي ڪهاڻين ۾ جن بنيادي موضوعن کي کنيو آهي، سي هي آهن: (1) سنڌ جي روايت پرست جاگيردارانہ سماج ۾ عورت جي بغاوت، (2) ڪوٺن ۾ بند اڻ پڙهيل عورتن

جي حالت زار (3) تنل پيار ۽ ناڪام شاديون ۽ (4) طبقاتي ۽ ذات پات جا ويڇا.
(10 ڪتاب: "سنڌ ۾ سنڌي ڪهاڻي جي اوسر, ليکڪ: ممتاز مهر, صفحہ 49)

"انهي دور ۾ سنڌي ادب ۾ هڪڙو ڪردار پيدا ٿيو جنهن کي " شريف بدمعاش" "Gentle Rauge" سڏيو ويندو آهي, ۽ جيڪو اياز قادريءَ جي بلودادا, رباني‌ءَ جي شيدو ڌاڙيل, جمال ابڙي جي بدمعاش ۽ پشو پاشا جي جدا جدا روپن ۾ ظاهر ٿيو. (11 – نئين زندگي, ڪراچي, جنوري 1968ع صفحو 35)

هن دور جي ڪهاڻيڪارن جا ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ مرڪزي ڪردار, موضوع توڙي انهن جي فني ادائيگي ۽ پيشڪش پڻ تقريبن ساڳي رهي آهي ۽ اُهي هڪ ٻئي کان بہ متاثر ٿيا آهن. طارق اشرف ان ڳالهہ کي هيئنئين‌ءَ ريت بيان ڪيو آهي:

"پر 1947ع کان 1960ع تائين ڪهاڻين کي ڏسبو تہ گهڻين ڪهاڻين جا موضوع ساڳيا ملندا, مثال طور: جمال جي "پشو پاشا", ربانيءَ جي "شيدو ڌاڙيل", اياز قادري جي, "بلودادا" يا بيگم زينت چنا جي ڪهاڻي "مني" ۽ بشير موريائيءَ جي ڪهاڻي "ڇهڙيءَ" جو مرڪزي خيال ذري گهٽ هڪجهڙو آهي. نہ فقط اهو بلڪ ساڳين عنوانن تي ٽن ٽن ڪهاڻيڪارن, ڪهاڻيون لکيون آهن. ڪهاڻيون گهٽي پاڳي, بک, بيروزگاري, مظلوم هاري, ظالم وڏيري ۽ محبت جي ناڪامين تي لکيل آهن. ڏٺو وڃي تہ اهي مختلف ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون پڙهبيون تہ اهي هڪ جهڙيون نظر اينديون. هاري ۽ وڏيرو يا ڌاڙيل, سيئي ڪهاڻيون هڪ ٻئي کان متاثر ٿي لکيل محسوس ٿين ٿيون. جيتوڻيڪ رشيد ڀٽيءَ جي "بڻ", بشير موريائيءَ جي "ڇهڙي" ۽ "ٺڪري", سراج جي "ڀٽي", بيگم زينت چنا جي "مني", اياز قادريءَ جي "بلو دادا" ۽ "فرشتو" ربانيءَ جي "نئون مڙدو", "الا جهري م شال", "آب حيات", ثميره جي "وطن", نجم عباسيءَ جي "دعا" ۽ "تاڙيون" ۽ ٻين ڪيترن ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون سنڌيءَ جون بهترين ڪهاڻيون آهن, پر انهيءَ پوري دور ۾ جمال ابڙو سڀني کان مٿي بيٺل نظر اچي ٿو. "
(12 – ڪتاب: 30 سالن جون چونڊ ڪهاڻيون "پاڪو سميڙيندڙ: طارق اشرف صفحو 22 – 21)

1950ع جي ڏهاڪي ۾ لکيل ڪهاڻين تي مجموعي طرح طارق اشرف جي ڏنل راءِ ڏاڍي وزندار آهي, جنهن ۾ هن جمال ابڙي کي سڀني همعصر ڪهاڻيڪارن کان مٿي بيهاريو آهي. هونئن بہ جمال ابڙو ئي هن دور جو سڀني کان منفرد ۽ اهم ڪهاڻيڪار آهي. هن جي "مختصر ڪهاڻيءَ" جي فن تي ايندڙ بابن ۾ ڇنڊڇاڻ ڪئي ويندي, ڇاڪاڻ تہ هن تحقيق جو اهم مقصد جمال جي افسانہ نويسيءَ جي فن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ آهي. جيئن تہ جمال ابڙي جون اڪثر لکيل ڪهاڻيون پنجاهہ جي ڏهاڪي جون آهن. پنجاهہ جي ڏهاڪي ۾ جمال ابڙي کان سواءِ ٻيا ڪيترائي ڪهاڻيڪار اچي وڃن ٿا, انهن سڀني جي فن جي پرک هنن صفحن ۾



Gul Hayat Institute

ممڪن ڪانهي. هن دور ۾ اهڙا ڪهاڻيڪار بہ اچي وڃن ٿا، جن لکڻ تہ هن دور ۾ شروع ڪيو سندن هڪ اڌ ڪهاڻيءَ بہ ڇپي، پر انهن جي سڃاڻپ سٺ جي ڏهاڪي ۾ ٿي. ٻيا اهڙا ڪهاڻيڪار بہ اچي وڃن ٿا، جن مقداري طرح تہ گهڻيون ڪهاڻيون تخليق ڪيون، پر اهي پنهنجي دور تي ڪي بہ گهرا اثر ڇڏي نہ سگهيا. هن دور جي اڪثر ڪهاڻيڪارن جو هوڻن بہ متئين مجموعي بحث ۾ ذڪر اچي چڪو آهي، ان ڪري هتي وڌيڪ انهن ڪهاڻيڪارن جي فن جي مختصر جائزي وٺڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي، جيڪي هن دور جي سڃاڻپ آهن ۽ جن جي ڪهاڻين پنهنجي دور جي ادب تي گهرا اثر ڇڏيا آهن، جن ڪهاڻيڪارن ڪهاڻيءَ جي اوسر ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ افساني جي فن کي ترقي وٺرائي آهي. ڪهاڻيءَ جي فن ۾ هنن جي نون تجربن، ٻين ڪهاڻيڪارن کي نيون واٽون ۽ رستا ڏيکاريا آهن.

هن دور جي اهڙن ڪهاڻيڪارن منجهان شيخ اياز، غلام رباني، اياز قادري ۽ حفيظ شيخ جا نالا نهايت اهم آهن. هنن ڪهاڻيڪارن جمال ابڙي سان گڏ سنڌي ڪهاڻيءَ جي بينل پاڻيءَ ۾ پٿر اڇليو ۽ سنڌي ڪهاڻيءَ کي جديد عالمي معيارن تي رسائڻ جي ڪشش ڪئي. شيخ اياز توڙي جو ورهاڱي کان اڳ ڪهاڻيون لکيون، پر پوءِ بہ سندس ڪهاڻين ۾ وڌيڪ فني پختگي ۽ ادبي سڃاڻپ هن دور ۾ ئي ٿي آهي، ان ڪري انهيءَ کي شامل ڪرڻ ضروري سمجهيو ويو آهي. هيٺ هنن ڪهاڻيڪارن جي افسانوي فن جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

شيخ اياز: هي موجوده دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جو تمام وڏو شاعر آهي ۽ سندس شاعريءَ جا ڪيترائي مجموعا ۽ ٻيا نثر جا ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. هو وڏو شاعر هجڻ سان گڏو گڏ وڏو ڪهاڻيڪار بہ آهي. سندس ڪهاڻين جا بہ مجموعا هڪ، "سفيد وحشي" ورهاڱي کان اڳ ۾ ٻيو "پنهل کان پوءِ" ورهاڱي کان پوءِ شايع ٿيو. توڙي جو شيخ اياز موجوده دور ۾ ڪهاڻيون نہ لکيون آهن، پر افسانوي ادب ۾ سندس شروعاتي ڪهاڻيون سنگ ميل جي حيثيت رکن ٿيون ۽ فني شاهڪار آهن. شيخ اياز ئي سنڌي ڪهاڻي جي پيڙهہ جو پٿر رکيو. هن جي شاعريءَ ڏانهن وڌيڪ لاڙي رکڻ ڪري سندس افسانوي پهلو جهڪو ٿي ويو. جمال ابڙي چواڻي، موجوده سنڌي افساني جو باني شيخ اياز آهي. هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيون آهن، جن ۾ سفيد وحشي، ڪارو رنگ، شرابي، رولو، نظيران، رفيق، ڪلٽي، مسافر مڪراني، چار ايڪڙ ٻني، پنهل کان پوءِ، ڳجهہ، نوران، جي تند برابر توريان ۽ ٻيون شامل آهن. هن هر موضوع تي ڪهاڻيون لکيون آهن. سندس موضوعن ۾ رنگيني آهي ۽ انهن ۾ يڪسانيت يا هڪجهڙائي نہ آهي، توڙي جو اهي ساڳئي سماج مان کنيل آهن. "سفيد وحشي" سندس بهترين ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هن نيويءَ جي بغاوت جي پس منظر ۾ ملاحن جي زندگيءَ جو عڪس چٽيندي، انگريزن خلاف

ڏڪار جو جذبو پيدا ڪيو آهي. ”ڪارو رنگ“ ۽ ”شرابي“ سندس ٻه اهم ڪهاڻيون آهن، جن ۾ هن انساني نفسيات جي پيچيدگين جو سٺي نموني ڇيد ڪيو آهي. ڪارو رنگ ۾ انساني سيرت ۽ ڪردار کي وڏيڪ اهميت ڏني وئي آهي، جڏهن ته ”شرابي“ ۾ انساني عظمت کي اجاگر ڪيو ويو آهي. ”رفيق“، مزدورن جي اتحاد تي، ”مسافر مڪراني“، پيار جي فطرت تي، ”نظيران“ عورت جي مظلوميت جي داستان تي، ”ڳچهه“، هندو مسلم فسادن تي، ”رولو“، وطن دوستيءَ جي جذبي تي، ”چار ايڪڙ ٻني“ سنڌي هاريءَ جي ڏتڙيل زندگيءَ تي، ۽ ”جي تند برابر توريان“، هڪ سنڌي شاعر جي زندگيءَ تي لکيل ڪهاڻيون آهن.

شيخ اياز جي ڪهاڻين جا ڪردار غير معمولي ۽ تخليقي به آهن ته وري عام زندگيءَ مان به کنيل آهن. هن نج سنڌي ماحول ۾ پلجندڙ ڪردارن جي عڪاسي ڪئي آهي، جن ڪردارن کي ڪهاڻين ۾ مقامي پس منظر ۾ نهايت گهرائيءَ سان پيش ڪيو ويو آهي. ڪهاڻين ۾ ڪردارن جي سٺي نموني نفسياتي ڇنڊ ڇاڻ ٿيل آهي. ڪهاڻين ۾ ڪٿي ڪٿي واقعا هترادو ۽ غير حقيقي لڳن ٿا، جيڪي ڪهاڻيءَ ۾ خاص مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ زوريءَ ڏنا ويا آهن. تنهن هوندي به خوبصورت ۽ نيٽ سنڌي ٻولي استعمال ڪرڻ ڪري، ڪهاڻيون پنهنجو اثر ڇڏين ٿيون. شيخ اياز جي ڪهاڻين کي ڪٿي ڪٿي نظرياتي پرچار ۽ پروپيگنڊا جو عنصر پڻ ڪمزور بنائي ٿو. هن جي ڪهاڻين جو اسلوب ۽ زبان خوبصورت ۽ رسيلي هجڻ جي باوجود ڪهاڻين تي شعريت ۽ رومان ڇانيل آهي. ڪٿي ڪردار ڳالهائڻ بند ٿا ڪن ۽ اهي گونگا تي وڃن ٿا ۽ فلسفي ۽ شاعر اياز ڳالهائڻ لڳي ٿو. تنهن هوندي به اياز جي ڪهاڻين جي منفرد اسٽائل، حقيقت نگاريءَ جي رنگ ۽ خوبصورت ٻوليءَ ۾ مقامي پس منظر ۾ ڪردار پيش ڪرڻ جي ڪري، سنڌي ادب ۾ نهايت اهم جڳهه والارين ٿيون. سنڌي زبان جي پس منظر ۾ ڪردار پيش ڪرڻ جي ڪري، سنڌي ادب ۾ نهايت اهم جڳهه والارين ٿيون. سنڌي زبان جي مشهور ڪهاڻيڪار آغا سليم، اياز جي ڪهاڻين تي راءِ ڏيندي لکيو آهي ته، ”اياز جي ڪهاڻين نئين نسل کي ڏاڍو متاثر ڪيو. سندس مخصوص ۽ منفرد اسٽائل، حقيقت نگاري، سنڌ جي پس منظر ۾ زندگيءَ جي ساهه کڻندڙ جيئرن جاڳندڙن سنڌي ڪردارن پڙهندڙن کي ڏاڍو متاثر ڪيو ۽ نون لکڻ وارن کي راهه ڏيکاري. سندس ڪهاڻيون ”نوران“، ”ڪلٽي“، ”ڪارو رنگ“ ۽ هندو مسلم فسادن جي موضوع تي لکيل ڪهاڻي ”ڳچهه“، اڄ به سنڌي ادب ۾ اوچو مقام والارن ٿيون.

(13 – نئين زندگي، ڪراچي، جنوري 1968ع صفحو 34)

اياز جي ڪهاڻين تي ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته،

”شيخ اياز نئين زندگي ۽ ڍنگ جو مالڪ آهي. هن جي افسانن ۾ مقامي ماحول ۽ مقامي زندگيءَ جي جهلڪ نظر اچي ٿي. شيخ اياز جي افسانن ڄا سورما

۽ سورميون سنڌي ماحول جا آهن، جنهن ڪري سندس افسانا سنڌي ادب ۾ هڪ خاص درجو رکن ٿا.

(14 — ڪتاب: "چونڊ سنڌي افسانا مرتب: ڊاڪٽر غلام علي الانا، صفحوي)

غلام رباني: ورهاڱي کان پوءِ سنڌي زبان ۾ جيڪي پلوڙ ڪهاڻيڪار اڀري وچن ٿا، تن ۾ غلام ربانيءَ جو نالو نهايت اهم آهي. هي پنهنجي همعصر ڪهاڻيڪارن جي ڀيٽ ۾ منفرد خاصيتن جو مالڪ آهي. سندس الڳ سڃاڻپ آهي. هن جي لکڻ جو پنهنجو اسٽائيل آهي. هن جي ڪهاڻين جا به مجموعا "آب حيات" ۽ "افسانا" ڇپجي چڪا آهن. غلام ربانيءَ جي ڪهاڻين ۾ خاص طور تي ٻهراڙيءَ جي جيوت جي عڪاسي ٿيل آهي. هن پنهنجين ڪهاڻين ۾ نج سنڌي ماحول کي چٽيو آهي. سند س ڪهاڻين ۾ منظر نگاري، ٻوليءَ جي ادائيگي ۽ لب ولهجو ماحول جي مناسبت سان ملي ٿو. ڳوٺن جي زندگيءَ ۽ ڪردارن جو ڳوٺاڻو لهجو مناسب سنڌي لفظن جي چونڊ، اصلاحي ۽ پهاڪن واري زبان، ۽ خوبصورت اسلوب بيان، هن جي ڪهاڻين جون خاص خصوصيتون آهن. هن جي ڪهاڻين جا ڪردار تمام گهڻو عذاب ڀوڳين ٿا. سندس اڪثر ڪردار، جاگيرداريءَ ۽ وڏيرا شاهيءَ جي نظام جا سٽيل آهن. ڪردار پنهنجي مظلوميت جون دانهون ڪندا رهن ٿا ۽ شڪستون کائيندا رهن ٿا، انهن ۾ اها جان نه آهي، جيڪا هٿڻ ڪپي، نه ڪي اهڙي ڪا منظم جدوجهد ڪن ٿا، جيڪا اجتماعي سطح تي هلي ڪاميابيءَ ڏانهن وڌي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا "چونڊ سنڌي افسانا" جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته، "غلام رباني جو به چڱن افسانه نگارن ۾ شمار ٿئي ٿو. هن جي افساني ۾ ڳوٺاڻي زندگيءَ جو عڪس گهڻو پيش ڪيل آهي. هن جي افسانن جو مقصد وڏيرا شاهي خلاف نفرت پڙڪائڻ آهي، منظر نگاري، موزون لفظن جو انتخاب. هن جي افسانن جي خاص خوبي آهي.

(15 — ڪتاب: "چونڊ سنڌي افسانا مرتب: ڊاڪٽر الانا، صفحو ڪ)

غلام ربانيءَ جون ڪهاڻيون پڙهندي، داستان گوئيءَ ۽ قصه گوئيءَ وارو انداز محسوس ٿئي ٿو. حالانڪ، ڪهاڻيون قصي يا داستان جيڏيون طويل يا ماورائي نه آهن، پر ٻوليءَ ۽ انداز بيان مان ائين لڳي ٿو. غلام ربانيءَ ڪيتريون ئي ڪهاڻيون لکيون آهن. سندس ڪهاڻي "آب حيات" سنڌيءَ جي هڪ ڪامياب فئنٽسي آهي. سنڌس ڪهاڻيون، "پيار جي پري" ۽ "جي مان پل هجان ها" پڻ فئنٽسيءَ جي انداز ۾ لکيل آهن. اهي پڙهندڙ کي موهي وجهن ٿيون ۽ انساني عظمت کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون.

ربانيءَ جون ٻيون اهم ڪهاڻيون "هونداسي حيات"، ۽ "بري هن ڀنيور ۾" آهن. پهرين ڪهاڻيءَ ۾ جاگيرادريءَ خلاف بغاوت جو منظر ڏيکاريو ويو آهي.

ڪهاڻيءَ ۾ هر ڳالهه بيانيه انداز ۾ ڏني وئي آهي. ڪهاڻيءَ جي ڊيگهه پڙهندڙ کي ٿڪائي وجهي ٿي. ڪهاڻيءَ ۾ اهڙا شديد واقعا به نه ڏنا ويا آهن، جن جي ڪري وڏيري سان نفرت جاڳي ۽ مظلوم گلڻ ۽ ٻين هارين جو شديد رد عمل وڌاءُ نه لڳي ۽ مظلوم ڪردار جي ڦاهيءَ چڙهڻ تي عوام ۾ هلچل جنم وٺي. ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي نيڪ آهي. پر ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن جي چرپر مڪينيڪل آهي، البت ٻولي منظر ۾ لکيل آهي، ڪهاڻيءَ ۾ ٻوڏ جي ماحول کي خوبصورتيءَ سان بيان ڪيو ويو آهي، پر ڪهاڻي ۾ ڪردارن کي زوريءَ ٻوڏ جو شڪار ڪيو ويو آهي ۽ کين بيوس ڏيکاريو ويو آهي.

غلام رباني جي مشهور ڪهاڻي "شيدو ڌاڙيل" آهي. اسان جي سماج ۾ ماضيءَ ۾ اهڙا ڪردار اڀريا آهن، جيڪي سماجي جبر جي ڪري ٻي واهه نه ڏسي "ڌاڙيل" ٿيا آهن. ليڪڪ ڌاڙيل کي ظالم نه، اصل ۾ وڏيرا شاهيءَ کي ظالم ڏيکاري ٿو جيڪا ڌاڙيلن کي جنم ڏئي ٿي ۽ انهن کي استعمال ڪري ماراڻي ڇڏي ٿي.

شيدو ڌاڙيل تي رسول بخش پليجي جي راءِ آهي ته،

"شيدو ڌاڙيل جو مرڪزي ڪردار (خيال) نهايت وڻندڙ آهي، واقعات توڙي ڪردار نگاريءَ ۾ تمام سادگي ۽ سچائي آهي. ايتري قدر جو پلاٽ ۾ حقيقت نگاريءَ جو رنگ پرجي آيو آهي. ان ڪري ٻوليءَ ۽ اسلوب ۾ اصليت پيدا ٿي آهي ۽ ٽيڪنيڪ ۾ فطري حسن اٿلجي آيو آهي. ليڪن ايترين خوبين هئڻ جي باوجود ليکڪ شيدو ڌاڙيل جي ڪردار کي اڀارڻ ۾ بلڪل ناڪام ويو آهي. ان ۾ ڪو به رت ست يا امنگ ۽ جذبو محسوس نه ٿو ٿئي. جن ۾ حالتن سان مقابلو ڪرڻ جي ڪا به قوت نه آهي ۽ هوائن جي زور تي هن جي شخصيت صرف هڪ ڪک پن وانگر محسوس ٿئي ٿي، هيءَ مختصر ڪهاڻي حقيقي رنگ رکندي به اتساهيندڙ نه آهي."

(14 — ڪتاب: آزادي کان پوءِ سنڌي فسانوي ادب جي اوسر ليکڪ: ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي صفحو 84، 85)

غلام ربانيءَ جي ڪجهه ڪهاڻين تي شيخ اياز راءِ ڏيندي لکيو آهي ته، ربانيءَ جون ڪهاڻيون "غريبن جي جهوپڙي"، "پن ٻوڙين پاتال ۾"، "هونداسي حيات"، "شيدو ڌاڙيل" ۽ "بري هن پنهور ۾" ۾ ٻوليءَ، ڪهاڻيءَ جي اوسر ۽ پڇاڙيءَ، ڀرپور جي عڪاسيءَ، سنڌ جي پيڙيل ۽ ڏتڙيل عوام سان گهري دلچسپيءَ ۽ همدرديءَ سبب سنڌي ادب جو لازوال حصو بڻجي چڪيون آهن. رباني مٿين ڪهاڻين ۾ جو ڪجهه لکيو آهي، سو سنڌ جي مظلوم عوام جي باري ۾ صاف ۽ واضع آهي، ۽ هن جي روح مان اٿين نڪتو آهي جيئن ڪنهن گهري زخم مان خون نڪرندو آهي.

(17 — ڪتاب: "افسانا، ليکڪ: غلام رباني — مصنف بابت: شيخ اياز بئڪ ٽائيٽل)



Gul Hayat Institute

اياز قادري: ڊاڪٽر اياز قادري ورهاڱي کان پوءِ جي اهم افسانہ نگارن منجهان هڪ آهي. هن 1954ع کان ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. سندس ڪهاڻين جو مجموعو "بلودادا" شايع ٿيل آهي. هي سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو پهريون مرڪزي سيڪريٽري رهي چڪو آهي. ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جو چيئرمين ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر جو باني پڻ رهي چڪو آهي. هن پنهنجي ادبي سفر جي شروعات شاعريءَ کان ڪئي ۽ گهڻو پوءِ افسانا لکڻ شروع ڪيائين. هن ڪيترائي افسانا لکيا آهن. پر سندس "بلودادا"، "مان انسان آهيان"، "رشتو"، "ڪفن چور"، "پهروپي"، "پوڪ" ۽ "ليڊر" مشهور افسانا آهن. موهن ڪلپنا جي راءِ آهي تہ منهنجي اڀياس موجب، ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ نئين ڪهاڻيءَ جو باني اياز قادري آهي ۽ ان کان پوءِ هن سان گڏ غلام رباني ۽ جمال ابڙو آهن.

"بلودادا" ۾ اياز قادري شهري ماحول ۾ بظاهر هڪ غنڊي جي ڪردار کي ڏيکاريو آهي، جيڪو پنهنجيءَ سگهہ سان جبر جي قوتن سان مهاڏو اٽڪائي ٿو. هن ڪهاڻيءَ ۾ ظالم قوتن کي ننگو ڪيو ويو آهي، جيڪي انسانيت جي جذبي کان خالي آهن. ساڳئي وقت غريبن، مجبور ۽ بيڪس انسانن جي زندگيءَ جو عڪس بہ ڏيکاريو ويو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ سنئي واقعا نگاري ٿيل آهي. پڻ چيٽن واقعن جي پويان ڪردار جا عمل پڙهندڙن ۾ پنهنجي لاءِ همدرديءَ جو جذبو پيدا ڪن ٿا. اهڙا ڪردار معاشري ۾ موجود رهيا آهن، پر سوچڻ جي ڳالهہ اها آهي تہ ڇا اهڙن انفرادي ڪردارن جي چڱاين رستي معاشري ۾ ڪا اجتماعي تبديلي آڻي سگهجي ٿي؟

ڪجهہ ڪهاڻيڪارن چيو تہ بلو دادا، منٽو جي ڪهاڻي "ممودادا" کان متاثر ٿي لکيل آهي. شيخ حفيظ لکيو آهي تہ جيتوڻيڪ اياز قادريءَ جو افسانو منٽو جي متي بيان ڪيل افساني کان بلڪل مختلف هو پر تنهن هوندي بہ ان ۾ "منٽوئيت پٽي جهلڪيون ڏئي".

"مان انسان آهيان"، هيءَ ڪهاڻي ورهاڱي جي پس منظر ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ هندو – مسلم فسادن جي عڪاسي ڪئي وئي آهي ۽ انهن حالتن جي بهترين انداز ۾ منظر نگاري پڻ ڪئي وئي آهي. ليکڪ "فقير بابا" جو هڪ صوفي ڪردار پيش ڪيو آهي، اهو چئڻ تہ سنڌ جي پر امن سرزمين جو اهڃاڻ آهي. ليکڪ ڏيکاريو آهي تہ ورهاڱي کان اڳ ۾ حالتون ڪيتريون نہ پر امن هيون، انساني قدر حاوي هئا، هڪ ٻئي جي مذهبن ۽ فرقن جو احترام هو پر ورهاڱي وارو عمل ڪيترو نہ اذيتناڪ هو جنهن انسانيت کي چيهون چيهون ڪري ڇڏيو ۽ ورهاڱي جي عمل انساني قدرن کي ڪيڏو نہ نقصان پهچايو تنهن هوندي بہ ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار مذهبي جنونين کان زخم کائڻ کان پوءِ بہ پنهنجي صدين کان مليل ورثي ۽ صوفياڻي روايت ۽ انسانيت واري ڳالهہ تي مرڻ گهڙيءَ تائين قائم

آهي. ليکڪ ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي ڏاڍي پر اثر ڪئي آهي.

اياز قادريءَ جي ٻي اهم ڪهاڻي فرشتو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ مزدورن جي ڏکويل ۽ دردناڪ زندگيءَ کي ڪاميابيءَ سان پيش ڪيو ويو آهي، پر ڪهاڻيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ پڙهندڙ جي ذهن ۾ ڪجهه سوال اڀرن ٿا ته ڇا حالتن جي دٻاءَ کي ٿوهر جي زهر مان پريل شيشي دوا جي ناليءَ ۾ ڏيڻ فطري لڳي ٿو؟ مزدور تي ڪنهن حالتن جو دٻاءُ ۽ غربت پنهنجي جاءِ تي حقيقت آهن.

"ليڊر" ڪهاڻيءَ ۾ نام نهاد اڳواڻن کي وائکو ڪيو ويو آهي.

اياز قادريءَ جي افسانن جي زبان نهايت سولي ۽ سواد واري آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ ڀرپور حسن هجڻ جي ڪري وڏي دلڪشي پيدا ٿئي ٿي. اياز قادريءَ جي مجموعي "بلودادا جي ديباچي ۾ عبدالحليم جوش لکيو آهي ته:

"سنڌ جي موجوده افسانه نگارن ۾ اوهان کي اهڙا ڪي ٿورا ملندا، جن جي افسانن کي فن، زبان ۽ افاديت جي لحاظ کان معياري سڏي سگهجي. انهيءَ ڪري ٿورڙن بلند پايه افسانه نگارن مان اياز قادري پنهنجي علمي سنجيدگيءَ جي لحاظ کان منفرد، موضوع ۽ مواد جي اعتبار کان ممتاز نظر اچي ٿو." ٥

(ڪتاب: بلودادا ليکڪ: اياز قادري، صفحو نمبر 12)

حفيظ شيخ: حفيظ هن دور جو سدا بهار ليکڪ آهي، افسوس آهي جو موت کيس مهلت نه ڏني نه ته هن جو فن اڃا نکري ها. هن ٻارنهن يا ڪجهه وڌيڪ ڪهاڻيون لکيون آهن، سندس ڪهاڻين جو مجموعو "ساگر جي لهرن تي" ڇپجي چڪو آهي. هن پنهنجن ڪهاڻين جا پلاٽ توڙي واقعا يا ڪردار روزمره جي زندگيءَ مان کنيا آهن، هن پنهنجين ڪهاڻين تي پاڻ راءِ ڏيندي لکيو آهي ته:

"منهنجيون آکاڻيون بند ڪمرن ۾ ويهي شراب جا پيگ چاڙهي ڪين لکيون ويونديون آهن ۽ اهي عڪس آءٌ جيئري جاڳندي جندڙيءَ جي رنگن مان چورائيندو آهيان. منهنجي آکاڻين ۾ سرءَ جا وڻ، آلوچي جا درخت، زعفران جا گل ڪين اسرندا آهن. ٻه چار مرڪون، ٿورا لڙڪ اثاثو هوندو اٿن. انهن لڙڪن ۽ مرڪن جا نقش جهٽڻ لاءِ آءٌ ڪيترا ڏينهن ويڳاڻو ٿي گهمندو وتندو آهيان، پوءِ جيڪي پر پوندو اٿم سو ڪنهن ڪنڊڙيءَ ۾ ويهي لکي ڇڏيندو آهيان."

(21 – ڪتاب: ساگر جي لهرن تي ليکڪ: حفيظ شيخ، صفحو 57)

هن جي ڪهاڻين ۾ حقيقت ۽ رومان جو سنگم ملي ٿو. سندس ڪهاڻين لکڻ جو اسلوب پنهنجي دور جي ٻين ڪهاڻيڪارن کان مختلف آهي، جنهن ۾ هن جو پنهنجو مزاج به سمايل آهي. ڪجهه ڪهاڻين جو هو پاڻ ڪردار آهي. مقامي ماحول کي هن خوبصورتيءَ سان چٽيو آهي. سندس ٻولي ايڏي ميناج ڀري ۽ پرڪشش آهي، جو پڙهندڙ ان جي سحر ۾ گم ٿي وڃي ٿو.

هن پنهنجي ڪهاڻين "ساگر جي لهرن تي"، "پن ٻوڙين پاتال ۾" ۽

”مبارڪون“ ۾ عورت تي ٿيندڙ ظلمن جي عڪاسي ڪئي آهي. ۽ عورت جي نپوڙيل ۽ چيپيل احساسن جي عڪاسي ڪئي آهي ”بہ پاڇا“ سندس مشهور ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ هيرو فوج ۾ وڃڻ جي ڪري هيروئن کان وڇڙي وڃي ٿو. پويان هيروئن جي شادي ٿي وڃي ٿي. هو چوٿين پيري ڳوٺ موڪلن تي اچي ٿو ۽ هن کي نل تي پاڻي پريندي ٻارن جي ولر سان ڏسي ٿو تہ کيس سندس پراڻو حسن ياد پوي ٿو. ليکڪ ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ ماءُ جي ٻارن سان گڏ هجڻ تي کين جانورن سان تشبيهہ ڏئي ٿو جنهن سان ڪهاڻي زخمي ٿي پوي ٿي. هن جي ڪهاڻين ۾ ميڻاج سان گڏ بغاوت بہ آهي، جيئن ڪهاڻي ”ساگر جي لهرن تي“ جي عورت حالتن کان تنگ اچي پنهنجي مستقبل جو فيصلو پاڻ ڪري ٿي، حفيظ جي هڪ ٻي مشهور ۽ مڃيل ڪهاڻي آهي ”امان مان اسڪول ڪو نہ ويندس“. هن ڪهاڻيءَ جي حوالي سان حفيظ جي سنڌي ادب ۾ سڃاڻپ آهي. هيءَ ڪهاڻيءَ ماستر جي ٻارن کي ٻي رحمانہ مارڪٽ واري ڪلچر جي خلاف بغاوت جو ڀرپور اظهار آهي، ڇاڪاڻ تہ نہ رڳو مار جي ڪري ٻار جون ذهني صلاحيتون ختم ٿين ٿيون، پر ان جي زندگيءَ بہ ختم ٿي وڃي ٿي. هيءَ اڄ جي نہ، پر شروعاتي مدرسن ۽ مسجد اسڪولن جي ڪهاڻي آهي. ڪهاڻيڪار سڌي سنئين انداز ۽ ٻوليءَ ۾ ٻار جي نفسيات، ڪشمڪش ۽ پيڙا کي بيان ڪيو آهي.

موهن ڪلپنا پنهنجي هڪ مضمون ۾ هن ڪهاڻيءَ کي فن جي لحاظ کان ڪمزور ڪهاڻي سڏيو آهي.

موهن ڪلپنا، حفيظ شيخ جي ڪهاڻين تي راءِ ڏيندي چيو آهي تہ،

”جيئن سوڀو گيانچنداڻي ڪهاڻيون لکندي بہ مضمون نگار لڳي ٿو تيئن حفيظ شيخ بہ ڪهاڻيڪار گهٽ، اخبار نويس وڌيڪ لڳي ٿو. وٽس خبرون ڏيڻ جي ڏات آهي، پر ڪهاڻيءَ کان بنھ اوپرو ٿو لڳي.

(22— ڪتاب: سنگت پبليڪيشن ڪهاڻي نمبر مرتب: ادل سومرو صفحو 62)

”فقير رمندا رهيا“، ”تواتو“ ۽ ”هز ماسترس وائيس“ پڻ حفيظ جون چڱيون ڪهاڻيون آهن، جن ۾ انسان جي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن جي عڪاسي ڪئي وئي آهي. حفيظ شيخ جي ڪهاڻين تي ممتاز مهر جي راءِ آهي تہ:

”انهي دور جو ٻيو هڪ قابل قدر ڪهاڻيڪار شيخ حفيظ مرحوم هو جنهن پڻ جمال ابڙي وانگر ٿوريون ڪهاڻيون لکيون. جيڪي گهڻي ڀاڱي شهري جيوت (هيٺين — وچولي ۽ پورهيت طبقي) جي عڪاسي ڪندڙ آهن.

شيخ حفيظ جي ڪهاڻين جو انداز بيان نرم ۽ ڪردارن جو ورتاءُ فطري نظر ايندو ۽ ٻولي عام رواجي — حفيظ جي ڪهاڻين ۾ نفسياتي عنصر پختو نظر ايندو.“

(23— ڪتاب: سنڌ ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر، ليکڪ، ممتاز مهر، صفحو 15 — 14)

Gul Hayat Institute

## جمال ابڙوءِ سندس مختصر ڪهاڻي

جمال ابڙو سنڌ جي اهم افسانه نگارن منجهان هڪ آهي. هن جي ڪهاڻين جو مجموعو "پشو پاشا" زندگي پبليڪشن پاران 1959ع ۾ حميد سنڌيءَ ڇپايو هو ٻيو ڇاپو "بدمعاش" جي نالي ۾ 1972ع ۾ طارق اشرف ڇپايو. هن ڇاپي جون سيئي ڪاپيون هڪ ئي ڏينهن ۾ ختم ٿي ويون. ٽيون ڇاپو 1976ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ پاران اياز قادريءَ ڇپايو. چوٿون ڇاپو "جمال ابڙو ڪهاڻيون – مضمون – شخصيت" سنڌ ڪلچر ڊپارٽمينٽ پاران 1992ع ۾ ڇپايو ويو آهي، جنهن ۾ جمال ابڙي جون چار وڌيڪ ڪهاڻيون، مضمون ۽ مهاڳ ۽ ڪجهه سندس شخصيت جي باري ۾ مواد پڻ شامل آهي. جمال پنهنجي پنجيتاليهن سالن جي ادبي عمر ۾ ڪل سورنهن ڪهاڻيون لکيون آهن. جيڪي سڀ چوٿين ڇاپي ۾ موجود آهن. ميڪسم گورڪيءَ جي سندس ترجمو ڪيل ڪهاڻي "پاشا"، پڻ هن مجموعي ۾ آهي. تازو جمال ابڙي پاڻ ٻڌايو ته وٽس ڇهه اٽپوريون ڪهاڻيون لکيل آهن، جيڪي هو اڃا مڪمل ڪري نه سگهيو آهي. هو اڄڪلهه وقتي طرح خاموش آهي ۽ ڪا سندس نئين ڪهاڻي نه ڇپي آهي: تنهن هوندي به اهو بلڪل نٿو چئي سگهجي ته هن جي لکڻ جو سفر پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهچي چڪو آهي. ٿي پيرا ڪيس ذل جو دورو پيو آهي ۽ ڊاڪٽرن ڪيس لکڻ ۽ پڙهڻ کان جهلي ڇڏيو آهي. تخليقڪار ۽ فنڪار جو ذهن ڪڏهن ماٺ ۾ نه رهندو آهي، اهو ضرور لچندو تڙپندو ۽ ڦٽڪندو رهندو آهي. ممڪن آهي ته جمال ابڙي جي ذهن ۾ هن وقت ڪيتريون ئي ڪهاڻيون جنم وٺنديون هجن، جيڪي اڳتي هلي لکت جي صورت ۾ اسان جي آڏو اچن، ڇو ته ڪهاڻي تخليق ڪرڻ جو عمل گهڻو وقت وٺندو آهي ۽ ڪهاڻي هڪ ڏينهن ۾ جنم نه وٺندي آهي. ڪهاڻين جو سفر ڪٿي به بيهڻو نه آهي ۽ زندگيءَ جيان سدائين جاري رهڻو آهي. جمال ابڙي تازو پنهنجي اڻڇپيل انٽرويوءَ ۾ چيو آهي ته "جڏهن به پڙهان ٿو ڏسان ٿو ته اڌما اٿن ٿا ۽ لکڻ لاءِ تڙپ پيدا ٿئي ٿي".

جمال ابڙي ڪهاڻي لکڻ جي شروعات گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ پڙهڻ واري زماني کان ڪئي، جيڪا سندس ابتدائي ڪوشش هئي. موهن ڪلپنا ۽ طارق اشرف ڪهاڻيءَ متعلق لکيل پنهنجن مضمونن ۾ جمال جي ڪهاڻيءَ "پيراڻيءَ" کي ورهاڱي کان اڳ جي ڪهاڻي ڪري ڄاڻايو آهي، جڏهن ته جمال جي پهرئين ڪهاڻي "هو حر هو" هئي جيڪا هفتيوار "طوفان" حيدرآباد ۾ 1949ع ۾ شايع ٿي. 1959ع ۾ سندس ٻارهن ڪهاڻين تي مشتمل پهريون مجموعو "پشو پاشا" شايع ٿيو. 1963ع ۾ لاڙ جي ڪلچر جي پس منظر ۾ "لاٽ" ڪهاڻي لکيائين. 14 سالن جي ڊگهي خاموشيءَ کان پوءِ سندس شاهڪار ڪهاڻي "سينڌ"، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي ادبي رسالي "پرک"، 77 – 1976ع ۾ شيخ اياز

Gul Hayat Institute

ڏانهن لکيل خط سان گڏ شايع ڪئي. جنرل ضياءُ الحق جي مارشل لا جي دور ۾ ”فرشتو“ ڪهاڻي لکيائين، جيڪا هفتيوار ”برسات“ ۾ يوسف شاهين شايع ڪئي. 1990ع ۾ نسلي فسادن جي پس منظر ۾ ”ماءُ جي جهولي“ ڪهاڻي لکيائين، جيڪا هن وقت تائين سندس لکيل ڪهاڻين ۾ آخري ڪهاڻي آهي. جمال جي سورهن ڪهاڻين ۾ ”مان مڙد“، ”بدتميز“، ”پيراڻي“، ”شاهه جو ڦر“، ”بدمعاش“، ”منهن ڪارو“، ”هو حر هو“، ”ڪارو پاڻي“، ”مهرباني“، ”خميسي جو ڪوٽ“، ”لاري“، ”پشو پاشا“، ”سينڌ“، ”فرشتو“، ”لاٽ“ ۽ ”ماءُ جي جهولي“ اچي وڃن ٿيون.

جمال جيتوڻيڪ تعداد جي لحاظ کان تمام ٿوريون ڪهاڻيون لکيون آهن، پر اهي فني توڙي معنوي اعتبار کان سنڌي ادب جون شاهڪار ڪهاڻيون آهن. اڄ سنڌ جي افسانوي ادب جي آسمان تي جمال ابڙي جي حيثيت هڪ روشن ستاري جيان آهي. سنڌي ادب جا سڀ پارکو ۽ نقاد هن راءِ جا آهن ته ورهاڱي کان پوءِ مختصر ڪهاڻيءَ کي نئون موڙ ڏيندڙ جمال ابڙو آهي. هيءُ پهريون ڪهاڻيڪار آهي، جنهن مختصر ڪهاڻيءَ کي جديد حقيقت نگاريءَ وارو سگهارو روپ ڏنو آهي. توڙي جو ان کان اڳ ۾ حقيقت نگاريءَ جي ابتدائي شڪل، امر لعل هنڱوراڻيءَ، آسانند مامتورا، چيتمل پرسرام، عثمان علي انصاريءَ، نادر بيگ مرزا ۽ ٻين جي ڪهاڻين ۾ ملي ٿي، پر انهيءَ شيءِ کي جمال ابڙي نئوس شڪل ۾ پيش ڪيو آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ اسان کي فن ۽ فڪر جو خوبصورت سنگم ملي ٿو. اڄ جمال ابڙي جي ڪهاڻين کان سواءِ سنڌي ڪهاڻيءَ جو تصور اڻپورو آهي: ان ڪري سنڌي ڪهاڻيءَ کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته جمال ابڙي جي ڪهاڻين کي سمجهيو وڃي ۽ انهن تي تحقيق ڪجي. جيئن ته جمال ابڙي جي سنڌي ادب ۾ سڃاڻپ، سندس مختصر ڪهاڻيءَ جي حوالي سان آهي، تحقيق جو موضوع پڻ ”جمال ابڙو – مختصر ڪهاڻيءَ جي ليکڪ جي حيثيت ۾“ آهي. موضوع جي روشنيءَ ۾ جمال جي مختصر ڪهاڻيءَ جي فن ۽ فڪر جي هيٺ ڏنل مکيه ۽ اهم رخن جي حوالي سان ڇنڊ ڇاڻ ڪجي ٿي.

Gul Hayat Institute

## جمال ابڙي جي مختصر ڪهاڻيءَ ۾:

(1) موضوع (2) ٻولي (3) ڪردار ۽ ڪردار نگاري (4) اسٽائيل ۽ پيشڪش ۽ (5) سماجي شعور.

(1) موضوع: ڪنهن به ڪهاڻيءَ ۾ موضوع (Theme) جي تمام وڏي اهميت هوندي آهي. ڪهاڻيڪار جي موضوعن جي چونڊ مان ئي خبر پئجي ويندي آهي ته ان جو زندگيءَ ڏانهن ڪهڙو رويو ۽ لاڙو آهي، مثبت آهي يا منفي آهي. موضوع، ڪهاڻيءَ جو اهم حصو هوندو آهي، جنهن ۾ مرڪزي خيال سمايل هوندو آهي. ان مان ئي ليکڪ جي نظرين جو پتو پوندو آهي، ان ڪري سٺي ۽ ڪامياب ڪهاڻيءَ

۾ جيتري پئي فن جي ضرورت آهي، اوتري ئي سٺي ۽ اهم موضوع جي چونڊ پڻ ضروري آهي. زندگيءَ جا هزارين، لکين ۽ ڪروڙين مسئلا آهن ۽ هر سماج مسئلن سان ڀريو پيو آهي. اهو ليکڪ جي نظرياتي شعور تي منحصر آهي ته هو انهن مان ڪهڙن مسئلن کي پنهنجي فن جو موضوع بنائي ٿو. هڪ فنڪار لاءِ هيءَ سڄي دنيا ڪئنواس جي مثال آهي. اها ليکڪ جي پنهنجي مرضي آهي ته ان ۾ ڪهڙا رنگ ٿو ڀري ۽ اهو فنڪار جي اندر جي اک تي دارومدار آهي ته اها ڪهڙي مسئلي تي پنهنجو فوڪس ٿي رکي. البت هڪ باضمير فنڪار جو اهو فرض آهي ته اهو پنهنجو تخليق ۽ فن جي رستي زندگيءَ جي سفر کي اڳتي وٺي هلي، نه ڪي پوئتي هٽائي ۽ هو زندگيءَ جي بي رنگ خاڪي ۾ جيترا سهڻا رنگ ڀري سگهي ته ضرور ڀري. جمال ابڙو پنهنجيءَ زندگيءَ کي اڳتي وٺي وڃڻ ۽ ان ۾ خوبصورت رنگ ڀرڻ واري فرض کان چڱيءَ ريت آگاهه آهي.

حقيقت ۾ ورهاڱي کان پوءِ جمال ابڙو ئي ڀريون ليکڪ آهي، جنهن ڀرپور فڪري ۽ فني حسن سان پنهنجين ڪهاڻين ۾ سماجي، خارجي ۽ ڳوٺاڻي زندگيءَ کي موضوع بنايو آهي. هن کان اڳ جيتوڻيڪ مختصر ڪهاڻيڪارن سماجي مسئلن ۽ موضوعن تي ڪهاڻيون لکيون، پر اهي سماجي شعور جي کوٽ ۽ فني ڪمزورين جي ڪري، پنهنجي دور جي پڙهندڙن جي ذهنن تي ڀرپور تاثر نه ڇڏي سگهيون آهن. جمال ابڙي سنڌي سماج جي نبض تي هٿ رکي موضوعن جي چونڊ ڪئي آهي. هن سنڌي سماج جي زندگيءَ ۽ موت وارن مسئلن کي پنهنجين ڪهاڻين جا موضوع بنايو آهي ۽ نهايت سچائيءَ ۽ خلوص سان پنهنجو تاريخي، قومي ۽ سماجي فرض ادا ڪيو آهي. سنڌي سماج ۾ سنگهن جو وڪرو عام آهي. جمال جڏهن معصوم نياڻيءَ کي ڏوڪڙن تي وڪامندي ڏٺو ته هن پيراڻيءَ جهڙي شاهڪار ڪهاڻي لکي ۽ سماج کي پنهنجو بدصورت چهرو ڏيکاريو. جهالت واري دور جي وحشي رسمن واري ماحول ۾ نوجوان عورت کي ڪاري جي لقب هيٺ ڪسجندي ڏسي ٿو ته سندس من لڇي ۽ ڦٿڪي ٿو ۽ "سينڌ" ڪهاڻي تخليق ڪري ٿو. سماج ۾ عورت سان ٿيندڙ وڏيڪ زيادتين، پوڙهي مرد سان نوجوان عورت جي ٻي شادي، نياڻين جي ويهارڻ، ڪاروڪاريءَ جي رسم، عورت کان سخت ترين پورهيي ڪرائڻ وغيره جهڙا واقعا پنهنجي اکئين، وک وک تي ٿيندي ڏسي ٿو ته هو انهن مسئلن کي موضوع بنائيندي "مان مرد" جهڙي خوبصورت فنٽنسي لکي ٿو جنهن ۾ سماج پاران ٿيندڙ ظلمن جو ڀرپور نقشو چٽيو ويو آهي. هن مرد کي اهو محسوس ڪرايو آهي ته جيڪڏهن تون عورت جي جاءِ تي هجين ها ته ڪيتري نه اذيت ۽ پيڙا ڀوڳين ها. هن ڇڻ ته عورتن تي ظلم ڪندڙ مردن جي منهن تي چماٽ وهائي ڪڍي آهي. ڪين انڌن ۽ ظالم ڪرتوتن جو آئينو ڏيکاريو آهي. اسان جو معاشرو پير پرستيءَ ۽ قبر پرستيءَ ۾ وڪوڙيل آهي. هڪ پاسي



Gul Hayat Institute

جيئرا گلاب جي گلن جهڙا معصوم پئسن جي اٺهوند جي ڪري علاج بنا ڦٿڪندا رهن ٿا تہ ٻئي پاسي پيرن جي قبرن مٿان پڙ ۽ ٻيا اجايا خرچ ٿين ٿا. جڏهن اهڙن انسانيت دشمن رسمن جي خلاف بغاوت ڪندڙ ۽ معصوم حياتيءَ کي بچائيندڙ جي عزت نفس تي حملا ٿيندي ڏٺائين تہ ”منهن ڪارو“ ڪهاڻي لکيائين. شاهاڻي برتريءَ ۽ طبقاتي مٽيرائپ جهڙا انسانيت جي تذليل ڪندڙ واقعا روز ٿين ٿا. اها طبقاتي بالادستيءَ جي ذهنيت جڏهن معصوميت کي چيپاتي ٿي تہ جمال ”شاهہ جو ڦر“ جهڙي ڪهاڻيءَ جو سرجڻهار ٿو بڻجي. ”بدتميز“ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ڊاڪٽر جي غريب مريض ۽ ڪاموري ڏانهن رويي جي عڪاسي ڪئي وئي آهي. هڪ پاسي ڊاڪٽر موت جي بستري تي پيل غريب ماڻهوءَ جو گهربل پئسن نہ هئڻ ڪري بهتر علاج نہ ٿو ڪري، تہ ٻئي پاسي مئجسٽريٽ هن پادرن جي ڪنديءَ انسان جي ازلي فرض، قانون پيدائش کي قائم ۽ دائم رکڻ لاءِ پاتي هئي. هن ڦٽ لعنت ۽ ٿڪون ماءُ جي هنج کي پريل ۽ پرپور رکڻ لاءِ سٺيون هيون. (ڪهاڻي: منهن ڪارو)

(2) ٻولي (Diction): جمال ابڙي جي ڪهاڻيءَ جي ٻولي، نهايت متوازن ۽ خوبصورت آهي. اها نج عوامي زبان آهي، جيڪا ٺيٺ ڳوٺاڻي ٻوليءَ جي استعمال سان گڏ ان جو لب و لهجو پڻ عوامي آهي ۽ ان ۾ ڪو بہ مونجهارو يا ابهام ڪونهي. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ جيڪا ڳالهہ چوڻ چاهي آهي، سا بهترين ٻوليءَ جي استعمال سان چئي آهي. اها ئي سندس ڪهاڻيءَ جي ڪاميابي آهي. هن جي ڪهاڻين جي ٻولي هترادو ٺاهيل ۽ سينگاريل نہ آهي، پر اها روزمره جي زندگيءَ ۾ ڪتب ايندڙ ٻولي آهي. اها عام پڙهندڙ لاءِ ڪنهن بہ ريت اجنبي زبان نہ آهي. ننڍڙن ۽ مختصر جملن ۾ تمام وڏيون ڳالهيون چئي وڃي ٿو جيڪي پڙهندڙ تي پنهنجو ڀرپور اثر ڇڏين ٿيون. هو زندگيءَ جي مختلف واقعن، موضوعن ۽ مشاهدن کي خوبصورت ٻوليءَ ذريعي بيان ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. هن جي ڪهاڻين پڙهڻ کان پوءِ ائين محسوس ٿيندو آهي تہ انهن ۾ ڪي بہ اجايا ۽ غير ضروري لفظ استعمال ٿيل نہ آهن، ٻولي، ماحول، ڪردار، موضوع ۽ اسلوب مطابق استعمال ٿيل آهي. هو ڏکن وارين گهڙين ۾ ڏڪارا لفظ ۽ غصي واري هنڌ تي ڪاوڙ ڀريا لفظ استعمال ڪري ٿو. مطلب تہ جمال ابڙو پنهنجن ڪهاڻين ۾ اهي جملا، تشبيهون ۽ محاورا استعمال ڪري ٿو جيڪي ڪردار اٿندي ويهندي، هلندي ڦرندي استعمال ڪن ٿا. هن جي ٻولي سولي ۽ سهنجي آهي، جيڪا چڻ تہ هن جي پنهنجي تخليق ٿيل آهي. امر جليل چواڻي، ”جمال ابڙو ڪهاڻيءَ ۾ جملا ائين ٿو لکي، جن ۾ نہ فاعل آهي ۽ نہ فعل آهي. هن جي هر لفظ تي سندس مهر لڳل آهي. هن جي ٻوليءَ جي پڙهندڙ وٽ جدا سڃاڻپ آهي. پڙهندڙ ڪهاڻي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان ئي چوندو تہ هيءَ ڪهاڻي جمال ابڙي جي آهي. اها جمال جي ٻولي ۽ Diction جي ڪاميابي آهي.“

Gul Hayat Institute

هن وٽ پنهنجي دور جي ٻين ڪهاڻيڪارن جيان نہ ٻوليءَ جي سگهڙائپ موجود آهي، نہ ئي ڪوڪلاءِ بي جان لفظ آهن. نہ ئي وري شاعرائين تشبيهن ۽ ڏارين ٻولين جي لفظن جي ڀرمار آهي. پر هن جي هر لفظ کي پنهنجي معنيٰ ۽ مفهوم آهي. اهي جاندار لفظ آهن ۽ انهن کي پنهنجي زندگي آهي. هن عربيءَ، فارسيءَ ۽ هنديءَ ٻوليءَ جي لفظن کي اجايو استعمال ڪري، علمي رعب ويهارڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي، پر نج سنڌي ٻولي ڪتب آندي آهي، جيڪا واهڻن، ڳوٺن، ڪچهرين، گهرن ۽ اوطاقن ۾ ڳالهائي ويندي آهي. اهڙيءَ ريت هن پنهنجين ڪهاڻين ۾ نہ فقط ٻهراڙيءَ جي زندگيءَ جي عڪاسي ڪئي آهي ، پر اتي ڳالهائجندڙ زبان، پهاڪن ۽ محاورن کي محفوظ ڪندي، پنهنجيءَ ٻوليءَ جي وڏي ۾ وڏي ادبي خدمت پڻ سر انجام ڏني آهي. هونئن تہ اسان جي ٻوليءَ جا اڪثر محاورا ۽ چوڻيون، اڄا لکت جي شڪل ۾ مڪمل طرح نہ اچي سگهيا آهن. ان ڏس ۾ جمال ابڙي وڏو ڪارنامو سر انجام ڏنو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي نامور اديب رسول بخش پليجي، نسيم کرل جي ڪهاڻين بابت لکيو هو تہ:

”جي (ڊاڪٽر) ٻار جو علاج ڪرڻ کان پوءِ بہ تپاس فِي وٺڻ کي بدتميزي ٿو سمجهي. ”هو حر هو“ ڪهاڻيءَ ۾ انگريزن ڀاران ٿيندڙ حرن تي ظلمن کي ڏيکاريو ويو آهي. ماٺهو ڏاڙيل ڇو ٿو بڻجي، انهن سببن تي پڻ روشني وڌي وئي آهي. ان کان سواءِ ”بدمعاش“. ڪهاڻيءَ ۾ پڻ ماٺهوءَ جي ڏاڙيل بڻجڻ جي سببن کي موضوع بڻايو ويو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ اهو پڻ ڏيکاريو ويو آهي تہ اهڙن سرڪش ڪردارن جي اندر ۾ پڻ معصوميت لڪل آهي. اهي جڏهن شريف بڻجڻ گهرن ٿا تہ معاشرو انهن کي شريف بڻجڻ نٿو ڏئي. ڪارو پاڻي ۾ ٻوڏ جي پس منظر ۾ هڪ پوڙهي انسان جي بيوسي ڏيکاري وئي آهي ۽ حالتن جي جبر هيٺ پنهنجي اباڻي ڳوٺ کان زوريءَ ڇڄڻ جي درد کي موضوع بڻايو ويو آهي. ”خميسي جو ڪوٽ“ ۾ غريب ميهار ٻارڙي جي غربت کي چٽيو ويو آهي، ان سان گڏ اهو ثابت ڪيو ويو آهي تہ انفرادي چڱائيءَ سان معاشري ۾ تبديلي جنم نہ وٺندي. نوجوانن جي چڙواڳيءَ، مغرب زده هجڻ ۽ هڪ پيننو فقيرياڻيءَ جي جيون جو عڪس، ”مهرباني“ ڪهاڻي ۾ چٽيل آهي. ”پشو پاشا“ ڪهاڻيءَ ۾ جاگيرداري سماج جي ذلتن ۽ ان خلاف بغاوت ڪندڙ ڪردار جو عڪس ڏيکاريو ويو آهي. نام نهاد ليڊر شپ کي رد ڪيو ويو آهي ۽ حقيقي گڏريل قيادت کي اڀاريو ويو آهي. ملڪ ۾ جڏهن آمريت اچي ٿي ۽ آمر علم ۽ ادب جو دشمن بڻجي گوئبلز ۽ هٽلر جو روپ ڌاري ٿو تہ جمال ”مارشل لا ۽ اسلام آباد“ ڪهاڻي لکي، جيڪا پوءِ ”فرشتو“ عنوان سان شايع ٿي. انسان جي اڻ ٿڪ جدوجهد ۽ زندگيءَ ۾ پختگي ويساهہ ، جو ذڪر ”لاٽ“ ڪهاڻيءَ ۾ ڪيو ويو آهي، جيڪا لاڙ جي تهذيبي پس منظر ۾ لکيل آهي.

هونئن تہ جمال موضوعن جي بهتر چونڊ سان گڏ ڪهاڻيءَ سان پڻ مڪمل

Gul Hayat Institute

نياءُ ڪري ٿو. پر هتي موضوع جي مناسبت سان جمال جي ٻن ڪهاڻين ”ڪارو پاڻي“ ۽ ”منهن ڪارو“ مان اهڙا ٽڪرا مثال طور ڏجن ٿا، جن مان سنڌس موضوع جي بهترين چونڊ ۽ مڪمل نباهه تي روشني پئجي سگهي ٿي:

”سومر وري بيهي رهيو سندس جسم جو ذرو ذرو ڳوٺ جي مٽيءَ ۾ ڳوهجي وڃڻ لاءِ آتو هو. وڏيڪ جدا رهڻ کان انڪاري هو سندس اڇو مٿو ۽ اڇا پرون اڇي ڏاڙهي، ڪنڊڙ ونڊڙ ٿي، واٽڙن وانگر اڏامي التجائون ڪري رهيا هئا. سندس دل ۾ چرپائپ واري ڪوڪ اٿي جڻ ته ڪل ٽٽڙي وئي هيس. پانيان ته ٽبيون هٽي، اندران ئي اندران، وڃي عائشه جي قبر کي جهليان، وڃي ڪو ٽائينڪو ٽيان، وڃي آرام وٺان!........

پاٽس ڪٽي پانهن کان جهليس، سومر گهلبو ويو. سندس قدم قدم ڳوٺ جي مٽيءَ سان چنبڙندو ٿي ويو. جڻ ته ڪاغذ جا پـ پنا ڪونر سان چنبڙيل هئا. زوريءَ ڏار ڪرڻ ۾ چچرجي، ڦاٽي، ليڙون ليڙون ٿي ويا“. (ڪارو پاڻي)

دين محمد پنهنجو منهن ڪارو الله ڏني کي بچائڻ لاءِ ڪرايو هو. انسان پنهنجي عزت، ڦل کي سانڍڻ لاءِ لٽائي هئي. دينوءَ پاڻ کي رتورت، زنجير حيات جي ڪڙين کي ڳنڍڻ لاءِ ڪرايو هو.

سنڌي ٻوليءَ جا 90 سيڪڙو محاورا اڃا اڻ لکيل آهن. اهي محاورا هزارين سالن جي قومي تخليق آهن ۽ صدين کان پوءِ گهڙجي، سنوارجي معنيٰ ۽ مطلب سان سينگارجي چڪا آهن. اسان اديبن جي وڏي اڪثريت انهن کان قطعي ناواقف آهي. بنهه ايڪڙ ٻيڪڙ سنڌي پڙهيل، سنڌي عوام جي خوبصورت محاوري مان ڪي چاڻن ۽ انهن جو صحيح نموني استعمال ڪري سگهن ٿا. هر ٻوليءَ جو پنهنجو مزاج ۽ طبيعت آهي، سنڌي، هزارين سالن کان ميدانن، جهنگن ۽ وٽاڻن ۾ پليل، ساماٽل ۽ پختيون پاڙون هنيل شاندار درخت جهڙي ٻولي آهي. سنڌيءَ جي صحيح هجڻ جي سند، سنڌ جون لانيديون، اوطاقون، ڪوهه، وٽاڻ ۽ ڪچهرين جو محاورو آهي. (سهڻي نيم ڪرل نمبر: صفحو 104)

Gul Hayat Institute

اهڙيءَ طرح جمال ابڙي ڪهاڻين ۾ مقامي ماحول کي خوبصورت نموني چٽيو آهي، هو جنهن علائقي جا ڪردار ۽ واقعا کڻي ٿو اتان جي ٻوليءَ ۽ لهجي کي استعمال ڪري ٿو. مثال طور: سندس ڪهاڻي ”مان مڙد“ ۾ اسان کي اترادي لهجو ملي ٿو. هو ڪهاڻين ۾ ڪردارن کان سندن ڏاڻ واري ٻولي ڳالهرائي ٿو. هڪ هاري، پروفيسر يا دانشور واري زبان نٿو ڳالهائي، نه ئي پار ڪنهن فلاسفر يا عالم واري زبان ٿو ڳالهائي. هن جا ڪردار اهڙي ٻوليءَ ٿا ڳالهائين، جيڪا انهن جي سمجهه ۽ فهم جي سطح مطابق آهي. ڪهاڻي ”پيراڻيءَ“ ۾ جابلو علائقي جا بروهي، جنهن نموني مؤنث کي مذڪر ۽ مذڪر کي مؤنث ڪري ڇڏيندا آهن يا اڌ اکري آهن، اها ئي ساڳي ٻولي ڪردار ڳالهائن ٿا.

شاهه جو ڦر ۾ مريم، عالماڻي زبان استعمال نہ ٿي ڪري، پر ”ماما پيشو“ جهڙا ٻاراڻا ٻاتا لفظ استعمال ڪري ٿي، يا ڪارو پاڻيءَ ۾ پوڙهي سومر جي گفتگو بلڪل عمر، سمجهه ۽ ماحول موجب آهي. جمال جي ڪهاڻين ۾ جذباتي ٻولي پڻ استعمال ٿيل آهي. جيڪا پڙهندڙ جي جذبن کي ڀڙڪائي ٿي. سنڌي ٻوليءَ جي نامياري ڪهاڻيڪار آغا سليم جو چوڻ آهي تہ، هن (جمال) جا افسانا پڙهڻ وقت اوهان کي هلڪي آواز جي احساسن بدران ٺڪاون، ڪرڪاٽ ۽ شرڙاٽ جو احساس ٿيندو. جمال هميشہ پڙهندڙ جي تيز ڦٽڪندڙ تڙپندڙ جذبن کي جاڳائڻ چاهيندو آهي. (نئين زندگي، مارچ 1963ع صفحہ 26)

جمال ابڙي پنهنجي هڪ تازي اڻ ڇپيل انٽرويوءَ ۾ اظهار ڪيو آهي تہ، ”غلام ربانيءَ جو انداز ڏاڍو پيارو آهي. ان جو لهجو منو آهي، جيئن فيض احمد فيض جي شاعريءَ جو لهجو آهي. مون ۾ ۽ شيخ اياز ۾ ڪڙواهٽ آهي“.

توڙي جو جمال پنهنجين ڪهاڻين ۾ جذباتي ٻولي بہ استعمال ڪئي آهي، پوءِ بہ اها ڪنهن سياسي اشتهار يا پمفليٽ جي ٻولي بنجي نہ سگهي آهي.

جمال جي ڪهاڻين جي ٻولي ڪٿي تہ نثري نظم واري رنگ ۾ آهي، جنهن ۾ شعريت واري جهلڪ موجود آهي، پر پوءِ بہ اها شاعري نہ آهي، ڪهاڻي آهي. اهو ئي جمال ابڙي جي افسانوي نثر جو ڪمال آهي. سنڌي ٻوليءَ جي نامور شاعر شيخ اياز ان ڳالهہ جو اظهار جمال ابڙي جي ڪتاب جي بئڪ ٽائيٽل تي هن ريت ڪيو آهي:

”نہ ڄاڻان ڪنهن چيو آهي تہ نثر پنڌ ڪندو آهي، نظم رقص ڪندو آهي، پر جمال جي ڪهاڻي ”پيراڻي“ پڙهي، مون کي محسوس ٿيو تہ نثر بہ رقص ڪندو آهي. هن جي پيراڻي، شروعات ۾ ڇڻ ڇم ڇم ڪندي اچي ٿي ۽ گهنگرو گونجن ٿا. اوچتو هڪ ڇيخ فضا کي چيري ٿي ۽ ڪهاڻي ٽانڊن تي رقص ڪندي نظر اچي ٿي“.

هونئن تہ اهو ٻوليءَ جو ڪمال، جمال جي مڙني ڪهاڻين ۾ موجود آهي، پر هتي مثال طور سندس ٽن ڪهاڻين مان مرد، سينڌ ۽ لاٽ مان ٽڪرا ڏجن ٿا، جيڪي پڙهڻ سان پتو پوندو تہ جمال جي ٻوليءَ ۾ ڪمال جو حسن ۽ رواني آهي.

”ان مهل پنهنجي سنڌ ديس کي ساريم. ڀاڙي واري روئندڙ نازنين ياد پيم، جنهن کي سٺ ورهين جي پوڙهي سان پرڻايو ويو. الا! جي هينئر منهنجي روبرو ائين ٿئي، تہ سيني جا ميڇالا پچي، پوڙهي جي نڙگهٽ پٽي، ان نازنين کي جيئدان ڏياريان. ويچاري شاديءَ جي ڦندبر ٿي، مون وانگ ڪسجڻ لاءِ تيار هوندي ڪنوار ٿيڻ لاءِ نہ. ائين ڀانيم تہ ان نازنين کي بہ نڪاح وقت اهڙائي ڀوائتا جهنگلي، اگهاڙا، نرلڃا انسان نچندا ۽ واڄٽ ڪندا نظر آيا هوندا“. (مان مڙد)

”جتي ٻنين ۽ ونين تي سر ڏجن ٿا، اتي نينگرين جو سودو بہ ٿئي ٿو املهہ

ٽئي ٽو هتي نينگرين جو نيلام، ست قرآن، ڪوڙين جي دام اتي ڪير ڏئي طلاق، دڦ پيرو ڇوي. "ڪهي وجهو نڪاح نہ ڇڏيان. يلي عمر ڪاٽي وڃي، ٻني ۾ وني ڪنهن ڇڏي آ".

ٻہ ٻہ هٿ پيو اڏامي، ڪوٽ جي آڙ ۾ بيغرت جي نگاهہ، لڄ تي نہ، لڄ جي قيمت تي، دڙڪا، دهمان، ڏنگايون ڏاڍ، بي فرمان، ۽ هيڏانهن ڪچي تند. نياڻي نينگري، سرءَ جي ساڙيل سڪل ول، جنهن جي من ۾ ڦهريون پيرو پيار جي رس ڀري هئي. اڏول، پنهنجي حق تي قائم، سائي ٽيڻ جو حق، گلن جي ڪيڻ جو حق، ڪچيءَ تند ۾ حق ڇڪڻ جي ايڏي قوت!" (سينڌ)

"ڇا ڪمزور جيو ڇا آفتون ۽ ڇا مقابلو! هر وقت اميد جي ڏياٽي هٿ ۾ اڳيرو زندگي لوڇ پوڇ ۾ ڳولها جو ڪم! نا اميديءَ جو دونهون ۽ ڪوهيڙو ور ور ڪيو ويڙهيو وڃي ۽ هي بار بار خالي هٿن سان دونهين ۽ ڪوهيڙي جا ڪکر دور ڪيو ڇڏي. ڇا تہ زور هو ڪمزور هٿن ۾، جڏهن هٿ هٿن ۾ ملندا، تڏهن اهي دونهان ۽ ڪوهيڙا هميشہ هميشہ لاءِ لهي ويهندا". (لاٽ)

(3) ڪردار ۽ ڪردار نگاري: جمال ابڙي جي ڪهاڻين ۾ اسان کي شاندار ڪردار نگاري ملي ٿي. هن جا ڪردار جيئرا جاڳندا آهن. اهي هن پنهنجي روزمره جي سماجي زندگيءَ مان کنيا آهن ۽ پڙهندڙن لاءِ ڪنهن بہ طرح اوپرا نہ آهن. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڪردارن جي هوبهو تصوير چٽي آهي. اهي سماج ۾ حقيقي وجود رکن ٿا ۽ غير فطري محسوس نٿا ٿين، انهن جي زندگيءَ سان وابستگي آهي. هن جا ڪردار بلڪل آزاد آهن. ڪردارن جي ڏور ليکڪ جي هٿ ۾ نہ آهي، پر اهي پنهنجي مزاج ۽ نفسيات موجب چرپر ڪن ٿا ۽ ڪهاڻيڪار ڪٿي بہ ڪردارن کي پنهنجي مرضيءَ موجب نٿو هلائي، ان ڪري اهي فطري محسوس ٿين ٿا. هن جي ڪهاڻين ۾ ڪردار نگاري مڪينيڪل نہ آهي، نہ ئي ڪردارن جي مٿان ڪا ڳالهہ زوريءَ مڙهيل آهي. هو ڪردارن جي منظر ڪشي اهڙيءَ ريت ڪري ٿو جو پڙهندڙ جي اندر ۾ ڪردارن لاءِ همدردي جاڳي پوي ٿي ۽ نا انصافين خلاف اڏما اٿن ٿا. جمال ڏنل واٽئل ڪردارن ۾ اهڙو تہ تخليقي رنگ ڀريو آهي، جو هو پنهنجي ماحول ۾ بلڪل اپري بيهن ٿا.

جمال، ڪردارن جي نہ رڳو خارجي ڪيفيت جو عڪس چٽيو آهي، پر انهن جي پويان جيڪو دک ۽ درد جو درياهہ ڇوليون هڻي رهيو آهي، ان کي بہ بيان ڪيو آهي. هو ڪردارن جي نفسيات کان بہ چڱيءَ ريت واقف آهي، هن جي زندگيءَ جو مشاهدو ڏاڍو تيز آهي، هونئن بہ جيستائين ڪو ليکڪ پنهنجي ڪردارن جي زندگيءَ، مزاج ۽ نفسيات، اٿڻي ويهڻيءَ، رهڻيءَ ڪهڻيءَ ۽ ان جي روح کان واقف نہ آهي، تيستائين هو ان جي ڀرپور عڪاسي نہ ڪري سگهندو. جمال ابڙو پنهنجي ڪردارن جي پوري روح کان باخبر آهي، تڏهن ئي تہ جج جي ڪرسيءَ تي ويٺل

Gul Hayat Institute

هوندي بہ پيراڻي، مريم، خميسي ۽ سومر وغيره جهڙا جاندار ڪردار پيش ڪري سگهيو آهي. مثلن هو جڏهن پيراڻي جي ڪردار کي پيش ڪري ٿو تہ پوري ماحول کي، پيراڻيءَ جي نفسيات کي، ماءُ ۽ پيءُ جي درد کي ڪردارن ۾ شديد احساس پريا آهن، هو پنهنجن ڪردارن سان گڏ روئي ۽ کلي ٿو جلي ۽ پچي ٿو ۽ مري ۽ جيئي ٿو. جڻ تہ هو پاڻ پيراڻي هجي يا پيراڻي جي ماءُ ۽ پيءُ هجي. اها ئي سندس ڪامياب ڪردار نگاري آهي.

پٽ ۾ پيل پيراڻيءَ کي لالوءَ جي پيءُ جهليو پيراڻيءَ جي پيءُ جي نڪ ۽ اکين جو پاڻي سندس ڏاڙهيءَ مان ٿي ٽميو ۽ ڦٽڪندڙ زال کي پٽي جهليائين. لڏ رواني ٿي، پيراڻيءَ اوباسين ۾ "ابا ۽ امان" پڪاريو. ماڻس کي گهليندا ويا ۽ پري کان آواز ايندو رهيو. "او جي خدا، منهنجو پيراڻي ننڍڙوا او ٽڪر کي باهہ لڳي، سنڌ وسي، منهنجو پيراڻي ننڍڙوا هن وار پٽي پٽيا". (پيراڻي)

جمال ڪنهن واقعي يا مسئلي مان ئي ڪردارن کي اپاري ٿو پيراڻي ڪهاڻي ۾ ڪردار جنهن ماحول جي پيداوار آهن، ان ماحول جي ئي ٻولي ڳالهائن ٿا. جيئن بروهين جو لهجو استعمال ڪيو ويو آهي: "منهنجو پيراڻي ننڍڙو يا ڏبرو ناهي" يا پيراڻي جو پيءُ پر واري ڳوٺ ۾ آيو: "سلامااليڪ ڪيائين". يا "ادو ڪو سنگ ڪپي؟" وغيره جمال جي ڪهاڻي "سينڌ" پڻ داخلي ڪردار نگاريءَ جو بهترين مثال آهي، جنهن ۾ پڻ ڪردارن جي اندر ۾ برپا ٿيل قيامت کي سٺي نموني سان بيان ڪيو ويو آهي ۽ ليکڪ ڪردارن جي ڏک کي چڱيءَ ريت محسوس ڪرايو آهي.

جمال ابڙي جي گهڻين ڪهاڻين ۾ اسان کي ٻار جو ڪردار نظر اچي ٿو ۽ ڪٿي پوڙهي جو ڪردار پڻ ملي ٿو. ٻارن جي ڪردارن ۾ پيراڻي، مريم، خميسو گلاب ۽ پنگياڻيءَ جو ٻار وغيره اچي وڃن ٿا. پوڙهن جي ڪردارن ۾ "ڪارو پاڻيءَ ۾ سومر جو ڪردار اهم آهي. ٻار اسان جي آئيندي جي علامت ۽ مستقبل جا معمار آهن تہ وري پوڙها اسان جا ماضي آهن، پراڻي ثقافت جا وارث ۽ امين آهن. جن ڪيترائي زمانا پنهنجين اکين سان ڏٺا آهن. جمال، پوڙهي ۽ ٻار کي ڪردار بنائي، جڻ ماضيءَ ۽ مستقبل کي جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جمال ابڙي جي ڪهاڻين ۾ اسان کي عورتن جا مظلوم ڪردار تہ ملن ٿا، پر ڪٿي بہ هيروئن نظر نہ ٿي اچي. هونئن تہ اسان جا اڪثر ڪهاڻيڪار هيروئن کان سواءِ پنهنجين ڪهاڻين کي اڻپورو سمجهندا آهن، پر جمال جي ڪهاڻين ۾ هيروئن جي ڪٿي بہ کوٽ محسوس نہ ٿي ٿئي.

جمال ابڙي جي ڪهاڻين جا ڪردار بنگلن جا نہ، پر جهوپڙين جا رهواسي آهن، اهي پورهيت طبقي جا آهن، مظلوم ۽ معصوم هوندي بہ سرڪش آهن. اهي بي ستا ۽ بيجان نہ آهن. اهي ذلتن جا ماريل هوندي بہ خوددار آهن ۽ سرڪشيءَ



Gul Hayat Institute

جي ڪا نہ ڪا واٽ ڳولهي لهن ٿا. اهي ڪردار پنهنجي ذلتن ۽ بي عزتين تي ماٺ ڪري ڳوڙها نہ ٿا ڳاڙين، پر ڪا نہ ڪا بغاوت جي، ۽ جدوجهد جي واٽ اختيار ٿا ڪن: ان ڪري ئي جمال ابڙي جو "پشو پاشا"، اياز قادريءَ جي "بلودادا" ۽ رباني جي "شيدو ڏاڙيل" کان مختلف آهي.

جمال ابڙي جي ڪهاڻين جا اسان هيٺ ڪجهہ اهڙا ٽڪرا مثال طور پيش ڪريون ٿا، جن مان سندس ڪردارن جي سموري خبر پئجي ويندي تہ انهن تي ظلم ۽ زيادتين ٿيڻ جو بہ ڇيهہ نہ آهي، تہ وري موٽ ۾ اهي مايوس ٿيڻ بجاءِ ڪيئن نہ وڏيڪ ارڏائپ سان اڀرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

"رئيس هاڻي ڦوڪون ڏيڻ ۽ ڏنگ هڻڻ لڳو. ڪنهن کي ٻڌائڻ، ڪنهن کي مارائڻ ۽ ڪنهن کي لڏائڻ، آزار مچي ويو. صدين جي بيٺل سماجي پاڙيءَ ۾ رئيس جي ٿاڦوڙن ڏڦ مچائي ڏني. پشوءَ پنهنجي ساٿين کي انهيءَ ڍونڍ کان ڪڍي ٻاهر ڪيو. چي، "هڏ هڻون اسين، پٽيءَ اگهاڙا رهون اسين، پوءِ بہ اسين ڪميڻا ۽ رئيس چڱو مڙس؟ چڱا مڙس اسين آهيون: رئيس ناهي. پشو نہ ڍڄڻو هو نہ سست، رئيس جيستائين سنبري ئي سنبري، تيستائين پشوءَ ڪيترائي اڙٻنگ جوان پنهنجي پاسي ڪري ورتا. نئون خون ۽ نوان امنگ! چي: "کيت اسان جا آهن، ڪاريز اسان جا آهن، اسين سڀ ڪجهہ آهيون. اسان جي آڏو ڪو نہ اچي". (پشو پاشا)

"اها ئي اڪ چنجهي، واڇ لڙيل، پرون هيٺ مٿي، پچڪ ڪري ڪٽي ٽڪ اڇليندو. هڪ لڳان ڏينهن ڏني جو ڏاڙو هنيائين. سڄي گهر کي ڪٽي مُٺ ۾ ڪيائين. جو جتي: سو تتي. هيسيل ۽ چپ. هي ڳاٽ اوچو ڪيو پرون ٽاڻيو پٽي آيو ۽ ويو. اڱڻ ۾ هلندي پير هلندي پير هيٺيان ڪو رانديڪو اچي ويس. اڍائي سالن جي ٻار ماءُ جي ڪڇ تان دانهن ڪئي. "ڪنو حلامي". (بدمعاش)

"اڄ ممڙيءَ ويچاريءَ کي پئسو ڪو نہ مليو هو. پريان پيرل شاهہ پئي آيو پهرين تہ هيسجي وئي، پر پوءِ ٻانهن سڌي ڪري، ننيڙو هٿ وڌائي، ڪنڌ لاڙي، ايلاز سان چيائين، "ماما پئسو ڏي".

شاهہ کي جڻ ٽانبو اچي ويو! ٻانهون لوڏيائين، مٿو لوڏيائين، ڪنڌ اچا بہ مٿيرو ڪيائين. "ماما" ! شاهہ کان گف وهڻ لڳي، ٻاهہ ٿي ويو. "ڪُتي جي ڌيءَ ........ تنهنجي تہ ......... ممڙي هار مجڻ تي هريل ئي ڪو نہ هئي، هڪدم نوشو ناهي، هيٺئين ڇپ کي چڪ هڻي، اکيون ڦوٽاري بيهي رهي. چيائين، "ممڙا". پر اڄ سندس مقابلو ڪنهن ٻئي جانور سان هو. (شاهہ جو ڦر)

## (4) اسٽائيل، اسلوب ۽ پيشڪش

ڪنهن بہ ليکڪ جي سڃاڻپ، سندس اسٽائيل سان ٿئي ٿي، اسٽائيل جي وصف هن ريت ڪئي وئي آهي: اسٽائيل اها خوبي آهي، جنهن جي ذريعي ڪو



Gul Hayat Institute

ليڪڪ پنهنجي انفراديت پيدا ڪري سگھي. شخصيت جي وحدت مان نڪتل تحرير، جنهن ۾ وحدت، تاثر ۽ منفرد انداز هجي، ان کي اسلوب سڏي سگھجي ٿو.

جمال ابڙي جي اسٽائيل سدا بهار آهي. هن جي لکڻ جو ڍنگ ۽ مواد جي پيشڪش ئي ڪيس پنهنجي دور جي ٻين ڪهاڻيڪارن کان الڳ ۽ مٿي ڪري بيهاري ٿي. زندگيءَ جا اهي ساڳيائي مسئلا آهن، جن کي ٻين ڪهاڻيڪارن پڻ پيش ڪيو آهي، پر اها جمال جي ڪهاڻين جي اسٽائيل جي خوبي آهي، جو اهي هڪ دفعو پڙهڻ کان پوءِ ڪڏهن به نه ٿيون وسرن. اڄ جمال جي ڪابه ڪهاڻي يا ڪهاڻيءَ جو ڪو به ٽڪرو پڙهندڙن آڏو پيش ڪبو ته اهو بنا دير سڃاڻي وٺندو ته اها ڪهاڻي جمال ابڙي جي آهي.

جنس جي موضوع تي سنڌي ادب ۾ ڪوڙ ساريون ڪهاڻيون لکيون ويون آهن. پر ”سيند“ ڪهاڻي منفرد اسٽائيل ۾ پيشڪش جي ڪري، ٻين ڪهاڻين کان وڌيڪ مقبول آهي، جنهن ۾ عورت جي اندر جي احساس ۽ جذبن کي نهايت سهڻي نموني چٽيو ويو آهي.

جمال ”پيراڻي“ کي جنهن ڍنگ ۾ ٻوليءَ ۾ بيان ڪيو آهي، تنهن ان کي سنڌي ادب جي شاهڪار ڪهاڻيءَ جي حيثيت ڏيئي ڇڏي آهي.

عورتن تي ٿيندڙ مختلف قسم جي ظلم ۽ تشدد جو ذڪر ڪيترن ئي ڪهاڻيڪارن پنهنجين ڪهاڻين ۾ ڪيو آهي پر ”مان مڙد“ جهڙي خوبصورت فئنٽسي، جمال ابڙو ئي لکي سگھيو آهي، جيڪا پڙهندڙن جي ذهن تي ڀرپور ۽ چرڪائيندڙ تاثر ڇڏي ٿي. جمال ابڙي جون ٻيون ڪهاڻيون توڙي جو فئنٽسي جي انداز ۾ لکيل نه آهن، تنهن هوندي به انهن ڪهاڻين ۾ فئنٽسي واري انداز جون جهلڪيون پڻ واضح آهن. جمال ابڙي وٽ خلوص ۽ سچائيءَ جو جذبو آهي، خوبصورت ٻوليءَ جو اظهار آهي، ڪاوڙ ۽ غصو آهي. زندگيءَ جون تلخ حقيقتون آهن، ۽ انهن جو سگهارو بيانيه انداز ۾ اظهار به آهي. اهي سڀ ڳالهيون ئي سندس اسٽائيل جو منفرد نمونو پيش ڪن ٿيون. جمال ابڙي جي لکڻ جا محرڪ به پيار ۽ غصو آهن. هو چوي ٿو ”منهنجي لکڻ پٺيان محرڪ محض هڪ لفظ پيار انسان سان پيار انسانيت سان پيار انساني جذبن سان پيار زندگي ۽ زندگيءَ جي اوسر سان پيار. البت هڪ ٻيو به مخصوص محرڪ، جيڪو مون هميشه محسوس ڪيو آهي، سو ڪاوڙ غصو يا ناپسندي جڏهن به ڪو غلط واقعو يا عمل مون ڏٺو آهي، يا مون کي ٻڌايو ويو ته منهنجو هميشه فوري رد عمل ڪاوڙ ۽ غصي جو رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته مان عمل جو قائل رهيو آهيان، ان ڪري اهڙي عمل کي زبان ۽ قلم سان ننڌڻ ۽ پنهنجي انتهائي غصي جو اظهار منهنجي جذبات جا محرڪ رهيا آهن“.

(هفتيوار برسات ڪراچي، جولاءِ 1986ع، صفحو 16)

جمال ابڙي جي، ڪنهن موضوع تي ڪهاڻي لکڻ وقت ڪيفيت به عجيب

Gul Hayat Institute

تي ويندي آهي. هو چوي ٿو ته،

”اها ڇڻ ڪا وجداني ڪيفيت هوندي آهي، مان جنهن مهل لکڻ ويهندو آهيان، تڏهن سامهون پيل هر شيءِ آهستي آهستي گم ٿي ويندي آهي، ڪمري ۾ پيل هر شيءِ سان واسطو معطل ٿي ويندو آهي، پوءِ جسم تپڻ لڳندو آهي، نڪ ۾ ڪن جون چوٽيون گرم ٿي ونديون آهن ۽ ائين محسوس ٿيندو اٿم، ڄڻ مان ڪٿي هوائن ۾ ترندو هجان“.

(ڪتاب: تنقيد نگاريءَ جو ارتقائي جائزو ليکڪ: بدر ابڙو صفحو6)

جمال جي ڪهاڻين ۾ وڏائي، پرچار ۽ اجايون ڳالهيون نہ آهن، توڙي جو ڪجھ نقادن کي جمال ابڙي جي ڪجھ ڪردارن جي فطري هجڻ تي شڪ يا اعتراض آهي، پر هو ڪردارن کي پنهنجين ڪهاڻين ۾ اهڙيءَ طرح پيش ڪري ٿو جو ڪردار پڙهندڙ کان پنهنجي لاءِ همدردي خيرات ۾ پني نہ ٿا وٺن، پر پاڻ کي ان لائق بنائي، همدردي خودبخود حاصل ڪن ٿا. جمال توڙي جو ڪيترن ئي ڏيهي توڙي پرڏيهي ليکڪن کان متاثر ٿيو آهي، پر پوءِ بہ سندس پنهنجو نجي اسٽائيل آهي. جمال پنهنجي آڊيو انٽرويوءَ ۾ چيو آهي تہ ”مون ٽئگور ٽالسٽاءِ ۽ منشي پريمچند جون سنڌيءَ ۾ ننڍي هوندي کان ڪهاڻيون پڙهيون آهن. انهن جي سچائي، اخلاص ۽ مسئلي تي پهچڻ جي ڳالھ ۽ ماڻهن سان همدردي ڏاڍي اثر ڪندڙ آهي. باقي اسٽائيل تہ منهنجي اهڙي پنهنجي آهي، جيڪا مون ٻئي ڪٿان اپنائي نہ آهي. منهنجي خيال ۾ منهنجي اسٽائيل ئي ماڻهن کي متاثر ڪيو آهي، ڇو تہ منهنجي اسٽائيل ۾ جوش، جذبو تيزي، تندي، ڪاوڙ غصو اهي سڀ عنصر موجود آهن. ٻري ٿي ٻڄ ڪجي، اها سنئين سڌي ڳالھ آهي، اها اسٽائيل جي ڪاميابي آهي، هونئن تہ ڪهاڻيءَ لکڻ وارا پيا بہ هئا“.

جمال جي ڪهاڻين لکڻ جو اسلوب يا ڏانءُ، ننڍين ننڍين جملن، نج سنڌي محاورن، تشبيهن ۽ عوامي ٻوليءَ تي مبني آهي. هن جي نثر ۾ شعريت ۽ تجريديت جو اظهار آهي. هونئن بہ نثر ۾ اهڙي تجريديت رکي سگهجي ٿي، جيڪا مونجهارن کي جنم نہ ڏئي. اهڙي تجريديت ئي جمال جي نثر ۾ ملي ٿي. جمال جي اسٽائيل بابت امر جليل انٽرويو ڏيندي هيٺين راءِ ڏني آهي ته،

”جمال ابڙي جو ڪتاب ”پشو پاشا“ ڪنهن مقدس ڪتاب وانگر مون پڙهيو آهي. ننڍڙن ۽ مختصر جملن، نهڪندڙ ۽ چڀندڙ محاورن ۽ تشبيهن سان هن. پنهنجن پڙهندڙن تي ڀرپور نموني پنهنجي دل جي ڳالهه ڪري ڇڏي آهي. اها جمال جي پنهنجي اسٽائيل آهي“.

(هفتيوار برسات، ڪراچي، ڊسمبر 1986ع صفحو 4)

اسٽائيل ۾ تيزي، تکائي، ڪاوڙ ۽ غصي جي باري ۾ جمال ابڙي ٻڌايو تہ پروفيسر جهامنداس ڪيس شڪارپور ۾ مليو جنهن کيس چيو ته،

”جمال ڪجهه غصي ۽ ڪاوڙ کي گهٽ ڪريو“. اهو پروفيسر جهامنداس جو جمال جي افسانن تي تنقيد جو تت هو.

مطلب ته جمال ابڙو پنهنجي دور جي ٻين ڪهاڻيڪارن وانگر ڪهاڻيءَ جي اسٽائيل ۽ پيشڪش ۾ قصي گو نٿو لڳي، نه ئي شيخ حفيظ وانگر جرنلسٽ ٿو لڳي، نه ئي ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻيءَ وانگر مضمون نگار ٿو لڳي، پر جمال ابڙو ڪهاڻين دوران معنوي توڙي فني اعتبار کان هڪ ڪامياب ڪهاڻيڪار ٿو لڳي. هن جي سدا بهار اسٽائيل جي ڪري کيس سنڌي ادب ۾ امرتا ملي چڪي آهي.

سينڌ، پشو پاشا ۽ خميسي جو ڪوٽ ڪهاڻين جي هيٺ ڏنل ٽڪرن مان آءٌ سمجهان ٿو ته پڙهندڙ جمال ابڙي جي ڪهاڻيءَ جي منفرد اسٽائيل، اسلوب ۽ پيشڪش کي ڀليءَ ڀت پروڙي ويندو.

”ڪپري شهر جي سرڪاري اسپتال جي لاش گهر ٻاهران، مٽي ۽ ڌوڙ ۾ ڪارا ڳنڍيل وار چوٽيءَ سينڌ سميت، ڏوڙ ۽ جهڪ ۾ پٽي ليٽڙيا. اندر ٻنگي ۽ ڊاڪٽر، مکين جي ڀون ڀون، ننگو لاش، اگهاڙي ڇاتي، سنڌ جي ڇاتي، ڪنهن جي لڄ، سڀ جو ننگ، ست ڌارين آڏو ننگي پئي هئي، هٿ رونبا، پير ٽٽل، اکيون حيرت، حسرت ۽ هيبت کان ڦاٽل، سباجهي، سدوري، سگهڙ ڏيئي چار آڱريون سينڌ تي رکي انجام ٻڌائين، پر ٺمڪڙا ڪمارڙين جي ڪڙڪڙ ۾ بدلجي آيا، آڱريون ڪپجي ويون، سينڌ ڪورجي وئي“. (سينڌ)

ان ڏينهن جابلو شيهن تي ڪيس هلٽو هو. سچ پچ به شينهن جهڙو مڙس هو. ڊگهو ۽ قداوار لڳ مروڙ رُڪ جهڙو ڇيڙهالو سندس ڏاڙهي، مٽي ۽ مڇن جا وار ڪڪا هئا. سندس سڄي بدن تي ڀوري ٻج هئي. ماڻهن سندس نالو پشو رکيو هو پر جابلو ماڻهو کيس پشو پاشا ڪري سڏيندا هئا. سندس ڇاتي ويڪري ٻانهون مضبوط ۽ ڳچي ڀريل هئي، ٽنگون جهڙا پيل پاوا، سندس ڪارين اکين مان شوخي، ضدُ، ارڏائي، صاف گوئي ۽ لاپرواهي ظاهر ظهور ڇُلڪي رهيون هيون. (پشو پاشا)

ننڍڙو يارنهن سالن جو خميسو اڳئي مال ونيو ٻوڙن ۾ ويٺو هوندو هيو کيس قميص ڪا نه هئي، پر هڪ ٽڳڙين نڪتل گرم ڪوٽ پيو هوس، ڪاري گوڏ ۽ مٿي تي ميرو ڪپهه جو ٽوپ. مٽ به ماڪ سان ڇانيا پيا هوندا هئا. ٻئي هٿ ڪڇن ۾ وجهي، پيرن اگهاڙو پاڻ کان ڊگهي لٺ ڪنيون، سوڙهو ٿيو ويٺو هوندو هيو. سندس ڪاڏي پيئي ڪڙڪندي هئي. مون کي ڏسي دانهن ڪندو هو ”ها ملان!“ هو مون کي چيڙائيندو هو. مان ٽڪڙو وڌي ويندو هئس ۽ هو پٺيان ڇوندو رهندو ملان، ملان، او ملان! مان اوور ڪوٽ جي ڪالرن کي ٿاهيندو الله ڏي ويندو هئس ۽ هو ڊورن ڏي“. (خميسي جو ڪوٽ)

## سماجي شعور:

مارڪسي نقاد پليخانوف چيو آهي ته: معاشرو فنڪار لاءِ نه بلڪ فنڪار معاشري لاءِ هوندو آهي، آرٽ جو ڪم هيءَ آهي ته اهو انساني شعور جي ارتقا ۾ مدد ڪري ته جيئن هو پنهنجي سماجي نظام کي وڌيڪ بهتر بنائي سگهي“.

جمال اَبڙي کان اڳ سنڌي ڪهاڻيڪارن ۾ اسان کي سماجي شعور جي روايت ته ملي ٿي، پر انهيءَ ۾ اها گهرائي نه آهي. سماجي مسئلن جو بيان ته موجود آهي، پر انهن مسئلن جي سببن ۽ حل ڏانهن ڪو به واضح اشارو نه آهي. ان کان سواءِ اهڙين ڪهاڻين ۾ وقتي حالتن جي دٻاءَ يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري فني سونهن گهٽ، پرچار ۽ نعريبازي وڌيڪ ملي ٿي. ورهاڱي کان پوءِ جي ڪهاڻيڪارن ۾ جمال ابڙو ئي آهي، جنهن جي ڪهاڻين ۾ اسان کي گهرو سماجي شعور ۽ ان جو فنڪارانه اظهار ملي ٿو. جمال ابڙو ئي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ جديد حقيقت نگاريءَ جو باني آهي. هيءَ تحريڪ سماجي تبديليءَ واري لاڙي جي ترجمان آهي. جمال اهڙيون تخليقون پيش ڪيون، جن ۾ زندگيءَ کي حسين کان حسين تر بنائڻ جو خواب ۽ پيغام هو. حقيقت ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ عوامي مسئلن ۽ انساني ضرورتن کي موضوع بنائڻ واريءَ ريت کي اڳتي وڌائڻ ۽ خوبصورت ڍنگ ۾ نباهه ڪرڻ، جمال جو ئي ڪارنامو آهي. جمال ابڙي کان پوءِ جن به ڪهاڻيڪارن ڪهاڻيون لکيون آهن، انهن ان ڳالهه جو ڪافي حد تائين اثر قبول ڪيو آهي. سنڌي زبان جو مشهور اديب طارق اشرف لکي ٿو: ”ٻين ڪيترن ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين ۾ فني پختگي ڪانهي، ۽ حقيقت کان پري ٿيون محسوس ٿين ۽ شدت سان احساس ٿئي ٿو ته انهن ڪهاڻين جا انجام غير حقيقي ۽ زوريءَ گهڙيل آهن. اهو احساس جمال جي ڪهاڻين پڙهڻ کان پوءِ هيڪاري وڌي وڃي ٿو جنهن جي ڪا به ڪهاڻي (سواءِ هڪ فئنٽسيءَ مان مڙد جي) گهڙيل ڪو نه ٿي لڳي. هن وٽ ٻولي به آهي، زندگيءَ جون تلخ حقيقتون به آهن ۽ سندس ڪهاڻيون ختم ٿيڻ تي ذهن تي گهرو تاثر ڇڏين ٿيون. جمال پنهنجي ڪهاڻين ۾ شاندار ڪردار نگاري ڪئي آهي ۽ جمال کان پوءِ جن ڪهاڻيون لکيون آهن، انهن تي جمال جو ڪافي اثر ڏسجي ٿو“.

(طارق اشرف ، ڪتاب: 30 سالن جون چونڊ ڪهاڻيون ڀاڱو صفحو 22)

جمال ابڙيُ کي سنڌ جو ميڪسم گورڪي سڏيو ويو آهي. پر جمال نه گورڪي آهي، نه دوستو وسڪي آهي، نه ٽئگور نه پريمچند آهي، پر سنڌ جو ئي جمال ابڙو آهي، هن پنهنجي ڪهاڻين لاءِ مواد سنڌي سماج مان ئي کنيو آهي. هن جا ڪردار توڙي ٻولي ۽ ماحول ڪنهن به ريت اوپرا، اجنبي يا ڌاريا نه آهن. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج جي گهرجن ۽ تقاضائن کي آڏو رکي لکيو آهي. هن سوويت يونين يا يورپ جي سماج ۾ ويهي نه لکيو آهي، هن ڌرتي تي ويهي

آسمان جون ڳالهيون نہ ڪيون آهن. نہ ئي سنڌي ادب ۾ ديو مالائي قصا، داستان ۽ ڪهاڻيون ڪٺي آيو آهي، پر هن جي اتساهہ جو سر چشمو سنڌ ئي رهي آهي، جتي جي حالتن کان متاثر ٿي هن لکيو آهي، جئين هو پاڻ چوي ٿو تہ:

”مان سنڌ، سنڌي ماڻهن ۽ مزدورن جي پيڙا کان متاثر ٿيس. هاري تحريڪ ۾ عملي حصو ورتم. مزدورن جو ساٿ ڏنم ۽ وڏن لات منات جهڙن ٻتن سان ٽڪر کاڌم. مون کي ٻئي ڪا بہ ادبي تحريڪ نظر ڪانہ آئي. مون انگريزي فوج جي گوليبازي ۽ ڳوڙها گئس ڏٺي. سنڌ جي ٻوڏ جا راڱا ۽ بنگال جي ڏڪر جو اکين ڏٺو مشاهدو ڪيم ۽ ٿر جي ٻٽن ۽ ڪوهستان جي پهاڙن جون ٻي رحميون ڏٺم. 1943ع واري تحريڪ ۽ مارشل لا جا ڪلور بہ ڏٺم. اهي هڪ حساس دل لاءِ ڪافي کان زياده محرڪ هئا“. (هفتيوار برسات، ڪراچي، جولاءِ 1986ع، صفحو 16)

جمال ابڙي پنهنجي ڪهاڻين ۾ زندگيءَ جي ہرندڙ مسئلن کي کنيو آهي. هونئن تہ سماجي مسئلن کي سياستدان بہ بيان ڪندو آهي تہ سماجي ڪارڪن بہ، تہ وري مذهبي اڳواڻ، فلاسفر ۽ اديب پڻ. پر انهن سيني جو اظهار ڪرڻ جو پنهنجو فن ۽ ڍنگ آهي. هڪ سچو اديب فن ۽ حقيقتن کي گڏ ڪٺي حق ڏانهن اڳتي وڌندو آهي. جمال ابڙي جي دور جي ڪهاڻيڪارن پڻ ان وقت جي سماجي مسئلن کي ڪهاڻين ۾ آندو آهي. انهن رڳو ظالم ۽ مظلوم ڪردارن جو عڪس چٽيو آهي. پنهنجين ڪهاڻين ۾ ظالم کي ظلم ڪندي ڏيکاريو ويو آهي ۽ مظلوم جي فقط مظلوميت ڏيکاري وئي آهي. انهن ڪهاڻيڪارن ٻاهران بيهي واقعن ۽ حالتن کي ڏٺو آهي ۽ پنهنجين ڪهاڻين ۾ فقط فوٽو گرافي ڪئي آهي، انهن جي مقابلي ۾ جمال صاحب جو نظرياتي ۽ سماجي شعور گهرو هئڻ ڪري، هو ڪردارن جي اندر ۾ جهاتيون پائي ٿو ۽ ڪردارن کي خاموش رهڻ بدران جدوجهد ڏانهن موڙ ڏئي ٿو: جيئن ظلم جي ديوار ڍهي سگهي. جمال ابڙو چوي ٿو تہ جيڪڏهن اسان جو ڪردار ڍهي ٿو پوي، سن ٿي ٿو وڃي، بيوس ۽ بيحس ٿي ٿو پوي، چٽو چريو ٿو ٿئي يا ڏڪار ۽ نفرت ٿو ڪري ۽ بس، تہ چئبو تہ اهو ڪردار بہ ماحول جو نشانو ٿي ويو. ان افسانی ۾ بہ ماحول مقدم رهيو نہ ڪردار. اهڙو افسانو بہ پهرئين قسم جي افسانن ۾ اچي ويو. اها ئي گندي ماحول جي گندگي ظاهر ڪئي وئي. اڳتي هو لکي ٿو ”وقت آيو آهي، جڏهن اسان جا ليکڪ ڪردار کي ماحول جو نشانو نہ بنائين، انسانيت کي مظلوم ۽ قابل رحم نہ بنائين پر اهي ڪردار چونڊين، جي ماحول کي مٽائين، دهل جي ڏونڪي تي ٻڌائين تہ انسانيت ۾ اهي لڪل قوتون آهن، جي جوالا بنجي حيوانيت کي جلائي ڇڏينديون ۽ زمين جي سطح تي ماٽڪ ۽ موتي پٽاري ڇڏينديون. ٻيو نہ تہ پلا اهو تہ ٻڌائين تہ انهيءَ گندي ڦيقي ماحول جي اڌ ۾ اها ٻاهہ پريل آهي، جا پاڻهي سندس پيٽ ڦاڙي رکندي“.

(ڪتاب: مضمون — ڪهاڻيون — شخصيت ليکڪ: جمال ابڙو صفحو 96ع)

اهڙي قسم جا تخليقي ڪردار پيش ڪرڻ وقت اڪثر ڪهاڻيڪار پرچارڪ ۽ نعريباز بڻجي ويندا آهن ۽ گهري سماجي شعور ۽ فن کان وانجهيل اُچاتريون تخليقون پيش ڪندا آهن. پر جمال ابڙي جي ڪهاڻين ۾ اسان کي فن ۽ مقصديت جو خوبصورت سنگم ملي ٿو. هن جون ڪهاڻيون اهڙي قسم جو ترقي پسند ادب ڏيڻ وقت فارمولائي، مڪينيڪل، ۽ بيجان نٿيون لڳن. پر اهي تخليقي، فطري ۽ زندگيءَ مان ڦٽل محسوس ٿين ٿيون. جمال ابڙي وٽ نلهو "فن براءِ فن" نہ آهي، پر سمورو فن زندگيءَ جي لاءِ آهي. جڏهن جمال جا همعصر "بلودادا"، ۽ "شيدو ڌاڙيل" پيش ڪري رهيا هئا، ته هن "پشو پاشا" تخليق ڪيو جيڪو نه ڌاڙيل آهي ۽ نه داداگير آهي ۽ اهو اڪيلو ڪجهه بہ نہ آهي. جمال بهتر سماجي شعور جي هٿان ڪري "پشو پاشا" ذريعي هڪ ڀرپور انقلابي ۽ اجتماعي جدوجهد جو تصور ابارڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. پشو ڦاهيءَ چڙهي وڃي ٿو ۽ بيو مظلوم عوام جدوجهد کي اڳتي وٺي وڃي ٿو."

جمال ابڙو پنهنجي دور جي سيني لاڙن ۽ نظرين کان چڱيءَ ريت آگاهہ آهي. هو اهڙن ادبي لاڙن کي قبول نہ ٿو ڪري، جيڪي اسان جي مزاج ۽ مُعاشري سان ٽڪراءَ ۾ آهن. جمال جي ڪهاڻين ۾ اسان کي سماجوادي حقيقت نگاري جي گهري ڇاپ نظر اچي ٿي. هن بهترين ٻوليءَ ۽ فن ذريعي عوام جي مسئلن جي نمائندگي ڪئي آهي، ۽ پنهنجي تخليق ۾ عوام جي ڀلائيءَ وارو نظريو ڏنو آهي. هن جي هر تخليق با مقصد آهي ۽ وٽس بي مقصديت ۽ ابهام بلڪل ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ هن جو خيال آهي تہ فن کي ڪو نہ ڪو پيغام هئڻ ضروري آهي: جيئن پليخانوف پڻ چيو آهي: آرٽ جي ڪا بہ تخليق نظرياتي مقصد کان سواءِ ڪا نہ ٿيندي آهي، پر جڏهن آرٽسٽ پنهنجي دور جي اهم سماجي لاڙن لاءِ انڌو بڻجي ويندو آهي تہ پوءِ هن جي نظرياتي (جيڪو هو پنهنجي تخليق ۾ پيش ڪندو آهي) جو ملهہ تمام خراب نموني ۾ گهٽجي ويندو آهي، ۽ نتيجي ۾ سندس تخليق جي ستيا ناس ٿي ويندي آهي. آرٽ ۽ لٽريچر جي تاريخ ۾ اها ڳالهہ بيحد اهم آهي.

سماجي شعور جمال جي هر ڪهاڻيءَ مان چٽو نظر اچي ٿو: جيئن "پشو پاشا"، "بدمعاش"، "خميسي جو ڪوٽ"، "مهرباني" ۽ "شاهه جو ڦر" وغيره ۾ آهي. اسين هيٺ ڪجهہ ڪهاڻين جا مثال طور ٽڪرا ڏيون ٿا، جن مان جمال جي گهري سماجي شعور جو پتو پوي ٿو:

"ڦاسي گهاٽ مان سوين هزارين پشو پاشا اڏامندا نظر آيا. سندن سر ترڳ تي هئا. سندن ڪپڙا رڳجي لال ٿي ويا هئا. ويا گڏ ٿيندا. ڪارخانن ۾، فوجن ۾، کيتن ۽ جبلن جي ماڙين ۾ ۽ غارن ۾. سندس هٿيارن جي جهڻڪار ۽ نازوءَ جا آلاپ هوائن ۾ واچوڙا پيدا ڪري رهيا هئا. تکا ۽ تيز واچوڙا، جن هر پوتيءَ اڏاوت کي اکوڙي ٿي وڌو، وڏا ۽ اوچا واچوڙا، جن زمين جي ذرن کي آسمانن تائين ٿي پهچايو". (پشو پاشا)



Gul Hayat Institute

”ماءُ جهٽڪو ڏئي ٻار جي وات تي هٿ ڏنو ڇاتيءَ سان چنبڙيائين. ويچاريءَ جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو ٻار کي اجا به ڇاتيءَ سان سوگهو ڪيائين. اکيون کڻي هن ڌانهن نهاريائين. ڇا ته هو ماءُ جي اکين ۾! هو پنڌ پاهڻ تي ويو. ٻار کي ڏنائين، پڳل رانديڪي کي ڏنائين، ماءُ جي پاڪر کي ڏنائين. ڪيئن نه ٻارڙو ماءُ جي ڳچيءَ ۾ ٻانهون ورايو چپ هنيو پيو هو. هو ڏسندو رهيو.

هن جا ڇڪيل پرون هوريان هوريان سڌ ۾ اچي ويا، هن جهڪي پڳل رانديڪو کنيو ٽڪر ميڙي اڳتي وڌيو وڃي مائيءَ جي هٿن ۾ ڏنائين“. (بدمعاش)

”پٽس کي گهرايو ويو اسپتال ڇهه ميل پري هئي، ڊاڪٽر خرچي به وٺندو هو چوڪر گهڙين جو مهمان هو. مون پنهنجو ڪوٽ لاهي متائنس وڌو. ڪيڏي نه همدردي! خميسي کي مُلا وهنجاريو ميرو ڪوٽ لاهي نئون ڪپڙو ويڙهيو. مون عطر به آندو. سندس ننڍڙا ڏند اجا به تڏ جي شڪايت ڪري رهيا هئا. ڪيس سڌو سنئون ڪٽ تي سمهاريو ويو. سيني قطار ٻڌيءَ ملان الله اڪبر چيو.

مون وارو ڪوٽ ملان کنيو.

پئي ڏينهن خميسي جو ننڍو ڀاءُ مهر ڏاند وٺيو بيٺو هو.

ڪيس اهو ئي خميسي وارو ڪوٽ پيل هو. (خميسي جو ڪوٽ)

”تنهنجو مڙس ڪٿي آهي؟“

”منهنجي شادي ڪا نه ٿي آهي، بابو صاحب، پئسو! اسان جي اکين ۾ شرارت ڀرجي آئي. سڀ مشڪل لڳاسين. پوءِ تو هي پٽ ڪٿان آندو؟ هن ڪنڌ لاڙي نماڻين اکين سان اسان ڏي نهاريو. اها اوهان صاحبن جي مهرباني آهي، بابو صاحب!“ (مهرباني)

”پيءُ پنهنجي ڌيءَ جي مٿان ويٺو رهيو ممڙيءَ اکيون کولي پيءُ کي دانهن ڏني ”ماما ...... سائين ...... پيشو ...... پٽس ممڙي جي مٿي تي هٿ رکيو. ”سندس وار وار ڪڙو تي ويو. هن اصل نه رنو. سندس بدن مان چٽنگون ٿي نڪتيون. هن جون ناسون ڦوٽارجي ويون، مڪون ڀيڙجي ويون، ڏند ڏندن سان ملي ويا، اکيون هڪ هنڌ ڪپي ويون. ويون ننڍڙيون ٿينديون، ويون ننڍڙيون ٿينديون، چڻ ته ڪات هئا ۽ چپائين ته شاهه جو ڦر“ (شاهه جو ڦر)

مٿي اسان جمال ابڙي جي مختصر ڪهاڻيءَ جو مختلف فني ۽ فڪري پهلوئن جي حوالي سان جائزو ورتو آهي. ائين ڪونهي ته جمال ابڙي جي ڪهاڻين کي پنهنجي دور ۾ ڪا به اهميت نه ملي. پر جمال ابڙي جڏهن ڪهاڻيون لکيون ته هن جي ڪهاڻين تي ان دور جي مڃيل، سنڌ ۽ معروف نقادن پڻ دل کولي لکيو ان ڳالهه ۾ جمال ابڙو پنهنجي همعصرن ۽ پوءِ ايندڙ ڪهاڻيڪارن جي ڀيٽ ۾ نهايت خوش نصيب آهي، جو سندس ڪهاڻين جي ڇنڊڇاڻ ۾ اهم ۽ مڃيل نقادن حصو ورتو. اهو سڄو تنقيدي بحث ان دور جي ٽماهي ”مهراڻ“ رسالي ۾ ڇپبو رهيو



Gul Hayat Institute

جيڪو جمال ابڙي ايمانداريءَ سان پنهنجي ڪهاڻين جي مجموعي جي هر ڇاپي ۾ ڪهاڻين کان پوءِ ڏنو آهي. هتي مڪمل بحث ڏيڻ بدران ان دور جي ڪجھ اهم نقادن جي راءِ ڏجي ٿي ۽ نقادن پاران اٿاريل اهم اعتراضن ۽ انهن جي جواب ۾ ڪجهه ضروري وضاحتون پڻ ڏجن ٿيون, جن مان اها خبر پوي ٿي تہ جمال ابڙي جي ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اهم تنقيد نگارن ۽ محققن وٽ ڪيڏي نہ اهميت آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي هڪ وڏي عالم ڊاڪٽر غلام علي الانا, جمال ابڙي جي ڪهاڻين تي راءِ ڏيندي چونڊ سنڌي افسانا جي مهاڳ ۾ لکيو آهي. "سنڌي افسانہ نگارن ۾ جمال ابڙي کي اعليٰ مقام حاصل آهي. هن جو اسلوب بيان, ننڍن جملن, خاص سنڌي محاورن, تشبيهن, توڙي استعارن ۽ روزمره جي ٻوليءَ تي مشتمل آهي. هن سماج جي رسمن خلاف آواز اٿاريو آهي. هن پنهنجي افسانن ۾ سماج جي ڏوهارين, مجبور ۽ بيڪس انسانن جي طرف کي پيش ڪيو آهي, ۽ انهن جي بچاءِ ۾ پنهنجي پيار ۽ انسان دوستيءَ جا امنگ ۽ جذبا پڙهندڙن جي, اڳيان پيش ڪيا آهن. پنهنجي ٺيٺ ڏتڙيل ماحول ۽ سادي زندگيءَ جي بنھ سادن پلاٽن کي کڻي, انهن کي ڏسندي هر ڪنهن کان پنهنجو ذاتي دک درد وسريو وڃي ۽ هر ڪنهن جي دل ۾ پيار ۽ قياس جي جذبن سان گڏوگڏ همت ۽ حوصلي جي قوت ۽ عمل جو احساس پڻ جاڳي اٿن ٿا.

(ڪتاب: "چونڊ سنڌي افسانا ليکڪ: ڊاڪٽر غلام علي الانا, صفحوي)

جڏهن تہ مشهور اديب ۽ دانشور محمد ابراهيم جويي, جمال جي افساني "بدمعاش" تي تنقيد ڪندي لکيو آهي:

"افساني ۾ جن ڳالهين تي مون کي عرض ڪرڻو هو سي هونئن تہ اهڙيون حقيقتون آهن, جن کان اسان جو موجوده سماج آجو ڪانهي ۽ پلاٽ جو حصو بنجي سگهن ٿيون, پر ادبي ۽ فني لحاظ کان انهن کي ان افساني ۾ ڪيئن آڻڻ کپي, تنهن تي ٻيهر غور ڪرڻ لاءِ عرض ڪرڻ مناسب سمجهان ٿو. افساني ۾ پوليس جي ظلم جو هڪ بہ واقعو ۽ آخري منظر, جيلر جي روش ڪجھ اهڙي موقعي جي پس منظر ۾ آيل آهن, جي پڙهندڙ کي حسرت ۽ اذيت رسائين ٿيون ۽ منهنجي خيال ۾ افساني جي فني بيهڪ ۽ آخرين تاثر کي ضرب پهچائين ٿيون".

(ڪتاب: ڪهاڻيون – مضمون – شخصيت, ليکڪ: جمال ابڙو, صفحو 212)

"ان ساڳيءَ ڪهاڻيءَ تي موهن ڪلپنا پنهنجي راءِ لکي آهي: ڪهاڻي اتي ختم ٿي وڃي ٿي تہ بدمعاش کي پنهنجي سچي پچي روپ جي خبر پوي ٿي, پر پوءِ جمال ڪردار جي گرفتاري ۽ مٿس پوليس جا زبردست عذاب ڏيکاريا آهن. ڪهاڻي گونگي ٿي وڃي ٿي, جو ڪلاڪار خود ڳالهائڻ تو لڳي".

(ڪتاب: سنگت پبليڪيشن مرتب: اَدل سومرو صفحو 52)



Gul Hayat Institute

جڏهن تہ جمال ابڙو پنهنجي تازي آڊيو انٽرويو ۾ متين ڳالهين جي وضاحت هن ريت ڪري ٿو. ”هر جاءِ تي ڪهاڻيڪار پاڻ ڳالهائي ٿو. ڪٿي ڪهاڻيڪار نہ ٿو ڳالهائي، پر مطلب آهي تہ پيغام بہ پهچي. جڏهن هن چڱو ٽيڻ چاهيو آهي تہ هن تي چڱائي غالب اچي ويئي تہ هو گرفتار ٿي ويو. پر سرڪار هن کي ڇڏي نہ ٿي. سرڪار جو جيڪو انڌو قانون آهي، انهيءَ کي مان ڪاڏي ڪريان! جويي صاحب کي بہ مون لکيو هو تہ ائين قانون جي جيڪا انڌي ڏنڊي آهي ۽ لنگڙو جمعدار ڪامورا شاهي آهي، انهي کي مان ڪاڏي ڪريان. انهن جيل ۾ جيڪا هن چڱي ماڻهوءَ سان جٽ ڪئي، اها مان لڪائي، ڪيترو لڪايان. ان ڪري مون لکيو آهي تہ ماڻهن کي صحيح خبر پوي تہ اصل ڏوهاري ڪير آهي. جويي صاحب اها ڳالهہ قبول ڪئي، ۽ پوءِ شامل ڪئي. مون اهو بہ لکيو مانس تہ تنهنجي مرضي. اهو ٽڪرو ڪٽي ڇڏين تہ پلي ڪٽي ڇڏ، پر هن وري شامل ڪري ڇڏيو“.

پر وري پاڻ هڪڙيءَ ڪهاڻي ۾، جيڪا ”مهرباني“ هئي، جنهن ۾ پڇاڙي ڏاڍي سٺي ٿي ويئي. بس تہ ان ڇوڪري چيو تہ، ”توهان صاحبن جي مهرباني آ ! اتي مون ختم ڪئي. هيٺيون جيڪو ٽڪرو مون ڪٽي ڇڏيو سو مون کي جويي صاحب لکيو تہ اهو ڇو ڪٽيو اٿئي، مون چيو اهو ڪهاڻي ۾ سٺو نہ ٿو لڳي، اهو ماڻهوءَ جو پنهنجو ڪم آهي تہ اهو نتيجو اخذ ڪري. چيائين تہ، اسان جي ماڻهن جو اچا شعور ايڏو بلند نہ ٿيو آهي، تنهن ڪري مان اهو ٽڪرو وجهي ٿو ڇڏيان“.

(جمال ابڙي جو ڪراچيءَ ۾ 93/12/19 تي آڊيو انٽرويو)

سنڌي ادب جي اهم نقاد ۽ دانشور رسول بخش پليجي جمال ابڙي جي ڪهاڻي ”پشو پاشا“ تي راءِ ڏيندي لکيو تہ. پشو قدرت جي اڻ گهڙيل تخليق هو ......... ڏسندي، ڏسندي جوان ٿي ويو تہ بہ جهڙو پارا ڪنهن کي چڪ، ڪنهن کي رهڙ، پيو اڇلون ڏيندو ۽ ڇلڪندو! رحمدل بہ اهڙو ٿي هو. ويندي توڙ تائين، سندس ڪردار ۾ اها جذباتي چلولائي ۽ هلڪائي نظر اچي ٿي. سندس سياسي فهم ۽ تدبر جو ثبوت سندس لنبين ناٽڪي تقريرن کان سواءِ پيو ڪو نہ ٿو ملي. سياسي تنظيم جو ذڪر ئي فضول آهي.

(ڪتاب: ڪهاڻيون – مضمون – شخصيت ليڪڪ: جمال ابڙو صفحو 190)

جمال ابڙي، هفتيوار برسات کي ڏنل انٽرويوءَ ۾ هن ريت وضاحت ڪئي آهي تہ،

”جڏهن مون ”پشو پاشا“ لکيو پئي، تڏهن رسول بخش پليجو لاڙڪاڻي آيو هو ۽ ان ڪهاڻيءَ جو ڪچو مسودو ڏسڻ تي اصرار ڪيائين. مون ائين چئي ٽارڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هڪ غير حقيقي ڪهاڻين ٿي لڳي، پر هن پڙهي منهنجي همت افزائي ڪئي. زور پريائين تہ ان کي لکي مڪمل ڪريان. منهنجي همت افزائي ڪندي چيائين تہ لٽريچر ۾ اهڙيون ڪهاڻيون بيحساب آهن، جن کي



Gul Hayat Institute

فئنتسي چئجي ٿو. مان سمجهان ٿو فئنتسي هوا ۾ جنم نہ وٺندي آهي، ان جون جڙون ماحول ۽ سماج ۾ هونديون آهن ۽ اتان ئي ان کي کڻبو آهي“.

هونئن بہ پشو پاشا قطعي غير حقيقي ڪردار نہ آهي. اها ڪهاڻي ان وقت جي عوامي ۽ سياسي تحريڪن کي ڏسي لکي وئي هئي، جنهن دوران ننڍا ننڍا استحصالي ليڊر ٿي پيا هئا، جي پنهنجي پنهنجي شخصي ليڊر شپ چمڪائڻ جي حرص ۾ مبتلا هئا. انهن کي ننڍڻ وقت جي ضرورت هئي ۽ هڪ صحيح عوامي ليڊر جو خاڪو پيش ڪرڻ وقت جي اهم تقاضا هئي. مون کي خوشي آهي تہ مون ان فرض کي وقت کان اڳ نڀايو. اڄ اوهان کي پشو پاشا هر ڳوٺ ۾ حقيقي روپ ۾ نظر ايندو“.

(هفتيوار ”برسات ڪراچي، جولاءِ 1986ع، انٽرويو وٺندڙ: ف – م لاشاري صفحو 16)

سنڌ جي مشهور اديب ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، پنهنجي ڪتاب ۾ جمال ابڙي جي افسانن تي هيٺين راءِ ڏني آهي.

سنڌ ۾ افساني ۾ شيخ اياز کان پوءِ ٻيو وڏو نالو جمال ابڙي جو آهي، جمال کي تمام سٺا ۽ منفرد انداز جا افسانا لکيا. ڪردار نگاري، سندس افسانن جي خاص خوبي آهي. هو ڪنهن بہ واقعي، منظر يا شخص جو بيان اهڙي ته ڪري، جو تصوير اکين اڳيان ڦريو اچي. سندس ”شاهہ جو ڦر“ سچي سنڌ ۾ وڃي ويو هو“.

(ڪتاب: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ ليکڪ: ڊاڪٽر جبار جوڻيجو صفحو)

سنڌي ادب جي هڪ ٻئي اهم محقق ۽ اديب، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب جمال ابڙي جي افسانن تي پنهنجي راءِ هيٺينءَ ريت ڏني آهي.

”موجوده دور ۾ جمال ابڙي افساني کي نئون موڙ ڏنو آهي. سندس افسانن جو مجموعو ”پشو پاشا“ جي نالي سان ڇپجي چڪو آهي. سندس اسلوب بيان نئين نئين جملن، خالص سنڌي محاورن ۽ تشبيهن تي ٻڌل آهي. سندس افسانن جا مک ڪردار غريب ۽ مظلوم هجڻ جي باوجود سرڪش آهن.

شاهه جو ڦر ۽ بدمعاش سندس شاهڪار افسانا آهن.

(ڪتاب: سنڌي ادب جو تاريخي جائزو ليکڪ: ميمڻ عبدالحميد سنڌي)

Gul Hayat Institute

## نتيجا / تت

هن وقت تائين لکيل سنڌي ڪهاڻيءَ تي بہ ادبي لاڙا ترقي پسند ادبي تحريڪ ۽ جديديت جا اثر ڇانيل رهيا آهن.

سنڌي ڪهاڻي جيڪا ترقي پسند تحريڪ جي اثرن هيٺ تخليق ٿي آهي، ان ۾ ڪافي سگهہ آهي. ترقي پسند ڪهاڻيڪارن ڪيترين ئي اعليٰ ۽ شاهڪار ڪهاڻيون تخليق ڪيون آهن، جن پنهنجي پڙهندڙ تي ڪافي گهرا اثر ڇڏيا آهن. ترقي پسند اديبن قومي ۽ طبقاتي جاڳرتا کي جنم ڏيڻ ۾ پڻ سٺو

ڪردار ادا ڪيو آهي. اها بہ حقيقت آهي تہ ترقي پسند ادب جي نالي ۾ بہ ڪيٽريون ئي پرچارڪ ۽ سطحي ڪهاڻيون لکيون ويون آهن، جن جو مقصد اعليٰ هوندي بہ انهن جو ادبي ۽ فني ملهہ نہ برابر آهي. اهڙين ڳالهين ۾ مقصد تي گهڻو زور ڏنو ويو آهي، جڏهن تہ ڳالهہ کي خوبصورت ۽ اثرائتو بنائي پيش ڪرڻ لاءِ جنهن فن ۽ آرٽ جي ضرورت رهي ٿي. اهي ڪهاڻيون ان کان بلڪل وانجهيل رهيون آهن. اهڙي قسم جون ڪهاڻيون لکندڙ اديبن کي فقط خارجيت ئي نظر آئي آهي، جڏهن تہ انسان جي اندر ۾ بہ خوبصورت دنيا آهي. اهڙن ليکڪن ٻاهرين حقيقتن کي تہ ڏٺو آهي، پر اندر جي حقيقتن جا انڪاري رهيا آهن. هنن ڪجهہ نعريبازي ۽ پرچاري ڪهاڻيون لکي "شارٽ ڪٽ" اختيار ڪري بنا محنت جي گورڪي، گوگول، چيخوف، ٽالسٽاءِ ۽ موپسا سان ٽيڪ چاهيو ٿي. نتيجي ۾ ڪهاڻيون اهڙيون جنم وٺڻ لڳيون، جن جي ٻوليءَ ۽ فڪر ۽ هڪ سياسي پمفليٽ، تقرير ۽ اشتهار ۾ ڪو بہ فرق نہ رهيو. اهڙا ڪهاڻيڪار "ڪميونزم کي يا نعري بازيءَ" کي ئي ترقي پسندي سمجهي ويٺا. اهڙيون ڪهاڻيون ڪهاڻيءَ جي فن کان ڪوهين دور هيون. اڪثر ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين جو مرڪزي خيال، انداز بيان، ورجاءُ تي پڌل رهيو تهيل تڪيل نتيجا ۽ هترادو اميد پرستيءَ جو رجحان ڪٽي، اهڙيون ڪهاڻيون فارمولائي بنجي ويون، جن ۾ ڪو بہ اثر، ڪشش يا نواڻ باقي نہ رهي. مطلب تہ اهڙن ڪهاڻيڪارن وٽ مقصد تہ هو پر فن ڪو نہ هو.

جمال ابڙي جي مختصر ڪهاڻيءَ جي اڀياس ڪرڻ کان پوءِ اها ڳالهہ بلڪل چٽيءَ ريت ابري آئي آهي تہ جمال ابڙو ئي پهريون ڪهاڻيڪار آهي، جنهن ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ڪهاڻيءَ کي نئون موڙ ۽ نوان لاڙا ڏنا آهن، هن جي ڪهاڻين ۾ هيٺيون فني ۽ فڪري خاصيتون آهن، جن کي اسان بنياد بنائي، مختصر سنڌي ڪهاڻيءَ جي روشن آئيندي ڏانهن وک وڌائي سگهون ٿا:

جمال ابڙو پهريون ڪهاڻيڪار آهي، جنهن جي ڪهاڻيءَ ۾ تخليقي حقيقت نگاريءَ جو سگهارو لاڙو موجود آهي. ورهاڱي کان اڳ ڪجهہ ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين ۾ اهو رجحان ابتدائي شڪل ۾ ضرور موجود هو پر اهو ڀرپور فني ۽ فڪري سونهن سان ٺوس شڪل ۾ جمال ابڙو جي ڪهاڻين ۾ موجود آهي.

جمال ابڙي، پنهنجين ڪهاڻين ۾ نج سنڌي ڳوٺاڻي ماحول کي پهريون ڀيرو ڀرپور نموني سان چٽيو آهي، توڙي جو هن کان اڳ جي چند ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين ۾ مقامي ماحول جون جهلڪيون ملن ٿيون.

جمال، مختصر ڪهاڻيءَ ۾ سماجي، خارجي ۽ ڳوٺاڻي زندگيءَ جي مسئلن کي موضوع بنايو آهي. اها روايت جمال کان اڳ جي ڪهاڻيڪارن توڙي سندس همعصرن وٽ پڻ ملي ٿي، پر جمال ۾ نظرياتي شعور ۽ ڀرپور فن جي موجود هئڻ



Gul Hayat Institute

ڪري انهن موضوعن کي نهايت خوبصورت نموني سان نڀايو ويو آهي.

جمال ابڙي جي ٻولي، پنهنجي دور جي سيني ڪهاڻيڪارن کان مختلف آهي، هن جي ٻولي صاف سٿري، عوامي لهجي ۽ محاوري واري آهي، جنهن ۾ نج پٽو ۽ ڳوٺن جي خوشبوءِ موجود آهي. هن جي ٻولي نه سگهڙن جي ٻوليءَ جهڙي آهي، نه ان تي شاعراڻي رومانيت ڇانيل آهي. هن جي ٻولي هترادو ٺميل ۽ سينگاريل نه آهي ۽ نه ان ۾ بيجان ۽ کوکلا لفظ آهن، ليڪن هن جي ٻولي جاندار آهي ۽ زندگيءَ مان ڦٽي نڪتي آهي. پڙهندڙ ڪٿي به جمال ابڙي جي ٻوليءَ جي وهڪري ۾ لڙهي يا سحر ۾ گم ٿي نٿو وڃي، ۽ نه ئي ٻوليءَ جي انداز بيان ۾ گم ٿي، مقصد وڃائي ويهي ٿو. هن جي ٻوليءَ جي خوبصورتي، سندس مقصد کي وڌيڪ چٽو ۽ حسين بنائي ٿي. هن جي ٻولي اسٽائلش نه آهي، پر اِها بلڪل فطري لڳي ٿي، ڇڻ ته اها ٻولي جمال ابڙي جي ذهن ۾ رچي وئي آهي.

جمال ابڙي جي ڪهاڻين ۾ شاندار ڪردار نگاري ملي ٿي. هن جي ڪردار نگاري مڪينيڪل نه ٿي لڳي. هو ڪردارن جي مٿان پنهنجي مرضي نه ٿو مڙهي ۽ اهي بلڪل آزاد آهن. ڪردارن جي ڏور ليکڪ جي هٿ ۾ نه آهي، پر اهي پنهنجي فطري مزاج، سياءَ ۽ نفسيات موجب چر پر ڪن ٿا. هن ڏٺل وائٺل ڪردارن ۾ پرپور تخليقي رنگ ڀريو آهي. هو پنهنجن ڪردارن سان گڏ روئي ۽ کلي ٿو. هن جا ڪردار غريب ۽ پورهيت طبقي جا آهن. اهي مظلوم هوندي ڏاڍا خوددار آهن. اهي پنهنجين ذلتن تي ڳوڙها نه ٿا ڳاڙين، پر ڪا نه ڪا جدوجهد جي راهه ڳولي ٿا لهن.

جمال، پنهنجي سدا بهار اسٽائيل جي ڪري ٻين ڪهاڻيڪارن کان بلڪل نرالو نظر اچي ٿو. هن وٽ پيار سچائي ۽ خلوص آهي ته وري ڪاوڙ به آهي. زندگيءَ جون تلخ حقيقتون ۽ انهن جو بيانيه انداز ۾ سگهارو اظهار پڻ موجود آهي. سندس ڪهاڻين ۾ فئنٽسيءَ جي انداز واريون جهلڪيون پڻ آهن. هن وٽ ننڍڙن ۽ مختصر جملن ۾ تمام وڏي ڳالهه چئي وڃڻ جو فن به آهي. هو پنهنجيءَ اسٽائيل ۽ پيشڪش ۾ قصي گو نه ٿو لڳي، نه ئي هو جرنلسٽ ۽ مضمون نگار ٿو لڳي، پر هو معنوي توڙي فني اعتبار کان هڪ ڪامياب ڪهاڻيڪار ٿو لڳي.

جمال ابڙي وٽ گهرو سماجي شعور ۽ ان جو فنڪارانه اظهار ملي ٿو. هن عوامي مسئلن ۽ ضرورتن کي موضوع بنائيندي، پنهنجين تخليقن ۾ زندگيءَ کي حسين کان حسين تر بنائڻ جو خواب ۽ پيغام ڏنو آهي. اهڙي قسم جو ادب ڏيڻ وقت هن جون ڪهاڻيون فارمولائي انداز واريون نه ٿيون لڳن. هن وٽ فن ۽ مقصد جو خوبصورت سنگم موجود آهي.

جمال ابڙو ترقي پسند سنڌي ڪهاڻيءَ جو باني آهي. هن ترقي پسند تحريڪ جي عروج واري زماني کان ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. هن ترقي پسند تحريڪ جي چڱن ۽ مثبت اثرن کي ضرور قبول ڪيو آهي، پر هن ڪڏهن به

Gul Hayat Institute

ترقي پسند تحريڪ جي گهرجن کي موضوعي انداز ۾ آڏو رکي ڪهاڻيون نہ لکيون آهن، هن جون ڪهاڻيون ڌرتيءَ جي حالتن مان جنم وٺن ٿيون. هن پنهنجي سماج جو ڳوڙهو مطالعو ڪندي، اهڙيون تخليقون پيش ڪيون آهن، جن جو مقصد ترقي پسند ادب جي هر معنيٰ ضرور آهي.

جمال پنهنجي دور جي غلط ادبي نظرين ۽ لاڙن کي سختيءَ سان رد ڪيو آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن سنڌي سماج جي مزاج ۽ روح سان مطابقت نہ ٿي رکي. هن جي هرسٽ با مقصد آهي، ان ڪري هن جي ڪهاڻين ۾ نہ ابهام آهي، نہ ئي وري بي مقصديت.

مطلب تہ جمال ابڙي جون ڪهاڻيون فن، ٻوليءَ، اسلوب، موضوع توڙي سماجي شعور جي گهرائي جي حوالي کان پنهنجي همعصر يا سٺت پوءِ ايندڙ ڪهاڻيڪارن کان وڌيڪ سگهاريون آهن. اهي سنڌي ادب جو بيمثال سرمايو آهن، جن کي مثال بنائيندي نئين نسل جو ڪهاڻيڪار اڳتي وڌي سگهي ٿو.

ٻئي پاسي وجوديت جي اثر هيٺ يا جديديت جي نالي ۾ جيڪو ادب تخليق ڪيو ويو آهي، ان ۾ ڪيترن ئي سنڌي ڪهاڻيڪارن، ون يونٽ ٽٽڻ کان پوءِ فارم، هيئت، اسٽائيل توڙي موضوع ۾ ڪافي نيون تبديليون آنديون آهن. اهڙين ڪهاڻين ۾ انسان جي اندر جي پيڙا جي عڪاسي ڪئي وئي آهي، پر هنن کي فقط انسان جي اندر جي دنيا ئي نظر آئي، خارجي دنيا ڏانهن اک کڻي بہ نہ نهاريائون. ڪيترن ئي ڪهاڻيڪارن فيشن ۽ ڏيک طور ڪامئو ڪافڪا، سارتر ۽ ايمائيل زولا ٿيڻ جي شوق ۾، پنهنجي سماج کان اوپريون تخليقون پيش ڪيون. هنن اندر جي حقيقتن کي ڇٽيندي، ٻاهر جي حقيقتن سان انهن جي لاڳاپي کي بلڪل نظر انداز ڪري ڇڏيو.

نتيجي ۾ انهن ڪهاڻين ۾ ساڳيائپ، ورجاءُ، غير ضروري وڏاءُ جي ڪري جمود واريون ڳالهيون اچڻ لڳيون. انسان جي پيڙا، انهن کي رڳو جنس، عشق، محبت ۽ اڪيلائيءَ ۾ نظر آئي، پر انسان جي غربت ۽ سماجي مسئلن جي چڪيءَ ۾ پسجندي جيڪا پيڙا جنم وٺي ٿي، ان کان اکيون پوري ڇڏيائون. هر ڪهاڻيءَ ۾ بي مقصديت کي زوريءَ ثابت ڪيو ويو. زندگيءَ کي بي معنيٰ ثابت ڪرڻ لاءِ سمورو فن استعمال ڪيو ويو. هنن اديبن ائبسرڊٽيءَ کي ئي جديد ادب سمجهيو نتيجي ۾ سنڌي ڪهاڻي پينڊوليم جي ٻن ڇيڙن وانگر ٿي بيٺي. عظيم ليکڪ سارتر چيو آهي تہ: ”مغرب وٽ ٽيڪنيڪ آهي، ليڪن مسئلا نہ آهن، جن تي لکيو وڃي، ان جي ابتڙ مشرق جي غريب ملڪن ۾ وڏا، ڳنڀير ۽ خوفناڪ مسئلا موجود آهن، پر ٽيڪنيڪ اڃا تائين پيدا نہ ٿي آهي“.

دنيا ۾ سرد جنگ جي خاتمي ۽ ترقي پسند تحريڪ جي رومان ختم ٿيڻ کان پوءِ سنڌي ادب ۾ ڪافي حقيقتون ڇٽيون ٿي ايري آيون آهن. اسان جي

ڪھاڻيڪارن ۽ اديبن اھا ڳالھه محسوس ڪرڻ شروع ڪئي آھي تہ اسان ڪي پنھنجي سماج ڪي نہ گورڪيءَ جي اک سان، نہ ئي ڪاميو ۽ سارتر جي نگاھہ سان ڏسڻو آھي، پر پنھنجي سماج ڪي پنھنجي اک سان ڏسڻو آھي.

مٿين ٻنھي لاڙن جي وچ ۾ لڏندڙ سنڌي ڪھاڻيڪارن اڳيان اھو مسئلو ٻنجي پيو تہ ڪيئن ھو اسٽيريو ٽائپ، ھڪ پٽيرن تي سرجندڙ ترقي پسند ڪھاڻيءَ واري رجحان مان جان ڇڏائيندي، بي مقصديت جي رجحان مان بہ جان ڇڏائين تہ جيئن زندگي بخش مقصدن وارين فني شاھڪار ڪھاڻيون سرجي سگھن. ان پڌتر واريءَ ڪيفيت ۾ تہ انھن ٻنھين لاڙن کان علاوه وقت جي ضرورت تي ٺھڪي ايندڙ پٽيرن تي ڪيئن ۽ ڪھڙيءَ ريت لکجي، ان تي سوچڻ وارو ھڪ ڇڳو خاصو خاموشيءَ وارو عرصو آھي، جنھن کي سنڌي ڪھاڻي جمود جو شڪار ٿي چڪي آھي سمجھيو ويو آھي.

ان جمود کي ٽوڙڻ لاءِ ضروري آھي تہ سنڌي ادبي سنگت جھڙين سجاڳ ذھن تنظيمن ھٿان جمال ابڙي جھڙن عظيم ڪھاڻيڪارن جي ڪھاڻيءَ جي فن تي ورڪشاپ، سيمينار ايپاس ۽ مذاڪرا ڪرائڻ گھرجن، تہ جيئن نوجوان ڪھاڻيڪار انھيءَ مان ڪجھہ پرائي سگھن ۽ انھن جي فن جي روشنيءَ ۾ نوان تجربا ڪندي سنڌي ڪھاڻيءَ کي جديد عالمي معيار تي ڪٺي اچن.

اخبارن، رسالن ۽ ٻين ڇپائيءَ جي ادارن کي اھڙن ڪھاڻيڪارن جي زندگيءَ ۽ فن تي پنھنجا خاص نمبر ڪڍڻ گھرجن، تہ جيئن انھن ۾ وقت جي باشعور نقادن جا ڪھاڻيءَ جا مختلف فني ۽ فڪري پھلن تي علمي ۽ تحقيقي مقالا ڇپجن، تہ جيئن اجا بہ وڌيڪ نوان ڪھاڻيڪار پنھنجي ڪھاڻيڪارن جي فن ۽ فڪر مان رھنمائي حاصل ڪري سگھن، ۽ پنھنجي لاءِ ڪا بھتر راهِ چونڊي سگھن.

Gul Hayat Institute

مددي ڪتابن/مواد جي ببليوگرافي

1– سنڌي ادب جي مختصر تاريخ: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
2– سنڌي نثر جي تاريخ: منگھارام ملڪاڻي
3– آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر: ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي
4– چار مقالا: محمد اسماعيل عرساڻي
5– چونڊ سنڌي افسانا: مرتب: ڊاڪٽر غلام علي الانا
6– ڪھاڻيون، مضمون، شخصيت: جمال ابڙو
7– سنڌ ۾ سنڌي ڪھاڻيءَ جي اوسر: ممتاز مھر
8– ويچار: ممتاز مھر
9– سنڌي ذات ھنجن: رسول بخش پليجو

10 – ادبي اصول (ڇاپو ٽيون) منگهارام ملڪاڻي
11 – سنڌي ادب جو تاريخي جائزو: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
12 – اُوڪو پيو فهم: سهڙيندڙ: امير علي قادري
13 – 30 سالن جون چونڊ ڪهاڻيون: ڀاڱو (1) سهڙيندڙ: طارق اشرف
14 – ادب جا فڪري محرڪ: ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو
15 – سنڌي ڪهاڻي ورهاڱي بعد: ڪيرت ٻاٻاڻي
16 – افسانا: غلام رباني
17 – سفيد وحشي: شيخ اياز
18 – بلو دادا: اياز قادري
19 – ساگر جي لهرن تي: حفيظ شيخ
20 – سنڌي ڪهاڻيءَ جون سماجي ذميواريون (مضمون) محمد حنيف شاهه
21 – ادبي اوسر: سهڙيندڙ: ڊاڪٽر غلام علي الانا
22 – ساهتڪار (92 – 1991) بمبئي: گوبند مالهي
23 – سنگت پبليڪشن (ڪهاڻي نمبر): مرتب: ادل سومرو سنڌي ادبي سنگت سنڌ
24 – آرسي (4) حيدرآباد: مرتب: ولي رام ولڀ ۽ ظفر حسن
25 – ماهوار "سهڻي (نسيم کرل نمبر): ايڊيٽر طارق اشرف
26 – هفتيوار "برسات ڪراچي (جولاءِ 1986 ايڊيٽر: يوسف شاهين
27 – ٽماهي مهراڻ سنڌي ادب سيمينار نمبر: سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
28 – ٽماهي مهراڻ جا ڪجهه پرچا: سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
29 – ڪينجهر حيدرآباد جا ڪجهه پرچا: ايڊيٽر ناز سنائي
30 – ماهوار "نئين زندگي" ڪراچي، جنوري 1968ع

اڙدو ڪتاب
31 – ترقي پسند ادب: سردار جعفري
32 – داستان سي افساني تڪ: وقار عظيم
33 – افسانه اور افسانه نگار: ڊاڪٽر سليم اختر
34 – نئي افساني ڪي سماجي بنيادين: آزاد ڪوثري


Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute



# جمال ابڑو
# شخصيت ۽ فن

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# جمال ابڙو: شخصيت ۽ فن

رئوف نظاماڻي

جمال ابڙو سنڌي ادب جو هڪ اهم نالو آهي. سندس ڳُٽپ اُنهن ڪجهه ماڻهن ۾ ڪري سگهجي ٿي جن جون لکڻيون ۽ شخصيت اُنهن تبديلين کي سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿي جيڪي سنڌ ۾ اٽڪل اڌ صديءَ جي عرصي ۾ واقع ٿيون آهن.

ڏاها ۽ ذهين ماڻهو پنهنجي رب کان اِها دُعا گهرندا هئا ته هُو ڪين اهڙي دور ۾ پيدا نه ڪري جڏهن سماج عدمِ استحڪام جو شڪار هجي ۽ شيون پنهنجي جاءِ تبديل ڪري رهيون هُجن. ڇاڪاڻ ته ان صُورت ۾ جانبدار ٿيڻ ۽ ڪنهن هڪ پاسي ٿيڻ ضروري ٿي پوندو آهي، جيڪا ڳالهه ايتري سولي ڪانهي.

سنڌ جي تاريخ ۾ ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ وارا سٺ ستر سال نهايت هنگامه خيز رهيا آهن. لاڳيتو تبديليءَ جي عمل ۾ رهندڙ سماج اُتي رهندڙ سيني ماڻهن لاءِ هڪ امتحان مثل هوندو آهي. سياسي، معاشي ۽ نظرياتي لحاظ کان نئين ۽ پُراڻي ۾ (باهم) هڪ مسلسل جدوجهد هلندڙ هوندي آهي. سماج ۾ مختلف قوتن جي صف بندي ٿي رهي هوندي آهي ۽ اُن ۾ تبديليون ٿينديون رهنديون آهن، اتحادين جي مخالف ۽ مخالفت جي اتحادي بڻجڻ جو عمل جاري هوندو آهي. اهڙو سماج ۽ اُن ۾ رهندڙ ماڻهو ڪنهن هڪ ڪيفيت ۾ نه رهندا آهن. سندن لاءِ ڪڏهن اُميد ته ڪڏهن مايوسي ۽ ڪڏهن اڳتي وڌڻ ته ڪڏهن پوئتي موٽڻ واري حالت هوندي آهي. نفسياتي لحاظ کان اهو سماج هڪ غيرمستحڪم ڪيفيت ۾ هوندو آهي جتي فرد هڪ دٻاءَ ۾ هوندو آهي. اديب ۽ ليکڪ شعوري ۽غير شعوري طور تي ان سڄي صورتحال جو پنهنجين لکڻين ۾ اظهار ڪندا آهن.

ٻين مهاڀاري جنگ جي خاتمي ڪانپوءِ شروع ٿيل سرد جنگ ۽ دنيا جي ٻن بلاڪن ۾ ورهائجڻ جتي ٻين ملڪن کي متاثر ڪيو، اُتي سنڌ جي سياست ۽ سماج ۾ ٿيندڙ صف بندي ۽ پيچ ڊاهه ۾ به اُن اهم ڪردار ادا ڪيو. ساڳي طرح

سوويت يونين جي ٽٽڻ، سرد جنگ جي خاتمي ۽ سوشلزم جي پوئتي موٽ سنڌي سماج جي سيني حصن کي متاثر ڪيو.

اها تہ هڪ طئي شده ڳالهہ آهي تہ ڪنهن بہ اديب ۽ ليکڪ جو پوءِ پلي هُو ان ڳالهہ کي مڃي يا نہ، سڄي سياسي ۽ سماجي وايومنڊل کان الڳ ٿلڳ رهڻ ۽ متاثر نہ ٿيڻ هڪ ناممڪن ڳالهہ آهي. هاڻي، جيستائين جمال ابڙي جو تعلق آهي تہ سندس انهن حالتن کان متاثر ٿيڻ تہ هڪ ابتدائي ڳالهہ آهي. هُو پاڻ گهڻن موقعن تي ان سڄي صورتحال جو هڪ ڪردار رهيو آهي ۽ حالتن متعلق سندس پنهنجو هڪ نڪتہءِ نظر رهيو آهي.

## فڪري پس منظر:

ڪنهن بہ فنڪار اديب ۽ ليکڪ وغيره جي سوچ ۽ فڪر جي ٺهڻ ۾ مختلف شين جو ڪردار هوندو آهي. سندس خاندان، ڳوٺ، شهر، ملڪ ۽ پرڏيهہ جو اُن شخصيت جي ٺهڻ ۾ هڪ ڪردار هوندو آهي. جمال ابڙي جو جنم 1924ع ۾ ٿيو هو. عالمي ۽ مُلڪي لحاظ کان نظرياتي ۽ سياسي طور تي اهو هڪ نهايت ئي اهم دور آهي. هڪ پاسي هندوستان ۾ انگريز راڄ خلاف جدوجهد پنهنجي عُروج تي هئي. ان جدوجهد جا اثر مُلڪ جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ رهندڙ ماڻهن تائين پهتا هئا ۽ ڪنهن سياسي ۽ نظرياتي وابستگيءَ کان قطع نظر نوآبادياتي راڄ کان ڇوٽڪارو ماڻهن جو هڪ گڏيل مقصد بڻجي ويو هو. ٻي اهم ڳالهہ جنهن جا اڳتي هلي دنيا جي سياست، معيشت ۽ ادب تي نهايت اهم اثر پوڻا هئا، اُها هئي 1917ع ۾ آيل روس جو آڪٽوبر انقلاب، جنهن جي نتيجي ۾ سوويت يونين جي صورت ۾ دنيا جي نقشي تي پهرين سوشلسٽ رياست وجود ۾ آئي. پهرين مهاڀاري جنگ ۾ جرمني ۽ سندس اتحادين جي شڪست ۽ فاتحن پاران مٿن ذلت آميز شرط لاڳو ڪرڻ جي نتيجي ۾ انهن ملڪن جي عوام ۾ بد دلي، غم، غصي ۽ مايوسيءَ وارين ڪيفيتن کي جنم ڏنو هو. خاص طور تي جرمنيءَ ۾ پيدا ٿيل معاشي بحران، اُن وقت ۾ هٽلر جو پتو ڪردار هو. يورپ ۾ هُو يهودين ۽ برطانيا، فرانس سميت اُنهن مُلڪن جو دشمن هو جن جو جرمني جي تباهي ۽ ذلت ۾ اهم ڪردار هو. ٻئي پاسي ايشيا ۽ آفريڪا جي نوآباديت ۾ هُن آزاديءَ جي تحريڪن ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌايو هو. ان جا بہ ڪارڻ هئا. هڪ تہ هُن انهن ذريعن کي ختم ڪرڻ چاهيو ٿي جتان سندس مخالفن کي طاقت ملي ٿي ۽ ٻيو تہ نوآبادياتي ڦرمار ۾ جرمنيءَ جو حصو نہ هئڻ برابر هو جنهن کي هٽلر ان طريقي سان وڌائڻ چاهيو ٿي. هندوستان جي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ اهڙا گروپ موجود هئا جن انهن تضادن ۽ ٽڪرائن کي پنهنجي فائدي لاءِ استعمال ڪرڻ چاهيو ٿي ۽ انگريزن خلاف هٽلر جي مدد کي اُنهن لاءِ هڪ نعمت سمجهيو ٿي. ان سلسلي ۾ اهم ترين شخصيت نيتا جي



Gul Hayat Institute

سياش چندر بوس هو جيڪو ڪانگريس جو صدر به رهي چُڪو هو ۽ جنهن انگريز خلاف هٿياربند جدوجهد واري مسئلي تي گانڌي ۽ نهرو سان اختلاف ڪري ڪانگريس کي خيرباد چيو هو. نيتا جي آزاديءَ واري فوج جرمن فوجين سان گڏجي ايشيا جي مختلف محاذن تي اتحادين خلاف جنگ ۾ حصو ورتو هو. ان ڪانسواءِ ڪجهه اهڙا ٻيا گروپ پڻ هئا جن هٽلر کان اُتساهه وٺي نازي طرز تي پنهنجي تنظيم سازي ڪئي هئي ۽ انگريزن خلاف جدوجهد جي شروعات ڪئي هئي. انهن تنظيمن ۾ هڪ علامه مشرقي جي خاڪسار تحريڪ پڻ هئي. ان تحريڪ کي بنيادي طور تي آحياءِ اسلام جي تحريڪن جو هڪ حصو ئي چئي سگهجي ٿو. 1930ع ۾ قائم ٿيل ان تنظيم جو بنياد جيتوڻيڪ تفرقي بازيءَ تي رکيل نه هو پر ان جو بنيادي مقصد اهو هو ته هندوستان تي حڪمراني مسلمانن جو بنيادي حق آهي جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اها تنظيم ڪوشش ڪندي. ان جو ٻيو مقصد سماج مان معاشي ناهمواري کي ختم ڪرڻ هو. ان ڪري بيلچو سندن شخصيت جو لازمي جُز هو. جنهنجو ڪم زمين کي هموار ڪرڻ هوندو آهي. تنظيم سازي هٽلر جي نازي پارٽيءَ جي طرز تي ٿيل هئي. ڪارڪنن لاءِ سادي زندگي ۽ ڊسپلن ان تنظيم جون خاصيتون هيون. خاڪسار مسلم مليشيا جي نالي سان هڪ هٿياربند تنظيم پڻ ٺاهي ويئي هئي جنهن جو مقصد هٿياربند جدوجهد وسيلي تنظيم جي مقصدن کي اڳتي وڌائڻ هو. خاڪسارن جو مرڪز جيتوڻيڪ پنجاب هو پر سندن اثر مُلڪ جي مختلف حصن تائين پهتل هئا. خاڪسار پنهنجي خاص نوعيت جي ڪري نوجوانن لاءِ خاص طور تي ڇڪ جو باعث هئا. اسلام جي مٿيراڇ، انگريز دشمني، امير غريب جي فرق کي ختم ڪرڻ ۽ هٿياربند جدوجهد اهڙا عنصر هئا جيڪي هندوستان جي ٻي ڪنهن سياسي جماعت ۾ ائين گڏ نه ٿيا هئا. اها تحريڪ جيتوڻيڪ ڪي وڏيون سياسي ڪاميابيون يا اقتدار وغيره حاصل نه ڪري سگهي. پر ان جا اثر پري پري تائين پهتا، جنهن جا پڙاڏا اڃا به سياست ۽ ادب ۾ ٻڌڻ ۾ اچن ٿا.

مُلڪ جي ٻين علائقن جي ڀيٽ ۾ سنڌ سياسي لحاظ کان هڪ خاموش ۽ ماٺار وارو صُوبو هو. سياست هڪ ته وڏن زميندارن ۽ واپارين تائين محدود هُئي جيڪي هڪبئي جي ٽنگ ڇڪڻ ۾ مصروف هئا ۽ ٻيو ته ڪي نوجوان ۽ پڙهيل لکيل ماڻهو انفرادي سطح تي مختلف جماعتن سان لاڳاپيل هئا. حر تحريڪ جيڪا هڪ خاص علائقي تائين محدود هئي، صوبي جي ٻين علائقن ۾ ان تحريڪ جي حمايت ۾ يا پنهنجي ليکي ڪا خاص چُرپُر موجود نه هئي. ڇيو وڃي ٿو ته انگريزن پاران محمد علي جوهر وارو مقدمو ڪراچي ۾ هلائڻ جو مقصد ئي اهو هو جو ڪين اها پڪ هئي ته هتي ان سلسلي ۾ ڪنهن عوامي رد عمل ٿيڻ جو امڪان گهٽ ۾ گهٽ هو. ان ڪري هتان جا سياسي طرح سجاڳ نوجوان



Gul Hayat Institute

نظرياتي طرح لاڳاپيل هئڻ جي باوجود آزاديءَ جي تحريڪ جي مختلف لاڙن ۾ ڪو سرگرم ڪردار ادا نه ڪري پئي سگهيا. ان جو اندازو ان ڳالهه مان لڳايو ته 1984ع ۾ جڏهن ڪراچي ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين جي گولڊن جوبلي ڪانفرنس ٿي رهي هئي ته سيئي ان ڳالهه ۾ مُنجهي پيا هئا ته انجمن جي پهرين ڪانفرنس ۾ سنڌ جي نمائندگي ڪهڙي سنڌي ليکڪ ڪئي هئي. اهو ته چيو پئي ويو ته سنڌ جي ڪنهن نمائندي ان ڪانفرنس ۾ شرڪت ضرور ڪئي هئي پر ان سلسلي ۾ هر ڪنهن وٽ مختلف نالو هو ۽ ڪنهن هڪ نالي تي اتفاق نه هو. اهڙي ريت جيئن سنڌو ندي سڄي ملڪ کي سيراب ڪرڻ کان پوءِ آخر ۾ سنڌ ۾ داخل ٿئي ٿي، تيئن سياسي ۽ نظرياتي لحاظ کان ٻه سنڌ چڻ هڪ پُڇڙي وارو علائقو هو جتي ان جا اثر گهٽ ۽ دير سان پهچندا هئا.

ان سڄي پس منظر ۾ 2 مئي 1924ع ۾ جمال ابڙي جو جنم ٿئي ٿو. سندس والد علي خان ابڙو نهايت پڙهيل لکيل شخص هو جنهن پنهنجي هن پٽ جي تربيت تي خاص ڌيان ڏنو. علي خان بنيادي طور تي هڪ روشن خيال مسلمان هو ۽ ڪنهن فرقي پرستيءَ ۾ يقين نه رکندو هو. جمال ابڙي جو چوڻ آهي ته "مون کي ڪڏهن زور نه ڀريائين ته نماز پڙهه يا قرآن پڙهه!" سندس مطالعي هيٺ ساڳي وقت ٽئگور، ٽالسٽائي ۽ منشي پريم چند ٻه رهندا هئا ۽ هُو قرآن مجيد جو مطالعو ٻه تفسير سان ڪندو هو. ڪتابن ۽ رسالن جي ان ذخيري مان جمال پڻ لاڀ حاصل ڪيو. علي خان جا ڪيترائي درسي ۽ غير درسي ڪتاب لکيل آهن پر سندس اهم ڪارنامو قرآن مجيد جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ۽ تفسير آهي. اُن وقت جي لحاظ کان اها واقعي هڪ اڳتي وڌيل سوچ هُئي جڏهن مُلڪ ۾ پِيرن جو ڏاڪو هو ۽ هُو اچي ڪاري جا مالڪ هئا تڏهن علي خان لاڳيتو پيري مريدي خلاف لکندو رهندو هو. ان ريت علي خان ابڙي مستقبل جي وڏي ليکڪ جمال ابڙي جي ذهني ارتقاءَ کي جڻ هڪ وات ڏيئي ڇڏي.

سماجي تبديلي جي خواهش جڻ نوجوان جمال جي طبيعت جو حصو بڻجي ويئي. جيتوڻيڪ علي خان مٿس ڪي پابنديون نه وڌيون هيون ۽ کيس چونڊ جي آزادي ڏني هُئي، پر جمال تي علي خان جي شخصيت ايتري قدر حاوي ٿي ويئي جو ايئن محسوس ٿئي ٿو ته جڻ سندس چونڊ جي آزادي محدود ٿي ويئي هئي. اها ڳالهه اُن وقت گهڻو واضح ٿي سامهون اچي ٿي جڏهن جمال سياسي لحاظ کان پنهنجي پهرين چونڊ ڪري ٿو ۽ خاڪسار تحريڪ ۾ شامل ٿئي ٿو. فرقي پرستي کان پري، اسلام ۽ مسلمانن جي وڃايل عظمت جو حصول ۽ معاشي اڻ برابريءَ جو خاتمو اهڙا قدر آهن جيڪي علي خان ابڙي جي شخصيت ۽ خاڪسار تحريڪ ۾ گڏيل هئا. جمال جو اهو فيصلو هڪ اڳتي قدم هو. علي خان جن آدرشن لاءِ قلم وسيلي جدوجهد ڪئي هئي، سندس پٽ عملي طرح اُن لاءِ جدوجهد ڪرڻ چاهي



Gul Hayat Institute

تي. جمال ابڙو خاڪسار تحريڪ جو هڪ اهم ڪارڪن هو. اها ڳالهه ان ڪري به اهم آهي ته اُن وقت ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ڪانسواءِ ڪميونسٽ پارٽي ۽ ٻيا ڪيئي ننڍا وڏا سيڪيولر سياسي گروپ گڏجي ڪم ڪري رهيا هئا، پر جمال ابڙي اُنهن مان ڪنهن جي به چونڊ نه ڪئي. خاڪسار تحريڪ جي چونڊ اهو ٻڌائي ٿي ته جمال شروع کان ئي مذهب کي سماجي تبديليءَ کي ڌار نه ٿي سمجهيو پر مذهب کي هڪ اهڙو ذريعو سمجهيو ٿي جنهن وسيلي معاشي برابري ۽ سماجي تبديليءَ واري عمل کي اڳتي وڌائي سگهيو ٿي.

ادبي تنظيم جي حوالي سان جمال ترقي پسند ليکڪن جي انجمن جي گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيندو هو. ان جو ڪارڻ اهو هو ته پنهنجي شروعاتي دور ۾ اها تنظيم وطن دوست ۽ انگريز راڄ خلاف وڙهندڙ قوتن جو هڪ گڏيل پليٽ فارم هئي جنهن ۾ مختلف نظرين ۽ سياسي تنظيمن سان واسطو رکندڙ ليکڪ شامل هئا. ان ڪري ان تنظيم سان وابستگي رکڻ جو مطلب ڪنهن خاص نظريي يا جماعت سان واسطو رکڻ نه هو. اهو رڳو ورهاڱي کانپوءِ ٿيو جڏهن پارٽ ۽ پاڪستان ۾ انجمن جي ٿيل ڌار ڌار ڪانفرنسن ۾ اهو موقف اختيار ڪيو ويو ته ترقي پسنديءَ جو مطلب سوشلسٽ نظريي سان لاڳاپيل هجڻ آهي. ان موقف جي ڪري ڪيترا اهڙا ليکڪ انجمن کان پاسيرا ٿي ويا جيڪي سوشلسٽ ته نه هئا پر انجمن سان همدردي رکندا هئا.

انهي تسلسل ۾ جمال سنڌي ادبي سنگت جي ٺهڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو. هُو سنگت جي باني ميمبرن ۾ شامل هو ۽ سنڌ مدرسي ۾ ٿيل پهرين ڪنوينشن ۾ شريڪ هو.

ماڻهوءَ جي زندگيءَ جا گهڻا پاسا هوندا آهن ۽ هُو هڪ ئي وقت ڪيئي ڪردار ادا ڪندو آهي. اها صورتحال خاص طور تي اُن سماج ۾ وڌيڪ هوندي آهي، جيڪي هڪ ته بحران واري صورتحال مان گذري رهيا هوندا آهن ۽ ٻيو ته اهڙن ماڻهن جو جوڳو تعداد نه هوندو آهي جيڪي مختلف شعبن جي ذميواري سنڀالي سگهن. سنڌ جي اُن وقت جي صورتحال اها ساڳي تقاضا ڪري رهي هئي. جيتوڻيڪ ورهاڱي کان اڳ وچولي طبقي جو هڪ چڱو خاصو تعداد شهرن ۾ موجود هو پر منجهائن اهڙن ماڻهن جو تعداد اٽي ۾ لوڻ برابر هو جيڪي سياسي طور تي مختلف محاذن تي سرگرم هئا.ان ڪري اها هڪ فطري ڳالهه هئي ته اهڙا سجاڳ ماڻهو مختلف محاذن تي ذميواريون کڻن. جمال ابڙي جي زندگيءَ تي نظر وجهجي ٿي ته اهو نظر اچي ٿو ته هڪ پاسي هُو بيلچو کڻي خاڪسارن سان گڏ هلي رهيو هو ته ٻئي پاسي سنڌ هاري ڪاميٽي ۾ سرگرم هو ۽ ٽئين پاسي هڪ سماجي ڪارڪن جي طور تي بنگال جي ڏڪر کان متاثر ٿيل ماڻهن جي مدد ڪري رهيو هو. گهڻين سرگرمين ۾ شامل ماڻهن جي سجاڻپ گهٽو ڪري اُها شيءِ

ٻڌبي آهي جيڪا سنڌس ذات جو مرڪزي نڪتو هوندي آهي ۽ جنهن نڪتي تي ٻيون سڀ شيون اچي گڏ ٿينديون آهن. جمال جي زندگيءَ جو اهو نڪتو سنڌس ادبي سرگرميون ٿيون. ليڪ هتڻ وارو پاسو جمال جي زندگيءَ جي ٻين سيني پاسن تي حاوي ٿي ويو ۽ اُنهن لاءِ هڪ حوالو بڻجي ويو.

جمال جي لکڻ جي شروعات سنڌس هاءِ اسڪول جي وقت کان ٿي چُڪي هئي. پر سنڌس پهريون افسانو 'هُو حُر هو' هفتيوار طوفان حيدرآباد ۾ 1949ع ۾ شايع ٿيو. اهڙي ريت چئي سگهجي ٿو تہ جمال جو ادبي ڪيريئر ورهاڱي کان پوءِ شروع ٿيو. اُن وقت گهڻي ڀاڱي هندو سنڌي اديب سنڌ مان هند لڏي چُڪا هئا. انهن مان جن سان جمال جو لاڳاپو رهيو هو اُنهن ۾ ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ گوبند پنجابي وغيره شامل هئا جن جو سنڌ جي ترقي پسند ادبي تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار رهيو هو. هتي موجود جن سنڌي اديبن سان جمال جو واسطو هو اُنهن ۾ سوڀو گيانچنداڻي، شيخ اياز محمد ابراهيم جويو ۽ سائينداد سولنگي وغيره شامل هئا.

ورهاڱي سنڌ ۾ هڪ بلڪل ئي نئين صورتحال کي جنم ڏنو هو. انهن توقعات جي اُبتڙ تہ نئين مُلڪ تهڻ سان تضاد ۽ ٽڪراءَ حل ٿي ويندا ۽ صورتحال ۾ هڪ استحڪام اچي ويندو، نون ۽ وڌيڪ پيچيده تضادن جنم ورتو جن صورتحال کي مرڳو ئي منجهائي ڇڏيو. ورهاڱي کان اڳ وارن تضادن ۽ ٽڪرائن جي جاءِ قومي تضاد اچي ورتي. ان سان گڏوگڏ ان احساس پڻ جنم ورتو تہ سنڌ جو وڏو زميندار نہ رڳو هارين جو استحصال ڪري رهيو هو پر ساڳئي وقت هُو اُنهن قوتن جو پڻ ساٿاري هو جيڪي سنڌ جي قومي حقن کي ڦٻائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هُيون. تہ سنڌ ۾ اُن وقت سنڌ هاري ڪاميٽي کان سواءِ اهڙي ڪا بہ سياسي ۽ سماجي تنظيم نظر نہ ٿي اچي جنهن ان سلسلي ۾ ماڻهن کي متحرڪ ۽ منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هُجي. سنڌي اديبن کي اهو ڪريڊٽ وڃي ٿو تہ ورهاڱي کان اڳ جڏهن سڄي سنڌ سياسي ۽ سماجي لحاظ کان مذهبي طور هندو ۽ مسلمان ۾ ورهايل هئي، اُن وقت بہ اهڙي ڪنهن مت ڀيد کان مٿي سنڌي اديب گڏجي ڪم ڪري رهيا هئا. ورهاڱي کانپوءِ ان نئين صورتحال ۾ هڪ پاسي سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جو طبقاتي لحاظ کان هڪ ڪردار هو جڏهن تہ دانشورن ان سطحُ تي سوچ جي لحاظ کان ۽ سنڌي اديبن جي لکڻين پنهنجو حصو ادا ڪرڻ شروع ڪيو هو. ورهاڱي کان پوءِ تخليق ٿيل سنڌي ادب ۾ ورلي ئي ڪا اهڙي سِٽ ۽ جملو ملي ٿو جنهن مان عشق، پيار، محبت ۽ عورت جو هڪ محبوبا جي طور تي ذڪر هُجي. اتڪل سڄو سنڌي ادب سياسي ۽ سماجي مسئلن ۽ قومي حقن جي اُپٽار سان ڀريل آهي. اها ڳالهہ ان ڪري بہ حيرت جوڳي آهي تہ انهن سنڌي اديبن جي گهڻائي ڪنهن سياسي جماعت سان لاڳاپيل نہ هئي ۽ منجهانئن گهڻا سرڪاري نوڪرين ۾ هئا. انهن اديبن لاءِ اهو ضروري هو تہ اُهي پنهنجي قومي

سجاڳپ جي نئين سِر تشڪيل ڪن. ڇاڪاڻ ته مذهب نئين ملڪ جي ٺهڻ کان پوءِ اُن سلسلي ۾ هڪ اهم عنصر نه رهيو هو. هڪ پاسي پنهنجي سيڪيولر ڪردار کي نروار ڪرڻ لاءِ صوفي مت جو سهارو ورتو ويو ته ٻئي پاسي تاريخ مان ڪنهن مذهبي مت ڀيد ڪانسواءِ اهڙا هيروز ڳولهيا ويا جن وطن خاطر پنهنجي جان ڏيڻ کان به نه ڪيٻايو هو. انهن ۾ ڏاهر ۽ هيمون ڪالاڻي به هئا ته دريا خان، جنرل هوش محمد ۽ شاهه عنايت شهيد جو به نالو هو. پر هِتي اُن سلسلي ۾ هڪ نهايت اهم ڪوٽ نظر اچي ٿي. حُر تحريڪ، پوءِ پلي اُن جا ڪارڻ ۽ نتيجا ڇا به هجن، انگريزن خلاف سنڌي ماڻهن جو هڪ اهم اُڀار هو ايستائين جو ان کي ڇيپاڻڻ لاءِ انگريز حڪومت کي مارشل لا جو سهارو وٺڻو پيو هو. سنڌي ادب ۾ محمد عثمان ڏيپلائي جي ناول ’سانگهڙ‘ ۽ ٻين ايڪڙ ٻيڪڙ لکڻين کانسواءِ ان تحريڪ جا ڪي خاص اولڙا نظر نه ٿا اچن. حُر تحريڪ سنڌي قومي تحريڪ جي مکيه ڌارا جو حصو نه بڻجي سگهي.

ان سڄي پس منظر ۾ جمال پنهنجي ادبي ڪيريئر جي شروعات ڪئي. هن وقت مطالعي هيٺ ڪلچر ڊپارٽمينٽ پاران ڇپايل سندس ڪهاڻين جو چوٿون ڇاپو آهي جنهن ۾ سترنهن ڪهاڻين سان گڏ ڪجهه همعصرن جو لکيل جمال جي شخصيت جو تعارف شامل آهي. انهن ڪهاڻين مان ڪُجهه متعلق ليکڪ اُنهن جو پس منظر ۽ تاريخ وغيره ڏني آهي جڏهن ته ٻين ڪهاڻين متعلق خبر نه ٿي پوي ته اهي ڪهڙي وقت لکيون ويون آهن. اهو ان ڪري به ضروري آهي ته ليکڪ جي ڪهاڻين جو پهريون دور 1949ع کان 1965ع تائين آهي ۽ پوءِ وچ ۾ هڪ ڊگهو عرصو آهي جنهن ۾ ڪا ڪهاڻي نه لکي ويئي. 1980ع ۽ 1990ع جي ڏهاڪن ۽ نئين صديءَ جي شروعات ۾ ڪهاڻيون لکيون ويون جنهن کي جمال جي ڪهاڻين جو ٻيو دور چئي سگهجي ٿو.

جمال جي پهرين ڪهاڻي ’هُو حُر هو‘ آهي. هن ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار خيرو خاصخيلي آهي، جيڪو پير پاڳاري جي قيد ٿيڻ کان پوءِ انگريزن خلاف هٿيار کڻي ٿو ۽ تحريڪ جي ڇيپاڄڻ کانپوءِ به هٿيار ڦٽا نه ٿو ڪري ۽ هڪ ڌاڙيل بڻجي وڃي ٿو. انگريزن کان آزاد ٿيل نئين ملڪ جي حڪومت به ڪيس معافي نه ٿي ڏئي ۽ هُو نيٺ پوليس سان مقابلي ۾ مارجي وڃي ٿو. حُر تحريڪ جو اهو انت پڙهندڙ کي انتهائي مايوس ڪُن لڳي ٿو. آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ ماڻهو نيٺ ڌاڙيل جو رُوپ اختيار ڪري ٿو. سنڌ ۾ اها ساڳي صورتحال 1983ع جي ايم. آر. ڊي جي جمهوريت لاءِ هلايل تحريڪ جي سلسلي ۾ به ملي ٿي جڏهن ڪيترائي سياسي ڪارڪن جهنگلن ۾ وڃي ڌاڙيل بڻجي ويا پر گهڻن ماڻهن کي اها غلط فهمي هئي ته اهي رياست خلاف وڙهندڙ مجاهد هئا. جيڪا جلد ئي دور ٿي ويئي ۽ جلد ئي اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويئي ته انهن جو مقصد ڦرمار کانسواءِ ٻيو ڪجهه

Gul Hayat Institute

به نه هو. ڪهاڻيءَ جي ان ڪردار کي ڏسڻ سان اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته پير پاڳاري جي گرفتاري خلاف رد عمل جذباتي ۽ خود رويت تي ٻڌل هو جنهن ۾ سياسي سوچ ۽ رٿابندي کان وڌيڪ عقيدت جو عمل دخل هو. ان ڪري ئي تحريڪ جي ڇيپا تجڻ ڪانپوءِ به هو هٿيار ڦٽا نه ٿو ڪري ۽ ٻين مهاياري جنگ جي اُنهن وڇايل سپاهين جيان جيڪي هڪ ڊگهي عرصي تائين جهنگ ۾ غائب رهڻ ڪانپوءِ جڏهن موٽن ٿا تڏهن اهو ٿي سمجهن ٿا ته جنگ اڃا هلندڙ هئي. خيرو خاصخيلي به مونجهاري جو شڪار هڪ ڪردار آهي جنهن جي ذهن ۾ ڪا به ڳالهه واضح ناهي. اهڙا ڪردار نه آدرش هوندا آهن ۽ نه ئي انسپائر ڪندا آهن. سندن انت بلڪل ائين ئي مايوسيءَ جو سبب بڻبو آهي جيئن سنڌ ۾ گهڻن ماڻهن پرو چانڊيي ۽ ٻين ڌاڙيلن جي موت تي تڏو وڇايو هو ۽ پنهنجي افسوس ۽ ڏک جو اظهار ڪيو هو. اهو ساڳيو افسوس جو اظهار ڪهاڻيءَ جو انت آهي.

هن ڪهاڻيءَ جي خاصيت اها آهي ته ان ۾ سنڌ جي تاريخ جي هڪ نهايت ئي حساس موضوع کي ڪنيو ويو آهي. ليڪڪ هڪ عام ماڻهو نه پر اهڙو شخص آهي جنهن جو واسطو پاڻ انگريز دشمن تحريڪن سان رهيو آهي. اهو دُرست آهي ته ڪهاڻيءَ ۾ جذباتي پٽي ۽ نعري بازي کان پاسو ڪيو ويو آهي پر اهڙن موضوعن تي لکيل ڪهاڻين ۾ انهن شين جو بلڪل نه هئڻ به هڪ مثبت ڳالهه ناهي. ڪهاڻيءَ جو هيرو هڪ عام شخص آهي جنهن کي ليڪڪ پاڻ پنهنجي اظهار جو موقعو نه ٿو ڏئي. اظهار جي موقعي ڏيڻ سان نه رڳو ڪردار وڌيڪ واضح ٿي سامهون اچي ها پر ان ۾ ليڪڪ جي پنهنجي شموليت به وڌي وڃي ها. ليڪڪ رُڳو پنهنجو پاڻ کي خيرو جي موت تي افسوس تائين محدود رکي ٿو جيڪو ڪافي ناهي. جيتوڻيڪ ليڪڪ جي اها پهرين ڪهاڻي آهي، پر هُو جيڪڏهن ان کي پوءِ واري دور ۾ revisit ڪري ها ته ڪهاڻي ۾ اڃا نکار اچي سگهيو پئي.

جمال جي ڪهاڻي پِشو پاشا کي ان ڪري سندس سُٺاڻپ چئي سگهجي ٿو جو اها ڪهاڻي نه رُڳو سندس همعصرن پر پنهنجي موضوع ۽ ٽيڪنيڪ جي لحاظ کان پوءِ وارن ليکڪن ۽ پڙهندڙن ۾ پڻ بحث هيٺ رهندي آئي آهي. جمال هڪ خط ۾ لکيو آهي ته هُن اها ڪهاڻي شيدو ڌاڙيل ۽ بلو دادا کان متاثر ٿي لکي پر هُو چئي ٿو ته "منهنجو 'پِشو' نه ڌاڙيل آهي نه داداگير، پر هڪ سڌو سنئون انسان آهي. گهڻن اهڙن سماجن وانگر جتي سماجي ادارا مضبوط نه هوندا آهن، ماڻهو استحصالي قوتن جي هٿ وس هوندا آهن ۽ ڪنهن اهڙي مسيحا جي انتظار ۾ هوندا آهن جيڪو انهن قوتن سان مهاڏو اٽڪائي سگهي. سنڌ ۾ پڻ اهو لاڙو گهڻو مضبوط رهيو آهي. ڪُجهه اهڙن ڌاڙيلن سنڌ ۾ ڏند ڪٿا ئي هيروز جي حيثيت اختيار ڪئي آهي جن با اختيار ماڻهن سان مهاڏو اٽڪايو ۽ غريبن ڏانهن هڪ مدد ۽ همدردي وارو رويو اختيار ڪيو. انهن ماڻهن ساڳي وقت اديبن ۽ ليکڪن

ڪي پڻ اُتساهيو آهي ۽ سندن لکڻين جو حصو بڻجي ويا آهن. شيدو ۽ بلو اهڙا ئي ڪردار آهن جن کي حميد سنڌي ۽ اياز قادري هڪ وڏي عمر ڏيئي ڇڏي آهي. اڇو ان ڳالهه کي ڏسون ته جمال جو 'پِشو پاشا' انهن کان ڪيئن مختلف ۽ ڌار آهي.

جمال ابڙي جو 'پِشو پاشا' هڪ فينٽيسي ناهي ۽ نه ئي هڪ ماورائي ۽ ڏندڪٿائي ڪردار آهي جيئن اُن کي عام طور سمجهيو ويو آهي. پِشو بلڪل ائين ئي گوشت پوست جو هڪ ماڻهو آهي جيئن ٻيا ماڻهو هوندا آهن. سندس باغي بڻجڻ جو ڪارڻ رُڳو گلناز جي محبت جو نه ملڻ ناهي جيئن ڪهاڻيءَ تي ٽيڪا ٽپڻي ڪندي رسول بخش پليجو پنهنجي هڪ خط ۾ چئي ٿو ته "سندس انقلابي بڻجڻ جو سبب به دلچسپ آهي. ڳوٺ جي وڏيري کي سندس چلولايون پسند نه ٿي آيون. باقي جو ڪيس پنهنجي ڌيءَ سان عشق ڪندو ڏٺائين. سو ڪاوڙجي پيو." اڳتي هلي هو لکي ٿو ته، "وڏيرو پنهنجي ڌيءَ سان عشق ڪرڻ جي اجازت ڏي ها ته انقلاب جي نوبت ئي نه اچي ها." جيڪڏهن ڪهاڻيءَ تي نظر وجهي وڃي ته اها ڳالهه ايڏي اهم نظر نه ٿي اچي. اختلافن جو سبب ڄاڻائيندي ڪهاڻيڪار لکي ٿو ته "رئيس جي شروع کان وٺي پِشوءَ سان نه پيئي هُئي. پِشو هر وقت پيو پنهنجين سنهڙين پورين مڇين کي وٽيندو هو. رئيس کي ڏاڍا جڪ ايندا هئا. چئي 'ياڙي، بيڪار تون کهڙي لاٽ جو پٽ آهين جو وتين ٿو مڇون وٽيندو!' پِشو پڙڪو ڏئي اُٿيو. چئي، 'ياڙي آهين تون! بيڪار آهين تون!' پوءِ ته هنگامو مچي ويو. پِشوءَ تي چڙهي ويا. پِشو به ٻن ڄڻن کي سٽيندو ڪٽيندو نڪري ويو." اصل مسئلو محبت کان وڌيڪ پِشوءَ جي انا ۽ خوديءَ جو هو. پر جيڪڏهن فرض به ڪجي ته محبت کان محرومي انقلاب جو باعث ٿي ته اها ڪا خراب ڳالهه ناهي ڇاڪاڻ ته اهوايڏو مضبوط جذبو آهي جنهن نه رڳو گهڻن ماڻهن پر ملڪن جي تقدير کي بدلائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. سنڌ ۾ سهڻي لطيف کان وڌو پيو کهڙو مثال ٿي سگهي ٿو جنهن جي سڄي شخصيت رُڳو ڇيڇ ڏسڻ سان تبديل ٿي پئي هئي. وڏيري جي خراب هلت، سندس استحصالي ڪردار ۽ ماڻهن جي پيداوار تي قبضو وغيره اهڙيون شيون هيون جن پِشو جي انا ۽ سندس محبت کان محروميءَ سان گڏجي ماڻهن جي گڏيل جدوجهد کي هٿي ڏني.

اهو برابر آهي ته پِشو هڪ اڻ گهڙيل شخص هو پر پنهنجي جدوجهد شروع ڪرڻ کان پوءِ هُو شهر ۽ اُتان جي مختلف ماڻهن سان لاڳاپي ۾ اچي ٿو ۽ اُنهن جي ڪردار تي هڪ تنقيدي نظر وجهي ٿو. ان سلسلي ۾ اهم ڳالهه سندس مزدورن جي تنظيم سان لاڳاپي ۾ اچڻ ۽ اُنهن سان وقت گذارڻ آهي. ليڪ ان سلسلي ۾ جيتوڻيڪ ڪي واضح اشارا نه ٿو ڏئي پر اها ڳالهه سامهون اچي ٿي ته پِشوءَ جي سياسي تربيت به ٿئي ٿي ۽ اُن سمجهه موجب پنهنجي حڪمت عملي ۽ جدوجهد کي ترتيب ڏئي ٿو.



Gul Hayat Institute

جڏهن ڀِشوءِ سندس ساٿي وڏيري کي سندس پوري اتاڻي سان گڏ ڳوٺ ڇڏڻ تي مجبور ڪن ٿا ۽ اُتي هڪ اهڙو سماج قائم ڪن ٿا جتي برابري، ڀائپي ۽ خوشحالي هُجي ٿي ته ائين لڳي ٿو ته جڻ ڪهاڻيڪار هڪ خوابن جي دُنيا يوٽوپيا ۾ ڦاسي پيو آهي. پر جيڪڏهن پوري سياق و سباق ۾ ۽ ليکڪ جي پس منظر کي نظر ۾ رکي ان ڳالهه کي ڏسجي ته پوءِ ائين نه لڳندو. ننڍي کنڊ سميت دنيا جي گهڻن مُلڪن ۾ اهڙا ڪوڙ مثال ملندا، جتي هارين زميندارن کي ڀڄڻ تي مجبور ڪري، هڪ مختصر وقت لاءِ ئي سهي، پنهنجي حاڪميت کي قائم ڪيو هو. سنڌ ۾ هڪ ته ان جو وڏو ۽ اهم مثال شاهه عنايت شهيد جي 'جو کيڙي سو کائي' واري تحريڪ آهي. ان تحريڪ ۾ اُن جي اڳواڻ جو انت به رياستي طاقت ذريعي ئي آندو ويو. هي ڪهاڻي پنجاهه جي ڏهاڪي ۾ لکي ويئي آهي. اُن وقت سنڌ هاري ڪاميٽي سنڌ جي گهڻن علائقن ۾ سرگرم هُئي. اُن جي اثررسوخ جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته اڌ بٽئي جي عمل ڪرڻ کان علاوه ڪُجهه علائقن ۾ باقاعدي هاري عدالتون لڳنديون هيون جيڪي زميندارن جي زيادتين خلاف اُنهن کي سزائون پڻ ٻڌائينديون هيون. ليکڪ پاڻ هاري ڪاميٽيءَ جو هڪ ڪارڪن رهيو هو. ان ڪري ان ڳالهه سندس شعور ۽ لاشعور کي ضرور متاثر ڪيو هوندو جنهن جو اظهار مختلف انداز ۾ سندس ڪهاڻي ۾ ٿيو آهي.

ڀِشو جي هڪ خاص ڳالهه اها آهي ته سندس ويڙهه انفرادي نه پر اجتماعي ڪردار رکي ٿي. هيرو پنهنجي ليکي ڪي اهڙا ڪارناما انجام نہ ٿو ڏئي جنهن جي هڪ عام انسان کان توقع نه ٿي رکي سگهجي. هُو ٻين ماڻهن سان گڏجي پنهنجي ويڙهه وڙهي ٿو. ان ڪري اهم ڪردار اُن طرح غير فطري نه ٿو لڳي جيئن سراج جي مختلف تاريخي ناولن جا هيروز آهن، جيڪي اڪيلي سر ناممڪن قسم جا ڪارناما انجام ڏين ٿا.

ڪهاڻيءَ ۾ ڪُجهه اهڙيون ڳالهيون آهن جيڪي هترادو ۽ روايتي لڳن ٿيون. مثال طور هڪ هنڌ ليکڪ چئي ٿو ته، "ڪاوڙ مان وڏيون ڀرانگهيون ڀريندو اچي رئيس جي حويليءَ وٽ نڪتو. وجهه وٺي گلناز جون ٻيئي ٻانهون ڪٽي جهليائين. چي "تون منهنجي آهين." حويلي ڪو عام گهر ته نہ هوندو آهي ۽ نه ئي اُتي عورتون ايئن بيٺل هونديون آهن جو ڪو به آيو ويو وجهه وٺي ڪين سنڌن ٻانهن ۾ هٿ وجهي. ڏٺو وڃي ته ليکڪ ان طبقاتي عشق کي پنهنجي ڪهاڻي جو حصو ته بڻايو آهي پر اُن کي پوري ريت نڀائي نه سگهيو آهي. انقلاب جي ڊوڙ ۾ اهو تمام پوئتي رهجي ويو آهي ۽ ڪهاڻيءَ ۾ ڪٿي به ان جو ڀرپور اظهار نٿو ملي.

هڪ ٻي ڳالهه ته جڏهن ڀِشو شهر مدد لاءِ وڃي ٿو ته اُتي سندس واسطو وڪيل، دانشور ۽ سياستدان سان پئي ٿو جيڪي سندس مدد ڪرڻ کان انڪار ڪن ٿا. اُن دور جي فڪشن ۽ فلمن تي نظر وڌي وڃي ته اهو هڪ عام تاثر ملندو

Gul Hayat Institute

هو ته شهرن ۾ رهندڙ اهڙا سڀ ماڻهو پنهنجن مفادن لاءِ مالدار ماڻهن جي خدمت ڪن ٿا ۽ غريبن تي ڪا توجهه نه ٿا ڏين. هتي ليکڪ ڪي هڪ مختلف نڪتہءِ نظر ڏيڻ گهرجي ها. ڇاڪاڻ ته جنهن وقت اها ڪهاڻي لکي ويئي آهي اُن وقت شهرن ۾ اهڙا ڪافي سياستدان، وڪيل ۽ دانشور موجود هئا. جيڪي عوامي تحريڪن سان لاڳاپيل هئا ۽ ڳوٺن وغيرهِ مان ايندڙ ماڻهن جي مدد ڪي پنهنجو فرض سمجهندا هئا.

ڪهاڻيءَ جي خوبي اها آهي ته ليکڪ پِشو جو انت هڪ بلڪل ئي فطري انداز ۾ ڏيکاريو آهي. هُو ۽ سندس ساٿي وڙهن ضرور ٿا پر سندن طاقت رياست پاران موڪليل فوج جو مقابلو نه ٿي ڪري سگهي. پِشو وڙهندي گرفتار ٿئي ٿو ۽ عدالت ڪيس ڦاهيءَ جي سزا ٻڌائي ٿي.

'پِشو پاشا' هڪ حقيقتن جي ويجهو ڪهاڻي آهي. اُن تي جيڪڏهن ڪو اعتراض ٿي سگهي ٿو ته اِهو ته ان ۾ ليکڪ شين ۽ ڪردارن کي نهايت سادگيءَ سان پيش ڪيو آهي جنهن جي ڪري ڪي پاسا گهڻو اُيري آيا آهن ۽ ڪي ماڳيهي دٻجي ويا آهن. هڪ ته ليکڪ ڪهاڻيءَ جي هيروئن گلناز جي ڪردار کي پوري ريت اُياري نه سگهيو آهي، جنهن جو هوندڻ ان سڄي صورتحال جي پيدا ٿيڻ ۾ هڪ اهم ڪردار آهي. ٻي اها ڳالهه ته ڪهاڻيءَ ۾ عدالتن جي ڪردار تي گهڻو زور ڏنو ويو آهي ۽ ٽيڪا ٽِپڻي ڪئي ويئي آهي. ڏنو ويچي ته عدالتن جو ڪم رُڳو اُنهن عملن کي جائز قرار ڏيڻ هوندو آهي جيڪي حڪمران ڪندا آهن يا ڪرڻ چاهيندا آهن. ان ڪري رياست جي ٻين ادارن جن جو ڦرمار واري نظام کي برقرار رکڻ ۾ اهم ڪردار هوندو آهي، تي جوڳو ڌيان نه ڏنو ويو آهي.

پنهنجي پهرئين دور ۾ جمال جي سِڌي طرح سياسي موضوعن تي لکيل ٻي ڪا ڪهاڻي نه ٿي ملي. سندس موضوع گهڻو ڪري مختلف سماجي مسئلا آهن. انهن مسئلن ۾ سندس پهرين ترجيح مڙد جي شائونزم، عورت ڏانهن مڙد ۽ سماج جو رويو ۽ عورت تي ٿيندڙ ظلم آهن. ڪهاڻيءَ 'مان مڙد' ۾ هڪ اهڙي سنڌي مڙد جي ڪٿا کي پيش ڪيو ويو آهي جيڪو هڪ اهڙي مُلڪ ۾ وڃي نڪري ٿو جتي عورت جي حڪمراني ۽ مٽيرائيپ آهي. اُتي ساڻس اُهو ساڳيو سلوڪ ڪيو وڃي ٿو جيڪي سنڌ ۾ عورتن سان ٿئي ٿو. سنڌ ۾ پنهنجي حيثيت ۽ مٽيرائيپ کي ياد ڪري هُو ڌهه ڌهه ڳوڙها ڳاڙي ٿو. ڪهاڻي پنهنجي ليکي مڙداڻي سماج تي هڪ ڀرپور طنز آهي. ان ۾ ليکڪ مڙد سان اهو سڀڪجهه ٿيندي ڏيکاريو آهي جيڪو سنڌ ۾ هڪ عورت سان ٿئي ٿو. ليکڪ مڙد ۾ نه رُڳو سماجي پر جسماني خاصيتون پڻ شامل ڪري ڇڏيون آهن جنهن جي ڪري هُو ٻار به ڄڻي ٿو. اها ڳالهه ڪنهن حد تائين هترادو محسوس ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ ته سماج جي تبديليءَ سان روايتن ۽ عورت ۽ مڙد جي رتبي ۾ ته تبديلي اچي سگهي ٿي پر سندن جسماني هيئت ۽

پيدائش جي عمل ۾ نه ٿي اچي سگهي. ڪهاڻي جي پڄاڻي تي ائين محسوس ٿو ٿئي ته ليکڪ هڪ ناصحانه انداز اختيار ڪري ٿو. جنهن جي ڪري ڪهاڻي پڻ متاثر ٿئي ٿي. ڪهاڻي جي پڄاڻي هن ريت ٿئي ٿي ته ”منهنجو منڙو ملڪ اهڙو ڳڻ چور نه آهي، ستر ورهين ۾ ضرور مٽيو هوندو. ڪو جهنگلي پوتن جو ملڪ نه آهي. منهنجي ملڪ جي مٽيادار ماڻهن ضرور ڪوپن وانگر مائرن، ڀينرن ۽ نياڻين جا نير ٽوڙيا هوندا.

پر جي نه، ته ... منهنجيون پوڙهيون نسون ڦٽنديون پيون. هزارن ڪوهن تان بيو ڇا ٿي ڪري سگهيس. نشتر هٽي رت ڪڍيم. رت جي ڏار سان هي پيغام لکيم، ”جي توهان تائين پهچي وڃي ته پوڙهي جي رت جو قدر ڪجو!، مڙس ٿجو!“

’سينڌ‘ پشو پاشا جي پهرين ڇاپي ۾ شامل نه هئي. اها ڪهاڻي گهڻو پوءِ لکي وئي ۽ ڇپي. ڪهاڻيءَ جو پس منظر ڪاروڪاريءَ وارو آهي. پر ليکڪ اهو ڪاميابيءَ سان واضح ڪيو آهي ته عزت ته رڳو هڪ بهانو ۽ ڍڪ آهي جڏهن ته اصل مقصد ۽ مسئلا ماڳيهي ڪي ٻيا هوندا آهن. جهڳڙوڪ پراڻيون دشمنيون ۽ وير پاڙڻ، زمين ۽ ملڪيت تي قبضو ڪرڻ ۽ پنهنجي ڪوڙي انا جي تسڪين. ان ڪهاڻيءَ ۾ به ان ڳالهه کي واضح ڪيو ويو آهي ته ان قتل جي پويان به ٻن هزارن جي اُها رقم هئي جيڪا طلاق جي صورت ۾ ماڻٽن کي ڏيڻي پوي ها.

ان ڪهاڻيءَ جو هڪ پاسو ته اُهو پيار آهي جنهن وسيلي ليکڪ اهو واضح ڪيو آهي ته عورت ۽ مرد جو تعلق ان وقت ئي هڪ معنيٰ اختيار ڪري ٿو جڏهن ٻنهي ۾ هڪ ٻئي لاءِ ڇڪ ۽ ذهني ۽ جسماني هم آهنگي هُجي. ان سڄي ڳالهه کي ليکڪ هڪ نهايت خوبصورت جملي ۾ هيئن سمويو آهي ته ”منوءَ کي ڇڏي ڏينيوءَ کان ڪيئن ڏنگائي.“ ٻئي پاسي هن سماج ۾ عورت کي جنهن پيڙا مان گذرڻو پوي ٿو ان کي نهايت چيندڙ انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. مثال طور هڪ هنڌ چئي ٿو ته ”ڇا ته توازن هئو! نڪاح ٻن ڌرين جي هڪجهڙي قبوليت هُئي. هڪ ٿوڙي سگهيو ٿي اُن کي ٿاڪئين نڪر وانگر ۽ ٻئي لاءِ ڳٽ هو ڳچيءَ جو.“ عورت جي قتل ٿيڻ ۽ اُن ڪانپوءِ سندس ڪاري هئڻ جو جنهن نموني جواز پيدا ڪيو وڃي ٿو اُن جي بيان سان لڱ ڪانڊارجي وڃن ٿا ۽ ماڻهوءَ کي پاڻ ۽ پنهنجي، سڄي ماحول سان نفرت ٿيڻ ۽ ڪريپ اچڻ لڳي ٿي. ’سينڌ‘ کي پنهنجي ٻولي ۽ پيشڪش وغيره جي لحاظ کان ليکڪ جي بهترين ڪهاڻين ۾ ڳڻي سگهجي ٿو. منهنجي خيال ۾ ڪاروڪاريءَ جي بيجڙي رسم کي ختم ڪرڻ واري مهم ۾ پڻ اها ڪهاڻي هڪ ڪارائتو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

’پيراڻي‘ به ’پشو پاشا‘ وانگر جمال جي سڃاڻپ بڻجي وئي. ائين لڳي ٿو ته ليکڪ پنهنجو سڄو اندر ان ڪهاڻيءَ ۾ اوتي ڇڏيو آهي. هڪ نون سالن جي ٻار کي مائٽ رُڳو پنهنجي غربت ڪري وڪڻڻ تي مجبور ٿين ٿا. بلڪل اهڙي ريت

سندس سودو ڪيو وڃي ٿو جيئن ڪنهن جانور ۽ ڍور جو ٿيندو آهي. ٻار جي پنهنجي ماءُ پيءُ کان ڌار ٿيڻ واري منظر کي جنهن حساس نموني پيش ڪيو ويو آهي اُهو چڻ تہ پڙهندڙ جي اندر کي اڌ ڪري ڇڏي ٿو. جمال جيڪڏهن ٻيو ڪجهہ بہ نہ لکي ها تہ بہ رڳو 'پيرانٽي' ئي کيس ادبي دنيا ۾ جيئري رکڻ لاءِ ڪافي هُئي.

ليکڪ جي هڪ ڪهاڻي 'بدمعاش' کي بحث هيٺ آڻي سگهجي ٿو. منهنجي خيال ۾ اها ڪهاڻي 'پِشو پاشا' جي پيٽ ۾ 'بلو دادا' ۽ 'شيدو ڌاڙيل' جي وڏيڪ ويجهو آهي. 'پِشو پاشا' تي تنقيد جو جواب ڏيندي پنهنجي هڪ مضمون ۾ ليکڪ لکي ٿو تہ "پر، ادا سائين، نيٺ ڪيستائينْ اسان ماحول جي شڪايت ڪندا رهنداسين؟ ڪيستائين ماحول اسان جي ڪردارن کي نشانو بنائيندو رهندو؟" اڳتي لکي ٿو تہ "وقت آيو آهي جڏهن اسان جا ليکڪ ڪردار کي ماحول جو نشانو نہ بنائين. اهي ڪردار چونڊين جي ماحول کي متائين." پر بدمعاش اهڙي ئي ڪردار جي ڪهاڻي آهي جيڪو ماحول جو شڪار ٿي ويو. خاندان، سماج ۽ پوليس سڀ گڏجي هڪ معصوم ٻار کي 'بدمعاش' جو روپ ڏين ٿا. ليکڪ جي ڪردارن ڏانهن اپروچ ۾ اها تبديلي ڪڏهن ۽ ڪيئن واقع ٿي آهي؟ اُن متعلق ڪُجهہ نہ ٿو چئي سگهجي. بهرحال اها حقيقت پنهنجي جاءِ تي آهي تہ هڪ تہ ماحول کي ڪردارن کان ڌار نہ ٿو ڪري سگهجي ۽ ٻيو تہ ليکڪ لاءِ اهو لڳ ڀڳ ناممڪن هوندو آهي تہ هُو گهڻي عرصي تائين ماحول کي نظر انداز ڪري ۽ اهڙا ڪردار تخليق ڪري جيڪي حقيقتاً وجود نہ رکندا هُجن. ان ڪري جمال جي 'پِشو پاشا' کي ان سلسلي ۾ رڳو هڪ استثنيٰ چئي سگهجي ٿو.

ان سلسلي جي ٻي ڪهاڻي 'پاشا' آهي جيڪا ميڪسم گورڪيءَ جي ڪهاڻيءَ جو ترجمو آهي. اها ڪهاڻي پڻ ان ڳالهہ کي ثابت ٿي ڪري تہ ماحول جو ڏوهہ ۽ ڏوهارين کي پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار هوندو آهي. پورهيتن جون وستيون جيڪي هر ان سهولت کان وانجهيل هونديون آهن جيڪي انساني جيوت لاءِ ضروري هونديون آهن، اُتي رڳو سرمائيدارن جي دولت ۾ واڌارو ڪندڙ مشين جا پرزا ۽ ڏوهاري ئي پيدا ٿي سگهندا آهن. پاشا هڪ اهڙو ئي ڪردار آهي جيڪو پنهنجي ماحول سان ٺهڪي نہ ٿو سگهي. اهڙن ڪردارن جي گهٽائي ڪا سياسي واٽ وٺڻ بجاءِ پاڻ پنهنجي نفي ڪرڻ شروع ڪندي ۽ پاڻ کي نشي، جوا ۽ اهڙن بين ڪمن ۾ ٻوڙي ڇڏيندي آهي. پاشا نيٺ پنهنجي نفي جي تڪميل ڪري ٿو ۽ شراب جي ڪري ئي سندس انت اچي ٿو.

ڪهاڻي 'ڪارو پاڻي' انساني ناتن جي هڪ ڇرڪائيندڙ ڪٿا آهي. هن ڪهاڻيءَ کي ٻولي، بيان ۽ احساسن جي لحاظ کان پيرانٽيءَ جي وصف ۾ بيهاري سگهجي ٿو. لڳي ائين ٿو تہ نقادن ان ڪهاڻي کي جوڳي اهميت نہ ڏني آهي. ڪهاڻيءَ ۾ ان ڳالهہ کي واضح ڪيو ويو آهي تہ انساني تهذيب دراصل فراواني جو

Gul Hayat Institute

نالو آهي. ڏکر، بک ۽ اُڃ جوُن حالتون انساني تهذيب ۽ ناتن جون ويري آهن. ڪهاڻيءَ ۾ ان ڳالهه کي واضح ڪيو ويو آهي تہ هڪ ياءُ جيڪو جيتوڻيڪ پنهنجي ياءُ سان تمام گهڻي محبت ڪري ٿو ۽ سندس خيال رکي ٿو پر جڏهن اهو سوال ٿو پيدا ٿئي تہ بک ۽ تڪليف وارين حالتن ۾ ڪنهن کي ترجيح ڏني وڃي تہ هُو ياءُ جي پيٽ ۾ پنهنجن ٻارن جي چونڊ ڪري ٿو. جيتوڻيڪ ليکڪ اُن ياءُ جي ڪسمپرسي ۽ بيوسي کي پڙ چٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر ان سان اُن صورتحال جي تلافي نہ ٿي ٿئي تہ "پوئين ڏينهن پوڙهي سرير پاڻ اُتي وڃي ڪاري هيٺان پاروٿو تڪر ڪنيو عُرس جي زال سٽ ڏيئي ڪسي ورتس! عرس بيني ڏٺو. ويچارو وڏو ياءُ محتاج ٿي مئو. هڏا ئي رُلي ويس." اڳتي جيڪڏهن ليکڪ عُرس جي ان رويي جو جواز پيش نہ ڪري ها تہ بہ ڪهاڻي هِتي مڪمل ٿي وڃي ٿي.

'شاهہ جو قر' هڪ اهڙي ٻار جو احساساتي رد عمل آهي جنهن کي سماج ۾ موجود سماجي ۽ معاشي گهٽ وڌاين جي پوري سمجهہ ناهي ۽ هُو هر ماڻهو سان، سندس مرتبي جي قطع نظر هڪجهڙو سلوڪ ڪري ٿي. اها ڳالهہ سيد سڳوري لاءِ قبولڻ جوڳي نہ ٿي هُجي تہ ڪو امتي اهلبيت سان ناتو جوڙي ۽ ڪيس ماما چوي. هُو جيتوڻيڪ اُن معصوم ٻا رکي سزا ڏيئي ٿو پر ليکڪ اُن ٻار جو جيڪو رد عمل ڏيکاريو آهي ۽ جنهن ڪروڌ ۽ ڪاوڙمان ممڙي "شاهہ جو قر!" اُچاري ٿي، اُن مان اها پلي پٽ خبر پئي ٿي تہ عقيدت ۽ عزت ماڻهن جو فطري عمل نہ پر سماجي مرتبي، معاشي طاقت ۽ صدين کان ٿيندڙ برين واشنگ جو هڪ لازمي نتيجو آهي.

'منهن ڪارو' بہ هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي جنهن ۾ عام ماڻهوءَ جي معاشي حالت ۽ پيري مريديءَ جي نالي ۾ ٿيندڙ استحصال کي واضح ڪيو ويو آهي. دين محمد جو مُنهن ڪارو ڪري ڪيس ان ڪري ذليل ڪيو وڃي ٿو جو هُن پير تي پيل نئون پڙ چورائي پنهنجي پٽ جو علاج ڪرائڻ چاهيو پئي.

انهن ڪهاڻين وسيلي ليکڪ دراصل انهن نظرياتي بنيادن کي ڏوڏڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جن تي سنڌ جي عام ماڻهوءَ جي قرمار ڪرڻ وارو سڄو سرشتو مدار رکي ٿو.

'بدتميز' ۾ هڪ ڊاڪٽر جي اهڙي رويي کي واڪو ڪيو ويو آهي جيڪو عام ماڻهوءَ کي تہ ڪا رعايت ڏيڻ لاءِ تيار ناهي پر هڪ سرندي واري واقف کان پنهنجي في وٺڻ کي بہ بدتميزي سمجهي ٿو. اهو پنهنجي ليکي هڪ ننڍڙ جوڳو رويو آهي پرَ ڏٺو وڃي تہ اهو گهڻي ڀاڱي هڪ فطري امر آهي جيڪو هڪ طبقاتي سماج ۾ هر ماڻهوءَ جي رويي ۾، پوءِ پلي هُو ان کي مڃي يا نہ، موجود رهي ٿو. رويي جو اهو فرق پاڻ کان گهٽ رُتبي واري ماڻهو ڏانهن ڪڏهن سرپرستي وارو رُوپ اختيار ڪري ٿو تہ ڪڏهن فاصلو رکڻ جو. پر برابري وارو معاملو گهٽ ئي ملي ٿو. بهرحال اهو ممڪن آهي تہ شعوري ڪوشش وسيلي ان جي منفي اثرن کي گهٽائي



Gul Hayat Institute

سگهجي.

'خميسي جو ڪوٽ' ۾ ڳوناٽي غربت جي اُن چڪر کي چٽيو ويو آهي جنهن کي ڪو انت ڪونهي. اجهو ڪهاڻيءَ جو انت ليکڪ هن ريت ڪري ٿو ته "ٻئي ڏينهن خميسي جو ننڍو ڀاءُ مهر ڏاند وٺيو بيٺو هو. ڪيس اهو ئي خميسي وارو ڪوٽ پيل هو."

ڪهاڻي 'مهرباني' شهري ماحول جي هڪ عام ڪهاڻي آهي جنهن ۾ آسودن گهرن جا ڪُجهه نوجوان بازارن ۾ گهمندي هر ڪنهن تي، پنهنجي مٽيرائپ جو ڌاڪو ڄمائڻ چاهين ٿا. پر جڏهن هُو هڪ فقيرياڻيءَ تي هِرڪي ڪانئس سندس پٽ جي پيءُ جي باري ۾ معلوم ڪن ٿا ته سندس هڪ جملو ته "اها اوهان صاحبن جي مهرباني آهي، بابو صاحب!" جڻ کين پاتال ۾ اڇلائي ٿي ڇڏي. ڪهاڻيءَ کي ان آخري جملي تي ختم ٿي وڃڻ کپي ها. ان کانپوءِ وارو پيراگراف ان ڪري اڻ ٺهڪندڙ ٿو لڳي ته ڪهاڻي ۾ انهن ڪردارن کي جنهن نموني پيش ڪيو ويو آهي اُنهن لاءِ اهڙا جملا ۽ ڳالهيون ته جڻ معمول هونديون آهن. ان ڪري هنن تي ايڏو گهرو اثر ٿيڻ هڪ فطري ڳالهه نه ٿي لڳي. اها ڪهاڻي پنهنجي ليکي اُهو تاثر قائم نه ڪري سگهي آهي جيڪو انهن ڪهاڻين ۾ ملي ٿو جيڪي ڳوناٽي پس منظر ۾ لکيون ويون آهن.

'لاري' ۾ ان تڪليف ۽ پيڙا کي بيان ڪيو ويو آهي جيڪا اُهي ماڻهو روز برداشت ڪن ٿا جيڪي پبلڪ ٽرانسپورٽ استعمال ڪرڻ لاءِ مجبور آهن. اها صورتحال رُڳو ڳوناڻن علائقن يا ننڍن شهرن تائين محدود ناهي پر ڪراچي جهڙي شهر جا ماڻهو به ذري گهٽ ان پيڙا مان روز گذرن ٿا. اهڙي ريت موضوع جي لحاظ کان اها هڪ ڌار ۽ منفرد ڪهاڻي آهي.

ٻئي دور ۾ ليکڪ ڪهاڻين تي گهٽ توجه ڏنو آهي، سندس گهڻي توجهه مضمونن ۽ آتم ڪٿا تي رهي آهي. ان دور ۾ لکيل به ڪهاڻيون 'فرشتو' ۽ 'ماءُ جي جهولي' توجه جي لائق آهن. اِهي ٻئي ان دور جي حالتن جي عڪاسي ۽ ليکڪ جي لاڳاپي کي ظاهر ڪن ٿيون. پهرين ڪهاڻي 'فرشتو' ضياءالحق جي مارشل لا سرڪار تي ليکڪ جو هڪ رد عمل آهي. ان سرڪار سان ليکڪ جو پيار ۽ نفرت (love and hate) وارو تعلق رهيو آهي. سنڌ ۾ اُن وقت مارشل لا سرڪار خلاف جيڪا جدوجهد هلي رهي هئي ان جي پيش نظر سنڌي ليکڪن جو پڻ اهو موقف هو ته سرڪار سان ڪنهن به قسم جو سهڪار نه ڪبو. سنڌي اديبن جي گهڻائي اڪادمي ادبيات پاران ڪوٺايل ڪانفرنس ۾، جيڪي ضياءُ سرڪار کي جائز هئڻ جو جواز فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوٺايون وينديون آهن ۽ جن جو افتتاح جنرل پاڻ ڪندو هو شرڪت جي حق ۾ نه هئي. شروع ۾ ته گهڻن اديبن اخلاقي دٻاءُ جي ڪري انهن ڪانفرنسن کي نظرانداز ڪيو پر اڳتي هلي جمال ابڙي ۽ رشيد ڀٽيءَ

سميت ڪيترن اديبن انهن ۾ پنهنجي شرڪت جا جواز پيدا ڪري ورتا. ڪهاڻي 'فرشتو' اهڙي ئي موقعي تي اسلام آباد جي هڪ هوٽل جي پسمنظر ۾ لکي ويئي آهي. ان مختصر ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ اهو ٻڌايو آهي تہ سندس علاج لاءِ آيل ڊاڪٽر مسيحا جي رُوپ ۾ عزرائيل هو. ان ڪهاڻيءَ جو ورتاءُ ليکڪ جي پهرئين دور جي ڪهاڻين کان بلڪل مختلف آهي. سياسي موضوع جي لحاظ کان 'پِشو پاشا' ڪانپوءِ ليکڪ جي هيءَ ٻي ڪهاڻي آهي. پر پِشو جي پيٽ ۾ هن ڪهاڻي جو ڪردار گهڻو محتاط ۽ ڊنل تو لڳي ۽ سندس وڏ ۾ وڏ رد عمل عزرائيل کي ڏسي سندس چرڪ پرڻ آهي. ٻي ڳالهہ تہ هن ملڪ جي ماڻهن پاران عزرائيل کي ڪڏهن بہ مسيحا جي رُوپ ۾ قبول نہ ڪيو ويو ۽ نہ ئي هُو ان ۾ ڪامياب ٿي سگهيو. ليکڪ الائي ڪيئن سندس ان روپ کي اُن وقت ئي پرکي سگهي ٿو جڏهن هُو پنهنجا ٻئي هٿ متي کڻي ٿو ۽ سندس وردي ۾ چنبا نظر اچن ٿا. اهو دراصل مارشل لا سرڪار خلافِ ليکڪ جو هڪ اڻ پورو ۽ دير سان آيل رد عمل آهي.

'ماءُ جي جهولي' سنڌ ۾ تيل فسادن جي پس منظر ۾ لکيل ڪهاڻي آهي. نهايت خوبصورت ۽ اثرائتي نموني ليکڪ ان ڳالهہ جي اپٽار ڪئي آهي تہ ماءُ جي جهولي ٻارن ۾ رنگ، نسل ۽ زبان جي بنياد تي ڪو فرق نہ ڪندي آهي. هڪ اهڙي ٻار کي جنهن کي هُو عام حالتن ۾ پنهنجي ويجهو نہ ٿي اچڻ ڏئي، هڪ بُحراني صورتحال ۾ جڏهن ٻار جي حياتي خطري ۾ هُجي ٿي تہ هُوءَ پنهنجي پسند ۽ ناپسند هڪ پاسي رکي ٻار جي حياتي جي بچاءَ کي ترجيح ڏئي ٿي.اهڙيون لکڻيون يقيناً سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهن وچ ۾ هم آهنگي پيدا ڪرڻ ۾ مددگار ٿي سگهن ٿيون.

ڪهاڻي 'لاٽ' هڪ اهڙي پورهيت جي ڪهاڻي آهي جيڪو هڪ کان پوءِ ٻي مصيبت ۾ گرفتار ٿئي ٿو پر هميشہ پُراميد رهي ٿو. اهڙي ماحول ۾ جتي مايوسي ۽ فرسٽريشن هڪ معمول هُجي، ڪهاڻي ۾ ڏنل اهو پيغام تہ "مُون حياتيءَ جو مقصد ڄاتو ۽ پاتو. جو ڪجهہ تو ۾ بهترين آهي، ان کي اُجار ۽ سڀ خرچي ڇڏ!" واقعي هڪ همت افزا ۽ اُتساهيندڙ ڳالهہ آهي.

انهن ڪهاڻين تي نظر وجهڻ سان مجموعي طور تي هي ڳالهيون سامهون اچن ٿيون:

1. ڪهاڻين جو پس منظر گهڻي ڀاڱي سنڌ جي ڳوٺاڻي زندگيءَ جي مسئلن سان واسطو رکي ٿو.
2. ليکڪ مختصر پر اثرائتي نموني ٻولي ۽ موضوع جو استعمال ڪيو آهي. ان جي ڪري هڪ تہ ڪهاڻي تان سندس گرفت ڪمزور نہ ٿي ٿئي ۽ ٻيو تہ محاورن ۽ تشبيهن جي استعمال انهن جي سونهن کي اجا وڌائي ڇڏيو آهي.

3ـ گهڻيون ڪهاڻيون ختم ٿيندي ٿيندي پڙهندڙ جي ذهن ۾ ڪي سوال اٿارين ٿيون ۽ ڪيس اُنهن جي جواب ڏيڻ لاءِ اُتساهين ٿيون. اهڙي ريت پڙهندڙ جڻ ليکڪ جي اُن ڪوشش جو هڪ قسم ڀاڱي ٿو ٿو ۽ اها ئي جديد ڪهاڻي جي ڪاميابي آهي:

## مضمونن جو جائزو:

ڪهاڻين جي ڀيٽ ۾ مضمون وسيلي ليکڪ جي نظريي، سوچ ۽ شخصيت کي سمجهڻ ۾ وڌيڪ مدد ملندي آهي. ڪهاڻين ۾ جيتوڻيڪ ليکڪ موجود هوندو آهي پر ڪيس پاڻ کي ڪردارن جي مخصوص دائري ۾ محدود ڪرڻو پوندو آهي. ان ڪري اهو ضروري ناهي هوندو ته ڪردار هرويرو ليکڪ جي شخصيت کي به ظاهر ڪن. ٻي ڳالهه ته فڪشن ۾ ڪهاڻي سوچ ۽ نظرئي بجاءِ احساسن تي مدار رکندي آهي. اهو ضروري ناهي ته ٻن ماڻهن جي احساسن جي هڪجهڙائي سندن نظرياتي هم آهنگي به هُجي. مضمون ۾ دليلن وسيلي ليکڪ پنهنجي نڪتهءِ نظر کي بيان ڪندو آهي ۽ اهو ٻڌائيندو آهي ته هو ڪتي بيٺل آهي ۽ ڪهڙي خيال سان گڏ آهي يا ان جو مخالف آهي. زير نظر ڪتاب ۾ ليکڪ جا چار مضمون سراج جي ناول 'پڙاڏو سو ئي سڏ' تي لکيل مهاڳ ۽ الطاف شيخ جي سفرنامي 'خبرون کيڙائن جون' جو پيش لفظ شامل آهن.

پهريون مضمون "شاهه محض صوفي نه هو" 1963ع ۾ لکيل آهي. ٻيو مضمون "انساني تقدس ۽ سچل سرمست آهي". شاهه ۽ سچل هڪ لحاظ کان سنڌ جي اديبن ۽ دانشورن جا نظرياتي اڳواڻ رهيا آهن. سنڌي ليکڪ پنهنجي انسان دوستي ۽ لبرلزم لاءِ نه رُڳو سنڌ جي انهن ٻن عظيم صوفين کان اُتساهه وٺن ٿا پر اُنهن کي پنهنجي نظرياتي سرچشمي طور ڪتب آڻين ٿا ۽ پاڻ کي انهن جو نظرياتي وارث سمجهن ٿا. سنڌي ترقي پسند اديبن جو هڪ وڏو حصو جديد سيڪيولر نظرين جي ڀيٽ ۾ پاڻ کي صوفي ازم جي وڌيڪ ويجهو سمجهن ٿا ۽ اُن جو وڏي واڪ اعلان به ڪن ٿا. جيئن رشيد ڀٽي ان ڳالهه کي چيو هو ته جيڪڏهن ڪنهن به سنڌي کي ڪوٺي ڏسبو ته منجهس هڪ صوفي ويٺل نظر ايندو. هتي اهو سوال پيدا ٿئي ٿو ته ڇا ڪوبه نظريو هر وقت ۽ هر قسم جي حالتن ۾ ڪارآمد ٿي سگهندو آهي؟ ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته صوفي ازم هڪ خاص دور ۾ روايتي مذهب جي ڀيٽ ۾ امن، ڀائپي، ايڪي ۽ انسان دوستيءَ جو ڪردار ادا ڪيو آهي. پر ان ڳالهه کي پڻ ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته صوفي ازم مذهب کان ڌار يا الڳ ڪو نظريو ناهي پر اهو ساڳئي مذهب جي هڪ ٻي تشريح ۽ سمجهاڻي آهي. ان صورتحال ۾ هڪ امڪان اهو ٿو رهي ته صوفي مت جي واٽ تي هلندڙ ڪڏهن به روايتن مذهب ڏانهن وڃي سگهن ٿا. ٻي اهم ڳالهه اها آهي ته خاص طور تي موجوده



Gul Hayat Institute

دور ۾ جڏهن ڪو سيڪيولر نظريو هڪ چيلنج جي صورت ۾ سامهون اچي ٿو تہ صوفي ازم جا گهڻا پوئلڳ گڏيل دشمن خلاف پنهنجن روايتي حريفن جا حليف بڻجي وڃن ٿا. سنڌي اديبن ۾ جنهن ڳالهہ کي ”نظرياتي تبديلي“ چيو وڃي ٿو اُن کي سمجهڻ لاءِ ان ڳالهہ کي ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي.

انهن ئي مضمونن ۾ جمال ابڙي ,شاهہ ۽ سچل جي ڪلام ۾ موجود انسان دوستي، امن ۽ ياڻپيءَ وارن قدرن کي اُجاگر ڪيو آهي. هُو منصب، رنگ ۽ ٻوليءَ جي بنياد تي نفرت ۽ ماڻهن وچ ۾ تفاوت ۽ عداوت کي رد ڪري ٿو. اهو موقف اُنهن سنڌي دانشورن جو هڪ گڏيل موقف هو جنهن سڻ سان جمال جو واسطو هو. پر جمال اُن وقت جي اهڙن ٿورن ليکڪن مان هڪ آهي جيڪي اُن وقت بہ اهو مڃيندا هئا تہ شاهہ ۽ سچل ٻيو سيڪجهہ هئا پر گڏوگڏ صوفي بہ هئا. جڏهن تہ انهن ليکڪن جي گهڻائي ان ڳالهہ کي مڃڻ لاءِ مشڪل سان ئي تيار ٿيندي هئي ۽ اهي کين ائين پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا جيئن هُو پاڻ هئا.

ان جي پيٺ ۾ جمال جي ٽئين مضمون ”عورت جي اسلام ۾ عزت ۽ آزادي“ تي نظر وجهجي ٿي تہ هڪ بلڪل ئي مختلف صورتحال سامهون اچي ٿي. اهو مضمون ترقي پسند مصنفين جي ڪانفرنس ۾ هڪ شاعره جي پڙهيل شعر جي پس منظر ۾ لکيل آهي. ان مضمون ۾ ليکڪ بجا طور تي اهو ٻڌايو آهي تہ اسلام ٻين مذهبن ۽ عقيدن جي پيٺ ۾ عورت کي هڪ اُوچو مقام ڏنو آهي پر هُو ان اپٽار ۾ وڌيڪ جذباتي ٿي ويو آهي ۽ پنهنجي اُن توازن ۽ دليل کي برقرار نہ رکي سگهيو آهي جيڪي سندس لکڻين جو بنياد رهيا آهن. اُهو ليکڪ جيڪو مذهبي مت ڀيد ۽ فرق کي ننديندو رهي ٿو هن مضمون ۾ ٻين مذهبن تي ٽوڪ واري انداز ۾ تنقيد ڪرڻ تائين هليو وڃي ٿو. هڪ جاءِ تي هُو لکي ٿو تہ ”منهنجي هڪ دانشور دوست پنهنجي آزاد خياليءَ ۽ روشن خيالي ڏيکاريندي فرمايو تہ يار واهہ واهہ، هندو ڌرم ۾ ڏس تہ عبادت ۾ بہ آرٽ ۽ سنگيت آهي!“ گهڙي چپ رهي چيم، ”ادا بسم الله شريمتيءَ کي ٻڙي پاراءِ پيٺ ۾ ٻني اگهاڙي ڪري، چولي ٻڌرائي وڃي مندر ۾ نينگ ٽپا ڏيار ۽ گهنڊ گهڙيال وڄاراءِ“ چا اهڙي جواب جي توقع جمال ابڙي مان ڪري سگهجي ٿي. ساڳي طرح هڪ پاسي هُو شاديءَ کي مڙد ۽ عورت جي وچ ۾ هڪ خانگي معاهدو قرار ڏئي ٿو ۽ قرآن مجيد، حديث شريف ۽ ڪورٽ سڳورين جي مختلف فيصلن جي روشني ۾ ان ڳالهہ جي حق ۾ دليل ڏئي ٿو تہ مڙد ۽ عورت ۾ ڪوبہ فرق ناهي ۽ منجهانئن جيڪڏهن ڪنهن کي ٻئي تي فوقيت آهي تہ اُها رُڳو ٻن سببن جي ڪري آهي ماءُ پيءُ کان يلو ٽيڻ ۽ پنهنجي مال مان خرچ ڪرڻ. پوءِ جيڪو بہ آهي بہ شرط پورا ڪري سو فضيلت وارو. پر اڳتي هلي هُو چار شادين جي حق ۾ ساڳيو زور بيان استعمال ڪري ٿو. نہ رُڳو اِن کي اُن وقت جي عرب جي حالتن ۾ صحيح ثابت ڪري ٿو پر ساڳي وقت موجوده دور جي سنڌ ۾ پڻ



Gul Hayat Institute

اُن کي ڪارآمد سمجهي ٿو. هو لکي ٿو ته ”شخصي طرح مان ٻي شاديءَ جو سخت مخالف آهيان پر هي هڪ سوچڻ جهڙو قومي ۽ سماجي مسئلو آهي.“ هو دليل ڏيندي چئي ٿو ته ”مثلاً، اڄ جڏهن سنڌي قوم کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي منظم ڪوشش ٿي رهي آهي ته سنڌين جي آدم شماري وڌائڻ لاءِ وڌيڪ شاديون ضروري نه ٿي پيون آهن ڇا؟“ ساڳي طرح هُو مرد کي مليل طلاق جي حق ۽ عورت جي اڌ گواهي کي پڻ مختلف دليلن سان صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ مخالفن کي سخت طرح سان ننديندي مضمون جي پڇاڙي هن ريت ڪري ٿو ته ”باقي ڪانگ وتن وات هڻندا.“

چوٿون مضمون ”پاڪستان- نهراءِ: اصل حقيقتون“ جي نالي سان آهي. هن مضمون ۾ ليکڪ ان ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته پاڪستان جي قيام جو مقصد هڪ مذهبي نه پر سيڪيولر رياست قائم ڪرڻ هو. ان مضمون مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته ليکڪ مذهب کي هر ماڻهوءَ جو ذاتي مسئلو سمجهي ٿو، جنهن جو رياست جي معاملن سان ڪو واسطو ناهي. ان مضمون کي جيڪڏهن متي ذڪر ڪيل عورتن جي حقن جي حوالي سان لکيل مضمون سان گڏي ڏسجي ته اها ڳالهه سامهون اچي ٿي ته ليکڪ سماجي معاملن کي ته مذهبي طور طريقن مطابق هلائڻ چاهي ٿو پر سياسي معاملن کي سيڪيولر ۽ ڪنهن مذهبي مت پيد ڪانسواءِ هلائڻ جي حق ۾ آهي. پر هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته جيڪڏهن سماجي معاملن ۾ فرد کي چونڊ جي آزادي نه ٿي ڏني وڃي ۽ مٿس زوري زندگي گذارڻ جا ڪي طريقا مڙهيا وڃن ٿا ته پوءِ اهو سيڪجهه رياست جي مداخلت ڪانسواءِ نه ٿي سگهندو ۽ اهڙي ريت لازمي طور تي اختيارين کي غيرجانبداري ترڪ ڪري هڪ يا ٻئي پاسي ٽيڏو پوندو. اهي ٻئي شيون هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن ۽ ٻنهي کي ڌار ڌار نموني اختيار نه ٿو ڪري سگهجي. ليکڪ ان سلسلي ۾ ڪٿي ليک ڪڍي ٿو؟ اهو واضح ناهي.

Gul Hayat Institute

## آتم ڪٿا:

ڪهاڻين ۽ مضمونن کانسواءِ ليکڪ جي ٻئين دور جو اهم ڪم سندس آتم ڪٿا آهي. اها آتم ڪٿا پنجن جلدن: 1- ’ڏسي ڏوهه اکين سين‘، 2- ’ اونهي ڳالهه اسرار جي‘، 3- ’توهر ۾ ڳاڙها گُل‘، 4- ’ايندو نه وري هي وڻجارو‘ ۽ 5- ’مر پيا مينهن وسن!‘ تي ٻڌل آهي. هن آتم ڪٿا جو بنياد ليکڪ جا مختلف وقتن تي ورتل نوٽس يا ڊائري نه پر سندس يادگيريون آهن. ڊائري ۾ ان ڳالهه جي گنجائش هوندي آهي ته ان ڳالهه جو اندازو ڪري سگهجي ته ليکڪ مختلف وقتن تي ڪيئن سوچيو ٿي ۽ مختلف ماڻهن ۽ شين ڏانهن سندس رويو ڇا هو. ان سان دراصل ليکڪ جي سوچ جي ارتقاءَ ۽ اُن ۾ تبديلين کي سمجهڻ ۾ مدد ملندي

آهي. جڏهن تہ يادگيرين تي ٻڌل آتم ڪٿا ۾ ماضي، اُن جي سيني واقعن ۽ شين تي ليکڪ جي موجوده سوچ تي حاوي هوندي آهي. اهو گهڻو ممڪن آهي تہ ڪالهہ هُن جن شين کي صحيح/غلط سمجهيو ٿي، اڄ انهن کي بلڪل ئي مختلف طريقي سان ڏسندو هُجي. اها ڳالهہ ان لحاظ کان بہ وڏيڪ اهميت جي حامل آهي تہ آتم ڪٿا دراصل ليکڪ جو نڪتهِ نظر آهي. زندگي ۽ اُن سان لاڳاپيل هر شيءِ سياست، معاشيات ۽ سماجيات وغيره ڏانهن نڪتہ نظر. ان ڪري ان ڳالهہ کي ضرور ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ هن آتم ڪٿا ۾ پڙهندڙ جنهن جمال ابڙي سان ملاقات ڪري ٿو اهو 1990ع جي ڏهاڪي سان واسطو رکي ٿو جيڪو پڙهندڙ کي پنهنجي ماضي جو سير ڪرائي ٿو. ظاهر آهي تہ ان ۾ موضوعيت جو عمل دخل گهڻو رهي ٿو. پر ان آتم ڪٿا ۾ اهم ڳالهہ اها آهي تہ پڙهندڙ گهڻن اهڙن واقعن، ماڻهن ۽ ماحول کان واقف ٿئي ٿو جيڪي هونئن سامهون نہ اچي سگهن ها.

## 1ـ ڏسي ڏوهہ اکين سين:

پهرين جلد جي شروعات 25 سيپٽمبر 1994ع ۾ لکيل ”منهنجي وصيت“ جي عنوان سان ڪئي ويئي آهي. اها وصيت گهڻي ڀاڱي پنهنجي گهر ڀاتين ۽ خاص طور تي ٻارن کي مخاطب ٿي لکي ويئي آهي. جيتوڻيڪ اهو هڪ ذاتي دستاويز آهي پر ادب ۾ اهڙا گهڻا مثال موجود آهن جتي ليکڪن جا خط ۽ ٻيا ذاتي دستاويز ادبي شهپارن جي حيثيت اختيار ڪري ويا آهن. ساڳي طرح ان وصيت جي بہ پنهنجي هڪ ادبي حيثيت آهي، ان مان ليکڪ جي زندگي، موت ۽ پنهنجن ٻارن ڏانهن رويي جي خبر پئي ٿي. هڪ جاءِ تي هُو چئي ٿو تہ ”پاڻ کي ميرو سمجهو نِمي ڪمي نهاريو هٿ جوڙجي وات وٺو. پاڻ کي عقل ڪُل نہ سمجهو!“ پنهنجي ان فلسفي کي ليکڪ لطيف ۽ غالب جي مختلف شعرن سان واضح ڪيو آهي. پنهنجي ورثي متعلق ڳالهائيندي هُو چئي ٿو تہ ”وصيت ڪٻي آهي مال ملڪيت لاءِ سا تہ مون وٽ ڪانهي. منهنجو سرمايو توهان آهيو ۽ مُون سڄي سيڙپ توهان ۾ ڪئي. ان ڪري گُهري ٿو وٺان تہ ٻائر پينر ميٺ محبت سان رهجو ۽ ڏکئي وقت ۾ هڪٻئي جي ڪم اچجو!“ آخر ۾ پنهنجي متعلق ڳالهائيندي هُو چئي ٿو تہ ”مون کو اهڙو عمل ڪونہ ڪيو آهي جنهن لاءِ شرمسار هجان (ڪچايون ڦِڪايون الله معاف ڪندو) سڀ سان چڱو سڀ سان ڀلائي ڪئي اٿم. ڪڏهن سمجهوتو يا سوديبازي ڪانہ ڪئي اٿم!“

وصيت کان پوءِ ليکڪ پنهنجي ڳولا جو ڪم شروع ڪيو آهي. ليکڪ جي چوڻ تہ هُو سانگي ابڙا آهن. ان سلسلي ۾ اهم ڳالهہ اها آهي تہ ليکڪ، جيئن سنڌ ۾ رهندڙ هر ذات جا ماڻهو ڪندا آهن، پنهنجو ناتو عربن سان نہ ڳنڍيو آهي بلڪ ٻين ذاتن جي اهڙين ڪوشش جي ڪوڙ کي پڻ واضح ڪيو آهي. بهرحال ان

Gul Hayat Institute

سلسلي ۾ ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن جن لاءِ ليکڪ وٽ ڪا تاريخي ثابتي ناهي ۽ اُن ڪي محض پنهنجي خوش فهمي جي بنياد تي بيان ڪيو ويو آهي. مثال طور رُڳو لاشارين پاران دولهه دريا خان سمي کي پنهنجو ڄاڻائي ورسي ملهائڻ جي بنياد تي ليکڪ لکي ٿو "هي ڳالهه منهنجي خيال کي هٿي ڏئي ٿي ته بلوچ به سنڌي سماٽ آهن. سنڌن ٻولي به ڪوسڪي ڪان سڀي تائين سنڌي آهي." (ص_ 28_29) هڪ ٻي جاءِ تي هُو لکي ٿو ته، "مگسي سماٽ قوم ۽ بقول سردار محبوب علي خان مگسيءَ جي ابڙا آهن." (ص_32). هن خطي ۾ اهو عام رجحان آهي ته پنهنجي اهميت کي وڌائڻ لاءِ هر ڪنهن کي پاڻ جهڙو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي ۽ ماڻهو جي هڪ ٻئي کان مختلف هئڻ واري ڳالهه کان انڪار ڪيو ويندو آهي. جيئن ڪُجهه بلوچ ليکڪن پاران پنهنجي نسلي مٽيرائپ کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪُجهه عرصو اڳ اهو ٿيسز پيش ڪيو ويو هو ته نمرود به بلوچ آهي. منهنجي خيال ۾ ليکڪ ان لاڙي جو شڪار ٿي ويو آهي ۽ ڪن کي زوري ابڙن ۾ شامل ڪيو اٿس ته ڪن کي سنڌين ۾. بهتر ائين ٿئي ها ته معروضي طور تي شين کي ڏسندي ليکڪ ماڻهن جي مختلف هئڻ کي مڃي ها.

هن وقت عام طور تي اِهو تاثر ڏنو ويندو آهي ته سنڌ ۾ هندو ۽ مسلمان مٺ محبت سان رهي رهيا هئا ۽ منجهن ڪنهن به قسم جا ڪي سياسي ۽ مذهبي اختلاف وغيره موجود نه هئا. اهڙي ريت ورهاڱو جڻ ته زوريءَ ۽ هتان جي ماڻهن جي مرضيءَ جي خلاف مٿن مڙهيو ويو هو. پر اها آتم ڪٿا ان تاثر جي نفي ڪري ٿي ۽ واضح طور اهو ٻڌائي ٿي ته هتان جي ماڻهن جي وچ ۾ اختلاف موجود هئا ۽ انهن جو واضح طور تي اظهار به ٿيندو هو. هونئن به جيڪڏهن ٿورو گهري نظر سان ڏٺو وڃي ته اها ڳالهه صاف نظر ايندي ته اهڙن اختلافن جي ڪري ئي زندگيءَ جا مختلف شعبا جهڙوڪ صحافت، تعليم ۽ سياست وغيره مذهبي بنيادن تي ورهايل نظر اچن ٿا. ليکڪ حيدرآباد جو ذڪر ڪندي ٻڌائي ٿو ته "ائين مسلمان ۽ هندن ۾ ويڇا وڌندا ويا ۽ ڳالهه وڃي گارگند ۽ جهيڙي تي پئي. جن سنگهي جُدا آکاڙا ٺاهي ورزشون ۽ ڪثرتون ڪندا رهيا ۽ مسلمانن تي حملا ڪندا رهيا. حيدرآباد ۾ سري گهاٽ ۽ مُکي گهٽيءَ ۾ ته ڪو مسلمان وڃي نه سگهندو هو. هيرا آباد ۾ ڪنهن به مسلمان کي جاءِ مسواڙ تي به ڪانه ملندي هئي."

ان سلسلي ۾ ليکڪ پاڻ اها ڪوشش ڪئي آهي ته ان جهيڙي ۾ هڪ توازن برقرار رکي. هڪ پاسي هُن اُهي ڏاڍايون ڄاڻايون آهن جيڪي هندن مسلمانن سان روا رکيون هُيون پر ٻئي پاسي مسلمانن جي اهڙن ڪمن کي پڻ واکو ڪيو آهي جيڪي سنڌ ۾ مذهبي هم آهنگي لاءِ هاجيڪار هُئا.

هن جلد جي خاص ڳالهه ليکڪ پاران تفصيلي طور تي پنهنجي زندگيءَ جي فلسفي تي ڪيل بحث آهي. هُو تمام مضبوطي ۽ پوري يقين سان اُن ڳالهه جي

وڪالت ڪري ٿو جنهن کي هُو صحيح سمجهي ٿو. هُو شروع ۾ ئي اهو واضح ڪري ٿو ته هُو ڪڏهن به دهريو نه رهيو آهي. خيال ۽ مادي جي اوليت ۽ برتريءَ متعلق هُو سائنسي، مذهبي ۽ ادبي دليلن جي مدد سان پنهنجي موقف کي واضح ڪري ٿو ۽ اهو ٻڌائي ٿو ته اهو الله ئي آهي جنهن هن سڄي ڪائنات کي تخليق ڪيو آهي ۽ انسان پيو ڪيترو به پنهنجي ڏاهپ جي مدد سان ترقي ڪري پر هُو ڪڏهن به سيني اسرارن ۽ رمزن جي تهه تائين نه ٿو پهچي سگهي. سندن ان سوچ جي پويان جنهن شخص جو مرڪزي ڪردار نظر اچي ٿو اُهو سندس پيءُ علي خان ابڙو آهي.

خيال ۽ مادي جو تڪرار صدين کان فلاسافرن جي بحث جو موضوع رهيو آهي. پر هُو ڪنهن هڪ نتيجي تي پهچي نه سگهيا آهن. سائنس جيتوڻيڪ ان سلسلي ۾ انساني سوچ کي نوان زاويا ڏنا آهن پر پوءِ به اهو مسئلو پنهنجي جاءِ تي باقي آهي. ليڪڪ سنجيدگيءَ سان ان مسئلي تي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌي دانشور ساڳي سنجيدگيءَ سان ان بحث کي اڳتي وڌائين. رُڳو الزام تراشي ۽ بهتان هڻڻ سان نه ڪنهن جي سوچ کي تبديل ڪري سگهجي ٿو ۽ نه ئي ڪنهن مسئلي کي حل ڪري سگهجي ٿو.

ليڪڪ پنهنجين ڪهاڻين ۽ مضمونن وانگر آتم ڪٿا ۾ به سنڌي سياسي بحث ڪرڻ ۽ ڪنهن نظرئي يا جماعت جي طرفداري ڪرڻ کان پاسو ڪيو آهي. پر ان جو اهو مطلب ناهي ته هُن پنهنجين ترجيحن جو ذڪر نه ڪيو آهي. ڪُجهه جملن جهڙوڪ اهو ته "تعصب ۽ نفرتون پوءِ وڌايون ويون خاص ڪري تڏهن جڏهن سنڌو ديش جو نعرو هنيو ويو ۽ پوءِ سنڌي مهاجر غنڊا پيدا ٿيا ۽ نيٺ معاملو چوٽ چڙهي ويو. ان ۾ مهاجر توڙي سنڌي سياستدان ۽ ڪاموري جو وڏو ڪڏو ڪرتوت هو نه ته ڪلچر ۽ ٻولي ويجها ايندا ۽ هڪ ٿيندا ٿي ويا. ٿوري وقت ۾ ازخود سڀ سنڌي ٿي ويجون ها." (ص_81) منهنجي خيال ۾ اهڙو واضح موقف ڪنهن سنڌي اديب ۾ مشڪل سان ئي ملندو. جيتوڻيڪ ان سلسلي ۾ جمال دير ڪري ڇڏي آهي پر پوءِ به اها هڪ مثبت سوچ آهي جنهن جي بنياد تي سنڌ ۾ يڪجهتي ۽ هم آهنگيءَ وارو ماحول پيدا ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي.

سنڌ ۾ سياسي مفادن کي حاصل ڪرڻ لاءِ، ورهاڱي کان اڳ، جن ماڻهن ۽ قوتن مذهبي منافرت جو سهارو ورتو ۽ نوبت فسادن تائين وڃي پهتي اُن تي قلم کڻڻ جي همت سنڌي ليکڪن پاران گهٽ ئي ڪئي ويئي آهي. پر ان سلسلي ۾ جمال نهايت واضح طور تي پنهنجو موقف بيان ڪندي لکي ٿو ته، "انهيءَ ڪري ئي مسلم ليگ جو وفادار ڪارڪن محترم ڄِي ايم سيد مسلم ڪاموراشاهيءَ جي پنيرائي سان هندن کي ڌڪ هڻڻ خاطر تحريڪ هلائي ته نه هندن سان خريد و فروخت ڪيو نه ساڻن اٿو ويهو يعني، مڪمل سماجي بائيڪاٽ ڪيو ۽ باقاعده

اهڙا پوسٽر ڇپايا ۽ ورهايا ويا جي ڳولهڻ سان اڃا به ملي ويندا. پوءِ به ڪم نه ٿهيو ته منزل گاهه مسجد جي آڙ ۾ هندو مسلم فساد ڪرايا ويا ۽ بيگناهه عام توڙي خاص هندو قتل ڪرايا ويا، جهڙوڪ شڪارپور جو مسٽر پمناڻي، ڀڳت ڪنور رام ۽ ٻيا. نه رُڳو ايترو بلڪ مسلم قومپرست ليڊر جهڙوڪ خان بهادر الله بخش سومرو وغيره قتل ڪرايا ويا ۽ سندن قاتل جو هڪ جلباڻي هو ان کي غازي سڏيو ويو ته ويو!" (ص_166)

هن آتم ڪٿا جي هڪ خاصيت اها آهي ته ان ۾ ليکڪ پنهنجي مافي الضمير بيان ڪرڻ ۾ ڪنهن رک رکاءَ کان ڪم نه ورتو آهي. ان ڪري جيڪي وٿس آهي ۽ جيڪي سندس سوچ آهي اُن سڀ کي جيئن جو تيئن سامهون آندو ويو آهي. مٿي سندس مادي ۽ خيال جي تڪرار واري بحث جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ساڳي طرح ليکڪ پنهنجن سماجي روين ۽ خيالن کي پڻ واضح ڪيو آهي. انهي سلسلي ۾ ڪن بنيادي ڳالهين جو ذڪر ڪري سگهجي ٿو. علي نواز وفائي جڏهن وڏيري جي اها تعريف ڪندو هو ته اُن جي معنيٰ ٿورو وڏو راڄ جو ۽ ڳوٺ جو وڏو جيڪو ماڻهن جي ڏکن، سُورن ۽ تڪليفن کي ٻڌي ۽ اُنهن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري تڏهن ڪيس ساڃي ڏر جو حمايتي ۽ وڏيرن ۽ زميندارن جو حمايتي سمجهي اُن کي رد ڪيو ويندو هو. پر وقت گذرڻ سان گڏوگڏ حالتن ۽ سماجي روين ۾ تبديلي آئي آهي ۽ ان ساڳي تعريف کي هن وقت هڪ مستند حيثيت حاصل ٿي ويئي آهي. هن آتم ڪٿا ۾ به ليکڪ نه رڳو اُن کي پنهنجو ڪيو آهي پر اُن جي حق ۾ ڪيئي دليل پڻ ڏنا آهن. جمال ابڙي اُن کي هڪ پاسي زرعي ۽ صنعتي معيشت جي تضاد طور استعمال ڪيو آهي ۽ اهو ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته صنعتي شعبو سڀ مراعاتون حاصل ڪري ٿو جڏهن ته زرعي شعبي کي نه رڳو اهو ته ڪُجهه نه ٿو ملي بلڪ ان کي صنعتي شعبي کي مليل مراعاتن جي قيمت ادا ڪرڻي پوي ٿي. ٻئي پاسي ليکڪ ان کي شهر ۽ ڳوٺ جي تضاد طور استعمال ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ ليکڪ پاران جيڪا ٻولي استعمال ڪئي ويئي آهي اُها اها چغلي کائي ٿي ته سندس شعور يا لاشعور ۾ ڪٿي سنڌي مهاجر تضاد موجود آهي. مثال طور سندس پاران لفظ 'حرامي سرمائيدار' جو استعمال 'منافق شهري دانشور' پڙهندڙ کي يقيناً ان پاسي ڌيان ڏئي وٺي وڃن ٿا. ڇاڪاڻ ته هڪ ته اهو سمجهيو وڃي ٿو ته سنڌي سرمايه دار جو هئڻ نه هُئڻ برابر آهي. ساڳي طرح ان ڳالهه جي باوجود به ته سنڌي اديبن ۽ دانشورن جو هڪ وڏو حصو شهرن ۾ رهي ٿو پر عام طور اِهو سمجهيو وڃي ٿو ته شهري دانشور جيئن ته غير سنڌي آهي ان ڪري هو زراعت ۽ زميندارن تي جيڪي گهڻو ڪري سنڌي آهن، تي ٽيڪس وغيره لاڳو ڪرڻ جي ڳالهه ڪري ٿو. منهنجي خيال ۾ انهن اصطلاحن کي استعمال ڪرڻ جي بجاءِ ليکڪ جيڪڏهن مسئلن ۽ اشوز تي

Gul Hayat Institute

بحث ڪري ها تہ اُهو وڏيڪ مناسب ٿئي ها. اهو سوال رُڳو جمال ابڙي جو نہ پر سنڌي سياستدان ۽ دانشور جي هڪ عام رويي جو سوال آهي تہ ڇا وڏيري ۽ زميندار جي رُڳو ان ڪري حمايت ڪئي وڃي تہ هو سنڌي آهي. بنيادي طور تي ان رويي جي ڪري سنڌ ۾ هاري ۽ پورهيت جو سوال پس منظر ۾ هليو ويو آهي ۽ پوتارن هڪ ييرو ييهر اڳواٽيءَ وارو ڪردار سنڀالي ورتو آهي.

جيڪڏهن ان رويي کي ليکڪ جي پنهنجي ماضي ۽ ڪهاڻين وغيره جي تسلسل سان ڏٺو وڃي تہ اها ڳالهہ نظر ايندي تہ ليکڪ ۾ پاڻ هڪ بنيادي تبديلي آئي آهي. پنهنجين ڪهاڻين ۾ هُو غريب، پيڙهيل ۽ مظلوم طبقن جي پاسي بيٺل نظر اچي ٿو ۽ ڪُجهہ ڪهاڻين ۾ سندس طبقاتي جانبداري پڻ ظاهر ٿئي ٿي پر آتم ڪٿا ۾ ليکڪ جو ورسايل طبقن ڏانهن رويو بلڪل ئي مختلف آهي.

آتم ڪٿا پڙهڻ سان اها ڳالهہ واضح ٿئي ٿي تہ ليکڪ لاءِ ذاتي تعلق ۽ واسطن جي تمام گهڻي اهميت رهي آهي. جمال ابڙي جي زندگي رُڳو هڪ ليکڪ جي زندگي نہ رهي آهي پر اُن سان گڏ هڪ ڪاموري جي حيثيت ۾ هُن هڪ ڀرپور زندگي گذاري آهي. آتم ڪٿا جي هن جلد ۾ سندس حياتيءَ جو اهو ٻيو پاسو وڌيڪ حاوي نظر اچي ٿو. ان جو سبب اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ هڪ ڊگهي عرصي تائين هُو ادبي لڏي کان ڪٽيل ۽ پاسيرو رهيو ۽ جيڪڏهن سندس ذاتي واسطا ڪُجهہ سينيئر ليکڪن سان رهيا بہ تہ اُنهن جو ذڪر بہ نهايت مٿاڇرو ٿيو آهي. اها گهٽتائي خاص طور تي سراج ۽ اياز جي سلسلي ۾ محسوس ٿئي ٿي جن سان ليکڪ جو ويجهو لاڳاپو رهيو هو ۽ جيڪو سندس لکڻ مان بہ واضح ٿئي ٿو. ان جي ڀيٽ ۾ هُن هڪ پاسي غيبي چانڊيو ۽ سلطان چانڊيو جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي ۽ ٻئي پاسي ميرن سان پنهنجي تعلق کي واضح ڪيو آهي.

ليکڪ جي اها خوبي آهي تہ هُن جتي هڪ پاسي پنهنجين خوبين کي ڄاڻايو آهي ۽ رشوت ۽ سفارش کي ننديو ۽ رد ڪيو آهي اُتي ساڳي وقت هُن اهڙن واقعن جو ذڪر پڻ ڪيو آهي جتي هُن out of way وڃي ڪُجهہ ماڻهن کي فائدو پهچايو آهي. ان سلسلي ۾ خاص طور تي غوث علي شاهہ کي هڪ ڪيس دوران اهو چوڻ تہ فلاڻا فلاڻا ڪتاب ڏسي ڪيس تيار ڪر ۽ پوءِ سندس حق ۾ فيصلو ڏيڻ مهل اهو چوڻ تہ فيصلو تہ هُن اڳ ئي تيار ڪري ڇڏيو آهي سندس مقصد رُڳو اهو هو تہ غوث علي شاهہ وڌيڪ محنت ڪري، اهو ڏيکاري ٿو تہ هُن ڪٿي ڪٿي پيشہ ورانہ فرض جي ادائيگي ۾ مصلحت کان پڻ ڪم ورتو آهي. ساڳي طرح اها ڳالهہ پڻ ڌيان ڇڪائي ٿي تہ هُو رڳو خيرپور ۾ ان ڪري غوث علي شاهہ جي گهر هلي ويو تہ جيئن ماڻهن کي خبر پوي تہ 'جج صاحب سائين جي گهہ پاڻ آيو آهي!' ۽ اهڙي ريت سندس وڪيل واري حيثيت وڌيڪ مستحڪم ٿئي. ليکڪ جيتوڻيڪ هڪ آسودي زندگي گذاري آهي، پر سندس زندگيءَ ۾ محنت جي وڏي

Gul Hayat Institute

اهميت رهي آهي ۽ هُن نه رُڳو ان ڳالهه جي وڪالت ڪئي آهي ته محنت انسان جي زندگيءَ ۾ سندس سماجي رتبي کان وڌيڪ اهميت رکي ٿي پر ساڳي وقت هُن پنهنجي بيماري دوران پنهنجي وڏي پٽ کي اها ترغيب ڏني ته هُو رڪشا هلائي ۽ بس ڪنڊڪٽر ٿئي ته جيئن منجهس محنت ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪا هٻڪ نه رهي. ساڳي طرح هو شادي ۽ رشتن ناتن قائم ڪرڻ ۾ به ذات پات ۽ سماجي ننڍ وڏائي جو قائل ناهي. اها هڪ مثبت ڳالهه آهي ته ليکڪ نه رڳو واپار ۽ ڪاروبار ڪرڻ جي اهميت جو قائل آهي پر ساڳي وقت هُو پنهنجن مختلف مائٽن ۽ واقفڪارن جي مثالن سان ان ڳالهه کي ثابت ڪري ٿو ته واپار ڪرڻ پوءِ اهو پلي ڪيتري گهٽ سطح جو ئي ڇو نه هُجي سراسر نفع جو ڪم آهي.

هن جلد جي پڇاڙيءَ تي ليکڪ پنهنجي نظريي ۽ عقيدي جي پڻ وضاحت ڪئي آهي ۽ اهو ٻڌايو آهي ته اهو سندس والد کان ڪيئن مختلف آهي. هُو لکي ٿو ته، "بابا جي حڪم موجب سندس جماڻا ۽ پارها ڪونه ڪياسون. نڪو ورسيون ملهايونسين. باقي ٽيجهو ۽ چاليهو ڪيوسين. سندس چوڻ هو ته اسان جو ڪو به عمل ڪيس ڪونه پهچندو هر ڪنهن کي پنهنجا عمل ڇڏائيندا. ماڻهو جيڪو سڄي عمر چڱو يا برو عمل ڪيو. اُن جي جزا ۽ سزا پاڻ ئي پوڳيندو. اهو ته برابر آهي ۽ عين قرآن مطابق آهي. پر منهنجا خيال هاڻي بدليا آهن. الله رحيم ۽ رحمان آهي غفور ۽ مغفرت ڪرڻ وارو آهي ۽ مالڪ مختيار آهي. عجب نه آهي جو هڪ جو عرض اگهائي، ٻئي کي معاف ڪري يا مغفرت ڪري ڇڏي. (ص_225)

هن جلد ۾ ليکڪ مختلف موقعن تي حيدرآباد ۽ لاڙڪاڻي جي حوالي سان وچولي سنڌ ۽ اُتر جي ٻوليءَ جي مختلف لفظن ۽ اُچارن جي فرق جي حوالي سان بحث ڪيو آهي ۽ اِهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته اُتر سنڌ ۾ ڳالهائجندڙ ٻولي ۽ اُن جا اُچار وڌيڪ صحيح ۽ مناسب آهن ۽ حيدرآباد ۽ پرپاسي وارن ماڻهن کي هروڀرو پنهنجي مٽيرائپ تي زور ڏيڻ نه گهرجي. منهنجي خيال ۾ هن وقت اخبارن، ڪتابن، ريڊيو ٽيليويزن ۽ ٻين لاڳاپن جي ذريعن جي واڌ ويجهه سنڌيءَ جي مختلف لهجن کي هڪ ٻئي کي نهايت ويجهو آڻي منجهن موجود فرق کي گهٽ ۾ گهٽ ڪري ڇڏيو آهي. هونئن به ٻولي جو اهو فرق ڪا خراب ڳالهه به ڪونهي ۽ اهو ساڳي وقت ٻوليءَ جي شاهوڪاري کي پڻ ظاهر ڪري ٿو. ان ڪري حيدرآباد ۽ پرپاسي وارا ماڻهو جيڪڏهن ڪوڙو کي ڪڙو لکن، پڙهن ۽ ڳالهائين ٿا ته ان ۾ ڪا به خراب ڳالهه ناهي. مطلب ٻنهي جو ساڳيو آهي ۽ ان کي ساڳئي وقت ائين سمجهيو به وڃي ٿو.

هن جلد جي خاصيت اها آهي ته ان ۾ استعمال ٿيل ٻولي نهايت سليس ۽ سولي آهي. جيتوڻيڪ ليکڪ ان کي مختلف حصن ۾ ورهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر هُن ان کي ڪٿي به پنهنجي خيالن ۽ سوچ جي روانيءَ ۾ رُڪاوٽ

ٻڌجڻ نہ ڏنو آهي. ڳالهہ مان ڳالهہ نڪرندي ويئي آهي ۽ اهڙي ريت ليکڪ اهڙن گهڻن پاسن تي لکڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي. جيڪي ٻي صُورت ۾ يقيناً رهجي وڃن ها. بهرحال، لفظن جيٰ استعمال ۾ ليکڪ احتياط کان ڪم نہ ورتو آهي. اها ڳالهہ اُن وقت وڌيڪ کُلي ٿي جڏهن پڙهندڙ سندس نفيس طبيعت ۽ سندس اڳوڻين لکڻين کي نظر ۾ رکي ٿو. مثال طور نون اديبن لاءِ لفظ 'اديبڙا' جو استعمال يا 'حرامي سرمايہ دار' ۽ 'منافق شهري دانشور' وغيره کي بيان ڪري سگهجي ٿو. لفظن جي استعمال ۾ احتياط ان ڪري بہ ضروري آهي تہ جيئن ليکڪ جو موقف ان بد احتياطي جو شڪار ٿي پنهنجي اهميت وڃائي نہ ويهيٰ.

## 2_ اونهي ڳالهہ اسرار جي:

هن جلد جي شروعات ليکڪ پنهنجن ناناڻن جي بيان سان ڪئي آهي ۽ مختلف تاريخي حوالن سان اهو ٻڌايو آهي تہ سندن طرز زندگي ڇا هو ۽ اُنهن کهڙي ريث ٻُهادريءَ سان پنهنجي جياپي کي ممڪن بڻايو هو. ليکڪ پنهنجي ذاتي تجربي جي حوالي سان ان ڳالهہ کي واضح ڪيو آهي تہ جهنگ ۾ رهندڙ کي جهنگ جي قانون مطابق هلڻو پوندو آهي ۽ اُتي رشتن ناتن جي ڪا اهميت نہ هوندي آهي. اها ڳالهہ مٿس اُن وقت ظاهر ٿئي ٿي جڏهن سندس پنهنجا چاچا زمين جي معاملي تي جمال ۽ ڪمال تي بندوقون سِڌيون ڪري بيهن ٿا. پنهنجن ناناڻن جي ذڪر ۾ ليکڪ خاص طور تي پنهنجي مامي حاڪم کي گهڻو ساراهيو آهي جنهن پنهنجي سماجي حيثيت کان وڌيڪ پنهنجي مڙسي ۽ همت جي بنياد تي اُن جهنگ ۾ پنهنجو مقام ٺاهيو هو ۽ عزت ۽ وقار حاصل ڪيو هو.

هن جلد ۾ ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندي ليکڪ پنهنجي شخصيت جي مختلف پاسن کي نروار ڪيو آهي ۽ زندگيءَ ڏانهن مختلف روين تي بحث ڪيو اٿس. انهن مان ڪجهہ کي هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿو:

1) ليکڪ جو اهو موقف آهي تہ شخصيت جي ٺهڻ ۾ تعليم جوٰ بنيادي ڪردار ناهي. اصل ڳالهہ تربيت جي آهي جيڪا ماڻهوءَ کي ٺاهي بہ ٿي ۽ بگاڙي بہ ٿي. هو لکي ٿو تہ "حقيقت ۾ تربيت ئي سيڪجهہ آهي۔ تعليم ڪجهہ نہ آهي." (ص_50) اڳتي هلي هو چئي ٿو تہ "پڙهڻ لکڻ جي اهميت پنهنجي جاءِ تي، ڇاڪاڻ تہ اهو علم حاصل ڪرڻ جو هڪ ذريعو آهي، باقي بذات تہ اهو ڪُجهہ بہ نہ آهي." (ص_50) منهنجي خيال ۾ اهي ٻيئي شيون ڳنڍيل آهن ۽ اُنهن کي ڌار ڪري ڏسڻ مناسب ناهي. ليکڪ پڙهيل ماڻهن جي جنهن اخلاقي گراوٽ جو ذڪر ڪيو آهي اُن جو ڪارڻ رُڳو تعليم جو هئڻ يا سُٺي تربيت جو نہ هئڻ نہ آهي پر مجموعي طور تي اُهو سماجي بُحران آهيٰ جنهن ساڳي وقت ماڻهن جي تعليم ۽ تربيت سان لاڳاپيل سيني ادارن کي متاثر ڪيو آهي. ليکڪ جو اهو

Gul Hayat Institute

رويو خاص طور تي اُن سماج ۾ منفي اثر ڇڏي سگهي ٿو جتي تعليم جو تناسب نه رڳو اڳ ئي گهٽ آهي پر اُتي تعليم حاصل ڪرڻ جي پڻ حوصله شڪني ڪئي وڃي ٿي.

2) هتي ليکڪ پاڪستان جي سياست ۽ سماج جي حوالي سان نهايت ئي اهم موضوع ڪاموري ۽ سياستدان جي ڪردار ۽ ناتن تي بحث ڪيو آهي. شروع ۾ ليکڪ گهڻو ڪري ڪاموري جي مٿيراڻپ ۽ سياستدانن جي گهٽ هئڻ متعلق اُهي دليل ڏنا آهن جيڪي پاڪستان ۾ هميشه ان وقت ڏنا ويندا آهن جڏهن سياسي حڪومت جي جاءِ تي فوجي/ڪاموراشاهي سرڪار جو قيام عمل ۾ ايندو آهي. هڪ جاءِ تي هُو لکي ٿو ته "ڪامورو ڪهڙو به فيصلو ڪري، قانون رُولس ۽ ريگيوليشن کي خيال ۾ رکي ان موجب ڪندو. جيڪو فيصلو قاعدن، قانون موجب ڪيو وڃي اهو ئي انصاف چئبو." اڳتي هلي لکي ٿو ته، "هوڏانهن سياسي ڪارڪن ۽ وزير ته مادر پدر آزاد آهن. وٽين ته آنا لاهين، وٽين ته ٻچا ڏين. نه انهن لاءِ اي.سي.آر آهن نه ائنٽي ڪرپشن نه پروموشن ۽ نه سسپنشن جو چڪر. اهي ڪيئن آزاد ۽ منصفاڻا فيصلا ڪندا." (ص_79_78)

هڪ ٻي جاءِ تي هُو لکي ٿو ته "حقيقت ۾ سياسي ماڻهو جيڪي ميمبر چونڊجي اچن ٿا تن جي مٿي ۾ اها هوا هُجي ٿي ته هُو حاڪم آهن ۽ کين حڪمراني ڪرڻ جو حق آهي. بلڪل غلط" (ص_81) ليکڪ جو اهو موقف آهي ته اقتدار ۾ پارليامينٽ، ڪانسواءِ انتظاميا ۽ عدليا به ساڳي طرح شريڪ آهن. پر انتظاميا مان سندس مراد ڪامورا شاهي آهي جڏهن ته آمريڪي نظام حڪومت ۾ به جتي اختيارن جو اهو توازن نهايت واضح ۽ صاف آهي. انتظاميا مان مراد صدر ۽ سندس ٽيم آهي جن کي پڻ ماڻهو چونڊين ٿا. جڏهن ته اهو به صدر آهي جيڪو عدليه جي ججن کي مقرر ڪري ٿو جن جي منظوري مقننه ڏيئي ٿي. پارلياماني نظام ۾ انتظاميا جا اهي اختيار وزيراعظم ۽ سندس ڪابينا کي هوندا آهن. ان سڄي سياسي بيهڪ ۾ ڪاموري جو ڪم رُڳو اُنهن قانونن/قاعدن موجب سياسي اقتدار جي تابعداري ڪرڻ هوندو آهي. هُو ڪنهن به ريت اقتدار ۾ شريڪ نه هوندو آهي.

ليکڪ جي اختيار ڪيل ان موقف جا ته هوندڻ گهڻا ئي سبب ٿي سگهن ٿا، جيئن هُن پاڻ ڄاڻايو آهي ته "ضيائي دور ۾ جيڪي سيڪڙات ميمبر ۽ وزير آيا سي مغز ۾ اهو اٽ ويهاري آيا ته هو ئي اصل حڪمران آهن." (ص_81) پر منهنجي خيال ۾ ان جو محرڪ ليکڪ جا سنڌ اسيمبلي جي سيڪريٽري جي حيثيت ۾ اُن وقت جي اسپيڪر حسين هارون سان اختلاف آهن. آئم ڪٿا مان اختلافن جو صحيح اندازو نه ٿو ٿئي. ليکڪ رُڳو ان ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته حسين ڪنن جو ڪچو. ٻين جي ڳالهين تي هلندڙ ۽ اميچيوئر هو. ممڪن آهي ته انهن اختلافن

جو سبب ليڪڪ جا اُن وقت جي وڏي وزير غوث علي شاهه سان ويجها لاڳاپا هُجن جنهن سان حسين جا گهڻي وقت کان اختلاف هلندا ٿي آيا ۽ جنهن جي نتيجي ۾ اڳتي هلي کيس اسپيڪر جي عهدي تان لاٿو ويو. اهو ان ڪري به چئي سگهجي ٿو جو ان ڳالهه جي باوجود ته ليڪڪ پاڻ اعليٰ عهدن تي فائز رهي پوءِ رٽائر ڪيو هو پر سندس همدردي ڪامورن سان مڙئي نالي ماتر ئي هئي ۽ هُو ان ساڳي جلد ۾ اڳتي هلي ان ڳالهه تي خوشي ۽ سرهائي جو اظهار ڪري ٿو جو ماڻهن ڪامورن جي فرعونيت ۽ غرور کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو هو. هُو لکي ٿو ته، "شابس هُجي مهاجرن کي جن اچي ڪامورن جي ٽڪ مان وَر ڪڍيو. الهه تلهه اڳيئي قرائي آيا هُئا. سي مختيارڪار توڙي ڊپٽي ڪمشنر جي آفيس ۾ زوري گهڙي ايندا هئا ۽ الٽو کين دٻائيندا هئا ۽ زوريءَ ڪرسيءَ تي چڙهي ويهندا هئا." (_129) هڪ ٻئي هنڌ لکي ٿو ته، "اسان سنڌين کي ٿورائتو ٿيڻ کپي مهاجرن جو جن ڪامورن جو زور ڀڃي بلڪ پوليس ٿاڻن تي حملا ڪري، اسان ۾ جيڪو ڊر ۽ ڌهڪاءُ ويهي رهيو هو سو ڪڍي ڇڏيائون." (ص130)

3) ليڪڪ جو اهو ساڳيو ٻٽو رويو مذهب جي سلسلي ۾ به نظر اچي ٿو. آتم ڪٿا ۾ مختلف معاملن تي مذهبي نڪتهءِ نظر کان ليڪڪ جو موقف انتهائي سخت گير آهي ۽ هُو ان سلسلي ۾ ڪا به رعايت ڏيڻ لاءِ تيار نه آهي. پر پڙهندڙ کي ان وقت هڪ خوشگوار حيرت ٿئي ٿي جڏهن هُو عشق ۽ محبت ۾ مذهب جي دخل اندازي پسند نه ٿو ڪري ۽ ٻن مختلف مذهب سان تعلق رکندڙ فردن جي ملڻ کي غلط نه ٿو سمجهي. هُو ارونا ۽ آصف علي، اندرا گانڌي ۽ فيروز گانڌي ۽ مسز وجيه لڪشمي پنڊت ۽ محمود حسين جي شادي ۽ محبت جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته، "پلا محبت تي ڪهڙي بندش، عشق نه پڇي ذات، به دليون ملن ٿيون ته ڌرم کي ڪهڙو ڇيهو. مذهب ۽ ڌرم جيڪڏهن اهڙا تاڪئان آهن، ته ٽٽا چڱا، هي ته رُڳو سوچ جو ڏڦيڙ آهي." (ص_98)

4) ليڪڪ پنهنجي ترجيح اهنسا جي اصول کي قرار ڏيندي چئي ٿو ته، "انهي ڪري سياست ۽ مذهب ۾ بهترين اصول آهي اهنسا يعني عدم تشدد." جهاد کي به هُو رڳو ظلم ۽ ظالم خلاف محدود ڪري ٿو. تشدد سندس نظر ۾ هڪ فتنو آهي جنهن کان هر صُورت ۾ بچڻ گهرجي. ليڪڪ جو اهو رويو تشدد کي نندڻ سان گڏ مذهب ڏانهن سندس لبرل ۽ صوفياڻي رويي کي ظاهر ڪري ٿو ۽ جيئو ۽ جيئڻ ڏيو جي اُصول کي اڳتي وڌائي ٿو. هِتي گڏوگڏ اها ڳالهه به ڪرڻ ضروري آهي ته مذهب جي لحاظ کان ليڪڪ جو مختلف معاملن متعلق مختلف رويو آهي. ڪٿي هُو گهڻو سخت گِير موقف اختيار ڪري ٿو جيئن عورتن متعلق سندس موقف آهي، جڏهن ته ڪُجهه معاملن متعلق گهڻو لبرل آهي جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي.

5) عام طور تيٰ سنڌي ليڪڪن ۾ اها خوش فهمي آهي ته بي نيازي رڳو

سندن ئي طره امتياز آهي جڏهن ته ٻين ٻولين جا خاص ڪري اڙدو جا ليکڪ درٻار سان وڏيڪ ويجهو هئڻ ڪري خوشامد ڪرڻ ۽ حڪمرانن جي خوشنوديءَ جا وڌيڪ خواهان هوندا آهن. اهو ساڳيو لاڙو جمال ابڙي وٽ پڻ ملي ٿو. هو لکي ٿو ته، "اسان جا جيڪي هندوستاني ٻاٿر آيا آهن سي سڀ جا سڀ "درٻاري ڪلچر" جي پيداوار آهن." (ص_153) اڳتي لکي ٿو ته، "ٻيا ته ٺهيو حضرت غالب جهڙو عظيم شاعر ۽ فقير منش ماڻهو به سڄي عمر انهي وٽ پڪڙ ۾ رهيو ته بادشاهه سلامت جي درٻار ۾ حاضري لڳي وڃي ته ٻيڙا ئي پار ٿي وڃن. بي نيازي ۽ بيپرواهي جهڙي مون سنڌي ليکڪ ۾ ڏٺي آهي سا ڪنهن ۾ به ڪانه ڏٺم." منهنجي خيال ۾ ان ڳالهه کي ائين generalize ڪرڻ صحيح ناهي. اها ڳالهه ممڪن آهي اُن وقت صحيح هُجي جڏهن ليکڪ ادبيءَ سماجي لحاظ کان سرگرم هو پر جنهن وقت اها آتم ڪٿا لکي پئي ويئي اُن وقت گهڻو پاڻي سنڌو مان وهي چڪو هو ۽ گهڻا سنڌي ليکڪ خوشامد ڪرڻ ۽ حڪمرانن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ واري صف ۾ شامل ٿي چڪا هئا. ليکڪ جڏهن ان پاسي تي ڌيان ڏئي ها ته سندس مشاهدي ۽ تبصري ۾ وڌيڪ معروضيت اچي وڃي ها.

6) ليکڪ گهڻي ڀاڱي سياسي تبصري ۽ پنهنجن سياسي خيالن جي اظهار کان پاسو ڪيو آهي جيئن هو پاڻ لکي ٿو ته، "هيڏا سارا صفحا سياست تي ڪارا ڪري ويس حالانڪ سياست منهنجو سبجيڪٽ ئي ناهي." (ص_201) ليکڪ هن جلد ۾ تفصيل سان پنجاب ۽ فوج جي ڪردار تي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. پر ساڳي وقت ليکڪ اهو پڻ مڃي ٿو ته "مون متي پنجاب تي پنجابي فوج تي تنقيد ڪئي آهي پر اها سورنهن آنا صحيح نه آهي. رموٽ ڪنٽرول ڪنهن ڏورانهين ڏيهه ۾ آهي." (ص_201) ليکڪ جي نظر ۾ اهو آءِ ايم ايف جي روپ ۾، يونائيٽيڊ نيشنس جي روپ ۾، نئين ورلڊ آرڊر جي روپ ۾ ويٺو رموٽ ڪنٽرول جو بٽڻ دٻائي." (ص_ 201) ان بحث ۾ ليکڪ هڪ اهم نڪتي ڏانهن اشارو ڪيو آهي. اُهو اهو ته ڇا سنڌ جو بمبئي کان ڌار ٿيڻ صحيح هو؟ ليکڪ سنڌ ۽ بمبئي جي تعلق کي هڪ فطري تعلق قرار ڏئي ٿو ۽ پوءِ جي واقعن کي ٻنهي جي ڌار ٿيڻ جو منطقي نتيجو قرار ڏئي ٿو. سنڌ جي تاريخدانن ان نڪتي تي بحث ڪرڻ کان ايستائين لنوايو آهي. سنڌ جي بمبئي کان عليحدگي ۽ سنڌ جي آزاد ۽ ڌار حيثيت جي بحالي هڪ ڪاميابي ته آهي ئي پر ان سان گڏوگڏ هڪ اهڙو واقعو آهي جنهن جو معروضي تجزيو ڪرڻ ضروري آهي ته جيئن اڄوڪي صورتحال کي سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي.

7) ليکڪ جي نوڪريءَ جو وڏو حصو هڪ جج يا هاءِ ڪورٽ وغيره جي رجسٽرار طور عدالتن سان لاڳاپيل رهيو آهي. عدالتن جي ڪردار متعلق سندس رايا ڪهاڻين ۽ خاص طور تي ڀِشو ڀاشا ۾ به ملن ٿا پر آتم ڪٿا جي هن جلد ۾ هُن

تفصيل سان ان مسئلي تي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. يا ان ڳالهہ کي واضح ڪيو آهي تہ سڀني ۾ خراب جج هئڻ جو معيار ڇا آهي ۽ پاڪستان ۾ اُهي ڪهڙا ڪهڙا اهم نالا آهن جن کي ان سلسلي ۾ ڳڻپ ۾ آڻي سگهجي ٿو. هڪ پاسي هُو جسٽس همداني، جسٽس يعقوب ۽ جسٽس دوراب پٽيل جي همت، اصول پرستي ۽ ايمانداريءَ کي ساراهي ٿو ۽ ٻئي پاسي اهو ٻڌائي ٿو تہ جڳ مشهور تميزالدين ڪيس هلائيندڙ چيف جسٽس منير ڪيئن نہ ڪيس هلندي "مدعا عليہ يعني ملڪ غلام محمد عرف گورنر جنرل هائوس ۾ رهندو مانيون کائيندو ۽ شراب نوشي ڪندو هو." (ص_195) ساڳي وقت هو اهو بہ چئي ٿو تہ "اهي ساڳيا جج صاحب جيڪي هڪ جونيئر جج جي تقرري تي اعتراض پيا ڪن سي ضياءَ دور ۾ مارشل لا جي ڊپ سببان فوجي بريگيڊيئر کي گڏ ويهاريندا هئا. عدليہ جي تاريخ ۾ اهو ڪاريءَ ۾ ڪارو عمل هو جو اعليٰ عدالت جي جج صاحبن هڪ فوجيءَ کي پاڻ سان گڏ هاءِ ڪورٽ ۾ ويهارڻ قبول ڪيو." (ص_197)

8) ليڪ جيتوڻيڪ مختلف جاين تي زندگي جي فلسفي متعلق پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندو آيو آهي پر هتي اُن خاص طور تي ان موضوع کي کنيو آهي. ان سلسلي ۾ هڪ ڳالهہ جيڪا ليڪ جي اٽڪل سڀني لکڻين ۾ ملي ٿي، اُها اِها آهي تہ سڀني انسانن جو بڻ بنياد هڪ آهي ۽ سڀئي حضرت آدم جو اولاد آهن. اها هڪ مثبت سوچ آهي جنهن جي ڪري ليڪ نهايت گهٽ نسل پرستي ۽ شائونزم جو شڪار ٿئي ٿو. ان بحث دوران ليڪ هڪ پيو نڪتو اهو واضح ڪري ٿو تہ "هُئڻ ۽ نہ هُئڻ جي ڪا حيثيت ئي ڪانهي. هُئڻ ۽ نہ هئڻ جي ٻڪيڙي ۾ نہ پئجي تہ چڱو. ڀلي ماڻهو ان سوال جو جواب تلاش ڪن. تلاش برحق آهي. پر ماڻهوءَ جي سمجهاڻي سمجهائي نہ سگهندي ڇاڪاڻ تہ ماڻهوءَ جي 'وجودي طاقت' ۽ سمجهہ جو دائرو انهيءَ ڳجهہ يا اسرار جي سمجهڻ جي سگهہ نہ ٿو رکي." ان سلسلي ۾ ليڪ fatalism جو قائل آهي ۽ انساني ڪاوش ۽ محنت کي ڪا گهٽي اهميت نہ ٿو ڏئي. سندس خيال آهي تہ اها سمجهہ رُڳو مهرباني آهي جيڪا جنهن تي ٿئي. جمال ابڙي جي سوچ ۽ نظريي متعلق ڳالهائڻ مهل ان ڳالهہ کي ضرور ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ هُن جيڪڏهن مذهبي سوچ ۽ تصوف کي قبول ڪيو آهي تہ اهو غلاماڻو ۽ passive انداز ۾ ناهي ڪيو پر اُن تي سوچ ويچار ڪري ۽ تنقيدي نظر وجهي پوءِ پنهنجو ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ اهڙا مثال آتم ڪٿا ۾ ملندا جنهن ۾ ليڪ اهو ڄاڻايو آهي تہ هُن ڪيئن پنهنجي شيخ جي هدايت کي پاسي تي رکي ٻئي طريقي سان عمل ڪيو. (ص_217) هن انهيءَ سچي عمل ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪندي هڪ اهڙو synthesis سامهون آندو آهي جنهن جي ڪري اهو نہ ٿو چئي سگهجي تہ جمال ابڙو فلاڻي صوفياڻي مڪتبہِ فڪر جو پوئلڳ آهي. سندس ان ڳالهہ ۾ ڪافي وزن آهي تہ اصل تصوف تَرڪ الدنيا نہ پر ماڻهن سان گڏ رهي،

Gul Hayat Institute

بشري تقاضائون پورين ڪندي سندن خدمت ڪرڻ ۾ آهي. سندس چوڻ موجب تصوف ۽ صوفي جو خاڪو انهن چئن لفظن ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو: (1) خلوص (2) خير خواهي (3) خدمت ۽ (4) خلق.

انهي بحث ۾ ليکڪ ڪميونزم کي تنقيد جو نشانو بڻائيندي چئي ٿو ته ويهين صدي تشدد جي صدي آهي ۽ ان صدي تي ڪميونزم ڇانيل رهيو. هُو اهو ٻڌائي ٿو ته ڪميونزم جي ڪري روس، ڪمپوچيا ۽ ٻين مُلڪن ۾ لکين ماڻهو ماريا ويا. ان جو سبب هُو اهو ٻڌائي ٿو ته ڪميونزم ۾ روحانيت معدوم هُئي. پر ساڳي وقت ليکڪ مغل بادشاهه اورنگزيب کي تنقيد جو نشانو بڻائي ٿو ۽ سندس هٿان پيءُ، ڀاءُ ۽ ٻي عوام سان ڪيل ظلمن کي ننڌي ٿو. ان موقعي تي پڙهندڙ منجهي ٿو پئي ته ڇا اورنگزيب ۾ به روحانيت معدوم هُئي ۽ جيڪڏهن ائين نه هو ته پوءِ تشدد کي رُڳو روحانيت جي نه هئڻ سان ڳنڍڻ معاملي کي نهايت سادو ڪري پيش ڪرڻ آهي. ساڳي طرح ويهين صديءَ کي رُڳو تشدد جي حوالي سان ياد ڪرڻ ۽ انهن ڪارنامن ۽ ڪاميابين کي نظرانداز ڪرڻ جيڪي انسان ذات سائنس، سماجيات، سياست، معيشت ۽ ٻين مختلف شعبن ۾ حاصل ڪيون آهن، هڪ وڏي ناانصافي آهي. ساڳي وقت تشدد کي رُڳو ڪميونزم جي کاتي ۾ وجهڻ منهنجي خيال ۾ آمريڪا سميت سيني سرمايه دار مُلڪن کي بري الذمه قرار ڏيڻ آهي جن ٻن مهاڀاري جنگين ۾ لکين انسانن جي قتل عام سان گڏوگڏ انساني تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ائٽم بم جو استعمال ڪيو جنهن جي اثر کان دُنيا اڃا تائين آجي نه ٿي سگهي آهي. منهنجي خيال ۾ جمال ابڙو ۽ سنڌيءَ جا گهڻا ليکڪ ڪميونزم جي نالي کان ڊنل آهن. ماضيءَ ۾ سندن جيڪو ٿورو گهڻو واسطو ڪميونسٽن سان رهيو آهي اُهو لاڳيتو کين ڊيڄاريندو رهي ٿو. هُو مسلسل ان ڊپ ۾ مبتلا رهن ٿا ته ڪٿي کين ڪميونزم يا ڪميونسٽن جو همدرد ڪري نه ليکيو وڃي. ان ڪري سندن لاءِ اهو ضروري ٿي پئي ٿو ته اُهي پنهنجي سڄي ڪاوڙ ڪميونزم تي لاهين ۽ دُنيا ۾ جيڪي به خراب ڪم ٿيا آهن ۽ ٿي رهيا آهن سي ان کاتي ۾ وجهي ڇڏين. ضرورت اُن ڳالهه جي آهي ته پنهنجن روين ۾ توازن پيدا ڪجي ۽ شين کي اُنهن جي پوري سياق ۽ سباق ۾ معروضي لحاظ کان ڏسڻ جي ڪوشش ڪجي. ڇاڪاڻ ته تاريخ کان ڀڄڻ هڪ ناممڪن ڳالهه آهي. جيڪڏهن ڪن تعصبن وغيره جي بنياد تي ڪي فتوائون ۽ فيصلا ڏيئي ڇڏيا ۽ اُهي تاريخي حقيقتن سان ٺهڪي نه ايندا ته پوءِ تاريخ جو فيصلو يقيني طور اهڙن ماڻهن جي حق ۾ نه هوندو.

ڪتاب جي پڇاڙي ڪندي ليکڪ لکي ٿو "پنڌي صاحب جو عوام کي وڏيري جي جڪڙ مان ڪڍي آزاد ۽ آزاد خيال بڻايو ته سڄو سماجڪ نظام درهم برهم ٿي ويو. هڪ سماجڪ نظام کي ٽوڙڻ کان اڳ ۾ ٻيو متبادل نظام قائم ڪرڻ لازمي

بلڪ ضروري آهي.“ دراصل مسئلي کي نهايت سادو ڪري پيش ڪيو ويو آهي جڏهن تہ اهو نهايت پيچيده مسئلو آهي. ھتي متعلق ليکڪ جو موقف انوکو ۽ يڪتا ڪونهي پر سنڌ جي سرنڌي واريءَ حلقي جي هڪ حصي ۾ اهو موقف عرصي کان موجود آهي. هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا ھتي واقعي عوام کي وڏيري جي جڪڙ مان ڪڍي آزاد ۽ آزاد خيال بڻايو. اهو بحث نهايت ڏکو ٿي سگهي ٿو. ٿورن لفظن ۾ اهو چئي سگهجي ٿو تہ ھتي نفسياتي طرح ماڻهن کي اعتماد ڏنو ۽ کين پنهنجي هئڻ جو احساس ڏياريو. جڏهن تہ معاشي لحاظ کان سنڌس آنڌل سڏارن جو عوام جي زندگيءَ تي گهٽ اثر ٿيو ۽ وڏيرن ۾ زميندارن جو ضابطو بدستور برقرار رهيو. ھتي جي پاليسين جو هڪ مثبت پاسو اهو هو تہ سنڌي وچولي طبقي کي تعليم ۽ نوڪريون وغيره ملڻ سبب ان کي تيزيءَ سان اڳتي وڌڻ جو موقعو مليو. منهنجي خيال ۾ سماجي ڏڦيڙ پيدا ٿيڻ جا ٻيا گهڻا ئي ڪارڻ آهن ۽ اُن کي نهايت سادگي ۽ ايمانداريءَ سان ھتي جي کاتي ۾ وجهڻ ھتي ۽ تاريخ سان نااصافي ٿيندي.

## 3۔ ٿوهر ۾ ڳاڙها گل:

1۔ هن جلد ۾ ليکڪ روين جي حوالن سان مختلف ماڻهن جي ذڪر سان شروعات ڪئي آهي ۽ ماڻهن جي هڪ ٻئي سان محبت، مطلب ۽ غرض جي دوستي جي فرق کي واضح ڪيو آهي. ليکڪ اهو ٻڌائي ٿو تہ ماڻهوءَ سان بي غرض تعلق وارو ڪلچر اڻ لڀ ٿيندو ٿو وڃي ۽ ان جي جاءِ تي پئسا ڪلچر جنهن کي ليکڪ ”رسڪن ڪلچر“ جونالو ڏئي ٿو. حاوي ٿيندو ٿو وڃي. پر اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي تہ ليکڪ رُڳو ڪراچيءَ کي ئي ان جو جيئرو جاڳندو مثال ڪري ڇو ٿو پيش ڪري، جڏهن تہ هن آتم ڪٿا لکڻ وقت اهي رويا گهڻي ڀاڱي سنڌ جي ڪنڊ ڪنڊ تائين پهچي چُڪا هئا. ان جو هڪ ڪارڻ اهو سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ ليکڪ شايد اهو تاثر ڏيڻ چاهي ٿو تہ سنڌي اڃا تائين روايتي قدرن تي عمل پيرا آهن جڏهن تہ ”رسڪن ڪلچر“ جو شڪار گهڻو ڪري غير سنڌي ٿيا آهن. اها ڳالهہ پڻ ليکڪ جي ڏنل مختلف مثالن مان واضح ٿئي ٿي.

2۔ ليکڪ مختصراً ۽ تفصيل سان سنڌ جي گهڻين معروف ۽ غيرمعروف شخصيتن متعلق پنهنجا تاثر بيان ڪيا آهن. انهن مان هڪ تہ اها خبر پوي ٿي تہ سنڌس انهن متعلق تاثر ڇا آهي ۽ ٻيو اهو تہ سنڌن ڪهڙن روين ۽ قدرن کي هوُ پسند/ناپسند ڪري ٿو. ڏٺو وڃي تہ ليکڪ جو رويو ان سلسلي ۾ گهڻو مثبت ۽ پنهنجائپ وارو آهي سواءِ اُن وقت جڏهن ڪا ڳالهہ بلڪل ئي سنڌس طبيعت جي ابتڙ نہ هُجي ۽ کيس چيڙائي نہ وجهي. جيئن علامہ آءِ آءِ قاضي جي شاگردن جي حوالي سان اي ڪي بروهي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ، ”عهدي خاطر ملتري

ڊڪٽيٽرن جي اڳيان پنبيان لُور لُور پيو ڪندو هو.“ ساڳي وقت هُو اهو به ٻڌائي ٿو ته سندس پنهنجي پيءُ ۽ ڀائرن وغيره سان نهايت نامناسب رويو هوندو هو.

3_ مختلف فرقن ۽ مذهبن وچ ۾ تفرقي وجهڻ ۽ اختلافن کي وڌائڻ ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ اهڙين ڳالهين کي هُلايو ۽ مشهور ڪيو ويندو آهي جن جو حقيقت سان ڪو تعلق نه هوندو آهي. اهڙين ڳالهين جي پرک جي ڪوشش گهٽ ماڻهن پاران ڪئي ويندي آهي ۽ اهڙي ريت وقت گذرڻ سان گڏ ڪوڙ سچ ۽ ڏندڪٿا حقيقت بڻجي ويندي آهي. اهڙي ئي هڪ ڳالهه جو ذڪر هندن جي حوالي سان ليکڪ پنهنجي آتم ڪٿا جي هن جلد ۾ ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته ”اسان جا مسلمان دوست جهليندا هئا ته پرساد ۾ ڳانءِ جو مُٽ مليل هوندو. سو نه کائجو. اسان کي اعتبار ئي ڪين ايندو هو پر پوءِ هندو دوستن ٻڌايو ته برابر ڳائنٽ جو ڇنڊو هڻندا آهن.“ (ص_33) منهنجي خيال ۾ هي نهايت اهم ڳالهه آهي جنهن جي ڪري پنهي مذهبن سان لاڳاپو رکندڙ سنڌي ماڻهن جي اٿ ويهه ۽ ثقافتي لاڳاپن ۾ ويڇا وڌي سگهن ٿا. اهو ضروري آهي ته ان ڳالهه جي فوري طور تصديق يا ترديد ڪئي وڃي ته جيئن ا ڳتي هلي ايندڙ نسل هڪ وڏي غلط فهمي کان بچي سگهن.

4_ اديبن جي حوالي سان هن جلد ۾ ليکڪ اياز قادري ۽ شيخ اياز جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. اهو ذڪر گهڻي ڀاڱي ذاتي حوالن سان آهي. ادبي ۽ نظرياتي ڳالهه ٻولهه بس ڪِٿي ڪِٿي برسبيل تذڪره اچي وڃي ٿي جيئن هڪ رات سکر بئراج تي پسار ڪندي اياز کانئس پڇي ٿو ته ”جمال الله کي مڃين ٿو؟“ ته کيس جواب ملي ٿو ته ”ڪڏهن ڪڏهن!“ ان جي جواب ۾ اياز چئي ٿو ”very true“. ان تي تبصرو ڪندي جمال لکي ٿو ته ”ان وقت جيڪا سندس اکين ۾ چمڪ ۽ گهِرائي مون ڏٺي سا مون کي اڄ سٺيتاليهه سالن کانپوءِ به ياد آهي. منجهس ڇِتو هڪ ڳجهه ڳولهائو mystic ۽ صوفيءَ جو تڙپندڙ روح. صحيح جواب جي تلاش ۾ هو.“ (ص_82) پر اهڙا حوالا گهٽا نه ٿا ملن جيڪي هوند سنڌ جي ادبي تاريخ جي جوڙڻ ۾ هڪ ڪارآمد مواد جو ڪم ڏين ها.

5_ هن آتم ڪٿا ۾ پنهنجي شخصيت جي اهڙن پاسن کي به وائکو ڪيو آهي، جيڪي هوند سندس پوئين عُمر واري پارسائي سان مطابقت نه ٿا رکن. مثال طور هُو مختلف جاين تي دوستن سان گڏ شراب جي محفلن ۾ شامل ٿيڻ ۽ پيئڻ جو ذڪر ڪري ٿو. هُو اهو به ٻُڌائي ٿو ته ميرينا بار ۾ بيئر پيئڻ کانپوءِ ڪيئن هوٽل ايمبيسيڊر ۾ اسٽرپ تيز ڏسڻ لاءِ ويو هو. سندس اها صاف گوئي سندس شخصيت جي ارتقاءَ کي سمجهڻ ۾ پڙهندڙ لاءِ وڏيڪ مددگار ثابت ٿئي ٿي.

6_ ليکڪ جو اياز سان واسطو وقفي وقفي سان، هڪ ڊگهي عرصي کان رهيو آهي. پر هن آتم ڪٿا جو هڪ عمومي لاڙو اهو رهيو آهي ته ليکڪ



Gul Hayat Institute

شخصيتن کي ماپڻ جو پيمانو پنهنجي پسند ۽ ناپسند کي بڻايو آهي جنهن جي ڪري هُو توازن نہ رکي سگهيو آهي ۽ تعريف ۽ تنقيد بلڪل هڪ طرفي ٿي پيئي آهي. اها ساڳي اپروچ اياز جي متعلق بہ آهي. ڪتاب ۾ اياز جو تفصيل سان ذڪر آيل آهي. ان ۾ ڪٿي بہ ليکڪ ڪيس ادبي ۽ شخصي لحاظ کان تنقيدي نڪتہ نظر سان ڏسڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي. محسوس ائين ٿئي ٿو تہ هُو اياز جي شخصيت جي زير اثر رهيو آهي ۽ اها صورتحال آخر تائين برقرار رهي آهي.

7- ٿر جي سفر جي حوالي سان ليکڪ پنهنجن ذاتي تجربن ۽ اياز ابراهيم جوڻيو آگرو ۽ رشيد پٽي سان گڏ ڪيل سفر جو ذڪر ڪيو آهي جيڪو هڪ تہ ٿر جي لحاظ کان معلومات ڏيندڙ آهي ۽ پيو تہ اُن مان خاص طور تي ابراهيم جوڻيو جي پنهنجي راڻين کي زوري پيڻ مٿان ٽاڻڻ وغيره جي خبر پوي ٿي جنهن کي ليکڪ ناپسند ڪري ٿو پر اها ڳالهہ پڻ حيرت ۾ وجهندڙ آهي تہ ساڻس گڏ اهڙن پڙهيل ڳڙهيل ۽ سمجهو ماڻهن ساڻس متفق نہ هوندي بہ سندس ڳالهہ جي مزاحمت نہ ڪئي ۽ سڄو ڏوهہ پنهنجي مٿان کنيو.

8- ٿر جي سفر جي ذڪر ۾ ليکڪ هڪ نهايت اهم نڪتي ڏانهن پڙهندڙن جو ڌيان ڇڪايو آهي. مختلف قديم تاريخي مسجدن گهمڻ دوران ليکڪ اُتي ديوارن وغيره تي اُڪريل مورتين کي ڏٺو آهي جنهن جي بنياد هُن اهو اندازو لڳايو آهي تہ اهي اصل ۾ مندر هئا جن کي مسلمان ڪاهہ ڪندڙن مسجدن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. سندس خيال آهي تہ شايد بابري مسجد جو بہ ساڳي قسم جو قصو آهي. مسلمانن جي تاريخ تي نظر وڌي وڃي تہ اهو نظر اچي ٿو تہ شروعات ۾ سندن ٻاران ٻين مذهبن جي پوئلڳن ۽ سندن عبادتگاهن جو احترام هڪ لازمي شيءِ هُئي جنهن جو ثبوت ان ڳالهہ مان ملي ٿو تہ بيت المقدس جي فتح کانپوءِ حضرت عمر ع هڪ چرچ ۾ نماز ادا ڪرڻ کان رُڳو اِنڪري اِنڪار ڪيو هو تہ جيئن پوءِ جا مسلمان اُن کي مثال بڻائي اُن تي عمل نہ ڪرڻ لڳن. پر تاريخ ٻڌائي ٿي تہ پوءِ جي مسلمانن بہ ٻين مذهبن جي عبادتگاهن سان ساڳيو سلوڪ روا رکيو جيڪو فاتح مفتوحن سان هميشہ روا رکندا آيا آهن. اها هڪ مثبت ڳالهہ آهي تہ ليکڪ ان سڄي عمل کي ننديو آهي ۽ اسلام جي اصل رُوح جي خلاف ڪوٺيو آهي. ضرورت بہ ان ڳالهہ جي آهي تہ تاريخ کي معروضي نڪتهءِ نظر سان ڏٺو وڃي تہ جيئن شين کي پنهنجي صحيح جاين تي رکي سگهجي. ساڳي طرح ليکڪ ان ڳالهہ کي بہ واضح ڪيو آهي تہ عمرڪوٽ دراصل امرڪوٽ آهي جيڪو راڻي امرسنگهہ تعمير ڪرايو هو. ان ڳالهہ جو ثبوت تہ پاڻ قلعي اندر موجود آهي، جيڪو ليکڪ پاڻ ڏٺو آهي. ان سڀ جي باوجود بہ اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي تہ اهي غلط العام ڇو تاريخ جو حصو بڻجي ويا آهن ۽ اُنهن کي دُرست ڪرڻ جي ڪوشش نہ ٿي ڪئي وڃي.



Gul Hayat Institute

9_ ٽِر جي سفر جو ذڪر ڪندي ليکڪ هڪ اهم ڳالهه ڏانهن اشارو ڪيو آهي، اُها آهي مذهب جي فرق هُئڻ جي باوجود به ساڳي ذات سان واسطو رکندڙ هندن ۽ مسلمانن وچ ۾ شاديون. عمرڪوٽ جي هڪ راڻي جو ذڪر ڪندي هُو ٻڌائي ٿو ته "پاڻ ٻڌايائين ته به ٽي پيڙهيون اڳ هو پنهنجيون نياڻيون مُسلمان راجپوتن سان پرڻائيندا هئا ڇاڪاڻ ته نک ۽ خاندان کي ڏٺو ويندو آهي، نه ڪه ڌرم کي." (ص_208) اهڙو ذڪر عائشه جلال پنهنجي ڪتاب "سيلف اينڊ ساورينٽي" ۾ ڪيو آهي ته ورهاڱي کان اڳ جي پنجاب جي سياست ۽ سماج ۾ ذات کي مٿانهين حيثيت حاصل هئي ۽ ساڳي ذات جا هندو ۽ مسلمان پاڻ ۾ گڏجي ويهڻ ۽ اتحاد ڪرڻ کي پسند ڪندا هئا. بجاءِ ان جي ته مختلف ذاتين جا هندو ۽ مسلمان ڌرم جي بنياد تي پاڻ ۾ گڏجن.

## 4_ ايندو نه وري هي وڻجارو:

1_ انگريزي لفظن ۽ خاص طور تي شين جي نالن کي ترجمي ڪرڻ وارو لاڙو اڙدو هندي ۽ سنڌي وغيره ۾ رهندو آيو آهي. ان ترجمي کي ڪُجهه حد تائين ته اهي ٻوليون هضم ڪري وينديون آهن پر گهڻي ڀاڱي اُنهن کي اوڳاڇي ڇڏينديون آهن ۽ اصلوڪن انگريزي لفظن جي استعمال کي ئي ترجيح ڏينديون آهن. سنڌي ۾ اهڙو تجربو نجم عباسي ۽ ڪجهه ٻين ليکڪن شروع ڪيو هو ۽ ٽيليويزن ۽ ٽيليفون وغيره کي ڏور ڏسڻو يا ڏور ٻڌڻو وغيره لکڻ شروع ڪيو هو پر اهو تجربو مڪمل طور تي ناڪام ويو ڇاڪاڻ ته عام سنڌي ماڻهن لاءِ انگريزي لفظ سنڌي ويس پاتل لفظن کان وڌيڪ مانوس هئا ۽ ٻين لفظن ۾ اُهي سنڌي ٻوليءَ جو ئي حصو بڻجي چڪا هئا. هڪ ڊگهي عرصي کانپوءِ جمال ابڙو وري پنهنجي آتم ڪٿا ۾ اهو تجربو ڪري ٿو ۽ ايئرڪنڊيشنر ۽ ريفريجريٽر لاءِ بالترتيب ٿڌڪارو ۽ برفارو جا لفظ ڪتب آڻي ٿو. (ص_32) پر ڪيس ساڳي وقت اهو احساس پڻ آهي ته عام پڙهندڙ شايد انهن کي سمجهي نه سگهي ان ڪري هُو ڏنگين ۾ اصل نالا به ڏئي ٿو. منهنجي خيال ۾ ٻولي هڪ ٻئي تائين پهچ جو وسيلو هوندي آهي جڏهن ته ان نموني سان لفظن کي سنڌي ٿاهڻ جو عمل ان ڪميونيڪيشن کي وڌيڪ ڏکيو بڻائي ڇڏي ٿو. هڪ جيئري ٻوليءَ ۾ ٻين ٻولين جي لفظن کي پنهنجو ڪرڻ ۽ مدي خارج لفظن کي ڪڍي ڇڏڻ هڪ لاڳيتو عمل هوندو آهي. ان سلسلي ۾ دُرستگي جي ضرورت رُڳو اُن وقت ئي محسوس ٿيندي آهي جڏهن ڪو لفظ اوپرو ٿي پئي ۽ ڳالهه کي پهچائڻ ۾ رُڪاوٽ بڻجي.

2_ آتم ڪٿا جي هن حصي ۾ ليکڪ تفصيل سان پنهنجن روحاني تجربن ۽ مختلف مذهبي معاملن تي بحث ڪيو آهي. مُنهنجي خيال ۾ ليکڪ جي ان لاڙي جو هڪ ڪارڻ اُها ذهني ڇڪتاڻ ۽ پريشاني به آهي جيڪا ڪيس سندس



Gul Hayat Institute

پٽ بدر ابڙي جي گرفتاري جي سلسلي ۾ لاحق ھُئي. اھا ڳالھہ ان مان بہ ظاھر ٿئي ٿي تہ جڏھن ھو ڊاڪٽر افغان سان گڏ اسلام آباد ۾ ھڪ مجذوب سان ملڻ وڃي ٿو تہ سندس مقصد اھو ئي ھُجي ٿو تہ اُن کان بدر جي آزاديءَ لاءِ دُعا ڪرائي. سندس ان ڪيفيت جو اندازو ان ڳالھہ مان بہ ٿئي ٿو تہ جڏھن ڊاڪٽر افغان ان مجذوب کي اصرار ڪري رھيو ھو تہ ٻاھر ڪيئنس. اُن وقت ليکڪ پنھنجي اندر جي ان تضاد کي ظاھر ڪندي تہ سندس شيخ ڪيس ڪنھن مجذوب سان ملڻ کان منع ڪيو ھو ڊاڪٽر افغان کي ائين ڪرڻ کان روڪي ٿو.

3۔ اھو تاثر عام طور تي ملي ٿو تہ ليکڪ مذھب ۽ مذھبي معاملن تي بحث ڪندي نھايت تيز ۽ ترش زبان جو استعمال ڪري ٿو ۽ سندس مخاطب اڪثر اھڙا نوجوان آھن جيڪي بقول ليکڪ جي چار اکر پڙھي پاڻ کي ”دانشور“ سمجھڻ لڳا آھن. جڏھن بين معاملن ۾ ليکڪ دليلن سان ۽ پيرائتي نموني پنھنجي ڳالھہ کي واضح ڪري ٿو. آئون سمجھان ٿو تہ اھو دراصل ليکڪ جو پاڻ سان مڪالمو ۽ پنھنجي اندر ويٺل اُن ٻئي ماڻھوءَ سان ويڙھہ آھي جيڪو اجا بہ سرگرم آھي ۽ مختلف موقعن تي ھڪ سيڪيولر موقف پيش ڪري ٿو جنھن ۾ بين مذھبن ۽ اُنھن جي اڳواڻن لاءِ احترام ۽ گڏجي رھڻ واري ڳالھہ آھي.اھا ڳالھہ ان ڪري بہ وزن رکي ٿي تہ ليکڪ مختلف ڳالھين جو ذڪر ڪندي ڪنھن بہ ماڻھوءَ جي نالي کي لڪائڻ جي ڪوشش ناھي ڪئي پر ھُو اُنھن نالي ماتر نوجوان دانشورن جي نالن جو ذڪر ڪٿي بہ نہ ٿو ڪري.

4۔ حسب معمول ليکڪ قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ ’ڪارو ڪاري‘ خلاف نھايت مضبوط ڪيس پيش ڪيو آھي. اھو دليل انساني ۽ عورتن جي حقن لاءِ وڙھندڙ تنظيمن لاءِ نھايت ڪارآمد مواد جو ڪم ڏيئي سگھن ٿا. پر ان سچي ڳالھہ جو ليکڪ انت ان ڳالھہ تي ڪيو آھي تہ ’ڪاري‘ قرار ڏنل عورت کي سردار يا راڄ جي وڏيري جي حوالي ڪيو وڃي، جتي سندس بھتر حفاظت ٿي سگھي ٿي. ممڪن آھي تہ ان سلسلي ۾ ليکڪ جا پنھنجا ڪي ذاتي تجربا ھُجن پر عام تاثر اھو آھي تہ اھي عورتون اُتي بہ محفوظ نہ ٿيون رھن. ڪين انھن سردارن ٻاران يا تہ وڪرو ڪيو وڃي ٿو ۽ يا وري اُھي حويلين ۾ ئي ٻئي ڏاڍ جو شڪار ٿين ٿيون. ذاتي تاثر ۽ تجربا پنھنجي جاءِ تي پر وزن ان ڳالھہ کي ئي ھوندو آھي جيڪا معاشري ۾ عام طور تي ٿيندي ھُجي.ان ڪري منھنجي خيال ۾ ليکڪ جي ان ٻڌايل حل کي ھڪ بھتر حل قرار نہ ٿو ڏيئي سگھجي.

5۔ روحاني تجربن جو ذڪر ڪندي ليکڪ ساڻس لھہ وچڙ ۾ ايندڙ مختلف شخصيتن جو ذڪر ڪيو آھي ۽ سندن اڳڪٿين وغيره جو ٻڌايو آھي. ان سلسلي ۾ ليکڪ رسول بخش پليجي جي حوالي سان ٻڌائي ٿو تہ اھو سيڪجھہ انسان جي لڪل ذھني صلاحيتن جو ڪمال آھي. ھُو اھا ڳالھہ ناسترادمس جي



Gul Hayat Institute

سلسلي ۾ ته مجي ٿو پر ساڻس واسطي ۾ ايندڙ ماڻهن لاءِ هُو ان ڳالهه کي مڃڻ لاءِ تيار ناهي ۽ ڳالهه کي ان جملي تي ختم ٿو ڪري ته ”اهو الائي ڪهڙو راز آهي!“ جيتوڻيڪ ليکڪ ان سلسلي ۾ ڪنهن مذهبي مت ڀيد کان ڪم نه ٿو وٺي پر هُو ان ڳالهه کي پنهنجي تجربي جي لحاظ کان انساني ذهن کان مٿانهون سمجهي ٿو.

6۔ هن جلد ۾ ليکڪ ڪميونسٽ پارٽي سان پنهنجي تعلق جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. هُن اهو واضح ڪيو آهي ته هُو نه ڪڏهن ڪميونسٽ رهيو آهي ۽ نه ئي پارٽيءَ جو رُڪن، پر هو پارٽي ڊسيپلن ۽ اُن جي حڪمن جو پابند رهيو آهي. انهي سلسلي ۾ ليکڪ هاري حقدار اخبار تي پابندي ڪانپوءِ پارٽي جي ساک کي بچائڻ لاءِ محمد عثمان ڏيپلائي جي پريس مان اُن جي آخري پرچي جي ڇپائڻ جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ اها ڳالهه نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي ته محمد عثمان ڏيپلائي ۽ جمال ابڙو ڪميونسٽ نه هوندي به پارٽي لاءِ ڪم ڪرڻ ۽ اُن سان سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار هئا. ان جو ڪارڻ اهو هو ته اُن وقت جي حالتن جي اها تقاضا هئي ته سُڄاڻ ماڻهو رُڳو ترقي پسند سياست وسيلي ئي پنهنجي اندر کي آٿت ڏيئي سگهيا ٿي. ليکڪ مختلف معاملن تي پارٽي سان جنهن فرمانبرداري جو ذڪر ڪيو آهي اها واقعي حيرت جوڳي ڳالهه آهي. پر ان کان وڌيڪ حيرت جوڳي ڳالهه اها آهي ته پارٽي سان ايتري وابستگي جي باوجود به ليکڪ جو ڪو واضح سياسي ۽ نظرياتي موقف نه ٿي سگهيو آهي. ان ڪري اهو نه ٿو چئي سگهجي ته ليکڪ ۾ ڪا نظرياتي تبديلي واقع ٿي آهي، ڇاڪاڻ ته بجاءِ ڪنهن نظرياتي اختلاف ڏيکارڻ جي هُن رُڳو پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو آهي. هڪ جاءِ تي هُو لکي ٿو ته،”پر ڇا ڪجي اسان اهڙو مرشد (ٽئگور) ڇڏيو، مرشد ورتو آهي يورپ ۽ روس کي، معنيٰ قرآن، انجيل، زبور، رامائڻ، گيتا ۽ ويد پراڻن کي متروڪ املاڪ قرار ڏيئي مرشد ورتو ڪوڙ ڪِن، گندڪچري ۽ ڪارل مارڪس کي جنهن نه پاڻ ڪوئي جتن ڪيو ۽ نه ئي ڪو هڪڙو (صرف هڪڙو) جتن ڪرڻ وارو (ڪارڪن) پيدا ڪيو. پوءِ به اهو پيغمبر. لينن به فوجي ڪم (بلوو) جو فائدو وٺي مارڪس جي نالي ۾ راڄ ڪرڻ لڳو ۽ ڪمال سياڻپ سان چئي به ڇڏيائين ته مارڪسزم لاڳو ڪرڻ ۾ ورهيه لڳي ويندا. ورهيه ته ٿهيو پر وري مُني صدي ۾ به لاڳو ڪونه ٿي سگهيو. الٽو ڦوڪٽي وانگر ڦاٽي پيو. (ص_147)
ان مان رُڳو ان ڳالهه جي خبر پئي ٿي ته سماج ۾ وچٿرن ماڻهن جي گهٽائي ٿئي ٿي جيڪي حالتن ۾ ايندڙ تبديلي موجب پنهنجو موقف ۽ وفاداريون تبديل ڪندا رهندا آهن. اهو هڪ لاڳيتو عمل آهي. سنڌ جي سڄاڻ ماڻهن ۾ اهڙو وڏو تعداد موجود آهي پر منجهانئن ٿورن ۾ اها همت آهي ته اهي پنهنجو اندر کولي ظاهر ڪن جيئن ليکڪ ڪيو آهي.

7۔ ليکڪ ايران ۾ پنهنجي تجربن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. هُن



Gul Hayat Institute

هڪ پاسي تہ اُتان جي انتظام ڪي ساراهيو آهي پر ٻئي پاسي ان ڳالهہ ڪي بہ واضح ڪيو آهي تہ انهن سهوليتن سان گڏوگڏ روزمره جي زندگيءَ ۾ مذهبي پابندين عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ڪي هڪ پاسي بلڪل ڦڪو بڻائي ڇڏيو آهي تہ ٻئي پاسي ڪين ٻٽي زندگي گذارڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي. مطلب تہ هُو انهن پابندين ڪي رُڳو ان حد تائين قبول ڪن ٿا جيستائين سزا جو ڊپ هُجي ۽ موقعو ملڻ تي اُنهن کي لتاڙڻ ۾ دير نہ ٿا ڪن. ان جون ڪجهہ جهلڪيون پاڪستان ۾ پڻ ڏسي سگهجن ٿيون جتي قانوني طور شراب ۽ جُوا وغيره تي پابندي آهي پر جنهن پئماني تي اهي هتي رائج آهن اُنهن کي ڏسي ڪوبہ صورتحال جو اندازو ڪري سگهي ٿو.

8۔ هن ڪتاب ۾ ليکڪ نٺنگ، گاج بنگلي ۽ لاهوت وغيره جي سفر جو ذڪر ڪيو آهي. ان ڳالهہ جي باوجود تہ ليکڪ جو مذهب ڏانهن لاڙو مضبوط ٿيو آهي، پر جڏهن تاريخي جاين ۽ روايتن جو ذڪر ڪري ٿو تہ اُن ۾ حقيقت پسندي کان ڪم وٺندي اُن جي پوري ڇنڊڇاڻ ڪري ٿو. هُن انهن جاين تي موجود ڪالي ديوي جي مندرن، شِو لنگ ۽ ٻين انيڪ اهڙن نڪتن ۽ شين جي نشاندهي ڪئي آهي جيڪي حقيقت ۾ هندو مذهب سان لاڳاپيل آهن پر انهن تي زوريءَ مسلماني رنگ چاڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. اها هڪ بهتر ڳالهہ آهي تہ شيون جيئن آهن اُنهن کي ائين ئي رکجي ۽ بيان ڪجي تہ جيئن اُنهن کي سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي.

9۔ ليکڪ ان ڳالهہ کي صاف طور تي بيان ڪيو آهي تہ سندس ناظم آباد ۾ رهائش دوران مهاجرن سان نہ رُڳو گهرو لاڳاپا هئا پر اهي سندس مهاجر دوست ئي هُئا جن 1970ع جي ڏهاڪي ۾ ٿيل سنڌي۔مهاجر فسادن دوران کيس تحفظ ڏنو هو ۽ سلامتيءَ سان محفوظ جاءِ تي پهچايو هو. سندس رُڳو اهو بيان سنڌ جي ماڻهن ۾ امن ۽ ڀائپي قائم ڪرڻ ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.

10۔ ليکڪ ڪنهن بہ سنڌي اديب کان وڌيڪ اياز جي ويجهو رهيو هو. ايستائين تہ اسپتال مان اياز جي مڙهہ کي ڪٽي گهر پهچائڻ وارو بہ جمال ابڙو ئي هو. پر هُو وَرَ وَرَ ڪري اها ڳالهہ ڪري ٿو تہ اياز تي لکڻ جي سندس حيثيت ناهي. پر منهنجي خيال ۾ هُو سراسر انڪساري کان ڪم وٺي ٿو. جيڪڏهن اياز جي فن تي، نہ تہ بہ گهٽ ۾ گهٽ اياز جي شخصيت تي لکڻ لاءِ جمال ابڙو هڪ چونڊ ٿي سگهيو ٿي. جيتوڻيڪ هن آتم ڪٿا ۾ ان جون ڪُجهہ جهلڪيون نظر اچن ٿيون پر ان ڪم کي جيڪڏهن باقاعده طور تي ڪنيو وڃي ها تہ اهو نہ رُڳو ليکڪ جي پنهنجي لاءِ، پر اياز ۽ سنڌي ادب سان دلچسپي رکندڙن لاءِ پڻ هڪ نهايت ڪارائتو ڪم ٿئي ها.

## 5_ مر پيا مينهن وسن:

هي جمال ابڙي جي آتم ڪٿا جو پنجون ۽ آخري جلد آهي. ان جي شروعات هُن پنهنجي پهرئين عشق سان ڪئي آهي جيڪو اُن وقت ٿيو هو جڏهن سندس عمر ٻارنهن سال ٻارنهن مهينا هئي. ان عشق کي ليکڪ جي ننڍپڻ ۽ جواني ۾ هڪ ليڪ ليکي سگهجي ٿو جنهن سندس زندگي ۾ هڪ وڏي تبديلي آڻي ڇڏي هئي. اها ڳالهہ بہ نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي تہ اُن وقت ليکڪ بس پنهنجي teens ۾ داخل ٿي رهيو هو جيڪو هونئن ئي ماڻهوءَ ۾ بنيادي طبعي ۽ ذهني تبديلين جو وقت هوندو آهي ۽ ماڻهو بس پاڻ کي اُڏامندو ۽ سڄي دُنيا کان نرالو سمجهندو آهي. ليکڪ جي ان ڪيفيت کي سندس پهرئين عشق چڻ مهميز ڏيئي ڇڏي هُئي ۽ سندس شخصيت ۾ هڪدم هڪ وڏو ڦيرو اچي ويو.

عشق ۽ پيار ليکڪ لاءِ جنسي ۽ جسماني تسڪين جو نالو ناهي پر اهو هڪ اُتساهہ آهي جيڪو سندس تخليقي صلاحيتن کي جاڳائي ٿو ۽ ڪيس چڱائي ڏانهن وٺي وڃي ٿو ۽ هڪ نئون انسانِ بڻائي ٿو. عشق ۽ پيار جو اهو تصور بلڪ عشق ۽ پيار بذات خود ڪا نئين شيءِ ڪونهن پر هر ماڻهو لاءِ اهي مختلف نوان ۽ انوکا هوندا آهن ۽ هڪ جو تجربو هميشہ ٻئي کان ڌار هوندو آهي. اها ساڳي ڳالهہ هتي بہ لاڳو ٿئي ٿي ۽ ليکڪ پنهنجي عمر جي آخري حصي ۾ بہ ان کي ياد ڪيو آهي ۽ اُن لاءِ واجهايو آهي.

عشق ۽ پيار بنيادي طور تي ماڻهو اندر لڪل چڱائي آهي جنهن جي سرگرم ٿيڻ سان هڪ چڱي ماڻهوءَ جي نهڻ جي شروعات ٿي وڃي ٿي، عشق ۽ پيار جي شروعات متعلق تاريخ ٻڌائي ٿي تہ شروعات ۾ مڙد ۽ عورت جي ناتن ۽ سندن ملڻ وغيره تي ڪا پابندي نہ هئي پر جيئن ذاتي ملڪيت جو ادارو وجود ۾ آيو تيئن مڙد کي ان لاءِ پنهنجي وارث جي ضرورت محسوس ٿي ۽ اهڙي ريت نسل جي خالص ۽ نج هئڻ جو اونو کيس لاحق ٿي ويو. ول ڊيورانٽ ٻڌائي ٿو تہ اڳ ۾ عورت جي ڪنوارپ کي هڪ عيب سمجهيو ويندو هو ۽ ڪير اهڙي عورت سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو هو پر پوءِ ڪنوارپ هڪ اهم وٿ بڻجي ويئي ۽ اُنجو برقرار رکڻ مڙد جي عزت جو مسئلو بڻجي ويو. اهڙي ريت عورت مڙد جي لاءِ وارث پيدا ڪرڻ جو هڪ ذريعو ٿي سندس ذاتي ملڪيت جو حصو بڻجي ويئي ۽ ڪوٺن ۾ قابو ٿي ويئي. عورت ۽ مڙد ۾ پيدا ٿيل انهن فاصلن سندن لاءِ هڪ ٻئي جي ڇڪ ۾ بي پناهہ واڌارو ڪري ڇڏيو. مڙد کي هر شي ۾، هر قدرتي مظهر ۾، چنڊ ۾، وڻن ۾ ۽ جبلن ۾ عورت جو روپ نظر اچڻ لڳو ۽ اهي سڀ بي جان شيون سندس لاءِ سهڻيون ۽ حسين ٿي پيون. محبوب جي دوريءَ اُن کي هڪ مافوق الفطرت حيثيت ڏيئي ڇڏي ۽ اُن تائين پهچ هڪ ناممڪن شيءِ بڻجي ويئي. ان سڄي عمل انسان جي تخليقي صلاحيتن کي وڌايو ۽ سندس جمالياتي ذوق کي عُروج تي پهچائي ڇڏيو.

پنهنجين انهن صلاحيتن جو اظهار انسان فنون لطيفہ، سائنس، فلسفي ۽ مذهب وغيره جهڙن مختلف شعبن ۾ ڪيو ۽ شهہ پارا تخليق ڪيا.

جنسي ناتن کي ناپاڪ ۽ غلط سمجهڻ ۽ عشق ۽ پيار کي اُنهن کان آجو ۽ پاڪ سمجهڻ وغيره جهڙا خيال ۽ نظريا ان سڄي پس منظر جي ئي پيداوار آهن. ليکڪ جي لاءِ بہ عشق هڪ اهڙو ئي جذبو ۽ اُتساهہ آهي. هُو واضح طور اهو چئي ٿو تہ جنسي ناتن سان پيار کي خراب ڇو ڪجي؟ عورت کان پري رهڻ ۽ اُن کي شيطان جو رُوپ ۽ گناهہ جي ترغيب ڏيندڙ خيالن ۾ وقت ۽ حالتن سان گڏ بنيادي تبديلي اچي چُڪي آهي. هن وقت اولهہ جي مُلڪن ۾ تہ عورت ۽ مرد ۾ فاصلا اتڪل ختم ٿي چڪا آهن ۽ ٻنهي لاءِ هڪ ٻئي تائين پهچ ۾ ڪا رڪاوٽ ڪونهي. ڪُجهہ ماڻهن جو خيال آهي تہ انهن مُلڪن ۾ شاعريءَ جي تخليق ۾ جيڪا گهٽتائي آئي آهي اُن جو هڪ ڪارڻ اهو بہ آهي. اهو عمل سنڌ ۽ اهڙن ٻين سماجن ۾ بہ جاري آهي ۽ ٻنهي جنسن وچ ۾ ويڇوڙائي جو عمل سماجي ۽ معاشي ارتقاء سان گڏ اڳتي وڌي رهيو آهي. ان صورتحال ۾ عشق يا پيار مرد ۽ عورت جي وچ ۾ ذهني هم آهنگي ۽ هڪ ٻئي کي سمجهڻ جو نالو آهي ۽ جنسي ناتا پڻ ان سڄي عمل جو حصو آهن. بهرحال اهو سوال ڪر کڻي پوءِ بہ ماڻهو اڃا موجود هوندو تہ تخليقي عمل لاءِ ان اُتساهہ جي ختم ٿيڻ ۽ منظر تان هٽڻ کانپوءِ ٻيو ڪهڙو اهڙو اُتساهہ هوندو جيڪو نہ رڳو سندس تخليقي عمل جي تسلسل کي برقرار رکندو پر کيس مشيني زندگي جي رُڳو هڪ پرزري ٿيڻ کان بہ محفوظ رکندو.

2_ ڪنهن بہ ليکڪ ۽ فنڪار لاءِ گهر جو ماحول نهايت اهميت جو حامل هوندو آهي. گهڻن لاءِ معمول جي اهڙي زندگي گذارڻ هڪ ڏکي ڳالهہ هوندي آهي. عالمي ۽ مُلڪي ادب ۾ اهڙا گهڻا نالا آهن جن جي گهر جي ماحول ۽ پنهنجن پاتين سان ناتن سندن تخليقي عمل تي گهڻو اثر وڌو آهي. جمال ابڙي کي انهن ليکڪن ۾ ڳڻي سگهجي ٿو جن پنهنجي زندگيءَ ۾ توازن رکڻ جي ڪوشش بہ ڪئي ۽ اُن ۾ ڪامياب بہ ويا. هُن پنهنجي نوڪري، گهر، ٻارن ۽ پنهنجي تخليقي عمل تي گهُربل ڌيان ۽ توجهہ ڏنو. ليکڪ ان جلد ۾ پنهنجي ان پاسي جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي ۽ پنهنجي گهر واري ۽ ٻارن جو تفصيلي تعارف ڪرايو آهي. عام طور تي ليکڪ پنهنجي آتم ڪٿائن ۾ ان پاسي کي غير اهم سمجهي يا ماڻهن آڏو پنهنجن لڪل پاسن جي ظاهر ٿيڻ جي ڊپ کان نظر انداز ڪري ويندا آهن. پر ان پاسي جي پنهنجي اهميت هوندي آهي ۽ ليکڪ اُن کي محسوس ڪندي پنهنجي ذاتي زندگيءَ جي اهڙن پاسن کي بہ ظاهر ڪيو آهي جيڪي هونئن پنهنجن ويجهن دوستن کان بہ لڪايا ويندا آهن. منهنجي خيال ۾ ان آخري جلد جو مقصد بہ اهو آهي تہ اهڙن پاسن کي ظاهر ڪيو وڃي جن جو ذڪر اڳين جلدن ۾ نہ ٿيو آهي تہ جيئن ليکڪ جي شخصيت جي هڪ پوري تصوير پڙهندڙ



Gul Hayat Institute

آڏو اچي سگهي.

3۔ ٻين جلدن وانگر هن جلد ۾ به ليکڪ پنهنجن روحاني تجربن ۽ مختلف بزرگن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ جو ذڪر ڪيو آهي. هتي هڪ اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته منهنجي خيال رکڻ جي باوجود، هُو نه ته تارڪ الدنيا هئڻ جي تبليغ ٿو ڪري ۽ نه ئي دنياوي لذتن کان پري رهڻ لاءِ چئي ٿو. ايستائين ته هُو ايران جي سفر دوران موجوده ايران کي شاهه جي ايران سان ڀيٽيندي ان ڳالهه تي افسوس ٿو ظاهر ڪري ته هاڻي ڪلبن جي زندگي ختم ٿي ويئي جتي شراب وغيره عام ملندو هو جنهن جي ڪري ماڻهن جي زندگي جڻ ته ٻُسي ٿي پيئي آهي.

4۔ هڪ اهم ڳالهه اها ته جمال ابڙو نه رڳو هن جلد ۾ نوجوانن کي تلقين ڪري ٿو ته نوڪري جي بجاءِ واپار تي توجهه ڏين پر نهايت تفصيل سان مختلف مثالن وسيلي کين ٻڌائي ٿو ته ڪيئن ٿوري مان گهڻو ٿي سگهي ٿو ۽ ماڻهن جي عزت به ٿئي ٿي. اها واقعي موجوده دور جي ضرورت آهي جنهن تي توجهه ڏيڻ جي ضرورت آهي.

## نتيجا:

1۔ اياز ۾ آيل نظرياتي تبديليءَ کي سمجهڻ لاءِ جمال ابڙي کي سمجهڻ ضروري آهي. پهرين ڳالهه اياز ۽ جمال جي ويجهڙائپ ۽ ذاتي لاڳاپا آهن. ٻي ڳالهه مذهبي نڪتهءِ نظر نه رُڳو جمال گهڻو اڳ هڪ فيصلي تي پهچي چُڪو هو پر اُن باقاعده طور اُن تي عمل ڪرڻ ۽ وڌيڪ کوجنا ڪرڻ شروع ڪئي هئي. ٽين ڳالهه جمال پاران، جيئن ان آتم ڪٿا مان ظاهر ٿئي ٿو اياز کي ان سلسلي جي مختلف ماڻهن سان ملائڻ ۽ کيس روحانيت ڏانهن راغب ڪرڻ هو. جمال جيتوڻيڪ انڪساريءَ کان ڪم وٺندي مختلف جاين تي پاڻ کي اياز کان گهٽ ڪري پيش ڪيو آهي پر نظرياتي لحاظ کان ڏٺو وڃي ته هُن مختلف موقعن تي جڻ ته اياز جي روحاني سونهين جو فرض انجام ڏنو آهي. سنڌي ڪهاڻي ۽ شاعري جي انهن ٻن وڏن نالن کي گڏي اسٽڊي ڪرڻ سان سنڌي ادب ۽ سماج ۾ آيل گهڻين تبديلين کي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي.

2۔ جمال جيتوڻيڪ پاڻ کي صوفي سڏي ٿو ۽ مذهب جي سلسلي ۾ هڪ واضح موقف رکي ٿو پر مجموعي طور تي زندگي جي مختلف مسئلن ڏانهن سندس رويو هڪ لبرل شخص وارو آهي. اها ڳالهه موجوده حالتن ۾ مثبت پر عجيب لڳي ٿي. ڇاڪاڻ ته هتي مذهب جو مطلب هر قسم جي معاملن ۾ سخت گيري ۽ زوري پاڻ کي مڙهڻ آهي. ممڪن آهي ته ان ڳالهه جو ڪارڻ سنڌ جون صوفي روايتون هُجن پر منهنجي خيال ۾ ان ۾ سندس ماضي جي تربيت، جنهن ۾ سندس والد علي خان سان ويجهڙائپ، ڪميونسٽ پارٽي، هاري ڪاميٽي ۽



Gul Hayat Institute

ترقي پسند ادبي تحريڪ سان تعلق شامل آهن، جو اهم ڪردار آهي. اهو هڪ اهم ڪارڻ آهي تہ ان ڳالهہ جي باوجود تہ مختلف سنڌي اديب جمال سان نظرياتي اختلاف تہ رکن ٿا پر ڪيس پاڻ کان ڌاريا disown نہ ٿا ڪن.

3۔ جمال پنهنجي آتم ڪٿا ۾ مختلف هنڌن تي اهو اظهار ڪيو آهي تہ آتم ڪٿا تہ اصل ۾ آتم اُگهاڙ آهي جيڪو ڪم ٽالسٽاءِ، گورڪي ۽ روسو ۽ گانڌي جهڙا مهان ليکڪ ئي ڪري سگهن ٿا جڏهن تہ هُو ان لائق ناهي ۽ اجا پيو نائي نيڻ نهاريان ۽ پاڻ ڳولهيان" پر آتم ڪٿا پڙهڻ ڪانپوءِ اهو محسوس ٿئي ٿو تہ ليکڪ انڪساري کان ڪم ورتو آهي. انهن پنجن جلدن ۾ سنڌس اها ڪوشش رهي آهي تہ پنهنجي حياتيءَ جي هر پاسي کي نروار ڪجي. گڏوگڏ اهو پڻ محسوس ٿئي ٿو تہ سنڌس پاڻ کي ڳولهڻ جي جستجو ۾ هُو هڪ نتيجي تي ضرور پهتو آهي ۽ اُن تي هُو پوري ريت قائل بہ آهي.

4۔ ليکڪ جو رويو نوجوانن ڏانهن عمومي طرح ۽ ليکڪن ڏانهن خاص طور تي نهايت منفي ۽ حقارت آميز آهي. سنڌس خيال آهي تہ نورالهديٰ شاهہ ۽ هڪ اڌ ٻين ليکڪن کي ڇڏي نون ليکڪن کو ڀوتو نہ ٻاريو آهي. ممڪن آهي اهو سڀڪجهہ سنڌس ڪٽيل رهڻ ۽ نوجوانن ۽ سنڌن لکڻين سان گهٽ لهہ وچڙ ۾ اچڻ جي ڪري هُجي. ممڪن آهي تہ اهو مختلف پيڙهين جي وچ ۾ فرق جي ڪري هُجي جنهن ۾ هر ڪنهن کي پنهنجي مٿيرائپ جو احساس هوندو آهي ۽ اهي ان کي ميراڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل هوندا آهن. هڪ ڪارڻ نوجوان ليکڪن/پڙهندڙن پاران اُها تنقيد بہ ٿي سگهي ٿي ۽ جنهن جا اولڙا هن آتم ڪٿا ۾ بہ مختلف جاين تي ملن ٿا. جيڪا جمال، اياز ۽ ٻين مختلف سينيئر ليکڪن تي ٿيندي رهي آهي.

5۔ ليکڪ جو رويو مجموعي طور تي انسانيت ۽ انسان دوستي تي ٻڌل آهي سواءِ ڪُجهہ جاين جي جتي خاص طور تي مهاجرن جو ذڪر ڪندي سنڌس لهجي ۾ تلخي اچي وڃي ٿي.

*

Gul Hayat Institute



# جمال ابڙو
# همعصرن
# جي نظر ۾

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# جمال ابڙو: جبر جي اجازت نٿي ڏيئي سگهجي!

بدر ابڙو

2 **مئي** 1924ع جو ڏينهن اتفاق سان 27 رمضان جو هو. ان ڏينهن تي سنڌ جي هڪ اهڙي اديب جو جنم ٿيو جيڪو اڄ ڏينهن تائين پهرين مئي واري مزدور تحريڪ ۽ 27 رمضان جي فضيلت تي هڪ ئي وقت ويساهه رکي ٿو. جڏهن جوان هو تڏهن مولوي صاحبن کي هاري تحريڪ سان سندس همدردي پسند ڪونه آئي ۽ هاڻي جڏهن سندس عمر ستر واري ڏاڪي ۾ آهي تڏهن نوجوانن کي حيرت آهي ته هڪ ڪامريڊ مذهبي ڇو ٿي ويو آهي؟

مذهبي ته هو تڏهن به هو ۽ پورهيت دوست هو اڄ به آهي پر ان کي ڪا ڪجهي جو هر ڪنهن ايئن ٿي سمجهيو ته هو اسان جي سوچ سان سئو سيڪڙو سهمت ٿي سفر نٿو ڪري! سوال اهو آهي ته هُو ايئن ڪري به ڇو؟ اها ٻي ڳالهه آهي ته هن شخص مذهبي عقيدي ۽ جدلياتي ماديت کي هڪ ئي پيالي ۾ پيتو آهي. شايد اهو ئي سبب آهي جو هو اصطلاح ۾ 'صوفي' ٿي ويو آهي.

هو جمال ابڙو آهي، جديد سنڌ ڪهاڻي جو ابو! جنهن جي فن تي تبصرو ڪندي سنڌي ٻوليءَ جي مهان شاعر ۽ نثر نگار شيخ اياز چيو "نه ڄاڻان ته ڪنهن چيو آهي ته نثر پنڌ ڪندو آهي، نظم رقص ڪندو آهي. پر جمال جي ڪهاڻي، 'پيراڻي' پڙهيم ته مون کي محسوس ٿيو ته نثر به رقص ڪندو آهي. هن جي پيراڻي شروعات ۾ ڇڻ ڇم ڇم ڪندي اچي ٿي ۽ گهنگهرو گونجن ٿا. اوچتو هڪ ڇيخ فضا کي چيري ٿي ۽ ڪهاڻي تاندبن تي رقص ڪندي نظر اچي ٿي."

'پيراڻي' سچ پچ ته اهڙو ئي تاثر پيدا ڪري ٿي جهڙو شيخ اياز بيان ڪري ٿو پر رڳو پيراڻي ئي ڇو؟ سندس هر هڪ ڪهاڻيءَ ۾ ڪونه ڪو اهڙو ڪردار آهي جيڪو پيراڻيءَ جي ماءُ جهڙي دانهن ڪري ٿو ۽ پڙهندڙن جا لڱ ڪانڊارجي وڃن ٿا. جمال ابڙي ۾ اها ذات ۽ اها اک ڪٿان آئي جنهن سان هو ايڏي گهرائي ۾ وڃي ذهنن تي پيل پڙدن جون سنهيون ڪلون ڪنهن جراح وانگر چيري ٿو ۽ دنيا وارن کي دنيا پنهنجي اک سان ڏيکاري ٿو.

سندس ذات جو محرڪ چڙ ۽ ڪاوڙ آهي. هو پوري ڪاوڙ سان، پوري دليل ۽ ڏيان سان قلم ڪيتر ۾ وڙهي ٿو ۽ ڪهاڻيءَ ۾ ٿي بديءَ کي ماري وجهي ٿو جيڪڏهن ماري نٿو ته نستو ضرور ڪري ڇڏي! هن جي نظر ۾ چڙ ڪو بيو جذبو ڪونہ آهي، اها محبت ٿي آهي جيڪا بديءَ جي پيش قدميءَ کي برداشت نٿي ڪري ۽ مزاحمت لاءِ ٽپو ڏئي ميدان ۾ لهي ٿي.

هڪ نوجوان ڪهاڻيڪار جنهن جي مٿي ۾ هاڻي چاندي تارون پئجي ويون آهن، هڪ ڏينهن ڏاڍي ڪاوڙ ۾ چيو "اهو ظلم آهي تہ جنهن شخص سڄي ڄمار ۾ رڳو تيرهن ڪهاڻيون لکيون، هن کي ڪٽي مٿي تي کنيو اٿن!" ان نوجوان بہ سنڌي ادب کي ڏاڍيون پليون ڪهاڻيون ڏنيون آهن ۽ ٽي ويءَ تان سندس ڊراما بہ ٽيلي ڪاسٽ ٿي چڪا آهن پر اهو نوجوان اڃا تائين ڪا 'پيراڻي'، 'سينڌ'، 'ڪارو منهن' يا 'خميسي جو ڪوٽ' لکي نہ سگهيو آهي.

هڪ ٻئي نوجوان جمال ابڙي ڏانهن اُستاديءَ طرح اشارو ڪندي چيو "جنهن قلمڪار قلم رکي ڇڏيو آهي، هن کي اديب چوڻ جو سلسلو بند ٿيڻ گهرجي، ڏسو تہ سهي، ماڻهو رسمي طرح رٽائرمينٽ جو اعلان بہ نٿا ڪن!" گهڻو وقت ٿي ويو آهي، هاڻي خود ان نوجوان جون لکڻيون ڪونہ ٿيون اچن، پر خود هُن لکڻ تان رٽائرمينٽ نہ ورتي آهي. ڇا قلم لاءِ بہ رٽائرمينٽ جي ڪا عمر ٿيندي آهي؟ ڇا شيخ اياز جي قلم جي رفتار سان ڪنهن ٻئي قلمڪار جو قلم ڊوڙ پچائي سگهي ٿو؟ شيخ اياز جي عمر وڌي ٿي سگهي ٿي، قلم جي نہ!

گهڻا ماڻهو خاموشيءَ سان ڪم ڪندا آهن، ساميءَ وانگر مٽ پريندا ويندا آهن. تمام ٿورڙن ماڻهن کي خبر آهي تہ جمال ابڙو پنهنجيون يادگيريون قلمبند ڪري رهيو آهي ۽ ڊيمي سائز جي لڳ ڀڳ 500 صفحن جيترو مواد ٻن جلدن ۾ مڪمل ڪري چڪو آهي، ٽئين حصي تي سندس ڪم جاري آهي. ٽوٽي جو ڊاڪٽر ڪيس لکڻ ڪان منع ڪن ٿا ۽ هٿ لکڻ مهل سندس ساٿ نٿو ڏئي!

اهي قلمي نسخا جن جي هٿن مان لنگهيا آهن، هنن ايئن ئي محسوس ڪيو آهي ڄڻ پشو پاشا جا اڻڇپيل حصا هجن! جمال ابڙو چوي ٿو "مان بہ چاهيان ٿو تہ هاڻي اهي لکتون پڙهندڙن جي هٿن ۾ اچي وڃن پر مان پاڻيان تہ اول رهيل احوال مڪمل ڪري وٺان!" سندس سيني ۾ بي شمار ڳالهيون آهن، اصل ڪيئي ڪتاب آهن! "فلاڻو ماڻهو جيڪو اڄ لاوارثن وانگر پيو آهي اهو اصل ۾ ڪيڏو وڏو ماڻهو هو جنهن کي سندس لائق پٽن ڪونہ سنڀاليو آهي ۽ هُو جيڪو اڄ تمام مقدس ماڻهو آهي، ڪالهہ ڪيئن نہ پيو ٺڳيون ڪندو هو؟"

هو گهڻين ڳالهين جو اکين ڏٺو شاهد آهي. جڏهن محمد خان جوڻيجو نئون نئون ولايت مان موٽي آيو سنهڙو ڏڳهڙو سايون مڇون! تڏهن فلاڻي خان ڪيس ڇڀ ڏيڻ لاءِ ڪيئن مٿس ڪوڙا شاهد بيهارڻ جي ڪوشش ڪئي؟ جڏهن ميرو



Gul Hayat Institute

نظاماٽي مارجي ويو تڏهن سندس لاش ڪيئن ٽُڪون ڪاڏيون؟ جڏهن پٽو صاحب ايوب جي عتاب هيٺ آيو ۽ حيدرآباد ريلوي اسٽيشن تي ڪيس وٺڻ جي همت ڪنهن ڪي به ڪونه هئي! جڏهن تاج صحرائيءَ جهڙي غريب نوجوان خاڪسار تحريڪ جي ڊسيپلين تحت شاهي خاندان جي نفيس نوجوان مير علي محمد ٽالپر کي دُرا هڻڻ جو حڪم ڏنو ۽ مير صاحب اها سزا خوشيءَ سان قبول ڪئي.

”ڇا لکان ۽ ڇا نه لکان؟ ڳالهيون قطارن ۾ بيٺيون آهن. واقعا، جيڪي ياد به نه هئم لکندي لکندي پاڻهي اچي پنهنجي جاءِ وٺن ٿا.“ جمال ابڙو چوي ٿو. پر هو لکي رهيو آهي. تمام خاموشيءَ سان گهڻو ڪجهه سرجي رهيو آهي. هي تصوراتي ڪهاڻيون ڪونه آهن. انهن جا هِيرو توڙي وِلين پنهنجن نالن ۽ ڏس پتن سميت اڄ به اسان جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ گهٽين ۽ اوطاقن ۾ موجود آهن يا اتي ئي ڪٿي قبرن تي سندن نالا لکيل آهن.

سندس هڪ ئي ڪتاب چار پنج پيرا ساڳين توڙي ٻين نالن سان ڇپيو آهي. ’پشو پاشا‘ مجموعو ساڳئي نالي سان به پيرا، ’بدمعاش‘ جي عنوان سان هڪ پيرو ۽ هڪ پيرو سنڌ ثقافت کاتي پاران ”جمال ابڙو- ڪهاڻيون، مضمون ۽ شخصيت“ جي عنوان سان ڇپيو جنهن ۾ ڊپارٽمينٽ ڪوشش ڪئي ته ليکڪ جون سڀ ڪهاڻيون، سياسي مضمون ۽ تقريرون هڪ ڪتاب ۾ سهيڙي وٺجن پر اهو ڪم اڌورو آهي، جنهن ۾ سندس سڀ ڪهاڻيون (ڪل سترهن) شامل آهن. البت مضمون ۽ تقريرون نه هئڻ برابر آهن. اول ته هو صاحب تقرير جو فن ڄاڻي ئي ڪونه! امر جليل جي اکرن ۾ ”اسان اديب ماڻهو فقط لکڻ سکيا آهيون، پر ڳالهائڻ اچي ئي ڪونه ٿو.“ جليل ته خير جڏهن ڳالهائڻ لاءِ بيهندو آهي ته ڪافي دير تائين ڳالهائي سگهندو آهي، جمال ابڙو جيئن لکڻ مهل مختصر اکرن ۾ سڄي ڪهاڻي لکي ويندو آهي، تيئن ئي مختصر اکرن ۾ سڄي تقرير مڪمل ڪري ڇڏيندو آهي. هو بهرحال، ڪو سياستدان يا مقرر ڪونه آهي، جيڪي اسٽيج تي چڙهندا ئي ان ڪري آهن ته جيئن نه لهن ۽ خلق کي اکرن جي سحر ۾ ڪوڙي ڇڏين. هو چوي ٿو ”پنهنجا خيال ٻين جي ذهنن ۾ inject نه ڪريو! توهان پنهنجا تجربا لکڻ مهل، ڳالهائڻ مهل بيان ضرور ڪريو ٿا، ڪنڌا رهندؤ ۽ ڪرڻ گهرجن، پر اهي ٻين تي زوريءَ مڙهڻ جا ڪونه آهن. نيٺ به اهو فطرت جو ڪم آهي ته وزن واري راءِ قبول پوندي ۽ بي وزن رد ٿي ويندي. بحث ۽ دليل ضروري آهي، پر جبر جي اجازت نٿي ڏيئي سگهجي. جبر جي خلاف مزاحمت ڪبي ۽ رٿابنديءَ سان ڪرڻي پوندي. ٻيءِ ڪونه وڃبو!“

روزانو ميلن جا ميل پنڌ ڪري ڀراڙيءَ جي اسڪولن ۾ پڙهندڙ ٻار جمال الدين پٽ علي خان ابڙو جڏهن جوناڳڙهه ۾ پڙهي ٿو تڏهن فيصلو ڪري ٿو ته ”انگريز جي نوڪري ناهي ڪرڻي!“ بنگال جي ذڪر ۾ ڪلڪتي ۾ رضاڪار ٿي

خدمت ڪندڙ هي نوجوان جڏهن پاڪستان جي تخت گاهہ ۾ فيڊرل سروس ٽربيونل ۾ ميمبر طور ڪم ڪري ٿو تڏهن وقت جي حاڪم جنرل ضياءَالحق جي مرضيءَ جي خلاف فيصلا ڪري ٿو ۽ ڊاڪٽر افغان سميت عتاب هيٺ اچي ٿو. آخر هو ڇا ٿو چاهي؟ ”ڳالهہ اها ڪبي ۽ ڇٽبي جيڪا قانوني ۽ اصولي هوندي تهمتون ۽ ڪاوڙ ته هر ڪو ڪري ٿو. سرڪار به ڪاوڙجي ٿي ۽ ماڻهو به ڪاوڙجن ٿا انهن ڪنهن کي معاف ڪيو آهي؟ پيو ته ٿهيو خدا ۽ سندس نبين کان به نه ٿا مڙن! حضرت عيسيٰ کي پنهنجي هٿن سان صليب تي چاڙهين ٿا، اسان تي ۽ توهان تي ڪاوڙ ڇو نه ڪندا؟“

ڇا اديب جي سماج ڏانهن ڪا ذميواري آهي؟ جمال ابڙو چوي ٿو ”منهنجي نظر ۾ صحيح ادب اهو آهي جيڪو عام ماڻهن کي نہ رڳو پنهنجي حقن جي ڄاڻ ڏئي پر انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ منجهن امنگ ۽ اتساهہ ۽ پاڻ ۾ اعتماد پيدا ڪري ته هُو ئي پنهنجي طاقت سان پنهنجا حق ڦورو طبقن کان حاصل ڪري سگهن ٿا.“ جمال ابڙو ادب براءِ ادب ۽ ادب براءِ ذاتي تسڪين جو حامي نٿو لڳي توڙي جو هو ايئن به سمجهي ٿو ته ”لکيو منجهہ نراڙ قلم ڪياڙيءَ نہ وهي!“ ڇا هي ڪو تضاد آهي؟ يا انسان اڃا تائين زندگيءَ جا روان دوان اصول سمجهي نہ سگهيو آهي؟

جمال ابڙي جون ڪهاڻيون ۽ سياءَ تجويز ڪن ٿا تہ بچڙائيءَ جي خلاف مزاحمت ڪرڻي آهي توڙي جو جسم ۾ ٻل نہ هجي، پر اها مزاحمت ايئن ناهي جو پاڻ کي عقل ڪُل ۽ خدائي فوجدار سمجهي تشدد تي لهي اچجي. جيڪڏهن معاملو حالتن جي تجزئي سان چٽو ٿي سامهون اچي ۽ ماڻهو ’سچ‘ لهي وٺن تہ پوءِ جهيڙي جو ڪارڻ ڪٿي بچندو؟ سچ تہ هڪڙو ئي آهي ۽ اهي بہ ٿي نٿا سگهن. جيڪڏهن سڄي انسان ذات سچ جي تلاش ۾ آهي تہ پوءِ ڪين هڪٻئي جي مدد ڪرڻ گهرجي. اوستائين پهچڻ جا هڪ هزار رستا ٿي سگهن ٿا، درياهن ۽ ندين جا بيشمار ۽ هڪٻئي کان ابتڙ رخن ۾ وهڪرا ٿي سگهن ٿا پر سمنڊ تہ هڪڙو ئي آهي، ڀلي تہ ڪو سمنڊ کي عربي، هندي، بنگالي ۽ چينيءَ ۾ تقسيم ڪري، سمنڊ تہ هڪڙو ئي آهي!

هو چوي ٿو ”اديب جي ست ۽ گفتي سوچڻ جي دعوت ڏيندڙ هئڻ گهرجي، جيڪا ست ڪوري ۾ پڪل نہ هجي، جنهن جي پرواز ۽ معنيٰ منزل جي خبر نہ ڪري، ڪو بہ ڏس پتو نہ ڏئي ۽ سوچڻ تي مجبور نہ ڪري، اها ڪهڙي ڪم جي؟“

(”برسات“ 14 جنوري 1997ع)

# جمال ابڙو 'الف بي' ڪيئن پڙهيو؟

علي خان ابڙو

(علي خان ابڙي صاحب جا هي ٻہ مضمون جمال صاحب جي ابتدائي تعليم جي حوالي سان ڪافي دلچسپ معلومات ڏين ٿا. اهي 1931ع ۽ 1933ع ۾ 'اخبار تعليم' ۾ شايع ٿيا هئا)

## تعليمي تجربو

مون پنهنجي هڪ ننڍڙي ڇوڪر جمال الدين ڪي، جنهن جي جنم جي تاريخ 10 اپريل 1925ع آهي، (جمال ابڙي صاحب موجب سندن جنم جي تاريخ 2 مئي 1924ع آهي، ان مغالطي جو سبب جمال صاحب پنهنجي آتم ڪٿا ۾ ڄاڻايو آهي) 20 اپريل 1930ع کان تعليم ڏيڻ شروع ڪئي. منهنجو ڳوٺ ڀرارڙيءَ ۾ آهي، جتي مڇر گهڻا ٿيندا آهن ۽ سرءُ جا تپ سخت ٿيندا آهن. انهيءَ سبب ۽ ڪجهہ سال بد هاضمہ هئڻ ۽ هيانءِ وڌڻ ڪري هو ضعيف ۽ ملول ٿي پيو هو. اتي ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن نہ هئڻ ڪري مون ڪيس پاڻ وٽ لاڙڪاڻہ آڻائي ورتو ۽ دوا شروع ڪرائي مانس. ٻن مهينن جي اندر هيانءُ ڇڏي ويس ۽ تندرست گذارڻ لڳو. لاڙڪاڻہ اچڻ شرط ڪيس تعليم ڏيڻ بہ شروع ڪري ڏنيم. پهريون مهينو يا ٻہ، فقط 5 منٽ صبح 5 منٽ شام تعليم ڏبي هئي. پوءِ رفتہ رفتہ وڌائيندي وڌائيندي پڇاڙيءَ ۾ اڌ ڪلاڪ صبح ۽ اڌ ڪلاڪ شام تعليم ڏيندو هوس.

پر بعضي فقط هڪ وقت فرصت ملندي هئي ۽ بعضي تہ هڪ وقت بہ نہ. شروعات ۾ هفتو کن وڏيڪ بخار آيو هوس. انهن مهينن جي عرصي ۾ جمال الدين ٻاراڻہ ڪتاب پورو ڪيو آهي، انگ سؤ تائين ۽ کوڙا پنجن تائين سکيا اٿس. ٻاراڻو ڪتاب اهڙي نموني سکيو آهي، جو اڻ پڙهيل لفظ بہ لکي پڙهي ٿو وجي. ڪتاب جا سبق اهڙيءَ طرح ٿو پڙهي، جيئن ڳالهائبو آهي.

جيڪي پڙهي ٿو سو سمجهي ٿو انهيءَ ڪري پڙهڻ مان ڪيس مزو بہ ٿو اچي. سوالن جا جواب سڄن جملن ۾ ٿو ڏئي. اکر اهڙا اٿس، جهڙا پهرئين درجي جي شاگردن جا بلڪ بهتر. انگن ۾ ايڪا، ڏهاڪا ۽ جوڙ ڪٽ اچنس ٿا ۽ کوڙن تي

زباني حساب بہ ڪري تہ وجي. ماستر صاحب مٿيون سٽون پڙهي چوندا تہ هڪڙي شاگرد کي جو هر روز باقاعدي پڙهڻ اچي، تنهن کي پڙهائڻ آسان آهي. پر گهڻن ڇوڪرن کي جي اڳي پوءِ اچن ۽ گسائين، تن کي اهڙيءَ طرح پڙهائڻ مشڪل آهي، جيئن جمال الدين کي پڙهايو ويو آهي.

اها ڳالهہ بيشڪ سچي آهي، پر گهڻن ڇوڪرن کي گڏي پڙهائڻ ۾ ڏاڍيون سهوليتون آهن، بشرطيڪ معلم کي پڙهائڻ جو ڍنگ هجي. ڳچ ڇوڪرن کي گڏي ساڳيو سبق سيکارڻ سان گهڻو وقت بچائي تو سگهجي. مثلن جيڪڏهن ٻاراڻي ڪلاس ۾ 30 شاگرد آهن تہ انهن جا چار يا پنج ٽولا ٺاهجن.

هر هڪ ٽولي کي اٺ ڪلاڪ صبح ۽ اٺ ڪلاڪ شام جو تعليم ڏجي تہ بلڪل ڪافي آهي، باقي وقت واري واري تي لکڻ ۽ شين ٺاهڻ وغيره ۾ مشغول رکجين. بعضي وقتن تي اهي ڇوڪرا هڪ ٻئي کي بہ مدد ڪري سگهن ٿا. جنهن وقت معلم هڪڙي جماعت کي ڪم سيکاري تہ ٻيون جماعتون پاڻ ۾ گڏ ڪوڏيون ڳڻن ۽ ڏهاڪا ٺاهين يا ارٿ ميٽڪان تي انگ ۽ کوڙا ڪڍن ۽ جوڙ ڪٽ سکن يا هڪ ٻئي کي صورتخطي چون ۽ درست ڪن وغيره وغيره. خير! هن مضمون ۾ مون کي فقط پنهنجو ڪيل تجربو بيان ڪرڻو آهي.

ٻاراڻو ڪتاب نئين قاعدي موجب جهڙيءَ طرح رٿيل آهي، اهڙيءَ طرح پاڙهيم، نہ تہ اڪثر معلم پهريائين قديم نمونی 52 اکر پاڙهي، پوءِ زبرون زيرون وغيره ٿا سيکارين ۽ پوءِ ٿا ٻاراڻو ڪتاب شروع ڪن. انهيءَ طرح پاڙهڻ ۾ اٽڪل ڇهہ مهينا يا وڌيڪ فقط الف ب ۽ انگ سيکارڻ ۾ لڳي ٿا وڃن، پوءِ بہ ڪن معلمن جو پاڙهڻ ڏاڍو خراب ۽ ڪل جهڙو آهي. مثلن ڪي معلم رڳو پاڙهيندا ويندا آهن ۽ لکائيندا نہ آهن. سيکارڻ مهل هِجي بہ پاڻ ڪندا آهن ۽ جوڙ ڪري لفظ بہ پاڻ چوندا آهن ۽ لفظ گڏي جملو بہ پاڻ چوندا آهن. شاگرد رڳو طوطي وانگر استاد جي پٺيان چوندو ويندو آهي. انهيءَ طرح پاڙهڻ سان محنت تمام گهڻي ڪرڻي ٿي پوي ۽ ڪاميابي تمام ٿوري حاصل ٿي ٿئي. ڪي معلم وري پهرئين سبق جا لفظ اٺو اٺي وغيره ٻئي سبق جا اکر بلا وغيره، ٽئين سبق جو ٺارو ٺڪر وغيره ۽ چوٿين سبق جا ايس ايڪو وغيره اهڙيءَ طرح ٻين ڪن سبقن جا لفظ اهڙي قسم جا سيکاريندا آهن. اهي لفظ سيکارڻا ناهن، اهي فقط آوازن ۽ حرفن ڪڍڻ لاءِ آهن. مون پنهنجي ڇوڪر کي اکرن جا جزا، جي پهرئين صفحہ تي لکيل آهن ڪونہ لکايا يا سيکاريا. پهريائين ڪيس زباني طور لفظن کي آوازن ۾ ورهائڻ ۽ آوازن کي گڏي لفظ ٺاهڻ سيکاريا. پهرئين ڏينهن تي منٽ کن اهو ڪم ڪيم وري هفتو کن ناغو پئجي ويو. پوءِ پنج منٽ هڪ ڏينهن ۽ پنج منٽ ٻئي ڏينهن ڪم ڪرڻ سان آواز ڪڍڻ ۽ آوازن سان لفظ ٺاهڻ سکي ويو. نہ رڳو ايترو پر اٽلندو پاڻ ٻين کان سوال پڇڻ لڳو. مثلن پهريائين پهريائين پڇيائين تہ ا ـ ن ـ ب ـ جو ـ و ڻ ـ اهو

ڇا ٿيو؟ مون ڇيو ته انب جو وڻ. پوءِ ته تي چار مهينا هن لاءِ راند ٿي پيئي، جو ڳجهارت طور لفظ جو پهريون آواز سڀ ڪنهن کي ٻڌائيندو هو ۽ چوندو هو ته اهو لفظ سڃو ڪري ٻڌاءِ. مثلن چوندو هو ته 'ڪ' ڇا ٿيو؟ پوءِ جواب ڏيندڙ چوندو هو ته ڪتو ڪپڙو وغيره. جيستائين انهيءَ لفظ تي اچي، جو سندس دل ۾ رٿيل هو.

آوازن سيکارڻ بعد يعني ٻن ڏينهن بعد پهريون سبق هن طرح شروع ڪرايم. 'اڪِ' ۾ ڪهڙا آواز آهن؟ جواب مليو ته 'آ - ڪِ -' پهريون آواز ڪهڙو آهي؟ چي 'آ'. اهڙي طرح اڪ ۽ اٽو ۾ پهريان ڪهڙا آهن؟ چي 'آ'. اهو پهريون آواز هن طرحِ 'آ' لکبو آهي، تون به لکي ڏيکار. اهو ڇا لکيئي؟ چي 'آ'. جڏهن آ لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ پڪو ٿيو تڏهن اتي ۽ اهڙن ٻين لفظن مان 'اِ' جو آواز ڪيرائي لکايم ۽ پڙهايم. پوءِ وري آ ۽ اِ گڏي وچڙائي لکايم ۽ پڙهايم. اها ڳالهه ڏاڍي ضروري آهي ته جيڪي پوءِ سکجي، سو اڳيئن سکيل سان ڀيٽ ڪري سيکارجي ته تفاوت معلوم ٿئي ۽ ڀُل نه ٿئي. يعني آ کي اِ ۽ اِ کي آ نه لکي يا پڙهي. اهڙيءَ طرح پهرئين سبق جا اٺئي آواز لکڻ ۽ پڙهڻ سکيو. پوءِ انهن آوازن مان ٿهيل لفظ پاڻهي لکي ۽ پڙهي ويو.

مثلن ابا، بابا، باب. لفظ لکائڻ مهل ڇيو مانس ته لک 'ابا' ته پاڻ پهريائين آواز ڪيڍيائين 'آ ۽ با'، پوءِ ٻئي لاڳيتا لکيائين ۽ ٻئي آواز گڏي چيائين ته 'هي آهي ابا'. وري لفظ پڙهائڻ مهل 'آب' لکيم ۽ ڇيو مانس ته هي ڇا آهي؟ ته 'آ ۽ ب'، پوءِ ٻئي آواز گڏي چيائين ته 'هي آهي آب'.

هن سبق پوري ڪرڻ ۾ هفتو کن لڳو. مون کي ارمان آهي ته مان بروقت سڀ حقيقتون ۽ تاريخون ۽ وقت لکندو ڪونه ويس. جيڪڏهن ائين ڪيان ها ته هن تعليمي تجربي جو بيان هڪ وڏو ڪتاب ٿي پوي ها، پر ضرور مفيد ٿئي ها. گذريل پنجن مهينن ۾ مون کي ڏاڍا چڱا چڱا اصول ۽ رستا هٿ آيا، جن مان گهڻا وسري ويا اٿم. پهرئين مهيني ۾ چوڪرو 5 منٽن ۾ ٿڪجي پوندو هو. سندس ٿڪجڻ هن طرح معلوم ٿيندو هو جو جيڪي پهريائين لکي پڙهي ويندو هو سو به نه ايندو هوس ته سمجهندو هوس ته هاڻي ٿڪو آهي. خصوصن لکڻ پڙهڻ بعد جڏهن انگن جو جوڙيا ڪٽ پڇندو هوسانس ته هڪدم اوٻاسين پٺيان اوٻاسيون ڏيڻ شروع ڪندو هو. ٻيو سبق هن ريت شروع ڪيم:

پهرئين سليٽ تي لکيم 'آ اِ اُ آ' ۽ ڪاٿنس اهي پڙهايم. پوءِ انهن جون نشانيون ڊاهي پڇيم ته 'باقي هي ڇا آهي؟' چيائين ته 'خبر نه آهي!' پڇيم ته 'چاريئي هڪ جهڙا آهن يا ٻيءَ طرح؟' چيائين ته 'هڪ جهڙا آهن'. پوءِ ٻڌايم ته انهيءَ جو نالو رکيل آهي 'الف'. اهي چاريئي هڪ الف آهن. 'ساڳئي الف مٿون ليڪ تي ڏجي ته ڇا ٿو ٿئي؟' چي 'آ'. 'هيٺيون ته؟' چي 'اِ'. 'مٿئون هيءَ (ُ) نشاني ته؟' 'اُ' ۽ 'هي (ـ) ته؟' چي 'آ'. 'پر جي اهي نشانيون ڊاهي ڇڏجن ته ڪهڙو اکر

Gul Hayat Institute

ت' ۾ بعضي هن طرح 'في ت'. پنجين سبق جي پڇاڙيءَ ۾ ڪي لفظ ۽ جملا آهن، سي پوءِ پاڻ لکي ۽ پڙهي ويو. پر منهنجي زير نظر جملا چڱيءَ طرح چوڻ ڪيس هن طرح سيکاريا ويا. جڏهين ڦٽيءَ جو لفظ چوڻ سکيائين ته پوءِ ڪي جو لفظ پڙهيائين پوءِ چيومانس ته ٻئي گڏي چؤ ۽ جڏهين ائٽ ۽ ڪپي جا لفظ پڙهي ويو ته اهي به گڏي چواريامانس. جڏهين جملي جا ٻئي پاڱا ڏار ڏار پڪا ٿيس، تڏهين ٻئي پاڱا گڏي چورايامانس ته چٽي ويو ۽ چڱي ڍنگ سان چٽي ويو. اهڙيءَ طرح پوين سبقن جا وڏا وڏا جملا به پاڱا پڪا ڪرائي پوءِ سڄو جملو پڪو ڪرائيندو هو سانس. منهنجو دستور هميشه اهو رهيو جو ڪڏهن به ڪيس پاڻ لفظ نه پڙهي ٻڌايم. نڪي ڪيس پاڻ لکي ڏنم. نڪي پاڻ پهريائين سڄو جملو چٽي ٻڌايم. هميشه سڀ ڪو لفظ سکيل حرفن ۽ آوازن جي وسيلي پاڻ ٿي لکي ويندو هو ۽ پاڻ ٿي پڙهي ويندو هو. جيئن آواز گڏي لفظ ٺاهيندو هو تيئن وري لفظ گڏي جملا به پاڻ ٺاهيندو هو ۽ چوندو هو. پنهنجي منهن پاڻ به جيڪي جملن وارا سبق پڙهي سگهيو پي، پر ننڍو بار بعضي بي خيالائي کان ڪو ڪو لفظ غلط ٿي پڙهيائين ۽ پوءِ سندس عادت متاثر ۾ البت مون کي تڪليف پئي ٿي. تنهنڪري پنهنجي نظر هيٺ لفظ ۽ جملا پڙهائيندو هو مانس، جيڪڏهن ڪا چڪ ڪندو هو ته مان درست نه ڪندو هوس، فقط چوندو هوس ته 'هت چُڪ ٿو ڪرين سنڀالي چؤ!' پوءِ پاڻ ڪي پاڻ درست ڪندو هو. اهڙيءَ طرح صورتخطيءَ ۾ چُڪ ڪندو هو ته ڪائنس ٿي درستي ڪرائي ويندي هئي. مان پاڻيان ٿو ته جيڪڏهن 5 يا 6 ڇوڪرا گڏجي ويهي نئون سبق پڙهن ته پوءِ ماستر جي نظر جي به ضرورت نه رهندي، ڇو ته جيڪڏهين هڪڙو چُڪ ڪندو ته ٻيا چوندس ته چُڪ ٿو ڪرين سنڀال. جيئن پ ۽ ت سکڻ ۾ جمال الدين تڪليف ڏني، تيئن تيرهين سبق يا پندرهين سبق سکڻ بعد هڪڙي پيري 'غير' لکايو مانس ته 'غور' لکيائين ۽ 'ڪوڙو' لکايو مانس ته 'ڪپڙو' لکيائين. مطلب ته انهيءَ قسم جا لفظ بعضي بعضي غلط ته بعضي برابر پي لکيائين. اها تڪليف ڏاڪو ڏينهن هلي. شايد اها مون چُڪ ڪئي هئي، جو جڏهن تيرهين سبق جا آواز حرفن سان شامل ڪرايا هيم، تڏهين چوٿين سبق جي آوازن سان پيٽ ڪرائي پڪا نه ڪرايا هيم. وري به خوش قسمتي هئي، جو 'اَي' ۽ 'اَو' لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ چُڪ ڪانه پئي پيس، تنهنڪري متئين قسم جي لفظن لکائڻ کان اڳ ۾ سليٽ جي متئين سٽ تي اَي ۽ اَو سان مشابهت ڏيئي صحيح لکي ويندو هو ۽ آخر ڏهن ڏينهن ۾ اها به تڪليف لهي ويئي.

نون غنه سيکارڻ ۾ مون کي تڪليف بلڪل ڪانه ٿي، به منٽ مس لڳا. پهريائين انب جي لفظ جا آواز ڪڍايامانس، پوءِ 'ا ب' لکي ان جا آواز ڪڍايامانس. پوءِ پڇيومانس ته آ جي بدران ڇا هئڻ گهرجي ته چٽي ويو. پوءِ چيومانس ته اهو آواز 'ن' گڏڻ سان نڪرندو آهي، پوءِ ٻين حرفن سان به 'ن' ملائي

Gul Hayat Institute

ويو. ساڳئي طرح سمهڻ، ڳهڻ، ماڻهو پڙهڻ وغيره ۾ جيڪا ’هہ‘ آهي، سا بہ نون غنہ وانگر جلد سکي ويو مگر ائين ناهي تہ ڪو چُڪ ڪونہ ڪندو هو بيشڪ ڪندو هو ۽ اجا بہ بعضي بعضي ڪري ٿو پر سنيالڻ سان درست ڪري ٿو وجي. هڪڙي ماستر ’ملهايون‘ لکايس تہ ان جي بدران ’ملاهيون‘ لکيائين. پوءِ پوئين لفظ جا آواز ڪڍاياسونس تہ هنجي چڪ سمجهي ويو.

جمال الدين کي هاڻي پهريون درجو بہ پاڻ شروع ٿو ڪرايان. اميد آهي تہ ڇهن مهينن اندر پهرئين درجي جا ڪم چڱي طرح ڪڍي ويندو. پوءِ ٻئي ننڍڙي ڇوڪر کي ٻاراڻ ڪلاس جي تعليم ڏيندس. جمال الدين کي جيڪا تعليم ملي آهي، سا اهڙي قسم جي آهي، جو ڀانيان ٿو تہ هن کي هڪ هفتہ استعمال ڪرائيندس تہ قرآن شريف ڪتان بہ پڙهي ويندو. 5 منٽ کن آزموده بہ ورتو اٿمانس. تجربي ڪرڻ لاءِ سِٽ ڏني ويندي انگن سيکارڻ بہ نسبت اڳي ٿي ٻڌايو اٿم تہ لکڻ ۽ پڙهڻ بعد سيکاريندو هو مانس. اجا انگن جي جوڙ ۽ ڪٽ شروع ڪندو هوس تہ اوباسيون ڏيڻ لڳندو هو تنهنڪري ڇڏي ڏيندو هومانس. ڪي ماستر شايد انگ جنسي شين کان سواءِ سيکاريندا آهن ۽ پهريائين رڳو ڳڻڻ سيکاريندا آهن، پوءِ لکڻ ۽ پڇاڙي جوڙ ڪٽ. ازان سواءِ هڪڙو ڇوڪر ٻين کي چورائيندو آهي ’ايڪو ايڪو يارهن، ٻڪو ايڪو ٻارهن، ٽڪو ايڪو تيرهن وغيره‘ مون اهي نمونا بلڪل ڪم ڪونہ آندا. آڱرين، اکين، ڪرسين، مٽين وغيره جي وسيلي هڪ ۽ ٻہ سيکاري انگ 1 ۽ 2 لکايم. پوءِ پڇيم تہ ’هن هڪ مٽئي سان هي هڪ مٽيو گڏيان ٿو هاڻي ڪيترا مٽيا ٿيا؟‘ چي ’ٻہ ٿيا‘. ’ٻن مان هڪ ڪڍي ٿو وٺان باقي ڪيترا بچيا؟‘ چي ’باقي هڪ بچيو‘. پوءِ وري ٻن شين ۾ ٽين اهڙي شيءِ (مٽيو يا آڱر وغيره) گڏي ٻڌايم تہ ’هاڻي هي ٽي مٽيا ٿيا‘ يا ’هي ٽي آڱريون ٿيون‘ وغيره. پوءِ هن قسم جا سوال پڇيم ’ٻن مٽين ۾ هڪ ٿو گڏيان ڪيترا ٿيا؟‘ ’هڪ ۾ بہ ٿو گڏيان ڪيترا ٿيا؟‘ ’ٽن مان هڪ ڪڍي ٿو ڇڏيان، ڪيترا بچيا؟‘ وغيره. اهڙيءَ طرح سان ڏهن تائين انگ ڳڻڻ، لکڻ ۽ جوڙ ڪٽ سيکاريا ويا. اهو سڀ ڪم جنسي شين جي وسيلي ڪيو ويو مگر جوڙ ڪٽ ۾ جيتري قدر جنسي شيون ڪم آڻڻ گهربيون هيون، اوتري قدر ڪم نہ آندم. انگن ڳڻڻ ۽ لکڻ ۾ تہ ڪجهہ بہ تڪليف نہ ٿي، مگر جوڙ ڪٽ ۾ گهڻي تڪليف درپيش آئي. مان ڀانيان ٿو تہ جيڪڏهن جنسي شيون وڌيڪ ڪم آڻيان ها ۽ گهڻا ڀير هجن ها تہ ڪي رانديون بہ ڪم آڻيان ها تہ پوءِ تڪليف گهٽ ٿئي ها. فقط پنجن تائين انگ ڪيئن سيکارجن، تنهن تي هڪڙو سڄو ڪتاب لکيل آهي، جو مون پڙهيو آهي، مگر مون اهي رستا ڪم ڪونہ آندا. ڏهن تائين جوڙ ڪٽ ڪرڻ ۾ مون پنهنجي هڪڙي ترتيب ڪم آندي، جا ٻڌائڻ لائق آهي. مان جنسي شيون ڏيکاري پڇندو هوس تہ ’هي ٽي مٽيا ۽ هي بہ مٽيا گڏيون ٿا تہ ڪيترا ٿيا‘، چي ’5‘،

'وري پنجن مان بہ ڪيڏي ڇڏيون تہ باقي ڪيترا؟'، چي'3 '. 'پر جي پنجن مان 3 ڪيڏي ڇڏيون تہ باقي ڪيترا؟'، چي'2'. انهن تنهي سوالن جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي. جيڪڏهن هن کي پهريون آيو تہ جڻ ٻيا بہ بہ اچي ويا. ساڳيءَ طرح 4 ۽ 3 ٿيا 7، پر جي 7 مان 3 ويا تہ 4 بچيا ۽ 4 ويا تہ 3 بچيا. جڏهن اهو تعلق جمال الدين سمجهي ويو تڏهن تڪليف گهٽو گهٽ ٿي پيئي ۽ جنسي شين کان بنا بہ جواب ڏيئي پيو سگهيو. ڏهن تائين انگن سيکارڻ بعد جڏهن جمال الدين کي ايڪا ۽ ڏهاڪا جنسي شين، مٽين ۽ ارٽميٽيڪان وغيره جي وسيلي سمجهايم، تڏهين 100 تائين انگن ڳڻڻ ۽ لکڻ ۽ جوڙ ڪٽ ۾ دير بلڪل ڪانہ ٿي. گويا ڏهن تائين انگ سکيائين تہ جڻ سؤ تائين سکيائين. فقط ڪٿي ڪٿي انگن چوڻ ۾ غلطي ڪيائين ٿي. مثلن 18، 31، 27، کي ارڙهن، ايڪوبهہ، ستاويهہ چوڻ. 19، 29، 39. اهڙن انگن جي ڳڻڻ ۽ لکڻ ۾ ٻارن کي ڪجهہ ڏکيائي ٿيندي آهي، پر اها بہ جنسي شين سان ايڪن ڏهاڪن ڪيڏائڻ ڪري ڪانہ ٿي. کيس سمجهايو ويو تہ اٺوبهہ جي معنيٰ آهي ويهن کان هڪ گهٽ. اڻتيهہ جي معنيٰ آهي ٽيهن کان هڪ گهٽ وغيره. تنهنڪري 28 کان پوءِ پورن ٽن ڏهاڪن جو انگ يعني ٽيهہ چوڻ سيکاريومانس تہ اڻتيهہ پاڻهي چئي ويو. انگن لکائڻ مهل بہ هو اهو حساب ڪري پوءِ برابر لکي ويندو هو. مثلن جيڪڏهن کيس چوندو هوس تہ 69 لک تہ هو خيال ڪندو هو تہ 70 ۾ ست ڏهاڪا آهن هڪ گهٽ ڪبو تہ نؤ ايڪا ۽ ڇهہ ڏهاڪا ٿيندا، پوءِ لکي ويندو هو. ڏهن کان ويهن تائين انگن سيکاريندي کيس سمجهايم تہ ساڄي پاسي کان ايڪا لکبا آهن، کٻي کان ڏهاڪا. جڏهن ويهن تائين انگ ڳڻڻ ۽ لکڻ سکيو تڏهن ڪو بہ مٿي انگ مثلن 59، 78، 99، 36، ارٽميٽيڪان تي پي ڏيکاريم تہ هو اهو انگ لکي پي ويو. اگرچ چئي ڪونہ پي سگهيو تہ اهو انگ ڪهڙو آهي چو تہ ايترو سهي ڪري پي سگهيو تہ هيترا ايڪا ۽ ڏهاڪا ڪيڏيل آهن، اهو تجربو گهڻن ئي ڪي ڪري ڏيکاريم.

ڏهن کان مٿي جوڙ ڪٽ هن طرح ڪرايم. مثلاً 4 ۽ 3 ڪيترا ٿيا؟ چي 7. تہ 14 ۽ 3 ٿيا 17، 24 ۽ 3 ٿيا 27 وغيره وغيره. اهڙي طرح 5 ۽ 4 ٿيا 9 تہ 15 ۽ چار ٿيا 19، 25 ۽ 4 ٿيا 29، وغيره وغيره. ساڳيءَ طرح 6 ۽ 4 ٿيا 10 تہ 16 ۽ 4 ٿيا 20، 26، ۽ 4 ٿيا 30، 36 ۽ 4 ٿيا 40 وغيره وغيره. ساڳيءَ طرح ڪٽ بہ ڪرايم. ٿورڙيئي وقت ۾ انهن انگن جو لاڳاپو ۽ مشابهت سمجهي ويو.

ڪوڙا سيکارڻ تہ نهايت آسان آهي. پهريائين ارٽميٽيڪان تي، پوءِ زباني ٻن ۾ بہ جوڙ ڪرائيندو ويهن تائين آيس. وري ويهن مان ڪٽ ڪرائيندو هيٺ آيس، پوءِ کيس چيم تہ جيئن ڏهن کي گڏي ڏهاڪو چئبو آهي تيئن ٻن کي گڏي ڏُون يا ٻِڪو چئبو آهي. هاڻي ارٽيميٽيڪان تي ڏون ڪيندو وڃ ۽ چوندو وڃ تہ ڪل ڪيترا گولا ٿيندا ٿا وڃن. پوءِ ارٽيميٽيڪان تي ڏون ڪيندو ڪوڙو پڙهندو

ويو. پر جهلي جهلي چيو ته دل ۾ جوڙ ڪندو پوءِ چوندو پيو ويو. پوءِ وري زباني ٻه ڪوڙو پڙهي ويو پر آهسته آهسته چيو ته دل ۾ جوڙ ڪندو پوءِ چوندو پيو ويو. ٽورا پيرا ائين ڪرڻ بعد ياد ٿي ويس. مون ڪيترن ماڻهن کي تجربو ڪري ڏيکاريو ته پنجن جو ڪوڙو سکڻ کان اڳي ٿي زباني طور آهسته آهسته (دل ۾ جوڙ ڪرڻ سان) سچو چئي ويو.

پٽي اهڙي طرح لکائيندو هوس، جيئن تعليم اخبار جي مضمون ۾ ڇاڻايو اٿم. پاڻ پٽي ميساري يا ٻئي کان ميسارائي ميٽ هٽي ايندو هو ۽ مون کي ان تي لکڻ ۾ هڪ يا ٻه منٽ مس لڳندا هئا، پوءِ پاڻ وڃي لکندو هو. فقط ڦهريائين ٻه ٽي ڏينهن پنهنجي زير نظر لکايومانس پوءِ ڪم فرصت سببان ائين ڪونه ڪيم ته ٻه ڏنم ته ٽبڪا چوڪنبيارا ڪيندو هو ته اڪر ٻه جتي سنها ٿلها بيهاريا آهن، اتي سنها ٿلها بيهاريندو هو. سليٽ تي ٻه دائمي ليڪون پائي ڏنيون مانس، جن تي سدا اکر بيهاريندو آهي، پر سچ چئجي ته اکرن تي مون پورو ڌيان ڪونه ڏنو. جيڪڏهن اکرن تي پورو ڌيان ڏيان ها ته مان اميد ٿو ڪريان ته پنجن مهينن ۾ اهڙا اکر ٿي وڃنس ها، جهڙا ٻئي يا ٽئي درجي جي شاگردن جا. معلم صاحب چوندا آهن ته گهڻن شاگردن کي قلم گهڙي ڏيڻ ۾ اهڙي طرح پٽيون لکي ڏيڻ محال آهي، پر منهنجو آزمودو آهي ته قلم کي اٽڪل پندرهين پندرهين ڏينهن قط ڏيڻو پوي ٿو ۽ 30 قلمن کي قط ڏيڻ ۾ 10 منٽ ٻه نه لڳندا ۽ 30 پٽين لکي ڏيڻ ۾ اٽڪل منو ڪلاڪ لڳندو. سو ٻه هرويرو هر روز پٽي لکي ڏيڻ جو ضرور ڪونهي. پٽيءَ تي فقط اٺ لفظ ڪن ٿلهن اکرن ۾ لکي ڏيڻ گهرجن.

مٿئين تجربي بيان ڪرڻ بعد مان وري ٻه آزمايل اصول بيان ٿو ڪريان.

1 ـ جيتري قدر ڍرائي سان ڪم ڪبو ۽ بنياد پڪو ڪبو اوتري قدر آخر ڪم جلد پورو ٿيندو.

2 ـ جيتري قدر اصولن تي ڪم ڪبو ۽ شاگرد جي سمجهه ڪم آڻبي اوتري قدر ڪم ٻه بهتر ٿيندو يعني ڦهريائين تڪليف وٺڻ سان، پوءِ اٿلندو معلم لاءِ آساني ٿيو پوي.

3 ـ جيڪي پوءِ سيکارجي، تنهن کان اڳ سکيل ڪم سان ڀيٽائي سيکارجي ته شاگرد منجهي نه پون.

4 ـ سيکارڻ مهل خفي هرگز نه ٿيڻ گهرجي. مون مٿئين ڇوڪر کي ڪڏهن ٻه چماٽ نه هنئين.

5 ـ جيتري قدر شوق سان ڪم ڪبو اوتري قدر تڪليف گهٽ ٿيندي ۽ نتيجو بهتر نڪرندو. جيتري قدر بي دليو ڪم ڪبو اوتري قدر محنت وڌيڪ ڪرڻي پوندي ۽ نتيجو گهٽ نڪرندو.

6 ـ جيتري قدر شوق سان ڪم ڪبو ۽ اصولن موجب تعليم ڏبي، اوتري قدر

معلم جو دماغ سڌرندو. نيون نيون پڙهائي جون تجويزون هٿ ايندين ۽ پڙهائڻ ۾ مزو ايندو ۽ تڪ تورو ٿيندو. جيتري قدر بي دليو ڪم ڪبو اوتري قدر ڪم اڻ وڻندڙ معلوم ٿيندو ۽ تڪ وڌيڪ ٿيندو. سچ پڇو ته سڌريل ملڪن ۾ جتي معلم شوق سان ڪم ڪن ٿا ڪن، اتي اُهي اهڙا آزمودگار ٿي ويا آهن، جو جيڪو اسان هڪ سال ۾ سيکاري سگهنداسين، سو هو ٽن مهينن ۾ سيکارين ٿا. مان سنڌ جي معلم صاحبن کي ڏوهه ڪونه ٿو ڏيان، سنڌ جي حالتن ۽ پبلڪ جو به گهڻو ڏوهه آهي. معلمن جي عزت اهڙي هئڻ گهرجي، جهڙي مرشدن جي ڪبي آهي، بلڪ گهڻو وڌيڪ ۽ معلم صاحبن کي به گهرجي ته حالتون ڪهڙيون به هجن ته به خود قرباني ڪري به شوق سان ڪم ڪن. ڌڻي تعاليٰ سنڌ پورهيو ڪين وڃائيندو.

7 ـ ننڍا ٻار تمام جلد ٿڪجي پوندا آهن، تنهن ڪري ڪين ٿوري ٿوري وقت کان پوءِ آرام ڏجي يا ڪا راند ڪرڻ جي موڪل ڏجي يا هلڪي ڊرل ڪرائجي. ڪي ٻار ٻين کان اڳ ٿڪجي ٿا پون، تنهنڪري ٿڪ پروڙڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن معلوم ٿئي ته ڪو شاگرد ٿڪو آهي ته ڪم بند ڪرڻ گهرجي. (اخبار تعليم، نمبر 10 ـ جنوري 1931ع ـ جلد30)

## ٻيو تعليمي تجربو ـ ٻاراڻو ڪلاس

ٽي سال کن اڳي مون پٽ جمال الدين کي ٻاراڻي ڪلاس جا سڀ ڪم بلڪل چڱيءَ طرح پنجن مهينن ۾ پورا ڪرايا. هو نه رڳو ٻاراڻي ڪتاب جا لفظ لکي ويندو هو پر سڀ لفظ بدل خواه اڻ بدل رواجي ڏکيائي وارا بلڪ نون غنه وارا به بلڪل آسانيءَ سان لکي ويندو هو. پڙهڻ ۾ هن کي ايتري قدر آساني ٿي پئي جو جڏهن ٻهرئين يا ٻئي درجي ۾ هو تڏهن ٿي ڪو به اڻ پڙهيل ڪتاب ڪڻي ازخود شوق سان ويهي پڙهندو هو. جيڪا ڳالهه مزيدار لڳندي هيس سا ٻينءَ کي ٻڌائيندو هو. انگ ۽ ڪوڙا اصولن سان سکيو جنهن ڪري ڪو به انگ هڪدم ارٿميٽيڪان تي ڪري ڏيکاريندو هو ۽ ڪوڙا پاڻ ئاهي ويندو هو. ان تجربي جو بيان تعليم اخبار جنوري 1931ع واري ڪاپيءَ ۾ ۽ ملا اسڪول مخزن مارچ 1931ع واري ڪاپي ۾ ڏنل آهي. جن ماسترن انهيءَ نموني ۾ ٻاراڻو ڪتاب پاڙهيو آهي ۽ پاڙهين ٿا سي ڏاڍو ڪامياب ٿيا آهن. تنهن ڪري استدعا آهي ته سڀ ماستر صاحب منهنجو مضمون وري غور سان پڙهن ۽ انهيءَ ئي رستي سان ٻاراڻو ڪتاب پاڙهين.

ساڳئي ئي طريقي مون وري پنهنجي ٻئي پٽ ڪمال الدين کي تازو تعليم ڏني آهي. جمال الدين بنسبت ڇوڪر ۾ ايندو هو ته ذهن تمام چڱو هوندس نه ته پنجن مهينن ۾ ڪم ڪونه ڪري سگهي ها. مگر ڪمال الدين جو مثال ڏيکاري

ٿو ته ذهن جي ڳالهه آهي ئي ڪا نه. ڪمال الدين کي ڀيريائين هڪ اسڪول ۾ پڙهڻ وهاريم جتي ڇهه مهينا پڙهيو پر ڪجهه نه سکيو. هو گسائيندو تمام گهڻو هو ۽ پڙهڻ سان شوق بلڪل ڪونه هوس. ارمان جي ڳالهه هي آهي جو اڪثر ماستر ٻارن کي پيار ڪرڻ ۽ دل وٺڻ بدران ڪين دڙڪو داٻ تا ڪن ۽ گهڻو وقت زبردستيءَ سان ٻارن کي هڪ هنڌ ويهڻ تي مجبور تا ڪن، جنهن ڪري ٻار اسڪول کان ائين تا ڀڄن جيئن ڪانءُ ڪمان کان. هڪڙي ماستر ڪمال الدين جي دل ورتي ۽ ان وقت هو گسائڻ کان باز آيو. پوءِ ماستر جلد ئي استعيفا ڏئي هليو ويو. پوءِ ڪمال الدين ڪو ورلي اسڪول ۾ حاضر رهيو. ڇهن مهينن جي عرصي ۾ فقط چوويهه ڪن اکر جنهن نموني پڙهيو سي به سڃاڻڻ ۽ لکڻ ڪونه پئي آيس. مثلن 'پ' کي 'ت' ته 'ت' کي 'پ' پئي پڙهيائين. مجبور ٿي ڪيس ٻاڻ پڙهائڻ شروع ڪيم. ڀيرين جون 1933ع کان تعليم شروع ڪيم ۽ 7 آگسٽ بس ڪيم يعني فقط ٻه مهينا ۽ ست ڏينهن تعليم ڏنم.

پڙهائڻ جو طريقو ساڳيو ئي اختيار ڪيم جيڪو جمال الدين جي حالت ۾ اختيار ڪيو هوم. لفظن کي آوازن ۾ ورهائڻ ۽ آوازن کي گڏي لفظن ٺاهڻ ۾ ڪمال الدين کي فقط ٽي منٽ. ڀيريائين ڇٽن سبقن تي مهينو ڪن لڳي ويو يا اجا ٻه وڌيڪ. مگر جيئن پوءِ تيئن تڪڙو ڪم نڪرندو ويو. هر روز اٽڪل چاليهه منٽ صبح جو ۽ پنجويهه منٽ شام جو تعليم ڏيندو هو مانس. ٻن مهينن ۽ ستن ڏينهن ۾ هن ٻاراڻو ڪتاب پڙهي پورو ڪيو ۽ پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ اهڙو ئي هوشيار ٿيو آهي جهڙو جمال الدين ٿيو هو. انگن ۽ ڪوڙن تي مون ٻاڻ گهٽ ڏيان ڏنو تنهن هوندي به 100 تائين انگ ايڪن ڏهاڪن سان سکيو آهي، فقط اُڻ وارا انگ مثلن اٺهٺ، اٺهتر پورا پڪا نه ڪيائين. بعضي لکي ٿي ويو بعضي چُڪ ڪيائين پئي، جا هيٺين سوالن سان درست پئي ڪيائين: 'اٺهٺ يا جي اُڻ آهي؟' چي 'هٺ يا سٺ جي'. 'سٺ ۾ ڏهاڪا ڪيترا؟' چي 'ڇهه'. 'پوءِ اٺهٺ ۾ ڪيترا ٿيا؟' چي 'پنج'. پوءِ درستي ڪري پئي ويو. ڪوڙو فقط ٻِڪي جو سيکاريو مانس پر اصول ۽ سمجهڻ سان ارٿميٽيڪان تي سکيو. ڀيريائين ارٿميٽيڪان تي ٻه ٻه گولا ڪيڏندو جوڙ ڪرائيندو ويو مانس، پوءِ بنا ارٿميٽيڪان زباني جوڙ ڪرايو مانس. پوءِ وري ارٿيميٽيڪان تي ايڪ ڏوڻ ڏوڻ، ٻه ڏوڻ چار آخر تائين چئي ويو. مون کي يقين آهي ته جيڪڏهن هڪ هفتو مون وٽ وڌيڪ هجي ها ته ڪوڙا پنجين تائين ۽ انگ 100 تائين بلڪل چڱي طرح پڪا ٿي وڃنس ها. هن مان سمجهيم ته ڪمال الدين کي فقط اڍائي مهينا ڪل لڳن ها ۽ جمال الدين کي پنج مهينا لڳا هئا. جيتوڻيڪ ظاهري ڏسجي ٿو ته ڪمال الدين اڳي ئي اسڪول ۾ پڙهيو هو ته تنهنڪري ٿوري وقت ۾ ڪم ڪڍي ويو. پر مان اڳي ئي بيان ڪيو ته اسڪول ۾ درحقيقت ڪجهه ڪونه سکيو هو جيڪي ٿورا حرف پڙهيو هو تن مان مون کي

ڪجھ بہ مدد نہ ملي. پر ڪٽي فرض ڪيو تہ ڪجھ نہ ڪجھ مدد ملي پوندي تہ بہ هفتي کن جي يعني ڇنڇر تہ ڪمال الدين ٻن مهينن ويهن ڏينهن ۾ سڀ ڪم ڪڍي ويو.

مان وري بہ هتي هيٺيان اصول بيان ڪريان ٿو:

1 ـ تڪڙ اصل نہ ڪجي. جيڪو ٿورڙو ئي ڪم ڪجي سو خوب پڪو ڪرائجي، پوءِ اڳتي وڌجي. تڪڙ ڪبي تہ سال لڳندا، ڍرائي ڪبي تہ مهينا بہ نہ لڳندا.

2 ـ لکڻ ۽ پڙهڻ گڏ هلائجن. جيڪي سيکارجي سو ٻار لکي بہ وڃي ۽ سڃاڻي بہ وڃي تہ پوءِ اڳتي وڌجي.

3 ـ جيڪي اڳي سکيل هجي سو روز بروز وري وري دهرائجي يعني لکرائجي ۽ سڃارائجي، نہ تہ ننڍي ٻار کي اڳيون سکيل ڪم وسري ٿو وڃي.

4 ـ ٻارڻي ڪلاس جون سنڌن سبقن موجب ٽوليون ٺاهجن. هڪڙي ٽوليءَ کي سيکارجي تہ ٻين کي يا تہ آرام ڏجي يا پٽين تي انگ بہ لکرائيجن ۽ آرام بہ ڏجي. ننڍا ٻار تمام جلد ٿڪجي ٿا پون. جيڪڏهن ڏسجي تہ ڪنهن بہ ٽوليءَ ۾ هڪڙو ٻار منجهي پيو آهي. ايتري قدر جو شڪ پوي تہ شايد مغز تازو نہ اٿس تہ ان ٽوليءَ کي هڪدم ڇڏي ڏجي تہ آرام وٺن.

5 ـ هي ڳالهہ ضروري آهي تہ جيڪي حرف سيکارجن ۽ انهن سان جيڪي آواز شامل ڪجن تن سان لفظ جيڪي بہ ٺهي سگهن سي سڃاڻارائجن ۽ لکارائجن. مثلن 'آ اِ اُ آ' ۽ 'بَ بِ بُ با' جڏهن سڃاڻي ۽ لکي وڃن تہ تڏهين هيٺيان لفظ لکائجن ۽ سڃاڻارائجن. 'آبا، آب، باب،' وغيره. چوٿين سبق ۾ جڏهن اي سيکارجي تڏهن اهو آواز سيني پڙهيل حرفن (يعني ٿ تائين) سان لڳائجي ۽ لفظ ٺهرائجن مثلن 'بتي، پتي، بيٺ'. وري جڏهن اي جو آواز سيکارجي تڏهن بہ ساڳيءَ طرح لفظ ٺهرائجن مثلن پتي، پيٺ وغيره.

6 ـ ننڍن ٻارن کي اڪثر معلم ۽ ماستر چوندا آهن تہ 'ويهي پڙهو ۽ ڏاڍيان پڙهو'. پوءِ هو زور سان 'الف ب. الف ب يا الف زبر آ ب زبر بَ. الف زير اِ ب زير بِ يا الف مد آ بي الف مد آ. ب الف با' وري وري پيا چوندا آهن. اهڙين ڪرڻ بلڪل بيڪار ۽ بيسود آهي. ٻارن خواه معلمن جو مغز اجايو ٿو کپي. پر جڏهن ٻارن کي جملن وارا سبق سيکارجن مثلن پنجون سبق تڏهن سيکارڻ بعد ڪين ڇٽي سگهجي ٿو تہ هاڻي ان کي پڪو ڪيو پوءِ تمام آهستہ ان کي پڙهي پڪو ڪن. پر ان ۾ بہ وڏو خطرو آهي ڇو تہ جيڪڏهن هو ڪا ڇُڪ ڪندا تہ پوءِ اها ڇُڪ پڪي ٿي ويجي ۽ ان کي مٽائڻ ڏاڍو ڏکيو ٿو لڳين. تنهن ڪري سبق چڱيءَ طرح سيکارڻ بعد بہ ڪنهن مٿئين درجي واري ڇوڪري جي زير نظر سبق پڪو ڪن تہ بهتر ٿيندو. پر اهو وڏو ڇوڪرو



Gul Hayat Institute

درستي نہ ڪري، فقط ان ٻار کي ٻڌائي تہ هي لفظ غلط تو پڙهين يا هي لفظ ڇڏي ٿو ڏين. پوءِ اهو ٻار پاڻ آواز ڪڍي اهو لفظ درست ڪري پڙهندو. اها ماستر وڏي غلطي ڪندا آهن جو پاڻ درستي ڪندا آهن. ٻارن کي پاڻ پنهنجي غلطي درست ڪرڻ گهرجي.

7 ـ اصولن ۾ سمجهاڻيءَ سان تعليم ڏيڻ ۾ اڪثر ماستر وڏي تڪليف سمجهندا آهن، مگر مون کي يقين آهي تہ چڱيءَ طرح تعليم ڏيڻ ۾ تڪليف بہ گهٽ ڪرڻي ٿي پوي، وقت بہ گهٽ ٿو لڳي ۽ تعليم بہ سٺي ٿي ٿئي. مثلن جيڪڏهن ڪو ماستر بنا اصولن ۾ سمجهاڻيءَ جي پهرين درجو هر روز چار ڪلاڪ هڪ سال پاڙهي ۽ ٻيو ماستر اصولن ۾ سمجهاڻيءَ سان ساڳيو درجو هر روز ٽي ڪلاڪ فقط ڇهہ مهينا پاڙهي تہ پوئين ماستر جو ڪلاس پهرئين ماستر جي ڪلاس کان گهٽ ۾ گهٽ ڏهوڻو بهتر ٿيندو. ڇو تہ پهرئين ڪلاس جو دماغ نہ کلندو ۽ اڳتي وڌڻ ۾ تڪليف ڏيندو ۽ پوئين ڪلاس جو دماغ کلندو ويندو ۽ جيئن پوءِ تيئن تڪليف بلڪل ڪونہ ڏيندو. خصوصن حساب جيڪڏهن اصولن سان ٿا سيکارجن تہ شاگرد جلد بہ سکن ٿا ۽ ترقي ڪرڻ ۾ ۽ مٿين درجن جي حسابن ڪرڻ ۾ بلڪل گهڻي سهوليت ٿي پئي ٿي. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن ڪتاب جي سبقن ۾ تاريخ جاگرافي وغيره تي سمجهہ جا سوال ٿا پڇجن تہ ٿوريئي وقت ۾ شاگرد پنهنجي ليکي پڙهڻ مهل ڳالهہ کي سمجهڻ جي ڪوشش ٿا ڪن ۽ منجهن ڪتابن مطالع ڪرڻ جو شوق پيدا ٿو ٿئي، نہ تہ هو رڳو لفظ ٿا پڙهن، نڪي ڪجهہ سمجهن ٿا، نڪي واقفيت حاصل ڪن ٿا نڪي خيال ۽ ڳالهہ جو مطلب جهٽين ٿا. ان حالت ۾ هنن جو پڙهڻ ۽ نہ پڙهڻ هڪجهڙو آهي.

مٿين هدايتن ڏيڻ ۾ اصل مضمون کان پري وڃي پيو آهيان. مضمون آهي ٻاراڻو ڪلاس. ٻاراڻو ڪلاس تمام مکيہ ڪلاس آهي. سڄي اسڪول جي واڌاري ۽ سڌاري ۽ ترقيءَ جو بنياد آهي. جيڪڏهن ٻاراڻو ڪتاب چڱي طرح پاڙهجي تہ پوءِ ڪتابن پڙهڻ ۽ لکڻ جو ڪم لهي ويو. مٿين درجن ۾ پوءِ ماسترن کي فقط اها ڳالهہ ڏسڻي پوندي تہ شاگرد جيڪي پڙهن ٿا سو سمجهن ٿا يا نہ. بلڪ سمجهہ ڪم آڻڻ جو بنياد بہ ٻاراڻہ ڪتاب پاڙهڻ مهل وجهي سگهجي ٿو. شاگردن کي هي عادت وجهجي جو جيڪي پڙهن سو زبان هلائڻ ۽ چپن چورڻ کان سواءِ پڙهن ۽ فقط مطلب جهٽي اهو پنهنجن لفظن ۾ ٻڌائي سگهن.

ڏٺو ويو آهي تہ جيڪو طريقو ٻاراڻي ڪتاب پاڙهڻ جو اڳئين مضمون ۾ ڏيکاريو اٿم سو ڪن معلمن ۽ ماسترن کي مغز ۾ ئي نٿو وهي. منهنجي خيال ۾ ائين ٿو اچي تہ هو انهيءَ مضمون سمجهڻ جي ڪوشش ئي نٿا ڪن يا ان کي عمل ۾ آڻڻ جي ڪوشش نٿا ڪن. سمجهڻ جو بهترين طريقو آهي عمل ۾ آڻڻ. جيڪڏهن هو عمل ۾

آڻين ته ازخود اهو طريقو هنن کي سمجهه ۾ ايندو ويندو.

تنهن هوندي به هتي مان هڪڙو ٻيو طريقو بيان ٿو ڪريان جو سمجهڻ نهايت آسان آهي. اهو طريقو مون آزمايو ڪونهي پر سمجهان ٿو ته ان مان به نهايت چڱو نتيجو نڪري سگهندو. اهو هي آهي:

ٻهرياڻين اٽڪل 15 حرف سيکارجن پر اهڙيءَ طرح سيکارجن جو ٻار اهي حرف لکي به وڃن ۽ سڃاڻي به وڃن. پوءِ انهن سان زبر جو آواز شامل ڪجي سو هيئن: ٻهرياڻين ٻارن کي آواز ڪيڻ ۽ آواز کي ملائي لفظ ٺاهڻ سيکارجي. مثلن ٻارن کان پڇجي ته 'هي ڇا آهي؟' ڇي 'اڪ' پوءِ ان لفظ کي ٻن آوازن ۾ ورهائي ڏيکارجي يعني، 'آ – ڪ'. پوءِ کين چئجي ته ساڳي طرح هت ان جا آواز ٻڌايو. اهو استعمال خوب ڪرائي پوءِ چئجي ته هاڻي مان ٿو آواز ٻڌايان، اوهان انهن کي ملائي لفظ ٻڌايو. مثلن 'ڪا – ني'، انهن مان ڪهڙو لفظ ٺهيو ته هو تڪڙو ڳڌي چون 'ڪاني'. اهو به استعمال ٿي رهي ته پوءِ الف کي زبر ڏيئي ( آ) ٻڌائجي ته هي آهي ' آ'. وري ٻي کي ساڳي طرح زبر ڏٻي ته ٿيندي 'بَ'. هاڻي ٻڌايو ته ٻي کي زبر ڏٻي يعني هي ( ٻَ ) ڇا ٿيو؟ هي ( ٻَ ) ڇا ٿيو؟ يعني پندرهن ئي حرفن سان زبر شامل ڪجي ۽ ايترو استعمال ڪجي جو اهي سڀ آواز لکي به وڃن ۽ پڙهي به وڃن. پوءِ انهن مان لفظ ٺهرائجن. مثلن اَٿَ – پَٿَ، اهي پڙهائجن به ۽ لکائجن به ايتري قدر جو انهن 15 اکرن مان زبر سان جيڪي به لفظ ٺهي سگهن سي بنا سيکارڻ جي به سڃاڻي ۽ لکي وڃن. پوءِ انهن پندرهن اکرن سان ساڳي طرح زير جو آواز شامل ڪري لفظ ٺهرائجن. پوءِ وري اهڙا لفظ ٺهرائجن جن ۾ زبر زير ٻئي اچي وڃن. مثلن ٻهرياڻين پٽ – پِٽ وغيره پوءِ وري پٽ ٺپ ۽ پٽ وغيره.

اهڙي طرح ڏهئي آواز يا بهتر ته اٺ آواز (آ ۽ اَو کان سواءِ انهن 15 اکرن سان شامل ڪري هر قسم جا لفظ ٺهرائجن، لکرائجن ۽ سڃاڻارائجن.) پوءِ ڪا به تڪليف ڪانه ٿيندي ڇا ڪجي جو ٻيا 15 اکر سيکاري انهن سان ۽ اڳين 15 سان ڳڌي لفظ ٺهرائجن. پوءِ وري ٻيا 5. اهڙيءَ طرح جلدئي سڄي 'الف ب' پوري ٿي ويندي. فقط اها خبر نه پوندي ته 'ز ذ ض يا ظ' ڪم آڻبي، 'س، ث يا ص' ڪم آڻبو. علم رواجي دستور آهي جو ٻهرياڻين ٻارن کي 52 ئي اکر پاڙهيا وڃن ٿا. اهو ڪم ٻارن لاءِ بلڪل ڪٺن آهي. منهنجي خيال ۾ ائين ٿو اچي ته 6 مهينا لڳائبا ته به مشڪل سان سڀ اکر لکي ۽ سڃاڻي سگهندا ڇو ته هنن کي لفظن ۾ ڪم نه آڻڻ ڪري وري وسري ٿا وڃن. (اخبار تعليم، نمبر 9 ڊسمبر، 1933 جلد : 33)

# مان ۽ جمال ابڙو

## شيخ اياز

(شيخ اياز جي ڪتاب ”ڪتي تہ پيجبو ٽڪ مسافر“ ۽
(”ڪتي نہ پيجبو ٽڪ مسافر“ تان ورتل مختلف ٽڪرا)

جمال هڪ ڪهاڻيڪار آهي. هن جي زندگيءَ جو تجربو ايترو تہ وسيع آهي ۽ هن ۾ انسان شناسي ايتري تہ گهري آهي جو جيڪڏهن هُن جو هٿ خراب نہ ٿئي ها تہ هو ٽالسٽاءِ جيترين ڪهاڻيون لکي وجهي ها. هُن جو والد مرحوم علي خان ابڙو ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر (E.I) هيو. اُن وقت سنڌ بامبي پريزيڊنسيءَ ۾ هئي. هو مئٽرڪ ۾ بي اي ۾ سڄي پريز يڊنسيءَ ۾ پهريون نمبر آيو هو. شروع کان مذهبي ماڻهو هو. هن جي پيءُ جو جمال جي مذهبيت تي گهرو اثر آهي. هونءَ مون سان اڪثر اهڙا ترقي پسند دوست مليا آهن، جن سان فريڊرڪ نتشي جي هيئين چوٽي نهڪي اچي ٿي ”مان جڏهن ڪنهن مذهبي ماڻهوءَ سان هٿ ملائيندو آهيان، تڏهن هٿ ڌوئي ڇڏيندو آهيان!“

هو ڪارل مارڪس وانگر ان ڳالهہ ۾ اعتبار ڪندا آهن تہ ”مذهب مظلوم جو ٿڌو ساهہ آهي ... عوام لاءِ آفيم آهي“ ۽ مان پاسڪل (Paskal) وانگر چوندو آهيان تہ ”ماڻهو مذهب کي ڌڪارڻ ٿا، اُن کان نفرت ڪن ٿا ۽ پوءِ ڊڄن ٿا تہ اُهو سچو نڪري نہ پوي!“

جمال پنهنجي مرحوم پيءُ لاءِ وڏيڪ ٻڌايو تہ جڏهن هن ايم اي ڪئي تڏهن هُن کان پڇيائون تہ ”ڇا ٿيندين؟“ جواب ڏنائين تہ ”ماستر ٿيندس.“ تنهن وقت ۾ درس تدريس کي عبادت سمجهيو ويندو هو. مان خود پنهنجي هر استاد سان پيرين پئي ملندو هوس. جمال ٻڌايو تہ رحلت کان اڳ جڏهن پيءُ کي چيائون تہ ”ڪلمو پڙهہ“ تہ جواب ڏنائين، ”ڪلمي لاءِ تہ سڄي حياتي هئي. هي تہ بيڪاريءَ جو وقت آهي، ۽ اُن ۾ ڪلمي تي عمل نہ ٿو ٿي سگهي.“ اهو ٻڌي هن جي وڏي ڀيڻ ڪيس چيو تہ ”ادا ! پوءِ بہ ڪلمي پڙهڻ ۾ ڪو عيب تہ ڪونهي!“ چيائينس تہ ”چڱو آءٌ پڙهان ٿو ”رَبَّنَآ اٰتِنَا اٰمِنَا فَاغْفِرْلَنَا ذُنُوْبَنَا وَقِنَا عَذَابَ النَّارِ “ (اي منهنجا رب ! تحقيق تو تي

ايمان آندم منهنجا گناهہ بخش ۽ باهہ جي عذاب کان بچاءِ." ۽ پوءِ ڪلي چيائين "هاڻي تہ بس!" بعد ۾ سيني پٽن کي سڏي چيائين, "ماءُ جي عزت ڪجو گهر مٿ محبت سان هلائجو ۽ جيڪڏهن اوهان ۾ ڪوئي اختلاف ٿئي تہ ڪنهن وچ واري دوست کي ڀڏائجو" جڏهن هن جا پٽ سندس ڪمري کان ٻاهر نڪتا تہ اکيون ڪٽي بند ڪيائين. مون جمال کي انهيءَ مشوري تي توڙ تائين ڪاربند ڏٺو آهي. جمال جي گهري مذهبيت ۽ صوم وصلوات جي پابنديءَ جي باوجود مون هن ۾ ڪوئي تعصب نہ ڏٺو آهي ۽ نہ ٻئي ڪنهن مذهب يا ترقي لاءِ نفرت ڏٺي آهي.

* * * * * *

جمال کي 1976ع ۾ هارٽ اٽيڪ ٿي هئي ۽ هن جي زال حيدرآباد واري سول اسپتال ۾ پنجاهہ ڏينهن هن جي پرسان پٽ تي سُتي هئي. جمال هن جي باري ۾ ڳالهيون ڪندي, ڊاپي نہ ٿي ڊاپيو "اوهان وچو عهدي ۾ وڏا ٿيندا, اسان وجون گهٽبا ... جڏهن سب جج هُيئہ تہ ننڍي تعلقي ۾ ڊاڪٽر کي گهرائيو هو تہ هليو ايندو هو. ڪپڙي لٽي لاءِ بجاجي گهر ايندا ها ... هاڻي وڏا آفيسر ٿيا آهيو تہ چلبيون ڪٽي مارڪيٽ ۾ خريداري لاءِ مان ٿي وڃان ... توهان وچو تا وڏا ٿيندا , اسان وچون تا ننڍا ٿيندا" هوءَ جمال کي چوندي هئي.

هر انسان پنهنجو داستان گو پاڻ آهي. هو ٻئي انسان جو داستان ايستائين صحيح ٻڌائي سگهي ٿو جيستائين اهو هن جي داستان جو حصو آهي. هونءَ تہ خود نوشت ئي صحيح سر گذشت آهي, پر ان ۾ پنهنجي عيب فراموشيءَ ۽ پنهنجي ذات جي باري ۾ خوشي فهميءَ جو خطرو آهي ۽ پنهنجي زندگيءَ جو معروضي تجزيو ناممڪن تہ نہ آهي. جمال جي هڪ نياڻي ايتري حساس هئي جو هن کي (psychic) چئي سگهجي ٿو. مان جڏهن وائيس چانسلر هوس تڏهن جمال کي سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڊيڪيٽ تي منهنجي گذارش تي کنيو ويو هو ڇو تہ ٽي ميمبر وائيس چانسلر جي چوڻ تي کنيا ويندا ها ۽ مون سنڊيڪيٽ لاءِ جمال, سراج ۽ نثار ميمڻ چونڊيا ها ۽ هو ٽي سال سنڊيڪيٽ جي هر ميٽنگ ۾ ايندا رهندا ها. انهن ڏينهن ۾ جمال لئبر ڪورٽ جو جج هو ۽ مان جڏهن ڪراچيءَ ايندو هوس تہ هن جي فلئٽ تي ويندو هوس. سندس نياڻي مون کي اوجها بورڊ (Ojha Board) تي منهنجي باري ۾ ڪجهہ ڳالهيون ٻڌايون هيون جي هن يا ٻئي ڪنهن جي لاءِ ڄاڻڻ ناممڪن هيون. ائين ٿي لڳو تہ عالم ارواح مان هُن سان ڪنهن ڳالهايو ٿي. ڪجهہ مهينا پوءِ جمال مون کي ٻڌايو هو تہ هن پنهنجي نياڻيءَ کي عالم ارواح سان رابطي کان منع ڪئي هئي. جمال چواڻي اهڙي رابطي جا ڪنهن وقت خطرناڪ نتيجا پئي نڪري سگهيا.

جمال جو وڏيڪ احوال تڏهن لکندس. جڏهن شاگرديءَ واري زماني ۾ اسان جي ڪراچيءَ ۾ ملاقات ٿي هئي ۽ ساڳين هاسٽلن ۾ رهيا هياسين.



Gul Hayat Institute

في الحال مون وٽ اُهو جمال واپس ٿو اچي جنهن سان ننگر پارڪر کان چاچري موٽي رهيا هياسين. هو اڳي وانگر اڄ تائين حيدرآباد جي ڊي- جي- نيشنل ڪاليج جون ڳالهيون ڪري رهيو آهي، جتي هن انٽرميڊيئٽ تائين تعليم ورتي هئي ۽ پارواڻي هن جو پروفيسر ۽ پرنسپال هو. پارواڻي هڪ ڀيري ليڪچر ڪندي 'ڪلچر' لفظ ڪم آندو. جنهن تي جمال پڇيس تہ ڪلچر ڇا آهي؟" تہ هن ٿورو سوچي جواب ڏنو:

"When you have learn all and forgotten it, the residue that remains, is culture."

(ترجمو: جڏهن اوهان سڀ سکيو آهي ۽ پوءِ ان کي وساري ڇڏيو آهي، تڏهن باقي جيڪو بچيو آهي سو ڪلچر آهي).

جمال جڏهن اها ڳالهہ مقتدره قومي زبان جي سربراهہ جميل جالبيءَ کي ٻڌائي هئي تہ هن کيس چيو تہ "مهرباني ڪري تہ اها لکي ڏيو."

"پارواڻي مانجهند جي سينئين مان هو" جمال ڳالهہ جو سلسلو جاري رکندي چيو "ڏينهن جو فل سوٽ پائيندو هو ۽ شام جو گيڙو رتي الفي پائي، يڪتارو هٿ ۾ کڻي ڦليليءَ جي ڪناري تي ويندو هو. ان وقت مها سڀائي ۽ جن سنگهي تحريڪ شروع ٿي هئي. مسلمان هيرا آباد ۾ شام جو گهمڻ لاءِ نہ نڪرندا ها، باقي عامليا ٽيون اسڪرٽ پائي گهمڻ نڪرنديون هيون..."

* * * * * *

".... مان جمال جي باري ۾ اهو تہ چڱيءَ طرح ڏسي چڪو آهيان تہ هن ۾ دو رنگي، دغا ۽ منافقي بنهہ ڪانہ آهي، جيئن مون پنهنجن اڪثر دوستن ۾ ڏٺي آهي. هو ڪم گو ضرور آهي پر صاف گو بہ آهي ۽ للي چپيءَ ۽ اگر مگر مان هرگز نہ ڄاڻي. حجاب يزديءَ جو هيٺيون پارسيءَ ۾ شعر مون سان ٺهڪي اچي ٿو:

زدوستان دو رنگم هميشہ دل تنگ است
فدائي همت آن دشمني کہ يک رنگ است

(ترجمو: منهنجي دل تنگ ٿي پئي آهي اُنهن دوستن مان جي دورنگا آهن. مان تہ انهيءَ دشمن جي همت تي فدا آهيان. جنهن ۾ يڪ رنگي آهي).

جمال تہ نہ رڳو يڪ رنگ آهي پر دوست بہ چڱو آهي، مون ساريءَ زندگيءَ ۾ هن کي ڪڏهن بہ ساڻيڪ وانگر ڪل بدلائيندي نہ ڏٺو آهي، جڏهن تہ اها ڳالهہ عام آهي.

****

ڪنهن چيو آهي تہ انسان ذات احسان جو اظهار اڪثر نوازش وقت ڪندي آهي. هاڻي جڏهن جمال ابڙو سنڌ اسيمبليءَ جي سيڪريٽري شپ تي نوڪري

Gul Hayat Institute

پوري ڪري، گوشہ نشين ٿي چڪو آهي ۽ مون کي هن مان وڌيڪ توقع نہ رهي هئي تہ هو منهنجي ڪنهن سير سفر لاءِ انتظام ڪندو مون هن کي فون تي چيو تہ "مان ڪنهن پيرومل مهر چند تي نہ ٿو چڙهڻ چاهيان تہ هو منهنجي شاعريءَ جي ڇنڊڇاڻ ڪري لکي تہ مون ڪهڙي ڳوٺ، شهر يا ديس جو سفر ڪيو آهي يا اُهي منظر، جي ڪنهن جاءِ جي نشان دهي ڪن ٿا، انهن کي مدِ نظر رکي قياس آرايون ڪري، ان ڪري بهتر ائين ٿيندو تہ اُهو تون لک ڇو تہ تون مون سان سنڌ جي سير سفر ۾ اڪثر گڏ هئين ۽ اُن جو عيني گواهہ آهين يا جي مان ٻي ڪنهن سان گڏ ويو آهيان تہ ان سفر لاءِ گهڻو ڪري انتظام تون ڪيو آهي. پر هن جواب ڏنو تہ "مان باقي زندگي پنهنجو پوٽو ڏهتو ڪڇ ۾ ڪٽي، پنهنجي هالا واري پينگهي ۾ گذارڻ ٿو چاهيان، ان ڪري منهنجي ادب جي تخليق تي دل نہ ٿي وري". مون کي اهو علم تہ شروع کان هو تہ جمال صوم و صلوات جو پابند آهي ۽ ڪافي وقت مصلي تي گذاريندو آهي. هن جو نوراني چهرو دراز ريش ۽ هٿ ۾ تسبيح ڏسي، ۽ ڳالهيون ٻڌي اسلام جا حسن بصريءَ ۽ جنيد بغداديءَ جهڙا بزرگ ياد اچي ويندا آهن. جوانيءَ کان وٺي هو ٿورو ڳالهائو رهيو آهي. جتين هن جون اکيون ٻي کي تڪ ٻڌي ڏسنديون آهن ائين مون ٻي ڪنهن جون نہ ڏٺيون آهن. ها، قادر بخش نظاماڻيءَ جون اکيون بہ اهڙيون هيون جو مون کي پتائيءَ جو استعارو 'اکين ۾ انبور' ياد اچي ويندو هو. نظاماڻيءَ پيو سنڌي هو جنهن مولانا عبيدالله سنڌيءَ کان پوءِ روس جو دؤرو ڪيو هو ۽ ڪتاب "مياڻيءَ جي جنگ" جو مصنف آهي. جڏهن ون يونٽ خلاف تحريڪ ۾ مان سرگرميءَ سان حصو وٺي رهيو هوس، تڏهن هو روسي سفارت خاني ۾ ڪو ٿي ڊائريڪٽر هيو. هن ڪراچيءَ جي چائينيز هوٽل 'هانگ ڪانگ' ۾ منهنجي دعوت ڪئي هئي ۽ گهڻو وقت مون کي ٻڌو هئائين. ان وقت ائين لڳي رهيو هو تہ هن کي رُڪ جون اکيون هيون ۽ هو منهنجي ويچار ڌارا جي هڪ ماهر جراح وانگر وڍ ڪپ ڪري رهيو هو.

ٻي پيري، جڏهن هو آسي ورهين جو ٿي چڪو هيو ۽ لنڊن ۾ هميشہ لاءِ رهي پيو هو ۽ شايد اُتان جي شهريت بہ حاصل ڪئي هيائين، تڏهن هو ڪراميل هاسپيٽل لڳ منهنجي ڪِرائي جي فليٽ ۾ آيو هو ۽ پيريءَ جي باوجود هن جي اکين ۾ ڦڙتيءَ ۽ يڪ ٽڪائي ساڳي هئي. مون ڳالهين ڪندي، هن کان پڇيو "سائين، اوهان کي خدا اجا بہ عمر دراز ڏئي، پر جڏهن هينئر اوهان جي عمر جو آفتاب غروب ٿي رهيو آهي، اوهان جو خدا ۽ حيات بعد ازممات جي باري ۾ ڪهڙو خيال آهي؟" منهنجي سوال جي پس منظر ۾ ان ڳالهہ جو احساس هيو تہ قادر بخش ساري عمر اشتراڪي ٿي رهيو آهي ۽ سوڀي گيانچنداڻيءَ چواڻيءَ بزنجو مينگل ۽ خير بخش مريءَ کي صلاح مشورو هُو ٿي ڏيندو هو. قادر بخش مون ڏانهن منهن ڦيري پهرين تہ پڇيو "اهو سوال مناسب ۽ برمحل ڪيئن آهي؟ (اسان ان وقت



Gul Hayat Institute

پاڪستان جي سياست تي بحث ڪري رهيا هياسين.) پر پوءِ چيائين، ”توکي هڪ ڳالهه ٻڌايان ٿو. ”مان هاڻي ڪنهن ڪنهن وقت قبله رو ٿي نماز پڙهندو آهيان. ان ڪري نه ته مون کي جبين سائيءَ جو شوق هوندو آهي پر ان ڪري جو ائين ڪرڻ سان منهنجي دل کي تسڪين ملندي آهي. لنڊن ۽ ساري مغرب جي اڄوڪيءَ ڀڄ ڊوڙواريءَ حياتيءَ ۾ ۽ جنهن ذهني پيچ و تاب مان نظاماڻي گذريو هو ان کي مدنظر رکي هن جي اها تسڪين لاءِ طلب سمجهه ۾ اچي ٿي سگهي. پوءِ هن پنهنجي ڀائٽي ڊاڪٽر خير محمد نظاماڻيءَ کي هدايت ڪئي ته هو مون کي برائيٽن گهمائي، جا لنڊن کان ستر ميل پري هئي ۽ جنهن جو ذڪر مان پنهنجي ڪتاب ’اُبر چنڊ، پس پرين‘ ۾ ڪري چڪو آهيان.

ٻه مهينا اڳ جمال ابڙي فون ڪري چيو ته قادر بخش نظاماڻي ڪراچي ۾ آيو آهي ۽ توهان سان ملڻ ٿو چاهي. مون جمال کان پڇيو ته نظاماڻيءَ جي طبيعت ڪيئن آهي؟ جواب ڏنائين ته ”آسي ورهين کان مٽي ٿي ويو آهي. حيرت جي ڳالهه آهي ته مون کي چيائين ته ڪيس ڪوئي مرشد ڳولي ڏيان!“ مون هن سان لنڊن ۾ گفتگو ياد ڪري، ٿهڪ ڏنو. ٿوريءَ دير کان پوءِ قادر بخش مون کي فون ڪيو ۽ حال احوال ورتائين ۽ چيائين ته هو ٻن ٽن ڏينهن کان هتي آهي ۽ مون کي فون ڪري، ڪنهن وقت مون وٽ ايندو. افسوس جو هو ڪونه اچي سگهيو ۽ لنڊن موٽي ويو. مون کي اُن وقت خيال آيو ته مغربي دنيا ۾ گُرو پوڄا (guru cult) ڦهلجي وئي آهي ۽ چاڪاڻ جو نظاماڻي مسلمان (1) آهي، ان ڪري هو ’مرشد‘ لفظ ڪم ٿو آڻي. دنيا ۾ رام ڪرشنا، وويڪ آنند، رمنا مهارشي، چن منه آنند، ستيه سائين بابا، رامداس ۽ ڪرشنا مورتي، مُڪت آنند ۽ گرومائي، آربندو ۽ ماتا، مهارشي مهيش يوگي، برهم ڪمار جول، رجنيش وغيره جا پنٿ ان ڪري ڦهلجي ويا آهن جو مغرب ۾ انسان کي پنهنجي انفراديت جو شدت سان احساس ٿيو آهي ۽ ان جو برملا اظهار ڪري رهيو آهي سو فرد کي مستقل قدر سمجهڻ لڳو آهي ۽ ربطِ ملت کي نعري بازي کان زياده اهميت نه ٿو ڏي. اهڙيءَ صديءَ ۾ جڏهن انسان ويروتار جنگين، انقلابن، ۽ بغاوتن جي گردبار ۾ رهيو آهي. جڏهن فاشي اٽليءَ ۽ نازي جرمنيءَ جي يهود ڪش مهمن (programs) ۽ خاردار لوڙهن ( concentration camps)، افسر شاهين ۽ آمر حڪومتن انسانيت کي پنهنجن آهني بوٽن هيٺان لتاڙيو آهي. جڏهن اسان مان ڪيترن آعش وٽز (Aushwitz)، هيروشيما ۽ ويٽنام جون تباهه ڪاريون وڊيو ڪئسيٽن تي ڏٺيون آهن ۽ فرانز ڪافڪا ( Franz Kangka)، آلبر ڪامو (Albert Camus) ۽ ژان پول ساتر (Jean Paul Sartre) جا بي معني تخيل مطالع ڪيا آهن ۽ ڏٺو آهي ته هو ڪيئن ڳالهه مان ڳاليهڙو ڪري رهيا آهن، جنهن کي نه منهن آهي نه سر، جن استالن، لينن ۽ مارڪس جو موت ڀيهر ڏٺو آهي، انهن لاءِ هن صديءَ جي پوئين اڌ ۾ گرو پوڄا يا مرشد لاءِ



Gul Hayat Institute

عقيدت وري اهميت حاصل ڪري چڪي آهي، ڇو تہ اسان هاڻي پنهنجي لاءِ مزاحمتي گيت، انقلابي تحريڪن، منشيات يا جنس پرستيءَ مان اطمينان حاصل ڪري نہ ٿا سگهون. اسان پنهنجي انفراديت مڃائڻ جي ضرورت محسوس ڪئي آهي ۽ پنهنجو قدر و قيمت ڇاتو آهي. گرو يا مرشد ئي اها ضرورت پوري ڪري رهيو آهي تہ انسان هستيءَ مطلق (Absolute) کان جدا نہ آهي. اهو فلسفو تہ انسان ۽ ڪائنات هڪ آهي، مغرب ڪافي حد تائين سمجهي چڪو آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هو فرد جون ضرورتون ۽ خواهشون پوريون ڪرڻ ۾ ۽ هن زندگيءَ کي بامعنيٰ بنائڻ ۾ چڱيءَ طرح ڪامياب نہ ٿيو آهي ۽ هر گُروءَ جي ڪڏ تو لڳي. پوءِ اُهو ڪوڙو آهي يا سچو. ڇو تہ هن بيوروڪرسيءَ ۽ ماديت پرستيءَ جي دنيا ۾ فقط گرو يا مُرشد ئي شخصيت کي تڪميل ۽ معنيٰ ڏئي سگهي ٿو.

مان جڏهن کان جمال ابڙي کي سڃاڻان، تڏهن کان اڳ ئي هن کي سجده ريزيءَ جو شوق هو ۽ باقاعدي نماز پڙهندو هو. مون ڪڏهن هن ۾ خطابت يا وعظ جو شوق نہ ڏٺو هو ۽ هو اڳي وانگر اڃا تائين پنهنجي مذهبيت ٻين ڪنهن تي نہ مڙهيندو آهي. مان ڀانيان ٿو اها ڳالهہ هن کي مرحوم والد علي خان ابڙي کان ورثي ۾ ملي آهي. هو "لکم دينکم ولي دين" (تنهنجو دين تون تائين منهنجو دين مون تائين) جو قائل آهي ۽ ڪنهن تي بہ پنهنجا عقيدا يا نظريا مسلط نہ ڪندو آهي.

بيماريءَ واري عرصي سميت، هنن ڇهن سالن ۾ جي مون ڪراچيءَ ۾ گذاريا آهن. مان سارو وقت تصنيف ۽ تاليف ۾ مصروف رهيو آهيان. جمال مون کي بہ پيرا ابراهيم حيدريءَ، جناب شفيع محمد، چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل وٽ وٺي هليو ڇو تہ اُتي مون کي مير بحرن سان ملي، 'سُر ساموندڙيءَ' جي باري ۾ مواد وٺڻو هو. جيڪو مان پنهنجي جديد 'سر ساموندڙيءَ' ۾ بہ ڪم آڻي سگهان ۽ شاهہ لطيف تي جيڪو ناول "آنءَ تمر فقير" جي نالي سان لکي رهيو آهيان، ان ۾ بہ استعمال ڪري سگهان. ٻهرين ڀيري تہ ڄاموٽ صاحب اسان جي ساموندڙي ڪاڏي تي پرُ تڪلف دعوت ڪئي هئي ۽ ٻئي دفعي توڙي رمضان شريف جو مهينو هو. هن اسان کي ڇپو چورو (snacks) ڪرايو هو. مون ميربحرن سان ڪچهري ڪري، ڪافي نوٽ ورتا ها، جنهن ۾ ڄاموٽ صاحب ۽ جمال نهايت دلچسپيءَ سان بهرو ورتو هو.

ٻئي ڀيري هُو پنهنجي پير و مرشد الحاج حافظ صاحب زاده پير سيد افضل حسين وٽ وٺي هليو هو جو نهايت حليم طبيعت ۽ مروت جو صاحب هو ۽ ٻن ٽن ڏينهن لاءِ پنهنجي اصل وطن علي پور سيدان، ضلعي سيال ڪوٽ مان ڪراچيءَ آيل هو. هن مون کي پنهنجي ڏاڏي اعليٰ حضرت حاجي، حافظ پير سيد جماعت شاهہ صاحب تي پنهنجو اُردوءَ ۾ لکيل ڪتاب "سيرت امير ملت" تحفي طور ڏنو. ان ڪتاب جي شروعات ۾ صفحي 32 جي شروعات ۾ نقش بندي سلسلي جي باري

۾ هيٺينءَ ريت لکيل آهي:

”واضع هجي تہ طريقت جا تمام سلسلا حق تي ٻڌل آهن ۽ انهن مان ڪنهن تي بہ نڪتہ چيني روا نہ آهي. منزلِ مقصود سڀني جي هڪ آهي. حضرت مجددَ الف ثاني رحمت الله عليہ خود مختلف سلسلن ۾ بيعت ڪندا هئا. البت انهن جو پسنديده طريقو نقشبندي هو. انهيءَ فرمايو هو تہ ”نقش بندي سلسلو سڀني سلسلن کان اعليٰ ۽ ارفع آهي. ان جي ابتدا ٻين جي انتها آهي“. وڌيڪ امام رباني، مجدد الف ثاني قدس سره العزيز فرمايو آهي تہ ”نقش بندي طريقي جو مُهڙ حضرت صديق اڪبر رضي الله عنہ آهي جو انبياءَ اڪرام بعد تحقيقي طرح تمام بني آدم تي افضل آهي. انهيءَ لحاظ کان هن سلسلي ۾ جي بزرگوارن جي تحرير ۾ آيو آهي تہ اسان ”اسان جي نسبت سڀني نسبتن کان وڌيڪ آهي. نسبت سان هنن جي مراد حضور ۾ آگاهي آهي، جا سڀني آگاهين کان اوچي آهي“ ... سلطان اوليا خواجہ خواجگان حضرت خواجہ بهاؤ الدين نقشبندي کان پڇيو ويو ”اوهان جي طريقي جو بنياد ڪهڙيءَ ڳالهہ تي آهي؟“ تہ پاڻ فرمايائون، ”اوهان الله کي ڏاڍو ياد ڪيو. انجمن ۾ خلوت ۾، ظاهر خلق سان، باطن حق سبحان و تعاليٰ سان“ جيستائين منهنجو سوال تہ مان نقش بندي يا ٻي ڪنهن سلسلي سان وابستہ نہ آهيان. انگريزي ناول نگار ۽ مفڪر سمرسيٽ ماهم پنهنجي آخري ڪتاب ”Summing up“ ۾ لکيو آهي تہ ”مون کي جي ڪنهن فلسفي ۾ اعتبار ڪرڻو آهي تہ ان جو بنياد مون کي پاڻ کي رکڻو آهي ۽ پوءِ هن پنهنجا اُهي سڀ فلسفا جي هن پڙهيا آهن ۽ اهو بہ واضح ڪيو آهي تہ انهن فلسفن هن تي ڪيترو اثر ڇڏيو آهي. مان ڪنهن سلسلي جي باري ۾ تہ اها دعويٰ ڪري نہ ٿو سگهان پر ان باري ۾ هي مصريءَ جون هيٺيون شعر ضرور لکڻ چاهيان ٿو

نہ بہ شاخ گل نہ بَر سرو چَمن پيچيده ام
شاده ناکم بہ گردِ خويشتن پيچده ام

(ترجمو: نہ مان گلن جي ٽاريءَ ۾، نہ سَروَ جي وَڻ ۾ ويڙهيل آهيان ڏاک جي ول آهيان ۽ پنهنجي چوڌاري ويڙهيل آهيان.)

پر خواجہ بهاؤ الدين جي مٿين قول وانگر، غالب جو هيٺيون شعر منهنجي اندر جو آئينو آهي:

هي آدمي بجائي خود، اک محشر خيال
هم انجمن سمجهتي هين، خلوت هي کيون نہ هو.

(ترجمو ماڻهو پنهنجي جاءِ تي خيال جو هڪ محشر آهي، اسان ان کي انجمن سمجهون ٿا، پوءِ اها خلوت ئي ڇو نہ هجي.)

مون موٽندي رستي تي سوچيو تہ ان ۾ شڪ نہ آهي تہ تصوف تي اوپر ايشيا



Gul Hayat Institute

۽ مصر جي راهبانہ رياضت ۽ سريت (mysticism) جو اثر هو. ان جي فڪر تي عيسائي، غناسطي (Gnostic)، ٻوڌي ۽ راويتن جو بہ اثر هيو. پر ان جي پٺيان اها قرآني اجازت بہ هئي تہ "الله انسان کي رڳ گردن کان ويجهو آهي ۽ جو بہ مون کي ياد ڪري ٿو مان ان کي ياد ڪريان ٿو"، مان پاڻيان ٿو تہ حسين بن منصور حلاج 'اناالحق' جو نعرو 922ع ۾ هنيو جنهن ساري عالمِ اسلام کي لوڏي وڌو. ان ڪري جنيد بغداديءَ چيو هو تہ "اهو صوفي نہ آهي جو قرآن ۽ سنت جو پابند نہ آهي" ۽ ان ڪري ئي غزاليءَ ان فلسفي تي ڪاري وار ڪيا ها ۽ ساڳي وقت علم ۽ دانش کي بہ ناڪامي سمجهو هو. جيتوڻيڪ هن صوفي طريقي کي الله تائين رسائيءَ جو ذريعو سمجهو ٿي پر هر مُبتدي صوفيءَ کي ان خطري کان آگاهہ ڪيو هو جو هن لاءِ وجدان ۾ ۽ هن کي چتايو هو تہ هن لاءِ شريعت جي پيروي ئي هن کي محفوظ ۽ بي خطري رکي سگهي ٿي. مون چاتو ٿي تہ سياسي اقتدار جڏهن عرب ۽ ايرانيءَ کان تُرڪ ۽ بربر (2) جي هٿ آيو. تڏهن انهن اسلام ۾ پنهنجون مذهبي روايتون ڇاٽي واٽي خلط ملط ڪري ڇڏيو هيون. پهريان صوفي مسجد جي "زاوئي" ۾ رهندا ها ۽ پنهنجن مُريدن کي پنهنجي طريقي جي تعليم ڏيندا ها، پر پوءِ ڪيئي 'سلسلا' پيدا ٿيا. غزاليءَ کان اڳي ئي مذهب جي طور طريقي ۾ اضافا ڪيا ويا ها، ۽ بار بار "ذڪر" کي انساني نفسيات تي اثر انداز ڪيو ويو هو ۽ ان کي ابدي حقيقت تائين ڏاراڻتو سمجهو ويو هو جئين جديد هندستان ۾ گُرو ويدانت کي سمجهن ٿا. ڪيئي زاويا ۽ خانقاهہ وجود ۾ آيا جي هاڻي نالي ماتر وڃي رهيا آهن. اڻين تہ ان وقت سؤ کن طريقا ها پر هينيان زيادهہ ٿهليل ها. بغداد واري حضرت عبدالقادر جيلانيءَ جو قادريہ سلسلو جو لڳ ڀڳ 1166ع ۾ وجود ۾ آيو پوءِ احمد الرفائيءَ جو رفائي طريقو پوءِ مراڪش جي ابوالحسن الشا دهلي جو اُتر آفريڪا، مصر ۽ عرب ۾ مقبول ٿيو پوءِ بغداد جي عمر السهورديءَ جو سهروردي طريقو پوءِ ايران ۽ هندستان ۾ بهاؤالدين نقش بند جو نقش بندي طريقو ۽ تُرڪيءَ ۾ مولانا جلال الدين 'روميءَ' جو مولوي طريقو هوءَ تہ اهڙا هڪ سؤ طريقا ها پر حاجي بعترش جو بعترشي طريقو جنهن سان سلطنت عثمانيہ جا جان نثار وابستہ ها، ڪافي مشهور هو. تصوف جو اهو نظريو وحدت الوجود جو نظريو هو جنهن تي مجدد الف ثانيءَ جو وحدت الشهود جو نظريو حاوي ٿي نہ سگهيو. ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ ٻئي نظريا اڻين موجود آهن جو هڪ ٻئي کان ڌار نظر نہ ٿا اچن. صوفي 'سماع' تي زور ڏيندا ها ۽ پوئين گهڙيءَ اهميت تي اهل الله متفق نہ هُيا. شيخ پنهنجا مدرسا هلائيندا ها. شيخ تہ مان بہ آهيان ۽ منهنجيءَ شاعريءَ جا سنڌ ۽ هند ۾ ايترا مُريد آهن جيترا ادوسيءَ ۾ فونيہ ۾ بہ نہ ها، پر مان پنهنجي زاوئي ۾ تنها آهيان، مرشد بہ پاڻ آهيان تہ مريد بہ پاڻ. مان ڄاڻان ٿو تہ وحدت الوجود ويدانت جي قريب آهي، جنهن ۾ ساري زندگيءَ جي روحاني وحدت تي زور ڏنو ويو آهي.



Gul Hayat Institute

ائين صحيح آهي تہ تصوف جو بنياد نوَ فلاطوني وحدت جي تصور سان ملي ٿو ۽ ان کي پوءِ اسماعيلن پنهنجي آفاقي شعور لاءِ اپنايو ۽ جڻ تہ مسلمہ اسلام کان اُن جبر و تشدد جو پلئہ ورتو هو جو هنن تي ڪيو ويو هو. بهرصورت، اهي ڳالهيون تصوف جي اهميت کي گهٽائن نہ ٿيون. مون جڏهن هسپانوي–عرب سريت پسند (mystic) ابن العربيءَ جي ڪتاب "فصوص الحڪم" جو پهريون باب عقائد شيخ اڪبر، پڙهيو تہ ونجي ويس. هن جي نگاهہ ڪائنات ۾ نشتر وانگر پيهي وئي هئي ۽ هن ۾ مون کي مغربي فلسفيءَ اوس پيينسڪيءَ جي گهرائي ملي هئي. (اوس پيينسڪيءَ جو وڌيڪ ذڪر مان اڳتي هلي ڪندس.) ها، مون کي هڪ ڳالهہ ڪٽڪي رهي هئي جا شاهہ جي رسالي جي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ "المجاز قنطرت الحقيقت (مجاز حقيقت جي پل آهي) جي حوالي سان پٽائيءَ جي عشقِ مجازيءَ جي باري ۾ ڪئي آهي. مون گهر اچي پنهنجي لئبرريءَ ۾ ڪتاب "تصوف ۽ سلوڪ" ڏٺو جو مون ڪيئي سال اڳي ورتو هو ۽ جنهن ۾ تصوف ۽ اسلام ۾ تضاد متائڻ جي ڪشش ڪئي وئي آهي. ان ۾ هيٺين ڪهاڻي لکي وئي آهي:

هڪ شخص ڪنهن عورت جي پنيان لڳو. ان عورت هن کان پڇيو تہ "تون منهنجي ڪڍ ڇو ٿو اچين؟" ان تي هن جواب ڏنو تہ "توتي عاشق ٿي پيو آهيان!" اهو ٻڌي ان عورت کيس چيو تہ "پنيان منهنجي ڀيڻ اچي رهي آهي، جا مون کان بہ خوبصورت آهي!" ان تي اهو هوسناڪ شخص پٺ تي موٽڻ لڳو تہ ان عورت هن کي طعنو هنيو:

"اي مردا جي تون منهنجو عاشق هئين تہ ٻيءَ تي نگاهہ ڇو وڌءِ؟" اها ڪهاڻي لکي 'تصوف ۽ سلوڪ' جي مصنف لکيو آهي تہ "عشق مجازيءَ جي حقيقت ذرا ڪن کولي ٻڌي وڃي، ڇو تہ تصوف کي بدنام ڪرڻ وارن ڪيترن ئي جاهلن پنهنجي هَوَس رانيءَ تي پردو وجهڻ لاءِ ان کي استعمال ڪيو آهي. حديث ۾ آهي تہ 'جيڪڏهن ڪوئي شخص ڪنهن تي بي اختيار عاشق ٿي پوي تہ پوءِ عفيف (عفت وارو) ۽ عشق کي پوشيده رکي. پوءِ جي مرندو تہ شهيد ٿي مرندو.'

جاميءَ جو هڪ شعر آهي:

وَلي بادي کہ بر صورت نماني
وزين پُل زود خودار بگذ راني.

(ترجمو: هائو ٺيڪ ائين گهرجي تہ ڪنهنجيءَ صورت تي اٽڪي نہ بيهين ۽ هن پُل تان جلد لنگهي وڃين.)

مان اهو شعر پڙهي سوچ ۾ ٻڏي ويس. اهڙو عشق تہ مون فقط ويجهڙائي ۾ ڪيو آهي. جنهن ۾ ڪنهن جي حسن ۽ جوانيءَ لاءِ رحم منهنجي جذبات تي غالب رهي نہ تہ ساري زندگي پٽائيءَ چوٽيءَ "مون کي ماءُ! مجاز پيچاري جٽن

پڇيو". جهڙي ڪيفيت رهي آهي. مون ڪٿسانووا واري زندگي گذاري آهي ۽ پنهنجي جواني بلزاڪ، البرتو موريويا ۽ هينري مِلر وانگر لهو ولعب ۾ ڪاٽي آهي. ائين چئجي ته مان "بهترين بو الهوس" رهيو آهيان ته غلط نه ٿيندو. اهو منهنجوئي ته شعر آهي:

ڪنهن ڪاريءَ چِڳ تي رات ڪُٽي،
ڪنهن ڳاڙهي ڳل تي باک ڦُٽي
ايئن وقت ڪٽيو ائين عُمر لُٽي،
سڀ سانگ سجايو آ پيارا!

ڇا ڪلا جي ڪاليءَ کي لهولهان سيج وڻندي آهي؟

يا خدا مون کي عشق مجازيءَ شاعري ته اڪيچار ڏني آهي. پر منهنجي دل آئيني وانگر پور پور ڪري ڇڏي آهي. ڇا، اهو آئينو تُنهنجي عڪس جي قابل آهي؟

تصوف پوءِ ڪيئن جمال الدين افغانيءَ کان وٺي، سر سيد تائين، هڪ گرد و غبار ۾ ڍڪجي ويو اهو هڪ الڳ داستان آهي، جنهن لاءِ هتي گنجائش نه آهي. اسلام کان اول تصوف مان پوءِ ڪنهن موزون جاءِ تي لکندس.

پير صاحب وٽان جڏهن موٽي رهيا هياسين، تڏهن جمال ڪجھ ڇپي ڇٽي ڳالهايو ۽ هُن جي ڳالهين منهنجيءَ گهريءَ دلچسپيءَ جي باوجود، پنهنجي علم سابقہ (Pre cognition of events) جي باري ۾ ڪجھ ڳالهيون اشارتن ڪيون ۽ وري خاموشيءَ جي سمنڊ ۾ ٻُڏي ويو ڇڻ مُنهنجي لاءِ هن جي غوراب ۾ جاءِ نه هئي ۽ مون کي ساحل تي پاڻ پار تري وڃڻو هو.

هڪ ڳالھ جا جمال کان مون وسري ٿي وڃي اُها هن جي لطف و عنايت (Grece) آهي، جيتري منهنجي دوست يوسف شاهين ۾ آهي، جنهن ۾ شائستگي ۽ نرم مزاجي پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

هڪ ڀيري مان سال 1965ع ۾ پاڪ ڀارت جنگ کان اڳ ۾ ڪراچيءَ وڃي رهيو هوس ته ابراهيم جويو ڪوٽڙيءَ جي اسٽيشن تي مون سان ملڻ آيو هو. ان دؤر ۾ سنڌ جا رجعت پسند ۽ ترقي پسند پاڻ ۾ گڏ گُتا (ليٽ پيٽ) هيا. اُردوءَ جا رجعت پسند ۽ ترقي پسند به ڪانوَ کي لڙ ۾ مزو جي مثال، انهيءَ جهيڙي ۾ جنبي ويا ها ۽ ککر ۾ ڪڙا هٽي رهيا ها. سکر جي هڪ مهاجر وڪيل (نالو وسري ٿو وڃي هن جي آفيس پُراڻي سکر جي ٽانگا اسٽئنڊ پرسان هئي، جتي هاڻي ڊاڪٽر رشيد پيرزادي جي اسپتال آهي ۽ جو هيٺ ذڪر ڪيل واقعي کان پنج ڇھ مهينا پوءِ ڪوئيٽا ۾ مري ويو هو) منهنجي خلاف سکر جي ڪنهن اخبار ۾ وڏو مضمون لکيو هو جنهن ۾ مون تي اردو اسلام ۽ پاڪستان سان دشمنيءَ جا الزام هنيا ويا ها، مون کي اهو مضمون پڙهي سکر جو واءُ سواءُ جاچي، اهو محسوس ٿيو هو ته منهنجي خلاف



Gul Hayat Institute

ڪائي تہ سازش تي رهي آهي، جا عنقريب پنهنجيءَ انتها تي پهچندي ۽ ممڪن آهي تہ مون کي نظربند ڪيو وڃي. مون ڪوٽڙيءَ جي اسٽيشن تي جڏهن ابراهيم جوڻي جي اڳيان پنهنجي انديشي جو اظهار ڪيو تڏهن هُن ڏند ڪرٽي، مون کي تڙي ڏئي چيو ”اهي سڀ انديشا بي بنياد آهن. توکي ڪجهہ بہ نہ ٿيندو. اها ڳالهہ وساري ڇڏ!“ مون هن کي رڳو اهو چيو تہ ”منهنجي خلاف حيدرآباد ۾ بہ باهہ ٻري رهي آهي. پاڪستان رائيٽرس گلڊ جنهن ’پونر پري آڪاس‘ تي بهترين ڪتاب هجڻ لاءِ انعام ڏنو آهي، ان کي بہ نانگ سنگهي ويو آهي“. هن وري خار کائي پُڇيو ”ڪڏ ۾ پوي رائيٽرس گلڊ! اُن مان تون ڪهڙيءَ همدرديءَ جي اميد ٿو رکين ۽ ان ۾ توکان سواءِ ٻيا سڀ اُردوءَ وارا ۽ بنگالي آهن“. مون کي تڙيءَ چپُ تہ ڪرائي ڇڏي پر جوڻي جي جواب مطمئن نہ ڪيو ۽ منهنجي من تي آئيندي جا اوڏاها پاڇاوان پوڻ لڳا. ڪراچيءَ ۾ سراج ٻئي يا ٽئين ڏينهن چيو تہ ”اياز! مون کي تہ ائين ٿو لڳي تہ پاڪ ڀارت جنگ اچي رهي آهي“. ”اهو ڪيئن ٿو چئين؟“، مون هن کان پڇيو. هن جواب ڏنو ”تو شايد اڄوڪيون اخبارون نہ پڙهيون آهن. لاهور تي هندستان جا هوائي جهاز ڏٺا ويا آهن (ممڪن آهي تہ لاهور تي هندستاني هوائي جهاز بم اڇلايا آهن). مان ڀانيان ٿو تہ پاڪستان بہ جوابي ڪارروائي ڪندو.“ سراج منهنجن نهايت ذهين دوستن مان رهيو آهي ۽ جڏهن هلال پاڪستان جو ايڊيٽر هو تہ هو هڪ ڪامياب صحافي هو ۽ هن جي تحرير ڪي پنهنجي انفراديت هئي. (هو بيوروڪريٽ بہ ڪامياب هو ۽ هن وقت انڪم ٽئڪس جو برک وڪيل آهي). مٿئين ڳالهہ ٻُڌي منهنجي هيانو ۾ چڪ پيو ۽ بہ ڏينهن اڳ وارا خدشا مبهم انداز ۾ اُڀري آيا پر مون کي ابراهيم جي تڙي ياد آئي ۽ مون پنهنجي انديشي کي وهم گمان سمجهي رفع دفع ڪري ڇڏيو. چوٿين ڏينهن مان سکر موٽي ويس. رات جو جم خانا ڪلب ۾ ڪوٺي تي ويٺا پي رهيا هياسين ۽ مون سان گڏ ٽي چار دوست ويٺا ها. ”واءُ ۾ ڪائي هُرڪرُ هُري رهي هئي. اڳين گپ شپ، ڏند نڙڪو ۽ چرڙاٽ ڪو نہ ها، بامعنيٰ خاموشي ڇانيل هئي جنهن کي هڪ پُراسرار زير سطح روُ هئي. مون کي ابراهيم سان ڪوٽڙي اسٽيشن تي ڪيل گفتگو ياد آئي ۽ من تي بي چينيءَ ۽ بي ڪٿائيءَ جو ڇٽ ورت ڇائنجي ويو. منهنجو منهن سوارٿيل ۽ وار ڪانڊاريل ڏسي، هڪ دوست کان رهيو نہ ٿيو ۽ چيائين، ”اياز! تنهنجي خلاف سُسُ پُس تي رهي آهي. جنهن ۾ اڳ ڇتاءَ بہ آهي. مون کي ٿوري سٽس پئي آهي. بهتر ٿيندو جي تون ڊپٽي ڪمشنر سان ملين“. مان ڀانيان تہ منهنجي تقدير پنهنجي منطقي نتيجي ڏانهن تيزيءَ سان وڃي رهي هئي ۽ مان ان جا قدم ٻُڌي رهيو هوس. اوچتو مون سوچيو تہ ”سکر جا تعصبي مهاجر آفيسر ۽ وڪيل ۽ انهن جا خوشامندڙيا، چيلهہ ڀڳل، ڪڏن ڪوٽ، ساڙ سڙيا سنڌي آفيسر ۽ وڪيل، جي منهنجي وڪالت ۾ ڪاميابي ۽ سنڌ دوستيءَ جو برملا اظهار برداشت نہ ڪري

سگهندا ها ۽ رشيد ڀٽيءَ جي اها ڳالهہ تہ ”مان شاهہ لطيف کان پوءِ سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهيان ۽ ڪو وقت ايندو جو ٽئگور کي بہ پٺ تي چڙهي ويندس“ هنن ۾ ڪانَ وانگر کُڪندي هئي، سي سڀ ڪنهن سازش ۾ شريڪ آهن. مون بيئر جو گلاس پورو ڪري، بيئر جون بہ بوتلون گهرايون ۽ دهرچہ باداباد چئي پي ويس ۽ بنا اُلڪي جي ڪار ۾ گهر هليو ويس. ٻي ڏينهن تي مون کي گرفتار ڪيائون. منهنجي خيال ۾ اسان جي تقدير هڪ زنجير وانگر آهي جنهن جو ڪڙو ڪڙي سان جڙيو پيو آهي ان کي ڇڪ سان ڪوئي ڇني نہ سگهيو آهي.

هاڻي جمال ابڙي جي ڳالهہ تي اچان ٿو جنهن جو تفصيل سان ذڪر مون ساهيوال جيل جي ڊائريءَ ۾ ڪيو آهي. ان کان اڳ ۾ هڪ انگريزي (3) پهاڪو تہ ”ڪنهن بہ پراڻي دوست کان بهتر آئينو نہ آهي“ لکڻ چاهيان ٿو. انسان ان آئيني ۾ پنهنجون بُرايون ۽ چڱايون ڏسي سگهي ٿو. ايمرسن جو قول بہ ياد اچي رهيو آهي تہ ”دوستي هڪ هيڪليءَ ساعت جي آزمودي تي گهڙبل ڪماڻي آهي“. مان پانيان ٿو تہ گهٽ ۾ گهٽ جمال تہ ان معاملي ۾ نيارو ۽ اوچو ماڻهو آهي. مان ساهيوال جيل ۾ نظربنديءَ واري ڳالهہ ڪجهہ تفصيل سان ورجايان ٿو. مون سال 68ع ۾ ڪراچيءَ مان موٽي، فاران هوٽل ۾ ماني کائي، ربانيءَ کي فون ڪيو تہ هن يڪدم چيو ”تو ريڊيو ٻُڌو؟“ مون جواب ڏنو تہ ”نہ“. ان تي هن چيو تہ ”ادبي بورڊ ۾ يڪدم هليو آءُ!“ هوٽل ۾ ڪمرو بوڪ نہ ڪرائجانءِ، سامان سوڌو هيڏانهن هليو آءُ!“ مان بورڊ ۾ پهتس تہ ڪوئي آدمي ربانيءَ کان موڪلائي هليو ويو. پوءِ ربانيءَ ٻڌايو تہ ”پرواني ڀٽيءَ عبرت مان فون ڪيو آهي تہ ’تيرنهن ڄڻن جي ڪئبينٽ ٺهي آهي، جن مان هڪ تون بہ آهين‘ مون هن کي چيو ”ڇا مطلب؟“ ان تي هن جواب ڏنو تہ ”ايوب خان ذوالفقار علي ڀٽي، ولي خان، تنهنجي ۽ ٻين ڏهن ماڻهن جي گرفتاريءَ لاءِ ڪنو وارنٽ جاري ڪيو آهي“.

مون کي ڪوئي لوڏو نہ آيو ۽ نہ منهن ون ون ٿيو. مون هن کي ڌيرج سان جواب ڏنو تہ ”رباني! منهنجو خيال آهي تہ رات تو وٽ گذاري صبح سان سکر هليووڃان. مون تو ڏانهن ايندي مير رسول بخش کي جلوس سان گڏ ڏٺو. شايد هن کي بہ گرفتار ڪيو آٿائون“.

ربانيءَ جواب ڏنو ”هي ماڻهو جو هاڻي بورڊ جي آفيس ۾ ويٺو هو اهو توکي سڃاڻي. هو ساري شهر ۾ هُلائي ڇڏيندو تہ تون هتي آهين. ممڪن آهي تہ توکي پوليس هتان گرفتار ڪري وڃي!“ (مون کي گرفتاريءَ جو خوف تہ ڪو نہ هو پر زرينا ۽ ٻارن سان ملي پوءِ پاڻ کي گرفتاريءَ لاءِ پيش ڪرڻو هو.) ربانيءَ وڌيڪ چيو ”اسان جمال رند وٽ ٿا هلون. انهيءَ جي جاءِ پري آهي ۽ گهٽو ڪري صبح تائين پوليس کي تنهنجو پتو نہ پوندو“. ممڪن آهي تہ ربانيءَ اها ڳالهہ پنهنجو بار لاهڻ لاءِ چئي هجي مون وانگر هن جو ڪوئي خاص سهارو ڪو نہ هو ۽ هُن جا



Gul Hayat Institute

ڪافي گهر پاتي هيا جن جي نظرداري هو ڪندو هو. هن جو وڏو پاءُ جسٽس انعام الله جي پنهنجي عاقل زمين تي مئنيجر هو لواحقين تي ايتري توجہ نہ ڏيندو هو جيتريءَ جا هو مستحق ها.

جڏهن اسان جمال رند وٽ وياسون تڏهن هن چانهہ پياري چيو تہ هن جو گهر ننڍو آهي ۽ ان ۾ رهائش جي گنجائش نہ آهي ۽ بهتر ٿيندو تہ جمال ابڙي وٽ هلون. اسان جمال وٽ لطيف آباد وياسين ۽ جڏهن هن کي ساري ڳالهہ ٻڌائي سين، تڏهن هن يڪدم چيو "جڏهن ڪان مون هيءَ جاءِ ٺهرائي آهي، تڏهن ڪان ان جي گيسٽ روم کي تالو ڏئي ڇڏيو اٿم. منهنجو اڳ ئي ارادو هو تہ تون پهريون شخص هوندين جي هتي مهمان ٿي رهندين". مون هن جي فولادي اکين ۾ ڏٺو ۽ منهنجون اکيون جهڪي ويون. وڌيڪ احوال مون "ساهيوال جيل جي ڊائريءَ ۾ ڏنو آهي". ان وقت جمال هڪ جج هو ۽ جي پوليس مون کي هن جي جاءِ تي گرفتار ڪري ها تہ ممڪن آهي تہ هن جي نوڪري هلي وڃي ها. پر هن ان ڳالهہ تي فلڪ نہ آندي.

شيڪسپيئر پنهنجي ڊراما "جوليس سيزر" ۾ چيو آهي، "ماڻهو ڪنهن وقت پنهنجيءَ تقدير جا مالڪ آهن، نئيبہ سٺ ڏوهہ پيارا بروٽس، ستارن جو نہ آهي، پر اسان جو آهي، جو تہ اسان انهن جا ڇاڙتا آهيون."

مان وائيس چانسلر هوس تڏهن جمال يونيورسٽي سنڊيڪيٽ جو ميمبر هو. ميٽنگ کان پوءِ مان، رباني، جمال، سراج (4) ۽ نثار ميمڻ گڏجي ماني کائيندا هياسين. سراج ۽ نثار ميمڻ بہ سنڊيڪيٽ جا ميمبر هيا. ان وقت مون کي شبهو بہ نہ هو تہ ستارا جمال کي نهنڊ بہ ڏئي سگهندا ڇو تہ هن جي گفتار ۽ ڪردار ۾ مون کي اوڻائي نظر نہ ايندي هئي. اوچتو هن جي تقدير پلٽو کاڌو. هونءَ تہ هن جي زال کي پُراڻي انجائنا هئي پر 26 مارچ 1991 تي جڏهن هن تي انجائنا جو حملو ٿيو تڏهن هوءَ ڪارڊيو ويسڪيولر انسٽي ٽيوٽ ئي نہ پُڄي سگهي ۽ رستي تي گذاري وئي. جمال جي هن سان ايتري محبت هئي جو هن مان ڊاپي نہ ڊاپندو هو. هن جي ڪيفيت فارسيءَ جي هيٺين شعر واري هئي.

Gul Hayat Institute

حيف در چشم دن صحبت يار آخر شد
روئي گل سير نہ ديدم بهار آخر شد

(ترجمو: حيف جو اک ڇوٽ ۾ يار جي صحبت ختم ٿي وئي. گُل جي صورت ڍوَ تي ئي نہ ڏٺي هئي جو بهار ويندو رهيو.)

جمال کي هن مان چار پُٽ بہ ڌيئرون هيون. پر جمال هن کي اڻين پائيندو هو ڇڻ هن سان هڪ ڏينهن اڳ نڪاح ڪيو هيائين. پر سنموئيل بٽلر سان متفق آهيان. هو عشق ۽ خودڪشيءَ کان انڪار نہ ٿو ڪري. هو رڳو چوي ٿو تہ "مرد بدطنيت عورتن جي موت تي پاڻ ماريندا آهن." مان پانيان ٿو تہ اها ڳالهہ بٽلر

سترنهينءَ صديءَ ۾ ڪئي هئي، جا بلڪل صحيح آهي. نيڪ نيت عورتن جي موت کان پوءِ انهن جي يادگيري زندگيءَ کي تازگي بخشيندي آهي ۽ ان شيءِ سان پيار وڌائيندي آهي جنهن سان مرحيات جو پيار هوندو هو. زال جي موت کان پوءِ جمال جي پنهنجي اولاد سان شفقت اڳي کان به وڌي وئي آهي ڇو ته هن جي زال جو پنهنجيءَ اولاد ۾ ساهه هوندو هو. مان جمال جي وڏيڪ ڪردار نگاري اڳتي هلي ڪندس. دراصل جڏهن ڪلچر ڊپارٽمينٽ وارن جمال سان شام ملهائي هئي، تڏهن مون تقرير ڪندي چيو هو ته مان جمال جي زندگيءَ تي لکندس. هن ڪتاب لکڻ کان اڳ مون جمال سان ويهارو بئنڪون ڪري، هن کان هن جي زندگيءَ جي باري ۾ تفصيل ورتو ۽ ڪيتريون ئي گهڙيون ياد ڪيون جي اسان گڏ گذاريون هيون، پر مون کي والٽير جو هڪ قول ياد اچي ٿو:

The secret of being a bore is to say every thing.

(ترجمو: بور ٿيڻ جو راز اهو آهي ته جيڪي به اچي ڇئي ڇڏجي) هي باب اهو چئي ختم ٿو ڪيان ته جمال جي عمر لڳ ڀڳ ستر سال اچي ٿي آهي، هو دنيا کان ڪناره ڪش ٿي چڪو آهي ۽ هر اڳئين دوست سان گرم جوشي سان ملاقات جي باوجود، پنهنجي خاندان سان سارو وقت گذاريندو آهي. سنڌ ۾ ٿيندڙ چڱي ادبي تخليق ۾ هن جي دلچسپي اڃا برقرار آهي، پر پنهنجي ادبي تخليق جو خيال پلي ڇڏيو اٿائين. ڪهڙيون ڳالهيون هن جي تنهائيءَ کي والارين ٿيون؟ اهو مان چئي نه ٿو سگهان. جيستائين منهنجو سوال آهي ته مان گذريل ڇئن سالن کان ڏينهن رات لکي پڙهي رهيو آهيان، موت کان بلڪل بي خوف ٿي چڪو آهيان ۽ ان جي پرواهه نه آهي ته ڪڏهن ٿو قلم اوچتو هٿ مان ڪري پوي ۽ سِٽ اڌ ۾ رهجي وڃي. ان تي مون کي ڪنفيوشس جي هڪ ڳالهه ياد اچي رهي آهي، جنهن جو ذڪر بي محل نه ٿيندو. هڪ مريد سي ڪينگ ڪنفيوشس کان پڇيو "مُئي ماڻهو کي شعور ٿيندو آهي؟" ان تي ڪنفيوشس هن کي جواب ڏنو "تيستائين ترسين ڇو نه ٿو جيستائين تون مرين پوءِ پاڻ ئي توکي اهو جواب ملي ويندو". مون کي انسان جي باري ۾ شيڪسپيئر جي ڊراما، 'جيئن توکي وڻي' (As you like it) مان هيٺيون سٽون به ياد اچي رهيون آهن:

"پوري دنيا رنگ منچ (اسٽيج) آهي
۽ سڀئي ماڻهو ان تي ويس ڌاري آهن
انهن کي اندر اچڻ ۽ ٻاهر وڃڻ لاءِ لنگهه آهن.

.... ...

اهو لکي شيڪسپيئر زندگيءَ جا ست دوَر ڏنا آهن. مان ۽ جمال پنج ڇهه ته ڪاٽي چُڪا آهيون. مون کي شما (شمع) جا لفظ ياد اچي رهيا آهن جي هن تڏو ساهه ڀري چيا ها، "حيرت آهي ڪيئن ٿو اُبري، ڪيئن ٿو لهي! شمع ڪير هئي،



Gul Hayat Institute

منهنجي زندگيءَ ۾ ڪيئن آئي هئي؟ ان جو تفصيل هاڻي اجايو آهي. بس، ڪائي چولي هئي جا دريا جو حصو ٿي چُڪي آهي، انارڪليءَ وانگر هن جو ڪجهہ يادگيريون نيپئر روڊ جي ديوارن ۾ پوريل آهن، پر هاڻي ڪير ٿو آثار قديمہ جي کوٽ کوتان ڪري!

(5) ايچ – آءِ مينڪن چيو آهي تہ ”تاريخ نويس هڪ ڪامياب ناول نگار آهي. مان هن سان بلڪل (6) متفق آهيان. مان جي اي پرائوڊ سان بہ اتفاق ٿو ڪريان تہ هڪ تاريخ نويس جو پهريون فرض اهو آهي تہ هو پنهنجين همدردين تي چوڪسي رکي، پر مان تہ پهرين شاعر آهيان ۽ پوءِ تاريخ نويس آهيان. منهنجي لاءِ ائين ڪرڻ ناممڪن آهي. تاريخ ڇا هي؟ اُها تہ آئينو آهي جنهن ۾ انسان ذات جا ڏوهہ، موڙڪايون، اياڻايون، شامتون ۽ نياڳ ڇتا نظر اچن ٿا، پر اُن جو مطالعو فلسفي جي جڙ آهي ۽ اُها اهڙا ماضيءَ جا مثال مهيا ڪري ٿي، جي مستقبل جي رهنمائي ڪري سگهن ٿا. تاريخ پاڻ کي دهرائي نہ ٿي پر جي اسان انسان ذات جون اڳي ڪيل حماقتون نہ دهرايون تہ بہ وڏي ڳالهہ آهي. دراصل هي تاريخ تي ڪتاب نہ پر ان ۾ تاريخ جون جهلڪيون آهن. هي تہ (7) منهنجي آتم ڪهاڻيءَ جو حصو آهي. هئولاڪ ايلس ڪٿي چيو آهي تہ ”هر ڪلاڪار پنهنجي آتم ڪهاڻي لکندو آهي. آرٽ هڪ حاسد داشتہ آهي پر جي يٽائي هن دؤر ۾ پيدا ٿئي ها تہ هو شايد ڪنهن روزنامي يا ماهنامي جو ايڊيٽر هُجي ها. دنيا ۾ گهڻ – گُڻيون شخصيتون ٿيون آهن. فلارنس جو ليونارڊو ڊوانچي نہ رڳو دنيا جي عظيم ترين تصوير 'مونا ليزا' جو خالق هو پر صنم تراش، شاعر، انجنيئر، مڪينڪ، علم بدن ۽ بحري حياتيءَ جو ماهر بہ هو. هن پهريون پيرو انسان ذات کي هوا ۾ اُڏامڻ جو تصور ڏنو. اهڙي طرح امير خسرو نہ رڳو فارسيءَ جو عظيم شاعر هو پر اردو شاعريءَ جو باني بہ هو جنهن جهڙيون ڳهہ مُڪر نيون ۽ غزل جون پياريون سٽون اڃا تائين ڪنهن نہ لکيون آهن. هو سپاهي بہ هو تہ ستار ۽ ڪلاسيڪي راڳ ۾ خيال جو مؤجود بہ هو. منهنجي تہ مصوريءَ، صنم تراشيءَ ۽ ٻئي آرٽ ۽ علم جي اظهار جو ذريعو فقط شعر ۽ ادب آهي. اڳي سفر نہ ڪندو هوس تہ گهر ڪاٽڻ ايندو هو. هاڻي پيري آئي آهي تہ ساري ڪائنات ڪٺي پنهنجي ڪمري ۾ سميٽي اٿم. اُتي ئي مون دوستن سان ڪچهريون ڪيون ۽ ساڻن گڏ ڪيل سير ۽ سفر تي نوٽ ورتا. في الحال پهرين پاڳي ۾ مان تر جو سفر ڏيان ٿو. ان کي سفر در سفر جي ڪيفيت آهي، جا مون کان زمان ۽ مڪان جون سرحدون ٽپائي وڃي ٿي.

حوالا

1 – هندستان جي جديد گُرن جا نالا جن مان ڪي مري چُڪا آهن. انهن جو

هندستان جي جديد سياست تي ڪافي اثر آهي ۽ انهن مان ڪي نڳ ثابت تي چُڪا آهن ۽ ٻين جي سچائيءَ جي باري ۾ خاطريءَ سان چئي نہ ٿو سگهجي. گرو پوڄا هندستان ۾ ٿياسافي تحريڪ شروع ڪئي، جنهن جي سرواڻ رود جي مئڊم بلئويتسڪي ۽ هن جي پوئلڳ ڊاڪٽر آئني بيسنت هئي.

2– ٻَرٻَر : قديم زماني ۾ هڪ عربي قبيلي کي "برابر چوندا ها جو نيل درياهہ جي ڀنهي پاسي آباد هو. شايد اُردو لفظ "بربريت" انهيءَ لفظ مان ٺاهيو ويو آهي.

3 - There is no better looking glass than an old friend.

4– نثار ميمڻ جنهن جو ذڪر مون ساهيوال جيل جي ڊائريءَ ۾ تفصيل سان ڪيو آهي. آءِ بي ايم (I.B.M) جو سائوٿ ايشيا لاءِ چيف هو. پرائيم منسٽر معين قريشيءَ هن کي عبوري مرڪزي حڪومت ۾ وزير اطلاعات ۽ نشريات ڪري کنيو هو. هينئر هو وري آءِ بي ايم ۾ ساڳي عهدي تي آهي.

5– ايچ آءِ مينڪن – H.I. Menken (1856 کان 1880 تائين)

6– جي اي پرائوڊ – J.A. Proude (1818 کان 1894 تائين)

7– هئولاڪ ايلس – Have lock Elis (1859 کان 1939 تائين)

Gul Hayat Institute

# هند ۾ سنڌ جي سنڌي اديبن ۾ نمايان حيثيت جو مالڪ

## ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي

جمال ابڙو منهنجو ساٿي، اديب ۽ دانشور رهيو آهي. مان هن کي پنهنجو ياءُ ۽ محسن سمجهان ٿو. گهڻا ئي دفعا ڏکين واٽن تي رهنمائيءَ ۾ هن جو هٿ رهيو آهي. مون کي وڏي خوشي ٿيندي جڏهن هو مون کان ٻه وڏي ڇمار ماڻيندو ۽ سنڌ کي اڃا ٻه گهڻو ڪجهه ڏيندو. (2مئي 2003ع، عوامي آواز)

***

جمال ابڙو مون کي ياد اچي ٿو ته 1953ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ جان محمد جوڻيجو روڊ تي هڪ جاءِ (جيڪا هاڻي ڪنهن چانڊيي جي هٿ ۾ آهي ۽ ان وقت مهدي منزل سڏبي هئي) ۾ پنهنجو وڪالت خانو کولي ويٺو هو. هو مرحوم تاج محمد ابڙي جي حوالي سان منهنجو اڳيئي واقف هو جيڪو سنڌس وڏي ياءُ ۽ سينيئر وڪيل شمس الدين ابڙي جو پارٽنر هو. جمال جي خانداني جاءِ اڄ ٻه موجود آهي، جنهن جي هڪ حصي ۾ ٻارڙن جو اسڪول هلايو ٿو وڃي.

بدر ابڙو سنڌس پٽيلي اولاد مان وڏو پٽ آهي، جنهن پيءُ واري ساڳي واٽ ورتي آهي ۽ هن مهل تائين تمام سهڻا ۽ معلوماتي ڪتاب سنڌي ادب جي جهول ۾ وجهي چڪو آهي. هو هڪ ڪاهوڙي آهي، جنهن سنڌ جي تاريخي ماڳن، جبلن، ڪاڻين، ڪوٽن ۽ مقدس جاين بابت قابل قدر ڪم ڪيو آهي.

جمال جو خاندان علمي لحاظ کان تمام پراڻو آهي، ڇو ته سنڌس پيءُ علامه علي خان ابڙو سنڌ جي تعليم کاتي ۾ وڏن عهدن تي رهي چڪو هو ۽ قرآن شريف جو سنڌيءَ ۾ بهترين ترجمو ٻه ڪيو هئائين (جيڪو ويجهڙائيءَ ۾ ڇپيو آهي ۽ وڏي تعداد ۾ پڙهيو وڃي ٿو). علامه علي خان ابڙو جتي هڪ ادبي ۽ سياسي مفڪر هو اُتي هُو وڏو هر دلعزيز استاد ۽ شريف النفس انسان ٻه هو.

مون کي ياد ٿو پوي ته، مون پرائمريءَ جي چوٿين درجي جو امتحان سنڌس نگرانيءَ ۾ ڏنو هو جنهن ۾ خاص شاباس ڏني هئائين. اِهو اُهو زمانو هو جڏهن امتحان وٺندڙ آفيسر اڄوڪي زماني وانگر رشوتون وٺي ۽ سفارشون ٻڌي ٻارن کي پاس نه ڪندا هئا.

جمال ڪجهه سال وڪيل رهڻ کان پوءِ سول جج ٿي ويو ۽ آخر ۾ سيشن جج

۽ لا سيڪريٽري ٿي رٽائر ڪيائين.

جمال جي ڪهاڻي "پشو پاشا" سنڌ جي ان وقت جي روايتي ادب کان الڳ نظر آئي، جنهن سنڌ ۾ اسان جي ترقي پسنداڻي هلچل کي خاصي هٿي ڏني. "پشو پاشا" کان پوءِ "پيراڻي،" "شاهه جو ڦر،" "بدمعاش،" "مُنهن ڪارو" ۽ "سينڌ" تمام جذباتي انداز ۾ لکيل ڪهاڻيون آهن، جيڪي اڄ بہ پڙهندي جسم ۾ وڏي آڳ لڳايو ڇڏين.

شروع ۾ هن جون ڪهاڻيون پڙهندي مون کي احساس ٿيو تہ، شايد هن تي اوهينري ۽ وليم سروبان جو اثر آهي، پر پوءِ ڏٺم تہ، جنهن گهرائيءَ سان هن سنڌ جي حالتن جو اڀياس ۽ جنهن نفرت ۽ ڪاوڙ جو پراڻين حالتن لاءِ اظهار ڪيو آهي، انهن ۾ مٿين ٻنهي آمريڪي ڪهاڻيڪارن جي صرف بيان گوئي نہ آهي، بلڪ انتهائي غصي ۽ باهہ جو اظهار بہ آهي.

ڪن اديبن جمال کي ترقي پسند پروپيگنڊا جو ذريعو بہ سمجهيو پر منهنجي خيال مطابق، هو انتهائي ايماندار ۽ گهرائيءَ سان پراڻن سماجي قدرن کان باغي هيو.

جمال 1950ع ۾ اسانجي سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ شامل رهندو هو ۽ مون کي ياد آهي تہ انهن ڏينهن ۾ هڪ گڏجاڻيءَ ۾ جمال ۽ هري دلگير ٻئي موجود هئا. تڏهن مون کي لڳو هو تہ، سنڌ مان هندو اديبن جي لڏي وڃڻ کان پوءِ سنڌي ادب جي باري ۾ جيڪا مايوسي پيدا ٿي هئي، ان کي جمال نئين سر هڪ اميد افزا شروعات ۾ بدلائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو.

هن هڪ ايماندار جج جي حيثيت ۾ گهٽو لوڙيو پر انتهائي ثابت قدم رهيو ۽ دانشور ۽ اديب طور سنڌ جي قلم ڏٽين مان پاڻ کي چوٽيءَ جو انسان بڻايائين.

وقتي وقتي مان سندس ڪاوڙ جو نشانو بہ بڻيس، پر اها سڀ ماضيءَ جي ڪهاڻي آهي، جنهن کي ورجائڻ فضول آهي. مان جڏهن بہ ڪراچيءَ ويندو هوس تہ ڏاڍي محبت سان ملندو هو ۽ بدر ابڙي سان منهنجي محبت ۽ سنگت جو هڪ ڪارڻ اهو بہ آهي تہ هو هڪ لائق پيءُ جو فرزند آهي.

جمال طرفان سندس زمين سنياليندڙ ڪمدار يوسف پٽيل جي ڪيس ۾ جيڪا فتوا جسٽس منير ڏني، تنهن پاڪستان جي آئين ۽ قانون جي تاريخ کي هڪ نئون موڙ ڏنو هو.

"ڪتا" نالي سان لکيل جمال ابڙي جي آتم ڪهاڻيءَ جا چار جلد ڇپيا آهن، جيڪي پڻ سنڌي ادب ۾ قابل قدر اضافو آهن.

سرڪاري نوڪريءَ ۾ هئڻ باوجود جمال ابڙي بيباڪيءَ سان تمام سنو لکيو ۽ ترقي پسند اديبن سان پنهنجي ياري پڇاڙيءَ تائين برقرار رکيائين.

جمال جو موت ڪوُ ڦتو هو. ڇو تہ هو مون کان عمر ۾ ڪجهہ سال ننڍو هو. هن جي زندگي ڏکن ڏاڪڙن مان گذرڻ باوجود سنڌ لاءِ بيحد ڪارائتي هئي.

هند ۽ سنڌ جي سنڌي اديبن ۾ جمال ابڙو هڪ نمايان حيثيت جو مالڪ آهي ۽ اعليٰ اديب گهٽي وقت کان پوءِ ٿي پيدا ٿيندا آهن.

# جيستائين سنڌ قائم آهي، جمال زنده رهندو!

نورالدين سرڪي

جمال ڪي مان 1947 کان سڃاڻان. هو خاڪسار هيو ۽ پين خاڪسار رفيقن سان جناح ڪورٽس (هاسٽل) جي احاطي ۾ مون کيس ٻہ ٽي دفعا پريڊ ڪندي ڏٺو هو. جمال علامہ عنايت الله مشرقيءَ کان متاثر هو ۽ هڪ خاڪسار ڪارڪن جي حيثيت ۾ سياسي سرگرمين ۾ باقاعده حصو وٺندو هو.

مان مئٽرڪ کان پوءِ ٻہ سال سانده مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن شڪارپور شاخ طرفان پاڪستان لاءِ عوامي جدوجهد ۾ سرگرم رهيم. جمال مون کان عمر ۾ ٻہ ٽي سال وڏو هو ۽ اسان هيٺئين وچولي طبقي جا فرد هئاسين. سندس والد ميان علي خان ابڙو تعليم کاتي سان لاڳاپيل هو ۽ هڪ سماج سڌارڪ بہ هو. منهنجو پيءُ ڪمال الدين سرڪي سرڪاري نوڪري ڇڏي خلافت تحريڪ ۾ شريڪ ٿيو ۽ هجرت ڪري سنڌ جي پين سوين مسلمانن سان گڏ افغانستان هليو ويو. پوءِ جڏهن ڪمال اتاترڪ پاران خلافت تان هٿ کنيو تہ ڪابل کان واپسيءَ تي بابا بہ شڪارپور ۾ گل حسن خان پناڻ جي قائم ڪيل گرين سيل ڪو آپريٽو سوسائٽيءَ ۾ نوڪري ڪئي ۽ اٽڪل 14 سال نوڪري ڪري 1934ع ۾ هي جهان ڇڏيائين.

منهنجي خيال ۾ هندوستان جي ورهاڱي وقت جمال ۽ مان پين ڪيترن نوجوانن وانگر پنهنجي پنهنجي ليکي سنڌ جي غريب ۽ پوئتي پيل ماڻهن، جن ۾ گهڻائي مسلمانن جي هئي، جي سڌاري ۽ واڌاري جا خيال ۽ پروگرام ڪٺي مختلف سياسي جماعتن ۾ رُڌل هئاسين.

پاڪستان ٺهڻ سان اسان جون اکيون تڏهن کليون، جڏهن ڏٺوسين تہ سنڌ جي حقن تي راتاها لڳڻ لڳا. ڪراچيءَ تي قبضي جون تياريون شروع ٿيون ۽ سنڌي آفيسرن کي ڪراچيءَ کان ٻاهر ڪڍڻ جا سانباها ٿيا. سنڌين جي هڪ ئي تعليمي اداري سنڌ مسلم ڪاليج ۾ علي ڳڙهہ واري ڊاڪٽرن تي سال اڳ مقرر ڪيل پرنسپال غير سنڌين جي بيقاعدي ڀرتي شروع ڪري ڏني. انهيءَ نئين پيدا ڪيل صورتحال کي ڏسي نہ رڳو جمال ابڙو ۽ سندس پيا خاڪسار دوست، پر خود مسلم ليگ جي شاگرد جماعت يعني مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن جا ميمبر پڻ سنڌ



Gul Hayat Institute

جي حقن جي حفاظت لاءِ ڪمر ٻڌي ميدان ۾ ٽپي پيا. اهڙي طرح اسان سنڌي شاگردن ڌار ڌار رستن کان اينديءَ هڪ نئين ۽ ترقي پسند واٽ ورتي، جيڪا اڳتي هلي نئين سنڌ جي جدوجهد ۾ ظاهر ٿي.

اها هئي شروعات اسان جي دوستيءَ جي - ۽ پوءِ نه رهيو اُهو جمال ۽ اهو خاڪساري جوش ۽ اسلامي غلبي جو جذبو ۽ نه وري اسان مسلم ليگين لاءِ پاڪستان ۾ ڪا ڪشش رهي. هاڻي اسان سڀ، ”سنڌ سنڌين لاءِ“ چوڻ لڳاسين.

جمال پوءِ سرڪاري نوڪري ڪئي، پر نوڪريءَ سان گڏ پنهنجي ڳالهه به رکندو آيو. ساڳيا خيال، ساڳيا جذبا قائم رکيائين ۽ ڪڏهن به منهنجي خيال ۾ ويندي وقت تائين اصولن تي سودي بازي نه ڪيائين. مولانا حسرت موهانيءَ چواڻي:

”هي عشق سخن جاري، چکي کي مشقت بهي ،
اک طرف تماشه هي حسرت کي طبيعت بهي.

مان اِن ڳالهه تي فخر ٿو ڪريان ته جمال جون پهريون به آکاڻيون ”پيراڻي“ ۽ ”خميسي جو ڪوٽ“ سڀ کان اڳ مان ئي ترقي پسند هفتيوار صداقت اخبار ۾ 50 – 1949 ڌاري ڇاپيون هيون. جمال جون اهي آکاڻيون ڏاڍيون پسند ڪيون ويون. پوءِ جڏهن سنڌي ادبي سنگت ٺهي ته جمال به اُن ۾ ڀرپور حصو وٺڻ لڳو ۽ جڏهن ۽ جتي به سنڌي ادبي سنگت جي بيٺڪ يا ٻيو ڪو به اهڙو ميڙاڪو ٿيندو هو ته جمال اُن ۾ ضرور شرڪت ڪندو هو.

جمال لکيو ۽ سٺو لکيو. لکڻ جو حق ادا ڪيائين. پنهنجين لکڻين ۾ سنڌ جا ڏک سور ۽ هيٺئين طبقي جي ماڻهن، هارين نارين جي رهڻي ڪهڻي ۽ سندن مسئلن جي ڇنڊ ڇاڻ واهه جي ڪيائين. سنڌي ادب ۾ سٺو واڌارو ٿيو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي خدمت پڻ ٿي.

جمال آخري ڏينهن تائين سنڌيت ۽ انسانيت تي ثابت قدم رهيو ۽ مون سان هميشه ساڳئي سڪ ۽ پنهنجائپ سان ملندو هيو. مان کيس اها ئي عزت ڏيندو هوس، جيڪا هڪ وڏي ڀاءُ يا ڀائرن جهڙي دوست جو حق هجي.

پاڻ مرحوم مون کي اڪثر ياد ڏياريندو هو ته مان کيس هم خيال ۽ پنهنجي ساڳئي قبيلي وارو سمجهندو رهان، پر دل ۾ هڪ ارمان رهجي ويو ته پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ چاهيندي به ساڻس ڪا خلاصي ڪچهري ۽ خيالن جي ڏي وٺ نه ڪري سگهيس.

هڪ شام جو شمس ۽ مان جمال سان سندس گهر تي ملڻ لاءِ تيار به ٿياسين ۽ سندس گهر جي گهٽي پڇڻ لاءِ جڏهن فون ڪيم ته خبر پئي ته عمري تي ويل هيو ۽ سندس ننڍي فرزند ٻڌايو ته، ”مهيني جي ويزا ورتي اٿائين ۽ خبر ناهي ڪڏهن موٽندو. “ پر افسوس جو سندس موٽڻ جي خبر مون کي نه پئي ۽ ڪراچيءَ موٽڻ کان پوءِ جلد ئي اُن پار هليو ويو جتان موٽڻ جي مهلت ڪنهن کي به نه ٿي ملي.

منهنجي خيال ۾ جيستائين سنڌ قائم دائم آهي ۽ سنڌي ٻولي زنده آهي، تيستائين جمال ابڙي کي پڙهبو رهبو ۽ سندس لکڻين ۾ ساڻس ملاقات ٿيندي رهندي.



Gul Hayat Institute

# منهنجو واڳ ڏٺي

## امر جليل

ادب ۾ منهنجي مرشد، سائين جمال ابڙي گذاري وڃڻ ۾ ڪجهہ سال دير ڪري وڌي. هيءَ جونئو جڳ ڇڏڻ ۾ دير سبب سائين جمال ابڙي پاڻ کي سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ جي ويهين صديءَ جي معتبر ڪهاڻيڪار جي اعزاز کان محروم ڪري ڇڏيو. سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ پاران ادب ۽ ڪلا کيتر ۾ معتبر هستين کي ميڊتا ڏيڻ لاءِ فيصلو ڪيو ويو هو تہ، "ڪنهن بہ جيئري جاڳندي ليکڪ، محقق، شاعر ۽ موسيقار کي ميڊتا نہ ڏني ويندي. ميڊتا لاءِ ليکڪ، محقق، شاعر ۽ فنڪار جو مئل هئڻ ضروري آهي."

اٿارٽيءَ کي احساس هو تہ جمال ابڙي کان معتبر ڪهاڻيڪار ويهين صديءَ ۾ بيو ڪو بہ نہ هو. تنهن ڪري، اٿارٽيءَ ڪهاڻي کيتر ۾ ڪنهن بہ گذاري ويل ڪهاڻيڪار کي "ويهين صديءَ جو معتبر ڪهاڻيڪار" تسليم نہ ڪيو. اهو واحد اعزاز هو جنهن سان اٿارٽيءَ ڪنهن بہ گذاري ويل ڪهاڻيڪار کي نہ نوازيو. اٿارٽيءَ اعزاز خالي رکيو. هنن دل من ۾ طئي ڪري ڇڏيو آهي. هو هليو ويو آهي. گذاري ويو آهي. مان اميد ڪريان ٿو تہ سنڌي لينگويج اٿارٽي بنا دير جي ماناٽتو فنڪشن ڪندي. جنهن ۾ مرحوم جمال ابڙي کي ويهين صديءَ جي معتبر ڪهاڻيڪار جي اعزاز سان نوازيندي، ۽ سنڌس پونئرن کي شيلڊ ۽ سندَ ڏيندي.

مان تمام گهٽ پڙهيل آهيان. تنهن ڪري مون کي خبر ڪونهي تہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کان علاوہ سنڌ جي ڪهڙي محقق کي دنيا جي يونيورسٽين، ايجوڪيشنل، هسٽاريڪل ۽ ڪلچرل ادارن ۾ عالمي ميڊتا ملي آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجن سوين تحقيقي ڪتابن، تصنيفن، هزارين تحقيقي مقالن ۽ بين الاقوامي پيپرن، ۽ ستر سالن جي پورهيي جي باوجود سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ طرفان ويهين صديءَ جي معتبر محقق جو اعزاز ماڻي نہ سگهيو. ائين ناهي تہ اٿارٽيءَ ۾ مون جهڙا ڪي جڏا ويٺا آهن. اٿارٽيءَ کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي عظمت جو احساس آهي. ڪين خبر آهي تہ ڊاڪٽر صاحب جهڙو محقق ڪنهن قوم ۾ ورلي پيدا ٿيندو آهي، پر سائين ڇا ڪجي ! اصول اصول آهن.

ڪنهن به ليکڪ، محقق، ڪهاڻيڪار ۽ فنڪار کي سنڌس جيئري ميڄاتا ڏيڻي ناهي. ميڄاتا لاءِ سندس گذاري وڃڻ لازمي آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جيئن ته حال حيات آهن، تنهن ڪري اٿارٽيءَ ”ويهين صديءَ جي معتبر محقق“ جو اعزاز بڻي ڪنهن مثل محقق کي ڏيئي ڇڏيو.

جمال ابڙي جي گذاري وڃڻ کان پوءِ مرده پرست سنڌي قوم حسب روايت کيس ميڄاتا ڏني آهي. سندس گذاري وڃڻ کان پوءِ نياڳي قوم کي خبر پيئي آهي ته جمال ابڙو سنڌي ادب ۾ لافاني حيثيت جو مالڪ آهي. سندس ان حيثيت جي باري ۾ سنڌي قوم کي خبر جمال ابڙي جي جيئري نه هئي. بس، سائينءَ جي گذارڻ جي دير هئي. هُيءَ قوم اٿي کڙي ٿي. سائين کي سنڌي ڪهاڻيءَ جو ابو — سنڌي ڪهاڻيءَ جو شهنشاهه ۽ عظيم سنڌي ڪهاڻيڪار جي لقبن سان پيئا ڏني.

ڏڙا ڏڙا اخبارن کي پيغام ملندا رهيا — جمال ابڙي جي انتقال سان سنڌي ادب ۾ وڏو خال پيدا ٿي پيو آهي. اهو خال ڪڏهن به پرجي نه سگهندو — سنڌي ڪهاڻي يتيم ٿي ويئي — سنڌ هڪ عظيم ڪهاڻيڪار کان محروم ٿي ويئي — وغيره، وغيره، وغيره.

ابا، دنيا جو وهنوار لکين سالن کان هلندو پيو اچي. لکين سالن تائين، ائين ئي هلندو رهندو. ڪنهن جي اچڻ يا وڃڻ سان دنيا جي دستور ۾ ڪا ڪمي نه ايندي. هزارين سال اڳ مڪينيڪل انجنيئرنگ جو گمنام ابو پيدا ٿيو هو. دنيا کي ڦيٿو ايجاد ڪري ڏنائين. مري ويو. ڪنهن کي خبر ڪونهي ته هو ڪير هو. هزارين سال اڳ چڻنگ مان باهه پارڻ (Ignition) وارو سائنسدان ڪير هو؟ آهي ڪنهن کي ياد! اگنيشن جي آڌار تي راڪيٽن ۾ ويهي ماڻهو چنڊ ۽ مشتريءَ جو چڪر ڏئي موٽي آيو آهي. خلائي تحقيقات ۾ رڌل آهي، پر، ڪنهن کي ياد آهي ته هو ڪير هو؟ ڇا ڪندو هو؟ ڪڏهن هن دنيا ۾ آيو ۽ ڪڏهن هن دنيا مان هليو ويو؟

ڪنهن جي اچڻ وڃڻ سان وقت بيهي نه رهندو آهي. سقراط، افلاطون ۽ ارسطوءَ جهڙا فيلسوف دنيا ۾ آيا، دنيا کي آگاهيءَ جو علم ڏيئي هليا ويا، پر دنيا جي وهنوار ۽ وقت جي رفتار تي ڪو بهرو نه پيو. انت کان ٻاهر نبي آيا، پيغمبر آيا، اولياءَ آيا، صوفي آيا، فلاسافر آيا، سائنسدان آيا، هليا ويا. پنهنجي ڇاپ دنيا تي ڇڏي ويا، پر وقت جي رفتار ۾ ڪا ڪمي نه آئي. سوچون ۽ رويا بدلجندا رهيا، پر زندگيءَ جو ڪاروبار ائين ئي هلندو رهيو. وقت ڪنهن جي لاءِ به بيهي نه رهندو آهي.

ليکڪ ايندا ۽ ويندا رهندا آهن. ڏسڻو اهو پوندو آهي ته ليکڪ پنهنجي دور کي ڪيترو متاثر ڪيو ۽ نئين نسل تي ڪهڙو اثر ڇڏيو. ڪاليج ۾ هوس جو مون سائين جمال ابڙي کي پڙهڻ شروع ڪيو هو. پڙهائڻ لاءِ دنيا ۾ ڪنهن وٽ به ڪا نئين ڪهاڻي ڪونهي. دنيا ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا موضوع آهن، جن تي هزارين سال ڪهاڻيون پڙهايون ۽ لکيون ويون آهن ۽ لکبيون رهنديون. فرق فقط اسلوب ۾ آيو آهي. فرق محسوس ٿيندو آهي ”پيراڻي“ جو presentation جو لکڻ ۾ ڏانءُ



Gul Hayat Institute

جو. مون سائينءَ کان مختصر جملن ۾ لکڻ جو هنر سکيو. سٽ ۾ ضرورت کان وڌيڪ هڪ لفظ به نه وجهڻ جو هنر سکيو. هڪ معنيٰ ۾ انيڪ معنائن وارن لفظن جو استعمال سکيو. ڏکئي کان ڏکي ڳالهه سولي، سڌي نموني بيان ڪرڻ جو هنر به مون جمال ابڙي کان سکيو.

انهن ئي ڏينهن ۾ پڙهندو هوس ته ’جمال ابڙو سنڌ جو ٽالسٽاءِ آهي. سنڌ جو ميڪسم گورڪي آهي. دل ۾ شوقِ جاڳي پيو ٽالسٽاءِ ۽ گورڪيءَ کي پڙهڻ جو. ٽالسٽاءِ ۽ ميڪسم گورڪيءَ کي پڙهندي مون کي خيال آيو ته جمال ابڙو سنڌ جو ٽالسٽاءِ ۽ ميڪسم گورڪي ڇو آهي! ٽالسٽاءِ ۽ ميڪسم گورڪي روس جا جمال ابڙو ڇو نه آهن! اسين سنڌي پنهنجن لاءِ ڪوتاهه دل، ۽ پراون لاءِ درياهه دل هوندا آهيون. سنڌي عالمن ۽ اديبن جي تحريرن ۽ مقالن ۾ اوهان کي پڙهڻ لاءِ طرحين طرحين جي انگريزن جا حوالا ملندا، پر، مجال آهي جو اوهان کي سنڌيءَ نثر نويسن پل وچان ڪٿي ڪڏهن جمال ابڙي جو ڪو قول پڙهڻ لاءِ ڏنو هجي! پڙهندڙ تي پنهنجي اڪابريءَ جو رعب ويهارڻ لاءِ گمنام توڙي نامور انگريز ليکڪن جا قول بيان ڪرڻ ضروري سمجهيو ويندو آهي.

مون کي ياد نه ٿو اچي ته سنڌ جي ڪنهن يونيورسٽيءَ جمال ابڙي کي آنريري ڊاڪٽريٽ جي سَنَد ڏني هجي. هڪ شاگرد جمال ابڙيءَ جي ڪهاڻين تي پي ايڇ ڊي ڪرڻ لاءِ سنڌ جي هڪ يونيورسٽيءَ کي درخواست ڏني. شاگرد جي درخواست اهو چئي رد ڪئي وئي ته، ”اسين ڪنهن به جيئري اديب تي پي ايڇ ڊي ڪرڻ جي اجازت نه ڏيندا آهيون.“ عجيب منطق آهي! احمد نديم قاسمي، احمد فراز ۽ ٻين ڪيترن ئي زنده اردو اديبن تي هندستان ۽ پاڪستان ۾ ريسرچ هلي رهي آهي ۽ شاگردن کي پي ايڇ ڊي جون ڊگريون ڏنيون پيون وڃن، پر سنڌ ۾ اهو ڪم ممنوع آهي. زنده ليکڪ تي پي ايڇ ڊي ڪرڻ ۾ شاگرد کي وڏي ۾ وڏو ايڊوانٽيج خود ليکڪ جي روبرو، لاڙن ۽ نظرين بابت جيڪا معلومات اوهان کي خود ليکڪ ڏيندو تهڙي چارڻ يا معلومات ٻيو ڪو اوهان کي ڏئي نه سگهندو.

اهو چوڻ صحيح نه آهي ته جمال ابڙو متنازع ليکڪ نه هو يا غير متنازع ليکڪ هو. اهو قطعي غلط آهي. معاشري ۾ پنهنجي دور کي ڊونڊاڙي ڇڏڻ واري ڪنهن به وڏي ليکڪ وانگر جمال ابڙو متنازع ليکڪ هو. معاشري جي منفي قوتن سان ڊويدو ٽيڻ، ۽ پنهنجي بيپناهه ذات سان منفي قوتن جي قلعن ۾ ڏار وجهڻ ۽ ترٽلو مچائڻ وارو ليکڪ غير متنازع نه هوندو آهي. جيڪڏهن ائين هجي ها ته پوءِ جوانيءَ ۾ جمال تي ڪافر، دهريي، ۽ ڪميونسٽ هئڻ جا الزام نه لڳن ها. اصل ۾ جمال ابڙو ئي هو جنهن جهڙن لاءِ سچل سرمست اشارو ڏيئي ڇڏيو آهي:

ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي،
آئون جو ئي آهيان، سو ئي آهيان.

Gul Hayat Institute

# در پوتبا تا وجن!

## قمر شهباز

در پوتبا تا وجن.
علم جا، ادب جا، ڏاهپ جا، سهپ جا، سوچ جا، سمجهہ جا.
در پوتبا تا وجن.
ان دور جا، جڏهن ادب عبادت هو بغاوت هو ساهہ هو چاهہ هو.
در پوتبا تا وجن.
تحريڪن جا، تحريرن جا، تقريرن جا، تعبيرن جا، تفسيرن جا.
ها، در پوتبا تا وجن.

هر ان اهڃاڻ جا جو سنڌ جو ماضي هو ۽ حال تي نہ سگهيو. ان سوجهري جا، جنهن جي سونهري ڪرڻن مان اجرو آئندو اپرڻو هو ۽ نازڪ نينهن نسرڻو هو.

ان خواب جا، جنهن جي آس تي مجبور محڪوم ۽ محروم سنڌي وجود جي آخري ويڙهہ جا سانباها ڪري رهيا هئا.

ان خوشبو جا، جنهن پنهنجي سڳنڌ سان واهڻ وستيون واسي ڇڏيا هئا.

جمال ابڙو تہ پنهنجين لکڻين ۾ هميشہ زنده رهندو پر سندس وجود جو احساس ويندو رهيو. وينديءَ رهي اها خاموشي، جا ڳالهائيندي هئي. ويندي رهيون اهي ڪهاڻيون، جيڪي اڻ ڇپون، اڻ ڇپيون، اڻ ڇهيون رهجي ويون ۽ ويندي رهي اها مرڪ، جا هر آئي جو آڌرڀاءُ ڪندي هئي ۽ ننڍي کي ننڍو رهڻ نہ ڏيندي هئي ۽ ڏاڙهي کي پل ۾ پنهنجو ڪرڻ جو هنر ڄاڻندي هئي، ۽ ويندو رهيو اهو ٻاجهارو آواز جو آڏيءَ مانجهيءَ شفقت جي هٿ جيان پنهنجي پناهہ ۾ وٺڻ جو گر ڄاڻندو هو.

گذريل چند سالن ۾ ڇا ڇا وڃايو اٿئون، ان جو ڪو پوتاميل بہ آهي ڪنهن سنڌ جي سڄڻ وٽ؟ ڪا بيلنس شيٽ جڙي آهي ڪنهن سياڻي جي سيني ۾؟ فائدي ۽ نقصان جي ٻن خانن وارو بهي کاتو کليو آهي ڪنهن بورڊ، ڪنهن سنگت، ڪنهن اتارتيءَ جي دفتر ۾؟

اياز کان وٺي جمال تائين رڳو ڏاها تہ نہ وڃايا اٿئون. شعر ۽ ڪهاڻيءَ جا

امامَ تہ نہ هليا ويا آهن اسان منجهان. نياز نئڙت، ذات ۾ لات جا ڏٽي تہ نہ منهن موڙي ويا آهن اسان کان. صرف ماٺهو ۾ نالا ۾ پاڇا ۾ پڙلاءَ نہ اوجهل ٿيا آهن اکين کان. ان کان بہ گهڻو ڪجهہ وڏيڪ کسجي ويو آهي. هن اپاڳي قوم کان گذريل چند سالن ۾.

پنهنجو پاڻ ۾ وشواس وڃايو اٿئون. ذاتي انا ۾ عزت وڃائي اٿئون. ڪنڌ ڪٽي جيئڻ جي جرئت وڃائي اٿئون ۽ مرڪي ساهہ ڏيڻ جو ساهس وڃايو اٿئون، ۽ ڏک جهڙي ڳالهہ آهي تہ اسان اڄ بہ انهن سينې محرومين کان اڻ ڄاڻ آهيون. ڪوڙ ڪپت، لاڦ ٻٽاڪ، گارگند، لوڀ لالچ ۾ مان ۾ مان ڪاهي پئي آهي ان قوم ۾ جنهن لطيف جي اڱڻ ۾ بيهي سنڌ لاءِ جيئڻ ۾ مرڻ جو وچن ڏنو هو. جنهن ايثار ۾ قربانيءَ جا اعليٰ مثال قائم ڪيا هئا. جنهن وطن خاطر ويڙهاند کي عبادت ڪوٺيو هو. جنهن جي ادب جي سنجيدگي لوپيءَ ۾ پيالو بنجي کُٽي هئي. جن جي اعتماد آڏو ڊڪٽيٽرن جا چيهہ ڇڄي پيا هئا. جن جي وفاداريءَ تي فرشتا بہ رشڪ ڪندا هئا.

اهي سڀ در پوتجي ويا. جيڪي بچيا آهن، سي بہ آيا ڪي آيا.

پر پهريون جمال جو ماتم جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي خالق جو ماتم پياري، مهربان، ٻاجهاري قلمڪار جو ماتم جو ڪلهہ هئو اڄ ناهي. جنهن جي وڃڻ جو پڙ ورهن کان هانءَ ۾ هُرندو رهندو هو ۽ جڏهن ملندو هو تہ لڳندو هو تہ جيءَ پري ڪيس ڏسي ونجي. پيهر شايد اهو سايو سلامت نہ رهي.

فون ڪري پڇندو هو "گدڙ جا ڪهڙا حال آهن؟"

امر جليل کي "گدڙ" سڏيندو هو سندس ڪهاڻيءَ 'اسلام آباد ۾ هڪ گدڙ' جي حوالي سان چوندو هو "شهباز اڪيلو ٿي پيو آهيان، ڪڏهن تہ پڇندو ڪر!"

مون کي هميشہ شهباز ڪوٺيندو هو.

هڪ پيري ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي روحانيت تي بحث ڪيائين. مون چپ ڪري ويٺي ٻڌو. موڪلائڻ وقت چيائين، "شهباز توکان وڌو ڪوڙو مون دنيا ۾ ڪو نہ ڏٺو!"

مان هڪو ٻڪو ٿي ويس. دل ۾ سوچيم تہ مون اهڙي ڪهڙي ڳالهہ ڪري وڌي جنهن تي جمال سائينءَ هي جملو چيو.

پاڻ ئي کلندي چيائين، "توکي سڀ خبر آهي، پر چوڻ نہ ٿو چاهين!"

اياز جو ديوانو هو سندس ڳالهيون ڪندي نہ ٿڪبو هو. بيماريءَ ۾ ساڻس ملڻ ضرور ويندو هو. اياز گذاري ويو تہ جمال سائين بہ وياڪل رهڻ لڳو. هڪ ڏينهن چيائين، "اياز جي انا جوانيءَ ۾ اهو چوڻ نہ ڏنس، جيڪو پڇاڙيءَ ۾ چوڻ جي موت مهلت نہ ڏنس!"

بدر جو عاشق هو. پٽ جون ڳالهيون ائين ڪندو هو ڄڻ پنهنجي ننڍپڻ جا

ڇاوا هٽائيندو هجي. هڪ دفعي ڏاڍي اداس لهجي ۾ چيائين، ”منهنجو سين کان ٽيلينٽيڊ پٽ، سين کان بدنصيب پڻ آهي. ڪنهن جو پٽ پنهنجو پاڻ کيُ ايڏي سزا نہ ڏني هوندي، جيڏي بدر پاڻ کي ڏني آهي!“

ڏيءَ شاهده ۾ تہ ڇڻ ساهہ هئس. گهر واريءَ جي جدائيءَ کان پوءِ تہ ويتر پنهنجو سمورو پيار ان نياڻيءَ تي نڇاور ڪري ڇڏيائين. آخري پساهہ بہ سندس ئي ير ۾ پورا ڪيائين. اڪثر پنهنجي ان نياڻيءَ جو ذڪر ڪندو رهندو هو.

آواري هوٽل ۾ ڪو فنڪشن هو. مان جمال سائين جي ير ۾ متي اسٽيج تي ويٺل هئس. پڇيو مانس، ”ڪنهن سان آيا آهيو؟ “

سامهون بدر ۽ پنهنجي نياڻيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيائين، ”منهنجا بہ پٽ نٿو ڏسين؟“

اهڙو پيارو ماڻهو سچو ۽ کرو ماڻهو نهنو ۽ نماڻو ماڻهو اسان مان اٿي ويو هليو. رسمي جمال، افسوس، تعزيت ۽ عذر خواهيون، ان کوٽ کي ڪيئن پري سگهنديون جيڪا جمال ابڙي جي جدائيءَ هميشہ لاءِ اسان جي ليکي ۾ لکي ڇڏي؟

تڏهن اونداهيءَ جو احساس گهرو ٿي ويجي، ۽ اباڻڪائي الڪو بنجي من تي ڇائنجي ٿي ويجي ۽ سياڻي جو سورج دور تائين ڪٿي نظر نٿو اچي ۽ بند دروازن جي پويان چرڪائيندڙ خاموشي آهي ۽ جيڪي رهجي ويا آهن. سي بہ ڪنهن گهڙيءَ اوچتو هوا جي جهوٽي سان بند ٿي ويندا. پر ان کان اڳ رات ڪٽڻ ۽ پرهہ ڦٽڻ جي وچ ڏاري، ٽي ايس ايليٽ جي بار ٽينڊر جو آواز گونجي ٿو.

Hurry up please it is time!

”جلدي ڪيو. ميخاني بند ٿيڻ جو وقت ٿي ويو آهي.“

Gul Hayat Institute

# اسان جو مدبر يار

## عثمان بلوچ

پنهنجي مدبر يار جمال ابڙو صاحب جي باري ۾ ڪجهہ لکڻ کان اڳ آءٌ پاڻ کان ضد چڏائڻ جي ڪشمڪش ۾ آهيان. هيءَ ڪيفيت مون سان اڪثر ٿيندي آهي جڏهن بہ ڪو اهڙو موقعو اچي جو توهان هڪ دوست هڪ محسن ڪنهن مائٽ يا مهربان ۽ خاص ڪري ان شخص متعلق ڳالهايو جيڪو توهان کان جدا ٿي ويو هجي ۽ جدائي بہ حقيقي ابدي قدرت جي قانون مطابق هجي. هي ڪيفيت فقط ان وچوڙي ۾ محسوس ڪبي آهي جڏهن لاڏاڻي واري شخصيت توهان سان ذهني آهنگي ۽ محسوس ڳُن انداز ۾ گهڻن ئي معاملن ۾ ساڳي سوچ ۽ احساس جو ساٿي هجي. ملاقاتون ۽ موڪلاڻيون تہ ٿينديون رهنديون آهن پر هڙهڙي موڪلاڻي جيڪا جمال ابڙو ۽ عبدالله ميمڻ ڪري ويا. ان موڪلاڻيءَ ۾ خوشيءَ جدائي جو ڏک سرور ۽ خاموشي ئي آهي.

جمال مون کان ۽ منهنجن دوستن کان علم ۾، عقل چاڻ ۾، تدبر ۾، صبر ۾، ۽ عمر ۾ وڏو هو ۽ ان ۾ ڪا بہ حيرت جي ڳالهہ ڪانهي تہ هن اسان کي ڪڏهن بہ ان جو احساس ٿيڻ ئي نہ ڏنو. هر شخص جي دوستيءَ جا دائرا مختلف هوندا آهن ۽ منهنجي خيال ۾ مختلف دوستيءَ جي دائرن ۾ رهڻ وارو شخص ئي هن هيبت ناڪ حقيقتن جي پيڙا ۽ ان جي نتيجي ۾ ڊپريشن يا ترڪ زندگيءَ کان بچندو آهي. جمال جو اديب دوستن جو دائرو هو. وري عبد الله ميمڻ، جمال، قادر ابڙو ۽ ڪجهہ ٻين دوستن جو حساس ڪامورن وارو دائرو هو گُل جو 'ادا گل' آهي، مُوسو مشتاق، فيروز ۽ آءٌ وري عبدالله، قادر ۽ جمال جي محفلن جا ميمبر هئاسين. مطلب تہ هي اسان جو هڪ ٽولو هو. اسان پنهنجي منفرد انداز ۾ اهڙيون تہ گڏجاڻيون ڪندا هئاسين جو هر ملاقات جي پڄاڻيءَ تي جڏهن موڪلائيندا هئاسين تہ ضرور ٻئي ڏينهن بلڪ ڪيئي ڏينهن تائين ان اثر ۾ رهندا هئاسين. انهن ملاقاتن ۾ ڪنهن جي گلا نہ هوندي هئي. سنگت، سماج، انسانيت ۽ انسان جو هن معاشري ۾ ارتقا، سياست ۽ سياست جو رخ، ڪامورا شاهي ان جو تنظيمي ڍانچو ان جي اهميت، سياسي ۽ ڪامورا شاهي شخصيتن جي خامين ۽ خوبين



Gul Hayat Institute

جو ذڪر ڪڏهن ادب ۽ ادبي لاڙا ۽ وري معاشري ۾ حساس ٿيڻ ۽ بي حسي جا ڪارڻ. الله الله! جمال ابڙي ڪان سواءِ يا عبدالله ۽ قادر ڪان سواءِ اسان وٽ يا اسان مان ڪنهن وٽ به نه ڪا ڏگري هئي ۽ نه ئي وري ڪو اهڙو ماضي هو ۽ اسان هن معاشري جا عام ماڻهو انهن احساسن ۽ خيالن ۾ هڪ ٻئي سان هڪجهڙائي رکندي سنگت واري سات ۾ ٻڌل هئاسين.

جمال جو نالو مون ٻڌو هئو پر منهنجي يادگيريءَ مطابق ايوب جي آمريت جي دٻدٻي کي چيلنج ڪرڻ واري معاشري جي مزدورن واري بار جو آءٌ ميمبر هئس. ۽ هيءُ 1965ع واري جنگ ڪانپوءِ 1968ع جي ڪراچيءَ جي اولڊ ڪلفٽن جي شامن جو ذڪر آهي جو ڪراچيءَ جا ڪجهه ماڻهو سنگت جي ٽولن سان اتي اچي ملندا هئا. ڪراچيءَ جون هوائون، ڪلفٽن کي قديم سنڌي 'هوا بندر'چوندا هئا. ان جو احساس انهن مختلف ٽولن جو هر شخص پنهنجي بي تڪلفي، ذهني آزادي، مسرور شامن جو احساس چٽا، پٽاٽا، ڪباب ۽ پان کائڻ ڪان پوءِ رات جو تقريبن ٻارهين تائين ان علائقي کي هوٽل ۽ بيرن جي حوالي ڪرڻ جي ريت ۾ آءٌ ڪڏهن ڪڏهن گڏ هوندو هئس. مون کي جمال جي سرڪاري نوڪري ۽ ادبي حيثيت جو احساس هو ۽ منهنجي ڪراچي گيس واري نوڪري ۽ مزدورن جي معاشري ۾ ڪردار جو هن کي احساس هو. ان زماني ۾ جمال باٿ آئي ليند ۾ رهندو هو. اسان جي ملاقات جو محرڪ اهي گڏجاڻيون هيون جن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ عبدالله ميمڻ ڪردار ادا ڪيو هو. منهنجي ۽ عبدالله جي ملاقات باقاعدگيءَ سان ته هاءِ ڪورٽ جي ملازمت دوران ٿي پر ان ڪان اڳي اهو سلسلو ان وقت شروع ٿيو جڏهن برنس روڊ گارڊن ايسٽ تي عبدالله رضا علي ڪاليج ۾ داخلا ورتي هئي.

سنگت جي ان ميڙ ۾ جمال مون سان جلد ئي ويجهو ٿي ويو. ان جو ڪارڻ هڪ حساس فرد ڪان علاوه ترقي پسند اديب هئڻ سمجهان ٿو.

ملاقاتن جو ايڪڙ ٻيڪڙ ٽٽل ڦٽل طريقو وري ان وقت ختم ٿي ويو جڏهن آءٌ جيل موڪليو ويس، ڪراچي ۽ پوءِ وري ساهيوال جيل ۽ ون يونٽ ٽٽڻ ڪان پوءِ سکر جيل مان باقي سزا جو حصو پورو ڪري آءٌ آزاد ٿيس. تنظيمي ملاقاتن ڪان پوءِ آءٌ هر وقت ان ڪوشش ۾ هوندو هئس ته انهن يارن سان بي تڪلفي واري محفل ۾ ڪو وقت گذاريان. هنن کي ته بظاهر ڪا به جهجهڪ نه هوندي هئي پر مون کي مزدورن ۾ ۽ وري مزدورن جي ڪري ڪابي ڊر جي سياسي لاڙن جي ڪري پاڻ پرو احساس هوندو هو ۽ ان احساس ڪري آءٌ بچ بچاءُ جي اُپائن تحت ملاقات ڪندو هئس. جيل جي آزاديءَ ڪان پوءِ منهنجي ملاقات وري قادر ابڙي جي سنڌي مسلم سوسائٽي واري گهر ۾ ٿي. ۽ جيئن ته ان ملاقات ۾ اسان جمال ۽ آءٌ هڪ ٻئي سان ويجهڙائي ۾ ويناسين. محفل جو رنگ ۽ جمال جا سوال مزدور تنظيم، سياست، جيل، ملڪي سياست معاشري ۾ اٿل پٿل مطلب ته ان محفل جي



Gul Hayat Institute

موڪلاڻيءَ کان پوءِ مون کي احساس ٿيو تہ ذاتي دوستي کان علاوه بہ اسان جو ذهني هم آهنگيءَ جو ساٿ آهي، توڙي اهو ساٿ تنظيمي نہ هجي ۽ ٿيو بہ ائين. مون کي احساس آهي تہ هنن دوستن سان منهنجي ذاتي دوستي پنهنجي ارتقائي عمل ۾ ذهني هم آهنگيءَ جي درجي جو بہ عنصر رکي ٿي، منهنجي لاءِ وڏي دلي احساس جو ڪارڻ بڻجي وئي. انهن ملاقاتن مان مون کي خبر پئي تہ جمال تي اثر جمال جي وڏي پاءُ جي شخصيت جو گهڻي حد تائين هو. ۽ آءٌ پنهنجي پر ۾ ڪافي ذميداريءَ سان ٿو چوان تہ جمال ڪميونسٽ نہ هو پر لاڙڪاڻي ۾ ڪميونسٽ ۾ ان لاڙي تي خوشي هئي. سندس ان سوچ حساس ۽ انسان دوستيءَ واري پهلوءَ کان سندس گهرواريءَ جي ڪردار کي ڪنهن بہ قيمت تي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي ۽ ان جو عملي ثبوت بدر ابڙي سندن فرزند تي ضياءُ الحق آمريت واري زماني ۾ مڙهيل ڪيس ۽ اسان جي پاپيءَ جو نہ فقط بدر پر بدر سان گڏ ڄام ساقي ۽ ٻين ساٿين سان شفقت سان پيش اچڻ ۽ ڪين جيل کان ٻاهر جي خبر چار کان آگاه رکڻ جي نتيجي ۾ روسي ليکڪ گورڪيءَ جي ناول 'ماءُ' واري ڪردار سان مشابهت ملڻ، ان حقيقت جو ثبوت آهي تہ جمال پنهنجي گهر واريءَ سان ڪيتري ذهني هم آهنگي رکندو هو. مون سان حال احوال ۾ جمال اهو واضح ڪيو تہ سنڌي لغت ۾ جڏهن عورت ۽ خاص ڪري گهر واريءَ کي رن ڪوٺڻ وارن کي سندن ذهني پستيءَ ۾ ڏسڻ ضروري آهي. گهر واريءَ کي عزت احترام جي خاص لفظن ۾ ياد ڪرڻ معاشري ۾ بلنديءَ جو ثبوت آهي ۽ منهنجي خيال ۾ هو پاپيءَ کي اڪثر 'سرڪار'، 'سائين' ڪري سڏيندو هو.

حيدر بخش جتوئي، قاضي فيض محمد، نواب شاه واري مولوي عبدالحق، سڪرنڊ واري علامہ قاسمي لاءِ ڪيس وڏي عزت ۽ احترام هو. انهن شخصيتن جو مون تي وڏو اثر آهي. قاضي فيض محمد صاحب سان هاءِ ڪورٽ واري زماني ۾، معزز مولوي عبدالحق سان سکر جيل ۾ مون وقت گذاريو آهي. مولوي عبدالحق مرحوم واري علائقي ۾ سني شيعہ فرقن ۾ ٽڪراءَ کان بچائڻ ۾ جمال صاحب جي سرڪاري حيثيت ۾ ميٽنگ ۾ مولوي صاحب جي ڪردار ڪري معاشرو ڪيتري وڏي ٽڪراءَ کان بچي ويو؟ ان جي تعريف ان ڪري جمال صاحب ڪندو هيو جو وري ڪڏهن بہ مولوي صاحب نہ پنهنجي ذاتي فائدي يا ان آڙ ۾ ڪنهن ٻئي مفاد لاءِ يا پنهنجي اهميت وڌائڻ جو ڪو موقعو حاصل ڪيو. جنهن جو رواج اڄ ڪلهہ عام جام آهي.

قائد اعظم محمد علي جناح سان پنهنجي ملاقات جو اڪثر ذڪر ڪندو هيو. جڏهن تہ هو خاڪساري سياست مان اپريو ۽ جڏهن هن علامہ مشرقيءَ سان لاهور ۾ ملاقات ڪئي تہ علامہ صاحب جي خاڪساريءَ ۽ بنا ڏيک ڏيکاءَ جي رويي هن تي جيڪو اثر ڪيو ان جو بيان جمال صاحب جي ذاتي زندگيءَ جو



Gul Hayat Institute

مظهر هيو.

پر قائد اعظم جا 14 پوائنٽ. جمهوريت ۾ اقليت جو اصولي خيال، پنتي پيل علائقن جي ترقي ۽ فيڊرل سسٽم حڪومت جو پاڪستان جي نهڻ ۾ ڪيترا محرڪ هئا ۽ وري هندو ناٽي وارن جون ممبئي (موم ٻائي) (جنهن کي جمال صاحب پراڻي انداز ۾ ’بامب بي‘ چوندو هو) ۾ ڪوٺيون ۽ هندو خوش حال شخصيت ۽ مڊل ڪلاسن جو سنڌ کي بمبئي کان جدا ڪرڻ تي اعتراض کي ڪنهن بہ قيمت تي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. جمال صاحب شاگرديءَ جي زماني ۾ قائد اعظم سان ملاقات ۾ پنهنجي اعتراضن ۽ اهڃاڻن خدشن کان آگاهہ ڪيو ۽ انهن اهڃاڻن جي جواب ۾ قائد اعظم کين چيو تہ توهان نوجوان آهيو ۽ توهان جي انهن اعتراضن جو خيال رکيو ويندو يا شايد ائين چيو تہ اهي اعتراض ختم ٿي ويندا ۽ ڪم ڪريو.

جي ايم سيد صاحب جي نوجوانيءَ جي سياست تي ڳالهائيندي سنڌس هندستان جي دوري تي پاڪستان جي سياست جي ذڪر جيٺ ملاٽيءَ جي جي ايم سيد سان ملاقات کان انڪار ۽ آڏواڻي جو R.S.S ۾ پاڪستان خلاف غير سياسي ۽ ذاتي سبب جو ذڪر قابل غور رهيو. جمال ابڙو تاريخ ۽ تاريخ ۾ سنڌ جي تاريخ، صوفياءَ جو ڪردار ۽ عالمي سياست ۾ حادثن تي وڏي نظر هئي. مثلاً اڪبر شهنشاهہ هئڻ جي باوجود سليم چشتيءَ جي مقبري تي اجمير جي گرميءَ ۾ پيرين اگهاڙو حاضري ڏيندو هو. ان حاضريءَ جي نتيجي ۾ سندس اعتقاد مطابق جو پٽ پيدا ٿيو تنهن جو نالو بہ سليم رکيائين. ان زماني ۾ جيڪي مذهبي عالم هئا تن سان ملاقات ڪيائين پر انهن ملاقاتن جو ڪهڙو نتيجو نڪتو؟ انهن عالمن جو رويو ڪهڙو هيو؟ سو ڪڏهن بہ زير بحث نہ آيو. انگريز جي طاقت تمام گهٽي هئي هندستان پاڪستان ۽ ايشيا آفريڪا ۾ برٽش ڪالونيون آزاد ٿيون انهن ڪالونين ۽ ملڪن ۾ آزاديءَ جي تحريڪن جو ايترو اثر نہ هيو جيترو هٽلر جي جائز ناجائز جلد بازي ۽ ٻين ڪيترن سببن جي ڪري 1939—45 واري جنگ انگريز کي ڪمزور ڪري ڇڏيو جو هو ايترن ملڪن تي پنهنجي حاڪميت برقرار رکي نہ سگهي. ۽ انهن ملڪن جي آزاديءَ ۾ ۽ آزاديءَ کان پوءِ جيئن پوءِ تئين مايوسيءَ جو فيڪٽر ثابت ٿو ڪري تحريڪ آزاديءَ جو ايترو اهم ڪردار نہ آهي جيترو جنگ جي ڪري برطانيہ جي ڪمزوريءَ جو ڪردار آهي.

جمال صاحب روس جي دوري تي هڪ ڊيليگيشن جو ميمبر ٿي ويو. جنهن جو ليڊر فيض احمد فيض هو. ان دوري جو ذڪر ڪندي جمال ٻڌايو تہ ”اسلامي رياستن جي دوري تي ماسڪو مان اسان تاشقند وياسين. تاشقند ۾ ڪنهن مسجد ۾ نماز جي ادائگي کان پوءِ گهمندي گهمندي، ڪنهن چونڪ تي آرام لاءِ ٿورو ترسڻ دوران اتي ويٺل ڪنهن شخص کي ڏسي ويهڻ جي اجازت لاءِ ’اسلام

عليڪم‘ چيم ۽ هو ماڻهو اٿي هليو ويو.“ مون پڇيو تہ ان اٽڻ مان توهان ڪهڙو مطلب ڪڍيو؟ جمال صاحب چيو تہ ”ان جو مطلب هو تہ سياسي ڊيليگيشن ۽ پاڙي تي موڪليل ماڻهو وڏن هوٽلن ۾ رهن، سرڪاري ڪامورن ۽ ليڊرن سان ملن، رڳو ان ميڙ ۾ وڃن جن جو اهتمام حڪومت ڪري، عوام کان پري رهن. ان ۾ چڱائي آهي. سندن دورو بنيادي طور تي فقط ‘پروپيگنڊا ويليو’ تو رکي بس! ان مان بي اميد ڪهڙي؟ ضيا الحق جي زماني ۾ فيض احمد فيض صاحب لبنان ۾ ان ڪان پوءِ ملڪ کان ٻاهر رهڻ تي مجبور هو.“ فيض صاحب جي غريب الوطني جو احساس جمال صاحب کي ڪافي هيو. ان ملڪ جي مستقبل جو ڇا ٿيندو جنهن جا شاعر ۽ اديب غريب الوطنيءَ تي مجبور ٿين؟ اها سوچ جمال صاحب لاءِ هڪ پيانڪ ۽ بي حسي جي انتها جي نشاني هئي. جمال صاحب کي مير برادران لاءِ خاص ڪري مير علي احمد ٽالپر ۽ مير رسول بخش ٽالپر لاءِ ٻين ميرن جي مقابلي ۾ تمام بالا عزت هئي. مير علي احمد ٽالپر صاحب علم دوست هيو تہ هن جي عزت ۽ احترام وڌيو ۽ فيض احمد فيض صاحب کي آڻڻ ۾ علي احمد صاحب جي علم دوستي ۽ سنڌي شان ۾ عظيم اهميت جو ڪردار ادا ڪرڻ ليکيو. پر اهو افسوس ظاهر ڪندو رهندو هيو تہ نہ ترقي پسند شاعرن اديبن ڪو ڪردار ادا ڪيو نہ اهڙي هستيءَ کي گهرائڻ لاءِ ملڪ جي سپريم ڪورٽ ‘سوئو موٽو’ اختيار عمل ۾ آندو ۽ نہ اهل علم ڪو ڪردار ادا ڪيو. سو جڏهن ڪنهن بہ معاشري ۾ تحريڪون، عدالتون ۽ اهل علم بي حس ٿين، انهن جو مستقبل پيانڪ هوندو آهي. شايد انهن سببن جي ڪري جمال ابڙو کي قدر (introverted) ٿي ويو ۽ اها ڪيفيت جمال جي اچا وڏي وئي جڏهن سنڌس جيون ساٿي لاڏاڻو ڪري وئي، ۽ پوءِ سندس دوست جو اسان جو بہ محترم هو شيخ اياز جو هن سان شامن جو وقت گذاريندو هو ان بہ لاڏاڻو ڪيو. هي ٻئي ڪلفٽن برج جي پرسان فليٽن واري علائقي ۾ هڪ فليٽ ۾ جتي شيخ اياز مرحوم رهائش پذير هو. شام يا صبح جو بيٺڪ ڪندا هئا.

سندن موضوع سنڌي سماج، ڄامشورو يونيورسٽيءَ ۾ غير تدريسي لاڙو اسان جي سماج ۾ غير رواداري، جنهن ۾ شيخ صاحب جي vice chancellor حيثيت کي ننڍڻ، ڊاڪٽر مبارڪ علي کي مجبور ڪرڻ تہ هو يونيورسٽي مان لڏي وڃي، وغيره هئا. ۽ انهن سڀني حقيقتن جي باوجود اهو احساس تہ قومون پنهنجي تمام وڏي نقصان کان پوءِ اها اهليت رکن ٿيون تہ سوڀاريون ٿين. شيخ اياز ۽ جمال ٻئي اهو يقين رکندا هئا تہ اهو ڏينهن ضرور ايندو پر ان کان اڳ هي ملڪ جنهن جون روايتون پنهنجون آهن، الائي ڇا ڇا ڏسندو! جڏهن سچ ۽ انسان دوستيءَ جا رستا بند ٿي وڃن ٿا. اياز ۽ جمال جا مؤثر رابندرناٿ ٽيگور شاه عنايت، ڀڳت ڪبير، بيدل بيڪس، ماڌو لال حسين، بلي شاهہ، بابا فريد، سچل سرمست، شاهہ

Gul Hayat Institute

پٺتائي آهن ۽ هي هستيون عوام کي اٿارين ٿيون ميلو مچي ٿو ۽ سچي ڪينواس تي عوام جو رنگ اُجاگر ٿئي ٿو ۽ انساني تاريخ ۾ اهڙا جولان ايندا آهن جڏهن عوام پابنديون ٽوڙي 'ان الحق' جو نعرو بلند ڪن.

جمال! آءٌ پنهنجي ۽ يا تنهنجي دوستن سان توکي انهن ئي هستين جي محفل ۾ ڏسان ٿو تون پنهنجي زندگيءَ ۾ بي داغ ۽ صبر واري سياسي سوچ سان وابستگي رکي. سماج ۾ لڪل ۽ پڙدي ۾ پوريل مسئلن تي پنهنجو قلم کنيو تون تعصب کان پاڪ معاشري جهنجوڙڻ جي همٿ رکي، دوستن جي شامن کي نئون رنگ ڏيڻ جي اهليت رکندو هئين ۽ محفل جي پڄاڻيءَ تي تنهنجو "ابي تو مين جوان هون" ڳائي حفيظ جالنڌريءَ جي ان حسين ۽ زنده شاعريءَ کان انڪار تي افسوس جو اظهار ثابت ڪندو هو ته بي حس معاشري ۾ حقيقت قلندرن يا مجذوبن جي وراثت ٿي ويندي، جو ته معاشرو زندهہ انسانن جو قبرستان ٿي ويندو آهي. پر آخر ڪيستائين؟ هڪ دفعي M.R. Kiyani جي ڪتاب Not the whole truth افڪار پريشان جو ذڪر آيو. سندس خيال هو ته نه فقط ننڍي کنڊ ۾ پر سڄيءَ دنيا ۾ سچ کي لڪائڻ يا وري اڌ سچ ظاهر ڪرڻ جي روايت رهي آهي ته جيئن انساني سوچ ۽ معاشري جا لاڙا بلڪل منتشر رهن. اڪبر جو 'دين الاهي' به ان اڌ سچ جو شڪار رهيو آهي. ان ڳالهہ تي مون جڏهن غور ڪيو ۽ مطالعي جي ضرورت محسوس ڪئي ته خبر پئي ته سوچي سمجهي رٿ مطابق نه ته هندو ۽ مسلمان عالمن عوام ۾ اهو مونجهارو پيدا ڪيو آهي. اڪبر کي تخت جي وارثيءَ لاءِ پٽ جي اولاد جي ڳڻتي هئي. هن مهاراڻي جوڌا ٻائيءَ کي سيلم چشتيءَ جي در تي حاضريءَ لاءِ موڪليو سليم چشتي رضہ عليہ اجمير شريف ۾ ڪنهن به هندو مريد کي مسلمان ٿيڻ تي زور نہ ڀريو هو. پر سندس مسلمانن تي پاڪيزگي ۽ اخلاق غير مسلم آباديءَ کي ڪافي متاثر ڪيو. شهنشاهہ اڪبر فتح پور سِڪري ۾ سليم چشتي رضہ جو ان وقت تائين گذاري ويو وڏو عباد خانو تعمير ڪرايو ۽ ان عباد خاني ۾ روحاني بحث ۽ اخلاقي قدرن تي بحث اهتمام ڪرايو. ان زماني ۾ ٻہ مقتدر هستيون هيون، هڪ صاحب شير شاهہ سوريءَ جي زماني کان حاڪمن جي محفلن ۾ ديني حيثيت رکندو هو تنهن جو نالو مخدوم الملڪ هو ۽ ٻي صاحب جو نالو شيخ عبدالنبي هو. شيخ عبدالنبي 'صدر صدور' جي لقب سان سڃاتو ويندو هو ۽ سندس والد محترم به هڪ وڏي اسلامي بزرگ هستي هئا پر ڪيس راڳن جي محفلن جو احترام هيو. جا دهلي آگري ۽ اجمير ۾ امير خسرو جي روايتن جي وارثي هئي. انهن ادبي ۽ روحاني مسئلن تي بحث جو رخ آهستہ آهستہ ذاتي تنقيد ۽ وڏائي جو اختيار ڪري ويو. مخدوم ملڪ جي تنقيد شيخ عبدالنبي جي خاندان تائين سندس والد محترم تائين وڃڻ لڳي. عبدالنبي انسان دوست خدا پرست ۽ پاڪ صاف شخصيت جو مالڪ هو پر سندس پوٺلڳ دنياوي لالچ

جا مالڪ هئا. عبدالنبيءَ جي مقابلي ۾ مخدوم الملڪ ٻن روپن جو مالڪ هو سندس موت کان پوءِ هن جي ملڪيت ان وقت جي اندازي مطابق ٽيهه لک جاري سڪو ۽ سون، هيرن، جواهرن جي ملڪيت آهي. ان بحث ۾ ذاتي تنقيد اڪبر بادشاه کي هڪ نئين راه ڏيکاري. نئون طريقو جيڪو روحاني طريقو هو پر ان کي نئين دين جو نالو ڏئي 'اڌ سچ' سان ايندڙ نسل ذهني پريشانيءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. صوفي مڪتب فڪر ۽ هندستان، گنگا جمنا ۽ سنڌو Sindhi world turally ۾ صوفي تحريڪن جي زور هڪ طرف ته حاڪميت ۽ شريعت جي پابنديءَ کي چيلنج ڪيو ۽ ٻئي پاسي انسان دوستي کي وڌائڻ ۾ صوفيا ڪرام جي وڏي شعوري جاکوڙ هئي. انهن هستين پنهنجي وجود کي ابدي وحدت بي پناهه مقناطيسي قوت سان حد بندين جي دائري ۾ آندو جتي انسان محبت امن ۽ آشتي جو پيغام پهچائي، اشرف المخلوقات جي نفرت واري سوچ کي تحليل ٿو ڪري.

جمال کي پنهنجي آخري زماني ۾ ٻڌايو ويو ته صوفيا اڪرام اسماعيلي پيرن جي گِنانن ۾ 'ابڙي' لفظ کي 'آبڙو' يعني هيٺو ڪمزور حليم طبع جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو ويو آهي، ته جمال جو تجسس اڃا به وڌي ويو. هن فيروز کي چيو ته گِنانن جا ڪيسٽ هٿ ڪري مدد ڪري ته ڪيس سنڌ جي علائقي ۽ ان سان گڏ ٻين ٻولين مسئلن هندي، ڍاٽڪي، سرائڪي ۽ گجراتي جي امتزاج ۽ سنڌي ٻولي رنگ کي ان زاويي کان ڏسي. ڪيسٽون مليون ۽ ابڙوير ڪري ويو.

(1) مرحوم جمال صاحب هڪ حساس شخص جي حيثيت جي ڪري قدرتي طور تي اڪثر ٻين جي مشاهداتي ڄاڻ مان به اضافو ڪرڻ جو قائل هو ۽ مون کان به منهنجي قيد و بند، هڪ جيل کان ٻئي جيل ڏانهن حاڪمن جي قيدين ۽ خاص ڪري سياسي قيدين جي بدلين ۽ ان دوران اذيت ۽ ذهني ڪيفيت جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪرڻ چاهيندو هو. آءٌ ڪوشش ڪندو هوس ته ان دوران جنهن تڪليف ۾ آءٌ رهيو هوس تنهن ذڪر کان بچندي، جيل ۾ انهن شخصيتن جو ذڪر ڪريان جن سان ڪجهه وقت مون گذاريو هو. ان سلسلي ۾ مون ساهيوال جيل کان سکر جيل بدليءَ جو ذڪر ڪيو ۽ اُتي مون سان گڏ ڪجهه ڏينهن لاءِ محترم مولوي عبدالحق نصر پور واري شخص جو ۽ ان جي شخصيت جو جنهن منهنجي فڪر تي جيڪو اثر ڇڏيو. جمال صاحب به مرحوم مولوي عبدالحق جي علم ۽ عمل، خيالات جي پاڪيزگي ۽ ساديگيءَ جي ڪري شيخ السنڌ جي نالي سان مشهور آهي هڪ واقعو ٻڌايو ته جمال صاحب ڪنهن وقت ۾ موجوده حيدرآباد ڊويزن ۾ مئجسٽريٽ جي عهدي تي فائز هئا ۽ ان دوران محرم الحرام جو مهينو آيو. اهل تشيع پنهنجي معمول مطابق محرم جو جلوس ان رستي تان ڪيڻ وارا هئا، جتي هڪ مسجد هئي. علائقي ۾ سني ۽ شيعه ڌرين ۾ سخت جذبات هئا ۽ ائڊمنسٽريشن لاءِ پريشانيءَ کان علاوه ٻنهي ڌرين جي جذبات جي ڪري وڏي

Gul Hayat Institute

جاني نقصان جو بہ انديشو هو. جمال صاحب فرمايو تہ هن معمول جي پروٽوڪول جي پرواهہ نہ ڪندي سڌو سنئون مولوي عبدالحق صاحب سان رابطو ڪيو ۽ کيس اهو ٻڌايائين تہ ”سني مسلڪ جي اڪثريت جي باوجود اهو انديشو آهي تہ نہ فقط عوام الناس جو جاني نقصان ٿيندو پر آئينده بہ نفرت هلندي رهندي. تہ ڇا مولوي صاحب ان انديشي باوجود پنهنجي جلوس کي ان رستي تان نہ وڃڻ جي اجازت ڏيڻ تي برقرار رهندو؟“ شيخ سنڌ محترم مولوي عبدالحق هڪ منٽ سوچڻ کان پوءِ جواب ڏنو تہ ”اسان کي اعتراض نہ آهي. ڀلي محرم جو جلوس لنگهي وڃي“. مذهبي رواداريءَ جي ان جذبي جي تعريف ڪندي جمال صاحب فرمايو تہ ”اهو جذبو ۽ عمل سنڌ کان ٻاهر مشڪل ملي.“ ... ۽ شايد ان جو اثر جمال صاحب جي شخصيت تي بہ ايترو هو جو جڏهن سنڌ ۾ سنڌي مهاجر ٽينشن پنهنجي عروج تي هو حيدرآباد مارڪيٽ فائرنگ کان پوءِ ڪراچيءَ جي سنڌي بلوچ آبادين تي ٿيل حملا ان وقت اخبارن جي هيڊ لائن جي زينت هئا. اردو ڳالهائيندڙ آبادي اذيت ناڪ صدمي مان مس نڪتي هئي. مون کي جمال صاحب پنهنجي گهر گهرايو هو. سندس رهائش گاه تي منهنجي پهچڻ کان اڳ مرحوم مون کان اڳي آيل پنهنجي هڪ مهمان سان تمام حليم انداز ۾ محو بحث هو جنهن جو تت هو تہ اڄ جو رويو سياڻي ويڇن کي وڌائيندو ۽ هن جو فرض آهي تہ اردو ڳالهائيندڙ فرد جي حيثيت ۾ هو ان ضرورت جو احساس ڪري. اهي ڪهڙا اُپاءَ وٺجن جن جي ڪري ويڇا گهٽجن؟ مون کي ياد ٿو پوي تہ بدر ابڙو سندن فرزند بہ ان نشست ۾ موجود هو. جنهن تي جمال صاحب جي ماٺيڻي طبيعت جون جهلڪيون ادبي ذوق واضع طور تي محسوس ڪبيون آهن. تنهن ٻڌايو تہ ان مهمان دوست جو نالو محمد علي هو.

جمال ابڙي صاحب جو رويو زندگيءَ جي هر پهلوءَ ۾ صوفي فڪر جي عڪاسي ڪندو هو جا حقيقت اسان سڀ دوست محسوس ڪندا هئاسين. پر ڪڏهن ڪڏهن ميڊيا جي اثر ۽ انساني روين تي ڪو بحث ٿيندو هو تہ جمال صاحب بلڪل ان جي حق ۾ هو تہ ٽي وي ۽ فلم جي اهميت انساني معاشري جي جوڙجڪ ۽ چاڙهہ ۾ واڌاري جو سبب رکي ٿي ۽ ان کي روڪڻ جهالت جي نشاني آهي.

انساني تاريخ ۽ قومي ڪلچر تي پنهنجن ادبي ذوق جي سنگت ۾ بحث يا خيالات جي ڏي وٺ دوران جڏهن اسان جي محفل ۾ پڇا تي ✿ — دفعو جميل جالبي صاحب جي محفل جو ذڪر ڪندي اسان کي ٻڌايائين ڪلچر جي وضاحت هن پنهنجي استاد صاحب ..........................

۽ تاريخي حادثن انهن جي اثرات جي ڏس ۾ جمال صاحب اڪثر صدر جو ذڪر ڪندو هو تہ هٽلر جي بي وقوفي ۽ متعصب سوچ ٻي عالمي جنگ هڪ اهڙو

حادثو هئي جنهن سڄي دنيا جو نقشو بدلي ڇڏيو ۽ محڪوم قومون جابر قومن کان آزادي وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيون.

جمال صاحب مرحوم، مون کي محسوس ٿيو ته گهرو شخص به هو ۽ ڪجهه اهڙيون به ڳالهيون رهيون جن کي راز ۾ رکندو هيو. مون کي ۽ منهنجي خيال ۾ ڪافي دوستن کي شيخ اياز جي ان خواهش جي خبر آهي ته مرحوم پاڻ کي ڪراچيءَ ۾ ساگر جي ڪناري دفن ڪرائڻ پسند ڪيو هيو پر شيخ صاحب جي لاڏاڻي کان پوءِ کيس ڀٽ شاهه ۾ دفنايو ويو. شيخ اياز جي خواهش کان انحراف جا سبب ڪهڙا هئا ۽ هي ڪنهن جو فيصلو هيو؟ مون جڏهن ڪائنس پڇيو ۽ اصرار ڪيو ته گهري خاموشي ۽ هاسڪاري خاموشي رهي، ۽ وري مون ان سلسلي ۾ پنهنجي چاڻ واضح ڪئي ته هاڪاري خاموشي. جنهن تي مون ۽ مون جهڙن ڪراچيءَ جي سنڌين جو سوال آهي ته اسان کي اسان جن حاڪمن پاڻ کي پاڻ چنيو سياسي ۽ سماجي لحاظ کان پوءِ ڏوراپا ڇاجا.

جمال ۽ شيخ اياز توهان جي خلوص، محبت سنگت محفلن جون يادگيريون رهنديون.

Gul Hayat Institute

# منهنجو يار، جمال ابڙو

## سراج

پاڻنجي ٿو ته حضرت عزرائيل عليہ السلام اسان جي دوستن جي دائري جا گهر ڏسي ورتا آهن. اسان جي ادبي دوستن جو دائرو بنهه ننڍڙو پتڪڙو هوندي بہ هن جي نظرن کان بچي نہ سگهيو آهي. اسان جي لڏي ۾ ابراهيم جويو شيخ اياز جمال ابڙو حفيظ شيخ، ع ق شيخ، غلام رباني، سوڀو گيانچنداڻي، پوهو مل، رشيد آخوند ۽ آءٌ هئاسون. انهن مان هر ڪو پنهنجي پنهنجي دائري ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ خاموشيءَ سان لڳندو رهيو! انهن سڀني کي دوستيءَ جي دائري ۾ آڻڻ لاءِ سڄي سگهه ابراهيم جويي صاحب مهيا ڪئي. جڏهن هو سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري هو ۽ ادبي بورڊ جو ته ماهي رسالو "مهراڻ" ڪڍڻ جو سانگو پنهنجي سر تي کنيائين. ادبي بورڊ جا سرجيندڙ سائين جي ايم سيد ۽ پير حسام الدين شاهه راشدي هئا. سائين جي ايم سيد، محمد ايوب کهڙي جي مخالفت جي باوجود سنڌي ادبي بورڊ قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. هن کي ان لاءِ وڏيون سياسي جنگيون وڙهڻيون پيون. 1954ع ڌاري سنڌي ادبي بورڊ قائم ٿيو ۽ جي ايم سيد جي زور پرڻ تي ابراهيم جويو سيڪريٽري جو عهدو سنڀالڻ تي راضي ٿيو ۽ پنهنجي هيڊماستريءَ جي پڪي نوڪري ڇڏي بورڊ جي ڪچي خانگي نوڪري قبول ڪيائين!

آءٌ ان وقت در در جا ڌڪا کائي رهيو هوس. ٽنڊي الهيار مان ماستري ڇڏي قسمت آزمائيءَ لاءِ حيدرآباد پهتو هوس. ڪن سببن جي ڪري اسان کي ٽنڊي جام مان لڏي حيدرآباد اچڻو پيو. بابا ويچارو ڪڏهن ٽنڊي جام تہ ڪڏهن ٽنڊي قيصر ۾ ماستري ڪندو رهيو سو بہ حيدرآباد اچي ويو. حيدرآباد شهر جي مسواڙ تي ايتري هئي جو بابا جو پگهار ان جي ٻلي تي ويو.

آءٌ ڪراچي جي اجگر کي منهن ڏيئي نہ سگهيس تہ حيدرآباد هليو آيس. هتي هتي نوڪري لاءِ جهوتون کائيندو رهيس. الله سائين رحمت ڪريس، ڏيپلائي صاحب پروف ريڊري لاءِ ڪجهه ڪم ڏنو. جڏهن منهنجي ڪم مان خوش ٿيو تہ مون کي بہ ڪتاب ترجمي لاءِ ڏنائين جيڪي پوءِ "چين ۾ هارين کي زمين ڪيئن ملي؟" ۽ "ڏکڻ مان ٿو سج ابري" جي نالي سان ڇپايائين. ڏيپلائي صاحب سنڌي ادب ۾ هڪ منفرد حيثيت ٿو رکي. هن کي پنهنجي پريس هئي

جيڪا ڪڏهن ’ڏيپلائي پريس‘ تہ ڪڏهن ’قرآن پريس‘ جي نالي سان مشهور ٿي. ڏيپلائي صاحب بنيادي طرح سوشل رفامر (سماج سڌارڪ) شخص هو. سنڌ جي ماڻهن کي پير پرستيءَ جي لعنت مان ڇڏرائڻ لاءِ هو ننڍا ننڍا چوپڙا لکي ڇپائي وي پي (V.P) ماڻهن کي موڪليندو هو. پير پرستيءَ خلاف هن جيڪو جهاد شروع ڪيو هو ان ڪري ماڻهو هٿو هٿ ڪتاب ڪٽي وٺندا هئا. جڏهن هن کي پيرن مارائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون تڏهن تہ هيڪاري اهي چوپڙيون ۽ وي پيون ماڻهون وٺڻ شروع ڪيون.

ڏيپلائي صاحب سنڌ جو هڪ وڏو ماڻهو هو. هو پاڻ بہ هڪ ادارو هو ۽ هن جي پنهنجي اداري سنڌي ماڻهن کي بدعتن ۽ بڇڙاين مان بچائڻ لاءِ وڏو ڪم ڪيو. جڏهن اسان جي لڏي سان لهہ وچڙ ۾ آيو تہ ننڍين ننڍين چوپڙين سان گڏ وڏا ڪتاب ترجمو ڪرائي ڇپائيندو هو. هن پوءِ اخبار بہ ڪڍي. هي اهڙو شخص ٿي گذريو آهي جنهن تي ڪنهن سنڌيءَ کي پي ايڇ ڊي ڪرڻ گهرجي!

جويو صاحب هن جو سنگتي هو. اڪثر شام جو چانهہ جي پيالي پيئڻ اتي ايندو هو ۽ اتي ئي هن جي مون سان واقفيت ٿي، ۽ هن منهنجي ترجمي ڪيل ڪتابن سان گڏ منهنجون ڪجهہ ڪهاڻيون بہ پڙهيون. جڏهن سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ٿيو تہ سنڌي ادبي بورڊ جو پراڻن ۽ نون ڪتابن لاءِ تلڪ چاڙهي تي بڪ اسٽال بہ قائم ڪيائين. مون کي ڏيپلائي صاحب وٽ پروف ڪندو ۽ ڪتاب وڪڻندو ڏٺو هئائين. سو جڏهن هڪ اسٽال کوليائين تہ مون کي ان جو انچارج مقرر ڪيائين. ڪتاب جي وڪري سان گڏ بورڊ جون ڪيتريون اسڪيمون ڪتابن ۽ رسالن ڇاپڻ جون هيون تہ جيئن اڄ مثل-سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ وري نئون روح ڦڪجي. هڪڙي اسڪيم منظور ڪرائي تہ ماهي رسالو "مهراڻ" ۽ ٻارن لاءِ "گل ڦل" رسالو شروع ڪيوسون.

پر سوال اهو اٿيو تہ رسالي جو پيٽ ڪيئن ڀرجي؟ سنڌي اديبن ۽ عالمن کي دعوتون ڏنيون سون تہ "مهراڻ" ۽ "گل ڦل" لاءِ لکن. اسان "مهراڻ" ۽ گل ڦل" لاءِ جيڪي جاکوڙون ڪيون سي سنڌي ادبي تاريخ ۾ هڪ روائتي "سنگ ميل" جي حيثيت رکن ٿيون. اسان جي دور ۾ مهراڻ ۽ گل ڦل شايع ڪرڻ جڻ تہ سنڌي ادب جي مائي درياءَ ۾ بہ وڏيون ڇپون اڇلائي وڏيون سين. مهراڻ ۾ جيڪي ڪهاڻيون، ناٽڪ ۽ مضمون ڇپيا، سي اڄ بہ سانڍڻ لائق آهن.

جن دوستن کي اسان لکڻ لاءِ گذارشون ڪيون، انهن ۾ جمال ابڙو بہ هو. هن جي هڪڙي ڪهاڻي "شاهہ جو ڦر" ڪلاسڪ ادب جو اعليٰ ترين مثال آهي. ٽيڪنيڪ ۽ مواد جي لحاظ کان دنيا جي بهترين ڪهاڻين منجهان آهي. پوءِ تہ هن جي هر ڪهاڻي اڳي کان اڳري ليڪجڻ لڳي. هو فرسٽ ڪلاس سب جج هو جو ترقي ڪري لا سيڪريٽري ۽ هاءِ ڪورٽ تائين پهتو پر لکڻ جو جيڪو ڏانءُ جمال کي هو اهو مون دنيا جي ٻولين ۾ گهٽ ڏٺو آهي. هجي ها ڪو اسان وٽ

Gul Hayat Institute

سياسي حال تہ سنڌي ٻولي نڌڻڪي، سو ايئن نہ ٿيو البت سنڌ ۾ شايد پاڪستان ۾ هن کي جيڪا مڃتا ملي، ان تي ئي هن اڪتفا ڪئي!

مون جنهن لڏي جي ڳالهہ ڪئي، ان ۾ اسان لاءِ پهريون وڇوڙي جو داغ ع ق شيخ جو لاڏاڻو هو. ان کان سنت ئي پوءِ حفيظ شيخ اسان کي ڇڏي ويو. حفيظ اسان جي لڏي جي بهترين ڪهاڻيڪارن مان هو! ۽ هاڻ وري جمال سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب کي نڌڻڪو ڪري ويو آهي.

جمال سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي نَس نَس مان واقف هو. هن سنڌي ٻولي ماءُ پيٽان اهڙي سکي جو ان کي جيئن کپيس تيئن ٿي نيون معنائون ڏنائين. ڪهاڻي يا افساني جي ٽيڪنيڪ تي تہ جمال حرف آخر هو. هن هڪ جج طور سنڌي سماج کي ڏٺو ۽ پرکيو هو. سنڌ جا رواج ۽ روايتون، سنڌ جون ريتون، رسمون، هن جتي ڪٿي ڏٺيون ۽ آزمايون هيون. هڪ لکندڙ طور هڪ منصف طور هن ڏٺو تہ سنڌي ٻوليءَ سان اهو ڪجهہ ٿي رهيو هو جيڪو سنڌ ۾ ڏاڙيل ۽ ڪاتڪو سنڌي سماج ۽ معاشرت سان ڪري رهيا آهن. پر سنڌي ڏاڙيل فيڪٽر لاءِ جيڪي سبب آهن. انهن کان بہ هڪ منصف ۽ جج طور هو واقف هو. هڪ سچي ڳالهہ مشهور آهي تہ مصنف طور هن هڪ ڏوهاريءَ کي ڦاسي جي سزا ڏني، ۽ هو غريب ڦاهي ڪاٽي ويو. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ جمال کي خبر پئي تہ ڪيس ڪوڙو هو ۽ ڪنهن وڏيري هن کي اڙاٿي شاهديون بہ ٺهرائي، هن کي ٽنگايو هو! ان ڏينهن کان پوءِ گهٽا ڏينهن تہ ڪنهن سان ڳالهايو بہ ڪونہ. هن جي ان هٿ جنهن ڦاسيءَ جي فتويٰ لکي هئي، سو بنهہ جڏو ٿي ويو. ۽ لکڻ کان نابري واري ڇڏيائين. پوءِ آهستي آهستي دوائن جي وسيلي هن جو اهو اونهو ڊپريشن لهي تہ ويو پر هٿ لکڻ کان پوءِ بہ بان ڪري بيٺو نيٺ پاڻ کي پرپائي وري لکڻ شروع ڪيائين پر سندس موتين جهڙا اکر پڇي مڙي ٿي ويا، ۽ مڙئي ڪنهن طرح سان ٿن آڱرين سان چچريل لفظ لکڻ لڳو ڇا ڪاڻ تہ نوڪري بهرحال ڪرڻي هئي، ٻچا پالڻا هئا. هُو هڏ حلالي (Bone- Honest) جج هو ۽ عزت سان جتي بہ رهيو ايمانداري ۽ هڏ حلالي جو مثال رهندو آيو. ان ڪري ئي هو سنڌ جي ماڻهن کي ايترو ياد آهي. مون کي بہ هن سان پيار ان ڪري پيدا ٿيو جو سنڌ جي ڪاموري طبقي ۾ اهڙا ماڻهو ورلي پيدا ٿيا آهن جن هميشہ پنهنجي پاڻ سان، سنڌ سان ۽ سنڌي ماڻهن سان انصاف پئي ڪيو آهي. اسين پاڻ ۾ جڏهن بہ ملندا هئاسون تہ هڪ ٻئي جي ياڪر ۾ سڏڪي پوندا هئاسون!

هن پنهنجي پويان جيڪو اولاد ڇڏيو آهي، سڀ هن وانگر ماڻها، حلال جي ماني کائڻ وارا، هڏ حلالي آهن. ادبي لحاظ کان جمال جي روايت سندس پٽ بدر ابڙي ۾ جيئري جاڳندي آئي آهي ۽ منهنجي دعا آهي تہ هو جتي بہ هجي خدا ڪري خوش هجي، ۽ جمال جي روايت کي ساڻ کڻي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي خدمت ڪندو رهي. آمين.

*(ڪلاچي تحقيقي جنرل، جمال ابڙو نمبر 2004ع)*

# جمال ابڙو

## غلام رباني آگرو

جمال ابڙو سنڌي افساني جو امام هو.

جمال کان وڏو افسانه نگار مون کي نه ڪانئس اڳ، نه پوءِ سمهي ٿو. اهو منهنجو ذاتي رايو آهي. هر ڪنهن کي پنهنجي راءِ رکڻ جو حق آهي. هونئن ان ۾ ته ڪو شڪ ئي ڪونهي ته سنڌي زبان وڏا وڏا افسانه نگار پيدا ڪيا آهن ۽ اها به حقيقت آهي ته هر گل ڪي پنهنجي پنهنجي خوشبو آهي.

جديد افساني جو رواج انگريزن جي دور ۾ پيو. ڪن يورپي ٻولين جا افسانا، ناول ۽ ناٽڪ سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي ڇپيا. سنڌي زبان جي اولين افسانه نگارن ۾ عثمان علي انصاري هڪ اهم نالو آهي. انگريزي ادبيات جو ماهر هو. ولايت مان پڙهي آيو هو. تعليم کاتي ۾ ڊائريڪٽر هو ۽ ڪجهه عرصو سنڌي ادبي بورڊ جو اعزازي سيڪريٽري رهيو. سنڌيءَ ۾ فِڪشن جا سٺا ڪتاب لکيا ۽ ترجمو ڪيا هئائين. سندس مشهور افسانو 'ململ جو چولو' "مهراڻ" رسالي ۾ ڇپيل آهي.

هڪ دفعي مون ڪانئس سوال ڪيو ته "اوهان جي ڄاڻ موجب سنڌي زبان جو اولين افسانه نويس ڪنهن کي ڪوٺي سگهجي ٿو"؟

چيائين ته "سوچڻ ڏيو!" ڪا دير رکي چيائين ته "منهنجي خيال موجب مرزا نادر بيگ".

سنڌي زبان ۽ ادب جي اها خوش قسمتي چئبي، جو نصير مرزا وڏيءَ محبت ۽ محنت سان مرزا نادر بيگ جا افسانا گڏ ڪري هاڻي ڪتاب ڇپائي ڇڏيو آهي.

مرزا نادر بيگ کان پوءِ جيڪي مکيه افسانه نويس پيدا ٿيا، تن ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ وڏو نالو آهي، جنهن جون "هارين جو ڪهاڻيون" هڪ لاجواب ڪتاب آهي. اهڙي ريت سائينداد سولنگي به آڳاٽي دور جو اهم افسانه نگار آهي، جنهن جو افسانو 'انڌي ۽ جنڊ' مشهور آهي. شيخ اياز جو 'سفيد وحشي ۽ ٻيا افسانا' به ساڳئي دور ۾ ليڪن ان جي پوئين حصي ۾ شمار ٿيندا. انهيءَ اوائلي دور جي سنڌي فِڪشن جو صحيح معني ۾ لافاني شاهڪار آهي نارائڻ داس ڀمڀاڻيءَ جو لکيل ناول 'مالهڻ'.



Gul Hayat Institute

آزادي کان پوءِ سنڌ جي افسانه نويسن ۾ وڏو نالو جمال ابڙو ٿي آهي. سندس افسانن سنڌ ۾ تہ مقبوليت ماڻي، پر انهن جا ٻين ملڪن ۾ بہ ترجما ٿيا آهن. مثال طور جرمني ۾.

جمال پاڻ بہ ترجما ڪيا. گورڪيءَ جي مشهور افساني 'پاشا' جو ترجمو ڪيائين جو 'مهراڻ' ۾ ڇپيو. مون سنڌي ۾ ان کان بهتر ترجمو ٻيو ڪونہ ڏٺو. افسوس جو انهي ڪم کي اڳتي جاري رکي ڪونہ سگهيو.

خدا پاڪ جي سهڻن نالن ۾ هڪ نالو "المصور" آهي. جيڪي فنڪار تصويرون ٺاهيندا آهن، تن کي بہ انهيءَ قدرتي ذات جي ڪري مصور يعني تصويرون ٺاهيندڙ ڪوٺيندا آهن: آرٽسٽ برش سان تصويرون ٺاهيندا آهن. تہ اديب ۽ شاعر وري قلم سان. افساني نويسيءَ ۾ مکيہ فن ڪردار جي شخصيت کي اڀارڻ آهي. جمال انهيءَ فن جو بادشاهہ هو. هن جي افسانن جا ڪردار اهڙا تہ سهڻا چٽيل آهن جو چڻ تہ جيئرا جاڳندا انسان آهن.

پر، اديب هجي يا شاعر بنيادي طرح سندس تحرير جو مرڪزي نڪتو وري بہ 'پيغام' آهي. ڏسڻو اهو آهي تہ هو پنهنجي قلم سان پڙهندڙ کي ڪهڙو ٿو پيغام ڏئي! جمال جو پيغام معاشري ۾ سماجي ۽ اقتصادي انصاف لاءِ جدوجهد ڪرڻ هو. هو پنهنجي سماج جي عيبن ۽ ثوابن تي اونهي نظر وجهندو هو پوءِ جيڪي لکندو هو انهي ۾ سندس سوچ ۽ پيغام چٽو نظر ايندو هو.

جمال وڏو آرٽسٽ ۽ وڏو ماڻهو هو. وڏن عهدن تي رهيو. پر گند غلاظت کان دامن اڇو اجرو رکيائين. سندس شخصيت کي سمجهڻ لاءِ سندس افسانن تي اڪتفا ڪرڻ نہ گهرجي. سندس عزيز اقارب موجود آهن. ڪانئن پڇجي تہ پيءُ ۽ پاءُ جي حيثيت ۾ ڪيئن هو؟ اهڙيءَ ريت سندس سنگتي ۽ ساٿي موجود آهن، جن سالن سالن جا سال ادبي توڙي نجي ذاتي محفلون ۽ مجلسون ڪيون. جمال جون ڳالهيون انهن کان پڇجن.

اسان جي ٿهي وارا لکندڙ گهڻو ڪري ويهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي جي پيداوار هئا. ليڪن جمال ۽ شيخ اياز ٻئي ڏهاڪي جي پيداوار هئا. پر، پاڪستان ٺهڻ سان سڄي ملڪ جو وايو منڊل بدلجي ويو سنڌ تي بہ اثر پيو. سنڌي هندو ليڪ لڏي ويا. اجتماعي زندگيءَ سان گڏ انفرادي زندگي بہ متاثر ٿي. اياز ۽ جمال وڏا آرٽسٽ تہ هئا. اياز تہ صاف لکيو آهي تہ آزادي بعد منهنجا هندو ساٿي اديب هندستان هليا ويا تہ مون چڱو عرصو لکڻ ٿي ڇڏي ڏنو."

آزادي کان پوءِ پهريون ادبي رسالو ماهنامو 'نئين زندگي' نڪتو. پر انهي جي شروعاتي پرچن کي ڏسبو تہ منجهس ادبي تحريرون نالي ماتر نظر اينديون. گهڻو ڪري وزيرن جون تقريرون ۽ تصويرون ڏسڻ ۾ اينديون. سرڪاري رسالو هو لٽو ۾ ڇپبو هو. ايڊيٽر مولانا عبدالواحد سنڌي هو. ذات جو انڊڙ هو. ننڍپڻ ۾ سنڌ مان

لڏي دهلي ويو هو. غريب جو پار هو. سو ڊاڪٽر ذاڪر حسين سندس مٿي تي ٻاجهہ پرپو هٿ رکيو جو جامعہ دهليءَ جو وائيس چانسيلر هو. سندس پاڇي هيٺ مولانا عبدالواحد سنڌيءَ جو جامعہ مليہ ۾ وقت سٺو گذريو. اتي ئي شادي ڪيائين. اولاد ٽيس. سندس وڏو فرزند آصف جيلاني هاڻي بي بي سي تي اردو نشريات ۾ سٺي عهدي تي آهي. اڳي هت "امروز" اخبار ڪراچي ۾ ڪم ڪندو هو.

مولانا عبدالواحد سنڌي هندستان مان ٻين مهاجر پاڻرن سان گڏ لڏي سنڌ ۾ آيو هو. سندن ئي مدد سان کيس حڪومت پاڪستان جي وزارت اطلاعات ۽ نشريات جي شعبي پاڪستان پبليڪيشنس ۾ 'نئين زندگي' رسالي جي ايڊيٽري ملي. آهستي آهستي رسالي ۾ ادبي رنگ آندائين. هڪ ڏينهن اهڙو بہ آيو جو نئين زندگي نج ادبي رسالو ٿي ويو ۽ ان جي اشاعت ان زماني ۾ ڇهن هزارن کي وڃي پهتي ۽ همعصر اردو رسالو 'ماه نو' سان مقابلو ڪرڻ لڳو. توڙي 'ماه نو' جو علائقو سڄو پاڪستان هو ۽ 'نئين زندگي' جو علائقو فقط سنڌ هئي، جنهن جون سرحدون هيٺيان ڪراچي ۽ مٿان ريتي تائين محدود هيون. پر مولانا عبدالواحد سنڌيءَ جي نئين زندگيءَ رسالي سان عشق ۽ عقيدت ۾ انهن ڳالهين جي اهميت گهٽ هئي. هو انهيءَ اصول جو هو تہ رسالو وقت سر نڪري ۽ سٺو نڪري تہ اشاعت ازخود وڌندي.

نئين زندگي کان اڳ يا ساڳئي دور ۾ سنڌ ۾ ادبي ۽ نيم ادبي ماهوار رسالا پيا بہ نڪرندا هئا: 'تقاضا'، 'ڳوٺ سڌار'، 'روح ادب'، 'فردوس' ۽ 'ادا' وغيره پر انهن گهڻو جٽاءُ ڪونہ ڪيو. مخدوم محمد زمان طالب المولي صاحب جهڙيءَ عظيم شخصيت جي سرپرستيءَ ۾ 'شاعر' رسالو شايع ٿيو. مولانا غلام محمد گرامي ايڊيٽر مقرر ٿيو. پر اهو بہ گهڻو عرصو ڪونہ هليو. هڪڙو ئي نئين زندگي رسالو جو هيڪر شايع ٿيو تہ مسلسل هلندو رهيو ۽ هاڻي بہ شايع ٿي رهيو آهي.

جمال ابڙي ۽ شيخ اياز جهڙا عظيم آرٽسٽ مٿي ذڪر ڪيل ادبي ۽ نيم ادبي رسالن ۾ ڪونہ لکندا هئا، 'نئين زندگي' ۾ لکندا هئا. انهيءَ ڳالهہ جو هڪ سبب تہ نئين زندگي رسالي ۾ منهنجي موجودگي هئي. پر ٻيو ۽ مکيہ سبب هو سنڌي ادبي سنگت جو قائم ٿيڻ.

سنڌي ادبي سنگت يا سنڌ ساهت سنگت آزاديءَ کان اڳ هڪ ادبي تنظيم هوندي هئي، جنهن ۾ نوجوان هندو ۽ مسلمان اديب هوندا هئا. اياز ۽ جمال بہ انهيءَ لڙهي جا داڻا هئا. اها تنظيم آزاديءَ کان پوءِ لڏي ويئي، بلڪ ختم ٿي ويئي. سن 53_1952 ڌاران وري ساوا گونچ ڪڍيائين.

ڪراچيءَ ۾ نورالدين سرڪي ادبي سنگت کي نئين سر جياريو. هو ان جو روح روان هو. مينارام هاسٽل ۾ سندس ڪمرو سڄو ڏينهن دوستن سان پرپو پيو هوندو هو. اسان سيني جي هڪبئي کان سواءِ ڪانہ سرندي هئي.

سنڌي ادبي سنگت جي نئين سر تنظيم ۾ سرڪيءَ جو ساٿو هٿ مرحوم عبدالغفور انصاري هو. سنگت جون هفتيوار ادبي گڏجاڻيون ٿينديون هيون. رشيد آخوند، شيخ حفيظ، رشيد ڀٽي، اياز قادري، خواجه سليم ۽ ٻيا يار به آهستي آهستي رڙهي انهن ۾ شريڪ ٿيا. اڳتي هلي، اياز قادري سرڪيءَ جي مدد سان سڄيءَ سنڌ سنگت جو سيڪريٽري جنرل ٿيو.

جمال ۽ اياز به ائين اچي گڏيا.

هڪ طرف ادبي سنگت زور ورتو ته ٻئي طرف جويي صاحب 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ مان وڏي آب تاب سان مهراڻ رسالو ڪڍيو. ان دور جي سنڌي افسانيءَ لاءِ راهه ائين هموار ٿي.

ون يونٽ ٿيو ته سنڌي اديبن ۾ تاءُ پيدا ٿيو. هوائي جهاز کي اُڏامڻ لاءِ مخالف طرف جي هوا کپي، سٽائي ڪانه کپي. سنڌ جي ماحول ۾ قوميت جو رنگ آيو. آرٽسٽ کان وڌيڪ حساس ڪير به ڪونه ٿو ٿئي. سنڌ ۾ هر هنڌ، جديد سنڌي افساني ۽ شعر شاعريءَ جون شمعون روشن ٿي ويون. سرڪار سنڌي ٻوليءَ کي ڇتڻ لاءِ شريف خان جي ايجوڪيشن ڪميشن ڪان غلط سفارشون ڪرايون، جن سنڌ ۾ باهه تي پيٽرول هارڻ جو ڪم ڪيو. مٿ ،جيترن سنڌي اديبن ۽ شاعرن پنهنجي سوين ساٿين ۽ ڪارڪنن جي مدد سان ايوب خان سرڪار کي اهڙو سوڙهو ڪيو جو آرڊيننس جاري ڪري، سنڌي ٻوليءَ خلاف پنهنجو آرڊر واپس ورتائين. سنڌس انهيءَ شڪست ون يونٽ ڊاهڻ جي راهه به هموار ڪئي. خلق جو آواز خدائي نغارو آهي.

❊ ❊ ❊

جمال ۽ اياز سان گهرائپ تي ته ميل ملاقاتون شروع ٿيون. هڪ دفعي مان ۽ رشيد ڀٽي رڳو جمال سان ملڻ لاءِ ڪراچي مان شڪارپور وياسين، جتي هو جج هو. وٽس رات ٽڪياسين. سياري جو زمانو هو. يادگار ڪچهري ٿي. ٻليجي وٽ اسڪوٽر هوندو هو. شام جو موٽي آياسين. اها به يادگا ڪچهري هئي.

جڏهن جمال حيدرآباد ۾ جج هو ته لطيف آباد ۾ پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ رهندو هو. جنهن جي پاسي ۾ سندس ننڍي ڀاءُ ڪمال جو بنگلو هو. سندس وڏو ڀاءُ شمس لاڙڪاڻي ۾ رهندو هو. جمال جي ڪري منهنجي سندس ٻنهي ڀائرن سان نياز مندي ٿي. جمال جي هڪڙي نياڻي کي ننڍي هوندي مٿي تي وار گهٽ هئا. اسڪول ۾ ڇوڪريون ڇيڙائينديون هئس. الله ڪيو جو نياڻي کي وار اچي ويا. پر، جمال اهي سڀ ڳالهيون ڪليٰ ڪندو هو. وڏي دل وارو هو. سندس همت ۽ حوصلي جو اندازو ان ڳالهه مان ڪجي ته جڏهن ڪيس دل جو دورو پيو ۽ چاق ٿيو ته مون سان ڳالهه ڪيائين ته "جڏهن سمجهيم ته هاڻيءَ زندگي جو سچ لهڻ وارو آهي، ته گهرواري کي مرڪي چيم ته، سائين، هاڻي خدا حافظ ! بس ان کان پوءِ ايترو ياد

اٿم، تہ اها دعا پڙهيم، جيڪا بابي رحلت وقت پڙهي هئي. پوءِ ڪا خبر ڪانہ پيم. جڏهن هوش حواس ۾ آيس، تہ ڏٺم تہ اڃا جهان آب وگل ۾ موجود آهيان!“

جمال ۽ مان ٻئي والدين جي اثر ڪري سموري ترقي پسندي جي باوجود هميشہ ذهني طور مذهبي رهياسين. اسان جو ڳالهہ ۾ اصل يقين ڪونہ هوندو. اڳتي سڀ ڪافر جو ڪوڙ جاني آءَ جواني ماڻ. چاچو علي خان ابڙو غالباً سنڌ جو پهريون گريجوئٽ هو. تعليم کاتي ۾ اعلي عملدار هو. قرآن مجيد جي سنڌي ترجمي ۽ تفسير سان گڏ سنڌي زبان ۾ ڪيترا لکيائين، جي تڏهوڪي سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي شايع ڪيا. هاڻي بدر ابڙو انهن جي اشاعت لاءِ نئين سر ڪوشش وٺي رهيو آهي.

ڊاڪٽر ڪريم عباسي جمال جي دل جي بيماري جو علاج ڪندو هو منهنجو ننڍپڻ جو يار هو. جمال کي چيائين تہ ”رات جي ماني وقت دوا طور ٿوري وسڪي وٺندين تہ تو لاءِ سٺي آهي!“ جمال دوا پابنديءَ سان وٺندو هو. پر انهيءَ نسخي تي بہ عمل ڪندو هو. جڏهن مان وٽس هوندو هئس تہ بہ گلاس ٺاهيندو هو. مون انهيءَ پاڻيءَ کي اڳي ڪڏهن بہ هٿ ڪونہ لاتو هو پر جمال گلاسن ۾ هڪ ڏڪو بہ وڌيڪ ڪونہ وجهندو هو. سندس پيٽ ۾ اياز انهن ڏينهن ۾ ئي رند بلانوش هوندو هو.

جمال ۽ مان سيئي ڳالهيون ڪندا هئاسين. عمر جي ٿوري گهٽي فرق جو حجاب نہ هوندو هو. سندس مزاج ۾ رڳي سنجيدگي ڪانہ هوندي هئي. کل پوڳ ۾ بہ بي نظير هو.

ڳالهہ ڪيائين تہ ڪو جوابدار ڪورٽ ۾ آيو. آرام سان چيو مانس تہ ”مٿي جوابدارن جي پيجري ۾ تي بيهہ!“

گهڙيءَ کان پوءِ جو ڏسان تہ پيجري ۾ گهڙي، اُن جي ڪاٺ جي ڪنهڙي تي لانگ ورائي مٿي پيو چڙهي. حيران ٿي چيو مانس تہ ”اڙي اهو ڇا ٿو ڪرين؟“

چيائين تہ ”سائين اوهان جو چيو تہ مٿي چڙهي بيهہ!“

ڪورٽ جا تجربا ٻڌائيندي چيائين تہ ”شڪارپور جي پاسي هڪ ڪيس آيو. ڪنهن هاريءَ جي زال شڪي حالتن ۾ مئي هئي. ڪيس هليو. پتو تہ پاڻ ڪنهن سان ڪريل هو. سانجهيءَ جو منهن اونداهيءَ ۾ گهر ۾ آيو ۽ کٽ تي ليٽي زال کي چيائين تہ اندر پاري مان ٻيڙيون ۽ باڪس کڻي آڻي ڏي...

هوءَ ويچاري اونداهہ ۾ اندر وئي ۽ هٿوراڙيون ڏئي، پارو ڳولي لڌائين. ڍڪڻ لاهي اندر ٻيڙين لاءِ هٿ وڌائين. مجاڻ تہ هاريءَ پاري ۾ ڪو نانگ وجهي ڍڪڻ ڏئي ڇڏيو هو. تنهن امالڪ چڪ هنيس. مائي مري وئي. جاچ تي تہ ڳالهہ ڦاٽي، هيئن زال کي مارڻ لاءِ اها ترڪيب سوچي هئائين!“

پيو قصو ٻڌايائين تہ ”هڪڙا هاري پوڙهي پيءَ جي چوڻ تي ڪيس پاڻ ماري



Gul Hayat Institute

فرياد ڪٽي آيا ته فلاڻن ماريو آهي. اصل ۾ ڪانئن پلاند وٺڻ لاءِ اهو ڊرامو رٿيو هئائون پر ظاهر ٿي پيا". اهڙا ڪيئي قصا ٻڌايائين. ظاهر آهي ته انهن قصن جو سندس ذهن تي اثر پيو هوندو. ازخود حساس طبيعت جو ته اڳيئي هو. نتيجو اهو نڪتو ته سندس ساڄي هٿ لکڻ ڇڏي ڏنو. فتوا لکڻ کان معذور ٿي ويو. چيائين ته "پاڻيءَ سان پريل بالٽي کڻي ٿو وڃان پر قلم ۾ هٿ وجهان ٿو ته اڳتي رڙهي ئي نه ٿو!" گهڻيئي ڏس پنڌ ڪيائين. نيٺ فتوائن لکڻ لاءِ ٽائيپ رائيٽر استعمال ڪرڻ لڳو ۽ کاٻي هٿ سان لکڻ جي پرئڪٽس ڪيائين. ائين ڪتاب قلم ۽ ڪاغذ سان تادم حيات ياري نڀايائين.

وفات کان مهينو ماسو اڳ حيدرآباد آيو هو. سرڪٽ هائوس جي ائنيڪسيءَ ۾ فيمليءَ سميت ٽڪيو فون ڪيائين. مان شام جو ائين ڏاران وٽس ويس. نائين بجي ڪيس شاديءَ جي دعوت ۾ وڃڻو هو. سني ڪچهري ڪئيسون. پڇيو مانس ته لکڻ ٿئي ٿو. چيائين ته ڪجهه نه ڪجهه لکندو رهان ٿو.

جمال جوانيءَ ۾ خاڪسار تحريڪ کان متاثر هو ان جون ڳالهيون ڪندو هو. ٻيون گهڻيون ڳالهيون ڪندو هو سنڌ جي مير صاحبن جون، جن مان گهڻن سان گهري گهاٽي دوستي هئس.

هڪ ڀيري اسان سنڌ گهمڻ جو پروگرام ناهيو. فيصلو ٿيو ته اهو هنڌ ڏسون جتي سنڌو ندي سمنڊ ۾ داخل ٿئي ٿي. جمال سڄي پروگرام جو بار پاڻ تي کنيو. پهرين پهرين منزل ۽ شاندار محفل گهوڙا باريءَ ۾ ٿي. جمال جو دوست محمد بچل اسان جو ميزبان هو. اڌ رات اسر تائين يادگار ڪچهري ڪري اٿياسين.

ٻئي دفعي دادو ضلعي جو سير ڪيوسون. نئنگ جي چشمي تي وڻهجڻ، لاکي لکمير جي ماڙي ڏسڻ، ڪاڇي ۾ مير صاحبن جو قبن ۽ قبرن تي تصويرن وارو مشهور قبرستان ڏسڻ ۾ ڏاڍو مزو آيو. باغبان ۾ مخدوم بلال جي چانئٺ چميسون ۽ سن ۾ سائين جي ايم. سيد جي حاضري ڏنيسون. سائين سان گروپ فوٽو ڪڍايو سون. پاڻ آرام سان ڪرسيءَ تي ويٺو. اسين سڀ سندس پٺيان قطار ڪري بيناسين. سائينءَ جي ڪرسيءَ جي بلڪل پٺيان جمال بيٺو ۽ پاسن سان مان تنوير ۽ اياز.

جڏهن ايوب خان جي حڪومت ۾ شيخ اياز ڏکين ڏينهن ۾ آيو ته مون ڪيس پٽيءَ سميت ڪراچي ۾ نثار ميمڻ جي ڪڪري گرائونڊ واريءَ هوٽل ۾ لڪايو. ٻه ٽي ڏينهن ساڻن گڏ هئس پوءِ حيدرآباد هليو آيس. هو ٻه چار ڏينهن ٽڪيا پيا هئا، پوءِ حيدرآباد آيا. منجهند جي ماني ٻنهي ڄڻن فاران هوٽل تي کاڌي اتان مون کي فون ڪيائون ته تو وٽ اچون ٿا. عين ان مهل عبرت اخبار مان فون آئي ته ايوب سرڪار ٻارهن ڄڻن جي گرفتاريءَ جا وارنٽ ڪڍيا آهن. جن ۾ سنڌ مان اياز ۽ پٽي فاران هوٽل مان مون وٽ پهچي ويا. پانيان ٿو ته ديوان پرمانند (جيڪو

Gul Hayat Institute

ڪوئٽا ۾ انڪم ٽئڪس جي وڪالت ڪندو هو ۽ اياز جو پراڻو دوست هو) بہ ساڻن گڏ هو. مون کين عبرت جي آفيس مان آيل خبر ٻڌائي. صلاح ڪري ڪنهن دوست کي موڪليوسون تہ تصديق ڪري اچي. هن موٽي اچي چيو تہ خبر اکر بہ اکر درست آهي. ايتري ۾ ڪو اوپرو ماڻهو آيو. مون اياز کي چيو تہ هتان هلون، هي جاءِ وهڻ لاءِ موزون ڪانهي. ڪار ۾ ويناسون. حيدر چونڪ کان لنگهيا سون تہ مير رسول بخش کي گرفتار ڪري وٺي پئي ويا. گاڏيون اسان جي اڳيان لنگهيون. مير صاحب کي ڳچيءَ ۾ گلن جا هار پيا هئا.

مان يارن کي سڌو جمال رند وٽ وٺي هليس، جو پبلڪ اسڪول لطيف آباد ۾ رهندو هو سو پاسيري هنڌ تي هو. جمال کي سچي ڳالهہ ٻڌائيسون پر ان کي ليڪيائين بہ ڪونہ وڏي گرمجوشيءَ ۽ خنده پيشانيءَ سان استقبال ڪيائين. گهر ۾ ٻارڙن مان هڪڙي کي ڪوٺيءَ ۾ موڪلي اسان کي ڊرائنگ روم ۾ وهاريائين. چاءِ پاڻيءَ کان پوءِ اياز لاءِ شام جي محل گهربل سامان جو بندوبست ڪيائين. اياز پنهنجي ڊرائيور کي موڪليو تہ هٽ هٽ هوٽل تي چاءِ پي، ڪن ڏٺي تہ سندس گرفتاريءَ بابت ماڻهو ريڊئي جي خبر تي ڇا ٿا چون؟

ڊرائيور ويو تہ ڪلاڪ بہ ڪلاڪ گم. اسين ڏاڍا پريشان ٿياسين. موٽيو تہ اياز اچي گارين جو وسڪارو لاتس. چيائين تہ هي حرامي پوليس کي پاڻ ڇاڻ ڪرڻ ويو هوندو.

جمال رند جو گهر ايڏو ڪونہ هو جو سندس يار منجهس سمهن تہ اياز جهڙو معزز مهمان ۽ ديوان پرمانند ۽ ڊرائيور بہ اتي ٽڪن، سو خيال ڪيوسون تہ ڪاڏي وڃون؟

اوچتو خيال آيو تہ جمال ابڙو! پر، اياز کي شڪ پيو تہ جمال رند مون کي گهر ۾ رات ٽڪڻ نہ ٿو ڏئي، انڪري جمال ابڙي وٽ ٿو موڪلي. ڪنهن ڪتاب ۾ بہ ائين لکيو اٿس. جو پڙهي جمال رند کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ مون کي چيائين تہ وقت گذري ويندو. اياز جون هي اونڌيون ابتيون ڳالهيون رڳو اسان کي معلوم آهن. عام ماڻهو تہ سندس شاعريءَ تي مست ٿي جهومندا رهندا. اڄ اياز ۽ جمال رند منهنجا ٻئي يارَ هن جهان ۾ ڪونهن مان ڏاڍي ڏک سان هي حرف لکان ٿو.

جمال ابڙي جو گهر گِدوءَ جي پاسيءَ ۾ هو. نيٺ ڳولهي لڌوسون. اياز ۾ اها رات جمال جي گهر ٽڪياسين. ايڏيون تہ سٺيون رلهيون پلنگن تي وڇايل هيون، جو مون کي اڃا تائين ياد آهن. جمال کان پڇيم تہ چيائين تہ ميرپور بٺوري جي پاسي جون آهن.

جمال تمام سٺو مهمان نواز هو. خوب کارايائين پيارايائين. جمال وٽ گهٽائي دفعا ٽڪيا هونداسين، تاريخي پس منظر ۾ اها رات بہ يادگار هئي.

جمال جديشريءَ مان سنڌ صوبائي اسيمبليءَ جو سيڪريٽري ٿيو. تيسين



Gul Hayat Institute

منهنجي وٽس اچ وڃ رهي. پوءِ سندس نوڪري جي نوعيت اهڙي ٿي وئي. جو اسان جي ميل ملاقات دير دير سان ٿيڻ لڳي. جڏهن سندس فرزند بدر کي پوليس قابو ڪيو. تڏهن فوراً وٽس ويس، سچو احوال ٻڌايائين. وڏي ڪچهري ڪئيسون. اسان جون ميل ملاقاتون وري تڏهن شروع ٿيون، جڏهن اياز سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر ٿيو. مون کي پرو وائيس چانسيلر ڪرايائين. جمال ۾ نثار ميمڻ کي سنڊيڪيٽ ۾ سليڪشن بورڊ جا ميمبر ڪرايائين. اهي ڏينهن به ڏاڍا سٺا گذريا.

* * *

1984 ۾ مان اسلام آباد هليو ويس ته جمال سان ميل ملاقات وري گهٽجي ويئي. جمال به اسلام آباد ۾ فيڊرل سروسز ٽربيونل جو ميمبر مقرر ٿيو هو. پر، مون کي ياد ڪونهي ته اسان ڇو ڪونه گڏياسين.

جڏهن جمال رٽائر ٿيڻ ڪانپوءِ ڪراچي ۾ ڊفينس ۾ گهر وٺي رهڻ لڳو ته مان گاهي ماهي، سندس حاضري ڏئي ايندو هئس، يا وري اسان جي ملاقات اياز جي ڪلفٽن واري فليٽ تي ٿيندي هئي. ان زماني ۾ به جمال جي دل سخت زخمي هوندي هئي. پر اهو ان جي گهٽي دانهن ڪونه ڪندو هو.

انهي زماني ۾ هڪ دفعي عبدالله ميمڻ واٽر ۽ پاور جو وزير ٿي اسلام آباد آيو. مون سان به گهري گهاٽي ياري هئس پر جمال جو چوڻ هو ته سندس بنهه گهاٽو يار هو. مون جمال کي چيو تون مون سان گڏجي اسلام آباد هل ته توکي دل جي ڪنهن ماهر کي ڏيکاريان ۽ عبدالله ۾ منهنجو ڪم آهي، اهو به ڇئونس.

جمال هليو ۽ مون وٽ ٽڪيو. شام جو عبدالله جي آفيس ۾ وياسين. اڌ ڪلاڪ () جي آفيس ۾ انتظار ڪرايائين، پوءِ به اندر ڪمري ۾ ڪونه سڏايائين. اوچتو پاڻ () جي ڪمري ۾ آيو. چيائين ته صبح جو ڪنهن غير ملڪي گروپ اڳيان هن موضوع تي پيشڪش ڪرڻي اٿم سو واندو ڪونه آهيان. پر ڪم ٻڌايو؟

اسان چيس ته، ڪيڏي مهل هن ڪم مان واندا ٿيندا؟

چيائين ته، رات اٺين ڌاران.

اسان چيس ته اسان جي گهر هليا اچو اتي ماني گڏجي کائون ۽ ڪچهري به ڪريون.

نهڪر ڪونه ڪيائين. اٺين به ڪونه چيائين ته جمال آيو آهي اسلام آباد، سو ماني گهرهه ته مون کي ڪارائڻ کپي.

چيائين ته، "چڱو فون جو انتظار ڪجو!"

اسين موٽي گهر آياسين ته جمال چيو ته عبدالله مڙئي سُرڪي پريندو آهي.

مون دل ۾ چيو ته آفيس ۾ چاءِ جي ڪوپ جي سگهٽي صلاح به ڪانه ڪيائين.

پر، مان ماني جو بندبست ڪري عبدالله جي سرڪي جو بندبست ڪرڻ ويس.

عبدالله ائين بجي گھر آيو. آفيس جو بار مٿي لاهي آيو هو. سو آرام سان تي وينو سُرڪي به پريائين. ماني گرهه به وڌائين. ڪم جي باري ۾ اسان کان خبر چار وٺي واسطيدار ماڻهوءَ کي چٺي ته چڱي لکي موڪليائين. پر ان جي پوئواري اصل ڪونه ڪيائين. اسان رمز سان ڪيس ڪڏهن گل موڪليا ۽ ڪڏهن ڪيڪ ته من ڳالهه ياد پويس. پر مڙئي خير. بيو ته نهيو جمال کان اهو به ڪونه پڇيائين ته ڪراچي وڃڻ جو ارادو آهي.

راولپنڊيءَ ۾ آرمڊ فورسز جي دل جي بيمارين جي اسپتال جي سربراهه جنرل ڪيانيءَ مون سان دل جي هڪ ماهر جي تعريف ڪئي هئي. مان جمال کي وٽس وٺي ويس. هن جو به مون ۾ ڪم هو. جمال کي چڱي طرح تپاسيائين. ڪائنس سوال به ڪيائين. پر ڪيس دم دلاسو ڏيئي مون سان پاسيرو احوال ڪيائين ۽ چٽن لفظن ۾ چيائين ته ”تنهنجو دوست دل جو نازڪ مريض آهي، خيال رکجو!“

جمال ڪراچي موٽي ويو. ان کان پوءِ مان اسلام آباد مان ڪراچي ايندو هئس ته جمال سان ملاقات ٿيندي رهي يا وري اياز وٽ ملندا هئاسين. پر هر دفعي مون لاءِ مسئلو اهو هوندو هو ته ڪڇري ساڻس ڪهڙي موضوع تي ڪريان؟ ڦري گهري سندس دل جي حالت اکين اڳيان ايندي هئي. ڊاڪٽر ڪرنل اشفاق جا اسلام آباد ۾ چيل اکر ياد پوندا هئا. سو ساڻس هتان هتان جون ڪل پوڳ جون ڳالهيون ٿينديون هيون.

جمال اول ۽ آخر اديب هو. سندس زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو دوست قلم ۽ ڪاغذ هو. آخري عمر ۾ پنهنجي زندگي جو احوال لکيائين ۽ ڇپايائين. دل ۾ ڪيئي دفتر هئس. سي اجا گهٽائي لڪائي ۽ ڇپائي ها، پر پويان سال جيڪو به عرصو زنده رهيو سو فقط پنهنجي همت، حوصلي ۽ ايمان جي آڌار تي. حج ڪري آيو ۽ رسول صلي الله عليه وسلم جي روضي تي حاضري ڏئي آيو.

سندس اولاد سندس فرمان ۾ هو. اها وڏي ٺيڪ آهي. ماڻهو اڪيلو ۽ تنها ڪونه ٿو ٿئي. غمگين ڪونه ٿو ٿئي. آخري عمر ۾ سندس پيار جي ڇانوَ ۾ هڪ پڪيئڙي وانگر ڏاڍو پاڻي چڳندو رهي ٿو. جمال جا پويان ڏينهن ائين ڏاڍي آرام ۽ اطمينان سان گذريا.

هڪ رات، سومهاڻيءَ مهل، اوچتو ڪنن ۾ ازلي بانگ پڌائين:

”اوڏڻ اوري آءُ، توکي لاکي ڪوٺيو
لهي تو مٿاءُ، سندو مٿيءَ مامرو“

لبيڪ چيائين ۽ هميشه لاءِ اکڙيون بوٽي ڇڏيائين.

*(مهراڻ، سرءُ 2004 ۾ ڇپيل)*

# بي پناهہ عزم وارو ماڻهو

## (جمال سائين جي ياد ۾)

حميد سنڌي

سفر ڪهڙو بہ هجي ماڻهو پنڌ ۾ هجي يا وهٽ تي هجي، سنڌس من پيو مسافري ڪٽڻ ۾ ڪٽائڻ لاءِ جتن ڪندو. جلد منزل پچان، اجاين جهاڪن، مسافري جي تڪليفن کان بچان ۽ بس پڄان ڙي پڄان!

زندگيءَ جو سفر واحد سفر آهي جنهن جي ڪٽڻ جي تمنا ڪير نہ ڪندو. هڪ منزل تي پهچندو هو تہ ٻي منزل ڪيس اڳتي يا پوئتي ضرور ڏيکيندي. پوءِ ڪٽنس ڀاڳ. ٻنهي مسافرين جو مزاج، رواج وهنوار اُصول پنهنجا آهن.

مان جڏهن بہ زندگيءَ جي سفر جي اڳين منزل لاءِ سوچيندو آهيان تہ هاڻ اڳيان ڪجهہ بہ نظر نہ ايندو آهي، بس پوئتي واريون منزلون ۽ منزل گاهون نظر اينديون آهن. ڪي چٽيون ڪي ڌنڌ ۾ ڍڪيل پر هونديون منزلون ئي آهن تہ همسفر پڻ، ڪي سچا پچا همسفر. سنڌن گڻ بہ ڳائڻ جهڙا تہ اوگڻ بہ سانڍڻ جهڙا.

همسفر ساٿين دوستن سڄڻن کي ڪير ياد نہ ٿو ڪري؟ پر يار چون تہ لکاريءَ لاءِ ضروري آهي تہ هنن لاءِ لکن ضرور، نہ تہ ڪين ياد ڪرڻ بہ ڪو ياد ڪرڻ ٿيو! اسين جڏي جيءَ، جڏي قلم وارا ڇا ڪين ٻڌايون تہ سڄي ڄمار لکيو اٿئون پر بقول ڪن سڄڻن جي تہ "اوهان کي تہ لکڻ ئي ڪونہ اچي!"

تنهن ڪري گهٽ ۾ گهٽ مون پنهنجن پيارن جيءَ جيارن لاءِ لکيو آهي پر گهٽ. ڪٿي اسانجي جڏي قلم مان نڪتل جڏن خيالن ۽ ڳالهين ڪري ساڻن ڪا زيادتي نہ ٿي وڃي.

گذريل وقت ڪيئين ئي بزرگ، ڪيئين ئي ساٿي مٽي ڪري ڇڏيا. ڪن تي لکڻ وينس تہ نہ لکي سگهيس. ڪن ٻاڻ اچي ڪن ۾ سُرباٽ ڪري لکرايو. منهنجو پيارو اشفاق قاضي جهان ۾ تہ ڇهہ مهينا هوش ۾ نہ هو پر منهنجي من ۾ تہ جيئرو جاڳندو وينو هو. هيڏانهن جهان ڇڏيائين هوڏانهن لکرائڻ وينوس. مون سہ ماهي "مهراڻ" جا صفحا ڀري ڇڏيا. نصير، مدد، امداد ٻين دوستن اُنهن ٻنهي مضمونن کي اشفاق کي زنده رکڻ جي ڪوشش قرار ڏنو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ

سندس پنهنجن عزيزن قريبن ڪو خاص نوٽس نه ورتو.

هي وڏا ڀاڳ سائين جمال ابڙي جا جنهن جو اولاد صالح ۽ پيءُ کي ڇائي ڇم کان وٺي اڄ تائين پير ڪيو پوڄي. عزيزم بدر ابڙو ميز کان وٺي سندس جيءُ جُسي سان ايئن سلهاڙيل رهيو آهي ڄڻ هڪ جان ٻه قالب هجن. اها ٻي ڳالهه آهي ته شروعاتي دور ۾ سندن فڪري پهچ (approach) ۾ ور وڪڙ پانئبا هُيا. آخر ۾ ايئن لڳندو هو ته جمال جو mentor وچي بدر ٿيو جو هو بدر جي فڪري لاڙن سان اختلاف گهٽائيندو وڃي اُتي بينو ڇِت بدر پاڻ بينو هو. جيتوڻيڪ جمال سان منهنجيون ڪچهريون منڍ کان وٺي گهٽ ٿيندڙ هيون. پر هر گڏجاڻي کان پوءِ محسوس ايئن ٿيندو هو ته ڪي ورهيه گڏ رهيا آهيون. پل گهڙيون به هزارن پلن ۽ گهڙين جيتريون هونديون هيون.

جمال سان ملاقات منهنجي چاچي مرحوم الهه بخش ڪرائي هئي، جيڪو پاڻ جمال جهڙو ئي جج هيو. ڪهاڻيون به اُن پڙهرايون هُيون ته هڪ ڏينهن وٺي وڃي ملرايائين. اجا مئٽرڪ پاس مس ڪئي هيم. ڪاليج تائين پهچڻ مس ڏنائين. سندس ڪهاڻين ڪپاٽ کولي ڇڏيا هُيا. شاعر ٻڌجڻ ٻي چاهيم پر جمال جي ڪهاڻين، رَشين چيني انقلاب جي ڪهاڻين، انگريزي ڪلاسڪ ادب ڏکيندو ويو. هڪ اهڙي پاسي جو اڄ پوئتي نهاريان ٿو ته نه رهبر رهيا آهن نه راهرو! ڪئين ئي انقلابن مٿان انقلاب آيا ۽ اڇن بيا. چورن مٿان مور واري ڪار پئي رهي پر جيئن چوندا آهن ته ماٺهو پهريون عشق نه وساري سگهندو آهي، تيئن ڌرتي پهريون انقلاب نه وساري سگهندي آهي. جڏهن سندس سيني تي هَر جي ڦارَ وَهي هئي ۽ عاشقن جي سيني ۾ انقلاب جو دود ڏکيو هو. هر انقلاب ڌرتي ۽ ماڻهن ۾ تبديلي سوچ ۽ فڪر پيدا ڪيو. ائين صدين وارو تسلسل هو جيڪو هن زمان و مڪان تائين پهتو هو. پيغمبر هجن يا وَلي رَشي مُني هجن يا توڙي ديو مالائي ديوتا، مفڪر هجن يا انقلابي فرد، امن شانتي جا هيءُ پيامبر، انسان کي سکن ۽ اُميد سان آشنا ڪرڻ وارا، ڏکن کي ڍڪڻ وارا، خوف کي گهٽائڻ وارا به ساکي رهيا. جمال ابڙي جيڪي ڪهاڻيون لکيون، پلي 'شاهه جو ڦر' هجي، 'خميسي جو ڪوٽ' هجي يا 'بدتميز'، 'پشو پاشا' هجي يا رانديڪو هُن هن بدبودار سماج کي وائکو ڪرڻ لاءِ پر ان سان گڏ هُن هر ڪا ڳالهه چٽي ڪري بيهارڻ لاءِ. هُن هڪ مضمون 'ادب ۽ زندگي' جي نالي سان لکيو جيڪو اصل ۾ رشيد ڀٽي جي افسانن جي مجموعي "گهڙي گهڙي گهاءُ" جو مهاڳ هو. جنهن ۾ هن اديب جو فرض سونهن کي اُجارڻ سان گڏ وک وک تي، چپي چپي تي جيڪي ڪِن ۽ ڪچري جا انبار آهن تن کي ساڙڻ ضروري آهي، ڪيس ڏک ڏوجهرا رفع ڪرڻا آهن. سندس وضاحت ضروري آهي اچو ته اُهو مهاڳ/مضمون ڏسون:

Gul Hayat Institute

## ادب ۽ زندگي

ادب اُهو جو ريڙهيون پائيندڙ پيٽ ۾ گسڪندڙ بانبڙا پائيندڙ سرجندڙ انسانيت کي اياري، اٿاري، ڪِين مان ڪماليت تي پهچائي. ستل قوتن کي جاڳائي، جسم جي تند تار ۾ روح ڊوڙائي زندگي پئدا ڪندڙ عمل ڪرائي، اُتي رسائي جتي رسڻ انسانيت جي عين تقاضا ۽ مقصد آهي.

انسانيت جي تقاضا ۽ مقصد آهي سونهن کي پهچڻ. اُها سونهن جا ادبي سونهن آهي. اُها سونهن جنهن جو مظهر هر شيءِ ۾ آهي. اها سونهن پسڻ ۽ پين کي پسائڻ، جيئن سڀ ان تي عاشق ٿي، هڪ ڇِتا ٿي، بيا لاڳاپا لاهي، ان سونهن ۽ سوپيا سان ملڻ لاءِ پنهنجون بي پناهه لڪل قوتون اياري ان ڏس ۾ ڪم آڻين.

سونهن کي پهچڻ جي واٽ آهي سچ. سچ واحد آهي. ٻه سچ نه ٿيندا آهن. جي هوندا ته هڪ ئي سچ جون ٻه شاخون. سچ اهو جو سونهن پسائي. هر ڪِن جهڙي ۽ ڪِين جهڙي ۾ سونهن جا تجلا ڏسي ۽ ڏيکاري. ان جي گٽن کي اوجاري ۽ نوراني ڪري. سِنگهر ۽ پچين واري مخلوق ۾ سونهن ۽ نور پسي، اُن کي ماءُ پيٽان چاول ڄاڻي، ان سان پيار ڪري. سندس سنگهه ۽ پچيون اگهي. سندس پگهر جي پانواتي ڪارائيندڙ ڏپ کي ڌوئي. ”سنگهه، پگهر، پچيون جهڙا اسان جا تهڙا هن جا،“ اهو احساس پيدا ڪري. باقي سڀ ڪِن ۽ ڪچري کي ساڙي نابود ڪري. اها آهي سچ جي ڪسوٽي ...

... اديب جو فرض آهي ’سونهن کي اجارڻ ـــ ڪچري کي ساڙڻ‘. اهو اسان جو فرض آهي ته، وک وک تي، چپي چپي تي، جي ڪِن ۽ ڪچري جا انبار آهن تن کي ساڙيندا وڃون، ڏک ڏوجهرا رفع ڪندا وڃون، سنگهيون پچيون اگهندا وڃون، بک بيروزگاريءَ کي مات ڪندا وڃون، ۽ گڏوگڏ سونهن سوپيا کي جرڪائيندا وڃون، چاڻ جي ڏيئن کي ٻاريندا وڃون، راهه کي سنواريندا وڃون، خوشبوءِ کي پکيڙيندا وڃون ۽ ذهنن کي اجاريندا وڃون. اهو سڀ تڏهن ٿيندو جڏهن هن اڻ گهڙيل فطرت جي ٻتي مان واقف ٿيون. ان ڏس ۾ هر ڪوشش ۽ جدوجهد کي چٽڀو ’زندگي پيدا ڪندڙ عمل‘، جنهن سان گڏ شعور سمجهه ۽ سوچ درجه بدرجه ڦٽندا، اسرندا، اپرندا ’سياٽپ‘ جو ڦل پيدا ڪن ٿا. ۽ اها سياٽپ سرچشمو آهي صحيح عمل جو. سچ ۽ ڪوڙ جي تميز جو ۽ ترقي جي منزلن کي تيزيءَ سان طئي ڪرڻ جو.

ادب جو پرتو زندگي جي هر شعبي تي پوي ٿو. سندس تيز بين نظر ايڪس ري ڪري سماجي، معاشي، اقتصادي توڙي سياسي نظرين کي صحيح ۽ سچي هڏ واري روپ ۾ ظاهر ڪري ٿي. شعور سمجهه، سوچ ۽ چاڻ کي اياري ٿي. پوءِ سياٽپ جو ڦل انسان جي دل جي تهن کي تقويت ڏئي، سندس جذبات جي درياهه ۾ تلاطم آڻي، اهڙي نموني ٿو پلٽائي جو ان ۾ گند بلا وهيو وڃي ۽ سوڪهڙي تي ساوڪ اُپريو اچي.

Gul Hayat Institute

ادب صرف زندگي جي ترجماني ۽ تنقيد تائين محدود نہ آهي پر تعميري پهلوءَ سان بہ ڀرپور آهي. ڪروڙين انسان جن تي وقتي حڪومتن جي نظر عنايت رڳو پهچڻ ڪان بہ عار تي ڪري تن ڪي هڪ اديب جو آواز ننڊ مان اُٿاري، فرسوده رسومات جي آفيمي نشہ مان بيدار ڪري، انساني وقار ياد ڏياري، هڪ اهو جوالا ٿو ٻارائي ڇڏي، جو لٽ ۽ ڌاڙي واري نظام کي جلائي، عوام جي نظرين کي چمڪائي ٿو ڇڏي. ڪهڙو نہ سچ چيو آهي ڪنهن سياسي مفڪر تہ "بين الاقوامي پاليسيون اديب ٺا ناهين." روسو ٽالسٽاءِ، گورڪي يا برنارڊشا پنهنجن ادب پارن سان عظيم انقلاب آڻي، قارونيت، فرعونيت، ۽ نمروديت جا بنياد اکوڙي ڇڏيا، انسان ذات جي راهہ ۾ جي روڙا ۽ پٿر هئا تن کي ڪافي حد تائين پيچي پورا ڪري ڇڏيائون، حسن جي منزل طرف عظيم سفر کي نئيو ڪري، سچ جو ترورو ڏيکاريائون.

اڄ جڏهن ستل انسانيت ڪر موڙي، بي پناه عزم سان اٿي رهي آهي، تڏهن ڪير جو هن ٽڪر سان متو ٽڪرائي. يا تہ سر جهڪائي يا سر ڪٽائي، ڪير جو ڪنڌ ڪيائي، اديب پنهنجي نحيف قلم سان اهو اميد جو ڏيو ٻاري گهر گهر ۾ لاٽ پهچائي، اميد، عزم ۽ ولولي جا آڙاهہ ٻاري ٿو ڇڏي هلڪڙا ڪِين جهڙا جيتامڙا جيڪي ترڙا ڪُڏ ڏيئي سندس روشنيءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽ پيا وجهن تن کي مرڪ ۽ مشڪ سان نظر انداز ڪيون عظمت ۽ حمايت سان وک وڌائيندو ٿو وڃي...

انسانن جي مختلف ڪمزورين سماجي ۽ اقتصادي اوٽاين تي هڪ عوامي شاعر جو شعر، هڪ اديب جو ادب پارو هڪ دل جلي جي راڳڻي ۽ هڪ نقاد جو نشتر، پنهنجي وس ۽ وت آهر جرح ڪن ٿا. انهن انسان دشمن عناصر کي سندن بڇڙو پاڻ ڏيکارن ٿا. عوام جي آڏو انهن جا آنڊا گجون ڪيي رکن ٿا عوام جي شعور کي پڙڪائي سندن قوتن کي اپاري، تعميري لڙيءَ ۾ پوئي، انهيءَ انقلاب جا باني ٿين ٿا، جنهن جي تذڪارکي پسڻ لاءِ صدين کان اکيون آسائتيون آهن."

جمال منهنجي نظر ۾ هڪ ديومالائي هڪ طاقتور ديوتا وانگر رهيو. سماجي انقلاب لاءِ پيغام ڏيندو رهيو. سيني کي اٿين همٿائيندو رهيو. پر پوءِ الائجي ڇا ٿيو يا وري ڪيس دير سان خبر پئي تہ مار هت تہ قصو ئي ٻيو آهي. هُن لکڻ بند ڪري ڇڏيو. ڪيس شايد هيءَ بيت ڪائي ويو:

تان ڪا وائي وار، دلاسي جي داسڙا،
تون منهنجو ولهو آئون تو ۾ طمعدار،
ڍڪي، ڍول! گذار لڄ منهنجي لوڪ ۾.

سندس مون ڏانهن لکيل هڪ خط سندس اندر جي مونجهہ ظاهر ڪري ٿو.

Gul Hayat Institute

هيءُ خط روح رهاڻ جي آگسٽ 1960ع واري شاهه عبداللطيف پٺائي نمبر ۾ ڇپيو هو.

هڪ خط

ياءُ جمال ابڙي جو هيءُ خط جڏهن مون وٽ پهتو مان ڪي گهڙيون ته وسمي ۾ پئجي ويس. نيٺ خيال ڪيم ته، انهي ڪي سيني دوستن آڏو آڻيان ته من ڪا مڙسي ڪري، جمال کي موٽائي وجهن، خاص ڪري منهنجو ياءُ حفيظ ڪي عرض آهي ته هو هن کي غور سان پڙهي، ويچاري جواب ڏئي ۽ ٻڌائي ته اسين ڇا ڪريون-؟ (ح.س)

ياڻو

ڪورٽ جي ٽلهي تان وينو خط لکان. ڪهڙا عذر ڏيان. اوهانجون شڪايتون ميارون، اکين تي.

اوهان اها مهل ويجهو آڻي ڇڏيو جنهن ڪان مون پي نٽايو. بس هاڻي اهو اعلان ڪرڻو ئي پيو ته ادا اهو ڪوڙ جو ڪڙتو جو مون اوڍي رکيو هو ۽ ڪمال مڪاريءَ سان لڱن تي چنبڙايون تي وتيس، تنهن جي اندر رڳو اگهڙيون آهن. سستي ۽ مصروفيت (ٻئي ڪلمر ڪلا هڪ ٻئي جو ضد) جو ڦوٽو ڦاٽي پيو. خود فريبيءَ جي نحيف چار ۾ پاڻ به ڦاسندو تي ويس. اوهان ياڻرن جو اهو احسان جو مونکي چار مان ڇڏائي اصليت جا بيڪا اکوڙي ڇڏيو. ياڻو آءُ ڪونہ لکي ڄاڻان، ڪونہ لکي ڄاڻان. منهنجو نالو ميساري ڇڏيو.

اوهان جهڙي مخلص ياڻرن جون دعائون ڪپن ٿيون. ان ڪان نرهہ نہ ڪجوم. منهنجي افسانہ جو انت ان بي بها قيمت تي آهي، گهري وڻان ٿو پلئہ جهلي.

ناصر کي سلام.

اوهانجو پنهنجو

جمال (ابڙو)

جيتوڻيڪ پوءِ دير سان هُن ڪجهہ ڪهاڻيون لکيون ڪي مضمون پڻ پر سندس ڪيفيت ماٺي رهي. گهڻو وقت گذرڻ ڪانپوءِ جڏهن سندس طبيعت، ڪيفيت ۽ خيالن ۾ هم آهنگي پيدا ٿي ته هُن آتم ڪهاڻي لکي ۽ اُن جا ويو جلدن جا جلد لکندو. اهو سندس زندگيءَ جي آخري دور جو سنهري دور هو. جيڪو پنهنجي ماضي کي ياد ڪري، ٻين کي پنهنجي گهاريل گهڙين ڪان آگاهہ ڪري ٿو اُنهي جهڙو لطف ٻيو ڪٿي، پاڻ ته اندرون ٺري ٿو پر ٻين کي جاڳائي ۽ جيئڻ جيارڻ جا پنڌ پيچرا ڏسيندو وڃي ٿو. سندس هيءُ سٽ ته عجب آهي:

”چاڻ جي ڏيئن کي ٻاريندا وڃو راھ کي سنواريندا وڃو خوشبوءِ کي پکيڙيندا وڃو ۽ ذهنن کي اُجاريندا وڃو!“

مون جمال جي آتم ڪهاڻي جا حصا ۽ ڀاڱا نہ پڙهيا آهن، وچان وچان ڪي ٽڪر ٻين ڪتابن ۽ رسالن ۾ ضرور پڙهيا آهن پر مون سندس حياتي جا ڪيترا باب live ڏٺا آهن. سندس ڏاهپ، بصيرت ۽ وڙائپ وارا گڻ اکين سان پسيا آهن ۽ هينئين سان هنڊايا آهن.

جمال سائين کي ماضي واري ڪنهن باب ۾ ڳوليندو آهيان تہ هو نڙڪ ڪري سڄي ماضي تي ڇانئجي ويندو آهي. هُن تي لکڻ معنيٰ آتم ڪٿا، ذري گهٽ جمال جي جلدن سان وڃي شايد برميچجي اچي.

Gul Hayat Institute

# منهنجو پيءُ منهنجو اُستاد

## بدر ابڙو

(هي مضمون جمال ابڙي جي وفات کان ترت پوءِ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۽ شاهه لطيف چيئر پاران منعقد ڪيل تعزيتي اجلاس ۾ پڙهيو ويو)

اڄ نہ پسان سي، آتڻ ڪتيم جن سين
هاڻ تنين ڪي، ويٺي واٽ نهاريان.

سڀ کان پهرين آئون توهان سيني جو ۽ انهن مهربانن جو ٿورائتو آهيان جن جمال ابڙي سان محبت ۽ ڏک جي هن گهڙيءَ ۾ سنڌس ڪٽنب سان همدرديءَ جو اظهار ڪيو آهي، سڄي سنڌ مان دوست، احباب ۽ علم دوست هلي آيا، خط لکيائون، اي ميل، تارن ۽ ٽيليفون جي ذريعي تعزيت ڪيائون. اخبارن ۾ پنهنجا تاثر ۽ احساس قلمبند ڪري موڪليائون. آئون اخباري دنيا جي دوستن جو بہ ٿورائتو آهيان جن جمال ابڙي جي جدائيءَ کي قومي اهميت جو حادثو سمجهيو. توهان سيني جي مهرباني!

آئون سمجهان ٿو تہ اڄ جي زماني ۾ بلڪ هر دور ۾ پيار ۽ محبت ڪن لازمي شرطن تي پورو لهڻ کان پوءِ ئي ملندا آهن. غير مشروط ڪجهہ بہ نہ ملندو آهي. جمال ابڙي سان سنڌ جي ماڻهن جي محبت جو هيڏو سارو اظهار ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ جمال ابڙي سنڌي ٻولي ۽ ماڻهن لاءِ پيار جو جيڪو پورهيو ڪيو سو قبول پيو آهي. موت ۾ آئون جمال ابڙي جي طرفان توهان سان محبت ۽ مهربانيءَ جو اظهار ڪيان ٿو.

دوستو! هي منهنجي لاءِ انتهائي جذباتي مرحلو آهي، جيڪڏهن آئون پوريءَ طرح اظهار ڪري نہ سگهان تہ مونکي معاف ڪجو!

30 جُون 2004 تي آئون پنهنجي آفيس مان شام جو پنجين لڳي معمول موجب گهر پهتس. مون پنهنجو بريف ڪيس لائبرريءَ ۾ رکيو ۽ معمول مطابق بابا سائينءَ کي سلام ڪرڻ لاءِ ڏاڪڻين ڏانهن وڌيس. بابا سائينءَ جو ڪمرو مٿي آهي، جتي هو شروع کان ئي رهندو هو. پر منهنجا قدم بيهجي ويا. بابا سائين

تہ گذريل ٽن ڏينهن کان ادي جي گهر ۾ ترسيل هئا. بابا سائينءَ کي ڳلي جي خرابيءَ سبب ڪجهہ بخار ٿي پيو هو ۽ گهٽي کنگهہ جي ڪري پاسراٽيون ڏکڻ لڳيون هيون. خدمت ڪرڻ ۾ وڏي اديءَ جو مثال نہ آهي. بابا سائينءَ ۾ سيني جو ساهہ هو پر اديءَ جيتري خدمت ڪير ڪري سگهندو!

اچا هڪ ڏينهن اڳ مون بابا کي چيو هو "بابا! هاڻي گهر اچي پنهنجي بستري تي آرام ڪريو!"

"ها بابا! هڪ تہ مائي شاهده ڪونہ ڇڏيندي، پيو تہ هتي آرام سان آهيان!" مون ڪٽي مات ڪئي. اسانجي ڀاءُ ڊاڪٽر اظهر جو چوڻ هو تہ هاڻي بابا کي ڪنهن بہ ڳالهہ تي زور نہ پرڻ گهرجي، بلڪ جنهن ڳالهہ ۾ پاڻ خوش هجي يا خوش ٿئي، تيئن ڪين ڪرڻ ڏجي.

انڪري ئي گذريل مهيني جڏهن بابا چيو تہ، "عُمري تي وڃڻ جو ارادو اٿم". تڏهن آئون فقط ايترو پُڇي سگهيو هئس تہ "بابا پاڻ ۾ همت سمجهو ٿا، عُمرو ڪجهہ ٿڪائيندڙ ڪونہ آهي؟" بابا کِلي تاري ڇڏيو هو. "ايئر پورٽ تي اظهر ونڻ ايندو وهيل چيئر تي عُمرو ڪرائيندو. ٿورو آرام ڪبو پارٽين سان ملبو وري جهاز تي چاڙهي ڇڏيندو". سندن شديد خواهش ڏسي آئون مات تي ويس. هونئن بہ سندن خواهش اسان لاءِ حڪم برابر هئي ۽ آهي.

بابا عُمرو ڪري 24 جُون تي موٽي آيو هلڪڙو ٿڪ هئس، باقي هشاش بشاش هو. بابا سائين خوش خوش ٻڌايو تہ، "اصحاب صفحہ وارا فلاڻا فلاڻا بزرگ مليا، مُلا عمر مليو فلاڻو صاحب مليو ڪابہ تڪليف ڪونہ آئي، فائز (ڊاڪٽر اظهر جو پُٽ) وڊيو فلم پري، سي ڊي ٺاهي، توهان لاءِ ڏني آهي تہ سڀ ڏسجو!"

26 جُون تي بابا سائينءَ جو ڳلو خراب ٿيو ڊاڪٽر تپاسي دوا ڏني. 28 تاريخ تي بابا سائين هڪ ڏينهن لاءِ اديءَ وٽ ويو پر اتي ترسي پيو. 29 تاريخ تي ڊاڪٽر اظهر جدي مان فون تي صلاح ڏني تہ ڇاتيءَ جي ماهر ڊاڪٽر کي ضرور ڏيکارجي. ماهر ڊاڪٽر وڏي مشڪل سان ٻئي ڏينهن رات جو سادي نائين لڳي جو وقت ڏنو. بابا سائين سادي اٺين لڳي تياري ۽ وضوءَ لاءِ واش روم ويا. ٻاهر نڪتا تہ ڪين سخت بيچيني هئي. ان بيچينيءَ دوران ايمرجنسيءَ ۾ ڊاڪٽر پهتو ايمبولنس گهرائي وئي، سڀ ڪي ٿيو. ان دوران بابا سائين مون ڏانهن ڏسي مُشڪيو. اها بابا جي مخصوص مُرڪ هئي ... ۽ پوءِ پکي اُڏامي ويو.

جمال ابڙي جي هڪ پُٽ جي حيثيت ۾ خود جمال ابڙي تي ڳالهائڻ ڪافي ڏکيو محسوس ٿي رهيو اٿم. ايئن ٿو لڳي تہ جڻ ڪو مونکان پُڇي رهيو هجي تہ جمال ابڙو اديب تہ برابر وڏو هو، پر ٻُڌاءِ تہ هُو هڪ پيءُ جي حيثيت ۾ بہ ڪامياب ٿيو يا نہ؟ جيڪڏهن ڪنهن شاگردکي پنهنجي اُستاد جي رهنمائيءَ تي شڪ ٿئي تہ پوءِ هن ڪهڙي سکيا ماڻي؟ ڇا ڪو ماڻهو حيات بخش خوشبوءِ لاءِ ڪو ٻيو نالو تجويز ڪري سگهي ٿو؟ ڇا ڪو شخص محبتن جي سمنڊ کي صحرا

سمجهي سگهي ٿو؟

اسان سچ پچ خوش قسمت آهيون ته قدرت اسان کي جمال ابڙي جهڙو آدرشي ۽ شفيق شخص هڪ پيءُ، رهبر ۽ استاد جي روپ ۾ ڏنو. ڪو بار پنهنجي پيءُ ۽ استاد جي وڇوڙي مهل ڪيئن محسوس ڪندو آهي؟ هن وقت اسان به ساڳئي دور مان گذري رهيا آهيون. برابر! هي تمام دردناڪ وقت ٿئي ٿو ۽ هر ماڻهو ان لازمي مرحلي مان گذري ٿو پر آئون سچ ٿو چوان ته اسان جي گهر جو هر هڪ ڀاتي بابا سائينءَ کان پوءِ به سندس وجود کي پنهنجن حواسن سان محسوس ڪري رهيو آهي. ان ڳالهه تي توهان اعتبار نه ڪندا، ڪرڻ به نه گهرجي.

بابا سائينءَ سان منهنجو رشتو ائين رهيو جيئن ٻيجل ۽ ساز جو آهي. اسان ٻئي خاموش طبيعت، هڪ ٿي ڪمري ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ گڏ ويهندا هئاسين، مڪمل خاموش! ماحول ۾ ڇٽڪه سائين مرنا جو يڪتارو گونجندو هو جنهن ۾ ڪنهن ڪنهن مهل سائين مرنا جهونگاريندو هو ۽ بس! اها خاموش گفتگو ڪجهه ائين هوندي هئي جيئن نارائڻ شيام هڪ ٽيڙوءَ ۾ چيو

ساز رکيل پٽ ساڻ!
بند اکيون، چُپ ڳاٽو
راڳڻ ساڻ رهاڻ!

اها ڪميونيڪيشن جي ڪا عجيب حد هئي، اسان پيءُ ۽ پُٽ جي وچ ۾ پيڙهي وڇوٽيءَ وارو ڪو به فرق ڪونه هو هائو! ادب ۽ احترام ۽ شفقت جون حدون پنهنجي ڪلاسيڪي رنگ ۾ هميشه قائم رهيون. بابا سائين ۽ منهنجا گڏيل موضوع سنڌ، سنڌ جا ماڻهو ادب، سياسي صورتحال، ذاتي مشاهدا، حيرت ۽ حيات هئا. اهي ڳالهيون ڊگهن احوالن ۾ ڪونه ٿينديون هيون، بس! ڪو هڪ اڌ جملو وري ماٺ .... ڪو اڌورو سوال، وري ماٺ ۽ پوءِ ڪو مختصر جواب يا حيرت جو اظهار! سچ پچ ته هر سوال ۽ هر جواب حيرت کان شروع ٿي حيرت تي ئي ختم ٿئي ٿو.

مون جمال ابڙي بابت پنهنجي راءِ 1992 ۾ تحرير ڪئي هئي، جيڪا سنڌ ثقافت کاتي طرفان "جمال ابڙو: ڪهاڻيون، مضمون ۽ شخصيت" جي عنوان سان ڇپيل ڪتاب ۾ شامل آهي. مان ان راءِ ۾ ڪا به ڦير ڦار ڪونه ڪندس. البت هاڻي بابا سائينءَ جي ظاهري جدائيءَ جي موقعي تي به چار ڳالهيون توهان سان شيئر ڪرڻ مناسب سمجهان ٿو.

گهڻن ماڻهن کي بابا کان شڪايت رهي ته هن گهڻو عرصو لکڻ ڇڏي ڏنو هو. ڪن صاحبن ته رشڪ يا شايد حسد به ڪيو ته فقط ڏيڍ درجن ڪهاڻيون لکندڙ ماڻهوءَ کي ايتري مڃتا ڇو ڏني وئي آهي؟ آئون انهن صاحبن جي احساسن تي ڪجهه به نه چوندس. هر ماڻهو آزاد آهي ته جيئن سندس ذهن سوچي ٿو تيئن



Gul Hayat Institute

ڳالهائي ، البت لهجي ۾ ادبُ ۽ شائستگي ضروري آهي. بابا سائين بہ ادب ۾ ان طريقت جو قائل رهيو پنهنجي سوچ تي قائم رهيو ۽ فقط اهو ڪجهہ لکيائين جيڪا هن جي پنهنجي سوچ هئي. هُن ڪڏهن بہ ڪو فرمائشي گيت، ڪهاڻي يا مضمون نہ لکيو.

جمال ابڙي ٿورو لکيو يا گهڻو؟ اهو ڪيڏو نہ عجيب سوال آهي! رام ڪهاڻي بہ هزار صفحن تي بہ پکيڙي سگهجي ٿي ۽ ٻن صفحن ۾ بہ پوري ڪري سگهجي ٿي! آئون ايئن ڪونہ ٿو چوان تہ وڏي رام ڪٿا جي ڪا ضرورت ڪونہ آهي بلڪہ ان جي تہ وڏي حيثيت آهي پر جيڪڏهن ساڳي ڀرپور ڪٿا چند سٽن ۾ سمائي وڃي تہ ڇا ان ۾ ڪا ڪوتاهي آهي؟ جمال ابڙي اڄوڪي دور جي اڪثر موضوعن تي لکيو آهي، ڇا ٿيُ پيو جيڪڏهن هن هر هڪ موضوع تي نہ لکيو؟ ڀلا ! ڪير آهي جنهن هر موضوع تي لکيو هجي؟ ڇا اها سچ پچ ڪا ٺيڪ ڳالهہ آهي تہ هر ماڻهو دنيا جي هر موضوع تي طبع آزمائي ڪري؟

اهو سچ آهي تہ جمال ابڙي ايترو گهڻو ڪونہ لکيو جيترو شيخ اياز الطاف شيخ، مرزا قليچ بيگ ۽ ٻين صاحبن لکيو پر اهو بہ سچ آهي تہ هن جيڪي لکيو خُوب لکيو ۽ سنڌي ادب ۾ نوان لاڙا ڏنا. جڏهن هن ڪهاڻي لکي تہ ڏيڍ، ٻن، يا وڌ ۾ وڌ اڍائي صفحن ۾ سڄو معامرو نبيري سامهون رکي ٿي ڇڏيو. ۽ جڏهن آتم ڪٿا لکي تہ ان کي "ڪٿا" سڏيائين جنهن جي ڪابہ پڇاڙي ٿي ڪونہ پئي سگهي. زندگي ڪُٺي وڃي پر ڳالهيون نہ کُٽن. هُو ڳالهہ مان ڳالهہ ۽ ڪردار مان ڪردار اڻيندو ٿي ويو. هن جيئرن جاڳندن دوستن ۽ احبابن کي پنهنجي اٽڪت ڪٿا جو ڪردار بڻايو جنهن ۾ هنن جي باقاعدي ڪردار نويسي ڪيائين، هنن جا ٺهڪ، هنن جي ڀُڙڀُڙ، هنن جون ڳالهيون، سندن سوچن ۽ عمل جو انداز ۽ هنن جي خوبين يا ڪن خاص شوقن جو بيان ـ سڀ ڪجهہ ايئن آهي ڄڻ اهي ڪنهن ڪهاڻيءَ جا ڪردار هجن. آئون تہ ان ڪٿا جي پنجن ئي مجموعن کي سچين ڪهاڻين جا مجموعا سمجهان ٿو. سچ پچ تہ انهن ڪهاڻين ۾ ڪيئي مختصر ڪهاڻيون موجود آهن جن کي سنڌي ادب ۾ ڪنهن وقت 'اڪهاڻيون' چيو ويندو هو.

ان وضاحت جي باوجود آئون شايد ان ڪوٺ بابت ڪجهہ چوڻ جي پوزيشن ۾ آهيان تہ نيٺ جمال ابڙي جواني ۽ پيريءَ جي وچ واري عرصي ۾ ايترو گهٽ ڇو لکيو؟ توهان کي خبر هجي تہ بابا سائين کي 1967 ۾ (43 سالن جي ڄمار ۾) دل جو تمام سخت دورو پيو هو. ايترو سخت جو دل جو 76 سيڪڙو حصو متاثر ٿيو هو. ان وقت جي هارٽ اسپيشلسٽ ڊاڪٽر ڪريم عباسيءَ بابا سائين کي دلاسو ڏيئي چيو هو "فڪر نہ ڪر تون ڏهہ سال ڪڍي ويندين!" ان کان پوءِ 1981 ۽ 1987 ڌاري ٻيو ۽ ٽيون ڀيرو دورا پيا هئا. ڊاڪٽرن باباَ سائين جو ٻاءِ پاس ۽ اينجوگرافي بہ نہ ڪئي جو سمجهيائون پئي تہ اهو ڪم انتهائي خطرناڪ هو. بابا سائينءَ جو باقي عرصو دل جو علاج ڊاڪٽر اظهر فاروقي ڪندو رهيو جنهن بار بار معائنن دوران



Gul Hayat Institute

محسوس ڪيو تہ دل ۾ پيدا ٿيل هڪ سوراخ خودبخود پرجي ويو آهي . ان واقعي تي خود ڊاڪٽر بہ حيران هو ۽ چوندو هو تہ اهو ميڊيڪل هسٽريءَ ۾ رپورٽ ڪرڻ جهڙو واقعو آهي. بهرحال، ڊاڪٽرن جي لڳاتار ڪوشش ۽ قادر جي قدرت سان بابا سائين فقط 24 سيڪڙو ڪم ڪندڙ دل، يعني خطرناڪ حد تائين ڪمزور جسماني حالت پر روحاني اُتساهہ ۽ قوت ارادي‌ءَ سان ان کان پوءِ بہ 37 سال اسان سان گڏ رهيو.( پر اهي ڏينهن بہ ڪيترو جلدي گذري ويا!)

جنهن وقت بابا سائينءَ کي دل جو پهريون دورو پيو هو ان وقت هُو حيدرآباد ۾ جج هو ۽ مئڪسم گورڪيءَ جو ناول " ماءُ " ترجمو ڪري رهيو هو اهو ڪم اڌ ۾ رهجي ويو. ان کانپوءِ جڏهن صحت ڪجهہ بهتر ٿي تڏهن مارڪ ٽوئن جو ڪتاب "ٽِموُنءَ جا ڪارناما" ترجمو ڪرڻ ورتو پر دل اها مشقت ڪرڻ جي لائق نہ هئي. ڊاڪٽرن تمام سختيءَ سان کين لکڻ کان منع ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ قلمي، علمي ۽ ذهني ڪم رت ولوڙڻ کان سواءِ نہ ٿيندو آهي. بابا سائين مونکي ٻڌايو تہ تحرير جي عمل دوران هنن تي جيڪا حالت طاري ٿيندي هئي، " اها ڄڻ تہ ڪا وجداني ڪيفيت هوندي آهي. مان جنهن مهل لکڻ ويهندو آهيان تڏهن پهرين سامهون پيل هر شيءِ آهستي آهستي گم ٿي ويندي آهي، هر هڪ شيءِ / ڪمري ۾ پيل هر شيءِ سان واسطو معطل ٿي ويندو آهي، پوءِ جسم تپڻ لڳندو آهي، نڪ ۽ ڪن جون چوٽيون گرم ٿي ونديون اٿم ۽ ايئن محسوس ٿيندو آهي ڄڻ مان ڪٿي هوائن ۾ ترندو هجان!"

'ان ريت بابا سائينءَ کان تحرير جو ڪم ڇڏائجي ويو. ويتر جو کين قلم کڻڻ مهل 'هٿ ڪنبڻيءَ' جو هڪ انتهائي لاشعوري عارضو هو ان ڪري سندن تحريرون مقداري حساب ۾ گهٽجي ويون...

پر ايئن ڪونہ آهي تہ بابا سائين لکڻ جي معاملي ۾ يا خيالن جي ڏي وٺ جي حوالي سان لاتعلق ٿي ويا هجن! سندن حلقو هميشہ اهو ئي رهيو جيڪو شروع کان هو ۽ اڄ بہ آهي. هن اخباري ۽ رسالن جي دنيا کي بہ ڪنٽريبيوٽ ڪيو ۽ ڪي اهم تاريخي واقعا قلمبند ڪيا، ڪي دانشوراڻيون صلاحون قوم جي آڏو پيش ڪيون، سنڌ ۾ رياستي جبر جو هڪ ڊائري نما جائزو پيش ڪيو. بدقسمتيءَ سان سنڌ جي ڪن وڏين اخبارن ۾ ويٺل نوجوان سب ايڊيٽرن جمال ابڙي جا مضمون ۽ ڪالم بہ ايڊٽ ڪري شايع ڪيا. ان صورتحال بابا سائينءَ کي دل برداشتہ ڪيو ۽ اخبارن لاءِ لکڻ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيائون.

اخباري مضمونن ۽ ڪالمن ۾ هنن سنڌ جي ورهايل ووٽ بينڪ، ڪارو ڪاري ڪلچر جي قانوني ۽ شرعي روشنيءَ ۾ نفي، شاهہ لطيف، سچل، دهشت گردي، شاگرد جي حيثيت ۾ قائد اعظم سان ڏکهي ملاقات ۽ پاڪستان نعراءَ سميت ٻين موضوعن تي لکيو. منهنجي خيال ۾ انهن لکتن جي حيثيت محض روايتي نہ آهي بلڪ اهي باقاعدي سندون ۽ ريفرنس تحريرون آهن ڇاڪاڻ تہ

انهن ۾ نہ فقط 80 سالن جو تجربو آهي پر اهو تجربو عدليہ، قانونيہ، شريعت، تصوف، سائنس، عملي سياست، ادب،سماجي خدمتن، عوام ۽ بيوروڪريسي جي عملي مشاهدي تي ٻڌل آهي.

بابا سائين جون انهن مان ڪجھہ تحريرون مون وٽ محفوظ آهن، جيڪڏهن ڪو ادارو اڳتي اچي اهي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرڻ چاهي تہ آئون ان سان تعاون لاءِ پاڻ کي پابند سمجهان ٿو پر جيڪڏهن ان سلسلي ۾ ڪو بہ سهڪاري نہ ٿيو تڏهن بہ جمال ابڙي جو ڪتنب پنهنجي مربيءَ جو قلمي پورهيو ضايع ٿيڻ نہ ڏيندو ۽ شايع ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪندو.

ان موقعي تي آئون سيني مهربانن کي پنهنجي سڄي ڪتنب جي پاران هٿ ادب جا ٻڌي گذارش ٿو ڪريان تہ جيڪڏهن توهان مان ڪنهن وٽ جمال ابڙي جا ڪي خط يا ڪي مضمون موجود آهن تہ مهرباني ڪري انهن جون فوٽو ڪاپيون مون کي ڏيو. جيڪڏهن بابا سائينءَ جي حوالي سان توهان ڪي يادگيريون يا يادگار واقعا تحرير ڪري سگهو ٿا تہ مهرباني ڪري تحرير ڪري اُماڻيو تہ جيئن انهن کي ڪتابي صورت ۾ آڻي سگهجي. جيڪڏهن توهان کي جمال ابڙي جا تحرير ڪيل ڪتابن جا ڪي مهاڳ سجهندا هجن تہ مهرباني ڪري انهن جي نشاندهي ڪريو يا انهن جي فوٽو ڪاپي عنايت ڪريو. جيڪڏهن توهان وٽ جمال ابڙي صاحب جون ڪي پراڻيون تصويرون سندن دوستن سان گڏ آهن تہ اهي ڪمپيوٽر تي اسڪين ڪري موڪليو يا اصل تصويرون ان اعتماد سان موڪليو تہ اهي توهان کي جيئن جو تيئن هڪ هفتي اندر واپس ملنديون.

منهنجي خيال ۾ جمال ابڙي کي ايندڙ نسلن تائين پهچائڻ لاءِ ڪي مناسب قدم هن ريت ٿي سگهن ٿا:

1- ”پشو پاشا“ جو نئون ڇاپو جنهن ۾ جمال ابڙي جون سڀ ڪهاڻيون موجود هجن، ۽ انهن ۾ پروفن جي ڪا بہ چُڪ نہ هجي.

2- جمال ابڙي جي اڻڇپيل ڪتابن جي اشاعت.

3- جمال ابڙي جي مضمونن، مهاڳن وغيره تي مشتمل هڪ ڪتاب جن مان هن جي سماجي ۽ ادبي نقاد واري لڪل شخصيت ظاهر ٿئي.

4- جمال ابڙي جي انٽرويوز تي ٻڌل هڪ ڪتاب.

5- جمال ابڙي جي فن تي تنقيدي مضمونن جو جامع ڪتاب.

6- جمال ابڙي جي همعصر اديبن ۽دوستن جا جمال ابڙي بابت واقعا ۽ تاثر.

7- پشو پاشا ڪتاب جو انگريزي، اردو ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجمو.

8- سنڌ جي ڪنهن بہ شهر خاص ڪري لاڙڪاڻي، حيدرآباد يا ڪراچيءَ ۾ ڪنهن لائبريري، ادبي عمارت يا هال وغيره کي جمال ابڙي جي نالي سان نسبت ڏيڻ.

توهان سيني جي مهرباني!

Gul Hayat Institute

# لڙڪ نہ لکڻ ڏين، ڪِريو پون قلم تي

بدر ابڙو

(هي مضمون ڪراچي پريس ڪلب ۾ جمال ابڙي بابت
ڪوٺايل تعزيتي اجلاس ۾ پڙهيو ويو)

جنهن جو اندر وڍيل هوندو سو ڇا ڳالهائيندو ڪهڙيون محفلون مچائيندو؟ بس! دنيا جي رسم پوري ڪرڻي آهي، تنوير عباسيءَ جي لفظن ۾ 'جيئڻو آهي تہ پيئڻو پوندو جيئڻ ٽيڪ زهر جهڙو ڪڙو آهي'.

سگهن سُڏ نہ سُور جي، گهايل ڪيئن گهارين
پِيل پاسو پٽ تان، واڍِ وڙيــلَ نہ وارين
پر ۾ پَچَنِ پرينءَ لئہ، هئہ! هنجُون هارين
سجڻ جي سارين، تن رويو وهامي راتڙي

دل چوي ٿي تہ شاهہ جو سڄو رسالو اچوڪي ڏينهن ۾ لکي وجان پر ڇا ان سان دل جو درد گهٽجندو؟ لطيف جي هر سٽ سان "سورن جون شاخون" ڦٽن ٿيون، زخم تي مرهم تہ ڪونہ ٿيون رکن وبتر فراق جي ڦٽن کي کوٽين ٿيون. خير! مرهم تہ آئون رکڻ بہ ڪونہ ٿو چاهيان. پلي تہ ڦٽ پيو چِڪي! ۽ چِڪي چِڪي زخم کي جيون روڳ بڻائي ڇڏي.
زخمي تہ هرڪو آهي، هر ماڻهو زخمن سان پُريو پيو آهي، ايتري قدر جو فارسي شاعر کان دانهن نڪري وئي،

"تن هَمہ داغ داغ، پنبہ ڪُجا ڪُجا دهندا"

ڪي ماڻهو زخمن تي مرهم رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، ڪي ماڻهو پنهنجي زخمن کي سانڍي رکندا آهن. زخم پنهنجو آهي، پرائو تہ نہ آهي جو وساري ڇڏجي يا اچلائي ڦِٽو ڪجي! هونئن بہ 'زندگي دک ئي دک' تہ آهي ۽ ڪيترا دک وساري ڪيترا وساريا؟
... ۽ ها! جڏهن درد خوشبوءِ ۽ شفقت جي درياهہ جي وڇوڙي جو هجي تہ

ڪھڙو بدبخت اھي لمحا وسارڻ چاھيندو؟ ڪبير داس چيو

"چندن ڪي ڪُٽڪي ڀَلِي، ٻٻول لک رائون
ساڌُن ڪي جھونپڙي ڀلي، نا ساڪٽ ڪو گائون"

(چندن جي ھڪ تاري چڱي آھي، توڻي جو ٻٻر جا لک وڻ ھجن. ساڌوءَ جي ھڪ جھوپڙي ڀلي آھي، بيھودن ماڻھن جو سڄو ڳوٺ بيڪار آھي.)

آئون جنھن چندن يا ساڌوءَ جي ڳالھہ ٿو ڪريان، ڇا ضروري آھي تہ ان جو نالو ڪڍان؟

روشنيءَ جو رنگ ڪھڙو بہ ھجي، روشني روشني ھوندي آھي. خوشبوءَ جو نالو ڪھڙو بہ ھجي، اھا خوشبوءِ ئي ھوندي آھي. سُورمي جو نالو ڪھڙو بہ ھجي اھو سورمو ئي ھوندو آھي. تعريف ان ئي سورمي جي ٿيندي آھي جيڪو مقرر مقصد خاطر پوري سچائيءَ سان وڙھندو آھي. جيڪو جنگ جي ميدان ۾ ٽُڪر ٽُڪر ٿي ويندو آھي، تڏھن بہ ميدان نہ ڇڏيندو آھي. ھيءَ ان ئي بهادر جي ساراھہ آھي جنھن پنھنجي جسم تي ڪڏھن بہ زرھہ نہ پاتي ۽ سينو تاڻي بيٺو رھيو جُھڪيو تہ فقط ان جي آڏو جنھن کي ھن پوڄيو ۽ ڪُڇيو تہ فقط ان سان جنھن پُڇيو. ڪبير داس چيو:

"اتي ڪا ڀلا نہ بولنا، اتي ڪي ڀلي نہ چُوپ
اتي ڪا ڀلا نہ برسنا، اتي ڪي ڀلي نہ ڌُوپ"

(نہ گھڻو ڳالھائڻ چڱو آھي، نہ گھڻي خاموشي، نہ حد کان وڌيڪ برسات چڱي آھي ۽ نہ سخت اُس)

آئون ان ماڻھوءَ جي ڳالھہ ٿو ڪيان جنھن کي خدا ۽ خدا جي خلق وٽان سيڪجھہ مليو صبر، عزت، پيار ۽ محبتا (۽ ھا ڪن گستاخيون بہ ڪيون، ڀلا! ڪير آھي، جنھن سان گستاخي نہ ٿي ٿئي؟) موت ۾ ھو سيني کي دعائون ڏيندو رھيو. خاموشيءَ سان، جيڪو جنھن موقعي تي ياد آيو ان لاءِ اتي چڱا گفتا چيائين. ايڏو ڪجھہ ملڻ کانپوءِ بہ ڪڏھن ڪا دعويٰ نہ ڪيائين نہ وري ڪن رھجي ويل حسرتن جي ڳالھہ ڪيائين.

پايا ڪھين تو باوري کويا ڪھين تي ڪُور
پايا کويا ڪُڇ نھين، جيون ڪاتيون ڀرپور

(جيڪي مِلڻ يا حاصل ڪرڻ جي دعويٰ ٿا ڪن اھي چريا آھن ۽ جيڪي چون ٿا اسان وڃايو آھي، اھي ڪوڙا آھن. جنھن ماڻھوءَ نہ ڪجھہ وڃايو ۽ نہ ڪجھہ حاصل ڪيو سو جيئڻ جو تيئڻ مڪمل بيٺو رھيو!)

بابا سائين (جنھن کي دنيا جمال ابڙو سڏي ٿي) اڄ بہ حيات آھي ۽ ھن وقت بہ



Gul Hayat Institute

مونسان گڏ آهي. موت ۽ زندگي رات ۽ ڏينهن يا اونداهي ۽ روشني وانگر آهن. بس حواسن جي سگهه بي وس ٿي وڃي ٿي ۽ جسماني وجود عدم ۾ بدلجي وڃن ٿا. ان ڳالهه تي بابا سائين کي به يقين هو ۽ مونکي به آهي. پلي ته ڪنهن ڪامريڊ کي اها ڳالهه تجريدي ۽ بي تڪي محسوس ٿئي. نه مونکي ڪا وضاحت ڏيڻ جي ضرورت آهي ۽ نه مان ڪرڻ چاهيان ٿو. هي جو شاهه لطيف اسان سيني جو سرواڻ آهي (ڪامريڊن جو به) ۽ عجب جهڙيون ڳجهه ڳجهاندر ڳالهيون پيو ڪري، ڇا محض شاعراڻي لفاظي ڪري ويو آهي:

گياني سي ڪئي ڪها، ڪهت ڪبير لجاءِ
انڌي ڪي آگي ناچني، ڪلا اڪارت جاءِ

(لفظن جي عالمن کي ڇا چوان؟ ڪبير کي انهن کان لڄ ٿي اچي، انڌي جي آڏو نچڻ سان ڪلا ضايع ٿئي ٿي)

سچي ماڻهوءَ کي بد دعا نه لڳندي آهي ۽ سچي انسان کي موت ڪائي نه سگهندو آهي مريد کي مرشد ملندو آهي ته مراد ۾ سمائجي ويندو آهي يا پاڻ سچ ۾ تبديل ٿي ويندو آهي، پر فقيرن جي اها ڳالهه ڪير مڃيندو؟

سانچ ڪهون تو مارهين، جهوٺي جگ پتيائي
يه جگ ڪالي ڪوڪري، يو ڇيڙي تا ڪاءِ!

(سچي ڳالهه ٿو چوان ته ماڻهو مارين ٿا پر ڪوڙ تي يقين ڪري ٿا وڃن، هيءَ دنيا ڪاري ڪُتي آهي، ان کي جيڪو ڇيڙيندو ان کي چڪ پائيندي آهي)

مون کي جيڪي چوڻو هو ڪبيرداس چئي ويو آهي، هاڻي مون وٽ چوڻ لاءِ ڪجهه به ڪونه آهي.

ڪهنا ٿا سو ڪهه ديا، اب ڳڇهه ڪها نه جاءِ
ايڪ گيا سو جا رها، دريا لهر سماءِ

(جيڪي ڪجهه مونکي چوڻو هو سو چئي ڇڏيم، هن کانپوءِ ڪجهه چئي نه ٿو سگهان. جيڪو لفظ نڪتو سو نڪري گم ٿي ويو جيئن درياهه ۾ لهر سمائجي ويندي آهي.)

دوست زور ٿا پرين "پنهنجي والد جمال ابڙي جي وڇوڙي تي ڳالهاءِ، ڪجهه لک، ڪجهه ٻڌاءِ!" پر آئون ڇا لکان؟ ڇا چوان؟ ڇا ٻڌايان؟ لڙڪ لکڻ نه ٿا ڏين ۽ قلم تي ڪري پون ٿا، لفظ سيني ۾ ئي گهٽجي وڃن ٿا ۽..

يارو! معاف ڪجو جيڪڏهن مون پنهنجي ذاتي ڏک ۾ توهان کي لهسائي وڌو هجي.

Gul Hayat Institute

# مهربان اکين جو وڇوڙو

مهتاب اڪبر راشدي

سندس آڪاڻيون ته اڳ، اسڪول جي وقت ۾ پڙهيل هيون، پر ملاقات تڏهن ٿي، جڏهن منهنجو نوڪريءَ سانگي ڪراچيءَ ۾ رهڻ ٿيو. جيتوڻيڪ هو سيمينارن ۽ ڪانفرنسن ۾ اچڻ کان گوشو ڪندو هو. پوءِ به ساڻس ڪن ادبي پروگرامن ۾ ملاقات جو موقعو مليو ڪيس ٻڌڻ جو موقعو مليو. نهايت خاموش طبع، نه ڪنهن تي تبصر ڪندو نه وري ڪنهن جي باري ۾ پڇندو ته هن ڇا پئي چيو! خاموش، بلڪل خاموش! ماٺ مطالعي جيئن!

مون کي هن جي اکين ۾ هڪ مهربان شخص نظر آيو. اهڙو سپاجهو انسان جنهن جي ديد ۾ زماني جو درد سمايل هو. شايد سڄي سنڌ جو درد! پر درد جو درمان ڪير؟ سو ڪنهن سان سلجي! ميار ڪنهن کي ڏجي؟ انهن کي، جيڪي اڳئي مصيبت ماريا ۽ زماني جا ستايل آهن! هو سور سهندو اندر ۾ اوتيندو رهيو پر ڪڏهن به ڪنهن کي نه ڏوهه ڏنو نه ڏوراپو! بقول سنڌس لائق پٽ بدر ابڙي جي: جڏهن ڪاوڙيو آهي ته ڪاوڙ پي ويندو آهي. (تمام گهڻي چڙ ايندس ته چوندو 'ڪارو اٿس منهن!') ٻئي جي ڳالهه ٻڌي نه سگهندو يا ته پاسيرو ٿي ويهندو يا وري مجلس ڇڏي ئي ويندو. ڳالهه ۽ چاپلوسي سندس چڙ هئا. جمال ابڙو جهڙو اندر تهڙو ٻاهر! جيڪي هن لکيو اهو ڪري به ڏيکاريائين. وقت اچڻ تي بنگال ۾ ڏڪر ستايلن جي سهائتا لاءِ رضاڪار طور ڪم ڪيائين ته خاڪسار تحريڪ ۾ سرگرم ڪارڪن به رهيو. قول توڙي فعل ۾ انسان دوست ۽ سنڌ دوست هو. سندس تحريرون ان جو جيئرو جاڳندو ثبوت آهن. نوڪريءَ دوران هو جتي به ويو اتي کي ڪردار ڏنائين. ڪي چڱايون لڳايون ڏنائين ته انهن کي قلمبند ڪيائين پوري جرئت، اخلاص ۽ جذبي سان البت هڪ ذميوار اديب جي حيثيت ۾ هن سچائي سان گڏ، ڪهاڻين کي نوان موڙ ۽ لاڙا پڻ ڏنا. جيڪي سندس نظريي مطابق وقت جي ضرورت هئا. نيم جاگيرداري دؤر ۽ سينواريل سماج ۾ سماج کي اڳتي وٺي وڃڻ باهمت ڪردارن جي گهڻي گهرج هئي. 'پِشو پاشا' ۽ 'لاٽ' ڪهاڻيون هن اُن نظرئي هيٺ لکيون. پوري ننڍي کنڊ ۾ ڪردار سازي هڪ نئين ادبي رويي



Gul Hayat Institute

طور لکڻين جو موضوع بڻي. قرت العين حيدر، ڪرشن چندر، سعادت حسن منٽو کان وٺي شيخ اياز، جمال رند، حفيظ شيخ، اياز قادري تائين ليکڪ ان جو عملي اظهار ڪري رهيا هئا.

جمال ابڙي جا ڪردار ڪي اوپرا ۽ فوق الفطرت ڪين هئا. اهي اسان جي سماج جو حصو هئا، ۽ آهن. اڄ به اهي ڪيترن هنڌن تي نظر اچن ٿا. پر اها جمال ابڙي جي قلم جي قدرت هئي جو ڪانئن اهڙو ڪم ورتائين جو اهي امر ٿي ويا. پيراڻي جهڙيون معصوم نينگريون اڄ به معاشي بدحال ۽ بدچال پيئرن جي لوڀ ۽ لالچ جي نذر ٿي رهيون آهن، جن جي اکين ۾ حسرت ئي حسرت آهي، نه سندن خواب آهن نه انگل آرا، بس جانورن واري زندگي گذاري رهيون آهن. لالوءَ جهڙا بي حس انسان سندن ارمانن جي قتل لاءِ ڪاتي کنيون بيٺا آهن.

جمال ابڙو هو ته جج پر پاسو هميشه هيٺين جو کنيائين. وڪالت به انهن جي ڪيائين، هن چاتو ٿي ته هو ڪجهه ڪجي ڪين سگهندا، سندن حوصلو ۽ همت ڪانئن کسي ويئي آهي. مار ڪيو وينا ڏاڍ ۽ جبر سهندا. 'منهن ڪارو' ڪهاڻي اهڙن ڪردارن جو چٽو پٽو عڪس آهي. هو انسان جي عظمت ۽ برابريءَ ۾ پورو ويساهه رکندو هو. سماجي ننڍ وڏائيءَ خلاف هن عملي جهاد به ڪيو ته قلمي جهاد پڻ. ڪهاڻي 'شاهه جو قر'، 'ماءُ جي جهولي' ۽ 'بدتميز' ان جا شاهڪار مثال آهن.

سچ پڇو ته سائين جمال ابڙو مون کي شاهه لطيف جو ڪو ڪردار لڳندو هو. صفا سچو صوفي، جنهن وجود جو ورق ڏوئي، پريان سندو پيچرو ورتو هجي. ڏُوئي کان دور، 'هو چونئي تون مَ چؤ واتان ورائي'. پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکي ٿو. حسن سلوڪ آهي: هيناهين وٺڻ، نهنو ٿيڻ، جهيٽو ڳالهائڻ، ڪاوڙ ڪروڌ نه ڪرڻ، سهپ ۽ برداشت جو مادو ڏارڻ، ٻين جي ڪم اچڻ، خدمت چاڪري ڪرڻ، ٻين جي سک لاءِ ڏک ڏسڻ ۽ قرباني ڪرڻ، پوءِ ڏسو ڪيڏو نه آنند ٿو اچي ۽ سچو سک ٿو ملي. ٻري سان ڀلو ڪرڻ ۾ ڪيڏو نه سک ۽ آنند آهي، سو ڪري ڏسو ته خبر پوي.

چڱن سان چڱائيون ائين تان سڀ ڪو هوءِ،
تو جئن ڪري نه ڪوءِ، بڇن سان ڀلائيون.

مون کي هن ڪيفيت ۾ 'غالب' ٿو ياد اچي. منهنجي نظر ۾ هو تمام وڏو شاعر ۽ عظيم انسان هو. فقير منش، تعصب کان ڏور رضا تي راضي، معاف ڪرڻ وارو پاڻ کي برو سمجهڻ وارو، منهنجي خيال ۾ هو سچو صوفي هو غالب جو ديوان منهنجي سيراندي کان پيو هوندو آهي. چئي ٿو:

نه سنو اگر برا ڪهي ڪوئي، نه ڪهو گر برا ڪري ڪوئي،
روڪ لو گر غلط چلي ڪوئي، بخش دو گر خطا ڪري ڪوئي.

Gul Hayat Institute

جمال ابڙي جو چوڻ هو تہ ”سنڌي سماج جون ڪي نراليون خاصيتون آهن، جنهن ڪري اهو اڄ بہ دائم ۽ قائم آهي. ڪيئي ارغون ترخان، عالمگير ۽ انگريز آيا، پر سنڌي سوسائٽي اڄ بہ انهن جي اثرن کان آجي ۽ اوچي ڳاٽ بيٺي آهي. ان جو خاص گڻ آهي: ميٺ محبت، سيني سان سنائي، مديءَ سان مهر، اسان وٽ مذهبي ڪٽرپڻو تہ اصل هو ئي ڪين. خدا چڱو ڪري انهن ڪوتاهہ نظر سياستدانن جو ذاتي مفادن کي مٿاهون رکي، سوين سالن جي ميٺ محبت واري ماحول ۾ مانڌاڻ وڌو ۽ سکر ۾ مسجد منزل گاهہ جو هترادو چڪر چلايو. ورنہ سنڌ تہ مسلمان خواهہ هندن توڙي اڇوتن جو آمجگاهہ هئي. صبح سان اٿندي دعا اهي گهربي هئي تہ ياالله اڍائي گهرن جو خير! (هڪ گهر هندن جو ٻيو مسلمانن جو ۽ اڌ گهر اڇوتن جو)“

اهو هو فڪر جمال ابڙي جو جنهن آڌار هن زندگي گذاري، ڪنهن سان ٻاڙو نہ ٻوليو. هو تہ ايرن سيرن توڙي اڙين جو اجهو هوندو هو. ون يونٽ واري دؤر ۾ شيخ اياز کان وٺي سوڀي گيانچنداڻيءَ تائين، ليبر توڙي ڪارڪن آئيءَ ويل اچي جمال سائين جي گهر پناهہ وٺندا هئا. جمال جج جو هوا ڪنهن کي مجال نہ هئي جو سندس در اورانگهي. هي ارڏا انسان ۽ سنڌ جي ڪاز لاءِ وڙهندڙ جوڌا جوان ابڙي جي اوطاق تي ترسيا پيا هوندا هئا. ان ۾ ڪا قدرت جي رمز هئي يا جمال ابڙي جو ڪردار جو هميشہ بچيو رهيو. هن سچي زندگي ٻئي لاءِ ٻرو نہ سوچيو هو تہ ٻيا وري هن لاءِ ڇو سوچين؟ ورنہ هڪ ٽڪي جي درخواست تي سياسي ڪارڪن تہ قيد ڪاٽين ها پر ابڙو صاحب نوڪري وڃائڻ سان گڏ ڪنهن وڏي تڪليف ۾ اچي وڃي ها پر هن ڪڏهن بہ انهن ڳالهين جي پرواهہ ڪانہ ڪئي، جن کي سچو سمجهيائين تن لاءِ سر بہ حاضر. پوءِ ڪٽن ياڳ! هو حيدر بخش جتوئيءَ سان مرڻ گهڙي تائين گڏ هو. اهو عمل هو بار بار ڪندو رهيو. اهڙي ماحول جو اثر سندس اولاد تي پڻ پيو. سندس وڏو پٽ بدر ابڙو ڪيئي سال قيد ڪاٽي آيو پر هنن ٻين اديبن جيان ڪڏهن بہ ان کي ڪيش نہ ڪرايو. نہ ڪنهن کي سهايائون، نہ وري ڪنهن مٿان ٽورو ٽڪيائون، هڪ فرض جي ادائگي هئي سا پوري ٿي. نوڪري هوندي جمال ابڙي سخت مارشلائي دؤر ۾ نہ صرف مارشل لاخلاف لکيو پر ضياءُ الحق کي عزرائيل سان تشبيهہ ڏني. سندس ڪهاڻي ’فرشتو‘ ان ماحول جي ڪهاڻي آهي. لکڻ وارو لکي ويو. ڇپڻ وارا ڇرڪيا ٿي. اهڙي جرئت ۽ همٿ ڪو ڪو ڪري سگهي ٿو شايد هزارن ۾ ڪو هڪڙو.

سائين جمال ابڙي پنهنجي اولاد جي تربيت بہ نرالي انداز ۾ ڪئي. جهڙوڪ سندس ٻار ڪن ڪهاڻين جا ڪردار هجن. انهن سان ائين نياءُ ڪندو ايندو هو. پٽ توڙي ڌيئر پڙهايائين. سڀ سٺن اسڪولن ۾ پڙهائڻ توڙي تربيت ۾ تر جيترو بہ تفاوت نہ رکيائين. سيني سان سلوڪ ساڳيو پٽ توڙي ڌيئر سندس دوست هئا،

اهڙا دوست جن سان دنيا جهان جون اوپاريون ۽ لهواريون ڳالهيون ڪري سگهجن. ساڻن ڳالهيون ڳجهه اندر جون ڪري سگهجن. ڪچهريون ڪندي ڪلاڪ ته ڇا راتيون وهامي وڃن.

گهرواريءَ سان ته سندس نرالو هو. پاڻ ته رڳو آفيس جي وقت ۾ هڪٻئي کان الڳ ٿيندا هوندا. ڪلچر کاتي پاران شايع ڪيل ڪتاب ۾ ٻن صفحن جو انتساب سندس نالي ڪيو اٿائين، جنهن ۾ پنهنجي رفيقه حيات جا ڇا ڇا ته ڳڻ ڳايا اٿائين. چئي "مان ته نه اديب هئس نه خان پر تنهنجي نالي سان هم آهنگ ٿي ڇا نه ٿي پيو آهيان. اعتبار نٿو اچيئي، ڏس ته، مان پاڻ پنهنجو هڪ شاهڪار افسانو بڻيو وتان، جڏهن مان پور پور هئس ته مون کي جوڙي ڇڏيائين ۽ جڏهن جوڙ جي ويس ته وري مون کي پور پور ڪري ويئي. هاڻ! پنهون ۽ پور پيا پٽين پاڻ ۾!"

مان سندس گهرواري جي رحلت تي ساڻس عذر خواهي ڪرڻ ويئي هيس. واقعي هو پور پور ٿي چڪو هو. ان جي وڃڻ کانپوءِ پاڻ سنڀالي نه سگهيو. نه ڪيس حال جو ڪو خيال رهيو نه مستقبل جي ڪا پرواهه. جتي پڪو ٽتي کاڌو ڪڏهن ڪنهن پٽ جي گهر ته ڪڏهن ڌيءَ جي گهر. شيو ڪرڻ به ڇڏي ڏنائين. ڪڏهن حال مست ته ڪڏهن قال مست، باقي زندگيءَ رب کي ريجهائڻ ۾ بسر ڪيائين. رب جو به مٿس راضپو هو ڪڏهن ڏکيو ڏينهن نه ڏنائين. نه ماڻهن جا مهڻا سنائين نه وري سرڪاري انڪوائرين ۾ پيو. جتي ويو ميرٽ جو مان مٿانهون ڪيائين. انصاف ڪندي ڪڏهن به سندس هٿ نه لڏيو. پلي ڪو ڪانيو خان هجي يا هاري پٽ، فيصلا اهڙا ڪيائين. جيڪي اڄ به جڊيشري جي تاريخ ۾ سونن لفظن ۾ ياد ڪيا وڃن ٿا. پنهنجي سوانح ۾ لکي ٿو ته "هميشه خدا جي ذات کي حاضر ڄاڻي حق جو فيصلو ڪيم. اڄ ذهن توڙي ضمير ٻئي مطمئن آهن".

جمال ابڙي جهڙا ڪردار سالن ڪسابن ۾ ورلي پيدا ٿيندا آهن. جيڪي پنهنجي جوت جلائي جڳ کي جلا بخشيندا آهن.

Gul Hayat Institute

بقول پٺاڻيءَ جي:

ڳوليان ڳوليان مَ لهان، ساٿي ڪالهوڻا،
لاهي لاڏوڻا، سفر ڪنهن سانگ ويا.

*(ڪراچي يونيورسٽيءَ پاران منعقد ٿيل تعزيتي گڏجاڻيءَ ۾ پڙهيل)*

# منجهس ڪمي نہ ڪا

جام ساقي

سائين جمال ابڙو صاحب پنهنجي روزي، نماز عمرن، زڪواتن ۽ رسول ڪريم صہ جن سان محبت نہ، پر عشق جي باوجود مسڪين مزدورن ۽ هارين جي سوچ ۽ محبت ۾ بہ ڪا ڪسر نہ ڇڏي. پاڻ ورهين کان وٺي پنهنجي هڪ ڏينهن جي پگهار پارٽي (ڪميونسٽ پارٽي) فنڊ ۾ ڏيندا هئا ۽ الاهي عرصو اها ڏيوٽي منهنجي رهي تہ، وٺائن اهو وٺي وڃان. پاڻ گهڻو ڪري هميشہ گهر هوندا هئا، انڪري ڪنهن بہ موقعي تي مون کي وري وٺن وڃڻو نہ پيو.

هڪ ڀيري آئون وٺن ويس، تہ سندن گهر تي چڱو خاصو ماڻهن جو ميڙ متو پيو هو. آئون ٿورو هٻڪيس، تہ پاڻ مون کي الڳ وٺي وڃي چيائون تہ، "اها رش ان ڪري آهي جو منهنجي ننڍڙي گذاري وئي آهي. اسين ان جي تدفين ۾ مصروف آهيون!" مون چيو "چڱو سائين پوءِ وري ايندس دفعي." تہ چيائون، "نہ ڪامريڊ، ائين وري ڪيئن ٿيندو. سڻا اصل هٿ هاج ۾، دل يار دي. سو اهي سڀ ڪم هڪ ٿي وقت نباهبا، فڪر نہ ڪريو" - ۽ ائين اندران وڃي ڏوڪڙ ڪڍي آيا ۽ ڏيئي مون کي رخصت ڪيائون.

ڪن ڪن شخصيتن سان ڪافي ملاقاتون ٿيون، پر پوءِ بہ اهو نہ لڳندو تہ ساڻن پهرين ملاقات ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿي. لڳندو اهو تہ، روزِ ازل جو ناتو آهي. اهي ڪچهريون هميشہ قائم رهيون آهن، پوءِ بہ هر ملاقات ۾ وٺائن ڪا نہ ڪا ڳالهہ پرائي اڇبي، ڪو نئون نقطو سکي اچبو.

پاڻ جج هئڻ واري عرصي ۾ اڪثر چوندا هئا، "يار، ايماندار جج بہ ڪهڙي خدمت ٿا ڪن. ماڻهن جو هن عدالتي نظام لاءِ ويساهہ پيا پيدا ڪن. اها ڳالهہ بہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح هن سرمائيداري نظام کي ٽيڪو تي ڏئي!" هر ڳالهہ جو ڳوڙهو اڀياس رکندا هئا.

اسان جو فوجي ڪورٽ ۾ ڪيس پئي هليو. خاص طرح اهو ڪيس، جنهن ۾ محترمہ بينظير ڀٽو خان عبدالولي خان، مير غوث بخش بزنجو معراج محمد خان، علامہ محمد شاهہ امروٽي اسان جي بچاءُ جا شاهد ٿي آيا، تڏهن گهڻو ڪري روز نہ، تہ ٻئي ڏينهن، ٽئين ڏينهن ڪورٽ ۾ ايندا هئا. ڪجهہ ڏينهن ڪيس ۾ مارشل لاءِ ريگيوليشن 15 جي ڪري اهو افواهہ بہ هليو تہ، اسان کي شايد سزاءِ موت ڏين. سندن موٽي پٽ بدر ابڙو بہ ان ڪيس ۾ جوابدار هو پر پوءِ بہ سندن حوصلي ۾ ڪڏهن بہ ڪمي ڪانہ ڏٺي سون.



Gul Hayat Institute

# جمال ابڙي کي جيئڻ مون ڏٺو

محمد هاشم لغاري

مرحوم جمال ابڙو صاحب سنڌ ڌرتي جي انهن مهان انسانن مان هڪ هو جيڪي سرڪاري نوڪريءَ ۾ هوندي به حق ۽ سچ چوندا رهيا ۽ ان جي لاءِ سڄي ڄمار پاڻ پتوڙيندا به رهيا.

56 — 1955 ڌاران مان اسلاميه هاءِ اسڪول مسڻ وڏي ۾ پڙهندو هوس. ان وقت سنڌ هاري تحريڪ جو عروج هو. سنڌ هاري تحريڪ ان وقت وڏيڪ طاقتور ۽ سگهاري ٿي، جڏهن سنڌي غريب هارين کان زمينون کسي نون آيل پاڪستانين (مهاجرن) کي ڪليم ۾ ڏنيون ويون، جيڪي ڪليم اڪثر ڪوڙا هئا. چوندا آهن: 'ڏاڍي جي لٺ کي ٻه مٿا،' ان مصداق ڪير ڪُڇي؟

ان وقت ۾ مسڻ وڏي ۽ ان جي پرپاسي جا سرگرم هاري ڪارڪن ۽ اڳواڻ، جن ۾ استاد مولوي محمد اسماعيل لغاري، مولوي عبدالڪريم لغاري، مرحوم علي محمد ڪوسو عبدالرحمان لغاري، وريام ڪوسو، الله ڏنو گلال ۽ عبدالمجيد لغاري شامل هئا، جن جو تر ۾ چڱو اثر رسوخ هو ۽ ماڻهو سندن ڳالهه مڃيندا به هئا. هڪ ڏينهن اسان اسڪول ۾ پڙهي رهيا هئاسين ته اوچتو "موڪل، موڪل!" جا واڪا ٿي ويا. اِنهن اڳواڻن اسڪول جي سمورن شاگردن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري هدايت ڏني ته، "بابا جلد ڳوٺ وڃو. ڪليم وارين زمينن تي جيڪي ڦُٽيون بيٺيون آهن، اهي وڃي چونڊرايو ته جيئن هاري ٻئي مٿا ڪڻن، نه ته سرڪار ڦُٽيون ڪٽي ويندي ۽ هاري پنهنجي حق کان محروم رهجي ويندا!"

اسان مُنيون پيڙي وٺي ڳوٺ پڳاسين. هارين کي وڃي اها ڳالهه ٻڌائي سين. هارين سيني راڄن جا لاهيارا گڏ ڪري، اٽڪل 70 — 80 ايڪڙن تي بيٺل ڦُٽيون چونڊي ڪنيون. جنهن بعد مخالف ڌر وڃي ڪيس داخل ڪيو. هارين جو وڪيل هو محترم حفيظ قريشي ۽ جج هو جمال ابڙو صاحب. انهن ٻنهي شخصيتن جي ڪري هاري تحريڪ کي وڏي هٿي ملي. جيتوڻيڪ جمال صاحب هاري تحريڪ جو ميمبر نه هو پر سندس ورتاءُ ان ڳالهه جي گواهي ٿي ڏني ته، هو جڻ هاري تحريڪ جو رڪن هجي.

مولوي محمد اسماعيل ۽ ميان علي محمد ولهاريءَ جو جڳ مشهور جهڳڙو جيڪو سالن جا سال هليو. سو مولوي صاحب ۽ وڏيرن جي جهڳڙن ۾ هڪ دفعي ابڙي صاحب ڪورٽ ۾ هڪ وڏيري کي ذري گهٽ هٿڪڙيون پي هٽايون. اها ڳالهه ان علائقي ۾ ڏاڍي مشهور ٿي، جنهن سان هارين جو حوصلو وڌيڪ وڌيو. ان زماني ۾ مولوي صاحب ۽ ميان ولهاريءَ جا هڪ ٻئي تي 30 — 40 ڪيس داخل هوندا هئا. جنهن ڪري مولوي صاحب جا ماڻهو پيدل يا اُٺن تي چڙهي وڃي ڪورٽ جون حاضريون ڀريندا هئا. مرحوم (جمال ابڙو) انهن سان همدرديءَ سان پيش ايندو هو ۽ سندن مدد ڪندو هو.

هڪ دفعي اليڪشن جو دور هو. اسان اسڪول ۾ ويٺي پڙهيو. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته. اسانجي ٽر جو هڪ مشهور وڏيرو اليڪشن جي ورڪ تي آيو. مولوي صاحب شاگردن کي گڏ ڪري هٿ ۾ بانس جا لڪڙا ڏنا ۽ ٻڇ ڪئي ته. انهن وڏيرن کي نه ڇڏيو. اسان مٿن اُهي لٺيون وهايون جو وڏيري وري مُنهن نه ڪيو.

مرحوم جمال صاحب ۽ سندس ڀاءُ ڪمال ابڙو منهنجي ماما مرحوم حاجي محمد عالم سان ميرپورخاص ۾ گڏ پڙهيا هئا. وڏن جي ڪري ئي هن سان تعلق ٿيو. جمال ابڙو صاحب کي مون ڪيئي دفعا ميرپورخاص ۾ ماما جي دڪان "فينسي ڪلاٿ اسٽور" تي ڪچهريون ڪندي ڏٺو ۽ ٻڌو. اهو دڪان هاري ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جو مرڪز هوندو هو. ان وقت جا ناميارا هاري اڳواڻ ڪامريڊ غلام محمد لغاري، مولانا عبدالحق رباني، ڪامريڊ مير محمد ٽالپر، مولانا يعقوب هاليپوٽو، همدرد اخبار جو ايڊيٽر حاجي محمود هالائي، دولت جي ڳوٺ جو اڳواڻ حاجي قطب، مسڻ وڏيءَ جو حاجي اسماعيل لغاري، ڊاڪٽر احمد خان احمداڻي، حاجي مومن ڪيبر ۽ ٻيا انيڪ ڪارڪن، هاري، دوست دڪان تي اچي گڏ ٿيندا هئا. اهي سڀ پاڻ ۾ يا ته هم ڪلاسي هئا يا وري سندن سياسي ۽ نظرياتي ماڻٿي هئي. اهي پڻ اهڙا هيرا هئا، جهڙو جمال ابڙو، وڏا باوقار انسان هئا.

جمال ابڙي جو والد صاحب علي خان ابڙو جنهن قرآن شريف جو تفسير لکيو آهي، ان جي مهاڳ ۾ جمال صاحب لکيو آهي ته، "علامه صاحب مولوي محمد اسماعيل مسڻ واري جو وڏو معتقد هو ۽ ان وٽ علمي ڪچهرين لاءِ ويندو رهندو هو. هن پنهنجي نوڪريءَ واري پيشي ۾ پڻ پنهنجو پاڻ ملهايو. هو نهايت ايماندار ۽ بهادر آفيسر هو."

جڏهن 1979ع ۾ مان نوڪريءَ لاءِ اسلام آباد ويس ته مرحوم (جمال ابڙو) فيڊرل سروسز ٽريبونل جو ميمبر مقرر ٿي آيو. اسلام آباد جي سنڌين ۽ سڳا طرفان سندن مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو. ان وقت آءُ سڳا اسلام آباد جو صدر هئس. اسان مان هر هڪ ساڻس پنهنجو تعارف ڪرايو. آءُ ته جمال صاحب کي ننڍي هوندي کان

سجاڳندو هوس، پر ساڻس ويجهڙائي ۾ ڪا ملاقات نه ٿي سگهي هئي. جڏهن مون ڪيس پنهنجو نالو ٻڌايو ته، "مان محمد هاشم لغاري آهيان ۽ ٽنڊوالهيار جو آهيان،" ته هڪدم چيائين، "اتي ته مان به رهيو آهيان. اوهان ڪٿان جا آهيو؟ " مون وراڻيو "ڳوٺ قاضي نور محمد لغاري، نزديڪ مسڻ وڏي جو آهيان،" ته فورن چيائين، "تون بابا، عالم جي ڳوٺ جو آهين؟ " مون ڪيس ٻڌايو ته، " مان ان جو ناٺي ۽ ڀاڻيجو آهيان." ان کان پوءِ اتي ساڻس ملاقاتون ٿينديون رهيون. جڏهن ماما اسلام آباد آيو ته مون ٻنهي جي ڪچهري ڪرائي، جنهن تي ٻئي ڏاڍو خوش ٿيا.

مان 1994ع کان 1997ع تائين ڪراچيءَ ۾ سيڪريٽري سروسز مقرر ٿيس. تڏهن به ساڻن ڪچهريون ٿينديون رهنديون هيون. ان دوران ماما ۽ سائين جمال جي پنهنجي گهر تي ملاقات ڪرايم. ساڻن آخري ملاقات عبدالله جي ميمڻ جي مرتيي جي ميڙاڪي ۾ ٿي. مون کي ابڙو صاحب صحتمند پيو لڳو. سندن چهري تي نوراني سونهاري ڏاڍي سٺي ٿي لڳي. مرحوم سنڌ جي سرزمين جو هڪ منفرد انسان هو. هو ٻي بها خوبين جو مالڪ ۽ شفيق انسان هو. هر ڏکايل انسان، پورهيت ۽ غريب لاءِ هن جي دل ڌڙڪندي هئي. هو سنڌي ادب جو مهندار ليکڪ هو. هن مختصر، پر منفرد لکيو. هن جا سنڌ ۾ وڏ ۾ وڏ پڙهندڙ آهن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي هن واحد ڪهاڻيڪار کي ٻين ٻولين ۾ وڌ ۾ وڌ ترجمو ڪيو ويو.

2001ع ڌاري جڏهن مون کين مرحوم ماما محمد عالم لغاريءَ جي وفات جو ٻڌايو ته کيس ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ چيائين، "اسان جو وقت به ويجهو آهي."

مون کي جڏهن جمال صاحب جي لاڏاڻي جي خبر پئي ته، ائين لڳو ڄڻ منهنجي گهر جو وڏو چاچو يا مامو وفات ڪري ويو هجي. سندن فرزندن بدر ابڙي، ساجد ابڙي ۽ سندس خاندان سان اڄ تائين اهو ساڳيو رستو آهي ۽ زندگيءَ تائين قائم رهندو. رب سائين مرحوم کي جنت ۾ جايون ڏي ۽ ڏکويل سنڌڙيءَ کي سکيو ستابو ڪري، آمين.

"وڏي وٽ هٿام، ٻارو چا ڀنيور ۾.(شاهه)

Gul Hayat Institute

# منهنجو ڊي جي ڪاليج جي وقت جو دوست!

علي احمد قريشي

نهايت ڏک ۽ درد سان چوڻو پوي ٿو ته اسان جو گهرو دوست ۽ قابل شخص هن دنيا کي الوداع چئي ويو. اسان جي دوستي پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ تڏهن جي هئي، جڏهن اسين D.J سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پڙهندا هئاسين. پاڻ پهريان انجنيئرنگ ۾ داخلا ورتي هئائون، پر اهو ڪم ڏکيو سمجهي پوءِ آرٽس ۾ داخلا ورتائون. بعد ۾ 'لا' ۾ مڪمل ڊگري حاصل ڪيائون. انهن ڏينهن ۾ خاڪسار تحريڪ ۾ به حصو ورتائون ۽ پوءِ لاڙڪاڻي ۾ وڪالت ڪرڻ شروع ڪيائون. سندن ڀاءُ مسٽر شمس الدين هڪ مشهور ۽ ناميارو وڪيل هو جيڪو جلد ئي فوت ٿي ويو.

پاڻ سائين علي خان ابڙي جا ٻيو نمبر پٽ هئا. سائين علي خان ابڙو جن اصل تعلقي ميهڙ جا رهاڪو هئا، جن پوءِ لاڙڪاڻي ۾ سڪونت اختيار ڪئي. تعليم کاتي ۾ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر ٿيا ۽ وڏي ترقيءَ سان نوڪري سرانجام ڏنائون. آراضي تعلقي سيوهڻ ۾ منهنجو پهرئين درجي جو امتحان پڻ ورتو هئائون. ڪيترا ڪتاب لکيائون، پر مکيه ڳالهه هنن جي قرآن شريف جو ترجمو ۽ تفسير آهي. پاڻ وڏا عالم هئا.

جمال صاحب مرحوم سنڌيءَ جو عالم هو. پاڻ شارٽ اسٽوريءَ ۾ ڪاميابي حاصل ڪيائون. ان کان سواءِ ٻيا به ڪتاب لکيائون. ڪجهه عرصي جي وڪالت کان پوءِ جج ٿيا ۽ سيشن ججن تان رٽائر ڪيائون. سنڌ اسيمبليءَ جا سيڪريٽري به ٿي رهيا ۽ اهي فرض خوش اسلوبي ۽ ايمانداريءَ سان سرانجام ڏنائون. اڄڪلهه ججن جو ڪهڙو حال آهي. سنڌ ۾ جڊيشريءَ جو بيڙو ٻڏو پيو آهي. تازو دادوءَ جي هڪ ٻئي ايڊيشنل جج سنڌ هاءِ ڪورٽ جي فيصلي مٿان فيصلو ڏنو آهي. وڏي ڳالهه اِها آهي ته پاڻ ايمانداريءَ سان ايڊيشنل جج ٿي رهيا. جيڪا سندن وڏي خوبي هئي.

شروع ۾ سندن خيالات سوشلزم ڏي مائل هئا ۽ مذهب ڏي مائل نه هئا. پر پوءِ پوين ڏينهن ۾ سندن خيال تبديل ٿي چڪا هئا. مون ان لاءِ ڪيس اهڙو خط به لکيو



Gul Hayat Institute

هئو. دادوءَ وارو تاج صحرائي سندن پڪو يار ۽ سنگتي هئو. مان ۽ تاج صحرائي گهڻو وٽس ويندا هئاسون. شڪارپور ۾ وٽس رهياسون ۽ ساڻس ڪچهريون ڪيوسين.

پاڻ علي احمد بروهي ۽ شيخ اياز جا به ساٿاري هئا ۽ انهن ٽنهي جا خيال هڪجهڙا هئا. پر آخر ۾ ٽئي پنهنجن خيالن تان ڦري ويا هئا. بعد ۾ موت ڪين اسان کان جدا ڪري ڇڏيو. تاج صاحب به گذاري ويو.

حضرت ٻڌ جو چوڻ آهي ته، ”موت شل نه هجي ها، پر اها ڳالهه ناممڪن آهي!“ افسوس، صد افسوس جو اهڙا پيارا ماڻهو دنيا مان جلد ئي هليا پيا وڃن. سمجهه وارا ماڻهو روانا پيا ٿين. رب سائينءَ مٿن رحمت ڪري.

11 نومبر، 2004

Gul Hayat Institute

# فئوريٽ ماڻهو

## الطاف شيخ

جمال ابڙي صاحب جو ڪتاب 'پشو پاشا' مون مئٽرڪ ڪلاس جي موڪلن ۾ پڙهيو. انهن ئي ڏينهن ۾ مون کي ۽ منهنجي ڪجهہ ڪلاس ميٽس کي جمال ابڙي صاحب (۽ ان سان گڏ علي احمد بروهي ۽ شيخ اياز) سان ملڻ جو شوق ٿيو پر تن ڏينهن ۾ نہ اسان کي ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو جي بند مان ٻاهر نڪرڻ جي اجازت ٿي ملي ۽ نہ اها ڄاڻ هئي تہ اهي اسان جا فئوريٽ ماڻهو ڪٿي ملي سگهندا؟ اسان پاڻ جيڏن ڇوڪرن کان ئي پڇندا رهياسين (جيتوڻيڪ پنهنجي والد گل محمد شيخ کان پڇان ها تہ ان وقت ئي خبر پئجي وڃي ها، جو اهي ٽيئي شخصيتون منهنجي والد جون هم عمر، هم ڪلاسي ۽ دوست هيون.)

ڪجهہ سالن بعد اسان جي پيٽارو جي هڪ دوست لياقت علي جتوئيءَ سنڌ يونيورسٽي ۾ داخلا ورتي ۽ آئون هن سان ملڻ ويس تہ، لالا سڪندر نالي پنهنجي هڪ ڪلاس ميٽ سان ملائي مون کي چيائين، "الطاف، لالا سان ملي توکي خوشي ٿيندي."

"ڪيئن ڀلا؟" پڇيو مانس.

"جمال ابڙو صاحب لالا سڪندر جو مامو ٿئي!" لياقت چيو.

۽ پوءِ ڪجهہ سال جهاز هلائي جڏهن ڊگهي موڪل تي پاڪستان آيس تہ لالا سڪندر جي گهر حيدرآباد بہ ٽي دفعا ويس. خبر پيئي تہ جمال ابڙي صاحب جو گهر لالا سڪندر جي گهر جي پرسان ئي آهي، پر هو نوڪريءَ جي سلسلي ۾ ڪنهن ٻئي شهر (شايد خيرپور يا لاڙڪاڻي) ۾ آهي.

۽ پوءِ پاڪستان کان ٻاهر رهندي ٻيا بہ ڍاڪو ڪن سال گذري ويا. جمال صاحب سان هڪ دفعو وري ملڻ لاءِ لطيف آباد ڏي رخ رکيم. خبر پيئي تہ ، لالا سڪندر ۽ سندس سڀ مائٽ هاڻ اتي نٿا رهن. بهرحال جمال ابڙو صاحب سان منهنجي ملاقات ملائيشيا مان موٽڻ بعد 1991 ۾ قمر شهباز جي گهر ٿي. جتي هن ڊاڪٽر جوکيو ڊاڪٽر ڪامل راڄپر، ڪي بي رند، حسين شاهہ راشدي ۽ ٻين کي مانيءَ تي گهرايو هو.

قمر شهباز کي آئون چوندو هئس ته، ”جمال صاحب ملي ته آئون ڪانئس هڪ ڳالهه پڇندس.“

”ڪهڙي ڳالهه؟“ قمر پڇندو هو.

”بس جمال صاحب کان ئي پڇندس. تي سگهي ٿو هو ان جي جواب ۾ mind به ڪري.“

آخر قمر جي گهر جمال صاحب سان ملاڻ وقت قمر چيو: ”هاڻ پڇ ڇا پڇڻو اٿئي.“

بهرحال ڪا خاص ڳالهه نه هئي. منهنجي دل هميشه اهو چوندي هئي ته، ”جمال صاحب هيڏو وڏو ليکڪ آهي. هن ننڍي هوندي جيڪي لکيو سندن اهي شروعاتي تخليقون ئي hit وڃون، ته هاڻ ڇو نٿا لکن، جڏهن ته علي احمد بروهي صاحب، شيخ اياز ۽ ويندي منهنجا هم عمر دوست امر جليل ۽ قمر شهباز به لکندا اچن پيا؟“ مون اُن ملاقات ۾ اِهو ساڳيو سوال کانئن پڇيو.

جمال صاحب ان بابت ٻڌايو ته،”ان جو وڏو سبب روزگار جا مسئلا يعني نوڪري آهي، جنهن ۾ ڏينهن جو وڏو حصو هليو ٿو وڃي ۽ ٻي صحت صحيح نٿي رهي. ڪين هٿ جي تڪليف ڪري لکڻ ۾ دشواري رهي ٿي.“

بهرحال مون کي خوشي ٿي ته، جمال صاحب ڊفينس سوسائٽي ۾ اسان جي گهر کان سڌ پنڌ تي رهي ٿو. پوءِ هر مهيني ڏيڍ جڏهن به جمال صاحب ۽ سندن فرزند بدر وٽ وڃڻ ٿيندو هو ته آئون کين هر وقت پنهنجا memoirs لکڻ لاءِ چوندو هوس ۽ پنهنجي هڪ ڪتاب لاءِ پيش لفظ لکڻ لاءِ به عرض ڪيو. سائينءَ کي آئون اها ئي صلاح ڏيندو هوس ته پاڻ لکڻ بدران آواز ٽيپ ڪن، جيڪو بعد ۾ ڪاغذ تي اتاريو وڃي.

”آئون انهن ماڻهن مان آهيان، جن جي دماغ ۾ هٿ سان لکڻ مهل ئي liteas اچن ٿيون. انڪري ٿورو ٿورو ئي سهي، پر مون کي هٿ سان لکڻو پوندو –“ ۽ پوءِ هڪ ڏينهن ساڻن ملڻ آيس ته، مون کي منهنجي ڪتاب ”خبرون ڪيڙائن جون“ لاءِ لکيل پيش لفظ ڏنائون. پوءِ ڪجهه سال سڻيڀن ۾ رهڻ بعد ڳوٺان (هالا) مان ٿي حيدرآباد آيس ته نيو فيلڊس پبليڪشن جي فيروز ميمڻ صاحب جمال ابڙو صاحب جا نوان لکيل به ڪتاب (ننڍپڻ جي يادن بابت) ڏنا. مون کي اهي حاصل ڪري ڏاڍي خوشي ٿي ۽ فيروز کي چيم: ”يار هي تو نيڪ ڪم ڪيو آهي. هي ڪتاب ننڍي ٿهيءَ لاءِ زبردست guide line ثابت ٿيندا. “ ”ان کان علاوه به ٻيا ڪتاب به ڇاپي هيٺ آهن.“ فيروز ٻڌايو.

گذريل چند سالن ۾ جمال ابڙو صاحب جي انهن ڪتابن جا سيٽ آئون ڪيترن ئي اهم ماڻهن کي تحفي طور ڏئي چڪو آهيان ۽ انهن کي اهڙي قسم جي memoirs لکڻ لاءِ چوندو رهان ٿو. جمال ابڙو صاحب جي زندگيءَ جو اِهو پاس اڄ جي

نوجوانن کي ضرور ڪرڻ کپي ته، ”ڪيئن هڪ انسان پنهنجي سچي زندگي نيڪ ٽي رهيو سادگيءَ سان رهيو ايمانداريءَ ۽ انصاف سان نوڪري ڪيائين، پنهنجن ٻچن ٻارن سان پيار، محبت سان ۽ دوستن وانگر رهيو. ڌيرج ۽ اخلاق سان ڳالهايو ۽ هر هڪ جي عزت ڪئي. اهو ئي سبق هن پنهنجي اولاد کي به ڏنو.“

هر انسان کي هن جهان مان هلڻو آهي. جمال ابڙي صاحب جي وفات جو ٻڌي ڏک ٿيڻ لازمي ڳالهه آهي. مسجد سلطان (ڪلفٽن ڪراچيءَ) جي هڪ ڪنڊ ۾ امر جليل، انور پيرزادي ۽ يوسف شاهين سان گڏ ويهي ماڻهن جا انبوهه ڏسندو رهان ٿو جيڪي جمال ابڙو صاحب جي دفن ڪفن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آيا آهن. اڄ شيخ اياز نه آهي، اڄ علي احمد بروهي صاحب نه آهي، اڄ جمال ابڙو صاحب به ناهي. بقول قمر شهباز جي: ”در ٻوٽبا ٽا وڃن علم جا، ادب جا، ڏاهپ جا، سهپ جا، سوچ جا، سمجهه جا.“

# جمال ابڙو

انور پيرزادو

جمال ابڙو ڪيڏو وڏو ماڻهو هو ڪيڏو وڏو دانشور ۽ ڏاهو هو هن جي سنڌ جي مستقبل تي ۽ سنڌين جي آئيندي تي ڪيڏي نظر هئي، هن سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ڪيتري خدمت ڪئي ۽ سرڪاري عهدن تي رهڻ دوران غريب توڙي شاهوڪار سنڌي ماڻهن جي رت چوسڻ واري ڪاموڪي ڪلچر کان ڪيتري حد تائين پاڻ بچائي سگهيو ان جو هن وقت اسان کي تورو گهڻو اندازو تي چڪو آهي. ان لاءِ اسان سنڌي ميڊيا جا ٿورائتا آهيون. سنڌي پرنٽ ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا ان حوالي سان اسان جي ڪافي مدد ڪئي، پر قومي ميڊيا اسان کي لفٽ نه ڪرائي، شايد ان ڪري جو جمال ابڙي، علي احمد بروهي، سوڀو گيانچنداڻي، قاضي فيض محمد ۽ سائين جي ايم سيد جهڙن ڪيترن ئي ماڻهن بنگالين وانگر برطانوي سلطنت جي ڏاڍائي تسلط مان نڪري آزادي، خومختياري ۽ جمهوريت جا خواب ڏٺا هئا ـ ۽ شايد اهي ماڻهو اهڙي حقيقي جمهوريت جا قائل هئا، جيڪا هي ملڪ افورڊ نه تو ڪري سگهي.

اهو ئي سبب هو جو جمال ابڙي جهڙي وڏي سِنڌي دانشور جي ڪنهن صلاح مشوري جي وفاقي يا صوبائي حڪومت کي ڪڏهن به ڪا ضرورت پيش نه آئي. نه ڪاريءَ ڪارو واري اشوءَ تي، نه پاڻي مسئلي تي، نه ٿر جي ڏڪار تي، نه good governance تي ۽ نه پاورٽي ايليويئشن (غربت جي خاتمي) تي.

۽ شايد اهو ئي سبب هو جو جمالِ ابڙي جي خدمتن جي نه سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ کي ضرورت پئي، نه سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجي، شاهه لطيف چيئر، سنڌ ڪلچر ڊپارٽمينٽ، سنڌ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ، سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۽ نه سنڌ گورنمينٽ اهڙي ضرورت محسوس ڪئي.

ظاهر آهي ته جنهن سماجي ڪلچر ۾ بيمارين جو علاج پاڻي پڙهڻ ۽ سڄي ڏاڍي سان ٿي سگهي تو ۽ سياسي جوڙ توڙ ذريعي ئي اسيمبليون هلي سگهن ٿيون ته اهڙي ماحول ۾ مٿي ڄاڻايل سنڌي دانشورن جي عملي ڄاڻ ڪهڙي ڪم جي؟ اهڙي دور ۾ پيٽائي به اُمي آهي، جمال ابڙو سوڀو ۽ سيد به اُمي آهن. عالم اُهي آهن،

جيڪي آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بئنڪ، آمريڪا ۽ انگلستان جي اشارن تي هلن. انسان اهي آهن، جيڪي ٽن ملين يعني 30 لک ماڻهن جو قتلِ عام ڪري بہ چئي سگهن ٿا، ”اسان ملڪ جا محافظ آهيون.“

اگهيو ڪائو ڪچ، ماڻڪن موٽ ٿي،
پلئہ پايو سچ، آڇيندي لڄ مران. (شاهہ)

لڳي ٿو اهڙي صورتحال، جيڪا پٺتائيءَ جي دور ۾ هئي، سا شايد سنڌ جي ڏکمي تاريخ ۾ ڪا ڪروڙ دفعا دهرائي وئي آهي. سنڌ جي تاريخ جو جيڪو باب کول تہ ”حرف مڙيوئي هيڪڙو“ نظر اچي رهيو آهي. پر مان سمجهان ٿو تہ، سنڌ جي اهڙن دائمي دردن واري مسلسل ماحول ۾ رهندي بہ اسان کي ماتمي ڪلچر کان پاسو ڪرڻ گهرجي. اسان جنهن انياءَ ۾ پيڙجي رهيا آهيون ، سو گهوڙا، گهوڙا ڪرڻ سان ختم نہ ٿيندو ۽ نہ پاڻ کي مظلوم، محروم ۽ متاثرين چوڻ سان ماٺو ٿيندو. ڏاڍائي ۽ ڏاڙيوالي وارو سماجي ۽ سياسي ماحول انتها پسندي، خودڪشي ۽ رهزني جو جواب رهزني ذريعي ڏيڻ سان ختم نہ ٿيندو. اسان جون حالتون تڏهن سڌرنديون جڏهن اسان انهن جو سنجيدگيءَ سان جائزو وٺي، انهن جو اپياس ڪري ۽ موزون علاج تلاش ڪنداسين. اسان سان ٿيندڙ زيادتين جي اسان وٽ مڪمل ڊيٽا هئڻ گهرجي، جنهن جي آڌار تي اسان analysis ڪري سگهون. اسان کي پنهنجي ڪمزورين جي پلي پٽ پروڙ رکڻ گهرجي، مخالف جي طاقت جو صحيح اندازو ۽ بحران جو صحيح حل معلوم هئڻ گهرجي.

جمال ابڙي جي حڪمت عملي اها هئي. هو بيحد مٺي مزاج جو صوفي ماڻهو هو. هن جي واتان strong language مون ڪڏهن بہ ڪانہ ٻڌي. هر انسان پنهنجي اندر ۾ هڪ ڪائنات ٿئي ٿو. جمال پنهنجي ڪائنات پر امن طريقي، همت ۽ محنت سان، سچائي ۽ صفائي سان هلائي ۽ بهتر نموني ان جي مئنيجمينٽ ڪئي.

جمال ابڙي جو طريقہ واردات مهذب طرز جو هو. آمريڪا ۾ هڪ پروفيسر هڪ سنڌي نوجوان کي چيو تہ، ”اوهان سنڌ جي تهذيب تي اجايو ناز ٿا ڪريو اها پُر امن تهذيب ئي ڪهڙي ڪم جي، جنهن کي ڏاريا اچي هٿيارن جي مدد سان اجاڙي وڃن. “ان تي سنڌي نوجوان وراڻيو:

“It is simply because, we are civilized people.”

سو اسان جي صورتحال اهڙي سولي بہ ناهي، جنهن جو تدارڪ ڪنهن شارٽ ڪٽ ذريعي ممڪن هجي. ڪي ڪي ماجرائون سمجهڻ ۾ ڏاڍيون اوکيون ٿينديون آهن.

پاتشاهي نہ پاڙيان، سر تيون سسئيءَ ساڻ،
ڍڪي اگهاڙن کي، ڪين ڍڪيائين پاڻ،
پيهر چاڀي چاڻ، ابر جي اوصاف کي.

جي رڳو سسئيءَ کي سمجهڻ لاءِ پيهر جمڻ ۽ جيئري مرڻ ضروري آهي ته، پوءِ سنڌ ۽ سنڌي قوم جي آئيندي تي راءِ قائم ڪرڻ آسان ڪم ناهي.

ان لاءِ سڀ ڪان پهريائين پنهنجي اندر ۾ ليئو پائڻو پوندو. اچو ته ڏسون ته، اسان پاڻ جمال ابڙي لاءِ ڇا ڇا ڪري سگهيا آهيون. اسان حڪومتي حلقن ۽ اقتداري ايوانن کي ته ميار ڏئي سگهون ٿا، پر اسان جي سنڌي ميڊيا، جنهن جي تعريف واري بسم الله سان مون ڳالهائڻ شروع ڪيو هو، تنهن جمال ابڙي جو ڪيترو قدر ڪيو آهي؟ ڇا اسان جي ڪنهن ٽي وي چينل جمال جو آڊيو وڊيو پروفائيل تيار ڪيو آهي؟ اسان جي سنڌي اخبارن جمال جي حياتيءَ ۽ ادبي ڪارنامن تي گهڻيون ايڊيشنون ڪڍيون آهن؟ اسان جي سرڪاري ۽ علمي ادارن جمال ابڙي جي ادبي ۽ علمي ڪاوش تي ڪيترا ڪتاب ڇپايا آهن؟ اسان جي غير سرڪاري وڏي ۾ وڏي ادبي تنظيم سنڌي ادبي سنگت جمال تي گهڻا ورڪشاپ ڪرايا آهن؟

بس، هڪڙو بدر ابڙو آهي، جيڪو مختلف فردن ۽ ادارن سان لهه وچڙ ۾ آهي. هو سوچي ٿو ته، ڪاڏي وڃان؟ سيتا نئن جي ڪنارن تان پٿر جي دور جون لکتون اتارڻ وڃان يا ڪير ٿر جي غارن ۾ وڃي واجهايان؟ يا ٿر جا پوٽا رڪارڊ ڪريان يا بابا جي تحريرن کي سانڍيان؟ پر ليکي لٿي پٽي، هو پاڻ کي آڪسفورڊ سنڌي ڊڪشنري جي دم ۽ اڌ دم ۾ قاتل ڏسي ٿو. شوڪارو پري ٿو ۽ چئي ٿو ته، "هل، پٽائيءَ تي هلون ۽ ڪانئس هلي پڇون ته هن پنهنجي مختصر زندگيءَ ۾ ايڏا طويل سفر ڪيئن ڪيا؟ جنهن جي نتيجي ۾ هن سنڌ جو اينسائيڪلوپيڊيا تيار ڪري ورتو جنهن کي اسان شاهه جو رسالو سڏيون ٿا؟ "

۽ جڏهن پٽ تي وڃي ٿو ته، اتان ڪراڙ ڍنڍ جي سُڪي وڃڻ جو سور کڻي اچي ٿو پٽ ڌڻيءَ جي مزار تي گند جا ڍير ڏسي هن جو موڊ آف ٿي وڃي ٿو درگاهه جي اڱڻ تي ڪتن ۽ ٻلين کي ڊوڙندو ڏسي ڊهي پوي ٿو ۽ چوي ٿو ته، "اچ ته هڪٻئي کي پوندا ڏيون. هيءَ اُها سنڌ آهي، جنهن تان هند تي نالو پيو هو؟ " ۽ پوءِ جڏهن ڪراچيءَ ڏانهن واپسي دوران ڪوٽڙي پل تان سُڪل سنڌو ڏسي ٿو ته، پٽائي جو هي بيت پڙهي ٿو:

واٽي وڃيم شال، ڪنهن سين ڪيم سٽان،
جي پلو ڪري پال، ته اکين سين انڌو ٿيان.

۽ پوءِ جڏهن سور پي، ڏءُ ڪري ٿو ته، چئي ٿو "واقعي رڳو خواهشن سان دنيا تبديل نه ٿي ٿئي. سوشل چينج کي پنهنجي dialectics آهي.

مون کي ياد اچي ٿو هڪ ڏينهن بدر ۽ مان سنڌ جي ڪجهه قديم آثارن تي ڪم ڪري ٺڪل ٺڪل موٽي پرٻاهرا ڪراچيءَ پهچي جمال ابڙي سان ملياسين ته، هن ڏاڍو ڪارائتو مشورو ڏنو. هن چيو ته بابا، "جيڪي آثار صفا ڳري ويا آهن،

انهن تي بعد ۾ ڪم ڪيو. اول اهڙن آثارن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪريو جيڪي بچي سگهن ٿا.“ ان تي هن اهو بہ مثال ڏنو تہ، هلنديءَ جنگ ۾ فوري توجهہ اهڙن گهايل سپاهين تي ڏبو آهي، جن جي حياتي بچائڻ ممڪن هوندو آهي.

اهو جمال ابڙو جيڪو علامہ علي خان ابڙي جو فرزند هو تنهن پنهنجي ڀرپور زندگي ماڻي، اسان کي علم ۽ مان جڙيل بدر ابڙو ڏئي ويو آهي. زندگيءَ انهيءَ تسلسل جوِ نالو آهي. جي ائين نہ هجي ها ۽ موت سميت انسان جون ڪمزوريون هجن ها تہ ماڻهو آپي مان نڪري وڃي ها، پاڻ کي قادر مطلق سمجهي ها ۽ اقتدار جي نشي ۾ اچي ڌرتيءَ تي اچا بہ وڏيون رت جون نديون وهائي ها.

ڪي سمهہ، ڪي جاڳ، ڪاءِ اڌورو آنُ،
تہ جا مورت تنهنجي من، تنهن مشاهدو ماڻئين.
(شاهہ)

Gul Hayat Institute

# جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جو مهندار ۽ اعليٰ انسان

## بشير مورياڻي

ورهاڱي کان اڳ سنڌي ڪهاڻيءَ جو حال پورو سارو هيو. ان کان پوءِ خاص طرح پنجاهه واري ڏهاڪي ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ کي جن ليکڪن سگهارو بڻائي اوج تي رسايو انهن جو بلاشڪ شبهي مهندار جمال ابڙو هيو. اهو ان ڪري به چئي سگهجي ٿو جو اڌ صدي گذري وڃڻ کان پوءِ به ڪوئي ٻيو سنڌي ڪهاڻيڪار 'شاهه جو ڦر،' 'پيراڻي،' 'خميسي جو ڪوٽ' ۽ 'پشو پاشا' جهڙيون ڪهاڻيون تخليق نه ڪري سگهيو آهي. ٻي وصف جيڪا هن کي منفرد بڻائي ٿي، اُها آهي سندس طرزِ تحرير. هن جي ڪيترن ئي همعصرن ۽ پوئيرن هن جي ڪهاڻين جي موضوعن سان مماثلت رکندڙ ڪهاڻيون لکيون، پر انهن مان ڪوئي به هن جي اسلوب جي اوچائيءَ کي ڇهي نه سگهيو. سندس ڪهاڻين جي سادي ۽ سپڪ ٻولي، ننڍا، دل کي ڇهندڙ چيندڙ پڙهندڙن کي جهنجهوڙيندڙ جملا، هن کي مليل ذات جو حصو آهن. جمال صاحب پنهنجي ڪهاڻين جي ذريعي سنڌي سماج جي اوڻاين کي اُگهاڙيو ۽ معاشي،معاشرتي ۽ سماجي غير برابريءَ تي ڀرپور طنز ڪري پڙهندڙ کي سوچ جو سامان مهيا ڪيو.

جمال صاحب سان منهنجي واقفيت پنجاهه واري ڏهاڪي ۾ ٿي. هو شڪارپور ۾ سول جج ٿي آيو. مان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ پڙهائيندو هيس. اسان ٻنهي جي روزانو شام جو ملاقات ٿيندي هئي. اسان جيتوڻيڪ شهر جي ٻن ڏورانهن ڪنڊن تي رهندا هئاسين، پر تڏهن به گڏجي شام جو پنڌ تي نڪرندا هئاسين. جيمخاني جا ميمبر هئڻ ڪري گهڻو ڪري روزانو گڏجي ٽيبل ٽينس به کيڏندا هئاسين.

ان وقت شڪارپور صاف سٿرو شهر هوندو هيو. رستا سڌا سنوان هوندا هئا ۽ شام جي سير جو مزو ايندو هيو. سير ڪري سيئي دوست شهر جي مرڪزي هنڌ لکيدر تي اچي گڏبا هئا. اٿين به ٿيندو هيو ته هم ذوق ساٿي جهجهي تعداد ۾ گڏجي واڪ تي نڪرندا هئاسون ۽ پوءِ لکيدر تي اچي دنگ ڪندا هئاسون. ادب ۽ دنيا جهان جي موضوعن تي بحث ٿيندو هو جنهن کان پوءِ هر ڪو پنهنجي

پنهنجي گهر هليو ويندو هو.

اسان سيني جي گڏجڻ جو بيو مرڪز هئي 'جڳننات لائبرري'، جتي سنڌي ادبي سنگت جون هفتيوار گڏجاڻيون باقاعدگيءَ سان ٿينديون هيون. جمال صاحب سنڌي ادبي سنگت شڪارپور جو صدر ۽ مان سيڪريٽري هياسين. انهن گڏجاڻين ۾ نوان پراڻا ليکڪ پنهنجيون نيون تازيون لکڻيون پڙهندا هئا، جن تي حاضرين بي ريائيءَ سان تنقيد ڪندا هئا، جنهن کي ليکڪ کُليءَ دل سان قبول ڪندا هئا. انهن گڏجاڻين کان سواءِ شڪارپور ۾ بيون ادبي سرگرميون بہ اوج تي هونديون هيون. سي اينڊ ايس ڪاليج، جماڻي هال ۽ شيخ سڪندر علي وڪيل جي لکيدر واري آفيس جي ڪشادي پڌرتي مشاعرا ٿيندا هئا، جن ۾ ننڍا وڏا شاعر حصو وٺندا هئا. انهن ۾ نمايان هئا: فقير غلام علي مسرور، لطف الله بدوي ۽ نياز همايوني. روزانو گڏجندڙ ادبي ذوق رکندڙن ۾ نور الدين سرڪي، نياز همايوني، حبيب الله پٺو ۽ بيا شامل هوندا هئا. انهن کان سواءِ ٻاهر رهندڙ شڪارپوري اديب ۽ شاعر شيخ اياز، احسان بدوي، تاج صحرائي، تعظيم صديقي ۽ آغا سليم بہ جڏهن اچي گڏبا هئا تہ ميلا مچي ويندا هئا.

تن ڏينهن سيد حيدر شاهہ شڪارپور ۾ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج ٿي آيو تہ موصوف جي لکيدر واري سرڪاري گهر تي بہ ادبي ميڙاڪا مچندا هئا، جتي سندس ياءُ احسن الهاشمي ۽ محبوب علي چنا بہ ايندا هئا.

اهڙيون ادبي رهاڻيون رچائي جمال صاحب شڪارپور مان بدلي ٿي ويو. مان سول سروس جو امتحان پاس ڪري نوابشاهہ ۾ مقرر ٿي اتان هليو ويس. ادبي سرگرميون تہ شڪارپور ۾ اڄ تائين جاري آهن. اتان جا ادبي دوست بہ ڪڏهن ڪڏهن ملندا رهن ٿا، پر جمال ابڙي وارو دور يادگار بڻجي ويو جنهن جو ذڪر ڪراچيءَ ۾ بہ ڪندا رهندا هئاسين.

سنڌ جي تخليقي ادب ۾ جمال ابڙي کي مٿانهين جاءِ ملي. ان کان سواءِ بہ هن جو وڏو منصب آهي. هو دوستن جو دوست ، وضعداري نڀائيندڙ انتهائي فضيلت وارو شخص هيو. منجهس اهي سڀ خوبيون موجود هيون، جيڪي هن کي اعليٰ انسان جي رتبي تي رسائي، هن جي مداحن جي دلين تي گهرو نقش قائم ڪري ويون.

Gul Hayat Institute

# جوڳي جيڪس ويا جبروت

فقير قلندر شاهه لڪياري

بسم الله الرحمٰن الرحيم

ڪل من عليها فان ويبقيٰ وجه ربک ذوالجلال والاڪرام

"بابا سائينءَ " جي وفات جي خبر دير سان پڙهيم (صبح واري اخبار شام جو پڙهڻ لاءِ ملي). گهر پهتس ته پٽن ۽ ڌيئرن ائين پُرسو ڏنم ، جيئن خاندان جي ڪنهن وڏي جي وڇڙ تي ڏبو آهي.

بدر توڻي جو اسان جي گهر اچي نه ٿو تڏهن به منهنجا ٻار ٻچا ڪيس گهر جو ڀاتي ٿي سمجهن ٿا. "بابا، پوءِ توهان ڪڏهن ٿا وڃو چاچا جن ڏانهن؟ وڃو نه، بابا،" منهنجي ڌيءَ چوڻ لڳي. مون کي لڳو ته مون کي هوءَ اِهو چوڻ پئي چاهي ته، "توهان گهر ڇو آيا آهيو؟ توهان کي ته ڪراچيءَ ۾ هئڻ کپندو هو نه؟" واقعي مون کي اچڻ ۾ دير لڳي.

"بابا، توهان اڃا جمال صاحب لاءِ مضمون ڪو نه لکيو آهي؟ لکو نه، جلدي ڪريو." سردار علي شاهه الائي ڪيترا دفعا ياد ڏياري چڪو آهي. سچو ته آهي ! اهو به دير سان پيو لکان. منهنجو رابطو ٽٽي ٿي ٽٽي، تيستائين بدر جو فون اچي ويو ڪنهن "سرڪاري ڪم" جي سلسلي ۾. ڳالهه پوري ٿيڻ تي دل ۾ رجي آئي. حسبِ عادت اهو نه چئي سگهيس ته: "بابا سائينءَ کي پيرن تي هٿ!" خبرناهي ته هو منهنجي ٻاران ڪيس پيرن تي هٿ رکندو هئويا نه، پر آءٌ جڏهن به ايندو هئس ته ائين ڪندو هئس ۽ لڳندو هئو ته جيئن ڪنهن چيو: "روح تڪ آڳئي تاثير ميسحائي ڪي."

هينئر سوچيان پيو ته ڪنهن کي پيرين پوندس؟

خبر ٻڌندي ئي منهنجي گهر افسردگي ڇانئجي ويئي هئي ۽ مون کي به ائين محسوس ٿيو هو ڄڻ آئون ٻيهر يتيم ٿي ويس.

جمال سائينءَ وٽ منهنجو ڪو گهڻو اچڻ وڃڻ ڪو نه هئو. ڪا گهڻي شناسائي به ڪا نه هئي، تڏهن به، جڏهن به سندس قربت نصيب ٿي، حتيٰ ڪه

جمال سڄو وقت خاموش ئي رهندو هو. آءُ سمجهان ٿو تہ فقط هڪ دفعو ئي ڪيس جلال ۾ ڏٺو هئم. جڏهن هِن سمجهيو تہ، ”ڳالهہ هرويرو وڃي سيءَ جي خلاف پئي وڃي، پر هو صحيح آهي.“ پوءِ پوري زور ۽ جذبات سان دليل ڏنائين. پر واٽڙي ڳالهہ ڪا بہ ڪانہ ڪيائين، جهڙيون ڳالهيون اُتي ٿينديون رهنديون هيون.

”اڇا، تہ هيءَ آهي اصلي جمال! جلال ئي جلال، پر جمال جو پوش پاتل.“ مون محسوس ڪيو. اجلاس هلندي، اٿين، اُتي جو اُتي اتي نماز جو فرض پڙهي وٺندو هو. لڳو تہ (نماز) پابنديءَ سان پڙهندو آهي. پهرياٿين تہ آءُ سندس سامهون ويهندو هئس، پر پوءِ موقعي جو فائدو وٺڻ لاءِ سندس پر ۾ ويهڻ شروع ڪيم. واقعي فائدو ٿيو. وچ وچ ۾ صورتحال مطابق انتهائي دلچسپ ۽ پُرمغز فقرا منهنجي ڪن ۾ چوندو رهندو هو جن مان وري سندس جمال جي پروڙ پئي.

”هيءَ دهريو ڪو نہ اٿئي!“ هڪ دفعو هِن بنا ڪنهن context جي شيخ اياز ڏانهن اشارو ڪندي منهنجي ڪن ۾ پٽڪيو هو. ”آءُ سچ ٿو چوان، جو هن کي چڱيءَ طرح سڃاڻان. هيءَ mystic (صوفي) اٿئي. سچو پچو mystic . اڪيلا هوندا آهيون تہ سڄو وقت mysticism (تصوف) تي ڳالهائيندو آهي.“ خبرناهي چو مون کي پڪ ڏيارڻ پئي چاهيائين.

هڪ دفعو سندس لکيل انڪوائري رپورٽ بحث هيٺ آئي. بحث تہ ڇا ٿيڻو هو. رجسٽرار اٿئم ڪنيو. سيني سندس رپورٽ کي قبول ڪيو. رپورٽ ۾ انگريزي ٻوليءَ ۾ قانونداني‌ءَ جا جوهر ڏيکاريل هئا. ٿورا سنڌي اديب انگريزي لکي ڄاڻن (ضروري بہ ڪونهي)، پر جمال جو انگريزيءَ ۾ اظهار بہ مون کي سندس سنڌيءَ وانگر ئي ڏاڍو پيلو لڳو.

يونيورسٽيءَ جي ڪنهن اعليٰ آفيسر ڪان ڪا ڪچائي ٿي هئي. حقيقت ۾ تہ هُو ڏوهي هئو پر ٿورو ٽيڪنيڪي بچاءُ بہ هئس، پر جنهن نموني جمال پنهنجي رپورٽ جي پڇاڙي ڪئي، ان مان سندس درگذر، وسيع النظري ۽ رحمدليءَ جو اندازو لڳو. ”جوان ماڻهو آهي. اڃا وڏي عمر اڳيان اٿس. ٻچڙا پاليندو هوندو. سو ڪيس نوڪريءَ مان ڪيڻ نہ جڳائي. البتہ دڙڪو ڏهمان پلي ڪجيس ۽ آئينده ڪيس ڪا وڏي ذميداري سونپڻ کان مڙيئي پاسو ڪجي.“ ڪجهہ اهڙو مطلب هو.

محنت مزدوريءَ جي سلسلي ۾ بدر سان ملاقات ٿي. ”ٿيڻ يا نہ ٿيڻ سان ڪهڙو فرق ٿو پوي؟ منهنجي لاءِ اهو ڪوڙ آهي تہ، تون جمال جو پٽ آهين ۽ تنهنجي لاءِ اهو تہ، آءُ سندس مداح آهيان. هاڻي تہ هونئن ئي گڏجي مزدوري ڪنداسين.“ انهيءَ ڪم جي سانگي ئي سراج صاحب سندس گهر دعوت ڪئي. موڪلاڻيءَ تي پاءُ حاڪم علي شاهہ، سائين جمال سان ملاقات جي خواهش ڏيکاري. ”وارو ڪر يار مون کي بہ وٺي هل!“ مون بدر کي بلڪل منٿ ڪئي.



Gul Hayat Institute

مهرباني ٿي. اسان کي متي ونئي ويو پر هاڻي جنهن سان ملاقات ٿي، اهو "يار جمال" نہ پر "پير جمال" هو. سفيد نوراني سونهاري، وڏيڪ چمڪندڙ مسڪرائيندڙ ۽ چوندڙ اکيون. روحانيت. روحانيت جو جمال. روحانيت جو جلال. "هيءُ ياٽي کٽي ويو!" مون کي محسوس ٿيو.

حَسَنَةً فِى الدُّنْيَا وَحَسَنَةً فِى الْأٰخِرَةِ.

"واهہ مولىٰ واهہ!" ۽ منهنجا هٿ سندس پيرن ڏانهن وڌيا. سو بدر کي "پير جمال" لاءِ چوندو هئس تہ سندس پيرن تي هٿ رکجانءِ. انهيءَ احساس کان تہ طبيعت ۾ ڪمزري اٿس، ڏاڪٽر چڙهڻ جي منع ٿيل هوندي، سو هڪ دفعو جو مهمان ٿي آيس تہ زيارت جي خواهش ڪيم. "ڏسون! " بدر چيو. ابا، سائين پاڻ لهي آيو! پيرين پوڻ کي سعادت سمجهيم. پوءِ جڏهن بہ بدر منهنجا سلام ڪٽي ويو تہ سائين وڏا وڙ ڪري زيارت ڪرائڻ لاءِ پاڻ هيٺ آيو.

اج ساڳئي ڊرائنگ روم ۾ ويٺو آهيان، پر اهو احساس شدت سان پيو ستائي تہ، "اج تہ آئون پير کي پيرين ڪو نہ پئي سگهندس. پر لڳي پيو تہ سندس وجود اوسي پاسي آهي." سائين جمال جو لاڏاڻو مون کي ذاتي نقصان پيو لڳي. اندر جو ڪو خانو خالي لڳو پيو آهي.

جوڳي جيڪس ويا جبروت،
ماءُ ڏنيم اج ماٺ مڙهين ۾.
رضي الله عنهم ورضوا عنه

* تازو ڪنهن لکيو تہ "ماڻهو چڙندا هئا تہ جمال ترقي پسند هوندي بہ نماز ٿو پڙهي." مون جمال صاحب کي ترقي پسنديءَ جي اهڙي گمراهہ تصور تي ڏاڍو جذباتي ٿيندي ڏٺو. "ماڻهو سمجهن ٿا تہ، الله تبارڪ و تعالىٰ جي شان ۾ گستاخي ڪرڻ ترقي پسندي آهي، اها تہ ذلت جي انتها آهي،" هڪ دفعي هن چيو هو.

8 جولاءِ 2004

Gul Hayat Institute

# سنڌي ڪهاڻيءَ کان جمال وڇڙي ويو

پروفيسر اعجاز قريشي

لهر پنهنجا پهر جهاڳــي
ســير ۾ آخــر سمــاڻي

هڪ ٻوڏ هئي جنهن ۾ سڀ ڪجهہ لڙهي ويو ورهاڱو تہ نہ هوءِ علم جا مينار لڙهي ويا، ادب جون وسنديون ويران ٿي ويون، سياست ۽ سماجيات جا وڏا ٿنڀ ڀُري ويا. ڏسندي ڏسندي رنگ ٻُو جو پورو جهان جهري پيو. سنڌي ماڻهو انگ ۾ گهٽيا ۽ سنڌ ۾ سنڌي ٻولي پنهنجي ڳالهائيندڙن، ان کي ترقي وٺرائيندڙن، ان سان پيار ڪندڙن ۽ ان تان ساهہ صدقو ڪندڙن جي وڃڻ سبب هڪ حد تائين متاثر ٿي.

سنڌي هندو فقط سنڌ جي آباديءَ ۾ اضافو ۽ ٻولي ڳالهائيندڙن جي تعداد ۾ اضافو نہ هئا، هو تہ ادب، ٻولي تاريخ، تحقيق، تعليم، سياست ۽ سماجيات جا وڏا پارکو ڳُراٽا ۽ گهڻ پاسائان پُرش هئا. فقط ايترو ئي نہ، اهي سنڌ جي واپار، تجارت ۽ صنعت جا پرجهلا هئا ۽ سنڌ جي اقتصادي خوشحاليءَ ۽ ترقيءَ جا اهڃاڻ هئا. پوءِ ڇا ٿيو؟ ٿيو ائين جو باقي ٿورڙا ساڃهہ وند، ڏاها، اديب، شاعر ۽ استاد ڪک پن سهيڙي 'نئون جهان' اڏڻ جي ڪرت ۾ لڳي ويا.

ورهاڱي جهڙي طرح سنڌ جي پوري زندگي ۽ سيني شعبن کي متاثر ڪيو اتي سنڌي ادب ان کان ڪيئن بچي ٿي سگهيو. مٿي ڄاڻايل بيان مان چٽي نموني محسوس ڪري سگهجي ٿو تہ سنڌ جي آباديءَ مان نهايت اهم حصي جي الڳ ٿيڻ سبب سنڌي ادب بہ متاثر ٿيو. پر سنڌ کي سنڌ جي ڳُڻائتن سرت وندن فردن اڪيلو نہ ڪيو. انهن ساڻ سڌي نئين اتساهہ نڪور امنگ ۽ عجب ادا سان ڪم شروع ڪيو:

پلئہ پايو پوٽيون، در ڦيرا ڏي
ڪا مون ڪتائي، آئون ڪاپاٽي آهيان

'ڀڳو ٿي پيرِ، جان سين رتو راس ٿئي' واري ڪيفيت هئي، اهڙي سمئہ سنڌ

جي اديب جي تعميري ۽ تخليقي ڪردار ۽ ياڳي يائيواريءَ کي ڪنهن طور نظر انداز نہ ٿو ڪري سگهجي. جن سنجيدگي ۽ سهپ، ڏاهپ ۽ حڪمت، محنت ۽ شوق، (سواءِ ڪنهن انعام ۽ تمغي جي تمنا جي) سان پاڻ موڪيو ۽ ملهايو ۽ انهن جيڪو ڏٽ ڏوريو اهو اسين اڄ آڇيندي لڄ نہ ٿا مرون:

ڪاهوڙين ڪٽي، ساجهر ہڏا سندرا
ڏوريندي ۾ ڏونگرين، ڪيائون پاڻ پٽي
ڏکن ڏيل هٽي، ڇيهہ لڌائون ڇپرئين.

نئون زمانو هو نئون ملڪ ٺهيو هو تہ ٻي پاسي سڄيءَ دنيا ۾ عام طرح ۽ هندستان ۾ خاص طرح سياست ۽ ادب ۾ فڪري لاڙن جي آمد هئي، ان وقت تائين اجا سڀ کي اميد هئي تہ هن ملڪ جي واڳ ڌڻين جيڪي عهد ۽ پيمان ڪيا آهن، تن کي پاڙيندا، ان ڪري سنڌي قومپرستي جي تصور اجا اوپڙ نہ ورتي هئي. اهو پوءِ ٿيو جڏهن ون يونٽ لاڳو ٿيو. ان کان اڳ تائين سنڌي اديب فڪري طور ترقي پسند تحريڪ کان متاثر هو. ان ڪري سنڌ جي اديبن جي لکڻين ۾ سماج ۽ تبديلي ۽ انقلاب جي خواهش لاٽ ايي ڪريو بيٺي هئي. ان زماني کي سنڌي ادب جي 'نئين جاڳرتا' جو دؤر چئجي تہ غلط نہ ٿيندو ڇو تہ نثر توڙي نظم جي صنف ۾ پراڻين روايتن کي ڇڏي، جديد فڪري رجحانن کي نہ فقط روشناس ڪرايو ويو پر عملي طور ان جي فتح لاءِ بہ ڪوششون ڪيون ويون. جمال ابڙو بہ ان سات / قافلي جي پانڌيئڙن مان هڪ هو. جن چيو پئي:

ڳاءِ، انقلاب ڳاءِ!

جڏهن جمال ابڙي ۽ سندس ساٿين سنڌيءَ نثر جي کيتر ۾ ڪهاڻيءَ جي پوک شروع ڪئي تہ انهن جا هٿ نوان هئا، انهن کي گهڻو تجربو بہ نہ هو ڇو تہ سندن رهنمائيءَ لاءِ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ تخليقي پورهيو گهٽ ۽ ترجما گهڻا هئا، چوندا آهن تہ جي هانوَ ۾ سوجهرو هجي تہ ڏکي ڪاري رات ڪٽي وڃبي، ائين هنن حوصلو نہ هاريو ۽ پنهنجي فڪر ۽ قلم ۾ انهن جديد ۽ نت نين تقاضائن سان ٺهڪندڙ روشنائي پري ۽ جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جا بنياد وڌا. تنهن زماني ۾ شيخ اياز حفيظ شيخ، اياز قادري، شيخ راز غلام رباني آگرو ۽ جمال ابڙو سنڌي تخليقي ڪهاڻيءَ جي پيڙهہ رکندڙ هئا. هتي هيءَ بہ ڳالهہ ڪجي تہ اهو زمانو وڏن وڏن عالمي بحث مباحثن، فڪري ۽ نظرياتي اختلافن جو هو تڏهن ڪا بہ تخليق سامهون ايندي هئي تہ هر پاسي کان ان کي هٿئون هٿ کنيو ويندو هو. ان تي خالص ادبي راءِ ڏني ويندي هئي ۽ ان کي تنقيدي تجزيي کان گذرڻو هوندو هو. زمانو اڄ جهڙو نہ هو جتي ليکڪ ۽ تخليقار تہ سوين آهن پر ڪين همٿائڻ ۽ اتساهہ

ڏيڍ وارا چار ماڻهو بہ نہ آهن. پر اڳيون زمانو جڏهن سنڌي ادب جا بنياد پئي پيا تڏهن لکندڙ ٿورڙا هئا ۽ کين اتساهہ ڏياريندڙ شاباسون ۽ جس ڏيندڙ ۽ رهنمائي ڪندڙ گهڻا هئا. ڪلهہ ۽ اڄ ۾ فقط فرق اهو آهي تہ ڪلهہ جيڪڏهن ڪا بہ دشمني يا دوستي هئي تہ ان جي پاڙ نظرياتي ۽ فڪري وابستگي جي حوالي سان هئي. جڏهن ڪنهن بہ تخليق تي راءِ ڏني ويندي هئي تہ اهو نہ سوچبو هو تہ فلاڻو منهنجو ذاتي دوست آهي يا دشمن، سهمتي آهي يا ورودي! ان جي ابتڙ راءِ ڏيڻ وقت جديد فڪري تصورن جي ڪسوٽيءَ کي آڏي اڳيان رکبو هو. مثال اسين ان وقت جي ٽن شاهڪار ڪهاڻين 'بلودادا' اياز قادريءَ جي لکيل، 'شيدو ڏاڙيل' رباني آگري جي سرجيل ۽ 'پشوپاشا' جمال ابڙي جي تخليق ڪيل، کي کڻون ٿا. اهي ٽيئي ڪهاڻيون اهڙن ڪردارن جون پوڳنائون آهن، جن کي هيءُ سماج بري ٽيڻ تي مجبور ڪري ٿو. انهن کان انسانيت کسي حيوانيت ۾ ڌڪي ٿو. ٽلهي ليکي، انهن ٽنهي ڪهاڻين ۾ اهو تاثر پيدا ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ويئي آهي تہ سماج فرد جي زندگيءَ جي تعين ڪرڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿو. جيڪڏهن سماج ۾ رائج قدر ۽ روايتون مجموعي مثبت لاڙن ۽ رجحانن جو آئينو آهن تہ فرد بہ پنهنجي هر عمل ۾ ڀلائي ۽ چڱائي ۽ پارسائيءَ جي پاسي وڃي ٿو. جيڪڏهن سماج مدي خارج ۽ پنتي پيل روايتن ۽ قدرن جي ور چڙهيل آهي تہ اهڙي صورت ۾ فرد ان جو حصو بنجي سماج ۾ غير تعميري ۽ روايتي ڪردار ادا ڪري ٿو ۽ اهو سماج جي برائين ۽ بڇڙائين جي ديوارن کي ڊوڙڻ ۽ لوڏڻ ۾ ڪا بہ پهر ثابت نہ ٿو ٿئي يا اهو باغي ٿئي ٿو جيڪو سڀ ڍاهي بيهر ٺاهڻ چاهي ٿو ۽ ان اهڙي جنگ ۾ اڪيلي هٿڻ ڪري هارائي وڃي ٿو.

انهن ٽنهي ڪهاڻين/ افسانن تي ڀرپور بحث ڪيو ويو انهن جي خوبين ۽ خامين تي ڳالهايو ويو اهڙو رڪارڊ محمد ابراهيم جويي جي ڪتاب "ادب، ٻولي ۽ تعليم" ۾ 'مهراڻ' ڏانهن لکيل خطن جي صورت ۾ محفوظ آهي، اچو تہ انهن تي ٿورڙي نظر وجهون:

ان دؤر جي مشهور افساني نگار ۽ ڪهاڻيڪار حفيظ شيخ پنهنجي تفصيلي خط ۾ راءِ ڏني آهي: "هر حالت ۾ اڪيلو 'بلو دادا' ڪري ڪجهہ بہ کين ٿو سگهي، ۽ ڪاريءَ پهاڙ جهڙيءَ بلڊنگ ۾ رهندڙ زهريلي نانگ جهڙي سيٺ هن کي مڪران موڪلرائي ڇڏيو. اياز قادري پنهنجي يار لاءِ ويڳاڻو ٿي ويهي رهيو ... رباني کي 'بلو دادا' کان اها شڪايت هئي تہ هڪ تہ اهو ڪردار ڪراچيءَ جي ڪئبنن تي ويهي پي سگهيو بيو تہ نهايت ساڪت هو. ربانيءَ انهن ٻنهي ڳالهين کي سامهون رکندي 'شيدو ڏاڙيل' لکيو پر سنڌس ائين ڪرڻ سان جيڪي خاميون سنڌس 'شيدو ڏاڙيل' ۾ پيدا ٿي پيون تن کي جڏهن ربانيءَ جي ڌيان تي آندو ويو تہ هو پاڻ بہ گهٻرائجي ويو... خير هر حالت ۾ رباني توٽي جمال جي اها تمنا پوري



Gul Hayat Institute

ڪاڻ تي سگهي ته ڪنهن پر اهڙن ڪردارن مان هڪ اهڙو آئيڊيل ڪري پيش ڪن جيڪو سنڌي ماڻهو پنهنجو ڪري سگهي ... اها حقيقت پنهنجي جاءِ تي ٿي رهي ته جهڙيءَ طرح قبرن ۾ ستل پير قيامت تائين پاسو ورائي نه سگهندا، تهڙي نموني ’شيڊو ڊاڙيل‘ ۽ ’پشوپاشا‘ به ڪجهه ڪين ڪري سگهندا. اسان جو سنڌي سماج اهڙي دؤر مان گذري رهيو آهي، جتي اهي ڪردار ڪڏهن به پنهنجو ڪردار (role) ادا نه ڪري سگهندا.“

ان کان پوءِ دين محمد لاشاري جي بيحد ڊگهي خط مان ڪجهه ٽڪرا پيش ڪجن ٿا:

”هيءَ هڪ فطري اصول آهي ته انسان کي جڏهن ڪو صدمو پهچي ٿو ته پوءِ هو پنهنجن نماڻن نيڻن ذريعي به تي گرم ڳوڙها هاري پنهنجي دل تي پيل بوجي کي هلڪو ڪريو ڇڏي، پر جي قسمت سانگي ڪو ’پشو پاشا‘ وانگر خوددار ۽ سورهيه دل نڪري پيو ۽ لڙڪ هارڻ پنهنجي خودداريءَ جي خلاف سمجهيائين ته به ان درد ۽ صدمي جو ذاتي طور اظهار ڪم از ڪم ڪنهن ’نازوءَ‘ جهڙي محرم راز ۽ غمگسار سان ته ڪرڻو پوندس. بس اهو ئي آهي افساني لکڻ جو بنيادي سبب ... پشو مظلوم هوندي به جارحانه ڪاروائي ڪرڻ گهري ٿو ۽ سندس ان جارحانه عمل جو سبب اها خودداري ۽ بلند حوصلگي جيڪا فطرتي طرح هن جي ذات ۾ پيئي ٿئي، تنهن کان قابليت سان ڪم ورتو ويو آهي ته جيئن پشوءَ کي هڪ بيوس ۽ مظلوم ڪردار ۾ ڏيکارڻ کان بچائي سگهجي. پر حقيقت لڪي ڪين سگهندي، پشو ويچارو هڪ مظلوم آهي ۽ ڏنو واڱنو مظلوم، جيڪڏهن هو مظلوم نه هجي ها ته ... بغاوت ڪرڻ جو مقصد ڇا ؟ ... پشو پنهنجي انصاف حاصل ڪرڻ خاطر جيڪو طريقو اختيار ڪري ٿو سو غير قدرتي ۽ غير معمولي آهي جنهن ڪري سماج هن ۽ سندس ساٿين سان همدردي ڪرڻ بجاءِ انهن کي مشڪوڪ نظرن سان ڏسي ٿو.“

ان کان پوءِ خود جمال ابڙي جي ’پشوپاشا‘ بابت راءِ:

مون ’پشو پاشا‘، ’بلودادا‘“ ۽ ’شيڊو ڊاڙيل‘ کان متاثر ٿي لکيو. ڇو ته انسان جو مقام منهنجي نظر ۾ نهايت بلند آهي. منهنجو ’پشو‘ نه ڊاڙيل آهي نه داداگير، پر هڪ سڌو سنئون انسان آهي. آهن ته اهي تيئي هڪڙي ئي ماحول جي پيدائش، پر صرف ان ڪري اسان جي ساڻن همدردي ٿئي ٿي. ائين ته وڏيرو ۽ سيٺ به انهيءَ ماحول جي پيدائش آهن ته پوءِ انهن کي ولين (villain) ڪري ڇو ٿو پيش ڪيو وڃي، پوءِ انسان مسڪين آهي تنهن ڪري ۽ صرف تنهن ڪري هو رحم جي لائق آهي ڇا؟ منهنجي دل اها ڳالهه نه ٿي مڃي“.

ان کان سواءِ سنڌي ادب ۾ جيڪي به شاهڪار ڪهاڻيون لکيون ويون آهن، انهن ۾ ’پيراڻي‘ اڄ به منفرد اهميت ۽ حيثيت سان بيٺي آهي. هيءَ ڪهاڻي جبل

Gul Hayat Institute

ڪان لڏي ايندڙ بروهين جي آهي، جيڪي شهر ۾ اچي رهن ٿا ۽ زندگيءَ جي پوراتي لاءِ انهن کي پنهنجي ڌيءَ وڪڻڻي پوي ٿي. پر ان سڄي ماجرا تي ان ننڍڙي ڀارڙيءَ جي ماءُ اعتراض ڪري ٿي، هيءَ ڪهاڻي پنهنجي زبان، بيان ۽ اسلوب جي احساس کان انوکي آهي ۽ ان ڪهاڻيءَ جي موضوع جو تعلق اسان جي چوڌاري روان ڊوان زندگيءَ جي تلخ حقيقتن سان آهي، ان ۾ انسان جي خارجي ماحول سبب ان جي اندر جيڪا ڀڃ ڊاهه ٿئي ٿي، ان جيَ مثبت توڙي منفي پهلوئن تي روشني وڌي وئي آهي. پيراڻي هر لحاظ کان سنڌي ادب جي شاهڪار لکڻين ۾ مٿاهين هنڌ تي بيٺي آهي.

ان بيان ۽ انهن اقتباسن مان اهو معلوم ٿيندو ته ان وقت جڏهن ڪا به تخليق سامهون ايندي هئي ته ان تي تنقيدي راءِ سواءِ ڪنهن رک رکاءَ جي ڏني ويندي هئي ۽ ڪو به لحاظ روا نه رکيو ويندو هو تنهن کان سواءِ اسان کي اِها ڪٿ ڪرڻ ۾ به سولائي ٿيندي ته جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي پختي پيڙهه ۾ جمال ابڙي جو ڪهڙو ڪيترو ڪردار آهي. 'بلو دادا'، 'شيڊو ڊاڙيل' ۽ 'پشو پاشا' سنڌي ڪهاڻي/ افسانې ۾ شاهڪار طور ياد رکيا وڃن ٿا ۽ انهن جي لکندڙن جي من ۾ لکڻ وقت اعليٰ مقصد هو جنهن کي اهي توڙ تائين پهچائيندي نظر اچن ٿا. اهي ٽيئي ڪهاڻيون/ افسانا پنهنجي زبان ۽ بيان، مڪالمي ۽ ماحول جي پيشڪش ۾ ڪامياب ٿيندي نظر اچن ٿا. اڄ جيتوڻيڪ سنڌي ڪهاڻي گهڻ پاسائين ٿي وئي آهي، ان ۾ موضوعن جي گوناگونيت آهي، جيڪا پڻ زندگيءَ جي نشاني آهي، پر زندگيءَ جي سيني پاسن کي ظاهر ڪرڻ سان به ڪجهه هٿ حاصل نٿو ٿئي، ان سلسلي ۾ خاص رخ ۾ هڪ مقصد هيٺ لکڻ ۽ تخليقي ادب کي سلهاڙڻ جي ضرورت آهي، جيئن اسان جي سينيئر اديبن ڪيو. هنن پنهنجي ذات جي مونجهارن ۽ مسئلن کان وڌيڪ پنهنجي چوڌير مسئلن کي نه فقط لکڻين ۾ پيش ڪيو پر ان سان گڏوگڏ اهي سبب ۽ حالتون به سمجهايون، جن سبب ڪنهن سماج ۾ اڻبرابري، نا انصافي، عدم تحفظ، انتشار ۽ ڀڃ ڊاهه جو عمل شروع ٿيندو آهي. سواءِ ڪنهن شڪ جي جمال ابڙي جو سنڌي ڪهاڻيءَ جي منهن مهانڊن کي اڏي سوڌي ناهڻ ۽ سنوارڻ ۾ تمام اهم ڪردار آهي.

عام طور تي جمال ابڙي جي ادبي قد ڪاٺ جي اوچائي کي ڏسندي اها به راءِ رکي ويندي آهي ته هن ٿورڙيون ڪهاڻيون ۽ افسانا لکيا ۽ هو انهن جي بنياد تي پهرين درجي جو ليکڪ سمجهيو وڃي ٿو. سوال اهو ناهي ته ڪنهن ڪيترو لکيو آهي، پر سوال اهو هئڻ کپي ته ڪنهن ڪيئن ۽ ڪڏهن لکيو؟ ان راءِ ۾ ڪا به هبڪ محسوس نه ٿيڻ کپي ته جمال ابڙي ۽ سنڌس ساٿين ٿورڙو ئي لکيو ته اهي سنڌي ادب جي ان تحريڪ جو حصو آهن، جنهن کي اسين نئين جاڳرتا جو دور چئون ٿا. ڏسڻ اهو گهرجي ته ان تحريڪ، جنهن جو ڪٿيو اسين اڄ ڏينهن تائين



Gul Hayat Institute

ڪائيندا ٿا اچون. ۽ انهن تخليقن جو ڪيترو حصو ۽ ڪهڙو ڪردار آهي. ان نقطي تي پهچڻ کان پوءِ اسين سهنجائيءَ سان چئي سگهنداسين ته سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ نئون روح ڦوڪڻ ۾ جمال ابڙي، اياز قادري، رباني آگري، شيخ حفيظ ۽ شيخ راز جو اهو ئي ڪردار آهي جيڪو شاعريءَ ۾ شيخ اياز، تنوير عباسي، نارايڻ شيام، هري درياني دلگير ۽ نياز همايوني ۽ ٻين جو آهي. ان کان سواءِ تعداد يا مقدار ڪڏهن به معيار جو تعين نه ڪندا آهن. سنڌ جي ان نئين سجاڳيءَ واري دؤر ۾ جيڪو به لکيو ويو اهو ٿورڙو پر پختو ۽ اهم هو. اڄ تمام گهڻو لکيو وڃي ٿو پر، ان جي خصوصيت اڳئين ادب جهڙي ناهي، ان لاءِ ائين چئي سگهجي ٿو "ٻڪَ جي پريءَ کان موتين جي مٺ چڱي".

جمال ابڙو جج جي عهدي کان اسيمبليءَ جي سيڪريٽري تائين تمام وڏن عهدن تي رهيو. جڏهن اسين سندس آتم ڪٿا جا ڪتاب 'اونهي ڳالهه اسرار جي' ۽ 'ڏولي ڏکي آهيان' پڙهون ٿا ته اسان کي ڪامورا شاهيءَ جي مڙني ڪرتوتن جي خبر پوي ٿي. جمال صاحب پنهنجي آتم ڪٿا ۾ ادبي بحث مباحثن، ترقي پسند تحريڪ ۽ خاص طور ون يونٽ واري زماني ۾ اديبن جي ڪردار کي ڳڻٿ ڇهيو آهي. هڪ اديب جي حيثيت ۾ ڪيس ان زماني جي سمورين شاهدين ۽ مشاهدن، تلخ تجربن ۽ حقيقتن بابت تفصيلي لکڻ گهرجي ها. جيئن شيخ اياز پنهنجي آتم ڪٿا 'ڪٿي ته پيجبو ٿڪ مسافر/ ڪٿي نه پيجبو ٿڪ مسافر' لکي آهي. تنهن هوندي به ورهاڱي کان پوءِ جي حالتن، سرڪاري وڏن آفيسرن جي ڪار گذارين تي جهڙي نموني پاڻ قلم کنيو اٿائين، اهو جس لهڻي. جمال ابڙو پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ اهڙو ماڻهو هو جنهن لاءِ لطيف سائينءَ جو هيءُ بيت سؤ سيڪڙو ٺهڪي اچي ٿو:

بک وڏائون بگرئين، جوڳي ڪندا ڄُڃَ،
طلب نه رکن طعام سين، اوتيو پيئن اُڃَ،
لاهوتين لطيف چئي، من ماري ڪيو مُڃَ،
سامي جهاڳي سُڃ، وسُنهن کي ويجها ٿيا.

سڄي زندگي وڏن عهدن تي رهي به هن ڪڏهن به ماسي مال تي هانءُ نه هيرايو نهايت پرهيزگاري ۽ سادگيءَ جي زندگي گذاريائين. جيڪڏهن مايا جي موهه جي جار ۾ ڦاسي ها ته سڀ ڪجهه حاصل ڪري ٿي سگهيو. هن جي دنياوي دولتن جا سامهون ڍير لڳي وڃن ها. پر هن سدائين پنهنجي ضمير سان رجوع ڪيو ۽ جيڪو فيصلو ان جو هو ان تي لبيڪ چيائين. ان پاسي تي روشني وجهندي پنهنجي آتم ڪٿا جي ڪتاب 'ڏسي ڏوهه اکين سين' ۾ لکيو اٿائين:

"مون تي موت جون ڪي تاريخون الڳا ٿيون آهن. پر اهو ڳجهه جو مسئلو آهي، الله بهتر ڄاڻي ٿو. ايترو چئي ٿو ڇڏيان ته وفات ڪهڙي به تاريخ تي ٿئي



Gul Hayat Institute

منهنجي ورسي 26 مارچ تي ملهائجو. پنهنجي ماءُ سان گڏ ۾ تي سگهي ته سندس پر ۾ دفن ڪجو. اجايو خرچ ڪرڻ جو به ضرور نه آهي. ڪفن منهنجي پراڻي احرام جو ڏجوم. جيئرن کي نئين ڪپڙي جي وڌيڪ ضرورت آهي. ڪفن، دفن، قبر ۽ ماني ٽڪي تي خرچ منهنجي پينشن جي پئسن مان ڪجو. زندگيءَ تي اعتبار ڪونهي. انهيءَ ڪري مان خالي چيڪ تي صحيح ڪري ڇڏيندو آهيان. ساجد کي خبر اٿوَ ۾ هو پئسا ڪڍائي وٺندو. ڪو گهٽا ڪونهن. پندرنهن ويهه هزار هوندا“.

اتي رقم پندرنهن ويهه هزار نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي. اها سندس سچي زندگيءَ جي موڙي آهي، جنهن مان سندس ايمانداري، شرافت ۽ سادگيءَ جو پتو پوي ٿو ۽ اتان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هڪ ماڻهو جيڪو اعليٰ عهدن تي رهيو هجي ۽ ان وٽ پاڇي فقط پندرهن ويهه هزار هجي، اجوڪي زماني ۾ ڪٿي ممڪن آهي؟ مٿي ڏنل اقتباس مان به ڳالهيون وڌيڪ ڏيان ڇڪائين ٿيون. جن مان پهرين آهي 26 مارچ تي ورسي ملهائڻ واري ڳالهه عجيب آهي. اها ڳالهه سندس من ۾ ڇو ويٺي، ان جو پس منظر ڇا آهي؟ ان جي وضاحت سندس گهر وارا ۽ خاص طور سندس پٽ ۽ نوجوان اديب ۽ محقق بدر ابڙو ان سلسلي ۾ ڪجهه ٻڌائي سگهي ٿو. جمال ابڙو روحانيت ۾ يقين رکندڙ ماڻهو هو ڪا ته شيءِ آهي، ڪو ته واقعو يا اسرار آهي، جنهن کيس پنهنجي وفات 26 مارچ تي ڄاڻائڻ تي مجبور ڪيو. ان کان سواءِ هن ڪتاب ۾ ڏنل پنهنجي وصيت ۾ پنهنجي ماءُ جي پير ۾ جاءِ گهري آهي. ان جي پويان شايد اهو احساس ڪارفرما هجي ته هر ماڻهو ماءُ جي پيٽ مان اچي ٿو ۽ جڏهن وڃي ٿو سندس من ۾ اها خواهش ڪر موڙي جا ڳي تي ته کيس ان ئي مٽيءَ جي پير ۾ جاءِ ملي، جنهن مٽيءَ کيس جنم ڏنو. ڀڳت ڪبير پنهنجي هڪ دوهي ۾ هن جهان جو اسرار هيئن ڄاڻايو آهي ته هيءُ جڳ هڪ درياهه وانگي آهي، جنهن ۾ وجود جو ٿمتار دلو تري رهيو آهي. جڏهن ٺڪر پڃندو ته پاڻيءَ سان پاڻي ملي ويندو ۽ ساڳي وقت شيخ اياز به لکيو آهي ته:

تون به پاڻي مان پاڻي
اڄ ته پرچون پاڻ ۾.

۽ جمال ابڙي به پاڻيءَ سان پاڻيءَ ٿيڻ جي آرزو رکي ۽ آخر

لهر پنهنجا پهر جهاڳي
سير ۾ آخر سمائي
اڄ ته پرچون پاڻ ۾.

جمال ابڙو عثمان ڏيپلائي ۽ غلام محمد گرامي سنڌي علم ۽ ادب جا اهڙا



Gul Hayat Institute

خدمتگار آهن. جيڪي ڪل ڄمار ترقي پسند تحريڪ سان سلهاڙيل رهيا. پر ان سان گڏوگڏ هنن ڪڏهن بہ مذهب تان هٿ نہ ڪنيو رجعت پسند ٽولي پاران ترقي پسند تحريڪ سان لاڳاپيل ماڻهن مٿان دهريي، زنديق ۽ ڪافر جا الزام آندا ويا ۽ انهن کي دشمنيءَ ۽ دشنام جو نشانو بڻايو ويو. انهن ۾ اهي ٽيئي ماڻهو بہ شامل آهن. انهن مان ڏيپلائي صاحب ۽ گراميءَ جو نهايت متحرڪ ۽ سرگرم ڪردار آهي جن انهن بنياد پرستن سان سڌو ٽڪر کاڌو. انهن جي الزامن کي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ انهن جي پوبان لڪل سازشن کي وائکي ڪرڻ لاءِ عملي طور ويڙهہ ڪيائون. ساڳي نموني جمال ابڙي جي جڏهن آتم ڪٿا پڙهون ٿا تہ اسان کي هو نج ترقي پسند، وطن دوست ۽ انسانيت ۾ يقين رکندڙ ماڻهو نظر اچي ٿو جنهن تي رجعت پسنديءَ جي راڪاس واري 'آدم بوءِ آدم بوءِ' نٿي اچي. مثال طور آتم ڪٿا ۾ هڪ هنڌ لکيو اٿائين تہ:

"... ريل گاڏيءَ ۾ پيو بہ هڪ واقعو پيش آيو. جهمپير وٽ هڪ سوٽيڊ بوٽيڊ نوجوان ڇوڪرات چڙهيو مون ساڻس سنڌيءَ ۾ ڳالهہ ٻولهہ شروع ڪئي. هو اهڙا ڪپڙا پائي انٽر ڪلاس ۾ ان ڪري چڙهيو هو تہ سڀ پڙهيل لکيل شريف ماڻهو هوندا ۽ ڪو خطرو ڪو نہ هوندو. مچاڻ ڪيڻ بين مسافرن کي شڪ پئجي ويو تہ هو هندو آهي، سڀ مهاجر هئا، سو شوخ لهجي ۾ چوڻ لڳا تہ اچليوس هيٺ ۽ واقعي هو اٿي بيٺا ۽ هن هندو ڇوڪر ڏانهن وڌڻ لڳا. مون اٿي بيهي سندن مخالفت ڪئي تہ مون سان بہ وڙهڻ لڳا. چي: تون نہ ٿو سمجهين تہ هنن انڊيا ۾ اسان سان ڪهڙا ظلم ڪيا آهن، مون چيو: هيءَ پائي تہ هتان جو ڳوٺاڻو آهي. هن جو انڊيا جي واقعن سان ڪهڙو واسطو پر منهنجي هڪ بہ نہ ٻڌائون ۽ هن ويچاري ڊنل ۽ هيسيل ڇوڪر ڏانهن وڌڻ لڳا. پر مان بہ ڍال بنجي اٿي بيهي رهيس. جيتوڻيڪ مان سنهو سڪو ۽ ڪمزور هئس، هو ڏندا متارا هئا. نيٺ مون کي بہ دڙڪو ڏنائون تہ توکي بہ اڇلائينداسون. مون چيو: ڀلي، پر هڙو ڪيس ڪرڻ نہ ڏيندوسانوَ. اٿين ڪنڌي ٻي اسٽيشن اچي ويئي ۽ مون ان هندو ڇوڪري کي در تائين گهلينديءَ چيو تہ پڇي وڃي ڪنهن ٿرڊ ڪلاس ۾ ويهہ. اهي اڻ پڙهيل هنن پڙهيل ڳڙهيل آفيسرن کان وڌيڪ چڱا هوندا."

ڪاش ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ ٿيندڙ دل ڏاريندڙ واقعن وقت سڀ مسلمان ۽ هندو جمال ابڙي جهڙي دل رکن ها تہ ان ڇوڪري وانگي سنڌ جا اهڙا ڪيترائي ماڻهو هڪ محفوظ اسٽيشن تي لهي وڃن ها.

جمال ابڙو جڏهن بہ ورهاڱي وقت لڏ ويل هندو مسلمان فساد تي راءِ ڏئي ٿو تہ هڪ انسان دوست ۽ مذهبي تفرقي کان پاڪ صحتمند ذهن بنجي سامهون اچي ٿو. هتي آئون هڪ پيو بہ مثال پيش ڪندس جنهن مان اسين اهو اندازو لڳائي سگهنداسون تہ هن جي شخصيت ڪهڙن نہ اعليٰ انساني قدرن جو پيندار هئي!



Gul Hayat Institute

آتم ڪٿا ۾ هڪ جاءِ تي سنڌي هندن تي لکندي بيان ڪيو اٿس:

”نفرتن ۽ تعصب کي ڇڏي، جنهن ۾ ٻئي ڌريون ورتل هيون، اهو ميجبو ته هندو ماڻهو سنڌ جي سونهن هئا، ڇا صفائي، ڇا سنائي، ڇا سونهن، ڇا فيشن، ڇا محل ماڙيون، ڇا کاڌو پيتو ۽ مهمان نوازي ڇا نوڙت ۽ تهذيب، ڇا خير خيرات ۽ علم ۽ اسپتالن جي خدمت، هر ڳالهه ۾ پارس هئا. ميون جا ٽوڪرا پرائي اسپتالن ۽ جيلن ۾ ويندا هئا ۽ وچي مريضن ۽ قيدين ۾ ورهائيندا هئا. اسڪول، اسپتالون ۽ لائبريريون هلائيندا هئا.“

اهي آهن ڪجهه مثال جن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته جمال مذهبي گهراڻي سان لاڳاپو رکندي به ڪڏهن به مذهبي تفرقي بازي، شرپسندي ۽ فتويٰ ڪاريءَ جي ويجهي وچڙ جي ابتڙ سدائين ڪليل دماغ، روشن خيال ماڻهو رهيو. جنهن سچي زندگي پاڪ دامني سان الله لوڪ انسانن وانگي گذاري. هن زندگيءَ ۾ ڪو به اهڙو ڪم نه ڪيو جنهن تي هو شرمسار ٿئي. ان بابت هن پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکيو آهي ۽ هن لاءِ لطيف جو هيءُ بيت ڪيترو نه ٺهڪي اچي ٿو:

ڪيچي ڪاچوٽي نانگن ٻڌي نينهن جي،
جهڙا آيا جڳ ۾، تهڙا ويا موٽي،
انين جي چوٽي، پورب تيندي پڌري.

جمال ابڙي سان جيڪي ساٿي گڏ هئا، جن پنهنجي ڀوهه جوانيءَ جا ڏينهن ترقي پسندي، سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي حقن ۽ انهن جي عزت نفس لاءِ وڙهندي گذاريا. جڏهن جهونا ٿيا ته انهن مان ڪي پرهيزگار بنيا. جن ۾ جمال ابڙو ۽ شيخ اياز نمايان آهن. انهن پنهنجي عمر جو آخري حصو الاهي رمزن پروڙڻ جي حوالي ڪيو. سندس اهڙي عمل تي سندس ڪجهه همعصرن ڪجهه سوال اٿاريا. هتي هڪ ٻيو ٽڪرو پيش ڪجي ٿو جنهن ۾ به همعصر پاڻ ۾ مليا آهن ۽ اچو ته ڏسون ته اهي پاڻ ۾ ڪهڙي ڳالهه ٻولهه ڪن ٿا. هيءُ ٽڪرو پڻ سندس آتم ڪٿا جي ’ڏسي ڏوهه اکين سين‘ جي صفحي نمبر 121 تي موجود آهي:

”تازو تاريخ 25 سيپٽمبر تي مون وٽ دادو جو محترم علي احمد قريشي ايڊووڪيٽ (مضمون نگار جو والد محترم) ملڻ آيو. ڪيس مون تي ۽ شيخ اياز صاحب بابت حيرت هئي ته اسان ڪيئن ايڏي ڪلٽي کاڌي. مون چيو ڀائو تون اسان کي پنجويهن يا چاليهن سالن کان سڃاڻين اسين ته اصل کان اهڙا هئاسين. پرائو درد پنهنجي سيني ۾ ڪنيو وتندا هئاسين. هر ظلم، ڏاڍ ۽ جبر تي جلهه ڪندا هئاسين. دشمن کي به نقصان نه پهچايوسين. ڏاڍي جي آڏو اڏول تي بيناسين ۽ ڏکيا ۽ ڏڪاريا وياسين. اسين ته جهڙا هئاسين تهڙا آهيون. اڄ به اڏول آهيون. ڪنهن به حاڪم جو سلام نه ڀريو اٿئون. جن زندگيءَ سان اکيون اکين ۾ ملائي

جيئڻ جا دستور سيکاريا. تن تي اهي هٿ ٺوڪيا دانشور ٺا الزام هڻن تہ شيخ صاحب موت کان ڊڄي ويو آهي يا جمال ملان ٿي ويو آهي. پيو تہ ٺميو ڪنيو گيانچنداڻي (سوپي گيانچنداڻيءَ جو پٽ جيڪو ديمانت ڪري ويو) جهڙو ٻالڪ بہ شيخ صاحب تي تنقيد ٿو ڪري تہ هو موت کان ڊڄي ويو آهي. ڇا ڪنيو موت کان نہ ٿو ڊڄي. ڪنيي جهڙا ڪيئي موت کان تہ ڇا زندگيءَ کان ڊڄي فراريت جي گپ گپچي ويا.“

اهي سڀ ڳالهيون ورجائڻ ۾ ڪرڻ جو مقصد اهو آهي تہ جيئن اسين جمال ابڙي جي شخصيت جو هڪ اديب، هڪ انسان دوست، هڪ محب وطن ۾ ديانتدار فرد طور ڪاٿو ڪري سگهون. جمال هڪ مثالي ڪردار هو هن پنهنجي قلم، گفتار ۽ ڪردار سان سدائين سچ ٿي ساٿ ڏنو. هو ڪڏهن بہ بازار جو سودو نہ ٿيا. نہ هار وانگي ڪنهن وقت جي حڪمرانن جي ڳچيءَ ۾ پاتا ويا:

جهڙو ماڻهو تهڙو ناڻو
هر ڪو پنهنجي اگهہ اگهاڻو
جيڪو ماڻهو ڪين وڪاڻو
سوئي ماڻهو موتيءَ داڻو.

جڏهن ون يونٽ جي زماني ۾ شيخ اياز جي شاعريءَ آمريت خلاف ۽ سنڌ جي حقن جي جاڪوڙ لاءِ شاعريءَ جي چر چرڪائي تہ رياستي مشينري مچرجي پيئي، اياز خلاف گرفتاريءَ جا وارنٽ نڪتا، اياز پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکيو آهي تہ اهڙي وقت ڪيس جمال ابڙي کان وڌيڪ پيو ڪو بہ سجڻ نہ سجهيو جيڪو ڪيس پناهہ ڏئي، ۽ ٿيو بہ ائين ئي. جيتوڻيڪ جمال ابڙو تڏهن نهايت اهم سرڪاري عهدي تي فائز هو جيڪو ڏوهارين کي ڪٺهڙي ۾ بيهاري سزائون ڏيندو هو. پر هن هڪ ڏوهاري (سرڪار جي نظر ۾) کي پاڻ وٽ پناهہ ڏني هئي ۽ هيءُ ڏوهاري ڪو بہ عام ڏوهاري نہ هو پر خاصون خاص هو جيڪو ڪلي عام پنهنجي ڏوهہ کي (own) ڪندو هو:

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان
مون ڪيئي ڏوهہ ڪيا آهن.

هن سر جي گدلي سينور ۾
هيءُ نيل ڪنول بہ تہ ڏوهي آ
۽ ڪو بہ چڪور انڌاري ۾
جي اڏري ٿو تہ دروهي آ.

Gul Hayat Institute

تي ڌرتيءَ هن هي ڏوهه نه آ،
مون دل جي ديول جوڙي آ
تو نفرت جي ديوار کڻي
مون ان جي پاڙ اکوڙي آ.

هن ڏوهيءَ سمجهيو ٿي ته ڪيس سڄيءَ سنڌ ۾ پناهه فقط جمال ابڙو ئي ڏيئي سگهي ٿو اهو جمال ابڙو جنهن جي ٽڪ ٻڌي ڏسڻ ۾ اياز کي سدائين عجب اسرار نظر آيا، هيءُ اياز جنهن کي جمال ابڙي سدائين صوفي ۽ mystic سمجهيو. جمال صاحب سان مون جيڪي زندگيءَ جا خوشنصيب پل گذاريا ۽ هن اعليٰ انسان سان جيڪي محبتي ميڙا ۽ مرڪن هاڻيون ملاقاتيون رهيون، انهن بابت تفصيلي مضمون ڪنهن ٻي پيري ضرور لکندس. هتي آخر ۾ آئون اها راءِ رکندس ته جمال ابڙو سنڌي جديد ڪهاڻيءَ جا بنياد وجهندڙن مان هڪ هو. جنهن پشوپاشا ۽ پيراڻيءَ جهڙيون بي مثال ڪهاڻيون سنڌي ادب کي ڏنيون. جن جو اڄ ڏينهن تائين اثر قائم دائم آهي. جمال ابڙي پنهنجي لکڻين ۾ هن سماج جي برائين ۽ اوگڻن کي بي نقاب ڪيو. هن اهڙو سماج ٿي چاهيو جيڪو حيوانيت بجاءِ انسانيت جو آئينو هجي. سنڌي ادب جي تاريخ ۾ سندس خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون ۽ سندس لکڻيون ساهه سان سانڍيون وينديون. ان کان سواءِ فرد طور هن صاف سٿري ۽ عيبن کان آجي زندگي گذاري. سندس هٿن تي ڪو به مير نه هو هن جي دامن تي ڪو به داغ نه هو جمال ابڙو سنڌي ڪهاڻيءَ جو سونهون ۽ سونهن هو. اڄ اسين چئي سگهون ٿا ته سنڌي ڪهاڻيءَ کان ”جمال“ وڇڙي ويو 'لهر پنهنجا پهر جهاڳي، سير ۾ آخر سمائي'. مجموعي طور مٿين ننڍڙي مضمون ۾ جمال صاحب سنڌ جو هڪ سچڻ، اعليٰ اديب ۽ اسڪالر، بهترين ڪهاڻيڪار، انسانيت جو علمبردار ۽ پرجهلو ۽ تمام وڏي ظرف وارو ماڻهو هو. سندس وفات سان سنڌ ۾ هڪ وڏو خال ضرور پيدا ٿيو آهي.

Gul Hayat Institute

# دورِ حاضر جو هالار ڏٺي جمال ابڙو

ارباب نيڪ محمد

جنهن ڏينهن جمال پنهنجي جان، جان آفرين جي حوالي ڪئي هئي، ان ڏينهن تي اسان ڏِليار ۾ هئاسين. يارهينءَ جي موقعي تي هر ماهہ عاشق سڏائيندڙن لاءِ ڦاهي، 'ڪاهي' جي شهر ۾ محبتي مڙن ٿا. انهيءَ ميلي لاءِ پٽوري مان پنڌ پيا هئاسين. اهو ٽي پٽورو جتي پنج سؤ ايڪڙ زمين وقف ڪري چام سائينداد ماڊل مدرسو اڏايو هو. انهيءَ مدرسي ۾ جمال ابڙي جو مامو مولوي عرض محمد ابڙو مدرس ٿي رهيو هو. حسن اتفاق سان سندس دم پرواز ڪرڻ جي ساعت بہ يارهين چنڊ جي هئي ۽ اسان ڪيس رئيس اسماعيل خان جي ڳوٺ ۾ (جيڪو ڏِليار ۽ دولت آباد جي وچ تي آهي) عين ان وقت چتاري رهيا هئاسين، جنهن وقت پڪي پيچري مان اڏرڻ لاءِ الرٽ ٿي بيٺو هوندو. خانڻ مريءَ جي عذر خواهيءَ جي مجلس هئي. اسماعيل خان ڪي سنڌي موسيقيءَ جي تاريخ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، خانصاحب منظور علي خان جو استاد لکيو آهي، خانڻ مري انهيءَ استاد جو لخت جگر هو.

"سڪ رمز وجود وڃاوڻ دي" واري گس پنڌ ڪي ڳولهڻ لاءِ بدر ابڙو ۽ انور پيرزادو بہ پنج سال اڳ خانڻ مريءَ وارن انهن ماڳن تان گهمي ويا هئا. رئيس امير دوست مرحوم (خانڻ جو پاءُ) ۽ حال حيات حاجي الله بخش مريءَ جهڙن بزرگن کين گرهوڙي گهوٽ ۽ پٺاڻي بادشاهہ جي فيض مان ساري رات فيضياب ڪيو هو. اهي ڪٿستون بہ وٽن محفوظ هونديون. اياز ۽ جمال جي انهن حقيقي ۽ روحاني وارثن "مني فقير جي ڊير" تان مجاز مان حقيقت ڏانهن سفر واري پروليءَ بہ پرکڻ جي جسارت ڪئي هئي، تہ مننار فقير راڄڙ کان بہ فيض ورتو هئائون. جتان اياز ۽ جمال تڏهوڪا فيضياب ٿيل هئا، جڏهانڪر جمال ڪپري ۾ ڪورٽ سڳوريءَ واري ڪرسيءَ تي براجمان هو.

اياز ۽ جمال واري جوڙي ڪِپري کان ڪنيات ۽ پاڳ ناڙيءَ کان پاڳو پان جي پونءِ تائين سموري سنڌ کي پرينءَ جو پاڇو سمجهي چاهيو هو. جمال وٽ ڪپري ۾ "عوامي فيلسوف عليم درس" ڪنهن مقدمي ۾ پيش ٿيو هو ۽ بچاءَ جي شاهدن ۾ پٺاڻي، قلندر سچل ۽ گرهوڙي شهيد جا نالا ڪنيا هئائين. عليم جهڙن ڪي عوامي

فيلسوف وارو سونو تاج پارائڻ کان به سوايو ۽ سهڻو لقب ڊاڪٽر بلوچ ڏنو آهي، جنهن بلوچ کي سنڌ ۾ جمال ابڙي کان وڌيڪ شايد ئي ڪنهن سڃاتو هجي!

'جڳ مڙيوئي سپنو' کان وٺي 'اتي اور الله سين' تائين اياز کي فقيهہ شهر طور جيڪا شهرت ملي آهي، انهيءَ هڻ وٺ ۾ ڪيس سڀ کان وڌيڪ مدد محمد موسيٰ ڀٽي کان نه بلڪ جمال ابڙي کان ملي آهي. موسيٰ ڀٽي جهڙا پاڻر تمام گهڻو عرصو گذرڻ کان پوءِ اياز جا همراهہ ٿيا هئا. جمال لکي ٿو ته: "جڏهن بزم صوفياءِ سنڌ قائم ڪئي سين پئي، ته ڪن سنڌ سطح جي 'سائينءَ جي سنوارين' چيو ته، هيءَ سوشلزم جو دور آهي ۽ پاڻ قدامت پرستيءَ ڏانهن قدم وڌائي رهيا آهيون. تڏهن اياز صاف چيو هو، ته اسان جي شناخت، تصوف آهي ۽ روحانيت جو رد اسان کان ڪو نه پڄندو!"

"قلندرانه ادائون ۽ فقيهانه فائق فرمانيون" جنهن فهم ۽ دانائيءَ سان جمال ۽ اياز سنڌين کي سمجهائي سگهڻ ۾ ڪامياب ويا آهن، اهڙي نيڪي "جبہ و دستار وارن جهانديده دوستن" کي به گهٽ ملي هوندي. جمال لکي ٿو ته "جڏهن اياز وي سي ٿيو تڏهن ڪي ناميارا پروفيسر ميان منظور حسين وٽ آيا ۽ چيائون ته همڙي تمڙي کي اسان جو سربراهہ بنايو اٿن، دعا ڪريو ته هن مان سنڌ يونيورسٽيءَ جي جان آجي ٿئي. (اها روايت به ڪهاڻيءَ واري دنيا جي ناماري نالي نسيم ڪرل جي پاءُ کان "مروي" آهي.) ميان صاحب ڪجهه دير مراقبي ۾ ويو ۽ چيائين ته "بابا! جنهن شخص کي ظاهر ۾ ائين ٿا ڏسو اهو فڪر ۾ فنائيت جو مقام ماٺيل آهي ۽ ڪيس ڪجهه به نه چئو. جڏهن سندس اصليت ظاهر ٿيندي ته "هم کي حيران ڪري ويندي"

فقير جي جمال سان آخري رهاڻ رنگون والا هال ۾ ٿيندڙ لطيف ڪانفرنس دوران ٿي هئي. سندس پراڻو خاڪسار يار پروفيسر ڪريم بخش نظاماڻي، جيڪو قلمي طور "پراڻو سوشلسٽ" مشهور هو پاسڻ ڏيئي رهيو هو. اياز قادري، علي مير شاهه به ساڻس مليا.

Gul Hayat Institute

جمال، ذوالفقار علي ڀٽي جون ذهني صلاحيتون، جي ايم سيد جي ڪمٽمينٽ، حيدر بخش جتوئيءَ جي فدا ڪاري، رسول بخش پليجي جي صدا ڪاري، پير سائين پاڳاري جي دوانديشي، ڄام صادق جي دريا دليءَ کان ويندي سنڌ جي عالمن، اديبن، سگهڙن، رازن، موچين، ڪارڪنن، ڪمين، ڪاسبين ۽ ڪامدارن سميت تذڪير ۽ تانيث کان بالا تر ٿي، هر نفس جون نيڪيون ڳائڻ ۽ ڳڻائڻ ۾ بخل کان ڪم ڪونہ ورتو آهي. جي اهو آرٽ سنڌ جي آجپي لاءِ جاکوڙيندڙ 'جهان خانن' کي هٿ اچي وڃي ته ڪر هيءَ پوءِ پلارن جو مسڪن ۽ پاڳين جو وطن بڻجڻ وارا دستار تمام جلد هٿ ڪري وٺي. جمال چاليهہ سال مَرچڏ قسم جي 'هارٽ اٽيڪ' سان چاهت کي قائم رکيو آيو. ڪي بيماريون مجازي محبوبن جي پيٽ ۾ وڌيڪ وفادار ثابت ٿينديون آهن. جمال، ڪرامت جو قائل هو.

سندس زخمِ جگر جڏهن اچانڪ قلب کي داغ مفارقت ڏئي ويو تڏهن سندس معالج چيو تہ، هيءُ ميڊيڪل جي تاريخ ۾ اڻ ٿيڻو واقعو ٿيو آهي. معالج خود پاڪستان جو ناميارو ڊاڪٽر آهي.

ابڙن منجهان هونئن تہ مراد علي ابڙو راجستان جي بوندي ضلعي جو ايس ايس پي آهي ۽ 'مالوهہ' ماڳ مڪان اٿس. پر ابڙن ۾ هاڪارو ڪردار بن پيءُ پٽن کي حاصل رهيو آهي. هالار ڏٽيءَ جي حوالي سان ابڙي اڙبنگ کي جيڪا تاريخي حيثيت حاصل ٿي ۽ سندس سون سريکي 'ڪنور' ڏونگر راءِ کي جيڪا ڏيهہ پرڏيهہ ۾ مڃتا ملي، ان کي ڏسي، پڙهي، پرکي جڏهن پاڻ جمال ۽ بدر جو جائزو وٺنداسين، تہ پاڻ کي هاڻوڪي سنڌ لاءِ اهي همراهہ ابڙا اڙبنگ ۽ ڏنگا ڏونگر راءِ نظر ايندا. سنڌ لاءِ سندن خدمتون ڏسو ۽ ڪي ڳالهيون ڪاٿن اڳ جي پيءُ پٽ جون بہ پڙهو پوءِ پارکو بنجي پرک ڪريو تہ ڪيئن قدرت وارو حسب نسب کي نسل در نسل ناماچاري عطا ڪندو آهي.

'وڏسر' ڪڇ جي رياست هئي، جنهن جو والي سمون سردار ابڙو اڙبنگ هو. دودي سومري خلاف خلجيءَ جڏهن خلم ٻاريو ۽ سومرا 'ميرن کي گهران لڳي' جيان شڪست کائي ويا، تڏهن حڪمران گهراڻي جون سومريون سامر طور اڙبنگ ابڙي حوالي ٿيون. وگهہ ڪوٽ ۾ روپا ماڙيءَ کان 'وڏسر' ولات جيترو پري ڪونہ هئي. ٻئي دنگائي علائقا آهن. ڀاڳويان سومرين کي 'سمي' وٽ وٺي آيو هو. هالاري ميمڻن کان ويندي هالاري ويس وڳن تائين 'هالار' علائقي کي شهرت مليل آهي. ڏوبيءَ جي ڏويچڻ کان پوءِ بہ هالاريءَ جي لالائي لهندي ڪو نہ آهي. انهيءَ هالار کي بہ ابڙي اڙبنگ هٿ ڪيو هو. ڪيس ان حوالي سان 'هالار ڏٽي' سڏيو ويندو آهي. سومرن دودن جي شهادت کان پوءِ ابڙو بہ هميراڻي خاندان جي مخالفن سان وڙهندي شهيد ٿي ويو. ڏونگرراءِ سامر جهليل سومريون وٺي ڪڇ جي رڻ ۾ اهڙي هنڌ پهتو جتي ڏيٽيون ۽ گرٽيون هيون. سومريون هڪ ٻئي پويان ڏيٽن ۾ هليون ويون.

خلجين کي جنگ ۾ ٻاگهل ٻائيون نہ ملڻ تي ارمان هو پر ڏونگرراءِ اها ذميواري ڌرتيءَ حوالي ڪري ڌرتيءَ جي دشمنن سان اچي جنگ جوٽي. خلجيءَ جي ڪمانڊرن هن کان سومرين بابت سوال پڇيا تہ، هن ڪين اهي هنڌ وڃي ڏيکاريا، جتي سومريون ڌرتيءَ لاءِ سٽيون ٿيون هيون ۽ جتي جنهن جرئت سان هن جوان، جابرن جي ناپاڪ ارادن لاءِ ڪتب اچڻ کان بچايون هيون. اُها ترڪيب ڏسي دهليءَ جا داداگير حيران ٿي ويا ۽ ملڪ، ڏونگر راءِ حوالي ڪري واپس ماڳن ڏانهن موٽيا. جمال ابڙو دورِ حاضر جو 'هالار ڏٽي' بہ ڏٽي سائينءَ ڏانهن هليو ويو آهي، جنهن هالار لاءِ هاڻوڪي ابڙي اڙبنگ، سرڪاري نوڪري هوندي بہ پهرين صف ۾ بيهي پاڻ پتوڙيو ۽ پٽن کي بہ ڏونگر راءِ جيان مڙساڻو مڙد بنائڻ لاءِ مربي بنجي سنواريائين ۽ سينگاريائين. نہ صرف پٽ، پر سنڌ جي سينڌ کي موتئي جي مهڪ سان معطر ڪيائين.



Gul Hayat Institute

ڪهاڻي بہ جيئري آهي. تيسن ڪانہ مرندي جيسين پيراڻيون پيون وڪامنديون، جيسين زار جو اولاد مسڪينن جي ڳڇيءَ ۾ نانگ وانگي ويڙهيل آهي، تيسين پشو پاشا پيا چمندا. ادب بہ پيو هٿوراڙيون هڻندو پر اهو جمال ڪونہ ايندو. ان ڪي آڻڻ لاءِ هاڻي جلال جي ضرورت آهي. ڇو تہ جلال ڪان سواءِ جمال محفوظ نہ رهي سگهندو (نون والقلم) قلم جي حفاظت لاءِ تلوار ضروري آهي.

سپ، سپوئي حال، منجهان ئي معلوم ٿئي.
(شاهہ)

جمال جي زندگيءَ جو مطلب ڇا هو؟ پر زندگيءَ جو مطلب تہ هر حال ۾ جمال آهي. سونهن سوڀيا، انقلاب آزادي، اختيار، مرضي خوشحالي سلامتي ۽ امن ۽ انصاف ڀريو معاشرو آهي. اهو ئي جانب جو جمال آهي ۽ جمال جو ڪمال، جتي،

ڪترن ڪيتا چڏتا، گابا مٿي گس
آڻو وجهو آهرين، روڙئور تا گل
اڱڻ تازي، ڀهر ڪنڊيون پڪا پٽ سونهن
(شاهہ)

پر جمال جي ان جُوءِ ۾ اڱڻ تي تازي بہ ڪونهي، نڪو ڪنڊيين جون قطارون، نڪو پڪا، نڪو پٽ، نڪو ڪير پٽ، نہ مکڻ نہ ماٽيون، سپ ڪاوڙجي ويا. جمال جي هوندي، اياز جي هوندي، استاد جي هوندي ....

درياهہ ڪاوڙجي ويو ڏنڊيون ڏورا ڪاوڙجي ويا،
اپ تتو پون تامٽي
(خليفو)

ڪيون منجهہ ڪساب، جي وهڻ اچي ويلو ڪري،
انين جا اوصاف؟ رتي ريج نہ سنجري،
(شاهہ)

جمال الدين جو ذڪر ڪجي ۽ علامہ علي خان جو ذڪر نہ ڪجي تہ ڪفر ٿيندو. جمال تہ علي خان جي دران دنيا جو ديدار ڪيو. جيڪو منگواڻي جي مٽي مان ڦٽو ۽ بمبئي يونيورسٽي ۾ رڪارڊ قائم ڪيائين ۽ انگريز جي دور ۾ بمبئي يونيورسٽي جو فيلو مقرر ٿيو. عربي فارسي ۽ انگريزي جو ماهر، قرآن پاڪ کي روح سان سمجهندو. گرهوڙيءَ جي گس جو گهورو چاليهہ سال زندگيءَ جا، هن پيو بہ ڪيٽ ڪيڙيو پر هن عالم مٿو ٻڌي ڪلام پاڪ سولڙو ۽ سڌو سنئون ترجمو ڪري هن جڻ عقيدن ۽ تفسيرن جي سمنڊ ۾ ان ٻڌل علم جي آسمان کي ٻاهر ڪڍي آيو.



Gul Hayat Institute

دوست ڪامورا ڪيترا هئڙ هئڪيا هئا، پر جي نہ هئا تہ رڳو عام ماڻهو ڪو نہ هئا، انهن لاءِ خصوصي ٻنڌش هئي. هونءَ بہ ڇتن جو ڇامن سان ڇا؟

جمال صاحب واقعي ڪمال جي ڳالهہ ڪري ويو ٿورڙا لفظ پنهي تي بہ ٿي ستون لکيل. هڪ سٽ ٿي اعلان هو! چياڻون، ”بلاول ۾ تہ سڀ محبوب جي ڳالهہ آهي!“ ڪن ڪي هانءَ تي چنبو لڳو تہ ڪن جي اندر مان اڙي نڪتي تہ ڪن چپ سبي ڇڏيا!

هڏ نہ ڇڏي هنڌ، آيس بوءِ بهار جي،

نون سالن ۾ لکيل تفسير، چاليهن سالن کان پوءِ سنڌيڪا ڇپرائي پڌرو ڪيو. اهو ٿي جمال جي زندگيءَ جو ڪمال آهي جو هنن انڌن کي اکيون ڏيئي ڇڏيون.

اکيون آري ڄام جون انڌيءَ سين آهين،
پسئو پسائين، پيشاني پرينءَ جي.
(شاهہ)

پر اهو سوال وري بہ رلي ويو تہ اهڙو لا جواب علم عمل ڪي ڪيئن ۽ ڪڏهن جنم ڏيندو؟ جو شينهن ٻڪري هڪڙي گهاٽ تان پاڻي پيئندا. امن انصاف آزادي ۽ خوشحالي ڪڏهن ڄامن ۽ ڄاموٽن جي ڄار مان آجا ٿيندا. ڪڏهن سنڌوءَ جي نڪ مان نوڙي نڪرندي. ڪڏهن اصل ڄام رامو جکرو سپڙ چوٽاٽي اچي دودي ۽ دريا خان جي مسند تي براجمان ٿيندا ۽ سچي دنيا کي اهو سنيهو ڏيندا تہ:

محبتي ميڙي ڳوٺ ٻڌجي هڪڙو
تنين جي ويڙهي، پاڻهي ايندو پاتشاهہ
(شاهہ)

دالائي ڪڏهن مذهبن مان الله ۽ الله جي خلق جي جند ڇنندي ۽ الائي ڪڏهن اسان جا عالم ۽ اديب دين ۽ دنيا کي هڪ ڪري ڇڏيندا، ۽ خدا جي خدائي جون واڳون عوام جي هٿ ۾ هونديون ۽ جڏهن عوام ۽ خواص جو ليڪوئي نہ رهندو.

جمال صاحب شاهہ سائين جي (سر بلاول) وائي جون ستون جهونگاري ٿو ۽ دعا ٿو گهري.

هڪ وڃايم وسري، ڄاڻي سڀ ڄمار
جيڪي وهي وجود ۾ ڄاڻي ڄاڻڻهار
جيئن سي گل گلاب جا، ڪيترا ڪنڌهار
امر اوڏي نہ وڃان، نهي ڪيس نڪار



Gul Hayat Institute

هن منهنجي حال جي، توکي سُڌ ستار!
مون ۾ عيب اپار يار ستار آئون جا
طامع آهيان تنهنجي

دعا

الله تبارڪ و تعاليٰ
جيڪو رئوف رحيم ۽ ڪريم آهي
شال پنهنجي پياري نبي، سرورِ ڪائنات
صلي الله عليه وآله وسلم جي صدقي
مڙني کي اجر ڏئي
هدايت ڏئي
۽ دنيا توڙي آخرت جون
چڱايون نصيب ڪري.

سو دم حرام، جنهن دم ياد نه تنهنجي
نرمل! تنهنجو نام! ائئي پهر اندر ۾
(شاهه)

Gul Hayat Institute

# سدا حيات ڪهاڻيڪار کي سلام!

نصير مرزا

پنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙا ڪي ٿورائي موقعا ته سُجهن ٿا مون کي، جڏهن پنهنجي ليکڪ وغيره هجڻ تي فخر محسوس ڪيو هوندو مون! ۽ پهريون دفعو ته اُن وقت، جڏهن سنڌ جو عظيم شاعر اياز صاحب سان گڏ فوٽو ڪڍرايو هئم. ٻيو دفعو تڏهن، جڏهن قبلهٔ مخدوم طالب المولىٰ صاحب جن سان هٿ ملائڻ جو شرف حاصل ٿيو هئم. ۽ ٽيون ڀيرو ان وقت جڏهن جديد سنڌي افساني ۾ پنهنجي منفرد اسلوب جي خالق جناب ابڙي صاحب سان قاسم آباد حيدرآباد جي ڪنهن بنگلي ۾ ياءُ ناشاهه معرفت هڪ غير رسمي دوستانه ادبي ڪَڏجاڻيءَ ۾ (غالباً 98 ڌاري) ساڻس پهريون ۽ آخري ڀيرو وچي مليو هئس.

... جمال ابڙو صاحب ڇا ته شاندار انسان لڳو هو مون کي ان ڏينهن ! ... پُرنور چهرو ... اڇي ڏکڻي سونهاري ... چپن تي مستقل نظر ايندڙ مُرڪ ... ! ۽ گفتگو ڪرڻ جي لاءِ چپ جو چورياڻين ته سندس مُک مان نڪرندڙ هر اکر، اهڙو ته ۽ ڪڙو جهڙو لاڙڪاڻي جو سڳداسي چانور... صاف ۽ شفاف!

... ۽ جمال صاحب اٿندي ئي مون کان ٽنڊي نوڙهي جي مرزا خاندان جي بزرگن ۽ ان خاندان ۾ پيدا ٿيندڙ قانوندانن، بارايٽ لا فرخ بيگ مرزا، ايڊوڪيٽ جنرل سڪندر بيگ مرزا ۽ سيشن جج منير علي مرزا ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي سيڪريٽري جسٽس ڌاڪر حسين بيگ مرزا جا حال احوال وٺڻ شروع ڪري ڏنا. پوءِ چيائين "... فقه ڪٽي ڪمڙو به هجي منهنجو مياں محمد نصير مرزا ... پڪ ڄاڻ ته تو ۽ تنهنجي سڄي ٽنڊي نوڙهي واري مرزا خاندان وانگر، تعليمات مون کي به سيدنا امام جعفر صادق عليه السلام جي ئي پاڻ پوندي آهي..."

... ۽ اهڙي روح پرور گفتگوءَ کان پوءِ جمال صاحب دير تائين، پنهنجي دين ڏانهن لاڙي ۽ سنڌ ۾ تصوف جي موضوع تي مون سان ڳالهائيندا رهيا. ۽ ان موضوع تي جمال صاحب ڇا ڇا ڳالهيون ڪيون مون سان ... ۽ اهي ڪنهن پٺي پيري ... في الحال جمال صاحب بابت نورالدين سرڪي صاحب وٽان مليل هڪ تاريخي معلومات ...

حقيقت ۾ تن ڏينهن ۾ حفيظ شيخ صاحب بابت مون پنهنجو ڪتاب 'اڇو

پڪي واءُ ۾' پئي سهيڙيو ۽ سرڪي صاحب سان حفيظ صاحب بابت انٽرويو پئي ڪيم. جو وچ ۾ اوچتو ذڪر نڪري پيو جمال ابڙي صاحب جو.

چيائين "1948 کان 1950ع وارو زمانو هو ڪراچيءَ مان هفتيوار اخبار صداقت جاري ڪئي هئيسين. جمال جا پهريان به شاهڪار افسانا 'خميسي جو ڪوٽ' ۽ 'پيراڻي' مون ئي پهريون دفعو ان اخبار ۾ شايع ڪيا هئا ..."

۽ ائين ڪندي سرڪي صاحب ڪي جمال جي هڪ ٻي ساروڻي به چت تي چڙهي آئي. ڪلندي ٻڌايائين "ڪو زمانو هو جو جمال اڙٻنگ جوان هو ۽ آءُ هن ڪي راڳ ٻڌرائڻ لاءِ هوڏانهن وٺي ويو هئس، ۽ هاڻي ته هو سونهاري رڪايو وينو آهي ۽ مولود ٿو وينو شوق سان ٻڌي..." ايتري ڳالهه ڪرڻ کان پوءِ سرڪي صاحب ٻڌايم "ڪجهه سال ٿيا جو جمال جي گهر واري گذاري وئي هئي. مان ۽ منهنجي گهرواري وٽس فاتحه لاءِ وياسين ته گهر ۾ زالن جو ميڙاڪو لڳو پيو هو. مون ڪي مٿي وٺي هلي جنهن ڪمري ۾ ويهاريائين، ڏٺم ته اهو ايئر ڪنڊيشنڊ هو ۽ ٿوري جهڙ جو گذري ته ٻيا ڏسان ... جمال اٿي ڪمري جي دري پيو کولي چيومانس "ڪمرو ايئر ڪنڊيشنڊ آهي، دري ڇو پيو ٿو کولين جمال؟" چيائين "گهر ۾ ختمي واري گذڄاڻي آهي ۽ ثواب لاءِ نعت خوان مائي مجلس پڙهڻ لاءِ گهرائي اٿئون. مائي ڪي اسان وٽ ڪجهه نعتون پڙهي شام واري فلائيٽ ۾ اهڙي ئي ساڳئي ڪم لاءِ اسلام آباد پهچڻو آهي..." ۽ ايتري ڳالهه ٻڌائڻ کان پوءِ چيائين ته "دري انڪري اٿي کولي اٿم. جوان خاتون جو پُر سوز آواز ٻڌڻ جو اشتياق اٿم."

سرڪي صاحب وڌيڪ ٻڌايو پئي "ان زماني ۾ جمال ابڙي صاحب جا صداقت ۾ اهي افسانا ڇا شايع ٿيا، هر طرف کان آواز اچڻ لڳا ... ڏسجو ته اهڙا شاندار افسانا لکندڙ هي نوجوان، آهي ڪير؟

... ۽ بس ان کان بعد ۾ ٿوري ٿوري وقفي سان جمال جا افسانا 'شاهه جو قر'، 'پشو پاشا'، 'رانديڪو'، 'مان مڙد' وغيره مختلف رسالن ۾ جيئن جيئن ڇپيا پڌرا ٿيندا، سنڌي ٻوليءَ جي جديد افسانوي ادب جو ويو مان مٿانهون ٿيندو ..."

۽ سرڪي صاحب پاران، جمال صاحب بابت ٻڌايل انهن ڳالهين ڪي ياد ڪندي، هتي مون ڪي اڄ جمال صاحب کان اڳ جديد سنڌي افساني جي پهرين دور وارا بانيڪار ڪهاڻيڪار ياد اچي ويا آهن: نادر بيگ مرزا، امر لعل هڱوراڻي، آسانند مامتوراءِ...

۽ آگاهه رهجي ته ، جمال ابڙو صاحب جنهن جديد سنڌي افساني جي شاهراهه جو مائل استون ڪهاڻيڪار هو اها شاهراهه شروع ٿي انهن ٽن اهم افسانا نگارن جي نالن ۽ سنڌن لکيل افسانن کان ٿئي ٿي.

غالباً اهو 32_1931ع وارو زمانو هو جو امر لعل هڱوراڻي پنهنجو پهريون شاهڪار افسانو لکيو هو 'ادو عبدالرحمان' ۽ اهو افسانو هن مونو لاگ ٽيڪنڪ ۾ لکيو هو. ساڳئي ئي زماني ۾ قليچ بيگ صاحب جي سڀ کان وڏي فرزند ۽ شهزادن

جهڙي شخصيت رکندڙ نوجوان بار ايٽ لا نادر بيگ مرزا وري رومانوي انداز جا افسانا لکڻ شروع ڪيا: 'موهني جي دل جو داغ'، 'موهني جي فتح'، 'موهني جي ڊائري'، 'مس ماڊلين'، 'سچي محبت' ۽ 'عينڪ جو آزار' وغيره.

نادر بيگ جا لکيل اهي سڀ افسانا جديد افسانوي رنگ ۾ لکيل سنڌي ٻولي جا منفرد، ماڊرن ۽ ٻي مثل افسانا آهن. آساننند مامتوراءِ وري انهن ٻنهي افسانہ نگارن جي مقابلي ۾ ڳوناٺي ماحول جي مشاهدي تي ٻڌل نج نبار سنڌي ٻوليءَ ۾ ان جي محاوري کي افسانوي نثر ۾ متعارف ڪرايو ۽ 'شاعر' ۽ 'ڳنوارڻ' جهڙا طويل خوبصورت افسانا سنڌي ادب کي ڏنا.

جمال ابڙي صاحب جي افسانوي ڊنگ تي پڪ سان تہ روسي افسانہ نگارن گورڪي ۽ چيخوف جو بہ پاڇو پيل هو پر سندس افسانن ۾ تز سنڌي ٻولي ۽ ٺورن لفظن ۾ وڏي ڳالهہ ڪري ڊيکارڻ وارو جيڪو گڻ آهي، پانيان ٿو تہ اهو ڏانءُ هن صرف آساننند مامتوراءِ جي ئي افسانن مان پرايو هوندو. مثال طور جن جن پڙهندڙن جمال صاحب جا افسانا 'پيراٺي'، 'شاهہ جو قبر'، 'سينڌ' ۽ 'فرشتو' وغيره پڙهيا هوندا، اهي مون سان متفق ٿيندا تہ اهي افسانا رڳو افسانا ئي ڪٿي آهن سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن جا جهرڪ وکر خوني باب آهن.

پنهنجي پوري زندگيءَ ۾ جمال صاحب اهي ئي ڪي تيرهن يا چوڏهن افسانا مس لکيا آهن. پر بقول طارق اشرف صاحب جي سندس اهي افسانا سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل تيرهن چوڏهن سؤ افسانن تي ڀاري ٿا محسوس ٿين.

اهڙن افسانن جي عظيم خالق جمال ابڙي کان سواءِ جمال جي نالي وارين ٻن ٻين ادبي شخصيتن کي بہ آءٌ وڏي اهميت وارو ڄاڻندو آهيان ۽ اهي آهن: جمال صديقي ۽ جمال رند.

انهن ٽنهين مان بيشڪ تہ اڄ ڪو بہ حيات ڪونهي پر ڪير آهي جيڪو ائين چئي سگهندو تہ اهي سڀ سنڌي ادب جا سدا حيات نالا ڪونہ آهن. هر قوم ۾ رواج آهي تہ ڪو وڏو ماڻهو جهان مان لڏيندو آهي تہ چوندا آهن.

مرحوم جي وصال سان هڪ دور پورو ٿيو ...

دروازو ئي بند ٿي ويو...

پويان وڏو خال رهجي ويو...

نہ جديد سنڌي افساني جي باني جمال ابڙو صاحب جي رحلت تي گهٽ ۾ گهٽ آءٌ تہ اهڙا اسٽيٽمينٽ جاري نہ ڪندس، ۽ اهو انڪري جو جمال ابڙو صاحب سنڌي افسانوي ادب جي اونداهيءَ مان پنهنجي ذات جو جيڪو ڏيئو ٻاري رکي ويو آهي، اهو هنوز ٻري پيو ۽ مون کي پڪ آهي تہ جيستائين سنڌي ٻولي زندهہ آهي، اهو ٻرندو رهندو ... ۽ جيستائين اهو ٻرندو رهندو جمال ابڙو صاحب بہ زندهہ رهندو.

*(مهراڻ، سرءُ 2004 ۾ ڇپيل)*

# جمال ابڙو

## شوڪت حسين شورو

ورهاڱي کان پوءِ جڏهن به جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جو ذڪر ٿئي ٿو ته امر لعل هِنگوراڻي، آسانند مامتورا ۽ مرزا نادر بيگ ان جا باني ڪري ليکجن ٿا. پر ورهاڱي کان پوءِ ڪجهه سالن تائين سنڌي ادب تي جيڪا موت جهڙي ماٺار ڇانيل هئي، تنهن ۾ ان دور جي نوجوان ترقي پسند شاعرن ۽ ڪهاڻيڪارن ۾ جمال ابڙو سڀ کان اڳرو هو. هن سنڌي ڪهاڻي کي نئون لهجو ۽ نئون ڊڪشن ڏنو. جمال ابڙي جي لکڻ جي پنهنجي هڪ انفرادي اسٽائل هئي. وري اسين هن جي ڪهاڻين جا موضوع ڏسون ته انهن مان اڪثر اڳ ۾ اڻ ڇهيل هئا، آءُ نه ٿو ڀانيان ته جمال ابڙي وٽ لکڻ جي جيڪا ڏات ۽ ڏانءُ هو اهي ٻئي شيون ان دور جي ڪنهن ٻئي ڪهاڻيڪار کي شايد نصيب ٿيون هجن.

جمال ابڙي تمام ٿوريون ڪهاڻيون لکيون پر گهڻين ڪهاڻين لکڻ وارن ڪهاڻيڪارن کان هن جون ڪهاڻيون وڌيڪ بهتر ۽ خوبصورت آهن.

ڪجهه وقت تائين لکڻ کان پوءِ جيڪڏهن ڪو ليکڪ لکڻ ڇڏي ڏئي ٿو ته ان جا ڪيترا ذاتي، سماجي ۽ نفسياتي ڪارڻ ٿي سگهن ٿا. هن کي لکڻ تي مجبور نٿو ڪري سگهجي ۽ نه وري ڏوهه ڏيئي سگهجي ٿو. لکڻ يا نه لکڻ ليکڪ جي پنهنجي مرضيءَ ۽ موڊ تي آهي. ان جو اهو مطلب ڪونهي ته جيڪڏهن ڪو ليکڪ لکڻ ڇڏي ڏئي ته اسين به هن کي وساري ڇڏيون. جمال ابڙي صاحب ڪهاڻيون لکڻ ڇڏيون ته اسان هن کي ائين وساري ڇڏيو جو اڄ جي پڙهندڙن کي هن بابت خبر ئي ڪانهي ته هو ڪيڏو وڏو ڪهاڻيڪار آهي. پي. ايڇ. ڊي ڪرڻ ته پري جي ڳالهه آهي، اسان مان گهڻن جمال ابڙي جي ڪهاڻين تي لکيو آهي؟ هن جي ڪهاڻين جو تفصيلي تنقيدي جائزو ئي ڪونه ورتو ويو آهي.

اسان جا گهڻا نوجوان ليکڪ ۽ پڙهندڙ جمال ابڙي کي سنڌس آتم ڪٿا جي حوالي سان هڪ مُلون ۽ مبلغ ڪري سڃاڻن ٿا. جمال ابڙي ۾ جيڪا مذهبي ۽ روحاني تبديلي آئي، ان جو به نفسياتي ڇيد ٿيڻ کپي. جنهن ڳالهه جي اسان جي سنڌي ادب ۾ ڪا روايت ئي ڪانهي.

جمال ابڙي جي گذاري وڃڻ کان پوءِ اسان کي ياد آيو آهي ته جمال ابڙو به ڪو ڪهاڻيڪار هو. ڏسون ته اها ياد ڪيتري وقت تائين قائم رهندي!

(مهراڻ، سرءُ 2004ع ۾ ڇپيل)

# جمال ابڙو ـ (هڪ تاثر)

گل محمد عمراڻي

جمال ابڙو جديد سنڌي افساني جي پيڙهہ جي پٿر رکندڙن مان هڪ نهايت اهم نالو آهي. سندس فڪري اوسر ورهاڱي کان اڳ واريَ غير ڪٽرپڻي واري سيڪيولر(intellectual) وايو منڊل ۾ ٿي هئي. جيتوڻيڪ سندس تعلق هڪ روايتي ۽ روايت پسند مسلمان پڙهيل وچولي طبقي جي خاندان سان هو. پر انهيءَ هوندي بہ تعليم ۽ تربيت نج غير روايتي انداز ۽ طرز فڪر منفرد ۽ لڳ لاڳاپو وسيع المشرب هر مسلڪ ۽ مذهب جو فردن سان نڀائڻ کان رهيو. جمال جي افسانہ نگاريءَ ۾ جيڪا حيرت انگيز جديديت فڪري تازگيءَ ۽ لساني نواڻ (innovation) ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ان جو سبب بہ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي، فقط سندس حساس ۽ باريڪ بين نظر، طبع رسا ۽ فطري انسان دوستي آهي.

جمال جي افساني تي گهڻو لکيو ويو آهي. بلڪ شايد اجا ڪيترا موضوع تشنہ تفسير و تعبير آهن. پر جيڪا اصل سگهہ ۽ سونهن سندس ڪهاڻين کي پنهنجي همعصر ڪهاڻين کان منفرد ۽ ممتاز ڪري ٿي، سا آهي انهن جو ٺُز ۽ ٺيٺ لهجو (dilect)، بي ساختہ انداز بيان (narration) ۽ هينري جيمس ۽ موپا سان واري مهان فنڪارانہ جدت (professionalism) هينري جيمس پنهنجي جڳ مشهور مضمون (The Art of Fiction) ۾ جديد ڪهاڻيءَ جا خدوخال واضع ڪيا هئا. ان کي سامهون رکي جمال جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جو بنياد شعوري طرح هڪ مڪمل رٿيل ٽيڪنڪ ۽ (craftsmanship) (طرز تعمير ۽ هنر مندي) تي ٽيڪيو آهي. جمال جي ڪا بہ ڪهاڻي پڙهي ڏسو توهان کي مختصر ڪهاڻيءَ جي فن جي پوري اپياس جي پلي پٽ پروڙ پئجي ويندي. اهڙو سرشتيوار (systematic) ۽ ترتيب انداز (methodical) ليکڪ ٻيو اجا تائين اسان ۾ نہ ڄاتو آهي. جمال جي فن جو ڪمال سندس ڪهاڻين جي اٽر سچائي ۽ يڪتا هنر مندي ۽ فنڪاري (craftsmanship) آهي. سندس ڪردار ڪورٽي ڪچهرين، اسپتالن، واهڻن ۽ وستين ۾ رهندي بہ اسان لاءِ اهڙا ڇرڪائيندڙ نہ آهن، جيڪڏهن اسان انهن کي جمال جي قلم مان تراشيل نہ پسون ها تہ شايد



Gul Hayat Institute

هنن جو وجود بہ لوح جهان تان حرف مقرر وانگر ميسارجي ويجي ها. جمال جي قلم انهن کي آفاقيت ۽ جاوداني ڏيئي سنڌي ڪهاڻيءَ کي مالا مال ڪيو آهي. سندس ابتدائي افسانا يقيناً جديد مغربي ادب کان متاثر آهن، خاص ڪري گورڪي جو (Soviet Social Realism) (سوويت سماجي حقيقت پسندي) پر جديد هندستاني ترقي پسند ادب ۽ اديبن جو اثر سندس ڪهاڻين تي چڱو نمايان رهيو آهي. 1965ع کان پوءِ جمال ابڑو ڪهاڻيڪار گهٽ ۽ سرڪاري مشغولين ۾ مصروف وڌيڪ ٿيندو ويو ۽ آخري سالن ۾ آتم ڪٿا جي طرف راغب ٿيو. سنڌي ٻوليءَ ۾ سوانح عمريون يا تہ لکيون تمام گهٽ ويون آهن ۽ جيڪڏهن لکيون ويون آهن تہ وري اڌ سچ ۽ اڌ مبالغہ آميزيءَ سان ستيل! جمال ابڙي جي سوانح عمري سندس پوين ورهين جي ذهني روين جي عڪاس آهي. مذهب، والدين، اولاد، دوستن ۽ هم عصرن جي باري ۾ سندس خيال بيباڪ ۽ حساس نوعيت جا آهن. ڪافي غير پسنديده شخصيتن تي چٽي تنقيد بہ آهي. بهر حال، سوانح عمري جي اها خاص خوبي آهي تہ ان ۾ لڪايو گهٽ ويو آهي ۽ جيئن ليکڪ ڏٺو آهي، ائين بيباڪ طرز سان قلم کي بحر ظلمات ۾ ڊوڙايو آهي.

وري اچون ٿا جمال جي افسانہ نگاريءَ تي، جنهن حيثيت سان سائين سنڌي ادب ۾ لازوال رهندو. اڄڪلهہ جي داخليت پسند (abstract art) جي بدران جمال جو افسانو جديد روسي ۽ فرينچ ادب ۽ هم عصر اردو بنگالي ۽ هندي ڪهاڻيڪارن کان گهڻو متاثر ٿي لکيل آهي، ۽ انکري ان جو گهاڙيٽو منشي پريم چند ۽ شرت چندر چٽرجيءَ جي بنگالي ڪهاڻين جي قريب قريب آهي. انهن ڪهاڻين ۾ سعادت حسن منٽو ۽ عصمت چغتائيءَ وارو زوال پذير سماج (sadism) ۽ لذت پرستي جو اولڙو نہ آهي، پر ڪشن چندر، راجندر سنگهہ بيدي ۽ علي عباسي حسينيءَ واري حقيقت پسندي سان دوستي آهي.

بحيثيت هڪ جج ۽ جڊيشل آفيسر، جمال صاحب کي مون بيخوف ۽ خدا ترس ڏٺو. پاڻ جڏهن اينٽي ڪرپشن اينڊ انڪوائري ونگ جا چيئرمن هوندا هئا تہ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ منهنجي ڪمري ۾ مهرباني ڪري گهڻو اچي ويهندا هئا ڇاڪاڻ تہ مان تڏهن چيف سيڪريٽري مسعود نبي نور وٽ ڊپٽي سيڪريٽري (اسٽاف) طور ڪم ڪندو هئس. پاڻ پنهنجي منصبي فرضن جي ڪارڻ چيف سيڪريٽريءَ سان اڪثر ملاقات لاءِ ايندا هئا. جيڪي زير مطالع ڪتاب هوندا هئا، اهي اٿلائي پٿلائي ڏسندا. هڪ ڪتاب "India: The Siege Within" جيڪو جڳ مشهور هندستاني صحافي ايم جي اڪبر جو لکيل هو. اهو شايد ڪين ڏاڍو وڻيو ۽ جنهن جو سبب اڪبر جو جي. ايم. سيد صاحب تي لکيل مضمون ۽ انٽرويو هئا. جمال صاحب وٽ رهيو ۽ مون وري ڪانئن اهو ڪتاب ڪونہ گهريو. جيئن سائين نور احمد شاهہ کان بہ ڪافي ڪتاب واپس نہ گهريا (هونءَ بہ ڏنل

ڪتاب واپس نہ ورندو آهي).

آخري دفعو سائين جمال ابڙي صاحب سان ملاقات ڊاڪٽر بلوچ واري پروگرام (Open House) ۾ ٿي جتي پاڻ پنهنجي ناساز طبع جي باوجود بہ آيا ۽ ڊاڪٽر صاحب جي سڪ ۾ لڳاتار ٽي ڪلاڪ پروگرام دلچسپي سان ٻڌندا رهيا. اها (live recording) هئي، جيڪا ڊپارٽمينٽ آف ڪلچر، ممتاز مرزا اسٽوڊيوز ۾ ڪئي هئي. اها بہ رٿ هئي تہ اهڙي (Open House) ڪچهري جمال ابڙي صاحب سان بہ ڪئي وڃي پر پوءِ منهنجي بدليءَ ڪان پوءِ شايد اهو پروگرام بہ اڌ ۾ رهجي ويو.

بدر ابڙو جمال صاحب جو نهايت هونهار مرنجان مرنج ۽ بوقلموني شخصيت جو حامل سپوت آهي. اميد آهي تہ پاڻ والد صاحب جي پاريل لاٽ کي روشن رکندو ايندو ۽ پنهنجي انيڪ دلچسپين واري گوناگون گهڻ رخي زندگيءَ ۾ جمال صاحب جي ادبي ورثي جي بہ پوئواري ڪندو رهندو.

*(مهراڻ، سرءُ 2004 ۾ ڇپيل)*

Gul Hayat Institute

# سچو ۽ آدرشي انسان!

## مقصود گل

(ڪراچيءَ ۾ جمال ابڙي جي 'تعزيتي ريفرنس' جي حوالي سان روزاني عوامي آواز ڪراچي، تاريخ: 22 جولاءِ 2004ع خاص ڪارنر ۾ ڇپيل)

هن جيئري جهان ۾ جتي ماڻهن جو هڪ وڏو ۽ گهاٽو ڀيلو آباد آهي. اتي هن ماڻهن جي ميلي، ڀيلي ۽ جهميلي ۾ ماڻهن ۾ ماڻهو تي جي ڏيکارڻ ڪا چرچي جي ڳالهہ ناهي.

جتي ماڻهو هڻ مار جي جهان ۾ پنهنجون جائز ناجائز حاجتون پوريون ڪرڻ لاءِ درندگيءَ جي حد تائين ديوانو بڻجي چڪو هجي، جتي رشتا پنهنجو مانُ وڃائي چڪا هجن، جتي پئسو ضرورت جي حد ٽپي مجبوري بڻجي چڪو هجي، سڪ، هوس ۽ هوس وري خون خوار چيتو بڻجي چير ڦاڙ جي عمل لاءِ همہ تن تيار هجي ۽ جتي لالچ ۽ لوڀ جو راڪاس 'آدم بوءِ ... آدم بوءِ' ڪندو دندنائيندو وتي. اتي هڪ سچي ۽ آدرشي انسان جي تلاش، مان سمجهان ٿو انڌي کان اخبار پڙهائڻ جي برابر آهي.

ها پر جي اهڙي ماحول ۾ ڪو سچي پچي سچو ۽ آدرشي انسان لڀي پوي تہ اها ان وقت، ماحول ۽ معاشري جي لاءِ بيشڪ هڪ خوشنصيبي جي ڳالهہ ٿي چئجي.

هن حاجتن ۽ لالچن جي جهان ۾ جتي اڻکٽ انسانن جي آباديءَ هوندي بہ انسان اڻلڀ ۽ ناياب ٿي پيو آهي. پر هن ڪلجڳ ۾ ڪاپڙي ڪي اجا بي آهين، جن جي ڪري هن جهان جو ڪم ۽ ڪاروبار اجا پيو هلي. تازو وڇڙي ويل سائين جمال ابڙو بہ اسان جي سنڌي ساهت ۽ سيا جو هڪ اهڙو سونهن ستارو هو جنهن جي علم، ادب، خلق، قول ۽ ڪردار جي خوشبوءِ سنڌ امڙ جي نالي ۽ حوالي سان جڳن تائين، ديسان ديس، وستيون واسيندي رهندي.

جمال ابڙو جيڪو سنڌي ڪهاڻيءَ جو جمال ۽ ڪمال بڻجي افسانوي ادب جي افق تي جڳ مڳ جرڪي پنهنجو پاڻ مڃائي چڪو آهي ۽ سنڌس ڪهاڻين

جو ننڍڙو ڪتاب سندس قلم جو ڪرشمو بڻجي چڪو آهي. 'پشو پاشا' سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ افسانوي ادب جو اهو ڪتاب جيڪو پنهنجي ننڍڙي وجود هوندي به وڏي حيثيت جو حامل آهي ۽ هن ڪتاب جي ذڪر کان سواءِ سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ ڪڏهن به مڪمل ڪو نه ٿي سگهندي.

اها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي ته جمال ابڙو صاحب هڪ وڏو ڪهاڻيڪار هو جنهن پنهنجي ڪهاڻين ۾ حقيقت نگاريءَ جو رنگ ڀريو ۽ زندگيءَ جي مجبور ڪردارن کي حقيقي روپ ۾ پيش ڪري سنڌي معاشري جي عڪاسي ڪئي ۽ سنڌ جي سماج ۽ معاشي مسئلن کي منظر عام تي آندو ۽ سنڌي ڪهاڻي کي امرتا بخشي، پر اها به هڪ حقيقت آهي ته جمال ابڙي صاحب پنهنجي والد صاحب علامه علي خان ابڙي جي زندگيءَ کي پنهنجي اڳيان مشعل راهه بڻائي رکيو ۽ ان مثالي انسان جي عمل ۽ ڪردار مان خلوص، انسانيت، علم، ادب ۽ وطن دوستيءَ جا سبق پرايا ۽ انهن سبقن کي پنهنجي زندگيءَ جي شعار ۾ شامل ڪري هڪ اصول پرست انسان بڻجي پيو ۽ انهيءَ اصول پرستيءَ جي ڪري ڪيس پُرخطر رستن تان به گذرڻو پيو ۽ ڪيئي نقصان به پرايائين پر هن اڌول انسان کي ڪو به خطرو ڪا به لالچ يا ڪو به نقصان يا دڙڪو داٻ پنهنجي اصول پسنديءَ واري رستي تان هڪ لمحي لاءِ هڪ انچ به هٽائي نه سگهيو.

استاد بخاري چوندو هو ته "وڏو شاعر اديب ٿيڻ ته تمام سولي ڳالهه آهي پر وڏو ماڻهو ٿيڻ تمام ڏکي ڳالهه آهي." اڄ ڪلهه وڏو ماڻهو پئسن، پلاٽن، بنگلن ۽ پيجيرو وارن کي سمجهيو وڃي ٿو پر حقيقت ۾ وڏو ماڻهو اهو آهي جيڪو ماڻهپي جو ماڻُ بڻجي اصولي ۽ آدرشي زندگي گذاري، ٻين جي دک ۽ درد جو درمان بڻجي ۽ جڏهن هي جهان ڇڏي وڃي ته پنهنجي زندگي کي هڪ مثال جي صورت ۾ ڇڏي وڃي.

انهيءَ حوالي سان جيڪڏهن اسان جمال ابڙي جي زندگيءَ جو جائزو وٺنداسين ته اسان کي سندس زندگي گهٽي گهٽوان نظر ايندي. منهنجي خيال ۾ انساني زندگيءَ جو ڪو به اهڙو گڻ نه هوندو جيڪو جمال ابڙي جي زندگيءَ ۾ شامل نه هجي. استاد بخاريءَ جي مٿي ڏنل قول جي حوالي سان جمال ابڙو بيشڪ هڪ وڏو ماڻهو هو ۽ اهڙو وڏو ماڻهو جنهن جي عظمت کي ڏسي هماليه جيڏن ماڻهن جو هوش عقل به حيران ٿي ويندو.

منهنجي خيال ۾ جمال ابڙي پنهنجي دين داريءَ توڙي دنياداريءَ جي سنگم واري زندگيءَ سان پنهي سان خوب نڀايو. هو دنياداريءَ واري فن ۽ فريب کي سمجهڻ وارو هو. دين داريءَ ۾ هن پنهنجي دل کي ريجهائي ۽ دلي سڪون حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر حامي صاحب جي هن شعر،

خالق کي خوش رکڻ جو طريقو اهو اٿئي،
خادم ٿي عالم خلق جي خدمت جي ڳالهه ڪر.

جي مفهوم جو به ڪيس پورو پتو هيو. تنهنڪري هن ترقي پسند فڪر ۽ ادب کي پنهنجو ٻٽائي پرپوريٽ سان لکيو ۽ ٻڌايو تہ جدوجهد ئي اسان جي بگڙيل نظام کان نجات جو ذريعو آهي، هن نماز روزي وارو چڱو ڪم بہ ڪيو ۽ پٽائي وارو 'اوڪو ٻيو فهم' بہ عملي طور ڪري ڏيکاريو.

تنهن ڪري ئي شيخ اياز چيو هو تہ"جمال ابڙو خدا دوست بہ آهي، انسان دوست بہ آهي ۽ ادب دوست بہ آهي!"

بهرحال، جمال ابڙو ڇا بہ هيو ڪيئن بہ هيو پر هُو سنڌ، سنڌي ادب ۽ سنڌي ماڻهن جو سرمايو هو. اهڙو سرمايو جنهن تي سنڌ صدين تائين ناز ڪندي.

تاريخ ۽ ادب جو هي درخشان باب پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهچي چڪو آهي، پر سندس تابناڪ روشني سندس تخليقن، ڪتابن ۽ اولاد جي صورت ۾ جڳ مڳ جرڪي سنڌ کي اجرو سهائو ارپيندي رهندي.

جمال ابڙي جي وسيع ۽ وشال عملي زندگيءَ کي لفظن جي حصار ۾ هرگز بند نہ ٿو ڪري سگهجي. سندس زندگيءَ جا ڪيئي پهلو آهن. رنگ ۽ روپ آهن، اڪيچار عمل ۽ ڪردار آهن، هو جج بہ هيو آفيسر بہ هيو بيوروڪريٽ بہ هيو پر مُلي واري مذهب کان ڪوهين ڏور هو. هو ترقي پسند اديب ۽ ڪهاڻيڪار بہ هيو هو هڪ مذهبي ماڻهو بہ هيو. هو وطن دوست، انسان دوست ۽ سنڌڙيءَ جو سچو شيدائي ۽ عاشق بہ هيو سندس ڪهڙي ڪهڙي ڪردار تي لکجي. ڪهڙي رنگ تي لکجي، ڪهڙي آهنگ تي لکجي؟ سندس شخصيت اڪيچار گلن جو گلدستو هئي، جنهن ۾ مختلف رنگن ۽ خوشبوءِ جا گل پنهنجي ڀرپور سونهن ۽ سرهاڻ سان سجايل هئا ۽ هر گل پنهنجي پنهنجي مهڪ ۾ مثالي هو. گويا هن شخص کي قدرت پنهنجو خاص بندو ڪري خلقيو هو. ڪنهن اخبار ۾ اسان جي ڪنهن ليکڪ دوست سائين جمال کي محبتون ارپيندي کيس "سنڌي قوم جو فرشتو" ڪوٺيو آهي. سندس ڪليل الفتون ۽ عقيدتون اکين تي رکندي گذارش ڪندس تہ جمال ابڙي جهڙن امر ۽ آدرشي انسانن کي تہ فرشتا سجدو ڪندي فخر محسوس ڪندا آهن هونءَ بہ آدم (انسان) ملائڪن جو مسجود آهي.

بهرحال جمال ابڙي صاحب جو وڏو نالو ۽ حوالو سنڌي ادب جو مان ۽ سنڌ ڌرتيءَ جو شانُ بڻجي باقي جيئري جهان ۾ ادبي دنيا ۾ توهان اسان جي دلين ۽ تاريخ جي ورقن ۾ زنده رهندو. آخر ۾ مان جمال صاحب کي شاه سائين جون هي سٽون ارپيان ٿو جن ۾ سندس شخصيت جو عڪس نمايان نظر اچي ٿو.

سونهان سُڌيون ڏين، هن ديواني درياه جون،
ڪوڙ وڏائي ڪين ڪي، رڳو سچ سودين.
عجز جو اڌ رات کي، وکر وهائين،
ساٿ بنايو نين. ثابت انهيءَ سير مان.

# هن، هر لفظ سنڌ لاءِ لکيو

الهہ بخش راٺوڙ

”پشو پاشا“ جي خالق سائين جمال ابڙي جو لاڏاڻو سنڌس سيني چاهيندڙن ۽ پيار ڪندڙن لاءِ انتهائي وڏو صدمو آهي. اُهي سيئي ماڻهو جيڪي جمال ابڙي سان گڏ رهيا ۽ کين سندن قربت حاصل رهي يا جن کيس ويجهي کان ڏٺو اهي سندس ٻاجهاري طبيعت، پاٻوهہ ۽ پيار کي وساري نٿا سگهن. هو ايڏو تہ شفيق والد ۽ پيار ڪندڙ دوست هو جنهن سان هڪ ڀيرو بہ ٻول ڳالهائڻ کان پوءِ قدرتي طور تي ماڻهو سندس ويجهو ٿي ويندو هو. سندس وجود ٻاجهہ ۽ محبت جي علامت هو. جمال ابڙو صرف هڪ ليکڪ نہ هو پر هو انتهائي شاندار والد پڻ هو جنهن پنهنجي اولاد جي سٺي تربيت ڪئي. جمال ابڙي ان وقت انهن سمورن ماڻهن کي سوڳوار ڪري ڇڏيو هو جڏهن شيخ اياز جي وفات جي وقت اُن جي تڏي تي ويٺل سراج ميمڻ، محمد ابراهيم جويي، قمر شهباز ۽ ٻين کي مخاطب ٿيندي چيائين، ”اياز تہ وفات ڪري ويو پر هاڻ منهنجو وارو آهي! “

ان وچ ۾ سندس طبيعت ڪيترائي ڀيرا خراب ٿي. هن ڪيترائي لاها چاڙها ڏٺا، پر سندس چاهيندڙن اهو ٿي چاهيو پئي تہ هو ڊگهي عرصي تائين زندهہ رهي، جيئن هو هِن کان ڪجهہ حاصل ڪري سگهن. جمال ابڙو انتهائي جهيڻو مانيٺو ۽ آهستي ڳالهائيندو هو. جيڪڏهن ڪنهن کائنس انٽرويو ڪيو هوندو تہ، اُن کي خبر هوندي تہ جمال صاحب ڪيڏا نہ مختصر جواب ڏيندو هو. هو جيڪي بہ جملا ڳالهائيندو هو اهي ڏاڍا پراثر ۽ سگهارا هوندا هئا. وڏي ڳالهہ تہ هن سان ڳالهائڻ وقت ائين محسوس نہ ٿيندو هو تہ هيءُ جمال آهي، جيڪو جج رهيو آهي، جيڪو هاءِ ڪورٽ جو رجسٽرار رهيو آهي. هو پنهنجي طبيعت مان ڪنهن بہ لحاظ کان ڪامورو نہ لڳندو هو پر هُو انتهائي پيار ڪندڙ انسان لڳندو هو.

جمال ابڙي ڊگهي عرصي تائين لکڻ ڇڏي ڏنو هو. هڪ دفعي سائٽس شام ملهائي وئي ۽ سيني اديبن ۽ دانشورن کائنس پڇيو تہ، ” جمال ! توهان هاڻ ڇو نہ ٿا لکو؟ “ هن جو هڪڙو ئي جواب هو ”منهنجو هٿ جواب ڏئي ويو آهي، ان ڪري آئون لکي نہ ٿو سگهان.“ ان کان پوءِ جمال ابڙي آتم ڪٿا تي ٻڌل چار ڪتاب



Gul Hayat Institute

لکيا. جيڪي سنڌي ادب جو املهہ خزانو آهن. هن جي ڪهاڻين جو مجموعو "پشو پاشا" سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪنهن شاهڪار کان گهٽ نہ آهي. سنڌس ان ڪتاب ۾ جيڪي بہ ڪهاڻيون شامل هيون، سي سنڌ جي مختلف ريتن رسمن ۽ رواجن جي حوالي سان هيون.

هن جي 'پيراڻي' اها نينگري آهي، جنهن کي سنڌس پيءُ چند ٽڪن تي وڪرو ڪري ٿو. جنهن ويل پيراڻيءَ کي وڪرو ڪيو وڃي ٿو تنهن ويل پيراڻي جي ماءُ جنهن ڏکويل انداز ۾ دانهون ڪري ٿي، اهي لفظ ۾ جُملا صرف جمال ئي لکي سگهي ٿو. چاڪاڻ تہ هو نہ صرف پيءُ هو پر سنڌس اندر هڪ پاجهاري ماءُ واري محبت پڻ هئي. ان کان سواءِ 'پشو پاشا' ۾ سنڌس ٻيون ڪهاڻيون پڙهڻ کان پوءِ ائين پيائبو هو جڻ روسي ليکڪ ميڪسم گورڪيءَ جي ناول جي ڪهاڻي پڙهجي پئي، پر جمال جيڪو ڪجهہ لکيو ان جو تعلق سنڌ سان هو سنڌ جي ماڻهن سان هو سنڌ جي ڏکن ۽ اهنجن سان هو.

جمال ابڙو سنڌ ۾ هجي، ملڪ ۾ هجي يا ملڪ کان ٻاهر، هو جڏهن ۽ جتي بہ ويو ڳالهہ هن 'سنڌ جي ڪئي، سنڌ جي ادب جي ڪئي. هڪ دفعي ترقي پسند اديبن جي عالمي ڪانفرنس ۾ کيس مدعو ڪيو ويو. جمال ان ڪانفرنس ۾ جيڪا تقرير ڪئي، اها ڏاڍي اهم آهي. هن روسي اديبن ۽ ليکڪن کي مخاطب ٿيندي ڪانئن پڇيو هو "توهان ڪڏهن ڀٽائي ۽ اياز کي پڙهيو آهي؟ " هنن چيو هو "... نہ. " جمال چيو هو "مون کي افسوس آهي. اسان جي هر ڳوٺ ۽ شهر ۾ توهان جي ليکڪن کي پڙهيو وڃي ٿو. ميڪسم گورڪي، مايا ڪووسڪي، دوستو وسڪي ۽ ٻيا روسي ليکڪ اسان جي هر ڳوٺ جو نوجوان پڙهي ٿو. پر توهان اسان کان اڻ واقف آهيو! "

جمال ابڙي جيڪو ڪجهہ لکيو ان پٺيان سنڌس هڪ سوچ ١ ٻي. اها سوچ روشن خيالي ۽ ترقي پسنديءَ واري هئي. هن جي هر لکڻيءَ مان ترقي پسنديءَ جي خوشبوءِ اچي ٿي. هن جو school of thought اهو ئي هو جيڪو عام ماڻهوءَ جو آهي. هن چاهيو پئي تہ سنڌ خوشحال هجي ۽ هتان جي ماڻهن جي مُک تي مرڪون هجن. جمال سياسي لحاظ کان سرگرم تہ نہ رهيو پر هو انهن سمورن ترقي پسند اڳواڻن کي انتهائي ڏکئي وقت ۾ پناهہ ڏيندو رهيو جيڪي وٽس مهمان ٿيندا هئا. هو هاري تحريڪ ۽ خاڪسار تحريڪ ۾ ضرور رهيو پر هو ڪنهن ورڪر جيان نہ هو. هو هڪ اهڙي ميزبان جيان هو جيڪو هميشہ پنهنجي هر مهمان کي پليڪار چوڻ لاءِ تيار هوندو آهي. کيس اهو ڊپ نہ هو تہ ڪنهن آويلي مهمان کي رهائڻ سان کيس ڪيتري تڪليف ٿيندي. شيخ اياز جن جڏهن روپوش هوندا هئا، تڏهن انهن جي لاءِ آخري پناهہ گاهہ جمال هوندو هو. توڙي جو هو سرڪاري ملازم هو. اياز هڪ ڀيري هڪ پروگرام ۾ ڳالهائيندي چيو هو "جمال

ابڙي مون کي هينئر تائين جيترا ڪڪڙ کارايا آهن، آئون سندس هڪ قرض به لاهي نٿو سگهان. هن انتهائي ڏکئي وقت ۾ منهنجو ساٿ ڏنو!“

جمال ابڙو سنڌ جي سينئر توڙي جونيئر اديب جي هڪ جيتري عزت ۽ احترام ڪندو هو. هر اديب جي اها ئي خواهش هوندي هئي ته، هو جمال سان ملي ۽ ڪانئس ڪجهه حاصل ڪري. جڏهن به ڪو ليکڪ يا صحافي لکڻ دوران مُنجهي پوندو هو ته، هو تصديق لاءِ جمال کي ئي فون ڪندو هو ۽ جڏهن چوندو هو ته، ”سائين! هيءَ ڳالهه ته ٻڌايو؟ هيءَ حقيقت ته بيان ڪريو اسان کان وسري وئي آهي!؟“ ته جمال ٿوري دير سوچڻ کان پوءِ سندن سوال جو جواب ڏئي ڇڏيندو هو. جمال سياسي لکڻيون ڏاڍيون گهٽ لکيون. پر هن ورهاڱي جي حوالي سان هڪ ليکُ ضرور لکيو هو. جنهن ۾ انتهائي ڪارائتيون حقيقتون ظاهر ڪيون ويون هيون. جڏهن به ڪو قانون جي حوالي سان مُنجهندو هو ته اهو جمال جو ئي فون کڙڪائيندو هو. جيڪڏهن سنڌ جي تاريخ مان ڪي ڳُتيون سلجهائڻيون هونديون هيون، تڏهن به جمال ئي رهبر ٿيندو هو.

جمال تي اها تنقيد ڪئي وئي ته، ”هو ترقي پسند اديب ٿي ڪري نمازون پڙهي ٿو.“ هن هڪ پروگرام ۾، جيڪو اڳوڻي تاج محل هوٽل (ڪراچي) ۾ منعقد ڪيو ويو هو اسٽيج تان اٿي نماز پڙهڻ شروع ڪئي هئي. هن اُن سوال جو صاف جواب ڏنو ”آئون جيڪڏهن نماز پڙهان ٿو ته ان ۾ ڪهڙي خرابي آهي؟ منهنجي دل ائين چئي ٿي ۽ جيڪا ڳالهه منهنجي دل چوندي، آئون اها ڪندس، توهان کي منهنجي نماز مان ڪا تڪليف نه هئڻ گهرجي.“ جمال جي نماز ڪنهن مولويءَ کان مختلف هئي. ان جو اثر سندس پٽ بدر ابڙي تي به ٿيو. هڪ ڀيري بدر ابڙو جڏهن حيدرآباد ۾ رهندو هو ۽ ڪنهن اخبار جو ايڊيٽر هو تڏهن سندس ڪمري ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ مصلو مليو. تڏهن کانئس مذاق مان پڇيو ويو ته، ”ڇا توهان به هاڻ سائين جمال جي ڏسيل گس تي هلو پيا !؟“ بدر ان جملي تي مسڪرائي خاموش ٿي ويو هو.

جمال ابڙي کي اڳ ۾ به سيني ۾ سور پيو هو. ان دوران کيس ڏاڍي تڪليف ٿي هئي. تڪليف دوران جمال مسڪرايو پئي. ان وقت سندس شريڪِ حيات جيئري هئي. هوءَ ڏاڍي پريشان هئي ته خبر ناهي ڇا ٿيندو؟ جمال جي مسڪراهٽن کي ڏسڻ جي باوجود هن جي ڏک ۾ گهٽتائي نه پئي ٿي. جمال صحتياب ٿيو تڏهن سندس شريڪِ حيات چيس ته، ”اسان جو ساهه پيو نڪري ۽ تون مسڪرائين پيو. اسان کي اها پريشاني هئي ته توکي ڪجهه ٿي نه پوي!“

جمال ڪڏهن به موت کان نه ڊنو. هو هميشه اٽل انسان هو ۽ صوفي منش پڻ. هو آخري ڏينهن ۾ صوفي ازم جو حامي هو. هن کي پنهنجي دل کي خوش ڪرڻو هو جنهن ۾ سندس دل راضي ٿي پئي ۽ ذهني سُڪون مليو پئي، اهو گس اختيار

Gul Hayat Institute

ڪيائين. جمال اهڙو اڻ ڏريو ماڻهو هو. جيڪو هر ڪنهن جي لاءِ قابل قبول هو. ڪنهن ڪي به هن مان تڪليف نه هئي. هن ڪڏهن به ڪنهن کي ڏک نه ڏنو ڪنهن جي به گلا ۽ غيبت نه ڪئي. هن جي طبيعت اهڙي نه هئي، جو هر ڪنهن جي اڳيان تبليغ / پرچار ڪندو هجي. هو انتهائي مانيٽو انسان هو. ان ڪري پنهنجي انداز سان ڳالهائيندو هو. جمال جي طبيعت جو گهڻو اثر بدر ابڙي تي ٿيو جيڪو هُوبهو پنهنجي والد جهڙو آهي. جمال ابڙي پنهنجي ان پٽ جي اهڙي تربيت ڪئي، جو هڪ دفعي شيخ اياز کي چوڻو پيو ته، "جيڪڏهن منهنجو پٽ بدر ابڙي جهڙو هجي ها ته، مان لکڻ ڇڏي ڏيان ها!" هي اهو اياز چئي رهيو هو جيڪو انتهائي انا ۽ هٺ وارو هو پر هُو جمال اڳيان ماٺ ٿي ويندو هو. جمال ۽ اياز جي دوستي ڏاڍي پراڻي هئي ۽ اها ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين جاري رهي.

جمال ابڙي جي وفات سان نه صرف سنڌي ادب کي نقصان پهتو آهي، پر سندس اولاد ۽ سندس چاهيندڙ پڻ هڪ شفيق پيءُ ۽ استاد کان محروم ٿي ويا. امر جليل جمال جي حوالي سان تبصرو ڪندي چيو "هو منهنجو مرشد هو سندس لاڏاڻي تي مون کي انتهائي ڏک ۽ صدمو پهتو آهي!" مهتاب اڪبر راشديءَ جو چوڻ هو "جمال مهربان، خاموش ۽ مضبوط طبيعت جو ماڻهو هو. هن انتهائي مثالي ڪهاڻيون لکيون!" قمر شهباز چيو "هو واحد غير تڪراري اديب هو ۽ سيني جو وڏو هو. هن جي وڃڻ سان اسان سيني جو نقصان ٿيو آهي!" تاجل بيوس چيو "سنڌ جو وڏو ماڻهو گذاري ويو جنهن کي ڪهاڻيءَ سان گڏ ٻولي، ثقافت ۽ تاريخ تي به دسترس حاصل هئي!" هيءُ اهو جمال هو جيڪو هاڻ جسماني طور تي اسان کان جدا ٿي ويو آهي.

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نه مات،
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جئا.
(شاهه)

Gul Hayat Institute

# سِنڌ جو فرشتو

انورَ ابڙو

30 جون 2004ع جي رات جو لڳ ڀڳ ڏهه ٿيا هئا. مان "سنڌ ٽي ويءَ" جي آفيس (ان وقت مان سنڌ ٽي ويءَ ۾ اسڪرپٽ ايڊيٽر جي حيثيت ۾ ڪم ڪندو هوس) ويٺو هيس ته سائين بدر ابڙي صاحب جن جي فون آئي، "بابا گذاري ويو... صحافي، بابا جي زندگيءَ بابت تفصيل پڇن ٿا. مون اُنهن کي اوهان جو فون نمبر ڏنو آهي. اوهان انهن کي تفصيل ڏجو." مون کي سمجهه ۾ نه آيو ته. مان سائين کيئن ڳالهايان ۽ ڇا ڳالهايان. مون بس رڳو "ها سائين!" چيو. هُن هڪ هاڃي جو اطلاع ڏيئي فون رکي ڇڏي.

مان سنڌ ٽي ويءَ جي مالڪ عبدالڪريم راڄپر صاحب جن کي ٻڌائي، سڌو چنيسر ڳوٺ ۾ پنهنجي جاءِ تي آيس. جتي دوستن جون فونون اچڻ شروع ٿي ويون. الياس تري، ارشاد گلاباڻي ... ۽ ٻيا ڪيترائي دوست. مان اُنهن کي سائين جمال صاحب جن جي زندگي ۽ ادبي ڪم متعلق، جيڪا مون وٽ ڄاڻ هئي، سا ڏيئي، گذريءَ، سائين جمال صاحب جن جي جاءِ تي ويس. رات جا لڳ ڀڳ ٻارهن ٿي رهيا هئا. اِهو پهريون دفعو هو جو مان جمال صاحب جن جو گهر ڳولجي ويس. رات جو وڳڙو ٽيڪسيءَ ۾، جمال صاحب جن جي گهر جي پرسان وارين گهٽين ۾ پئي پٽڪيس. ڪڏهن هڪ گهٽيءَ ۾ ته ڪڏهن ٻي گهٽيءَ ۾. شايد اِهو انڪري به ٿي رهيو هو جو اڄ جمال ابڙي صاحب جو گهر ويران هو. جمال صاحب اڄ لَيٽو نه هو. اُن گهر کي آباد رکندڙ فرشتو ڪنهن ٻئي ديس هليو ويو هو.

مون سائين بدر ابڙي صاحب جن کي فون ڪئي. چيائون "اسين پنهنجي هڪ پيءُ جي گهر آهيون. بابا جن جي اُتي وفات ٿي آهي. هِن وقت اوهان ڪان اهو گهر ليبي نه سگهندو. اوهان صبح جو اچجو."

مان ٽڪل قدمن سان سائين جمال ابڙي جن جي گهر جي دروازي جي ساڄي ٿل ۾ پيوست ٿيل سنڌن نالي واري تختيءَ تي هڪ نظر وجهان ٿو جنهن تي لکيل آهي- JAMAL'S . منهنجي اڳيان هڪ تاريخ ڦري ويئي ۽ جمال صاحب جن جي گهر، واري سيونتهه اسٽريٽ (ستين گهٽي) مان واپس ٿيڻ لڳس ته، منهنجي اڳيان

ننڍڙو! او تڪر کي ٻاهہ لڳي، سنڌ وسي، منهنجو پيراٽي ننڍڙو!" اُن ويل مون کي جمال صاحب خود 'پيراٽي' جو ڪردار محسوس ٿيو هو جنهن کي لحد ۾ لاٿو پئي ويو ۽ "سنڌ ماءُ" پار ڪڍي روئي، چئي رهي هئي: "او خدا، منهنجو جمال ...."

مون کان اُهي گهڙيون نہ وسرنديون، جڏهن 3 مارچ 2002 ۾ منهنجي ڪهاڻين جي پهرين مجموعتي "خودڪشيءَ جو رومانس" جي مهورتي تقريب آواري ٽاورس ۾ رکيل هئي ۽ مان سائين بدر صاحب جن کي عرض ڪري رهيو هيس تہ "سائين اوهان سائين جمال صاحب جن کي چئو تہ، هُو منهنجي ڪتاب جي مهورت ڪن. اِها منهنجي خواهش هئي تہ، سنڌي ڪهاڻيءَ جي عظيم سنڌي ليکڪ جي هٿن مبارڪن سان منهنجي ڪتاب جي پڌرائي ٿئي."

بدر صاحب جن چيو." بابا جن جي طبيعت ٺيڪ ناهي. ايسٽائين جو هُو ويهي بہ نٿا سگهن!"

"سائين، اسان سائينءَ جن کي گهڻي وقت تائين پروگرام ۾ نہ ويهارينداسين. هُنن جي رڳو شرڪت ئي اسانجي جي لاءِ تمام وڏو اعزاز ۽ اسان جي همت افزائي هوندي."

"ادا، بابا جن جي لاءِ گهر کان ٻاهر نڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي،" بدر صاحب جن چيو.

"سائين، بس چند گهڙين جي لاءِ ئي اچن." مون کين منٿ ڪئي.

"ڊاڪٽرن هُنن کي آرام ڪرڻ جي صلاح ڏني آهي ۽ هُو ڪنهن بہ ادبي تقريب ۾ شرڪت نہ پيا ڪن." بدر صاحب جن وضاحت ڪئي.

پوءِ مون پنهنجي شديد مايوسيءَ کي پنهنجي دل ۽ دماغ جي اُن علائقي ۾ محفوظ ڪيو جتي وڏيڪ برداشت جي سگهہ هئي. پئي ڏينهن تي پنهنجي دوست رکيل موراڻيءَ سان سمورو احوال ڪيم (واضح رهي تہ، مهورتي پروگرام جو سمورو بندوبست رکيل موراڻيءَ جي مدد سان ڪيو ويو هيو جنهن لاءِ مان سندس بيحد ٿورائتو آهيان). رکيل اميد جي هڪ چٽنگ کي تيلي ڏني. چيائين: "جمال صاحب سان تون پاڻ ڳالهائي ڏس. متان هُو اچڻ جي لاءِ راضي ٿئي." اِن راءِ اندر کي روشن تہ ڪيو پر اُن ئي لمحي ذهن ۾ آيو تہ، بدر صاحب جن، جيڪي پنهنجي والد صاحب جن جي صحت جي لاءِ بي انتها فڪرمند آهن، مان اُنهن جي انڪار جي باوجود سائين جمال صاحب جن کي سڌي طرح ڪيئن عرض ڪيان.

"تون جمال صاحب سان فون تي ڳالهائي تہ ڏس. ڳالهائڻ ۾ ڀلا ڇاهي!" رکيل زور ڀريندي چيو.

"واقعي، ڳالهائڻ ۾ ڀلا ڇاهي،" مون رکيل جي صلاح کي صحيح سمجهندي چيو.

پوءِ مون فون ڪري سائين جمال صاحب جن عرض ڪيو تہ، هُو اسان کي



Gul Hayat Institute

ڪو وقت ڏين، اسان ساڻن ملڻ ٿا چاهيون.

"بابا، جنهن وقت اوهان اچڻ چاهيو هليا اچو" سائين جمال صاحب جن جڏهن ائين چيو تہ، مان جيئرو ٿي پيس. ٻئي ڏينهن تي صبح جو يارهين وڳي واري ٽائيم تيل وقت تي مان ۽ رکيل سندن رهائش گاهہ تي وياسين، سائينءَ جن آيا. چهري تي تازگي، هميشہ واري مسڪراهٽ ۾ پنهنجائپ.

مون جڏهن کين چيو تہ،"سائين، منهنجي اِها خواهش آهي تہ، اوهان منهنجي ڪتاب جي مهورت ڪيو. پل اوهان گهڻو وقت اُتي نہ ويهو پر مان پنهنجي ڪهاڻين جي پهرين ڪتاب جي مهورت اوهان جي هٿان ڪرائڻ ٿو چاهيان. اوهان کي منٿ بہ آهي، تہ اوهان سان حجت بہ آهي. اوهان اُن ۾ ضرور اچو." مون يڪساهيءَ ڳالهائي جيئن بس ڪئي تہ، هُو مونکي پڙهي ويا. چڻ مان سندن مختصر ڪهاڻي ٻڌجي پيو هيس اُن وقت. مسڪرايائون. "ها!" ڪيائون. اڄ جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي عظيم ڪهاڻيڪار مون ٻار جي ڪهاڻين جي ڪتاب جي مهورتي تقريب ۾ جنهن خوشيءَ سان شرڪت ڪرڻ جي رضامندي ڏيکاري، اُن منهنجي اعتماد کي وڌايو. پوءِ رکيل جي اصرار تي سائين جمال صاحب جن سان گروپ فوٽوز ڪڍياسين. هڪ فوٽو گراف ۾ خبر ناهي هُو چو مون سان مُنڊو مُنڊي ۾ ڏيئي بيٺو؟ متان هُو پراڻي ۽ نئين نسل جي وچ ۾ مضبوط زنجير ٺاهيندو هجي!؟ ائين ٿي تہ هيو. هُو زنجير ٿي تہ هُيو سنڌ جي هر نئين نسل جي ـ ! ۽ اِها زنجير ڪڏهن بہ ٽُٽڻي ناهي.

پوءِ هُو آچر ڏهاڙي، 3 مارچ، 2002 تي اسانجي پروگرام ۾ آيا. اسٽيج تي سندن هڪ طرف انور پيرزادو تاج بلوچ، هدايت بلوچ، تاجل بيوس، امير ابڙو ۽ مان ويٺا هئاسين، تہ ٻئي طرف آغا سليم، قمر شهباز، رئوف نظاماڻي، آغا نورمحمد پٺاڻ ۽ رحمت الله ماجوٺي ويٺا هئا. هُو دير تائين اُن پروگرام ۾ ويٺا رهيا، ڪجهہ تقريرون ٻڌائون ۽ پوءِ هُو اُٿيا. مان محمد علي پٺاڻ ۽ رکيل کين ٻاهر سندن گاڏيءَ تائين ڇڏي آياسين: جتي بدر صاحب کين وٺڻ آيو هو ۽ پوءِ هُو هليا ويا، فنڪشن هلي رهيو هو. هُو 30 جون 2004ع تي پري دنيا جي محفل مان بہ ائين ئي اُٿيا ۽ هليا ويا.



Gul Hayat Institute

# هڪ ديومالائي ڪردار

## زرار پيرزادو

سائين جمال ابڙي جو لاڏاڻو رڳو سنڌي ادب جو ئي سانحو ناهي، اِهو ڪنهن خاندان جو ئي هاڃو ناهي ۽ نہ وري اِهو رڳو سندس اولاد لاءِ ئي سوڳ بڻيو آهي، پر جمال ابڙي جو لاڏاڻو هڪ اعليٰ درجي جي انسان جو لاڏاڻو آهي ۽ اِهو سنڌ ۾ هڪ وڏي سوڳ ۽ سنڌي ادب ۾ هڪ وڏي خال جو ڪارڻ بڻيو آهي. اسان جو هيءُ معاشرو جيڪو بظاهر بديءَ جي طاقتن وٽ يرغمال بڻيل نظر اچي رهيو آهي، سو ، جيڪڏهن مڪمل طور تي نابود ناهي ٿيو تہ ان جو مطلب اهو سمجهڻ گهرجي تہ هن ڌرتي تي ڪي مثبت، انسان دوست، مهذب ۽ پر امن قوتون بہ موجود آهن، جيڪي اسانجا ڇپر ڇانوَ بڻيل آهن. جمال ابڙو بہ اهڙين شخصيتن مان هڪ هو. جمال ابڙي جو لاڏاڻو مثبت، انسان دوست، مهذب ۽ پر امن قوتن لاءِ هڪ دکدائڪ سانحو بڻيو آهي.

سائين جمال ابڙو صرف ڪنهن هڪ فرد جو ئي نالو نہ هو پر هو پنهنجي ذات ۾ هڪ تمام وڏو انسٽيٽيوٽ هو جتي سچ، انصاف، امن، آزادي، ڀائيچاري، اصول پسندي، ايمانداري ۽ ماڻهپي جا مضمون پڙهيا ويندا هيا. جتي بري ڪان نفرت ڪرڻ سيکاري ويندي هئي، فساد کي حرام سمجهيو ويندو هو ماڻهوءَ جي بنيادي حق کسڻ کي ڏوهہ ڄاتايو ويندو هو ۽ جتي ”ماڻهوءَ کي انسان بڻائڻ“ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي.

جمال ابڙو بنيادي طور تي ڳوٺاڻو ماڻهو هو. انڪري سندس مزاج ۾ خالص پڻو هو. سندس طبيعت ۾ ڪا گدلاڻ نہ هئي. نہ هُو منافق هو ۽ نہ ئي مفاد پرست. قانون جي دنيا ۾ آيو ۽ جج بڻيو. انڪري اصول پرست، سچو کرو، خود دار ۽ بي نياز بڻيو. هُو بنيادي طور تي اديب هو تنهنڪري ئي هُو امن پسندي ۽ بنيادي انساني حقن جو ترجمان بڻيو روشن خيال ماڻهو هو ان ڪري ئي ترقي پسند، لبرل ۽ ڊيمو ڪريٽڪ رهيو. اندازو لڳايو تہ ”جمال ابڙو انسٽيٽيوٽ“ جون ڪيترين نہ فئڪلٽيون هيون. ان مان بدر ابڙي جي صورت ۾ هڪ نئون انسٽيٽيوٽ ٺهيو. جڏهن تہ ٻيا بہ اڻ ڳڻيا ماڻهو، سنڌ جي هِن ليجنڊ جي فڪر ۽ ادبي پورهيي جي

نتيجي ۾ ڪامياب انسان بڻجي چڪا آهن.

پر سوال اِهو آهي ته، ”اسان اهڙن ماڻهن کي ڇا ڏنو؟ “ اسان انهن جي ڪيتري خدمت ڪئي؟ ۽ قومي سطح تي انهن کي ڪهڙو مقام ڏنو؟ سي، سوال پنهنجي جاءِ تي ضرور پڇبا. پر جمال ابڙي جهڙيون شخصيتون مڃتا جي ڊوڙ ۾ شامل ٿيڻ بدران ماڻهوءَ جي اندر واري مير کي ڌوئڻ ۾ مصروف رهنديون آهن. اهي ڪو به ڪم ڪنهن مڃتا يا انعام لاءِ نه، پر پنهنجي ضمير جي آواز تحت ڪنديون آهن. پنهنجي ڪم سان ڪم، خاموشي سان، ڪنڊ پاسي ويهي، بنا ڪنهن پروپيگنڊا جي، مهان اديب بڻجڻ يا سڏائڻ جي بيماري کان آجا ٿي، بس ماڻهوءَ جو اندر پيا اجرو ڪندا.

جمال ابڙو جديد سنڌي شارٽ اسٽوري جو باني ته آهي ئي آهي، پر هو انهن انتهائي چند آڱرين تي ڳڻڻ جهڙن اديبن مان هڪ هو جن جي قول ۽ فعل ۾ ڪو به فرق نه هو. اچا به ائين چوڻ گهرجي ته، هن جيڪو ڪجهه لکيو مهذب بڻجڻ جا، پنهنجا ۽ پراوا حق ادا ڪرڻ جا، جيڪي به تحريري درس ڏنا، تن لاءِ هُو عملي طور تي ڪوششون ڪندو رهيو. اها واقعي به هڪ اچرج جوڳي ۽ خوشگوار حقيقت آهي ته، ماڻهو ته روز پيدا ٿي رهيا آهن ۽ روز مري به رهيا آهن، پر ڪي ماڻهو اهڙا به ٿين ٿا، جن کي ڏسندي جيئڻ سان نينهن لڳي وڃي ٿو ۽ جيڪي جيئڻ جو اتساهه بڻجن ٿا، لوڪ لاءِ ڇپر ڇانوَ هجن ٿا ۽ شفقت جو هڪ اهڙو احساس هجن ٿا، جو انهن جو هٿ مٿي تي پيلي رکيل نه به هجي، پر مٿي تي سندن هٿ جو ڇهاءُ محسوس ٿيندو آهي. جمال ابڙو اهڙو ئي هڪ ديو مالائي ڪردار هو.

Gul Hayat Institute

# سنڌي ڪهاڻيءَ جو بادشاهہ

## آزاد انور ڪانڌڙو

اڄ ميهڙ تعلقي جي ڳوٺ ساڻگي ۾ اُداسي ۽ ڏک جي لهر ڇانيل آهي، اها اُداسي ۽ ڏک نہ رڳو ساڻگي ڳوٺ پر سڄي سنڌ جو اهو سانحو سڄاڻ حلقن مٿان ڏک جا پهاڙ ڪٽي آيو آهي. جمال ابڙي جي ڪمهلي لاڏاڻي تي سنڌ جا اديب شاعر ڪهاڻيڪار سڀ صدمي جو شڪار آهن. سندس وڇوڙو سمورن قلمڪارن مٿان وڄ تي ڪريو آهي. جمال ابڙو سنڌي ڪهاڻيءَ جو بادشاهہ ليکڪ، ناليوارو اديب ۽ ڏاهو انسان ۽ محبتي ماڻهو هو جيڪو اسان ڪان جسماني طور وڇڙي ويو آهي پر سندس ڪهاڻيون، مضمون، ڪتاب ۽ ٻيو قلمي پورهيو سندس ياد تازي ڪندو رهندو. جمال ابڙو ان سياڻي سرزمين جي پيداوار آهي جتي شمس الدين بلبل، علامہ علي خان ابڙو مولانا غلام محمد گرامي، سيد علي اڪبر شاهہ ضياءُ الدين بلبل، مرن محزون، نور محمد سنڌي، علي محمد مجروح، ورند واٽيو رسول بخش ڏيرو اسحاق راهي، جوهر بروهي، صرير پنهور انور عباسي، اداڪار شيخ سنڌي ۽ ٻيا ٻرک عالم اديب دانشور مترجم پيدا ٿيا. مٿين شخصيتن پنهنجي ادبي، علمي، ثقافتي ۽ سماجي خدمتن جي ذريعي ميهڙ جي سر زمين کي سنڌ جي تاريخ ۾ نمايان حيثيت ڏياري آهي. 2 مئي 1924ع تي ميهڙ لڳ ساڻگي ڳوٺ ۾ نامياري عالم اديب علامہ علي خان ابڙي جي گهر ۾ جنم ورتو. جمال ابڙي پرائمري تعليم منگواڻي ڳوٺ ۽ ميونسپل پرائمري اسڪول لاڙڪاڻو ۾ حاصل ڪئي. پاڻ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻو ۽ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۽ مدرسہ هاءِ اسڪول ميرپور خاص ۾ پڙهيو. مئٽرڪ بمبئي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪئي، جڏهن تہ ڊي جي نيشنل ڪاليج حيدرآباد، بهاؤالدين ڪاليج جهونا ڳڙهہ، ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ بہ پڙهيو جڏهن تہ هن ايل ايل بي شاهاڻي لا ڪاليج لاڙڪاڻو ۾ پاس ڪئي. اسڪولي دؤر ۾ ناميارو ڪهاڻيڪار الله بخش ايس انصاري، دوست محمد ابڙو آنند لال تولاڻي، عباس شيخ ۽ ٻيا سندس هم ڪلاسي رهيا. هن نوڪريءَ جي شروعات پنهنجي پاءُ شمس الدين ابڙي سان گڏ وڪالت سان شروع ڪئي. پوليس پراسيڪيوٽر، پبلڪ سروس ڪميشن سب جج، سيشن جج، سنڌ



Gul Hayat Institute

اسيمبليءَ جو سيڪريٽري، ليبر ڪورٽ جو جج، فيڊرل سروسز ٽريبونل اسلام آباد جو ميمبر، سنڌ هاءِ ڪورٽ جو رجسٽرار، چيئرمين اينٽي ڪرپشن به رهيو. سياست ۾ خاڪسار تحريڪ، جڏهن ته سنڌ هاري ڪميٽي ۽ ٻين پورهيت تنظيمن ۾ شاگرديءَ جي زماني کان وٺي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي وفات تائين عملي طرح حصو ورتائين. سچل اڪيڊمي خيرپور جي باني ميمبرن مان هڪ هو ۽ سچل اڪيڊميءَ جي پهرين گڏجاڻي سندس رهائشگاهه مخدوم منزل خيرپور ميرس ۾ 60—1950ع ۾ ٿي. اهڙيءَ طرح بنگال جي ڏڪر ۾ 44—1943ع ۾ رضا ڪاراڻي شرڪت ڪري پنهنجون خدمتون سر انجام ڏنيون. پاڻ سنڌ جي ترقي پسند ۽ روشن خيال اديبن، شاعرن ۽ دانشورن جي ادبي تنظيم سنڌي ادبي سنگت جي باني ميمبرن مان هو. سنگت جي سنڌ مدرسي ۾ پهريون پيرو ڪنويشن ۾ ڀرپور حصو ورتائين ۽ لاڙڪاڻي ۾ تاج محمد ابڙي سان گڏجي سنگت جي شاخ قائم ڪيائين. اياز قادري، هري دلگير، ڪامريڊ جمال الدين بخاري ۽ نواز علي نياز ۽ ٻيا ان دؤر ۾ سندس ساٿي رهيا. سنڌي ادبي سنگت کان اڳ ترقي پسند اديبن جي جناح ڪورٽس ۾ شيخ اياز سوڀي گيانچندااڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، سائين داد سولنگي، گوبند پنجابي، عبدالستار شيخ ۽ ٻين سان گڏ ڀرپور حصو وٺندو رهيو. اهڙيءَ طرح ايفرو ايشن رائيٽرز ڪانفرنس الماتا (تڏهوڪي سوويت يونين ۾) سيپٽمبر 1974ع ۾ ان ڪانفرنس ۾ فيض احمد فيض، عطر سنگهه اتم، ڪامريڊ سجاد ظهير سان گڏ شرڪت ڪئي، ان ڪانفرنس دؤران ڪامريڊ سجاد ظهير دل جو دؤرو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو ۽ فيض احمد فيض صاحب جي غير موجودگيءَ ۾ پاڪستاني وفد جي اڳواڻي ڪيائين.

جمال ابڙي لکڻ جي شروعات گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ پڙهڻ دؤران مضمون لکڻ سان ڪئي. سندس پهرين ڇپيل ڪهاڻي 'هو حر هو' آهي، جيڪا هفيتوار 'طوفان' حيدرآباد ۾ 1949ع ۾ شايع ٿي.

جمال ابڙو عملي ماڻهو هو. هن انتهائي ڏکئي دؤر ۾ نهايت ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ سان پنهنجو ڪردار ادا ڪيو هو. وقت جي حاڪمن سان اکيون اکين ۾ ملائي سچائي بيان ڪندڙ شخص هو. هن مارشل لا واري ڏکئي دؤر ۾ به جج، سنڌ اسيمبلي سيڪريٽري، چيئرمين ائنٽي ڪرپشن وارن عهدن تي هوندي به پنهنجي قلم سان جهاد ڪيو ۽ ڪو به دٻاءُ يا نوڪري جي پرواهه نه ڪئي، ون يونٽ واري دؤر ۾ اديبن شاعرن جي تحريڪ ۾ مثالي ڪردار ادا ڪيائين. انگريزن خلاف ڪراچيءَ واري تحريڪ ۾ جڏهن بندر روڊ تي گوليون هليون، تڏهن به پاڻ مظاهري ۾ شامل رهيو. جمال ابڙو مستقل جدوجهد ڪندڙ عملي ماڻهو رهيو. جمال ابڙي پنهنجين لکڻين ۽ ڪردارن ذريعي معاشري ۾ غلط لاڙن خلاف لکيو. هو نعريبازيءَ کان پري رهندڙ سچو ۽ ڪميٽيڊ ليکڪ هو. اهو ئي سبب آهي جو جيئن اڄ هر

جديد سنڌي شاعر تي شيخ اياز جي ڇاپ آهي، تيئن هر ڪهاڻيڪار تي جمال ابڙي جي ڇاپ ضرور آهي. جمال ابڙو سچو ليکڪ هو هن ضياءَ جي مارشل لا دؤر ۾ مارشل لا ۽ اسلام آباد جي عنوان سان ڪهاڻي لکي، جنهن ۾ مارشل لا تي وڏي طنز هئي ۽ هن ضياءَ الحق کي عذرائيل سان مشابهت ڏني ۽ اها ڪهاڻي بعد ۾ 'فرشتو' جي نالي سان برسات ۾ ڇپي. جمال ابڙي ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيون، جن ۾ مان مڙد، بدتميز پيراڻي، شاهہ جو ڦر، بدمعاش، منهن ڪارو، هو حر هو ڪارو پاڻي، مهرباني، خميسي جو ڪوٽ، لاري، پشو پاشا، پاشا، سينڌ، فرشتو ماءُ جي جهولي، لاٽ ۽ ٻيون شاهڪار ڪهاڻيون لکيون، جڏهن تہ شاهہ محض صوفي نہ هو انساني تقدس ۽ سچل، عورت جي اسلام ۾ عزت ۽ آزادي، پاڪستان نمراءُ اصل حقيقتون، پڙاڏو سوئي سڏ جو مهاڳ، الطاف شيخ جي خبرون ڪيڙائن جون جو پيش لفظ ۽ ٻيا شاندار مضمون لکيا. جمال ابڙو هڪ اهڙو اديب، ڪهاڻيڪار ۽ دانشور هو جنهن اسان کي گهڻو ڪجهہ ڏنو ۽ ڪجهہ بہ نہ ورتو.

"ڪجهہ ڏئي ويندا سين،
ڪجهہ نہ ڪٺي ويندا سين،
پور آهيون، ڏئي ميوو، ڇڻي ويندا سين."

هو سنڌ جي وجود لاءِ جدوجهد ڪندڙ قافلي جو هڪ سچو سپاهي هو. 1968ع ۾ جڏهن ايوب خان سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز جي گرفتاريءَ جا وارنٽ جاري ڪيا ۽ اياز جي گرفتاريءَ لاءِ ڇاپا هنيا پئي ويا، ان وقت شيخ اياز کي سندس ويجهن دوستن پاڻ وٽ پناهہ ڏيڻ کان انڪار ڪيو ان وقت هن شيخ اياز کي پنهنجي گهر ۾ ترسايو ۽ پناهہ ڏني. ان وقت جمال ابڙو هڪ جج هو ۽ جيڪڏهن شيخ اياز سندس گهر مان گرفتار ٿئي ها تہ سندس نوڪري ختم ٿيڻ سان گڏ ڪيس ڪا سزا بہ ڏني وڃي ها پر جمال ابڙي ان جي پرواهہ نہ ڪئي. شيخ اياز 'ڪٿي تہ ڀڄبو ٿڪ مسافر' ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ مون کي غلام رباني آگري ۽ جمال رند پاڻ وٽ نہ ترسايو پر جمال ابڙي وٽ وياسين تہ هن هڪدم چيو "جڏهن کان مون هيءَ جاءِ ٺهرائي آهي، تڏهن کان ان گيسٽ روم کي تالو ڏئي ڇڏيو اٿم، منهنجو اڳ ئي ارادو هو تہ ٻون پهرين شخص هوندين جو هتي مهمان ٿي رهندين. مون هن جي فولادي اکين ۾ ڏٺو ۽ منهنجيون اکيون جهڪي ويون." شيخ اياز 'ڪٿي تہ ڀڄبو ٿڪ مسافر' ۾ لکيو آهي تہ "جمال هڪ ڪهاڻيڪار آهي. هن جي زندگيءَ جو تجربو ايترو تہ وسيع آهي ۽ هن ۾ انسان شناسي ايتري گهري آهي جو جيڪڏهن هن جو هٿ خراب نہ ٿئي ها تہ هو ٽالسٽاءِ جيترين ڪهاڻيون لکي وڃي ها". ٻئي هنڌ اياز لکيو آهي تہ."مان جمال جي باري ۾ اهو تہ چڱيءَ طرح ڏسي چڪو آهيان تہ هن ۾ دورنگي، دغا ۽ منافقي ٻنهہ ڪا نہ آهي، جيئن مون پنهنجي

Gul Hayat Institute

اڪثر دوستن ۾ ڏٺي آهي. جمال تہ نہ رڳو يڪ رنگ آهي پر دوست بہ چڱو آهي، مون ساري زندگيءَ ۾ هن کي ڪڏهن بہ سانڀي رنگ جيان بدلائيندي نہ ڏٺو آهي“.
جمال ابڙو شيخ اياز جي سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلري دؤران سينڊيڪيٽ جو ميمبر، ادبي بورڊ جو ميمبر پڻ رهيو. هن وٽ ڪنهن مذهب يا فرقي لاءِ نفرت نہ هئي. هو روشن خيال ۽ ترقي پسند سوچ وارو عالم هو. اهو ئي سبب آهي جو شيخ اياز ڪامريڊ سوڀو محمد ابراهيم جويو ۽ ٻيا سندس دوست ۽ ساٿي رهيا. اڄ جمال ابڙو اسان وٽ جسماني طور موجود نہ آهي، سندس لاڏاڻي تي نہ رڳو سندس گهر رنو آهي، نہ رڳو هڪ گهٽي ڳوٺ شهر ڳوڙها ڳاڙيا آهن پر سڄي سنڌ سندس اوچتي لاڏاڻي واري سانحي تي ڳوڙها ڳاڙيا آهن. ڇو تہ اهو سموري انسان ذات جو ڏک آهي. هو بنان ڪنهن رنگ نسل جي انسان ذات جو دوست، حق سچ جو پرچارڪ، پرماريت جو ويري، امن ۽ ماڻهپي ۾ ايمان رکندڙ انسان هو. هن جي دوستن مداحن جو وڏو حلقو آهي. جمال ابڙو ٻولي ۽ ادب جي مسئلي تي بنان ڪنهن رک رکاءَ جي عملي طور تي وڙهندڙ ۽ جدوجهد ڪندڙ سپاهي، نون ليکڪن ۾ ويساهہ رکندڙ جديد ادب جي باني ۽ پرچارڪن مان هڪ هو. سراج هڪ هنڌ لکيو آهي تہ، ”جمال ابڙو سنڌي ادب جي انهن ستونن مان آهي، جيڪي نہ رڳو ادب جي پرجهلي ۽ ٽيڪ جو ڪم ڏين ٿا پر ادب جي عمارتن کي بازنطيني ۽ حسن بہ بخشيندا آهن“. اڄ جي مختصر ڪهاڻيءَ جي ارتقا جمال کانسواءِ سمجهڻ جيڪڏهن نا ممڪن نہ تہ محال ضرور آهي. اسين سڀ جمال جا قرضي آهيون ۽ جمال ٻوليءَ جو قرضي آهي. شل اسين بہ ئي ڏريون. اهو قرض چڪا سگهون. جمال ابڙو ٻوليءَ جو قرض چڪائي ويو ۽ پنهنجو فرض نڀائي ويو ۽ هو اسان کي پنهنجي قرضي بڻائي ويو آهي.

Gul Hayat Institute

# سدا جوان ڪهاڻيڪار

مهر خادم

جمال ابڙو اسان جي سنڌي ادب ۾ هڪ جدا اسلوب وارو ڪهاڻيڪار سمجهيو وڃي ٿو. هن جي ڪهاڻين ۾ حقيقت پسنديءَ سان گڏوگڏ ڇرڪائيندڙ ويچار پڻ آهن. ڪهاڻيءَ جي موضوع جي چونڊ پنهنجي ئي سماج جي ڪنهن اوڻائي مان ڪري ٿو پر ان موضوع سان نڀائڻ جو طريقو هن جو پنهنجو تخليق ڪيل آهي.

هو پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته: لاڙ جا مسڪين ۽ ڏتڙيل لتاڙيل ماڻهو ڪيئن زندگيءَ جو لطف پيا وٺن ۽ نئين زندگي کي جنم ڏيو مانائي سان لڏيو وڃن. مون اُتي سمر ۽ سينور واري پاڻي ۾ ڪنول ٽڙندي ڏٺا. مون کي اهو نتيجو اخذ ڪندي دير نه لڳي ته زندگي هر رنگ ۾ روان دوان آهي. هوئن به ادب ڇا آهي؟ سونهن، سچ ۽ نيڪي. سونهن ۽ سچ ته آهن ئي خالق جا جلوا ۽ نيڪي آهي ان تائين پهچڻ لاءِ عوامي راهه. انهن ٽنهي عنصرن مان هڪ به ڪڏهن ڇڏيو ته ادب، ادب ئي نه رهندو.

جمال ابڙي جي لکڻ جي شروعات هوئن 1953ع کان ٿي ۽ پرپور نموني سان 1965ع تائين لکيائين. پر ان کان پوءِ به جمال ابڙي وٽ ڏات جي دونهين دکندي رهي آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ هو اسان کي پنهنجي سماج جا عڪس ڏيکاريندو پيو اچي. جمال ابڙي جي ڪهاڻي 'لاٽ' لاڙ جي ڪلچر کان متاثر ٿي لکيل آهي. ڪهاڻي 'فرشتو' جنرل ضياءُ الحق جي ڊڪٽيٽرشپ ۽ ان جي اونداهي دور کي واٽکو ڪندڙ آهي. ڪهاڻي 'ماءُ جي جهولي' ويجهڙائي وارن سالن ۾ ٿيل نسلي فسادن ۾ قتلِ عام جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. انهن ڪهاڻين مان پتو پوي ٿو ته جمال ابڙو خاموش آهي. پر هن جو ذهن اڃا تائين جوان آهي ۽ سنڌس من اندر وينئل حساس ماڻهو سماج جي هر اوڻائيءَ تي نظر رکيو ويٺو آهي.

جمال ابڙو پنهنجي ڪتاب جي ٻئي ڇاپي جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته "منهنجي نظر ۾ صحيح ادب اهو آهي جو عام ماڻهن کي نه رڳو ئي پنهنجي حقن جي ڄاڻ

ڏئي، پر انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي امنگ ۽ اتساهه ۽ پاڻ ۾ مڪمل اعتماد پيدا ڪري ته هو ئي پنهنجي طاقت سان پنهنجا حق ڦورو طبقن کان حاصل ڪري سگهن ٿا“.

جمال ابڙي جي ڪتاب جو تعارف ڪرائيندي محمد ابراهيم جويو لکي ٿو ته، ”حقيقت هيءَ آهي ته جنهن اوچي ادبي معيار تي جمال هن وقت پهتل آهي ۽ جيتري قدر هو ٿوري ئي عرصي ۾ هڪ عام پسند افسانہ نگار جي حيثيت حاصل ڪري چڪو آهي، انهيءَ تي اوتري قدر ئي تفصيل ۽ توجهہ سان لکڻ جي ضرورت آهي. ساڳئي وقت، سنڌي مختصر افساني جي صحيح معنيٰ ۾ جڻ ابتدا ئي اڃا هاڻ ٿي آهي ۽ اسان جا اديب توڙي نقاد سنڌي تنقيدي قدرن، توڻي ان جي لازمي جز بنجندڙ مقامي رنگ ۽ مزاج جي باري ۾ ڪن واضح نتيجن جو تعين نہ ڪري سگهيا آهن“.

اڳتي هلي جويو صاحب ادب ۽ ڪهاڻيءَ جي اهميت تي ڳالهائيندي لکي ٿو ته ”ادب انساني سماج جي پيداوار بہ آهي، تہ ان جو عڪس پڻ. سماجي ۽ تاريخي تبديلين جي اثر هيٺ وڌندڙ سماجي شعور ۽ بلند تر ذهني معيار جي پيش نظر، ادب پنهنجي هيئت توڙي اسلوب جا نت نوان روپ اختيار ڪندو پئي رهيو آهي. داستان گوئيءَ ۽ داستان نويسيءَ وارو ابتدائي ادب، مختلف مرحلن مان گذرندو اڄ مختصر افساني جي صورت وٺي اچي بيٺو آهي. بلاشبہ اسان جو هي ادبي دؤر مختصر افساني جو دؤر آهي، پنهنجي وقت ۽ ماحول جي مخصوص مسئلن، زندگيءَ جي ترقي پذير شعور ۽ سماج جي موجوده ذهني ڪيفيت ۽ مزاج سان مطابقت قائم رکڻ لاءِ اڄ جي فنڪار مختصر افساني کي وجود ۾ آندو آهي. نئين ادب جي هيءَ نمائندهہ صنف گذريل مڙني فني تجربن ۽ روايتن جو نچوڙ ۽ حاصل آهي. جمال ابڙي جي ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجو هڪ انداز ۽ جدا اسلوب آهي. ڪهاڻيءَ جي پيشڪش ۽ ڍنگ نرالو ۽ وڻندڙ آهي. جيئن سندس ڪهاڻي ’مان مڙد‘ ۾ آهي: هڪ مرد آفريڪي جابلو علائقي ۾ وڃي ڦاسي ٿو ۽ اُتي وري راڄ ئي عورتن جو آهي، ڪين پنهنجي رياست آهي. چار چار مڙس ڪن ٿيون. پوڙهيون نوجوان ڇوڪرن سان شاديون ڪن ٿيون. گهر جو سارو ڪم مردن کان ڪرائن ٿيون. جن وٽ مرد جو ڪو بہ قدر ڪونهي. مرد سڄو ڏينهن گهر جي ڪم ڪار کان سواءِ ٻارن جي پالنا ۽ رات جو زالن کي زور وغيره ڏيڻ جو عمل ڪن ٿا. ڏيئر بہ بہ مڙس وڃي ڪن ٿيون. پر پٺ جيڪڏهن ڪنهن عورت سان پڄي ٿو وڃي تہ غيرت جو مسئلو اچي ٿو وڃي! حقيقت ۾ جمال ابڙي صاحب هن ڪهاڻيءَ وسيلي پنهنجي سماج کي اهڙو تہ اثرائتي نموني سان ظاهر ڪري اڳيان آندو آهي، جو هر سوچيندڙ ذهن معاشري جي ان گندي عمل کي ننديڻ کان روڪي نہ ٿو سگهي. سندس ڪهاڻيءَ جو ڍنگ ٻين کان نرالو ۽ اثرائتو آهي.

جمال ابڙي جي ڪهاڻي 'پيراڻي' ۾ هڪ معصوم بروهي نينگري کي پنهنجا والدين وڪڻي وجن ٿا. ان معصوم جون هيانءَ ڏاريندڙ دانهون ۽ ماءُ جي ڇڪ ۽ ان منظر جي ڀرپور ۽ جنجهوڙيندڙ عڪاسي، پڙهندڙن کي تمام گهڻو متاثر ڪري ٿي ۽ پڙهندڙ خود اهڙي عمل کي ڌڪاري ٿو. ان نينگريءَ سان همدرديءَ وارو تاثر پيدا ٿئي ٿو.

ڪهاڻي 'شاهه جو قر' ۾ هڪ معصوم ٻارڙي پنهنجي ڳوٺ وارن جي لاءِ هڪ وندر آهي. ساڻس ڳوٺ جا سڀ ماڻهو ڳالهائيندي خوشي ۽ فرحت محسوس ڪن ٿا. اها ٻارڙي سيني سان چرچا ڪري ٿي ۽ سيني کي "ماما!" چوي ٿي ۽ انهن کان خرچي وٺي ٿي ۽ هڪ ڏينهن جڏهن شاهه جي پٽ کان به خرچي گهري ٿي ڪيس "ماما" ٿي چوي ته هو ٽپي باهه ٿي وڃي ٿو ۽ ان ٻارڙيءَ جو 'قصور' شاهه برداشت نه ڪيو ۽ ٻارڙي وڃي زمين تي ڪري ۽ ڏندڙجي ويئي ! هن ڪهاڻي ۾ به ڳوٺاڻي ماحول ۽ اتان جي ذهنن کي وائکو ڪيو ويو آهي ته اڻ پڙهيل جاهل سيد پاڻ کي ڪيترو نه مٿانهون ٿا سمجهن ۽ پنهنجي وڏائيءَ جي انڌ ۾ ايترا ته پوريل آهن جو هڪ معصوم ٻارڙيءَ جو به ڪو لحاظ نٿا ڪن ۽ ان کي به ايذائيندڙ ڏک وهائي ڪڍن ٿا !

'منهن ڪارو' جمال ابڙي جي هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ سنڌ جي سماج جي غلط ريتن رسمن جي عڪاسي ٿيل آهي. هن ڪهاڻيءَ جي ڪردار دينوءَ کي انڪري مار ڏيئي، منهن ڪارو ڪري، گڏهه تي چاڙهي گهمايو ٿو وڃي، جو هو پنهنجي بيمار پٽ جي جان بچائڻ جي لاءِ ٻي واهه نه ڏسي پير تان پڙ ٿو لاهي ۽ ان ڏوهه ۾ سماج جا ماڻهو ان عزت دار ۽ نمازي ماڻهوءَ جي اها حالت ٿا ڪن. دينو (دين محمد) جڏهن گهر ٿو پهچي ته سندس ننڍڙو پٽ گلاب فوت ٿي وڃي ٿو.

'پشو پاشا' هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جيڪا سماج جي تبديليءَ تي ٻڌل آهي، ان ۾ 'جيڪو ڪيڙي سو کائي' وارو درس ڏنل آهي. هن ڪهاڻيءَ جو مک ڪردار پشو پاشا هڪ اهڙو سچو دلير انسان آهي، جيڪو وڏيري کان وٺي ڪاموري ۽ واڻڙي ليڊر تائين سيني کي انسانيت ۽ محبت جو ويري محسوس ڪندي پنهنجن ابوجهن ۽ پاڻ جهڙن کي هم خيال بنائي جدوجهد کي اڳتي ٿو وڌائي. اڳتي هلي هن جي محبوبه جيڪا ڳوٺ جي رئيس جي ڌيءَ آهي، سا به اچي هن جو ساٿ ڏئي ٿي ۽ جدوجهد ۾ شريڪ ٿي وڃي ٿي. ملڪ ۽ سماج جي نظام سان هنن جو ٽڪراءُ ٿئي ٿو. هن جا ڪجهه ساٿي مرن ٿا ۽ حڪومتي فوجي به ڪافي مرن ٿا. بارود سڙي ٿو. پشو پاشا زخمي حالت ۾ گرفتار ٿئي ٿو ۽ جڏهن جج کيس ڦاسيءَ جي سزا ٻڌائي ٿو ته ٻاهران "پشو پاشا زنده باد!" جا نعرا لڳن ٿا. هن جو پيغام ڳوٺن، شهرن ۽ فوج تائين پهچي چڪو هو.

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي، پنهنجي ٿيسز "آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي

ادب جي اوسر“ ۾ جمال ابڙي بابت لکي ٿو تہ ”جمال ابڙو سنگين حقيقتن، ڪرخت واقعن ۽ ڪريهہ منظرن کي پنهنجي ڪهاڻين جا موضوع بنائي ٿو. هو پنهنجي ڪردارن جي اندر کي چٿيءَ طرح ڦولهي ۽ ٽٽولي ٿو. سندس اکيون من ۾ متل مانڌاڻ کي بہ ڏسن ٿيون تہ ان کان سواءِ ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جي لڪل قوتن کي بہ تاڙي وٺن ٿيون. سنڌي ماحول جا عام واقعا، سر زمين سنڌ تي هنڌين ماڳين پکڙيا پيا آهن. ان مواد تي جمال ابڙو قبضو ڪري، انهن کي پنهنجي ڪهاڻين جا موضوع بنائي ٿو. ليڪن انهن کي اهڙي تہ آزادي ۽ رواني، بي تڪلفيءَ ۽ جرئت سان موضوع بنايو اٿس، جنهن جو ڪائنس اڳ سنڌي ادب ۾ ڪو بہ مثال نہ ٿو ملي“.

جمال ابڙي، جي ڪتاب ۾ تاثر لکندي سراج لکي ٿو تہ ”جمال سنڌي ادب جي انهن ستونن مان آهي، جيڪي نہ رڳو ادب جي پرجهلي ۽ ٽيڪ جو ڪم ڏين ٿا، پر ادب جي عمارتن کي بازنطيني ۽ حسن بہ بخشيندا آهن.“ اڄ جي مختصر ڪهاڻيءَ جي ارتقا کي جمال کان سواءِ سمجهڻ جيڪڏهن نا ممڪن نہ تہ بہ محال ضرور آهي.

جمال ابڙي، نہ صرف ڪهاڻيون لکيون آهن، پر ڪافي مضمون بہ لکيا اٿس. سندس لکڻيون پڙهڻ سان هڪ قسم جي حقيقت پسندي چٽي نظر اچي ٿي. ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ جمال ابڙي جي ڪهاڻين ۾ حقيقت پسنديءَ سان گڏوگڏ جدت پسندي بہ واضع نموني سان ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

(شاهہ لطيف يونيورسٽي خيرپور جي امتحاني گُهرج پوري ڪرڻ لاءِ لکيو ويو.)

Gul Hayat Institute

# ليڪ جا ڪردار پڇن تا ڪاڏي ويو!

فياض چند ڪليري

پاڙي جا سڀ پار پڇن تا ڪاڏي ويو؟
ليڪ جا ڪردار پڇن تا ڪاڏي ويو!
جنهن جي بولي، دشمن لئه چڻ گولي هُئي،
ڌرتيءَ جا غدار پڇن تا ڪاڏي ويو!

پارڙن جهڙي معصوم فطرت رکندڙ سنڌ جو هڪ وڏو ماڻهو اسان کان وڇڙي ويو! بدر ابڙي جا چيل اهي لفظ بلڪل درست آهن ته "بابا جي وڇوڙي جو ڏک صرف منهنجو ڏک ئي ناهي، پر اهو توهان سڀني جو ڏک به آهي. ڇو ته هو توهان سڀنيءَ جو به ته وڏو هيو! ۽ اسين اعتراف ڪيون تا ته هو اسان سڀنيءَ جو وڏو هيو هن ۾ وڏي هئڻ جون اُهي سڀ خوبيون به ته هيون (هيلوڪي سنڌ ته ڇامڙن جو واڙو بڻجي وئي آهي) جمال ابڙو پنهنجي قول ۽ فعل ۾ به، ڪمال جو جمال رکندڙ ماڻهو هيو سنڌ ۾ هاڻ اهڙا ماڻهو شايد اخبارن ۾ اشتهار ڏيارڻ کان پوءِ به نه ملن. جيڪي ماڻهو 'هڪڙي دور'، 'هڪڙي اداري' ۽ 'هڪڙي قدر' طور سڃاتا وڃن تا. جمال ابڙو جديد سنڌ جو اهو ڪلچرڊ ماڻهو هيو جنهن سموري سنڌ کي پرينءَ جي پاڇي جيان پوڄيو. جمال ابڙي جي جواني ۽ ان جواني جي دور جون انقلابي يادگيريون،جيئن اڇن وارن ۽ تير نظر وارو ever green man قانوندانن ۽ پاڪستاني سياست، سماج ۽ ادب جي تبديلين ۽ تحريڪن جو اڪين ڏٺو شاهد، نور الدين سرڪي اسان سان شيئر ڪري سگهي، ائين شايد اکين تي نظرين جا ڪوپا چاڙهي، پاڻ کي مها دانشور سمجهندڙ اڄوڪي سنڌ جا هلڪڙا اديب، اسان آڏو جمال ابڙي کي explore ڪري نه سگهن. ڇو ته جمال ابڙي جي زندگي ۽ سندس ڪهاڻيون ڪنهن محدود ۽ مخصوص نظريي جي ڇانءَ هيٺان پروان نه چڙهيون هيون. هو هڪ سچو پچو آرٽسٽ هيو ۽ آرٽ دنيا جي سمورن نظرين کان مٿاهين وٿ آهي. فلسفي جون چار چوپڙيون پڙهي، اسٽيج تي بيهي ڳالهائيندڙ پلي جمال کي utopia and social realism جي theories ۾ رد ڪن. پر سنڌ جي علمي، ادبي ۽ شعوري ڌر جمال ابڙو جي عملي ۽ قلمي پورهئي سان ائين پيار



Gul Hayat Institute

ڪندي. جيئن جيجل ماءُ ميلي ۾ وڃايل ٻارڙي کي سالن پڄاڻان اوچتو ماڻڻ تي ڪيس ڀاڪرن ۾ ڀري، ٻي ساختگيءَ مان سندس پيشاني چمندي آهي.

بقول سرڪيءَ صاحب جي ”جمال ابڙي جي هڪڙي وڏي خوبي اها به هئي ته هو شيخ اياز جو سچو عاشق هو! ۽ اياز تي عاشق اهو ئي ماڻهو ٿي سگهي ٿو جنهن عشق جا سڀ رنگ ۽ رمزون پروڙيون هجن. اياز تي عاشق اهو ئي ماڻهو ٿي سگهي ٿو جنهن جو خيال ۽ تصور ڪهڪشائن کان به آڳاهين پنڌ جو متلاشي هجي! ’پشو پاشا‘، ’مان مرد‘، ’شاهه جو قُر‘ ۽ ’پيراڻيءَ‘ جهڙيون لافاني ڪهاڻيون لکندڙ جمال ابڙو ڪنهن اِليٽ ڪلاس جو فرد نه هيو جنهن چمندي سون جي چمچي سان خوراڪ کاڌي هئي، جنهن عيش ۽ عشرت واري زندگي ورثي ۾ ماڻي هئي! جمال ابڙو سنڌ جي اُنهي لوئر مڊل ڪلاس مان هيو جيڪو ڪلاس صديون گذرڻ باوجود اڃان تائين ’سڃاڻپ جي رڻ‘ ۾ ڀٽڪي رهيو آهي“.

مون کي چوڻ ڏيو ته سنڌ جو لوئر مڊل ڪلاس اهو ويڳاڻو ۽ ويچارو ڪلاس آهي، جنهن پنهنجو رورل پسمنظر ڇڏي، اربن سوسائٽي جو متحرڪ ڪردار ٿيڻ چاهيو ۽ نتيجي ۾ هو نه رورل سنڌ جو ٿي سگهيو ۽ نه اڃا تائين اربن سوسائٽيءَ ۾ کپي سگهيو آهي. پر جمال ابڙو سنڌ جو اهو خوشنصيب ماڻهو هيو جنهن نه صرف ادبي سوسائٽيءَ ۾ پنهنجو هڪ اعليٰ مقام جوڙيو پر ان سان گڏو گڏ، هن سنڌ جي انهن ڏوڙ اُڏائيندڙ شامن کي به فراموش نه ڪيو جن شامن ۾ واهن جي ڪپن سان ڳچين ۾ چڙيون پاتل مينهون ۽ ڍڳيون وڏي شان ۽ مان سان پنهنجي وٿاڻن ڏانهن موٽنديون آهن. ڪراچيءَ جهڙي صنعتي شهر ۾ زندگيءَ جا ٽي حصا گذاريندڙ جمال ابڙي جي شخصيت ۽ سڀاءُ تي صنعتي روين جي زري پرزي دز به چڙهي نه سگهي. هن جي ڳالهين، هن جي خاموشين ۽ هن جي روين مان ته آخر تائين سنڌ جي درياهي هوائن جو هڳاءُ محسوس ٿيندو هو. بدر ابڙو جنهن کي سندس ڏک شيئر ڪرڻ جي عادت نه آهي. پر سندس اکيون ته سندس عادتن سان ٻڌل ناهن! مون سندس اکين ۾ بيٺل سمنڊ ۾ جمال ابڙي جي زندگيءَ جا ڪيئي پوٽريٽ ڏٺا آهن ۽ اهڙيون ئي انيڪ اداس سانجهيون ڀيريون پيرو ملاقات ڪرڻ کان پوءِ جمال ابڙي جي فرزند ساجد ابڙو جي وڏين اکين ۾ به مون ڏٺيون. ساجد، جيڪو نه اديب آهي نه شاعر! هو سنڌ جي ڪاموري لڏي جو ماڻهو آهي. پر سندس به خوشنصيبي اها آهي جو هو سنڌ جي هن قدآور ماڻهوءَ جو پٽ آهي، جنهن جي تربيت ۾ پيءَ جو پيار، ماءُ جي ممتا ۽ دوست جي دوستيءَ جا سڀ رنگ شامل هوندا آهن.

40ع واري ڏهاڪي کان ڪراچيءَ کي پاڻ اربيندڙ جمال ابڙي جو ادب کان سواءِ سنڌ جي سياسي، فڪري ۽ سماجي تبديلين وارين تحريڪن جو پڻ هڪ الڳ ۽ شاهڪار profile آهي. شاگرديءَ واري زماني ۾ خاڪسار تنظيم سان

پنهنجي سياسي ڪيريئر جو آغاز ڪندڙ جمال ابڙو اهو سنڌي ماڻهو هيو جن 48ع ۾ سنڌ جي هندن تي ٿيندڙ ظلمن خلاف شاگردي واري زماني ۾ ڀرپور احتجاج ڪيو هو. بدر ابڙو ڀلي ڪيس هڪ ئي وقت مارڪسٽ ۽ صوفي چوي، پر جمال پنهنجي جوهر ۾ هڪ سچو پچو قوم پرست بہ هيو. جڏهن ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ واري سازش جو انڪشاف ٿيو هيو تہ جن سنڌي شاگردن 12 مهينا ان عمل خلاف تحريڪ هلائي ۽ قائداعظم محمد علي جناح آڏو ان خلاف شديد احتجاج ڪيو جمال ابڙو انهن منجهان هڪ هيو. 50 ڌاري نورالدين سرڪي ۽ ڪجهہ ٻين سنڌ دوست نوجوانن جن سنڌي ادبي سنگت کي نظرياتي تضادن مان ٻاهر ڪڍي، ان کي انسان دوستي، روشن خياليءَ ۽ سائنسي بنيادن تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، ان وک ۾ جمال ابڙي جو contribution اڻ وسرندڙ آهي. ون يونٽ واري ڪاري دؤر ۾ جڏهن سنڌ جو نالو وٺڻ، ڪاري نانگ تي پير رکڻ جي مترادف هيو ان دؤر ۾ جمال ابڙي سنڌ جي دانشور ۽ اديب طبقي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي، سنڌ ۾ جاڳرتا ۽ شعور آڻڻ واري جدوجهد ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪيو سنڌ جي تاريخ ان کي سدائين پيار جي نظر سان ڏسندي رهندي! اسين جمال جي ريشمي خيالن جي آڱر پڪڙي ساڻس پنهنجون ڪائناتون سدائين شيئر ڪندا رهنداسين.

Gul Hayat Institute

# سنڌي ادب جي يونيورسٽي

## نادر علي ابڙو

پنهنجي گهر جي ياتين تي لکڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. اجا تائين پنهنجي والد ڪامريڊ تاج محمد ابڙو تي به مضمون ڪو نه لکي سگهيو آهيان، چاچا جمال تي ڪيئن لکان. ڳالهه سمجهه ۾ ئي ڪو نه ٿي اچي. چاچا جمال جي تيجهي تي سندس پٽ بدر چيو ته ”مضمون لکجانءِ!“ سندس چوڻ ته مجيم، پر ڪٿان کان شروع ڪيان ۽ ڪٿي ختم ڪيان؟ چاچا جمال جيتوڻيڪ اسان جو سڳو چاچو ڪو نه هو پر سنڌ اندر اهو ئي مشهور رهيو آهي ته جمال ابڙو تاج محمد ابڙو ٻئي ڀائر آهن. انهي جا الاهي سارا سبب آهن جن مان خاص هي آهن ته چاچا جمال ۽ بابا سائين مرحوم ٻئي ذات جا ابڙا، ٻئي سنڌ ۾ ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج رهيا، ٻئي لاڙڪاڻي جا هيا، ٻئي هڪڙي ئي استاد چاچا شمس الدين ابڙي وٽ وڪالت ۾ شاگرد رهيا، ٻئي اديب، ٻئي سياسي شخصيتون، ادب، عدليا، سياست توڙي ذاتي زندگيءَ ۾ اگر ڪو به قدم کڻبو ته ٻئي هم صلاح ۽ قدم ۾ قدم ملائي گڏ هليا.

مان ته جڏهن کان هوش سنڀاليو ته چاچا جمال جو نالو گهر ۾ ڪنن تي ٻڌندو اچان ٿو. ياد ائم نٿيپڻ جا ڏينهن جڏهن بابا سائين ڪراچي هلندو هو ۽ اتي چاچا جمال مون کي آڱر کان وٺي سمنڊ جي ڪناري تي گهمائيندو هو ۽ وري اهو ڏينهن به ياد ائم، جڏهن چاچا جمال مون کي ڪراچيءَ ۾ زندگي جي پهرين واچ ننڍپڻ ۾ وٺي ڏني هئي، جا پائي وڏي فخر منجهان پنهنجن دوستن کي پئي ڏيکاريم. اهو ڏينهن به اجا ڪو نه وسريو ائم، جڏهن هالي ڊي ان هوٽل ڪراچي ۾ چاچا جمال جي نياڻي جي شادي هئي، سڄي سنڌ مان مخصوص سڀ ڪن معتبر ۽ مشهور شخصيتون شادي ۾ شريڪ هيون. ان وقت جو وڏو وزير سيد غوث علي شاهه جڏهن هوٽل ۾ پهتو ته چاچا جمال بجاءِ پنهنجن پٽن جي پهرين منهنجو تعارف ڪرائيندي غوث علي شاهه کي چيو ته ”هيءُ ادي تاج محمد مرحوم جو شهزادو آهي“، غوث علي شاهه هلي اچي مون وٽ چار پنج منٽ ويهي حال احوال ونڻ لڳو. شادي ۾ شريڪ سڀ ماڻهو حيرت ۾ هئا ته هيءُ پندرهن سالن جو ڇار ڪير آهي، جنهن سان سنڌ جو حاڪم ويهي رهيو آهي. اها حقيقت ۾ چچا جمال

جي بابا سائين مرحوم سان محبت هئي، جنهن جو هن اظهار اهڙي نموني ڪري سڄي پنڊال ۾ ماڻهن آڏو منهنجي عزت ڪرائي، ظاهر ڪيو. چاچا جمال جون اهي محبت ڀريون ڳالهيون هن مهل ياد ٿيون اچن ۽ ڇڻ تہ نتهڻ اس ۾ وڏي ٻڙ جي ڇانو ڪسڄي ويڃڻ محسوس ڪري رهيو آهيان.

چاچا جمال تہ پنهنجي سر پاڻ سنڌ جي عدليہ، ادب ۽ سياست جو وڏو نالو تہ هيو ئي پر انهيءَ ڪان علاوه هو سنڌ جي هڪ وڏي نامور هستي علامہ علي خان ابڙي جو بہ سپوت هو جيڪو سنڌ جو پهريون سنڌي مسلمان ايم اي پاس وڪيل هو جيڪو پنهنجي دور ۾ وڏو عالم دين، تعليمي ماهر ۽ تعليم کاتي ۾ آفيسر هو. جنهن چاچا جمال جي اهڙي تہ تربيت ڪئي جو اڳتي هلي هن نہ فقط سنڌ پر پوري ملڪ ۾ ادب جي حوالي سان نالو پيدا ڪيو ۽ صدارتي ايوارڊ حاصل ڪيا. هو رڳو جج يا اديب ڪو نہ هيو پر هن جي سياست سان بہ وڏي دلچسپي هئي. هڪ دفعي چاچا جمال پنهنجي حياتيءَ جون ڳالهيون ٻڌائيندي چيو تہ "تنهنجي والد تاج محمد سان ياراڻي پڪي هيم، مان لاڙڪاڻي ۾ اچي وڪيل ٿيس تہ تاج محمد بہ لاڙڪاڻي ۾ وڪيل ٿي آيو. اهو سڀ تاج محمد جو ڪرشمو هو جو مان ڪاڀي ڏر جي تحريڪن، هاري پارٽي ۽ مزدور يونين ۾ ڪم ڪرڻ لڳس. مون پنهنجي وڪالت جي آفيس ۾ پاڪ سويت دوستيءَ جي انجمن کولي، اهو آئيڊيا بہ تاج محمد جو هو همٿائڻ بہ ان جو هو. سوويت لٽريچر جي لائبريري بہ اتي ئي قائم ڪئي. مون تي ايڏو ڀروسو ڪيو ويو جو ڪميونسٽ پارٽي جون ميٽنگون بہ اتي ڪيون وينديون هيون، اهو بہ ڪرشمو تاج محمد جو هيو. مير علي احمد خان ٽالپر، شيخ اياز ۽ تاج محمد ڪتابن جا عاشق هئا ۽ ڪنهن کي بہ ڪتاب نہ ڏيندا هئا ... تاج محمد ذوالفقار علي ڀٽو کي تمام گهڻو ويجهو هيو ۽ سندس نجي محفلن جو رڪن هيو. مون تاج محمد کي چيو تہ ڇو نہ ڀٽي صاحب کي چئي ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي کي جيل مان آزاد ڪرائجي. تاج محمد کي اها ڳالهہ پسند آئي ۽ هن ڀٽي صاحب سان ڳالهايو. ڀٽو صاحب خود ان ڳالهہ جو هو تہ روس سان لاڳاپا وڌائجن، سو هڪدم هائو ڪيائين. سوڀو گيانچنداڻي جيل مان نڪري آيو. ذوالفقار علي ڀٽي بعد ۾ تاج محمد کي چيو تہ هو ڪميونسٽ پارٽي تان بندش لاهي پيو ۽ ڀلي پارٽي کلم کلا پنهنجي منشور مطابق ڪم ڪري. ڀٽي صاحب ائين ڪري ڏيکاريو پر پارٽي وارا ٻاهر ڪو نہ نڪتا. سو ذوالفقار علي ڀٽي تاج محمد کي چيو تہ "هاڻي چئو نہ پنهنجي دوست ڪامريڊ سوڀي کي تہ هو ڪميونسٽ پارٽي کي ٻي ڏڙڪ منظم ڪري!". هڪ ٻيو واقعو چاچا جمال ٻڌايو تہ "هڪ دفعي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جيل ۾ واڙجي ويو. پويان پاڻ هر ٽڙن پارٽي اندر ڏنڊا انقلاب (ڪو) زرعي اٿل پٿل آڻي قبضو ڪري صدر سيڪريٽري ۽ ٻيا عهديدار چونڊجي بالم تي ويهي رهيا، انهي ڪم جي مون کي ۽ تاج محمد

کي ذميواري سونپي وئي تہ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي مدد ڪيو. انهن يارن چا ڪيو جو اخبارن ۾ خبرون ڇپائي پاڻ عمدن تي قابض ٿي ويهي رهيا هئا. تاج محمد تمام گهڻو ذهين ماڻهو هيو. سو حل ڪڍي آيو. چيائين تہ هاري ڪميٽي جي ميٽنگ جي ڪاروائي بحث مباحثا ۽ سوال جواب اهڙي نموني لکياسون جو اهو سڀ ڪجهہ سچ تي لڳو. سو وڏي حڪمت عملي سان هاري حقدار اخبار جنهن تي پابندي هجڻ جي باوجود ڪنهن طرح سان وڏي محنت ۽ ڪوشش ڪري اسان ٻئي لاڙڪاڻي کان حيدرآباد پهچي اخبار محمد عثمان ڏيپلائي جي مدد سان ڇپرائي سون ۽ اسان جي محنت رنگ لاتو. ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جيئن ئي جيل مان نڪتو تہ ڪيس هار پارائي جلوس ڪڍي اچي هاري حقدار آفيس ۾ صدارت جي ڪرسي تي ويهاريائونس".

هر انسان پنهنجو وارو وڄائي ويندو هن ڌرتيءَ تي ڪو بہ هميشہ لاءِ رهي ڪو نہ سگهيو آ. پر چاچا جمال جي وفات تي افسوس اهو اٿم تہ اسان جا سينيئر اديب آهستي آهستي اکيون ٻوٽيندا پيا وڃن. پر اسان نوجوان ٿهي انهن جي جتي ۾ پير پائڻ جهڙا ڪونہ ٿي سگهيا آهيون جيڪو سنڌ لاءِ سنو سنوڻ ڪونهي. چاچا جمال واقعي بہ هڪ بزرگ، الله لوڪ ۽ درويش صفت انسان هيو. هن جي سنڌ لاءِ ڪيل خدمتن عيوض سندس نالو سنڌ جي تاريخ ۾ سنهري لفظن ۾ لکيو ويندو. هن جي خوشبوءِ جهڙين لکڻين منجهان اسان جو ايندڙ نسل صدين تائين فيضياب ٿيندو رهندو.

Gul Hayat Institute

# مختصر افسانيءَ جو وڏو ڪهاڻيڪار

## طارق عزيز شيخ

ڪنهن بہ قوم جا شعوري اڳواڻ ان قوم جا دانشور ۽ ڏاها هوندا آهن. جيڪي هر دور ۾ قوم جي دلين تي راڄ ڪندا آهن ۽ انهن جي دماغ تي سندن لفظ نقش هوندا آهن. اهڙن ئي شعوري ليڊرن مان جمال ابڙو بہ هڪ هو جنهن گذريل رات 80 ورهين جي ڄمار ۾ انتقال ڪيو. هو سنڌي ادب جي ڪهاڻيءَ جي صنف کي فني طريقي سان نئين زندگي بخشيندڙ ليکڪ هو. مختصر افسانيءَ جو وڏو ڪهاڻيڪار جمال ابڙو پنهنجي لکڻين ۾ بہ عدل انصاف جو پيروڪار هو. جنهن سماجي برائين جي نشاندهي ڪري اهڙا افسانا لکيا جن سنڌي قوم ۾ سجاڳيءَ وارو ڪم ڪيو.

سنڌي سماج ۾ هونئن تہ ڪيترائي ڏوهہ، جبر ظلم آهن پر ٻئي جو حق کائڻ، بي گناهہ کي اجائي سزا ملڻ ۽ ناجائز اختيارن سان ٻئي تي ڏاڍ ڪرڻ اهم آهن. جمال ابڙي جي لکڻين ۾ اسان کي اهڙن تلخ موضوعن جو پڌري پٽ اظهار ملي ٿو. هن پشو پاشا جهڙي ارڏي ۽ اوکي ڪردار کي پنهنجي افسانيءَ جو هيرو بڻائي اهو ٻڌايو تہ فقط پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو ئي سماج ۾ سٺا ڪم نہ ٿا ڪن بلڪ رُڪا ۽ اٽڪهڙيل ماڻهو بہ نيڪ ڪم ڪرڻ ۾ پنيان ناهن هٽندا. جمال ابڙي جيتوڻيڪ تمام ٿورا افسانا لکيا پر هن جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي فني انداز کي سهٽو/بڻايو. سندس مڪالما نج سنڌي ٻوليءَ وارا ۽ ڪردارن سان انهن جي مطابقت رکندڙ آهن. پاڻ قانون دان هئڻ ڪري ڪيترين ڪهاڻين ۾ ان جو چٽو عڪس پسجي ٿو.

هو هميشہ سنجيده رهيو ۽ سنڌ جي حالتن موجب سماجي عڪاس بڻجي ڪهاڻين ۾ رنگ ڀريائين. اها وڏي ڏاهپ چئجي جو پاڻ اهم عهدن تي فائز رهڻ باوجود، جج، سنڌ اسيمبليءَ جو سيڪريٽري هوندي بہ اهڙا ڪردار ڪهاڻين ۾ لکيا جيڪي زندگيءَ ۾ جيئرا جاڳندا هجن، قلم سان سچائي جو ثبوت آهي. هن جهڙيون سچي سنڌي ادب ۾ ٻيون ڪنهن بہ ڪهاڻيون نہ لکيون. هن جي آخري لکڻي ميڊم فهميده حسين جي ڪهاڻين جي ڪتاب جو مهاڳ هو جيڪو علالت جي حالت ۾ لکيو هئائين. جمال ابڙي سان بہ ٽي مهينا اڳي "تخليق" (عوامي آواز

جي ادبي صفحي) لاءِ انٽرويو ڪرڻ لاءِ فون تي رابطو ڪيم ته هن علالت سبب ڪجهه ڏينهن بعد فون تي ڳالهائڻ لاءِ چيو. جمال صاحب چيو ته صحت اجازت نه ٿي ڏي ته گهڻي دير تائين ڳالهايان انهيءَ ڪري هن معذرت ڏيکاري ۽ صحت صحيح ٿيڻ تائين موڪلايو. مون کي خبر نه هئي ته جمال صاحب جو اهو آخري پيرو آواز ٻڌي رهيو هئس. اسان جي سنڌي ادب ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا اديب هوندا آهن، جيڪي ڏاها به سمجهيا وڃن ٿا ۽ جمال صاحب به ڏاهن مان هو. جنهن کي عام ليکڪن ۾ نٿو ڳڻي سگهجي. جمال ابڙو فقط ڪهاڻيڪار ڪو نه هو پر وڏو مضمون نگار پڻ هو. هن وقت سر اهم ۽ ٻرندڙ مسئلن تي به قلم آرائي ڪئي. جمال ابڙي جو واسطو سنڌ جي باشعور شخصيتن جيان سياست سان به رهيو ۽ هن حيدر بخش جتوئي سان ذهني ۽ سياسي هم آهنگي ڪري ساٿ نڀايو. هو خاڪسار تحريڪ سان پڻ واڳيل هو پر پورهيتن جي حقن لاءِ جدوجهد تي وڌيڪ رجحان رهيس. جمال ابڙي جهڙا سلجهيل ۽ سماج جا عڪاس دانشور اسان کي ورلي ملندا. تنهنڪري جمال ابڙي جي جڳهه وري نه پرجي سگهندي. سندس وڇوڙي تي هر سنڌي کي ايترو ئي افسوس آهي جيترو سندس فرزند بدر ابڙي کي پنهنجي والد جي وڇوڙي تي آهي.

Gul Hayat Institute

# جمال ابڙو اديبن جي نظر ۾

## ’پرک‘ سروي: مسرور پيرزادو

سوال نامو

1: جمال ابڙو جنهن ادبي مقام جو حقدار هيو چا اهو هن کي مليو؟ نہ مليو؟ يا ان کان وڌيڪ مليو؟
2: عالمي سطح جي شارٽ اسٽوريءَ جي ڀيٽ ۾ جمال ابڙي جي ڪهاڻي ڪٿي بيٺي آهي؟
3: جمال جي وفات سان سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ ۾ جيڪو خال پيدا ٿيو آهي، ڇا اهو پر جي سگهندو؟
4: جمال ابڙي جي نثر تي ڪيتري ڪم يا تحقيق جي ضرورت آهي؟
5: توهان جمال ابڙي جي صوفي ازم ڏانهن لاڙي کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

❊

## علي بابا

### اسين هڪ ڪريل قوم آهيون جمال کي ڇا ڏئي سگهنداسين؟

1 – منهنجي خيال ۾ تہ جمال رڳو ڏنو آهي، ورتو ڪجهہ بہ نہ آهي. اسين جمال کي ڇا ڏئي سگهنداسين؟ جمال کان اڳين کي اسان ڇا ڏنو آهي؟ شيخ اياز کي اسان ڇا ڏنو آهي جو هاڻي جمال کي ڏينداسين. جمال جهڙا اديب ديوتا هوندا آهن، جيڪي رڳو ڏيندا آهن، جو ڪجهہ وٽن هوندو آهي. هونئن جمال اسان کان تمام گهڻو لهڻي ٿو پر جيئن تہ اسين هڪ ڪريل قوم آهيون، اسين ڪيس ڪجهہ بہ نہ ڏئي سگهنداسين. اسين جمال کي وڌيڪ ڇا ڏئي سگهنداسين. شيخ اياز کي اسان اڄ ڏينهن تائين گاريون ڏيندا رهيا آهيون. جمال جهڙي معصوم روح لاءِ بہ اسان وٽ اهو ئي ڪجهہ هوندو – شاهہ چواڻي:

”سڏڙيا شرابن جون ڪوهہ پچارون ڪن“.

اسين سڏڙيا آهيون. جمال جي سطح کي پهچڻ لاءِ اسان کي جنريشنز کپن. باقي موجوده حالت ۾ هڪ خلا آهي!



Gul Hayat Institute

2 — عالمي ادب ۾ اوهينري، چيخوف، دوستو وسڪي ۽ اهڙن ٻين اديبن جي ڪري ڪهاڻيءَ کي اهميت ملي، نه ته ڪهاڻي هئي ئي ڪانه. سنڌ ۾ ڪهاڻيءَ جي صنف کي پروفيسر امر ڏنو لعل ڏنو جڳتياڻيءَ ۽ جمال نج سنڌي ڪهاڻيءَ جو بنياد رکي، ان کي سنڌيءَ ۾ شاندار نموني رائج ڪيو. ان لحاظ کان جمال عالمي سطح جي صف اول جي ڪهاڻيڪارن ۾ اچي وڃي ٿو. ڪهاڻي لاءِ ضروري ناهي ته سون يا هزارن ۾ لکيون وڃن. ”واهه ڙي تارا گول تارا“ هڪ اهڙو ئي مثالي شعر آهي، جو شاعر کي قوم جي ٻچي ٻچي ۾ زنده رکي ٿو. جمال جون ڪهاڻيون نه هجن ها ته شايد آئون نج سنڌي ڪهاڻي نه لکي سگهان ها. جمال سنڌي ڪهاڻيءَ جو اصل باب آهي.

3 — آئون اهو ته نه ٿو چئي سگهان ته سنڌي ڪهاڻيءَ کي گولي لڳي وئي. اجائي لفاظيات مان ڇا فائدو! اسان رڳو جمال ابڙو وڃايو آهي، نه سنڌي ڪهاڻي ... جنهن جو بنياد جمال رکيو هو. ادب ۾ لاها چاڙها ايندا رهندا آهن. رهيو خال! خال ته پيدا ٿي ويو آهي. وڏو خال پيدا ٿي ويو آهي. مون کي نٿو سجهي ته اهو خال جلد پورو ٿي ويندو. سنڌي ڪهاڻي ! خود سنڌ جون سياسي ۽ سماجي حالتون ڏاڍيون ڏکوئيندڙ آهن. سنڌ معنيٰ درياهه شاهه. جڏهن درياهه شاهه ئي نه رهندو ته پوءِ ڪهڙي ڪهاڻي؟ اسين سڀ نالي ماتر اديب آهيون. اسان ۾ ڪجهه به ڪري ڏيکارڻ جي قوت نه رهي آهي. ڪجهه سمجهه ۾ نه پيو اچي ته اسين سڀ ڪيڏانهن پيا وڃون؟ ڏارا آهي ئي ڪانه، بس اسين گهلبا پيا وڃون، هڪ عجيب فرسٽريشن جي انڌوڪار ۾.

4 — جمال هڪ گوناگون افسانه نگار آهي. ان تي ڪم ٿيو ئي نه آهي. رتيءَ جيترو به نه. اسان جي سنڌي ڪهاڻيءَ جو حيرت انگيز پايونيئر آهي. پنهنجي ادبي اڳواڻ کي ائين ئي نظر انداز ڪندا رهنداسين ته ايندڙ نسل اسان تي ميار رکندا.

جمال پاڻ ڪهڙي قسم جو ماڻهو هو. جمال جي ڪهاڻين ۾ انرسيلف ڪيترو آهي، اها وڏي کوجنا طلب ڳالهه آهي. انصاف جي ڪرسيءَ تي ويٺل عادل جمال پنهنجي ڪردارن سان ڪيڏو انصاف ڪيو آهي. اهو منظر عام تي اچڻ ضروري آهي. نه فقط جمال پر اسان کي سڄي سنڌي ادب تي روشني وجهڻ گهرجي ۽ جمال ان جي مهاڙ آهي.

5 — جمال تمام سنوٻري مسلمان گهر ۾ پيدا ٿيو. جڏهن جوانيءَ کي پهتو ته سڄي هندوستان ۾ کيس ڪٿي به اسلام نظر نه آيو ۽ ماڻهن رڳو اڄ جيان اسلامي رسمون پئي پوريون ڪيون. جڏهن ته ملڪ ۾ نئون ڪميونسٽ نظريو اچي چڪو هو جيڪو سنڌ جهڙي جاگيرداراڻي سماج ۾ تمام تيزيءَ سان پکڙجي رهيو هو. مشاهدو ماڻيندڙ جمال ۽ سندس پيچي اياز تائين ان لهر ۾ اچي ويا. (آئون پاڻ به



Gul Hayat Institute

انهن مان هڪ آهيان) اصل ڳالهه وياج آهي ۽ وياج خوريءَ کان پاڪ معاشرو. اسلام ۾ وياج خوري ڦبيه گناهه آهي ۽ اسلام ۾ اهو سڀ ڪجهه آهي جيڪو ڪميونزم ۾ آهي، سواءِ خدا جي نالي جي. هڪ مسلمان لاءِ ڪميونزم کان اسلام ڏانهن موٽ کائڻ فطري آهي. روحانيت فرد جو ذاتي معاملو آهي، نه قوميت يا ڪماڻيءَ جو. ڪو ماڻهو جيڪڏهن پنهنجي اصل ڏانهن موٽ کائي ته ڪو ڪبيرو گناهه نه آهي.

❋

شمشير الحيدري

## جمال هڪ سيڪيولر خيال وارو اديب هو

1– ادا سائين! منهنجي خيال ۾ اهو سوال ڪرڻ ئي مناسب ڪونهي، اول ته خود ڪنهن به تخليقڪار کي اها توقع ڪرڻ نه کپي ته سندس اهو قدر ڪيو وڃي، جنهن جو هو حقدار آهي. پيو ته حقداريءَ جي ڪا حد ڪانهي. ٽيون ته قدر هميشه حال ۾ نه، پر ايندڙ وقتن جا ذهن ڪندا آهن. پنهنجي زماني جا تمام مقبول اديب ۽ شاعر، ايندڙ وقت ۾ وسارجي ويا آهن ۽ ڪيترا ئي مثال آهن جن جو ادبين يا شاعرن کي پنهنجي زماني ۾ ليکيو ئي نٿي ويو. اهي اڳتي هلي تمام اهميت وارا ٿي پيا. ان جو سبب هي آهي ته زماني گذرڻ سان ماڻهن جا ذهن وڌيڪ معيار کي پسند ڪن ٿا. سي ايندڙ وقتن ۾ پنهنجي وڏي ويل ذهني معيار موجب تخليق جي پرک ۽ ميچتا به انهيءَ معيار پٽاندڙ ڪندا. سو اهو معاملو حال جو نه پر مستقبل جو آهي، تنهنڪري منهنجي خيال ۾ اها سوچ في الوقت بي معنيٰ آهي.

2– جمال ابڙي جون ئي ڪهاڻيون نه پر مجموعي طرح سنڌي ٻوليءَ جو سمورو افسانوي ادب، اسين پلي عالمي معيار تي اوچو ٻيهاريندا هجون. پر هزارين وڏيون ننڍيون ٻوليون آهن ۽ لکين انهن جا ڪهاڻيڪار آهن. پلان پليءَ جو ڇيهه ئي ڪونهي. اسان سڄيءَ دنيا جو سمورو افسانوي ادب پڙهيو ڪٿي آهي جو اهڙيون فتوائون گهر ويٺي گهڙيندا رهون؟ جمال ابڙي جو درجو تمام وڏو آهي. ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي، پر دنيا جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪنهن ننڍي ۾ ننڍيءَ ٻوليءَ ۾ به اعليٰ ادب پيدا ٿي سگهي ٿو. سو مون جهڙو ڪم علم ماڻهو ان باري ۾ فتوا جاري رکڻ واري حيثيت نٿو رکي.

3– ماڻهو اچن ٿا، ماڻهو وڃن ٿا. قدرت جو ڪارخانو ڪروڙين سالن کان هلندڙ آهي. اهو ڪاروبار ڪڏهن به نه رڪيو آهي، نه گهٽيو آهي، بلڪ قدرت جي تبديليءَ واري نيم پٽاندڙ وڌندو ئي رهيو آهي. غالب چيو آهي ته:

"غالب خسته کي بغير – کون سي کام بند هين ؟"

ايندڙ خال اهي ضرور پريندا جيڪي ايندڙ دور جا نوان ماڻهو هوندا ۽ اهي ئي وقت جون ضرورتون صحيح نموني پوريون ڪندا. ڪمپيوٽر جي دور جون تقاضائون، ڪمپيوٽر واري ذهن جا ماڻهو پريندا. آءُ ان ڳالهه ۾ يقين نٿو رکان ته ڪنهن ماڻهوءَ جي وڃڻ سان وقت بيهي رهندو. البته، هر ڪنهن ماڻهوءَ جو ڪم پنهنجي سگهه جي ڪري، ڪيترو به وقت اڳتي هلي ، زنده رهي سگهي ٿو. شاهه لطيف به سو سالن کان جيئرو آهي ۽ ان جي ڪلام ۾ ايتري سگهه آهي جو اڃا ڪيئين زمانن تائين اهو تازو رهندو.

4 – تمام وڏي ضرورت آهي. هو ٻوليءَ جو ۽ جذبن جو بادشاهه هو. پر ڏک اهو آهي ته اسان وٽ ان قسم جا ادارا نه آهن. شيڪسپيئر تي ڪيئين ادارا آهن. يا يورپ ۾ بين سڌريل ملڪن ۾ ليڪڪن تي انفرادي طرح گهڻيون اڪيڊميون آهن. خود غالب، ٽئگور، نذرالاسلام، اقبال تي ڪيترا ادارا آهن پر اسان وٽ لطيف لاءِ ڪو به ذڪر لائق ڪم ڪرڻ وارو ادارو ڪونهي، جمال لاءِ به ڪو خلاصو ادارو هئڻ کپي.

5– صوفيت سنڌ جو مذهب آهي، سنڌ جو عام ماڻهو به سڌيءَ يا اڻ سڌي طرح صوفي مزاج رکي ٿو. تصوف جا بنياد هتي ترقي پسند مذهبي روين تي رکيل آهن.

جمال هڪ اهڙي اعليٰ علمي خاندان جو فرد هو جنهن جو جديد ادب جي سيڪيولر ڪردار ۾ وڏو حصو آهي. سيڪيولر ازم مطلب، جيئڻ اسين ڄاڻون ٿا، مذهبن کي رد ڪرڻ نه، پر قبول ڪرڻ آهي. جنهن ڪري ان ۾ مذهبي رواداريءَ کي اهميت آهي. اهو ئي مسلڪ صوفين جو آهي. جمال هڪ سيڪيولر خيال وارو، صوفي طريقي جو ماڻهو هو ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي.

❋

آغا سليم

## جمال جو خال هن جي جيئري ئي پيو هو !

Gul Hayat Institute

1 – جمال ابڙي کي ادبي مقام نه گهٽ مليو، نه وڌيڪ مليو. پورو مليو. منهنجي خيال ۾ هن کي وڏو مقام مليو وڏي عزت ملي acknowledgment ملي.

2 – جمال ابڙي جي ڪهاڻي عالمي سطح جي ڪهاڻيءَ جي ڀيٽ ۾ رکي ته سگهجي ٿي، پر اسان جو دور بدلجندو رهي ٿو. ڪوڙا اهڙا فڪر آهن، جيڪي وقت گذرڻ سان بي معنيٰ ٿيندا ٿا وڃن. هو پنهنجي حوالي سان هڪ وڏو رائيٽر هيو پنهنجي ديس جي حوالي سان پنهنجي ادب جي حوالي سان يا ائين چئجي ته ايشيا جي حوالي سان.

3 – جمال ابڙي جو خال ته ان وقت ئي پيدا ٿي ويو هو جنهن وقت هو پاڻ جيئرو هو ڇاڪاڻ جو هن ڪاڻيون لکڻ ڇڏي ڏنيون هيون، ۽ دراصل خال پيدا نه

ٿيندو آ. جيئن غالب جو شعر آهي تہ" غالب خستہ کي بغير ڪون سي ڪام بند هين!" خال پيدا نہ ٿيندو آ. زندگي روان دوان آهي. خال فطرت جي قانون ۾ ئي ناهي.

4 – افسانن تي ڪهڙي تحقيق ٿي سگهي ٿي؟ مان نہ ٿو سمجهان تہ افسانوي ادب تي ڪا تحقيق ٿيندي آ. ان جا فلسفياڻا ڪهڙا پهلو آهن؟ ها باقي جيڪڏهن ڪي وجودي يا absurdity جهڙا فلسفا يا ڪي بيا هجن تہ پوءِ ان تي تحقيق ٿي سگهي ٿي. باقي جمال ڪنهن فلسفي جو پروپيگيٽر تہ نہ هو. هو افسانا لکندو هو. زندگيءَ کي چٽيندو هو. زندگي ڪيئن آهي ۽ ڪيئن هجڻ گهرجي، مان نہ ٿو سمجهان تہ اها (ڪهاڻيون) تحقيق ان حوالي سان ٿي سگهي ٿي تہ جيڪڏهن ڪا ڪهاڻي اهڙي پس منظر مان اچي ٿي جنهن جي اسان کي خبر ناهي.

5 – اهو بيشڪ هڪ وڏو سوال آهي تہ پائي، اياز دهريت واري شاعري ڪئي، يعني:

"ڏرم ڏرم جي ڏوڙ اڏايان – ڦاڙيان پوٿيون پَران!"

هاڻي اها ڳالهہ اهو پيغام ڪنهن نہ ڪنهن ماڻهوءَ تي اثر انداز ٿيو ماڻهن جي سوچ تي اثر انداز ٿيو. هن جي ان شاعريءَ سان ڪجهہ شخصيتون نهيون، انهن ماڻهن جو ڇا ٿيو جن ماڻهن کي هن رڻ ۾ روليو؟ اهو هڪڙو سوال آهي. مان اياز جي ڳالهہ نہ ٿو ڪريان. اسان جي زماني ۾ هڪ چيني فلاسفر لين يوتانگ جو فيشن هيو پڙهڻ. هو ڏاڍو لائيٽ فلاسفر هيو. پر آخر ۾ ريڊرس ڊائجسٽ ۾ هن جي ڪتاب جو ٽائيٽل پڙهيو:

"Back to Christianity" (عيسائيت ڏانهن واپسي) پوءِ اهو ڏسي مون ڪتاب اڇلائي ڇڏيو. مقصد آهي تہ O.K تون تہ هليو وئين عيسائيت ڏي. مون کي تون ڪٿي ڇڏي وئين! مان ڪاڏي وڃان؟ مان جيڪو تنهنجي سوچ ۾ ڦاسي ويو آهيان. اتان مان ڪيئن نڪران؟ سو اهو هڪڙو سوال آهي ۽ آهي بہ قدرتي! زندگي ۽ جون هڪڙيون اسٽيجز آهن. مون ائين محسوس ڪيو آ. گهڻو ڪري اهي سڀ ۾ اچن ٿيون. ڪي ماڻهو آهن جيڪي آخر تائين ائين ئي ٽا رهن. گوتم چوندو هو تہ Being آهي ئي ڪانہ، Becoming آ. يعني ڪا شيءِ وجود ۾ ڪانهي پر وجود ۾ ايندي ٿي رهي. هو چئي پيو تہ هڪ منٽ کان پوءِ توهان اهي هڪ منٽ اڳي وارا نہ آهيو يعني Becoming واري حالت! تہ ماڻهو بہ تہ Becoming واري حالت ۾ آهي، تبديليءَ ۾ آهي. هن جا خيال بہ تبديل ٿيندا رهن ٿا ۽ اها universal ڳالهہ آهي. مان جمال يا اياز جي ڳالهہ نہ ٿو ڪريان. شاعر، اديب پنهنجو پاڻ کي progressive ڪندو رهندو آهي. پنهنجي نفي ڪندو رهندو آهي ۽ اهو نيچرل آهي. چو تہ ماڻهو هڪ هنڌ بيٺل ناهي ۽ جيستائين جمال جي هجڻ واري ڳالهہ آهي تہ هو پوءِ بہ پروگريسو هيو. مذهب بہ پروگريسو آهي، مذهب ڪا رجعت پسند وٿ ناهي. ڏاڙهي رکڻ سان ملان تہ نہ ٿي وڃبو! روپي جي ڳالهہ آهي تہ توهان جو



Gul Hayat Institute

ذهني رويو ڪهڙو آهي! جمال ڏاڍو enlightened مذهبي ماڻهو هيو. جمال بنيادي طور تي اسٽيٽسڪو جو ماڻهو نہ هيو. هن ۾ پنهنجي دور کي پنتي وٺي وڃڻ وارا جراثيم ٿي نہ هئا. هو پروگريسو هيو ۽ آخر تائين رهيو. اهو منهنجو خيال آهي.

*

اعجاز منگي

## سنڌي ادب پاڻ هڪ وڏو خال آهي!

1 – ڏس! ڳالهہ ڪهڙي ادب جي آ؟ سنڌي ادب جي نثر جي ڪا سني تاريخ آهي ئي ڪو نہ. جنهن دور ۾ انهن لکڻ شروع ڪيو جمال ابڙو وارن، ان دور کان اڳ ۾ ڪي سنا سنڌي رائيٽرز هيا ئي ڪو نہ. نثر ۾ توهان وٽ ڪي بہ سنا ناول نگار نہ هئا. باقي هي جيڪي هئا جمال جن They were the pioneers of Sindhi prose ان ڪري انهن جي اها حيثيت آ، پايونيئر (بنياد وجهندڙ) واري، هاڻي پايونيئر جي حيثيت عظيم قديم نہ هوندي آ. ان ڪري جمال کي بہ پايونيئر جي حيثيت ۾ پايونيئر واري نقطہ نظر کان ڏٺو وڃي. اهو ڪو ڊپلوميٽڪ جواب ناهي. مان ڊپلوميسيءَ جي خلاف آهيان. خاص ڪري ادب ۾ ڊپلوميسي تہ ادب لاءِ زهر آ. باقي هو beginners (شروعات ڪندڙن) مان هيو ۽ هڪ نئين شيءِ کي جيڪا موٽ ملڻ گهرجي، اها هن کي صحيح نموني ملي. ان دور ۾ وڏيرن جي خلاف لکڻ هڪ نئون tone هو ۽ هي تنهن دور ۾ اهو ڪجهہ لکندا هئا. اڳ ۾ سنڌي ادب ۾ فارسي زدگي هئي. معنيٰ تہ سنڌي ادب فارسيءَ جي اثر هيٺ هيو ۽ تنهن ادب ۾ جاگيرداريءَ خلاف ڪا شيءِ هئي ئي ڪو نہ. پوءِ جديد روسي ادب جي اثر هيٺ سنڌي ادب لکجڻ شروع ٿيو ۽ خاص ڪري هي جمال وارا انڊيا جي اردو ادب (نثر) مان بہ گهڻو متاثر ٿيا. باقي ڪا خاص ڳالهہ ڪا نہ هئي. جمال ابڙو هڪ سادڙو ماڻهو هئو ۽ مان هن جي سادگيءَ کي پسند ڪريان ٿو.

2 – عالمي ادب جي سنڌي ادب سان ڪا ڀيٽ ٿي ناهي. نہ... نہ... ڪاڏي F-16 ڪاڏي بيل گاڏي!!

سنڌي ادب جي پوريان ڪا فائيٽ ٿي ڪانهي. عالمي ادب وارن وڏيون جنگيون ڪيون هِن. هنن سائنس ۾، فلسفي ۾ ، فڪر ۾ هنن پنهنجون جانيون ڏنيون ان جي رِيِ ايڪشن ۾ جيڪو ادب پيدا ٿيو ان ادب کي توهان ڪيئن هن ادب سان ڀيٽيندؤ؟ هنن چماٽ بہ نہ کاڌي، جنهن ٿورو گهڻو ڀوڳيو. اياز ان کي توهان ڪنهن حد تائين مڙيئي انٽرنيشنل ادب جي سطح تي رکندؤ. لطيف کي ڇڏيو اهو ايڪسيپشنل ڪيس آ. باقي سنڌي ادب ۾ عالمي ادب جي ڀيٽ لاءِ



Gul Hayat Institute

ڪا شيءِ آهي ئي ڪانه. بين الاقوامي سطح تي فقط جمال ابڙو نہ پر توهان جو ڪو بہ سنڌي اديب نہ ٿو اچي.

3 — نہ، نہ. ڪو خال پال نہ آيو آ. اصل ۾ سنڌي ڪهاڻي هڪ دور جي اپار ۾ ٿيندي هئي. هاڻي تہ سني سنڌي ڪهاڻي لکجي ئي ڪا نہ ٿي. هاڻي ڊراما ٿا لکجن. اديب پيسا ٿا ڪمائڻ چاهن ۽ جڏهن بہ ادب جو پيسي ڏانهن لاڙو ٿيو آ تہ ادب ۾ زوال پيدا ٿيو آ. دنيا جو best ادب بنا پيسي لکيو ويو. جيڪو ڪلاسڪ آ، گوگول پيسا ڪو نہ ورتا. ٽالسٽاءِ پيسا ڪو نہ ورتا. پٽائي پيسن لاءِ ڪو نہ لکندو هو. غالب پيسن لاءِ ڪو نہ لکندو هو ۽ غالب جيڪي پيسن لاءِ وظيفا لکيا اهي تہ بيڪار آهن. باقي جيڪا هن جي بهترين شاعري آ، ان جو تہ پيسي سان ڪو واسطو ئي ڪونهي.

باقي جيستائين خال جو سوال آ، تہ سنڌي ادب پاڻ ئي هڪڙو خال آ. جيڪو پرجڻ کپي ۽ جيڪو خال آ، ان ۾ ڇا خال پيدا ٿئي؟! (ڪلندي...)

4 — اهڙي تحقيق، هڪڙي بيهودي تحقيق هوندي آ. جيڪي اديب نہ ٿي سگهندا آهن، اهي اديبن سان پنهنجو نالو شامل ڪرائڻ لاءِ انهن تي تحقيقون ڪندا آهن. شاعريءَ جون ماترائون ڳڻيندا آهن ۽ انهن جا فڪري پهلو اپاريندا آهن. اها بيڪار شيءِ آ. يا تہ وري اهڙيون تحقيقون اهي ماڻهو ڪندا آهن، جن کي سرڪاري ادارن مان ڪجهہ انڪريمينٽون ملن. سنڌي ڊپارٽمينٽ اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪري سنڌي ادب جي تخليقي سگهہ کي نقصان رسايو آ. سنڌي ادارن ۾ جيڪي نيم اديب داخل ٿيا، اهي پنهنجا نام نهاد تحقيقي مقالا لکي اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا. باقي ڇاجي تحقيق؟ تحقيق جي ضرورت گهٽي پٽائيءَ تي آ ۽ ان تي ڪا تحقيق ٿئي ئي ڪا نہ ٿي. ان جي ڪا خبر ئي ڪونهي. ان جي ڪا بايوگرافي ئي ڪو نہ لکي ويئي آ. باقي جمال ابڙو تہ ويچارو پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ سڀ ڪجهہ لکي ويو. ان تي ڇا تحقيق ڪندؤ! نہ هو ڪو سمبالڪ symbolic رائيٽر هيو. جنهن جون تمثيلون، علامتون هجن. هو هڪڙو سمپل قسم جو رائيٽر هيو. ان وقت سنڌي ادب جو پڙهندڙ هڪ پاراٽي ليول تي هيو. ان کي ان قسم جو ادب کپيو پئي ۽ هنن اهو لکيو. پنهي جي ليول هڪ جيتري هئي.

”دونون طرف تي آگ برابر بجهي هوئي “

5 — جمال ابڙو دهريو ڪڏهن هيو. جو آخر ۾ صوفي ٿي ويو؟ هر ماڻهو جيڪو ٿورو گهڻو مسلمان هوندو آ يا پيدائشي مسلمان هوندو آ. ان کي عمر جي آخري حصي ۾ الله ياد ايندو آ ۽ جمال کي تہ الله سدائين ياد هوندو هو. هو هڪڙو مذهبي ماڻهو هيو ڪلچرل ماڻهو هو ۽ ان جي ان حوالي سان پيٽ اياز سان نہ ٿي

Gul Hayat Institute

ڪري سگهجي. اياز جنهن نموني مذهب جي خلاف aggressive ۽ bold شعر لکيا. اهڙي ڪا جمال جي توهان شيءِ پڙهي آ؟

باقي جمال هڪ تمام سٺو ماڻهو هو. گلاخور نه هو ڪرپٽ ماڻهو نه هو. He was a very good man, very good friend, and father. توهان جمال جو اهو پهلو ڇو نه ٿا ڪڍو ته هو ڪيڏو سٺو ماڻهو هو. اهو پهلو ته ادب ۾ به تمام سٺا ماڻهو ٿي سگهن ٿا. اديب اڪثر خراب ماڻهو هوندا آهن. اديب يا چريو يا چالاڪ. هي هڪ پهريون بيلنسڊ قسم جو ماڻهو هيو. هي هڪ شريف، پنهنجي اولاد سان پيار ڪرڻ وارو، پنهنجي گهر جو خيال ڪرڻ وارو. پنهنجي نوڪريءَ کي عبادت وانگر ڪرڻ وارو. مان هن جي آتم ڪهاڻي پڙهي ته حيران ٿي ويس. هن سئي سڀ جو به حساب رکيو زندگيءَ ۾. جمال پنهنجي فطرت ۾ ترقي پسند هو ۽ اها وڏي خوبي آ. هڪ ماڻهو فقط فڪري ترقي پسند هجي، اها هڪ ٽڪي جي ڳالهه آ ۽ هي ماڻهو فطري طور تي ترقي پسند ماڻهو هو. هن پنهنجي پٽ کي پالٽڪس کان نه روڪيو. توڙي جو هن جي پٽ تي بغاوت جو ڪيس هليو. پر هن پنهنجي پٽ کي ڊِس اون نه ڪيو. هو تمام بهترين پيءُ هيو دوست هيو سنڌي هيو. هن ايم آر ڊي مووومينٽ تي هڪ تحقيق ڪئي، جيڪا ڪنهن صحافيءَ به نه ڪئي ته ڪيتريون casualties ٿيون، ڪيترا جلسا ٿيا. هن جا چڱا پهلو ڪڍو. توهان ان جا ڪمزور پهلو ڪڍي آيا آهيو. بحيثيت اديب هو هڪ ڪمزور اديب هيو ۽ اها ڪا وڏي ڳالهه ڪونهي. ڇا ٿي پيو؟ اديب طاقتور هجي، ماڻهو ڪنو هجي ته پوءِ ڇا ڪبو؟ ادب هن جو شوق هو. هن شهرت لاءِ ڪو نه لکيو هو فنڪشن تي نه ويندو هو. هن جون گهٽ ۾ گهٽ تصويرون آهن ۽ ادبي معاشقا ڪرڻ، ايڪسپلائٽ ڪرڻ، ادب جي چار ۾ ڇوريون ڦاسائڻ .... He never did any thing like this. هن جي جيتري عزت افزائي ۽ قدرداني ٿي سگهي پئي، اوتري، ان جي زندگيءَ ۾ ٿي ان تائين پهتي. باقاعدي تنقيدي عمل جو نه هئڻ هڪ الميو آهي ئي. پر تنهن هوندي به جمال کي اها ميڙتا پوري طرح ملي.

2 — عالمي سطح جهڙو ڪو اصطلاح ادب ۾ آهي ئي ڪو نه. باقي جمال ابڙي جي ڪهاڻي ڪامياب ڪهاڻي آهي، جيڪا سنڌي پڙهندڙ کي ڇهي ٿي. ان جو قد سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي حوالي سان ٿي طئي ٿيندو ۽ ان ۾ جمال جي ڪهاڻي سنڌي نثر جو شاهڪار آهي. منهنجي راءِ ۾ هن جي ڪهاڻي 'سينڌ'سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ڪهاڻيءَ جي شاگردن ۽ سيکڙاٽن لاءِ لازمي سبق وانگر رکڻ گهرجي.

3 — جمال ڪوڙ عرصي کان لکڻ خاص طور سنڌي ڪهاڻي لکڻ ڇڏي ڏني هئي، ان ڪري هن جي وفات سان ڪو به خال پيدا نه ٿيو آهي. جمال جي ڪهاڻيءَ کان اثر وٺندڙ هڪ ٿهي پيدا ٿي چڪي آهي ۽ مجموعي طور اها ٿهي نئين

سڄاڻپ جي جاکوڙ ۾ رڌل آهي. جمال پنهنجي ڪهاڻيءَ کي فطري طور ڏهہ پندرهن سال اڳ ئي فل اسٽاپ ڏئي چڪو هئو.

4– تحقيق جي ضرورت مجموعي طور موجود آهي، باضابطہ تنقيد ۽ تحقيق جديد شاعري ۽ ڪهاڻيءَ جي حوالي سان ٿي ئي ڪانہ آهي.

5– جمال جي فڪر ۾ ڪنهن بہ قسم جي شفٽ ڪا نہ آئي، هو شروع کان ئي صوفي مذهبي فڪر رکندڙ هو ۽ معاشرتي طور تي مذهبي تنگ نظري، انا، ناانصافي ۽ وڏيرا شاهيءَ جي خلاف هئو. ان ڪري اهڙيون سياسي ڌريون جيڪي معاشرتي تبديليءَ لاءِ وڙهنديون هيون، انهن جو ادبي فرنٽ تي ساٿاري هئو. شيخ اياز جي آتم ڪهاڻي ۽ جمال جي پنهنجي آتم ڪهاڻي ان جون شاهد آهن. صرف اهو ٿيو جو رٽائرمنٽ کان پوءِ هن ڏاڙهي وڌائي، اها هن جي فڪري شفٽ ڪا نہ هئي، ان ڪري ان حوالي سان هو ڪڏهن بہ متنازعہ نہ هيو.

٭

غفور ميمڻ

## جمال گهڻ رخو ڪهاڻيڪار هو

1 – سنڌ جي سطح تي تہ اهو حق مليو پر جمال اڻڙو صرف قومي ڪهاڻيڪار نہ هو. اسان بين الاقوامي سطح جون جيڪي بہ ڪهاڻيون پڙهيون آهن مثال: چيخوف، گورڪي، موپاسان، البرٽ موراويا، ڪاميو وغيره تہ انهن جو فن ۽ فڪر جنهن معيار جو هيو جمال جي ڪهاڻين جو فڪر ۽ فن بہ انهيءَ سطح کان گهٽ نہ هو. تنهن ڪري جمال کي عالمي سطح تي ترجمو ڪري پهچايو وڃي ها ۽ بين الاقوامي طور جمال جي سڃاڻپ هئڻ گهرجي ها.

2 – جمال گهڻ رخو ڪهاڻيڪار هو. سندس ڪهاڻيءَ جي پيشڪش حواسن تي ڇانئجي ويندي هئي. خاص طور سان 'پيراڻي'، 'خميسي جو ڪوٽ'، ڪهاڻيون فڪري حوالي سان سگهاريون ڪهاڻيون آهن. موجوده سماج، فطرت ۽ انسان جي وجود جو هئڻ ئي هڪ وڏو چئلينج آهي، مٿان وري معاشي نظام جا الميا انسان کي ڪهڙا هاڃا ٿا رسائين، انهيءَ فڪر کي ڪهاڻيءَ ۾ ڪيئن پيش ڪجي؟ اهو فن تہ جمال جو اعليٰ آهي. انهيءَ ڪري عالمي سطح-تي جمال جي ڪهاڻي مقابلي جي آهي پر وري بہ مسئلو اهو ئي آهي تہ اسان سنڌي ادب کي عالمي سطح تي پهچائي نہ سگهيا آهيون.

3 – جمال هڪ دور جي پيداوار هو. سنڌ جو اهو سڄاڳيءَ وارو دور هو جنهن ۾ سنڌي قوم پنهنجي وجود کي معنيٰ بخشي ۽ پنهنجي جياپي کي سگهہ



Gul Hayat Institute

ڏني. انهيءَ دور جا اديب شاعر خوشنصيب هئا. جن جيڪو لکيو اهو انهيءَ دور جي ضرورت هئي. ماڻهو آتا هئا ته ڪجهه به موجوده فڪر ڪي هتي ڏيڻ لاءِ ملي. سياستدان انهيءَ فڪر ۽ ادب مان پيدا ٿيا تي ۽ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ فڪري طور وحدت هئي. قوم اجتماعي طور هڪ نفسياتي ساخت ۾ جڙي رهي هئي. انهيءَ دور جي ليڪڪ جون لکڻيون ضايع نه ٿينديون هيون. هڪ به ڪماڻي يا شعر سجاڳپ بنجي ويندو هو. اهو هڪ دور هو جيڪو 1985ع کان پوءِ بلڪل ختم تي ويو ان کان پوءِ فڪر بدليو دور بدليو ۽ سجاڳپ وارا ساچاهه وند ليکڪ به وري اهڙو نه لکي سگهيا. خود جمال ابڙو شخصي جسماني طور هاڻي اسان وٽان ويو آهي پر اهو جمال ابڙو جنهن کي اسان سڃاڻون ٿا اهو ته ڪڏهوڪو اسان وٽان هليو ويو هو. تنهن ڪري هڪ دور ختم ٿيو. ٻيو دور شروع ٿيو ڪو به خال نه ٿيو نه خال رهندو. ها اسان ماضي واري دور کي ادب جو سنهري دور چئي سگهون ٿا.

4 – مان سمجهان ٿو تحقيق ته هر ليکڪ تي ٿيڻ کپي. انگريز ڪتن ٻلن جيتن جڻن تي به تحقيق ڪن ٿا. اسان وٽ اهو رواج گهٽ آهي. هاڻي ته ڪير پڙهي ئي ڪو نه ٿو پڙهڻ جو رواج ئي ختم ٿيندو وڃي. سينئر هجي يا جونيئر پڙهائي ڪو نه ٿو ڪري. تحقيق وري ڪٿان ٿيندي؟ اسان هڪ وڏي بحراني دور مان گذرون پيا. جيتريون جديد سهولتون آهن اوترو اسان پوئتي. مان حيران آهيان ته اڃا دائود پوٽي ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي پي ايڇ ڊي جي ٿيسز سنڌيءَ ۾ ڪانه ڇپي آهي. اسان وٽ سرڪاري ادارا ته لولا لنگڙا آهن پر نجي ادارن يا شخصن وٽ تحقيق جو رواج گهٽ آهي.

5 – جمال ابڙو هجي يا شيخ اياز انهن ڪڏهن به اها دعويٰ نه ڪئي ته هو ڪميونسٽ آهن يا اٿيسٽ آهن. بس هو انسان دوست هئا. اسان کي سٺا تي لڳا. در اصل هو ان وقت به صوفي هئا پر صوفي مت سندن ذات تائين محدود هئي. اسان کي هو صوفي مت جو اهو پهلو ڏيکاريندا هئا. جيڪو اسان کي پلو لڳندو هو ڇو ته اسان مارڪسسٽ هئاسين. ان ڪري ڪين ڪميونسٽ پارٽيءَ جا سمجهندا هئاسين. پر ائين نه هو. اسان جو دور بدليو ڪميونسٽ نظريو بحران مان گذريو ته جمال ابڙي وٽ ته صوفي مت هو هنن انهيءَ ۾ پناهه وٺي پاڻ کي مايوسيءَ کان بچايو. ٻيو ته نظرياتي رومانس جي هڪ عمر هوندي آهي ۽ جڏهن به رومانس ٽٽندو آهي ته ماڻهو وري مذهب ۾ ڏاهو ۽ عالم آهي ته صوفي مت ۾ سنڌ کان ٻاهر وجوديت ۾ پناهه وٺندو آهي. هونءَ به جينئس ماڻهو زياده دير نظرياتي رومانس ۾ رهي نه سگهندو آهي. ما بعد الطبعياتي سوالن جي هورا کورا وجود ۽ ڪائنات جا اڻ کٽ سوال زندگي ۽ موت جا مامرا ڪيس نانجهو ڪري وجهندا آهن ۽ آخر پريشان ٿي چوندو آهي:

"الا ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن".

امير ابڙو

# جمال ابڙو هڪ عملي انسان هو

1 – پهرين ڳالهہ تہ ادب انساني ڪيفيتن جي اظهار جو نالو آهي. جيڪو هر آرٽسٽ پنهنجي پنهنجي روپ ۾ ۽ پنهنجي پنهنجي انداز سان منتقل ڪندو آهي ۽ انساني ڪيفيتون ڪنهن مقام جون محتاج نہ هونديون آهن، جو اهو چئجي تہ شاهہ لطيف ڪي، گارشيا مارڪيز ڪي، وليم بليڪ ڪي، والٽ وٽمين ڪي، شيخ اياز ڪي يا جمال ابڙي ڪي مقام جي ڪنهن ترازيءَ ۾ توري سگهجي. ادب تہ سچ جو هڪ اظهار آهي. سچ جيڪو خود نسبتي آهي، هر ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي زاويي کان ڏسڻ جي عادت هوندي آهي. جمال ابڙي پڻ سچ کي پنهنجي زاويي کان ڏٺو ۽ ڪهاڻيءَ کي پنهنجي اظهار جو روپ ناهيو. هن جي ڪهاڻين جي انفراديت، ٻولي ۽ ڪردارن جي پنهنجائپ اصلي روپ ۾ پڙهندڙ جي آڏو آئي ۽ اهڙي ڀرپور اظهار پڙهندڙ تي هڪ انتهائي پرزور اثر ڇڏيو. مان جمال ابڙي جي لاءِ اهو قطعي نہ چئي سگهندس تہ ڪيس پنهنجو ادبي مقام مليو يا نہ. اهڙا فيصلا ماضي، حال ۽ مستقبل کي ذهن ۾ رکي ڪري سگهبا آهن. جڏهن تہ مستقبل اڃا اسان نہ ڏٺو آهي، جنهن ۾ جمال ابڙي جون ڪهاڻيون مختلف نسلن تائين پهچنديون ۽ سندس آرٽ کي ماڻهن تائين پهچائينديون.

2 – چاڪاڻ تہ جمال ابڙو ورهاڱي کان اڳ کان وٺي 70 جي ڏهاڪي تائين جو ڪهاڻيڪار هو جمال ابڙي جي وفات سان سنڌي ڪهاڻيءَ جي خال جو خاص تعلق ڪونهي، چاڪاڻ تہ هن پڻ پوين ويهن سالن کان ڪا بہ ڪهاڻي ڪا نہ لکي هئي تنهنڪري انهيءَ کي اڄ جي بين الاقوامي ڪهاڻيءَ سان ڀيٽڻ مشڪل ٿيندو. ها البتہ ان وقت جا جيڪي ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار هئا انهن سان سندس ڪهاڻين کي يقيناً ڀيٽي سگهجي ٿو. جيئن منشي پريم چند، سعادت حسن منٽو ڪرشن چندر، راجندر سنگهہ بيدي، بلونت سنگهہ. شيخ اياز سوڀو گيانچنداڻي ۽ ٻيا ڪيترائي ڪهاڻيڪار ان دور جا گهڻو پڙهيا ويندڙ ڪهاڻيڪار هئا. جمال ابڙي جي ڪهاڻين ۾ ڊرامي وانگر جيئن اصلوڪي ٻوليءَ ۾ ڪردارن کان مڪالما چورايا ويا، اهڙي رواني‌ءَ سان لکيل ڪهاڻي مٿين ڪهاڻيڪارن مان مون کي صرف منٽوءَ ۾ نظر آئي. جمال ابڙي جا ڪردار سمجهوتو نہ ڪندڙ سنڌي سماج جا باغي ڪردار آهن. جيڪي سماج جي جڙتو روايتي مذهبي قدرن کي ٽوڙيندي هڪ ٽڪ ۾ پنهنجو سفر طئي ڪندا آهن. اهڙن ڪردارن انهيءَ زماني جي سنڌي سماج ۾ ڇرپر پيدا ڪئي. سندس اهڙن ڪردارن پڙهندڙ تي ۽ سندس دوستيءَ جي حلقي تي ڀرپور اثر ان ڪري بہ ڇڏيو جو جمال ابڙو خود بہ هڪ عملي انسان



Gul Hayat Institute

هو. سنڌي ڪهاڻي يا سنڌيءَ جو ڪو بہ آرٽ ٻين ٻولين ۾ تمام گهڻ ترجمو ٿئي ٿو. اهي ڪهاڻيون اليڪٽرانڪ ميڊيا جي مختلف شڪلين ۾ جيڪڏهن دنيا جي آڏو اچن تہ انهن جي پيشڪش ۾ ليکڪ جو اصلوڪو آرٽ پڻ ظاهر ٿئي تہ پوءِ عالمي سطح تائين هن ڪهاڻيءَ جي مڃتا لازمي آهي.

3 — جمال ابڙي جي وفات سان سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ ۾ هڪ تمام وڏو خال پيدا ٿيو آهي جنهن کي پرڻ جا ڪي بہ امڪان نظر نہ ٿا اچن. سنڌي مختصر ڪهاڻي پنهنجي آرٽ ۾ مختلف رنگن سان ظاهر ٿيندي رهي ٿي پر انهيءَ ۾ اهي قدر ڪهڙي بہ طرح سان ظاهر نہ ٿيا آهن جو اها ڪهاڻي ڪنهن گهري سياسي سوچ رکندڙ پيماني تي لهي سگهي. سنڌي مختصر ڪهاڻي ون يونٽ جي دور ۾ قوم پرستيءَ جي رومانس ۾ هڪ ابلاغ پيدا ڪيو ۽ ان کان پوءِ خاموش ٿي ويئي. ها البتہ مختلف ڪهاڻيڪار جهڙوڪ رحمت الله ماڃوٺي، جان خاصخيلي، امر لغاري، طارق قريشي، انور ابڙي ۽ ٻين ڪيترن ئي پاڻيءَ ۾ پٿر اڇلايا آهن. هن وقت ڏکڻ ايشيا جي سيني ملڪن ۾ افسانوي ادب جي لحاظ کان گهٽي پرپور ڪاوش ٿئي ئي ڪا نہ پئي، سنڌي ڪهاڻي بہ ان جمود جو شڪار آهي. جمال ابڙي جي وفات سان سنڌي ڪهاڻيءَ جي خال جو خاص تعلق ڪونهي ڇاڪاڻ تہ هن پڻ پوين ويهن سالن کان ڪا بہ ڪهاڻي ڪا نہ لکي هئي.

4 — هن جي لکيل نثر تي تمام گهڻي ڪم جي ضرورت آهي. هو تمام وڏو تخليقڪار هو ۽ فطري انداز جو ليکڪ هو. هن جي لکيل آتم ڪٿا جيڪا هن معذور هٿن سان لکي، اها پورو سچ آهي. ان ۾ واڪيون ڪيل حقيقتون سنڌي سماج جي ادب، سياست، ثقافت ۽ ڪاروبار سان لاڳاپيل ڳالهيون آهن، جن جي پس منظر ۾ سنڌ جي دانشورن کي لکڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ جڏهن هڪ تخليقڪار رسمن روايتن ۽ لالچن جون سلاخون پچي سچ جي گهوڙي تي سوار ٿيندو آهي، تڏهن هن جي گهوڙي کي ڪا بہ ڪاهي، ڪا بہ گولي ۽ ڪو بہ ڏمر ڪيرائي نہ سگهندو آهي. اهو سچ جنهن بدعنوان سماج مان نڪري نروار ٿي هڪ آرٽسٽ جي قلم ۾ اچي ٿو تہ ان جي پس منظر کي ڏسڻ جي ۽ تجزيو ڪرڻ جي ضرورت آهي. انهيءَ سلسلي ۾ اڪيڊميون قائم ٿي سگهن ٿيون. سنڌ ۾ موجود مختلف ادبي ۽ ثقافتي ادارا صحيح رخ ۾ نہ وڃي رهيا آهن. هنن تمام وڏن شاعرن، نثر نويسن، موسيقارن، مصورن ۽ ٻين آرٽسٽن جي تخليق کي ايڪسپلور ڪرڻ جي ڪا بہ ذڪر جوڳي ڪوشش نہ ڪئي آهي. جمال ابڙو بہ بدر ابڙي جي تحقيق ۽ سروي کان پوءِ ڪجهہ ئي سالن ۾ اڻين ئي پراڻن ڪتابن جيان سنڌ جي باقي بچيل بڪ اسٽالن تي نظر ايندو.

5 — ٻيهرين ڳالهہ تہ سنڌ ۾ صوفي ازم هاڻ هڪ اسٽامپ وانگر ماڻهو پنهنجي کيسي ۾ کڻي هلن ٿا ۽ هر گفتگو ڪندڙ کي اها اسٽامپ ڏين ٿا تہ هو



Gul Hayat Institute

متائنس هٽي ۽ ڪيس صوفي قرار ڏي. صوفي ازم جو فلسفو ڪو مڪمل مڪتبہ فڪر نٿو رکي البتہ سنڌ ۾ ڪيترن ئي پلوڙ شاعرن ۽ زندگيءَ کي ڳوڙهي نظر ڏسندڙ آرٽسٽن کي ماڊرن دور جي پڙهندڙ صوفين جو نالو ڏئي ان ۾ هڪڙو escape ڳولهيو آهي. اهو بحث تمام وڏو آهي پر مختصراً آئون اهو ٻڌايان تہ شاهہ لطيف کي پڻ هر مڪتبہ فڪر جو ماڻهو پنهنجي نقطئہ نگاهہ سان ڏسي ٿو جڏهن تہ شاهہ لطيف جي سچي شاعري قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ ٽيل آهي. جمال ابڙو پڻ هڪ بهترين مسلمان هو. فطرتي طور تي هن جي شخصيت ۽ لکڻين ۾ اهڙيون پروقار خاصيتون هيون جيڪي هڪ سني مسلمان ۾ هجڻ گهرجن. جيڪڏهن هن ڪنهن ڪنهن جڳهہ تي دنيا جي هر مذهب جي ماڻهوءَ سان سنو هلڻ جي تلقين ڪئي آهي تہ ان جو مقصد اهو ناهي تہ هن کي صوفي ڪوٺي ماڊرن سنڌي ان جي ڪهاڻين ۽ ان جي عمل مان پڻ هڪ escape ڳولهي.

*

بدر ابڙو

## جمال ابڙو فرمائشي ليکڪ ڪو نہ هو

1 – مان سمجهان ٿو تہ جمال ابڙي کي اوترو مليو جنهن جو هو حقدار هو. نہ ان کان گهٽ مليو نہ ان کان وڌيڪ مليو. اها وڏي ڳالهہ آهي تہ ان کي اها جاءِ ان جي زندگيءَ ۾ ملي. اياز کان سواءِ ڪن ٿورن ماڻهن کي اها recognition ملي.

2 – ان دور ۾ جيڪي بہ شارٽ اسٽوريءَ جا معيار هئا يا آهن، انهن ۾ جيڪڏهن آئون چيخوف، منٽو ڪرشن چندر کي سامهون رکان ٿو تہ مون کي ڄمال ابڙي جون ڪهاڻيون ان ئي پايي جون نظر اچن ٿيون. آئون ائين ڪو نہ ٿو چوان تہ ان پايي جون ڪهاڻيون ٻين سنڌي اديبن نہ لکيون، اسان وٽ ٻيا بہ ڪهاڻيڪار ان معيار جا ٿي گذريا آهن پر جمال ابڙي کي سندس لکڻ جو فن ٻين کان منفرد بڻائي ٿو جنهن ۾ هو ننڍين ننڍين جملن سان تمام وڏي ڪهاڻيءَ کي يا تمام وڏي ڪينواس کي مختصر اکرن ۾ بيان ڪري وجهي ٿو.

2 – ماڻهو ان غلط فهميءَ ۾ آهن تہ جمال ابڙي لکڻ ڇڏي ڏنو هو. هن جيڪي آتم ڪٿا جا پنج جلد لکيا انهن ۾ بيشمار ڪهاڻيون آهن، جن ۾ جيئرا جاڳندا ڪردار آهن. اهي بہ 'پشو پاشا' جيان شاهڪار آهن ۽ ڪنهن جي وچڻ يا اچڻ سان کي خال پيدا ناهن ٿيندا، نہ پربا آهن. هر ڪو ماڻهو پنهنجي حصي جو ڪم ڪندو آهي. جمال ابڙي کي جيڪو contribute ڪرڻو هو. هن اهو ڪيو ۽ ان جي ڪنٽريبيوشن سان ٻين اديبن تي جيڪو اثر پوڻو هو اهو پيو يا پوندو رهندو.

3 – جمال جون ڪهاڻيون اهڙيون ناهن جو انهن ۾ ست اندريون ۽ ست ٻاهريون معنائون هجن. جيئن شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ چوندا آهن. جمال ابڙي جي ڪهاڻين ۾ direct communication آهي. هن جيڪي ڪميونيڪٽ ڪرائڻ چاهيو آهي، اهو ئي ڪميونيڪيٽ ٿيو آهي. ان ڪري ئي اهي ڪهاڻيون ۽ ان جا ڪردار اوترا نج ۽ طاقتور نظر اچن ٿا. جمال ابڙي جي لکڻ جي انداز کي، ان جي لفظن جي چونڊ کي، گرامر جي استعمال جو ڪو خاص پيمانو ڳولهڻ جي ڪوشش ڪري سگهجي ٿي. يا ان جي ڪردارن، جيڪي گهڻو ڪري اصلي آهن، موجود رهيا آهن، پيراڻي، خميسو يا ڪاري پاٽيءَ جو عرس، اهي سڀ موجود ڪردار آهن. اهي ڪير هئا اها ڳولا ڪري سگهجي ٿي پر اها ڳولا ايتري اهم ناهي. توهان پيراڻيءَ کي ڳولهي ڇا ڪندا؟ اهو ادب ۾ ايترو اهم ناهي.

5 – شيخ اياز ۽ جمال ابڙو ڪي فرمائشي ليکڪ يا اديب ڪو نه هئا. هو اندر ۾ ڇا آهن؟ انهيءَ سان ٻئي ماڻهوءَ جو واسطو نه هئڻ کپي. جڏهن توهان انهن جا لفظ نه ٿا سمجهي سگهو ته پوءِ توهان انهن جي روح کي سمجهڻ ۾ ڪيئن ڪامياب ٿيندؤ؟ هو ترقي پسند هئا، سچي عمر ملحد ڪو نه هئا. جيڪڏهن ڪو ان غلط فهميءَ ۾ آهي ته پوءِ هُو هڪ ڀيرو وري شيخ اياز ۽ جمال ابڙي کي پهرين ڏينهن کان غور سان پڙهي. جيڪڏهن هنن جي تحريرن کي ڪو سمجهي نه سگهيو آهي ته ان ۾ انهن ليکڪن جو ڪو ڏوهه ڪونهي. هو شروع کان آخر تائين ترقي پسند رهيا.

جمال ابڙو مڪمل سنڌ دوست، انسان دوست، خدا پرست، رحمدل، شفيق، ماڻهو هو. جنهن پنهنجين تحريرن ۾ بار بار اهي ئي ڳالهيون ورجايون آهن. توهان اهي ڪتاب هڪ ڀيرو وري پڙهي ته ڏسو! ٻين جي راءِ تي ڀاڙڻ کان سواءِ پنهنجي راءِ قائم ڪيو. هن جي ڳالهه صحيح لڳي ته قبول ڪريو يا نه لڳي ته رد ڪريو. زور زبردستي ناهي. ڪي ماڻهو آخر ڪهڙي ڳالهه تي ۽ ڇو ٿا حسد ڪن؟ مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي. جيڪڏهن ڪنهن کي عوام وٽان محبتون ملن ٿيون ته ان ۾ ارهو ڇو ٿجي؟ اها ته ماڻهن جي مرضي آهي، جنهن جي جهول ۾ گل وجهن! ۽ ڪو به ماڻهو محبتون بندوق جي زور تي نه ٿو حاصل ڪري سگهي!

*

رئوف نظاماڻي

## جمال ابڙي لکڻ ڇڏي ڏنو هو!

1 – ڪنهن به شارٽ اسٽوري رائيٽر جي قد بت جو اندازو ان مان نه لڳائبو آهي ته ان گهڻيون شارٽ اسٽوريون لکيون آهن يا گهٽ لکيو آهن. ڇاڪاڻ ته



Gul Hayat Institute

تمام گھڻو لکڻ وارا رائيٽر جيئن اردوءَ ۾ هاڻي ابن صفيءَ جو هر آئي ڏينهن ڪو ڪتاب مارڪيٽ ۾ ايندو آهي، يا اهڙا گھڻا ماڻهو آهن، جيڪي مشين وانگر پيا لکندا آهن، پر انهن جي ڪا بہ لکڻي ڪو اثر نہ ڇڏيندي آهي ۽ توهان کي اهڙا بہ ڪوڙ رائيٽر ملندا جن تمام ٿورو لکيو آهي پر اهو انهن جو لکڻ ايترو امر آهي جو ان جي گونج صديون گذرڻ کان پوءِ بہ توهان ٻڌي سگھو ٿا. ان حوالي سان جمال ابڙي جو گھٽ لکڻ ان جي ننڍي يا وڏي ليکڪ هجڻ جو ثبوت ناهي: اسان کي ڏسڻو اهو پوندو تہ ان لکيو ڇاهي؟ ان جو هڪ ڪتاب، جنهن ۾ خاص ڪري بہ ٽي ڪهاڻيون، جن ۾ 'پيراڻي' يا 'پشو پاشا' پنهنجي جاءِ تي ٽرينڊ سيٽر ڪهاڻيون آهن ۽ ان ٽرينڊ سيٽ ڪرڻ جي حوالي سان، جيڪا شارٽ اسٽوريءَ جي تخليقي سگھہ آهي، جيڪا اسان کي چيخوف ۾ نسيم کرل ۾، سعادت حسن منٽوءَ ۾ ڪرشن چندر ۾ ملي ٿي. اها اتي ختم ٿئي ٿي جتي ماڻهو پڙهندڙ سوچي ٿو تہ هاڻي مون کي ڪرڻو ڇاهي! اهي ايڪشن اوريئنٽڊ ڪهاڻيون آهن. ان حوالي سان جمال جون ٿوريون ڪهاڻيون بہ اٿين ئي آهن، ۽ جمال شارٽ اسٽوريءَ ۾ خاص ڪري سنڌيءَ ۾ اهو مقام لهڻي جيڪو اسان هن کي ڏيون ٿا.

2 – ڪمپيٽر (پيٽ) نٿو ڪري سگھي. ڇو تہ جمال جي ڪهاڻي پڙهڻ وقت توهان هتان جي صورتحال کي ڏسندا. توهان اهو نہ ڏسندا تہ ان وقت دوستو وسڪي ڇا پيو لکي، چيخوف ڇا پيو لکي، ژان پال سارتر ڇا پيو لکي، ڪمپيٽر جيڪڏهن ڪندءُ تہ اهو بہ ڏسڻو پوندو تہ اسان جي معاشري جي جيڪا انٽليڪچوئل اپروچ آهي، اها ڪتي بيٺل هئي؟ اسان جي معاشري جون جيڪي ضرورتون هيون يا جيڪي اسان جون سماجي ضرورتون هيون، اُن جي requirement ڇا هئي؟ تہ انهيءَ حوالي سان جمال انهيءَ سڄي سٽ جو حصو هيو. جنهن جي بنياد تي سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ پنهنجي عمارت ناهي. باقي عالمي ليول جي جيستائين ڳالهہ آهي تہ جمال ڪافي ڪجهہ نہ لکيو آ. جمال جو هڪ ڪهاڻين جو ڪتاب ۽ ڪجهہ آتم ڪهاڻيءَ جا جلد آهن. ان ڪري مون کي ڪجهہ هڇڪچاهٽ ٿي ٿئي تہ اسان ان کي عالمي ليول تي بيهاري سگھون ٿا يا نہ!

اسان وٽ نعري بازي تمام گھڻي ٿيندي آهي. اسان يا تہ پنهنجن ليکڪن کي تمام گھڻو وڏائي پيش ڪندا آهيون يا وري انهن کي ڪيرائي وجهندا آهيون. پر منهنجي خيال ۾ جمال سنڌي ادب ۾ تہ اهو مقام لهڻي ٿو جيڪو اسان هن کي ڏيون ٿا. باقي عالمي سطح جي حوالي سان اهو پيٽ جي قابل ناهي. جمال کي ان عالمي سطح تائين پهچڻ لاءِ گھڻو ڪجهہ ڪرڻو لکڻو هيو جيڪو نہ ٿي سگھيو.

3 – جمال کي شارٽ اسٽوري ڇڏيندي شايد تقريبن ٽيهہ چاليهہ سال ٿي ويا هئا، تہ اهو خال ان وقت ئي شروع ٿي پيو هو جنهن وقت هن لکڻ ڇڏي ڏنو هو ڇو تہ

ليکڪ فقط هڪ ماڻهو نہ هوندو آهي، پر اهو گڏوگڏ هڪ سوچ هوندو آ، هڪڙو فڪر هوندو آ ۽ هو پنهنجي تحرير جي حوالي سان سچاتو ويندو آ تہ ان حوالي سان جمال جي زندگيءَ ۾ بہ هن کي ماضيءَ جي ليکڪ جي حوالي سان ياد ڪيو ويندو هو... تہ منهنجي خيال ۾ اهو خال هيو ئي ڪو نہ جنهن کي اسان پرڻ جي ڳالهہ تا ڪريون.

4 — منهنجي خيال ۾ PhD تيسز تي سگهي ٿو. اياز تي بہ ٿي سگهي ٿو ۽ جمال تي بہ ٿي سگهي ٿو ڇو تہ شين جو مقدار اهو طئي ناهي ڪندو تہ ليکڪ جي حيثيت ڇاهي! پر ان جي لکڻين ۾ جيڪا خاصيت ۽ گهرائي آهي، اها ئي ان جو فيصلو ڪندي آهي ۽ جمال جي شخصيت سنڌ ۾ هڪ حوالي سان نمائنده شخصيت رهي آهي.

هن جي آتم ڪهاڻيءَ ۾ تہ ڪوڙ اهڙيون شيون آهن. مثال طور ان جو صوفي ازم ڏانهن لاڙو ان تي تنقيدي حوالي سان گهٽو ڪم ڪري سگهجي ٿو. مان سمجهان ٿو تہ جمال جو جيڪو آتم ڪهاڻيءَ وارو ڪم آ، اهو ان جي شارٽ اسٽوريءَ کان گهٽو هيٺ آهي. ان جو اهو معيار ناهي. ڇو تہ تخليق هڪ مستقل عمل آهي، جيڪو ماڻهوءَ جي من جو خال پري ٿو. پوءِ جڏهن ڪو ليکڪ تخليق ڇڏي ٿو ڏئي تہ ان سان ان جي سوچ جا جيڪي لاڙا آهن، اهي پنهنجا رستا مٽائين ٿا. تخليق نہ ٿيڻ جي صورت ۾ اها پنهنجو رستو بدلائي ٿي ڇڏي ۽ اها تخليقي قوت آهستي آهستي گهٽجندي ٿي وڃي. باقي تعريفي نہ پر تنقيدي ڪم بہ ٿيڻ گهرجي. اسان پنهنجي شخصيت کي پوڄيون ڇو پيا؟ اسان کي آئنده نسل کي اهو بہ ٻڌائڻو پوندو تہ اياز اسان جو همعصر هو جمال اسان جو همعصر هو. هو پنهنجي جاءِ تي وڏا ليکڪ هئا. پر هو بہ آخر ڪار انسان هيا. شايد ادريس جتوئي بہ جمال تي ڪو اهڙو عقيدت وارو ڪم ڪنهن مئگزين ۾ ڇپايو بہ هو. پر اهو هڪ طرفو هو. منهنجي خيال ۾ ڪم ٿيڻ گهرجي ۽ گهڻ طرفو ٿيڻ گهرجي.

5 — شخصيت جو هڪ سفر ٿيندو آ ۽ شخصيت پنهنجي ماحول کان ڪٽيل نہ هوندي آ پر ان جو ئي حصو هوندي آ ۽ ان کي ئي رفليڪٽ ڪندي آ. جمال پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ لکيو آهي تہ هو ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميمبر نہ هوندي بہ هر ڪم جڻ تہ انهن جي مشوري سان ئي ڪندو هو. تہ ان حوالي سان هُو انهن سان لاڳاپيل ۽ ايڪٽوِسٽ ماڻهو هيو. بدر کي همٿائيندڙ بہ هو خود ئي هيو پر سماج ۾ جيڪو زوال آيو آ. ان جي ڪري ئي ماڻهوءَ جي سوچ تي هن جي اها گرفت ناهي رهي سگهي. مان سمجهان ٿو تہ اياز يا جمال جو تصوف ڏانهن لاڙو پنهنجو پاڻ ۾ لڪڻ جي ڪوشش آ، ماحول کان پاڻ کي ڪٽڻ جي ڪوشش آ، انهن جو لاڙو سماج جي چانيل ٽرينڊز سان پاڻ کي ڪنفرم ڪرڻ آهي ۽ ان جو تمام وڏو بيڪ گرائونڊ آهي، جنهن جو عروج ضياءَ الحق واري زماني کان شروع ٿيو.



Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute



# تعزيتي ايډيټوريل
Gul Hayat Institute
# تعزيتي خط
# تعزيتي كتاب

Gul Hayat Institute

# تعزيتي ايڊيٽوريل

روزاني ڪاوش، حيدرآباد
2جولاءِ 2004

## سائين جمال ابڙي جو وڇوڙو

سنڌي ادب جي آسمان جو هڪ پيو ستارو به ٽٽي پيو. جمال ابڙو سنڌ کان موڪلائي ويو. ادب جي دنيا ۾ هن جي سڃاڻپ هڪ ڪهاڻيڪار واري هئي ۽ هو تمام وڏو ڪهاڻيڪار هو پر هن پنهنجي زندگيءَ جو پروفائيل رڳو ڪهاڻيون لکڻ تائين محدود نه رکيو. هو سمجهي پيو ته، رڳو وڏو ڪهاڻيڪار هجڻ وڏي ڳالهه ڪونهي، پر وڏي ڳالهه وڏو ماڻهو هجڻ آهي ۽ يقينن هن پنهنجو پاڻ کي وڏو ماڻهو به ثابت ڪيو. ان جو سبب اهو به ٿي سگهي ٿو ته هو پنهنجي همعصر تاريخ ۾ تمام وڏن ماڻهن کان متاثر هجن ٿا، جيترا انهن جا پنهنجا حق، جيتريون انهن جو پنهنجيون زندگيون. جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته هو هارين جي حقن واري جدوجهد کان گهڻو پري رهي ها، مزدور تنظيمن ۾ ڇو سرگرم ٿئي ها؟ جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته سرڪاري نوڪريءَ ۾ هجڻ باوجود ون يونٽ جي مخالفت ڇو ڪري ها؟

هن ڪڏهن به ائين نه چيو ته، "اديب جو ڪم رڳو ادب تخليق ڪرڻ آهي، جدوجهد وڃي ٻيا ڪن." پر هُو عملي طور تي ماڻهن جي حقن جي لاءِ جدوجهد ۾ رهيو. اهي سڀ ڳالهيون ثابت ڪن ٿيون ته سائين جمال ابڙي کي رڳو وڏو ڪهاڻيڪار چوڻ هن سان ناانصافي ٿيندي. هو پهرين وڏو ماڻهو هو ان کان پوءِ وڏو ڪهاڻيڪار. سنڌ کي ان تي ته افسوس رهندو ئي ته، سنڌ کان هڪ وڏو ڪهاڻيڪار وڇڙي ويو آهي، پر سنڌ کي گهڻو افسوس ان تي ڪرڻ گهرجي ته اربع واري ڏينهن اسان جو سماج هڪ وڏي ماڻهوءَ کان محروم ٿي ويو.

❋

روزاني عبرت، حيدرآباد

# جمال جي جوت سدا جرڪندي رهي

انسان هيل تائين جيڪا بہ تخليق ڪئي آهي، تن ۾ تحرير جو فن سندس عظيم ترين تخليق آهي ۽ تحرير جي دنيا ۾ جن زندگيءَ جي روح کي موضوع طور کنيو تن کي فنا ڇهي بہ نہ سگهي آهي. سنڌ، جيڪا حياتيءَ جي سمورن المين هوندي بہ پنهنجي فني، ثقافتي ۽ تهذيبي قدرن جو بچاءُ ڪندي آئي آهي، ان ۾ انهن وجودن جو اهم ۽ بنيادي ڪردار آهي، جن پنهنجين تحريرن ۾ اميد جو فصل پوکيو ۽ حقيقتن کي ان ڪهاڻي جو روپ ڏنو جيڪا ڪڏهن بہ پراڻي نٿي ٿئي ۽ هر دؤر جڻ تہ ان ڪهاڻيءَ جو اڄ آهي. جمال ابڙو بہ هڪ اهڙي ئي ڪهاڻيءَ جو نانءُ آهي، جنهن ڪئين ڪهاڻيون ان هڪ ئي ڪهاڻيءَ جي تسلسل طور لکيون، جنهن ۾ سفرِ حيات جا سڀ رنگ سمايل هجن ٿا.

لطيف هر سر مٿان ”کوڙ ۽ ڪاني“ اچڻ واري جيڪا ڳالهہ چئي، سا برحق سمجهندي اسين جمال ابڙي صاحب جي ظاهري وڇوڙي کي ان تناظر ۾ ڏسندي اهو بہ ويساهہ رکون ٿا، جنهن جي شاهدي پڻ لطيف ئي ڏني تہ جيڪي پنهنجي وجودي وٽڪار جو سئر ڪري جنم جي ڪارڻ جا گوهر ڳولين ٿا، سي مري بہ مات نہ ٿيندا ۽ ابڙو صاحب پڻ اهڙن ئي ڪاهوڙي خيالن جي لڙهي ۾ ڳجهي ٿو جيڪي پنهنجي فن ۾ ان فڪر سان ضابطي هيٺ هجن ٿا، جن جو محور عام لوڪ هجي ٿو ۽ ان پنڌ ۾ هو ايترو تہ دل سان سفر ڪن ٿا، جو مٿن سندن وجود جون سموريون ڪايائون نمايان ٿي پون ٿيون.

زندگي تہ هونئن هڪ خواب جيان آهي، پر اهو خواب خوبصورت ۽ بامعنيٰ تڏهن ٿئي ٿو جڏهن ان ۾ پنهنجي ديس جي درد ۽ ان لاءِ پتوڙ واري جذبي جا رنگ شامل هجن ۽ ان ۾ ڪو بہ گمان ناهي تہ جمال ابڙو اهڙن ئي خوبين جي خيابان جي اڏاوت ڪندڙ نسل مان هڪ اهم ڪردار هو. سنڌي ادب ۾ هڪ مختصر پر تابنده اظهار جهڙو جمال ابڙي جي ڀاڱي ۾ آيو سو ورهين ڪان پوءِ ڪنهن ڪنهن کي نصيب ٿئي ٿو. هو بظاهر اڄ اسان ۾ موجود ناهي، تڏهن بہ اسان کي سندس نہ هجڻ واري نهٽڻ ۾ سندس خيال جي ورثي واري چانوري جو ٿورائتو رهڻ گهرجي، جيڪو اسان سان هميشہ رهڻو آهي ۽ هونئن بہ ڪجهہ ڪردارن لاءِ ماضيءَ جو زمان نهڪندو ئي ناهي ۽ جمال ابڙو انهن مان آهي، جيڪي پنهنجي هجڻ واري دؤر جو اڄ اپنڊڙ نسلن جي صبح لاءِ گذارين ٿا ۽ جڏهن پاڻ هليا ويندا آهن ظاهر ۾ نہ هوندي بہ، هو ڪالهہ نہ، پر اڄ جي دؤر ۾ رهن ٿا ۽ اسين جمال ابڙي کي پنهنجو اڄ سمجهون ٿا.

سندس اُنهن دوستن، احبابن ۽ وارثن ۽ پيار ڪندڙن کي پرسو ڏيون ٿا ۽ ان يقين جو اظهار ڪيون ٿا تہ، سنڌي ادب جي تارن ۾ جمال جي جوت سدائين جرڪندي رهندي ۽ اها ڪڏهن بہ جهڪي نہ ٿيندي.

روزاني هلال پاڪستان، ڪراچي

# جمال ابڙو ۽ زندگيءَ جو اڻپورو افسانو!

سنڌي ادب جو اهو ڪهاڻيڪار جنهن جي حوالي سان سدائين اهو لکيو ويندو هو ته، ”هو سنڌي ٻوليءَ جو پهريون جديد ڪهاڻيڪار آهي،“ تنهن جي باري ۾ هاڻي اهو لکيو ويندو ته، ”هو سنڌي ٻوليءَ جو پهريون جديد ڪهاڻيڪار هو.“ ان ”آهي“ ۽ ”هو“ جي وچ ۾ هڪ تخليقڪار جي پوري زندگيءَ جو سفر آهي.

هونءَ ته ڪنهن اديب جي باري ۾ اها ڳالهه لکڻ ايتري ڏکي ناهي، ته هو انسان عظيم هو يا اديب؟ ڇو ته سنڌي ٻوليءَ کي اڪثر اديب اهڙا مليا آهن، جن جون زندگيون سندن لفظن سان مڪمل طور تي تضادن ۾ رهيون. پر جمال ابڙي تي تحقيق ڪرڻ وارا محقق ان پوائنٽ تي ڪوئي فيصلو ڪرڻ جي سلسلي ۾ سخت پريشان ٿيندا ته، جمال ابڙو اديب وڏو هو يا انسان!؟ ۽ پوءِ انهن کي شايد آخر ۾ اهو ئي لکڻو پوي ته، هو جيترو وڏو اديب هو اوترو ئي وڏو انسان به هو. هن جو ادبي پورهيو ته سندس ڪتابن جي صورت ۾ اڄ به موجود آهي ۽ سدائين موجود رهندو پر هن زندگيءَ جو اهو سفر، جيڪو هن پنهنجي آتم ڪهاڻيءِ ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، سو هن کي ڄاڻن سڃاڻڻ وارن جي نظر ۾، ان مختصر ڪتاب ۾ سڄو سمائجي نه سگهيو آهي. هونءَ ته ڪنهن انسان جي زندگي هڪ ڪتاب ۾ سمائجي نه ٿي سگهي، ڇو ته زندگي تمام گهڻي طويل ۽ ڦهليل هوندي آهي، پر جمال ابڙو جيڪو پنهنجي طبيعت ۾ نهايت نماڻو ۽ خودپسنديءَ کان ڪوهين ڏور رهندڙ شخص هو. تنهن پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجي ذات کان وڌيڪ پنهنجي والد جو ذڪر ڪيو آهي. هن پنهنجي جيون جي انهن واقعن جو احوال يا ته بيحد اختصار سان ڪيو آهي يا انهن کي مورڳو لکڻ جوڳو ئي نه سمجهيو. جڏهن ته اهي واقعا حقيقي طور تي ناقابل فراموش افسانن جهڙا هئا.

جڏهن سنڌي ٻوليءَ جو عظيم شاعر شيخ اياز پنهنجي گونا گون زندگيءَ جون يادگيريون لکي رهيو هو ته، تڏهن هن کي ان جمال ابڙي جي ضرورت پيش ايندي هئي، جنهن زندگيءَ جو وڏو حصو هن جي دوستيءَ ۾ گذاريو هو. شيخ اياز کي مختلف واقعن جي يادگيري ڏياريندڙ جمال ابڙو جيڪو اڄ پاڻ هڪ ياد بڻجي ويو آهي، تنهن جي نه رڳو ادبي ذوق، پر هن جي طبيعت جي نمنائي به شيخ اياز تي تمام گهڻو اثر انداز ٿي. اهو جمال ابڙو جيڪو سرڪاري نوڪري ۾ ان حد تائين

ايمانداريءَ سان رهيو جو آخر ۾ سندس سڄي موڙي اُهي ويهہ هزار رپيا هئي، جنهن جو ذڪر هن پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ شامل وصيعت نامي ۾ ڪيو آهي، جنهن ۾ هن تاڪيد ڪئي آهي تہ سندس ڪفن دفن جو خرچ انهن پئسن مان ڪيو وڃي، جيڪي پئسا هن پينشن مان بچائي ڪنا ڪيا هئا. ان وصيعت ۾ هن پنهنجي ٻارن ۽ گهروارن کي نيڪيءَ ڪانسواءِ ڪنهن ٻي ڳالهہ جي تلقين نہ ڪئي آهي. هن جي وصيت کي سندس جيون جو عڪس چئي سگهجي ٿو. هن جو اهو جيون جيڪو هڪ ٻار جي اکين وانگر اڇو اجرو هو. ڇو تہ ان ۾ نيڪيءَ جي روشني هئي.

هون تہ لطيف سائين چواڻي تہ:

مگڻهارن مپ ڪانهي ڀيو ڪيرت ريءَ!

ان سلسلي ۾ هن جي زندگيءَ کي سندس فن ۽ فڪر جي ڪڙڪيءَ مان پسي سگهجي ٿو. پر جنهن فرض شناسيءَ ۽ درگذر سان هن زندگيءَ جو سفر ڪيو ان مان تہ ائين محسوس ٿئي ٿو. ڄڻ افسانہ نگاري هن جي جيون جو رڳو هڪ رخ هئي.

سڄي عمر سرڪاري نوڪري ڪندڙ جمال ابڙي جو پٽ بدر ابڙو جڏهن هڪ خطرناڪ سياسي ڪيس ۾ اڙجي جيل ويو تڏهن بہ جمال ابڙي نہ هن تي ڪائي ڪاوڙ ڪئي ۽ نہ وري هن کي ڪوئي ڏوراپو ڏنو بلڪ هن هميشہ پنهنجي اولاد کي اهو احساس ڏياريو تہ اها زندگي انهن جي پنهنجي آهي، ان زندگيءَ بابت فيصلا ڪرڻ جو اختيار بہ انهن جو آهي. هو صرف انهن کي اها صلاح ڏيندو هو تہ ڪڏهن بہ انصاف کان منهن نہ موڙجو. هو صرف نوڪريءَ جي حوالي سان نہ، پر هڪ انسان جي حوالي سان بہ عاليشان منصف هو. هن سدائين عدل جو توازن قائم رکيو. هن جي انصاف جو سڀ کان بنيادي، سڀ کان وڏو مثال سندس پنهنجو جيون هو جنهن ۾ ايترو توازن هو، جو ڏسڻ وارا ان کي حيرت مان ڏسي اهو ئي سوچي ٿي سگهيا تہ "واقعي ايترو انصاف صرف اهو انسان ئي قائم ڪري ٿي سگهيو جنهن جا هٿ اجرا هجن."

اڪثر اديب سڄا سارا ادب جي حوالي ٿي ويندا آهن يا جن کي سرڪاري نوڪري هوندي آهي، سي پنهنجي قلم کي ترقيءَ جي لاءِ ڏاڪڻ طور استعمال ڪندا آهن. جمال ابڙي ادب ۾ پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ انصاف جو اعليٰ مثال قائم ڪيو. هن جي ان ڪردار کان سواءِ هن جو هڪ ٻيو ڪردار دوست وارو بہ آهي. هو جن جو دوست هو تن کان هن وٽ ڪو رک رکاءُ ۽ ڪو پردو نہ هو. هن جا دوست هن جي جيون ۾ سڌو سنئون ليئو پائي سگهندا هئا ۽ نہ صرف انهن لاءِ جمال ابڙي جو جيون هڪ کليل ڪتاب هو پر انهن کي جمال ابڙي وٽان سدائين بهتر صلاحون ۽ ڏکن جي گهڙين ۾ دردن جو دارون مليو. اُهو جمال ابڙو جنهن جي عادت



Gul Hayat Institute

هئي ته، هو پنهنجي هر نئين سال جي ڊائريءَ جي پهرين صفحي تي شاهه سائينءَ جو اهو شعر لکندو هو ته:

ستر ڪج ستار، آئون اگهاڙي آهيان،
ڏکين ڏکڻ هار، ڏيئي پاند پناهه جو !

سو ڪڏهن به ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ سان گذاريل زندگيءَ تي احساس برتريءَ جو شڪار نه ٿيو. هن هميشه نهٺائي جي واٽ ورتي ۽ ان واٽ تي سچائيءَ سان ڪيل سندس سفر ايترو ته اثر انگيز هو جو ان جا اثر نه رڳو شيخ اياز جي شخصيت تي پيا پر هن جي شاعري به انهن اثرن هيٺ آئي. سنڌ ۾ اها خبر تمام ٿورڙن ماڻهن کي هوندي ته شيخ اياز جون اهي دعائون، جيڪي ادبي حوالي سان وڏي حيثيت رکن ٿيون، جن دعائن جي ڪري ڪافي ڪم نظر نقاد هن کان چڙي الاءِ جي ڇا مان ڇا چوڻ ۽ لکڻ لڳا هئا، سي دعائون جمال ابڙي جي اثر سبب تخليق ٿيون. هو شيخ اياز سان ان دؤر ۾ ساڻ رهيو جڏهن اياز کي سمورا دوست ڇڏي پنهنجن مفادن جا اسير ٿي ويا هئا. ان دؤر ۾ شيخ اياز کي جيڪڏهن ڪوئي دوست ويجهو هو ته اهو جمال ابڙو هو. اهو جمال ابڙو جنهن تي اياز کي مڪمل اعتبار هوندو هو ۽ ان اعتبار ۾ اياز وٽ جمال لاءِ پيار کان سواءِ جمال جي پنهنجي شخصيت جو به عمل دخل هو. ڇو ته اڪثر ڪاٽن جو سفيد پهراڻ پائيندڙ جمال ابڙي جو جيون به پنهنجي پوشاڪ جيان صاف سترو هو. هن ڪنهن لالچ ۽ خوف جو شڪار ٿيڻ کانسواءِ زندگي گذاري. هن جي زندگي هن جي ڪنهن به افساني کان وڌيڪ اثرانداز ٿيڻ واري هئي.

هن جي اها زندگي نيٺ هڪ امانت جيان ابدي آرام جي حوالي ٿي. جمال ابڙو ڪڏهن به موت جي خوف جو شڪار نه ٿيو ۽ هن جي طبيعت جو اهو لاڙو ثبوت آهي ته، هو ڪيترو اعليٰ انسان هو. هو ڪافي وقت کان وٺي سڀ ذميواريون پوريون ڪرڻ بعد ابدي سفر جي انتظار ۾ هو. هن جي لاڏاڻي جي خبر تي سنڌ جا ادبي ۽ علمي حلقا ته روايتي طور تي اهي ئي بيان جاري ڪندا ته، جمال ابڙي جي وفات سنڌي ادب لاءِ ناقابل برداشت نقصان جو باعث بڻي آهي، پر هلال پاڪستان جي نظر ۾ هن جو جيون هڪ افسانو هو. هڪ اهڙو افسانو جيڪو آخر تائين اڻپورو رهيو. ڇو ته جمال ابڙي جي نظر ۾ زندگيءَ جي ڪهاڻي موت تي پوري نه ٿيندي آهي. موت صرف زندگيءَ جو هڪ موڙ آهي. ان موڙ تان جمال ابڙو ثابت قدميءَ سان گذري ويو. اسان هن پاڪ دامن پورهيت اديب ۽ اعليٰ انسان کي عزت ۽ محبت وارو سلام ٿا پيش ڪريون.

❊

روزاني خبرون، ڪراچي
2 جولاءِ 2004

# جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي شهنشاهه جو لاڏاڻو

جديد سنڌي ڪهاڻي جو بانيڪار جمال ابڙو جمعي واري رات جو لاڏاڻو ڪري ويو آهي، جنهن ڪري سنڌ جي ادبي حلقن ۾ ڏک جي لهر ڇانيل آهي. مرحوم 2 مئي 1924ع تي ميهڙ جي پرسان سانگين جي ڳوٺ ۾ جنم ورتو. هو علامه علي خان ابڙي جو فرزند هو. پرائمري تعليم ڳوٺ منگواڻيءَ ۾ حاصل ڪئي هئائين. هو نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد، ميونسپل اسڪول لاڙڪاڻو ۽ ميرپور خاص هاءِ اسڪول ۾ پڙهيو ۽ اتان ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ بعد فرسٽ ايئر ۽ انٽر حيدرآباد ۾ ڪئي. هن اين اي. ڊي يونيورسٽي ڪراچي ۾ پڻ داخلا ورتي، جتان بعد ۾ يونيورسٽي ڇڏي وڪالت پڙهڻ لاءِ ايس ايم لا ڪاليج ۾ داخلا ورتي. جتي شيخ اياز سندس ڪلاس فيلو رهيو.

جمال ابڙو جونا ڳڙهه ۾ پڻ تعليم ورتي. هو 1978ع کان 1980ع تائين ليبر ڪورٽ جو جج رهيو. 1972ع کان 1978ع تائين سنڌ اسيمبلي جو سيڪريٽري رهيو. 80ع کان 81ع تائين فيڊرل سروسز ٽربيونل جو ميمبر رهيو. 1984ع کان 1985ع تائين ٻيهر سنڌ اسيمبلي جو سيڪريٽري مقرر ٿيو. ان کان سواءِ اينٽي ڪرپشن جو چيئرمين رهڻ سميت وڏن عهدن تي فائز رهيو. هن 10 اپريل 1986ع تي رٽائرمينٽ ورتي.

وڪالت ۾ پنهنجي ڪيريئر جي شروعات هن 1948ع کان ڪئي. هو هاري تحريڪ ۽ خاڪسار تحريڪ سان پڻ لاڳاپيل رهيو ۽ سدائين هاري حقن لاءِ جاکوڙ ڪئي. سنڌ جا ماڻهو سنڌ جي ثقافت ۽ تاريخ سندس سوچ ۽ عمل جو محور هئا. هن پنهنجي ادبي ورثي کي پڻ پنهنجي پورهئي ۾ شامل ڪيو ۽ ڪهاڻين وسيلي حقيقتن کي سامهون آندو ۽ پنهنجي اندر جي آواز کي جلا بخشي. سندس پهرين ڪهاڻي ”هو حر هو“ هئي، جڏهن تہ سندس ڪهاڻين جي مجموعي ”پشو پاشا“ وڏي مقبوليت ماڻي. ان کان پوءِ کيس جديد سنڌي ڪهاڻي جو شهنشاهه سڏيو ويو. مرحوم ڪل 17 ڪهاڻين لکيون، پر اهي ايتريون تہ طاقتور هيون، جو هو صفِ اول جي ليکڪن ۾ شامل ٿي ويو.

Gul Hayat Institute

جمال ابڙو جو سنڌي ادب ۾ وڏو مان ۽ مرتبو رهيو آهي ۽ قمر شهباز چواڻي ته، ”هو سنڌ جو تمام وڏو ماڻهو هو. هو واحد اديب هو جيڪو غير تڪراري رهيو ۽ اها ئي سندس وڏي ڪاميابي هئي.“ هن پنهنجي ادبي ۽ سماجي خدمتن کي سڀ کان وڌيڪ اتم رکيو ۽ پنهنجي قلم وسيلي سنڌ جي ماڻهن جي ڏکن سورن کي بيان ڪيو.

چون ٿا ته، جڏهن سنڌي ڪهاڻي مري رهي هئي ته هن اچي ان کي سهارو ڏنو ۽ اهڙيون شاهڪار ڪهاڻيون ڏنيون، جيڪي سنڌي ادب جون هميشه مثالي حصو رهنديون. اهو ئي سبب آهي جو سندس ڪهاڻين کان متاثر ٿي سنڌ جي ٻين به ناليوارن اديبن هن صنف ۾ پنهنجو پاڻ کي شامل ڪيو. جمال ابڙي جي اعليٰ پائي جي ڪهاڻيڪار ۽ اديب هجڻ جو ان مان چڱي طرح اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته امر جليل جهڙي ناول نگار ۽ ڪالم نگار به کيس پنهنجو مرشد مڃيو آهي. ميرن واري خيرپور سان تعلق رکندڙ ناليواري ڪهاڻيڪار نسيم کرل کي جڏهن قتل ڪيو ويو هو ته ان وقت سنڌ جي ادبي دنيا ۾ اها عام راءِ هئي ته، ”سنڌي ڪهاڻيءَ کي گولي لڳي وئي آهي ـ“ ۽ هينئر جڏهن جمال ابڙو لاڏاڻو ڪري ويو آهي ته سنڌ جي اديبن ۽ دانشورن جو چوڻ آهي ته، ”سندس لاڏاڻي سان جديد سنڌي ڪهاڻي جو هڪ باب بند ٿي ويو آهي.“ اها سندس لاءِ تمام وڏي مڃتا آهي. ٿوري تعداد ۾ ڪهاڻيون لکڻ جي باوجود ڪنهن اديب جي حصي ۾ ايڏي وڏي مڃتا جو اچڻ ان جي ڪاميابي ۽ سر بلنديءَ جو واضع ثبوت آهي.

جمال ابڙي جي لاڏاڻي سان سنڌي ادب کي اهڙو نقصان پهتو آهي، جنهن جو ازالو ممڪن ناهي. دنيا جي وهنوار ۾ انسان ايندا ۽ ويندا آهن ۽ هر ماڻهوءَ کي اڳ يا پوءِ دم ڏيڻيءَ حوالي ڪرڻو آهي، پر دنيا اندر ڪي ڪي ماڻهو اهڙا به هجن ٿا جيڪي بذات خود تاريخ ٺهجن ٿا يا وري پنهنجو پاڻ کي تاريخ جو حصو بڻائين ٿا. جيڪي ماڻهو دنيا اندر پنهنجن ماڻهن، پنهنجي ڌرتي، پنهنجي ثقافت ۽ پنهنجي تهذيب جي مان مرتبي ۾ اضافي لاءِ ڪوششون وٺن ٿا ۽ پنهنجي تخليقي سگهه انهيءَ سلسلي ۾ استعمال ڪن ٿا، سي نه فقط جيئري، پر دنيا ڇڏي وڃڻ کان پوءِ به پنهنجو نالو روشن رکن ٿا. جمال ابڙي جو نالو به اهڙن ئي ماڻهن ۾ شامل آهي. هن پنهنجي خاندان خاص طور تي والد جي ورثي کي اڳتي وڌايو ۽ ساڳيو ئي مقام پاڻ ماڻيو. تنهن ڪري اها اميد رکي سگهجي ٿي ته سندس پونئير پڻ انهي ذات کي جلا بخشيندا رهندا. اسان چاهينداسين ته سنڌ ۾ ادب جو ڪال نه ٿئي. يقينن ڪير ڪنهن جي جُتيءَ ۾ پير نٿو پائي سگهي، پر ادب کي قائم ۽ دائم رکڻ لاءِ ادبي قدرن کي مضبوط بڻائڻو پوندو. اڄ هر ماڻهو نفسا نفسي جو شڪار آهي ۽ ادبي دنيا ۾ سچ ٿي رهي آهي ۽ اهڙي ئي ماحول ۾ وڏن اديبن جو وڇوڙو سنڌ لاءِ ڪنهن وڏي هاڃي کان گهٽ ناهي. اسان اميد ڪريون ٿا ته سنڌ جو موجوده نسل پنهنجي ادبي ورثي کي ضرور سنڀالي هلندو. جمال ابڙي جي لاڏاڻي تي اسان سندس ڪٽنب جي ياتين ۽ هر سنڌ واسيءَ سان سندن ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون.

روزاني ڪوشش، حيدرآباد
2 جولاءِ 2004

# جمال ابڙي جو لاڏاڻو

سنڌ جو برک اديب، ڪهاڻيڪار ۽ اڳوڻو جج جمال ابڙو لاڏاڻو ڪري ويو آهي. ڇاتيءَ جي تڪليف ۾ مبتلا جمال ابڙي 80 ورهين جي ڄمار ۾ ڪراچيءَ ۾ دم ڏنو. جمال ابڙو سنڌ جي مشهور ڪهاڻيڪار هئڻ سان گڏ هڪ بلند ساک وارو جج ۽ آفيسر به ٿي رهيو. سنڌ اسيمبليءَ جو سيڪريٽري به ٿيو.

شيخ اياز سندس حوالي سان چوندو هو ته، ”جمال ابڙي جو نثر رقص ڪري ٿو.“ مرحوم جمال ابڙي ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيون، جن مان ڪيترين کي تاريخي مڃتا ملي. سندس ڪهاڻين سنڌي ڪهاڻيءَ کي نوان رخ ڏنا. جمال ابڙي جون ”پشو پاشا“، ”پيراڻي“، ”سينڌ“ ۽ ”خميسي جو ڪوٽ“ ڪهاڻيون تمام مشهور ٿيون. مرحوم سنڌي ادبي سنگت جو بنيادي ڪارڪن ۽ حيدر بخش جتوئيءَ جو ساٿي هو. هن سرڪاري نوڪري هوندي به ون يونٽ خلاف وڏو ڪردار ادا ڪيو.

جمال ابڙو سنڌي ادب ۾ هڪ الڳ ۽ بلند مقام جو مالڪ هو. سندس شاهڪار ادبي خدمتن ڪري ڪيس سنڌ ڪڏهن به وساري نه سگهندي. مرحوم جمال ابڙي جي وڇوڙي سان سنڌي ادب ۾ وڏو خال پيدا ٿيو آهي. سنڌ جو ڪو به ادب شناس مرحوم ڪي ادبي خدمتن جي موت ۾ خراج تحسين پيش ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهي. اسان سمجهون ٿا ته، جمال ابڙي جي وڇوڙي سبب هن وقت جنهن ڏک مان سندس خاندان گذري رهيو آهي، ان ڏک مان سنڌ جي ادبي دنيا جا ماڻهو به گذري رهيا آهن. اسان جمال ابڙي جي سوڳوار خاندان ۽ سندس وڇوڙي جو ڏک رکندڙ سمورن ماڻهن سان سندن ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون.

Gul Hayat Institute

ٽماهي "مهراڻ"،
سرءُ 2004

# سوچ – لوچ

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين! (شاهه)

تبديلي اچڻي آهي. اسين چاهيون، نه چاهيون، تبديلي اچڻي ئي آهي. انهيءَ کي نه ته اسين ٽا روڪي سگهون، نه توهين!

جمال ابڙي جو لاڏاڻو به هڪ اهڙي تبديلي آهي. هاڻي اسين جمال ابڙي جي ڪا به نئين لکڻي نه پڙهي سگهنداسين.

ٿوري وٿيءَ سان، سنڌي ادب جون به وڏيون هستيون اسان کان وڇڙيون آهن – هري دريائي دلگير ۽ جمال ابڙو!

بيئي تخليقي ادب سان واڳيل – شاعري ۽ ڪهاڻيءَ کي اهڙي وقت اوج ڏيندڙ جڏهن ان جي گهرج گهڻي هئي. هري دريائي دلگير ۽ جمال ابڙو – بيئي شاعريءَ ۽ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ نئون اتهاس جوڙيندڙ..... هڪ نئون اتهاس..... امر اتهاس!

اڄ جمال ابڙو اسان ۾ نه آهي! اُهو هٿ، جيڪو تخليق ڪندو هو ڪهاڻيون لکندو هو ڪٿا لکندو هو سرد ٿي ويو. پر انهيءَ هٿ پنهنجي سموري گرمي، سچي حرارت موت کي نه ارپي، بلڪ هن اها گرمي، اها حرارت پنهنجين ڪهاڻين کي ارپي. اهي ڪهاڻيون اسان جو روح سدائين گرمائينديون رهنديون. جمال ابڙي جي ڪهاڻين جي هڪڙي واڪاڻ ته اها به ڪري سگهجي ٿي ته، اهي وقت سر لکيون ويون. سنڌي ڪهاڻيءَ جو سنڌ توڙي هند ۾ اهو دور هڪ سونهري دور آهي. ورهاڱي کان پوءِ، جڏهن زندگيءَ جي مختلف شعبن وانگر سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب تي به ڌڪيا ڏينهن آيا – هند توڙي سنڌ ۾ ـ تڏهن اهي سنڌي اديب، شاعر ۽ عالم ئي هئا، جن سنڌي ٻوليءَ کي بچائڻ لاءِ جاکوڙيو. جمال ابڙي جو ان ڏس ۾، هڪ ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾، هڪ منفرد ۽ اهم ڪردار آهي.

ٽماهي "مهراڻ" کي اهو فخر حاصل آهي ته ،جمال ابڙي جون ڪجهه ڀريون ڪهاڻيون: "بدمعاش"، "پاشا" (ميڪسم گورڪي)، "پشو پاشا"، "شاهه جو ڦر" ۽ "ڪارو پاڻي" ان ۾ ڇپيون.

جمال ابڙو ادب لاءِ هڪ نظريو رکي ٿو تہ:

”هونئن بہ ادب ڇاهي؟ سونهن، سچ، نيڪي ۽ سونهن، سچ ۽ نيڪي تہ آهن ئي خالق جا جلوا ۽ نيڪي آهي ان تائين پهچڻ جي عملي راهہ“

اڃا بہ ان ڏس ۾ چئي ٿو تہ:

”منهنجي نظر ۾ صحيح اِدب اهو آهي، جو عام ماڻهن ۾ نہ رڳو پنهنجي حقن جي ڄاڻ ڏئي، پر انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ منجهن امنگ ۽ اتساهہ (جاڳائي) ۽ پاڻ ۾ مڪمل اعتماد (پيدا) ڪري تہ هو ئي پنهنجي طاقت سان پنهنجا حق ڦورو طبقن کان حاصل ڪري سگهن ٿا.“

جمال ابڙي جي هڪڙي ڪهاڻيءَ ”بدتميز“ جا آخري جملا اسان جو ڌيان لهڻن:

”ڦيٿا ڦرندا ويا، سُنبن جي ٽاپ ٽاپ، ٽانگي جي کڙکڙ ۽ بيل گاڏيءَ جي چيڪٽ ملي هڪ ٿي ويا.....“

اهي ڦيٿا ڦرندا رهن ٿا_ تاريخ جا ڦيٿا اڳتي ئي ڦرندا رهن ٿا. پر اسان جي تقدير نہ ڦر سان نہ ڦري! (ڇاڪاڻ تہ اسان ڪڏهن ان کي ڦيرائڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪئي!) اها موهن جي دڙي واري ڏاند گاڏي آهي _ ۽ ان ۾ هڪ اگهو ماڻهو آهي، جنهن وٽ نہ دوا لاءِ ڏوڪڙ آهن، نہ ڪائڻ لاءِ مانيءَ ڳيوا ۽ اسان جا مسيحا؟ هٿ ٺوڪيا مسيحا! پر اسان جا سچا مسيحا تہ اهي ليکڪ، ڪهاڻيڪار شاعر، اديب ۽ عالم آهن، جن سنڌ، جيڪا ڪڏهن سکي ستابي هئي، جي درد کي محسوس ڪيو ۽ ان درد کي اکرن ۾ اکيلي، پني تي پلٽي ڇڏيو. جمال ابڙو بہ ان اڳهي — بکي سنڌ جو هڪ اهڙو مسيحا آهي، جنهن انهيءَ اگهائي ۽ بک جو علاج ڏسيو آهي — اهو علاج نہ رڳو هڪ — تِڪ آهي، پر اسان جي پهچ ۾ بہ آهي ۽ اهو آهي:

پاڻ سڃاڻڻ

امنگ ۽ اتساهہ

پاڻ تي اعتماد ڪرڻ

پنهنجا حق حاصل ڪرڻ!

Gul Hayat Institute

# تعزيتي خط

## ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

### اسان جوانيءَ جون گهڙيون گڏ گذاريون

پيارا بدر

السلام عليڪم

اوهان جي والد بزرگوار جي وفات واري خبر مون لاءِ صدمو آهي. اسان جوانيءَ جون گهڙيون گڏ گذاريون. هڪ ٻئي لاءِ عزت ۽ محبت هئي. اڄ هِن موڪلايو آهي ۽ هاڻي منهنجو وارو آهي. انا لله وانا اليہ راجعون. خالق اڪبر اوهان کي پنهنجين رحمتن سان مالا مال ڪري ۽ صبر جي توفيق ڏئي.

نيازمند

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

علامہ اقبال ميموريل سوسائٽي

سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ

3-7-2004

❊

## موتي پرڪاش

Gul Hayat Institute

### سنڌي ڪهاڻيءَ جي ميدان جو شهسوار

پيارا بدر!

اڄ پارت جي هڪ روزاني سنڌي اخبار ۾ اوهان جي والد سائين جمال ابڙي صاحب جي انتقال جي دکدائڪ خبر پڙهي ڏاڍو ڏکو آيو.

ٻہ سال اڳ هن دُبئي هڪ مختصر خط لکيو هو ۽ ان کان پوءِ اسان جو رابطو ٽُٽي ويو. خبر ڪانہ هئي تہ هُن يار جي وڇڙ جي تياري هُئي. دل هئي تہ وري سنڌ جي زيارت ڪري ساڻس روح رهاڻ ڪنداسين.

ادو جمال صاحب انهن ڳاڻ ڳڻين سنڌي اديبن مان هو جن سنڌي ادب کي مالا مال ڪيو. سنڌي ڪهاڻيءَ جي ميدان ۾ هو هڪ شهسوار هو. سندس لکڻي ٺاهہ

ئوھ ۽ ڏيک ويک کان پري ھئي. سندس تازا نڪتل ڪتاب، جيڪي سندن زندگيءَ جي تجربن ۽ واقعن تي ٻڌل ھئا، سي بہ اسان پڙھي حظ پرايو. وري ڪٿان اھڙا قرباڻتا ۽ ديرينا ڪلمک شخص اسان کي ملندا؟

شل الله تعاليٰ کيس جنت ۾ جاءِ ڏي ۽ اوھان سڀني کي وڇوڙو سھڻ جي توفيق ملي.

27 جولاءِ 2004

⁂

غلام محمد لاکو

## جمال ابڙو سنڌ جي اتھاس ۾ ھميشہ ياد رھندو

جناب بدر ابڙو صاحب،

السلام عليڪم

اوھان جي والد صاحب جي وفات جي خبر 1 جولاءِ جي اخبارن ۾ ڇپي آھي. آءٌ ڪجھہ ڏينھن لاءِ ڳوٺ ويل ھئس، ان ڪري ترت دلجوئيءَ جا بہ اکر لکي نہ سگھيس ۽ نہ وري روبرو اچڻ ٿيو.

جناب جمال ابڙو صاحب سنڌي ادب جو ھڪ روشن تارو ھيو جنھن کي اسانجي اتھاس ۾ ھميشہ ياد رکيو ويندو. اسان ابتدا ۾ پڙھڻ ۽ لکڻ ڏي وڌياسين تہ سائين جمال جي لکڻين مان اتساہ ورتوسين. بعد ۾ سنڌن ڪتا جا ڇپيل چار حصا تہ آتم ڪتا ڪيتر ۾ تادير ياد رھندا. ڏيڍ سال کن اڳ سائين حسين شاھہ جن وٽ اڌ ڪلاڪ کن اوھان سان رھاڻ ٿي ۽ پڻ جمال صاحب سان ڪچھري ٿي. مون ڪتا جي پنجين حصي بابت ڪانئن پڇيو ھو. ممڪن آھي تہ اھو حصو تيار ھجي.

پيارا بدر سائين جمال اسان ۾ ناھي رھيو پر سندن ادبي ڪم امر آھي. ڏٺي در دعا آھي تہ رب پاڪ کين جنت ۾ جايون ڏي ۽ اوھان کي پنھنجي والد گرامي جي رحلت جي صدمي سھڻ جي توفيق ڏي.

ڪراچي اچي روبرو ملاقات ڪرڻ جو ارادو آھي.

مخلص

غلام محمد لاکو

سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو جنرل ھسٽري ڊپارٽمنٽ

⁂

Gul Hayat Institute

## پروفيسر محسن عباسي

### جمال ابڙي جي سمورين ڪهاڻين جو پنجابيءَ ۾ ترجمو ڪندڙ جو خط

محترم اظهر ابڙو صاحب، بدر ابڙو صاحب ۽ ٻيائر
السلام عليڪم!
سائين جمال گذاري ويو انا لله وانا اليه راجعون.
اخبار ۾ پڙهي ڏاڍو ڏک ٿيو. طبيعت ساٿ نه ڏنو نه ته سائينءَ جن جي تڏي تي ضرور حاضري ڀرجي ها.

بس ادا، هلڻو ته هر ڪنهن کي آهي، پر اهڙن ماڻهن جو وڃڻ ڏاڍو ڏک ٿو پهچائي. خدا کيس جنت نصيب ڪري ساڻس نيازمنديءَ جو رستو 65 واري (سجاول ۾ بنوري ۾ سول جج هئڻ) وقت کان وني قائم هو پر وچ ۾ گهٽا گهٽا سال وڇڙي ويو. وري "پشو پاشا" جي ترجمي جي حوالي سان ساڻس نئين نيازمنديءَ جو شرف 2000ع يا ان کان ٿورو اڳ حاصل ٿيو. مون به دفعا وٽس ڪراچيءَ حاضري ڀري ۽ پاڻ به به يا ٽي دفعا برادرم ڊاڪٽر اظهر جن وٽ اچڻ جي ڪري مون وٽ به آيا.

مون مرحوم جي ڪجهه ڪهاڻين جو ڪانئن بنا پڇڻ جي پنجابيءَ ۾ تجربي طور ترجمو ڪيو جو پنجابي پريس ۽ پنجابي اديبن کي گهڻو پسند آيو ۽ خوشيءَ سان ڇپيائون. مون کي ڪٽڪو هو ته متان سائينءَ جن ناراض ٿين، پر جڏهن کين سندن ڪهاڻين جي ترجمي جون ڪاپيون موڪليم ته پاڻ ڏاڍو خوش ٿيا، همت افزائي ڪيائون ۽ اهو به فرمايائون ته "سڀ ڪهاڻيون ترجمو ڪريو ته بهتر ٿيندو"۔ ۽ مون به سڄو "پشو پاشا" رهيل ڪهاڻين سميت (جي اڳي ڪتاب ۾ شامل نه هيون) ترجمو ڪيو جو پنجابي ادبي بورڊ وارن پنجاب سرڪار جي مالي مدد سان ڇپايو. جنهن جون ڪجهه ڪاپيون سائينءَ جن جي رڪارڊ تي ضرور هونديون. پاڻ همت افزائيءَ طور جيڪو خط لکيائون، سو تبرڪ طور مون وٽ محفوظ آهي. اُن جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي توهان کي به هن خط سان گڏ موڪلجي ٿي. خدا توهان کي خوش رکي ۽ صبر عطا فرمائي. ڪڏهن ڪڏهن هن بندي کي به ياد رکو ته مهرباني.

محترم بدر ابڙي کي گذارش آهي ته ان ترجمي تي سنڌيءَ ۾ ڪو ڪالم ڪنهن اخبار ۾ لکي، ڇو ته سنڌي پريس ۾ اهو ايترو مشهور نه ٿيو آهي. آئون به هڪ گمنام ۽ گوشه نشين قسم جو ماڻهو آهيان. مون به ان لاءِ ڪو خاطر خواهه ڪم نه ڪيو آهي، جيڪڏهن هو مناسب سمجهي ته!

فقط اوهان جو خير انديش
پروفيسر محسن عباسي

## ادل سومرو

### جمال ابڙي جي فڪر ۽ ڪردار ۾ ڪو تضاد نہ هو

محترم ساٿي بدر ابڙو

سائين جمال ابڙي جو وڇوڙو اسان سڀني لاءِ نهايت ڏک، جو سبب بڻيو ۽ سنڌي ادب هڪ تمام وڏي شخصيت کان محروم ٿي ويو. سائينءَ جي فڪر ۽ ڪردار ۾ تضاد نہ هو. انهن بابت سنڌن همعصرن جا ليک ۽ رايا شاهدي ڏين ٿا، تہ هو ڪيترا نہ بلند ڪردار همت وارا ۽ سچا ساٿي هئا.

افسوس جو اوهان پنهنجي ڀاڄاري والد ۽ دوست جي شفقت واري ڇانوَ ۽ دعائن کان محروم ٿي ويا.

منهنجو اوهان وٽ روبرو حاضر ٿيڻ جو ارادو هو پر ڪجهہ ذاتي ڪمن ڪارڻ سبب رهجي ويس. منهنجي طرفان اوهان سڀئي دلي طرح تعزيت قبول ڪندا.

اوهان جو پنهنجو

ادل سومرو

*

## مقصود گل ۽ مختيار گهمرو

### ڪَوي مرن ڪين ڪي

محترم ڀاءُ بدر ابڙو صاحب،

سچ موجود، سنڌ موجود

گذارش تہ 2004 — 7 — 14 تي اوهان جي دولت خاني تي حاضري ڀري، پر هڪ تہ رات جو وقت هو ٻيو وقت جي ڪميءَ سبب اوهان سان گهڻو وقت ويهي نہ سگهياسي. ڦِڪائي تہ ڏاڍي ٿئي ٿي، پر ڇا ڪجي.

والدين شفقت جو هڪ اهڙو ڇٽُ آهن، جن جي وڇوڙي جو سور محسوس تہ ڪري سگهجي ٿو پر اهو لفظن ۾ ڪڍهن بہ بيان نٿو ڪري سگهجي ـ ۽ اهي ئي انهيءَ پيڙا کي محسوس ڪري سگهن ٿا، جيڪي انهيءَ درد جي ڏنگ تان گذري چڪا هوندا ـ ۽ مان ذاتي طرح انهيءَ ويراني مان 15 سالن کان گذري رهيو آهيان، پر اهي فطرت جا فيصلا آهن، جيڪي انسان کي نہ چاهيندي بہ قبول ڪرڻا پون ٿا. هن ڏک جي گهڙيءَ ۾ اسان کي پنهنجي ويجهو سمجهندا.

Gul Hayat Institute

اسان جي دعا آهي ته، خداوند ڪريم اوهان جي سموري سوڳوار ڪٽنب کي صبر ۽ مرحوم بابا کي رحمت عطا ڪري. هونءَ به سونهن، خوشبو ۽ سچ ڪڏهن به مرڻا ناهن.

ساڳي خوشبوءِ ڏين ڇڄي گل گلاب جا،
ويچي امر ٿين، ڪوي مرن ڪين ڪي.
(شيخ اياز)

غم ۾ گڏ
مقصود گل ۽ مختيار گمرو
جولاءِ 22، 2004

❊

## محمد علي ڏيپلائي

### سنڌي ادبي تاريخ ۾ جمال ابڙي جو مقام متانهون رهندو

محترم بدر ابڙو صاحب
اسلام عليڪم

مهربان ۽ شفيق بزرگ هستي سائين جمال ابڙي صاحب جي افسوسناڪ وفات تي اسان طرفان دلي تعزيت قبول ڪندا. مرحوم نهايت ئي وڏو ڪهاڻيڪار، دانشور ۽ اعليٰ قانوندان هو. سنڌي ادبي تاريخ ۾ سندن مقام هميشه متانهون رهندو.

مون تي هو هميشه نهايت مهربان ۽ شفيق هوندا هئا. الله تعاليٰ کين پنهنجي ڪرم سان نوازي، سندس مغفرت ڪري ۽ پنهنجي جوارِ رحمت ۾ جاءِ ڏي.

محمد عثمان ڏيپلائي ٽرسٽ، حيدرآباد
1-7-2004

Gul Hayat Institute

❊

## پريتم داس مينگهو

### مرد نه مرن ڪڏهين

محترم بدر ابڙو صاحب،

سائين جمال ابڙو صاحب جي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري وڃڻ تي نهايت ڏک ٿيو. ڏاڍي شال توهان کي سندن جدائي برداشت ڪرڻ جي همت ڏئي ۽ کين پنهنجي جوارِ رحمت ۾ جڳهه عطا فرمائي. بيشڪ اهڙا انسان تمام گهٽ پيدا ٿيندا آهن.

توهان ۽ توهان جي خاندان سان سائين جمال ابڙو صاحب جي مرتيبي تي تعزيت ڪرڻ لاءِ هي بہ اکر لکجن ٿا، سي قبول ڪندا تہ مهرباني ۽ احسان ٿيندو.

سائين جمال صاحب جن جي پيٽا لاءِ چوندس:

مرد نہ مرن ڪڏهين، ڪوپا من قائم
ديهي رهيءَ دائم، حاضر هن هر جاءِ (بيدل فقير)

پريتم داس مينگهو وڪيل

❋

## اميد علي سنيو

### پاڙي ويچ هيام، تان مُون مور نہ پُڇيا

محترم بدر ابڙو صاحب

السلام عليڪم

عرض تہ 1 جولاءِ 2004ع جي اخبارن ۾ توهان جي والد صاحب جي وفات جو پڙهيم. سچ پچ ڏاڍي تڪليف ٿي. اهڙا ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿيندا آهن. ان کان اڳ اسان جو مشهور عالم ۽ بزرگ قاسم صاحب بہ ڏٺيءَ کي پيارو ٿي ويو. بنده جي بدنصيبي اها آهي جو اهڙن عالمن کي ڏسي ۽ سندن زيارت ڪري نہ سگهيس.

پاڙي ويچ هيامِ تان مون مور نہ پڇيا (پٺائي)

محترم مرحوم جمال سان خط و ڪتابت ذريعي ملاقات ٿي هئي. ان جو سبب سندس آتم ڪٿا جي ڪتابن ۾ "سنيو" بابت پڙهيم، جنهن ۾ مرحوم لکيو تہ "سنين ذات متائي سنيا ٿي ويا." سندس پتو مشهور اديب ابراهيم سنڌي بلڙي شاهہ ڪريم کان ورتم. سندس جوابي بہ خط مون وٽ آهن، جيڪي تاريخ 20 جولاءِ 2002ع ۽ 26 جولاءِ 2002ع جا لکيل آهن.

بدر صاحب، خدا جي حڪم آڏو هر ڪنهن کي جهڪڻو آهي. پاڻ لکيو اٿس تہ "ڊاڪٽرن چيو تہ جمال صاحب توهان (دل جي تڪليف سبب) هڪ سال تائين دنيا ۾ رهي سگهو ٿا. ان ڳالهہ کي 10 سال ٿيا آهن، پر ڪا هستي آهي جيڪا جياريو ويٺي آهي." واقعي جيستائين ملائڪ سام دنيا ۾ زنده رکي. هڪ بزرگ کان اينڌڙ دنيا بابت پڇيم. جنهن چيو تہ "ابا جي مالڪ سائين مغفرت ڪري تہ اهو انسان چوندو تہ ڪاش گهڻو وقت اڳ اچان ها تہ سٺو." هيءَ دنيا تہ سورن ۾ رهڻ جو گهر آهي. مالڪ جنهن کي چاهي گهرائي وٺندو آهي، باقي اهڙن عالمن کي ياد ڪريو دل حرڪت ڪندي آهي.

Gul Hayat Institute

صحبت سپيريان اي پڻ وڏي ها ج
قضا ڪج فخار وقت ورائڻ وترو

لطيف سائينءَ چيو آهي:
جي تون ڪالهہ مُئين تہ ڪالهہ گڏين هوت کي.

’توهان جو سنڌوءَ جو سفر بہ ڏٺم. آخر ۾ دعا آهي تہ الله پاڪ توهان کي ۽ مرحوم کي جنت ۾ جاءِ ڏي. آمين.

4 جولاءِ 2004

*

## عبدالعزيز رانجهاڻي، دادو

### سنڌي ادب لاءِ سانحو

پنهنجي محسن، همدرد، استاد، رهبر ۽ رهنما ۽ ان کان بہ وڌيڪ هڪ سٺي، اصول پرست ، جاکوڙي ۽ ذميوار انسان بدر ابڙي سان سندن والد جي لاڏاڻي جي تعزيت ڪرڻ تہ هڪ رسمي ڳالهہ آهي.

سائين جمال ابڙي سان جيتوڻيڪ منهنجون ڪي ملاقاتون ۽ ڪچهريون نہ ٿيون هيون، پر ساڻن هڪ ادبي تعلق ضرور هيو ان Sense ۾ تہ سندن تخليقن کيّ پڙهيو هيو. سائين جمال صاحب جو مرتيو نہ صرف سندن خاندان جي لاءِ هڪ وڏو سانحو آهي، پر اهو سڄي قوم، ٻولي ۽ ادب لاءِ پڻ هڪ وڏو سانحو آهي. منهنجي آڏو سائينءَ جو اهو تعارف ئي ڪافي آهي تہ پاڻ سنڌ جي ڄاتل سڃاتل عالم سائين علي خان ابڙي جا فرزند ۽ هڪ سٺي انسان بدر ابڙي جا والد هئا.

رب العزت کان دعا آهي تہ سائين بدر ابڙي صاحب سميت سموري خاندان کي ان سانحي جي صدمي کي برداشت ڪرڻ ۽ مرحوم جي ٻاريل شمع کي روشن ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. خدا تعاليٰ کين جنت ۾ جاءِ ڏيندو، آمين

7-4-2004

*

## ڊاڪٽر سونو کنگهاراڻي

### ترديپ پاران دُعا

محترم سائين بدر ابڙو صاحب،

اها خبر پڙهي / ٻُڌي نهايت ئي ڏُکي ٿياسين تہ اوهان جو والد بزرگوار جديد مختصر سنڌي ڪهاڻيءَ جو ابو ۽ سنڌ جي هر دل عزيز ۽ مايہ ناز شخصيت



Gul Hayat Institute

محترم سائين جمال ابڙو صاحب جن هن فاني دنيا مان رحلت فرمائي ويا آهن. هن ڏکدائڪ موقعي تي اداري ٽرڊيپ جا سمورا ساٿي اوهان جي غم ۾ برابر جا شريڪ آهن.

شال ڌڻي تعاليٰ توهان جي ڪٽنب کي هن وڏي سانحي کي برداشت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ جمال صاحب جهڙي نيڪ، پرهيزگار ۽ مهربان شخص جي رُوح کي جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي.

غمگسار
ڊاڪٽر سونو کنگهراڻي
چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر
ٽرڊيپ — مٺي
3 جولاءِ 2004

*

## محمد ملوڪ انڙ

محترم بدر صاحب،

اوهان تي الله تعاليٰ جي رحمت ۽ سلامتي هجي. اوهان جي والد محترم جمال ابڙي صاحب جي وفات تي اوهان سان دلي تعزيت ڪندي دعا ڪريان ٿو ته شال رب العظيم مرحوم کي جنت الفردوس ۾ جڳهه ڏي ۽ اوهان سڀني کي صبر وجميل عطا ڪري. آمين. مولا اوهان کي هميشه خوش ۽ آباد رکي.

دعائون ۽ سلام

دعاگو
محمد ملوڪ انڙ
معرفت حميد بوڪ ڊيپو
سڪرنڊ ضلع نوابشاهه

Gul Hayat Institute

# تعزيتي ڪتاب

## راڻا ڀڳوانداس
(سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جو اڳوڻو جج)

### مون جمال ابڙي کان ڪافي فيض پرايو

جمال ابڙي صاحب سان منهنجي نيازمندي جولاءِ 1967ع کان شروع ٿي، جڏهن حيدرآباد سنڌ ۾ منهنجي ساڻن ملاقات ٿي، جتي هو بطور جوائنٽ سول جج فرسٽ ڪلاس ۽ ايڊيشنل سٽي ماجسٽريٽ جي حيثيت ۾ ڪم ڪري رهيا هئا. دراصل آءٌ ماتحت عدليه ۾ پنهنجي پهرين مقرري تي چارج وٺڻ کان اڳ حيدرآباد ۾ ترسيو هوس. اهي ملاقاتون بعد ۾ اڪثر آچر ڏينهن لطيف آباد ۾ سندن بنگلي تي جاري رهيون، جن مان مون ڪافي فيض پرايو ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ اُهو اپنايو. بعد ۾ جمال صاحب سان لاڙڪاڻي، ڪراچي ۽ مختلف هنڌن تي صحبت رهي. پاڻ علم و ادب ۾ يڪتا، مروت ۽ اخلاق ۾ بي مثال ۽ عدل و انصاف جي معاملي ۾ اعليٰ معيار جا مالڪ هئا.

سنڌ ليبر ڪورٽ ڪراچي ۽ رجسٽرار سنڌ هاءِ ڪورٽ هئڻ واري دور ۾ اڪثر چوندا هئا ته، ”راڻا! ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي، جو ماڻهو ڪنهن آفيسر جي ايماندار يعني Honest هجڻ تي عجب کائن ٿا ۽ نالو وٺي مثال ٿا ڏين ته، فلاڻو آفيسر ايماندار آيو آهي. حالانڪ هر شهريءَ جو اِهو فرض آهي ته، هُو پنهنجو فرض مڪمل ديانتداري ۽ ايمانداريءَ سان ادا ڪري.“

1980ع ۾ سندن مقرري گريڊ 20 ۾ بطور ميمبر فيڊرل سروس ٽربيونل اسلام آباد ٿي. سندن مقرريءَ جو معياد پورو ٿيڻ کانپوءِ جڏهن ڪراچيءَ واپس آيا ته وڏي عجب مان انڪشاف ڪيائون ته، ”سندن تقرريءَ کي ان وقت جي چيئرمين جسٽس ريٽائرڊ دائود، جنهن جو واسطو صوبي سرحد سان هو، دل سان قبول نه ڪيو ۽ هُن پنهنجي ناپسنديدگيءَ جو اظهار منهنجي سامهون ڪيو. ان ڳالهه تي مون چيئرمين کي داد ڏنو ته هو مڙس ماڻهو هو جو اِها ڳالهه پنهنجي دل ۾ نه رکيائين.“



Gul Hayat Institute

آءُ اڪثر سندن خير و عافيت فون تي ۽ وقت بوقت روبرو ملاقات ڪري معلوم ڪندو رهندو هوس. مون ابڙي صاحب کي هميشہ شفيق، مهربان، بااخلاق ۽ سچار محسوس ڪيو. ڌڻي سائين کين سدائين امر رکي ۽ سندن روح جي مغفرت فرمائي. آمين.

جاني والي ڪبهي نهين آتي،
جاني والون کي ياد آتي هي.

4 جولاءِ 2004

❊

## امر جليل

### منهنجو مرشد

مون کي پنهنجي مرشد جو حق ادا ڪرڻو آهي سچي عمر. هن ڪان ئي مون لکڻ سکيو. هن جي ئي باجهہ ۾ مان آهيان. مرڻ گهڙي تائين رهندس.

2_7_2004

❊

## يوسف شاهين

### جمال ابڙو سنڌ جي جدوجهد جي پهرين صِف ۾ رهيو

شارٽ اسٽوري سائين جمال ابڙي جي اظهار جو وسيلو هئي، جنهن کي هن سنڌ جي دفاع لاءِ هٿيار جي طور استعمال ڪيو. جڏهن زبان بنديءَ جو دؤر هجي، تڏهن شاعري يا شارٽ اسٽوريءَ کان زبان جو ڪم ورتو ويندو آهي. سنڌ جي هن محسن، سچاڻ شخص ۽ همدرد پنهنجي ڏيهہ تي آيل ڪئين ڏکيا ڏينهن ڏٺا. جڏهن سنڌ جو وجود ۽ سنڌي ٻوليءَ جو جياپو خطري ۾ هو تڏهن اُن جي بچاءَ جي لاءِ قلم کان ڪم وٺڻ کان علاوه جن دوستن هڪ ٻئي سان ملي سنڌ جا سور ونڊيا، انهن ۾ جمال ابڙو صاحب صفِ اول ۾ هو.

سنڌ کي ڪيئن نجات ڏيارجي؟ اِهو سُور جمال ابڙو صاحب بہ ٻين ڪيترن وانگر پاڻ سان کڻي ويو پر مون کي يقين آهي تہ سنڌ تمام تڪڙو نجات حاصل ڪندي. مون کي خوشي آهي تہ جمال ابڙي صاحب جو فرزند بدر ابڙو سندس زندگيءَ ۾ ئي سندس روحاني، علمي ۽ فطري لحاظ کان گادي نشين ٿيو. اها ڳالهہ جمال صاحب پنهنجي زندگيءَ ۾ محسوس ڪئي.

2_7_2004

❊

Gul Hayat Institute

## انور پيرزادو

جمال ابڙي کي ڪهاڻين ۾ ڳوليو.

July 2, 2004

❊

## قمر شهباز

### جمال سائينءَ جهڙو ڪو ٻيو ٿيڻو نا هي

در ٻوٽبا ٿاوچن علم جا، ادب جا، ڏاهپ جا، سهپ جا، شرافت جا. اسان جو سائين سيني حوالن سان وڏو هو. جيستائين هئو ڇپر ڇانو هيو. ويو تہ نتهڻ اُس ڪري ويو. الله سائين سنڌي ادب تي ۽ سنڌي اديبن تي پنهنجو رحم ڪري. جمال سائينءَ جهڙو ڪو ٻيو ٿيڻو ناهي.

2 جولاءِ 2004

❊

## غلام نبي مغل

### سنڌي ادب جو سرواڻ

سائين جمال ابڙي جي رحلت سنڌ ڌرتيءَ لاءِ وڏو سانحو آهي. سائين اسان جي فڪشن رائٽرس جو جديد سرواڻ ۽ اڳواڻ هو ۽ اسين سدائين ڪين ياد ڪندا رهنداسين.

❊

Gul Hayat Institute

## امير حيدر ازسن

(امير حيدر شاهہ سائين جي ايم سيد جو فرزند)

### رهي اڃجي راتڙي، تن واڍوڙن وٿان

رهي اڃجي راتڙي، تن واڍوڙن وٿان،
جن کي سور سرير ۾، گهٽ منجهاران گهاءُ
لڪائي لوڪان، پاڻهين ٻڌن پٽيون. (شاهہ لطيف)

❊

5-7-2004

## روچي رام

### جمال ابڙو عام ججن کان مختلف هو

مون محترم جمال ابڙي کي وڪيل ٿيڻ بعد 1952ع ۾ ڏٺو. جمال عام ججن کان مختلف هو. جمال جو والد (علامہ علي خان ابڙو) اسان وٽ ميرپور خاص جي مدرسي هاءِ اسڪول ۾ ماستر ۽ پوءِ هيڊ ماستر ٿي رهيو هو. بدر ابڙي جو حڪم آهي تہ (جمال ابڙي سان لاڳاپيل) يادگيريون لکجن. مير علي بخش نواب الله داد ٽالپر جي فرزند محترم علي خان ابڙي جي دعوت ڪئي هئي، جتي مانيءَ مهل ٽيبل تي سڄو ڀڪرو منڊيءَ سميت ميز تي رکيو هئائون. محترم علي خان ابڙي صاحب ڪَل سوڌو سڄو ڀڪر ڏسي ڪجهہ بي آرامي محسوس ڪئي هئي. سندن رحمدلي زخمي محسوس ٿيڻ لڳي هئي. اِها ڳالهہ ڪيترا ڏينهن مدرسي هاءِ اسڪول ۾ شاگردن ۽ ماسترن ۾ هلندي رهي هئي.

جمال ابڙو ڪڏهن بہ مذهبي ماڻهن جي ڳالا نہ ڪندو هو. هو جج هجڻ ڪري بيحد رحمدل هو جيڪا ڳالهہ عام طرح جج جي طبيعت ۾ گهٽي انداز ۾ نہ هئڻ ڪپندي هئي. جمال وڏي عمر ڀاتي ۽ ڀرپور زندگي گذاري هر ڪنهن کي هلڻو آهي.

❊

## امداد حسيني

### مان جمال ابڙي سان سندس تحريرن وسيلي ملندو رهان ٿو

جمال اسان کان سينئر آهي. ”آهي“ مون ان لاءِ لکيو جو سندس موجودگي سنڌي ڪهاڻيءَ جي حوالي سان هئي، جيڪا سنڌ جي اتهاس ۾ رهڻي آهي.

جمال اسان کان سينئر آهي، پر مون کيس سدائين پاڻ جيڏو سمجهيو. هن بہ ڪڏهن اهڙي لکا ڪا نہ ڏني تہ پاڻ اسان کان وڏو آهي. جمال سدائين جهيڻي آواز ۾ ڳالهائيندو آهي، ان ڪري سندس ويجهو ويهڻو پوندو آهي ۽ ڏيان سان ٻڌڻو پوندو آهي، پر ڪهاڻيءَ ۾ هن جو لهجو جهيڻو نہ آهي، بلڪ ڪهاڻيءَ ۾ شايد ڪردارن جي ڪري، هو وڏي واڪ ڳالهہ ڪري ٿو. مثلن ”پيراڻي“ ڪهاڻيءَ ۾ سورميءَ جا واڪا آهن، جمال هڪ پيري انهيءَ سورميءَ پيراڻي جي هڪ ٻي ڪهاڻي بہ ٻڌائي هئي.

جمال سان ملڻ ائين آهي، جيئن قلب تان ڪس لاهڻ. هڪ پيرو وري نئون سنئون ٿي ويجبو آهي. هاڻي بہ منهنجي لاءِ نہ رڳو جمال سان ملڻ ائين بہ آهي، تہ هن جي ڪهاڻين يا ٻين تحريرن وسيلي هن سان ملندو رهان ٿو.

جمال ڪجھ عرصي کان ڪهاڻي لکڻ ڇڏي ڏني. سندس آخري ڪهاڻي "سينڌ" آهي، پر هُو پوءِ به اهم ڪم "آتم ڪهاڻي" ڏانهن لڙيو. جيسين تائين سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ساهت زنده آهي، تيسين تائين جمال ابڙو به زنده آهي. سندس زنده تحريرن جي آڌار اسين به زنده آهيون.

4 جولاءِ 2004

✻

## ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ

جمال ابڙو سنڌي ادب جي تاريخ ۾ زنده رهندو.

✻

## هدايت بلوچ

### جديد سنڌي ڪهاڻي غريب ٿي وئي

جديد سنڌي ڪهاڻي غريب ٿي وئي، يتيم ٿي وئي. سنڌي ادب جو ٿنڀو ڪِري پيو. جمال ابڙو سوشلسٽ ليکڪ ٿي ابڙيو ۽ آخر ۾ صوفي لاڪوفي رهيو. هڪ سوشلسٽ ۽ صوفيءَ ۾ فرق ڪيترو آهي؟ سا مون کي ڄاڻ ناهي.

هو جيڏو وڏو ليکڪ هو، اوڏو وڏو انسان به هو. پاڪ، صاف، سچو.

2-7-2004

✻

جن ادبي شخصيتن کي ڏسي، پڙهي ۽ پرکي پنهنجي نظرياتي ۽ فڪري شخصيت ٺاهڻ ۾ مدد ملي، سائين جمال ابڙو اهڙن انسانن ۽ قلم ڌڻين جي پهرين صف ۾ شامل هو. هو طبعي طور تي اسان کان پري ضرور ٿيو آهي، پر هُو ڪيترن ئي حوالن کان اسان جي دلين ۽ تاريخ جي ورقن ۾ زنده آهي ۽ رهندو. سندس وفات سنڌي ادب لاءِ وڏو سانحو آهي.

2_7_2004

✻

## اشتياق انصاري

### جمال ابڙي جي ڪهاڻين اسانجي سوچ کي نوان لاڙا ڏنا

خوش قسمتيءَ سان جنهن گهر ۾ منهنجي پيدائش ٿي، اتي علم وارو ماحول هو. بابا سائين انيس انصاريءَ جي سرپرستي ۽ ويجهڙائيءَ ڪري اسان کي به



Gul Hayat Institute

لکائي پڙهائيءَ جو شوق پيدا ٿيو. اسان جيڪي شروعاتي ڪهاڻيون پڙهيون، اُنهن ۾ جمال ابڙي جي ڪهاڻين اسان جي لاءِ سوچ جا نوان لاڙا پيدا ڪيا.

هونءَ بہ جمال ابڙو صاحب بابا سائين انيس انصاريءَ جو ننڍپڻ جو دوست هو. هو اسڪول وارو ڪافي عرصو گڏ پڙهيا هئا. بابا سائينءَ پنهنجي ڊائريءَ ۾ ڪيترا دفعا جمال ابڙو صاحب جو ذڪر عزت ۽ احترام سان ڪيو آهي. ايتري قدر جو ڪلچر ڊپارٽمنٽ انيس انصاريءَ کي "بهترين ڪهاڻيڪار" جو جيڪو ايوارڊ ڏنو هو. ان جو نالو بہ "جمال ابڙو ايوارڊ" هو. انيس انصاريءَ اهو ايوارڊ پنهنجي ڪمري ۾ اسٽڊي ٽيبل جي پرسان ٽنگي ڇڏيو هو جيڪو اڄ ڏينهن تائين ان ئي هنڌ تي ٽنگيل آهي، حالانڪ انيس انصاريءَ جي وفات کي ٽي سال ڪن گذري ويا آهن.

ان کان پوءِ جڏهن جمال ابڙي جي فرزند بدر ابڙي سان دوستي ٿي تہ جمال ابڙي صاحب سان اڪثر ملاقاتون ۽ فون تي ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي رهندي هئي. سائين جمال ابڙو اسان کي بہ بدر ابڙي جيان اولاد سمجهي پيار ڏيندو هو. منهنجي لاءِ اها فخر جهڙي ڳالهہ آهي جو سائين جمال ابڙي پنهنجي آتم ڪٿا ۾ ڪٿي منهنجو بہ ذڪر ڪيو آهي. جمال ابڙو جهڙي طرح هڪ وڏو روشن خيال ڪهاڻيڪار آهي، تهڙي طرح هڪ مثالي، سچو ۽ ايماندار آفيسر بہ هو.

⁂

## سحر امداد

### مان ماما جمال ابڙي جون ڪهاڻيون پڙهي وڏي ٿيس

محترم جمال ابڙو منهنجي دور جو هڪ وڏو ڪهاڻيڪار جنهن جون ڪهاڻيون پڙهي آءٌ وڏي ٿيس. مون جمال ابڙي جو (ڪتاب ) "پشو پاشا" هڪڙي سٽنگ ۾ تڏهن پڙهي پورو ڪيو هو جڏهن امي مون کي وڏن جا ڪتاب پڙهڻ کو نہ ڏيندي هئي ۽ اهي ڪتاب مان پنهنجي ڪورس جي ڪتابن ۾ لڪائي پڙهندي هئس. سنڌي ڪهاڻيءَ جو اهو واحد ڪتاب هو جنهن کي ان وقت ۾ مون ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي لکيل ناول "نور جهان" وانگر بار بار پئي پڙهيو ۽ هر ڀيري ان کي پڙهي هڪ نئون مزو ٿي ماڻيو.

مان پاڻ کي انهن ڪهاڻين جي اختصار سان گڏ انهن جي ڀرپور ۽ پُراثر ڪردار نگاري ۽ انهن جي تز پڇاڙيءَ جي جادوءَ ۾ هر ڀيري جڪڙجندي محسوس ڪندي هئس. ڪهاڻيءَ جي پُراثر پڇاڙي حيران ڪُن هوندي هئي. ماما جمال ابڙي سان اڪرم سلطانہ (منهنجي بيحد پياري دوست) جي ڪري مون بہ "ماما" وارو رشتو جوڙي ورتو هو. سو ماما جمال ابڙي سان پنهنجي ٽين ايج ۾ ٽيل پهرين



Gul Hayat Institute

ملاقات ڪان وينديون آخري ملاقات تائين، هن مون سان سدائين پنهنجي گهڻي محبت ۽ شفقت جو مظاهرو ڪيو.

ياد اٿم، سلطانه جي والده جي وفات جي ٻئي الائي ٽئين ڏينهن تي اسين (مان ۽ امداد) ماما وٽ الاهي دير تائين ويهي رهياسين. تڏهن ماما، امداد کي چيو هو: "سحر سان منهنجو رشتو تنهنجي ڪري ڪونهي، هن سان منهنجو رشتو توکان به گهڻو پهرين کان آهي. هيءَ منهنجي پياري دوست صلاح جي ڌيءَ آهي. ان حساب سان هيءَ منهنجي به ڌيءَ آهي."

سو، جمال ابڙو بحيثيت انسان پڻ هڪ نهايت شفيق انسان هو. ان شفيق انسان ۽ جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي پهرين وڏي ڪهاڻيڪار جمال ابڙي جي يادگيري امر آهي. هو پنهنجين تحريرن جي صورت ۾ اسان وٽ موجود آهي ۽ موجود رهندو!

جي جيءَ ڪي جيارين، سي لاهوتي لڌي ويا! (پٺاڻي)

*4 جولاءِ، 2004*

⁂

## انعام شيخ

### جمال ابڙي سنڌ کي وطن دوست نوجوان ڏنا

جمال ابڙي صاحب هڪ علم دوست ڪٽنب جي روايتن کي زنده رکندي ادب جي ذريعي ديس جي دردن جو دارون ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي... ۽ ائين ڪندي هن بيشمار نوجوانن کي سُجاڳ ڪري سنڌ کي وطن دوستن جون ڪيئي ٽهيون فراهم ڪيون. هُن شعور جي دوستي گهر ۾ بدر ۽ اطهر جي روپ ۾ ڦهلائي ۽ آسپاس جي ماحول کي به منور ڪيو. مان سمجهان ٿو ته هن هڪ شخص ۽ هڪ ليکڪ جي حيثيت ۾ هڪ باوقار زندگي گهاري، جنهن زندگيءَ تي سندس ايندڙ نسل به فخر ڪري سگهن ٿا.

⁂

## آغا نور محمد پٺاڻ

### هڪ سچو انسان هِن دنيا مان گهٽجي ويو

ڪالهه سائين جمال صاحب جي اوچتي انتقال جي خبر پئي ته دل کي نهايت صدمو پهتو ۽ دل داٺهن ڪئي ته، هڪ سچو انسان هن دنيا مان گهٽجي ويو. هيءَ دنيا ته هر قسم جي انسانن جو جهنگل آهي، پر جمال صاحب جهڙا انسان

Gul Hayat Institute

صدين ۾ ورلي پيدا ٿيندا آهن. هو هڪ عالم ۽ باعمل انسان هيو. هن جي وڏي خوبي اها هئي ته هُن پنهنجي زندگيءَ ۾ هميشه سچ ڳالهايو سچن ماڻهن سان گڏ رهيو ۽ سچ جي حمايت ڪئي. جمال صاحب هڪ ئي وقت ترقي پسند، صوفي ۽ عاشقِ رسولِ هيو.

هو جديد سنڌي ادب جي بانين مان هيو. هُن جون ڪهاڻيون سنڌي سماج جو اولڙو آهن. سندس زندگيءَ جي آتم ڪٿا هڪ سچائيءَ جو داستان آهن. هُن جيڪو ڪجهه ڏٺو محسوس ڪيو ۽ واپرايو، اُهو اُن ۾ هُوبهو بيان ڪيو آهي. اها سندس زندگيءَ جي سوانح ئي نه، پر سنڌ جي ادبي تاريخ پڻ آهي. جمال صاحب سان سندن هڪ بزرگ اديب جي حيثيت جي طور منهنجون ساڻن ڪافي رهاڻيون ۽ ملاقاتيون ٿيون ۽ مون هميشه منجهن شفقت ۽ پيار ڏٺو. تڪبر ۽ وڏائيءَ جو انهن ۾ ڪو پاڇو به ڪونه هو.

اڪادمي ادبيات جي ڪيترن جلسن ۾ مون جڏهن به کين صدارت جي لاءِ سڏيو ته هنن نهايت محبت سان موٽ ڏني ۽ سندن اهي يادگار لمحا اسان جي لاءِ وڏي وٿ آهن.

دعا آهي ته الله تعاليٰ سندن مغفرت ڪري ۽ جنت ۾ اعليٰ مقام تي رکي.

ويا ويراڳي نڪري

*

## مينهون خان سوز بروچ

جيسين هئي جيڙي، ورچي نہ ويئي،
وچي پونءَ پيئي، سارينڌي کي سڄڻين. (پٽائي)

هونءَ ته موت برحق آهي، پر ڪِن ماڻهن جو مرتيو هڪ صديءَ جو موت ليکيو آهي. سائين جمال صاحب هڪ منصف سان گڏ هڪ عظيم ترين مفڪر، ڪهاڻيڪار ۽ اديب، مطلب ته هڪ گهڻ رخي صلاحيت جو مالڪ هو. سندس موت سنڌي ادب جي ڪلاسيڪي دور جو انت آهي. سندس مرتيي کان پوءِ اهو خال شايد صدين تائين پرجي نه سگهي.

چاچا جمال سائين نهنو رلڻو ملڻو، غريبن سان غريب ۽ فقيرن سان فقيرن جهڙي هلت هلندو هو. سندس انسان دوستيءَ جو هڪڙو مثال مون کي ياد ٿو اچي: منهنجو بابا سائين وفات ڪري ويو هو. هونءَ ته بدر ابڙي سان منهنجي تمام گهڻي نيازمندي هئي ۽ آهي، پر شايد هو ايتري دور دراز سنڌ يعني ڪنڊ ڪوٽ مون سان تعزيت ڪرڻ ڪونه اچي ها، پر چاچا جمال سائينءَ کيس ايترو ته بُرو پلو ڳالهايو جيڪو هت لکڻ مناسب ناهي. تڏهن بدر ۽ انور پيرزادو بابا سائينءَ جي عذر خواهي لاءِ ڪنڊڪوٽ اچي پهتا.

هو سنڌ جي سرزمين جو عاشق هو. سنڌس سنڌ دوستيءَ جو هڪ مثال هت پش ڪرڻ ڪافي ٿيندو: جڏهن چاچا جمال سائينءَ سان لياقت نيشنل لائبريري، ڪراچيءَ ۾ شام ملهائي پئي ويئي، تڏهن هن پنهنجي تقرير جي شروعات هنن لفظن سان ڪئي هئي: ”سنڌ صلي الله عليہ وآلہ وسلم،“ اُت حاضرين کي ڏندين آڱريون اچي ويون هيون. ان وقت منهنجين اکين ۾ لڙڪ لڙي آيا (خوشي منجهان) هئا تہ جڏهن همڙا سنڌ جا سچا سپاهي موجود آهن تہ پوءِ سنڌ کي لهر نڪي لوڏو آهي.

چاچا جمال سائينءَ کي آءٌ ڪين ”مرحوم“ ان لاءِ نٿو لکان جو هُو جسماني طور تي اسان کان جدا ٿي ويو آهي، پر سندن آدرش اسان کي هميشہ اتساهيندا رهندا.

هي سٽون لکي، شايد مون چاچا سائينءَ سان انصاف نہ ڪيو هوندو پر آءٌ شاهہ صاحب جي هينين سِٽن سان ڪين خراج عقيدت پيش ڪريان ٿو:

اڄ نہ اوطاقن ۾ دونهين، ڏنڌ، نہ لاٽ،
ويا ويراڳي نڪري چٽ چڪائي چاٽ،
مارنيم فراق، جيجان تن جوڳيئڙن جي. (پٿائي)

2 جولاءِ، 2004

*

## انور بلوچ

### هڪ خبر تي ٽِڪي ويل اکيون

اڄ اخبار ۾ اوچتو اکين اڳيان خبر آئي تہ اکيون اُتي ئي ٽِڪي پيون تہ، ”جمال ابڙو هاڻي هن فاني دنيا ۾ نہ رهيو آهي.“ اها هڪ دکدائڪ خبر هئي. ان خبر سڄي سنڌ کي ڏک ڏنو. سنڌ هڪ مها ڏاهي کان محروم ٿي ويئي. چاچي جمال سان منهنجون فقط چار يا پنج ملاقاتون هيون. بدر ابڙي صاحب جي دوستيءَ جي ڪري مون جڏهن سچ اخبار ۾ شيئر ورتو هو تڏهن مون کي هن صاحب وڏيڪ سمجهاڻي ڏني هئي ۽ نصيحت ڪئي هئي تہ، ”اخباري دنيا وڏي ڏنگي آهي، جنهن لاءِ اوهان ۽ بدر سائينءَ کي اضافي محنت ڪرڻي پوندي-“ ۽ اڄ مون کي خبر پيئي تہ، کهڙي نہ صاف ۽ شفاف ڳالهہ ڪئي هئائون. هُو هميشہ چوندو هو تہ، ”سچ ڳالهائيندا ڪريو. سچ ۾ اوهان کي سيڪجهہ ملي ويندو.“

بدر ۽ اوهانجي پاٿرن ۽ گهرياتين کي خدا صبر ۽ چاچا جمال جي نقشِ قدم تي هلڻ جي توفيق ڏي.

2 جولاءِ، 2004

*



Gul Hayat Institute

## قبول ابڙو

### اسانجو ادبي بزرگ

سائين جمال ابڙي جي افسانن پڙهڻ بعد ئي پتو پيو تہ افسانو ڇاهي؟ اڄ لڳي ٿو تہ اسان جو ادبي بزرگ ۽ پيار موڪلائي ويو!

2 جولاءِ 2004

❋

## اسحاق انصاري

### سنڌي ڪهاڻيءَ جي نئين روپ جو خالق

جمال ابڙي صاحب جي شخصيت ۽ فن، سنڌي ادب ۾ پنهنجو هڪ خوبصورت ۽ وڏو مقام رکن ٿا. سندس فن مقدار ۾ گهٽ، پر معيار ۾ وڏو آهي. جمال ابڙو صاحب سنڌي ڪهاڻيءَ کي هڪ نئون روپ ڏنو. ان کان علاوه ان دور ۾ ترقي پسند ادب جي شروعات ڪئي. سندن لاڏاڻي جو خال شايد ئي پرجي سگهي.

❋

## ڪامريڊ غلام رسول سهتو

### درد واري دل رکندڙ جمال ابڙو

سائين جمال ابڙي صاحب جو سنڌ جي انهن ماڻهن ۾ شمار ٿئي ٿو جن جي اندر ۾ درد رکندڙ دل هئي. اها ڳالهہ سندس لکڻين مان صاف چٽي پٽي نظر اچي رهي آهي. سنڌ ۾ ڪهاڻيون لکندڙ پيا بہ پيا پيدا ٿيندا، پر پلو ماڻهو تيئن ڪافي ڏکيرڙو ٿي ويو آهي ۽ جمال صاحب بابت مون سندس يارن مان ڪنهن کان بہ گلا نہ ٻڌي آهي. جڏهن تہ لکندڙن جي قبيلي ۾ گلا ڪرڻ واري خوبي ڪوٽان ڪوٽ پريل هوندي آهي.

مان جمال صاحب کي ملٽري ڪورٽن ۾ ايندي ڏٺو جڏهن بدر ابڙي تي مشهور ڪميونسٽ سازش ڪيس هلي رهيو هو. جوان پٽ تي ضياءُ الحق جي دور ۾ سازش ڪيس هلندو هجي، پر پيءُ جي چهري تي فلڪ ئي نہ هجي! ان مان معلوم ٿيندو هو تہ هُو پنهنجين لکڻين سان ڪيترو نہ ڪميٽيڊ هو. وڏي ڳالهہ اها آهي تہ جمال صاحب اسان کي بدر جي ساڳي درد رکندڙ هستي ورثي ۾ ڏئي ويو آهي. اهائي سندن فيملي جي تسلسل جي ڪڙي آهي.

اسين اميد ڪيون ٿا تہ سندن اولاد پنهنجي ذات جي خوشبوءِ سان سدائين سنڌ کي پيو واسيندو. ❋



Gul Hayat Institute

## حافظ محمد صديق ميمڻ

### هڪ ملنسار ماڻهو

سائين جمال ابڙي کي مون پهريون دفعو باٿ آئيلينڊ جي جامعه مسجد ۾ نماز پڙهڻ کان پوءِ ورود وظيفا ڪندي ڏٺو. مون کي سائينءَ جي چهري ڏاڍو متاثر ڪيو سو وچي مليو مانِ. خبر پئي ته اهو سنڌ جو مشهور اديب جمال ابڙو هئو. سائينءَ کي مسجد ۾ ڏسي ڏاڍو عجب لڳو ڇو ته ابڙو صاحب لاءِ مشهور هئو ته، سائين خدا کي ڪو نه مڃيندو آهي، پر هتي ته منجهن وڏي عاجزي ۽ انڪساري ڏٺم.

سندن طبيعت ۾ وڏي ملنساري ۽ شفقت هوندي هئي. خدا کين جنت الفردوس ۾ جڳهه ڏئي. آمين.

❋

## عبد الخالق جوڻيجو

*چيئرمين جيئي سنڌ محاذ*

### جمال ابڙي سنڌ شناسائيءَ ۾ رهنمائي ڪئي

جمال ابڙي جو شمار بلاشبہ انهن ماڻهن ۾ ٿئي ٿو جن سنڌ شناسائيءَ ۾ هڪ پوري نسل جي رهنمائي ڪئي. جمال ابڙو سنڌي ادب جي هڪ تاريخ ساز شخصيت ته هيو ئي، پر هن ڪامورن جي لاءِ به هڪ مثال ڇڏيو ته، ”سرڪاري ملازم هوندي به ماڻهو ايمانداريءَ جا مثال قائم ڪري سگهي ٿو ۽ پنهنجي وطن ۽ ان جي باشندن سان وفادار رهي سگهي ٿو.“

❋

Gul Hayat Institute

## اسماعيل راهو

### جمال ابڙي جو وڇوڙو هڪ سانحو آهي

جمال ابڙي صاحب مرحوم جو شهيد فاضل راهوءَ سان گهڻو تعلق هيو. منهنجون ساڻن ڪجهه ملاقاتون رهيون. هُو هميشه گهڻي پيار ۽ پاٻوهه سان ملندو هو.

مرحوم جون سنڌي ادب ۽ خاص ڪري سنڌي افساني ۾ ڪيل خدمتون هميشه سنڌي ادب ۾ لازوال حصي طور شامل رهنديون. جمال ابڙي جو وڇوڙو هڪ سانحو آهي. رب تعاليٰ سندن پونئيرن ۽ دوستن احبابن کي هن سانحي جو صدمو برداشت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

*5/7/2004*

## سيد ديدار حسين شاهه

### جمال ابڙي پنهنجي ڌرتيءَ جو قرض لاهڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي

ماڻهو سڀ نه سڻاڀ، پڪي سپ نه هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي (ڀٽائي)

مرحوم جمال الدين ابڙي پنهنجي ايامِ زندگيءَ ۾ بحيثيت آفيسر، اديب ۽ سوشل ورڪر هڪ اعليٰ مقام ماڻيو. مرحوم سنڌ ڌرتيءَ جي ڄائي هئڻ جي ڪري پنهنجي ڌرتيءَ جو قرض لاهڻ جي لاءِ لکڻين، مقالن ۽ تقريرن ذريعي ڀرپور ڪوشش ڪئي. سندس انتقال جي ڪري سنڌ جي ادبي شعبي ۾ جيڪو خال پيدا ٿيو آهي، اُهو پرجڻ مشڪل نظر اچي ٿو.

مان الله تعاليٰ جي درگاهه ۾ دعاگو آهيان ته مرحوم کي جوارِ رحمت ۾ جڳهه ڏئي ۽ سندس وارثن کي صبر جميل جي توفيق عطا ڪري ۽ انهن کي پاڻ ۾ سڪ ۽ هڪٻئي سان محبت ۽ ايڪي سان رهڻ جي قوت ۽ حوصلو عطا ڪري. آمين.

2-7-2004

❊

## آفتاب ابڙو

*ايڊيٽر ماهوار پيغام، سنڌ اطلاعات کاتو، ڪراچي*

### جمال ابڙو: هڪ اصول پرست اديب

جمال ابڙي پنهنجي شخصيت توڙي ڪردار سان سنڌي سماج ۾ اڻ مٽ اثر ڇڏيا. هن هميشه اصولن کي اوليت ڏني. ڪنهن به ڏاڍ ڏمر آڏو نه جهڪيو. سرڪاري نوڪرين ۾ رهندي به هن سنڌ دوستيءَ کي ترجيح ڏني. ڪوڙ ۽ منافقت کان پري رهيو. جيڪو چوندو هو، ان جو عملي مظاهرو به ڪندو هو.

هن پنهنجي سوانح حيات به نهايت سچائيءَ سان لکي آهي. سندس ڪردار ادب توڙي سماج ۾ مثالي رهيو آهي. سندس پٽن بدر ۽ اطهر مان سندس ڪردار جو اولڙو ته نظر اچي ٿو پر اِنهن مان شخصي طور تي پنهنجائپ جي خوشبوءِ به ايندي آهي.

❊



Gul Hayat Institute

## بخشڻ مهراڻوي

### ويا سي وينجهار

زندگيءَ جي ننهڙ اُس ۾ جمال سائين جهڙيون هستيون ڇپر ڇانو مثل آهن. بدر سائينءَ سميت اڄ اسان به انهيءَ گهاٽيءَ ڇانو کان محروم ٿيا آهيون.

لطيف سرڪار جي هن سِٽ کي ٿي هنن لمحن ۾ پنهنجو سهارو بڻايان ٿو:

”وياسي وينجهار، هيرا لعل ونڌين جي.“

❊

## ڊاڪٽر دودو مهيري

### جمال ابڙي اسان کي ”پشو پاشا“ بڻجڻ جو سبق ڏنو

سائين جمال ابڙو اُها شخصيت هيو جنهن جي ڪهاڻين اسانجي سياسي زندگيءَ تي گهرو اثر ڇڏيو. اسان سندس ڪهاڻي ”پشو پاشا“ جي ڪردار وانگر پنهنجي زندگي جدوجهد ۾ گذارڻ ڪجهه ڪرڻ ۽ اکين سان نتيجا ڏسڻ جو سبق حاصل ڪيو.

جمال ابڙي صاحب جن پنهنجي علمي جدوجهد پنهنجي آتم ڪٿا لکڻ ذريعي به جاري رکي. سنڌ جي تمام ٿورن سچن ۽ ڏاهن انسانن اهڙو ورثو پٺتي ڇڏيو آهي. جو ته بايوگرافيءَ ذريعي پاڻ کي سيني ماڻهن جي اڳيان جيئن جو تيئن پيش ڪرڻ به ڪنهن دل گُرڙدي واري جو ڪم آهي ۽ جمال صاحب جن اهڙو ڪم ڪري پين جي لاءِ هڪ مثال ڇڏي ويا.

جمال صاحب جن جون علمي خدمتون سنڌ واسين کي هميشه ياد رهنديون.

3_7_2004

❊

Gul Hayat Institute

## چاچا محمد علي لغاري

(اڳواڻ سنڌ نيشنل ڪائونسل)

### آديسي اُٿي ويا، پٺيءَ اڏامي رَکَ

مرحوم جمال ابڙو صاحب جي شان ۾ نذرانه عقيدت طور تي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سر رامڪلي جا به بيت پيش ڪريان ٿو.

تان ڪي سانئسن اور، جان آهن او صداقت ۾،
ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ۾ پاڻ مٿائن گهور،
ويا جي هنگلور ته ڪرم ملنديءِ ڪاپڙي

اڄ نہ اوطاقن ۾ تازا پٽڙ ڪک،
آديسي اُتي ويا، پئي اڏامي رَڪَ
سامي ڪٽي سنڪ، وڃائي وات ٿيا.

❊

## ڊاڪٽر رحيم سولنگي
(اڳواڻ سنڌ نيشنل ڪائونسل)

### جمال ابڙو سنڌ جي ساڃاهہ، ڏاهپ ۽ اتساهہ جي علامت هو

سائين جمال ابڙو سنڌ جي ساڃاهہ ، ڏاهپ ۽ اتساهہ جي علامت هو. پاڻ هميشہ چڱائيءَ کي ترجيع ڏيندي بهتر مستقبل جا خواب ڏسندو رهيو. هُو سنڌ جي آجپي، خوشحالي ۽ انسان جي عزت ۽ احترام جي لاءِ جهيڙيندڙ ڪارڪنن جي لاءِ مشعل راهہ رهيو. اسانکي سندس لکڻيون هميشہ اتساهہ ڏيندڙيون رهيون آهن ۽ اِهي ايندڙ نسلن کي بہ ڏڳ لائيندڙيون رهنديون.

شل سندس خواب ساڀيان ٿين.
3_2_2004

❊

## ناصر علي پنهور

### هڪ مثالي ڪردار

محترم جمال ابڙي صاحب جي شخصيت ايندڙ نسلن لاءِ هڪ مثالي ڪردار طور رهندي. اڄ ڪلهہ جي دور ۾ جتي تيزيءَ سان قدر تبديل ٿي رهيا آهن ۽ آدرشي ماڻهن جي کوٽ ٿي رهي آهي، اهڙي صورتحال ۾ جمال ابڙي صاحب جي شخصيت ۽ ڪم نوجوانن جي لاءِ اُتساهہ جو ذريعو رهندو.

❊

## مقصود گل

### جمال ابڙو امر رهندو

جمال ابڙو صاحب وڏي ڪهاڻيڪار سان گڏ وڏو ماڻهو بہ هو، جنهن پنهنجي والد صاحب جي پيروي ڪندي با اصول زندگي گذاري ۽ پوئين جي لاءِ مثال ڇڏي ويو. جمال ابڙو صاحب پنهنجي سچائي ۽ محنت جي حوالي سان سنڌ امڙ جي ماناڻي فرزند جي حيثيت ۾ تاريخ ۾ هميشہ امر رهندو.

اوهان کي ذاتي طرح گذارش آهي، تہ اِن صدمي کي سگهہ ۾ تبديل ڪري



Gul Hayat Institute

سائين جمال ابڙي واري مشن کي جاري رکڻو آهي ۽ سندس ٻاريل شمع جلائي رکڻي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ جيڪڏهن مون کي ڪنهن ذميواري لائق سمجهيو ويو تہ مان خوشيءَ سان خدمت ڪندس.

14 جولاءِ 2004

❊

## هاشم کوسو

*وائس چيئرمين جيئي سنڌ محاذ*

### جمال ابڙي قومي ۽ طبقاتي جاڳرتا پيدا ڪئي

جمال ابڙو سنڌي ادب جو وڏو نالو هو. سنڌ اندر قومي ۽ طبقاتي سوچ ۽ جاڳرتا پيدا ڪرڻ ۾ سندس تاريخي ڪردار آهي، جيڪو تاريخ ۾ ياد رهندو.

❊

## گلاب هَڪڙو

### آديسي اُٺي ويا

اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين،
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا (ڀٽائي).

2_7_200

❊

## علي مرتضيٰ ڏاريجو

Gul Hayat Institute

### هڪ خاموش سپاهي

سائين جمال ابڙي صاحب سان گهڻو زمانو اڳ ملاقات ٿي هئي. اُن ملاقات ۾ هُو مون کي هڪ خاموش طبع ۽ درويش صفت انسان لڳو هو. منجهس ڪيترين ئي خاصيتن ۽ گڻ هيا. هُو هڪ گهڻ پاسائين شخصيت هيو.

جمال ابڙي جا سنڌ جي مسئلن تي لکيل افسانا اڄ بہ اوترائي سگهارا آهن، جيترا اهي ڪيترا سال اڳ هئا. هُو سنڌ جي حقن جي لاءِ وڙهندڙ هڪ خاموش سپاهي هيو. اهڙا انسان سدا حيات رهندا آهن.

❊

## سيد خادم علي شاهه
اڳوڻو ايم اين اي، ميرپورخاص

### اسان جو ياءُ اسان کي اڪيلو ڪري ويو

اسان جو دوست، ياءُ جمال ابڙو صاحب هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري اسان کي اڪيلو ڪري ويو. سندس محبتون ۽ پيار هر ماڻهوءَ لاءِ هو هر ماڻهوءَ لاءِ برابر هو پوءِ چاهي اهو وڏو هجي، ٻار هجي يا بزرگ هجي.

هن سنڌي ادب جي دنيا ۾ وڏو ڪم ڪيو. سندن لاڏاڻي ڪانپوءِ سنڌي ادب ۾ هڪ وڏو خال پيدا ٿيو آهي، جنهن جو پوراءُ نـ ٿي سگهندو. هنن جي لاڏاڻي سان خاص ڪري سنڌ کي وڏو نقصان ٿيو آهي. الله سائين کين جنت ۾ جاءِ ڏي. آمين.

❊

## حاجي منور علي عباسي

سائين جمال الدين نـ رڳو هڪ مهان ڪهاڻيڪار هيو پر هڪ عظيم انسان پڻ هيو. جمال الدين ابڙو اسان جو خانداني دوست هيو. مرحوم پرائمري اسڪول وليد (لاڙڪاڻو) ۾ پڙهيو هو جتان اسان پڻ پرائمري تعليم حاصل ڪئي هئي. جمال الدين صاحب مختلف ڪاتن ۾ رهيو جتي هن نالو ڪمايو. مون کي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيڻ کان پوءِ معلوم ٿيو تـ هن اسيمبليءَ ۾ بـ ڪافي ڪم ڪيو هوءِ اتي ڪيترن ئي ماڻهن کي روزگار سان پڻ لڳايو هئو.

سائين جمال صاحب جي اوچتي وفات جي ڪري سنڌ جي هر ماڻهوءَ کي ڏک رسيو آهي. مرحوم جو خال پرجڻ ڏاڍو مشڪل آهي.

الله تعاليٰ کين جنت الفردوس ۾ جڳهہ ڏئي ۽ سندن پونئين کي صبر و جميل عطا فرمائي.

2_7_2004

❊

## نور احمدِ جنهجي
ايڊيٽر ماهوار جاڳرتا، حيدرآباد

### جمال ابڙو ڪيئي روشن واٽون ڇڏي ويو

ثبت است بر جديده عالم دوام ما (حافظ)

سائين جمال ابڙو سنڌ ۾ هڪڙو ئي پيدا ٿيو جنهن نج پچ ۽ نبار حياتي

Gul Hayat Institute

گهاري ۽ جنهن کي سنڌ جو ايندڙ نسل پنهنجي راهه جو رهنما بڻائي سگهي ٿو.

جمال سائينءَ جي ڪماٽيڪاري، انتظامي عملداري، منصفاڻي ذميداري ۽ سوانح نگاري، سمورا اهڙا پهلو آهن، جيڪي پنهنجي پِڙ ۾ نيارا آهن ۽ سندس لکڻين جي پنهنجي سڃاڻپ آهي. انهن سيني کان هٽي ڪري سندس حياتي گهارڻ جو انداز ۽ قدرت ۾ سندن گهري ايمان وارو پهلو پڻ سندن شخصيت کي هڪ نرالپ بخشي ٿو جنهن بابت پڙهي زندگيءَ جا ڪيئي تاريڪ پاسا تابناڪ ٿي پون ٿا:

مون سي ڏٺا ماءِ، جني ڏٺو پرينءَ کي،
ڪري نہ سگهان ڪا، تني سِندي ڳالهڙي (ڀٽائي)

سو جمال سائين سموري سنڌ لاءِ روشنيءَ جون لاٽون ڇڏي ويو آهي، جن وسيلي سمورئِون واٽون سنيون سنواءِتون ۽ روشن ٿي پونديون.

شل ڏٽي تعاليٰ کيس جنت ۾ جاءِ ۽ سموريءَ سنڌ کي سندن وفات تي صبر ۽ سهپ جي توفيق ڏئي.

❊

## مير نادر علي ابڙو

### هڪ گهاٽي بڙ جي ڇانوَ کسجي ويئي

چاچا جمال سنڌي ادب جو وڏو نالو هو. هُو اسان جو سڳو چاچو نہ هوندي بہ، اسان جي لاءِ چاچا کان وڌيڪ رشتي واري شخصيت هو. بابا سائين مرحوم (ڪامريڊ تاج محمد ابڙو) سان گڏ وڪالت ڪرڻ، گڏ جج ٿيڻ (اُٺويهہ سوءَ سٺ وارو دور)، گڏ ادبي ڪم ڪرڻ، مطلب تہ هر ڳالهہ ۾ بابا سائين ۽ چاچا جمال هميشہ هم صلاح ٿي رهيا. هُو عدليہ، توڙي ادب، سياست توڙي ذاتي زندگيءَ ۾ قدم قدم سان گڏ ملائي هليا. هاڻي جڏهن هُو هن جهان ۾ موجود ناهي رهيو تڏهن ائين ٿو محسوس ٿئي، ڄڻ بابا سائينءَ جي وفات کان پوءِ مون کان ڪنهن وڏي بڙ جي ڇانو کسجي ويئي آهي.

❊

## بشير احمد ملاح

*ڪنب، ضلعو خيرپور ميرس*

### جمال ابڙو : منهنجو ادبي استاد

جمال صاحب سنڌ ۾ سياسي جاگرتا جي ڇٽنگ دڪائي. سندس ڪماٽين

جي ڪتاب ”پشو پاشا“ منهنجي ذهن تي ايترا تہ اثر ڇڏيا، جو مون هڪ ترقي پسند ڏر جو وچي پاسو ورتو. منهنجا سياسي استاد، جن تي مون کي فخر آهي، انهن ۾ سائين جي ايم سيد ۽ مير غوث بخش بز نجو ۽ ادبي فڪر جو سياسي استاد جمال ابڙو صاحب جن هيا. منهنجي ساڻن آخري ملاقات شيخ اياز جي مرتيبي تي ٿي هئي.

سنڌ شل اهڙا پٽ ڄڻي، جن هتي جي عوام جي لاءِ سچي زندگي ويڙهہ ڪئي.

❊

## ذوالفقار شيخ

*پي آر او، سنڌ اطلاعات کاتو، ڪراچي*

### جمال ابڙي جي خدمتن واري ڪم جي پيروي ڪرڻ جي ضرورت

سائين جمال ابڙي جو لاڏاڻو سنڌي ادب ۾ هڪ وڏو خال پيدا ڪري ويو آهي. دعا آهي تہ، شال الله تبارڪ و تعاليٰ سائين بدر ابڙي ۽ سندن خاندان کي هيءَ ڏک سهڻ جي سگهہ ۽ توفيق ڏئي، تہ جيئن اهي سائين علي خان ابڙي ۽ سائين جمال ابڙي جي خدمتن واري ڪم جي پيروي ڪري سگهن.

❊

## نياز ڪوکر

*چيف رپورٽر، روزاني خبرون، ڪراچي*

### جمال ابڙو: سنڌي ادب جي سونهن

جمال ابڙو صاحب سنڌ، سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سونهن هو. سندس وفات سان اسان سنڌ جي هڪ قيمتي سرمائي کان محروم ٿي ويا آهيون. سندس شخصيت ۽ سنڌ دوستي اسان جي دلين ۾ هميشہ لاٽ جيان ٻرندي رهندي. خدا کيس جنت جا دروازا کولي ڏئي. (آمين)

❊

## محمد شفيع، لاڙڪاڻو

محترم و مڪرم جناب جمال ابڙي صاحب مرحوم سان ملاقات تہ ڪافي عرصي بعد ٿي، پر سندن شخصيت ۽ سندس والد بزرگوار جيڪي (سنڌ جا) پهريان سنڌي ايم اي هيا، تن پنهنجي تنهي پٽاڻي اولاد کي تعليم جي زيور سان



Gul Hayat Institute

آراستا ڪيو. پائر ٿيئي.لاجواب. پر جمال صاحب جي شخصيت، جنهن جو آواز ڏيمو لطيف، جنهن جي آواز مان گلن جي خوشبوءِ تڏي هير وانگي ايندي هئي.

خاص ڪري سنڌن ادبي خدمت سنڌن ياد کي وسارڻ نہ ڏيندي. البت حياتي هجيڻ هان تہ قوم جي لاءِ اڃا وڌيڪ تحفا ڏيئي سگهن ها. پر آخر ڪار "ڪل نفس ذائقتہ الموت". الله تبارڪ و تعاليٰ کين جوارِ رحمت ۾ جڳهہ ڏي. آمين.

جمال صاحب جن جي لواحقين جي لاءِ صبر جي دعا.

18_7_2004

❊

## نياز احمد سمون

*(پٽ نور احمد سمون ۽ پاڻتيو نور محمد سمون)*

### جمال ابڙو اسان سان گڏ آهي

آئون اج بہ جمال ابڙي صاحب کي پاڻ وٽ محسوس ڪيان ٿو چو تہ سنڌن سيئي ڪتاب مون وٽ محفوظ آهن. رب العالمين کين جوارِ رحمت ۾ جاءِ ڏيندو. آمين.

❊

## پير فضل حق

ڳوٺ پير جهنڊو نيو سعيد آباد

### هڪ گهرو ڏک

جمال ابڙو صَاحب مرحوم اسان جو پيارو يار هو. مون وٽ اهڙا لفظ ناهن، جو ان جي لاڏاڻي جي ڏک جو اظهار ڪري سگهان. بس اهو ئو چوان: انا الله وانا اليه راجعون.

❊

## محمد اسحاق پنهور، دادو

### هڪ املهہ ماڻڪ

جمال ابڙي جهڙا اديب صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن

❊



Gul Hayat Institute

سيد عباد الله شاھ راشدي
پير جھنڊي وارو

## جمال ابڙو سنڌي ادب جو وڏو استاد بلڪ Trend setter هئو

سائين جمال ابڙو صاحب سنڌي ادب جو هڪ وڏو استاد بلڪ Trend setter هئو جنهن جهڙا اديب صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن ۽ جيڪي پنهنجو مثال پاڻ هوندا آهن.
شال الله تبارڪ وتعاليٰ سائينءَ جن کي جنت الفردوس ۾ جڳهہ ڏي ۽ سندن روح کي سڪون ۽ آشتي فراهم ڪري. ان سان گڏ سندن گھر وارن ۽ سنڌي قوم کي سندن لاڏاڻي جي ڏک برداشت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين.
محترم سائين جمال ابڙي سان منهنجي گھٽي چاڻ سڃاڻ ڪانہ هئي. مان کين پنهنجي چاچي پير فضل حق شاھ جي دوست ۽ پنهنجي جگري دوست اطهر جمال ابڙي جي والد جي حيثيت سان سڃاڻندو هوس. پر جمال صاحب جي وفات کان شايد مهينو کن اڳ ۾ مون کيءَ سندن آتم ڪٿا جا ڪتاب پڙهڻ جو موقعو مليو. ڪتاب پڙهڻ کانپوءِ مون کي ائين لڳو ڄڻ سائن ورهين جا واسطا هجن. اُن کانپوءِ مون کي سائن بيحد عقيدت ۽ محبت ٿي وئي.
سوچيم پئي تہ جلد سائن ملي، صحبت ڪري، ڪجھہ فيض حاصل ڪيان، پر اوچتو اخبار ۾ پڙهيم تہ "جمال صاحب جن هيءُ جهان ڇڏي ويا." شديد صدمو پهتو. املھہ ماڻڪ وڃائجي ويو. انا لله وانا اليہ راجعون. رب مٺن مهربان هئو تنهن ڪري ضرور راحتن ۾ هوندا. آمين.

*5 آگسٽ، 2004*

*

## اسان کين ڪڏهن بہ وڏي آواز ۾ ڳالهائيندي نہ ڏٺو

جمال ابڙو صاحب نهايت شريف طبيعت وارو هو. اسان کين ڪڏهن بہ وڏي آواز ۾ ڳالهائيندي نہ ڏٺو. مون کي 1985ع ۾ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر جي حيثيت ۾ ساڻس ڪافي وقت گڏ رهڻ جو موقعو مليو. هُو هر وقت مددگار ۽ نيڪ نيت ماڻهو رهيو. سندن جهڙي سادگي ۽ شرافت خدا ڪري هر ماڻهوءَ کي نصيب ٿئي. اهڙن ماڻهن جو نعم البدل ناهي.

جاتي هنج هئا، ڪانون ڪانگيرا ڪيا.
وڃي را ولي‌داد چٽي ولر ڪري وري

2 جولاءِ 2004



Gul Hayat Institute

## سيد زين العابدين شاھ

### مون جمال ابڙي کي سدائين ڪِلندي ڏٺو

چاچا جمال ابڙو ۽ منهنجو والد صاحب سيد مهر شاھ نہ رڳو ساڳئي اسڪول ۾ ڪلاسن ۾ هڪٻئي جا ساٿي هئا، پر اِهي ملازمت جي زماني جا بہ دوست هئا. اهي تمام نيڪ طبيعت ۽ نرم مزاج وارا انسان هئا. مون کين هميشہ صابر ۽ کِلندڙ انسان طور ڏٺو. الله کين جنت نصيب فرمائي ۽ سندن اولاد کي صبر عطا ڪري.

4/7/2004

*

## مولوي الله ڏنو چنہ

باسمہ تعاليٰ

بخدمت برادرم محترم بدر جمال ابڙو سلمہ تعاليٰ و تقدس

السلام عليڪم ورحمت الله و برڪاتہ

اما بعد. پيارا بدر صاحب، اڄ مون اوچتو اخبار ڪاوش ڏٺي ۽ منهنجي نظر ۾ توهان جي والد مرحوم جي فوت ٿي وڃڻ جو اطلاع هو. انا لله وانا اليہ راجعون ــ ۽ ماضي بہ ياد آئي. الله پاڪ توهان جي والد مرحوم کي مغفور بڻائي، سندن قبر کي جنت جو باغ بڻائي. آمين.

الله پاڪ توهان کي مرحوم والد ۽ پسمانده عزيز واقارب کي صبر و جميل جي توفيق عطا فرمائي. آمين.

هن عاجز جي پاران سلام دعائون پاڻ ۽ پيائرن کي عرض ڪندا.

فقط والسلام

دعاگو مولوي الله ڏنو چنہ

المدرسہ الجامعہ العربيہ دار العلوم حماديہ

Gul Hayat Institute

# Jamal Abro

(Life, Stories, Articles, Interviews and other Writings)

Compiled by
**BadarAbro**

Gul Hayat Institute

Sindhica

# Contents


Jamal Abro Profile 3

Pirani (Short Story) 6
The Angle 9
How to Stay Young 12
Quaid holds 90 minutes talks with Sindhi Students 13
Mr. Khajiloo 19
The Myth of Mohajirs as Creators of Pakistan 24

Jamal Abro: Homage to the Soil
*Asif Farrukhi* 32
Jamal Abro: A Humble Inconclast
*By: Abbas Jalbani* 41

Condolence Messages 45


Gul Hayat Institute

# Jamal Abro: profile

**Birth:**
May 2, 1924 in Sangi village, Mehartaluka, (Larkana district)

**Education:**
Schooling in Mangwani Goth, Larkana city.Matriculation Bombay Board (1941).LLB from Shahani Law College, Larkana.

**Service:**
Lawyer in Larkana (1948). Police prosecutor, Shahdadkot (1949-51), sub-judge (1952), later as sessions judge. Secretary, Sindh Assembly (1972-78). Member of Labour Corps (1978-80). Member, Federal Services Tribunal (1980-81). Registrar, Sindh High Court (1981-82). Judge, Labour Court (1982-84). Secretary, Sindh Assembly (1984-85). Chairman, Anti-Corruption Establishment (1985-87).

**Publications:**
Pishoo Pasha, autobiography in five volumes: Oonhi Galh AsrarJi, Dholey Dhaki Ahyan, Thohar Main GarhaGul, Eendo Na Vari Hi Vanrjaro and MaroPyaMeenhWasan (under publication).

Gul Hayat Institute

**Jamal Abro:**
A Collection of Stories, Articles and Letters,
A Dictionary of Quranic Arabic Words Also Used in Sindhi (under publication)

His stories have been translated into Urdu, Punjabi, English and German

## BIO DATA OF MR. JAMALUDDIN ALI KHAN ABRO

1. Comes from respectable literary family of Sindh. His father Mr. Ali Khan Abro was the first "Muslim" M.A. (Master of Arts) of Sindh, who was author of several books and worked with missionary spirit for social reforms. He was a scholar in Arabic and Persian. Has written Tafseer of Holy Quran.
2. Mr. Jamal Abro (Jamaluddin Ali Khan Abro) was born on 10th April 1925 in Village Sangi, District Dadu. He graduated in Law in 1948 and was enrolled as advocate of High Court in 1950.
3. Mr. Jamal Abro worked amongst the peasants and the labourers and acquired first hand knowledge of their problems and started writing about it.
4. Mr. Jamal Abro was appointed Police Prosecutor in 1950 and as such gained experience in criminology and problems of police personnel.
5. Mr. Jamal was selected by Public Service Commission as Civil Judge and first class magistrate in 1952 and was soon conferred the powers of Section 30 Cr.P.C. Promoted to Senior C.S.P. scale in 1971 and made District & Sessions Judge. Mr. Jamal Abro served as the Secretary to Government of Sindh in Assembly Secretariat for nearly seven years as such acquired experience of legislation and constitutional law.
6. Mr. Jamal Abro was elevated to the post of Member, Federal Services Tribunal under article 212 of Constitution.
7. Mr. Jamal Abro was appointed judge of the labour court for nearly four years and thereby acquired knowledge of labour laws and problems.
8. Mr. Jamal Abro was appointed the Registrar of the High Court for two years. He was likely to be elevated to the bench of the High Court but the then Governor of Sindh general Jehandad Khan requisitioned his services to

Gul Hayat Institute

establish the Assembly Secretariat after the withdrawal of the Martial Law.

**9.** Earlier the then Governor General S.M.Abbasi nominated Mr. Jamal Abro to the syndicate of the SindhUniversity where he acquired intimate knowledge of educational institutions and educational problems.

**10.** Due to unquestionable honesty and integrity, Mr. Jamal Abro was appointed Chairman, Enquiries and Anti-Corruption, Government of Sindh.

**11.** In the field of literature services of Mr. Jamal Abro were spread over a period of 40 years and he is so unique in his style and approach that many writers have adopted the same. In recognition of his literary services the President of Pakistan conferred upon him the award of Pride of Performance in the field of Literature on 23rd March 1994.

**12.** It may be mentioned that Mr.JamalAbro was sent to 4th Afro-Asian Writers' Conference at Moscow where in the absence of Mr. Faiz Ahmed Faiz he acted as the leader of the delegation in his place.

Gul Hayat Institute

# Pirani

The Brohis were coming down from the hills. The winter had just set in. The cold, dry wind was sweeping down the dust and the gravel ahead of them.

They had two or three bullocks and one camel. Two dogs with wagging tails followed them. The men were barefooted, their shalwars(trousers) short and torn. On their heads they wore conical, embroidered caps full of dust and dirt. The women donned long robes with pretty embroidered designs now shredded and fading away as a result of long wear. On the bullocks they had loaded huge sacks full of twine and ropes twisted out of goat's hair. The young children sat huddled on the sacks, the parents driving the animals with their sticks as they kept humming, "Hee, hoon, hee, honn...." with their beards they looked handsome and dignified, but penury-stricken and weather-bitten.

They pitched their camp on a secluded spot where they distributed pieces of dry bread. From another cloth bag they took out some lumps f dried curd which they put in pitchers full of water. Each one gulped down a few draughts. Little Pirani, hardly nine years old, clapped her hands as she cried, "We are now in Sindh! We will have such good things and so many!" Her father took off his cap and scratched his head full of lice. The mother looked annoyed. Other children were also dreaming of the good and sweet things awaiting them on the plains. In the valley of Sindh, they built for themselves small shacks made of hay. They slept on hay and put on slippers made of hay. They sold the ropes and bamboo sticks, Sometimes, they starved by turn.

Gul Hayat Institute

The winter was over. It was time to return to the hills. The poor children went without good things. Pirani's father looked at his wife's face meaningfully. There was anger and desolation in the glances they exchanged. The wife felt scared and looked at Pirani's shirt which she had washed only that morning. There was no defiance in her silent, miserable eyes.

Pirani's father approached the neighboring village and greeted the people with a loud, "Salamalaikum". He asked, "Brothers, does any body need a girl in marriage?" He meant to sell his little daughter.

For the Sindhi peasant it is not easy to get a wife. Many girls are pledged as soon as they are born. It costs money to have a wife. May Allah have mercy on all! Lalu's father looked at his adolescent son who had a husky voice and the bare trace of a beard. Both Lalu and his father accompanied the Brohi to his hamlet. The Brohi dogs barked as they saw the Sindhi strangers approaching. Pirani, her hair loose and her back uncovered, ran and held her mother tightly by the shirt. Lalu's father felt her body. Pirani's father, anxious to strike a good bargain, exhorted, "She has lots of flesh. she is no weakling!" the dogs would not stop barking and they kept it up till they had followed the strangers back to the outskirts of the hamlet. the dogs then wagged their tails as if they had done their duty.

Out side the hamlet, after considerable high-haggling the bargain was struck for sixty rupees!

Gul Hayat Institute

The Brohis were now getting ready to return to the hungry hills. they pulled down the shacks and loaded the bullocks. they children kept chattering about the hills and the babble trees on the hills.

Lalu's village was on the way. Pirani's mother walked abreast, almost touching her daughter, while the father offered his finger for Pirani to hold. "Are we returning home?" asked Pirani. The father nodded. He could feel a corrosive void turning and twisting within him. The mother felt as if something heavy were hammering within her breast,

trying to get out.

Lalu's People were waiting. As they drew nearer, Pirani's mother twitched convulsively and clasped her daughter. Lifting her high, she pressed Pirani to her bosom. The mother and daughter were panting, their hearts pounding fast, their eyes panic-stricken. Others stood around them. the father with his trembling hands lurched forward and tore away his daughter with a look of finality. The mother broke down, her heart crushed, her very vitals cut into pieces. She screamed, "Pirani, oh, my little Pirani!" The girl shrieked back.. The birds flew away in panic.

Lalu's father took hold of Pirani who lay huddled on the ground. Pirani's father was sobbing, his tears flowing down his cheeks and through his beard to the ground. But he was holding his trembling wife and pulling her back. The caravan started moving. Pirani was hysterical, crying for her father and mother. The mother was being dragged away, but her loud lament rent the air from afar. "Oh, Allah, my Pirani, baby Pirani, may the hills be on fire, may Sindh prosper, oh, my little Pirani!"

They dragged the struggling inside her new home. But she was slipping away from their hands, kicking, biting, screaming and bouncing like a rubber bail. Lalu ran inside and soon brought a piece of jigger which was put into Pirani's mouth. But the sweet came out gurgling. The child's delicate throat was hoarse with cries. Between tears and hiccups she kept moaning about her father and mother. In vain.Lalu was in fury now. He brought out a dagger and opening his eyes wide, he thundered, "Now, will you shut up before I carve you in pieces?" Little Pirani, rolling on the dust, gave a scream with all the was left of her strength. The goat in the courtyard pricked up her ears and started licking her kid. A woman hugged her daughter in fright.

Yes, Pirani is still alive today. One of her sons is a policeman, and the other a life convict in a prison.

(Translated from Sindhiby HashooKewalramani)

Gul Hayat Institute

# The Angle

I was in Islamabad. Normally all kinds of living beings; birds, insects and animals inhabit Islamabad; but since this story concerns me, I will only talk about my visit to Islamabad.

So, I was in Islamabad and was staying in Islamabad Hotel. Cool, comfortable room, colour Television, flowery curtains, a telephone and an efficient room service were at my disposal. Free meals three times a day, loving friends, relaxed atmosphere, no work to worry about. Only speeches to devour and digest.

Unfortunately I fell ill. Discomfort, short breath and sinking heart alarmed me. My friend PirbhuNaashaad, who has now joined the fold of the faithful, and calls himself NafisShaikh, rushed to my room with his humble and pretty sister-in-law. One look at me, he got worried about the state of my health. Sincere as he is, he rushed immediately out to call some "wise man". Wise man is the word we use for a doctor.

Gul Hayat Institute

He returned almost immediately, and said ,"Qasmi Sahib is on the way."

I was now my turn to get worried. During my school days I had seen pictures of Mohammed Bin Qasim: sword in hand, steel helmet to protect his head, riding a handsome horse with forelegs in the air.

Soon the doctor came. A lovable character he was. Nadeem or Nadim, whatever his name was. We looked more Nadim than Nadeem.

After he had checked me carefully, I said, “Doctor Sahib, you say that I am running high blood pressure, but in fact I am suffering from low blood pressure for the last so many years.”

He replied with an extremely sweet smile, “It is not the blood pressure, but the literary pressure that has gone high.”

I was not satisfied. “Is it some newly discovered disease like AIDS?” I asked.

“No, no,” he said, “it is a very common disease in Pakistan these days.”

After a pause he said, “it is curable. If you are unable to write, speak it out. Keep on talking loud and clear.”

I said, “I am a poor speaker”.

He became serious and went out of the room. On his way out he told Pirbhu confidingly, “he will burst very soon”.

After the doctor was gone, Pirbhu really got perturbed. He said “I will bring the best available doctor in Islamabad this time”.

The big doctor did arrive at last clad neatly from head to toe in white, he looked an angel. He smiled, laughed and embraced me in his strong arms for a big hug. Said pleasant things, comforted me.

“Everything is going to be alright” , he said, “nothing to worry about. This is a very peaceful place. Weather is pleasant. People are friendly. Now rise and shine. Here you will find of all sorts. People get their hopes and desires fulfilled here. No disappointments. No failures.”

Gul Hayat Institute

I told him about my ailment. Showed him my heart, chest and pulse.Talked about my failures in life.

He replied, “No problem. I can arrange a luxurious house a car and regular monthly income for you “.

“No thank you”, I said “God has been very kind to me already”.

“Do you read my books” he asked.

“History, literature, philosophy, politics___”

"Burn those dirty books. Read the Holy Qur`an only."

"I recite daily, with meanings and comments."

"Always remember God and offer your prayers regularly".

"Five times a day. I even pray during the nights also".

"I can send you for Hajj".

"I have already performed Hajj".

"Enjoy your holidays. Visit Swat, Kaghan and Ziarat".

"I have travelled widely in India, Pakistan and other parts of the world. I have even been to Soviet Union".

He was shocked. Most certainly he did not like my reply. He shook his head in disgust and said, "Something terribly wrong with you. I will have to re-check you thoroughly".

He raised both his hands. I was taken a back to see his hands turn into claws. With terrified eye. I started at his spotless white robe, which had moved a little to show a uniform under it.

I could not resist shouting, "Angel of death".

(Translated from Sindhi by QamarShahbaz)

Gul Hayat Institute

# How to stay young

Youth is not a time of life … it is a state of mind. Nobody grows old by merely living a number of years; people grow old only by deserting their ideals. Years wrinkle the skin, but to give up enthusiasm wrinkles the soul. Worry, doubt, self-distrust fear and despair … these are the long, long years that bow the head and turn the crowing spirit back to dust. Whether seventy of sixteen, there is in every being's heart the love of wonder, the sweet amazement at the stars and the star like things & thoughts the undaunted challenge of events, the unfailing childlike appetite for what next, and the joy and the game of life. You are as young as your faith, as old as your doubt; as young as your self-confidence, as old as your fear; as young as your hope, as old as your despair.

Gul Hayat Institute

# Quaid holds 90 minutes talks With sindhi students

The above caption is not of my creation. It is page from history. It is the lead story, that day, on the front page of the daily Dawn under the editorship of AltafHussain. The Quaid-e-Azam had already burnt his fingers in Bengal by declaring Urdu as the state language. So he was quick enough to call Sindhi students and give them his precious 90 minutes when he hardly gave 15 minutes to Liaqûat Ali Khan, the then Prim Minister.

It is strange that people forget lessons of history and allow students to be carried away by ordinary day-to-day events that can be tackled by sagacity and tenacity of Quaid-like character. One is taken back when politicians of the caliber and stature of PirPagaro succumb to the vain demand of separation of Karachi from Sindh. It was the very same decision that was in the making that the whole Sindh was aflame. There was spontaneous peaceful uprising throughout Sindh. Mr. Abdul GhafoorBhurgiri, Advocate (later a Minister) was arrested at Larkana, Mr. Abdul Sattar Sheikh Advocate (later Additional Advocate General) was arrested at Mirpurkhas, Mr. Faiz Muhammad Kazi at Nawabshah, Mr. Sher Muhammad Shujra at Shikarpur and Mr. Wagho at Jacobabad were also put under arrest. It was late 1947 or early 1948 when Karachi was pleasant climatically. We students daily moved out in separate groups, raised slogans, and held peaceful demonstrations. The path of violence was unknown in those days. The politics of JalaoGherao was imported into Pakistan from across the border.

Gul Hayat Institute

One day we went to the house of Pirzada Abdul Sattar (probably Commissioner House at present). He came out and stood at his door. Obviously agitated, he kept his calm and cool. He plainly said that he was a federal minister and we should better approach the provincial heads of government to oppose the proposal of separation of Karachi from Sindh. We thereupon went straight to the Governor House, at Bleak House street to meet Sir GhulamHussainHidayatullah. He refused to meet us whereupon some students pelted stones at his house. His military secretary came out and asked us to choose a delegation of five or six for an audience with the Governor. It was midday and Sir GhulamHussain was sitting at the head of a long table. He was a diehard and shrewd politician. As soon as we sat around the table he rebuked us and shouted at us. The students were sitting silent whereupon I got up and told my colleagues to leave alone the hopeless and helpless old man whereupon they walked out in a file and the Governor obviously annoyed at my words shrieked, "Get out". I was the last to leave and turning to him said, "You will also get out soon". The Secretary Muslim Students Federation, Mr. Shafi Ansari of Dadu, asked me to keep quite. We came out within five minutes and told the students of what happened. The atmosphere was further charged with anger and we came back to Sindh Courts. In the afternoon, some students collected hundreds of photographs of Mr. Jinnah and set them on fire near Muslim Gymkhana.

Gul Hayat Institute

The next day students came out on roads. We were on the road leading to the Governor General's house (previously and presently Governor House). A friend suggested to go to the Chief Minister House to register our protest but we decided against as the then Chief Minister, Mr. M.A Khuhro was already in hot waters. He had played a positive role during Karachi riots against the Hindus, engineered by Khan Liaquat Ali Khan. Mr. Khuhro crushed the riots in one day with iron hand. He was a politician of high caliber and had

firm hold on the masses. On his appeal broadcast on Radio Pakistan, we saw, with our own eyes, people carrying looted goods on their backs and returning the same to Hindus. It was a wonderful sight but the mischief of riots, achieved its objective of creating a sense of insecurity amongst the Hindus and a mass exodus took place much against their will, as they did desire to stick to the soil. It was much later that Gen. IskanderMirza disclosed in his memoirs that Khan Liaquat Ali Khan admitted that he wanted to create a constituency for himself by settling Indian Muslim in Karachi. It may be remembered that he has to contest elections from Bengal to get himself elected.

So while we were on way to G.G. House, a Minister stopped near us and told us that the Quaid-e-Azam wanted to meet our delegation the same day in the afternoon. The Quaid-e-Azam was not a petty politician; he was a statesman and as such he knew the mechanism of a popular spontaneous uprising of people and saw how it got the momentum. On receiving this massage, we returned to the Jinnah Courts.

I was surprised when Mr. Shafi Ansari asked me to be one of the delegates. I told him that I was not a member of the Muslim Students Federation but he insisted that I was better suited to be their spokesman. He knew that, because I was bold, had better command over English (which the Quaid-e-Azam spoke) and already had two face to face meetings with the Quaid-e-Azam before Independence as such I was chosen to play the leading role. Six of us went to the G.G. House. Mr. Agha Hilaly was the secretary to Governor General. He received us and took us to a room on ground floor. He gave us a lecture on how to behave before the Quaid-e-Azam, obviously he was concerned about the charged atmosphere. He then put us to psychological pressure that the delegation should be properly dressed and then added that on should at least have a coat on. I always moved in

Gul Hayat Institute

ShalwarKemeez, which I washed myself. I therefore got up to leave but Mr. Muhammad SiddiqueMemon of Hala (later Chief Engineer) gave his coat to me and sacrificed his chance to meet the Quaid-e-Azam. Mr. Shafi Ansari (later Chief Engineer), Salman Khawaja (later Advisor in Kenya), BachalSoomro (Col. M.B Soomro). I and one else remained in the room. Mr. Agha Hilaly told us that the Quaid-e-Azam would soon to meet us in that room. Shortly thereafter there was sound of footsteps and all of us were on our and stood up. Agha Sahib appeared and was obviously pleased with our behavior. He then announced that the Quaid-e-Azam would meet us upstairs in his study. He led us there and we found the tall graceful Quaid already standing full length to receive us. Books were scattered on his sofa, table and on the ground. He opened booth our hands in a gesture that we take our seats. I noticed his broad palms and long thin fingers, indicative of a strong willed successful politician. I sat nearest to him after Mr. Shafi Ansari who was the office bearer of the Muslim Students Federation. Out of respect for the Quaid we sat silent and he initiated the talks.

The Quaid was master of table talk and I noticed his shrewd tactics. He tried to put us in defensive by asking, "While sitting in your class room who put it in your heads (putting his finger on his temple) that Karachi was being snatched from you? I did most of the talking (no credit to me) because I was brought for that purpose. I told him that the accusation was an insult to our sincerity and our problems. Without paying heed to my reply he repeated the question. I said, "apart from genuine problems, it was question of our sentiments and our sense of history." He at once dropped that topic by describing his own difficulties." He then tried to invoke our sympathy by saying that his house at Malabar Hills was better than the Governor House and pointed to the shabby furniture that was provided to him. He also disclosed that an attempt on his life was made as a suspicious person

Gul Hayat Institute

had jumped in the G.G. House from Polo ground and was caught.

We said, "Why then choose Karachi as the Capital of Pakistan. He had a ready answer and said that your own representative Mr. Khuhro invited us to Karachi. I at once blurted, "Who is Khuhro to barter our interest and land. He had no much mandate." The Quaid-e-Azam had a legal and constitutional mind and as such, he realized his weak point on the question of mandate. He at once dropped the point and asserted that in the interest of the state he was fully competent to make the decision to select Karachi as Capital of Pakistan. We agreed but told him that the decision would create untold problem. He gazed at me (as if to asses whether it was a threat) and commandingly asked "What problem". I replied (i) influx of population (ii) water shortage (iii) shortage of electricity, telephones, hospitals, educational institutions, roads and sanitation. He appeared relieved and said confidently and patronizingly," My dear boy this age of specialization. The specialists will solve those problems. Leave it to them. You have not to worry about it." We were disarmed and outwitted, though I wanted to reply by Mr. Shafi Ansari struck me with his elbow signaling that I should keep quiet. The talks proceeded in a lighter vein. I took the opportunity to ask Quaid-e-Azam what about the Muslim left behind in India. "They are being murdered and victimized". He replied in his well-known emphatic and decisive tone, "Forget them". There was hushed silence. He then asked, "Well boys, everything is settled and you are satisfied." I plucked up courage and said, "No sir Not the least. We have inalienable rights in Karachi. We have put all over money in Karachi and built the Jinnah Courts, Metharam Hostel, ShevsKunj Hostel, the Sindh Madressa , the only science college in Sindh, the only Medical College (the Dow Medical College) the only Engineering College in Pakistan, the Law College and so many other institutions. We can not abdicate our rights and be pushed back for half a century." He at once

Gul Hayat Institute

agreed and in his usual emphatic and decisive tone said, "I guarantee your preferential rights on these institutions." He went further as if to give extra concessions and said, "I am prepared to give Karachi, representation on Sindh." I at once said, "No sir. On the contrary Sindh should have representation on Karachi's administration." He gazed at me for a few moments and then said, "You are, requested to kindly right. It shall be so."

We, encouraged by the Quaid's forthright guarantees, wanted properties of Sindh worth billions of rupees in Karachi viz. the Secretariat, the Assembly building, the High Court, The Governor's House and hundreds of bungalows occupied by federal ministers and Officers. The Quaid-e-Azam brushed aside the issue by saying that the Pakistan Government short of funds. He confided that at one stage, "Pak Govt. had no funds 2to pay monthly salaries to its employees; but one man came to our rescue and donated a huge sum voluntarily for the sake of Pakistan". We could say noting.

The Quaid-e-Azam was up and so did we. While he was shaking hands with each of us, I threw a question at his asking, "Quaid-e-Azam! What will be the constitution of Pakistan." I vividly remember, he said, "My dear boy you are very dear." He pointed to the books scattered all around and said, "I am working on the constitution and you will soon have it but I can not tell you what it will be." I was not the one to be silenced and threw another question at him, "Quaid-e-Azam! Will it be federal?" He stretched both arms which was his favourite gesture and answered, "what else it can be." We came satisfied with his guarantees.

Instead of honouring the wishes and guarantees given by no less than Quaid-e-Azam himself, we got the illfated gift of One Unit, the doors of all the colleges and institutions were closed on us and Karachi is giving us ghostly gifts of dead bodies every day.

Gul Hayat Institute

# Mr. Khajiloo

The other day I read an article under the caption of Khajiloo, in Daily Dawn. The word smacks of Parsi language, culture or personality. With close look, I found that it was written by one Mr. Khajiloo, a Parsi gentleman. I know of outstanding personalities of Parsi community which is the most peaceful and cultured community of Karachi. One can never forget the great men like Messrs Jamshed Naseerwanji, Jehangir Kothari. NadirshawEduljiDinshaw and JehangirCowasjee and so many others like Mr. Noursozeji. Here was a miniature of them, just a dwarf in comparison to them, who either due to his unfulfilled ambition or inner darkness saw everything with tinted eyes.

On the one hand he praised the elderly army general a punctual to clock and as brave to move about in the streets of Karachi without escort and challenge the terrorists to find a sack of his size. It pinched Mr. Khajiloo that the General never forgot to refer to the Prime Minister of Pakistan as Mohtrama. Being a Parsi Mr. Khajiloo must be knowing the meaning of the word Mohtrama; do I have to tell him that it means respected one. May I ask Mr. Khajiloo that would he not like every Parsi lady or for that matter any woman to be called as Mohtrama. I presume that he would welcome it. Why then this vicious grudge against a lady who is the Prime Minister of Pakistan, by dint of her own enormous merit, and not due to his blessing.

I wonder where Mr. Khajiloo was hiding for the last twenty or thirty years. Was he hiding in a dark hole like an

Gul Hayat Institute

frightened mouse? Where was he when Ghulam Mohammed dissolved the constituent assembly and dismissed the Prime Minister. Where was he when Mr. Bogra was imported from USA and installed as Prime Minister. Why his lips remained sewn when Gen Ayub imposed Martial Law and started the rot. Where was he when Yahya Khan and then the worst dictator in history Zia remained President while simultaneously wearing the uniform. Or did he not see or hear that the ailing father of the nation was left unattended at Maripur, the then Prime Minister not taking the trouble to receive him or send a few air-conditioned vehicles or ambulance to bring him to the G. G. House.

Now when an era of democratic predominance has unshared in, by the untiring efforts of this young lady in her early thirties, he grudges her, her well deserved ordinary little of Mohtrama. Heal thyself physician. I am prepared to call you MohtramKhajiloo.

Have I to remind him the achievements of our young Prime Minister?

1. She stood up against Martial Law when she was a young unmarried girl of 23 years, military boots trespassed in her private residence and dragged her out of her bend and threw her in prison cell. She did not bend or bow. Senior members of her Bhutto family and other colleagues of the Shaheed Prime Minister migrated to Europe till the clouds were clear. Did you ever care to say so during Zia era. Had you suppressed your conscience or closed your eyes?
2. Let us come to the recent past. No one can possibly forget those days when the President of Pakistan G. I Khan and the Prime Minister of the so called Sharif family, in their official capacity came to Karachi and drove straight to 90 to call on the king of terrorists, at public expense, and politics of blackmailing and money was official introduced by the said tow gentlemen. For

Gul Hayat Institute

reasons best known to him, Mr. Khajiloo kept quit and found no fault with it. One Prime Minister of that era, confessed in public that rigging (in elections) was committed under his very nose and he could do nothing. What a fall, what a pity and what a nose. Could he not resign? Mr. Khajiloo's conscience remained at low ebb at that time or he was afraid of Martial Law lashes.

3. Mohtrama Benazir Bhutto was the first ever Prime Minster who called a spade a spade. She was the first to condemn and oppose the terrorists. Hats off to her, she called the terrorists coward mice, which no one else could do. The yellow press twisted her words to create a mischievous notion that she had branded the whole Muhajir community as coward mice. Mr. Khajiloo could not say anything at that time.
4. Mr. Khajiloo has ridiculed the brave elderly General and is mute and helpless to say anything for those friends who offer the Hon. Interior Minister, gifts of dead human bodies packed in the sacks. Bravo Mr. Khajiloo, Bravo
5. Often in the press the Present democratic Govt, is dubbed as feudocracy. What a distortion of facts. Who eliminated the feudal lords but the late Zulfiqar Ali Bhutto. Who brought them back. G. I, Khan and Nawaz Sharif. Again who wiped them much to the dismay of G. I, Khan and Sharifs and Begs, the Jatois of Mehar (Dadu) were completely rooted and so the Jatois of Nawabshah, including the then Prime Minister. The SardarMahar and the SardarChandio had to eat the humble pie. Even the great Pir with all his awe and dignity was defeated by boyish Pervaiz Shah of PPP. SardarMalkani of Jati was rejected by his own Raj.

Even then if any one has the cheek to say that Mohtrama is thriving on the support of feudal, he has to consult a psychiatrist. After the crushing defeat at the hands of the

Gul Hayat Institute

young leadership of the Mohtrama, the feudals must have had the shock of their life to realize that the people were not under their thumb and had abandoned them for good.

**6.** It is strange that every one including intellectuals are complaining that the constitution is not being respected. When Mr. Zulfiqar Ali Bhutto brought a few amendments in the constitution within the House, constitutionally by 2/3rd majority, there was a hue and cry that the constitution was mutilated. When a dictator abrogated it and called it a piece of paper, no one had the courage to say a word to protect the constitution. It was the height of hypocrisy. When the Mohtrama is seeking to annual the VIII amendment the so called Khudaeis and Shareefs are opposing her, and our honourableKhajiloo are dumb and deaf and blind. Mr. Khajiloo like any other Parsi gentlemen must be conscientious and kind hearted. What happened to him and his pen when innocent villagers of Khairpur Nathan Shah were hanged on tree during the historic MRD (Movements for restoration of democracy).

**7.** Mr. Khajiloo is complaining about corrupt and weak bureaucracy. What he has to say about the great Roedad Khan and IjlalHyderZaidi and their master G. I. Khan, who were all honourable bureaucrats.

**8.** Mr. Khajiloo is weeping for indiscriminate arrests of young men. Has any young Parsi, Khoja, Bohri or Christian youngman been arrested. Definitely no. The answer is obvious.

Gul Hayat Institute

**9.** Last but not the least, alleged corruption of the politicians. Which country in the world is devoid of such black sheep? Who introduced this mass corruption, by brief cases, Lifafa and Lotacracy? Not the Mohtrama, but her predecessors in power. The Mohtrama has created such an awe that ask any MNA or MPA who is close to you and is your friend, if he has courage to ask

her for a plot or permit or any other favour. He is reprimanded then and there and blatantly told that people have not voted for him but for the party. Power of the party is the fundamental basis of politics and democracy. Who destroyed the party system and who called politicians a Trade Union. Mr. Khajiloo must not be having weak memory, so I need not remind him. When a political party has roots in the masses, it automatically gains discipline and can twist the taile of any feudal or Sardar or Pir. The only political party that has power base among the masses is, no doubt the peoples party. It is not the party that goes out to woo the politicians; but it is the other way round. The politicians wag their tail before the party and as such there is no question of Lotacracy when the party is powerful, because the politician knows that his future depends on the will of the party. Do I have to repeat that Lotacracy and corruption to woo the politicians was introduced by those who had no roots amongst the masses and who till today sit in their drawing rooms and play the game of "Make and Break", and when the fail in their designs they speak loud and seek support of well known Mafias.

I have nothing more to say for the time being, except request all Khajiloos to please ponder before pouring venom.

Gul Hayat Institute

# The Myth of Mohajirs as Creators of Pakistan

*I had written a lengthy article which was published in the daily Barsat dated 5th October 94 in which I had chastised Sindhis for having failed to understand the Mohajirs. I had thrown an open invitation to the Mohajirs and the Sindhis to freely omit the lava burning in their minds and had promised to convey their feelings to the other community honestly so that they can better understand each others problems. I have received a few complaints from Sindhi friends but there has been no response from the Mohajir brothers. I had suggested that a Mohajir intellectual should convey the feeling of the Sindhis to the Mohajirs and that a Sindhi intellectual should convey the feelings of Mohajirs to the Sindhis; but regretfully there was no response. Contrary to my wishes I was left with no option but to convey the feelings of a Sindhi young man Mr. Jameel Abassi of Naseem Nagar, Hyderabad. Though it may be hurting to one community but, there is no other way.*

*The Urdu Press has totally neglected the views of the Sindhis under contemptuous Nuqutai Nazar. I have adopted the principle that every one give vent to his feelings freely. The above caption is offending but the logic has to be grasped-replied to logically without using abusive language. I promise that it will find a place in the very columns of your esteemed dail. (A letter to Daily Editor Sindh Tribune Mr. yousf Shaheen by Mr. Jamal Abro).*

The people of Indian origin (Hindi log), who call themselves Mohajirs, and their self-styled leaders sitting in London, have been shouting at the top of their voice - that they were the creators of Pakistan. They believed in the theory of Hitler's Goering that a lie repeated again and again



Gul Hayat Institute

is ultimately believed to be the truth. In fact this tall claim is a naked blatant lie that is often repeated by all leaders who are obviously mortally afraid of backlash (militant terrorism) MQM murderers. On the basis of this self created false thesis, the Hindi log justifies their nefarious deeds, as-to-how the creators of Pakistan could harm the interests of Pakistan.

Pakistan was created by the Bengalis, the Punjabis and the Sindhis. The Hindi Log did give us moral and verbal support. They did not, and in fact could not, create Pakistan. If Hindi Log could create Pakistan, why not now? There are twenty crore Muslims in the India, double then they were at the time of creation of Pakistan. They are absolutely unable and helpless to create a small pocket of Muslims in India. If it was due to their sacrifice that Pakistan was created, why they are not able to offer the sacrifice now? Have they become impotent, imbecile or faithless now?

The so called myth of sacrifice is also a lie. The Quaid Azam declared in unequivocal terms on $30^{th}$ September 1947, "I got you Pakistan on conference table without shedding a drop of blood." Here are the uprooted. Hindi log who believe him by saying that they sacrificed a million lives for the sake of Pakistan. Either they are liar or the Quaid, God forbid, was a liar. Quaid Azam was right. He never ever gave a call for strike, never held a demonstration. He only checkmated the Hindu congress on the chess board of politics. He was not a firebrand freedom fighter like Moulana Mohammad Ali Johar. He played politics like an astute politician and got us Pakistan on conference table without shedding a drop of blood.

Gul Hayat Institute

Hindi Log cite killings due to Hindu Muslim riots and the resultant exodus Muslims to seek refugee in Pakistan. A simple question will set the matter at rest. "When did those killings take place, before $14^{th}$ August 1947 or after $14^{th}$ August?" The answer need not to be given. Every one including Hindi Log knows that the killing and the exodus

took place after Pakistan was established. If so, the so called sacrifices were not for creation of Pakistan, but obviously due to creation of Pakistan. It was the aftermath of the partition that killing of the Hindus and Sikhs a sacrifice, for creation of Pakistan?

In their zeal to become martyrs or Ghazis, they make a rude and shameless claim that chastity of thousands of women was sacrificed for the sake of Pakistan, what nonsense! Which political philosopher, Chanakiya, Machiavelli, Moses or Mohammad (PBUH) or Marx, Lenin, or Mao has propounded the theory that freedom can be won by sacrificing chastity of women.

The Indian Muslims had golden opportunity to create three Pakistans in India with no or little sacrifice. If a crore a of them had migrated to Hyderabad Deccan, a crore to Junagadh and a crore to Kashmir, lock stock and barrel, and put up with a little hardship in shanty colonies, all the three states would have been Muslims pockets, dominated by Muslims and ruled by Muslims, without much to do. Instead the Hindi Log, in search of better future ran helter-skelter to take refuge in Pakistan. It was the fear of the Hindus or fear of life or search for better future that they proudly proclaimed themselves as Panahgeer to win sympathy and obtain as many concessions. It is a vicious lie and allegation that we contemptuously called them Panahgeer. It is on Government record and in their own newspaper, the JANG and ANJAM that they were referred to as Panahgeer. When they consolidated themselves by obtaining services, loans and business and houses left behind by the Hindus that they promoted themselves to the status of Panah-Guzeen and such editorials were written in the newspapers that they had not begged protection from anyone but had voluntarily taken refuge in Pakistan and as such they were not Panahgeers but were Panahguzeen. And for several years they enjoyed the status of Panahguzeen without grumble. However when their

Gul Hayat Institute

interests were further consolidated, they became self-styled Mohajirs and now make an amusing claim that Mohajirs is a separate nation. In fact they were desperately in search of their identity which they found in the word Mohajirs, little realising that a Mohajir or a temporary settler has no abode. Their real identity was and is, Hindi Log. The late Syed Sibte Hassan and the late Doctor Mehkri, a genius of a man, did say so.

If Indian Muslims had not created Pakistan, then NWFP and Baluchistan would also have been Pakistan; but it was not so. The Pathans of NWFP were given the right of referendum to join or not to join Pakistan and when they opted for Pakistan NWFP was included in Pakistan. It is clear that Pakistan was created by those who gave their own land for establishment of Pakistan. How could those create Pakistan who had forsaken own their land, particularly Deccan, Kashmir, and Kathiawar. Similarly Baluchistan refused to join Pakistan. In fact Prince Abdulkaim of Kalat declared a war on Pakistan army and several Balauchis including Naurozkhan and his sons were hanged in Sukkur Jail. Ultimately it was the Khan of Kalat who on behalf of all Baluchis agreed to join Pakistan by written deed. How Rowlett Satyagraha agitation came in April 1919 Amritsar. Gandhi himself was prevented by police order from entering Punjab, while his leading lieutenants in Amritsar were deported by British official for “seditious incitement” under the very preventive detention measures they civilly opposed. Local martial repression in support of civil official refusals to meet with Punjab Congressmen seeking information about their deported leaders triggered the violence that swept through Amritsar, bringing out the Army under Brigadier Reginald Dyer. April 13 was Baisakhi Spring Festival Day in Amritsar and thousands of Sikh and Hindu peasants flocked to sacred city form neighbouring villages, gathering in Jallianwala Bagh, a large enclosed “Garden” within sight of

Gul Hayat Institute

the Golden Temple in the crowd center of the old town. Dyer had issued orders forbidding any public "meeting" that day, so when learned of the gathering crowed he marched his Gurkha and Baluchi troops there double time and ordered them to open fire without further word of the warning on the unarmed crowd inside the garden that had no exit (other that one secured by his troops) and no shelter (except for a deep well into which many innocent plunged to their death). After ten minutes of point blank firing of some 1,650 rounds into terrified, helplessly exposed human targets, as his men's ammunition ran low. Dyer ordered his troops to return to barracks. 400 Indian corpses, and over 1,200 walling wounded were left bleeding inside that garden as the darkest night of the British Raj descending over Amritsar.

Martial Law with its "long horror and terrible indignity", as Jawaharlal Nehru put it, was then locked over Punjab's mortified body. "The Punjab isolated, cut off from the rest of India", wrote India's first Prime Minister, "a thick well seemed to cover it and hide it from outside eyes…individuals, who managed to escape from the inferno, were so terror-struck that they could give no clear account". But before years end Martial law was lifted, and Congress held its annual meeting in Amritsar. Jawaharlal's distinguished father, Motilal Nehru, one of British India's wealthiest advocate personally presided over that December 1919 Congress. Some 36,000 Indians, 6,000 of whom were elected delegates, attended the Amritsar Congress.

Gul Hayat Institute

"We must do reverence to the sacred memory of the dead who are killed in Amritsar and elsewhere in the Punjab, and to the living who were put to indignities worse even Motilal Nehru in his Congress address:

"The proximity of the Punjab to the frontier has enabled its administrators time and again to enforce their will… The bogey of the frontier is exploited to uttermost and the proposal made by the "man on the spot" seldom fails to

secure acceptance at the hands of the higher authorities.... But repression and terrorism have never yet killed the life of a nation: they but increase the disaffection and drive it underground to pursue an unhealthy course of breaking out occasionally into crimes of violence. And this brings further repression and so the vicious circle goes on. No one can but deplore violence and political crime. But let us not forget that this is the direct outcome of continued repression".

Three days after Motilal Nehru addressed the Amritsar Congress, the Central Sikh league met in the same city for the first time. That birth of a separate Sikh political organization presaged the modern dawn of Sikh political consciousness in Punjab. The following year, in 1920, more orthodox Sikh Akalis ("Immortals") joined forces to start their own party, supported by younger revolutionary Sikh students, inspired by congress cries of Suraj ("Self-Rule") to demand greater independence for Sikhs of the Khalsa Panth to live as Guru Govind had earlier taught them.

Punjab's rich alluvial soil, perennial river water, and a network of irrigation canals built by British engineers and enterprising Jat peasants has so enhanced the value of Punjabi land by the dawn of the twentieth century that peasant indebtedness rose alarmingly, just as Punjab started to emerge as British's Indian "breadbasket". British official preference Jat peasant of every religion (especially Sikh), and intense personal dislike to "Banias" of every variety (especially Hindu) led to the passage of several Punjab Alienation of Land Acts early in this century, designed to protect Sikh and Muslim Jats, who were also a fecund pool of results for the British army, from losing their lands to urban Hindu money lenders, who found it impossible to collect property for debt default, despite holding the deeds as "collateral". Not all Sikhs were Jat peasants, however, some being urban Khatri and Aurora moneylenders and merchants, others belonging to the former "untouchable" Hindu and menial sweeper

Gul Hayat Institute

communities of Punjab, the Mazhabhis and Ramdasis. Although Sikhism, like Islam, had "abolished" caste, deeper currents of Indian social habits and preference, especially in the selection of marital partners, were singularly slow to disappear.

In February 1921 the Akall Dal ("Army of Immortals Party") launched its first peaceful "march" (Jatha) against the Nankana Gurdwara, the Sikh temple where Guru Nanak was buried in what is now Pakistan, whose corrupt "Manager" (Mahant) was a Hindu who kept Sikh "untouchable" out of the temple and had brought many Hindu idols into it. The brutal hereditary Mahant hired thugs to butcher and burn the Akalis as they marched unarmed towards the Gurdwara, martyring 130 of them in Punjab's bloodiest confrontation since Jallianwala Bagh. Thousands of the fresh Sikh recruits, however, now joined the Akali Dal and soon wave after irresistible wave of the Akalis rolled across the Punjab removing corrupt Udasi Mahants from every Gurdwara in the province, replacing them with devout Sikhs, selected by the Khalsa Panth's own chosen Management Committee of 175 Sikh leaders who came together within the newly founded Shiromani Gurdwara ("Central Gurdwara Management") Committee (SGPC), which first won legal status in 1925.

Master Tara Singh (1885-1967) emerged as the most important leader of the SGPC prior to independence, and was jailed many times for his fearless opposition to Punjabi authorities as they marched at the head of Akali Dal Jathas, leading them into Sikh Princely State domain, especially those belonging to Patiala and Nabha as well as Gurdwara inside British Punjab. In response to the Muslim League demand for a separate Pakistan, Master Tara Singh launched his own Sikh demand for separate nationhood, first raising the cry of Azad ("Free") Punjab in 1942, asked what he meant by it. Tara Singh replied that his goal was "an independent sovereignty Sikh state". Few leaders even within

Gul Hayat Institute

his community took him seriously at the time, but in March 1946 the Shiromani Akali Dal resolved formally to demand a separate Sikh State of "Sikhistan" of "Khalistan" – if British India were partitioned. The British refused, however, to entertain such a demand and in the wake of Partition with its mass migration and slaughter of Sikh. Master Tara Singh trenchantly remarked. "The Muslims got their Pakistan and the Hindus got their Hindustan, but what did the Sikh, after more than a quarter century of Indian independence brought no peace but the sword of growing conflict to Punjab.

Gul Hayat Institute

# JAMAL ABRO
## Homage to the soil

***AsifFarrukhi***

Jamal Abro is at peace with himself. He sits contentedly in his room, with a benign expression on his face, lit up with a beatific smile. Framed with a snow-white beard, he looks so much like a picture post-card that I cannot but help think that if Santa Claus had been bom in Larkana and if he were to don a traditional mirror-work Sindhi cap, he would look like Jamal Abro. It takes a while to reconcile the Father Christmas image with the brief and intense short stories he has published very sparingly over nearly a half century.

A writer by vocation and a lawyer by profession, Jamal Abro now live in retirement in Karachi with his son BadarAbro, the well-known writer and journalist. One has to catch him between prayers so that he can talk and then strain to hear his soft-spoken comments. The time is just right, I glance at the clock from the corner of my eye, but will he talk openly? He peers at me through his glasses and for a split second I am unnerved with the intensity of his gaze. I turn to look around. The wall opposite the sofa-set in his drawing room is covered with a large mirror and before I realise that the surface is actually a mirror, it has the strange effect of doubling the space in the room as well as everything else in sight. What I see in it is not another person, but the reflection of my back. Mirror, mirror on the wall.

I am encouraged by Jamal Abro's welcoming gesture. A long litany of *"khush bash"* and *"khairiyaf'* follows as I

Gul Hayat Institute

am reintroduced to him by the poet Shah Mohammed Pirzada. "Things are all right as long as one is not a cripple and dependant upon others," he tells us as we politely enquire about his life, career, the stories he has written and the ones that he has not, his successes, his regrets, his friends and favourite writers.

Jamal Abro represents the generation of Sindhi writers, which came to the literary forefront immediately after independence and is credited with infusing a new consciousness in Sindh literature. To give him his full name, JamaluddinAbro was born in May 1924 at Sangi, a small village in the MeharTaluka, then in district Larkana and now a part of district Dadu. He studied in a number of schools in Larkana and Hyderabad and passed his matriculation from the Bombay University in 1941. He then spent some time in the state of Junagadh and became a student at the Bahauddin College in Junagadh. In 1944 he went to Bengal and worked as a volunteer in relief camps for famine-affected areas. He also worked as an activist with the Khaksar Movement. He took a degree in law in 1948 and started working as a lawyer. He entered public service in 1952 and was posted as sub-judge in a number of places in Sindh. In the latter part of his career he served as a judge in the Labour Court and as Secretary in the provincial assembly of Sindh. He remained active on the literary front with the Sindhi AdabiSangat.

Jamal Abro's first short story was published in 1949. This was followed by a few, brief and intense short stories. Pishoo*Pasha* aroused much debate and discussion and this was the name given to the collection of nearly a dozen short stories published in 1959. These include *Pirani,* the very short story of a young girl sold by her gypsy family as a child bride while they begin the long journey back home after having been in the plains of

Gul Hayat Institute

Sindh. In the three or four pages the author has compressed a world of child-like pain and sorrow. The publication of this book nearly brought to a close Jamal Abro's work as a short story writer and was followed by a long gap of silence.

An invitation to contribute a story for a university magazine edited by ShaikhAyaz, leading poet and close friend, led him to write his first story in fifteen years. This was the justly admired *Seendh.* This story was a poetic and haunting narrative focussing on *karo-kari,* the ritual murder of a woman accused of immorality, written as only the author of *Pirani*could have. Among the few stories that followed was *Farishto,* written during the Writer's Conference, Islamabad, in the heyday of General Zia-ul-Haq's Martial Law and describes the conference as a setting for an encounter with the Angel of Death. His last story to date is *MaauJiJholi*written against the backdrop of recent riots and brings home the message that, "it is wrong to kill a living creature. Life is sacred." Jamal Abro is one of the very few writers that one keeps on hoping that they may write something new. He is one of those writers who keep a candle burning, pulsating like a throb of pain, the pain of knowing and feeling.

Gul Hayat Institute

Jamal Abro has written only a handful of stories but he has exerted enormous influence on the modern Sindhi short story. He has written on some common situations in the society around him and marked them with his individual stamp. ShaikhAyaz singles out *Pirani*for praise: "I don't know who made the distinction that poetry dances while prose walks. While reading *Pirani, I* felt that even prose could dance. In the beginning, *Pirani*enters with a musical note and little bells begin to tinkle in the air. Suddenly there is a piercing cry and one can see the story dancing on red-hot coals."

My conversation opened with Pirani. He smiles as I mention the story's name and begins talking about it. But I soon realise that he is talking about the character, not simply the story. He tells me that Pirani is not a figment of the writer's imagination, Pirani is a living character. There was an old woman in our village. My mother told me about her. She was a Brahvi woman whose family had come to the village and she was sold by her family.

I remember seeing the old woman in my village with wrinkles on her face. My mother had told me that the woman had been sold. We used to see the Brahvis when they came to our village, they had very little to eat. They didn't even know that you take off the husk before eating the rice. They just used to feel that if the local Sindhis were eating rice, then we would also eat it. But they would eat the rice with the husk.

The story focuses on a child's cruel separation from her family but a strange twist is added with the last sentence in which we learn about Pirani being alive and grown up with two sons, one a policeman and the other a bandit. "This is something which I added. To give it a touch of reality," he says modestly. "One has to write something or the other. These thoughts come to mind for no apparent reason." But this does not explain the power of the words. Why this particular twist, I ask him. Pirani is not simply a girl, but she becomes a sym reality," he says modestly. "One has to write something or the other. These thoughts come to mind for no apparent reason." But this does not explain the power of the words. Why this particular twist, I ask him. Pirani is not simply a girl, but she becomes a symbol. I ask if this was intentional, and Jamal Abro smiles, "Of course! All those things, which women have to suffer in our society."

From the character I try to talk about the story and I mention the style, which is photographic without a hint of sentimentality. "This is a unique style. This is what everybody says too." I probe into the issue, enquiring about possible

Gul Hayat Institute

models from home and abroad. "A lot of people ask me this. They say you must have read Chekhov. But at that time I had not read Chekhov. I read his work much later. When I was young I mostly read Tagore, MunshiPremchand and Tolstoy. These were the three writers I read. My father had a good collection of books and I read their works in Sindhi translations."

I ask him about Hemingway, but he gives the same answer: "I read him later." I mention that there is something in Pirani which reminds me of him but Jamal Abro smiles at the suggestion: "Poor Pirani has lost, but Hemingway never loses."

Who can say if the odds were against Pirani from the very beginning?

Clearly Pirani is my favorite among his stories, but what about the author? I ask him if he has a particular favorite. He does not name any. °I like all the stories. There is none that I dislike. I have no favorites."

While talking about his stories, he mentions that he had also thought of a novel. "In fact, I went so far ahead as to make a synopsis of it. But I couldn't get to writing it." He tells me more about his novel that was not to be: "I admired Hardy and Tolstoy a lot. It is very hard to accept the influence of Dostoevesky; it is actually very hard to read his work. It is so descriptive. Tolstoy is also very descriptive but Hardy is simpler. That is the kind of novel I wanted to write. A novel on social and economic situations. However, it requires great depth of knowledge. I do not have that depth," he says modestly. Then he qualifies his statement and tells me that these days anybody who turns out a few pieces becomes a self-styled intellectual.

This leads to a discussion of other writers, the influences which help determine a writer's particular individuality and are an invariable part of any writer's

Gul Hayat Institute

profile. "I like ShaikhAyaz's stories and I was inspired by them. His story Safaid*Wheshi* is very good." A discussion of influences leads Jamal Abro into talking about his early years as a writer. "I used to attend the sessions of the Sindhi AdabiSangat and was inspired by them. There were four or five people who used to come regularly to the Jinnah Courts. One of them was TeerathBhabhani and the others included SattarShaikh, GobandMalhi, SaindaadSolangi and SobhoGianchandani. I was a student of intermediate science and later at the NED Engineering College, but later gave it up. I left it the day I heard of the Navy riots. The freedom movement was at its peak. 1 said to myself that I will not work for the British so I joined the Law College. ShaikhAyaz was my classmate. My other classmates included Agha Imdadullah and Justice Abdul QadirShaikh."

More names and faces are peering out of Jamal Abro's profile as he is moving swiftly down memory lane. "After completing my studies, I started to practice as a lawyer. I started working with peasants and labourers in Larkana. I had the privilege of working with HyderBuxJatoi and the Hari Committee and I am proud of it. While I was practicing one day I received a letter. 1 had not even applied, so how come this letter? My elder brohterShamsuddinAbro who was the topmost lawyer in Larkana urged me to go ahead, if only for the experience. My brother-in-law Abdul Haq was an SP at Mirpurkhas and tried to force me, 'we will hunt the tilor and the deer'. I had been assigned to Khipro, 35 miles away from Mirpurkhas, but I decided I must first call on the DC. The DC at that time was ZafarJatoi and knew about it. He came out and immediately asked me, you work with labourers and peasants, why did you join this service?

"When I reached Khipro, the town used to close down completely by sundown, till very slowly along with the doctor and the SDO, we helped the town to come alive.

Gul Hayat Institute

Most importantly, I crossed the Naro canal which was the stronghold of the Hurs and where nobody dared to venture. The new leader was so cruel that he would make people stand in a row and fire a single shot. Nobody dared to travel in a bus or car after dark. But I travelled with my wife several times. but nothing ever happened."

Khipro is the setting of his powerful story *Seendh*. I ask him if there is any incident attached to this story. "I had seen a handful of hair lying on the earth, near the mortuary. I asked the doctor about it. He told me it was only to see what kind of wounds were inflicted on the head. There had been a post-mortem. I asked him that if the hair are cut off, why are they thrown like this. He began to laugh. What should I have done, kept on holding them? It's a big thing for somebody who can feel it, isn't it? For somebody who does not feel, he can laugh off the whole thing."

The story makes one feel intensely and at one with the suffering of the woman. Jamal Abro is narrating his own story about the story. "I wrote that story after twenty years. I had seen the handful of hair in '52 or '53 but I wrote this story in the '70s. After Ayaz asked me to contribute something for the Sindh University magazine just after he had taken charge. I told him how difficult it was for me to write since I was not able to write with my right hand. I managed with great difficulty to complete this story." Jamal Abro's letter was printed along with the story and one cannot help marvelling at the great effort, physical as well as emotional that must have gone into writing the few pages that make up this story. He is aware of the powerful impact, the emotional appeal of the story. "My critics say that, *Yehjazbatkob o h a t o n c h a lay jateyhain*(he takes emotions to new heights). The story is a sob which could not have been stifled.

Gul Hayat Institute

Jamal Abro shifts to the Urdu writers he admires. "I have read a lot of Manto and a lot of KrishanChander. I was very fond of Manto's writing. I was very impressed by his writing. It was if he was writing his confessions. He was a very frank writer. "QuratulainHyder is a great writer. She is bold and she has a vision of history. She is also a Progressive. Even though the word Progressive is being used as a term of abuse these days.Ayaz is a great writer in prose also. It is because he is a scholar as well as a creative writer."

He is currently working on a book of memoirs. It describes the background of the people and the time. "The thinking of people in those days was different. They were simple people. I have written hundreds of pages but so far I have covered only my background.

Hundreds of pages are a surprise from a writer whose entire literary output was published in a volume of 230 pages by the Sindh Department of Information on the occasion of his 68th birthday in 1992. Like many of his admirers I too wonder why he has written so little. He does not agree with this. "Whenever a story comes to my mind, I write it down. Whenever I get really angry about something I write. My motivating factor is anger. These days I am writing my memoirs. But I don't get enough time to write. I want to complete it. My doctors have advised me not to write. He says all I can do is read. I have had two infractions.

"I have no regrets. There are many things which I wanted to do. There was much I should have done, much I should have written. Actually I was inspired by Gandhi and Tagore. I had wanted to establish an institution like Shantiniketan. But I couldn't do it.

"Yet, I am contended. I have developed a camaraderie with death. Whatever has to happen will happen." A storyteller's faith is firm.

Gul Hayat Institute

Jamal Abro's first short story was published in 1949. This was followed by a few, brief and intense short stories. Pishoo Pasha aroused much debate and discussion and this was the name given to the collection of nearly a dozen short stories published in 1959. These include Pirani, the very short story of a young girl sold by her gypsy fogy as a child bride while they begin the long journey back home after having been in the plains of Sindh. In the three or four pages the author has compressed a world of childlike pain and sorrow. The publication of this book nearly brought to a close Jamal Abro's work as a short story writer and was followed by a Long gap of silence.

Gul Hayat Institute

# Jamal Abro
## A humble iconoclast

*By Abbas Jalbani*

Jamal Abro is among those rare authors who, by writing a single book, earn a high reputation envied by writers of dozens. Even if he had not later written his autobiography and articles on political, social and literary issues, his sole collection of short stories, *PishooPaasha*, would have been enough to give him a distinguished place in the annals of Sindhi literature. Written in the pioneering days of the Sindhi short story in the 1950s and the 60s, the stories and characters were inspired by real life situations and people and they motivated a whole generation of writers like Ali Baba to employ poignant realism to depict the social scene of Sindh.

Jamal Abro wrote the first story on karo-kari, "Seendh", which portrays the plight of a teenage bride, who after being abused by her husband, falls in love with a young man from his paternal village. She asks for a divorce but for that her husband insists on the return of Rs2,000 he had paid her father for marrying her. The old man does not want to part with the money as a result she is denied a divorce. Finally she is hacked to death by her brother while she is going to see her beloved. After the brutal murder, her body is stripped to present the murder as a case of honour killing. While her body undergoes autopsy at a hospital, her father mourns that his daughter deserved Rs 5,000 meaning if divorced she could have fetched the amount for him.

Jamal Abro also exposed the flesh trade carried out in the name of marriage in another masterpiece titled "Pirani",

Gul Hayat Institute

in which a minor girl of the same name is sold out for Rs60 by her nomad family. These eye-opening stories were written in an era when there was no awareness about human rights. Jamal Abro's other pieces also exposed social injustice prevailing in Sindh's rural society. However, he did not confine himself to realism and also presented alternatives for realities on the ground.

*PishooPaasha* depicts a peasants' revolt against the feudal system and "Man Mard" highlights the state of women by comparing it to the predicament of a man who has to face the wrath of women in an imaginary female-dominated community in Africa.

He wrote few stories after joining the judiciary. That was not because he was in service and couldn't write. "I have lost contact with the common people and do not have the opportunity to directly observe their sufferings and aspirations," he wrote to his contemporary and one of the greatest Sindhi poets of the 20th century, ShaikhAyaz. Another reason was that due to a rare disease, he developed tremors in his hands and had difficulty in writing.

With the ailment taking its toll, his doctors told him not to write but he refused to obey them. He took up the translation of Maxim Gorky's novel *Mother* and *Mark Twain's Adventures of Tom Sawyer* but could not complete them. However, he wrote his autobiography in five volumes which records the history of contemporary Sindh. Moreover, he also wrote articles on political, social and literary issues. He also penned a couple of articles for a popular newspaper but his printed pieces were not only poorly edited but also contained some parts which he had not written. This bitter experience discouraged him from writing for newspapers. He also wrote poetry but for unknown reason never got it published.

He was not an armchair intellectual and believed in activism. In his youth, he was a political activist and the Karachi Saalaar of the KhaksarTehrik in pre-partition days.

Gul Hayat Institute

He had participated in bloody anti-colonial demonstrations in Karachi. When Bengal was hit by a famine in 1943, he went there to participate in relief activities. He led a students' delegation which called on Quaid-i-Azam Mohammad Ali Jinnah after Independence to apprise him of the problems being faced by Sindh. During the anti-One Unit movement, he was a judge but he did not hesitate to provide legal relief to the movement's leadership. He also took part in the activities of the peasants' organization, Sindh Hari, and the literary association, Sindhi AdabiSangat.

As a judge and civil servant, he remained a competent and honest official and not a single allegation of corruption was ever levelled against him. He believed in the dignity of labour and after his first heart episode, he started training his teenage son, BadarAbro, for practical life by giving him a brief stint as a rickshaw driver and bus conductor.

During the last 25 years of his life, he became a practising Sufi and a disciple of the Naqshbandi order. But as a true follower of *tasawwuf*, he kept his love for divinity a very private affair. Anyway, his spiritual development can be gauged from his indifference to worldly affairs during the last three or four years of his life. "During this period," recalls BadarAbro, "Baba quit taking notice of things by refusing to become happy or angry over certain developments."

Gul Hayat Institute

Jamal Abro was a religious person from his youth but with a difference. He was a true son of Sufi Sindh. He was not intolerant even to atheists and his friends included proclaimed communists like Comrade JamaluddinBukhari and atheists like ShaikhAyaz (who also turned to Sufism in his later age). When his son BadarAbro was arrested and tried with the Communist Party of Pakistan leaders, he did not get annoyed with him. He actually encouraged him by congratulating him. And he firmly believed that Islam gave more rights and liberties to women as compared to other faiths like Hinduism and Christianity. His article on the

subject titled, "Auratji Islam meinazadiayeenizzat", is worth reading as it removes different misconceptions about the status of women under Islamic law.

Unlike most literary personalities, he was a very humble man. He shunned the limelight and never indulged in the race for the posts of heads of government-run literary organizations. As an author he remained away from controversies and found acceptance in different literary circles. But this also meant that he was not part of any lobby. This is why Hyderabad, the literary capital of Sindh, has not hosted a single gathering to mourn his death.

Gul Hayat Institute

# Condolence Messages

**Dr. Ludmila Vassilyeva Saahiba**

**One day we will have the opportunity of reading his prose in Russian**

Dear Badar sahib,

Please accept my condolences. May his soul rest in peace. This was a very big shock to me too because I had very high esteem for your father.

Unfortunately, due to the absence of Sindhi experts in Moscow, his works were not translated into Russian language. I am sure that one day we will have the opportunity of reading his prose in Russian.

With warmest regards.
Yours sincerely
Dr. Ludmila

*

**Pirani, A realistic and touching story**

Gul Hayat Institute

Dear Badar Abro,

Please accept my heartiest thanks for the story of Mr. Jamal Abro you have sent me after. I liked very much this sad, a very realistic and touching story, very nicely translated I believe. I liked that it is a very dynamic also. I am very, very sorry for a reply after so long days. Actually, during all this period I was traveling a lot or busy with some urgent work

Hope you and all your family are ba-kheitiet.

Truly yours,
Dr. Ludmila

**Hameed Akhund**

### Jamal Abro: A legend

No writer, poet, philosopher or scholar can be considered in isolation from his background. His work can only be properly understood in light of his social environment. A study of the contemporary scene and of the writer's immediate antecedents should suffice to enable him to identify the main influences at work. Our short story writers, despite their individual differences, carry the unmistaken stamp in one form or another of Jamal's influence.

He wrote for a short period only. There was no prolific writing quality. Writings that in a few lines succinctly projected human emotions and apathy. His brilliant mastery of short story writing is simple, moving and long lasting. He opened up new and vast perspectives, classics that demand constant re – reading. They will retain their value for a very long time.

As a person, I doubt if he ever caused pain or anguish to anyone, he was Nobel to the core and he was respected equally for his writings as well as his character. Only a few can match him in the respect that he commanded in the literary circles. Many speak of *Pishoo Pasha,* but the last Para of Pirani rattled my kneecaps. I have always picked his compendium with a fear and an inspiration.

Jamal was a legend in his lifetime. He will remain a legend. His writings are the vowels of contemporary Sindhi literature.

*

**Shaikh Aziz**

### Jamal Abro: stylist with a purpose

Gul Hayat Institute

With the death of Sort story writer Jamal Abro on Wednesday night, Sindhi literature has lost a man of great style in fiction, a committed preacher of social justice and an upholder of truth.

Jamal Abro was born in a farming family of the Sangi village, Dadu district, on May 24, 1924. His father Ali Khan Abro was also a writer and poet. The system into which Jamal Abro was born was such that even a primary school does not exist in his village and he had to walk a long, thorny way to Mangwani, followed by secondary schools in Larkana and the NoorMohammedHigh School in Hyderabad. He was among the few students from Sindh who had their matriculation conducted by the BombayUniversity in 1941 as at that time the Sindh government had no arrangements of

its own. This was followed by further education at the D.J.College, Karachi. He abandoned engineering to take up law which he was to practice later.

The freedom movement and other political developments in the sub continent influenced his thinking to a great extent, especially the Bengal famine (1943-1944). Greatly move by the misery, he went to Bengal to take part in relief work. On his return, he took up law practice first in Larkana and then in Karachi.

During this entire period, he came across a number of writers and poets, intellectuals and political activists – an interaction that persuaded him to start writing and exposing the social injustices meted out to the simple hearted people of Sindh. He became one of the founding fathers of the Sindhi Adabi Sangat.

Jamal Abro took to short story writing in 1952 to reflect his concern over man-made injustices. He used his writings to express the realities of life in contrast to the popular use of unfamiliar similes and alien metaphors. He observed his society deeply, its miseries camouflaged as tradition and tribal customs. He knew the greed, class conflicts and instruments of exploitation that plagued society.

Peerani, Seendh, Badtameez, Shah jo Phar, Munhun Kaaro, Khamisay jo Kot, Pishoo Paasha, Badmaash, Laari, Meharbaani, etc, are some of the stories that lent a new dimension to the diction and interpretation of the Sindhi short story.

Technically, Abro did not confine himself to stereotype characters. He combined the difficult narrative mode with a rich imagination to lend life to ordinary characters. Pishoo Paasha, Badmash, Munhun Karo and Shah jo Phar reflect that expressiveness. His works now form part of the graduation syllabus in various universities.

Gul Hayat Institute

In 1949 Abro joined the judiciary. He became the secretary of the Sindh Assembly in 1972 from where he retired and devoted himself to reading and wrote very little after that.

During the last years of his life, he studied mysticism. This led him to the concept of universal love.

(Daily Dawn, Friday, July 2, 2004)

*

Mr. Abro wrote 5 volumes of his autobiography, during his last years of life. One of the volumes got award from Academy of Letters, Islamabad.

Mr. Jamal Abro in recognition of literary services also received 'Pride of Performance Award' by the President of Pakistan in 1994.

*

**Nafees Ahmed Shaikh**
*Editor Mehran,*
*Sindhi Adabi Board*

Deeply shocked to know the bad news of demise of your excellent father and my gracious BUZRIG Jamal Abro Sahib. Kindly accept my heartfelt condolence. May God rest his soul in eternal peace. Lot of regards for Athar, Azhar and Sajid.

*

**Jawed Qazi**

**Jamal Abro: An asset of the nation**

Death is inevitable, but those people who come into the set of Jamal Abro, do not die.

بُلهيا اسين ناهين مرڻا
گور پيا ڪوئي اور

He indeed was an asset of the nation. His contribution towards general wisdom of Sindh is quite significant. Heart of the nation is mourning on his death. Writers, intellectuals, journalists and entire aware class of Sindh is feeling very sad to the core of their heart on this great loss. Shock of Jamal Abro's death has ripped in us which could only be made meaningful if we fulfill the commitment he left for us. I do pay tribute to him.

*

**Shoaib Ahmed Siddiqui**

Gul Hayat Institute

Dear Sajid Jamal Abro,
Deputy Secretary (Prison),
Home Department
Government of Sindh, Karachi.

I have learnt about sad demise of your father.

I pray that ALIMIGHTY ALLAH may rest his soul in eternal peace and grant you and the bereaved family courage to bear this irreparable loss.

Yours in sorrow
Shoaib Ahmed Siddiqui
Executive District Officer,
Works and Service Department,
City District Government, Karachi

**Prof. Khan Mohammad Changi**
*(MehranUniversity, Jamshoro)*

**Jamal Abro's love can not be forgotten**

I am very much shocked to have the news about the death of Hazrat and most honorable Jamal-u-ddin Abro Sahib. I pray to almighty Allah for his departed soul and courage for the braved family. May Allah rest to the departed soul in heaven.

How may I praise about the personality of Jamal-u-ddin Abro Sahib, who was equally popular in every section of society from men to men and friend to friend? His love can not be forgotten by me.

5/7/2004

*

**M. Ramzan Abro**
*General Councilor, UC-14,HyderabadCity*

**Condolence message**

My dear Badar,

It was deeply shocking to learn about sad demise of your father Jamal Abro. He will be greatly missed not only by you but also by many of us. We share our grief and express heartfelt sympathy towards you and pray to Almighty Allah to bestow courage to the bereaved family to bear the tragic loss and rest the departed soul in eternal peace (Ameen). 3-7-2004

*

**Condolence message**

**By Paroomal Premi**
Chairman, Sindh Saqaffat Committee
Mirpur Khas

Gul Hayat Institute

Dear Badar Abro,
Athar Abro, Azhar Abro and
Sajid Abro
Assalam – O – Alaikum,

It is expressed with profound sorrow that we have learnt about sad demise of your beloved father Jamal Abro.

May Allah rest his soul in eternal peace and grant his family courage and fortitude to bear this great loss.

5-7-2004

آئون به جاڳي پوندس

# جمال ابڙو

سهيڙيندڙ

بدر ابڙو

265

Sindhica سنڌيڪا



”گذريل 36 سالن کان جمال ابڙي جي افسانن کي يونيورسٽي جي شاگردن کي پڙهائيندو رهيو آهيان، سندس هر ڪردار، هر واقعو ياد اٿم. ايڏا مختصر ۽ جامع افسانا ٻئي ڪنهن سنڌي افساني نگار جي جهولي ۾ نظر نه ٿا اچن. خاص طور تي ”پيراڻي“ پڙهائيندي اڪثر بي اختيار ڳوڙها نڪري ايندا آهن. سوچيندو آهيان جڏهن پڙهندڙ جي دل ڀرجي ايندي آهي ته جمال صاحب جڏهن ان کي تخليق ڪيو هوندو ته پاڻ ڪيترو رنو هوندو پاڻ ڪهڙي پيڙا مان لنگهيو هوندو ان بي وسي ۽ بي حسي تي جيڪو اسان جي معاشري ۽ سماج جي عام رواجي ڳالهه هئي، آهي ۽ صدين تائين رهندي.“

پروفيسر سليم ميمڻ

Gul Hayat Institute

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڇوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

Gul Hayat Institute

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

Gul Hayat Institute

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهہ ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

Gul Hayat Institute

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

Gul Hayat Institute